Sindhica
سنڌيڪا

# سنڌ منهنجي نظر ۾

رچرڊ ايف برٽن

عطا محمد ڀنڀرو

# سنڌ منهنجي نظر ۾

سنڌ جي فتح وقت سنڌ جو مشاهدو ڪندڙ
هڪ رنگيلي انگريز جي يادگيرين تي مشتمل ڪتاب
"Sindh Re-visited" جا مڪمل ٻئي ڀاڱا.


رچرڊ ايف برٽن

سنڌيڪار
عطا محمد ڀنڀرو



Sindhica
سنڌيڪا

# فهرست

**باب پهريون**
مسٽر جان بل ۽ منهنجو ممبئيءَ ۾ لهڻ. ممبئي پريزيڊينسي جي موسم. سنڌ جو اڳوڻو ۽ هاڻوڪو سفر. پاڻيءَ وسيلي روانگي 1

**باب ٻيو**
اسان ڪراچي ڪي انهيءَ مقصد سان سينگاري ۽ سنواري رهيا آهيون ته جيئن هن ڏکويل ماتريءَ جو پهريون منظر پيش ڪري سگهجي. سنڌ جو قديم ۽ جديد شهر 29

**باب ٽيون**
فوجي ڇانوڻي. ڪراچي. انگلو- انڊين فوج. هڪ ڪل جهڙو نالو. جيڪا مٽي ڪان ونئي پيرن تائين رڳو غلاظت ۾ ٻري پئي آهي. هتان جو معاشرو ۽ سياست 54

**باب چوٿون**
ڪلفٽن. ڳِذري. بندر ۽ واڳن وارو تلاءُ 86

**باب پنجون**
ڪراچيءَ کان روانگي. سهڻي ايراني ڇوڪريءَ جون يادگيريون 111

**باب ڇهون**
ٻنپور واري ڏنڊڪٽا. سنڌ جو رڻ پٽ. ڪمانڊر انچيف جو الوداعي فرمان. اٺ جي سواري 127

**باب ستون**
ٺٽو ۽ ان جي ٻر واري مقدس ٽڪري 143

**باب اٺون**
قديم دؤر ۾ ٺٽي جي فتح 162
**باب نائون**
شيخ راڌڻ. وسيع رڻ پٽ 170
**باب ڏهون**
اڳڪتين ڪرڻ وارا بنا سرن جي ست فقير 187
**باب يارهون**
سوندن ۽ جهرڪن وار يُڌ يادگار 201
**باب ٻارهون**
ڪوٽڙي. فوجي ڪئمپ جي چؤطرف واري خندق.
حيدرآباد ڏانهن ويندڙ ٻه رستا 218
**باب تيرهون**
حيدرآباد. قلعو، مقبرا ۽ شهر 233
**باب چوڏهون**
سنڌ جو سنڌو درياءُ. سنڌين جو تصور غلط آهي ته اهو
سخي درياءُ آهي 254
**باب پندرهون**
سنڌي ماڻهو. سندس خوبيون خاصيتون ۽ خاص ڳالهه
ته هو ڇا پيئندو آهي 275
**باب سورهون**
سنڌي عورت. خاص ڪري سندس شخصيت ۽ لباس 294

## ڀاڱو ٻيو

**باب سترهون**
تقرير ۽ تبليغ 319
**باب ارڙهون**
حيدرآباد کان روانگيءَ جي تياري 339
**باب اوڻيهون**
مياڻيءَ جي جنگي ميدان جون يادگيريون 348

**باب ويهون**
قليلي ڏئي هيٺ روانو ٿي سڌيرڻ جي ماڳ وٽ پهچڻ ۽ ويڳي ماءُ 377
**باب ايڪيهون**
ابراهيم خان ٽالپر ڳوٺ ڏانهن روانگي 400
**باب ٻاويهون**
مير ابراهيم خان ٽالپر 416
**باب ٽيويهون**
ٻروچن جي دعوت 433
**باب چوويهون**
ٻهرن وارو بند- اجگر جهڙو منهن سنڌ يا پيٽراءَ ۽ بلوچن جي راڳ جو طريقو 451
**باب پنجويهون**
لڪي ۽ اٽان جا جن ڀوت. سيوهڻ ۾ پينو فقير. سڪندر جي فوجي ڇانوڻي 467
**باب ڇويهون**
منچر ڍنڍ سانتارنام ماهتاب لاڙڪائي جي هڪ سهيلي ڇوڪري 489
**باب ستاويهون**
سهڻي نظاري وارو سکر. بکر ۽ روهڙي 505
**باب اناويهون**
شڪارپور- ان جي بازار هندو ۽ انهن جو مستقبل 525
**باب اوڻٽيهون**
سبي يا سوي (اتر سنڌ ۾ درانين جي بهادري 543
**باب ٽيهون**
سنڌوءَ وسيلي ڪوٽڙيءَ ڏانهن واپسي 560
**باب ايڪٽيهون**
ريلوي- ڪراچي ڏانهن واپسي. يادگيريون سنڌ ۽ پنجاب جو سنگم- اختصار 584

# رچرڊ فرانسز برٽن
## جي حياتيءَ جو مختصر احوال

سياح، مهم جو آثار قديم جو ماهر، نثر نيوس، شاعر، سپاهي، شمشيرزن، سفري، عالم، اديب ۽ جاسوس. سر رچرڊ فرانسز برٽن اعليٰ ۽ گوناگون خوبين ۽ صلاحيتن جو مالڪ هو. هر فن مولي. جنهن ملڪ ۾ ويندو هو ته پهچڻ شرط مڪاني زبان، علم، ادب، فن ۽ اتان جي رهاڪن جا عادات، اطوار ۽ خصوصيتون جاچڻ ۽ سکڻ شروع ڪندو هو. جنسيات جي علم ۾ خاص دلچسپي هوندي هيس. فعل ۽ ڪرتوت جيترو زياده قبيح ۽ مذموم هوندا هئا، اوترو انهن ۾ زياده دلچسپي وٺندو هو. پنهنجن ڪتابن ۾، جا بجا جنسيات تي حاشيون لکيون اٿس، جنهن ۾ پنهنجا آزمودا ۽ مشاهدا قلمبند ڪيا اٿس. ڏسجي ٿو ته سندس ذهن ۾ مڙيوئي ڪو فتور هو، جو سندس نظر هميشه پست ۽ ڪريل عادتن ۽ افعالن تي پوندي هئي. ڪنهن به ملڪ يا قوم جي تعريف ڪانه ڪيائين. پوءِ اهي يهودي هجن يا مصري، شد . پوربي سيٺيون هجن يا سنڌي هٿ واٽيا. پنهنجن خاص موضوعن جي کوجنا لاءِ هو. ڪريل طبقي ۽ عادتن جي ماڻهن سان لهه وچڙ رکندو هو. ڪسبڻين ۽ طوائفن وٽ وڃي راتيون گذاريندو هو. شهر جي ڏوتين سان راز و نياز جون ڳالهيون ڪندو هو ۽ هم جنس جو طالب هو. اڄڪلهه جي عام سياحن وانگر هن به فردن جا شخصي طور طريقا ۽ عادتون، سڄن فرقن ۽ قومن ڏانهن منسوب ڪيا آهن. تنهن کان سواءِ، بڌل ڳالهين تي به ويساهه ڪندو هو. اڪثر ڪنهن ملان يا مولويءَ کي ويهاري هن کان اوڙي پاڙي جي معلومات حاصل ڪندو هو. اهوئي سبب آهي جو هو قومن جي اخلاق ۽ ڪردار جو صحيح اندازو نه لڳائي سگهيو آهي ۽ سنڌين جي باري ۾ تلخ زبانيءَ کان ڪم ورتو اٿس.

برٽن صاحب جي شوقن ۽ مشغلن جي ڪابہ حد ڪانہ هئي. هو شمشير زنيءَ ۽ اوشيبازيءَ جو ماهر هو. شمشيرزنيءَ جا نوان وار ايجاد ڪيائين. جي فوجي اختياريءَ وارن اختيار ڪيا. جادو، ٽوٽڪا، تعويذ، ڪشف ڪونرو ڦيرائڻ. سوڻ ڪرڻ وغيره هن جي ڪِهي هٿ جو ڪم هو. ڪيميا جي علم جا بہ تجربا ڪيائين. سون جون ڪاٽيون ڳوليائين، باز پالياءِن ۽ ڪڪڙ ويڙهائڻ بہ نہ ڇڏيائين، ڀنگ، آفيم، چرس استعمال ڪيائين. زبانن ۽ ٻولين تي خاص دسترس هيس، عربي تہ هندستان اچڻ کان اڳ انگلينڊ ۾ ئي پڙهڻ شروع ڪئي هئائين. بمبئيءَ ۾ هندستاني ۽ گجراتي سکيو. ٽن مهينن ۾ امتحان ڏنائين ۽ پهريون نمبر آيو، تنهن ڪري کيس فوجي ترجمان ڪري رکيو ويو. برٽن جي دعويٰ هئي تہ هن زبانن سکڻ جو هڪ اهڙو طريقو ايجاد ڪيو آهي، جنهن جي وسيلي سان ڪابہ زبان ٽن مهينن جي اندرڳالهائي سگهجي ٿي بس، پوءِ تہ ويو ٻوليءَ پنيان ٻولي سکندو. مرهٽي، سنسڪرت، سنڌي، بلوچي، فارسي، جتڪي، ملتاني، پنجابي، لهندي، عبراني، ترڪي ۽ شامي زبانون سکيو. مطلب تہ ڪابہ زبان چرندي نہ ڇڏيائين، چيني زبان تہ سکيو پر آفريڪا جي سواحلي ۽ ٻيون زبانون پڻ سکيائين. آخر انساني ٻولين مان ڍوَ ڪري ڪراچيءَ ۾ هڪ خانگي چڙيا گهر ٺاهي ان ۾ ڪيترا باندرۓ پولا رکي انهن جي آوازن جو اڀياس ڪرڻ لڳو ۽ انهن جي ڪيترن آوازن کي نروار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هڪ پوليءَکي ڪن ۾ موتي پائي. پاڻ سان گڏ ڪاڏي جي ميزتي ويهاريندو هو.

برٽن جو ادبي شاهڪار، لاشڪ دنيا جي ضخيم ترين ڪتاب الف ـ ليليٰ (عربيءَ) جو انگريزي ترجمو آهي، جنهن ۾ هن عربي زبان جو مخصوص مزاج قائم رکڻ لاءِ، پهريون دفعو عربي طرزجي انگريزي لکي.

برٽن پنهنجي حياتيءَ ۾ چاليهن کان بہ مٿيرو ڪتاب ڇپايا، جن ۾ يارهن سنسڪرت ۽ ٻين زبانن جا ترجما آهن. ٻاويهن ـ ٽيويهن ڪتابن جا مسودا ڇڏيائين. جي هن جي مرڻ کان پوءِ ڇپايا ويا آهن. انهن کان سواءِ هن جا بيشمار مضمون وقت جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا. خود برٽن جي باري ۾بيشمار ڪتاب لکيا ويا آهن. جن جو پورو هڪ ڪتب خانو آهي.

برٽن 19ـ مارچ 1821ع تي هرفرڊشائر (انگلينڊ) ۾ پيدا ٿيو. هن جو پيءُ موقوف ٿيل فوجي آفيسر هو. تعليم انگلينڊ ۽ فرانس ۾ حاصل

ڪيائين. هڪ ياءُ ۽ پيڻ ٻہ هيس. ٻارن تي پيءُ- ماءُ جي نظر خير ڪا هوندي هئي، جنهن ڪري هو آزاد گهمندا، ڦرندا ۽ مستيون ڪندا وتندا هئا. برٽن ڪجهہ وقت آڪسفورڊ ۾ بہ پڙهيو هو، جتان ڪيس نيڪالي ڏئي ڪڍيو ويو هو.

برٽن جي حياتيءَ ۾ ڪيترين ئي ڙالون آيون ويون. رستي ويندي اک لڙائي چڙهيندو هو. پر هن جي شاديءَ جو قصو هڪ عجيب افسانو آهي. هڪڙي ڏينهن 1851ع ۾ بولان (فرانس) جي شهر ۾ پسار ڪندي، ٻن حسين دوشيزائن تي نظر پيس، هو انهن ڏينهن ۾ نظر جي ٽڪ ٻڌڻ (Hypnc+ism) جي مشق ڪندو هو. سو هڪڙيءَ ڇوڪري تي نظر اڇلايائين تہ هن ڇرڪ ڀري پيڻ کي چيو "منهنجي شادي انهيءَ ماڻهو سان ٿيندي". هي يار بہ رازياڻپي ويو. پٽ تي چاڪ سان لکيائين "مان توکي چاهيان ٿو." وري ٻئي ڏينهن مليا. برٽن پٽ تي لکيو "ڳالهائڻ جي اجازت آهي؟" مائيءَ جواب لکيو تہ "امڙ ڪاوڙبي." بس، پوءِ تہ آئساپيلا کي اچي آنڌ ماند ورتو. روز شاديءَ جا خواب پئي ڏٺائين ۽ ڊائريون پئي لکيائين. والدين گهٽوئي سمجهايس. پر مُڙي چو ٿي! انهيءَ وچ ۾، برٽن نالي هڪ جپسي عورت هٿ ڏسي چيس تہ "تنهنجي شادي منهنجي نالي واري هڪ شخص سان ٿيندي ۽ اها پيشنگوئي ڪيس لکت ۾ ڏنائين. (ياد رهي تہ برٽن پهريون عالم هو، جنهن اهو رايو ڏنو تہ يورپ جي جپسي قوم جا ماڻهو اصل سنڌ جا جت يا زت آهن). آخر هنن جي شادي ڏهن ورهين کان پوءِ 1861ع ۾ ٿي.

1842ع ۾، برٽن جي بمبئيءَ واري ڏيهي پيادل فوج لاءِ "501 پائونڊ" رشوت ڏئي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي (Bombay Native Infantry) ۾ نوڪريءَ جو انتظام ڪيو ويو ان وقت افغانستان ۾ سخت لڙائي هلي رهي هئي ۽ ڪمپنيءَ کي نون رنگروٽن جي ضرورت هئي. پر جيستائين هو بمبئيءَ پهچي ئي پهچي، تيستائين جنگ پوري ٿي وئي. برٽن اچڻ سان مختلف زبانن ۽ مشرقي مذهبن جي تحصيل شروع ڪري ڏني.

انهيءَ وچ ۾ سر چارلس نيپئر (17 فيبروري 1843ع) سنڌ فتح ڪري چڏي هئي. سنہ1844ع جي شروعات ۾ 18 رجمينٽ کي، جنهن ۾برٽن ڪئپٽن هو، ڪراچي موڪليو ويو جهاز تي انجنئيري ڪاتي جي ڪئپٽن والٽر اسڪاٽ سان واقفيت ٿيس، جنهن کي سنڌ ۾ سر چارلس نيپئر سنڌ جي زمينن ۽ واهن جي پيمائمش لاءِ بمبئيءَ مان گهرايو هو. عادت

مطابق همراهہ کي ڪراچي ياڻ ۽ نہ پئي. ڪراچيءَ مان 18 رجمينٽ ڏي ڦيرائي گهاري بندر ۾ رکيو ويو. آخر، هو سنڌ سروي جي ڪم ۾، ڪئپٽن اسڪاٽ جو نائب مقرر ڪيو ويو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ پيمائش جو ڪم شروع ڪيو ويو. گوني ۽ ٻين واهن جون پيمائشون شروع ڪيائين ۽ بازن پالڻ ۽ بازن سان شڪار ڪرڻ جو شوق بہ ڪندو رهيو.

ڪراچيءَ ۾ برٽن صاحب سنڌ جي رهواسين جو گهرو مطالع شروع ڪيو، مگر انسانذات جي عظمت ۽ شرافت بدران هو پنهنجي فطرت مطابق هنن جي وِڏنَ ۽ اوڻاين جي تلاش ڪندو رهيو. سيڏي جا تي دڪان ڪيڍيائين، جتي ويهي گراهڪن، خاص ڪري عورتن کان پنهنجي ڪم جي معلومات حاصل ڪندو ويندو هو. معلوم ٿيس تہ ڪراچيءَ ۾ ست ڏوتيون آهن. جن مان تي هندو ۽ چار مسلمان آهن. ستت هنن جي ڪاروباري طريقي کان پڻ پاڻ کي واقف ڪيائين.

انگريز فوجين ۾ هم جنس سان تعلقات جي علت شايد رومين جي زماني کان ڦهليل آهي. انهن ڏِنهن ۾ پنج هزار انگريز فوجي ڪراچيءَ جي بارڪن ۾ رهندا هئا، جن ۾ مرض وڌندو ويو ۽ هن برٽن کي ان بيماريءَ جي اصل سبب ۽ مرڪز جي جانچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. برٽن، نيپيئر جي چوڻ تي هڪ رپورٽ تيار ڪئي. رپورٽ تہ نہ هئي پر باهہ جو شعلو هو. بمبئيءَ ۾ پيڻ مچي ويو! مشڪلات سان برٽن جي نوڪري بچي. (اها رپورٽ برادرم علي محمد راشديءَ ۽ ٻين صاحبن جي تلاش جي باوجود اجان دستياب نہ ٿي سگهي آهي.)

برٽن هاڻي پاڻ کي مرزا عبدالله ابوشائري سڏائڻ لڳو. ايراني ۽ عربي ويس اتي روزرات جو مرزا محمد حسين شيرازي نالي هڪڙي دوست سان گڏ شهر جون گهٽيون گهمندو هو.

نومبر 1845ع ۾ اسڪاٽ صاحب سان گڏجي سنڌ جي سروي جو دورو ڪيائين. ڪجهہ وقت هو نيپيئر جو ترجمان بہ ٿي رهيو.

1846ع ۾ برٽن تي وبا جو حملو ٿيو ۽ هو بہ سال موڪل وٺي هندستان جي پهاڙي علائقن ۾ وڃي رهيو.

برٽن سنڌ تي چار ڪتاب لکيا: (1) سنڌ، يا ڏکويل ماٿري 1851ع، (2) سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون 1851ع، (3) سنڌو ماٿريءَ ۾ شڪري بازي 1852ع، (4) سنڌ ري وزيٽيڊ 1877ع.

برٽن هنن ڪتابن ۾ سنڌين جي باري ۾ شگفتہ ڪلاميءَ کان

ڪم ڪونہ ورتو آهي. ان لاءِ مٿي سڀ ڏنا ويا آهن. مگر ڪتاب لاجواب آهن. معلومات جي کاڻ سمجهو. ڪيترين حقيقتن جي هو قلمبند نہ ڪري ها، تہ اڄ يادگيريءَ جي صفحي تان مٽجي وڃن ها.

برٽن جي ڪهاڻي اتي پوري ڪانہ ٿي ٿئي.

1853ع ۾ برٽن مڪي ۽ مديني شريف جو سير ڪيو، جنهن لاءِ هن کي سخت تياري ڪرڻي پئي ۽ ڪشت ڪشالا ڪاٽڻا پيس. سالن جا سال تياري ڪيائين. عالمن کان بہ وڌيڪ اسلام جو علم هئس ۽ عربن کان وڌيڪ فصاحت سان عربي زبان ڳالهائي سگهندو هو. مسلمان تہ نہ هو پر اسلام لاءِ عزت هئس.

ٻئي سال هو سوماليہ جي ڳادي هزار جي مهم تي روانو ٿي ويو. اها مهم بہ هن ڪاميابيءَ سان طئي ڪئي. 1857ع ۾ هو مسٽر اسپيڪ سان گڏ نيل نديءَ جو سرچشمو ٽينگنئيڪا ڍنڍ ڳولهي لهڻ ۾ ڪامياب ٿيو. اهڙيءَ ريت، ٻيون بہ ڪيترئيون ئي خطرناڪ مسافريون ڪيائين. ڪجهہ وقت، شام ۽ ٻين ملڪن ۾ انگريزن جو سفير ٿي رهيو.

آخر، 20_ آڪٽوبر 1890ع تي، هن بي آرام شخص، ٽريسٽ ۾، هن دنيا کي الوداع چئي. سندس وصيت موجب هن کي تنبوءَ جي شڪل وانگر سنگ مر مر جي مقبري ۾ مارٽليڪ، سري (انگلينڊ) جي هڪ گمنام قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

برٽن جي مرڻ کان پوءِ سندس گهر واريءَ آئسابيلا سترهن ڏينهن پاڻ کي فوتي جي ڪمري ۾ بند ڪري مڙس جا اڪثر ڪاغذ ۽ نوٽ ساڙي دنيا کي عظيم نقصان پهچايو، جنهن جي تلافي ڪنهن بہ صورت ۾ نٿي ٿي سگهي. ممڪن آهي تہ ان سڙي ويل مواد ۾ سنڌ تي بہ ڪافي معلومات هجي!.

نوٽ: محمد حنيف صديقي جنهن برٽن جو ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" ترجمو ڪيو هو.تنهن هن مضمون تيار ڪرڻ ۾، هيٺين ڪتابن تان احوال ورتو آهي:

(1) برٽن جا سنڌ متعلق چار ڪتاب.

(2) Burton: by Byron Farewell, 1963.

(3) The Life of Captain Sir Richard F.Burton: By Isabel Burton.

باب پهريون

# مسٽر جان بل ۾ منهنجو ممبئيءَ ۾ لهڻ، ممبئي پريزيڊينسي جي موسم، سنڌ جو اڳوٽو ۽ هاٿوڪو سفر، پاٽيءَ وسيلي روانگي

"مسٽر جان بل، اڳ ۾ اوهان"

"نہ سائين، نہ۔ مان اوهان جي پنيان پنيان هلندس."

ڊاڪٽر اوهان کي هوا بدلائڻ جو مشورو ڏنو. اوهان بہ سياٽپ ڪري سياري ۾ پوهہ جي پاري واري رُت اولهہ هندستان ۾ گذارڻ جو فيصلو ڪيو. اهو اوهان چڱو ڪيو. هاڻي تہ اوهان جا پٽ پوٽا ۽ انهن جو اولاد اوهان جي نقش قدم تي هلي سيءُ سيارا ۾ پوهہ پارا هتي اچي گذاريندا رهندا. سُئيز ڪئنال ڏسي اچرجَ کان اوهان جي واڇ ٽي گودو تي وئي هئي. اتي فرانس جي پاڻيءَ جي حدن اندر يونين جئڪ جو ڦريرو ڦڙڪندو ڏسي خوشيءَ وچان اوهان ڪڪَ ڪُراڙي مان ٻُور ٻهاڻ تي پيا هئا. ان مهل اوهان کان چئن ملين فرينچن کان نفرت ڪرڻ ٿي وسري وئي هئي. سيني انڊر سيڪريٽرين اوهان کي روايتي پارليامينٽ جهڙي مهذب انداز سان يقين ڏياريو هو تہ هنن اوهان جي اعليٰ حيثيت مطابق آجيان ڪانہ ڪئي آهي. توهان ماضيءَ ۾ مگن رهڻ وارا جهونڙا جيءُ آهيو. ماٿهو اوهان تي چٽرون ڪندا ۽ لاهيٽون لاهيندا آهن. سندن خَيال آهي تہ توهان کي پنهنجي هن وڏپڻ ۾ طاقت جو مظاهرو اهڙي پراڻي جڏي گهر ۾ ڪرڻ گهرجي جيڪو اڄ سياڻي ڊهڻ وارو هجي. سائين مسٽر جان بل، اوهان مصر کي چنيءَ جو چورو ٻار سمجهي پاڻ کي ان جي چپر ڇانوَ تصور ڪري رهيا آهيو. اوهان ان جي هٿ مان ڳڙ کسي ورتو آهي ۽ ان کي پرچائڻ لاءِ هٿ پير هٽي رهيا آهيو. ياد رکو تہ اوهان نہ محمدعلي پاشا کي

شامر نيڪالي ڏئي سگھندا. نہ وري اوھان ۾ ڪيس نيل ۾ اچلائي ٻوڙڻ جيتري ٿوم آھي. اوھان ترڪن واسطي ڪريميا جو پَٽَ تي پيل ڪپڙو ڪٽي پنھنجي مٿي تي وڌو آھي، پر يت سان منھن لڳڻ کان پوءِ جڏھن انھن مان ھٿ ڪڍيا اٿوَ تہ سک جو ساھہ کڻڻ نصيب ٿيو اٿوَ.

اوھان ترڪن کي اھڙي بيواھي ۽ ننڍ پيل عورت سمجھيو آھي جنھن کي اوھان ھمبستري ڪرڻ لاءِ جاڳائڻ بہ وقت جو زيان ٿا سمجھو. اوھان ترڪن کان بچان ڪندا آھيو ۽ ڪين ڏسي نفرت کان منھن ڦيرائي ڇڏيندا آھيو. اوھان اندر ڪارا ڪانوَ ۽ ٻاھر ٻولي ھنج جي مثال آھيو ۽ ترڪن سان ان وقت تائين پنھنجا لاڳاپا قائم ڪرڻ لاءِ مجبور آھيو جيستائين اوھان جو اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ وينل ڪانُو پُٺُ اھڙي اجازت نٿو ڏئي. ھو بہ ترڪن خلاف تيستائين ٻڙڪ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿيندو جيستہ ن آسٽريائي ٻليءَ جا "Went Krach" جا لفظ نہ ٻڌندو. ھن جو مٿو پنبت ٻي مٿي جيان ڪوڙيل ھوندو آھي. سندس اھڙي مٿي پيچڻ واسطي ساري يورپ قوم کي قطاريو آھي. ھن وقت ان اياڳي جيءَ جو جياپو سندس دشمنن جي ڦِٽاڙي ۾ آھي. پر جڏھن سندس دشمن ڦٽي ناس ٿيڻ بدران مڙي مٺ تي ويا تہ ان جو جيئڻ جنجال تي پوندو.

توَھان سُئيز بندر جو نظارو تہ پري کان ڏٺو ھو. ڪنھن زماني ۾ اھو شھر ننڍين ٻارن جي وڪري جو مشھور ماڳ ھو پر ھاڻي ھن شھر ۾ اھا ھڪ بچڙائي ڪانہ رھي آھي. معلوم ائين ٿي رھيو آھي جڻ شھر جي ھر سفيد قبر تي گولا باري ڪري ان کي ناس ڪيو ويو آھي، انھن جڻ ايمر دي ليسيپس جي غضب کي دعوت ڏني آھي. ايٽيشيا ٽڏيءَ گھاڙ ڪري اوھان جي ڄاڙي ڄاڙيءَ سان ڪانہ تي ملي. چيو ويندو آھي تہ "ميڊيٽيرنين" سمنڊ جي ھڪ ڇاڙھہ اوڏانھن ويندي آھي. توھان اھو بہ ٻڌو ھوندو انطاڪيہ ۽ ابو ديراج جي اوسي پاسي واريون ٽڪريون برف سان ڇانيل رھنديون آھن. اھڙيون ڳالھيون اوھان کي مصر جي چار ھزار سال پراڻي تاريخ ۾ ڪونہ ملنديون. اوھان سُئيز واري نار مان گذرڻ دوران جنوري مھيني ۾ مينھن جا بہ وڏا وسڪارا بہ ڏٺا ۽ انھن وسڪارن ڪري جيڪو ڏچو اوھان ڏٺو اھو بہ اوھان کي چڱيءَ ريت ياد ھوندو. ان سان گڏ اوھان کي اھو ويساھہ بہ ٿيو تہ ايريٿرئن (Erythrean) سمنڊ جي بہ آبھوا تبديل ٿي آھي. توھان کي اھو بہ پورو پتو آھي تہ بني اسرائيل جي ٻارن ڪڏھن ڳاڙھو سمنڊ پار ڪيو ھو. اوھان کي اھا بہ خبر آھي تہ يھودي ۽ قبطي نسل

جا ماڻهو جنهن سمنڊ کي "يام ساف" (Yamm Saf) سڏيندا هئا، سو هرگز ڳاڙهو سمنڊ ڪونہ هو. جيڪي ماڻهو سمجهندا آهن تہ فرعون ۽ سندس لشڪر ڳاڙهي سمنڊ ۾ ٻُڏي مئو هو سي غلط آهن. اهڙو غلط خيال گذريل پندرهن صدين تائين قائم رهندو آيو آهي. اهو خياک التي ڪري چٽي وچڻ جهڙو آهي.

توهان کي جدي بابت معلومات حاصل ڪرڻ جي هورا کورا لڳل هئي ۽ توهان ہہ تي سوال بہ ڪيا هئا. پر مان چاٽي ٻجهي لنوائي ويو هئس. چاڪاڻ تہ ہہ تي پيرا ٻڌايل ڳالهہ کي ورجائڻ سنو ڪم نہ هوندو آهي. توهان کي شايد اتان جي روشني جي منارن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي چنتا آهي. توهان سمجهندا هوندا تہ اتي روشنيءَ جا منارا موجود ڪونہ هوندا. تنهن ڪري "بارات حروم" (Barat hrum) جهڙي سوڙهيءَ سامونڊي ڪاريءَ منجهان ٻيڙن هاڪارڻ مهل ٻيڙياتن جو ساهہ مُٺ ۾ هوندو. اوهان کي موڪا ۽ اتان جي ڪافيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ دل کي آنڌ مانڌ لڳل هوندي. توهان "هديدا" (Hydaydah) بابت پڻ ڄاڻ حاصل ڪرڻ چاهيندا هوندا جنهن ڏانهن ويندڙ رستا اندرين علائقن تائين پکڙيل آهن. اهو بہ ڄاڻڻ چاهيندا هوندا تہ ترڪن جي يمن ۾ ڪهڙي حالت آهي. اهو بہ پڇڻ چاهيندا هوندا تہ ملحد فرقي زيدي (Zaydi) جي راڄڌاني ۾ يهودين سان ڪهڙا ڪيس ڪلور ٿيندا هوندا. ساڳئي وقت اهو بہ معلوم ڪرڻ چاهيندا هوندا تہ عربستان ۾ آيل ڪالرا ڪهڙو حشر ڪيو يا عدن ۾ قائم اسڪولن جو ڇا حال آهي يا اوهان مون کان اقتصاديات، اخلاقيات ۽ جاگرافيءَ بابت ڪيترائي سوال ڪرڻ چاهيندا هوندا. مسٽر جان بل، جڏهن اهي ساڙ سڙيا ۽ اٽانگا ترڪ عربستان مان ٻچڙا ٿي ٻاهر نڪرندا ۽ انهن جي جاءِ اسان جا دوست، حليم مزاج ۽ ترقي پسند سوچ جا مالڪ مصري ماڻهو اچي والاريندا، تڏهن مان اوهان جو پاڇي ۽ ڪَنجڪي ٻڌجي ايريٽرئن سمونڊ جي اوپارئين ڪناري کان وٺي يمن جي واديءَ سينا تائين گڏجي هلندس. هاڻي تہ اها سرزمين اجڙي پڙيانگ ٿي وئي آهي پر ڪڏهن اها سکي ستابي ۽ ريان ڪِيان هئي. انهيءَ زماني ۾ هن بدقسمت ڌرتيءَ کي خوشين جو ملڪ ڪَري سڏيندا هئا.

ممبئيءَ ۾ موجود هئڻ دوران اوهان اتي آندل تبديلين کي گهڻو ساراهي رهيا هئا. ان شهر ۾ آندل سڌارا ۽ ترقي اڳين صديءَ جي آخري

چوٽائيءَ کان وٺي هلندڙ پگهر، پورهئي ۽ جفاڪشيءَ جو پاڇو آهن. اوهان ڏٺو تہ بندرگاهہ تي گوديون تيار ٿي چڪيون آهن. ٻن ريلوي لائينن ذريعي تجارتي آمدرفت جاري آهي. ماڻهن جي اچ وڃ لاءِ شهر اندر ٽرام هلائي وئي آهي. توهان سمجهندا هوندا تہ ساريءَ دنيا تي سون جي وڏ ڦڙي وسڪار ڪيو آهي جنهن جو هن زمين ٽڪر کي وَنڊُ مليو آهي ۽ پراڻي شهر سان لڳو لڳ هڪ نئون شهر بہ اڏجي چڪو آهي. معلوم ٿيو آهي تہ پراڻي شهر کي فريئر ٽائون (Frere Town) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هتي اهو ڏسي اوهان جون اکيون اچرج کان ڦاٽي وينديون، ڇاڪاڻ تہ هتي اوهان وينيٽو گوٿڪ (Veneto Gothic) طرز جون جڳهون نظر اينديون جيڪي انتها درجي جون ڪلاسيڪل آهن. هنن سان گڏ ورانڊين واريون جڳهيون بہ ڏسڻ ۾ اينديون جن جو نہ هوندو ڪو منهن نہ سِرُ صفا ڇسيون ۽ ٻسيون. يعني هتي اوهان کي ڪونج ۽ ڪانوَ گڏ نظر ايندا. اوهان کي معلوم ائين ٿيندو تہ ڄڻ اوهان پراڻي شهر سئسون (Sassoon) کي پنهنجي اهول ڪهول کان ڇني ڏار ڪري ڇڏيو آهي جنهن جو اثر نہ رڳو ممبئي، پوني، مٿرا، مهابليشواڙ پر بابل تي بہ ڏسجي ٿو. توهان کي پيگ جو لفظ ممبئي جي ٽن ڪلبن، جهڙوڪ بامبي (Bombay)، بائڪولا (Bycolla) يا (Bhackala) ۾ ڇپيس ۾ نظر آيو هوندو جنهن اوهان جو ڌيان ڇڪايو هوندو. اوهان ball قسم جو ناچ بہ ڏٺو هوندو جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو مزو ڪونہ هوندو. اوهان ڪنسرٽ ڏسڻ جي بہ غلطي ڪئي هوندي جيڪو بال ڊانس کان بہ وڌيڪ خراب هوندو. تنهن ڪري اوهان لاچار ٿي دل وندرائڻ واسطي بارن ٿئيٽر Barn Theatre ڏسڻ ويا هوندا. اهو ٿئيٽر تہ انهن ٻن کان بہ گندو. ”مڙئي جٽ پنهونءَ جا ياٽر“. اوهان کي ”گورنمينٽ هائوس“ جي ”گارڊن پارٽي“ ۾ شريڪ ٿيڻ جي بہ دعوت ڏني وئي هوندي. اتي اوهان پنجاهہ کن خوش پوش نوجوانن کي ڇهل قدمي ڪندي ڏٺو هوندو جن جي مُنهن تي اُداسي ڇانيل هوندي. اهو ڏسي اوهان کي محسوس ٿيو هوندو تہ ڄڻ ڪي قيدي جيل جي ميدان تي پسار ڪري رهيا هجن. اوهان شريف ماڻهن جي دعوت ۾ بہ شريڪ ٿيا هوندا جيڪي ڪنهن ليکي ۾ ئي ڪونہ هوندا آهن. اهي سرڪاري نظام تہ هلائيندا آهن پر ڪين ڪنهن قسم جو اختيار ڪونہ هوندو آهي. ان دعوت ۾ اوهان اهو ضرور ڏٺو هوندو تہ اها گهڻو وقت وٺي وئي هوندي، رفتار ۾ سُست ۽ هر شيءِ نهايت گرم. اوهان تاڪ منجهند جو ٽٽهڻ اُس ۾ ڇٽيءَ کان

سواءِ ”ملبار پوائنٽ“ بہ گھمڻ ويا ھوندا ۽ اچڻ سان ھڪدم اھو اعلان ڪيو ھوندو تہ ”اھو تہ نھايت تڏو ـ ڳ آھي.“ اوھان گھوڙن جي ڊوڙ ڏسڻ لاءِ بہ ويا ھوندا. اھڙي گھوڙي ڊوڙ سڌي ميدان تي بہ ٿيندي آھي ۽ ڪٽي وري رستي ۾ رنڊڪون (hurdles) بہ موجود ھونديون آھن. توھان ڪي اتي پھچي اھو ضرور محسوس ٿيو ھوندو تہ اھي جڻ اڌ سڪيا ڏٻل ايراني گھوڙا ھئا يا ھتان جا جڏا سڏا وھٽ. ۽ گھوڙي ڊوڙ جو اھو ميدان شرط ھارائڻ لاءِ ناھيو ويو آھي. ان ڪان سواءِ اوھان تڪڙي تڪڙي ٻيڙين جي ڊوڙ (regatta) بہ ڏسڻ ويا ھوندا جتي بہ اوھان ڪي ڪاري وارا ڪڪ، ڏسڻ ۾ آيا ھوندا.

اوھان ممبئي جي بھترين دل وندرائڻ وارين جڳھن ڪان تنگ اچي گھمڻ جي مقصد سان سنڌ ڏانھن رُخ ڪيو آھي جيڪا ھڪ ڏڪويل ماتري آھي. مان ڪيس ھن نالي سان ان ڪري سڏيان ٿو جو دنيا اعلان ڪيو آھي تہ ھن علائقي جو سڄ دوزخ اوڳاڇيندو آھي ۽ اتان جي ڌرتي ٽپي تامو ٿي ويندي آھي ۽ اتت اڦٽ مار ھوندي آھي. ھتي وڏي ماتا ۽ ڪالرا ماڻھن ڪي مارڻ ۾ گوءِ رکنديون آھن. پليگ، ايراني نار ڪان ھلي ھتي پڄندي آھي. يعني اوھان سنڌ ۾ بي ڪفن ۽ بي دفن ٿي مرڻ لاءِ پڪو پھہ ڪري چڪا آھيو. ھتي اوھان ڪي منھنجو تجربو ڪجھہ فائدو ڏئي سگھي ٿو جيڪو مان ھلنڊڙ صديءَ جي چوٿين ڏھاڪي دوران حاصل ڪري ورتو آھي. اھو تجربو مون ڏيھي ساخت جي پٽيمار (Patimar) ٻيڙي وسيلي سفر ڪري حاصل ڪيو آھي جيڪا پورا ڇھہ ھفتا سفر ڪري پنھنجي منزل تي پھچڻ ۾ ھريل ھئي. خاص ڪري اترـ اوبر واري چؤماسي جي رُت ۾. پر ھن ڪناري تي اھو چؤماسو گھلندو وري اترـ اولھہ واري طرف ڪان آھي. واندا ماڻھو انھن ڇھن ھفتن ڪي اجايو ڪونہ سمجھندا آھن ۽ چوندا آھن تہ اھا ٻيڙي ڪو گھڻو وقت ڪانہ ٿي وٺي. اسان جي فوج جا ماڻھو ھر ٻئي ڏينھن ڪناري تائين پھچندا آھن. اسان سامونڊي سفر دوران بسين (Bassein)، دامان (Daman)، سورت (Surat)، واڪس (Vacux) ۽ ٿامر ڪوريت (Tom Coryat) جا منارا، ديوھيڊ (Dui Head) ۽ فورٽ (Fort)، جعفرآباد، سومناٿ جا ڪنڊر دوارڪا واري پگوڊا، ڪڇ ۽ مانڊوَ ڏسندا اچي سنڌوءَ جي ڇوڙ وٽ پھتا ھئاسين.

اسان ڳوٺن جي چڱن مڙس سان ملڻ لاءِ وٽن لنگھي ويندا ھئاسون، ڳوٺاڻن سان ڪچھري ڪندا ھئاسون. اھڙيءَ طرح اسان وٽانئن ھن ملڪ

Merry Miss نالي هڪ آگبوٽ ۾ سوار ٿيس. هن آگبوٽ کي ساموندي فوجي سپاهين وري سيمي رامس (Semiramis) جي نالي سان سڏيندا آهن. سيمي رامس تہ هڪ سزا ڏيڻ جڳهہ جو نالو آهي ۽ "ميري مس" جهڙي خوبصورت نالي سان گڏائي وچڙائي ڇڏيو آهي. هي آگبوٽ ممبئي بندر تي وڏن جهازن کي ڇڪڻ جو ڪم ڪندو آهي.

هڪ ڏينهن اسر ويل 3_30 وڳي اٿياسون. ان وقت خلاصي (Jack Tar) پنهنجي ڳوري آواز ۾ چيو تہ اوهان اجا اٿي پيا ٿا ڏڪا ڪائو ۽ ڊيڪس کي ڌوئي صاف ڪرڻ لاءِ مٿي ڪونہ ويا آهيو. جيڪڏهن اوهان ان ماڻهوءَ جي حڪم جي تعميل ۾ دير ڪئي تہ اک ڇنڀ ۾ اوهان جو بسترو سمنڊ جي ٿڌي پاڻيءَ ۾ پيچي پٽ تي ڇڪو هوندو. ساڳي پاڻيءَ جي هڪ باٿلي اوهان مٿان بہ هارَجي چڪي هوندي. ڪن مسافرن هڪ خلاصيءَ کي چيڙائي پاڻيءَ مان ڪڍي ڇڏيو هو جنهن جو نالو شايد لئنڊ لبر هو جيڪو ڏاڍو سادو ۽ سباجهو ماڻهو هو.

اٿياسون تہ اسان کي ڏينهن واريون قميصون پاتل هيون. انهن ڏينهن ۾ اسان ڏينهن ۽ رات هڪ ئي قميص پائيندا هئاسون. هيٺ پتلون بدران پاجامون پهريل هو. سمهڻ لاءِ اسان اهڙي ئي لباس جي چونڊ ڪئي هئي، سمهڻ لاءِ اسان اهڙي مناسب جڳهہ يا ڪنهن مٿاهين جاءِ جي ڳولا ڪري رهيا هئاسون جتي ساموندي لهر جي پاڻيءَ جون ڦهنگون اسان کي پُسائي نہ سگهن. پر پاڻيءَ جا قطرا وچ ڊيڪ تائين پهچي رهيا هئا ۽ اسان جون گوڏن تائين ڄنگهون آليون ٿي ويون هيون. ان کان پوءِ اسان اُٿي هٿ مُنهن ڌوتا، پر بنگالين وانگر نہ. جيڪي پرهہ ڦٽيءَ کان بہ ڪلاڪ سوا اڳ ۾ وراندي ۾ ويهي ڏندڻ پاٽي ڪندا آهن ۽ اهڙي قسم جو مظاهرو ڪري پاڻ کي وڏيڪ مهذب سمجهندا آهن. اسان هٿ ڌوئڻ جو ڪم عيسائي ڪئٿلڪ طريقي سان بنا دير هڪ ٽس ۾ ڪري ورتو جنهن کي هتان جا ماڻهو "گينڊي" جي نالي سڏيندا آهن. ان ڪم کان فارغ ٿي مٿي ڊيڪ تي وڃي ڪافي پيئڻي هئي، ان سان گڏ نيرن بہ ٿي ويندي هئي. ان وقت تائين صبح جا ڇهہ وڄي ويندا هئا. ناشتو بہ ڄڻ بيني پير ڪائي ختم ڪري ڇڏيوسون. چانهہ بنا کير جي ڄڻ ڪاڙهو هئي. ساڳيو حال ڪافيءَ جو هو. سمجهہ ۾ ائين پئي آيو تہ ڪافيءَ بدران ٽنڪچر جي بوتل چاڙهي آيا آهيون جيڪا ڪنهن ڏک لڳڻ وقت دوا جو ڪم پڻ ڏئي پئي سگهي. اسان هن جهنم جهڙي جهاز تي شاگردن وانگر چڙواڳ گهمي رهيا هئاسون.

ڇاڪاڻ تہ مٿي ڪاٺون يا مليدا پر اسان کي هڪ ڏينهن جي ڪاڌي لاءِ سڄو سارو هڪ پائونڊ ادا ڪرڻو پوندو هو. واٽڙن وانگي هيڏانهن هوڏانهن گهمي گهتي منجهند جو اڇي پاڻ ۾ ملندا هئاسون. فقط انهيءَ مقصد سان تہ جيئن آسانيءَ سان ٻارهن وڄي سگهن. اها ويل برانديءَ ۽ پاڻي ڏوگهڻ ۽ سمنڊ جي سڪل نوٽ بسڪوٽن کي ڪرچئون ڪرچئون ڪري چٻاڙڻ لاءِ نهايت مناسب سمجهي ويندي آهي. پوپاڙيءَ جو ٽين وڳي توب واري ڪمري ۾ هيٺئين ڪلاس جي ملازمن سان گڏ ويهي ماني کائڻي پوندي هئي. هن ڪلاس جا عملدار شاهي "ڪئبن" جي پاسي سان لنگهڻ جي جرئت ڪري ڪونہ سگهندا هئا جتي جهاز جو ڪئپٽن پنهنجي فيلڊ آفيسرن سان ڊاڙ ٻٽاڪ ۾ مصروف رهندو هو. ٽن ڪلاڪن کان پوءِ بک چِتو ۽ بيزار ڪري رکندي هئي. چانهہ جي نالي ۾ ورهين جا پاروتا سڪا بسڪوٽ ڦڪي رنگ جي بيئر سان کائڻا پوندا هئا ۽ خوش اخلاقي جي مظاهري ڪرڻ لاءِ مُنهن تي مُرڪ هجڻ لازمي سمجهي ويندي هئي. اهڙي پُرتڪلف ۽ شاندار چانهہ کان پوءِ اسان کي شراب يا ڪنهن ٻيءَ نشيدار شيءِ استعمال ڪرڻ لاءِ ذهني طور تيار رهڻو پوندو هو. ڇاڪاڻ تہ اهڙين شين جي استعمال سان بيمار شفاياب ٿي پوندا هئا ۽ جيڪي وري خوش چڱا ڀلا هوندا هئا سي وڃي خيرن سان بسترن پيڙا ٿيندا هئا. انهن قيمتي گهڙين دوران منيلا جا چروٽ پيئڻا پوندا هئا. جا تہ چروٽ هوندا هئا, سُوٽي سان سرير کي سڪون ۽ اندر کي آٿت ملي ويندو هو. هاڻي انهن چروٽن جي جاءِ تي ڊنڊيگال ۽ ٽريچيز اچي ويا آهن, بلڪل ئي گنديون شيون. ڪڏهن وري حقي مان بہ دونهان ڪيڻا پوندا هئا, ٻُڙ ٻُڙ جو ترنم روحاني سڪون ڏئي ڇڏيندو هو. حقي جهڙي قيمتي شيءِ هاڻي تہ ڄڻ ناياب ٿي چڪي آهي جن جا نڙ ئي منارن وانگر سدائين اُڀا هوندا آهن. اينگلو-انڊين سماج ۾ پن جي بيڙي ۽ سگريٽ ڪاهي پيا آهن.

مسٽر جان بل! اوهان کي تہ چڱيءَ ريت ياد هوندو تہ جهاز ۾ ٽيندڙ رڌ پچاءُ ۾ گيهہ ڪيڏو نہ گهڻو استعمال ٿيندو هو. اهڙيءَ سخاوت جا ساکي اهي ٿانو بہ هوندا هئا جن ۾ ٻوڙ ڀاڄي رجهي تيار ٿيندو هو. ڪتاڻ جا تہ مڙس جيڏا مرتبان پريا پيا هوندا هئا جن مٿان لکيل هوندو هو "ڪتاڻ فقط مسافرن لاءِ". اِها وري خيرن سان ايتري گرم هوندي هئي جو سال واسطي هڪ پائونڊ ئي ڪافي هو. گوشت جي واڪاڻ وري ڪهڙي ڪجي جنهن جي رجهي رجهي نس نس کان ڌار ٿي ويندي هئي, رنگ سرمائي

ڳاڙهو. چا تہ سندس ساءُ سواد هوندو هو. کائڻ کان پوءِ محسوس ٿيندو هو اهو گوشت رڌو ئي انجڻ واري ڪمري ۾ آهي. ان کان سواءِ مٽرن جو سوپ، سڪل گوشت ۽ مٽرن جي پڊنگ بہ ڏاڍي نماٽائيءَ سان ٻاڏائي رهيا هئا تہ ڪير بہ سندن ويجهو نہ وڃي. رجهندڙ سبزيءَ جي تيز ٻاڦ مان واٽر ڪلر جهڙيءَ بانس جا پيڪا اچي رهيا هئا.

نيرن ڪرڻ سان ئي اوهان کي پرون پئجي ويندا هئا تہ اسان کي باقي ڏينهن دوران ڪهڙا ڏجها ۽ ڏچا ڏسڻا پوندا. اسان کي رهڻو انجڻ واري ڪمري ۾ پوندو هو. جتي انجڻ جي ڏڪ ڏڪ، ڪنجهہ، چيڪٽ، ڏڪڻ ۽ ٻاڦ ڪيڻ جو شغل جاري رهندو هو. اهڙي پُرسڪون ماحول ۾ توب بہ رکيلَ هئي. مسافرن جي کائڻ واسطي سرهو ۽ سڳنڌ پريو گوشت ۽ ڪٽي اَتي مان پڪل مانين جا ڍير بہ اتي رکيل هوندا هئا. جهاز جي ڊيڪ مٿان ٽاٽ جو شاميانو لڳل هو. تيز اُس کي روڪڻ لاءِ هيءُ اوڍر ائين هئي جيئن توب جي گولن کي روڪڻ لاءِ باغ گهمڻ واري عورت جي هٿ ۾ جهليل ڇٽي. هتي اسان ڪتاب پڙهڻ جي ڏچي کان بہ آجا هئاسون ۽ پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ واري تڪليف کان بہ ڇٽي پيا هئاسون. "ڪئٽ" نالي هن آگبوٽ تي اڌ ريجمينٽ جيترا فوجي سپاهي بہ سوار هئا. انهن مان هڪ ٽوليءَ سان گڏ هڪ عورت بہ هئي. ڪنهن عورت جو مردن سان گڏ جهاز تي موجود هجڻ نهايت غير مناسب سمجهيو ويندو آهي. پنج ماڻهو تہ جن سندس پوڄا ڪرڻ ۾ مصروف هئا. ماڻهو نمبر 1 ۽ 2 سندس ٻانهن ۾ ٻانهون وجهيو ڪيس هيڏانهن هوڏانهن گهمائي رهيا هئا. ٽيون ماڻهو سندن پٺيان هلي رهيو هو جنهن جي هٿ ۾ عورت جي نازڪ ۽ نفيس ڇٽي جهليل هئي. هڪ همراهہ عورت جي اڳيان هلي رهيو هو جنهن جي هٿ ۾ عورت جو ناول جو ڪتاب هو. پنجين ماڻهوءَ جي هٿ ۾ عورت جو ڪتو هو جنهن سان هو ڳالهائيندو ٿي رهيو. معلوم ائين ٿي رهيو هو ڇڻ ساڻس عورت جون شڪايتون ڪندو هجي. اهي پنج ئي ماڻهو آئرلئنڊ جا ٿي لڳا جيڪي شڪل صورت ۾ جلاد هئا، جن ڏانهن اک کڻي نهارڻ بہ جيءَ جو جوکو هو.

رات جو يارهن وڄڻ جا ڇهہ نڪاءَ ٿيا. اسان بہ سمهڻ جو سايو ڪيو. ساموڊين جي اصطلاح موجب، مٿي ڊيڪ تي جتي بہ جاءِ ملي تڏو تئونري وڇائي، گاديلن، چادرن ۽ وهاڻن جي ڍير ۾ سمهي پئجي تہ چڱو آهي. هتي بستري ۾ اندر نہ پر ان جَي مٿان سمهڻ جو رواج آهي. صبح جو

ماڻهو ننڊ مان اُٿندو بسترو ويڙهيندو هٿ مُنهن ڌوئندو ۽ ان کان پوءِ گهمڻ ڦرڻ شروع ڪندو آهي. سفر جي پوئين حصي دوران پتو پيو تہ ائنگلو انڊين فلاسافيءَ موجب تيز رفتار جواني چئا هوندي آهي. هڪ جهوني ٽانڊيءَ ٽپڻي، تسياري ڪئپٽن ۽ هڪ نوجوان عملدار کي اها چڱيءَ ريت خبر هوندي آهي تہ شراب ڇا ٿيندو آهي.

گهڻي رات وهامي چڪي هئي جو پاڻي جي هڪ ڇوليءَ اچي مٿان ڇپڪو ڪيو. اسان ننڊ مان اوباءِ پري اٿي ڪڙا ٿياسون. پاڻيءَ جو اهو ايار شهاب ثاقب جي گذرڻ ڪري ٿيو هو. خط استويٰ وارن علائقن ۾ اهڙا واقعا عام هوندا آهن. اهو جڻ اسان کي هڪ قسم جو اشارو هو تہ اسان يا تہ بسترن کي چنبڙي، سُڪ تي سمهي پئون يا تيز رفتاريءَ سان ڊوڙي وڃي انجڻ واري ڪمري ۾ سمهون. تيز ۽ ڦڙت ماڻهو وڃي ميزن کي چنبڙي پيا. ڪن ماڻهن انهن هيٺان لڪي بچاءَ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪوبہ ماڻهو عام لنگهہ واري جاءِ تي نہ وينو نہ ئي بيٺو. هتي اوسي پاسي نازڪ ۽ نفيس قسم جو فرنيچر رکيل هو. عام طور تي ائين ٿيندو آهي جو اوهان تہ ننڊ جي ڳهر ۾ ڳگهاٽيل هوندا، پيچ ڊڪ ۽ تڙ تڪڙ ۾ اوهان کي ڪا خبر ئي ڪانہ پوندي جو اوهان ڪنهن عورت سان وڃي ٽڪرائبا، يا وري اوهان گهري ننڊ سمهيا پيا هوندا جو هڪ ماڻهو بارود جي ڏپ واري ڳوري فوجي بوٽ سان اوهان جو مُنهن مبارڪ چيٿاڙيندو چيپاٽيندو وڏي شانَ ۽ مان سان اڳتي هليو وڃي. پوهہ جي پارن ۾ ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن پيچي ڊڪي گرمي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ٿڌي موسم ۾ اتر عربستان وارو سامونڊي علائقو ڏينهن جو جهنم ۽ رات جو وري سخت سرد هوندو آهي. اهڙا ٿڌا علائقا انسان جي سزا لاءِ تخليق ڪيا ويا آهن. ڪي اٽيڙهيل ۽ ويساهہ وسوڙل ماڻهو ٻاهر ولهہ ۾ سمهڻ کان ائين ڊڄندا آهن جيئن ڪانءِ ڊڄي ڪمان کان. مسٽرَ جان بل! اوهان انگريز آهيو پڙهيل ڳڙهيل ۽ دنيا جي ڪار وهنوار کان چڱيءَ ريت واقف آهيو. اوهان منهنجي هنن ڳالهين ٻڌڻ کان پوءِ مون تي چٽر ۽ ٽوڪ نہ ڪجو. يقين ڪريو تہ اهي ڳالهيون سورهن آنا سچيون آهن تہ ڪارا ماڻهو ابوجهہ ٿيندا آهن. جيڪڏهن ڪين ڳڙ ڪسي ڇيٽا ڏئي ڇڏبا تہ بہ ويچارا خوش ٿي ويندا. هنن ماڻهن ۾ ڪرنل ڪورسيلس کي شامل ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ تہ هو صبح جو سويل منڙي ننڊ مان جاڳي پيو آهي. سندس مُنهن جي هڪ پاسي تي ٻئي پاسي جو اولڙو پئجي رهيو آهي. مٿس چنڊ جي

تڏڙن ڪرڻن جو اثر ٿيو آهي. چنڊ جي اهڙي تڏي اثر کان جان ڇڏائڻ ۾ هن جي پياري زندگيءَ جا پورا ٻه سال گذري ويا. يعني کيس چنڊ ڇاچولي (moon strake) جو اياڳو اثر ٿي ويو هو. مان اهو ساڳيو تجربو مسقط ۾ پنهنجي هشيءَ تي ڪيو. هو ڏاڍو ٻچڙو نازڪ ۽ نفيس ماڻهو هو ۽ ماڻهن کي چوندو هو ته جيڪڏهن هو ٻاهر چانڊوڪيءَ ۾ سمهندو ته کيس ضرور هاڃو رسندو. سو مان کيس هڪ رات چانڊوڪيءَ ۾ سمهاريو. جڏهن صبح جو اُٿيو ته سندس جسم جي کل جو رنگ چانهون تي چڪو هو. سندس اکيون ڏرا ڏئي ويون هيون ۽ هن جي ڳلن ۾ کڏا پئجي ويا هئا. معلوم ائين ٿي رهيو هو جڻ هو بيماريءَ ۾ ڄُڙي ڄُڙي مس ڇاڪ ٿيو آهي. مولا ڏِنو ٻَنو ڪري کيس چڪڻ مان ڇاڙهيو آهي.

مان اوهان کي اهڙو هڪ ٻيو قصو ٻه ٻڌائي رهيو آهيان. هيءَ ڳالهه 1845ع جي آهي. پي اينڊ او ڪمپنيءَ سُئيز ميل ۽ بمبئي واري حصي ۾ ڪم ڪندڙ انڊين نيويءَ کي ملازمت مان رخصت ڪري ڇڏيو. هنن ماڻهن اسٽيم نيويگيشن نالي هڪ نئون ادارو قائم ڪيو. هن ڪمپنيءَ سان منهنجي پهرين ڊيٽ کيس ڳچيءَ ۾ پئجي وئي هئي. سندس آگبوٽ ايس. ايس دوارڪا وسيلي مان 1853ع ۾ جدي کان سُئيز پهتو هئس. هي آگبوٽ 1862ع ۾ تاپتي نديءَ جي چوڙ وٽ هميشه لاءِ ٻيهي ويو هو. هن پنهنجي سفر جي شروعات 29 آڪٽوبر 1847ع ۾ ڪراچيءَ کان ڪئي هئي. هن "ڪيپ آف گڊ هوپ" تائين ٻه چڪر ڏنا هئا. هن کي پائليٽ جي ضرورت ئي ڪانه هئي. هن آگبوٽ تي هڪ ٻه اهڙو ماڻهو سوار ڪونه هو جنهن کي پاڻيءَ هيٺان پٿن ۽ ڪُن جو پتو هجي. آخري ڀيرو جڏهن اسان مقدر ۾ لکيل بهشت جي ڦاٽڪ وٽ پهچڻ وارا هئاسون ته پتو پيو جهاز جو ڪئپٽن وچي پاڻيءَ ۾ ڪِريو هو ۽ لهرين جي لپيٽ ۾ اچي ويو هو. چيف آفيسر نشن ۾ الهوٽ لڳو پيو هو. هٿ پير گهٽا پئي هلايائين پر پاڻي ولوڙڻ کان سواءِ ڪجهه ڪونه هو. هنن کان پوءِ مان ئي سينيئر ڪميشنڊ عملدار هئس ان ڪري ساري ذميواري اچي منهنجي ڪنڌ مٿان ڪڙڪي هئي ۽ مان آگبوٽ جو ڪمانڊر بڻجي ويس. پهريون ڪم اهو ڪيم ته فرسٽ آفيسر کي مڪمل اختياريون ڏئي ڇڏيم. جڏهن ته سيڪنڊ آفيسر کي ٻڌي ڦٽو ڪيم. آگبوٽ جو مُنهن ڦيري عربستان ڏانهن ڪيوسون. نهايت خبرداري ۽ آهستگيءَ سان هاڪارڻ جو حڪم ڪيو

هئم. صبح جو اسان خير سلامتيءَ سان هلي ڪناري سان پهچي چڪا هئاسون.

ممبئي- ڪراچيءَ وارو آبي رستو "برٽش انڊيا اسٽيمر نيويگيشن ڪمپني" جي ور چڙهي ويو آهي جنهن جي مقابلي ۾ ڪا ٻي ڪمپني موجود ناهي ۽ اهائي نهايت خراب ڳالهه آهي. هيءَ اٺويهين صديءَ جو مهانگي ۾ مهانگو آبي رستو آهي. اسان جمع ڏينهن شام جو پنجين وڳي اهڙي آگبوٽ ۾ سوار ٿينداسون جيڪو اسان کي سومر ڏينهن اٺين وڳي صبح سڌو هلي ڪراچي پهچائيندو. اسان کي ڪمپنيءَ کان موٽ واري ٽڪيٽ به خريد ڪرڻي پوندي. اهڙيءَ ريت اسان کي 162 رپيا ادا ڪرڻا پوندا. ان حساب مطابق اسان کي هڪ ڏينهن جي سفر لاءِ چار پائونڊ ڏيڻا آهن. يعني پنجاهه پائونڊن حصص Shares 86 پائونڊن ۾. اهڙيءَ ريت ڪمپنيءَ کي 12 سيڪڙو کان 13 سيڪڙو وڌيڪ فائدو ٿي ويو. هي ڏنڌو نه پر ڌاڙو آهي. پتو نه آهي ته هن قسم جي هڪ هٽي الائي ڪڏهن ختم ٿيندي. چيپل پنوتري موجب پنجاهه آگبوٽن جي هڪ ڊگهي قطار جيڪا سائوٿمپٽن (Southampton) کان وٺي ڊيلاگوا (Delagoa) تائين بصري (Basreh)کان وٺي بورنيو Borneo تائين اٺويهين رستن تي هلندا رهندا آهن. هن ساري ڌنڌي تي اهڙي ڪنجوس جو قبضو آهي جنهن کي وات ۾ ڪوڙي ڏئي وٺو ڪُٺ. منهنجي خيال ۾ هتي هڪ ٻن ڪمپنين جي ضرورت آهي ته آسٽرو هنگيرين (Austro_ Hungarian) واري رستي سان هلائيندڙ آگبوٽ مسٽر لئائڊس جو اورچ ۽ اٽڪ ايجنٽ مسٽر گمبرٽ اچي اولهه هندستان واري سامونڊي ڪناري مان هڪ برانچ ڪوليندو ۽ ڪراچيءَ کان وٺي پوائنٽ ڊيگال تائين هلندڙ هڪ ڪمپني جي شروعات ڪندو. جيڪڏهن ائين ٿيو ته نه رڳو اها ڪمپني چار ڏوڪڙ ڪمائيندي پر مسافرن تان به هڪ هٽيءَ جو ڏچو لهي پوندو. اهو ته هڪ عام مسافر لاءِ جڙ ماڙ تي مينهن وسي پوندو. اسان جا به جڙ پاڳ ڦاٽي پوندا جو اسان ڪوڪانڊا جهڙي آگبوٽ ۾ سفر ڪنداسون جنهن جو ڪئپٽن مورس جهڙو منڙو ماڻهو ۽ رج چڱو مڙس هوندو. اسان ڇا پر هو مسافر کي سهوليت ڏيڻ لاءِ ڪُتو ڪونه ماپندو. ڏاهو ۽ ڏات ڏٽي به اهڙو جو اندر کي آٿت ملي ويندي ته هاٽي ويرن ۽ لهرين وچ مان لنگهي وڃي پار پهچبو ۽ وار به ونگو ڪونه ٿيندو. هن پاسي واري رستي سان هلندڙ آگبوٽ "سيپ جت پنهونءَ پائر" مثال آهن. هڪ کي ڏسي وري جو ٻئي کي

ڏسبو تہ ھانءُ پيو ڪجھ تيندو. نياڳن جا نار وانڍن چاڙھيا واٽ تي. اھي سڀ 150 ھارس پاور جا ھوندا آھن جيڪي 800 ٽن وزن مس ڪٽي سگھندا آھن. ان وزن کان وڌيڪ جيڪڏھن ڪڪڙ جو ڪنپ بہ رکبو تہ ڪنجھ پئي پوندن. سندن رفتار بہ اٺن کان نَو ناٽ في ڪلاڪ ھوندي آھي. سندن عرشا يا ڏيڪ بہ ڏاڍا صاف ھوندا آھن جن تي ڏيھي مسافرن جي ٽُڪن ۽ کانگھارن جي نقش نگار ايڏي تہ دلڪش ھوندي آھي جو ھر وقت جي ماني کائي ڏيڪ تي اچي اھڙي دلڪش منظرنگاري ڏسجي. ھن ڪمپنيءَ جون لنڊن جي ٽيورن شرابخاني جيان پنج ئي آگبوٽون گيھ ۾ آھن. ھنن آگبوٽن جا سڀ خلاصي سورت جا مسلمان آھن جيڪي قديم دور جي Sanka جي سانگانين نسل جا ساموندي ڌاڙيل آھن. ان سان گڏ مشرقي ساموندي ڪناري جا مشھور بيڙياتا بہ آھن. ڪاٺياواڙي پنھنجي سوچ ۽ فڪر وارا ماڻھو آھن. قانون ۾ ضابطو ھنن لاءِ ڪجھ بہ ڪونہ ھوندو آھي. ڪم جا ڪوس، ڪجھ ڪرڻ لاءِ چئن تہ تير تپ چڙھي ويندن. ڪُرڪڙ ۽ بڙ بڙ شروع ڪري ڏيندا. ڪم ۾ ڪو تڪر تاڪٽو ڪونہ ھوندو آھي، بس اوڪڙو ويھي ڪنھن ڪٽيل ڌاتوءَ کي رڳڙي صاف ڪرٽو ھوندو يا عرشي کي ڌوئي صاف ڪرٽو ڪرٽو ھوندو آھي. ڪين انگريز خلاصين لاءِ جيترو ورءُ ملندو آھي، يعني جھڙو گوشت مڇي ترڪاري انگريزي خلاصن تھڙو ھنن کي. ساموندي سفر لاءِ روشني جا منارا وڏي اھميت رکندا آھن. اھڙو شاندار ڪم مسٽر اورمسٽن ڪيو آھي. جنھن لاءِ ھو ڪيرون لھڻي. ڪي ماڻھو وري اھڙا بہ آھن جيڪي سندس ڪيل ھن چڱي ڪم تي بہ مٿس ٺٺولويون ڪندا آھن ۽ چوندا آھن تہ اھڙا منارا ڪجھ اڳتي وارن ساموندي ڪنارن سان ڇو نہ تعمير ڪرايا ويا آھن. جيڪڏھن سوچي ويچاري ڏسجي تہ اھڙن ماڻھن جي تنقيد ھرويرو غلط بہ ڪانہ آھي. ھندستان وارن انگريزن کي انگلينڊ وارا تہ ڪنگھن ئي ڪونہ ٿا. انھن لاءِ جڙ تہ لال واھہ جا ڇيڙا آھن. جيستائين ھو جان جوکي ۾ وجھي ڪنھن جبل کي مٿو نہ ڏيندا آھن تيستائين ھنن ڏانھن ڪير اک کڻي بہ ڪونہ ڏسندو آھي. ائين ڪرڻ لاءِ وٽن ڪيترا دليل بہ آھن.

عام دستور اھو رھيو آھي تہ ماھر سيڪڙاٽن تي حڪم ھلائيندا آھن. ڪوڪانئڊا آگبوٽ مڇين مارڻ لاءِ ھنيل لڪڙن کان پري ھلايو ويندو آھي. آگبوٽن تي موجود اھڙن چارٽن تي اھڙيون ھدايتون لکيل ڪونہ

هونديون آهن. اهي آگبوٽ واري رستي کان ست اٺ ميل اولهه طرف آهن. جن شين کي مچين مارڻ لاءِ ڪتل لڪڙا سمجهيو ويندو آهي سي حقيقت ۾ وٽن جا ڏار هوندا آهن. ميسيسيپي درياءَ ۾ به اهڙيون باندٻون هونديون آهن جيڪي ٻيڙين جي ترن ۾ لڳي انهن کي سوراخ ڪري وجهنديون آهن. انهن کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ 60 رپيا خرچ اچي ويندو آهي ۽ اهو ڪم مهاڻا ڪندا آهن. گهڻو ڪري اهڙو ڪم چؤماسي کان اڳ ڪرايو ويندو آهي. پورچوگيزن فقط پنهنجن مفادن کي نظر ۾ رکيو پر هن آزار کي ختم ڪرڻ واسطي ڪک پيچي ٻيڻو به ڪونه ڪيو ۽ ائين ڪم ٽپايو. انگريزن به پورچوگيزن جي نقش قدم تي هلي هن ڪم کي هٿ به ڪونه لاتو. پر هاڻي هتي ننڍي قسم جا آگبوٽ هلايا ويندا ۽ پاڻيءَ ۾ موجود باندٻن واري آزار کان ڪنهن حد تائين ڇٽي پئبو.

مسٽر جان بل! اسان هاڻي اولهه کان اولهه- اتر ڏانهن وڌي رهيا آهيون جيڪو گجرات جي سامونڊي علائقي کان گهڻو پري آهي. مٿي ڄاڻايل خطي ۾ مينهن تمام گهڻا وسندا آهن. هن علائقي کي اولهه هندستان جو باغ چيو ويندو آهي. هتان جي آبهوا خط استويٰ جي هيناهن علائقن جهڙي هوندي آهي. هيءَ علائقو حيدرآباد دکن واري علائقي کان به هيناهون آهي. هن موسم ۾ هتي هوا نه هوندي آهي پر هن علائقي کان جيترو اڳتي هلبو اوترو واءُ تيز ٿيندو ويندو. مان هيءَ ڳالهه يقين سان چئي سگهان ٿو ته جيڪو مسافر سوراشٽره جي سامونڊي ڪناري سان گذريو هوندوُ سو ضرور آنڌاري وچان ان جو وٽ پاسو ڏٺي گذريو هوندو.

ٻئي ڏينهن سج اُڀرڻ سان اسان ڪانياواڙ جي مشهور قلعي "ڊيو" جو نظارو ڏسنداسون. جنهن جي چوڌاري خشڪ زمين ۽ ننڍيون وڏيون ٽڪريون آهن. سامهون واري پاسي کان پاڻيءَ جا ڪُن. پٿون ۽ پاڻيءَ ۾ لڪل پَٿون آهن جن کي هتان جا ماڻهو ملاڪا جي نالي سان سڏيندا آهن. هن ماڳ تي ٿيل حملي جي خبر ننڍي وڏي کي آهي ته ڪيئن عيسائي مؤمنن ڪافرن کي ماري ڏائي مچ ڏار ڪري ڇڏيو هو. اولهه وارا ماڻهو چوندا آهن ته پورچوگيزن هتي ڪنهن به قسم جو ٻوٿو ڪونه ٻاريو هو. جڏهن ته اوير وارن ماڻهن جو خيال آهي ته هتي پورچوگيزن ٺڳيءَ ۽ دغابازيءَ جو تمام گهڻو مظاهرو ڪيو هو جنهن جو مثال دنيا ۾ ڪٿي به ڪونه ملندو.

ٻيو ڪان اوير پاسي جعفر آباد نالي هڪ ماڳ آهي جنهن ڪي هڪ شيديءَ ماڻهوءَ پنهنجي ڪارگذاريءَ جو صدر مقام بڻايو هو. هن جي عملدارن ڦر ۽ ڌاڙي جي مقصد سان پنهنجو مرڪز ”جزيري“ ۾ قائم ڪيو هو. جزيرو عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ ٻيٽ آهي. اسان جا ماڻهو هن کي جزيري بدران جنجهيرا ڪوٺيندا آهن. قديم دؤر کان وٺي هندي وڏي سمنڊ ۾ واپاري ٻيڙن کي ڦرڻ لٽڻ هڪ ڌنڌو بڻجي ويو آهي ۽ هتان جا ماڻهو گروهه جي صورت ۾ واپاري ٻيڙن جي ڦرلٽ ڪندا آهن. هن ڌنڌي جي شروعات حضرموت کان ٿي هئي. اهو ڌنڌو هلندو اچي ايراني نار پهتو. ان کان پوءِ ساموندي ڪنارو ڏئي مڪران پهتو جتان اڳتي هلي ڪڇ، ڪانياواڙ ۽ ڪونڪن پهتو. اتان اترـ اوير ڏانهن سرڪندو وڃي ملبار ۽ راس ڪماري تائين دنگ ڪيو هئائين. هن ڳالهه مان اها معنيٰ نه ورتي وڃي ته منهنجو اشارو توهان جي جان پال جونيسيس يا ڪئپٽن ڪائڊس ڏانهن آهي. هتان جا ماڻهو سال جو پهريون اڌ چين جي ماڻهن جيان ٻني ٻارو ڪندا هئا. سال جي پوئين اڌ ۾، جڏهن سمنڊ ٻيڙن هاڪارڻ جهڙو ٿي ويندو هو ته پنهنجا ٻيڙا ٻار ۾ لاهي ساموندي قزاقيءَ جو ڌنڌو شروع ڪري ڏيندا هئا. جيڪڏهن اسان پنهنجون فوجون هندستان مان ڪڍي هليا وڃون ته هفتي اندر هيءَ صنعت وري ترقي ڪري وڃي عروج تي پهچي. ساموندي ڌاڙيلن مان رسا نڪري ويندا، پوءِ ساڳيا لاتون ساڳيا چڳهه.

اسان هاڻي نيري پاڻيءَ ۾ آهيون. هيءُ نيرو پاڻي به هوبهو پونچ سمنڊ جي نيري پاڻيءَ جهڙو آهي ۽ هتي اوهان کي ڪناري تي تمر جا وڻ ڏسڻ ايندا. ممبئيءَ وارو ساموندي ڪنارو هن کان گهٽو مختلف ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ڪنيات نار وارو پاڻي ڪجهه ميرو ۽ سائو ڏسبو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ڪناري واري سمنڊ ۾ احمد آباد واري سابرمتي، ٻڙودا واري ماهي ۽ ٻڙوچ واري ٻربدا ندي چوڙ ڪندي آهي. ان ڪري نه رڳو ڪُنن جا ڪڙڪا هوندا آهن پر پاڻي آڳبوڙن ۽ ٻيڙن کي ڏکڻ ڏانهن پيو ڌڪيندو آهي. جيڪڏهن ڪو ٻيڙو ڪانياواڙ جي ڪناري ساڻ وڃي لڳندو آهي ته ان کي وڏو ڏوهه سمجهيو ويندو آهي ۽ بخشڻ لائق ڪونه هوندو آهي. ان علائقي ۾ ساموندي ڪناري کان اٽڪل ڇهه ميل پري اهڙيون ٽڪريون آهن جيڪي پاڻيءَ هيٺ لڪل هونديون آهن. ان کان سواءِ ٻارهن ناٽن جي فاصلي تائين گپ ۽ چِڪ هوندي آهي. ان کان پوءِ سنهي قسم جي

واري شروع ٿي ويندي آهي. اهڙي خطرناڪ علائقي مان جيڪڏهن سچيتائيءَ سان نہ هاڪاربو تہ ڏاڍو جوکائتو ثابت ٿي سگهي ٿو. توهان ڏنو هوندو تہ لسو ترڪٽو پٽ گهوڙي ۽ گهوڙيسوار لاءِ وڏيڪ خطرناڪ ٿيندو آهي. ڪنارڊ هڪ پراڻي معياري ڪمپني آهي جنهن پنهنجي پنجٽيهہ سالن جي ڊگهي عرصي دوران نہ ڪنهن حياتيءَ جو نقصان ڪيو آهي نہ وري اج تائين خط ضايع ڪيو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ پي اينڊ او ڪمپني آهي جيڪا هن وقت تائين الائي ڪيترا حادثا ڪري چڪي آهي.

ڊيو بندر جي زبون حال قلعي ۽ ان جي منارن جي نظر کان غائب ٿي وڃڻ کان بہ ٽي ڪلاڪ کن پوءِ اسان هڪ وارياسي سامونڊي ڪناري سان سفر ڪري رهيا آهيون. اتان چٽائي نهارڻ سان جهونا ڳڙهہ جو قلعو ڏسجي رهيو آهي جيڪو اڻ چٽو ۽ دونهاٽيل هو. هتان جا ماڻهو هن ماڳ کي گرنار بہ سڏيندا آهن جيڪو هندن لاءِ آپگهات ڪرڻ واسطي گهٽو مشهور آهي. ڪيتريون مائرون اهڙي باس باسينديون آهن تہ جيڪڏهن سندن فلاڻو ڪم ٿيو تہ انهن جا پٽ گرنار وارين ڳاڙهين ٽڪرين تان سمنڊ ۾ هيٺ ٽپو ڏيندا. ڪيترا پٽ مائرن جي اهڙيءَ باسيل باس کان ڦري ويندا آهن. شال انگلينڊ ۾ بہ ڪي مقدس ماڳ پيدا ٿين ۽ اتان جو مائرون بہ اهڙيون باسون باسين. ان ماڳ کان پوءِ اسان مول دوارڪا نالي هڪ قديم خاص قسم جي مندر وٽان اڳتي وڌنداسون تہ اسان کي ”پٽڻ“ (Patan) جو ماڳ ڏسڻ ۾ ايند. جيڪو هڪ ڪاريءَ اوچيءَ جڳهہ تي اچين ڀڙين وانگر ڏسڻ ۾ ايندو يعني اهي ڪاري جبل مٿان نظر ايندڙ اڇيون جڳهيون آهن. ان جي ٻاهران (Viraganjan) جي ڪاري رنگ جي پگوڊا آهي جنهن جي پرسان مخروطي قسم جي هڪ اڏاوت آهي جنهن کي ڪانياواڙ جو سومنات پٽڻ سڏيو ويندو آهي. اسان سان گڏ هن آگبوٽ ۾ هڪ ياڻ وينو آهي جيڪو موسيقيءَ جي سازن کان سواءِ سومنات جي ساراهہ ۾ گهڻا ڀڄن ڳائيندو آهي. مون کي خبر ناهي تہ اتان جي صندل يا چندن ڪاٺ مان نهيل ڦاٽڪن ۾ الائي ڪهڙو جادو آهي جو پنچ (Punch) جي بيان موجب جڏهن لارڊ ايلنبرو (Ellen borough) انهن جي سامهون پهتو هو تہ وجد ۾ اچي نچڻ شروع ڪري ڏنو هئائين. اوهان پنهنجي خيال ۾ بلڪل صحيح آهيو. اهي ڦاٽڪ مقدس صليب جي شڪل وانگر آهن. جڻ سئنٽ جارج جي دروازن جهڙا ڦاٽڪ. يا وري شيڪسپيئر شهتوت (mul berry) جهڙا محسوس ٿين ٿا.

جيڪڏهن هي ماڻهو پنج صديون اڳ اهڙين ڳالهين کان واقف هجن ها تہ مرهم واري دہليءَ جي ڪشش جو مٿن اثر ڪونہ ٿئي ها. مون کي هن کان وڌيڪ ڪجهہ چوڻو بہ ناهي. غازا (gaza) جي ڦاٽڪن جي پيٽ ۾ سومنات جي ڦاٽڪن جي هڪ ڏکهي تاريخ آهي. هتان اوهان کي راجپوتانا جي ڌرتيءَ جا اڻ ڳڻيا اهڃاڻ بہ ڏسڻ ۾ ايندا. هي سورج ونسي ۽ چندر ونسي راجپوتن جو ملڪ آهي. اهي ماڻهو هترادو شجرا جوڙي پاڻ کي سج ۽ چنڊ جي پوٽاڻ سڏائيندا آهن. هيءَ راڻن ۽ رواتن جي قوم آهي جنهن جو شجرو مٿين گهراڻن سان تعلق رکي ٿو ۽ اهو شجرو عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ واري دؤر کان گهڻو اڳ جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهي راجپوت راڻا انهن ٻنهي گهراڻن جو شجرو ٻنهي روشن وجودن يعني سج ۽ چنڊ کان تر جيترو بہ پري نہ ڪندا آهن. ڪرنل ٽاڊ تي بہ انهن ماڻهن اهو ساڳيو اثر وڌو هو. بلوچ ۽ ويلس (Welsh) نسل جا ماڻهو جيڪي نيم وحشي دؤر مان گذري رهيا آهن، سي اجا بہ پٽن ۽ پانن جي سرنديءَ تي ڳايل ڪوڙن قصن ۽ اجاين ڳالهين تي اکيون ٻوٽي اعتبار ڪندا آهن ۽ پنهنجن شجرن بابت انهن فقيرن جي ڳايل قصن کي لوهہ تي ليڪو سمجهي ويهندا آهن. پر هنن پٽن ۽ پانن جو گهراڻو هوندو ئي اهڙو آهي جيڪو آسانيءَ سان تيليءَ مان ٿنڀ ٺاهي ڪنهن نہ هڻڻ جهڙي خاندان کي بہ فرش تان کڻي وڃي عرش پهچائيندو آهي. اهڙا ماڻهو اڻ ڏٺيون ۽ اڻ ٻڌيون ڳالهيون ڳائي وڃائي ماڻهن کي مجبور ڪندا آهن تہ سندن نڳيءَ جي ٺاهيل ٺاهہ تي اعتبار ڪيو وڃي. پراڻن ڪنڊرن بابت بہ هٿ جون اهڙيون ٺاهي هڻندا آهن جو ٻڌندڙ جا تہ پير ئي نڪري ويندا اهن. بڪل (Buckle) جو چوڻ آهي تہ پراڻي تهذيب بہ هڪ اهڙو موضوع آهي جنهن ۾ قلم ۽ مس سان پير ڪوڙي ڪوڙ هڻي سگهبو آهي. يعني ملڪ ۾ چالو ڏند ڪٿائن کي زباني ٽيڪ ۽ آڌار بدران قلم ۽ ڪاغذ جو ٿنڀ ڏبو آهي. اهڙي ماڻهوءَ کي موضوع جي الف۔ ب جي بہ خبر ڪانہ هوندي آهي پر تارسس (Tarsus) جي پال (Paul) وانگي هٿ جون ٺاهيو وٺو هڻندو آهي.

مسٽر جان بل! هاڻي تہ ڏيک ڏاڍو من موهيندڙ آهي. اسان هن وقت ڪناري کان ٽي ميل پري آهيون. اوهان ڏسندا تہ هر اڌ ڪلاڪ اندر منظر تبديل ٿيندو رهندو. اهڙا خوبصورت منظر شهرن جا آهن جن جي چوڌاري قلعا تعمير ٿيل هوندا آهن يا وري ڪن شهرن جي چوڌاري گهاٽا ٻيلا موجود هوندا آهن. ڪڏهن وري اوهان کي وڏيءَ وٽڪار جي وچ تي ڳوٺ

چمڪندا ڏسڻ ۾ ايندا. ڪٿي وري وڻ ايترا گهاٽا هوندا آهن جو ڳوٺ تہ نظر ئي ڪونہ ايندا آهن. پر پس منظر ۾ ڪونہ ڪو جابلو سلسلو ضرور هوندو آهي جن جون گهاٽن ٻيلن سان ڍڪيل چوٽيون ڌُنڌ ۾ بہ چٽيون ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن. ان جو ڪارڻ اهو اهي تہ ان جي پس منظر ۾ گهرو نيرو آسمان هوندو آهي. اسان هاڻي وڻندڙ وچٽري فضا مان سفر ڪري رهيا آهيون. آسمان بہ بلڪل چٽو آهي ڪونڪن (Konkan) ۾ ائين ڪونہ هو. ڇاڪاڻ تہ اهو ماڳ خط استويٰ جي ڪجهہ ويجهو آهي. ان ڪري آسمان سدائين لُڙاٽيل رهندو آهي. هتي پهتا آهيون تہ موسم وڻندڙ آهي ۽ ٿڌڙي هوا پئي گهلي. هاڻي جيڪڏهن اُس ڪان ٿوري ٽڪي اوڊر ڪنداسون تہ پگهر ڪونہ نڪرندو. ممبئي ۾ ائين ڪونہ هو. اتي تہ پگهر ۾ جڻ رجندا هئاسون. هتي تہ ڏکڻ اتليءَ جي نومبر واري موسم پئي ٿي ڀانئجي.

اوهان کي, پري جبل جي چوٽيءَ تي مناري جهڙي اڏاوت ڏسڻ ۾ ايندي هوندي, جنهن تي ڪتل جهنڊي جي وڏي ٻٽرڪ هوا ۾ ڦڙڪندي ڏسجي ٿي. جهنڊي جي اها ٻٽرڪ پورا سترهن ميل پري ڪان نظر ايندي آهي. توهان کي ائين محسوس ٿيندو تہ اها ڏاوت نارمنڊي (Normandy) جو قديم گرجا گهر آهي. پر اها تعمير دوارڪا ناٿ يا جڳت ناٿ جي پگوڊا جهڙي آهي. جڳت ناٿ لفظ جي معنيٰ "جڳ جو مالڪ" آهي. هي ڪرشن مهراج جو لقب آهي. هي هندو ڌرم وارن جو هڪ پوتر آستان آهي جتان ڪان ڪيتريون ئي پوتر نديون وهنديون آهن. هتي هر سال پنج لک ياتري ايندا آهن ۽ پئسا پري روحاني سڪون ۽ گناهن ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪندا آهن. هر ياتريءَ جي خواهش اها هوندي آهي تہ شال هو ڪنهن وچڙندڙ بيماريءَ ۾ مري وڃي ۽ سندن لاش هيٺ سمنڊ ۾ اڇلايو وڃي جتي مقدس مانگر مڇ ياترين جي لاشن جي اوسيئڙي ۾ سمنڊ جي مٿاڇري تي پيا هيڏانهن هوڏانهن ڦرندا آهن. مون بہ هن آستان جي 1846ع ۾ ياترا ڪئي هئي. اتي پهچي معلوم ٿيو هو تہ اتي گهم تمام گهٽي آهي. هتي هاڻي انگريزن جا تعمير ڪرايل اڇي رنگ جا بنگلا ۽ فوجين جي رهڻ واسطي ٻٽرڪون آهن جن مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ راجڪوٽ ۾ رهندڙ فوج جو ڪجهہ حصو هتي پڻ رهندو آهي. انگريزن خلاف 58_1857ع واري بغاوت ڪان پوءِ نومبر 1859ع ۾ ڪي باغي دوارڪا مندر ۾ ڪچ جي نار واري پگوڊا ۾ بہ اچي لِڪا هئا جن پنهنجن مرڪزن جي قلعبندي ڪري ڏاڙن هٽڻ جون ڪارروايون شروع ڪري

ڏنيون هيون. هنن سان واڳهرَ نسل جا ماڻهو اچي مليا هئا جن جو اصلي واسطو بڙودا واري جابلو سلسلي سان هو. اهڙي ريت ممبئي سرڪار هنن ماڻهن جي پاڙن پٽڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو.

اهڙيءَ طرح مٿن ضابطي رکڻ واسطي ٻه هزار فوج رواني ڪئي وئي هئي جنهن ۾ ساموندي ۽ حصار جي فوج شامل هئي. فوج کي پهچائڻ لاءِ ڏهه جهاز ڪتب آندا ويا هئا جن مان چار تجارتي آمدرفت سان لاڳاپيل هئا. پهرين گولاباري بيٽ تي ڪئي وئي هئي جتي سنڌن اهم مرڪز قائم هو. جيڪڏهن اها گولاباري اجا ڪجهه وقت وڌيڪ جاري رهي ها ته باغي اها جاءِ ڇڏي ڪيڏانهن نڪري هليا وڃن ها. پر اها فوجي ڪاروائي ٿوري وقت لاءِ هلي هئي ۽ ان ڪان پوءِ باغين مٿان راتاهي هڻڻ جو خيال ڪيو ويو. مختصر ته اهو حملو ناڪام ٿيو ۽ انگريزن جا ماڻهو مارجي ويا. باغين شهر جي گهٽين ۾ ڪچا جهلا جوڙي ورتا هئا. وٽن توبون به هيون. دشمن فوج مان جيڪو به سنڌن ويجهو ٿي پهتو اهو زندهه ڪونه ٿي بچيو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو انگريزن جي فوج جو سخت جاني نقصان ٿيو ۽ ان جاءِ جا ٻه هزار باغي پناهه لاءِ ڪيڏانهن نڪري هليا ويا هئا. انگريز ڪمانڊر وڌيڪ صلاح مشوري لاءِ انگلينڊ هليو ويو. ان ڪان پوءِ وارو حملو نهايت سخت هو. دوارڪا جي چوڌاري ڪڙو چاڙهيو ويو هو. هندن پنهڻ جي واهه نه ڏسي ڳئن جا ڌڻ ڪٽي ٻاهر ڇوڙيا. هندو انهن جانورن جي اوٽ وٺي ٻاهر نڪرڻ لڳا. سنڌن دلين ۾ اهو تصور موجود هو ته انگريز لشڪر ۾ هندو فوج شامل هئي تنهن ڪري هو انهن مقدس جانورن تي گوليون ڪونه هلائيندا ۽ هو بچي نڪري هليا ويندا، ۽ واقعي ٿيو به ائين. انگريز ڪان دشمن فوج نهايت آسانيءَ سان پاڻ بچائي وئي حصار واري فوج سنڌن ڪڍ وئي پر هو پنهنجي برادريءَ جي جابلو جوءِ ۾ پهچي ويا جتي سنڌن واڳهرَ دوستن هنن جي دلي آجيان ڪئي هئي. انگريزي فوج پنهنجي هيانءَ ٺارڻ لاءِ دوارڪا بيٽ جي ڏاڍي ڦرلٽ ڪئي. هڪ فوجي چانديءَ جي ڏاڪڻ جي ڳالهه ڪئي جنهن جي مدد سان اتي رکيل ”ٻُت“ جي ويجهو وڃي سگهبو هو. ان ڪان سواءِ هن سونن ڏيئن، سونن هارن، هيرن ۽ جواهرن جو پڻ ذڪر ڪيو هو جو منهنجو وات به پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳو هو. ڪراچيءَ جي فريئر هال ۾ ڪاٺ جون ٻه ڪامون رکيل آهن جن تي اُڪَرَ جو نهايت نازڪ ۽ نفيس ڪم ٿيل آهي. ۽ اهي گولاباري ڪان اڳ مندرن مان ٻاهر ڪڍيون ويون هيون. انهن جي صفا مٿئين پاسي تي هي ڏيک نظر ايندو ته ڪرشن مهراج بانسري وڄائي رهيو

آهي ۽ گوپيون ۽ گوپال بانسريءَ جي سرتال تي ناچ ڪري رهيا آهن. اهو سارو منظر هاٿيءَ جي پٺيءَ تي ڏيکاريو ويو آهي. فوج، شهر جي ڦرلٽ ڏاڍي مزي سان ڪري رهي هئي، ڪين ڪير بہ روڪڻ ٽوڪڻ وارو ڪونہ هو. پر شال ڪين ٿئي انتظاميہ جو، جنهن اچي رنڊڪ ۾ رولو وڌو. مٿان حڪم اچي پهتو تہ دشمن جي ڏن ۽ دولت تي ڌاڙو هڻڻ هڪدم بند ڪيو وڃي. حڪومت جون اهڙيون اگريون ڳالهيون اسان جي فوجين لاءِ ڪُک جو ڪان هونديون آهن. هنن تہ اجا پنهنجا هيانءَ ئي ڪونہ ٺاريا هئا ۽ سمجهي رهيا هئا تہ اها حڪومت جي بيجا مداخلت آهي. واگهڙ بہ مٿي ڦريا ۽ ارڏا مڙس هئا. هنن بہ ڦرلٽ جي باهہ ٻاري ڇڏي هئي، سندن ڌاڙن ڪان واپاري رستا ويران، واهڻ ۽ وسنديون پينگ تي چڪيون هيون. بندر بازاريون ڪاٺڻ تي آيون. واپار ٺپ تي ويو هو. پوڪي راهيءَ جو ڏنڊو بہ اجڙي ويو. خانديش ۽ ملبار وارن علائقن ۾ پيلن ۽ موپلن اسان کي ڇگّيءَ ريت سبق سيکاريو هو ان ڪري هتي اسان واگهڙن کي هٿ لائي ڪونہ پئي سگهياسون. موجوده دؤر ۾ پئسو قادر مطلق هستي آهي جنهن جو پاٺ ۽ پوڄا چوڏاري جاري آهي. توڙي جو چانسيلر آف ايڪسچيڪيرئر پاڻ سُڃو ۽ ڪنگال آهي پر انگلينڊ ۽ هندستان ۾ فقط ڇهن پينسن کي بچائڻ واسطي هو پورو شلنگ خرچ ڪرڻ واسطي تيار آهي.

رات پوڻ سان آڪاش ڳرپ (افق) وٽ ٽڪرين جي چوٽين تي ٻرندڙ باهين جي اُڪُٽ سهائي ڏسڻ ۾ ايندي جيڪا ڪنوٽين جيان پئي ڪِڄندي رهندي آهي. جبلن جي انهن چوٽين تي بانسن جا وڏا ٻيلا آهن. ٽوريءَ واءُ ڳُهلڻ تي سڪل بانس پاڻ ۾ رڳڙبا آهن جنهن ڪري انهن کي باهہ لڳي ويندي آهي. بانس جي جهنگ کي اهڙي باهہ پاٽهرتو لڳي ويندي آهي. پر هندو ماڻهن لاءِ ڪا نہ ڪا ڏند ڪٿا تيار ٿي ويندي آهي. اوهان بہ ان باهہ کي پري کان جلندو جهڳندو ڏٺو هوندو جنهن لاءِ ٻوليءَ ۾ بہ ٻرندڙ ۽ ڏکايل اصطلاح ڪم ايندا آهن. ان کان سواءِ سمنڊ بہ ڌرتيءَ مان ريس ڪندو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ڳاڙهي- واڱڻائي رنگ جي ٽڪرين جي چوٽين تي باهہ جون جرڪندڙ جيبون ڪڏهن هڪ سوڙهي پٽيءَ جي شڪل ۾ نظر اينديون آهن ڪٿي وري اوسي پاسي واري ساري جوءِ جهرڪندي ۽ ٻڪندي ڏسبي آهي. ڪڏهن وري ائين بہ نظر ايندو آهي تہ جلندڙ بانس جي جهنگ مان اٿيل اُلا اُماڙين جي شڪل ۾ اسان ڏانهن وڌي رهيا آهن. انهن سيني کان وڌيڪ ڊپ انهن خطرناڪ ۽ آدمخور مچين جو ڏياريو ويندو آهي جن لاءِ چيو ويندو آهي تہ ماڻهوءَ جي ڪاٺڻ لاءِ هميشه ٻيڙين

جي ڪڍ لڳيون وتنديون آهن. حقيقت اها آهي تہ مذڪوره مڇي گندرف جي ذرن جي تلاش ۾ سمنڊ جي تري ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦيرا ڏيندي وتندي آهي. اسان جي جوانن جي جڏهن اهڙي مڇيءَ تي اک پوندي آهي تہ ڊپ وچان هڪ آواز تي رڙيون ڪندا آهن تہ "بيڙين کي پڇي پور ڪرڻ واري مڇي بيڙيءَ جي ڪڍ لڳي وئي آهي خبردار ٿيو." حقيقت اها آهي تہ هيءَ هندستان جي ٽربوٽ قسم جي هڪ مڇي آهي جنهن کي اسان ڏاڍي شوق سان کائيندا آهيون ۽ پنهنجي ساءَ سواد جي ڪري تمام گهڻي مشهور آهي. ڪاٺياواڙ جي ساموندي ڪناري تي هي مڇي تمام گهڻي ٿيندي آهي ۽ جسامت جي لحاظ کان بہ وڏي ٿيندي آهي. ڊيگهہ ويڪر ۾ جان ڊوري (John Dory) مڇي جيتري هوندي آهي. هن مڇيءَ جو قسم اتر طرف ڪناري ڏانهن ڪونہ وڌندو آهي. هتان جا ماڻهو چوندا آهن تہ هي مڇي ڪرشن ڀڳوان جي مندر جو گهڻو ادب ڪندي آهي ۽ احترام کان ان کي پٺي ڪانہ ڏيندي آهي. سنڌ جا ماڻهو پلي لاءِ بہ ائين چوندا آهن تہ اها مڇي خواجہ خضر جي آستان کي پٺي ڏئي ڪانہ هلندي آهي. هاڻي اوهان چڱيءَ ريت سمجهي چڪا هوندا تہ "باءِ سي ائنڊ باءِ لئنڊ" (By Sea and by Land) جو مصنف بمبئيءَ چو آيو هو. چاڪاڻ تہ ڪيس هتان جي گهانگهڻن ۽ ٽربوٽن کائڻ جو گهڻو شوق هو.

چوٿين ڏينهن شام جو ڌرتي اکين کان ڏور ٿي وئي. ان وقت اسان ڪڇ واريءَ نار کان لنگهي رهيا هئاسون. هن علائقي جي ساموندي وير ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ هڪ ڪلاڪ وڌيڪ ڊگهي هوندي آهي. ٽالمي (Ptolemy) جي ڪئنٿس (Kanthus) بابت گهڻو ڪجهہ لکجي چڪو آهي پر اڃا بہ وضاحت لاءِ گهڻو ڪجهہ سوچڻ ويچارڻ لاءِ رهيل هڪ اهم سوال موجود آهي تہ ڇا ڪڇ وارو علائقو سمنڊ پرسان هڪ خشڪ زمين واري جوءِ هئي يا "...... بند" جي اچي وڃڻ ڪري اهو ٽڪرو سمنڊ کان الڳ ٿي خشڪ زمين جي شڪل اختيار ڪري ويو؟

نيرڪس (Nearchus) سنڌوءَ وسيلي هاڪاري سمنڊ تائين پهتو هو. سندس اهڙي سفر جون اسان وٽ ڪجهہ حقيقتون موجود آهن. ائرين (Arreain) بہ هتان جي علائقي جو احوال لکيو آهي. پتو نہ آهي تہ اهي ڳالهيون سچيون آهن يا غلط؟ مان ڪئنٿس، رڻ (ڪڇ)، نيرڪس، ائرين ۽ ..... بند بابت گهڻو ٻڌو آهي، گهڻو پڙهيو آهي، گهڻو لکيو آهي ۽ گهڻو ڳالهايو آهي. هاڻي اهي نالا ٻڌي جڻ تپ چڙهي ٿو وڃي. ان سمنڊ جو نالو ٿو ٻڌان تہ پيٽ ۾ ولهوٽا ٿا پون ۽ الٽيون اچڻ شروع ٿي وڃن ٿيون. اها

ساڳي ويڏن قديم مصر جي نالي ڪٽڻ وقت بہ ٿيندي آهي. دنيا اونداهي آهي. ساري روشني سمنڊ وسيلي پئي آهي. اسان هاڻي سنڌوءَ جي ڇوڙ کان هيٺ واري سامونڊي علائقي وچان هاڪاري رهيا آهيون. سامونڊي پاڻيءَ واري هن جوءِ کي پاڻيءَ جي پسوئن لاءِ سرڳ سمجهيو ويندو آهي. هن مني پاڻيءَ جي ڇوڙ وارو علائقو 104 ميل ڊگهو آهي. سنڌوءَ جا تيرهن چوڏهن ڦاٽ آهن جيڪي پنهنجي پنهنجيءَ جاءِ کان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿا. هي سامونڊي ڪنارو سدائين اڳتي وڌندو رهندو آهي. اسان ممبئيءَ کان وٺي هن ماڳ تائين پنج سؤ ميل سفر ڪري آيا آهيون. ان وڌندڙ ڪناري ڪري اسان جو ست ميل سفر اجا بہ وڌي ويو آهي. اسان سنڌوءَ جي حجامڙي ڦاٽ تي موجود لاهري بندر ڏانهن وچي ڪونہ سگهيا آهيون. ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو هيءُ بندر نهايت اهم تجارتي مرڪز هو. پهرين انگريزي واپاري ڪوٺي بہ انهيءَ ماڳ تي کلي هئي. ڪئپٽن هيملٽن بہ 1699ع ۾ ٺٽي تي قبضي جي مقصد سان پهريائين هتي لاهري بندر آيو هو. هي ماٺهو تجارتي جهاز جو نهايت دلير ۽ تجربيڪار عملدار هو جنهن هن کي "لاڙي" ڪري لکيو آهي. نائين وڳي صبح کان ٿورو پوءِ اسان ڪوري کاري يا لکپت پرسان ڏکڻ ۾ منيجا جي اتر کان هاڪاري رهيا هئاسون. اها هڪ اهڙي سامونڊي جوءِ هئي جنهن ۾ اٿاهہ پاڻي هو. ايترو اونهو پاڻي هو جو سمجهہ ۾ ائي اچي رهيو هو تہ جڻ سمنڊ کي ترو تہ آهي ئي ڪونہ. ورت لاهي پاڻيءَ جي ماپ ڪئي وئي تہ معلوم ٿيو تہ سمنڊ جي اونهائيءَ بہ سؤ قدم يا اٽڪل ٻارهن سؤ فوٽ هئي. ان وقت اولهہ آفريڪا جا يا دنيا جا ٻيا اهڙا سامونڊي علائقا ياد اچي ويا جن کي سمنڊ جون ٻنا تري واريون کڏون سڏيو ويندو آهي. هي اهو سامونڊي ترو آهي جتي قديم زماني ۾ ايرندو نارو اچي ڇوڙ ڪندو هو. سڪندر اعظم واري دؤر ۾ چيني ياترين واري زمين ۾ سنڌو موجوده دؤر کان سٺ ميل اجا بہ اوير سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. موجوده دؤر ۾ بہ هن وهڪري بابت گهڻو ڪجهہ ٻڌندو سٹندو ۽ ڏسندو رهيو آهيان.

هتي پهچڻ کان ڇهہ ڪلاڪ اڳ اسان چاليهہ قدم پاڻيءَ جي اونهائيءَ واري مٿاڇري تان هاڪاري رهيا هئاسون. اتي اسان پنهنجي جهاز ڪوڪونئڊا (Coconada) جي آڳيل کي سراتر طرف موڙيو هو. ان وقت اسان ڪناري کان گهڻو پري سفر ڪري رهيا هئاسون. ڇاڪاڻ تہ ڪناري پرسان پاڻيءَ هينان پٿون موجود هيون. ڪڇ واري سامونڊي ڪناري جو پاڻي اونهو ۽ هڪجهڙو آهي جنهن ڪري ڪناري پرسان سفر ڪبو آهي.

پرسان جهجها ڳوٺ. ڦبا ۽ مندر نظر ايندا آهن. ان ڪان سواءِ هن علائقي جي اهڙي سمنڊ مان بہ هاڪاريو آهي جيڪو گهٽ اونهو هوندو آهي. مرهيات آرڪڊياڪون پرئٽ (Archdeacon Pratt) جو بيان تہ هماليہ جبل جي ڪشش ڪري سنڌ وارو سمنڊ راس ڪماري واري سمنڊ کان 540 فوٽ مٿي آهي. اسان يوليسيس جي اصول مطابق عمل ڪيو هو يعني،

”مٿي هلڻ لاءِ مٿي چڙهڻ وارن لهرين مٿان سفر ڪريو.“

هن چوٽيءَ کي مسٽر وليم ڊيسبرو ڪولي بہ ورجايو آهي. پر ڪيس اهو ياد ناهي تہ اهي لفظ ڪنهن چيا آهن. هن ماڻهو طبعي جاگرافي تي هڪ ننڍڙو ڪتاب لکيو آهي پر ڪيس پنهنجي حافظي تي ڪو ويساهہ ڪونهي. هن سياسي جاگرافي جي موضوع کي ان ڪري هٿ ڪونہ لاتو هو جو اهو سندس ازلي دشمن رائل جاگرافيڪل سوسائٽي جو چونڊيل موضوع هو. منهنجو ذاتي خيال آهي ۽ اهو رياضي اصول مطابق ثابت بہ ڪيو ويو آهي تہ سنڌ وارو سمنڊ دنيا جي ٻين سمنڊن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مٿي آهي. پر عملي تجربي اهو غلط ثابت ڪيو آهي. اصولي طور ائين هجڻ کپي پر آهي ڪونہ.

اسان 505 ميل لتاڙي خيرن سان اچي هتي پهتا آهيون. هن فاصلي کي مري 808 ميل ٻڌائي ٿو. هن ڪناري سان هرڻ- رنگيون ٽڪريون موجود آهن جيڪي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين سر اوپر کان سَر اولهہ پکڙيل ڏسبيون آهن. اهڙو سلسلو راس مونزي تائين نظر ايندو. پب ۽ هالار جبل بہ اڳتي هلندو اچي سمنڊ سان ملي ٿو هي جابلو سلسلو ڪيرٿر جبل جي ڇپاڙي آهي. هن جابلو سلسلي ۾ ٿوري وٿي تي سنئين سڌي مٿاڇري سان ٽي ٽڪريون آهن جيڪي سنڌ جي طوفان ڌوڙين ڪري نالي چڙهيل آهن. ڇاڪاڻ تہ مٿيءَ جي انهيءَ وسڪاري ڪري منهوڙو ڪونہ ڏسبو آهي. هن ٽاڪ کي ”ايراس“ (Eiros) نالي سان پڻ سڏيو ويو آهي. هن نالي تي اڄ تائين بحث بہ ٿيندو آيو آهي ۽ اڳتي بہ ٿيندو رهندو. منهوڙي جي سامهون هڪ سنهي چڪ آهي جيڪا ڪراچيءَ جي اپسمنڊ کي سونمياڻيءَ کان الڳ ڪري بيهاري ٿي. مذڪوره ماڳ هتان اٽڪل پنجاهہ ميل پري ٿيندو. ائين ڪٿي چئجي تہ اهو ماڳ هن ڏکويل ماتريءَ جي ڏاکڻين ڦاٽڪ جي اولاهين لنگهہ تي آهي. هتان جي اوسي پاسي واري سمنڊ اندر سليڪا (Silica)، گول قسم جا پٿر، پورن پٿرن جا ٽڪرا، پوئين دؤر جي سپ جا پنڊ پاهڻ ملندا جيڪي سرمائي رنگ جي گپ ۾ رليل مليل ڏسبا آهن. هنن ۾ ڦڪي- ڪاري رنگ جي ڪوئلي جو ٻورو بہ گڏيل ڏسبو.

ٽورو چٽائي ڏسبو تہ منجھن ڪاٺ جا ننڍڙا ذرڙا بہ نظر ايندا. ڪناري پرسان ڦڪي رنگ جي سليڪا سان چقمقي پٿر ۽ بلور جو چورو بہ مليل نظر ايندو. پسمنظر ۾ تمر جا وڻ آهن. ڪناري پرسان اندرئين پاسي ڪاري رنگ جي سخت قسم جي مٽي آهي. ايرندي پاسي ڇهن يا ستن ٽڪرين جي هڪ قطار آهي جن مان ڪي پوري پٿر جون ۽ ڪي سپن جي پنڊ پاهڻ جون آهن. هنن کي بار آئلينڊس (Baur Islands) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جتي اڄ بہ ڪوڏ ۽ سپون (moluusk) زنده حالت ۾ جام آهن. اتر طرف هڪ ٽڪري آهي جنهن کي (Little Andai) نالي سان سڏجي ٿو. هن ۾ هڪ غار آهي. سندس سامهون ٻئي ڇيڙي تي وڏي Andai آهي جنهن جي شڪل صورت اهرام (Pyramid) جهڙي آهي. هن علائقي ۾ سَندن ايتري اهميت آهي جيتري شام واري بيروت ۾ پڇين آئلينڊس (Pigion Islands) جي هوندي آهي يا اولڊ انگلنڊ ۾ نيڊلس (Needles) جي آهي جيڪي اوهان جن نيرانين نيڻن جي نهار روڪي ڇڏينديون آهن. انهن کان پرئين ۽ ساڄي پاسي فوجي ڇانوڻي اهي جيڪا ٽن ڳالهين ڪري نمايان آهي. سڀ کان پهريان اوهان کي هڪ گرجا گهر ڏسڻ ۾ ايندو جيڪو جنگجو اسڪاٽ فوجين لاءِ آهي. ان جي سامهون ٽرنٽي چرچ (Trinity Church) جي جڳهہ آهي جنهن جو منارو قلعي جي چبوتري وانگر آهي. ائين ڏسبو جڻ ڪيترائي گهر قطار ۾ بيٺا آهن. ان کان ٿورو ڏکڻ طرف گوٿڪ (Gothic) طرز جي هڪ عمارت آهي جنهن جو نالو "فريئر هال" آهي. ان کان پوءِ ڪراچيءَ جو اپسمنڊ ساڍن ٽن ميلن جي ڊيگهہ ۾ ڏکڻ- اوير ڏانهن هلندو نظر ايندو. پاڻي تانگهہ اتس ۽ ڪلفٽن تائين پهچي دنگ ڪندو آهي. قديم چيني کاري (China Creek) جو ڪاہو ڪنارو ساڄي کان اوچو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

سائين جان بل! اوهان هاڻي نئينءَ مصر جي نئين شهر سڪندريا جي ويجهو اچي پهتا آهيو. اوهان کي خبر آهي تہ سر چارلس نيپيئر، جيوپيٽر آمون (Jupeter Ammon) جو پٽ هو جنهن کي انگريز پيار وچان اولڊ چارلي (Old Charley) ۽ هتان جا ماڻهو نفرت کان ابليس/شيطان جو پاءُ سڏيندا هئا. هن ماڻهو لاءِ پوئين قسم جو لقب هن ڏکويل ماڻريءَ جي ماڻهن کي چوڻ ڪونہ ٿو جڳائي جيڪي ويدن واري نسل جي انسانن جا وياءَ آهن. هيءَ ڌاڃي ڌرتي قديم هندو تاريخ جي جنم پومي آهي. بني اميہ جي دوُر جي عربن جو نعرو هو تہ "سنڌي گند گاهڻ جي اولاد آهن." خلافت مان نئين ملڪ جي فتح جو اعلان ٿيو هو. اهڙيءَ ريت مٿيون بيان ڪيل نعرو جنگي

صورت اختيار ڪري ويو. سنڌ، مصر وانگي ڏاڍي سکي ستابي هئي، جنهن کي عربن پاڻ اڳرائي ۽ ڪئونس ڪري جنگ لاءِ اُياريو هو. اسان کي هتي هڪ فوجي جنرل (حضرت) عمرو بن عاص (رضي الله عنه) جا لفظ ياد اچن ٿا جيڪي هن هڪ سپهه سالار جي حيثيت ۾ حضرت عمر رضہ ڏانهن لکيا هئا ته "نيل جو هيءُ علائقو يڪو بريٽ آهي. پاڻي فقط هڪ وڏي ڊنڊ آهي. پرسان ئي هڪ عدد باغيچو آهي." پر سنڌ لاءِ به ته ساڳيا اکر اچاريا ويا هئا ته ساموندي ڪناري سان جبل، سفيد رنگ جو لٽ ۽ ڪاري گپ آهي. درياهي ماٽريءَ ۾ خشڪ جابلو سلسلو موجود آهي. ڇهچ سائي رنگ جا لوا ۽ ڪجيءَ جا وڻ آهن. آبهوا خشڪ آهي. هوا ۾ مٽي تمام گهڻي هوندي آهي. حمص جهڙي آبهوا جي هو ڳالهه ئي ڪري ڪونه تو سگهي. هنن ٻنهي ملڪن ۾ ڪيتريون ڳالهيون ساڳيون آهن. ٻنهي جو سمنڊ نيري رنگ جو ۽ ڪناري سان سونهري رنگ جي پٽي نظر ايندي. هن سمنڊ ۾ منهوڙو آهي ته مصر واري سمنڊ وري ۾ Ra'asel_Tin آهي. ساموندي پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ به ٻنهي ۾ هڪجهڙائي موجود آهي. ٻنهيءَ جي بندرن وٽ دريائي ڇوڙ موجود آهن. ٻنهي وهڪرن وسيلي سمنڊ ۾ تمام گهڻو لٽ اچي پوندي آهي. اهڙي لٽ کي بندر ڏانهن اچڻ کان روڪڻ لاءِ هوائون به بندر واري پاسي کان ڇوڙ واري طرف ڏانهن گهلنديون آهن.(1)

سائين جان بل، اسان هاڻي ان تاريخي جاءِ وٽ بيٺا آهيون جتي ڪڏهن پهريائين انگريز فوج لباڙي سنڌين ۽ ٻتاڪي پروچن جي سامهون پنهنجي هٿيارن جو مظاهرو ڪيو هو ۽ ڪين ٻڌايو ته "جڏهن انگريز ٻبر شينهن گوشت کائڻ چاهيندو آهي ته اهو ڇا نه ڪري سگهندو آهي."

سر جان ڪين (Sir John Keane) انهيءَ زماني ۾ ڪراچيءَ کي فتح ڪرڻ جي مقصد سان اڳتي وڌي رهيو هو جنهن کي بعد ۾ برطانيہ سرڪار لارڊ جو خطاب عطا ڪيو هو. هن پنهنجي زندگي جا 45 سال دنيا جي چئن ئي ڪنڊن ۾ نمايان فوجي خدمتون ادا ڪندي گذاريا هئا. ٻڌايو وڃي ٿو ته هن جنرل سان نهايت بهادر فوج پيش قدمي ڪري رهي هئي. اهو به چيو وڃي ٿو ته سنڌ جي حڪمرانن ساڻس جنگ ڪري سٺو سلوڪ ڪونه ڪيو هو. اهي اهڙا بي مروت هئا جو هنن ڪيس هي سڪيو ستابو شهر لٽي ڦري پينگ ڪرڻ جو سونهري موقعو ڪونه ڏنو هو. هن فوجي جنرل سان ٽالپرن اهو ڏاڍ به ڪيو هو جو هن سان دوستيءَ جو هٿ ڪونه وڌايو هئائون، نه وري ڪنهن ڏر کي ڦرڻ لاءِ سندس ٻانهن ٻيلي ٿيا هئا. هن کو ٻيو چارو نه ڏسي ممبئي مان فوج گهرائي هتي رهائي هئي.

فقط هن نيڪ مقصد سان تہ جيئن هتان جي خشڪ مزاج ۽ بي مروت حڪمرانن کي حليم ۽ بااخلاق بڻائي سگهي. فوج جي اڳتي وڌڻ لاءِ ڪراچيءَ کي اهم مرڪز بڻايو ويو هو. اهڙي فوج H.M.S Wellesley 74 تي سوار ڪري رواني ڪئي وئي جنهن جي ڪمان ايڊمرل مئٽلئنڊ (Mait_Land) جي حوالي هئي. ايچ. ايم. ايس ويلزلي سان گڏ تجارتي آمدرفت سان لاڳاپيل حنا (Hannah) نالي جهاز ۾ هر مئجسٽي- 40 ريجمينٽ ۽ ڪارن فوجين جي هڪ ڪمپني بہ هئي جنهن سان توبخانو بہ روانو ڪيو ويو هو. هن فوجي جهازن 5 فيبروري 1839ع تي منهوڙي سامهون اچي لنگر هنيا هئا. قلعي اندر رهندڙ فوج کي آڻ مڃڻ ۽ قلعو سندن حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو هئائون.

قلعي جي ڪمانڊر جواب ۾ وراڻيو هو تہ "مان بروچ آهيان ۽ مرڻ کان اڳي قلعو دسمن حوالي ڪونہ ڪندس." قلعي جي مهندار بہ ٽي سنڌي فوجي هي پيغام ڏئي ائڊمرل ۽ برگيڊيئر ڏانهن روانا ڪيا هئا تہ منهوڙو جبرالٽر آهي ۽ بروچ جنگ جا جن آهن. ائڊمرل ۽ برگيڊيئر جواب ۾ چيو هو تہ اسان بہ جنگي جوڌا ۽ ڪلي جا ڪوڏيا آهيون اسان کي گدڙ پيڪي ڏئي ڊيڄاري ۽ هيسائي ڪونہ ٿو سگهي.

جڏهن امن آشتيءَ واريون حالتون نہ رهيون ۽ جنگ اٽر ٿي وئي تہ ائڊمرل ۽ برگيڊيئر فوج ۽ توبخاني کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڪيو. اهڙيءَ ريت ريجمينٽ جيڪا ريڪن تي موجود هئي، ڪاروائيءَ لاءِ اڳتي رواني ٿي. چيو وڃي ٿو تہ جڏهن انگريزي فوج تياريون مڪمل ڪري ورتيون تہ ڪمانڊرن انگريزي روايتن مطابق اخلاقي مظاهرو ڪندي ڪين نماڻائيءَ سان گذارش ڪئي هئي تہ هو اچي پيش پون ۽ قلعو انگريزن جي حوالي ڪن. انگريز ڪمانڊرن کي قلعي جي مهندار وٽان هي مختصر جواب مليو هو تہ قلعو فقط هٿيارن جي سگهہ سان فتح ڪري سگهجي ٿو پر حوالي ڪري نٿو سگهجي. اهڙي جواب ٻڌڻ کان پوءِ "ويلزلي" کي منهوڙي قلعي ڊيگهہ واري پاسي کان بيهاري متس گولاباري جو حڪم ڪيو ويو جيڪا وڏ ڦڙي جي وسڪاري جيان ڏاڍي تيز هئي. اهڙيءَ جنگي ڪاروائيءَ ۾ قلعي جو ڏاڪٽيون پاسو ڍهي اچي پٽ پيو جيڪو گاري ۽ پٿرن سان جڏو سڏو اوساريل هو. انگريزن کي ڄاڻ ڏني وئي هئي تہ قلعي جي انهي ڊنل حصي مان فوج سولائيءَ سان داخل ٿي سگهي ٿي. کين فتح جو پورو يقين هو. هو هيسيل ۽ ويڳاڻا ڪونہ هئا. هو بيباڪ بهادر جوانن جيان اڳتي وڌيا. سندن

دلي تمنا اها هئي تہ جيڪر ڪين جهونجهارڪو موت نصيب ٿئي ۽ دشمن سان مهاڏو اٽڪائي جنگي ميدان تي سورهين جيان ساهہ ڏين.

ڪلنگيدر ۽ ڪوپا فوجي عملدار ۽ ٻيا فوجي سر ترين تي رکي ڳاٽ اوچا ڪري اڳتي وڌندا رهيا.

هنن عملدارن کي پنهنجي ذميوارين جو پرپور احساس هو. اهي ان احساس جي پڙڪندڙ باهہ ۾ ڪامي پچري رهيا هئا. بلڪل ائين جهڙيءَ ريت ٽرافلگر (Trafalgar) جي جنگي محاذ سان اسان جي سامونڊي فوج جا احساس پڙڪي رهيا هئا. هن بهادر فوج ٽڪريءَ جي وٽ ۾ چانوري ۾ ويهي ٿورو ساهہ پٽيو. پوءِ ان ايڪيري پاسي کان جوانمرديءَ ۽ بلند حوصلي سان مٿي چڙهڻ شروع ڪيو. ڪين اها پوري پڪ هئي تہ ٽڪريءَ جي ٻئي پاسي کان موت سندن اوسيئڙي ۾ وات ڦاڙيو وينو آهي. پر پوءِ بہ هو سرن جو سانگو لاهي هڪ ٻئي پٺيان تيز رفتاريءَ سان هيٺ لهندا رهيا. آڏو سندن سينن کي اڏ ڪرڻ واسطي رت پياڪ سنگينون تيار هيون. پر هو نہ هٽيا نہ مٽيا ۽ ڪڳمار جوانن جيان بروچ فوجين جي جسمن کي ڳترا ڪندا قلعي جي پوري وچ تي پهچي ويا. دنيا جي اها ڪهڙي طاقت آهي جيڪا اهڙن مٿير مڙسن سان مهاڏي اٽڪائڻ جي جرئت ڪري سگهي. هتي تہ رڳو قلعي اندر رهندڙ فوج هئي جيڪا هڪ جهونڙي مرد ۽ هڪ عورت ۽ هڪ ننڍڙي ٻار تي مشتمل هڪ طاقتور ريجمينٽ هئي جن کي شڪست ڏيڻ اڪ مان ماکي لاهڻ ڪانہ هئي.

اها طاقتور بلوچ ريجمينٽ انگريز فوج آڏو ڪا اڪيلي پيش ڪونہ پئي هئي. پر ان جي پيش پوڻ سان ڪراچيءَ جو سارو شهر پيش پيو هو. ان سان گڏ اوسي پاسي واري علائقي بہ اڇي انگريزن آڏو گوڏا کوڙيا هئا.

اهڙيءَ ريت هندستان جي گورنر جنرل ڪراچي جي بندر کي هندستان جي انگريز حڪومت سان شامل ڪري ڇڏيو هو. ان وقت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو هئائين تہ ڪراچيءَ جي فتح واسطي جيڪي تڪڙا ۽ اثرائتا قدم کنيا ويا آهن تنهن لاءِ مان نهايت شڪر گذار آهيان. اهي قدم وڏي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ کنيا ويا آهن تنهن ڪري فتح جي اڳواٽ ئي پڪ هئي. بالا اختياريءَ وارن بہ مهرباني ۽ نوازش فرمائي هنن انگريز عملدارن کي ڪراچيءَ جي فتح ڪري تمام گهڻي ساراهيو آهي سو بہ اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. فوجي ڪارروائيءَ کان اڳ ۽ پوءِ خشڪي ۽ سامونڊي فوج جي ڪمانڊرن ۽ جوانن سهپ ۽ رواداريءَ جو بهترين مظاهرو ڪيو آهي. پنهنجي تحرير جي آخر ۾ اعلان ڪيو آهي تہ

تالپر حڪمرانن جي سهپ ۽ رواداري جي هام انگريز عملدارن جي سخا ۽ وسعت دليءَ جو آڏو ڪجهہ بہ ناهي.

مسٽر جان بل! مٿي بيان ڪيل ڳالهيون "اندر ڪارو ڪانءُ باهر بولي هنج جي" جهڙيون آهن. يعني "اڇي پڳ مَ پس اندر مڙئي اگڙيون". سو مسٽر جان بل، پنهنجو هڪ ڪن کولي ٻئي ڪن ۾ اشهد آڱر وجهي هي ڳالهہ ٻڌي ڇڏ. ائين ڪرڻ سان اوهان کي منهنجي ڳالهہ هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي ڇڏڻ جي سهوليت ڪانہ ملندي. سو هاڻي ڌيان ڏئي ٻڌو "The Compassion of the Army of the Indus in Sindh and Kaboul" نالي هڪ ڪتاب آهي. جنهن ۾ هيءَ حقيقت وضاحت سان لکيل آهي تہ سنڌ جي جنهن بلوچ فوج کي انگريزي توپخاني جي بهادر ۽ بيباڪ جوانن پنهنجي سرن تان سانگو لاهي جهونجهارڪي جهيڙي کان پوءِ مس وڃي فتح ڪيو هو سا طاقتور بلوچ ريجمينٽ يڪن سارن ويهن ماڻهن تي مشتمل هئي. هڪ ٻي ويساهہ جوڳي تصنيف ٻڌائي ٿي اها بلوچ ريجمينٽ ڇئن پنجن ماڻهن جي وڏي تعداد تي مشتمل هئي.

ٻي اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ قلعي ۾ رهندڙ فوج ساموندي تجارتي ٻيڙن کي ڏسي توب ڇوڙي ڪراچيءَ جي واپارين کي اهڙن تجارتي جهازن جي پهچڻ جو اطلاع ڏنو هو جنهن کي "Signal gun fire" سڏيو ويندو آهي. جاچ پڙتال کان پوءِ پتو پيو تہ قلعي اندر جنگ سان لاڳاپيل ڪي توب جا گولا موجود ئي ڪونہ هئا. والله اعلم۔ يعني الله تعاليٰ ئي سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. مسلمان بزرگن کي جڏهن ڪنهن مشڪوڪ ڳالهہ بيان ڪرڻ جو ڇيو ويندو آهي تہ اهڙي ڳالهہ ختم ڪرڻ کان پوءِ چوندا آهن شل ڪوڙ جو گناهہ ڪوڙي ماڻهوءَ جي ڪنڌ ۾ پوي.

قلم تازو: هي مسودو پريس ۾ وڃڻ وارو هو منهنجي دوست ائنڊريو ولسن گرنار ۽ ان جي پرپاسي واري علائقن کي پنهنجي تصنيف بلئڪ ووڊ Black wood ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي (نومبر 1876ع) پر اتي پٿر جا اهڙا بت موجود آهن جيڪي جسمن تي پگهر جا ڦڙا ڏسبا آهن ۽ اتان جي انهن جابلو چوٽين تي ڪي جن ڀوت رهندا آهن جن تي چڙهي ماڻهو آپگهات ڪندا آهن.

حوالو:

(1) "ڪراچي هاربر ورڪس" ص-1. "هاربر امپرووومينٽ ورڪس" جي سپيرنٽنڊنٽ، ڊبليو.ايڇ. پرائيس، ايم.انسٽ، سي.اي جون مرتب ڪيل يادگيريون.

باب ٻيو

# اسان ڪراچي کي انهيءَ مقصد سان سينگاري ۽ سنواري رهيا آهيون تہ جيئن هن ڏکويل ماٺريءَ جو ڀڙيون منظر پيش ڪري سگهجي.

## سنڌ جو قديم ۽ جديد شهر

”مان، نہ، بلڪل نہ.“

”سائين مان چوان ٿو تہ نہ... بلڪل نہ.“

هن دنيا جي تختي تي اهڙو ٻيو ٻار ۽ عورت آهي ئي ڪانہ جنهن هن ڏکويل ماٺري يا نئينءَ مصر کي ڀڙيون پيرو ڏنو هجي ۽ اڇرج ڪان سنڌس وات ٽپڻو نہ ٿيو هجي.

اوهہ! ماڻهن جي واڻين ۽ وسنڌين ڪان اوجهڙ ڪنارو، ڇڏي پاٻي وڻ ٻوٽي سان ساموندي ڪناري واري سوڙهي ۽ هيناهين پٽي! جڻ اسڪاٽلينڊ جي ماڻهو جي منهن تي ڪُتل ميچون. برپٽ بيابان علائقو ڪنهن اوپڙ ۾ ساوڪ ڪان سواءِ جڻ گنجي جو مٿو. چوڌاري سُج پئي تي واڪا ڪري. گرمي مٿو چوٽ، جڻ سج لهي اچي نيزي پاند تي بيٺو آهي ۽ ڌرتي تپي ٽامو ٿي وئي آهي. زمين جو مٿاڇرو ڪٿي ميرانجهڙو اڇو ڪٿي ميرانجهڙو ڦڪو ۽ ڪٿي وري ميرانجهڙو پورو. ماڻهو جڻ گند جي گنديءَ (dust_bin) ۾ تُنور پيو ٿو پچري ڪامي.

نهايت سخت۔ اوهان کي اسڪندريہ پرسان ”رملہ“ جو ماڳ ڏسي ينواٽي ڪانہ آئي هوندي نہ وري پنهنجي هيانءَ ڪچي ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو هوندوَ. جيڪڏهن ڪراچي کي مٿان بيهي ڏسبو تہ هي شهر هرويرو ايڏو ڪو ويَلُ بہ ڪونهي. هتي يا ڪن ٻين هنڌن تي اهڙا من

موهينڊڙ ڏيک آهن جو ڏسي اوهان جو هيانءُ ٺري پوندو ۽ روح بہ ريجهي ويندو. مثال طور اولهہ پاسي ڪوهستان يا پب جبل جو هڪ سلسلو موجود آهي جنهن ۾ ڪي ننڍيون ٽڪريون موجود آهن. معلوم ٿيندو تہ اهي پڳل ٽتل آهن. يا وري بلوچستان جي ڪنڌيءَ سان بہ اهڙا ڪيترا جبل آهن جتي اوهان کي وڻ ٻوٽو يا ٻي اويڙ تہ ڏسڻ ۾ ئي ڪانہ ايندي. پر پوءِ بہ اوهان کي اهو نظارو اهڙو خوبصورت ڏسڻ ۾ ايندو جيئن چقمق تي لوهہ جا ذرا چنبڙيا پيا آهن. ڪراچيءَ ۾ تہ ٺي. بي سينيٽوريم بہ ڪونهي. اهڙي خوبصورت نظاري لاءِ اکيون تہ سدائين اُڪنڊيون آهن. پر جيستائين منهنجو تعلق آهي تہ مون اهڙن خوبصورت نظارن ڏانهن اک وڏائي بہ ڪونہ ڏنو آهي. چاڪاڻ تہ هتي اچي معلوم ائين ٿيندو آهي تہ ڪراچي پاڻ بہ سهڻن منظرن لاءِ قلات ڏانهن پئي نهاريندي آهي. ڪنهن زماني ۾ کيرٿر جي ڏاکڻين حصي کي هالار جبل(1) سڏيو ويندو هو جيڪو اڳتي ڏکڻ طرف هلي راس مونزي (Cape Monzy) تائين اچي دنگ ڪندو آهي. هتي هڪ ٻي جابلو چاڙهہ موجود آهي. مٿس ڪوبہ نالو موجود ناهي. ان کي جيڪڏهن هن جابلو سلسلي پير منگيار (Mir Mang yar) جو نالو ڏجي تہ غلط ڪونہ ٿيندو. صبح جو سوير جڏهن سوريہ ديوتا يا سورج ديوتا (Sun God) ڪات ڪهاڙا کڻي مينهن وسائڻ واري ديوتا ميگهہ راجا (Megha Rajah) جي هٽ کڻي ڪڍ پوندو آهي تہ انهيءَ سمي اوهان کي مختلف قسمن جا ڪيئي منظر ڏسڻ ۾ ايندا. اوهان کي ائين نظر ايندو تہ اوهان ڪان فقط بہ ٽي گز وٿيءَ تي جُهڙ جي چانو آهي جنهن ڪري پيا ڪيترا خوبصورت نظارا جڙي پيا آهن. مٿي ذڪر ڪيل جابلو سلسلا هڪ ٻئي سان پورہ- وچوٽ تي آهن. هنن ٻنهي سلسلن جي جبلن جو رنگ نيرو پورو نيرو ۽ آلو بخارا جهڙو ڏسبو آهي تہ ڪي وري بنفشي نيرا ۽ فيروزي نيرا بہ ڏسڻ ۾ ايندا. هتي اوهان کي گلابي رنگ جون ٽڪريون بہ نظر ايندريون. معلوم ائين پيو ٿيندو ڄڻ هنن کي گلابي رنگ جي پاڻيءَ سان وهنجاريو ويو آهي ۽ منجهن نئين زندگي اچي وئي آهي. سج بہ ٻاهہ جي اُلن ۽ اماڙين جهڙا گرم ڪِرٽا انهن رنگين ٽڪرين تي اوڳاڇڻ شروع ڪندو آهي. ان وقت آسمان ائين لڳندو آهي ڄڻ ڏاڍو صاف ۽ شفاف ۽ هوا جهڙو هلڪڙو ٿي ويو آهي ۽ ان جو تنبوءَ جهڙو مٿيون پاسو سج جي تاءَ کان رجڻ شروع ٿي ويو آهي. اتان جيڪڏهن اوير پاسي نظر ڪبي تہ سنڌوءَ جي ماٿري نظر ايندي جيڪا نيڻ نهار تائين لڳاتار سائي ڏسبي

آهي. وچ تي موجود هئڻ ڪري ان جو رنگ چمڪندڙ نيرو نظر ايندو. سياري جي رت ۾ تہ اوهان کي سنڌ جا مختلف خوبصورت نظارا ڏسڻ ۾ ايندا. يعني هڪ طرف اوهان کي بريٽ بيان نظر ايندا تہ ٻئي پاسي ساوڪ سان ڀريل وشال پٽَ جنهن جي پرسان اوسيرس(Osiris) جو دشمن ۽ سر وڃائيندڙ ياءُ ۽ جبل جو ديوتا ٽائيفون (Typhon) وينو آهي.

هن قسم جا خوبصورت منظر هتان جي وايومنڊل سان تعلق رکن ٿا. ٽاڪ منجهند جو اُس ۽ ڌرتيءَ ۾ هي سيئي رنگينيون ۽ رونقون الائي ڪيڏانهن هليون وينديون آهن ۽ فقط هڪ سفيد رنگ وڃي بچندو آهي. اکيون ڪٽي ڪونہ سگهيون ۽ ترورا پيون ڇڏينديون. هن لاءِ مشرق قريب جي ويڪرائي ڏانهن ڏسڻو پوندو. چوندا آهن تہ ڪنهن زماني ۾ شام جو ملڪ اهڙو سڪيو ستابو هو جو منجهس کير ۽ ماکيءَ جون نديون پيون وهنديون هيون. اها گهڻي آڳاٽي ڳالهہ آهي. اسان اتلي ڪان ڏڪڻ فرانس جي تعمير ان قديم دؤر کان گهٽو پوءِ ڪئي آهي. جڏهن مان بيماريءَ جي موڪل تي ڳوٺ وڃي رهيو هئس تہ ايليزا (Eliza) نالي هڪ مضبوط جهاز تي سوار ٿي روانو ٿيو هئس جيڪو ساڳ وڻ جي مضبوط ڪاٺ مان ٺهيل هو ۽ مان خير سلامتيءَ سان اچي پلائمائوٿ (Plymouth) وٽ پهتو هئس. ان وقت تائين ان جهاز کي پورا ست سال سفر ڪندي گذري چڪا هئا ۽ خير سلامتيءَ سان آٺي منزل مقصود تي پهچايو هئائين. ان جهاز تي وچ ايشيا سان تعلق رکندڙ هڪ جهونڙو ماڻهو بہ ڏسڻ ۾ آيو جيڪو پنهنجي مالڪ جو هڪ وفادار نوڪر هو ۽ ان سان گڏ سوئر ڪائيندڙن جي ملڪ ۾ اچي پهتو هو.

سندس نالو الهداد هو. جڏهن هن شهر جو خوبصورت نظارو وٺن ۽ ساوڪ سان ڍڪيل ٽڪريون سامونڊي پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ بريڪ واٽر ۽ اتي وهڻ لاءِ بينچون ڏٺيون تہ سندس واتان بي اختيار الله _ الله جا لفظ نڪري ويا هئا ۽ چوڻ لڳو هو تہ "اوهان فرنگي الائي ڪهڙي قسم جي عجيب مخلوق آهيو جو اهڙي بهشت جهڙي ملڪ مان نڪري جهنم جهڙين راڄڌانين ۾ اچي نڪرندا آهيو. مان سمجهان ٿو اوهان کي ڪير بہ هتڪڙيون هٽي ماري ڪُتي اوڏانهن وني ڪونہ ويندو آهي."

ڪراچي بندر جي ترقيءَ سان تمام گهڻي تبديلي اچي چڪي آهي. اهو سڀ ڪجهہ جيڪو اوهان ڏسي رهيا آهيو سو بندر جي سپرنٽينڊينٽ ڊبليو. ايچ. پرائيس W.H. Price جي پگهر ۽ پورهئي جي پاڇي آهي.

پنجويهہ سال اڳ ائين ڪونہ هو جيئن هينئر اوهان کي نظر اچي رهيو آهي. تنهن سمي بندر آڏو نظر ايندڙ پٽ جي ڪناري سان جهاز اچي بيهندا هئا ۽ هيءُ نالي ۾ بندر هوندو هو. آيل جهازن کي ڇڪي بندر وٽ آڻڻ لاءِ هڪ آگبوٽ هوندو هو جيڪو فقط هن ڪم لاءِ بندر تي بيٺو هوندو هو. جيستائين اهو آگبوٽ ٻاهر بيٺل جهازن کي وٺي اچڻ لاءِ اوڏانهن نہ ويندو هو تيستائين اهي جهاز اتي بيٺا هوندا هئا ۽ پاڻهرتو بندر ڏانهن اچي ڪونہ سگهندا هئا ۽ پٽ وٽ آگبوٽ جي اوسيئڙي ۾ بيٺا هوندا هئا. هن علائقي ۾ سامونڊي ويرون بہ ڏاڍو چڙهنديون آهن ۽ وڏي زور سان اچي بندر سان ٽڪرائبيون آهن. چوڏاري نيڻ نهار تائين رڳو جَهڳ جهڳ ئي جهڳ پئي ڏسبي آهي. توهان ڏسندا تہ سوڙهيءَ پٽيءَ جهڙي هڪ ٽڪري بہ سمنڊ اندر موجود آهي جنهن سان سامونڊي ويرون ۽ لهرون پيون زور سان ٽڪرائبيون آهن. ان ناتي هي بندر ڪليل ۽ خطرناڪ آهي. هي ٽڪري بہ ائين خطرناڪ آهي جيئن 1800ع تائين اسڪندريہ جي بندر لاءِ ايونوسٽس (Eunostus) واري ٽڪري هوندي هئي. پر هيءَ ٽڪري ايونوسٽس جي مقابلي ۾ اڃا بہ وڌيڪ خطرناڪ هئي. جهاز جڏهن اتي پهچندا هئا تہ خطرناڪ ويرن ۽ لهرن ڪري پائليٽ جي هٿ وس کان ٻاهر ٿي ويندا هئا. ويرون انهن کي اڳتي وڌڻ ڪونہ ڏينديون هيون ۽ هيڏانهن هوڏانهن پيون ڌڪينديون هيون. ان سمي ڊيڪ تي بيٺل مسافر هڪ ڇيڙي کان سرڪندو وڃي ٻئي ڇيڙي تي پهچندو هو. ان وقت پاڻي بہ ايترو مٿي چڙهي ايندو هو جو هٿ سان ڇهي سگهبو هو. هيٺ لهڻ مهل اسان هن قسم جي رڙين ٻڌڻ لاءِ هڪ ڪنا تي وينا هوندا هئاسين:

رامجي نائڪ ٻڏي ويو صاب (صاحب).

جهازن کي اندر ڇڪي آڻڻ ۽ بندرن کان ڇڪي کلئي سمنڊ تائين پهچائڻ جو ڪم ٿلهي ميجر جي نظرداريءَ ۾ ٿيندو هو جنهن سان گڏ سندس زال بہ هوندي هئي جيڪا وري هن کان بہ وڌيڪ ٿلهي متاري هوندي هئي. هنن زال مڙسن سان گڏ هڪ آيا بہ هوندي هئي جيڪا رنگ جي ڪٽ ڪاري ۽ ٿولهہ ۾ هن ٿلهيءَ ڊنبيءَ جوڙيءَ کان چار رتيون ڪسر هئي. آگبوٽ جڏهن هن مچريل ۽ ڇتي سمنڊ واري حصي مان گذرندو هو تہ هوءَ ٿلهيءَ متاري ۽ ڪٽ ڪاري مائي ڏاڪڻ ۾ ڇنبڙي پوندي هئي. ان کان سواءِ لڙڪندڙ واڊين ۾ بہ سندس ٻڪ پيل هوندو هو. سندس ڇنگهون لامارا ڪائينديون وڃي بريڪ- واٽر جي پٽ سان

لڳنديون هيون. ويرن جو پاڻي ڦوهارن جي شڪل ۾ مٿي پيو اُڇلون کائيندو هو. اهڙيءَ ريت ان مائيءَ جا سارا ڪپڙا سامونڊيءَ پاڻيءَ ۾ پُچي پَٽُ تي پوندا هئا ۽ لوڏن لامارن کائڻ کان پوءِ ڏو وچي آگبوٽ جي وچ واري حصي ۾ ڪندي هئي. جتي امڪاني خطري کي مُنهن ڏيڻ لاءِ هڪ بتيلو رکيل هوندو هو. هن پيري بہ هي ويچاريءَ آگبوٽ جا لوڏا لما کائي زيڙاڪ ڪندي وچي آگبوٽ جي وچ واري حصي ۾ ڪِري هئي جتي بتيلو رکيو ويو هو. اتان اتي ٽڙندي ٽاٻڙندي سيڙهہ جانور جيان ڦرندي گهرندي وچي پرسان سٽيل ڪانين ۽ رکيل صندوقن ۾ وچي ڦاٿي. سندس مٿي تان برقعو بہ لهي ويو. هن جهٽ هٽي اهو برقعو مٿي ۾ پاتو. ان وقت هي ويچاري عورت ٻيڙياتن کي نپُ حرامي هئڻ جا سرٽيفڪيٽ ڏئي سندن ننڍين وڏين ۽ مُئن جيئرن مان لنگهي وچي پار پئي. ڪي ٻيڙياتا ڪناري سان پنهنجون ٻيڙيون جهلي بيٺا هوندا آهن ۽ بيهي بيهي ڪڪ تي پنهنجو ٻيڙو ڪيڏي وجڻ لاءِ گهاٽ پيا گهڙيندا آهن تہ اتي بيٺل پهريدار سيٽي وڄائي اهڙي نموني سان گولي ڇوڙيندا آهن جو ٻيڙياتن جي ڪنن وٽان زوزاٽ ڪندي اڳتي نڪري ويندي آهي ۽ اهي ڊپ کان پڇي وجڻ کان هٽ ٿي ڪٽي ويندا آهن. ان جاءِ تي ڪي لانڙيا بہ بيٺا هوندا آهن جن کي هٿن ۾ سوٽيون هونديون آهن. هنن ماڻهن کي هر ٻوڙ جو ڪُنو ـ(Pepper Pat) سڏيو ويندو آهي. پر مان ڪين سبـ ليفٽيننٽ ڪوٺيندو آهيان. جڏهن ٻيڙياتا ڪسڪي وجڻ جي تاڙ ۾ هوندا آهن تہ سندن هٿن تي سوٽين جا سٽڪا ڪيڏي پڇي نڪرڻ واري هوا ڪيڏي ڇڏيندا آهن. اڇا پورا ماڻهو جيڪي وجهہ وٺي جهازن تي چڙهي ايندا آهن، سي بہ هنن ماڻهن جون ڳاڙهيون اکيون ڏسي ٽپ پکيءَ جيان پاڻيءَ ۾ ٽپيون هٽي ڪناري ڏانهن پڄڻ جي ڪندا آهن. سندن پورا نائيٽـ گائون ۽ انهن ۾ ٽاڪيل گولبل جا مٿيان حصا سج تي پيا چمڪندا آهن.

هتي جا بتيلا بہ عجيب و غريب قسم جي ساخت جا هوندا آهن. سندن هاڪارڻ بہ اچرج جهڙو ٿيندو آهي. لهرين تي پيو لمڪندو ۽ لوڏا کائيندوآهي. هن جو اڌ تہ سمنڊ جي گج واري پاڻيءَ ۾ ٻڏل رهندو آهي. هلندو تہ ڇُلندو ۽ جهولندو هلندو. پر پنهنجي ڪَنين اهو ڪونہ ٻڌوسون ڪڏهن ڪو بتيلو لهرين جي لپيٽ ۾ اچي اونڌو ٿي ٻار ۾ ٻڏي ويو. مسٽر جان بل، اسان ان ڏينهن وينا تہ ڪٽي جهاز جي ڊيڪ (عرشي) تي هئاسون. سمنڊ چِتو لڳو پيو هو (سمنڊ جي لهرين ۽ ڇولين جهاز سان اچائي ڏنو

هو). ڪڏهن ائين سمجهي رهيا هئاسون ته چوٽ جبل تي ويٺا آهيون. ڪڏهن وري ائين معلوم ٿي رهيو هو ته ڪنهن هيٺاهين ڊوريءَ ۾ ويٺا آهيون. سيني جو ساهه مُٺ ۾ هجي. هر مسافر سمجهي رهيو هو جي اڄ بچياسون ته ڄڻ نئون جنم ورتوسون. پٽ اُڪرڻ کان پوءِ مس وڃي هيانءُ سامت ۾ آيو. خدا جا لک شڪر ادا ڪياسون جو اچي سانتيڪي سمنڊ ۾ پهتا هئاسون. ٿورو وقت اڳ ته ائين پاسجي رهيو هو ڄڻ لهرين ۽ ڇولين جي مٿي اڏامندڙ پاڻيءَ جي وسڪاري وچان گذري رهيا آهيون(2) ۽ پاڻيءَ جو ديوتا منهوڙي جي قلعي پرسان وارين ٽڪرين ۽ تراين ۾ اسان کي ڪيڏانهن گهلي وٺي وڃي رهيو آهي اڳيان مصيبتون اچا اوسيئڙي ۾ ويٺيون هيون. چڙهيل وير لهي رهي هئي پر سمنڊ ۾ اچا سانت ڪانه آئي هئي. بندر جي حدن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اچا به هاڪارٽو هو. اسان کي ٻتيلي مان لاهي "ماڇو" ۾ وهاريو ويو جيڪو ٻتيلي کان ڪجهه ننڍو هو. سنڌن ساخت اهڙي طريقي جي هئي جو منجهس آرام ڪرڻ لاءِ ڪا به جاءِ موجود ڪانه هئي. هن اٽانگي ساموندي سفر ۾ اهي "ماڇا" به وڏي وٿ هئا. هنن "ماڇن" ۾ صفائي ڪرڻ جو رواج ڪونه آهي انهن مان گندي ۽ ٻچان جهڙي هوا اپڙڪا کائي اٿي رهي هئي. اسان هي ساموندي سفر اهڙي نموني سان ڪري رهيا هئاسون ڄڻ ڪنهن شڪاري پکيءَ کي ڏسي ڪينو پکين ۾ "اڊائي" پئجي وئي هجي. هن قسم جا پکي ڪناري تي موجود سنهيون پٽريون ۽ ڪالو مڇي (Osyster) کائيندا آهن تنهنڪري هتي جام هوندا آهن. هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن چارلس نيپيئر ڪلئي ۽ اونهي پاڻيءَ کان بندر تائين اچڻ واسطي رهنمائيءَ لاءِ پٿر جا دڪا (ٿلهه) ڪونه ٺهرايا هئا. تنهنڪري اسان کي پنهنجو مُنهن مٿو ڪرڻو هو. سو جڏهن سمنڊ جو پاڻي ٽانگهو تي ويو ته "ماڇا" اڳتي هلي ڪونه سگهيا. پوءِ اسان جانٺن سنڌين جي پٺاڙن تي چڙهي ويهي رهياسون. جن پنهنجون گوڏيون اسان جي ڪلهن تي رکيون هيون. اهڙيءَ ريت اسان سنڌن ڊِڊين تي چڙهي ميل سوا پاڻي جهاڳي خيرن سان اچي ڪناري پيڙا ٿياسون. پاڻي فقط به فوٽ کن اونهو هو ۽ ترو ڪوڏن سنڪن سان ڇانيل هو. ان کان سواءِ پاڻيءَ جا ٻوٽا ۽ وليون به چوڏس ڇانيون ۽ وکريون پيون هيون ۽ ماڻهن کي وچڙائي ڪيرائڻ ۾ پنهنجو منصبي فرض نهايت نمڪ حلاليءَ سان ادا ڪري رهيون هيون.

تن ڏينهين ڪراچي بندر تي اهڙيون سهوليتون ۽ خاصيتون ڪونہ هيون. تنهنڪري هن کي بندر چوڻ ئي مناسب ڪونہ ٿي لڳو. رستا بہ اهڙا پير چارا هوندا هئا جو مٿن هلندي ڏپ پيو ٿيندو هو. شهر ڏانهن وڃڻ واري ڪاري تانگهي هوندي هئي جنهن کي هاٽي "نيو چئنل" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. مذڪوره چئنل منجهان فقط هلڪا ۽ تراڪڙي تري وارا جهاز هلي سگهندا هئا يا وري ڏيهي ساخت جون ٻيڙيون هاڪاري سگهبيون هيون. هن چئنل يا ڪاريءَ جي تري ۾ گپ تمام گهٽي هوندي هئي ۽ پاٽيءَ ۾ لڪل پٿون بہ هيون. تنهن ڪري وزني جهاز گهٽو اڳتي وڃي ڪونہ سگهندا هئا ۽ وچ تي ئي لنگر هٽي بيهي رهندا هئا. توهان پاڻ ڏنو هو تہ مسقط کان آيل ويهہ ٽيهہ غوراب وچ تي لنگر هٽي بيٺا هئا. اهڙيءَ ريت ايراني نار کان بگلا (Baghlah)، ڪڇ کان آيل ڪوتيہ (Kotiyah) ۽ ڪونڪن (Konkan) ۽ ممبئيءَ کان پٽيمار (Pattimar) ۽ بتيلا (Batelah) بہ اڳتي وڃي ڪونہ سگهبا آهن ۽ اتي لنگر هٽي تجارتي سامان لاهي چاڙهي رهيا آهن. هتان وارو سامونڊي ڪنارو ويندي مڪران ۽ ماهي- خاران تائين، بلڪل هڪجهڙو آهي جنهن ۾ قدرتي بندر هجڻ ممڪن ڪونهي. ڪراچيءَ وارو سامونڊي ڪنارو توڙي جو خراب آهي پر ان سان گڏ تمام سنو بہ آهي. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ اوسي پاسي جي ٻين بندرن کان گهٽو اڳتي نڪري ويو آهي.

ڪراچيءَ جي موجوده ترقيءَ ۾ انگريزن ڪنهن بہ قسم جو هٽ نہ ونڊايو آهي. هن ماڳ جي پنهنجي حيثيت اهم آهي جيڪا هن انگريزن کان ميجرائي ورتي آهي. هيءُ هندستان جي ٻين بندرن جي ڀيٽ ۾ يورپ کي وڌيڪ ويجهو آهي. جاگرافيائي اهميت جي ڪري ڪيس اهم مقام حاصل ٿي ويو آهي. هن کي پنهنجو فطري قدر ميسر آهي. تنهنڪري هي جلدي ترقي ڪري نہ رڳو هن ويران علائقي ۾ رونق ۽ رنگيني آڻي ڇڏيندو پر ڪلڪتي، مدراس ۽ ممبئي جي مشهور بندرن کان بہ گوءِ کٽي ويندو جيڪي هن بندر کان گهٽو اڳ پنهنجي ڏاڪ جمائي چڪا آهن. ممبئي بندر تہ ترقي ڪري هڪ پاسي کان گوا ۽ ٻئي پاسي کان سورت جي ماٿهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو آهي. ڪراچي لاءِ بہ ائين چئي سگهجي ٿو ڪراچيءَ وارن جو چوڻ آهي تہ هيءُ اولهہ هندستان جي سيني علائقن جو بندر آهي. اهو فقط تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن فرات ماتري (Euphrate Valley) واري ريلوي اچي سنڌ جي سامونڊي ڪناري سان هلندي. مسٽر جان بل، اهو ڪم اوهان جي توقع کان گهٽو اڳي مڪمل ٿي

سگهي ٿو. هن وقت مکيہ پانداري (Steward) فقط 5 سيڪڙو تي ضمانت ڏيڻ کان انڪار ڪري ويهي رهيو آهي. انگلنڊ ۾ خانگي شعبو ۽ انگريز سرڪار اهڙن ڪمن ڪرڻ ۾ پيش پيش آهن پر هتي هندستان اندر نہ خانگي شعبو آهي نہ وري حڪومت اڳتي اچڻ لاءِ تيار آهي. هن ريلوي کي اهميت ڏيڻ لاءِ ڪير بہ تيار ڪونہ آهي. هتي جو مکيہ پانداري جنهن کي بين لفظن ۾ اوهان خانسامان بہ سڏي سگهو ٿا. هن ڳالهہ تي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهيو آهي ۽ سمجهي رهيو آهي تہ هي رستو تجارتي نہ پر سياسي آهي. هن مقصد لاءِ هندستان يا مشرق کي وڏيڪ جهنجهوڙيو تہ سندس تارا کلي ويندا ۽ کيس اها ڳالهہ ڏاڍي سولائيءَ سان سمجهہ ۾ اچي ويندي تہ سندس مشرق واري ملڪيت جي ترقي واسطي فرات ماٿري ريلوي جي تعمير جي ضرورت آهي. اهو ڪم ايترو ضروري آهي جيترو جنگ دوران زوري فوجي ڀرتي يا جنگ وقت فوجي قانون جو ملڪ مٿان مڙهجڻ ضروري هوندو آهي.

بي ڳالهہ تہ سنڌ کي فتح ڪرڻ جي مقصد سان دل کولي خرچ ڪيو ويو هو. ڪراچيءَ ۾ ويهہ هزار فوج آٽي ويهاري وئي هئي. هن وقت هن ملڪ جي اُپت ايتري ٿوري آهي جو هتان جي ٿوري آدمشماريءَ لاءِ بہ پوري ڪانہ آهي. جيڪڏهن صورتحال ائين هئي تہ پوءِ ڪراچيءَ ۾ ايتري گهٽي فوج رهائڻ جي آخر ضرورت ڪهڙي هئي. جيڪڏهن هتي درآمدي ۽ برآمدي واپار وڌي بہ وڃي تہ بہ هتان جون اقتصادي حالتون تڪڙيون تبديل ٿي ڪونہ سگهنديون. تنهنڪري پڪو پهہ ڪيو ويو آهي تہ ڪراچيءَ جي نئين جوڙجڪ واسطي هن شهر کي هر قسم جي سهوليت مهيا ڪئي وڃي. هن مقصد لاءِ پهرين ڳالهہ اها سوچي وئي تہ هن شهر جي وچان پٿر جو پڪو رستو يا روڊ تيار ڪيو وڃي ۽ ان کي ڪاريءَ تائين پهچائجي. اهو ڏکيو تہ هو پر نهايت لازمي بہ هو. پهرئين مرحلي ۾ جيڪو پٿر وڌو ويو سو تہ پاڻيءَ ۾ ٻُڏي ويو ۽ ذرو بہ ظاهر ڪونہ ٿيو. جيڪڏهن اورچ تي لڳاتار ڪم ڪبو تہ ضرور ڪڏهن نہ ڪڏهن وڃي هٽي هنڌ ڪبو. چوندا آهن تہ جيڪڏهن زال جي عزت ۽ احترام ڪبو تہ ان جي دل بہ وري پوندي آهي. هاٽي نيپيئر مول روڊ (Nepear Mole Road) هڪ دمدمي (Cause way) جي شڪل ۾ اوهان جي آڏو آهي جيڪو بندر جي اوير پاسي کان هلي ڪياماڙي جي ٻيٽ کي هڪ سائي ۽ وسيع علائقي سان ملائي ڇڏي ٿو جنهن کي اسان ٽيرا فرما (terra firma) جي نالي سان سڏيندا آهيون. وچ پاڻيءَ مان پٽ کي ڪيڻ واسطي اينڊڙ خرچ جو ڪاٿو بہ لڳايو ويو هو.

مذڪوره پٽ سان ٽڪري بہ آهي. ڏکڻ- اولھ واري چوماسي جي واءُ وڏاندري گهَلندي آهي. تنهن ڪري اوسي پاسي جي واريءَ اچي ان ٽڪري پرسان گڏ ٿي آهي ۽ انهيءَ پٽ جي شڪل موجود آهي. ٻئي پاسي کان چيني ڪاريءَ جو پاڻي بہ واريءَ کي ساڄئي طرف ڌڪيندو رهندو آهي. اتر پاسي کان لياري نالي هڪ ندي آهي جيڪا پنهنجي پاڻيءَ سان گڏ واريءَ بہ آڻيندي آهي ۽ سمنڊ جي هن حصي ۾ ڇڏيندي آهي. عارضي فوجي مورچہ بنديءَ کان پوءِ قلعي جي تعمير جو ڪم بہ شروع ڪيو ويو هو. اهي ٻئي تياريون امڪاني جنگ کي مُنهن ڏيڻ واسطي ڪيون ويون هيون. اهڙيءَ ريت هن بندر جي ترقي ۽ تعمير جي شروعات عقابي نظر رکڻ واري جنرل نيپيئر جي فڪري دماغ ڪئي هئي. سندس دعويٰ آهي تہ ڪراچي بندر جو شانُ ۽ ترقي هن جي پگهر جي پورهيئ جي پاڇي آهي. اها حقيقت اٿين آهي جهڙيءَ ريت سڪندر اعظم مصر جي سڪندريہ بندر کي عظمت بخشي هئي. هي شهر ڊگهي عرصي تائين اولھ جي راڄڌاني بہ رهيو آهي. اوهان کي ان تبديليءَ ۽ ترقيءَ بابت ڳوڙهو اڀياس ڪرڻو پوندو. اهڙو اڀياس اسان کي منهوڙي واري ڦڪي رنگ جي بہ شاخيءَ ٽڪريءَ وٽا ڪرڻو پوندو. هيءَ ٽڪري سمنڊ جي مٿاڇري کان ٺوي فوٽ اوچي آهي. سندس اتر- اولھ کان ڏکڻ- اوير واري پاسي جي ڊيگھ هڪ ميل کن آهي جيڪا هوريان هوريان لهواري ٿيندي ڪناري پرسان موجود سامونڊي ڇَر ۾ گم ٿي وڃي ٿي. جڏهن وير چڙهندي آهي تہ ٽڪريءَ جو اهو هيٺاهون پاسو پاڻيءَ هيٺ اچي ويندو آهي. مٿس گاھ ٻوٽا جام ڏسبا آهن. قلعو بہ هن ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي اڏيل آهي جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، جنهن جي ديوارين تي هاڻي چوني جي پوچي ڦيري وئي آهي. مٿي چوٽيءَ تي هڪ گهر تعمير ڪيو ويو آهي. هن قلعي جي هڪ چبوتري کي نظرداريءَ لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو جنهن جي اوچائي 119 فوٽ آهي. ايتري اوچائي هئڻ ڪري هي چبوترو سترهن ميل پري کان نظر اچڻ کپي. پر ڇهن ميلن کان پوءِ ڌُنڌ ۾ ڍڪجي ويندو آهي. هن ٽڪريءَ کي ڏسي گوادر ۽ مسقط ياد اچي ويندو آهي.

هن ٽڪريءَ جي هيٺئين پاسي ڏکڻ- اوير ڏس تي بريڪ واٽر (break water) جي پٽ اَڏي وئي آهي جيڪا اٽڪل 500 گز ڊگهي آهي جيڪا ڪنڪريٽ جا وڏا بلاڪ رکي اوساري وئي آهي. مصر جي پورٽ سعد وٽ بہ بريڪ واٽر جي پٽ آهي جنهن جي تعمير جو نمونو بہ ساڳيو آهي. هتي جي بريڪ واٽر جا ڪنڪريٽ بلاڪ لفٽنگ انجڻ جي مدد سان رکيا ويا

آهن. هن پٽ جي اوساري ۾ ڪنهن ڪاريگريءَ جو ڪم نظر ڪونہ ايندو. مذڪوره پٽ سان گڏ روشنيءَ جو منارو بہ ناهيو ويو آهي جيڪو پري کان ائين ڏسبو آهي جڻ بيلهنگ تي ڪانءُ وينو آهي. هن جي تعمير جڏي سڏي آهي جڻ ونگار وهي سر تان بار هلڪو ڪيو ويو آهي. سڪندريہ ۽ پورٽ سعد ۾ بہ روشنيءَ جا اهڙا منارا ڏسڻ ۾ ايندا جن ۾ مصر- يورپ جو فن تعمير نظر ايندو آهي پر روشنيءَ جي هن مناري ۾ هند- سنڌ جي فن جي جهلڪ نظر ايندي اهي. ڳالهہ ڪيئن بہ هجي پر ڪَاريءَجي پاٽيءَ کان وٺي دمدمي جي تعمير هڪ وڏو ڪارنامو آهي. اوهان جو جيڪڏهن ان رستي سان هلڻ جو اتفاق ٿيو ۽ خبرداريءَ سان نہ هليا تہ ترڪندا ڪِسڪندا، ٿڙندا ٿابڙندا، وڏو وڃي سامونڊي پاٽيءَ ۾ ڪندا ۽ اهو پاٽي بہ پن- چڪي تلاءَ (mill_pond) جهڙو هوندو آهي. هاٽي ڏکڻ- اولهہ وارو چؤماسو هن رستي تي اثر انداز ڪونہ ٿيندو آهي. تنهن ڪري ان جاءِ تي واريءَ جي گڏ ٿيڻ جو امڪان بہ گهٽ ٿي ويو آهي. ان کان سواءِ منهوڙي ۽ بندر جي ٻاهرئين پاسي جي صفائي واسطي پورا اڊائي ڊريجز/ ڪاٽيءَ جون مشينون (dredges) ڪم ۾ مصروف آهن. اهڙيءَ ريت بندر جي رستي ڏيکارڻ جي مقصد سان ترڻ واريون شيون (bouys) رکيون ويون آهن.

ساڄي طرف تي اوير وارو دمدمو آهي. ڪياماڙيءَ وٽان ان رستي جي شروعات ٿئي ٿي ۽ اتان کان ئي پاٽيءَ اندر هڪ پٽ (groyne) ڏني وئي آهي. ان مقصد لاءِ تہ جيئن پاٽيءَ ۾ موجود سنهي واريءَ کي روڪي سگهجي. اهڙيءَ ريت نيپيئر مول روڊ جي وَٽ سان مذڪوره پٽ بہ گڏ هلندي ڏسبي آهي. اها ڪاري ٻن پٽن جي وچ تي آهي جنهن جي ويڪر 500 گز، ڊيگهہ 900 گز ۽ اونهائي غير سرڪاري ماپ مطابق 28 فوٽ ۽ سرڪاري ماپ مطابق 25 فوٽ آهي. اهو آهي منهوڙي واري مشهور بندر جو هڪ خاڪو جتي وڏن تجارتي جهازن ۽ آگبوٽن جو وڏو تعداد بيٺل نظر ايندو آهي. مسٽر جان بل! اوهان کي ياد هوندو تہ اوهان هن بندر تي پهريون جهاز ڊيوڪ آف آرگِل (Duke of Argyall) ڏٺو هو جيڪو 800 ٽن وزن جيترو تجارتي سامان کڻي آڪٽوبر 1852ع ۾ لنڊن کان هلي ڪراچي پهتو هو. 1876ع واري سال اهڙا چوڏهن جهاز پهچي چڪا آهن. اڄا بہ اهڙن ويهن جهازن جي اچڻ جو امڪان آهي. هن بندر جي کابي پاسي ٽيليگراف عملي جا سفيد بنگلا نظر ايندا. ان کان پوءِ اهڙا بنگلا ڏسڻ ۾ اچن ٿا جن جي مهاڙين جي تعمير ۾ ڦڪو پٿر ڪتب آندو ويو آهي. اهي

جايون جهازن جي پائليٽن جون آهن جيڪي وڏن جهازن کي آگبوٽن سان ڇڪي اندر بندر ڏانهن وٺي ايندا آهن. منهوڙي ٽڪريءَ جي لاهونديءَ وٽ "سئنٽ پال" نالي گرجا گهر آهي جتي انگريز عيسائي عبادت ڪندا آهن. هن عمارت جي ڇت ۾ ڳاڙهي رنگ جون ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آنديون ويون آهن. پرسان ئي گهنڊ وجائڻ جو منارو آهي. ان جي پرسان ڳڙڪين واري پٽ آهي هن عمارت جي ويجهو هندن جو مندر آهي، جنهن جا قبا اهرامن جيان مخروطي آهن جيڪي ڏسڻ ۾ هروڀرو خراب ڪونہ ٿا لڳن. سنڌ ۾ ڪا خاص تاريخي عمارت ڪانهي. هتي جيئرن ڪان وڏيڪ مُئن ماڻهن کي مانُ ۽ مرجاتا ملندي آهي. منهوڙي قلعي جي ڇيڙي وٽ ڳچي ڏرتي جهڙي ماڳ وٽ سُني مسلمانن جون قبرون آهن جن مٿان پوري رنگ جي پٿر تي ثلث ۽ ربع جي طرز تي خوبصورت خوشخطيءَ جو نمونو نظر ايندو. هنن قبرن مان گهڻو فائدو گِدڙن ۽ مجاورن کي ٿيندو آهي. هتي هر سال ميلا ملاکڙا بہ لڳندا آهن. جتي پير پاڻ بہ موجود هوندو آهي جيڪا هتان جي ماڻهن واسطي قابلِ احترام شخصيت هوندي آهي. مسٽر ڊبليو. ايچ. پرائيس پاڻ بہ هتي رهندو آهي. هن مسٽر جيمس واڪر (James Walker) ۽ مسٽر ڊبليو پارڪس (W. Parkes) جي ڇڏيل ڪم کي جاري رکيو آهي، بدقسمتيءَ سان گهڻي ڪم ۾ گهڻيءَ گرميءَ سبب سندس صحت ڏاڍي خراب ٿي پئي آهي. آءُ هن بندر جي ترقي وارن ڪمن ۾ ڪاهي پوڻ جو ڪو ارادو ڪونہ ٿو رکان. هند.ستان ۾ ڪنهن بندر جي ترقيءَ ۾ دلچسپي وٺڻ جو هي پهريون مثال آهي. هن بندر جي ڪم ۾ ڪرنل ٽريمين هيئر (Col. Tremen here) تمام گهڻيون مشڪلاتون پيدا ڪيون هيون. پر ان هوندي بہ هي بندر ڪاميابيءَ جون ڪيتريون منزلون ماڻي چڪو آهي. مسٽر پرائيس جون مرتب ڪيل ساروڻيون (Memoir) ڪامورڪي انگن اکرن جي هڪ ڇٽي جنگ آهي، پر پوءِ بہ پڙهڻ جهڙو ڪاغذ آهي جنهن مان معلوم ٿي وڃي ٿو تہ هن منزل تائين پهچندي رستي ۾ ڪهڙيون ۽ ڪيتريون نہ حل ٿيڻ جوڳيون مشڪلاتون درپيش هيون ۽ ڪهڙيءَ ريت انهن مشڪلاتن مان جهاڳي وڃي پار پيو آهي. سندس اهم نقطءِ نظر اهو هو تہ مٿي بيان ڪيل ڪاريءَ کي ڪهڙي طريقي سان صاف ڪجي ۽ ساموندي سفر جي مقصد واسطي هيٺ اونهو ڪجي. ان ارادي سان هن نيپيئر مول روڊ کي ڪَٽُ ڏنو ۽ مذڪوره ڪاري جي پاڻيءَ کي چيني ڪاري وسيلي وهائي ڇڏيو هو. ڪن ماڻهن کي غلط فهميون پيدا ٿي ويون هيون تہ پاڻي نڪري وڃڻ ڪان پوءِ

ڪاريءَ ۾ ڪاري گپ ۽ تمر جي وڻن جي ڪاٺ جو پاڻيءَ ۾ سڙي ڪوئلو ٿي ويل مواد پوءِ بہ ڪاريءَ جي تري ۾ موجود رهندو. بندر جي ڪم سان لاڳاپيل انجنيئرن جو خيال آهي تہ اهڙيون سڀ مشڪلاتون دور ٿي سگهن ٿيون. هنن ماڻهن اڳ ۾ اهڙا مشڪل ڪم ڪري ڏيکاريا آهن تنهنڪري مٿن اعتبار ۽ اعتماد ڪري سگهجي ٿو تہ هو جيڪو ڪجهہ چئي رهيا آهن اهو عملي طور ڪري بہ سگهندا. ڪاريءَ جو ترو ڪاري تهہ جي شڪل ۾ موجود آهي جيڪو زهريلو بہ آهي. جيڪڏهن ماڻهو ان ڏانهن ڏسندو تہ ڪِريِ پئي ٿيندي. اها ڪاري گپ ڏسڻ ۾ ائين ايندي آهي جڻ نيسس (Nessus) جي نيور ڪاري قميص آهي جنهن ۾ ساري ڌرتيءَ جي هينان پاڻيءَ جي گدلاڻ ۽ ڪاراڻ اچي گڏ ٿي آهي. هن سال سرڪار وڏي رقم منظور ڪئي آهي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن هن وڏي ڪم جي خرچن کي مُنهن ڏئي سگهجي. مسٽر جان بل، اوهان کي خبر تہ ضرور هوندي تہ ڪرڻ جي واسطي اجا بہ گهڻو ڪم رهيو پيو آهي. بريڪ واٽر واري پٽ پاڻيءَ جي سطح کان گهڻي هيٺ آهي. ان کان سواءِ پٽ بہ اهڙي ڪاريگريءَ سان ناهي وئي آهي جو جيڪڏهن سخت قسم جو سامونڊي طوفان لڳو تہ ان کي ڍاهي ڪنا ڪيڙا ڪري ڇڏيندو. روشني واري مناري ۾ گهڻي روشنيءَ جي ضرورت آهي. بندر اندر وڌيڪ جهازن بيهارڻ جي جڳهہ موجود ڪانہ آهي. سياڻي جيڪڏهن مسافرن جو تعداد وڌي ويو تہ اهڙن جهازن کي بيهارڻ جي جڳهہ واسطي مسئلو پيدا ٿيندو. اناج جي تجارت ۾ ترقہ آئي تہ جهازن جو اجا بہ وڌيڪ تعداد بيهارڻو پوندو. ڪراچي هاڻي، اوڙيسا، ممبئي ۽ ميلبورن جيان اناج جو شهر بڻجي ويو آهي جتي بهاولپور ۽ سنڌو ماٿري جي اترئين حصي کان بہ اناج اچي پهچندو آهي. هن وقت تائين پنجاب جو سمورو تجارتي مال ڪلڪتي بندر وسيلي ٻاهر موڪليو ويندو هو. جيڪڏهن اتان جو مال هيڏانهن اچڻ شروع ٿي ويو تہ هن بندر جي ترقي ۽ تعمير جي رفتار تيز ٿي ويندي، ۽ ائين ٿيڻ جو امڪان بہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪلڪتي جي ڀيٽ ۾ هي بندر هن علائقي لاءِ ويجهو آهي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ فرات ماٿري، ريلوي جي تعمير جي وڌيڪ ضرورت محسوس ٿيندي.

آءٌ اوهان جو هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ٿو گهران تہ مون 1851ع ۾ ڪراچي بندر بابت هڪ حقيقت لکي هئي، جيڪا اوهان کي ياد هوندي، تہ هندستان جي اوير ۾ ڪلڪتو ۽ اولهہ ۾ ڪراچي آهي. اسڪاٽلئنڊ

جي ڊاڪٽر گلڪرائيسٽ (Dr. Gilchrist) بہ هڪ چتاءُ ڏنو آهي جنهن سان ڪنهن بہ قسم جو اختلاف راءِ نہ آهي. وٽس هن شهر جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ وڏا پروگرام آهن. سندس پهريون زور هن ڳالهہ تي آهي تہ بندر جي صفائي ٿيڻ کپي ۽ بينل پاٽيءَ کي ڪيڏانهن وهائي ڪيڍي ڇڏجي. ساموندي وير جي چاڙهہ واري پاٽيءَ کي بندر ڏانهن اچڻ کان روڪڻ واسطي بريڪ واٽر جي تعمير ڪجي. پر اسان کيس هيءَ گذارش ڪنداسون تہ ڪراچيءَ جي پراڻي شهر پرسان گند ۽ غلاظت جا جبل جيڏا ڍير گڏ ٿي ويا آهن. ان کان سواءِ ڪسٽم هائوس پرسان بيشمار جهوپڙيون موجود آهن. انهن سيني جي صفائي ٿيڻ گهرجي. انهن جڳهن تي ڪي شاندار عمارتون تعمير ٿيڻ گهرجن. سندس اها بہ خواهش آهي تہ ڪاريءَ واري دمدمي جي رستي جي بہ سني طريقي تعمير ڪجي. هن جي هيءَ بہ مرضي آهي تہ فوجي ڪئمپ ڏانهن ويندڙ رستي تي سنهي روڙي ۽ بجري وڇائي سَنوت ۾ سڌو ۽ لسو ڪيو وڃي تہ جيئن سفر ڪرڻ سولائي ٿئي. (ان کان سواءِ سنڌو درياءَ مان هڪ وڏو واهہ کوٽي هيڏانهن آندو وڃي. اهڙي واهہ مان هڪ تہ جهازراني بہ ٿي سگهندي، بيو تہ سندس پاٽي پوکيءَ راهيءَ جي مقصدن واسطي ۾ ڪمُ آڻي سگهجي ٿو ان ڪري ڪراچيءَ جي چوڌاري موجود برپٽ بيابان سرسبز خطو بڻجي ويندو. چوڌاري وڻن پوکڻ جون پڻ ڪوششون ڪيون وڃن ۽ وڏن وڻن بدران ڊگها) (3) وڻ هئڻ گهرجن. اهڙن وڻن جو تعداد تمام گهڻو هئڻ گهرجي. هنن وڻن جي موجودگيءَ ڪري سمنڊ کان ايندڙ هوا جي رفتار گهٽجي ويندي. ان کان سواءِ مينهن وسڻ جو بہ سبب پيدا ڪري سگهجي ٿو ۽ ڇانوَ بہ ملي سگهي ٿي. هن قسم جي بندوبست ڪرڻ سان هتان جي پٽن پانن جي ڇواٽي، سنڌ بهشت جهڙي ٿي پوندي. اسان جو وقت ۾ وڏو ويساهہ آهي. ڇيو ويندو آهي تہ جن ماڻهن کي ويندڻ وارن کي هٿ ۾ جهلڻ جيتري سگهہ هوندي آهي، ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جي طاقت جا مالڪ بہ اهي هوندا آهن. اڄڪلهہ تہ ڪي جهور پوڙها، جيڪي قبر ۾ ڄنگهون لڙڪايو ويٺا آهن، سي بہ گهنبيدار وارن جي وگ پايو پاڻ کي ڪٽ مست جوان تصور ڪندا آهن. اهڙي وگ اڳئين پاسي کان تہ گهنبيدار هوندي آهي پر ڪنن مٿان ۽ ڪياڙيءَ وٽان ڪٽي جي پٽي جيتري هڪ پٽي ڏسبي آهي جنهن ڪري گهنبيدار وارن واري وگ ڍڪي ڪانہ سگهبي آهي. ۽ ظاهر ظهور نظر پئي ايندي آهي. اسان مقدر جي هٿ ۾ رانديڪا آهيون ۽

هميشه غلط طرفن ڏانهن لامارا هڻندا آهيون. سائين جان بل، توهان کي هيءَ ڳالهه ضرور قبول ڪرڻي پوندي تہ منهنجي ڪابہ اڳڪٿي غلط ثابت ڪانہ ٿيندي آهي.

اسان اڄ بہ پنهنجي مقصد کان گهڻو پري ۽ ڪنهن وسوڙي ۾ بيٺا آهيون ۽ ڪئپٽن مورس اسان جي رهبريءَ واسطي پنهنجو آگبوٽ اسان ڏانهن آڻي رهيو آهي. پر اچرج جهڙي ڳالهه هيءَ آهي B.I.S.N ڪمپني جا آگبوٽ هينئين ڪلاس جي بندرن ۽ ڏيهي قسم جي نيتي جيئي کان ساڍا ٽي ميل پري چو بيهندا آهن. اهو ڪير بہ چئي ڪونہ ٿو سگهي تہ انهن آگبوٽن جو پري بيهڻ جو آخر سبب ڪهڙو آهي؟ اتي بيهندڙ آگبوٽ کان ڪناري تائين آڻڻ لاءِ في پارسل جي ڪٽائي چار آنا آهي. اسان هاٿي چپوئن وسيلي هلندڙ بيڙيءَ تي چڙهي ڪاريءَ مان گذري رهيا آهيون جنهن جي چئن ئي پاسن کان خشڪي آهي. اسان جي کابي پاسي پورهيتن جو هڪ ڳوٺ آهي جنهن کي بابا پٽ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. پنجويهہ سال کن اڳ ان پٽ تي ڪنهن وڻ ٻوٽي جو نالو نشان بہ ڪونہ هو نہ وري اتي ڪو ڳوٺ آباد هو. هتي مختلف ڪارين جا ڪيترائي چوڙ نظر اچن ٿا جيڪي ڇهچ ساوڻ تمر جي گهاٽن وڻن سان ڇانيا پيا آهن ۽ ڪناري کان پوري رنگ جون پٽون موجود آهن. هن چوڙ کان فقط اهي ماڻهو واقف آهن جيڪي King Curlew جي شڪارن کان واقف آهن ۽ ان جا شوقين آهن. ڪيماڙيءَ يا هينئين بندر جي سامونڊي پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ڪي ڳاڙهي رنگ جا نشان ترندا نظر اچن ٿا، جيڪي سرڪاري آگبوٽن ۽ وڏن جهازن جي رهنمائي واسطي آهن. جڏهن تہ عطر جي شوقين مخلوق جو چوڻ آهي تہ اهي ريلوي جا سليپر آهن. ساڄي طرف ٺلهن جي آڌار تي بيٺل ڪاٺ جي تخت مان نهيل ٽي رستا آهن جيڪي ڪيماڙيءَ جي اڀرندي حصي کان ايندي ڏسبا آهن جن وسيلي فوج جي ڪاڏي خوراڪ سان لاڳاپيل عملدار ۽ هينئون عملو ڪسٽم جا عملدار ۽ ان کانپوءِ هينئون عملو ريلوي جا عملدار ۽ ٻيو عملو لنگهندا آهن. اهي سيئي رستا وري لوهہ جي هڪ رستي سان اچي ملندا آهن. ڪراچيءَ جا ماڻهو جن کي انگريزي ٻولي ڳالهائڻ ايندي آهي، سي اسان جو تمام گهڻو احترام ڪندا آهن. بندر تي لهڻ کان پوءِ اسان کي اهڙي سواريءَ ۾ ويهاريو ويندو آهي جنهن کي ڇڪڻ لاءِ فقط شيدي نسل جا ماڻهو مقرر ڪيا ويندا آهن. هنن جي نسل جو تعلق شايد زنجبار سان آهي

۽ هي ماڻهو آزاد ڪيل غلامن جو اولاد آهن. هنن ۾ جيهو (Jehu) نالي هڪ شيدي آهي جنهن کي پنهنجي جانورن جو تمام گهڻو خيال رهندو آهي. شايد ڪيس تازو انياموزيزي (Unyamwezi) جي گهاٽن ٻيلن مان پڪڙي هتي آندو ويو آهي. اسان هن وقت تائين ائين سفر ڪري هتي پهتا آهيون جيئن سامان کي هڪ ٻئي مٿان سٽي ڪنيو ويندو آهي.

ڪياماڙيءَ کي ڇڏي اوهان جڻ اباڻڪا تي پيا آهيو. هتان جي هوا تڏي ۽ تيز آهي پر گرميءَ ڪري جان پگهرجي وئي آهي ۽ ڪسمري جو احساس پيو ٿئي. هتان اسان تيز رفتاريءَ سان سفر ڪري رهيا آهيون، پر هن ٻه ميل ڊگهي نيپيئر مول روڊ سان رڳو اسان نه پر هر ماڻهو تيز رفتاريءَ سان گذري ويندو آهي. هتي پٿر جو چؤڪندبو ۽ ڊگهو نلهه نظر اچي ٿو جنهن تي فتح جي يادگار تحرير لکيل آهي. چيو ويندو آهي اهو نلهه ان جڳهه تي تعمير ڪيو ويو آهي جتي ڪراچي جا فاتح جنگ جي آخري مرحلي تائين سر ترىءَ رکي سر جو سانگو لاهي وڙهيا ۽ انگريزي فوج جي توبخاني باقي رهيل آخري گولو به هن جڳهه وٽان ڇوڙيو هو. (پهريون آڪتوبر 1847ع)

هن وقت اسان اسڪريو طرز جي پُل مٿان گذري رهيا آهيون، جيڪا اسڪريو جي پيچ وانگي ڦرندي مٿي وڃي ٿي جنهن جي ٻنهي پاسن کان لوهه جي ريلنگ لڳل آهي. هيءَ نيپيئر بند تي ان جڳهه وٽ ناهي وئي آهي جتان وير جي چاڙهه واري پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ هڪ ڇنڊڻ نهيل آهي ۽ وير وارو پاڻي اتان گذري چيني ڪاريءَ ۾ وڃي گڏ ٿيندو آهي. هتان کان ڪاٻي طرف تي ڏيهي قسم جي گودي يا نيتي جيتي نهيل آهي جتي هندستاني قسم جون ٻه ڦيٿيون گاڏيون ججهي انداز ۾ ٻيٺل هونديون آهن. اتان کان ٿورو پري لياري ندي اچي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي. اوهان کي هتي جي ساموندي پاڻيءَ ۾ ڏيهي ساخت جون بدشڪليون ٻيڙيون، ڪاري ڪني گپ ۽ ڪاٺ جا تلها تلها ٻُنڊَ ڏسي دل ڏاڍي خوش تي ويندي آهي. ڏسو ته سهي نه ڪيڏو نه دلفريب ۽ من موهيندڙ منظر آهي. مون کي ته جڻ اندر کي آٿت ۽ قلب کي قرار ملي ويو آهي. روڊ جي ڪنڌيءَ سان ڪسٽم جي هڪ خوبصورت جڳهه تعمير ڪئي وئي آهي جنهن جا ونگر جي تعمير سان پنج ڦاٽڪ آهن. هتي مقرر ڪيل هڪ پٽيوالو تلاشي وٺڻ واري سرڪاري عملدار جو فرض سرانجام ڏيندو آهي. توهان ڏٺو هوندو ته هيءُ ماڻهو اسان جي سامان جي تلاشيءَ واسطي به تيار

تي بيٺو آهي. پر جڏهن مون کيس سمجهايو تہ پوءِ هن اسان کي ۽ اسان جي بند ٿيل صندوقن کي روايتي طور جُهڪي وڃڻ جي موڪل ڏني هئي. اوهان کي اهو بہ ياد هوندو تہ اتان ٿورو اڳتي وڌيا هئاسون تہ اسان کي سفيد رنگ جو هڪ قبو ۽ هڪ مسجد ڏسڻ ۾ آئي هئي جنهن ۾ جافري طرز جاري هئي. مون ڏٺو آهي تہ عام طور تي اهڙيون اڏاوتون زبون حاليءَ جون شڪار هونديون آهن، پر اچرج اهو ٿيندو آهي تہ اهي ڍهي ناس تي چو نہ ويون آهن.

ان کان پوءِ اسان مئڪلوڊ روڊ ڏئي اڳتي روانا ٿيا هئاسون. هن نالي وارو ماڻهو ڪراچيءَ جو نهايت شريف انسان هو جنهن جو نالو هن روڊ تي رکيو ويو آهي. هيءُ منهنجو پراڻو دوست ۽ ڪسٽم جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو جنهن هنگلاج ڏانهن ويندي 1853ع ۾ وفات ڪئي هئي. هتي يورپي ماڻهن جون ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل جايون ڏسي دل خوشيءَ وچان جهڻ نچڻ شروع ڪندي آهي، پر جڏهن هتان جي ڏيهي ماڻهن جي بدشڪلين جڳهن تي نظر پوندي آهي تہ ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. انهن جڳهن جون منهن گهٽو ڪري ڏکڻ ۽ اتر پاسي هوندو آهي. ڏکڻ پاسي سمنڊ آهي، هوا بہ ان طرف کان ايندي آهي. گهرن جو منهن ان طرف هجڻ سٺي ڳالهہ آهي. ممبئيءَ جون جڳهون اهڙين ڳالهين کان وانجهيل آهن. هتي مٿينءَ ماڙ تي بہ ورانڊي جي تعمير ڏسبي آهي. هن قسم جي گول قسم جون ونگون ۽ هڪ ئي لٺ ۾ پٿر جا جانڊل ٺنيا ڏسڻ ۾ ايندا. هن قسم جو پٿر جو سامان مڪمل طور گهڙيل ۽ اڪيريل ڪونہ هوندو آهي. پٿر جي هن قسم کي (Sand Stone) جي نالي سڏيو ويجي ٿو. هي پٿر گذريءَ پرسان جابلو جوءِ مان آندو ويندو آهي. ماضيءَ جي ڪنهن سياح هن ٿاڪ کي غزني بندر سڏيو آهي. هتي سچ جو ٿاءُ تکيرو هوندو آهي. اُس نہ هوندي آهي پر باهہ جا اُماڙ وسندا آهن. ان ڪري سفيد اڇو رنگ ڏُتجي ويندو آهي. نيرو ۽ ٻيا رنگ اهڙي اثر کان جُهنا ۽ ٻُنا تي ويندا اهن ۽ دل کي ڪونہ وڻندا آهن. سمنڊ جي ويجهي هئڻ ڪري آبهوا گهميل ۽ لوڻياڻي هوندي آهي. تنهنڪري جڳهن جو مٿيون پاسو اڊڙي پوندو آهي يا هوريان هوريان ڇٽڻ شروع ڪندو آهي، پر جيڪڏهن تعمير لاءِ ڪوئيل چرن کي چڱيءَ طرح سڪائي پوءِ پتيون اوساريون تہ اهڙي آزار کان ڪنهن حد تائين جان ڇٽي سگهي ٿي. روڊ جي ساڄي پاسي ڪورٽ ۽ "ممبئي بئنڪ" جون جڳهون تعمير ٿيل آهن. اتان کان ٿورو پاسي تي B.I.S.N

جون آفيسون آهن جتي اسان کي ونوئنگ مشينون (Wennowing machines) بيٺل ڏسبيون آهن. خوشقسمتيءَ سان هتي اسان جي آجيان مسٽر ڊبليو. تاربرن ڪندو ۽ فوجي ڪئمپ ۾ موجود ڪاڻ ڪا آرام واري جڳهہ اسان جي حوالي ڪندو.

ان جڳهہ ۾ زال مڙس رهندا آهن جيڪي اتي ملازم طور ڪم ڪندا آهن. هن جوڙيءَ سان جاڻ سڃاڻ پيدا ڪرڻ جي مقصد سان اسان پاڻ سان بہ تي تعارفي خط بہ آندا آهن. پر هنن ماڻهن جو رويو ايڏو سنو هو جو اهي سفارشي ذريعا ڪم ڪونہ آندا ويا. توهان کي خبر هوندي تہ ڏسي وائسي خرچ ڪرڻ ۽ "پروليجڊ لِيو" بئي اهڙيون ڳريون ڳالهيون هونديون آهن جيڪي ويچارن اڻتر مهمانن لاءِ اٽيهئي ڳچيءَ جو ڳڙ بٽيل هونديون آهن. بين لفظن ۾ هن ريت چئي سگهجي ٿو تہ انهن اڻتر مهمانن جي گهٽي عرصي تائين رهي پوڻ واري حقن تي ڏاڙو هوندو آهي. ڪي اڻتر مهمان اهڙا جوان بہ هوندا آهن جن وٽان خطن جو جواب ان وقت ملندو آهي جنهن وقت ساري سنڌ گهمي ٻاهر نڪرڻ واسطي سامان ٻڌي سواريءَ جي انتظار ۾ وينو هجبو آهي. ڪن دوستن وٽان هن قسم جو خط ملندو جنهن جي لفافي مٿان هي لفظ لکيل هوندا:

Her Magisty's service

پيارا بُل

مون کي بس، هينئر هينئر برائون جو خط مليو٭آهي، مان افسوس ڪندي اوهان کي ٻڌائي رهيو آهيان تہ بابا سان ملڻ واسطي جونس حيدرآباد مان ۽ رابنسن منهوڙي کان اچي رهيا آهن. تنهن ڪري اوهان جيترو عرصو ڪراچيءَ ۾ موجود آهيو ايترو عرصو اوهان کي دعوت ڏئي پنهنجي گهر ۾ رهائي دلي خوشي حاصل ڪرڻ کان بلڪل قاصر آهيان. مهرباني ڪري مون کي فقط ايترو ٻڌايو تہ هيءُ عاجز بندو اوهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهي ٿو. سانگي سان اهو بہ ٻڌائيندا تہ اوهان جو ڪراچيءَ ۾ ڪهڙيءَ جاءِ تي رهڻ جو ارادو آهي.

اوهان جو مخلص ۽ نيڪ نيت دوست

اي. بي. پنچر

مسٽر جان بُل، سانگي سان مان اوهان کي هن حقيقت کان بہ آگاهہ ڪندو ٿو هلان تہ هتي صاف ۽ شاندار ڪلب بہ آهي پر ان ۾ ڪمرا تعمير ٿيل ڪونہ آهن. ڪراچيءَ ۾ هوٽل جي نالي واري ڪا عمارت نظر

ڪانہ ايندي، جيستائين ڪراچي پنجاب جي حوالي ڪانہ ٿيندي تيستائين هوٽلن جي تعمير جي توقع ڪري نٿي سگهجي. جيڪڏهن اهڙي صورتحال ۾ مسٽر ٽاربرن پاڻ وٽ رهائڻ جي مهرباني نہ ڪندو ۽ بنگلو حوالي نہ ڪندو پوءِ ڪٿي بہ پناهہ لاءِ جاءِ ملي ڪانہ سگهندي ۽ وڃي ڪنهن مسافرخاني پيڙو ٿبو جتي ڪوبہ ڏنل وائنل ڪونہ هوندو مُنهن بڌي سڄو وقت گونگن جيان پيو گذاربو. هيءَ جاءِ، جتي اسان رهيل آهيون، ڏاڍي صاف آهي ۽ اٺليءَ جي هڪ ماڻهوءَ جي پگهر ۽ پورهئي جي پاڇي آهي جنهن جي نالي جو پهريون اکر "N" آهي. پر هتي ايندڙ خرچ ڏاڍي برابر آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ مسافرخانن ۽ بنگلن جا بورچي، ميونسپالٽيءَ جا ملازم آهن ۽ ڪين اهڙن هٿ ڦاڙ خرچن جي چڻ هُشي مليل آهي. لڏو لاهي ويهي رهڻ کان اڳ، اڄ تہ اصلي شهر گهمي اچون. اوهان کي ڪراچي بابت اها خبر ضرور هوندي تہ هن شهر جي خبر پهريون پيرو 1795ع ۾ ان وقت جي جاگرافيدان ڊلرمپل (Dolrymple) کي پئي هئي جنهن هن کي ڪروچي (Crotchey) ۽ ڪرانجي (Caranjee) ڪري لکيو آهي. هي ماڳ ڪروڪالا (Crocala) يا (Krokala) وارو بيٽ آهي جتان نيرڪس (Nearcus) مڪوان ڏانهن هاڪاريو هو. ڪن نقشن ۾ هن کي الگيزنڊري پورٽس (Alexandri Portus) جو نالو ڏنو ويو آهي. ائين سمجهڻ جو هڪ ڪارڻ اهو بہ آهي تہ سروي جي رڪارڊ ۾ هن علائقي جو نالو اِچا تائين ڪراڪرالي (Krakraleh) يا ڪارڪالا (Karkalla) آهي، هن نظريي بابت بہ اختلاف ٿي سگهن ٿا: هڪ تہ ڪراچي ۽ ان جو قلعو فقط ڏيڍ صدي پراڻو آهي، چيو ويندو آهي تہ هن شهر ۽ قلعي جي تعمير مائي مرادي جوکياڻي ڪرائي هئي، جيڪا هڪ جوکئي سردار جي گهر واري هئي. ان دؤر کان اڳ هتان جا مهاڻا پنهنجي بيڙين تي رهندا هئا. منهوڙي جو قلعو سن 1797ع ۾ جڙي راس ٿيو هو. ان کان سواءِ قديم زماني سان لاڳاپيل ڪي ڪنڊر موجود ڪونہ آهن.(4) پر بہ هزار سال ڪافي عرصو آهي جنهن دوران هي قديم آثار مٽيءَ اندر دفن بہ ٿي سگهن ٿا.(5)

ان کان سواءِ سپن ۽ سنڪن جا ڪوپا اسان کي ٻڌائي سگهن ٿا تہ قديم دؤر وارو سامونڊي ڪنارو ڪٿي هو. اڄ بہ اسان کي هر جڳهہ تي جيئرن سپن ۽ سنڪن پريل ڪارا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هن حقيقت مان سولائيءَ سان پتو پئجي سگهي ٿو تہ قديم زماني ۾ سپن، ڪوڏن ۽

سنکن واري مڇي ڦاسائڻ جو هتي اهم مرڪز هو. اهو بہ يقين سان چئي سگھجي ٿو تہ هتان جا سپ، ڪوڏ ۽ سنک، انگلنڊ جي سامونڊي ڪناري سپن، ڪوڏن ۽ سنکن کان وڏا هئا. ڏڪار وارو زمانو تہ اوهان کي ياد هوندو ۽ مسٽر جان بُل، اوهان کي اهو بہ چڱيءَ ريت ياد هوندو تہ انهن سپن ۽ ڪوڏن ۾ رهندڙ جانورن جو گوشت ذائقي وارو ڪونہ هوندو هو. انهن سپن مان ملندڙ موتي، رنگ جا ميرا هوندا هئا ۽ ٿيندا بہ ننڍڙا هئا جن کي مارگريٽا (Margarita) ڪري سڏيو ويندو هو.(6) وڏي ۾ وڏا موتي پن (Pin) جي مٿي جيترا ٿيندا هئا جيڪي محصول کان آجا ڪونہ هئا. سمنڊ جي ڪناري ويجھو اهڙيون ڍنڍيون ڍورا بہ هوندا هئا جن ۾ سپون جام رهنديون هيون. پر انهن کي سُڪي بہ ڪو زمانو گذري ويو. اهڙا واقعا ٽالپر جي لاپرواهيءَ ڪري ڪونہ ٿيا هئا پر سندن جاهل عملدارن جي لاپرواهيءَ سبب ائين ٿيو هو. هنن جاهل حڪمران گھراڻي جي پوئين دؤر جي جاهل حڪمرانن ۽ انهن جي شيدي نوڪرن پنهنجي طرفان ڪونہ گھٽايو هو. ان قسم جي مڇيءَ مارڻ جو ڪم ٺيڪيدار ڪندا هئا. هنن ماڻهن پنهنجي ٿوري لالچ ۾ اچي ننڍيون وڏيون سپون ماري اهڙين سپن جو نسل ئي ختم ڪري ڇڏيو. مسٽر جان بُل، اوهان کي اها ڳالهہ بہ ياد هوندي تہ انگلنڊ واري سمنڊ ۾ ان قسم جي مڇي مارڻ واري موسم بند ٿيڻ واري هوندي آهي تہ اتي بہ ساڳيا ڪلور ٿيندا آهن ۽ ٺيڪيدار اهڙي ننڍي وڏي مڇي ماري وڃي پار پوندا آهن. مان جڏهن پهريون ڀيرو ڪراچي شهر ڏٺو هو تہ مون کي معلوم ٿي رهيو هو تہ اهو ڏيڍ صدي اڳ وارو اسڪندريہ آهي. هتي ڪي بہ چار گھر هئا جن جون ڀتيون پٿرن سان اوساريل هيون جن جي پيڙهين وارو پٿر گھميل آبهوا ڪري پيو ڀُرندو ۽ ڇڻندو هو. ڪي اوچا گھر بہ هئا جيڪي ڪچا هئا ۽ تڏن سان ڇانيل هوندا هئا. سندن ڇتيون بہ ڪچيون هونديون هيون. هنن گھر ۾ در تہ هوندا هئا پر دريون ڪونہ هونديون هيون. هوا لاءِ بادگير رکيا ويندا هئا جيڪي ڏٻهڙن جهڙن گھرن جي ڇت ۾ لڱل هوندا هئا ۽ ڇت کان پُرهہ کن مٿي نظر ايندا هئا. اهڙي قسم جا گھر ٺڪرين جي چوٽين تي ٺاهيا ويندا هئا. سندن تري واري حصي تي گارو هڻي سينگاريو ۽ سنواريو ويندو هو. ڪچن گھرن لاءِ مٽي ڪٽب آندي ويندي هئي. ڪچين سرن جي اوساري ڪري بہ گھر تعمير ڪيا ويندا هئا. اهڙي اوساريءَ ۾ گنب ڪم آندي ويندي هئي. اهڙي ڪم لاءِ دريائي مٽيءَ جو استعمال ٿيندو هو. اهڙي مقصد لاءِ ڪم ايندڙ مٽي

ڪتان ٻاهران آئي هڪ ڪڏ ۾ گڏ ڪندا هئا جنهن ۾ پاڻي ڇڏي، لتاڙي، ان کي اوساري لاءِ تيار ڪندا هئا. پتين جي ليپي ۾ ڪم ايندڙ گاري ۾ گاهه کي ڪُتر ڪري ملايو ويندو هو. هتي گاري ۾ گاهه جي ڪُتر ملائڻ جو رواج آهي. انگلنڊ ۾ وري چوني ۾ واري ملائي ليپو ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن ائين نه ڪبو ته اهڙو ليپو گهڻو وقت جٽاءُ ڪونه ڪندو. بني اسرائيل کي به ائين ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو ڪين اهو به ٻڌايو ويو هو ته جيڪڏهن هو سرن ۾ گاهه جي ڪتر نه ملائيندا ته اهي گهڻو وقت هلي ڪونه سگهنديون. ساريءَ سنڌ ۾ گاري ناهڻ جو ساڳيو رواج آهي. وچ ايشيا جي ملڪن ۾ به گهرن ناهڻ ۾ گنب ۽ گاري کي وڏي اهميت حاصل آهي. ڇاڪاڻ ته هن قسم جا گهر گرم ۽ ٿڌا دير سان ٿيندا آهن. هتي جون قلعي ۽ شهر واريون جايون به ڪچيون هيون جن ۾ لئي جو ڪاٺ استعمال ڪيو ويو هو. لياري نديءَ جي ڪناري کان وٺي ڪاريءَ جي منڊ تائين ڪچين جهوپڙين جو هڪ ڊگهو سلسلو موجود هو. جيڪڏهن هنن جهوپڙين پرسان وڃبو هو ته نڪ، ڪن ۽اکيون ضرور متاثر ٿيندا هئا. هن سلسلي جا پهريان مظلوم ڪَنَ هوندا هئا جيڪي هتان جي بي سُري موسيقي ٻڌڻ لاءِ جڻ ڏاڍ سهندا هئا جيڪا ڍُهل جي ڌڌڪي ۽ شرناءِ جي سنهي چيٽ تي مشتمل هئي. هتان جو راڳ به اهڙو ئي هيانءُ ٺار آهي جيڪو گجگوڙن ۽ اوچنگارن جهڙن سڀ آوازن تي ٻڌل آهي. چوڏس ڪتن جون پئنڪون ۽ گڏهن جا هينگاٽ پيا ٻڌبا آهن. مکين ۽ پکين جا يونيٽ ۽ چيٽون به ڏاڍيون هونديون آهن جيڪي مڇيءَ جي ڪنڊن ۽ جانورن جي هڏن تي پيا پاڻ ۾ وڙهندا آهن يا ڏارين کي ڏسي ڪنهن ڌڪار جو اظهار ڪندا آهن. هتي گندي بيٺل پاڻيءَ جي نيڪال جو ڪو بندوبست نه هوندو آهي جيڪو هوا ۽ اُس تي پاڻ ئي سُڪي ويندو آهي. هتان جو هر ماڻهو پنهنجي گهر جو ٻُهر پنهنجي گهر جي ٻنيي ٻاهران اڇلڻ جو فرض ادا ڪندو آهي. ان کان پوءِ ڪتا، سرٽون ۽ ڪانوَ پنهنجي منصبي فرض جي ادائگي کي لڳي ويندا آهن. پرسان لنگهبو هو ته مختلف قسمن جي بانس ساڙي ڇڏيندي هئي. بازار جي ويجهو پهچبو هو ته مرچن مصالحن جي تيز بوءِ اچي نڪ ۾ لڳندي هئي. سٽين ڦڪين جي ڪنجڻ ڪري به بانس موجود هوندي هئي. محسوس ائين پيو ٿيندو جڻ ڪراچيءَ جي بازار مان نه پر مصر جي اوسيرس مان مَٽي رهيا آهيون.

ن جا ماڻهو هندستان جي ٻين علائقن جي ماڻهن جيان نظر ايندا آهن. هنن جي اُتڙ ويهڻ ۽ چال چلت ۾ اصلي هندستانين ۽ ذڪرڻ پاسي واري آرين لوڪن جو هڪ گڏيل قسم جو رنگ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. مُنهن مهانڊن ۾ ناهوڪا ۽ سدا ملوڪ آهن. سنڌن وار بہ هندستان جي ٻين علائقن جي ماڻهن کان مختلف آهن. تورانيءَ وانگر ڪمزور بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندا آهن. هتان جي ماڻهن جو رنگ شاندار ۽ جسم ڳورا ٿيندا آهن پر اهي پُرڪشش ڪونهي ٿيندا آهن. ڏاڙهيون گهاٽيون، جهڳندڙ ۽ گهنڊيدار شڪل شبيهہ مرداڻي هوندي اٿن. مسٽر بل، اوهان تہ مسلمان ڪي سنڌن ڊگهين ڏاڙهين ۽ اُگهاڙن پيرن ڪري پري کان سڃاڻي سگهندا هوندا. هو ڊگها پهراڻ ۽ نير ۾ بڏل ڪانئچون پائيندا آهن. مٿي ڍڪڻ لاءِ سنڌي ٽوپي پائيندا آهن جيڪا هاڻي تمام گهٽ ڏسجي رهي اهي. اها شڪل صورت ۾ ائين هوندي آهي جڻ ڪاشيءَ جي سر کي هيٺو ڪيو ويو آهي. گول پاسو زريفت جو هوندو اٿس ۽ مٿين وَٽ ڳاڙهي رنگ جي هوندي آهي. پر اهڙين ٽوپين جو هاڻي رواج ڏاڍو گهٽ آهي پر جيڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ڏسجن ٿيون تن جي مٿين وَٽ ڪجهہ موڪري هوندي آهي جيڪا هر سال وڌندي رهندي آهي. هاڻي وري اهو خوف ٿي رهيو آهي تہ متان مٿئين پاسي واري وٽ ائين موڪري نہ رکن جيئن ڪئيڪ (Quake) فرقي وارا رکندا آهن. سرائڪي چوڪرن جي ٽوپي پورن يارهن انچن جي هوندي آهي. هندو ماڻهو پنهنجي سونهن ۽ سوڀيا ڪري پري کان پڌرا هوندا آهن. سنڌن رنگ هيڊاڻ ڏانهن مائل هوندو آهي. هنن جي وچ نرڙ تي چنڊن جي ٻوري ۽ سندر جو خاص نشان نظر ايندو آهي. ڪاٻي ڪلهي ۾ جٽيو پاتل هوندو اٿن ۽ ان جي ڳنڍ ساڄي پاسي ڪُک تي پئي ڏسبي آهي. هتي شيدي نسل جا مرد ۽ زالون تمام گهڻا آهن ۽ سدائين سنڌن مضبوط پنارن تي پاٽيءَ جون ڪليون هونديون آهن. بار بہ ايترو گهڻو کڻندا آهن جو مينهن بہ مس کڻي سگهي. مهاڻن جون ونيون پوتيءَ سان مٿو ڍڪينديون آهن. گج ۽ سوٽي رنگين سٿڻ پائينديون آهن جن جا پاچا سوڙها هوندا آهن. هي عجيب نسل جا ماڻهو آهن جيڪي گارين ڏيڻ کان سواءِ جي ڪونہ سگهندا آهن. عورتون بنا برقعي جي اگهاڙي منهن وتنديون آهن هلنديون. بي حجاب ۽ بيباڪ. جيڪو بہ وات ۾ ايندن چئي وجي پار پونديون. زبان ۾ نہ هوندو اٿن ڪنڊو نہ مُنڊو. ڪنهن ماڻهوءَ

جي شڪل شباهت ۾ مُنهن مهانڊي تي ڏَنَڪَ ننول ڪان ڪونہ مڙنديون. اوير ۾ عورتن کي ايتري آزادي ڏسي مون کي اچرج تو لڳي.

هاڻي ڪراچي ڇهہ هزار جي آباديءَ مان وڌيڪ 45 هزارن تي پهتي آهي. شهر وارن کي پنهنجو شانُ ۾ مانُ آهي. شهر جي ٻاهرئين پاسي جيڪي جهوپڙيون هيون تن کي پٽائي ملڪ پڌر ڪيو ويو آهي. شهر جو نقشو تير جيان سڌو آهي جيڪو اتر پاسي ڏانهن وڌندو نظر اچي رهيو آهي ۽ هلندو وڃي سُڪي يا خشڪ نئہ وٽ پهتو آهي.(7) جڳهن جي تعمير ۾ اجا بہ پراڻي قسم جو سامان ڪم آندو وڃي ٿو. جڳهن جي پيڙهين ۾ تہ پٿر ڪم آندو وڃي ٿو پر مٿي اوساري ڪچي هوندي آهي. بعد ۾ چوني سان پوچي ڪري، گهر کي سفيد ڪري، سر تان بار لاهين. اڳي شهر جون گهٽيون سوڙهيون ۽ اونداهيون هونديون هيون پر هاڻي اهي ويڪريون ڏسبيون آهن. صفائيءَ ۾ پيون جهڳنديون ۽ جرڪنديون آهن. هر گهٽيءَ کي پنهنجو نالو آهي ۽ انهن جي ٻنهي پاسن کان پڪو فوٽ پاٿ ناهيو ويو آهي. هن ۾ ڪجهہ بين سڌريل شهرن ۾ اچن جهنڊن ۽ اڇن قبن سان پيرن جون ڪي مزارون آهن جيڪي گهر لنگهہ وٽ ماڻهن جو رستو روڪيو بيٺيون هونديون آهن. هن شهر جي عام طور تي شڪل صورت ممبئي جهڙي آهي. گهرن جا ٻاهر تي نڪتل ڇڇا خوبصورت ۽ اُڪريل ٿنين جي آدار تي بيٺل ڏسبدا آهن. هتي هندن جون ڪي بہ چار عاليشان جايون، نئين تجارتي مرڪز جي عمارت، هڪ اسڪول جي شاندار جڳهہ ۽ ڏيهي طرز جو پوليس ٿاڻو بہ ڏسجي ٿو. هتان جي هر شهر کي اڳني ديوتا جي آشيرواد سان اجا بہ گهڻي ترقي ڪرڻي آهي. اها تہ اجا ڪلهہ ڪلهوڻي ڳالهہ آهي جو هتي نيڻ نهار تائين رڳو گند جا ڍير هوندا هئا. لياري نديءَ جي اترئين پاسي شهر جو پورو چوٿون حصو آهي جيڪو اڪ چنبي ۾ هيڏي ساري ترقي ڪري ويو آهي. جيڪڏهن اسان ان نديءَ ڪناري سان واقع علي اڪبر گهٽي گذري فوجي ڇانوڻيءَ ڏانهن ايندا سون تہ هڪ نئين مندر وٽان لنگهنداسون، جيڪو اهرام جيان مخروطي آهي جنهن کي چوني جو ليپو ڏئي اڇو ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ هتي چرچ مشن هائوس، اسڪول ۽ گرجا گهر جون عمارتون بہ آهن جن جون دريون اُڀيون ۽ سوڙهيون آهن جن کي انگريزيءَ ۾ (Lancet windows) سڏيو ويندو آهي پرسان ئي گهڻتا گهر سان گڏ هڪ سرڪاري اسڪول آهي جنهن جي ويجهو هندو ڌرمشالا جي جڳهہ آهي جنهن جا سنڌي طرز جا

بصر جي شڪل جهڙا بہ قبا آهن. بندر روڊ جي ساڄي پاسي گاڏي کاتو روڊ آهي جتان بہ رستا ڦٽندا آهن جن مان هڪ بندر ڏانهن ۽ ٻيو مسٽر ڊيوڊ مئڪنزي (David Maekenzie) جي فائونڊريز ۽ انجنيئرنگ ورڪس ڏانهن ويندو آهي. نيپيئر بئرڪس بہ هن ماڻهو تيار ڪرائي آهي. هاڻي اسٽيٽ ريلوي بہ هي ساڳيو ماڻهو تيار ڪري رهيو آهي. ٽيليگراف کاتي جون جايون بہ هتي آهن. ان کاتي سان لاڳاپيل هڪ ٽنيو بہ موجود آهي جنهن مان هن کاتي جي موجودگيءَ جو پتو پئجي سگهندو آهي. پوسٽ آفيس بہ وڏي منافعي ڪري هڪ وڏيءَ جڳهہ ۾ قائم ڪئي وئي آهي. هاڻي اسان ڪجهہ ذڪر باغن جو بہ ڪنداسون. هي ساموندي ڪنارو آهي پر هتي ناريل جو وڻ بہ ڪو اُڪو ڏُڪو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهي پاڻيءَ جي تلائن جي آس پاس ۾ ڪن ڊنڊن ڊورن جي ويجهو نظر ايندا آهن، جن جو قد نهايت ننڍو هوندو آهي. رام باغ پرسان هڪ ڊوري آهي جيڪو مينهن جي وسڪارن ۾ پرجي تار ٿي ويندو آهي جنهن جي چوڌاري ڪجهہ ساوڪ ۽ رنگيني نظر ايندي آهي. هي باغ شري رامچندر جي نالي سان سڏيو ويندو آهي جنهن کي پرشورام پڻ ڪوٺيو وڃي ٿو. هن ماڻهوءَ کي جنگ جي ڪهاڙيءَ وارو رام بہ سڏيو وڃي ٿو. هن رام جو تعلق 1176 ق.م واري دؤر سان آهي.(8) چيو ويندو آهي تہ هن نالي وارو مشهور ديوتا لڪين سال اڳ فقط هڪ رات اچي هتي ترسيو هو. پر اسان ان قديم دؤر کي گهٽائي آٽي 961 ق.م تي بيهاريو آهي. انهيءَ قديم زماني ۾ شري رامچندر ۽ سندس خوبصورت زال سيتا اسان انسانن وانگر هوندا هئا ۽ هن ڏکويل ماتريءَ جون ڳالهيون ڪندا اچي هنگلاج ڏانهن هليا ويا هوندا. هتي اهڙا ٻيا بہ ٽي تلاءَ آهن جيڪي سانوڻيءَ جي مينهن کان پوءِ پرپاسي وارين ٻنين کي آباد ڪندا آهن. پر هاڻي انهن تلائن کي انگريزن جي نگرانيءَ هيٺ پٽر وجهي پوريو ويندو چاڪاڻ تہ ڪراچيءَ جي گهميل آبهوا کي خشڪ ڪرڻ لاءِ ائين ڪرڻ ضروري سمجهيو ويو آهي.

پرسان رنڇوڙ لائين آهي جتي اهڙي قسم جا مذهبي ماڻهو رهندا آهن جيڪي رام باغ کي مقدس ماڳ ڪونہ مڃيندا آهن، يعني هتي عيسائي مذهب جا ماڻهو رهندا آهن. پرسان ئي عيسائين جو قبرستان بہ آهي جنهن ۾ اهي عيسائي دفن ٿيل آهن جيڪي هتان جي گندي آبهوا جي اثر کان مري ويا هئا. پرسان ئي هڪ اهم جڳهہ آهي جيڪا گرجا گهر نہ پر "سمال ڪاز ڪورٽ" آهي جنهن جي چوديواري اندر ايمانداريءَ کي

وڏي عزت ڏني ويندي آهي. پر هن کان ٻاهر بدمعاشيون ۽ رذالتون اوچا ڳاٽ ڪيو ڇڙواڳ ڦرنديون وتنديون آهن. هتان کان ڪجهه اڳيرو سياحن لاءِ ڪي بنگلا ٺهيل آهن جن جي مٿان وڏن اکرن ۾ اشتهار لکيل آهن. ڏکڻ طرف ننڍيءَ طرز جا به بنگلا آهن. اتر پاسي هڪ وڏي بلاڪ اندر بليئرڊ Billiard هال آهي. اسان کي هن کان وڌيڪ ڪجهه به ڪرڻو ڪونهي ڪچهري روڊ ڏيکه ۾ ميل کن ٿيندو. هن رستي ۾ ڍاب ۽ دسڙ ايتري آهي جو ڇئي ڪٽي بس ڪر، جنهن تي هلڻ لاءِ دل ڪانه چوندي آهي. اسان جي ڪئمپ به هتي آهي جتي پهچي اسان جي سفر جا پنج سؤ ميل پورا ٿيندا ۽ في الحال اسان جي اهائي منزل مقصود آهي.

حوالا:

(1) گزيٽيئر ۾ هن جو نالو ڪيرٽر آهي. "Stray Feathers" جي ايڊيٽر هن نالي کي ڪيٽر Kitar ڪري لکيو آهي پر مان ڊبليو.ٽي.بلانفورڊ کي صحيح سمجهي ان تان استفادو ڪيو آهي ۽ ڪيرٽر نالي کي ترجيح ڏني آهي.

(2) لارس اوسيڊينٽالس (Larus Occidentalis) ڪراچيءَ جي بلڪل پرسان آهي. جڏهن ته سنڌ جي ڍنڍن لاءِ لارس آرجينٽاٽس (Larus Argentatus) جو لفظ ڪتب آندو ويو آهي.

(3) ڏنگين اندر لکيل جملا ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکن ٿا.

(4) گزيٽيئر ۾ ڪراچيءَ جي بنياد رکڻ جو ذڪر تمام ڊگهو آهي پر معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته اهو مشڪوڪ قسم جي ذريعن تان کنيو ويو آهي.

(5) مون کي اهو پتو ڪونه آهي ته "نارِي" وهڪري جي هيٺين حصي ۾ سندس ڇوڙ ڪوري ڪارِي (Kori Creek) واري علائقي جي جاچ پڙتال ڪئي آهي يا نه پر ويساهه جوڳن نقشن ۾ هڪ وڏو ۽ به ننڍا ٻيٽ ڏيکاريا ويا آهن (ائرين). وڏي ٻيٽ جي نالي جو ڪو پتو ڪونه آهي. پر سڪندر دور جي مشهور مورخ ائرين ٻن ننڍن ٻيٽن مان هڪ جو نالو ڪرو ڪالا Crocala ۽ ٻئي جو ٻيباڪتا (Bebakta) ٻڌايو آهي. سڪندر دور جي ٻئي مورخ پليني، ٻيباڪتا کي ٻيبراگا (Bibraga) لکيو آهي. جڏهن ته فلوسترٽس (Philostratus) ٻيباڪتا جو نالو وري ٻيبلس (Biblus) ڏنو آهي. امڪان آهي ته سمنڊ جو ڪنارو گهٽو تبديل ٿي چڪو هوندو. پر پوءِ به اسان کي هنن علائقن جهڙوڪ: بارباري Barbarie، پٽالا Patala يا پٽالي (Patali)، سسيڪانا (Susicana)، بونس (Bonus)، ڪولاڪا (Kolaka)، لاهري بندر پرسان نئوساٿاٿمس نئرچي (Naustathmus Nearchi) (ڪياماڙي جي ويجهو اچار)، ڪورياٽِس (Koreatis) ۽ ٻين ماڳن بابت تحقيق ڪرڻ گهرجي جن جو تعلق ڪلاسيڪل دور سان آهي.

(6) ائرين وڌيڪ واضح نالو ڏنو آهي جيڪو عربن ۾ ۽ فارسي لفظ مرواريد جي ويجهو آهي جنهن جي معنيٰ "موتي" آهي.

(7) هندن کي بت پرست سڏيو ويندو آهي. هندي مسلمان کي سڏيو ويندو هو. بازر ۽ بازار ۾ فرق آهي.

(8) ليفٽيننٽ سليمن (Sleeman) پنهنجي تصنيف (Rambles and Recollection) ۾ مختلف دور هن ريت ٻڌايا آهن:

پرشورام 1176 ق. م

رامچندر 961 ق. م

يڌشتر 575 ق.م

ڪرشن 7 -آگسٽ 600ع تي جائو هو.

پر منهنجي خيال مطابق هندن جي تاريخ سنسڪرت دور سان واسطو رکي ٿي جيڪا گهڻي منجهيل آهي. پر سڪندر جي حملي کان پوءِ ڪيترائي سياح هتي آيا هئا جن جو چوڻ آهي تہ هتان جا ڪي اکر اهڙا آهن جن جو تعلق هندو ادب سان ڪونہ آهي. پر فينقي ۽ يوناني اکرن جي گڏيل شڪل ۾ آهن. هنن جو وڏيڪ بيان آهي تہ ڪين هڪ اهڙي لکت بہ ڏسڻ ۾ آئي هئي جيڪا فقط براچمينس (Brachmanes) قبيلي تائين محدود هئي. سندن مختلف جڳ يا دور علم نجوم سان واسطو رکن ٿا. سندن اهو بہ بيان آهي تہ هندن جي خيال موجب هنن جي تاريخ ۽ ڏرم نهايت قديم آهي. پر جهنگلي ماڻهن جو اهڙو تصور هميشہ ڏند ـ ڪٿائي هوندو آهي.

باب ٽيون

# فوجي ڇانوڻي، ڪراچي، ائنگلو_ انڊين فوج، هڪ ڪل جهڙو نالو، جيڪا مٿي ڪان وٺي پيرن تائين رڳو غلاظت ۾ ٻڏي پئي آهي، هتان جو معاشرو ۽ سياست

مسٽر جان بُل، اوهان جي زندگيءَ جي هيءَ ٻهرين رات آهي جيڪا اوهان سنڌ اندر ٽِڪي رهيا آهيو. مون کي ٻڌايو تہ اها اوهان کي ڪيئن محسوس ٿي رهي آهي؟ هتي نومبر جي شروعات سياري جو منڍ هوندو آهي ۽ ڏٺ بہ اچي کُپُ ڪوڙيندي آهي. مسٽر مري (Murray) جي هئنڊ_ بوڪ ۾ لکيل آهي تہ ”هتي اينڊڙ سياح کي معلوم هئڻ کپي تہ ٻهرين ڊسمبر کان وٺي ٻهرين مارچ تائين سيءُ هوندا آهن ۽ سال جي باقي ٻي رت گرم هوندي اهي.“ مون کي خبر نٿي پوي تہ سنڌس لکيل انهن لفظن جي معنيٰ ڇا آهي؟ مون هن ڏکويل ماٽريءَ جو هرهڪ حصو گهمي ڦري ڏٺو آهي. ان کان سواءِ هن ملڪ جو الهندو جابلو علائقو بہ منهنجو ڏٺل وائٺل آهي جيڪو هن کي بلوچستان کان جدا ڪري ٿو.(1) مون کي هر جڳهہ تي محسوس ٿيو آهي تہ هتي سيارو آڪٽوبر جي ٻهرين تاريخ کان شروع ٿيندو آهي. سيءُ بہ اپريل جي گهٽي پاڳي تائين ڀڪو ڳنڍيا ايندا آهن. پر منهنجو دوست ”Dry leaves from young Egypt“ (نئين مصر جا پراڻا ورق) جو مصنف اهڙو آهي جو سنڌ جي جهونڙي فاتح خلاف ڳالهائڻ کان بہ ڪونہ مڙيو آهي ۽ سنڌس لاڪ لاهي وڃي پار پيو آهي. هن مصنف پنهنجي ڪتاب جي صفحي 472 تي هن ريت لکيو آهي تہ سر چارلس نيپيئر اڳراين ۽ ڏاڍاين جو هڪ سلسلو شروع ڪيو هو. هن جي اهڙين ارڏاين کان مجبور ٿي حيدرآباد جي ٽالپرن ساڻس مهاڏي اٽڪائڻ جو

فيصلو ڪيو هو. هن ڪين 17 فيبروري 1843ع تي مياڻيءَ ۾ شڪست ڏيڻ کان پوءِ 24 مارچ تي ڦليليءَ جي ڪناري ”دبي“ واري جنگ ۾ شڪست ڏئي سنڌ کي انگريز سلطنت سان ملائي ڇڏيو هو. مسٽر پنچ (Punch) هن کي ”پڪاوي“ (Peccavi) جي اصول مطابق شيطان جو پاءُ تصور ڪري ٿو. پر حقيقت اها آهي تہ اهڙين اڳراين ۽ ڏاڍاين جي شروعات تہ ”جيمس آئوٽرام“ ڪئي هئي پر جڏهن هن ڪو ٻوٽو ڪونہ پاريو تہ سر چارلس نيپيئر جي پٺي ٺپي پڙ ۾ لاٿو هئائون.

هاڻي تاريخ جا ورق ورندا ۽ اڇا ڪارا سڀ پڌرا ٿي پوندا. مان پنهنجي دوست خان بهادر علي اڪبر کي سنڌس يادگيرين تي مشتمل هڪ تاريخ لکڻ جي گذارش ڪئي آهي. هن بہ اهڙي تصنيف قلمبند ڪرڻ جي حامي ڀري آهي. هن ماڻهوءَ افغانستان جي فتح (1838ع) کان وٺي سنڌ جي فتح ٿيڻ تائين انگريزن جون خدمتون سرانجام ڪيون آهن. هن پنهنجي زندگيءَ جا پورا نَوَ سال عزت ۽ آبرو سان گذاريا. سر چارلس جي سنڌ مان هلڻ وڃڻ کان پوءِ هن جي من پسند سيڪريٽريءَ بہ تڏا ويڙهايا ويا. هن ڪم جو مقصد هو اهو تہ جيئن بورڊ آف ڊائريڪٽرس کي راضي ڪري سگهجي ۽ انهن ماڻهن جي اندر تي تڏو ڇنڊيو هڻجي جيڪي سر چارلس نيپيئر جا ٽپايل هئا. هن منشيءَ تي الزام هنيو ويو هو تہ هن شرط ۾ پنجڻ وارا قيمتي گهوڙا ڏاريا هئا ۽ هڪ عاليشان گهر بہ خريد ڪيو هو جنهن جي قيمت سٺ پائونڊ هئي. جيتري قدر مون کي خبر آهي تہ اهي الزام هٿراڌو هئا ۽ کيس بدنام ڪرڻ لاءِ مڙهيا ويا هئا. اهڙيون ڳالهيون سرڪار دستاويزن ۾ داخل ڪيون ويندڙيون هيون. هي اهو ماڻهو هو جنهن لاءِ سر چارلس ”ايڪسيلينٽ پبلڪ سروينٽ“ (بهترين عوامي خدمتگار) جا لفظ لکيا هئا ۽ هن لاءِ نهايت عزت ۽ احترام وارا لفظ ڪتب آڻيندو هو. سنڌس بيان آهي تہ هو ايماندار ڪجهہ گهٽ پر ڏاڍو هوشيار ۽ وٽندڙ شخصيت جو مالڪ هو.(2) قصو ڪوتاهہ تہ هن نہ رڳو نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو پر کيس پينشن کان بہ جواب مليو هو. اهو ٿيندو آهي ڦٽن تي لوڻ برڪڻ. اهو واقعو 1847ع ڌاري ٿيو هو. منهنجي خيال ۾ ان ڳالهہ کي ڪو گهڻو وقت ناهي گذريو. اهڙيءَ زيادتيءَ جو ازالو ٿي سگهي ٿو. انڊيا آفيس ٽيهن سالن جي ان معاملي تي نظر ثاني ڪري سگهي ٿي. سرڪار هن کي نئينءَ سر ڪنهن نوڪريءَ ۾ رکي تہ جيڪر انگريزن جي هن نيڪ بخت ۽ مخلص نوڪر جي پڇاڙي

وارن خزان جھڙن ڏينهن ۾ بهار اچي سگهي ٿي. جيڪو سر چارلس نيپيئر جي چواڻيءَ مطابق "ايڪسيلينٽ پبلڪ سرونٽ" هو.(3)

جيڪڏهن اپريل مهيني جي پڇاڙي هجي ها ته، مسٽر بُل، مان اوهان جي سمهڻ واسطي ورانڊي ۾ بندوبست ڪريان ها. ڇاڪاڻ ته ماٺهو انهيءَ موسم دوران ٻاهر وله ۾ سمهندو ته ٿڌ ۾ ڳڳاٽجي پوندو. جڳهه جي اندرئين ڪمري جو گرميَ پد 90 ڊگريون فارن هائيٽ آهي جتي توهان سمهي ڪونه سگهندا. مان اوهان کي صبح جو سادي چٽين وڳي اچي ننڊ مان اٿاريندس، ڇاڪاڻ ته منهنجي مرضي آهي ته توهان سج اُڀرڻ کان اڳ گهمي ڦري سگهو. ڇو ته اوپر جي خشڪ علائقن ۾ ڏهاڙي گهمڻ جي هير هئڻ ضروري هوندي آهي. صبح جي تازي هوا کائڻ واسطي هلڪي رفتار (Lazy Canter) جيترو ڊوڙڻ نهايت اهم سمجهيو ويندو آهي. انهيءَ هلڪيءَ ڊوڙ دوران ڏاهي ماڻهوءَ جو گهوڙو ۽ گهوڙي جو سئس ان جي ڪڏ اچڻ گهرجن جڏهن هو ڊوڙي ٿڪجي پوي ته گهوڙي تي لانگ ورائي چڙهي پوي ۽ موٽي اچي رهائشگاهه پهچي. اُس کان لڳاتار لنوائيندو رهڻ به هڪ فوجي سپاهيءَ لاءِ هاجيڪار هوندو آهي. اها عادت بنگالي فوجيءَ ۾ تمام گهٽي آهي. اتي جنهن فوجي عملدار جي چمڙي ڦڪي ۽ سفيد ڏسندا آهن ته کيس هڪ نه ٻيءَ مهم تي روانو ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙيءَ ريت ان فوجي عملدار کي اُس ۾ بيهڻ اٽڪر تي پوندو آهي. اتي ته وهنجڻو به ٻاهه جي جَرَ ۾ پوندو آهي. پر جيڪڏهن ڪي تدبيرون اختيار نه ڪندو ته کيس ڏينهن لڳڻ جو امڪان تي پوندو آهي. جيتري اوهان ۾ اُس سهڻ جي سگهه هوندي، ايترو وڌيڪ اوهان اُس کي پسند ڪندا.

مسٽر اي. بي. ايسٽوڪ (E.B. Eastwick) ٻڌائي ٿو ته اهڙي وقت هڪ انگريز کي "جاڪي ڪئپ" مٿان ململ جو سنهو پٽڪو ضرور ٻڌڻ گهرجي. ان سان گڏ هڪ ٻيو اضافو به ڪرڻو آهي ته دماغ ڏانهن شريانين کي گرم رکڻ جي مقصد سان تنبوءَ جي در وارو پردو ويڙهڻ لازمي هوندو آهي. سندس هي مشورو به نهايت قيمتي آهي ته جڏهن بک لڳي ۽ آنڊا ڪلوس ڪلوس ڪن ته ڪمربند يا شال جو سندرو ٻڌجي. پر انهن سيني ڳالهين سان گڏ سنڌ جي سج جي توَ کان بچڻ واسطي پُسي ڪرڻ يا لٽا پاڻيءَ ۾ پُسائي گهمڻ ڦرڻ بهتر ٿيندو. پر مان سنڌ جي ڪاڙهه ۽ اُبس کان بچڻ لاءِ پاڻ سان سفيد ڇٽي به کڻندو آهيان. پر ائين ڪرڻ تي جنرل جان جيڪب (John Jacob) جا چيلا مچرجي پوندا آهن ته اهو عورتاڻو

فيشن آهي. پر هتي هڪ ڳالهه ضرور ياد رکڻي آهي تہ جڏهن ماڻهو گهوڙي تي سوار هجي ۽ گهوڙو پتارو چؤتال يا سُرپور ۾ ڊوڙندو هجي تہ پوءِ سفيد چِتيءَ ڪٽڻ جو شوق پورو ڪرڻ ڏکيو تي پوندو آهي. ائين ڪبو تہ ماڻهن کي بہ بچان لڳندي. شام جو هتي گهوڙيسواري ڪري سگهجي ٿي. ان کان سواءِ هتي گولف, ٽينس ۽ پولو کيڏڻ جي سهوليت پڻ آهي.

جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ ڪئمپ پرسان بہ چهل قدمي ڪري سگهو ٿا. صبح يا پوياڙيءَ جو ڪراچي شهر جي پرسان بہ گهمي ڦري دل وندرائي سگهجي ٿي.

ڪراچي هتان جي انگريز حڪومت جي راڄڌاني آهي جيڪو اڃا بہ هڪ ڳوٺ جي شڪل ۾ نظر اچي ٿو. هتي يورپي ريجمينٽ جو هيڊ ڪوارٽر بہ آهي. ڇانوڻيءَ ۾ فاتح فوج جا 5000 کان 8000 فوجي رهندا هوندا جنهن وٽ هر قسم جا هٿيار هوندا آهن. پر هن فوج جو گهٽو تعداد گهٽايو ويو آهي. هاڻي هن فوج جو اعليٰ عملدار برگيڊيئر جنرل آهي. سنڌ جي ساريءَ فوج جي ڪمانڊ هن جي هٿ هيٺ آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ هتي هڪ ڊويزن فوج بہ موجود ڪانهي جيڪڏهن هن فوج کي پنجاب واري فوجي نظام سان ملايو ويو تہ هن فوج جي ساک ڪجهہ بچي سگهي ٿي. هن فوج ۾ ايڊجوٽنٽ بہ ڪونهي ۽ فقط برگيڊ ميجر ۽ ڪوارٽر ماسٽر جنرل موجود ڏسجي ٿو. هتي فقط انگريزن جي 56 ريجمينٽ رهندي آهي. پامپا ڊيورس (Pompa dours) فوج جون بہ ڪمپنيون حيدرآباد موڪليون ويون آهن, پر اتي وري گهوڙيسوار فوج ڪانهي. سنڌ هارس جا 1480 جوان جئڪب آباد ۾ رکيا ويا آهن. ان جو هيڊ ڪوارٽر بہ جئڪب آباد آهي. اوسي پاسي جي اهم جڳهن تي بہ انهن جا ماڻهو رکيا ويندا آهن. کين ڏنل هٿيار ننڍيون بندوقون ۽ تلوارون آهن. سندن وردي "ڪوساڪ" (Cossack) ماڻهن جي لباس جهڙي هوندي آهي جيڪا ڪنهن زماني ۾ ڪريميا جا رهاڪو باشي بزوق (Bashi Bazuk) ۽ اريگيولر فوج جا گهوڙيسوار دستا پائيندا هئا. هن لباس ۾ سائي رنگ جو چست ڪوٽ پاتو ويندو آهي ۽ مٿي سان پٽڪو ٻڌو ويندو آهي. چيلهہ سان ڪارو پٽو ۽ گهوڙيسواريءَ وارو بوٽ پاتو ويندو آهي. ڪراچيءَ ۾ هتان جي ڏيهي 2_ بلوچ ريجمينٽ ۽ بامبي انفنٽري رهندي آهي. اهي ڪم وقت سَرج جو ڪرتو پائيندا آهن ۽ نيري پٽڪي سان گڏ سائو ڪوٽ پهريندا آهن جن جو اڳيون پاسو ڳاڙهو هوندو آهي. هي لباس

مڪمل فوجي وردي طور پاتو وڃي ٿو. مڃڻ سان رڱيل لباس بہ ٺاهوڪو لڳندو آهي. جنهن سان سفيد يا پورا موزا بند ۽ بلوشر (blucher) بوٽ پاتا وڃن ٿا. سنڌن هٿيار فوج جي عام سپاهين وارا آهن. سنڌ جي اتر- اولهہ واري سرحدي ضلعي جيڪب آباد ۾ جيڪب رائفلس مقرر ڪئي وئي آهي جنهن کي اڳي 30- ريجمينٽ بامبي نيٽو سڏيو ويندو هو ۽ سنڌن ڪل تعداد ست سؤ هو. هن فوج جو لباس خاڪي يا بادامي رنگ جو هوندو هو ۽ هٿيار طور وٽن توڙيدار بندوقون هيون. حيدرآباد ۾ انگريز ڪمپنين سان گڏ هڪ بلوچ ريجمينٽ رهائي وئي آهي (يعني 27- بامبي نيٽيو انفنٽري) جيڪا پنهنجي وڏن پٽڪن ڪري گهڻي مشهور آهي.

سنڌ ۾ توبخاني لاءِ هڪ ليفٽيننٽ رکيو ويو آهي جيڪو هٽي هيڊ ڪوارٽر ۾ رهندو آهي هن جي هٿ هيٺ انگريزن تي مشتمل بہ فيلڊ بئٽريز (Field batteries) آهن جن مان هڪ هٽي ڪراچيءَ ۾ ۽ ٻي حيدرآباد ۾ رکي وئي آهي. جيڪب آباد ۾ اهڙو توبخانو رکيو ويو آهي جيڪو عام طور جابلو علائقن ۾ ڪم آندو ويندو آهي. منجهس 150 ماٿهو بہ مارٽر ۽ ڪيتريون ئي هائوزرس (howitzers) موجود آهن. اهي سڀ 1/5 4 انچن جون آهن. انهن کي فولاد جي (breech loaders) سان تبديل ڪري سگهجي ٿو. هنن جو وزن بہ سؤ پائونڊ آهي ۽ خچرن جي مدد سان هيڏانهن هوڏانهن چڪي سگهجن ٿيون. توبن جي ڪن اوٺائين جي شڪايت ڪئي وئي هئي پر اهڙين شڪايتن جي ازالي ڪرڻ بدران هندستان لاءِ ڊائريڪٽر جنرل آرڊيننس رکي، ان معاملي کان لنوائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ ريت جابلو علائقي سان لاڳاپيل توبخاني کي اجا تائين بي اثر ۽ بيڪار بنائي رکيو ويو آهي. ائين چئي سگهجي ٿو تہ اهڙيون شڪايتون ساري هندستان ۾ عام آهن. جيڪب آباد ۾ جابلو توبخاني کي ڇڪڻ واسطي فقط ڇوڏهن خچر رکيا ويا آهن جيڪي تمام ٿورا آهن. هن شعبي جو ڪمانڊنگ آفيسر مسٽر ينگ آهي. ڪيس سنڌ ۾ انهيءَ شعبي تي رهڻ جو ڇوڏهن سالن جو تجربو آهي، پر هنن حالتن ۾ ڪيس فوج کي ميدانِ عمل ۾ آڻڻ ۾ گهڻي دير لڳي ويندي.

مسٽر بل! اوهان ڏسو فوج جو وڏو تعداد سنڌ مان ڪيڏي ٻئي هنڌ رهايو ويو آهي يا وري انهن کي فوجي نوڪريءَ مان فارغ ڪيو ويو آهي. اهو حال ساري هندستان جو آهي جتان پڻ فوج جو وڏو تعداد فارغ ڪيو ويو آهي. دعويٰ اها ڪئي پئي وڃي تہ ائين ڪرڻ سان وڏو اقتصادي فائدو

آهي. ان جو سبب امڪاني امن امان ۽ صلح سانت آهي. اهڙن املهه خيالن جو اظهار جيڪب آباد جي ائڪٽنگ ڪمشنر جان جيڪب به ڪيو آهي. سنڌس قائم ڪيل سلاحدار (Silahdar) طريقو ڏاڍو ڪامياب ويو آهي ۽ اڳئين فوجي نظام ۾ اهڙي سوچ فڪر کان گوءِ کٽي ويو آهي. هي ماڻهو نين ۽ نرالين ڳالهين ڪري ٻين کان منفرد لڳندو آهي جيڪو پنهنجو ڪم صبر، استقلال ۽ اعتماد سان ڪري رهيو آهي. هن اتي اسڪول به قائم ڪري ڇڏيا آهن جيڪي عيسائيت جو پرچار ڪري رهيا آهن. وٽس هڪ سگهارو نقطءِ نظر آهي. ڪن حقيقتن بابت وٽس تجربو بلڪل تورو آهي پر پنهنجن خيالن تي مڪمل اعتماد اٿس. ليڪن جيستائين هو پردي ۾ رهيو ان وقت تائين هو نهايت بااثر شخصيت رهيو پر بدقسمتيءَ سان سنڌس هڪ چيلي ۽ مداح ڪئپٽن پيلي (Pelly) (جنهن کي ڪجهه وقت پوءِ سر لوئس جو خطاب ڏنو ويو هو) هن جي وفات کان پوءِ سُتت ئي سنڌس لکيل هڪ ڪتاب ڇپرايو هو جنهن ڪري جنرل جيڪب جا اصلي خيال منظر عام تي آيا.(4) اهڙيءَ ريت دنيا کي سنڌس اصل قدر قيمت جو اندازو ٿيو هو.

جنرل جان جيڪب پنهنجي عقيدي جو سخت پابند هو جنهن نه رڳو سنڌ پر ساري هندستان کي متاثر ڪري رکيو هو. سر چارلس نيپيئر هڪ سچو فوجي هو جيڪو جان جيڪب جهڙن هڪ سؤ ماڻهن برابر هو تنهن سدائين فوج وڌائڻ جي سفارش ڪئي هئي. سنڌس خيال هو ته فوجي عملدارن ۾ سپاهين جو تعداد گهٽو هئڻ کپي. سنڌس اهو به ويچار هو ته ڇهه ڪئپٽن، ٻارهن ليفٽيننٽ ۽ چار نشان وڏيڪ هئڻ گهرجن. سنڌ جي هن فاتح کي اهو به اعتراض هو ۽ چوندو هو ته ريگيولر فوج ته ريگيولر آهي ئي ڪانه. سنڌس نقطءِ نظر هو ته استاف مان سنا ۽ ڏاها فوجي چونڊي انهن کي بعد ۾ مختلف جڳهن ڏانهن موڪليو وڃي. جيتري قدر جنگين ڪري جاني نقصان جو تعلق آهي ته ڪارن فوجي عملدارن جو تعداد بيڻ تي مئو آهي. مياڻيءَ جي جنگ جو مثال وٺو. جنهن ۾ هڪ انگريز فوجي عملدار جي پيٺ ۾ ڇهه ڪارا عملدار مارجي ويا هئا. ان جو سبب ظاهر آهي. جنگ دوران ڦڪي رنگ وارا انگريز جهنڊو کٽي، هر ونگ، هر ڪمپني ۽ هر ڪور جي اڳواٽي ڪندا آهيون. جيڪڏهن اسان َائين نه ڪريون ته هتان جا فوجي جوان ۽ عملدار پاڻ کي جنگ جي باهه ۾ اڇلائڻ لاءِ ڪڏهن به تيار ڪونه ٿيندا. ڏيهي فوجين جي پيٺ ۾ اسان جو

رنگ پري کان پڌرو آهي. اسان جون فوجيورديون بہ مختلف هونديون آهن. اهڙيءَ طرح اسان جي دشمن کي اسان کي مارڻ لاءِ وڏي سولائي ٿي پوندي آهي.

جنرل جان جيڪب، سر چارلس جي پيٺ ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار هن ريت ڪيو هو تہ ريگيولر فوج جي جاءِ اريگيولر فوج رکي وڃي. هن مان سندس مراد اها هئي تہ فوج ۾ انگريزن جو تعداد گهٽايو وڃي. ان ڪري کيس فوجي عملدارن چونڊڻ جو سونهري موقعو ملي ويو. ان ناتي هن پنهنجي "سنڌ هارس" کي اڳئين کان وڌيڪ مضبوط ڪري ورتو. هڪ قبر کوٽڻ واري جو چوڻ آهي تہ هن سنڌ هارس کي ساري دنيا لاءِ هڪ ماڊل بنائڻ پئي چاهيو. هن پنهنجي ايمانداريءَ ۽ اخلاص سان پنهنجن چيلن جي ڪنن ۾ هيءَ ڦوڪ ڏني هئي تہ هو ساري دنيا جا چونڊ ۽ بهترين گهوڙيسوار آهن هي ماڻهو اهڙو پرچار ان وقت تائين بہ ڪندو رهيو جڏهن کيس ڪڪ پچي ٻيٺي ڪرڻ جيتري سگهہ بہ ڪانہ هئي. جڏهن اسان ڏکڻ ايران تي اوچتو حملو ڪيو. اسان جي اهڙي ڪاروائي پريا چار مهينا هلي. انهن چئن مهينن جي عرصي دوران هر ماڻهوءَ جي وات تي رڳو "سنڌ هارس" جا لفظ هئا. ٻيو تہ ٺهيو پر حبش جو هر ماڻهو هن "سنڌ هارس" جا ڳڻ ڳائي رهيو هو. پر 1857ع واريءَ بغاوت دوران هو هندستان جي پنڊتن ۽ برهمڻن سان گڏ هئا. ليڪن هنن افواهن پکيڙڻ ۽ پرچار ڪرڻ ۾ اصلي ويهون وڄائي ڇڏيون هيون. فوجي اختيارن وارا بہ هن جي ڳالهہ تي اکيون ٻوٽي اعتبار ڪري رهيا هئا تہ هو جيڪو ڪجهہ چئي رهيو آهي سو سورهن آنا سچ آهي. سندن اهو قدم آپگهات جهڙو هو. ڇاڪاڻ تہ اهي سوچي رهيا هئا تہ ائين ڪرڻ سان سرڪار جا چار ڏوڪڙ بچي پوندا. نہ رڳو ريگيولر فوج کي اريگيولر بڻايو ويو پر ريگيولر ۽ اريگيولر فوج کي اهڙيءَ ريت پاڻ ۾ ملايو ويو هو جو ٻوٽ ٻاڪرو ۽ پچ ريڊو ٿي ويو هو.

نتيجو اهو نڪتو جو هندستان جي ساري فوج ئي بگڙي ناس ٿي وئي. فوج جو اهو نمونو بہ هڪ راز آهي جنهن ۾ عملدار تہ هوندا ئي ڪونہ. پر جيڪڏهن هوندا تہ وري سپاهين جي تعداد کان وڌيڪ هوندا. فوج جي ڊرل واسطي ڪمانڊٽ ۽ ايڊجوٽنٽ جي ضرورت هوندي آهي جيڪو بندوق هلائڻ جي سکيا ڏيڻ استاد جو بہ هوندو آهي تہ علاج لاءِ سرجن بہ هوندو آهي. اهڙيءَ ريت وڏي ۾ وڌ تي ڪمباٽنٽ (Combatants)

هوندا آهن. اهڙيءَ ريت جنگ وقت فيلڊ آفيسرن جي ضرورت پوندي آهي جيڪي انگريز ۽ في ڪمپنيءَ جي حساب سان تعداد ۾ ٻه هٿڻ گهرجن. پر انهن جو وڏيڪ صحيح تعداد ٽي آهي. اهڙا آفيسر اسٽاف ڪور Staff) (Corps مان به ڪنيا وڃن پر اهڙن آفيسرن جي ساري فوج مان چونڊ ڪئي وڃي. جيڪڏهن هن اصول تي عمل ڪيو ويو ته عملدار سپاهي ۽ سپاهي، عملدار ڪي چڱيءَ ريت سڃاڻي سگهندو.

معلوم ٿيندو ته فوج جي موجوده نظام ۾ ريگيولر ۽ اريگيولر ۾ جيڪي اوڻايون ۽ اوگڻ هئا سي اچي هڪ جاءِ تي گڏ ٿيا آهن جن ۾ چڱائيءَ جي ته ڪا ڳالهه ئي نظر ڪانه ايندي. ساريءَ پيادل فوج جو مڪمل اڌ چانوڻيءَ ۾ غير حاضر رهندو آهي جنهن ۾ پورا نَوَ انگريز عملدار مقرر آهن. انهن مان هڪ ته سرجن آهي جنهن جو سڌي طريقي سان جنگ سان ڪو تعلق ئي ڪونه هوندو اهي. ان کان سواءِ ٻيو آهي ايڊجوٽنٽ ۽ ٽيون آهي ڪوارٽر ماسٽر جنرل جن جو تعلق ملازمن جي هينئين طبقي سان آهي. انگريز ريجمينٽ ۾ اهڙا ٽيهه عملدار آهن جيڪي ايڊجوٽنٽ ۽ فيلڊ آفيسر آهن. هڪ انڊين ڪور جو ڪمانڊنگ آفيسر ليفٽيننٽ ڪرنل آهي. مسٽر جان بُل، ڪندا اعتبار؟ ان کي ميجر سيڪنڊ، اِن ڪمانڊ به آهي، ٻه ونگ آفيسر، ٻه ونگ سب آلٽرن Sub) (altern، ايڊجوٽنٽ ۽ ڪوارٽر ماسٽر جنرل به آهيَ. سندن ڪارڪردگيءَ جو حال وري هيءُ آهي جو گولاباري جي ٻن ڌماڪن سان هرڻن وانگر ڀڄڻ شروع ڪندا آهن. اها به هڪ حقيقت آهي ته سورهن ڏيهي ڪميشنڊ آفيسر، چاليهه حوالدار (سارجنٽ)، چاليهه نائڪ (ڪارپس) آهن جن جو ڪل تعداد 99 ٿيندو. پر اهو ته تصور ئي ڪري ڪونه ٿو سگهجي ته فوجي سپاهي انگريز آفيسرن جي اڳواڻيءَ کان سواءِ پاڻمرادو جنگ ڪري سگهندا.

اهڙين اوڻاين کان سواءِ ٻيون به الائي ڪيتريون گنديون ڳالهيون آهن جيڪي هن فوجي نظام اندر گهر ڪري ويهي رهيون آهن. اوهان ڪيولري ڪور به فوجي عملدارن جي خيال مطابق اٽپورا آهن. ٽن مهينن جي جنگي مهم ۾ ڪيترا ماڻهو مارجي ويا آهن. سندن تعداد گهٽجي وڃي هڪ ٽروپ جيترو بچيو آهي. مسٽر جان بُل، اوهان جي پيادل ريجمينٽ ۾ اٺ ڪمپنيون آهن ۽ هرهڪ ڪمپنيءَ ۾ 75 جوان آهن. اهڙيءَ ريت سندن ڪل تعداد 640 جوان بيهي ٿو. ان کي به جيئن جو تيئن رکيو ويو

آهي. فوج جي هن حصي کي هڪ بهترين يونٽ تصور ڪيو ويجي ٿو. ان کان پوءِ بہ ڇا ڪيو ويندو آهي تہ هر ڇهين يا ستين سال انگريز عملدارن کي گورن جي ريجمينٽ مان بدلي ڪري ڪارن جي ريجمينٽ ۾ رکيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت کين پينشن بہ هندستان مان ڏني ويندي آهي، توڙي جو هو هندستان ۾ فوجي خدمت پوري بہ ڪون ڪندا آهن. اهي اهڙا ماڻهو هوندا آهن جيڪي فوج کي طاقتور ڏسڻ ڪون چاهيندا آهن ۽ انگريز فوجي آفيسر ڏسڻ سان تپجي پوندا آهن. اهڙن ماڻهن جي زندگيءَ جو مقصد ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ هوندو آهي ۽ چاهيندا آهن تہ فوجي ميس اڌ خالي هجي. ٻئي پاسي وري هي اوندهہ بہ ڏسڻ ۾ ايندي آهي تہ جن انگريز فيلڊ آفيسرن کي هندستان ۾ فوجي خدمتون سرانجام ڏيندي ويهہ پنجويهہ سال گذري ويا آهن پوءِ بہ اهي سڀ آلترن جي عهدن کان اڳتي وڌي ڪون سگهيا آهن. معلوم ائين ٿي رهيو آهي فوجي زندگيءَ ۾ موجود جوش ۽ جذبي کي هٿ سان ناس ڪري رهيا آهن. اهڙا ماڻهو ڪراڙپ واريءَ عمر تي پهچي پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويهندا آهن. مان اوهان کي هڪ ڳالهہ ٻڌايان ٿو ان کان پوءِ پاڻ ساري صورتحال جو اندازو ڪري سگهندا. هڪ ميجر آهي جنهن نَوَ سال فوجي خدمت سرانجام ڏني آهي. هن ماڻهو ٽن جنگين ۾ عملي طور حصو ورتو آهي. ان کان سواءِ ٽي سال "سيڪنڊ اِن ڪمانڊ" بہ رهيو آهي. ٿورو وقت ٿيندو جو ڪيس هڪ ليفٽيننٽ ڪرنل معطل ڪري ڇڏيو آهي. مزي جي ڳالهہ اها اهي تہ معطل ٿيڻ وارو فوجي عملدار ڇهن مهينن اندر پاڻ ليفٽيننٽ ڪرنل ٿيڻ وارو هو. اهو تہ ڏنو وائنو ايذاءُ ۽ اذيت آهي ۽ اهڙي يُڏين ڳالهين جو آخر نتيجو ڇا نڪرندو؟ هاڻي اهو ماڻهو فوجي نوڪريءَ کان نفرت ڪري رهيو آهي. هن پنهنجي ساري زندگي نهايت ايمانداري ۽ سچائيءَ سان گذاري آهي. هاڻي تہ هو جيئڻ مان ئي بيزار ٿي پيو آهي. هڪ سب آلترن فوجيءَ جو چوڻ آهي تہ هر سب آلترن فوجي هڪ سبزي جو مثال آهي جنهن ۾ نہ جوش جذبو هوندو آهي نہ وري آس اُميد جو ڪو ترورو.

ان کان سواءِ گهر وڃڻ لاءِ ڏگهي موڪل بہ هڪ اڻنگو ۽ منجهيل معاملو آهي ۽ تجربيڪار فوجي عملدار لاءِ نقصانڪار هوندو آهي. هن قسم جي موڪل تي پهريون اعتراض اهو ڪندا تہ پوري پگهار ۽ الائونس سان ڇهہ مهينا موڪل ڇو؟ پر جيڪڏهن موڪل ملندي تہ گهر وڃڻ وارن کي نہ پر ڪشمير ۽ هماليہ جبل جي گهمڻ وارن فوجي عملدارن کي. پر

جيڪڏهن ڪو عملدار انگلنڊ وڃڻ لاءِ پگهار ۾ الائونس سان گڏ ڇهن مهينن جي موڪل گهرندو تہ اهڙو جواب ڏيندا جو هيانءُ ئي سڙي ويندو. پر اهڙي پرعايتي موڪل واري سهوليت غير فوجي سرڪاري عملدارن لاءِ ڇو نہ هوندي آهي؟ اهڙا بااختيار ماڻهو پراڻين روايتن کي جور جيان ڇو چنبڙيا پيا آهن؟ فوجين جي زندگي آخر زهر ڇو بنائي وئي آهي؟

سر هينري هيو لاڪ (Henry Havelock) جو هائوس آف ڪامنس ۾ ڏنل بيان ڏاڍو سچو ۽ کرو آهي تہ "هندستان ۾ رهندڙ انگريز فوج ننهن کان چوٽيءَ تائين ناس ٿي چڪي آهي." سندس هن بيان تي ساري عوام اچرج ۾ پئجي وئي آهي، جيڪي پڪ وڪ (Pick wick) ۾ سرڪاري اعلانن کي سرارو سچ سمجهي اکيون ٻوٽي اعتبار ڪري ويهندا آهن. اسان هن حقيقت کان پوريءَ ريت واقف آهيون تہ هندستان واري انگريز فوج، انگلنڊ واري انگريز فوج جي ڀيٽ ۾ خراب صورتحال کي مُنهن ڏئي رهي اهي. اسان پوري يقين سان چئي سگهون ٿا تہ هندستان جي فوج اندر عملدار ۽ سپاهي نهايت خراب حالتن سان مُنهن ڏئي رهيا آهن. ان کان پوءِ اهڙو تصور ڪرڻ چريائي آهي تہ اهي ماڻهوُ روس خلاف وڙهي سگهندا يا افغانستان ۾ جنگي صورتحال کي مڙسيءَ سان مُنهن ڏئي سگهندا.

مسٽر جان بل، منهنجي بيان ڪيل ڳالهين تي ويساهہ ڪريو. شايد اوهان انهيءَ ڪري منهنجي ڳالهين تي يقين نہ ڪري رهيا آهيو جو انهن ۾ ٻٽاڪ جو ٻُرڪو ۽ رنگيني گهٽ آهي. اولڊ مئڊس جرنل (Old Maids Journal) (اسپيڪٽيٽر Spectator) قديم تہ آهي پر سونهن سنجٽ کان وانجهيل آهي. منجهس عصمت ۽ تقدس جي جهلڪ بہ گهٽ نظر ايندي آهي. اهو بہ مون کي دٻائي ۽ دڙٻاٽي رهيو آهي تہ مان سَستي شُهرت واسطي ايترو اُبهرو ۽ اتاولو ڇو آهيان. ان کان سواءِ اهو هن ڳالهہ ڏانهن بہ اشارو ڪري ٿو تہ مٿيَ بيان ڪيل بالا اختيارين وارا ماڻهو پنهنجي منصبي فرضن کان چڱيءَ ريت واقف آهن ۽ سمجهن ٿا تہ منصبي فرض ڇا ٿيندا آهن ۽ انهن کي مهارت سان ڪيئن سرانجام ڪري سگهبو آهي. پر معلوم هئڻ گهرجي تہ اهي وڏا سرڪاري ڪامورا مڃيءَ جيان هڪ وڏي جار ۾ ڦاٿا پيا آهن، ڪين چرڻ پرڻ ۽ ڦٿڪڻ جي تہ طاقت آهي پر ان مها جار کان ٻاهر اچڻ سندن وس جي ڳالهہ ڪانہ هوندي آهي. انهن جي ڀيٽ ۾ اسان جهڙا نقاد آزاد هوندا آهن جن جي عقابي نظر نتيجن ڏانهن هوندي آهي ۽ اهڙي ڪنهن بہ آپدا ۾ اڙيل ڪونہ هوندا آهن جن مان هو

جان آجي ڪري نہ سگھن. ٻي اهم ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ هر ماڻهو هر معاملي جي ڇاڻ رکي ڪونہ سگھندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو ماڻهو هڪ ڪاتي ۾ ڪنهن هڪ اعليٰ عهدي تي رهندو آهي. والٽيئر (Voltaire) جو چوڻ آهي تہ خدا جي ڪمن جا راز ڪير بہ سمجهي ڪونہ سگھندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي ماڻهو جن جي هٿن ۾ قومن جون تقديرون هونديون آهن تن جو سوچ فڪر محدود هوندو آهي ۽ خدا جي راز کي ڪڏهن بہ سمجهي ڪونہ سگھندا آهن.

ڪي ماڻهو پنهنجي شخصيت ۽ حيثيت ۾ فطري طور ممتاز هوندا آهن ۽ عام ماڻهو لازمي طور سندن احترام ڪندا آهن. ٻيا ماڻهو وري اهڙيون رعايتون گھري ونندا آهن. اهڙن ڀُڏن ۽ ڪڏن طريقن کان سچا ۽ سُپتيا ماڻهو نفرت ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو سچ بہ تڏهن چوندا آهن جڏهن سمجهندا آهن تہ اهو هڪ خوشگوار اثر پيدا ڪري سگھي ٿو. اهڙا ماڻهو سولائيءَ سان اندازو ڪري سگھندا آهن تہ سندن سچ چوڻ ڪري سماج ۾ ڦيٽاڙو ۽ اٿبٽ وارو وايومنڊل پيدا ڪونہ ٿيندو. جيڪڏهن سمجهندا آهن تہ سماج ۾ اهڙو اٿبٽ وارو اثر پيدا ٿي رهيو اهي تہ ان مان جلدي جند ڇڏائڻ ۽ ان کي وساري ڇڏڻ بہ هنن لاءِ سولي ڳالهہ هوندي آهي. ڪي ماڻهو ظاهر ۾ ڏاڍا سچا ۽ سُپتيا لڳندا آهن ۽ ڪي ڳالهيون وري ظاهر ۾ ڏاڍيون سٺيون ۽ سٻتيون لڳنديون آهن. عام ماڻهو انهن لاءِ ڏينهن رات پرچار ڪندا وتندا آهن ۽ جتي بہ وجهہ ملندو اتي تہ گڏهہ کي گابو سڏي سَؤ ساراهون ڪري وڃي پار پوندا آهن. سندن چاپلوسي ۽ خوشامدي زبان ڳالهائيندي تہ تڪبي ئي ڪانہ آهي. اهي سطحي قسم جا هلڪڙا ماڻهو هوندا آهن جيڪي لَبُ ڏسي ليٽي پوندا آهن. سندن مٿي اُسرڻ ۽ اُيرڻ پيرن وسيلي نہ پر زبان وسيلي هوندو آهي. سستي شهرت جا! بکيا ماڻهو K.C.B جي خطابن وسيلي ۽ تمغن جي قطارن واسطي پنهنجي بهادري ۽ اهليت بدران پنهنجي زبان جي طاقت ۽ لفاظيءَ جي سگھہ کي ڪتب آڻيندا آهن. کين پورو پتو هوندو آهي تہ سٽيءَ زبان ۽ ساراهہ وارن لفظن ۾ جادوءَ جهڙي سگھہ آهي. موقعي جي نزاڪت سان سانڊي وانگر رنگ بدلائڻ ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هوندا آهن. مختصر تہ اهڙا ماڻهو ترقي ڪرڻ واري انجيل جي هر اکر جا ماهر ٿيندا آهن. ڪن ڏڪاريل انگريزن کي پاڻ اگھائڻ جو اهو ڏانءُ ڪونہ ايندو آهي تنهن ڪري وتندا آهن ڏرم جا ڏڪا کائيندا.

مسٽر جان بُل، اوهان کي اچرج ڪرڻ جو ڪو حق ڪونہ آهي. مون پنهنجي تجربي مان محسوس ڪري ورتو آهي تہ توهان کي تعجب ڪرڻ جي بہ پٽَ پيل آهي. جڏهن مان وڏي سرڪاري عهدن تي بدنام ۽ نااهل ماڻهو ڏسَندو آهيان جن ۾ نہ عقل هوندو آهي نہ ايمانداري ۽ ديانتداري. اهڙا ماڻهو اهڙي شخصيت بہ ڪونہ هوندا آهن جو ٻين کي متاثر ڪري سگهن پر انهن جي نصيب ۽ بخت جو ستارو بلند هوندو آهي جنهن تي اوهان کي نہ ڏک ڪرڻ کپي نہ وري ساڙ ۾ سڙڻ گهرجي. اهي اهڙيون خاميون آهن جيڪي فقط دشمن وڌائينديون آهن. پر اوهان کي دوست پيدا ڪرڻ واسطي هزارين سال گهرجن جيڪي اوهان جي خانگي، سرڪاري ۽ سياسي دشمنن جو چڱيءَ ريت مقابلو ڪري سگهن.

اوهان کي ڇا ٻڌايان، هتي تہ سارو وايومنڊل ئي ڊانواڊول لڳو پيو آهي. هندستان جي فوج جي نااهلي دوست دشمن آڏو وائکي تي پئي آهي. ان ۾ بنيادي تبديلين بابت ڪن لکيل رپورٽن کي پڙهي تعجب نہ ڪرڻ گهرجي. ان ڳالهہ تي بہ اچرج ڪرڻ نہ کپي تہ ان فوج کي پنهنجي اصلي صورت ۾ آڻڻ لاءِ ڪي اهم قسم جا سڌارا آندا پيا وڃن. لارڊ نارٿ بروڪ (Lord North brook) هڪ غير فوجي سرڪاري عملدار آهي جنهن کي فوج جي نئين سر تنظيم جي، اچي هورا کورا لڳي آهي. سر چارلس نيپيئر جڏهن حبش ولايت ۾ ڪنهن جنگي مهم ۾ مصروف هو تہ هن هندستان جي هر پريزيڊنسي ڏانهن خط موڪليا هئا تہ ڏانهس فوج موڪلي وڃي. پر مذڪوره اختيارين سندس خطن تي ڪن بہ ڪونہ لوڏيو هو. شايد نيپيئر سان اتفاق راءِ رکڻ وارا ماڻهو پنهنجي نقطءِ نظر کي اڳتي آڻڻ ۽ مخالف جي نقطءِ نظر کي پوئتي ڌڪڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جا زور لاهي رهيا هئا. مسلمانن ۾ شيعا، سُنين کان ايتري نفرت ڪندا آهن جيتري رومن ڪئٿلڪ وارا پراٽيسٽنٽ فرقي کان. جڏهن هڪ فرقو ڪا ڳالهہ ڪندو آهي تہ ٻيو فرقو ان جي مخالفت ۾ دشمنيءَ جا سڀ ليڪا لتاڙي وڃي پار پوندو آهي. جيڪڏهن فوج جا سُني فرقي جا دستا ميدانِ عمل ۾ هوندا آهن تہ شيعا فوجي چوندا آهن تہ اسان جو ڇا. هلو تہ موٽي فوجي ڪئمپ ڏانهن هلون.

ڪراچيءَ جي فوجي ڇانوڻي هيناهينءَ ۾ قائم ڪئي وئي آهي جتان ڪياماڙيءِ واريون ڊڀون ۽ منهوڙي وارو سپُن جو جبل پيو ڏسبو آهي. هن جي اوير پاسي کان چينيءَ ڪاريءَ جو مَٽيون طرف آهي جنهن

جي ڪناري سان تمر وڻ جا ٻيلا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پاڻي هڪ ڊوري جي پاڻيءَ جيان ٻينل ڏسبو آهي. ڪاڙهه ۾ گهٽ واري وقت ان ٻينل پاڻيءَ جي ڏپ نڪ پئي ساڙيندي آهي. ان جي پاسي کان پاڻيءَ ۾ پراڻ وجهي هڪ رستو ٺاهيو ويو آهي جنهن ڪري اهو پاڻي اتر پاسي ڏانهن وڌي ڪونہ ٿو سگهي. انهيءَ ساڳي طرف ننڍيون وڏيون ٽڪريون ۽ پٿون آهن. جتي اسان کي "ڪلفٽن"، "هني مُون لاج" ۽ "گذري" واري جوءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. فريئر ريلوي اسٽيشن بہ ساڳئي طرف آهي جيڪا فوجي ڪئمپ جي سهوليت واسطي قائم ڪئي وئي آهي. هتان ڪياماڙي ڇهن ميلن جي پنڌ تي آهي جتان ريل وارو بند چانوٽيءَ کان ڏاکڻيون پاسو ڏئي گذرندو آهي. هتان ڊونهين جي رنگ جهڙا بہ نشان نظر ايندا آهن "فريئر ٽائون" جو بنياد بہ هن جاءِ تي رکيو ويو هو پر بدقسمتيءَ سان ان ٽائون جا چار گهر جُڙي مس راس ٿيا هئا. هتان جو زير زمين پاڻي بہ سمنڊ جي پاڻيءَ جهڙو کارو آهي. زمين جو مٿاڇرو ساڪرو آهي، روڙيءَ ۾ سخت قسم جي پٿريءَ مٿان لَٽُ، جميل ڏسبو آهي. جر وارو هيٺيون پاڻي زمين جي مٿاڇري کان ٽن کان سٺن فوٽن تائين هيٺ آهي. هتان جي کوهن جي عام طور اونهائي بہ ايتري هوندي آهي. ڪُمب لاءِ پاڻيءَ جو بندوبست مسٽر ٽريچر (Treacher) اينڊ ڪمپنيءَ جي اڱڻ واري کوهہ مان ٿيندو آهي. جڏهن هن جوءِ جو پاڻي هيٺ لهي ويندو آهي تہ هتان جا رهواسي پريشان ٿي ويندا آهن. هتان جي جڳهن جا هينان پاسا ڪلر ڪري جڻ آلا پيا ڏسبا ۽ پٿين جا چاپوڙا پيا هيٺ ڪرندا آهن. ڪئمپ جا رستا سنوان سڌا ۽ ويڪرا آهن. روڙي وجهي رستي جون ڊوريون ڊيپون هڪ ڪيون ويون آهن، پر پوءِ بہ گوڏي جيڏي ڊاب آهي جنهن تي ڪيترو بہ پاڻي هاربو پر جمي ڪانہ سگهندي آهي. ان ڪانسواءِ هلڪن سلڪن گهارن ۾ نئن مٿان پليون ٺاهيون ويون آهن. بتيون ڪوڙي تيل تي ٻرنديون آهن. هتي گئس ۽ گاسليٽ ڪونہ ملندو آهي. اڳي گهرن جا اڱڻ کليل هوندا هئا. هاڻي انهن جي چؤطرف پٽيون اوساريون پيون وڃن. اڳي هتي گهرن جي چوڌاري ڪي ٻوٽا پوکي پيهر جو ڪم ورتو ويندو هو. جن ۾ خطرناڪ نانگ بلائون ۽ زهريلا جيت جڻيا اچي پناهہ وٺندا هئا. هاڻي انهن ٻوٽن جي جاءِ تي تارن جو پيهر قائم آهي. اهڙن گهرن جي مالڪن جو جنگهون پڃي پيون آهن. چاڪاڻ تہ اهي گهوڙن تي سوار ٿي تکو تکو گهر ورندا آهن. اونداهي ۾ اهڙيون تارون نظر ڪونہ اينديون آهن ۽ ڦهہ وجي پٽيءَ تي

ڪندا آهن. ٻوليءَ جا عالم چوندا آهن تہ (Compound) (اڱڻ) جو لفظ پورچوگيز ٻوليءَ سان واسطو رکي ٿو جنهن جو بنياد ڪئمپئن (Companh) لفظ آهي. هن لفظ جي ظاهري جوڙجڪ مان پتو پوي ٿو تہ سندس مفهوم "اڱڻ" يا "ننڍڙو باغيچو" آهي. هتان جا وڻ ٻوٽا بہ سخت جان آهن جيڪي سامونڊي ڪناري سان سدائين ساوا پيا ڏسبا آهن. هتي ٻير، لئو ۽ ڪبڙ تہ جام آهي، باقي ڪجيءَ جو وڻ ڇڊو پاڊو نظر ايندو آهي. ان ڪان سواءِ "توهر"، "اگر وڻ"، "رقوم هندي"، "ڪنير يا ڪسر" جو ٻوٽو بہ نظر اچي ٿو. اهو پتو نہ آهي تہ هتي سروَ جو وڻ ٿيندو آهي يا نہ؟ هتي ٻڙ جو وڻ ۽ لاٽيءَ جو ٻوٽو تمام گهٽو آهي. هن جوءِ ۾ ساوا ۽ ڪليل ميدان تہ اکين ئي ڪونہ ڏٺا آهن. جيڪڏهن هتي ڪو ماڻهو يورپ هٽندا تہ انهن تي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت پوندي. اهڙيءَ ريت جيئن ننڍڙي بار کي ڏاڍي ڌيان ۽ گيان سان نپائي وڏو ڪيو ويندو آهي.

هتي انهن انگريزن جا بہ گهر گهاٽ نظر ايندا جيڪي 1844ع ڌاري اچي ڪراچيءَ ۾ آباد ٿيا هئا. اهڙا گهر ڏڳهن لڪڙن جي مدد سان ٺهيل آهن. پٽ بہ اهڙن سڌن لڪڙن جي گهاٽي جَڙائي ڪري بنائي وئي آهي. اهڙي ريت مٿن گاري جو ليپو ڏئي چوني جي پوچي ڏني وئي آهي. پري کان ائين پيو ڏسبو ڄڻ تنبو آهن. معلوم ائين ٿي رهيون آهن ڄڻ اهڙن جڳهن ۾ گهوڙن جون ڪڙهيون قائم ڪيون ويون هيون يا وري انهن کي ننڍين سرڪاري عملدارن جي لاءِ آفيسن طور جوڙيو ويو هو. هتان جي گهرن جوڙڻ جي ابتدا بہ ماڙ جڳهن سان ڪئي وئي جن جون ڇتيون سڌيون هيون. انهن مٿان گچ جو ليپو بہ گهٽو ڏنو ويو هو انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ڇهل قدمي ڪري سگهجي. هن قسم جون اڏاوتون فقط تڏهن جڙي راس ٿيون هونديون جڏهن هتان جي سرڪاري عملدارن کي يقين ڏياريو ويو هوندو تہ سندن بدلي گهٽي عرصي تائين ڪانہ ٿيندي. ڪن جڳهن کان سواءِ سڀ جايون بنگلن جي طرز تي ٺهيل آهن ۽ شڪل صورت ۾ چؤڪندا آهن. منجهن موزنيت گهٽ آهي، تنهن ڪري ڪجهہ ٻُسي پئي محسوس ٿيندي آهي. پٽيون ڪچين سرن جون ٺهيل آهن. صفائي ۽ سنائيءَ لاءِ هٿن سان چوني جو ٿلهو ليپو ڏنو ويو آهي. تنهنڪري پري کان ئي جهرڪندا ۽ جهڳندا نظر ايندا آهن. ڪٿي وري پراڻ وجهي جڳهن ناهڻ واري ايراضيءَ کي ڪجهہ مٿي ڪيو ويو آهي. ڪيترين جڳهن کي اندرئين پاسي ڪاشيءِ جي ڳاڙهين ۽ نيرين سرن سان سينگاريو ويو آهي

۽ سرن جي نلهن ۽ ڪتي ڪاٺ جي ٽنين جي آڌار تي ڇڄا بہ جوڙيا ويا آهن. تنهن ڪري اسان جهڙن ماڻهن کي اهو پتو نہ پوندو آهي تہ انهن جڳهن جو اندريون پاسو خوبصورت آهي يا ڪوجهو. هر هڪ گهر ۾ ان رڪڻ لاءِ گندي ۽ دونهي ۾ ڪاراٽيل رڌڻو هوندو آهي. رڌڻي کي بنا درن جي فقط لنگهہ هوندا آهن جتان گوڙ ۽ گهمسان سان گڏ دونهون بہ وَٽَ وڪڙ کائيندو پيو ٻاهر نڪرندو آهي. هن کان سواءِ ڪي جايون اهڙيون بہ ڏسڻ ۾ اينديون آهن جيڪي مٽيءَ جو ٿهيل ڪونہ هونديون آهن. انهن جي اڏاوتن کي ڏسي، سائين جان ٻُل، اوهان تعجب ۾ پئجي ويندا. اهڙيون جايون هندستان ۾ رهندڙ انگريز ڪلارڪن ۽ انگريز- هندستانين جي گڏيل نسل (اينگلو انڊين) سان واسطو رکندڙ منشين جون آهن. هي ماڻهو پنهنجي پگهارن جو پسئو پڪين سرن خريدڻ ۽ گچ گاري لاءِ خرچ ڪندا آهن. هن ڪئمپ ۾ هڪ خاص ڳالهہ ٻي بہ آهي، يعني هتي هر گهر پنهنجي خاموش زبان سان گهر اندر رهڻ واري ماڻهوءَ بابت ڳالهائيندو نظر ايندو آهي. جيڪڏهن گهر کي ونگن وارا وڏا وڏا لنگهہ هجن، گچ جي هڪ تلهي ليپي جو تهہ چڙهيل هجي، هر در ۽ دريءَ مٿان چڪون چڙهيل ڏسو، يارهن ٻارهن ماڻهو "رقوم هندي" جي اتاهين قطار کي پاٽي ڏيندا هجن، تہ اوهان کي هڪدم سمجهي وڃڻ کپي تہ اها جاءِ هتان جي اسٽاف آفيسر جي آهي. مان هڪ اهڙو گهر بہ سڃاڻندو آهيان جتي هڪ ڪٽر قسم جو عيسائي رهندو آهي، جنهن پنهنجي نوڪرن کي جهلي ڇڏيو آهي تہ انهن مان ڪوبہ سندس گهوڙن کي گاهہ داڻو نہ ڏئي. پر مقرر ڏينهن کيس گهوڙي گاڏيءَ ۾ ويهاري گرجا گهر وٺي هلن. جتي هو پنهنجا سڀ ڏوهہ پاپ بخشائي سگهي.

هڪ ٻي ننڍڙي ۽ خوبصورت جڳهہ بہ آهي جنهن جي درين ۽ درن تي شاندار پردا لڙڪندا نظر ايندا. پرسان ئي ٺهيل منهن ۾ گهوڙو ۽ گاڏي بيٺل آهن. گهر جي ٻاهرئين پاسي صفائي ۽ سنائي نظر ايندي. پاٽيءَ جي هيڏي ساري ڏکياين ۽ ڏچن هوندي بہ پرسان خوبصورت باغيچو آهي. هن گهر جي ڍنگ ۽ ڍپ مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ اهو ڪنهن ڪئپٽن يا ڪنهن فيلڊ آفيسر جو آهي جيڪو پنهنجي انگريز زال سان گڏ هتي رهندو آهي. ان کان ٿورو وٿيرڪو هڪ ٻيو بنگلو آهي جنهن جي چوڌاري آڏا ترڇا بانس جا لڪڙا ڏئي جافري طرز جو پيهر ڏنو ويو آهي. گنڌين جهوپڙين پرسان هڪ ڏولي رکيل آهي. پرسان ڪارن ڪپڙن ۾

ڪاري رنگ جا بہ چار ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندا جيڪي پنهنجي مُنهن مهاندڻن ۾ ننگ پيا محسوس تيندا. ساري وايومنڊل مان ائين پيو ڀاسبو جڻ اهو ڪنهن ڪاريءَ عورت جي مڙس جو گهر آهي.(5) ان ڪان اڳتي زبون حالت ۽ ڊتل قتل جڳهن جو هڪ سلسلو نظر ايندو جن جي ويڪرن ورانڊن ۾ بہ چار خوشپوش نوجوان سُتل ۽ وينل ڏسبا آهن. لباڙن ۽ ٻتاڪن ۾ هڪ ٻئي ڪان چار رتيون ڪسر. صبح جي سدوريءَ ويل پاڻ ۾ پيا جهانپوٽا هٽندا. معلوم ائين پيو تيندو آهي جڻ مَهَر ۽ پَريا ذات جا ماڻهو جيڪي انگريزن جا نوڪر آهن. ڪائيندي پيئندي پاڻ ۾ هٽين ٻکين پئجي ويا آهن. انهن مان هرهڪ ماڻهو ٻئي کي سُتي ئي چڱي ريت ڪم ڪرڻ جي هدايت ڪري رهيو آهي. پر پاڻ ڪک يجي بہ ٻيٺو ڪونہ ڪندو آهي. هيٺئين درجي جا انگريز فوجي عملدار بہ هن علائقي ۾ رهندا آهن. ائين سمجهو تہ آلسي ليلهر قسم جي انگريز فوجين جو جڻ هي قلعو آهي. اهو جڻ تہ وقت جو قتل آهي ۽ حڪومت پاڻ اهڙي قتل جي کين سهوليت ڏئي ڇڏي آهي. ان ڪان پوءِ اوهان کي هڪ کين جهڙو بنگلو ڏسڻ ۾ ايندو جنهن جي آڏو گهوڙن ٻڌڻ جون ڪڙهيون ۽ ڪتن ٻڌڻ جون جايون آهن. هتي اوهان کي هڪ عرب سنتري ٻاهر ليا پائيندو نظر ايندو. چيو ويندو آهي تہ هيءَ ڪئمپ جو بهترين علائقو اهي. هاڻي هن پاسي تي زندگيءَجي فقط اها نشاني وڃي رهي آهي. هن جڳهہ کي ڪنهن زماني ۾ ”ڏَڪ سب آلٽرن هال“ سڏيو ويندو هو.(6) هتي بہ ماڻهو اهڙا هئا جيڪي پنهنجي گدلائي، ڇيڳرائي ۽ ايترائي ۾ نانءِ چڙهيل هئا. جاءِ جي چوڌاري ڏنل پيهر کي تباهہ ڪري ڇڏيو اٿائون. ان جي جاءِ تي هنن تپا ڏيڻ جو دڳ Leaping bar بنائي ڇڏيو آهي. باغيچي کي هنن وري ڪشتي جو اکاڙو بڻائي ڇڏيو آهي. پستول چوڙي ۽ ڪمان وسيلي گلولا چٽي پتين ۾ سوراخ ۽ چگهہ ڪري ڇڏيا اٿن. سامونڊي فوج جو سامان بہ هتي ڍيرن جي صورت ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جن تي مٽيءَ جا مڻ چڙهيا پيا آهن. اهو سامان ڏکڻ هندستان جي انگورن جي باغن جهڙن علائقن مان ڪٽائي سنڌ جي تامي جهڙي گرم ڌرتي تي ڪتب آڻڻ لاءِ آندو ويو آهي جيڪو ڪاٺ جي صندوقن ۾ بند آهي، پر صندوقن جو تختو تختي ڪان الڳ لڳو پيو آهي. تنبن جون ڏجيون اڏامي ويون آهن. جنگهن ڪان سواءِ ڪرسين جا ڍير لڳا پيا آهن. فرنيچر بہ پڙيانگ لڳو پيو آهي. هنن اهو سڀ هاجو سامان کي ڪٽڻ مهل درن سان ٽڪرائي ڪيو ويو آهي. شيشن جو مسئلو تہ

اجا تائين مُنجهيو پيو آهي. مان جڏهن هتي رهندو هئس تہ اچلائي چڏڻ جهڙين شيشي جي خالي بوتلن تي هتان جا سنڌي ڪُڪڙيون ڏئي ويندا هئا. اسان جڏهن هن ڏڪويل ماتريءَ ۾ پهتا هئاسون تہ جنس بدلي جنس جي ڏيتي ليتي جاري هئي. ڪُن، ڪُن تي ڏي ۽ وٺ. هڪ هٽ ان شيشي جي خالي بوتل ڏي ۽ بئي هٽ ۾ ڪڪڙ وٺ. هاڻي اهڙو ڪاروبار ماندو ٿي ويو آهي. خالي بوتلون گند ڪچري جي ڍيرن تي ڍير لڳيون پيون آهن. جيستائين هتي ڪو شرابخانو نٿو جڙي تيستائين انهن خالي بوتلن جو ڏنجهو ۽ ڏچو گهٽ ڪونہ ٿيندو جيڪڏهن ڪو ماڻهو هنن خالي بوتلن کي وڪڻندو تہ لکاپتي بڻجي ويندو چاڪاڻ تہ هنن خالي بوتلن جي ڪاروبار ۾ وڏو فائدو آهي. ان جو مثال سَر جام سيني جِنجي پائي آهي جيڪو "باٽلي والا" جي نالي سان مشهور آهي. اهو ڪنهن زماني ۾ خالي بوتلون وڪڻندو هو ۽ هاڻي (تونگرا) بئرونيٽ (Baronet) بڻجي ويو آهي. سو ڪَکَ ۾ لَکُ رکيو آهي ۽ شيشي جي خالي بوتل کي بہ اجايو نہ سمجهجي.

شروع ۾ ڪراچي ڪئمپ واريون جايون ڪچين سرن سان اوساريل هيون پر هاڻي انهن جي جڳهہ تي پڪا اچي ويو آهي.(7) هاڻي صدر واري گندي علائقي جي ڊگهي بازار ۾ واٽڪن هٽن جون لانڍيون لڳي ويون آهن. هتي نوڪرن چاڪرن، فوجي عملدارن ۾ عام ماڻهن جي پيهہ گپا گيهہ لڳي پئي هوندي آهي. ميريون ۽ گدليون عورتون پيون گهمنديون وتنديون آهن. هرهڪ جي ڪڍ ٿي چار گدلا اگهاڙا ٻار هوندا آهن۔ وات سدائين قاتل، رئندا بکرا ڪندا هلندا. گگ ۽ سنگهہ بہ پئي وهندي. ان کان سواءِ هنن وٽ پيو ڪم بہ ڪونہ هو. اوير جي ملڪن ۾ سُجن ۽ ڪنگال ماڻهن جي زندگي ائين گذرندي آهي، جيڪو ڪئمپ جي سونهن تي هڪ ڪارو ٽِڪو آهي. هن ماڳ کي هاڻي اڳئين کان وڌيڪ سڌاريو ۽ وڌايو ويو آهي ۽ ان کي هڪ عام مارڪيٽ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. ڪيترا گهر تمام خوبصورت آهنٖ جهڙوڪ آدم علي وارن جو گهر. ڊگها ۽ ڪشادا روڊ انهن جو پاسو ڏئي گذرندا آهن. هتان جي غريبن ۽ مسڪينن ماڻهن جون جهوپڙيون زبردستيءَ پٽائي پڪا ۽ خوبصورت دڪان تعمير ڪيا ويا آهن. جيڪي نئين سنڌ طرز تي جوڙيا ويا آهن. هن ئي ساڳئي ٿاڪ تي مئدم شليپر (Schlepper) جو مشهور دڪان آهي جتي عورتن جا ڪپڙا وڪري لاءِ رکيل آهن. بعضي ڪي ماڻهو هن کان

قرض تي ڪپڙا وٺي ڪسڪي هليا ويندا آهن تہ هوءَ ويچاري وسوڙجي ويندي آهي. مسٽر ڊيوڊسن هڪ رٽائر فوجي آهي، هن بہ هتي هڪ جنرل اسٽور کوليو آهي. مسٽر مچي (Michie) جو فوٽو گرافيءَ جو دڪان بہ هن ايراضيءَ ۾ آهي. ان کان سواءِ مسٽر اسپيچلي (Speechly) دوائن جو اسٽور هتي کوليو آهي. هي ماڻهو جتي بہ هوندو آهي ڏوڙ مان ڏن ۾ پائيءَ مان پدم جوڙڻ جو حامي هوندو آهي. ساڳي ئي سونهري اصول تحت هڪ پينس جي معمولي دوا فقط ڇهن پينسن جي معمولي اگهہ تي وڪڻي سچو ڏينهن پڇتائيندو آهي. اسٽاف لائين جي اوپر پاسي ٿوري ترڇي وضع تي وڏن ڪمرن تي مشتمل ڪي وڏا بنگلا بہ آهن جن جي مهاڙين تي اَليڪي طرز جي چٽساليءَ جي سونهن سنجهت ڏسڻ ۾ ايندي آهي. اهڙن بنگلن جا پنج بلاڪ آهن، جن مان هرهڪ جي قيمت لکن رپين جي ٿيندي. هنن جي مٿينءَ ماڙيءَ تي ونگن سان سينگاريل ڪشادا ورانڊا بہ آهن. اهڙي تعمير جو مقصد آهي تہ جيئن اتي ويجهي سمنڊ کان ايندڙ ٿڌڙي هير سان هيانءُ ٺاري سگهجي. نيپيئر بئرڪس واري علائقي کي 1868ع ڌاري ترقي ڏياري وئي هئي. مان سمجهان ٿو انگريز جيترو هتي خوش آهن ايترو هو ڪٿي بہ خوش ڪونہ آهن. شروعاتي دؤر ۾ ڪراچيءَ اندر فقط ۾ ريس ڪورس جا ميدان هوندا هئا. پر عيسائين جي پوڄا پاٺ لاءِ هڪ بہ گرجا گهر ڪونہ هو. ٿوري وقت کان پوءِ پراٽيسٽنٽ فرقي سان لاڳاپيل هڪ ننڍڙي چرچ ۽ ڪئٿلڪ فرقي سان لاڳاپيل پاهرئين شان ۽ اڊمبر واري چرچ قائم ڪئي وئي آهي. تن ڏينهين اهي جايون ساديون ۽ پورچوگيز تعميري طرز تي جوڙيون ويون هيون. نيپيئر بئرڪس جي اتر- اتر- اوپر پاسي "سئنٽ پئٽرڪ" نالي هڪ عمارت آهي جنهن هنن سيني جڳهن کي سوڙهو گهٽي رکيو آهي. بيان ڪيل مٿين چرچ وڏي شان ۽ شوڪت سان تعمير ڪئي وئي آهي. پارسين جو آتشڪده وچ بازار ۾ ٿهيل آهي جنهن جي چوڌاري ڪاٺ جي جافري جي ديوار ڏنل آهي عيسائين جي قبرستان پرسان چرچ، عيسائي راهبہ عورتن لاءِ رهائشگاهہ ۽ اسڪول بہ قائم ڪيو ويو آهي، ان کان سواءِ بازار پرسان مئٿڊسٽ (Methodist) فرقي وارن عيسائين بہ هڪ عدد گرجا گهر ۽ پنهنجو اسڪول قائم ڪيو آهي. هاڻي اسان اسڪاٽلئنڊ وارن جي قائم ڪيل ڪرڪ (Kirk) ۾ چرچ جو ذڪر ڪنداسون. هتان جا هيٺئين درجي جا فوجي عملدار جيڪي لُنڊن ڪوٽن ۾ سفيد لباس ۾ سرخن گهوڙن تي سوار ٿي هتان لنگهندا

آهن. سي هن قسم جي گرجا گهرن کي ڏوڪيباز ۽ ابليس جي نالن سان سڏيندا آهن. يعني عبادت واري عزت ۽ احترام لائق جڳهن لاءِ ٻاڙو ٻولي، اندر جي باهه ڪڍندا آهن. گهوڙن ڊوڙائڻ وارن هنن همراهن جو تعداد وڏي اچي ڇهن تي پهتو آهي جيڪي چُست لباسن ۾ الائي ڇا لڳندا آهن جن جي قميصن ۽ ڪوٽن ۾ ڪالر بدران پٽي (Petil Collet) لڳل هوندي آهي. هي صاحب ذوق آهن جن اناج جي پاڻدن کي ٿيئٽر هال بڻائي ڇڏيو آهي. هتي نت نَوان ڊراما پيا هلندا آهن. ڪنهن خاص موسم ۾ گهوڙن ڊوڙائڻ وارا شوقين همراهه به هنن ڊرامن ۾ شريڪ ٿيندا آهن. اهو گهٽو ٽٽو مارچ مهيني جي پڇاڙي وارن ڏينهن ۾ ٿيندو آهي. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جو ڪمشنر ۽ سندس عملي جا ماڻهو ضلعن جو دستوري سرڪاري ڪم اڪلائي، اوڪا پوڪا پلي، هڪ مَنا تي، پنهنجي صدر مقام پهچي هنن ٿيئٽرن ۾ هلندڙ ڊراما ڏسندا آهن. هيءُ برف واري وينهام (Wenham) ڍنڍ واري علائقي بدران بنا برف وارو خشڪ علائقو آهي جتي هڪ عدد فئڪٽري جي ڊگهي چمنيءَ مان نڪرندڙ ڪارو دونهون به ڏاڍو صحت بخش ۽ روح افزا هوندو آهي. هتان جا سماج دشمن عناصر خدا جي هن نعمت بلڪ رحمت کي صحت لاءِ نقصانڪار سمجهندا آهن. هتي ايئريٽيڊ واٽر به ٺهندو آهي جنهن کي سوڊا واٽر به سڏيو ويچي ٿو. هڪ بوتل جو اڳهه هڪ ٽڪو آهي. هتان جا ماڻهو هن بوتل جي پاڻيءَ کان ان ڪري وَنئُن ويندا اهن جو ان کي کولڻ مهل ڌماڪيدار آواز نڪرندو آهي ۽ هنن کان چرڪ نڪري ويندو آهي ۽ بوتل وارو پاڻي ابرندو مٿي چڙهندو ڏسبو آهي. هن قسم جي پاڻي تيار ڪرڻ وارن ماهرن جو چوڻ آهي ته سنڌ جا رهواسي بوتل پيئڻ پسند ڪونه ڪندا آهن. هتي هڪ اهڙي ڪلب به آهي جيڪا نئينءَ ڪلب هائوس جي ڳولا ۾ آهي جنهن ۾ ماني کائڻ لاءِ وڏو ويڪرو هال هجي، ڪمرا به گهڻا هجن جتي آيا ويا سياح ۽ سيلاني اچي ترس. سچي ڳالهه اها آهي ته هتي هڪ ڊرامو ڏاڍيءَ آزاديءَ سان هلي رهيو آهي. انهيءَ مقصد واسطي ڪن اچي ۽ ڦڪي رنگ جي جڳهن ۾ ڦيرگهير ڪري مرمت ڪئي پئي وڃي ته جيئن اتي مسافرن کي رهائي سگهجي ۽ "فري مئسن لاج" (Free mason lodge) جيان ان ۾ نَوَ اسم رکيا وڃن جيڪي مسافرخانن جي هئنڊ بوڪ ۾ درج ٿيل آهن. هتان جا سنڌي هنن رهائشگاهن کي جادو گهر (Sorcery house) سڏيندا آهن. هن جوءِ جي ڪن معزز ماڻهن جو خيال آهي ته هن جڳهه جي هڪ دونهاتيل

هال ۾ شيطان جي پوڄا ٿيندي آهي جنهن کي وڏا سڱ هوندا آهن. شيطان صفت ماڻهن جو اهو تولو سُنگ جي شڪل ۾ ڏيکاريندو آهي. اهو راڳ الله تعاليٰ جي چونڊيل نيڪ بندن جي خلاف هوندو آهي. ڪن مستشرقين جو خيال آهي تہ اهو وحدت وارو تصوف يا وجداني ڪيفيت آهي يا ان کان وڌيڪ گبرپرستي (Guebrism) واري پارسي فلسفي جو اهم نشان آهي، جنهن کي جديد عيسائيت جي ڪايا ۾ ملايو ويو آهي. پر مان سمجهان ٿو تہ اهو هڪ فئشن آهي. مان هن خيال جو قائل آهيان ۽ آزاد خيال مسلمان جو بہ شهنشاهہ آريلين (Aurelean) جيان تصور آهي تہ سڄ سيني ديوتائن کان وڌيڪ سگهارو ۽ پوڄا لائق آهي، تنهنڪري اهو سياويڪ آهي تہ هو هر مذهب ۾ گبرپرستي (Guebrism) کي تلاش ڪندا آهن. اها ڳالهہ ائين اٿئي مسٽر جان بُل.

ڪراچيءَ جو اولهائون حصو اهو آهي جتان ”اولڊ اسٽاف لائينز“ اتر- اتر – اولهہ کان هلنديون ڏکڻ- ڏکڻ- اوير ڏس ڏانهن وڌنديون ڏسبيون آهن. جتي وڏا ماڻهو رهندا آهن. هتي سنڌ جو گورنر يا ڪمشنر يا هنن مان ڪنهن بہ عهدي وارو سرڪاري عملدار ڪورٽ هلائيندو آهي. ڪراچيءَ جي ساموندي ڪناري کان پنج ويڪر ۾ وڏا روڊ ڪناري سان پور- وچوٽ تي هلي اسٽيشن تائين ۽ اڳتي وڃي ڪلفٽن وٽ اچي پاڻ ۾ ملندا آهن.(8) وچين دؤر ۾ اهڙن رستن کي گهٽين (streets) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اسان فريئر اسٽريٽ – 2 وٽ پهچي ان جي ڏاکڻين حصي کان شروع ٿيون ٿا. هن علائقي ۾ تمام گهٽيون جڳهيون جُڙي راس ٿيون آهن، پر منهنجي اک هڪدم اچي رنگ جي ان جاءِ وٽ پهچي اتي کُپي بيهي وئي آهي جيڪا هڪ بہ ماڙ بنگلي جي شڪل ۾ موجود آهي. هيءَ جڳهہ گهڻن ڪمرن تي مشتمل ۽ ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل آهي. ڪنهن زماني ۾ اها تعمير شاهي محلات لڳندي هئي. هيءَ عمارت بنگال انجنيئرس جي ڪئپٽن ۽ سر چارلس نيپيئر جي ملٽري سيڪريٽري ٺهرائي هئي. هن ڪئپٽن کي بيئر برائون (Beer Brown) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هي ڪئپٽن باس جون تيار ڪيل ڪوڙي بيئر جون ڊزن کن بوتلون ڏهاڙي ڏوڪيندو هو ۽ ان شراب جي نتيجي ۾ پرلوڪ پڌاري، شهيد شراب جي خطاب حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ان کان ٿورو اولهہ ڏس تي هڪ زبون حال جڳهہ آهي جيڪا ڪنهن زماني ۾ ”بيڊ منٽن“ ڪورٽ هئي، پر هاڻي هتي ”سنڌ ڪئنال سروي“ جي آفيس آهي.

مسٽر جان بل، جيڪڏهن مان عورت هُجان ها تہ پهريائين آءٌ هيٺ ويهان ها، پوءِ گوڏن تي هٿ هٽي هيانءَ ڦاڙ رڙيون ڪريان ها. هتي اچا ڪراچيءَ جي اوچين جاين ۾ رهندڙ خوش ذوق، اهلِ دل ۽ سمنڊ جو سگٽو ۽ منڙو ماٺهو ڪرنل ڊبليو. آر. لئمبرٽ (W.R. Lambert) اچا جيئرو آهي جيڪو پڏجي ٿو تہ ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر بہ آهي.

پر منهنجي اها جگر ڦاڙ رڙ اُپ ڏاريندڙ ٿهڪن ۾ بدلجي ويندي. چاڪاڻ تہ پرسان ئي پٿرن سان تعمير ٿيل هڪ خوبصورت عمارت آهي جنهن کي "فريئر هال" جي نالي سان سڏيندا آهن.

سن 1860ع کان وٺي 1864ع تائين سون جي نوح واري طوفاني برسات ۾ بوڙان بوڙ ٿي وئي هئي. تنهنڪري اتان جو هڪ ٽانگي وارو ڪمپنيءَ جو مالڪ بڻجي ويو هو. ساڳيءَ ريت مينهن جي سنهي ڦڙ ڦڙ سنڌ ۾ بہ وسي هئي. هيءَ ترقي جيڪا اوهان ڏسي رهيا آهيو سا بہ انهن چئن ڪٽين جي پاڳين آهي. هن ملڪ لاءِ اهڙي ترقي غير فطري سمجهي وڃي ٿي. فريئر هال گوٿڪ طرز جي عمارت آهي جنهن لاءِ فقط ايترو چئي سگهجي ٿو تہ اي چريا موڳا مٽر برطانوي! ڪهڙا اجايا پور پيو پچائين. هيءَ عمارت تہ دربار منعقد ڪرڻ واسطي ٺهرائي وئي آهي يا دربار جهڙن ٻين موقعن ملهائڻ لاءِ تعمير ڪئي وئي آهي. جڏهن اهڙا مقصد باقي نہ رهيا تہ ان عمارت کي ناچ جي تقريبن لاءِ ڪتب آندو ويو. هيٺيون هال واندو پيو هو تنهن ۾ وري لئبرري ۽ ميونسپل ميوزم بڻايو ويو. گزيٽيئر ۾(9) هن کي نهايت شاندار عمارت سڏيو ويو آهي. مٿس ممبئيءَ جي گورنر مسٽر فريئر جو نالو رکيو ويو آهي جيڪو سن 1851ع کان 1859ع تائين سنڌ جو ڪمشنر هو. هن عمارت کي 1865ع کان مٿي ذڪر ڪيل استعمال لاءِ ڪوليو ويو آهي. هن عمارت جي نقشي تيار ڪرڻ جو ڪم ڪئپسن سئنٽ ڪليئر ونڪن، آر. اِي (Saent Clair Winkin, R.E) جي حوالي ڪيو ويو هو. ڪيس مٿان حڪم مليو هو تہ هيءَ عمارت وينيٽو گوٿڪ (Veneto_Gothic) طرز تي تعمير ٿيڻ گهرجي جيڪا وينس (Venice) لاءِ تہ صحيح پر ڪراچيءَ لاءِ غلط هئي. آس اٿم تہ نئين ڪلب وينيٽو گوٿڪ طرز واري عمارت تعمير ڪرڻ جي غلطي ڪانہ ڪندي. هن عمارت جو ٻاهريون پاسو سونهن سنجهٺ کان وانجهيل آهي، جنهن کي ڏسندي ڊچ پيو ٿيندو آهي. اوير پاسي واري ڏيڍي لُڙاٽيل ۽ ٻي مزي آهي. مٿيون گنبذ اٺ ڪُنڊو آهي. هن عمارت تي گول ۽ صليب جهڙي نقش و

نگار ڏسڻ ۾ ايندي جيڪا پور بندر جي سفيد پٿر ۾ ڪٽي وئي آهي. هن عمارت ۾ اهرامن جهڙي مخروطي چٽسالي بہ نظر ايندي آهي. محسوس ائين پيو ٿيندو تہ چڻ ان کي بانس جي لڪڙن جي ٽيڪ ڏئي مٿي بيهاريو ويو آهي، جنهن مٿان منز (Mentz) جي ايجاد ڪيل ڏاتوءَ "پتل" جا پڙچ هنيا ويا آهن. پريِ کان ائين ڏسبو تہ هيءَ عمارت ڪنهن دولتمند نواب جي گهوڙن جي ڪُڙهہ آهي. هي ميدان پندرهن ايڪڙ آهي جنهن جي ڪجهہ حصي تي پٿين جي مدد سان ڪٿهڙو تيار ڪيو ويو آهي. ٻئي حصي ۾ (milk plant) جا ٻوٽا پوکيل آهن. شام جو هتي جڏهن گوري فوج جي بئنڊ وڄندي آهي تہ هلندڙ گهوڙي گاڏيون ۽ گهوڙيسوار بيهي ويندا آهن. فريئر هال جي تعمير جو مکيہ مقصد جهازرانيءَ کي فروغ ڏيڻ هو. هن شاندار ۽ پئرمڊ جهڙي عمارت کان ٻاهر اچبو تہ مسلمانن جي عيدگاهہ ڏسڻ ۾ ايندي - ڄهن جي تعمير ۾ پٿر ڪٽب آندو ويو آهي. ڪمشنر فريئر، پاڻ کي (1) فريئر ٽائون، (2) فريئر هال ۽ (3) فريئر روڊ تعمير ڪرڻ لاءِ ارپي چڏيو هو. جيڪي نقشن ۽ رٿائن ۾ شاهاڻي شان جهڙا هئا.

جيڪڏهن هن عمارت جي اندرئين پاسي جو ذڪر ڪجي تہ ڏاڍو سٺو ٿيندو. ڏاکٽيون ڪمرو پٿيوالن سان صفا پُرباش ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ هيٺ فرش تي مک کي ويهڻ جيتري بہ جاءِ ڪانہ ملندي آهي. ڪي ٻہ ٽي اخبارون رکيل هونديون آهن. هم عمارت ۾ وڏي ۾ وڏي اوٽائي اها آهي تہ ماٹهو اتي پهچڻ سان اپاٽڪائي محسوس ڪندو ۽ جهٽ کن ۾ ڪڪ ٿي پوندو. هيٺيون وچيون ڪمرو گهڻو ڪشادو آهي جتي لائبرري قائم ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ اٺ هزار کن ڪتاب رکيل آهن. لائبرريءَ جي انتظاميہ ساليانی رپورٽ ڪتابن جو ڪئٽالاگ بہ ظاهر ڪندي آهي(10) هن لائبرريءَ ۾ وڏي اوٽائي اها آهي تہ هتان جي ماڻهن جي دلچسپيءَ وارن ڪتابن جي کوٽ آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ هتي قائم ڪيل سيني لائبررين ۾ ساڳئي قسم جي ڪوتاهي آهي. اتر- اولهہ واري ڪمرو ميونسپل جو ميوزيم آهي. لائبرري ۽ هن ميوزيم جي سارسنڀال مسٽر مري (Murray) جي منصبي فرضن ۾ شامل آهي. هي ماڻهو بہ منهنجي دوست استاڪس جي چڏيل پيرن تي اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ هن ملڪ جي مختلف ٻوٽن تي ڪتاب ڇاپي رهيو آهي. هتي سنڌوءَ ۾ هاڪاريندڙ ڪجهہ ٻيڙين جا نمونا بہ رکيا ويا آهن، جن مان گهڻن جا نالا غلط لکيا ويا آهن. هتي ڪاشي(11) جون سرون بہ نظر ايندیون. چيو ويندو آهي تہ هن

قسم جي سرن جو تعلق ايران سان آهي. هنن جي رنگ روغن واري پاسي تي چيني متي مٿان نئن ڪنگ (Nanking) جي مناري جهڙي شبيهه آهي. هي سرون نهايت اعليٰ درجي جون ۽ معياري آهن جيڪي هتان جي قديم مسجدن ۽ مقبرن مان ڪڍي نمائش لاءِ هتي رکيون ويون آهن. هتي ڪاٺ ۽ پٿر جا نهيل جانور ۽ پکي به رکيا ويا آهن. ان کان سواءِ هتي اڻ لڀ قسم جون سرون به رکيون ويون آهن جن جو تعداد هڪ سؤ تيرهن آهي. اهي سرون ڪسٽم جي نئين ڪليڪٽر مسٽر ڊبليو. ڪول جهرڪ شهر پرسان هڪ ٻڌ "وهار" مان کوٽي ڪيڊرائي هٿ رکرايون آهن. انهن سينيءَ مان وڏيڪ اهم ٻڌ جو مٽي جو پڪل هڪ ٻُتُ آهي جنهن جا ڪن وڏا ۽ هيٺ لڙڪيل آهن. سندس ٻئي هٿ ڇاتيءَ وٽ رکيل ڏسجن ٿا ۽ پلٽي ماريو ويٺو آهي. ڇيو ويندو آهي ته هو پپر جي وڻ هيٺان هن طريقي سان ويهي ڏيان ۾ گيان ڪندو هو. هتي به ٻڌ مندر جو هڪ نمونو تيار ڪيو ويو آهي جيڪو ننڍين ٺلهن جي آڌار تي تعمير ڪيو ويو آهي. اڏاوت ۾ ننڍو آهي. چوٽيءَ تي مٿئين پاسي واري گول حصي جي ٽن پاسن تي چٽسالي رکي وئي آهي جيڪا پنهنجي شڪل صورت ۾ "مالا" جهڙي آهي ۽ طرز جهالر وانگر اٿس. خوبصورتي جي نقطهءِ نظر کان هي نمونو نهايت اعليٰ آهي. ٻت جي هيٺان به ڪتا ڏيکاريا ويا آهن جيڪي هڪ ٻئي ڏانهن منهن ڪيو ويٺا آهن. گوتم ٻڌ جي صفا ڪاپي پاسي هڪ گهيٽي جي تصوير آهي، جيڪو پنهنجي سڱن ڪري ڇٽو ۽ پڌرو آهي. هي نادر قسم جي فن ۽ ڪلا جو هڪ نمونو آهي پر ٻُت جو منهن ڪجهه مختلف ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪو چڻ جهنگلي لڳي ٿو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي چڻ يروشلم جو موابي (Moabite) دؤر سان لاڳاپيل ڪو نِڪر آهي، جيڪو اڄ به برلن اچي وڪرو ٿيندو آهي. ڪلا سان لاڳاپيل ٻيون اهم شيون شينهن جون منڊيون آهن جن جي وات ۾ پيل ڄار مالائون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، هتي هاٿي جي سونڊ سميت به منڊيون به رکيل آهن. ان کان سواءِ هنجن جون مورتيون ۽ قربان گاهه جو هڪ اعليٰ نمونو هتي موجود آهن. هتي رکيل ڪن سرن ۾ پنن جون تصويرون آهن. معلوم ٿئي ٿو ته اهڙيون سرون ڪنهن مذهبي مقصد واسطي تيار ڪيون ويون آهن. ڪن سرن ۾ سَتن ڪُنڊن وارو تارو به آهي جن مان روشنيءَ جا ڪِرڻا نڪرنداَ ڏسجن ٿا. ڪن سرن ۾ ڊاري dice جي طرز آهي ۽ اها تصوير هيٺ گهري آهي. ٻيون سرونَ به قيمتي شين جو هڪ مجموعو آهي. اهڙين

اڻ لڀ شين کي ڪنهن چڱيءَ جاءِ تي ۽ ڍنگ سان رکيو وڃي ها تہ ڏاڍو چڱو هو پر اهڙين قيمتي شين کي هيٺ پٽ تي ڍير ڪري رکيو ويو آهي.

ڪراچي ڪئمپ جو پنڌ واشنگٽن واري ڪئمپ جي پيٽ ۾ ڪجھ وڏيڪ آهي. اسٽاف لائين تائين پنڌ وڃبو آهي. هيءُ علائقو فريئر هال کان اتر- اتر- اولھ پاسي واقع آهي جتي اسان ٽرنٽي چرچ (Trinty church) وٽ پهچي اچرج کان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندا آهيون. هيءُ چرچ 1852ع کان 1855ع تائين نهي تيار ٿي هئي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ هتي اصل ۾ ڪا ٻي جڳھ هئي ۽ چرچ بعد جو اضافو آهي. چرچ جي اوپر واري ٻاهرئين پاسي جي ساخت مان ائين پيو ڀانئبو تہ هيءَ تعمير ڪنگسٽن (Kingeston) جي البرٽ ميوزڪ هال جو نقل آهي. هن پوائتيءَ جاءِ کي ڏسي منهنجو پڳ مٽ يار "جان بُل" الائي ڪهڙي ڊيڄڙي جهڙي سپني ۾ سراپجي ويو آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هن چرچ جو منارو بہ اٽليءَ جي ڪنهن پوائتي تعمير جو هوبهو نقل آهي. هن مناري کي ڇھ منزلون آهن ۽ 150 فوٽ اوچو آهي جنهن جي شروعات گهڙيال وٽان ۽ پچاڙي چبوتري وٽ ٿئي ٿي. ان کان سواءِ هن تعمير ۾ هڪ ٻئي مٿان مخروطي طرز جون چار دريون آهن ۽ مناري جي چوٽيءَ تائين ونڊيون نظر ايندڙيون آهن. اهو بہ ٻڌايو ويندو آهي تہ پنجينءَ منزل تي چار بتيون ٻرنديون رهنديون آهن جيڪي ساموندي سفر ڪرڻ وارن جي گهڻي مدد ڪنديون آهن. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ چرچ جو منارو ڄڻ سان هڪ هٿوڙو آهي جنهن جو منهن آسمان ڏانهن آهي ۽ هن مناري جي تعمير جو مقصد بہ اهو آهي، پر ڪراچيءَ وارن کي اها ڳالھ پسند ڪانہ هئي.

ان کان ڪاٻي پاسي ريزيڊنسيءَ جي جڳھ آهي جيڪا هڪ وڏي جهنڊي ڪري تمام گهڻي مشهور آهي. اها جڳھ سر چارلس جي ڏينهن ۾ تيار ٿي هئي ۽ ان کي آهستي آهستي وڌائيندا رهيا آهن. هاڻي تہ ايتري وڏي وئي آهي جو "انگلش ڪنٽري هائوس" پئي ڀانئبي آهي. پٿيون سفيد رنگ جون ۽ ڇت ۾ ڪاشيءِ جون سرون ڪتب آنديون ويون آهن. سڪل ڪينهونءَ جيان گول آهي ۽ تعميرَ ۾ مُنجهيل وچڙيل نظر ايندي آهي. هاڻي هتي سر وليم ايل ميري ويدر (Sir William L. Merewether) ڪي. سي. ايس. آءِ. سي. بي وغيره وغيره رهندو آهي. هي ماڻهو سنڌ جي مفادن سان تمام گهڻي دلچسپي رکندو آهي. هن پنهنجي زندگيءَ جا ٽيٽيھ سال نوڪري ڪندي گذاريا آهن. هن اهو سارو عرصو جڻ هڪ دور

بٽايو آهي جڻ پنهنجي تاريخ ناهي آهي. هن جڳهه کان ٿورو پرڀرو ۽ ڪابي پاسي توبخاني جي بئرڪن جا ٽي بلاڪ آهن. انفنٽري (پيادل فوج) وارن بلاڪن وارين جڳهن ۾ مٿئين پاسي ونگون جوڙيون ويون اهن پر هنن بلاڪن وارين جڳهن جون ونگون هيٺئين پاسي آهن. هاڻي ڏسڻ ۾ ڏاڍ وارن رستن سان جنگهون هٽي، نونيون نوڪي ٽڪجي پيا آهيون ۽ چاهيان ٿو تہ ڪٽي پير پسارجن. پر سامهون ڏس، سينٽ ائنڊريُو جي اسڪاٽ گرجا گهر ڪرڪ (Kirk) آهي. هن جڳهہ جو نقشو انڊس فلوٽيلا جي ڊپٽي ايجنٽ مسٽر ٽي. جي نيون هارن (T.G. Newn harn) تيار ڪيو هو. چرچ جي هيءَ جڳهہ چوڏهين صدي عيسويءَ جي گوٿڪ طرز جو هڪ اعليٰ نمونو آهي جيڪا ٽرنٽي چرچ جي جڳهہ وانگر جهڙي تهڙي ناهي. هڪ اوٽائي ضرور اٿس جو ڇت گهٽي مٿي رکي وئي آهي. ان کان سواءِ اصول اهو هئڻ کپي ها تہ لاهونديءَ واري ڇت جون ٽي يا پنج پٽيون هجن ها، پر هتي ڏهہ رکيون ويون آهن جن جو ڪو جواز ئي ڪونہ هو. هتي جڻ ”سڄيءَ کان اڌ پلو آهي“ واري اصول تي عمل ڪيو ويو آهي. هن جڳهہ کي ڏسڻ سان معلوم ائين ٿيندو جڻ رازا اوساريءَ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڪيڏانهن پڇي ويا آهن. هتي مور پکيءَ طرز تي هڪ دري بہ آهي جنهن ۾ هنيل ڪاٺ جون پٽيون هڪ مرڪز کان مختلف طرفن ڏانهن ويندڙيون نظر اچن ٿيون. ظاهر آهي اها دري هوا جي گذرگاهہ طور ناهي وئي آهي. هن دريءَ ۾ شيشا لڳل ڪونہ آهن. يت ۾ هڪ جاري جهڙو نشان موجود آهي جتي گهڙيال ٽنگيل هئڻ گهرجي ها، پر اهو اتي نظر ڪونہ ٿو اچي. هن چرچ جي عمارت بين چرچن جي جڳهہ جيتري اوچي آهي. مان پانيان ٿو تہ هن چرچ ۾ ڏنڊي جي زور سان چندي اوڳاڙڻ جو رواج ۽ هرڪو ماڻهو مفت ۾ عبادت ڪري هليو ويندو آهي. يعني پورٽر شراب جي هڪ ننڍڙي ٿانوَ حاصل ڪرڻ لاءِ شراب جو نيلهو هلائڻ. سگهاري ماڻهوءَ سان هٿ اٽڪائڻ مار کائڻ برابر هوندو آهي، پر پوءِ بہ هٿ اٽڪائڻ جرئت جو ڪم هوندو آهي. فوجي نقطۂ نظر کان ڪراچيءَ ۾ جڻ تہ ماٺار ڇانئجي وئي آهي. ڪو زمانو هو جو توبخانو گهوڙيسوار دستا ۽ اچن ڪارن جون ڪيترين ئي ريجمينٽون هتي رهنديون هيون. نيڻ ڪٽي جيڏانهن بہ نهاربو هو تہ تيڏانهن فوجي چرپر ڏسڻ ۾ ايندي هئي. صبح جو سوير گهمڻ لاءِ ٻاهر نڪربو هو تہ ڏچ موسيقي وايومنڊل ۾ پئي ٻُرندي هئي. ٻئي پاسي فوجي بئنڊ جو آواز هوندو هو جيڪو ساري فضا تي ڇانئجي

ويندو هو. هر چوسول تي فوجي دستا مقرر هوندا هئا جن تي ايڊجوٽنٽ جي عقابي نظر هوندي هئي. اڄ تہ اهي فوجي دستا بہ ڏسڻ ڪونہ ٿا اچن. فوجي پرتي جي هر مرحلي تي ڪني جي ڪيڏ ۾ سنگينن جي سٽڪي جو امتحان ورتو ويندو هو. سونجهہ ۾ سمجهہ ڪان ائين ڪم ورتو ويندو هو جيئن هنج پڪي سوچي سمجهي وڪ ڪٽندو آهي. منهنجي پڳ مٽ يار برگيڊيئر ڊنڊس Dundas ڪي عام طور Dunder head جي نالي سان سڏيو ويندو هو جنهن جي معنيٰ آهي موڳو مٽر. اوڳو يا ڇيڳرو جيڪو يونيفارم جي صفائي سٺائيءَ ۾ ڪونہ ڏسندو هو پر ان جو هرهڪ سڳو تڪيءَ تاڙ سان ڏسندو هو. مسٽر جان بل! اڳي اهڙيون ڪلڻ جهڙيون شيون ڏسي ٺهڪ نڪري ويندا هئا. هاڻي تہ اهڙيون ڳالهيون بہ ڪونہ آهن ۽ ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ٿيون ڪن. اڳي جڏن توبخاني جي گهوڙيسوار دستن جو ڪمانڊر سون جهڙن تمغن سان سينگارجي هلندو هو تہ هتان جي اڌ اُگهاڙن سنڌين جا اچرج ڪان تارا ۾ وات پٽجي ويندا هئا.

گذريل چوٿائي صديءَ دوران ڪراچي ببين ڳالهين ۾ گهڻي بدلجي وئي آهي. توبخاني، ڪيولري ۽ پيادل فوج جي جاءِ تي هاڻي آگبوٽن، ريل، ٽيليگراف، اڪائونٽنگ آفيس، گرجا گهرن ۽ ڪاليجن اچي ديرا دمايا آهن. تجارت هڪ طاقت جي روپ ۾ اُڀري ۽ اُسري رهي آهي. اسٽاڪ ايڪسچينج توڙي جو ابتدائي مرحلن ۾ آهي پر هر ماڻهو هن ڪان باخبر آهي ۽ هوريان هوريان شهرت حاصل ڪندي پئي وڃي. اڳتي هتي فقط هڪ گرجا گهر هوندو هو پر هاڻي اڌ ڊزن ڪن آهن. ان جي تعداد وڌڻ جو ڪارڻ اهو آهي تہ هتي نرم سياءَ وارن ردن (عيسائين) جو تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي. هاڻي آچر واري ڏينهن اوهان ڇهل قدميءَ واري ماڳ تي پهچندا تہ اوهان ڪي ڊاڪٽر گرينفيلڊ اڪيلو گهمندو ڦرندو نظر ڪونہ ايندو. ان ڪان سواءِ هتي اسڪولن انگلنڊ جهڙي اهميت حاصل ڪري ورتي آهي. هتان جي انگريزن ڪي اچي اهو اڊڪو لڳو آهي تہ متان هتي شام (Syria) جيان هڪ چوڪري ۽ چوڪريءَ(12) لاءِ هڪ جدا ڪمرو ۽ الڳ استاد مقرر ڪرڻ جي ضرورت پوي.

مان هيءَ ڳالهہ پڪ سان چئي ڪونہ ٿو سگهان تہ مهمان نوازي اهم مرڪزن مان نڪري ڪهڙي ڏوراهين ڏيهہ هلي وئي آهي. اسان جتي بہ ويا آهيون تہ صورتحال مطابق ائين محسوس ٿيو آهي تہ هتان جي ماڻهن اسان لاءِ پنهنجي گهر جي ڪڙهہ کُلي ڪانہ رکي آهي. شايد ان جو ڪارڻ اهو

آهي تہ گھر وچڻ لاءِ گھڻا فوجي تيار هوندا آهن. اهڙي ريت ڪي ڍگھيءَ موڪل تي ڏيهہ ويندا آهن ۽ ڪي وري ڍگھيءَ موڪل تان موٽندا آهن. تنهنڪري آئي وئي گھڻائي هوندي آهي. گھرن ڏانهن وڃڻ وارا وڏا خرچ ڪندا آهن. جيڪي گھرن ڏانهن ڪونہ ويندا آهن تن کي وري مهانگائي ماري رکندي آهي. اهڙا ماڻهو وري اهو ذڪر بہ ڪونہ ڪندا آهن. مذڪوره مهانگي موڪل تي گھر وڃڻ وارن جي گھڻي خريداري ڪرڻي هوندي آهي. هونءَ بہ مهانگائيءَ کي پنهنجي هڪ نرالي چال آهي جنهن مطابق هوءَ ڏينهون ڏينهن وڌندي رهندي آهي پر ان جي پيٽ ۾ پگھارون هڪ جاءِ تي جمي بيٺل هونديون آهن. هي ڪراچيءَ واري هڪ ننڍڙي فوجي ڪئمپ آهي جتي توريءَ مهانگائي سان سارو وايومنڊل اُداس ٿي ويندو آهي. هتي گورن جو هڪ محدود سماج آهي جنهن هتان جي ماڻهن سان اجا تائين لڳ لاڳاپا پيدا ڪونہ ڪيا آهن. هن قسم جي وايومنڊل ۾ هڪ ٻئي ڏريون هڪ ٻئي کي ڏاريو سمجهي ويجهي اچڻ کان وَنئُن پيون وينديون آهن. انگلو- انڊين سماج بہ آمريڪي رياستن جي سماج -يان آهستي. هتي انگريزن هڪ قسم جي دباءَ کي ڪيڊي چڙيو آهي. هتي چرچ ويندڙ ماڻهن لاءِ الائي ڪهڙا هُلَ هلي ويا آهن. هن قسم جي افواهن جي بہ ڏم متي پئي آهي تہ فلاڻي انگريز منڊم صاحب پنهنجي گھوڙي تي چڙهي فلاڻي ڪئپٽن سان گڏجي گھوڙيسواري ڪندي آهي، ان ساڳئي ڪئپٽن سان فلاڻي ميم صاحب کي بہ گھوڙيسواري ڪندي ڏٺو ويو آهي. هتي ڪراچيءَ ۾ ڪم کان گسائڻ ۽ غير ذميواريءَ جو چڙ راج آهي جيڪا يورپي ماڻهن سان گڏ ايشيائين ۾ پڻ وڌندي نظر ايندي آهي. مثال طور جيڪڏهن اوهان کي ڇهين وڳي بدران پنجين وڳي چانهہ جي ضرورت محسوس ٿيندي ۽ اوهان اردليءَ اهڙو حڪم ڪندؤ تہ اهو "هائو سائين" تہ چوندو پر چانهہ ڪاڙهي پيش ڪونہ ڪندو. جيڪڏهن اوهان ڪنهن کي ترت گاڏيءَ آڻڻ جو حڪم ڪندا ۽ جلد ڪرڻ جو تاڪيد بہ ڪندا، تہ اها گاڏي ايندي ضرور مگر ڊرائيور آڻيندو پنهنجي مرضيءَ سان. جيڪڏهن اوهان اهو ٻڌو تہ ڪنهن اعليٰ عملدار پوري وقت تي ڪم کي مڪمل ڪرڻ واري عادت کان دلشڪستو ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو آهي تہ اچرج نہ ڪجو.

هتان جي سياست ماڻهن جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ شروع ڪيو آهي. سر چارلس جي ڏينهن ۾ سنڌ جڙ تہ اڪيلي ۽ ويڳاڻي ٿي وئي هئي، پر هاڻي ائين نہ آهي. هن ملڪ وچان خشڪي ۽ دريائي آمدرفت شروع ٿي

چڪي آهي. پنجاب ۽ ٻين علائقن کان تجارتي مال جي اچ وڃ چالو آهي. اهو وقت پري نہ آهي جو ڪراچي بندر تان ٻاهرين ملڪن سان تجارت جي .شروعات ٿيندي. اهو تجارتي مال، جيڪو اڳي ممبئي ۽ ڪلڪتي جي بندرن تان ڏيساور ويندو هو سو هاڻي سنڌ جي بندر ڪراچيءَ کان چڙهندو. جڏهن لارڊ نارٿ بروڪ (North brook) ڪراچيءَ آيو هو تہ هتان جي واپارين هنن ٻنهي ملڪن، يعني پنجاب ۽ سنڌ کي ملائي هڪ ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي پر مغل شهنشاهہ جهڙي مزاج رکڻ واري هن لارڊ کين نيپولين وانگر کتو جواب ڏئي ڇڏيو هو. پتو نہ آهي تہ هن کان پوءِ ايندڙ سرڪاري بااختيار عملدار وقت جي نزاڪت سمجهندو يا ٿي سگهي ٿو تہ اسڪول ويندڙ ننڍڙي ٻار جيان سندس مزاج ۾ سنجيدگي ۽ مستقل مزاجي نہ آئي هجي. پر مون کي پڪ آهي تہ پنجاب جي گورنر کي هن نئين اسڪندريہ يعني ڪراچيءَ جي اهميت جو ضرور احساس ٿيندو. هن کي سمنڊ ۾ وهنجڻ جو ضرور شوق جاڳندو. ان کان سواءِ خزاني واري وزارت کي ضرورت سوچڻو پوندو تہ سنڌ جي ڪمشنر کي پورا چار هزار رپيا پگهار طور ادا ڪيا وڃن ٿا. جيڪڏهن ٻئي ملڪ ملائي هڪ صوبو ڪيو وڃي تہ اهي چار هزار رپيا بچي سگهن ٿا.

سرحد تي وري هڪ پيرو جنگ جا ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا آهن. سر ڊبليو. اي. ميري ويدر هن کان اڳ بہ هيءَ رٿ پيش ڪئي هئي تہ قلات جي سردارن جي پيٺ ۾ قلات جي خان جي واهر ڪئي وڃي. پر ان کان جلدئي پوءِ هن پاڻ ئي مير خدا داد خان کي تخت تان لاهڻ لاءِ سوچيو هو. جڏهن هندستان جي انگريز سرڪار کي اهو پتو پيو تہ کانئس سياسي اختيار کسيا ويا هئا ۽ کيس فقط انتظاميہ ۽ روينيو جا اختيار ڏنا ويا هئا. فوجي ڪمانڊ ڪرنل منرو (Munro) ۽ ميجر سئنڊيمن (Sandeman) جي حوالي ڪئي وئي هئي. هن ٻوئين ماڻهو جي سر ميري ويدر سان ڪانہ پوندي هئي. سن 1876ع ۾ انگريزي فوج کي بولان لڪ ۽ قلات(13) ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڪيو ويو هو.(1) هن پيش قدميءَ جي ڪنهن کي بہ ٻاهور پئجي ڪانہ سگهي. مون کي شڪ آهي تہ انهيءَ لشڪر کي اتي رهايو ويندو ۽ قلات کي هندستان جي انگريز سرڪار سان ملايو ويندو. هن علائقي ۾ آمدرفت لاءِ سٺا رستا آهن ۽ سنڌ واسطي هيءُ علائقو سٺو سينيٽوريم ثابت ٿيندو. هتي صوف جام ٿيندا آهن ۽ برفباري ناهوڪي ٿيندي آهي.

هي ڏکويل ماتري تہ رُڳهَہ ۽ ڪاڙهہ جو ماڳ آهي. اهڙي گرميءَ کان سر بچاءَ واسطي قلات وارو علائقو وڌيڪ مناسب آهي. اُميد آهي تہ جلدئي ڪيس اهڙو صحت بخش ماڳ ملي ويندو.

مان هن ڳالهہ کان نفرت ڪندو آهيان تہ هتان جي ماڻهن ۽ حڪمرانن ۾ ويڇا پيدا نہ ڪيا وڃن ۽ انهن جون دليون هڪ ٻئي لاءِ نفرت جي وهَہ ۾ نہ وهائجن. پر سوچيندو آهيان صدر مقامن لاءِ هن قسم جا صحيحَ سوال بہ بي معنيٰ هوندا آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو حڪمرانن جي مدد ڪندو تہ هڪ کي دوست ۽ هزارن کي دشمن بڻائيندو. جيڪڏهن حڪمران بدران سردارن جي مدد ڪبي تہ هٿ سان ونئي بغاوت جو ٻج پوکبو ۽ اهڙن نتيجن کي بہ ڀوڳڻو پوندو. اميد آهي تہ ٻڙودا جهڙي سياسي نانگ جي پڇ تي لت ڏئي پنهنجي لاءِ ڏنجهو ۽ ڏچو پيدا نہ ڪيو ويندو. پر جتي حڪمران راج ڪرڻ جي لائق نہ آهي تہ اتي انهيءَ حڪمران جا امير ۽ نواب بہ عزت احترام ڪونہ ڪندا آهن. جيڪڏهن صورتحال اهڙي آهي تہ پوءِ اتي پنهنجي فوج رهائي ملڪ تي قبضو ڪيو وڃي.

ڇا هندستان جي انگريز سرڪار پنهنجي ملڪ سان اجا ڪي ٻيا ملڪ بہ ملائڻ چاهي ٿي؟

سائين مسٽر جان بل! هائو هتان جي انگريز سرڪار کي هندستان جي اوسي پاسي وارن ملڪن ڏانهن ڇرڻو پُرڻو آهي. ماٺ معنيٰ مات. توهان بسمارڪ جو هي مشهور قول ڪونہ ٻڌو آهي تہ جيڪا قوم رضا خوشي آڻ مڃيندي آهي، اها پنهنجي تباهيءَ کي پاڻ سڏيندي آهي. سندس هيءَ چوٽي مُستند آهي جنهن تي پوري ريت عمل ڪرڻ گهرجي. بسمارڪ جو هي نقطءِ نظر مختلف ملڪن کي انگريز حڪومت سان ملائڻ خلاف هڪ ردعمل هو. برطانيہ سرڪار 1845ع کان 1853ع تائين هندستان جا مختلفَ آزاد ملڪ فتح ڪري پنهنجي هندستان انگريز سرڪار سان ملائي ڇڏيا هئا. برطانيہ سرڪار جو اهڙو لاڙو هاڻي هوريان هوريان دور ٿيندو پيو وڃي. پر ڪو زمانو هو جو شتر هيٺ لهي رهيا هئا ۽ دڪان بند ٿي رهيا هئا. انگلنڊ مصلحت پسند ملڪ آهي. جڏهن تہ هندستان جي انگريز سرڪار ۾ اهڙي خاصيت نظر ڪانہ ايندي. هتي اوهان کي فقط هڪ ئي گس تان گذرڻو پوندو ۽ ان کي ڇڏڻو بہ ڪونهي. جيڪڏهن هندستان جو اڳيون وائسراءِ گائڪواڙ جي راجا کي چوي ها تہ تون مون کي

مناسب ماڻهو نظر ڪونہ ٿو اچين. تنهنڪري تون راڄڌاني ڇڏي نڪري هليو وڃ. مان تنهنجي جاءِ تي ڪو ٻيو مناسب ماڻهو رکڻ ٿو چاهيان. تہ هندستان جا سڀ راجا هن ڳالهہ کي چڱيءَ ريت سمجهي وڃن ها. ان جي بدران هن ڇا ڪيو جو اهڙين حالتن کي سڌارڻ واسطي انگلينڊ جي طريقي مطابق راجائن جي هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي هئي. پر پوءِ پاڻ انگلينڊ جي ان طريقي خلاف ورزي ڪندي پنهنجي ئي ڪيل فيصلي کي مانُ ۾ مُهت ڪونہ ڏنو هو.

حوالا:

(1) اهو پتو ڪونہ ٿو پوي تہ ڪئپٽن برٽن کي ڪڏهن روهن ۾ ڪوهن ۾ وڃي بلوچن بابت معلومات حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو هو يا نہ. (1859 ص-473) مان جنرل والٽر اسڪاٽ جي تمام گهڻي عزت ڪندو هوس جيڪو منهنجي خط پهچڻ کان اڳ وفات ڪري ويو نہ تہ هو هن بابت مختلف قصو ٻڌائي ها.

(2) سر چارلس نيپيئر جو هندستان جي گورنر جنرل ڏانهن لکيل خط:

هزايڪسيلينسي سر چارلس نيپيئر ڪي.سِي بي کان هندستان جي رائيٽ آنربل گورنر جنرل اِن ڪائونسل ڏانهن

مان اوهان جي خدمت ۾ پنهنجي منشِي علي اڪبر خانبهادر بابت لکيل يادگيريون (Memorials) موڪلي رهيو آهيان. ان سان گڏ ليفٽيننٽ ڪرنل آئوٽرام ڏانهن لکيل خط جو نقل بہ پيش ڪري رهيو آهيان جيڪو منهنجي سنڌ اچڻ کان اڳ هتان جو پوليٽيڪل ايجنٽ هو.

منهنجي سنڌ پهچڻ کان پوءِ مان منشِي علي اڪبر کي ائين سچو ۽ مخلص ڏٺو جيئن ليفٽيننٽ ڪرنل آئوٽرام هن لاءِ پنهنجي خط ۾ لکيو آهي. مون کي هيءَ حقيقت بيان ڪندي ڪو هرج ڪونہ ٿو ٿئي تہ مان سنڌ ۾ پنج سال فوج جي ڪمانڊر رهڻ دوران منشي علي اڪبر کي نهايت نمڪ حلال ۽ مخلص ڏٺو. هن شخص منهنجون بي بها خدمتون سرانجام ڪيون آهن. تنهن ڪري مان هن سرڪاري ملازم جو نهايت شڪرگذار آهيان. منهنجو منجهس گهڻو اعتماد آهي. مان هن لاءِ چيل ڪرنل آئوٽرام جا لفظ ورجايان ٿو جنهن لکيو آهي تہ "مان هيءَ حقيقت ضمير ۽ انصاف کي آڏو رکي بيان ڪري رهيو آهيان تہ ٻئي ڪنهن بہ هندستاني ماڻهو جون انگريزن لاءِ اهڙيون خدمتون ڪونہ آهن جهڙيون منشي علي اڪبر جون آهن."

هي ماڻهو پنجن سالن تائين منهنجو ماتحت رهيو آهي. ڪن ماڻهن مٿس انهيءَ ڪري حملو بہ ڪيو هو جو هو منهنجو منشي هو. پر مان هن جي ڪڏهن بہ پاسخاطري ڪانہ ڪئي. هي شخص پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪندو هو. هاڻي سندس مخالف ختم ٿي چڪا آهن. مان اهو پنهنجو منصبي فرض سمجهي رهيو آهيان تہ سندس معاملو اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان. اميد آهي تہ منهنجي هي درخواست ضرور قبول ٿيندي ۽ کيس هڪ سو رپيا ماهوار پينشن ملندي جيڪا سندس پگهار جو اڌ آهي.

هن جي نوڪريءَ جو وقت تہ تمام ٿورو آهي. پر هن ماڻهوءَ افغانستان ۾ سنڌ وارين جنگين دوران انگريز سرڪار جي نمايان خدمت سرانجام ڪئي آهي. اهو ڏاڍو جفاڪشي وارو دور هو. اهي ٻئي جنگيون بہ نهايت خطرناڪ هيون. جنهن دوران هن شخص پاڻ کي ڏاڍو بهادر انسان ثابت ڪيو. جيڪڏهن منشي علي اڪبر سان لاڳاپيل منهنجي هي گذارش قبول ڪئي وئي تہ مان سائينءَ جن جو بي انتها شڪرگذار رهندس.

صحيح - سر چارلس نيپيئر
ليفٽيننٽ جنرل، گورنر آف سنڌ.

(3) ڪرنل اي بي. راٿبورن سنڌ جو پراڻو ۽ اهم سرڪاري عملدار آهي، جنهن جا هي لفظ ڪنهن رسالي ۾ ڇپيا آهن تہ "مسلمانن جي نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جا هي سونهري لفظ آهن تہ "هڪ ڪلاڪ جو انصاف ساري عمر جي عبادتن کان افضل آهي." افسوس جي ڳالھ اها آهي تہ اسان جي انگريز سرڪار پنهنجي حڪمت عمليءَ مطابق عملي قدم کڻڻ دوران مٿي بيان ڪيل سونهري لفظن کي وساري ڇڏيندي آهي. هر سياسي مدبر کي اها ڳالھ ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ انصاف وڏي شيءِ آهي. نہ رڳو انصاف ڪرڻ ضروري آهي پر ماضيءَ ۾ ڪيل بي انصافيءَ جو ازالو ڪرڻ بہ نهايت اهم ڳالھ آهي. پوءِ ان سياسي مدبر يا ان جي ماتحت عملي جو ڪهڙو بہ نقطہ نظر هجي. جيڪڏهن ڪين ڪٿي بہ بي انصافي نظر اچي تہ ان کي ختم ڪرڻ پنهنجو منصبي فرض تصور ڪن. (ڏسو True line of Defence for India - ايسٽ انڊيا ائسوسيئيشن، لنڊن، وسٽمنسٽر)

(4) سمٿ ٽئلر ائنڊ ڪمپني، ممبئي 1858.

(5) هندستان ۾ عورت کي بوبي چيو ويندو آهي جيڪو بيبي لفظ جو بگاڙ آهي.

(6) سڪل مڇيءَ کي Bombay duck ۽ Ducks Bombayites بہ سڏيو ويندو آهي.

(7) پڪ جو پڪو پڪي لاءِ انگريز لفظ ripe, fun, stray آهي. هن لفظ جو استعمال هن ريت ڪري سگهجي ٿو: "تنهنجو گهر پڪ جو ٺهيل ۽ پڪو آهي."

(8) اوير کان پهريائين (1) نيپيئر روڊ (2) ملٽري لائينس يا فريئر اسٽريٽ (3) اسٽاف لائينس يا ايلفن اسٽون اسٽريٽ (4) ڪلفٽن روڊ يا وڪٽوريا اسٽريٽ (5) ڪچهري روڊ.

(9) اي ڊبليو هيُوز جو سنڌ جو گزيٽيئر هڪ مستند تصنيف آهي جنهن ۾ نقشا ۽ تصويرون بہ شامل آهن. هن جو نظرثاني ٿيل ٻيو ڇاپو بہ جلد اچڻ وارو آهي.

(10) Twenty Second Annual Report (ڪراچي 1874) جنهن ۾ 7011 آهن. انهن مان 943 جلدن جو تعلق افسانوي ڳالهين سان آهي. جڏهن تہ 588 جلد ساموندي سفر ۽ سياحت سان تعلق رکن ٿا. Catalogue of Karachi Municipal Museum هڪ الڳ تحرير آهي جيڪا 80 صفحن تي مشتمل آهي.

(11) منهنجو خيال آهي تہ هي ڪاشاني لفظ جي بگڙيل شڪل آهي ۽ ڪاشان ترڪي جو ماڳ آهي. Benediet هن لفظ کي Casuani ڪاشياني ڪري لکيو آهي (Cathay and Way Thipher - ص573). شام وارا هن کي ڪاياشان (Kayashan) سڏيندا آهن. پروسيلين جي پهرين بني ڪينگ سي (Keang 'Sy) صوبي ۾ قائم ڪئي وئي جنهن جو تعلق ستين صدي عيسوي سان آهي. (Davis, Chines, II) ص-255 - مسلم دنيا ڪاشيءَ تيرهن صدي دوران ڪتب آندو آهي.

(12) گزيٽيئر (ص_370) ۾ اهڙن ڏهن تعليمي ادارن جو ذڪر ملي ٿو جن کي ڪراچي ميونسپالٽي جي امداد ملندي هئي.ا هڙا پنج ادارا بعد ۾ کليا هئا. انهيءَ زماني ۾ ڪراچيءَ جي آدمشماري 50,000 هئي.

(13) بولان لڪ ڏانهن پيشقدمي ڪندڙفوج سال جي آخري حصي ۾ رواني ٿي هئي جنهن جو سڪند اِن ڪمانڊ، ڪرنل هاگ بدران ڪئپٽن همفري هو. جڏهن تہ فوج جو تعداد 2000 ۽ ترتيب هن ريت هئي:

| | |
|---|---|
| هاف بئٽري ماؤنٽين ٽرئن | 55 ماڻهو |
| پنجاب ڪئيولري | 100 ماڻهو |
| ٿرڊ سنڌ هارس | 227 ماڻهو |
| فورٿ پنجاب رائيفلس | 276 ماڻهو |
| جئڪب رائيفلس | 217 ماڻهو |
| ڪل جوڙ | 875 ماڻهو |

باب چوٿون

## ڪلفٽن، ڳذري، بندرڳاھ واڳُن وارو تلاءُ

سج پنھنجي قرمزي ۽ سونهري چمڪاٽ تي سمھڻ واسطي اولهہ پاسي وڃي رهيو آهي ۽ ٻہ ٽي ميل اها جوءِ جھاڳٽي آهي جيڪا اسان ۽ ڪلفٽن واري ماڳ جي وچ تي آهي. هاءِ ڪلفٽن! هن پرڪشش لفظ ۾ الائي ڪيتريون سهڻيون سارونيون سلهاڙيل اهن. نالو تو ڪٽجي تہ ٽڏو ساهہ کڄي ٿو وڃي ۽ "اولڊ انگلينڊ" جو مشهور ماڳ والمبروزا (Vallambrosa) هيانءَ تي تري ٿو اچي. ان جا ساوا ساوا لاھوندا پٽ ۽ ٻوٽا، سرسبز جهنگل، انهن ۾ موجود ڦاٽ ۽ گهارا، فيوم سيبيتو (Fium Sebeto) نديءَ جو قديم وهڪرو جنهن لاءِ ڪنهن شاعر هن ريت چيو آهي:

"Tanto ricco donor guanto povero d'onde"

ڪلفٽن! يار رچرڊ- تون بہ گهڙي ڪن لاءِ ۽ ڪچي ڦڪيءَ شاعري ۾ ڪلفٽن جي ساراهہ ۾ ٻہ ٽي ٻولَ ٻول:

اهو قدرت جي طاقت سان ممڪن ٿي پيو جنهن ڪي آءُ پري ڪان ڪهي ڏسڻ آيو آهيان.

سائين جان ٻُل! سنڌ اهڙي ۽ ائين آهي، سو هاٹي ٻڌو تہ اوهان ڪي ڪتان ڪتان لنگهڻو پوندو. نين بئرڪن جي پٺئين پاسي نيپيئر اسپتال آهي. اسان جي پرسان اهو ڪليل ميدان آهي جتي اسڪاٽلئنڊ جا ماٹهو اچي گولف کيڏندا آهن. هي ميدان گهارن ۽ ڦاٽن سان چچريل آهي. ويجهوئي لوهہ جي شاماياني جي طرز تي نهيل فريئر ريلوي اسٽيشن جي جڳهہ آهي، جن ڦڪي رنگ جي جڳهن مان دونهون نڪرندو نظر اچي ٿو سي ريلوي ورڪشاپ جون جايون آهن. جڏهن لوهہ جي دروازي لڳل وڏي ڦاٽڪ مان لنگهنداسون تہ اسان ڪي مرد نرس، عورت نرس، هڪ ٻار ۽ هڪ ڪتو نظر ايندو ۽ اهڙي چونڪڙي هتي هر چوسول تي نظر ايندي

آهي. رستي واري بند جي تورو اوپر پاسي ريس ڪورس جو نئون ميدان آهي جنهن جي حد بنديءَ لاءِ اڇا نشان ڪوڙيا ويا آهن. پرسان ئي ڊنل ڦٽل مَنهن جهڙيون ڪي اڏاوتون آهن جن کي "گرانڊ اسٽئنڊ" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ان کان اوپر- اتر- اوپر پارسين جا (Dakhmeh) مرده خانا (Dakhmeh) آهن جن کي ڪي شاعر مزاج ماڻهو "خاموش منارا" سڏيندا آهن. ريل جي اتر پاسي ۾ ڪجهه تورو اڳتي اها پراضي آهي جتي نئين ڪراچي اڏي ويندي. ان مقصد خاطر ڪجو پٽر ڪيڏي علائقي کي هموار ڪيو پيو وڃي. ان جي تورو ساڄي پاسي رصدگاهه "آبزر ويٽري" آهي جتي نہ اڳي آبزر ويٽريءَ جو ڪم ٿيو آهي نہ وري ڪڏهن مستقبل ۾ ٿيڻو آهي. هيءَ هڪ اهڙي ٿلهي متاري جڳهہ آهي جنهن کي ٺاهي تيار ڪرڻ کان پوءِ ڪاريگرن کي در دروازا هٽڻ ياد وسري ويا آهن ۽ درن هٽڻ لاءِ جيڪي بہ لنگهہ ٺاهيا ويا آهن سي بہ بعد ۾ بند ڪيا ويا آهن. ڪُوڙين ڪَنين اهو بہ ٻڌو اٿئون تہ اها جڳهہ نانگن کي نيڪي تي ڏني وئي آهي. پرسان "باٿ آئلينڊ" وارو هڪ پيو ڏچو آهي. هتان واري ساري جوءِ ڪلراٺي آهي، رنگ خيرن سان چاڪليٽي اٿس. مٿان برف جهڙي لوڻ جا تهہ چڙهيل ڏسڻ ۾ ايندا. ڪنيءَ ڏپ کان نڪ پيو سڙندو آهي. ڪاريءَ جي ڪناري سان تمرند وڻن جون قطارون ڏسڻ ۾ ايندیون آهن. ڪنهن زماني ۾ هن پٽ تي سمنڊ جو پاڻي ڇاڇريو بيٺو هوندو هو جيڪو بندر تائين موجود هوندو هو. پارسي چوندا آهن تہ "جڏهن اسان سنڌ جو نالو ڪٽندا آهيون تہ موت جي هواڙ اسان جي نڪن ۾ گهڙي ويندي آهي."

جيڪڏهن ڪو ماڻهو مٿئين جُملي جي سچائيءَ کي پرکڻ چاهي تہ هيئن ڪري جو جڏهن مينهن جون چار ڪٽيون پون تہ ان ماڳ تان مٽيءَ جو پنوڙو کٽي ۽ سنگهي ڏسي تہ کيس يقين اچي ويندو تہ ان مان برابر ساسي (animal) ۽ وڻاسي (vegetables) جي بوءِ اچي رهي آهي. جيعڪڏهن صحرا وارو سارو علائقو پاڻيءَ هيٺ اچي وڃي تہ ڏکڻ يورپ جي رهندڙ سيني ماڻهن جو جيڪر جيئڻ ئي جنجال بڻجي وڃي. ٽن چئن ميلن جي پنڌ کان پوءِ رستو هڪ ٽڪري مٿان لنگهي ٿو جنهن کي ڪيترين ئي ننڍيون وڏيون چوٽيون آهن. هيءَ ٽڪري پنهنجي ساخت ۾ (Sand stone) آهي. هن جي مٿاڇري تي پاڻي جي زور سان گَنل گول پٿريون آهن جيڪي ان جي واراسي مٿاڇري اندر پيهي ويون آهن. هن قسم وارو پٿريلو علائقو يڪو ۽ خشڪي تائين پکڙيل نظر ايندو ۽ سمنڊ وارو پاسو

ايڪپرو آهي، جيڪو گهٽ ڳالهين ۾ متران (Matharan) ۽ مهابليشور (Mahableshwar) جي سامونڊي ڪناري واري علائقي کان مختلف آهي. هتي رازڪي ڪم وسيلي نهيل ڪي بئنچون ۽ سنڌين جا بہ چار گهر آهن جيڪي چوٿائي صديءَ جي عرصي دوران وڌيا ئي ڪونہ اهن. انهن گهرن جي اڏاوتن جا ٿي ڊار ڊار نمونا آهن. هڪڙا رائنٽي تنبوءَ جهڙا آهن جن جي وچ تي ڪاٺ جو هڪ ڊگهو لڪڙو ڏنو ويو آهي. ٻيو نمونو اهڙو آهي جڻ هر گهر جي وچ تي بہ لڪڙا ڏنا ويا آهن ۽ ڇت ٻنهي پاسن کان لهواري آهي. ٽيون نمونو چوپائي مال جي مَنهَن جهڙو آهي، جڻ ڪمشنر جي ڪئمپ جا ڪوارٽر آهن. هتي ڪنهن تازي دؤر جا ڪنڊرات ڏسجن ٿا جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ترقيءَ جي ڏس ۾ ڪو غلط قدم کنيو ويو هو. هي ڪلفٽن جي غير فوجي سامونڊي علائقي ۾ موجود سينيٽوريم جي اوسي پاسي جون خاص ڳالهيون آهن. هن ماڳ تي ڪلفٽن نالو ان ڪري رکيو ويو هو جو سر چارلس جي جمڻ واري ماڳ جو نالو ڪلفٽن هو.

سمنڊ، ايڪپريون ٽڪريون، چانديءَ جهڙو اڇو سامونڊي ڪنارو "سنڌوءَ ماتا" جي ڪناري سان نيرا سنوان سڌا پٽ. منگهي پير واريون پوري رنگ جون ٽڪريون، پب جبل جون ڏندائيل آسماني رنگ جون چوٽيون، چيني ڪاريءَ ۾ بند ڏيڻ ڪري اپسمنڊ جي سنهي ڊگهي پٽي، ويران ۽ خشڪ ڪراچي ڪئمپ سان هڪجهڙائي رکن ٿيون. هتي سمنڊ ۾ وهنجڻ ڏاڍو پلو لڳندو آهي. مانگر مڇن جي ڊپ کان هتي ڪاٺ جا شهتير کوڙي پيهر ڏنو ويو آهي. پر هاڻي اهي شهتير ڪيڏي ان ٽڪري جي صفائي ڪئي وئي آهي. چيو ويندو آهي تہ قديم زماني ۾ انهن سامونڊي بلائن کي سامونڊي فوجي ڳهي ناس ڪري ڇڏيا هئا. پيرن کي زخمي ٿيڻ کان بچائڻ واسطي ڪاٺ جو "گئنگ وي" ناهيو ويو آهي. هن سامونڊي ڪناري سان ڪڇون (Turtle Indica) جام آهن. پر هتان جي انگريزن جي بورچين کي اهڙي خبر ڪانہ آهي تہ انهن کي پچائي يا رڌي کين سگهبو آهي. اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ هتان جي سامونڊي ڪناري سان سفيد رنگ جو مانگر مڇ ڏٺو ويو آهي(1) جنهن جي ڊيگهہ اٽڪل سٺ فوٽ هئي هي وڏيون سامونڊي بلائون آهن جن کي ماري سنڌن پنڪڙيون چين ولايت موڪليون ويندڙيون آهن. هنن جو تيل وري عربستان موڪليو ويندو آهي جتي بيڙين کي مَڪُ ڏنو ويندو آهي. اهڙي مَڪَ ڏيڻ

ڪري ٻيڙيءَ جي ڪاٺ کي گهٽو جيت ڪائي سوراخ ڪري ڪونہ سگهندو آهي. جيتري قدر مون کي ڄاڻ آهي تہ مانگر مڇ آدمخور نہ ٿيندا آهن. هن جوءِ ۾ مهاديو جو مندر آهي جنهن جي ڇت ڪرنگهي واري آهي ۽ ٽَڪُر ٽاڪي ٺهيو ويو آهي. هن جڳهہ جي اڏاوت مان معلوم ٿئي ٿو تہ مذڪوره ٽڪري ڪنهن جوڳيءَ ٽاڪي آهي. سندس ڪم ۾ هتان جي تيز واءُ بہ شامل رهي آهي. مذڪوره جوڳي هن مندر جي تقدس واسطي ڪبوتر بہ پاليندو هو. چيو ويندو آهي تہ ترشول جو ٽيون ماٿهو ڪبوتر جي شڪل ۾ اوتار تي آيو هو جنهن کي ڪپوتيشور (Kapoteshwar) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو ۽ کيس ڪبوتر ديوتا طور مڃيو ويندو آهي. هن مندر جي منهن تي هڪ کوهہ بہ کوٽيو ويو آهي. پر ان جو پاڻي صفا لوڻ جهڙو ڪوڙو آهي. سنڌ جي هن رميلہ جهڙي ٽاڪ تي مٺي پاڻيءَ جي ڏاڍي اڻاٺ آهي. يا ائين ڪٿي چئجي تہ هتي پيئڻ جوڳو پاڻي تہ آهي ئي ڪونہ. اوهان کي پنهنجي ضرورت جي هر شيءِ جي خريداريءَ لاءِ پنهنجي ماٿهوءَ کي صدر يا ڪئمپ جي مکيہ بازار ڏانهن موڪلڻو پوندو. اهو ماٿهو اُن خريداريءَ ۾ پورا ڇهہ ڪلاڪ وڃائي ڇڏيندو. عام طور تي اهو سامان فقط ٻن ڪلاڪن ۾ خريد ڪري سگهجي ٿو.

هتي اسان وهنجڻ واسطي اڇي ميڙو مچائيندا آهيون، جنهن کي رؤنشو يا چيڏڪ سڏيو ويندو آهي. پر اسان ان رؤنشي ۾ ويچارن بي گناهہ ڪيڪڙن (Crabs) کي ماريندا آهيون جيڪي بلڪل بي ضرر هوندا آهن. وهنجڻ واري اهڙي رؤنشي جون سونهري ساروڻيون مون کي اڃا تائين دل ۾ محفوظ آهن.

ناتال وارن ڏهاڙن دوران ڊزن کن انگريز ڇيرو جوان تمام گهٽو تماڪ ڇڪيندا هئا. سندن واتن مان تمام گهٽو دونهون نڪرندو هو. معلوم ائين ٿيندو هو تہ ڄڻ اهو دونهون سندن واتن مان نہ پر فئڪٽرين جي چمنين مان نڪري رهيو هجي. انهن ڏينهن دوران اهي گهوڙيسواري بہ ڪندا هئا ۽ سندن ڊوڙ دوران ٽپ ڏئي هڪ ٽڪريءَ تي لهي بيهندا هئا ۽ ڊوڙندڙ گهوڙي مٿان ٽپ ڏئي سوار بہ ٿي ويندا هئا. اهي سامونڊي ڪناري سان قطار ۾ بيهي گهوڙي ڊوڙ پڄائيندا هئا. اهڙي سامونڊي پٽي غير واريا سي ۽ پڪي هوندي هئي ۽ سمنڊ ۽ ٽڪرين جي وچ تي هوندي هئي. اهڙيءَ ڊوڙ ۾ شرط رکي گهوڙا ڊوڙائيا هئا.

گهوڙيسوار پنهنجن گهوڙن کي مهميز جو چٺڪو بہ ڏيندا هئا تہ اڙين جا رُڳها بہ هٽندا هئا. ان ڪري گهوڙا ڏاڍا تيز ٿي ويندا هئا ۽ مرڻ جيئڻ جي نہ ڪندا هئا. اهڙيءَ تيز رفتاريءَ دوران گهوڙا ڏُو وجي سمنڊ جي ڇاڇر پاڻيءَ ۾ ڪندا هئا.

سمنڊ ۾ هڪ گهارو بہ هوندو هو جيڪو يڪو خشڪيءَ تائين هليو ويندو هو جنهن کي مٿي خشڪيءَ واري طرف وڪڙ هو. ساموندي لهريون مٿي وجي وڪڙ تائين پهچنديون هيون ۽ اهو سارو گهارو ساموندي پاڻيءَ جي گجَ سان ڍڪجي ويندو هو.

انهن ٻارهن جوانن مان فقط هڪ همراهہ اهڙو هو جيڪو پنهنجي گهوڙي جي طوفاني رفتار سان ٻڌل شرط کٽي ويندو هو. باقي يارهن ڄڻن مان ڪو ڪٽي تہ ڪو ڪٽي هوندو هو. ڪي ساموندي لهرين جي لپيٽ ۾ اچي ويندا هئا، جيڪي ڪناري سان اچي ٽڪرائيبيون هيون. ڪي وري پنهنجن تيز رفتار گهوڙن تان ڪري پوندا هئا ۽ سنهي واريءَ ۾ ليٽڙجي ويندا هئا. چوڏس ٺهڪ ۽ هوڪرا پئجي ويندا هئا. ڪن جا گهوڙا توائي ٿي وجي ٽڪرين ۾ گهتون ۽ گوهيون ڏيندا هئا. پر سندن اهڙي ڪوشش اجائي هوندي هيون. سر وڃائڻ جهڙا اهي رؤنشا ۽ چيڏڪ ماضيءَ جي پردن پنيان پيهي ويا اهن. اج اهڙين جاين تي اهي مٽي ڦريا گهوڙيسوار نظر ڪونہ ايندا جن کي مقرر وقت تي ويهڻ ڪونہ ايندو هو جڻ سندن پيرن ۾ تنبڻيون ٻڌل هئي. پر اج اتي سست ۽ ڪاهل قسم جا انگريز جوان پنهنجي هَٿن جي وکر جون ۽ پئسي پنجڙ جون ڳالهيون ڪندا ۽ گهمندا نظر ايندا ۽ هڪ ٻئي سان ارڙهن پنس واري ريئي جا سور سليندا ڏسبا. هي ڳالهہ بہ وڏي واڪ پيا چوندا تہ ڪراچي ۽ ڪلفٽن جي آبهوا ڏاڍي سٺي آهي پر هتان جا رهواسي اهڙي ڳالهہ محسوس ئي ڪونہ ڪندا آهن. معلوم ائين ٿيندو آهي تہ اهي جيئري ڪنهن موذي مرض جا ماريل يا پليگ جهڙي پاپي مرض جا نهوڙيل آهن. مان سارو هندستان گهمي ڏٺو آهي پر هتان جي عورت جهڙي نبل ۽ رت ۾ پؤٽي ۽ ڪمزوريءَ کان ڦڪي رنگ واري عورت، ڏٻرا ۽ روڳي ٻار ڪٿي بہ ڪونہ ڏٺا آهن. ڪراچيءَ جي آبهوا هنن جي ڦڪن منهن ۾ ساواڻ پري ڇڏي آهي، اڌ ڊزن کن ڪراڙا ۽ رٽائرڊ ماڻهو اهڙا آهن جن کي ڪلفٽن جون اڳيون رونقون ۽ رنگينيون ياد آهن ۽ انهن ٻُهيلن ڳيرو جوان انگريز جون اونترائيءَ واريون ڳالهيون ياد ڪري تڏا ساهہ پريندي ڏسبا آهن. هاڻي ويچارن کيڪڙن جو بہ بچاءُ ٿي ويو

آهي. پئسو ڏوڪڙ بہ جام آهي پر شڪار ڪرڻ واري دل ڪانهي. ليفٽيننٽ (هاڻي ڪرنل) مارسٽن (Marston) سرھہ ۽ گڏ جي شڪار ۾ هتان جي ماڻهو گوءِ کڻي ويو آهي. ليفٽيننٽ رائيس (Rice) بہ شڪار ڪرڻ جي ابتدا ڪئي هئي جيڪو اڳتي هلي چيتن جي شڪار جو دنيا جو چيمپئين شمار ٿيڻ لڳو هو. پوليٽيڪل اڪانامي جا آزاد طبيعت مدبر ۽ مانچيسٽر مڪتبہ فڪر جا ماڻهو سوچيندا هوندا تہ اهڙي تبديلي گهٽيون چڱايون ڪٿي آئي آهي. پر مسٽر جان بل، مان سمجهان ٿو تہ اوهان ائين ڪونہ سمجهندا هوندا. هاڻي پلي ڳالهہ اها آهي تہ هلي گهر پيڙو ٿجي. هتان کان ٿوري پنڌ تي اوير- ڏکڻ- اوير طرف گِذري نالي هڪ ماڳ آهي جيڪو ڪن ٿورين ڳالهين کان سواءِ ڪلفٽن جهڙو آهي. هتي سرڪاري بنگلن بدران "مئرين سينيٽوريم" آهي. عمارت جي شڪل صورت اهڙي آهي جو پري کان پٿر جون نهيل صندوقون پيون معلوم ٿينديون. هنن جڳهن جي درن تي سائي رنگ جون چڪون چڙهيل آهن، انهي احساس ڏيارڻ لاءِ تہ انهن صندوقن ۾ ڪجهہ سرڪاري عملدار وينا آهن. ان کان پوءِ ڪچن ڪوارٽرن جي هڪ ڊگهي قطار آهي. هتي گول قسم جو کليل ميدان آهي جتان بيهي سمنڊ جو نظارو ڪري سگهبو آهي. هتي اهڙيون پٿون آهن جيڪي چوڙاري گول ڦري اچڻ ڪري وٽي جهڙي شڪل ٺٽجي پونديون آهن. انهن پٿن جي واري تيز هوا تي هيڏانهن هوڏانهن وڙڪندي ۽ وراڪا ڏيندي وتندي آهي. معلوم ائين پيو ٿيندو آهي جڻ نيل درياءُ پنهنجي وڙڪندڙ واريءَ جا ڍڳ شام واري بيروت ڏانهن ڏڪي چڏيا آهن. گِذري بندر ڪراچي بندر کان چار ميل پري آهي. ڪنهن زماني ۾ هيءُ ماڳ سنڌوءَ ويجهو هوندو هو چاڪاڻ تہ اهو سنڌوءَ جي هڪ قديم چوڙ گهاري تي آباد هو جيڪو هاڻي ڪاري (Creek) جي شڪل ۾ موجود آهي.

اوير وارن ملڪن جون روايتون ڪيڏيون نہ خوبصورت آهن. بلڪ ٿي من موهيندڙ ۽ نراليون، هتان جي ڏينهن کان صفا ابتڙ. ڪراچي هن ڏکويل ماتري جي الهندي- ڏاکڻي ڪنڌ تي آهي، جتي ڌوڙ واريا سو لٽ ۽ چيڪي مٽي نظر ايندي آهي. ڪٿي ڪٿي خشڪ ٽڪريون بہ نظر اينديون، ايڪڙ ٻيڪڙ ڪٿي برساتي ندين ۽ گهارا بہ ڏسبا آهن. هتي سدائين تيز رفتار هوا پئي گهلندي آهي، تنهنڪري رات ۽ ڏينهن مٽي پئي اُڏامندي آهي ۽ اها هڪ تاڪ کان ٻئي تاڪ تائين سفر ڪندي رهندي آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو کليل علائقو هيٺ مٽي هوندو آهي. هتي

ڪنڌن وارا ڪئين ٻوٽا آهن. ان ڪان سواءِ لاٽو ۽ ٿوهر بہ جام آهي. ٻارڻ جوڳو ٻيو بہ گھڻو جھنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن ٻريٽ ۾ جيڪڏهن چوڌس نهاربو تہ ڊپ وٺي ويندو. جانورن ۾ هتي اُٺ ۽ ٻڪريون تمام گھڻا آهن، جيڪي مٿئين بيان ڪيل جھنگ جھاڙيءَ ۾ چرندا نظر ايندا آهن. پر هن قسم جي سُڃ ۽ ٻريٽ ۾ هڪ ڪشمڪش موجود آهي، هڪ جادو موجود آهي، جيڪو دل کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. جڏهن سج آگ جا اُلا ٿي جھڳندو آهي ۽ ڌرتي تپي ٽامو ٿي ويندي آهي، رات جو پيل ماڪ ڏنڌ وانگي مٿي اُڏڻ شروع ڪندي آهي تہ ان وقت هن ساري ڏيک جي کھڙي ڳالھ ڪجي، جنهن ۾ ڪيئي رنگ ۽ رونقون سمايل هونديون آهن، ڇڻ ڪنهن هڪ مالها ۾ مختلف قسمن ۽ رنگن جا مٽيا پوئي ڇڏيا هجن. اهو منظر ائين نظر ايندو آهي ڄڻ ماٿهو چين ولايت ۾ موجود آهي ۽ مختلف قسم جا منظر ويٺو ڏسي. اهڙو خوبصورت منظر هر روز ڏسبو آهي. نيري آسمان تي قبي جي شڪل جهڙيون اوچايون بلڪل شفاف ۽ گهاٽي نيري رنگ جون ڏسڻ ۾ اينديون آهن. پاسن تي وري ائين نظر ايندو آهي ڄڻ لاجورد پٿر جي اٽي ۽ ڪير جي سنهڙيءَ جهاريءَ جو مينهن وسي رهيو آهي. چانڊوڪيءَ ۾ وري ائين ڏسبو آهي ڄڻ نيدر لئنڊ ۾ برفباري ٿي رهي آهي. رات جو جڏهن هيانءَ ٺار هوا جي ٿڌڙي هير گهلندي آهي تہ نيٽن تي ننڌ جي ڳهر ڇانئجڻ شروع ٿي ويندي آهي، ان وقت اهڙيءَ ماٺار ۾ سٽيءَ ڪرڻ جو بہ آواز ٻڌي سگهبو آهي، جيڪو اسان جي روحن مٿان قدرت جي شاهاڻي سخا سان نازل ڪيل سک ۽ سڪون جي هن جادوءَ جي اثر کي زائل ڪري نہ سگهندو آهي.

هاڻي اسان واڳن جون ڳالهيون ڪنداسون. اڳئين پيري جڏهن اسان هتي آيا هئاسون تہ پنهنجي مڏي اڳتي موڪلي پاڻ ڪراڙن ۽ ڏبرن گھوڙن تي لانگ ورائي، ياُرو ٺاڪُو ياُرو ٺاڪُو ڪندا، منگهي پير ڏانهن روانا ٿيا هئاسون. انهيءَ زماني ۾ اهو ماڳ ڪراچي شهر کان ست ميل پري هو. سارو رستو اٽانگو ۽ هيٺ مٿي ۽ جهاڪن سان ڀرپور هو. انگريز وٽ هندستان جو گهوڙو ڪٽي ڪتان جو بہ هجي پر ڏکيو سکيو ڏوري هلي توڙ رسائيندو آهي. هي هڪ اهڙو تهذيبي ڪم آهي جنهن مان ارجنٽائين ريپبلڪ وڏي آس لڳايو ويٺي آهي. هتي مقامي طور هئنسم (Hansom) ۽ هگليز (Huglies) جيان ٻن ڦيٿن وارا ٽانگا آهن جن کي هڏاون ڀڄرن جهڙا بہ ٽٽون ڇڪيندا آهن. اسان جنهن ٽانگي ۾ سوار ٿياسون تنهن ۾ هڪ

سگهيءَ (Unicorn) گهوڙي جي نسل سان تعلق رکندڙ اهڙا بہ گهوڙا جُتيل هئا جيڪي قديم زماني جي جنگين ۾ فقط شاهي سواريءَ لاءِ ڪتب ايندا هئا. هن نسل جي گهوڙن جو مفصل احوال اڳتي ايندو. سو اسان پاڻ ئي هڪ ڪوڙڪيءَ ۽ ٽن ساهدارن لاءِ هڪ جهونڙي پارسي ميروانجي برجو جي (Merwanji Burjo Ji) ڪي نماڻائيءَ سان گذارش ڪئي هئي تہ هو پنجين وڳي صبح جو پهچي وڃي. پر هن پارسيءَ رحمدل انسان اسان تي خاص مهرباني ڪري اهو ٽانگو ڇهين وڳي موڪليو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن اسان رُڳهَہ ۽ ڪاڙهہ جي هتان جي نرالي نعمت کان چڱيءَ ريت لطف اندوز ٿي سگهون. هتي وقت دولت ۽ دوست نہ پر جاني دشمن هوندو آهي جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان گذاري مٿي تان بار هلڪو ڪبو آهي، هتان جي ماڻهن لاءِ ڪم کان گسرائڻ ۽ لنوائڻ جي هڪ خاص ڳالهہ هوندي آهي جنهن کي خدا جي نعمت سمجهي ان مان پورو فائدو ورتو ويندو آهي. اهڙو رويو ٻاهران ايندڙ ماڻهوءَ جي سوچ فڪر تي بار بڻجي پوندو آهي. نيٺ خدا کي سنياليندو نيچ ذات جو هڪ هندو گهوڙي ڳنڍڪاريندو، لڪڻ اولاريندو اچي اسان وٽ پهتو. جڏهن اسان ڪيس اڳواٽ ٽانگي جو ڀاڙو ڏنو تہ هن انهن ڏوڪڙن کي پنهنجو پراڻو قرض سمجهي پنهنجي کيسي ۾ وڌو ۽ پوءِ هن پنهنجون واڇون پوئتي ڇڪي، گندا ڏند ڏيکاري شڪر گذاريءَ جو ٻي ڍنگو اظهار ڪيو هو. پوءِ هن گهوڙن جي پٺن تي بہ بہ لڪڻ سٽڪايا. ٻنهي گهوڙن پنهنجون ڳڇيون ڌڳهيون ڪيون، پوءِ تنگ ڏني ۽ پوءِ ڍگ ڍگ هلڻ شروع ڪيو. ٽانگو صدر بازار اُڪري اچي نيپيئر روڊ تي پهتو هو. ان وقت اسان سرڪاري اسڪول واري جهنگلي کان اڳتي نڪري چڪا هئاسون. آئرش (Irish) پل وٽ پهتاسون تہ ڏٺوسون تہ اناڙي ڪاريگرن جي ٿهيل ڪسين ڪري ڪني پاڻيءَ جا تلاءَ لڳا بيٺا هئا. آڏو جڏا سڏا زبون حال ۽ ڊٺل ڦٽل بنگلا نظر اچي رهيا هئا جن کي ”اولڊ چارلي“ جي دؤر ۾ شاهي محلات تصور ڪيو ويندو هو. ساڄي پاسي 2- بلوچ ريجمينٽ جون نيري رنگ جون بئرڪون آهن. سامهون ڪئمپ جي جڏي سڏي بازار آهي جيڪا ڪنهن زماني ۾ سولجر لائين ضرورت جي هر شيءِ مهيا ڪندي هئي. هتي وڻ بہ اهي ساڳيا آهن جيڪي اڳ ڏٺا هئاسون. لانڍي بہ ائين ڏسجي ٿي جڻ لنڊن جو ڪُنڊ وارو هٽ هجي. اسان کي هن مقصد سان سرڪاري باغن وچان گذرڻو پوندو تہ جيئن ڏسي سگهون تہ سيڪجهہ نيڪ آهي يا نہ. هتي اچي

توهان کي پتو پوندو تہ ڊيوٽيءَ کان ڪيئن لنوائبو آهي. آمريڪا جيان هتي قبرستان سهڻا نظر ايندا آهن. پر شڪارپور کان سواءِ گهٽو ڪري سندن سنڀال قدرت جي حوالي هوندي آهي ۽ ڪناڪيڙا لڳا پيا هوندا آهن. ڪراچيءَ وارو سرڪاري باغ چاليهن ايڪڙن تي مشتمل آهي، جيڪو ڪئمپ کان اتر ۽ لياري نديءَ جي ڪاٻي ڪناري سان واقع آهي. هيءَ هڪ اهڙي جُوءِ آهي جتي منو پاڻي ملندو آهي. هن ايراضيءَ جي زمين پلي تہ ڪانهي پر ان جو نالو ڏاڍي شد مد سان ورتو ويندو آهي. هن ايراضيءَ ۾ کوهن ۽ نارن جو تعداد بہ جهجهو نظر ايندو آهي. هن جُوءِ ۾ انگريزن جي يورپين عورتن کي بڌائڻ ۽ لطف اندوز ڪرڻ لاءِ بئنڊ بہ وڄائي ويندي آهي، پر خاص ڪري اهڙو اهتمام ڇنڇر واريءَ شام جو ڪيو ويندو آهي. تير اندازيءَ جي مشق ڪرڻ جو وڏو ميدان بہ هتي آهي جنهن جي ديوار جو ڪچو پشتو ڪاڇي ڪنا ڪيڙا تي چڪو آهي. سارو ميدان "گل خيري" سان ڀريل ڏسبو آهي. ترڻ جي مقصد سان ناهيل تلاءَ بہ هتي هوندا هئا جيڪي هاڻي سڪا پيا آهن ۽ ڊهي ناس تي ويا آهن. هتي ڪڏهن ڪرڪيٽ بہ کيڏي ويندي هئي پر هاڻي ان جو هتي نانءُ نشان بہ ڪونهي ۽ اهو ميدان سڄ جي تاءَ ۽ تک کان ڦاٽ ڏئي ويو آهي. ميدان تي ڇپر پوکيل هئي جيڪا هاڻي هتان جا ماڻهو رنبين سان پاڙئون پٽي رهيا آهن. جيڪڏهن انهن کان پڇبو تہ اهو نقصان ڇو ٿا ڪريو تہ وراڻي ڏيندا تہ ڍڳا بک ٿا مرن. ڪو زمانو هو جو هتي سائي ڀاڄي بہ جام پوکي ويندي هئي. جتي ڪاهو (سلاد)، گوبي ۽ بصرن جي ساوڪ متي پئي هوندي هئي. گهمڻ ڦرڻ واري ٿڌي سمڪ بہ هتان گذرندي هئي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان سبزيءَ جي ساواڻ لڳي پئي هوندي هئي. ڪڏهن تہ اهو بہ سمو هو جو هتان جا ماڻهو چندي طور ڪجهہ ڏوڪڙ ڏئي سيئي سايون ڀاڄيون مفت ۾ ڪٽي ويندا هئا. هاڻي تہ اهو حال آهي جو مٺ جيتري سائي ڀاڄيءَ لاءِ بازار تائين پنڌ ڪرڻو پوي ٿو.

اسان سرڪاري باغن وچان لنگهندڙ ان رستي سان ور وڪڙ ڪندا اڳتي وڌون ٿا جيڪو لياري ندي پار ڪري اڳتي وڃي ٿو. هي رستو اتي وڃي توڙ ڪندو آهي جتان کان پوءِ ڪنهن کي تهذيب ۽ تمدن جي خبر ئي ڪانہ هوندي آهي. هتي پڪين سرن جون پليون ۽ نڪ ساڙيندڙ ڪني ڏپ اوهان جي آجيان لاءِ اوسيئڙيَ ۾ هونديون آهن. اسان هي نَئِن نهايت تيز رفتاريءَ سان گذري وڃون ٿا. جڻ اسان ڊوني برڪ جي ميلي گهمڻ لاءِ

وجي رهيا آهيون. خوشيءَ وچان ٻارڙن جيان ڇيخون ۽ ڇيٽون ڪري رهيا آهيون ۽ آئرلئنڊ جي هڪ ڳوٺ وچان گذرندي گرمي کان بچاءَ لاءِ پنهنجون ڇٽيون کولي ڇڏيون آهن. جڏهن پر واريءَ جابلو جُوءَ ۾ مينهن جي موڪ ۽ پلر جي پالوٽ ٿيندي آهي تہ هن نَئِن جا وٽن سان ڍڪيل ڪنارا ۽ باغن سان چانيل ڪنڌيون پاٽي جهلي ڪوٺ سگهنديون آهن. جيڪو گاري ۽ گپ جهڙو ميرو هوندو آهي ۽ ڏوڪيندو ويندو آهي. سياري جي رُت ۾ سندس پيٽ سڪل هوندو آهي، پر ڪراچيءَ پرسان سندس پيٽ ۾ ڪٽي ڪٽي دٻا تلاءَ بڻا هوندا آهن جيڪي پنهنجي ڪاري ڪني روپ ۾ ڏاڍا ناهوڪا لڳندا آهن. هن نَئِن جي تري وٽ پاسي سان مني پاٽي جي حاصلات جي مقصد سان کوهہ بہ کوٽيا ويا آهن جن جي پاسن سان اڏڙوٺ. وهي واريون، سهٽيون، ڪوجهيون، ٻايون، ٻانهيون، ڪي ڪنگال ڪي سرندي واريون، ڪن جي مٿن تي مٽ ۽ ڪن جي مٿن تي دلا هوندا آهن. ان سان گڏ سندن ٻار بہ هنن جي ڪڇن تي هوندا آهن ۽ پنهنجي ماءُ سان ائين چنبڙيل هوندا آهن جڻ ببون (baboon) باندر جي ڇاتيءَ سان پنهنجو ٻچو چنبڙيل هوندو آهي. عورتن جو هتي ميلو متو پيو هوندو آهي، پيون هڪ ٻئي تي ٺوڪ ۽ ڏنڪ ڪنديون، سارو وقت ڪل ۽ ڪتراڳ، جڻ ڇيچ ۽ ڇيڏڪ. سندن اها ڪچهري بہ وڏي وات هلندي آهي ۽ ٿهڪن جا ڦهڪا هوندا آهن. سمجهبو ائين آهي تہ وٽن انهن وڏن ٿهڪن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ آهي. ڀانئبو ائين آهي تہ ڄڻ کوهہ تي پاٽي ڀرڻ مهل ساريءَ دنيا جون خوشيون اچي هڪ جاءِ تي ٽانيڪيون ٿيون آهن. هتان جون سگهڙ سَنوپر عورتون ڏاڍيون گهريتڙيون هونديون آهن. سانجهڻ جون ڏاڍيون سَجاريون ٿين ٿيون. پنهنجي اهول کهول لاءِ رڌ پچاءُ ڪرڻ ۽ ڏوتي پوتي ڪرڻ عار محسوس نہ ڪنديون آهن. واندڪائي مهل چنيءَ ڦاٽيءَ جو ٽوپو سيبو ڪرڻ بہ سندن ذميوارين ۾ شامل هوندو آهي. سئيءَ جي ڪم ۾ بہ سڄاڻ ۽ سچيت آهن. وارڪائيءَ ۾ جُهونگڙي مڇائي وات ويڙهائڻ ۽ پاڙي پنبي تي ٽيڪا ٽپٽي ڪرڻ ۽ لاهٽي لاهڻ پڻ سندن منصبي فرضن ۾ شامل هوندو آهي، ان کان سواءِ ٻيا بہ ڪي گهڻ پاساوان ڏکيا ڪم هوندا آهن جن کي هو ڏاڍي هنياري سان مُنهن ڏينديون آهن.

هن نئين کان گهٽو ويترڪو هڪ ڪليو ۽ سنئون سڌو پَٽُ آهي جيڪو هڪ جهونڙي گنجي جي مٿي وانگي پيو چلڪندو ۽ چمڪندو

آهي. ڪٿي ڪٿي اڪ جو ٻوٽو ڪٿي ڪو ڪرڙ ڪٿي اوسي پاسي لئو ۽ ڪٿي ڏور ٿوهر. جهنگ جهاڙي ۾ ڇدو ڇاڊو جهڙو ڪر بسمارڪ جون مڇيون. هوا سمنڊ واري پاسي کان گهلندي آهي، تنهنڪري وڻ ٻوٽا ان جي مخالف طرف ڏانهن جهڪيل ڏسبا آهن. اهڙيءَ اويڙ کي بچائڻ واسطي مناسب ڪوٽ ڪيڻ ضروري آهي. هتي فريئر نالي سان هڪ سڙڪ آهي جنهن کي پاسن کان مٽي ڪيڏي ڪجهه مٽيرو ڪيو ويو آهي. سفر ۾ البت اهنجي آهي. هن کان ته گاڏر- ڏگ وڏيڪ سولو ۽ سفر لائق آهي. اسان هلندا هلندا نيٺ منگهي پير واري جابلوءِ جُوءَ ۾ پهچي ويا آهيون. هي ٽڪريون ڇُن- پٿر جون آهن هي علائقو ڪراچيءَ واري پَٽَ کان اتر طرف آهي. ٻن ننڍين سڪل نئن کي پار ڪرڻ کان پوءِ ان جابلو سلسلي ۾ هڪ لنگهه يا لَڪُ آهي، جنهن مان لنگهي ڪابي پاسي ڦرجي ٿو ۽ اتان ٿورو پنڌ ڪري هڪ انڌي منڊيءَ سڙڪ تي پهچي ٿو. منگهي پير جي تلاءَ وارو پاڻي ٻه هن سڙڪ جي پاسي سان گڏ تي اوڏانهن وهي ويندو آهي. اسان سفر ٻه منگهي پير واري مذڪوره تلاءَ ڏسڻ لاءِ ڪيو آهي. هن گرم ماتريءَ بلڪ گرم ترين ماتريءَ جو منظر ٻتو آهي، ڇاڪاڻ ته هن ڪلئي پٽ جي وچ تي هڪ ٽڪري آهي تنهن ڪري اهو پٽ اوير ۽ اولهه ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. هنن ٻنهيءَ مان هڪ ميدان ۾ پاڻيءَ جو تلاءَ ۽ ان جي چوڌاري وٽڪار نظر اچي ٿي، جيڪا ڪجين، ناريلن ۽ گدامڙيءَ جي وڻن جي ٻن ڪوڇن ۾ ورهايل آهي. اتر وارو پاسو خالي آهي جتان پاڻي وهي، ڏکڻ طرف وارين ٽڪرين جي وٽيءَ مان لنگهي اچي. ان تلاءَ ۾ پوي ٿو جنهن کي منگهي پير جو تلاءُ سڏيو ويندو آهي. اهي ٽڪريون اتر- اولهه ڏانهن وڌن ٿيون ۽ 20 ڊگرين واري ڪنڊ ناهي بيهن ٿيون. سندن اوچائي چار سؤ فوٽ ٿيندي ۽ سنئون پَٽُ انهن جي بلڪل سامهون آهي. مان اڳ ۾ هن ماڳ تي آيو هئس. مون کي ياد پوي ٿو ته تنهن زماني ۾ اسان انهيءَ پاڻي جي پرسان گدامڙيءَ جي وڻ هيٺان اچي خيما کوڙيا هئا. هاڻي ان گدامڙيءَ پرسان گهاٽن وڻن جو بيلو ٻڌجي ويو آهي. هتان جا ماڻهو چوندا آهن ته جيڪڏهن گدامڙيءَ جي ڇانوَ ۾ سمهبو ته ماڻهو تپجي پوندو آهي، اهو بخار تيستائين ڪونه لهندس جيستائين نم جي ڇانوَ ۾ نه سمهندو. مون سنڌين جي انهيءَ وهم کي دور ڪرڻ ۽ کين لڄي ڪرڻ واسطي گدامڙيءَ جي ڇانوَ ۾ سمهي ڏنو هو. بلڪل اٿين جهڙيءَ ريت "فرائيڊي" جهاز ۾ سفر ڪندڙ واپاريءَ کي ٺڪي ڪرڻ جي

ڪوشش ڪئي هئم. جڏهن مون گدامڙيءَ جي وڻ هيٺان سمهڻ جو تجربو ڪيو تہ اها موسم سياري جي هئي ۽ گدامڙيءَ هيٺان پوسل بہ ڏاڍي هئي. گهوڙي ڪن اتي سمهبو تہ اچي سيءَ ورايو جو ڇاڙي ڇاڙيءَ سان نہ ملي، پوءِ اچي ڏڪڻ شروع ڪيم. صفا ڪُرڙيءَ وانگي پئي ڦٿڪيس. نتيجو اهو نڪتو جو جنهن ماڻهوءَ مون کي ڳالهہ ٻڌائي هئي ان کان بہ وڌيڪ ويساهہ جمي ويو تہ گدامڙيءَ هيٺان سمهبو تہ بخار تي پوندو آهي.

قديم مصر ۾ واڳونءَ پوڄا جو رواج هوندو هو پر هن نئينءَ مصر (سنڌ) ۾ واڳونءَ کي هڪ مقدس جانور تصور ڪيو ويندو آهي. راجپوتانا جي پوڪر يا پوشڪر واري علائقي ۾ ماڻهو واڳونءَ کي مقدس جانور سمجهندا آهن. هتان جا ماڻهو چوندا آهن تہ اهي واڳون هت درياءُ مان ايندا آهن، جنهن ۾ پاڻيءَ جا ٻيا وهڪرا بہ ڇوڙا ڪندا آهن. پاڻيءَ جو مذڪوره وهڪرو منگهي پير کان ڏهاڪو ميل پري اولهہ طرف آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ اهي واڳون سنڌو درياءُ کان خشڪيءَ وارو سفر ڪري هتي پهچندا آهن. پر سوچي ڏسجي تہ ڇا خشڪيءَ جو ايڏو وڏو سفر هنن جانورن لاءِ ممڪن آهي. مان ياڻيان ٿو تہ هي جانور جڏهن ننڍا هوندا آهن تہ کين ڪي ساڌو فقير ڪٽي هن تلاءَ ۾ ڇڏي ويندا آهن. واڳن جي هيءَ جنس آدمخور آهي. سندن ڏوناڙ ٻي ضرور قسم جي واڳن کان ننڍو ٿيندو آهي. اهڙن واڳن جو اندرئين پاسي کان وات رنگ جو اڇو ٿيندو آهي، ان جنس جي واڳونءَ جو پيچ منڍ واري پاسي کان ٻٽو ۽ پڇڙيءَ وٽ هڪ نظر ايندو آهي. هتان جا ماڻهو قسم کٽي اوهان کي ويساهہ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندا تہ هي خطرناڪ جانور مينهن کان ڏاڍو ڊڄندو آهي. سنڌوءَ ۾ سيسر جي نالي سان هڪ جانور ٿيندو آهي جنهن جي شڪل صورت ذري گهٽ واڳونءَ جهڙي ٿيندي آهي. پر ان جي ڏوناڙ گول قسم جي هوندي آهي ۽ ڏوناڙ جي چوٽي بومبيءَ وانگي هوندي آهي. هتان جا جهير مهاڻا سيسر کائيندا آهن. پڇڻ کان پوءِ هن جانور جي گوشت جو ساءُ سواد ڊڳيءَ جي پڪل گوشت جهڙو ٿيندو آهي ۽ ڪاڏ مڇي جي گوشت وانگر مختلف تهن تي مشتمل هوندو آهي.

هتان جا ماڻهو هن بزرگ کي منگهي پير يا مگر(2) پير جي نالي سان سڏيندا آهن. يعني واڳن وارو پير. منگهو پير. مگر پير جي بگڙيل شڪل آهي. چيو ويندو آهي تہ هيءُ مسلمان هڪ آڌوتي فقير هو جنهن هن دنيا سان لڳ لاڳاپا ڇني ڇڏيا هئا ۽ تيرهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري هن

اسان وارياسي گس مان ڏوڪيندا اڳتي وڃون تا جيڪو ڏرتيءَ جي عام متاڇري کان اڏ فوٽ کن هيٺ آهي. ڏيڍ ڪلاڪ ڊڊن ڊوڙائڻ کان پوءِ اسان ان ماڳ تي اچي گهوڙن جون واڳون ڍريون ڪريون تا جنهن کي "ٽرئولوس بنگلو" سڏيو ويندو آهي. اسان پاڻ کان اڳ هتي ايندڙ ان رهائش گاهہ ڏانهن منهن ڪيو بيٺا آهيون جيڪو ڊنو ڦٽو پڙياڻگ لڳو پيو آهي ۽ ڪنهن مال جي واڙي جون سڪون پيو لاهي. اهڙو بہ ڪونهي جو هن ننهڻ اُس ۾ اڳتي وڃي هن جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ڪتي متو لڪائجي. هتي ڪنهن رانڌي (بورچيءَ) جي ضرورت ڪانهي، چاڪاڻ تہ انگريز، گهوڙيسواريءَ وقت لاپرواهيءَ کان هر شيءِ وساري ويهندا آهن. هن جڳهہ جي دالان واري حصي تي هڪ پارسيءَ ديرو جمائي ورتو آهي جنهن جون متون سدائين ڦوڪيل رهنديون آهن. هن جڳهہ جي هيءَ اها جاءِ آهي جَيڪا ماني کائڻ لاءِ ڪم ايندي آهي. اتر پاسي ڪتي جي ڏرين جهڙا بہ ڪمرا آهن جيڪي انگريز صاحبلوڪن لاءِ مخصوص ٿيل آهن. هي ٻئي ڪمرا اهڙا آهن جتي ڪتا ٻلا يا خطرناڪ قسم جا ڏوهاري رهي سگهندا آهن.

هتي اسان جي خدمت چاڪري ميان متڪ ڪري رهيو آهي. هيءُ ماڻهو هن درگاهہ جي مجاور فقير جو پٽ آهي. سندس پيءُ چوڏهن سال اڳ وفات ڪري ويو هو ۽ وفات وقت سندس عمر تمام وڏي هئي. هيءُ ماڻهو ڪجهہ سڏريل نظر اچي رهيو آهي. پڪي ٽٽي انگريزي ۽ فارسي ڳالهائي سگهندو آهي. شڪار جو شوقين آهي، هٿ بہ واهہ جو سڌو اٿس. ڪيس پورو پتو آهي تہ پب جبل جي ڪهڙي پاسي شڪار جو ڪهڙو جانور وڌيڪ جهجهو آهي. مذڪوره جابلو علائقو اسان جي اتر ۽ اولهہ پاسي واري سرحد آهي. هو اسان کي واڳن واري تلاءَ ڏيکارڻ لاءِ اڳيان اڳيان هلي رهيو آهي. اسان تازي نهيل ڏرمشالي جي پاسي کان لنگهي هڪ قبرستان وچان گذري رهيا آهيون جتي نهيل قبرن ۾ واري پٿر Sand Stone ڪتب آندو ويو آهي. مردن جي قبرن تي پڳ تصوير اُڪريل آهي. اسان هوريان هوريان اڳتي وڌندا واڳون تلاءَ ڏانهن وڃي رهيا آهيون. چيلن جي هڪ جوڙي بہ اسان جي اڳيان هلي رهي آهي. هن موقعي تي هنن چيلن کي واڳن اڳيان جيئرو ڪونہ اڇلايو ويندو. هي مقدس واڳون ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي جنگهہ پٽي وٺندا آهن. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو ٽلهو متارو ڇوڪرو بہ ڪٽي ويندا آهن. اهڙين ڳالهين ڪري تلاءَ جي چوڌاري ڪچي

پٽ ڏني وئي آهي جنهن مٿان شيشن جا ٽڪرا بہ هنيا ويا آهن. انهيءَ لاءِ تہ مٿان ڪو ماڻهو مٿي چڙهي ۽ اتفاق سان هيٺ ڪري پوي ۽ بڪين واڱڻ جو ڪاج ٿي وڃي. اسان پٿرن تي بيهي هيٺ نهاريون ٿا تہ اندر چاليهارو ڪن واڳون موجود نظر اچن ٿا جن مان ڪجھ پاڻيءَ اندر ۽ ڪجھ ڪناري سان اُس ڪائي رهيا آهن. اندر هڪ ڊنل ڦٿل ڪسري نالي ڏسجي ٿي جنهن وسيلي چشمن جو پاڻي گذري تلاءَ ۾ پوندو آهي. پاڻي جي منهن ۾ پهريائين "مور صاحب" جو ڏر آهي. هيءَ سيني ڪان وڏو واڳون آهي. ان وقت اهو مور صاحب پنهنجي ڏر مان نڪري پنهنجي رياست جي حدن ۾ داخل ٿي رهيو هو. جنهن جو هيءُ بي تاج بادشاهہ آهي. سندس ڊيگھ اَٺ فوٽ آهي. هو تلاءَ جي ڪاري ۽ گجيءَ واري پاڻيءَ ۾ وات ڦاڙي تڙڳي رهيو آهي. سندس دوناڙ ڊگهي، وات وڏو ۽ اچو هو جنهن ۾ وريل ۽ خطرناڪ ڏند هئا جن سان هو باس ۾ ڏنل ڇيلي جو گوشت جهلي ڳڙڪائي ونندو آهي. شايد هي مرصع نگاري آهي تہ يزيدين ڪي سندس دشمن شيطان جا پوڄاري ڪري سڏيندا آهن ۽ شيطان لاءِ چيو ويندو آهي تہ هن مور فرشتي جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي. مسٽر اِي. بي ايسٽوڪ (E.B. Eastwick) جو خيال آهي تہ اهو اشارو پنجن مٿن واري دئت ڏانهن آهي جنهن کي شري ڪرشن ماريو هو. هن واقعي ڪان پوءِ ڪرشن ديوتا کي موراري (Murari) جي نالي سان سڏيو ويو هو جنهن جي معنيٰ آهي مور جو دشمن. اهو پتو ڪونہ ٿو پوي تہ ان آدمخور دئت جو نالو بڪري خور مقدس جانور آخر ڇو پيو آهي؟

ساڳئي مصنف جو چوڻ آهي تہ هنن خطرناڪ جانورن جو احترام انهيءَ ڪري ڪيو ويندو آهي جو اهي مقدس ماڳ وٽ رکيل آهن جنهن کي اڪيرال (Ikeral) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. "برانيشن اورايڪل" (Branchean Oracla) جي جهرڪيءَ وارو قصو بہ ساڳيو آهي. (هيروڊٽس 159.1)

لنڊن جي ماڻهن هن جڳھ کي ڪجھ وڌايو ۽ سڌاريو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ هتان برطانيہ جا "بورزوا" قسم جا ماڻهو ضرور گذريا آهن. ڪنهن زماني ۾ "ڪير ڪنڊ" چشمي وارو پاڻي جيڏانهن تيڏانهن پيو وهندو هو. ان پاڻيءَ تي ٺوري ٽڪي پوکي راهي بہ ٿيندي هئي جنهن جي اُپت مان ڇن سان لِتل قبي ۽ حاجي منگھي پير جي مقبري سار سنڀار لهڻ واسطي ڪجھ خرچ پکو نڪري پوندو هو. پر هاڻي اهو پاڻي ٻن مختلفن

حوضن ۾ گڏ ٿيندو آهي. هن پاڻيءَ جو گرمي پد عام طور تي 98 ڊگري(3)
هوندو آهي جنهن ۾ اگها سگها ماڻهو وهنجي صحتياب ٿي ويندا آهن. اهو
پاڻي ڏور ڏيڍا به پيئندا آهن. باقي جيڪو بچندو آهي سو واڳن واري تلاءَ ۾
وڃي پوندو آهي جنهن جي ڪنار سان وڻن جو جهڳٽو ۽ چوڌاري برپٽ
بيابان آهي. گرم چشمي جو پاڻي جيڏانهن ڪيڏانهن ڪاڏي پکڙيل ۽ دٻا
تلاءَ ڪيو بيٺو هوندو آهي. ٿڌي چشمي وارو پاڻي ڪنهن ناليءَ وسيلي
ڪيڏانهن نيڪال ڪونه ڪيو ويندو آهي پر چوڌاري ڇاڇريو بيٺو آهي ۽
چوڌس ڪاري گپ لڳي پئي آهي. متاهين جڳهه جتي پاڻي پهچي نه
سگهندو آهي، سي جڻ ته بيٺاريون لڳنديون آهن. پاڻيءَ بيٺل ٺڪهن تي
گاهه ٻوٽا جميل هوندا آهن. پاڻيءَ جي تلاءَ جي چوڌاري پٽيون ڏنيون ويون
آهن. جن جي ڊيگهه 400 فوٽ ۽ ويڪر 200 فوٽ کن ٿيندي. هن تلاءَ ۾
هڪ سؤ کن واڳون موجود نظر ايندا آهن. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي اهي
هزار کن ٿيندا. سندن ڊيگهه ٻن فوٽن کان وٺي ويهه فوٽ ٿيندي. مجموعي
طور هتان جو ڏيک ڏاڍو خوبصورت لڳندو آهي. ٽڪرين جي چوٽيءَ تي
مٿي اچو چمڪندڙ قبو آهي، ميل کن ۾ پکڙيل سايون کجيون ۽ ناريل جا
وڻ آهن ۽ ان جي چوڌاري پوري رنگ جو گُليل پٽ. ڏسبو ائين آهي جڻ
گيڙو ڪپڙي تي زمرد پٿر رکيل آهي. تلاءَ جي به هڪ پوائتي رونق آهي
جنهن ۾ جهرڻن جو پاڻي مختلف طرفن کان ڦرندو گهرندو اچي هن تلاءَ ۾
پوندو آهي. منگهي پير جي زيارت تي ماڻهن جا ٽولا ايندا آهن. اندر تلاءَ
جي پاڻيءَ جي پوسل ۽ خشڪ ڪناري تي ويٺل خوفناڪ واڳون آهن.
سندن پٺيون جڻ پاڪر (زِرهه) جن تي مٽيءَ جا ماچنگ چڙهيل ڏسبا آهن.
باهه جهڙي ڌرتيءَ ۾ ويهڻ ڪري جڻ ته رڃي راس تي چڪا آهن. اهو
منظر ائين لڳندو آهي جڻ ڪنهن بانديءَ کي آجپو مليو هجي، جڻ ڪا
هڪ سهٽي سدا ملوڪ عورت نوڪرن وارو ميرو ۽ ڦاٽل لباس پايو
سامهون بيٺي هجي، جڻ سانوري رنگ جي ڪنيا ڳاڙهو رتو وڳو پاتو
هجي، ايرانين جي اصطلاح مطابق، جنهن کي گڏهه ڏسي ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي
پوندا آهن. هن بزرگ جي زيارت تي ايندڙن جو گهڻو تعداد ڳاٽڙ وارين
ڇوڪرين جو آهي جيڪي ڪراچي شهر کان ڪهي هتي اينديون آهن.
گهريلو قسم جون شريف عورتون به زيارت لاءِ اينديون آهن جيڪي آزاديءَ
سان پيون هيڏانهن هوڏانهن گهمنديون ڦرنديون وتنديون آهن. اهڙي قسم
جون عورتون ٻين بزرگن جي آستانن تي به جام اينديون آهن. سندن هلت

چلت اخلاق جي خلاف هوندي آهي. اهو ڪن پل ڏاڍي اتساهہ ۾ اڌمن وارو هوندو آهي جڏهن وڏو واڳون "مور صاحب) سندس نَڪَ پرسان جهليل ڇيلي جي ران تي جهٽ هڻندو آهي. پرسان بيٺل عورتون پنهنجا برقعا لاهيو بيٺي حجاب تي بيٺيون هونديون آهن. ڪڏهن تہ سندن مٿن تان پوتيون بہ لهي وينديون آهن ۽ ڪڏهن سندن ڪنڌن تان بہ ڪپڙو سرڪي ويندو آهي. جڏهن اهو مرحلو خير خوبيءَ سان پورو ٿيندو آهي تہ چوڌاري بيٺل ماڻهن جي ڪٽڪ مان واهہ واهہ جو آواز ٻُري اٿندو آهي. ڇيلي جي گوشت جو باقي حصو فقير پنهنجي لاءِ رکندو آهي ۽ باس ڏيڻ واري ماڻهوءَ کي فقط "مبارڪ" ڦٻندي آهي، جڻ سندس دل جون مرادون پوريون ٿي وينديون، هن جا ٻئي جهان موچارا ٿيندا وغيره وغيره. جڏهن ڪو ننڍو واڳون وات ڦاڙي ڪناري وارن ماڻهن ڏانهن وڌندو آهي تہ مٿس پٿرن ۽ پترن جو مينهن وسي ويندو آهي. پاڻي ءَجي ڇپڪي مان واڳون سمجهندا آهن تہ ڪو ڪين گوشت اڇلائي ڏئي رهيو آهي، پر جڏهن ڪين پٿرن ۽ پترن جا ڌڪ لڳندا آهن تہ پوءِ پوئتي هٽڻ شروع ڪندا آهن. چشمن جي منهن وٽ شيدياڻين جو ولر وهنجي رهيو آهي. سندن مينهن جهڙن ٿلهن جسمن کي ڍڪڻ لاءِ گراٽ ڪن جيترو ڪپڙو ڪتب آندو ويو آهي.

جڏهن اسان زيارت تي ويا هئاسون تڏهن منگهي پير جو ميلو هو. واڳون ۽ وڏو فقير ڏاڍن مزن ۾ مگن هئا. هن دنيا ۾ پنڊتن، پروهتن ۽ پادرين کي ڪائڻ پيئڻ ۽ ننڊ ڪرڻ کان ڪڏهن بہ واندڪائي ڪانہ ملندي آهي. واڳن ويچارن سان بہ ساڳي جُٺ آهي. ڪين بہ ڪائڻ پيئڻ، ڪاريءَ گپ ۾ ليٽڙيون پائڻ، پاڻيءَ ۾ تڙڳڻ ۽ پاڻي جي ڪناري ۾ پوسل تي ڇانهر ڪري سمهي پوڻ کان سواءِ ٻيو ڪم ڪونہ هوندو آهي. ڪراچيءَ جا مختلف نسلن جا ماڻهو بہ هتي ايندا آهن جيڪي تلاءَ جي ڪناري سان ويهي واڳن سان ڪئونس ڪندا آهن. ڪين پٽريون چُٽيندا آهن ۽ پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍڻ جي بہ ڪوشش ڪندا اهن. اهڙن ماڻهن ۾ فوج جا نان-ڪميشنڊ عملدار بہ هوندا آهن جيڪي پر واري فوجي ڪئمپ جي تنبن ۾ رهندا اهن. هو پاڻ تہ هتي اوپرا لڳندا آهن پر سندن ٽوپلا ۽ ڪوٽ بہ گهڻ عجيب و غريب ڪونہ هوندا آهن. هي فوجي وڻن جي هن ڪنج مان گهمي ڦري رُلي پني، ميلي ۾ شريڪ ماڻهن ۾ رُلي ملي ويا آهن جيڪي مور صاحب کي ٻڪريءَ جي باس ڏيڻ آيا آهن. هو بانس جو ڊگهو لڪڙو ڪٽي

مور صاحب جي وات ۾ ڏين ٿا ۽ مسلمانن جي غلط سلط ٻوليءَ ۾ مجاورن کي چوڻ ٿا تہ هي تہ "ڪُڪُ ڪراڙو" آهي. هنن فوجين سان گڏ بل ٽيريئرس (Bul Terreers) نسل جا ڪتا بہ آهن جن جا زنجير مالڪن جي هٿ ۾ آهن ۽ ڪتا ڪين اڳتي ڌوهيندا ٿا وڃن ۽ ٽينگ ٽپا بہ ڏيندا ٿا وڃن. ٽِرم. سنئپ ۽ پنچر کي جڻ گهڻو ڏک(4) آهي. هو واڳونءَ کي اڌ پاءَ جيترو پٿر هٽي سندسَ پٽيل وات ۾ اکين کي جڻ سلامي پيش ڪن ٿا. پٿر لڳڻ ڪري واڳون چڪڻ جهڙي ميري پاڻيءَ ۾ ٽپي هٽي وڃي ٿو ۽ ڪاوڙ ۾ گِرڻ شروع ڪري ٿو. هو فوجي مجاور کي هڪ رپيو ۽ ڪوگنئڪ (Cognac) شراب جي بوتل ڏين ٿا. هو مرڪندو هليو وڃي ٿو ۽ ويندي ويندي پنهنجي سخي دوستن کي هي چتاءُ بہ ڏيندو وڃي تہ اهي واڳون ڏاڍا خطرناڪ آهن ۽ چَڪَ هڻندي دير نہ ڪندا آهن. مجاور جي اهڙي ڳالهہ کان پوءِ هو پاڻ ۾ بحث ڪن ٿا ۽ سندس ڳالهہ کي ڪوڙ سمجهن ٿا. ان ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪرڻ وارن مانهن ۾ بريئرسفورڊ (Beresford) بہ آهي. هي ماڻهو 86- ڪُئينس ريجمينٽ جو ليفٽيننٽ آهي ۽ هندستان اندر چوڪرين جي ڪردار ادا ڪرڻ ڪري گهڻو مشهور آهي. هن پنهنجي دوستن اڳيان اها ڳالهہ اچلي آهي تہ هو ذاتي تجربو ڪري اچا ڪارا پڌرا ڪرڻ چاهي ٿو تہ واڳون واقعي هڪ خطرناڪ جانور آهي يا نہ. هي کهڙو نہ موڳو مٿر آهي جو اهڙي تجربي ڪرڻ واسطي سر ترِيءَ تي رکي رهيو آهي. اهڙيءَ ريت سندس دوستن ۾ چوپچو پئجي وئي. شڪ جي شڪار هن ماڻهو پهريائين پنهنجي بوٽ جي کهين ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ گرڻ جهڙي پاڻيءَ ڏانهن ڊوڙ پاتي ۽ بهادريءَ سان ان جاءِ ڏانهن وڌيو جتي واڳون موجود آهن. هو ٽپ ڏئي گاهہ جي هڪ سائي ٽبي تي پير رکي ٿو ۽ ڪن پل لاءِ سندس بوٽ پاڻيءَ ۾ ٻڏي وڃن ٿا. پوءِ ڦڙتيءَ سان هڪدم واڳون جي ڊوناڙ مٿان ٽپي وڃي ٿو ۽ ٻئي پاسي وڃي پاڻيءَ جي چاچر ۾ ڇپڙڪو ڪري ٿو. ڪاريءَ گپ جا ڇنڊا سندس ڪپڙن ۽ جسم کي چنڪمرا ڪري ڇڏين ٿا. هو واڳون جي جهٽ کان ذري گهٽ بچي ويو آهي. هو پنهنجي دليريءَ، جَوَنِ جي شراب ۽ زورائتي چال ڏيڻ ڪري موت جي چنبي کان بچي ويو آهي. سندس ذهن ۾ اوچتو واڳون تي سواري ڪرڻ جو خيال اچي وڃي ٿو. پنهنجي سنگت جي هن سرواڻ وٽ مڃي قاسائڻ جي هڪ مضبوط ڪنڊيءَ سان سگهاري ڏور ٻڌل آهي جنهن جي ڇيڙي سان هن هڪ ڦٽڪندڙ ڪڪڙ کي ٻڌو آهي. پوءِ تلاءَ جي پاڻيءَ کي ان سگهاري ڏوري

سان سٽيندو ناريل جي وڻ تائين وڃي ٿو ۽ ڏوريءَ سان پاڻيءَ ۾ سٽڪا ڪري ٿو ۽ واڳونءَ ڏانهن وڌي ٿو. ماڻهن جو بيٺل ڪٽڪ اڳتي وڌي ٿو. هڪ خطرناڪ واڳونءَ ۽ انسان جو مقابلو آهي. سندس ساهه مُٺ ۾ آهي. واڳون بہ ويهہ فوٽ ڊگهو ۽ هڪ سچو پچو واڳون آهي. سندس جسم جو هڪ هڪ انچ شڪار جي تاڙ ۾ تاڻجي ويو آهي. پر منجهي بہ پيو آهي تہ هو پنهنجي شڪار ماڻهوءَ کي ڳڙڪائي ڇڏي يا وري سندس باندي بڻجي وڃي. ڪن پل لاءِ هن هڪ خطرناڪ قدم لاءِ سوچي ورتو آهي ۽ پلي شڪاري ڪتي جيان هن پنهنجي دوناڙ کي تاڻي ورتو آهي ۽ پنهنجي متي کي جهٽڪا ڏيڻ شروع ڪري ڏنا آهن. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ڄڻ هو پنهنجي منڍيءَ کي باقي بچيل جسم کان ڇني الڳ ڪرڻ ٿو چاهي. هو پنهنجي پڇ کي ان مانگر مڇ جيان ستڪائي ٿو جڏهن سندس پڇ جهاز جي راهڙ (Capstan) جي سَرين سان ٽڪرائجي ويندو آهي. ڪن پل کان پوءِ اهو وحشي قسم جو ماڻهو هاٿيءَ جي مهاوت جيان واڳون جي ٿلهي سَس مٿان سوار ٿي وڃي ٿو جنهن جي ڪنڌ کي بار ڪٽڻ جو اڳي ڪوبہ تجربو ڪونهي. تنهنڪري هو پنهنجي سٽيي گرنهہ کي ڇڏي پاڻيءَ جي دٻي ڏانهن پچڻ لڳي ٿو. پر ويندي ويندي ڪنڌ تي سوار پنهنجي شڪار کي ڪنڌ ورائي چڪ سان چڪڻ چاهي ٿو. پر واڳون جو ڪنڌ ايترو گهٽو ٿلهو آهي چڪ وجهڻ لاءِ وري نٿو سگهي، تنهن ڪري ائين ڪرڻ کان لاچار آهي. ٿوري وقت کان پوءِ واڳونءَ کي محسوس ٿي رهيو آهي تہ سندس جسم جي نرم حصي ۾ هڪ فولادي چاقو کُپي ويو آهي جنهن تي خوبصورت نقش و نگار ٺيل آهي. تنهن ڪري هو پنهنجو ڪليل وات بند ڪري ڇڏي ٿو. آخر ۾، جيئن گهوڙي جي ٽاپڙجي ڪرڻ کان اڳ سجاڻ ۽ ڦڙت سوار جهٽڪو ڏئي هيٺ ٻُل ڏيندو آهي، تيئن هو بہ واڳون جي پڇ جي سخت پاڇاڙ کان بچڻ لاءِ اوچتو ٽپ ڏئي واڳونءَ کان پري ٿي ويو هو جنهن جو ڪنهن کي بہ وهم گمان ڪونہ هو.

اها ساڳي اتڪل ويڪ فيلڊ (Wake Field) پرسان "اولڊ هال" ۾ مرهيات واٽرٽن (Waterton) بہ ڪتب آندي هئي جنهن جو آءُ اکين ڏٺو شاهد آهيان. جڏهن مسٽر واٽرٽن واڳونءَ سان مقابلي ڪرڻ جو اعلان ڪيو تہ اتان جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ويساهہ ڪونہ آيو هو چاڪاڻ تہ هتي عام طور تي اهو سمجهيو ويندو آهي تہ واڳون نهايت خطرناڪ جانور آهي ۽ اُٺ جيڏي وڏي جانور کي ڪائي ڪپائي ڇڏيندو آهي. ان وقت

مذڪوره ماڳ وٽان هڪ سياح صحافي بہ اچي گذريو هو جنهن مسٽر واٽرٽن جون ڳالهيون بہ ٻڌيون هيون ۽ پنهنجي شماري جي ٻئي پرچي ۾ ڳاڙهي گدڙ جي ڪارٽون سان خبر هلائي هئي جنهن کي هن ”ناقابل۔ بيان“ جو عنوان ڏنو هو. سندس نقادن هن جي خبر ۾ رابطي جي عدم موجودگيءَ کي درگذر ڪندي، مذڪوره خبر کي گهڻو مشهور ڪيو هو. خبر جي مصنف آخر ۾ لکيو هو تہ جيڪي ڪلندا آهن سي ڪٽي ڪونہ سگهندا آهن. آخر مقرر ڏينهن تي مسٽر واٽرٽن واڳونءَ جي ڪنڌ تي چڙهي ويهي رهيو. جڏهن ڪيس پڇ جي سٽڪي جو احساس ٿيو تہ اوچتو ٻچانگ ڏئي واڳونءَ کان پري ٿي ويو. ان واقعي کان پوءِ اتان جي ماڻهن اخبار جي خبرن تي اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو.

منگهي پير واري واڳن جي تلاءَ وٽ اهڙيون رونقون ۽ رنگينيون ختم ٿي ويون آهن. هنن وحشي جانورن جو رکوالو ۽ منگهي پير جو مجاور ميان متڪ فقير ڏنل چوديواريءَ اندر گهڙي بانس جي هڪ ڊگهي لڪڙي سان کين هيڏانهن هوڏانهن ڪندو رهندو آهي. فقير جي ائين ڪرڻ سان واڳون پنهنجا وڏا وات پٽي گڙندا آهن. جڏهن ان لڪڙي جون هُرسون ۽ چوڪون وڏي وينديون آهن تہ واڳون ڇتا ٿي ان ڊگهي لڪڙي ۾ چڪ ڳپائي ڇڏيندا آهن ۽ پُڇ کي لمڪو ڏئي پاچاڙ هٽڻ کان سواءِ گاري جهڙي ميري پاڻيءَ ۾ گهُت هڻندا آهن. معلوم ائين ٿيندو آهي تہ اهي بکيا آهن ۽ تلاءَ جي ڪناري سان وات ڦاڙيو ليٽيا پيا هوندا آهن. اهو بہ ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ هو پنهنجي ٿڌري ۽ ڪنور اکين سان هر ايندي ويندي ماڻهوءَ کي تاڙيندا ۽ تڪيندا رهندا آهن.

ان کان پوءِ اسان حاجي منگهي پير جي مقبري يا زيارت گاهہ وٽان گذرياسون جنهن جي هاڻي تازو مرمت ڪرائي وئي هئي. هي مقبرو گهڻو اوچو ڪونهي. مٿي وڃڻ لاءِ ٽڪريءَ کي ٽاڪي ڏاڪا ٺاهي ويا آهن. پرسان مسجد ٺهيل آهي جيڪا چئن ئي پاسن کان کليل آهن. هيءَ اڏاوت ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي آهي ۽ وڻن جي ڏنگي ڦڏي قطار جي چوٽين کان اتاهين ڏسڻ ۾ ايندي آهي. هتان جا ماڻهو منگهي پير جو تمام گهڻو ادب ۽ احترام ڪندا آهن. اها حقيقت هن ڳالهہ مان بہ پروڙي سگهجي ٿي تہ جيئَڻ مصري نالي هڪ ماڻهو هتي پنهنجي دفن ٿيڻ هڪ شاندار مقبرو تعمير ڪرايو آهي، جنهن ۾ ڦڪي رنگ جون ڪاشيءَ جون سرون بہ ڪتب آنديون ويون آهن. رستي ۾ ڪيترا قبرستان ۽ ڌرمشالائون نظر

اچن ٿيون. اڌ ميل پنڌ کان پوءِ هڪ ٻيو تلاءُ بہ آهي جنهن جي چوڌاري ڪجين جا ڏگها وڻ گهيرو ڪيو بيٺا آهن. پرسان ئي گاهہ جي ساوڪ ڏسبي آهي جنهن تي ٻيج پنيءَ مهل ماڪ جي مينهن جون بوندون پونديون آهن. پرسان ٽڪريءَ تي مٿي لال شهباز قلندر جو تڪيو آهي، جنهن جي چوڌاري ڪيترا مقبرا نظر اچن ٿا. ٽڪريءَ تي مٿي وڃڻ لاءِ رستو نهيل آهي. ٽڪريءَ پرسان ڪوهہ آهي. هن جُوءَ وارو جهرٽو ننڍڙو آهي جنهن ۾ سائي رنگ جو سينورُ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پاڻي مان ننڍا ننڍا بوڙيا پيا نڪرندا رهندا آهن. هن پاڻيءَ جو گرمي پد 129 ڊگريون آهن. اها گرمي هٿ سهي سگهندو آهي. ڪنهن زماني ۾ هتي فوجي ڪئمپ بہ قائم ڪئي وئي هئي جنهن ۾ ڪجهہ ويساهہ وسوڙل نان- ڪميشنڊ فوجي عملدار بہ هئا. جن کي يقين ٿي ويو هو تہ هن قبرستان ۾ دفن ٿيل ڪنهن بزرگ ماڻهو هينان باهہ جا پيڙ پيا ڏڳن جنهن ڪري هن چشمي جو پاڻي ايترو گرم آهي. ٿوهر ۾ ڦوٽهڙو شروع آهي. سندس ٽارين جي چوٽين ۾ گوُنچ ڏسجي رهيا آهن. پٻ جبل جي اولاهين پاسي وارو منظر ڏاڍو دلفريب نظر اچي رهيو آهي. هتان جو مجاور ٽڪريءَ جو اصلي نالو بہ ٻڌائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ هن جابلو سلسلي جي ڊيگهہ چاليهہ ميل آهي، پر حقيقت اها آهي تہ اها ويهہ ميل بہ مس ٿيندي. هي ماڻهو وڏي فصاحت ۽ بلاغت سان امام حسن، حسين ۽ شاهہ بلاول جي زيارت بابت ڄاڻ ڏئي ٿو. ٽڪريءَ جي اترئين پاسي هڪ لَڪُ آهي جتان هن جابلو علائقي جو پاڻي وهي ٻاهر ايندو آهي. هن لڪ وٽان هڪ رستو نڪري ٿو جيڪو آباد زمين واري علائقي ڏانهن ويندو آهي، جتي باغ باغيچا ۽ سايون ٻاجهيون بہ جام ٿينديون آهن. چيو ويندو آهي تہ اها زمين مراد خان نالي هڪ فوجي جنرل جي هئي. هن ماڻهو حبَ نديءَ جي پاڻيءَ کي عجيب نموني سان بند ڏئي، آباديءَ جي مقصد سان هن علائقي تائين آندو هو. اهو بند ڪيترا پيرا پڄي بہ پيو هو. جڏهن هيءُ رڻ پٽ آباد ٿي ويو تہ هي پرلوڪ پڌاري ويو ۽ وڃي نئين دنيا آباد ڪيائين. هاڻي هيءَ زمين انگريز سرڪار جي ملڪيت آهي، تنهنڪري هيستائين اچڻ لاءِ ٽرام پٽي جوڙڻ جي هڪ رٿا ويچار هيٺ آهي. اسان سان ڊگهي قد وارو هڪ درويش اچي مليو آهي جيڪو مري بلوچ آهي، جنهن جو چوڻ آهي تہ چشمي نمبر 3 جو پاڻي چناب درياءُ مان ايندو آهي. جڏهن ڪانئس پڇيو ويو تہ هو پنهنجي ڪشڪول جي ايتري گهٽي عزت ڇو ٿو ڪري؟ تہ هن ڪو بہ جواب نہ

ڏنو ويتر ڪاوڙجي ويو ۽ خيرات وٺڻ کان سواءِ ائين خالي موٽي ويو. ان کان ٿورو پنڌ اڳتي ڏکڻ طرف وڏي هڪ تلاءَ تي پهتاسون، جنهن ۾ ٻن چشمن يا جهرڻن جو پاڻي گڏ ٿي رهيو هو. فقير جي بيان مطابق انهن مان هڪ جهرڻي جو پاڻي ڪوسو ۽ ٻئي جو ٿڌو هو. ٿرماميٽر سان جاچڻي ڏنو ويو تہ ڏاڪٽين جهرڻي جي ڪوسائيءَ جو پد 118 ۽ اترئين جو 90 هو. هتي پاڻيءَ جا ٻہ تلاءَ آهن جن مان هڪ ۾ ٻہ وڏا واڳون ۽ ٻئي ۾ فقط هڪ ننڍڙو واڳون آهي. هن رستي سان هڪ ڌرمشالا آهي جنهن جي ڏيکھ ڏاڍي خوبصورت اهي. هيءَ تعمير توهار (Tuhar) نالي هڪ ميمڻ جوڙائي آهي جنهن تي هن 1500 رپيا خرچ ڪيا آهن. وٽن هيٺان هندن جون لانڍيون آهن جتان ضرورت جي هر شيءِ ملي ويندي آهي.

اسان بہ ڪي گهٽ قسمت وارا ماڻهو ڪونہ آهيون. ان زماني ۾ اسان جي پاڳين هن بزرگ تي مليو بہ لڳي رهيو هو تنهنڪري اوري پري جا مريد ۽ معتقد ماڻهو هلي اچي هت گڏ ٿيا هئا. جڏهن هتي يورپي ماڻهن جو اچڻ وڃڻ گهٽجي ويو آهي تہ سنڌي وندر جا نمونا وڏي ويا آهن ۽ پنهنجي عروج تي پهچي ويا آهن. مسٽر جان بل، منهنجو جيءُ هن ڪري ٿو جهڃي تہ اسان ڪنهن معزز معاشري ۾ گهمي ڦري ڪونہ رهيا آهيون. جيڪڏهن اسان هتي آيل ڪيرن يا ٻين اهڙن بدنام ماڻهن جي وچ ۾ پيا هلنداسون، جن جو نالو پنديءَ تي بہ لکيل ڪونہ هوندو يا بدنام عورتن ۾ رلي ملي وياسون تہ ماڻهو تڪو بہ عزت ڪونہ ڪندا. تنهن ڪري اسان کي هتان نڪري، شيدي ناچ واري ٽاڪ ڏانهن هلڻ گهرجي. شيدي لفظ عربي "سَيَدي" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ منهنجا سردار. اهو زنجبار (Zanzibar) کان آيل ماڻهن لاءِ هڪ ٿوڪ ۾ ڏنڪ وارو نالو هو. هيءَ قوم پنهنجي ڌرتيءَ تي واسو اهيلي (Waswahili) سڏائيندي آهي، ڪين حبشي بہ سڏيو ويندو آهي.سندن واسطو حبش (Abyssinia) سان آهي. اتر ڪونڪن (Konkan) واري ٻيٽ واري ڄُوءَ جي رهاڪن کي حبشي سڏيو ويجي ٿو. ڪنهن زماني ۾ اهو علائقو ساموندي ڌاڙيلن جو ڏُنُ هو جتان نڪري جيڏانهن وڻندو هئن، هليا ويندا هئا ۽ ڦري ڪارروايون ڪري موٽي اچي هتي لڪندا هئا. هڪ ڏينهن سر چارلس نيپيئر کي اوچتو خيال آيو تہ سنڌ۾ رهندڙ ڪاري رنگ جا ماڻهو هتان جا آزاد ڪيل غلام آهن جن کي پنهنجن مالڪن آزاد ڪري پنهنجي گهرن مان ڪيڏي ڇڏيو هو. هنن غريب ماڻهن وٽ روزگار جا ذريعا ڪونہ هئا. تنهنڪري هو

ڏکن ڏوجهرن دوران ڏندن هيٺان ڪاٺي ڏٺي جيئندا رهيا. ڪي بک وگهي مري زندهہ رهڻ واري ڏچي کان آزاد ٿي ويا هئا. چاڪاڻ تہ هن علائقي ۾ زندگي ڏاڍي سستي آهي. سندن اهڙيءَ آجيءَ زندگيءَ جو هڪ نسل جيترو عرصو گذري چڪو آهي ۽ اڳئين کان سندن تعداد بہ وڌي ويو آهي. پر اوهان کي هي خيال دل مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي تہ آمريڪا ۽ برازيل ۾ بہ اڳتي هلي سندن اهڙو خراب حال ٿيندو جيڪو هاڻي سنڌ ۾ اٿن. پچاڳاڇا مان هي پتو پوي ٿو تہ اتان جا ماڻهو ڏاڍا انسان دوست آهن. اهي کين ڪڏهن بہ آزاد ڪري بکن مرڻ لاءِ مجبور ڪونہ ڪندا پر کين غلام رکي جيئرو ضرور رکندا. سندن زور هن ڳالهہ تي بہ هوندو تہ هو نهايت تيز رفتاريءَ سان وڌندا ويجهندا رهن.

هتي ميلي جي تياريءَ ۾ دير ڪانہ لڳندي آهي. ڪي رؤنشي ڪوڏيا ماڻهو جهنڊا کوڙيندا آهن. وڻن جي هيٺان دهل شرنايون ۽ ناد نفيلون اچي ڊير ٿينديون آهن. هتي ناچ کي عبادت سمجهڻ جو رواج آهي ۽ اها عبادت چنگهن وسيلي ڪئي ويندي آهي. پهريائين ڪنهن ٺانگر ۾ ڏوپ جو واس ڪيو ويندو آهي، پوءِ دهل کي ڏئونڪو لڳندو پوءِ شرنائين ۽ ناد نفيلن کي ڦُوڪ ايندي. دهلارين کي جيترو ڏيل ۾ ڏَپُ هوندو اوترو وچت ۾ وٽ ڏيکاريندا آهن. جيتري ماس جي ڦقڙن ۾ ڦوڪ جي سگهہ هوندي آهَي، اوترو شرناءِ ۽ ناد نفيل زور سان وڄندي آهي. هرهڪ توليءَ گڏجي سنگَ جي صورت ۾ ڳائيندي آهي جنهن ۾ نَر ۽ نارِيون هڪ جيترو حصو وٺندا آهن. انگريزن آئي کان پوءِ کين آزاد مزاجيءَ جي ساڃهہ ملي وئي آهي. هي ماڻهو لنڊن جي هيٺئين طبقي جي ماڻهن جيان اخلاقن ۽ آدابن کان بلڪل وانجهيل هوندا آهن. ائين پيو معلوم ٿيندو ڄڻ قديم دؤر جي ڪنهن گهريلو عورت جا ملازم آهن. پهريائين هنن جا مرد ۽ عورتون اچي هڪ جاءِ تي گڏ ٿيندا آهن ۽ ميدان ۾ کُتل هڪ جهنڊي پاهران گول دائري ۾ بيهندا آهن. پوءِ هڪ پير تي نچڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪندا آهن. جنهن ۾ پير هيٺ رکڻ ۽ مٿي کڻڻ جي پابندي ڪانہ هوندي آهي. سندن ڳائڻ جو آواز وڏو ۽ بي سرو هوندو آهي، ان کان پوءِ مردن ۽ عورتن جا ٽولا الڳ ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ ريت عورت ناچڻين جا ناز نخرا ۽ ماٺا شروع ٿي ويندا آهن. ان دوران مکيہ عورت ٿورو اڳتي نڪري ايندي ۽ پنجاب جي ناچڻي عورت جيان پئي هيڏانهن هوڏانهن ڦرندي. ايران ۽ مصر جو ڪِيل (Kil) ۽ زغريته (Zaghritah) وارو ناچ بہ بلڪل ساڳيو آهي. راڳ مان

معلوم ائين پيو ٿيندو تہ جڻ مرڻ مهل جهنگ ٻلو ڪيڪرات پيو ڪري. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ڏنوسون تہ مردن واري ٽولي نچندي ڳائيندي پنهنجي هوش حواس مان نڪري وئي هئي. سمجهہ ۾ ائين اچي رهيو هو تہ جڻ سندن جسم جي هر رڳ مان راڳ جون رڙيون ٻري رهيون هيون. مٿن وجداني ڪيفيت طاري ٿي چڪي هُئي. هو اڳتي سَٺَ ڏئي هڪدم ٻيهي ٿي ويا. جهٽ ڏئي هيٺ ويهي ٿي رهيا. وري سٽڪو ڏئي اُٿي ٿي بيٺا. سندن ٻانهون ۽ هٿ ڪنهن وجداني ڪيفيت ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦري رهيا هئا. سندن آواز ڪنهن فاني انسان جو نہ، پر ڪنهن ننڍڙي فرشتي جو معلوم ٿي رهيو آهي. سندن جسمن تان پگهر نيسارا ٿي وهڻ لڳي ٿو ۽ اهي وڏي داٻ واري اسٽيم انجڻ جيان وڏا وڏا ساهہ کڻي رهيا آهن پر پوءِ بہ پنهنجي رنگ ۾ مست هڪ ناچو اورائجي ٿي ڪري پيو. شايد ٿَڪَ ۽ ڳوري پاٽي پيئڻ ڪري ڏنڊٽجي ويو آهي. ڪيس سندس راڳ واري پڙ کان ٻاهر کڻي ٿا وڃن. هو سُتو پيو آهي ۽ هن جي مٿان پاٽيءَ جو دلو هارين ٿا ۽ تاڙي ٽيڻ تائين ڪيس اتي ليٽيل ڇڏي ڏين ٿا. پڪ آهي تہ جڏهن هو سامت ۾ ايندو ۽ سندس ڪاين گُلنديون تہ هو چرين وانگر ٻيهي اچي راڳ وري پڙ تي پهچندو ۽ ڪيرو ٿي وري بہ اورانجي ويندو.

مسٽر جان بل، اوهان تہ اينڊڙ جُڳ جي ساراهہ ڪندي ٿڪبا ئي نہ آهيو. مان اوهان کان قديم دؤر جي ٻي سُري راڳ بابت سوال پڇڻ جي گستاخي ڪري سگهان ٿو؟ جڏهن آڪاشواٽي ناچٽيون، دهلن، شرناين ۽ ناد نفيلن سان گڏ اچي هندستان جي ميرو (Meru) پربت يا ايٿوپيا جي پربت تي لٿيون هيون، تڏهن انهن سان پڳوان جو اڻ۔ ميو پيار هو. امڪان آهي تہ انهن مان هڪڙيءَ يونان جي اولمپس جبلن تان لهي نوجوان يونانيءَ سان گڏجي ناچ ڪيو هجي. ڇا اوهان کي هن نئين مصر (سنڌ) جي شيدي ناچ ۾ ڪا قديم فطري جهلڪ نظر نٿي اچي؟ جنهن کي هن ڌرتيءَ طوفاني واءُ بہ لوڏي سگهيو آهي، جيڪي ڳائيندي نچندي اورانجي ڪري ٿيون پون؟ مان اوهان کي نماٽائيءَ سان ٻاڏائي رهيو آهيان تہ هنن جي ڳائڻ وڄائڻ ۽ وجد ۾ اچي اورانجي وڃڻ تي ڪجهہ تہ چپ چوريو ڪجهہ تہ تبصرو ڪريو؟

اسان گهر ڏانهن موٽڻ مهل هڪ ڪاريز (زير زمين واهہ) وٽان گذريا هئاسون. اهڙيون وچ ايشيا ۾ بہ آهن. هن ڪاريزَ جون پاڻي زمين هيٺان وهندو آهي. سندس شڪل صورت هڪ سرنگهہ جيان آهي. اهڙي سرنگهہ

زمين جي متاچري ڪان مناسب حد تائين هيٺ ڪوٺي تيار ڪئي وئي آهي ۽ چشمي جي پاڻيءَ کي ويهه فوٽ اڳتي آڻي هن سرنگهه ۾ لاٿو ويو آهي. ائين ڪرڻ سان چشمي جو پاڻي باقي ٽي اڌامي وڃڻ کان بچي پوندو ۽ ڪو بيو ماڻهو چوري ڪري استعمال ڪري نه سگهندو. هن جُوءِ ۾ سرنگهن جي کوٽاين ڪري مٽيءَ جا وڏا دڙا به گهڻا نظر ايندا آهن. اهڙا دڙا سنڌ ۽ ايران جي ملڪن ۾ وڌيڪ ڏسجن ٿا. اچرج جهڙي ڳالهه اها آهي ته هتان جا جابلو ماڻهو اک جي نظر جي مدد سان زمين جي هيٺ متاهين ڪهڙي طريقي سان معلوم ڪري وٺندا آهن ۽ پنهنجي جڏن سڌن اوزارن سان کوٽائيءَ جو صحيح ڪم ڏاڍي مهارت سان ڪري سگهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن وري سندن پورهيو اجايو به ويندو آهي.

حوالا:

(1) مانگر مڇ جا مختلف قسم آهن جهڙوڪ: Carcharias, Vulgaris, Zygaena, Laticeps, Squalus Raja ۽ S.Pristis وغيره.

(2) گزيٽيئر ۾ حاجي منگهو پير نالوڏسجي ٿو. اي بي.ايسٽيوڪ جو خيال آهي ته اهو ايراني نالو مگهه آهي. ڪي ماڻهو هن کي منگيار (Mangyar) ۽ منگهيار (Manghyar) به سڏيندا آهن.

(3) بامبي نئويءَ جي ليفٽيننٽ ڪارليس (1887ع) 133 ڊگريون فارنهائيٽ ٻڌايو آهي.

(4) مان پنهنجي پهرين تصنيف ۾ ٻڌايو آهي ته واڳوءَ پڇ جي سٽڪي سان ڪتي کي ماري وڌو هو. پر اهو هتان جي ماڻهن جو خيال آهي. ليڪن واڳون يا سيسر پڇ جي سٽڪي سان ڪتي کي ڪونه ماري سگهندو آهي.

باب پنجون

# ڪراچيءَ کان روانگي، سهڻي ايراني ڇوڪريءَ جون يادگيريون

ڪراچيءَ ۾ هفتو ترڪڻ ضروري آهي. هن علائقي ۾ خشڪيءَ وسيلي سفر ڪرڻ ڏاڍو اٽانگو آهي ۽ يورپ جي اهڙي قسم جي سفر کان وڌيڪ تياري لهڻي ٿو جنهن ۾ وڏي چمڙي جي سفري پيٽي (Portman teau)، وڏو ٿيلهو، ڊريسنگ جو ٿيلهو ۽ ٽويلن رکڻ جي صندوق ڪٽڻي پوندي آهي. هيءُ علائقو يورپ کان گهڻو مختلف آهي، ان کان سواءِ موسم بہ سٺي ڪانهي. مون کي تہ اهڙو وهم گمان ئي ڪونہ هو تہ نومبر ۾ جُون جي وچ واري خمسين (Khamsin) جي رُتِ دوران ڪراچيءَ کي الوداع چوڻو پوندو. هن موسم دوران هتي ڏوڙيا، ڏُڦ ۽ ڏوقان اُپڙندا آهن جيڪي ڪنهن سزا کان گهٽ ڪونہ هوندا آهن. مسٽر جان بل، اوهان پاڻ ڏٺو تہ صبح جو اٽياسون تہ ڏند چانيل هئي ۽ جيڏانهن ڪيڏانهن اوندهہ ڇانئي پئي هئي. واءَ جا گهوگهاٽ لڳا پيا هئا جيڪا جڻ جسم کي ڪائي رهي هئي. جيڪڏهن صبح جو انين وڃي ڪيرٿر- هالار واري جابلو سلسلي ڏانهن نهاريو تہ اسان کي هڪ شيطان جو ٿلهہ ڏسڻ ۾ ايندو جيڪو واچوڙي جي شڪل ۾ ان ٿاڪرو علائقي جي مٽي ۽ سنهو لوڻ اُڏامندو نهايت تيز رفتاريءَ سان اتر طرف کان هيڏانهن وڌندو نظر ايندو جنهن کي شمال (Shimal) سڏيندا آهيون.(1)

اها گهاڙ هوريان هوريان وڌي رهي آهي ۽ واڪن پنيان واڪا شروع ٿي ويا آهن. هيءُ واءُ ساموندبي طوفان ۽ واچوڙي جيان وڏا واڪا ڪندو اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ زور سان پٽين سان ٽڪرائجي رهيو آهي، ۽ اتي سَنڪو ڪري وڃي ڇت سان لڳي ٿو. سندس آواز ايڏو زوردار آهي جو

ساهہ مُٺ ۾ ٽي وڃي ٿو. درين مان اهڙو منظر ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن ڪري مون کي فردوسي جي شعر جي هڪ مصرع ياد اچي وڃي ٿي، جنهن جو مفهوم آهي تہ ڌرتيءَ جو هڪ تهہ جنگ جي گهمسان کان اُڏامي وڃي جنت الفردوس پهتو آهي.(2) توهان يلي هن آپدا کان جان ڇڏائڻ لاءِ چارئي چنبا کوڙي، ويهن ٿي ننهن جا زور لايو پر نتيجو لوڻ ثابت ٿيندو. درن ۽ درين تي پردا چاڙهيو ۽ ننڍين وڏين وٿين کي بند ڪرڻ جا جتن ڪيو پر ڌوڙئي واريءَ هن هوا ۾ مٽيءَ جا جيڪي سنهڙا ذرڙا آهن سي تہ سُئيءَ جي ناڪي مان بہ ڊُو پار ٿي ويندا آهن. اهي يلا اوهان جي پردن جا ڍڪيل درن ۽ شيشن کان سواءِ درين جي وٿين مان گذري ڪونہ سگهندا، جن کي لوهہ جا سريا بہ لڳل ڪونہ آهن.

معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ اُڏامندڙ شوري جي ذرڙن اسان جي جسم اندر ڪا چڱي شيءِ ڳولهي لڌي آهي، جو جسم اندر ڇپي رهيا آهن ۽ چمڙي جڻ ڪاڄي رهي آهي. اڄا پنج منٽ بہ ڪونہ گذريا آهن جو اسان جي مٿن مان مٽيءَ ڇٽڻ شروع ڪيو آهي. جيڪڏهن اکيون ٻوٽي نہ ويهبو تہ سمجهبو تہ اکين ۾ جڻ "چوڙ" Cayenne پئجي ويا آهن. نڪ مان سنگهہ بہ ائين لار ڪري وهڻ شروع ڪيو آهي جيئن آئرلئنڊ جي بدمعاش کي ڦهريون پيرو مار ملندي آهي ۽ سندس نڪ وهڻ لڳندو آهي، يا ننڍڙي ٻار کان اسڪول وڃڻ مهل نڪ نيسارا ٿي وهندو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي جڻ جَوَٽ جي ٻُهہ جي سنهي ڪَتي جسم سان چنبڙي وئي آهي. بلڪل ائين جڻ "فرينچ پراونس" جا گهر اُس ۾ تپي جهنم ٻڻجي ويا هجن. هن وقت وهنجڻ بہ ائين آهي جيئن ڪو ماڻهو پير سڙڻ کان تنگ ٿي باهہ جي آڙاهہ ۾ ٽپ ڏئي.

سائين جان ٻُل، جيڪڏهن اوهان پنهنجي اهول کهول يا ڳوٺ جي پنهنجي پڳ مٽ يارن کي مشرق جي هن خوشگوار موسم ۾ تفريح ڪرڻ واسطي هيڏانهن اچڻ جي دعوت ڏيو ٿا تہ پنهنجي اردليءَ کي چئو تہ قنديليون روشن ڪري. توهان ان روشنيءَ ۾ ڪين شاعريءَ جي ٻولن جهڙو خوبصورت خط لکو ۽ خشڪيءَ رستي روانو ڪري ڇڏيو. ڇئن صفحن وارو عام رواجي خط لکڻ ۾ ڪلاڪ يا ڏيڍ لڳندو. ٿوري وقت اندر خط وارو ڪاغذ بہ ڌوڙ ٿي ويندو. مٽيءَ جا ذرڙا اوهان جي قلم جي نوڪ ۾ بہ ڦاسي پوندا، اها ڪا گهٽ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. جيترا ڀيرا اوهان کي ڪنگهي ڪُڙڪي نڙي صاف ڪرڻي پوندي، ايترائي ڀيرا اوهان کي عينڪ صاف

ڪرڻ جو فرض بہ نيت جي سچائي ادا ڪرڻو پوندو. آخر ۾ اوهان کي وچايل پنو هٿ لڳي ويندو جنهن کي اوهان سمجهندا تہ اهو واريءَ جي ڪا چپڙي آهي، جيڪا نپجي ويلجي اوهان جي هٿ ۾ اچي وئي آهي. مسٽر جان بل، شايد اوهان نيرانا ئي رهجي ويا. خالي پيٽ ۾ آنڊا تہ ڪلوس ڪلوس ڪندا هوندا. اوهان ماني کائڻ جا تہ وڏا وس ڪيا پر واريءَ جي وسڪاري اوهان کي ائين ڪرڻ نہ ڏنو. هن ڏوڙئي ۾ سانجهڻ ڪرڻ ڪا اڪ مان ماکي ناهي لاهڻي. جيڪڏهن اهڙو جهولو اوهان جي توقع کان وڌيڪ هلي تہ چپن کي چونو لاهي ماٺ ڪري لڪي ويهي رهجانءِ ۽ اهو سمجهڻ شروع ڪر تہ هڪ سينگاريل ۽ سنواريل قبر ۾ ستو پيو آهين ۽ عيش ڪري رهيو آهين. اهو واءُ گهلي گهلي نيٺ ٻ ٽين يا ڇهين وڳي شام جو ماٺ تي ويندو. بلڪل انهيءَ وقت سنڌوءَ جي ڪنار کان جهڪَ لڳڻ شروع تي ويندي آهي جنهن جي رفتار ڏينهن جي واءُ جهڙي تيز هوندي آهي ۽ ساموندي ڪناري سان سج لٿي مهل بلڪل سانت ٿي ويندي آهي. هتان جي بااصول هوا جو اهو قانون آهي تہ جيڪڏهن اها رات جو گهلندي آهي تہ ڏينهن جي پيٽ ۾ گهٽي گهٽ هوندي آهي.

مان اوهان کي هيءَ ڳالهہ اڳي بہ ٻڌائي چڪو آهيان تہ ڪراچي هڪ صحت بخش ماڳ طور هنڌين ماڳين مشهور آهي. هتان جو گرمي پد 90 يا 92 ڊگريءَ تائين تہ پهچندو ئي ڪونهي.(3) ان جي پيٽ ۾ سنڌ جي ٻين علائقن جو گرمي پد 115 ڊگري رهندو آهي. ڪراچيءَ جو گرمي پد حيدرآباد ۽ سکر کان 30 ڊگريون گهٽ آهي. جتي عام طور 110 کان 112 گرمي پد رهي ٿو. سمنڊ ۾ خشڪيءَ جون هوائون ڏهاڙي گهلنديون آهن. جيڪي پڻ خوشگوار آهن. ماڪ بہ تمام گهڻي پوندي آهي جيڪا مينهن وانگر ڇت مان پئي ٽمندي آهي. ماڪ جو ايترو گهڻو پوڻ ڏينهن واريءَ گرميءَ کي گهڻو گهٽائي ڇڏيندو آهي، نہ تہ هن خشڪ علائقي جي اُس جي تاءَ کي پلر جي پالوٽ بہ گهٽائي ڪانہ سگهندي. اسان هن وقت 25 ڊگريون اتر ويڪرائي ڦاڪ تي موجود آهيون ۽ ڪوسي ڪمربند واري ليڪ کان ٿورو ويٽرڪو آهيون جتي هندستان جو چؤماسو سخت قسم جي سيءَ ۾ بدلجي ويندو(4) آهي. هتي مينهن تمام گهٽ وسندو آهي، جيڪڏهن 7 انچ وسيو تہ وڏو ڇيهہ ٿيو. ممبئيءَ ۾ ساليانو 86 انچ مينهن پوندو آهي.

سنڌ جي سامونڊي علائقي ۾ چار موسمون ٿينديون آهن، يعني سياري ۽ اونهاري جون ٻه ٻه رُتون. سياري جي هڪ رُت پهرين نومبر کان مارچ تائين ۽ ٻي موسم آگسٽ کان سيپٽمبر تائين هلندي آهي. هن رُت ۾ مينهن وسندا آهن ۽ موسم جهڙا ۽ ٿڌي ٿي ويندي آهي. هن موسم جي خبر پيڙياتن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ٻه ڪانهي. اهڙي موسم اولهہ ڏکڻ جي چوماسي ڪري پيدا ٿيندي آهي جنهن کي تجارتي هوا سڏبو آهي، جيڪا اپريل ۾ گهلڻ شروع ڪندي آهي. اسڪندريہ ۽ قاهره ۾ ٻه ساڳي موسم ٿيندي آهي، يعني هڪ هنڌ خشڪ گرمي ۽ ٻئي هنڌ گهم واري گرمي. اهڙي صورتحال نيل درياءَ ڪري ٿيندي آهي. هتان جو جابلو علائقو پر وارن جبلن جي ڳار ۽ رڻ پَٽ جي سوڪڙي آهي ان ڪري هتي تپاولي گهٽ ٿيندي آهي، باقي سنڌوءَ جي چوڙ وارو علائقو تہ مرض جي ماءُ آهي ۽ بلئڪ سي (Black Sea) جي پاٽيءَ تلائن واري جُوءَ کان ٻہ وڌيڪ خطرناڪ آهي.

ڪراچي، عدن، مسقط، بشاير ۽ ٻين خط استوائي ۽ نيم خط استوائي شهرن جهڙو گرم خشڪ آهي پر پوءِ انهن ماڳن کان وڌيڪ فرحت بخش آهي. هتي ڪڏهن ڪڏهن وچڙندڙ بيماريون بہ منهن ڪيڏنديون آهن. وچڙندڙ بيماريون جهڙوڪ ماتا، پيچش، ڪالرا وغيره بہ ظاهر ٿينديون آهن پر اهڙين بيمارين کي نهايت ڪليءَ دل سان مُنهن ڏنو ويندو آهي، هن جي ڀيٽ ۾ ساليون (Saleone) تہ ڪجهہ نہ ڪندي آهي جنهن کي اونداهو کنڊ (Dark Continent) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جتي اهڙين بيمارين ناتي نهايت خراب صورتحال هوندي آهي. سنڌ۾(5) 1846ع ۾ نهايت خطرناڪ قسم جي ڪالرا پئي هئي. مون کي يقين آهي اها خطرناڪ بيماري ڪنهن کان وسري ڪانہ هوندي هن بيماريءَ ۾ رايل آئرش، 86۔ ريجمينٽ جا اڌ فوجي مري ويا هئا. هن ريجمينٽ کي بچائڻ لاءِ سرڪار وڏا وس ڪيا هئا پر بيماري پنهنجا ڪلور ڪري ڏيکاريا. اهڙي ريت 53 ريجمينٽ، 61۔ريجمينٽ، 65۔ريجمينٽ ۽ 69۔ريجمينٽ جو بہ ڪو گهٽ نقصان ڪونہ ٿيو هو. ڊاڪٽر بيوز (Buez) ڪائونسل ٻي فرانس ۽ جده جي سينٽري آفيسر جو چوڻ آهي تہ هنن بيمارين جو اصل مرڪز هندستان آهي. اهڙا مرض اتان هلي سنڌ کي بہ متاثر ڪندا آهن. اهڙيون بيماريون سامونڊي جهازن وسيلي هتي اچي نڪرنديون آهن(6) جڏهن ماتا عربستان کان هتي ايندي آهي.

مسٽر جان بل، اوهان کي ڊگهو سفر ڪرڻو آهي تنهنڪري اوهان کي سخت اُپاءَ وٺڻ ضروري آهن. اوهان کي ٻي ڪانئيو تنبو ڪٽڻو آهي جنهن کي وچ تي ٽيڪ لاءِ لڪڙي ڏيڻ جي ضرورت ڪانه پوندي آهي. هن قسم جا تنبو بنگال ۾ تيار ٿيندا آهن جيڪي گهڻو وقت ممبئيءَ جي ٿهيل تنبوءَ کان بيڙ تي هلندا آهن. نوڪرن چاڪرن جي سمهڻ لاءِ ٻن لنگهن واري تنبوءَ جي ضرورت پوندي.

اوهان جو گهوڙو شاندار ۽ عربي نسل سان واسطو رکي ٿو سوئر جي شڪار لاءِ ته پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. سفر ۾ به لُڙ دڙڪي پيو هلندو آهي. ان کان سواءِ افغان نسل جا گهونٽ (Ghunt)، يابو (Y'abu) يا چار گوشه (Cha'r gusheh) (چيريل ڪَنن وارا) ننڍي قد وارا ٽٽون به آهن جيڪي ٻين گهوڙن کان وڌيڪ ٿلها متارا هوندا آهن. هي آئرلئنڊ جي هراس (hross) نسل جي گهوڙن جيان ٻُجر ٿيندا آهن. اوهان وٽ پنهنجي ذاتي سواريءَ لاءِ هڪ ڏاچي آهي. سفر واري سامان کڻڻ لاءِ چار لاڏو اُٺ آهن. اهي اُٺ توهان جي سفري گهر جو سارو سامان نهايت سولائيءَ سان کڻي سگهندا جيڪو ميزن، ڪرسين، ڪوکن، رڌ پچاءَ جي سامان، کٽ، غاليچي ۽ ڪپڙن جي صندوق تي مشتمل آهي. هن کان سواءِ نَوَ جانور ٻيا به آهن. جهڙوڪ، اوهان جو فاڪس ٽريئر (Fox_terrier) پستو ڪتو جيڪو سفر دوران اسان مٿان نهايت خبرداري ۽ ايمانداري سان پهرو ڏيندو آهي، جنهن کي اوهان پيار وچان ڪارو مرچ (Pepper) ڪري سڏيندا هئا. هن ڪتي ۾ خاص ڳالهه اها آهي ته ڏسڻ ۾ ڏاڍو بڇڙو ايندو آهي. هن کان علاوه مکيه نوڪر خانسامان، قاصد، چاليهن ورهين جو ڇوڪرو جنهن کي هرڪو Boy ڪري سڏيندو آهي، ائڊ ـ ڊي ـ ڪئمپ، لٽن ڪپڙن کي ٺاهي رکڻ وارو راندو (بورچي)، گهوڙن جا به سَئيس، اُنن سان گڏ به جته مان سمجهان ٿو ته ان سان گڏ هڪ ڌوٻي ۽ ٻيو اهڙو ماڻهو به گڏ هجڻ کپي جيڪو هر قسم جو ڪم ڪري سگهي ۽ صفائي ۽ سٺائي کان ائين چرڪندو هجي جيئن ڪانءُ ڪمانَ کان.

اسان جي سفر جا ٻه رستا آهن. هڪ گهاري کان حيدرآباد ويندو آهي. اهو ماڳ اسان جي نَوَن مان پهرين منزل آهي. (7) پر جيڪڏهن اسان سفر جي گهٽي ڏچي کان بچڻ چاهيون ته پوءِ اسان کي ڪِڏري بندر کان مٿان ٻيڙيءَ جو بندوبست ڪرڻو پوندو. مان سمجهان ٿو ته گهاري واري ڪاريءَ جو پاٽي سانتيڪو ڪونه هوندو آهي. پاٽيءَ جو هي ڇوڙ ڪراچي

۾ پٽي يا بگهياڙ چوڙ جي وچ تي آهي جيڪو وڏو ۽ وڏيڪ اونهو آهي. سج جي تاءَ ۾ تک سان گڏ ڇتيءَ واءُ کي بہ منهن ڏيڻو پوندو. مون کي اهڙو ئي ٽن ڀيرن جو تجربو آهي. سو اسان کي هيئن ڪرڻو پوندو جو نوڪرن چاڪرن کي چونداسون تہ اهي سڌو جمعدار جي لانڍيءَ ڏانهن وڃن. هن منزل کي انهيءَ نالي سان سڏيندا آهن. چاڪاڻ تہ ڪجهہ وقت اڳ ان جاءِ تي هڪ سرڪاري عملدار رهندو هو جنهن پرسان ئي هڪ ڪچو منارو ٺهرايو هو.

اسان جو رستو ڪراچيءَ کان اوڀر- ڏکڻ طرف آهي. هيءُ رستو هڪ جابلو علائقي ۾ رڻ پٽ وچان هلندو آهي جتي مٽيءَ جو طوفان ڏچو لائي ڏيندو آهي. هن جوءِ ۾ هن کان سواءِ ٻي ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي جو ماڻهو کان صحيح رستو وڃائجي ويندو آهي ۽ وڃي اوجهڙ ۾ پوندو آهي. هتي هزارين ڀير چارا ڏسبا آهن. اهڙيءَ ريت چوپائي مال جا گس بہ جام آهن. هڪ رستو ڏٺي هلبو تہ اڌ ڪلاڪ جي سفر کان پوءِ پتو پوندو تہ اهو غلط رستو هو تنهن ڪري اهو سفر ٻيڻ تي وقت وٺي ويندو آهي.

اسان هن وقت هڪ دڙي وٽان گذري رهيا آهيون جنهن مٿان هڪ ڊگهو لڪڙو ڪتل آهي. هيءُ مشهور ماڳ آهي جتي هڪ مشهور سنڌي ماڻهوءَ پنهنجي حياتي وڃائي هئي. سندس نالو فقيرو هو. جنهن هڪ انگريز کي بي رحميءَ سان قتل ڪيو هو. هن ماڻهوءَ کي بعد ۾ انگريز فوجين ڳولي لڌو جيڪو اڪيلو هو ۽ مختصر فوج کي مهاڏو ڏيندي مارجي ويو. هي ماڻهو بہ جڻ وائيلڊ فائر ڊڪ (Wildfire Dick) هو. اوهان ڏسو تہ ان جاءِ هڪ ڪراڙو چراخ نوس نوس ڪري رهيو اهي. هتان جا ڪي اعتبار جوڳا ماڻهو هن جانور کي ڪاڪو ڊائمون (Kako daimon) سمجهندا آهن. جيڪو هتان جي ڏاڙيلن لاءِ بدسوڻ هوندو آهي.

اوهان کي معلوم ٿي ويو هوندو تہ هتان جو هر ماڻهو شريف آهي. سنڌ جي فاتح پهريون حڪم اهو صادر ڪيو هو تہ ڪوبہ ماڻهو پاڻ سان هٿيار کڻي نہ هلي. هيءَ ڪراڙي جنرل جي مطلق العنان حڪومت جو دؤر هو. جيڪو سخت گير مزاج جو مالڪ هو. هن اهڙا قدم ڏسي وائسي ۽ سوچي سمجهي کنيا هئا. جنهن مان پتو پوي ٿو تہ هو عقلمند انسان هو. پر ممبئي سرڪار 1857ع واري بغاوت کان پوءِ اهڙا قدم کنيا هئا. هٿياربند ماڻهن جي وڏي تعداد کي پاڻ ۾ ملڻ جلڻ کان روڪيو ويو هو تہ متان انگريزن خلاف سازشون ڪن. شريف ماڻهو اڄ ڄڻ پريل اڪين سان ڏسي ۽ محسوس

ڪري رهيا هئا تہ رعيت جي حفاظت ڪرڻ سرڪار جو ڪم آهي ۽ ڪوبہ ماڻهو شخصي تحفظ ڪري نہ سگهندو آهي. معلوم ٿي رهيو هو تہ شريف ماڻهو سرڪار جي اهڙي ذميواريءَ جي احساس کي تعريفي نظرن سان ڏسي رهيا هئا. ڪراچيءَ جي گهڻن ماڻهن کي اها ڳالهہ ياد هوندي تہ 1850ع تائين ڪير بہ ڪراچي شهر کان رام باغ تائين وڃي ڪونہ سگهندو هو. اهو فاصلو اڌ ميل بہ ڪونہ ٿيندو پر ان ماڳ تائين وڃڻ لاءِ ماڻهوءَ کي خنجر، تلوار، ڍال يا بندوق ساڻ ضرور کڻڻي پوندي هئي.

مان اوهان کي بہ ٿي مثال ٻڌائڻ چاهيان ٿو جنهن مان اوهان کي محسوس ٿيندو تہ انهيءَ زماني انساني زندگي ڪيڏي سستي هوندي هئي. ڪجهہ وقت اڳ جو قصو آهي تہ هڪ بلوچ قبيلو پنهنجي جابلو جُوءَ ڇڏي اسان جي فوجي ڪئمپ جي اتر پاسي بريٽ ۾ اچي تنبو هنيا هئا. ٻڌايو ويندو آهي تہ هڪ پوڙهيءَ بلوچ رن زال پنهنجي اڪيلي ۽ سڪيلڌي پٽ کي هن مقصد سان موڪليو تہ جيڪو ماڻهو ڪيس ڦريائين مُنهن پوي ان کان "رينو" (Rhino) وٺي اچي. پوءِ ان پيڙهي اسپارٽا جي ماءُ جيان پنهنجي پٽ کي چيلهہ سان تلوار ٻڌي ۽ ڍال سندس حوالي ڪئي. ان کان سواءِ هن بندوق ۽ خنجر بہ ڪيس ڏنو. سندس ڪاميابيءَ لاءِ دل سان دعائون ڪيون ۽ نظر اچڻ تائين سندس اکيون پنهنجي پٽ ۾ کتل هيون.

اها هن بلوچ ڇوڪري جي ڦرين مراد هئي جنهن ۾ ڪيس ڪنهن بہ حالت ۾ ڪامياب ٿيڻو هو. جيڪڏهن هو ڦرين مراد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو تہ هو پنهنجي ساري زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب ڪونہ ٿيندو. ڇوڪرو بہ هن عزم ۽ ارادي سان اڳتي وڌيو تہ هو پنهنجن ابن ڏاڏن کي شرمسار نہ ڪندو. جيڪي پنهنجي زماني جا مشهور چور ۽ ڌاڙيل هئا. هن بلوچ ڇوڪري کي مُنهن ۾ پوڻ وارو ڦريون ماڻهو هڪ سنڌي هو. سندس هٿ ۾ ٺڪر جو هڪ ڍڪڻ هو جيڪو صبح سان پر واري ڳوٺ مان خريد ڪري پنڌ پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو هو. سندس هٿ ۾ عام رواجي قسم جي لٺ هئي جيڪا هتان جو هر ماڻهو ڪتي ٻلي جي ڀَوَ کان سفر دوران هٿ ۾ کڻندو آهي.

هن بلوچ ڇوڪري ڪيس للڪاريو تہ "جتي آهين اتي بيهي رهہ ۽ جيڪا بہ شيءِ اٿئي منهنجي حوالي ڪر." سندس حڪم جي هڪدم تعميل ڪئي وئي. هن قسم جي بريٽ علائقن ۾ اهڙن حڪمن جي

اک چنبي ۾ تعميل ڪئي ويندي آهي، نہ تہ ڏاڙيلن جا هٿيار پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏيندا آهن.

بلوچ ڇوڪري سنڌيءَ کان نڪر جو ڏکڻ کسي ورتو.

اها سنڌي ڀهرين ڀوهٽي يا ڀهرين مراد هئي جنهن کي ڏسي هو ڏاڍو مايوس ٿي ويو هو. سوچڻ لڳو تہ هي سنڌس ڀهرين مراد آهي، جيڪڏهن هو اها ڦُريندو تہ سڄي زندگي مائٽ کيس نڪر جو ڏاڙيل سڏيندا. هن خواريءَ کان بچڻ لاءِ هو سوچڻ لڳو تہ ڇا ڪجي. ٿوري وقت کان پوءِ کيس هڪ خيال اچي ويو جنهن ڪري سنڌس مُنهن ٻهڪڻ لڳو. پوءِ هن تلوار ڪڍي سنڌيءَ جي سسي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏي. گهر پهچي هن اهو سر هڪ ٿالهيءَ ۾ رکيو ۽ ماءُ جي خدمت ۾ پيش ڪيو. تنهن تي کيس ماءُ چيو تہ، ”نڪر جي ڏکڻ ڦرڻ بدران تون هن سنڌي ڪتي جو سر وڍي آئين. نڪر جا اهڙا ڏکڻ تہ پيئنس ۾ بہ ملندا آهن.“ ماءُ پنهنجي ڏڙڪندڙ دل سان پنهنجي پٽ کي مخاطب ٿيندي چيو.

والله! امڙ مون بلڪل ائين ڪيو.

هاٽي تہ مان بلوچ عورتن ۾ اوچو ڳاٽ ڪري گهمنديس. شال توکي ڪوسو واءُ نہ لڳي منهنجا ٻچا. توتي ۽ تنهنجي آل اولاد تي شال خدا جون رحمتون هجن. سنڌس اکين ۾ خوشيءَ کان پاڻي اچي ويو هو. اسان هاٽي حڪمران ڏر آهيون. اسان جي چمڙي ٿيلهن مان بہ اهو معلوم ٿي رهيو آهي تنهنڪري اسان کي رعايتون مليل آهن. اهڙيون رعايتون اسان پنهنجي شخصي تحفظ واسطي ڪتب ڪونہ آڻيندا سون. اسانجي قوم هتان جي ماڻهن کان اعليٰ ۽ اُتم آهي، اسان پنهنجي ان اعليٰ حيثيت کي هتان جي ماڻهن کي مرعوب ڪرڻ لاءِ ڪم آڻيندا سون. اسان ڪنهن خونخوار جانور جيان مٿن هيبت ڄمائيندا سون. هتي اسان کي بنا سوار جي ڪو تتون بہ نظر اچي سگهي ٿو اوهان هيءَ ڳالهہ ياد رکو تہ جيڪڏهن اوهان ڪنهن کي حملو ڪندا ڏسو ۽ سنڌس گهوڙي جو پيچ مٿي، ڪنڌ هيٺ ۽ هٽڪار ”فايرڪنگ“ جي گهوڙي جيان هوريان آهي تہ اوهان هڪدم پنهنجو روالور ٻاهر ڪڍو ۽ ان کي ختم ڪري ڇڏيو.

اسان جي ڀهرئين ڏينهن واري سفر ۾ هڪ عجيب ڳالهہ اها نظر آئي آهي تہ اسان ساري سفر دوران ڪٿي بہ پوکي راهيءَ هيٺ زمين جو هڪ انچ بہ ڪونہ ڏٺو. توهان کي محسوس ٿيو هوندو تہ هر ٻئي ميل تي اهڙي پاڻي ٻني موجود هئي جيڪا هر قسم جي پوکي راهيءَ لائق هئي. اسان

اهڙي رستي سان به سفر ڪيو جيڪو عربستان جي غير آباد علائقي جيان رڻ پٽ هو ۽ اهڙو جابلو علائقو هو جنهن جهڙي علائقي ۾ عربستان جا بدوي رهندا آهن.

اها سامهون جمعدار جي لانڍي آهي. پهرين منزل اسان هتي ڪنداسون. هيءُ ماڳ ذڪرڻ سنڌ جو هڪ مشهور ڳوٺ آهي، جنهن ۾ مٽي پاڻيءَ جو کوهه ۽ هٽن جو ڪجهه تعداد آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪکن جون لانڍيون ٺهيل آهن جن ۾ دڪانداريءَ جو ڪم هلندو آهي جتان اوهان کي اناج، مڻايون، سبزي ترڪاري، گيهه وغيره ملي سگهندو. گهر ڪچا جيڪي پيهن ۽ منهن جي شڪل ۾ نظر ايندا آهن. پنج منٽ مينهن وسندو آهي ته اهي سگهر سڄو ڏينهن ٺمڻ کان بس نه ڪندا آهن. جُهڙيءَ ڦڙيءَ دوران گهر ڀاتين کي اهڙي خشڪ جاءِ ڪانه لڀندي آهي جتي آرام سان ويهي سگهن. اونهاري جي موسم دوران اهڙن گهرن جا رهواسي اس کان بچي ڪونه سگهندا آهن ۽ ڏينهن لڳڻ ڪري تپجي پوندا آهن. اسان جو تنبو رستي ڀرسان هڪ ننڍڙي ميدان ۾ هنيو ويو آهي. اسان جو سارو سامان ڀرسان سٽيل گاهه تي ٽڙيو پکڙيو پيو آهي، جڏهن ته اسان جا نوڪر چاڪر ڀر وارن ٻوڙن ۾ گهمي ڦري رهيا آهن. ڪي وري سامهون واري اڪيلي وڻ جي ڇانوَ ۾ پلٽي هنيو ويٺا آهن ۽ اسان جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. تنبوءَ واري جاءِ کان ساڄي طرف يا اوپر پاسي سياحن جي ترسڻ لاءِ هڪ بنگلو ٺهيل آهي جنهن ۾ به وڏا ڪمرا آهن ۽ رڌ پچاءَ لاءِ هڪ بورچي به موجود آهي. پر اسان سندس گرم ڇانهه جو مزو بنگلي ۾ ويهي پيئڻ بدران تنبوءَ ۾ پيئڻ کي ترجيح ڏينداسون، پر سندس اوچتي موت جي ڳالهه ڪلڻ جهڙي آهي.

توهان گهوڙي تان لهي رهيا آهيو پر نظر ائين اچي ٿو اوهان جي سڄي جان آڪڙجي وئي آهي. اوهان مهينن کان پوءِ هڪ ڏکي گهوڙيسواري ڪئي آهي. تنهن ڪري اها تڪليف ته لازمي طور ٿيڻي آهي. اميد آهي ته اوهان شام تائين بلڪل صحيح ٿي ويندا. اوهان کي ناشتو به سنڌي نموني وارو ڪرڻو پوندو. اهو ائين آهي جڻ بئس (Bass)، هائسن (Hyson) جي تخت تي قبضو ڪري ورتو آهي. هي ناشتو ڪٽڪ جي مانين(8)، لوڻ ۽ پاڻيءَ تي مشتمل آهي. اهي مانيون مکڻ سان مکيل ٽوسٽ برابر سمجهڻ کپن. گرم گرم ڪڙهي (Curry) جنهن کي گوشت برابر سمجهي قبول ڪرڻ گهرجي يا گوشت جا ڀُڳل گول ٽڪرا تصور ڪرڻ کپن.

مسٽر جان بل. جيڪڏهن اوهان جي مزاج گراميءَ ۾ سياحت ڪرڻ جي چؤنرا ڪؤنرا لڳل آهي تہ پوءِ اوهان کي هتان جي هر اُگريءَ شيءِ کي هيانءَ سان لائڻ کپي. اهڙيءَ ابتدا لاءِ ڪوشش ڪرڻ لازمي آهي. اوهان ريل رستي چاليهہ ميل في ڪلاڪ جي حساب سان سفر ڪري وڃي ڪنهن نہ ڪنهن ٽاڪ تي ٽانيڪا تيندا. پر اهڙو سفر وک وک ڪٽي ڪول وانگر سرڪڻ کان بهر صورت گهٽ آهي. اوهان ريل رستي سفر ڪَري اک ڇنڀ ۾ منزل مقصود تي پهچي تہ ويندا پر بي سهولت هوٽلن ۾ ڏچي وارن مسافرخانن جي رهڻ وارين فضيلتن کان وانجهجي ويندا. اهڙيءَ ريت اوهان کي پراڻين ۾ نين اخبارن کي سڪون سان مطالعي ڪرڻ ۾ انهن خبرن تي سوچڻ ويچارڻ جو سونهري موقعو ملي نہ سگهندو ان کان سواءِ غير ضروري شين کي ضروري سمجهڻ واري منصبي فرض ادا ڪرڻ کان پڻ رهجي ويندا. اوهان جو هڪ اُٺ ڪِري پيو آهي ۾ رڏ پچاءَ واري سامان جو سراسر پچي پور تي ويو آهي. انهيءَ لاءِ اوهان کي ڪنهن ڳَٽيءَ ڳاراٽي ڪرڻ جي ضرورت ناهي. شراب پيئڻ لاءِ جي گلاس ڪونهي، چانهہ پيئڻ واري پيالي مان ڪم ڪڍي سگهجي ٿو. اهو بہ ٻڌڻ ۾ پيو اچي تہ اوهان جي ڪٽ جون چوڙون بہ چڪتو تي ويون آهن. ان لاءِ بہ اوهان کي افسوس ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. هتي ڪاٺ جو ڏڪار ڪونهي، سو بہ چار سڌيون ڪانيون نوڙيءَ سان سوگهيون ڪري ڪٽ جي پاون سان اٽڪائي چڙهيون تہ ڪٽ تيار. گهاٽي واڍي ۾ هر ڪنڊ وٽ ڪنڊو هٽي ڪم پڪو ڪري چڙيو. اها خبر بہ ٻڌي اٿم تہ اسان جا نوڪر تُرڪن وانگر وڙهي ڊانگو ڊانگ تي پيا آهن. جيڪڏهن اوهان امن امان ۾ صلح سانت سان رهڻ چاهيو ٿا تہ اهڙي ڪني آگر ڪچيءَ ئي وڍي چڱي آهي، چاڪاڻ تہ پڪي گهڙي کي ڪنا ممڪن ڪونہ هوندا آهن. ان لاءِ اسان کي ٿورو ترسڻو پوندو. تڪڙ جا تيرهن ۾ صبر جا سورهن. ٿوري وقت کان پوءِ اسان انهن کي گهرايون ٿا. اڳرائي گووند ڪئي آهي ۾ فريادي رام آهي.

"اڙي ڪتي جا ٻچا اوهان هي ڪهڙا ڏچا وني شروع ڪيا آهن؟"

سائين اوهان اهڙا حڪم ۾ هدايتون جاري ڪيون آهن ڇا تہ ماٺهن جي ڪُچڻ تي جوتا نوڪيو؟ رام هبڪندي چيو.

سائين اوهان اهڙا حڪم ۾ هدايتون جاري ڪيون آهن ڇا تہ ماڻهن کي ماءُ تي ڪچيون گاريون ڏيو ۾ چٺون تہ اوهان جانورن جا ڊونڊ ڪار ندا آهيو؟ گوبند سوال پڇي ٿو.

اسان ٻنهي ڏرين کي گهٽو چڙٻيو ۽ فارغ ڪري ڇڏيو. اهي ٻئي جتا اسان کي سج لٿي تائين گاريون ڏيندا رهندا ۽ پاڻ ۾ نهي ٻہ ويندا. اهڙيءَ ريت اهي ٻئي ماڻهو ٻہ تي ڏينهن ماٺ ڪري ويهي رهندا ۽ پاڻ ۾ جهيڙو ڪري اسان کي تنگ ڪونہ ڪندا.

سمنڊ جي ٿڌري هوا گهلي رهي آهي. اوهان جا نيڻ ٻہ ننڊاکا پيا لڳن. ناشتي جا چار گرهہ کائي پوءِ خيرن سان ليٽي ننڊ ڪري اُٿندا تہ سفر جا ٿڪ ئي لهي پوندا.

مسٽر جان بل، اوهان صبح سان ئي لت ڏئي سمهي پيا. خبر اٿو تہ مان ان دوران ڇا ڇا ڪندو رهيس؟

توهان تنبن جون اهي قطارون ڏسو ٿا، صندوقون ۽ وڏا ٿيلها ٻہ چوڌس پکڙيا پيا آهن. انن جي پاکوڙن ۽ پلٽن جي ڪوڙي جي ڇانوَ ۾ ڊگهين ڏاڙهين وارا ماڻهو ستا پيا آهن. سندن هٿن ۾ ٻہ ڊگهيون ۽ نوڪدار ٽوپيون آهن. هنن ماڻهن جي قسم ڪٽڻ جو طريقو ٻہ ٻي ڍنگو آهي. سندن اکيون ٻہ ڏاڍيون خطرناڪ آهن. هي مانهو ڪراچي جي هڪ ٻي انتها سهٽي ايراني ڇوڪريءَ سان گڏ سفر ڪري رهيا آهن.

پهريائين منهنجي نظر وڃي هڪ ننڍڙي غلام ڇوڪريءَ تي پئي هئي. ان وقت اوهان جي گهوگهري جو ٽڪاءُ پئي پيو ۽ هن ڇوڪريءَ سان گڏ هلندڙ قافلي جا ماڻهو ڳالهائڻ ۾ مصروف هئا. ڇوڪرو سرڪندو اچي اسان جي تنبوءَ جي در وٽ بيٺو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هو تہ سندس قافلي وارا ماڻهو کيس ڏسي تہ نہ رهيا آهن. مون موقعو ڏسي کيس اندر سڏيو. هن اندر اچڻ کان اڳ بوٽ لاٿا، پوءِ ساڄيءَ ڄنگهہ تي جهڪي ساڄي هٿ سان منهنجو سلام ڪيو اهو ايراني طريقي جو سلام آهي جنهن کي پارسيءَ ۾ "ڪرمش" چيو ويندو آهي. بعد ۾ ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ باادب ٿي بيهي رهيو.

"پُٽَ تون ڪير آهين؟"

سائين منهنجو نالو لالو آهي. مان ايران جي شهر بوشيهر (Boshehr) سان تعلق رکان ٿو.

"تون ڪهڙي نوڪري ڪندو آهين؟"

مان هن بيبيءَ جو گهريلو نوڪر آهيان ۽ وڏي سردار "ز" جي گهر ۾ رهندو آهيان.

”تون فضيلت وارو ۽ ڏاڍو سنو ڇوڪرو آهين اڃي. هيءُ ربيو وٽ ۽ بازار مان وڃي شيءِ وٺ. پوءِ موٽي اچي مون سان ڪچهري ڪر ۽ ڪنهن قسم جي خوف خطري جو خيال نہ ڪر.“

ان ننڍڙي بدقسمت ٻار جي عمر ٻارهن سال مس هئي، جيڪو ڏسڻ وائسڻ ۾ جڻ عرب اچي رهيو هو. هو ڏاڍو معصوم هو. هن بوٽ پاتا ۽ اُتان نڪري هليو ويو. مان سندس هلت چلت مان سمجهي چڪو هئس تہ هو موٽي هتي ضرور ايندو.

ان کان پوءِ مون قلم ۽ ڦڪي رنگ جي ڪاغذ ڪٽي هن قسم جا تاثرات قلمبند ڪيا. ٻالجتيءَ جي عمر ۾ هڪ مڪمل انسان، جنهن لاءِ پنهنجي خيال جو هن ريت اظهار ڪري سگهجي ٿو تہ منهنجي دل جي گلاب جي مکڙي ٽڙي پئي آهي، جيڪا سج جهڙين اکين آڏو ڪڙي پئي آهي. تنهنجو روح وجد ۾ اچي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هڪ(9) عجيب روشني سندس چنڊ جهڙي نرڙ مان نڪري رهي آهي. پر منهنجي اها بدقسمتي ڇئجي جو هن باغ ۾ ڪو ڳائڻ وارو ڪونهي، جو پيار جي بادِ سموم خواهش کي دور ڪري سگهي.

هي غلام (رچرڊ برٽن) ٻاري جي قسمت کان چڱي ريت واقف آهي. بقول شاعر:

”ڇوا آخر ڇوا جبل جي هن پٿر کي ايتري خوبصورتي ڏني وئي آهي.“

هن واقعي جي راويءَ جو تصور بہ هن ريت آهي.

”هيري جو تخت جڻ خالص سون آهي، حقير الماس(10) کي گهڙيل ڪاري پٿر مٿان ويهاريو ويندو.“

”۽ هن مقدر جي ڪمان جي تير کي چميو آهي جنهن سندس مڪمل سڪون واري دل کي گهائي ڇڏيو آهي.“ هو ان قبر ڏانهن ڏسي ٿو جيڪا هن کي ۽ هن جي ڏکن سورن کي پاڻ ۾ لڪائي ڇڏيندي.“

”تنهنجي موجودگيءَ جو مٺو تاثر شال سندس اونداهي رهائشگاهہ کي روشن ڪري.“

مون هي بہ چار سٽون لکي ڪاغذ ساڳئي رنگ واري لفافي ۾ وڌو ۽ ميڻ سان سيل مهر ڪيو ۽ پنهنجن جڏن سڏن اکرن ۾ الف (A) نالي واري ڇوڪريءَ جو پتو لکيو. ان سان ؔ هينئين سٽون بہ قلمبند ڪيون:

”هن ڪاغذ تي نظر ايندڙ نشان دونهين جا داغ نہ آهن پر منهنجي اک جي ڪاريءَ ماٽڪيءَ جي ڪارنهن آهي جنهن کي مان اکين جي ڳوڙهن

سان ملايو آهي. منهنجي دل کان پڇ تہ ان جو مقدر ڇا آهي، توکي ٻڌائيندس تہ جڏهن لڙڪ لڙڻ بس ٿي ويندا آهن تہ پوءِ اکين مان لهو لڙڻ لڳندو آهي."

غلام ڇوڪرو موٽي آيو تہ اسان وري ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون. پهريائين تہ هو ڳالهائڻ ۾ هٻڪي رهيو هو پر بعد ۾ هن مون کان ڪابہ ڳالهہ ڪانہ لڪائي. ليڪن هن ڇوڪري ايراني ڇوڪريءَ جي نالي ٻڌائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. ڳالهين جو ڦير هو ۽ ڪيس هر ڳالهہ جي خبر هئي. ان کان پوءِ هو موڪلائي وڃڻ لڳو ۽ واعدو ڪيائين تہ منهنجو لکيل هي خط ڪنهن مناسب موقعي تي بيبيءَ کي ضرور ملي ويندو. اهو بہ چيائين تہ وڌيڪ جيڪو ڪجهہ بہ ٿيو شام جو اهڙي معلومات اوهان کي ملي ويندي.

مسٽر جان بل، اوهان جيڪڏهن نند ڪرڻ چاهيو تہ اوهان کي اجازت آهي. (مان ڏسان ٿو تہ لالو تنبوءَ ٻاهران ڦري رهيو آهي ۽ مون سان ملڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.)

مسٽر جان بل، اوهان تنبوءَ جي ديوار ڏانهن منهن ڪري سمهي پئو! مون ڇوڪري کي چيو "ٻچڙا ڇا حال آهي ۽ ڪهڙي خبر آهي."

"مان وجهہ وٺي خط بيبيءَ جي آڏو رکيو." ڇوڪري وراڻيو.

"ڏاڍو چڱو ٿيو پُٽَ، پوءِ بيبيءَ ڇا چيو؟

"ڪجهہ بہ نہ."

"واقعي!"

فقط ايترو چيائين تہ صاحب کان پڇ تہ هُو حڪيم آهي ڇا؟ ۽ وٽس يورپ جون دوائون آهن يا نہ؟

تون، منهنجي طرفان بيبيءَ کي وڃي دعائون سلام چئو. ڪيس اهو بہ ٻڌاءِ تہ مان اڌ ڪلاڪ اندر سندس خدمت حاضر ٿيڻ چاهيان ٿو. هن کي اهو بہ وڃي گوش گذار ڪر تہ اسان فرنگين وٽ دوائون نہ پر آب حيات هوندو آهي."

مسٽر جان بل، ان وقت مان مُنجهي پيو هئس تہ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي. پر مون کي يقين آهي توهان ڪنهن عورت جي مرض کي سڃاڻي ڪونہ سگهندا آهيو. ڪيورا ڪوئا (Cura Coa) يا نوياٿو (Noyau) جي هڪ بوتل عورت جي مڪمل دوا هوندي آهي، پر بدقسمتي جي ڳالهہ اها آهي تہ اسان وَٽِ اهي هئي ڪونهي. برانڊي هوءَ پسند ڪانہ ڪندي،

شيري لاءِ چوندي اها ٺڌي آهي. شايد اهي مون وٽ موجود آهن.

ڪراچيءَ کان رواني ٿيڻ وقت مون انهن کي ڪٽڻ نہ وساريو هو ۽ جن (gin) (شراب) جو بندوبست ڪيو هو. مون کي خبر هئي تہ سنڌ ۾ اهڙين شين جو ساڻ هجڻ نهايت ضروري آهي. هاٿي ڏسئون تہ پنهنجي اڻ ڄاڻائي ڪهڙو ٿي رنگ لائي. مان جن جي بوتل سان هڪ پائونڊ کنڊ ملائي باهہ تي گرم ڪيو آهي. چکي ڏٺم تہ ان جو ذائقو اِيو ڊي ڪولون (Eau de Cologne) جهڙو ٿي پيو آهي، پيئڻ ۾ تيز ۽ مٺو. اهڙي ذائقي واري شراب کي مشرق جون وڏ گهراڻيون عورتون ڏاڍي شوق سان پيئنديون آهن.

ڇوڪري آب حيات جو شيشو وچي بيبيءَ کي پهچايو ۽ ان سان گڏ حڪيم جالينوس جو پيغام بہ ڏنو.

جيڪڏهن اوهان تنبوءَ جي سوراخ وچان نظر ڪندا تہ اوهان ان عورت کي چڱيءَ ريت ڏسي سگهندا. اها ڏاڍي خوبصورت ڇوڪري آهي. سندس منهن سنگ مرمر جهڙو سفيد آهي. ڄڻ يوناني عورت. سندس نرڙ اٽليءَ جي عورت جهڙو ڪليل، سوچ ۽ فڪر وارو ۽ اکيون اندلس جي عورت جهڙيون آهن. سندس مزاج ۾ وقار ۽ حياءُ آهي، ڄڻ بهشت جي حُور جنهن جي حضرت محمد ﷺ پاڻ تعريف ڪئي آهي.

ائين محسوس ٿي رهيو آهي ڄڻ وقت جونءَ پيو هلي رهيو آهي. الائي ڪڏهن سج لڙندو ۽ شام ٿيندي. مان جيڪر ٺڏو هٽي انهن منٽن کي اڳتي ڪري ڇڏيان ۽ اهي پاڻ ائين وچي ٽڪرائجن جن اولڊ آئسس ۾ مقابلو ڪندي انن ونجهن واريون ٻيڙيون پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويندون آهن. مان ايراني عورت وٽ هڪ وڏي حڪيم جي روپ ۾ حاضر ٿيندس ۽ اوهان پنهنجي معلومات وڌائڻ جي غرض سان مون سان گڏ هوندا.

وايومنڊل ڏاڍو مُنڌل آهي. اڙي اهي ڇا پيا ڪن. انن کي پلاٽيو پيو ٿو وچي ۽ بيبيءَ جو مرد اتاليق سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو آهي. اي منهنجي غيب جي ڄاڻو دل! هيءُ سڀ ڪجهہ منهنجي سوچ کان بلڪل ابتڙ ٿي رهيو آهي. هوءَ برقعي ۾ ويڙهي سيڙهجي ٻاهر نڪتي آهي. برقعي ۾ لڳل جاري(11) اسان طرف آهي ۽ هوءَ پنهنجي غلام ڇوڪري سان ڳالهائي رهي آهي. مان سندن گفتگو ۽ ڪلڻ جو آواز ٻڌي رهيو آهيان. سندس ڪجائي وارو اٺ هُشايو ويو آهي. هوءَ پنهنجي غلام ڇوڪريءَ جي پرسان ڪجائيءَ ۾ ويٺي آهي. ٻُڌڻ وارو ڪلي رهيو آهي. ان کان پوءِ ڪجائي جو پردو هيٺ ڪري ٿو ۽ قافلو هلڻ لڳي ٿو.

حوالا:

(1) هن لفظ جي معنيٰ اتر آهي. پر سنڌ وارا هن کي اتر - اولهه جي ڪنڌ سڏيندا آهن جتان اتر - اولهه جي هوا گهلندي آهي جڏهن تہ چوماسي وارو واءُ اتر - اوڀر کان لڳندو آهي.

(2) مسلمانن جو خيال آهي تہ ست آسمان ۽ ست زمينون آهن جيڪي بصر جي چل جيان هڪ ٻئي مٿان ويڙهيل آهن. اهو تصور مصر ۽ يونان سان ملي ٿو جن جو خيال آهي تہ سيارا (Planets) ست آهن.

(3) چانو ۾ وڻ ۾ وڻ ڪوسائي پد 117 ڊگريون ۽ گهٽ ۾ گهٽ 39 ڊگريون آهي، جڏهن تہ گزيٽيئر 82 ڊگريون ٻڌائي ٿو.

(4) مينهن وسڻ جي ڪا پڪ ڪانہ هوندي آهي. پر سال ۾ وڏ ۾ وڏ بہ کان ٽي انچ مس وسندو آهي. ليڪن 57_1856 دوران 7 انچ ۽ 35 cent پيو هو.

(5) هي ٻيو Asiatico_European حملو هو جيڪو 1840 کان 1848 تائين جاري رهيو. جڏهن تہ پهريون Asiatico_European حملو 1830 کان 1832 تائين هليو هو.

(6) جدي تي لکيل رپورٽ جو ٻيو ڇاپو. هن کان سواءِ ڏسو ڪالرا جي موضوع تي تيار ڪيل اها رپورٽ جنهن ۾ يورپ ۾ 1865 کان 1874 تائين ڏهہ سالہ هلنڊڙ ڪالرا جي ڪلور جا انگ اکر ٻڌايا ويا آهن. هن ڪالرا جي باري ۾ "مسٽر ناٿن ريڊڪلف" جو مقالو بہ ڇپيو هو جنهن ۾ ڇيو ويو هو تہ اها مشرق کان هوريان هوريان سِرندي اچي اولهہ پاسي يورپ ۾ پهتي هئي جيڪا 1863 ۾ شروع ٿي ۽ 1873 ۾ ختم ٿي هئي.

(7) مختلف ماڳن جا نالا ۽ فاصلا هيٺ ڏجن ٿا جيڪي ڪوارٽر - ماسٽر - جنرل ۽ گزيٽيئر ٻڌايا آهن:

| ماڳ جو نالو | | ميل | فرلانگ |
|---|---|---|---|
| (1) ڪراچيءَ کان جمعدار جي لانڍي | 13 | 1 | |
| (2) واتا جي | | 15 | 1 |
| (3) گهارو | | 9 | 5.5 |
| (4) گجو | | 12 | 1 |
| (5) ٺٽو | | 8 | 4 |
| | **ڪل جوڙ** | **58** | **4** |
| (6) هيلايا | | 16 | 6 |
| (7) جهرڪ | | 16 | 4 |
| (8) ويرا حقيقت(12.4) | | 18 | 4 |
| (9) ڪوٽڙي(11.4) | | 5 | 4 |
| | **ڪل جوڙ** | **115** | **4** |

**گزيٽيئر مطابق ماڳ ۽ فاصلا:**

| ماڳ جو نالو | ميل | فرلانگ |
|---|---|---|
| (1) لانڍي | 12 | _ |
| (2) رِيڙي | 10.5 | _ |
| (3) واتاجي | 5.25 | _ |

| | | |
|---|---|---|
| (4) گهارو | | 9.5 – |
| (5) گجو | | 12 – |
| (6) ٺٽو | | 6 – |
| | ڪل جوڙ | 58.75 – |
| (7) هيلايا | | 16 – |
| (8) سونڊا | | 6 – |
| (9) جهرڪ | | 10 – |
| (10) آنپور | | 11 – |
| (11) ڪوٽڙي | | 14 – |
| | ڪل جوڙ | 110.75 – |

(8) هي سر چارلس ووڊ جون عجيب غريب ڳالهيون آهن. ڪيس Hali fax جي نالي بہ سڏيو ويندو هو جيڪو بلوي ڪان اڳ فسادين لاءِ چڙهہ تہ اسڪاٽلئنڊ جو Fiery_Cross هو.

(9) انگريز شايد ايران جي شاعريءَ جي تصور ڪان گهٽ چاڻ رکندا هوندا. هن انگريزي لفظ linen_stuff کي فارسي ٻولي ۾ ڪرباس (Karbas) چيو ويندو آهي جنهن کي چنڊ جي علامت سمجهيو ويندو آهي.

(10) الماس جي معنيٰ هيرو (Diamond) آهي. شاعريءَ جون هيءُ ستون مشهور شاعر نظامي جون آهن.

(11) ايران ۾ پردي واريون عورتون جڏهن گهر ڪان ٻاهر نڪرنديون آهن تہ برقعو ڍڪي پوءِ هلنديون آهن. ڏسو باب سورهون.

باب ڇهون

# پنيور واري ڏند ڪتا، سنڌ جو رڻ پٽ، ڪمانڊر انچيف جو الوداعي فرمان، اٺ جي سواري

اسان جو قافلو وٽاجي Wutaji ڏانهن وڌي رهيو آهي. هي ماڳ اسان جي ٻي منزل آهي، جيڪو ڪراچيءَ کان 28 ميل پري آهي. هيءُ پنجن نئن وارو رستو سڌبو آهي، جيڪو ڪنهن حد تائين سڌو آهي. ان کان پوءِ اسان جي ڊائرين ۾ هن قسم جي تحرير نظر ايندي:

پهرينءَ منزل کان پوءِ ٻيءَ منزل ڏانهن ويندڙ رستو جابلو ۽ وارياسي علائقي مان گذري ٿو. اهو رستو هڪ ڪاروان سراءِ وٽ پهچي ٿو جتي ڪنهن به قسم جي سهولت موجود ڪانهي. هتي هڪ زبون حال مسجد آهي، جنهن ۾ قدرتي هوا لاءِ ڪا به روڪ رنڊڪ نه آهي. هن جڳهه جو ادب ۽ احترام گهٽيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو ان ڪي مسافرخانو بڻايو ويو آهي. راهه ويندڙ مسافرن مسجد جي پٿرن تي پنهنجون ڪي تحريرون لکي انهن کي بدصورت بڻائي ڇڏيو. جن ڪي گارو گنب هٽي مٿان چوني جو ڪاريگريءَ سان ليپو ڏنو ويو آهي. معلوم ائين پيو ٿئي ڄڻ اهي ماڻهو يوناني رومي يا انگريز هجن. مسجد جي ديوار جي هڪ پٽ تي جهنگ ٻلي جا پيرا به هئا جيڪي هتان جي راهه ويندي مسافر جي تحرير ڪري ظاهر ٿي پيا هئا. اهڙي نشاندهي ڊڪ ٻي لوئينس (Duc de Lyunes) ڪئي هئي ۽ ٻڌايو هئائين ته انهن نشانين مٿان هتان جي ماڻهن جون تحريرون هيون.

هتي اسان جي دوستن ڪنهن تکيءَ شيءِ سان ڳرچي تحريرون لکيون آهن ۽ پوري ۽ سائي رنگ جي گلڪاريءَ کي بگاڙي تباهه ڪري

چڏيو آهي. اهڙيءَ تحرير کان پوءِ هر مصنف پنهنجي صحيح ڪرڻ بہ فرمائي آهي. هنن تحريرن جا لکيڪ ڪارا بہ آهن تہ پورا بہ آهن.

هنن مان ڪي تحريرون ڏاڍيون دلچسپ آهن جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

"اي مسلمان ياد رکو ڪڏهن اهي ڏينهن بہ اچڻا آهن جو ڪتا انگريز مسجدن ۾ سوئر جو گوشت کائيندا ۽ شراب پيئندا."

هڪ قومپرست جي تحرير هن ريت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪو شايد بيروزگاري کان تنگ آهي.(1)

" او شير محمد(2) پنهنجي جنگي گهوڙي جون واڳون سنڌ ڏانهن موڙ ۽ پنهنجي تلوار جي هڪ ڌڪ سان نيپيئر جو سر لاهي ڇڏ."

هڪ ماٺهوءَ جي تحرير اهڙي آهي جنهن ۾ حضرت عمر رضي الله عنه جي شان ۾ گستاخي ڪئي وئي آهي.

هڪ ماٺهوءَ ان جي جواب ۾ وري هن ريت لکيو آهي، "اي حرامي بار شال ڪنو ٿي مرين ۽ بکيا ڪتا تنهنجو ماس پٽن."

1876ع ۾ وٺاجي ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ هو پر گگا فومرا (Gagga Fuimara) جي ڪناري سان فوجي ڪئمپ هٽڻ لاءِ کليو ميدان هو. ان فوجي ڪئمپ جي ڪري جهجهي انداز ۾ پاڻي ملي ويندو هو. ان جي سامهون ٻئي پاسي انبن جا سرڪاري باغ هئا. هتي هڪ پوليس وارو نظر ايندو جيڪو انگريزن جي جهنڊي جيان ڳتو بيٺو آهي ۽ آباد زمين تي نظرداري ڪري رهيو آهي، سندس لباس ۾ نيرو ڳاڙهو پٽڪو ۽ وڏو بوٽ آهي ۽ ڪڏهن گهوڙي تي ۽ ڪڏهن اُٺ تي سوار ڏسڻ ۾ ايندو آهي، پنهنجي مزاج ۾ لاپرواهہ ۽ بيباڪ آهي. وٺاجي کان گهارو نو ميل پري آهي. اسان صبح جو وٺاجي کان روانا ٿياسون. سارو سفر هڪ اهڙي برپٽ بيابان مان ڪيوسون جيڪو فقط سنڌ ۾ ئي موجود ٿي سگهي ٿو. ڪنهن زماني ۾ سمنڊ جو ڪنارو هتي هوندو هو، مان سولائيءَ سان ان جا نشان پتا ٻڌائي سگهان ٿو. چاهيان ٿو تہ سنڌ جي جيالاجيءَ متعلق اوهان کي هڪ پرپور ليڪچر ڏيان ۽ اهو بہ ٻڌايان تہ هن سامونڊي ڪناري سان ڪهڙيون مڇيون هونديون. رستي کان هڪ سؤ گز پري هن وارياسي پٽ تي هڪ ايڪيري آهي، جنهن جي هيٺان سامونڊي کاري نظر اچي رهي آهي، پر ٻئي پاسي کان لهواري آهي جيڪا هوريان هوريان پٿريلي پٽ ۽ ٻوڙن تائين پهچي ختم ٿي وڃي ٿي. هن ماڳ جي ناتي اسان

ڪي هڪ قصو ميسر ٿي ويندو، جيڪو اڏ ڪلاڪ کن هلندو ۽ حقيقت جي ويجهو ۽ دلچسپ آهي.

هن ماڳ کي ڀنڀور جي نالي سان سڏيو ويندو آهي ۽ سندس تعلق سڪندر دؤر سان آهي. سڪندري مؤرخن مان ڪن هن کي بار بريڪي (Barbarki) ۽ ڪن باربرائڪ (Barbarike) ڪري لکيو آهي. ڪي وري هن کي ديبل بندر سڏيندا آهن، جيڪو سنڌ جو نهايت قديم بندر هو پر هاڻي ڪٺو پڙپانگ لڳو پيو آهي. هاڻي فقط قديم گهرن جا بنياد، قلعي جي چبوترن جا نشان ۽ وچ تي مٽيءَ جا وڏا ڍير موجود آهن. هن ماڳ سان ڪيترن ڏند ڪٿائون وابستہ آهن.

قديم آثارن جو ماهر شليمن (Schliemann) پنهنجي نگرانيءَ هيٺ کوٽائي ۽ کوجنا ڪري تہ ڪيئي حقيقتون ظاهر تي سگهن ٿيون، پر ڪنهن شوقيہ کوٽائي ۽ کوجنا جي ضرورت ڪانهي جيڪا لڳاتار نہ هجي.

ڪن روايتن هن ماڳ متعلق گهڻو منجهائي رکيو آهي ۽ چيو وڃي ٿو تہ ڀنڀور جو اصلي ماڳ مذڪوره کنڊرن کان ٿورو اتر آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ هي شهر راجا دلو راءِ جي ظلمن ڪري هڪ رات اندر تباهہ ٿي ويو جنهن ۾ ڪوبہ نہ بچيو(3) هن بي رحم راجا کي دلورا (Dilora)، دلو راهي (Dlu) (Rahi)، دَلو راهي (Dalu Rahi) جي نالن سان پڻ سڏيو ويندو آهي. چيو ويندو آهي تہ هن هڪ مسلمان شيخ جي ڌيءُ زبردستي پاڻ وٽ گهرائي هئي. ان شيخ جي بددُعا جي اثر کان هڪ طوفان ۽ زلزلو آيو ۽ سارو شهر تباهہ ٿي ويو. سنڌ جي تاريخ ۾ راجا دلو راءِ جوذڪر ڪٿي بہ نظر ڪونہ ٿو اچي. اها ساڳي ڳالهہ ٿوري فرق سان اروڙ جي ساڳئي نالي واري راجا لاءِ بہ چئي ويندي آهي، جنهن جي ظلم ڪري مهراڻ يا سنڌو درياءُ پنهنجو رُخ ڦيرائي ٻئي پاسي کان وهڻ لڳو هو ۽ هيٺ هالا پرسان برهمڻ آباد نالي شهر(4) بہ تباهہ ٿي ويو، جنهن ۾ رهندڙ ڪافرن مان هڪ بہ ڪونہ بچيو هو. اهڙو رواج هندو جاگيردارن ۾ عام هوندو هو، خاص ڪري راجپوتن ۾ تہ تمام گهڻو هو. مسلمانن ۾ اهڙيون ڳالهيون نہ هونديون آهن پر جيڪڏهن ڪو مسلمان اهڙو ظلم ڪندو آهي تہ جڻ خدا جي غضب کي دعوت ڏيندو آهي. ڀنڀور جو قديم ماڳ دنيا جي هن حصي ۾ تمام گهڻو مشهور آهي، جنهن جو ڪارڻ اهو آهي تہ هتان جي پٿن ۽ پانن هن قصي کي تمام گهڻو ڳايو آهي.

چيو ويندو آهي تہ جڏهن اسلام سنڌ ۾ پير پختا ڪيا تہ ان زماني پنيور بهشت طوبيٰ وانگر هو(5) جنهن جي ڇانوَ خوشبو واري ۽ ميوو مٺو هوندو آهي. اهڙي ڇانوَ ۾ ميوو انهن گنهگار روحن لاءِ هوندو آهي جيڪي گمراهہ هوندا آهن ۽ گناهن جي صحرا ۾ ڀٽڪندا وتندا آهن ۽ وٽن، پٿرن ۽ ڌاتوءَ جي پوڄا ڪندا آهن.

چيو ويندو آهي تہ نائو نالي هڪ برهمڻ ٺٽي ۾ رهندو هو جيڪو سنڌو درياءَ جي ڪناري سان آباد هوندو هو. ڪيس هڪ ڌيءَ ڄائي، جيڪا ڏاڍي سهڻي هئي. پر نجومين کيس ٻڌايو تہ هوءَ مسلمان ٿيندي ۽ هڪ ڌارئي سان شادي ڪري پنهنجي ڪڙم ۽ قبيلي لاءِ ڪارنهن جو ٽِڪو ثابت ٿيندي. تنهنڪري مائٽن پنهنجي ننڍڙي ٻارڙيءَ کي وهنجاري سهنجاري، سونا ڪنگڻ پارائي هڪ ننڍي صندوقڙيءَ م وجهي درياهہ جي حوالي ڪري ڇڏيو. شاعرن جي چواڻي تہ درياءَ جون وحشي لهرون سسئي کي ائين لَوڏڻ لڳيون جيئن ماءُ پنهنجي ٻار کي پينگهي ۾ لوڏيندي آهي(6) ۽ لوليون ڏيندي آهي. اهي ڳالهيون مقدر طرفان هونديون آهن جن کي ڪير بہ تبديل ڪري ڪونہ ٿو سگهي. سسئي واري صندوقڙي ترندي پنيور ڏانهن هلڻ لڳي هئي. انهيءَ سمي ڪافرن جو مذڪوره شهر ڏاڍو سکيو ستابو ۽ ترقيءَ تي هو جنهن کي مهارا (Mahara) يا منسوار (Manswar) سڏيو ويندو هو. هن شهر جون جڳهون سهڻيون ۽ منارا شاندار هئا. هن جي چوڌاري نهيل قلعي جون ديواريون ڪنهن بادشاهي شهر جهڙيون هيون. چوڌاري خوبصورت ۽ شاندار باغ هو جن ۾ حورن پرين جهڙيون سهڻيون عورتون پيون گهمنديون ڦرنديون هيون.

انهيءَ زماني ۾ هڪڙو ڌوٻي سنڌوءَ جي ڪناري سان ڪپڙا ڌوئيندو هو. هڪ ڏينهن هو جيئن ڪپڙا ڌوئي رهيو هو تہ هن هڪ صندوقڙي ڏٺي جيڪا درياءَ ۾ لڙهندي هن جي پرسان گذري رهي هئي. هن اها صندوقڙي کولي ڏٺي تہ اندر چنڊ جهڙي هڪڙي سهڻي ڇوڪري سمهي پئي هئي. هن اتي بيٺل ماڻهن کي سڏ ڪري اها ڇوڪري ڏيکاري جيڪي وٽس ڊوڙيڪو ڊنڊو سکي رهيا هئا. هن کين چيو تہ ڏسو قادر جي قدرت، جو هن نپٽي آ.تہ کي درياءَ وسيلي ڏي ڏني وئي آهي.

ٿورين گهڙين ڏينهين سسئي جوان ٿي پئي ۽ اڳيئن کان بہ وڌيڪ سهڻي ٿي پئي، جيڪا جڻ تہ پنيور جو ناز هئي. خنجر ايترا خون ڪونہ ڪيا هئا جيترا سندس پرڻن ماڻهو ماريا هئا. تيرن ايترا ماڻهو گهائل ڪونہ

ڪيا هئا جيترا سندس اکين جي پنبڻين ماڻهو زخمي ڪيا هئا. سندس نرڙ سج جيان چمڪي رهيو هو. سندس ڪارا وار ڪاريءَ رات جي آڌيءَ جيان اونداها ۽ ڪارا هئا. انگريزي ٻوليءَ ۾ ائين ڪٿي چئجي ته اها نهايت خوبصورت ڇوڪري هئي، ساري پنيور ۾ سندس سونهن جي هاڪ ۽ ڌاڪ ڄمي وئي هئي.

هوءَ پنهنجين جيڏين سرتين سان گڏ آتڻ ۾ ويهي چرخي تي سُٽ ڪتيندي هئي. هڪ ڏينهن جيئن هوءَ آتڻ جي دريءَ پرسان ويٺي هئي ته اتان هڪ واپاري مسافر اچي لانگهائو ٿيو. اتي ويٺل ڇوڪرين کي اهو ماڻهو ڏاڍو سهڻو لڳو ۽ کيس اندر سڏ ڪيائون. هندو ڇوڪرو هو تنهن ڪري هنن ڇوڪرين ساڻس ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪنهن به قسم جو حجاب ڪونه ڪيو. گفتگو مان ڇوڪرين کي پتو پيو ته هو آري نالي هڪ سردار جو نوڪر آهي جيڪو مڪران جي ڪيچ شهر سان واسطو رکي ٿو. هن هندو خوبصورت نوجوان جو نالو ٻاٻيهو هو. آتڻ ۾ ويٺل ڇوڪريون جڏهن سندس سونهن سوڀيا جي تعريف ڪرڻ لڳيون ته هن کين ٻڌايو ته هو پنهنجي مالڪ پنهون خان جي سونهن جي پيٽ ۾ جڻ ته ڪو جن ۽ ڀوت آهي(7) اها ڳالهه ٻڌي سسئيءَ جي دل ۾ عشق جي آڳ ٻري پئي. سياڻن ماڻهن جو چوڻ آهي ته اکين سان ڏسڻ کان اڳ ڪنن سان ٻڌي عشق ٿي ويندو آهي.

اهڙيءَ ريت سسئي، پنهونءَ جي عشق ۾ گرفتار ٿي وئي. هن پنهونءَ کي هڪ خط لکيو يا دل کيس خط لکڻ لاءِ مجبور ڪيو هن خط سان گڏ سسئيءَ تحفي طور کيس ڪپڙن جو به شاندار وڳو روانو ڪيو هو انهيءَ مقصد ته جيئن هو شاندار لباس پائي هڪ عزت واري ۽ شريف انسان جيان وٽس اچي. ان کان پوءِ پنهنجي نوڪر ٻاٻيهي جي صلاح مشوري سان پنهونءَ پنهنجي پيءُ کان اجازت وٺي پنيور ڏانهن روانو ٿيو. اتي پهچي هن سسئي سان ملاقات ڪئي. هو به سسئي کي ڏسي مٽس عاشق ٿي پيو ۽ ساڻس بي انتها محبت ڪرڻ لڳو ۽ پاڻ کي ڌوٻي چوائي سسئيءَ جي پيءُ جي گهر ۾ رهڻ لڳو ۽ آخر يعقوب وانگر پنهنجي محبوب سان شادي ڪئي جنهن کان پوءِ هيءَ جوڙي پنهنجي خوشين ۾ مگن رهي.

ٻين دريائن وانگر سنڌوءَ ۾ به ڪي ٻاند (Snags) هوندا آهن جن کي حالت سڌي سگهجي ٿو جن سان عشق جي ٻيڙي اچي ٽڪرائبي آهي.

چيو ويندو آهي تہ جڏهن ڪيچ جي سردار آري (Ari) کي پنهنجي بنجامين (Benjamin) يعني پنهونءَ جو پتو پيو تہ هن پنيور ۾ هڪ ڌوٻياڻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي تہ هن ڪاوڙجي پنهنجي مٿي تان پڳ لاٿي ۽ ان کي ڦاڙي پرزا ڪري هيٺ اڇلائي ڇڏيو. پهرين چوغي کي لاهي باهہ ۾ اڇلايو. قميص جو آڳو ڦاڙيو ۽ وهنجڻ سهنجڻ کان ٺپ انڪار ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ هن پنهنجي ڏهن ٻارهن پهلوان پٽن کي پنيور روانو ڪيو تہ جيئن هو وڃي پنهونءَ کي وٺي اچن. پنهونءَ جا ڀائر بہ ڏاڍا ڏمرجي ويا هئا. چاڪاڻ تہ هن ڌوٻڻ سان شادي ڪري چڻ ساري قبيلي کي بي عزت ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري هو نهايت تيز رفتاريءَ سان وڃي پنيور پهتا. سندن ڀاڄائي سسئي پنهنجن ڏيرن جي ڏاڍي خدمت ڪئي، طرحين طرحين طعام رڌي ڪارايا. جيئن ڀاڻ بہ سهٺي سيبتي هئي تيئن کين ڏاڍي عزت آبرو سان پيش اچي رهي هئي. پر هو آڌيءَ رات جو پنهون کي اٺ جي پاکڙي سان ٻڌي پنيور مان نڪري هليا ويا.

جڏهن سسئي صبح جو سويل پنهنجون خوبصورت اکيون کوليون تہ سندس پاسي ۾ پنهون ڪونہ هو. هوءَ اهو ڏسي بيهوش ڪانہ ٿي وئي. سنڌي عورت کي هن واقعي مان سبق سکڻو آهي. ان کان پوءِ سسئي وٺي دانهون ڪوڪون شروع ڪيون. افسوس کان هٿ مهٽڻ لڳي ۽ اکين مان ڳوڙهن جو ايڏو مينهن وسايو جو جيڪر اهي جبل بہ پاڻيءَ ۾ ڳري وڃن. جن مان سندس ڏير پنهنجا ڏاگها ڏوري پنهونءَ کي ڀاڻ سان وٺي وڃي رهيا هئا. هيٺ واريءَ سي پٽ تي اُنن جا تازا پيرا لڳل هئا جن مان کيس حقيقت حال جي پروڙ پئجي رهي هئي. هن وچڙيل عورت لاءِ فقط هڪ ڳولا جو رستو باقي وڃي بچيو هو.

سندس والده کيس گهر جي ڪم ڪار جو چوي ٿي، پر هوءَ کيس ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏي ٿي ۽ پنهونءَ جي ڪيڏ وڃڻ لاءِ سندرو ساهي بيهي رهي ٿي. سندس جيڏيون سرتيون کيس اتين ڪرڻ کان روڪين ٿيون ۽ چون ٿيون:

"اي سسئي جهنگ ۾ نہ وڃ جتي ڪارا نانگ، بگهڙ ۽ رڇ آهن. جيڪي مسافرن کي کائي ختم ڪري ٿا ڇڏين جتي زهريلا ڏونگري ڏينيو اُڏامندا وتندا آهن."

پر هوءَ پنهنجي سهيلين جي چوڻ ڌانهن ڌيان نه ڏنو. جڏهن سندس جيڏيون سرتيون هن سان گڏجي هلڻ لاءِ تيار ٿين ٿيون ته سسئي کين چوي ٿي ته:

"اي جيڏيون سرتيون! اوهان مون سان نه هلو. رستي ۾ رُڃ ۽ رائو آهي، متان اوهان اُڃ مري منهنجي پنهون کي پٽيو."

پوءِ هوءَ اڪيلي سر پنڌ پوي ٿي. پاڻ سان ڪجهه به کانه ٿي کڻي. ڪيچ به سؤ ميل پري آهي، وچ تي اجهاڳ رڻ پٽ آهي ۽ ان کان وڌيڪ خوفناڪ جابلو علائقو آهي. اهڙو خطرناڪ علائقو هڪ اڪيلي عورت کي ڪهڙو تحفظ فراهم ڪري سگهيو ٿي. پر هي ڪهڙي قسم جو معاشرو آهي جيڪو هن قسم جون ناممڪن شيون پڙهي ٿو پر اهڙن ڳالهين کي رد نٿو ڪري ۽ نه وري اهڙين ڳالهين لکڻ واري کي چريو ۽ سودائي سڏي ٿو.

مسٽر جان بُل، اسان ڪلهه جيڪو پنجن سُڪل نئن وارو رستو ڏٺي آيا هئاسون سو ڪڏهن پاڻيءَ ۾ جل ٿل هوندو هو جيڪو هاڻي بريٽ بيابان نظر اچي رهيو آهي. اهي نيون سسئيءَ جي بددعائن سبب سڪي ويون هيون ۽ زير- زمين وهڻ لڳيون هيون. مان هن وقت هڪ وسيع بيابان مان گذري رهيو آهيان جيڪو ان عورت جي احساسن جو نتيجو آهي. هن ۾ اها ئي خاصيت هئي جنهن جو اظهار سسئي ڪيو هو. هتي جڳهون بلڪل ساڻيون هيون جتي هو ٿوري کن لاءِ ويهي ساهه پٽيندي هئي. هي نهايت گرم ۽ ٻوساٽيندڙ لُڪَ وارو علائقو آهي. پيرين پنڌ ڪرڻ سبب پيرن ۾ ڦلوڪٽا نڪري پيا آهن. پر پوءِ به هو اڳتي وڌي رهي آهي. معلوم ائين ٿو ٿئي ته منجهس سهپ جي بي پناهه طاقت هئي.

جڏهن هوءَ پب جبل وٽ پهتي ته ويچاري اُڃ کان سائي ٿي ڪِري پئي، پرسان ڪو ٻڪرار ٻيٺو هو جنهن هن کير ڏُڪ ڏيڻ لاءِ چيو. سسئي جي مقدر ڪجهه ٻيو لکيل هو. هي ماڻهو ٻاهر ۾ ٻڪرار ۽ اندر ۾ ڪئليبان (Caliban) هو جنهن کي ڪراڙيءَ سائڪو رئڪس (Sycorax) ماءُ دعا ڪئي هئي ته منهنجا پٽ توکي سهڻي ۽ سيبتي زال جهنگ مان ملي ويندي. جڏهن هن ٻڪرار هڪ سهڻيءَ عورت کي اڪيلي سر جهنگ ۾ گهمندي ڦرندي ڏٺو ته کيس يقين ٿي ويو ته سندس ماءُ جي دعا اگهاڻي آهي ۽ هيءَ دعا واري منهنجي ڪنوار آهي. ان ڪري هن ٻڪرار سسئيءَ سان پنهنجي عشق جو اظهار ڪيو. سسئي اهڙيون ڳالهيون ڏسي ٻڪرار کي پيرائتي ڳالهه ٻڌائي. پر هو هڪ تي ٿي بيهي رهيو. چي: تون منهنجي

ڪنوار آهين. سسئي بيو چارو نہ ڏسي واهر لاءِ الله تعاليٰ کي ٻاڏايو. الله تعاليٰ سندس عرض اگهايو زمين ڦاٽي پئي ۽ سسئي ان ۾ هلي وئي ۽ مٿان زمين جهڙي زمين ٿي وئي. سنڌ ۾ اهڙيون ڳالهيون عام آهن تہ فلاڻي يا فلاڻي عورت ٻي واهہ نہ ڏسي واهر لاءِ الله کي ٻاڏايو ۽ زمين ڦاٽي پئي وغيره وغيره. هن واقعي کان ان ٻڪرار کي پتو پيو تہ مذڪوره عورت سندس ماءُ جي دعائن واري ڪنوار نہ هئي ۽ هن عورت سان زيادتي ڪرڻ واري سوچ سندس غلطي هئي. هي اڻ گهڙيو ڪاٺ ۽ وحشي ماڻهو هو. پر پوءِ هو پڇتائي ڏاڍو روئڻ لڳو. بعد ۾ هن ننڍا ننڍا پٿر ڪٺي ان عورت جي ٻُني جوڙي جيڪا پاڪدامني جو مجسمو ۽ بي انتها سهڻي هئي.

ٿوري وقت کان پوءِ پنهونءَ کي ڪيچ مان پڇي نڪرڻ جو موقعو ملي ويو. اهڙن قصن ڪهاڻين ۾ ائين ٿيندو آهي. هو پنيور ڏانهن ويندي سسئيءَ جي قبر وٽان لنگهيو جيڪا رستي جي پاسي سان نئين تيار ٿي چڪي هئي. هن کي اوچتو هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ هو ڪنائي ٻڌڻ لڳو:

"منهنجا پنهون هيٺ قبر ۾ لهي اچ. هيءَ ڪا سوڙهي قبر نہ آهي. هتي وسيع باغ آهن. گلن جي خوشبو آهي. هتي مٺا ميوا آهن. هوا جي ٿڌڙي هير گهلي رهي آهي ۽ مٺي پاڻيءَ جون نهرون وهي رهيون آهن. هتي قبر ۾ پيغمبر ﷺ جي روشني موجود رهندي آهي. ان ڪري هتي نہ موت هوندو آهي، نہ فنا هوندي آهي."(8)

ڇا هو پنهنجي سسئيءَ جي آخري گذارش کان انڪار ڪري سگهيو ٿي؟ نہ.

"نہ هن جو يقين ائين هو نہ هن جو عشق ائين هو" هن دعا گهري. قبر ڦاٽي پئي ۽ هو ان ۾ اندر هليو ويو. اهڙيءَ ريت هن هڪ بزرگ جهڙي مٽيا ماٽي ورتي هئي.

اها بدنصيب ترائي ڏس. هن ماڳ جو نالو گهارو بندر آهي،(9) اهو ڪڇن گهرن، منهن ۽ پيهن تي مشتمل هڪ ڳوٺ آهي جيڪو هڪ دڙي تي اڏيل آهي، جيڪو شايد گهاري جي اڳئين ڳوٺ جي کنڊرن مٿان ٺهيل ڏسجي ٿو. هن جي پرسان هڪ ساموندي کاري آهي. اسان جي پيش قدميءَ وقت اها خشڪ هئي. امڪان آهي تہ سڪندر جي حملي واري دؤر ۾ سنڌوءَ جي صفا اولاهين ڇاڙهہ جو ڇوڙ هجي،(10) ٿي سگهي ٿو ائين نہ بہ هجي. نظر ائين ايندو جڻ "هن ماڳ جي چوڌاري سڪل سمنڊ ڇوليون

هٽي رهيو آهي." سارو تهه لوٽيانو ڏسڻ ۾ ايندو. نيڻ نهار تائين بريٽ بيابان، خشڪ جابلو علائقو ۽ پٽن جو اڻ ڪٽ سلسلو آهي جتي تيز هوائون جيڪي ڪڏهن سمنڊ کان خشڪيءَ طرف ۽ ڪڏهن خشڪيءَ کان سمنڊ طرف ۽ مٿي بيان ڪيل جابلو جوءِ ۽ وسيع لوٽياني بريٽ بيابان مان گهلنديون نظر اينديون آهن. جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي پاٽيءَ جا ڊُبا تلاءَ بيٺل ڏسبا آهن.

اوهان کي سامهون مسافر بنگلو (Travelers Bungalow) ڏسڻ ۾ ايندو. پر ان بنگلي نهڻ کان اڳ هتي ڪريٽ (milk_plant) جو هڪ گهاٽو جهنگ هو. هتي اوهان کي 18 _ بامبي. اين. آءِ ريجمينٽ جي سپاهين جي بئرڪن جا باقي بچيل بنياد به ڏسڻ ۾ ايندا. جيڪي 1844ع دوران هتي نهرايون ويون هيون. ان کان پوءِ هتي جيڪي فوجي سربراهه آيا تن کي بئرڪن ۽ بنگلن نهرائڻ جو ڪو خواب خيال ئي نه هو ڇاڪاڻ ته انهن کي يقين ٿي چڪو هو ته هاڻي سنڌ ۾ ڪنهن جنگ جو امڪان ڪونهي. پر اسان وارو زمانو ٻيو هو. ان وقت اسان سمجهي رهيا هئاسون ته سنڌ ۾ ايندڙ ڇهن پنجن سالن لاءِ جنگ جو امڪان رهندو.

سائين جان بل، هن ڏکويل ماتريءَ جي ڏکڻ واري هن حصي ۾ اونهاري جو گرمي پد 117 ڊگريون هوندو آهي پر تنبوءَ اندر 7 ڊگريون وڌيڪ گرمي تيندي آهي. اها گرمي وڌي وڃي 124 يا 125 ڊگريون ٿئي، ٿي. اهڙي گرمي مهينن تائين لڳاتار رهندي آهي ۽ سمجهبو آهي ته ماڻهو تنبوءَ اندر نه پر هڪ قبر اندر اڌ ڪباب جي صورت ۾ آرامي آهي. ماڻهو ڪٽي ڪيڏو به مضبوط ۽ سگهارو هوندو پر ڪيس اکيون سڙنديون پيو محسوس ٿينديون. ڪنن ۾ زوزاٽ هوندو متو چڪرائبو پيو. ننڊ ڪوهين ڏور، مانيءَ جو گرنهه به نڙيءَ کان هيٺ نه لهندو. اُمنگ ۽ اتساهه ختم ٿي ويندا آهن. ڳالهائبو ته زبان مان هڪ اکر به ڪونه اڪلندو ۽ ماڻهو سمجهندو ته هو مري چڪو آهي. جيڪڏهن هو هن گرم موسم جي آخر تائين زنده رهيو ته اوهان اهڙي ماڻهوءَ کي ڏسي اِهو سمجهندا ته هو گئلپنگ ڪنزمشن (Galloping Consumption) جو بيمار آهي.

ان کان پوءِ سمجهيو ويو ته يا ته رهائش لاءِ جڳهيون جوڙائجن يا سج جي گرميءَ ۾ سڙي پڇي وڃجي. تنهن ڪري فوجي سپاهين جي

زندگي بچائڻ واسطي جڳھون تعمير ڪيون ويون هيون. پر اهو سولو ڪم ڪونہ هو.

انهيءَ زماني ۾ هرڪو فوجي پنهنجيءَ پگهار ۾ الائونس تي گذر سفر ڪندو هو. هر ڪمانڊر پنهنجي هوم ريجمينٽ جي سپاهين لاءِ تہ سخي هوندو هو پر ايسٽ انڊيا ڪمپني جي فوج لاءِ سال ۾ هڪ پئسي خرچ لاءِ بہ ”نہ مان. نہ مان“ پيا ڪندا هئا. پر سنڌ تہ قرض ڪٽڻ واري ڳالھہ تي بہ پابندي هٽي چڏي هئي. اهڙو ڪم ڏنو وائنو ڏاڍ هو. اهو ڪمانڊر جيڪو پنهنجي سپاهين جي پگهارن تي انهيءَ ڪري ڏاڙو هٽي تو تہ جيئن پنهنجي دوستن کي دعوتون ڪارائي ۽ شراب پياري سگهي تہ اهو اعليٰ عملدار ۽ شريف انسان ٿي نہ سگهندو آهي. اهڙا ماڻهو جڏهن عزت وارن اصولن تي تبصرو ڪندا آهن تہ اسان انهن کي سنو ڪونہ سمجهندا آهيون. اسان جهڙن نادار ۽ محتاج قسم جي ماڻهن کي هنن جرئت ۽ بهادري جي جذبي کان جڙ پري ڪري ڇڏيو آهي, تنهنڪري آءٌ ۽ ٻيا ننڍا فوجي عملدار گرمين جي موسم دوران فوج جي هينين ملازمن وانگر تنبن ۾ گذاريندا آهيون. اسان مان ڪوبہ ان ڇتيءَ گرمي وگهي مري ڪونہ ويو. ڇاڪاڻ تہ اسان موسمي گرمي جا پڪل ٿانو آهيون. توهان پاڻ سوچيو تہ ائين ڪري سگهو ٿا يا اوهان ۾ ائين ڪرڻ جي صلاحيت آهي؟ اسان کي مجبور ڪيو پيو ٿو وڃي تہ جيئن اسان سالا مندر جيان حياتي گذاريون. گهاري واري سامونڊي ڪاريءَ جي ڪناري تي هڪ قديم ڳوٺ, جنهن اسان جون ڪيتريون ئي رانديون ڏٺيون آهن. هي ڳوٺ اڃا بہ ڪچن گهرن, مَنهن ۽ پيهن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي ڪانہ آئي آهي. ان کي تبديل ڪرڻ لاءِ اسان ڪهڙيون ڪوششون ڪيون آهن, اهي نئينءَ ٿهيءَ جي ڏاهپ ۽ سوچڻ جون ڳالهيون آهن. جڏهن انسان جي ڏاهپ عروج تي پهچندي تہ هو پاڻ ئي اهڙن ڳوٺن ۾ ڪونہ رهندو.

مان سمجهان ٿو تہ اوهان پهريون پيروُن تي سواري ڪري رهيا آهيو ۽ اوهان کي صبح جو سويل هڪ وارياسي پٽ ۾ ڇهہ ميل اهڙي سواري ڪرڻي پوندي. اٺ جيڪڏهن سانت ۾ آهي تہ ان جي پرسان وڃڻ مان ڪوبہ خطرو ڪونهي پر ان جي پنيان ايترو ويجهو نہ وڃجي جو لت هٽي سيڪاٽي رکي ۽ اڳيان بہ ايترو ويجهو نہ وڃجي جو چڪ هٽي وٺي. هن

جانور جي لت ۾ چڪ ڏاڍا خطرناڪ هوندا آهن. سندس چڪ شڪاري ڪتي وانگي هوندو آهي، جي چڪ وجهندو آهي تہ ڪيڻ مشڪل ٿي پوندو آهي، هن جي ڳچي ڊگهي ٿيندي آهي ۽ چڪ وجهي متي ست ڏيندو آهي ۽ اوهان جي ٻانهن جسم کان جدا ٿيندي دير ئي ڪانہ ڪندي آهي. اهو جڻ هڪ چوزي لاءِ ترڪيءَ جو ڪڪڙ آهي.

لانگ ورائي پاکڙي ۾ ويهڻ کان اڳ اوهان ان جي چڙيءَ کي لوڏي وجائي ڏسو جيڪا نيري رنگ جي مٽين سان پويل ڳانيءَ ۾ وڌي وئي اهي. جيڪڏهن اوهان بسڪوٽ مان ذرڙو پيچي سندس وات ۾ وجهندا تہ هي اُٺ اوهان جو ٿورائتو رهندو. ڏسو تہ اُٺ جي پاکڙي متان سوڙ بڌل آهي ۽ متان گاشو رکيل اٿس ۽ سولائيءَ سان ويهڻ واسطي وهاٽو بہ رکيل آهي. اُٺ جو پاکڙو جڻ گهوڙي جو هنو آهي جيڪڏهن اوهان اُٺ تي چڙهڻ مهل ان کي چڪ ڏيندا تہ هڪدم اٿي کڙو ٿيندو. سندس تڪڙو اٿڻ سوار کي ڏاڍو خراب لڳندو آهي. اوهان بلڪل چڱيءَ ريت اُٺ تي چڙهي ويٺا. هاڻي اوهان سندس مهار هٿن ۾ ونو ۽ ٿورو رُخ موڙيو. هن جانور کي هڪ پيرو رستي سان لائڻ کان پوءِ آزاد ڇڏي ڏيو آهي.

مان جڏهن پهريون پيرو اُٺ تي سوار ٿيو هئس تہ منهنجي لاءِ جڻ ڏچو ٿي ويو هو ۽ اوهان وانگر آرام سان سوار ٿي نہ سگهيو هئس. غلطي منهنجي هئي جو مان سواري واري اُٺ بدران لاڏو اُٺ تي چڙهيو هئس. اُٺ مست هو ۽ زوردار پيڪيون ڏئي رهيو هو ۽ مون کي ڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. جڏهن هن ڳچي ورائي منهنجي پير ۾ چڪ هڻڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي مون تلوار جي نوڪ سان سندس نڪ کي چوڪ ٿي ڏني. جڏهن اُٺ ڏنو تہ مون کي چڪ هڻڻ هن لاءِ سولو نہ آهي تہ هن ڪنڌن واري هر وڻ ڏانهن وجي ان کي چڪ هٽي ڪائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مون کي هيٺ ڪيرائڻ لاءِ وڻ جي ٿُڙ سان گهندي ڏئي گذرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. جڏهن ان ۾ ناڪام ٿيو تہ اڌ ڪلاڪ تائين هڪ هنڌ بيٺو رهيو. ڪيس اڙيون ۽ رُڳها بہ هنيم پر اڳتي وڌڻ کان نابري واري بيهي رهيو. ان کان پوءِ ڏاڍي چڱي طريقي سان ”چِڪَ“ تي هلڻ لڳو. مان بہ سندس مهار ڇڪي هن جو متو آٽي پاکڙي جي پرٽي سان لڳايو هو. هن وقت هو پلي گهوڙي جيان تيز هلڻ لڳو هو. منهنجا پاڳ پلا هئا جو رستو صفا سنئون سڌو هو. اوچتو سندس نڪ مان مهار نڪري وئي. هن

پنهنجي متي کي بہ ٽي ڀيرا جهٽڪو ڏنو. مون ڏٺو تہ سندس نڪ مان رت وهي رهيو هو. ان وقت سندس رفتار گهٽجي وئي هئي ۽ هن منهن ڪٽي هڪ گهاٽي جهنگ ڏانهن ڪيو.

مون ڏٺو تہ اڳيان پاٽيءَ جي چر هئي. مون کي بہ پُروڙ پئجي ويا تہ اُٺ جي نيت ۾ خلل آهي ۽ مون سان ضرور ڪا ويڌن ٿيندي. پاٽيءَ جي چر جي وٽ سان ترڪڻ ٿيندي آهي ۽ اُٺ ترڪندي دير ئي نہ ڪندو آهي ۽ هيٺ ڪري پوندو آهي. ڪڏهن تہ سندس پيٽ بہ ڦاٽي پوندو آهي. مان گهڙي کن لاءِ سوچڻ لڳس تہ يا تہ تلوار جي هڪ ئي ڏڪ سان هن جو متو بہ اڏ ڪريان يا ٽپ ڏئي لهي پوان. پوءِ جنگهہ ڀڄي يا ڇا بہ ٿئي. يا وري سندس مهارون ڍريون ڪري ڇڏيان ۽ ڪيس جيئن وڻي تيئن ڪري. مون ڏٺو تہ اُٺ چر جي وَٽ واري گپ ۾ بہ ٽي وال ترڪندو وڃي پاسي پر ڪريو.

هن صابرين جانور اٺ لاءِ عربن کي ڪجهہ وهم وسوسا هوندا آهن تہ سوار اُٺ تان ڪري ڪڏهن بہ نہ مرندو آهي. پر ڪيترا ماڻهو گڏهہ تان ڪري مري ويندا آهن. مان پاڻ بہ ڪيترائي ڀيرا اُنن تان ڦرندو گهرندو اچي هيٺ ڪريو آهيان پر مون کي ڪنهن بہ قسم جو ڪو نقصان ڪونہ رسيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هي جانور ڪرڻ مهل پاڻ سنڀالي گوڏن پر ويهي هيٺ ڪري پوندو آهي تنهنڪري سوار کي گهٽ نقصان پهچندو آهي.

جيڪڏهن اوهان جي سواريءَ وارو اُٺ اَٺ يا ڏهہ ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان ڊوڙي ۽ سمجهو تہ اُٺ جا ڊاڦوڙا وڻ جي ٽُڙ جيترا متي پيا وڃن ۽ سمجهو تہ اهو ايترو متي چال ڏئي رهيو آهي جو بنڊي ڪوٽ (bandicoot) جي پور کي ڇُهي سگهجي ٿو جيڪو ان جانور وڻ جي ٽڙ جي مٿئين حصي ۾ ٺاهيو آهي تہ سمجهو تہ اها خطري جي ڳالهہ آهي. اوهان جيڪڏهن اهڙي تيز رفتار اٺ تان هيٺ ڪرندا, اوهان جو هر هڏو هڏي کان الڳ ۽ چيلهہ چوڪٽي کان چٽ هوندي, ان سان گڏ متي بين ڪيل عربي اصطلاح جا وکا پڌرا ٿي پوندا. اوهان جيڪڏهن مسٽر اشيٽن سمٿ (Assheton Smith) جي طئي ڪيل اصول مطابق هيٺ ڪرندا تہ يقين ڪريو اوهان کي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. سندس اصول آهي تہ جيڪڏهن لاش کي ويهہ فوٽ مٿاهين تان هيٺ اڇلبو تہ سندس نَنڍو هڏو بہ ڀڄندو پر جيڪڏهن نشي ۾ الهوٽ ماڻهو کي گٽلري مان هيٺ اڇلبو تہ خير سان وڃي گهر پهچندو. ان اصول کي آڏو رکي اوهان بہ جيڪڏهن ڪٽڪ جي

ٻوريءَ وانگر اُٺ تان ڪري پوندا تہ اوهان کي ڪجھ بہ نہ ٿيندو. پر اوهان کي فقط پنهنجي حاضر دماغي کان ڪم وٺڻو پوندو ۽ پنهنجي عضون کي مٿل ماڻهوءَ جيان ڍرو ڇڏي ڏيندا. پلي اهي مُڙيل سڙيل صورت ۾ هجن. مٿان ڪرڻ مهل ماڻهوءَ جي جسم جون رڳون ٽاڻجي وينديون آهن. جيڪي هڏن پڇڻ جو سبب بڻبيون آهن.

رڻ پٽ جو هي بيڙو سنڌين جو جڻ سانبر (reindeer) هوندو آهي جنهن کي هتان جا ماڻهو هر ڪم ۾ ڪتب آڻيندا آهن. هن جانور جو کير بہ پيتو ويندو آهي جيڪو ذائقي ۾ ڪجھ لوڻيانو هوندو آهي، پر جيڪڏهن ماڻهو پيئندو ايندو تہ ان جو هيراڪ ٿي ويندو. هن جي کير مان مکڻ ۽ مختلف قسم جون مٺايون بہ ناهيون وينديون آهن. اُٺ جي ڪنوات جو گوشت کائڻ اسلام ۾ ثواب سمجهيو ويندو آهي. ان جو ذائقو گهوڙي جي گوشت کان بهتر ٿيندو آهي. ڏسڻ ۾ ڳابي جي گوشت جهڙو ايندو آهي.

سنڌ جا هزارين ماڻهو انهن علائقن ۾ اُنن پالڻ جو ڌنڌو ڪندا آهن جتي لئي ۽ ٻېر جو وڻ جام هوندو آهي. اهڙن علائقن ۾ اونا وڳ هيڏانهن هوڏانهن پيا وڙڪندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هن جانور جي سرواڻ کي جت ڪوٺيو ويندو آهي. هن قبيلي جا ماڻهو اٺن کي تجارتي آمدرفت ۾ سواريءَ لاءِ ڪم آڻيندا آهن. سنڌ ۾ اُٺن جا پندرهن قسم ٿيندا آهن. انهن مان چڙهيءَ جا پلا اُٺ ٻاهران ايندا آهن. ننڍي قد جا بجر اٺ مسقط ۽ مڪران سان واسطو رکن ٿا. قد جو وڏو ۽ رنگ ۾ سفيد اُٺ جيسلمير کان اچي ٿو. اٺ جو بختي قسم بخارا سان واسطو رکي ٿو. هن جو رنگ هلڪو ڪارو، چنگهون ننڍيون ۽ ٿوها بہ ٿيندا اٿس. گهوڙي گاڏي ۾ وهڻ وارا گهوڙا ايران بلخ ۽ بخارا کان ايندا آهن، هتان جي حڪمران هن قسم جي اٺ جي واپار کي گهٽو همٿايو هو. اهڙن اٺن جي قيمت پنجاهہ پائونڊ آهي جيڪڏهن اهو اٺ چڙهي لاءِ پلو هوندو تہ اها قيمت ڪا گهٽي ڪانهي. سواريءَ جو اٺ معنيٰ تہ هلڻ ۾ اُچهرو هجي!! (11)

سنڌ ۾ اُٺن کي سڪيا ڏئي وڏيڪ ڪمائتو نہ بنايو ويندو آهي، پر بنگال ۾ اُٺن کي بار چڪڻ جي سڪيا ويندي آهي. اهڙيءَ ريت هي جانور توبن کي ڏاڍي سٺي طريقي سان ڇڪي سگهندو آهي. اتر- اولهہ هندستان جي وارياسن پٽن ۾ ڏاڍي آسانيءَ سان توب ڇڪي سگهندو آهي، جتي

توبخاني جا گھوڙا ۽ ڏاند ڪم ڏئي ڪونہ سگھندا آھن. مون مصر ۾ ڏٺو تہ ھن جانور کي اُٺ گاڏن ۾ بہ استعمال ڪيو ويجي ٿو. پر اتي اھو ڪم مصري ماڻھو نہ پر فرينچ ڪندا آھن. ھي جانور بار کڻڻ ۾ ڏاڍو ڪمائتو ثابت ٿئي ٿو. جيڪڏھن مٿس ھلڪو بار لڏيو ويندو تہ مھينن تائين لڳاتار سفر ڪري سگھي ٿو. اھڙو وزن بہ سؤ پائونڊ جيترو ھجي. ھو راھہ ويندي رستي پرسان بينل وڻن مان چري پيٽ قوت بہ ڪندا ھلندا. پلي اوھان انھن کي ڪٽي ساھي نہ بہ پترايو. پر ان کي سفر دوران تيز نہ ھلايو وڃي، اھو بہ خيال رکيو وڃي تہ ھن جانور کي سفر دوران جَوَن جي اٽي جو اڌ سير پاٽيءَ ۾ ڳوھي پيڙا ٺاھي وات پٽي نڙيءَ ۾ اڇلايا وڃن. ايراني ماڻھو ھن کي نوالو سڏيندا آھن. جيڪڏھن جت ڏسندو تہ اُٺ لاءِ ڪم تمام گھٽو آھي تہ پوءِ گيھہ ۾ ينگ وجھي اُٺ کي ڪارايو ويندو آھي. رسدگاھہ جي سامان ڍوئڻ وارن انن جي گوشت اسان کي تمام گھٽو نقصان رسايو ھو. ان جو ڪارڻ اھو ھو تہ اسان احتياط ڪان ڪم ڪونہ ورتو. ٻي ڳالھہ تہ اسان کي اُنن جي گھٽين بيمارين بابت ڪابہ خبر ۽ ڄاڻ نہ ھئي. ھڪ ڏينھن چڙھيءَ جي ھڪ اُٺ کي اڇي پيٽ ۾ سور پيو اسان جي دوست چا ڪيو جو ان کي ڪوگنڪ شراب جي بوتل پياري چڏيائين. پوءِ تہ اڇي اُٺ کي نشو چڙھيو ۽ اڌ ڪلاڪ اندر اُٺ ان نشي ۾ مري ويو.

سنڌ ۾ اُنن کي ائين چؤتال ڪونہ ڊوڙايو ويندو آھي، جيئن عربستان ۽ بلوچستان ۾ رواج آھي.

سوار جي گھمايل چڙھيءَ جي اُٺ جو لس پنڌ (trot) ڏاڍو سھنجو ٿيندو آھي. ھن پنڌ کان سواءِ جي اُٺ کو بيو پنڌ ھلندو تہ سمجھبو تہ ھڪ بدران ٻن اُنن تي سوار آھيون، ڪيسي ۾ رکڻ وارو ڪمپاس يا سيڪسٽنٽ (Sextant) اھڙو اوزار آھي جيڪو سدائين ڪم ايندو رھندو آھي، جنھن وسيلي پتو پيو تہ سفر ڪرڻ وارن جانورن ۾ اُٺ وڌيڪ تيز ھوندو آھي. مون پنھنجي ذاتي تجربي مان ھيءَ ڄاڻ حاصل ڪئي تہ سنڌ جو اُٺ جيڪڏھن سنئين سڌي پٽ ۾ سفر ڪندو آھي ۽ رستي ۾ جھاڪا نہ ھوندا ۽ زمين پٿريلي نہ ھوندي تہ ھو ھڪ سيڪنڊ ۾ ھڪ وک کڻندو آھي جيڪا ھڪ گز جي برابر ھوندي آھي. ان حساب سان ھو ڪلاڪ اندر 3600 قدم کڻندو جيڪو ماپ جي حساب سان 3600 گز ٿيندو اھو فاصلو ٻن اسٽيچيوٽ ميلن ۽ اَسي گزن برابر بيھي ٿو. منھنجو

هي حساب وولني جي ڏنل انگن اکرن مطابق آهي. پر برنس جو خيال آهي تہ جيڪڏهن پٽ وارياسو ۽ سنئون سڌو آهي تہ اُٺ في ڪلاڪ ۾ 3700 گز سفر ڪري سگهي ٿو. هن اهڙو احوال پنهنجي ڪتاب "سفر" (Travels) جي ٻهرئين جلد ۾ ڏنو. مان سمجهان ٿو تہ سنڌس اهو حساب ذري گهٽ صحيح آهي، پر سنڌس اهو بہ چوڻ آهي تہ مهار جي لڏڻ جي حساب سان اهو فاصلو 3833 گز في ڪلاڪ بيهي ٿو. ڪئپٽن برنبئي (Burnaby) جو چوڻ آهي تہ اُٺ پوڻا ٽي ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان سفر ڪري سگهندو آهي. پر عام طور تي اُٺ ٻن کان اڍائي ميل في ڪلاڪ رفتار جي حساب سان سفر ڪري ٿو.

گهاري کان گجو ڳوٺ ٻارهن ميل کن پري ٿيندو. هي بہ ڊنل قتل ۽ پڙيانگ ٿيل ڳوٺ آهي، جنهن ۾ هڪ قديم دؤر جي ڪچي مسجد آهي، جيڪا آئيسلئنڊ (Iceland) جي گرجا گهر وانگر ڪتب ايندي آهي ۽ هتي مسافر اچي آرام ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ گهٽا ماڻهو آباد آهن. پر گند غلاظت ۾ چوٽ تي آهي. اسان پنهنجو لڏو وڃي هڪ وڏي انب جي ڇانوَ(12) ۾ لاٿو هو. هتي هڪ سيد بہ رهندو آهي. وٽس گهٽيون زالون آهن. ساڻس ملڻ ڏکيو آهي.

حوالا:

(1) سنڌ ۽ هنڌ ۾ سرڪاري نوڪري کي پگهار وارو روزگار سمجهيو ويندو آهي.

(2) هي ٽالپر امير آهي جنهن جنگ ۾ ڏاڍي بهادري جو مظاهرو ڪيو هو. سر چارلس ڪيس سنڌ جي شهيدن جي نالي سان سڏيندو هو.

(3) ڏسو باب 28

(4) هن قديم ماڳ جو واسطو سنڌين سان آهي. ان جي موجودگي مان پتو پوي ٿو تہ عربن جي حملي سنڌ تي ڪو اثر ڪونہ ڇڏيو هو. هي ڪنڊر 1854ع ۾ اي.ايف بيلاسس بہ ڏٺا هئا. جنهن سان ڪئپٽن گولڊ سمڊ بہ گڏ هو جيڪو هاڻي ميجر جنرل آهي. هن جو بيان ڪيل احوال مري جي هئنڊ بوڪ ص_449 تي موجود آهي. پر سنڌ گزيٽيئر ۾ وڌيڪ تفصيل سان نظر اچي ٿو.

(5) هيءُ مسلمانن جي بهشت سان تعلق رکندڙ وڻ آهي. ساڳئي وڻ جو ذڪر يهودين جي ڪتاب Apocrythal Gospels ۾ پڻ موجود آهي.

(6) هن لفظ جي معنيٰ سهڻي آهي. ٻي معنيٰ دنيا ۾ مشهور بہ ٿي سگهي ٿي.

(7) عفريت عربي لفظ آهي. ائنگلو_ايسٽرن شاعري ۾ Muse جي موجودگي ڏسجي ٿي جنهن کي afrit ۽ ayefrit بہ چيو ويندو آهي.

(8) هنن سٽن ۾ شهيدن جو ذڪر آهي. مسلمانن جو عقيدو آهي تہ جيڪو مومن ڪافرن سان جنگ ڪندي مارجي وڃي ٿو سو مري ڪونہ ويندو آهي. سندس قبر خدا جي نور سان روشن هوندي آهي. قرآن شريف ۾ ان لاءِ هڪ آيت سڄوري بہ موجود آهي. تنهن ڪري سڀ مسلمان سمجهندا آهن تہ شهيد سدا جيئرو هوندو آهي.

(9) هي سنڌي ٻوليءَ جو لفظ گهارو آهي. جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ "و" ڏسجي ٿو. گجراتي ٻوليءَ جي لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ بہ "و" موجود هوندو آهي. گهاري جي معنيٰ سنڌوءَ جو پراڻو پيٽ آهي. امڪان آهي تہ متان هي سنڌوءَ جو صفا الهندو ڦاٽ هجي.

(10) هي وهڪرو سڪندر جي حملي واري زماني ۾ ڪونہ هو. ٿي سگهي ٿو تہ هي سنڌوءَ جو اولهائون ڦاٽ هجي. ڏسو باب 28

(11) هيءَ هڪ ٿوهري واروانٽ آهي جيڪو مهريءَ ۽ لاڏو وَهڻ طور ڪم آندو ويندو آهي. هن لفظن کان اڻ واقف ماڻهو غلطيءَ جو شڪار ٿي ويندا آهن.

(12) ٿوپ وٽن جي جهڳٽي لاءِ ڪم ايندو آهي. پر خاص ڪري انبن جي وٽن لاءِ ڪتب اچي ٿو.

باب ستون

# ٺٽو ۽ ان جي پر واري مقدس ٽڪري

هتي نگر (Nagar) کي ننگر (Nangar) ڪري اُچاريو ويندو آهي. ننگر ٺٽي جي معنيٰ آهي ٺٽي جو شاندار شهر. هي شهر اهم شخصيتن ڪري بہ گهڻو مشهور آهي. اسان پنهنجي ڪئمپ اچي مڪلي ٽڪريءَ هيٺان هڪ تلاءَ جي ڪناري سان ڪئي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن مڪليءَ تي گهمي ڦري ڪي چڱيون جايون ڏسي وٺجن. هيءَ ٽڪري ٺٽي شهر کان اٽڪل هڪ ميل ڏکڻ۔ اولهہ طرف آهي. ڪراچي هتان کان اٽڪل سٺ ميل پري ٿيندي. اسان ان ماڳ کان اٽڪل ڇهہ ميل دور آهيون، جتان سنڌو ٻن حصن ۾ ورهائجي ويندو آهي، جن مان هڪ ڇاڙهہ کي ساتا يا سيتا ۽ ٻيءَ کي بگهاڙ سڏيو ويندو آهي. جڏهن تہ ساتا اوياريون ۽ بگهاڙ اولاهيون وهڪرو آهي. هي ماڳ نهايت اهم آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو ٺٽو قديم زماني ۾ اهم تجارتي شهر هوندو هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ ٺٽو سڪندر واري قديم دؤر جو شهر پٽالا آهي. ماڻهو زبان سان تہ ائين چئي وجي ٿو ڇاڪاڻ تہ ٺٽي وٽان درياءُ ائين ٻن حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿو جيئن سڪندر واري دؤر ۾ ساڳيو درياءُ پٽالا وٽان ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجي ويندو هو. جن مان هڪ اوڀر ۽ ٻيو اولهہ وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو.

مئڪمرڊو (Macmurdo) جي بيان مطابق، ٺٽي شهر جو بنياد 1552ع ۾ رکيو ويو هو. ٺٽي جو لفظ ٺٽي مان ورتو ويو آهي جنهن جي معنيٰ درياءَ جي ڪناري وارو شهر. پر سنڌو هاڻي هن ماڳ کان چار پنج ميل پري آهي.

ڪنهن زماني ۾ هي لاڙ يا ڏکڻ سنڌ واري علائقي جي راڄڌاني هوندو هو پر هاڻي ڏنو ڦٽو پڙپانگ لڳو پيو آهي. ڪڏهن سندس آدمشماري ٽي لک هوندي هئي، جيڪا شايد وڌائي ٻڌائي وئي آهي. هن وقت سندس آدمشماري پنج هزار کن ٿيندي. برنس جي بيان مطابق هن شهر جو گهيرو

تيهه ميل هو[1]. جيڪو هاٽي گهٽجي ڏهن ميلن تي اچي بيٺو آهي. هتي شالون ۽ پٽ جو بيو ڪپڙو اُڃندو هو جنهن جا پنج هزار آڏاٽا هئا. هن قسم جو ڪپڙو وچ ايشيا ۾ تمام گهڻو مشهور هوندو هو. پر هاڻي اهڙا اڏاٽا ڏهه يارهن کن مس ٿيندا. هتي لنگيون بہ اُڃنديون آهن. جيڪي پَٽ ۽ سُٽ جي ڌاڳي سان ملائي ناهيون وينديون آهن. هتي هڪ قسم جو ڪپڙو اهڙو بہ جڙندو هو جنهن ۾ پٽ ۽ سون جو سڳو ڪتب آندو ويندو هو. اهو جڻ پيريپلس (Periplus) جو زوئناءِ (Zonae) هو. چيو ويندو آهي تہ هتي چار سؤ ڪاليج هئا. پر هاڻي تہ انهن مان بہ نہ رهيو آهي. هتي اورنگزيب (1661ع) جي نهرايل هڪ جامع مسجد آهي، جيڪا دهليءَ طرفان مقرر ڪيل ٺٽي جي نواب تعمير ڪرائي هئي. هن وقت مذڪوره عمارت جي چوڌاري پري ۽ ويجهو ڊنل ڦٽل ۽ جڏيون سڏيون ڪي جڳهون آهن. شهر جي گهٽين ۾ ڪچين سرن جي ٿوٽن جا ڍير لڳا پيا آهن جتا هر آيو ويو ٿابا کائيندو گذرندو آهي. ڪٿي وري جڳهون ڊهي پيون آهن ۽ ماڻهن جي اڄ وچ ڪري اتان جڻ تہ چؤسول بڻجي ويو آهي. درياءُ جي چاڙهہ واري موسم ۾ هن شهر جو هڪ نہ بيو حصو پاڻي ٻوڙي ڇڏيندو آهي. ٻوڏ ستايل ماڻهو ٺٽي ۾ وري آباد ٿيڻ بدران ڪراچي يا حيدرآباد ڏانهن هليا ويندا آهن. جيڪي هاڻي ايرندڙ ۽ ترقي ڪندڙ شهر آهن. هن شهر کي بيو گهاءُ تہ ريلوي رسايو آهي جيڪو هن کان پري ڪراچيءَ ڏانهن وڃي ٿو نہ تہ اڳي ڪراچيءَ ڏانهن ويندڙ رستو ٺٽي وچان گذرندو هو. موٽڻ وقت اوهان اهڙي صورتحال کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهندا.

اڳي هتي اچبو هو تہ ماني مسافرن واري بنگلي ۾ کائيندا هئاسون. بورچي (Messman) هڪ پورچوگيز هوندو هو. پر جڳهہ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي آهي، جيڪا ڪڏهن هتي واپاري ڪوٺيءَ جي نالي سان مشهور هئي، جنهن کي پنهنجي هڪ تاريخ آهي. سن 1757ع ۾ هن ملڪ جو حڪمران غلام شاهہ هو جنهن جو تعلق ڪلهوڙا گهراڻي سان هو. هن حڪمران ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي هتي واپاري ڪوٺي قائم ڪرڻ جي موڪل ڏني هئي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن سنڌ ۽ هندستان وچ ۾ تجارت جي همت افزائي ڪري سگهجي. پر سنڌ ۽ هندستان وچ ۾ قائم ٿيل هي تجارتي تعلقات 1775ع ۾ سرفراز ڪلهوڙي ختم ڪري ڇڏياهئا. هيءَ واپاري ڪوٺي مسٽر ڪرو (Crowe) جي زماني ۾ قائم ٿي هئي، جيڪو

ان زماني ۾ ڪمپنيءَ طرفان ريزيڊنٽ مقرر ڪيو ويو هو. هن واپاري ڪوٺيءَ زماني جون ڪيئي لاهيون چاڙهيون ٻه ڏٺيون. مون کي اهي ڏينهن چڱيءَ ريت ياد آهن جڏهن مان هن تاريخي جڳهه اندر مشهور فوجي سپاهي سر رابرٽ سيل (Robert Sale) سان گڏجي ناشتو ڪيو هو جنهن کي اسان مليٽئرس (Melitaires) ڪري سڏيندا هئاسون. ڇا ته فوجي شان ۽ مانُ وارو مڙس هو. هن جڳهه ۾ هڪ وڏو چؤڪنڊو صفو هو. جنهن جي چوڌاري ڪاٺ جي ٺهيل گئلري هئي، هن جي تعميري طرز انگلش اِن جهڙي هئي. ماڻهو هتي ويهندو هو ته سمجهندو هو ته هو جڻ هولبورن (Holborn) ۾ ويٺو آهي. هن وڏي صفي واري تعمير جي ابتدا پهريائين آفريڪا ۾ ٿي، جتان کان عربستان، پوءِ اسپين ۽ بعد ۾ گالوي (Galway) کان ٿيندي انگلنڊ پهتي هئي. هن قسم جي تعمير جو مقصد تحفظ ۽ گوڙ شور کان پاسي رهڻ هو. هيءَ تعمير جي نهايت قديم طرز آهي، جنهن کان مهذب دنيا گهٽ واقف آهي. هن جڳهه جي صفي جي چوڌاري ڪمرا وڏاءِ ڪشادا هئا. انهن مان ڪن ڪمرن جا فرش ۽ ڇتيون ڌهي ويون ۽ ڌڄ پيو ٿيندو هو ته متان ڇت ڌاهو ڏئي اچي پٽ پوي. هڪ اوچيءَ ڏاڪڻ وسيلي مٿي چڙهي ڇت تي پهچبو هو جتان بيهي ڪي حسين منظر ڏسبا هئا. مسٽر جان بل، سنڌي پنهنجي گهرن جي ڇتين تي سمهندا آهن، تنهنڪري ان کي وڏيڪ سينگاريندا ۽ سنواريندا آهن. اوهان ڏسو ٻه جوان ڇوڪريون آهن، جيڪي ڪينهوءَ سان راند ڪيڏي رهيون آهن. سنڌن متا اُگهاڙا آهن. ڪين سنهيءَ ململ جون قميصون پاتل آهن، جيڪي ڏاڍي سادي نموني سان سبيل آهن. هو تيز ڊوڙي رهيون آهن ۽ ڪينهوءَ لاءِ هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏئي رهيون آهن. اوهان ڏسو ته ٽينگ ٽپن ڏيڻ ۾ صفا انگريز ڇوڪريون پيون محسوس ٿين.

ٿورو پريان هڪ گهريتڙي عورت پنهنجي ڪم کي لڳي پئي آهي، جيڪا ڪتون ٻاهر ڪيڍي انهن مٿان هنڌ وڇائي رهي آهي. اهي ڪتون ٻن ٻانهين ۽ ٻن سيروئن ۽ چئن پاون تي مشتمل آهن ۽ تنبوءَ ۾ رکيل ڪٽ جهڙيون آهن. پر نهواڙ بدران واڻ سان واٽيل آهن. مٿن پٽراٽيون وڇايل آهن.

ماڻهن جو هڪ ٽولو نماز پڙهڻ لاءِ گڏ ويٺو آهي. سفيد ۽ ڊگهي ڏاڙهيءَ سان گهر جو وڏو ڪين قرآن شريف جي قرائت سيکاري رهيو آهي هن منظر ۾ ڪيڏو نه اعتقاد نظر اچي رهيو آهي ۽ ٻارڙن جو آواز ڪيڏو

خوبصورت پيو لڳي. اوهان گهبرايو نہ. هو اهڙين ڳالهين ڪري گهبرائجي مُنجهي ڪونہ پوندا. ڪين هر چيز طوطي ۽انگر ياد آهي. هو هيڏي هوڏي نهاري رهيا آهن. پر سندن قرائت جو سلسلو جاري آهي.

سج لهڻ واري جهونجهڪ ۾ اوهان کي اڇو ڄڻ جهڙي سفيد- پوري شيءِ نظر اچي رهي آهي. هڪ ماڻهو آهي جيڪو وضو ساري رهيو آهي. هنن علائقن ۾ وضو ڪرڻ هڪ روايت آهي.

مسٽر جان بل، اوهان کي ڪو آواز ٻڌڻ ۾ اچي پيو. اهو هڪ ڇوڪري، جو آواز آهي جنهن جا ڏڳها وار ڪلهي کان هيٺ لڙڪي رهيا آهن. اوهان کي ياد هوندو تہ جنهن وقت اسان بنگلي اندر داخل ٿي رهيا هئاسون تہ اوهان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو هو. اهو ڇوڪرو اوهان ڏانهن وڌي رهيو آهي جيڪو ويجهو اچي اوهان کي چوندو تہ "سائين اوهان کي ڪجهہ کپي؟" پر اوهان ان ڇوڪري تي گهوڙي وارو لڪڻ اُلارجو يا هوريان ڪري هٽي وڃجو. اهو ڇوڪرو ڪجرين يا ناچڻين جو پڙوو آهي ۽ انهن لاءِ گراهڪ تاڙيندو وتندو آهي. اوهان شادي شده ۽ گهر جا وڏا آهيو. اوهان پنهنجي زندگي شان ۽ وقار سان گذاري آهي، مان اوهان کي اهڙي اجازت نہ ڏيندس تہ ٺٽي جهڙي بدنام شهر ۾ توهان اهڙيون گنديون حرڪتون ڪندا وتو. هتي رڳو مسافرن لاءِ هڪ بنگلو ڪونهي، پر هتي پوليس ٿاڻو ۽ ڪورٽ بہ آهي. هڪ ڊسپينسري بہ آهي، جنهن جي نظرداري يورپ- ايشيا جا ماڻهو ڪندا آهن جن جو واسطو دوا درمل سان هوندو آهي. صبح ويل تڏ هوندي آهي ۽ تڏڙي هير پئي گهلندي آهي، جيڪڏهن ان وقت هلي ڪلياڻ ڪوٽ گهمجي تہ ڏاڍو سنو ٿيندو. هي پراڻو ماڳ ٺٽي شهر کان ڏيڍ ميل کن پري ٿيندو. اسان گهوڙن تي سوار ٿي ٻن ميلن کان ٿورو وڌيڪ پنڌ ڪري وڃي مڪليءَ جي ويجهو پهتاسون. هيءَ ٽڪري شهر کان هڪ ميل ڏور اولهہ ۾ واقع آهي جيڪا هڪ ميل ويڪري، اٺ ميل ڊگهي، هڪ سؤ کن فوٽ اوچي ٿيندي ۽ اتر کان ڏکڻ ڏس تي پکڙيل آهي. اسان هڪ سنهي جهنگ مان گذري رهيا آهيون جنهن جو ڊگهي ۾ ڊگهو قد ان لڪڻ جيترو ٿيندو جنهن سان ڪو شريف ماڻهو ٽيڪ ڏئي هلندو آهي. هتي ڪارڙي تتر جي لات ٻڌڻ ۾ اچي رهي آهي، شايد اها ٽڪرين جي وچ واري ميداني علائقي مان اچي رهي آهي. (Hoopoo) بہ اسان جي آڏو ٽپڪيون ڏئي گذري رهيو آهي. چنڊول (Lark) بہ اسان کان چرڪي ڪونہ ٿو ۽ اسان جي ويجهي اچڻ تي پڙڪي ڏئي وري ٿورو پري اسان جي

رستي تي ويهي رهي تو. اسان کي هلندي ڏسي ڪانوَ ڪان ڪان ڪري ڇڻ اسان جو جائزو وٺي رهيا آهن. جهنگلي ڪبوتر بہ اسان مٿان اُڏامندا نظر اچي رهيا آهن. ٻگڙا تتر بہ اسان جي ويجهو گهمي ڦرن پيا. سهڻ جهڙو ڍڄڻو جانور اسان کان ڪونہ تو ڇرڪي، سندن قد جهنگلي ٻلي َکان تورو وڏو آهي. گدڙ ساري رات هنن جي ڪڍ لڳا رهيا آهن تہ جيئنءَ انهن کي شڪار ڪري سگهن. هاڻي اسان کي ڏسي بيهي رهيا آهن ۽ چالاڪ نظر سان اسان ڏانهن ڏسي رهيا آهن ڄڻ اهي پگهاردار عملدار هجن ۽ هر جانور جي چُرپُر تي ڳجهي نظر رکڻ واسطي مقرر ڪيا ويا هجن. ڪلياڻ ڪوٽ جي سنسڪرت ۾ معنيٰ آهي سکيو ستابو يا شاداب قلعو. ڪنهن زماني ۾ هي نهايت مشهور قلعو هوندو هو. اسان جي انگريزن جو خيال آهي تہ هيءُ قلعو سڪندر اعظم تعمير ڪرايو هو. هتان جي ماڻهن جو خيال آهي تہ هي قلعو جنن پرين ٺاهيو آهي. سر اي. برنس (A. Burnis) ۽ ووڊ (Wood) هن قلعي جو نالو ”ڪلان ڪوٽ“ ٻڌايو آهي، جيڪو غلط آهي ۽ جنهن جي معنيٰ آهي وڏو قلعو. هتان جا مسلمان هن کي تغلق آباد سڏيندا آهن. پر هنن مان ڪوبہ اهڙو ماڻهو نہ آهي جو هن تعمير کي مقدونيا جي ماڻهن ڏانهن منسوب ڪري. هن جي تعمير مان پتو پوي ٿو تہ هي بارود جي ايجاد واري زماني کان گهڻو اڳاتو آهي. قلعي جا چبوترا گول ۽ ڪچا آهن جن جي چوڏاري پڪين سرن جي اوساريءَ جو تهہ ڏنو ويو آهي. اهڙا چبوترا هڪ ٻئي کان تير جي مار ڪرڻ جيتري فاصلي تي پري آهن. قلعي جي اندرئين پاسي کان چوڏاري مٽيءَ جو پراءُ وجهي دمدمو ٺاهيو ويو آهي تہ جيئن قلعي اندر رهندڙ فوج قلعي جي چوٽيءَ کي چڱيءَ ريت گهمي ڦري دشمن سان مقابلو ڪري سگهي. ان ڪري هن قلعي جي ڪنڊرن اندر هڪ وڏو تلاءَ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هاڻي اهڙي تعمير ڍهي ڍير ٿي وئي آهي، جيڪا پري کان ڳاڙهي ٽڪري جي صورت ۾ نظر ايندي آهي ۽ ڳاڙهاڻ پڪين سرن جي ڳار ڪري ڏسبي آهي. هتي سنڌي طرز جي هڪ عمارت جا ڪنڊر آهن جنهن جي تعمير ۾ بوهڻ سرن ۽ ڪاشيءَ جي سرن کي ڪتب آندو ويو آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ اوَساريءَ ۾ ڪهگيل گارو استعمال ٿيل آهي. اهڙي معلومات اسان کي باقي بچيل هڪ ٻن ٽنين ۽ ڦبن واري عمارت مان پوي ٿي، جنهن ۾ هاڻي فقط ڪبوتر رهندا آهن. ڪڏهن هتي ماڻهو بہ رهندا هئا.

اسان گهوڙن تي چڙهي، ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تان گهمندا ان جڳهه وٽان لنگهياسين جتي ڪڏهن 22 ۽ 26 ريجمينٽ ۽ نئيٽو انفنٽري اچي قيام ڪيو هو. هي اهو زمانو هو جڏهن ”بامبي فرسٽ“ هن ملڪ تي قبضو ڪري ورتو هو. ڪجهه مهينن جي قيام کان پوءِ هتي رهندڙ فوج بدنظمي جو شڪار ٿي وئي هئي يا بين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته اها تباهه ٿي چڪي هئي. ڪين وچڙندڙ بيماري اچي لڳي هئي. ساڳئي سال جي آگسٽ کان وٺي جنوريءَ تائين 1576 مريض اسپتال ۾ داخل هئا. هاڻي اتي ڪئمپ جي ڪنهن به عمارت جو نالو نشان به موجود ڪونهي. سنڌ جي هن لاڙ واري حصي ۾ ڪاٺ قيمتي شيءِ تصور ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن اهو ڪنهن نڌڻڪيءَ جاءِ ۾ پيل هوندو آهي ته ماڻهو ڪڍي وجي پنهنجي جاين ۾ ڪتب آڻيندا آهن. اهڙي بربادي‌ءَ کان جڳهن جا بنياد بچي ويا آهن، جيڪي ظاهر ظهور نظر اچي رهيا آهن. انهن جي چوڌاري کوٽيل خندق جا نشان به موجود آهن. امڪان آهي ته اها خندق هڪ صديءَ تائين ڪم ڏئي سگهي ٿي. هتي مينهن ٿورو پوندو آهي، تنهنڪري اهڙا نشان گهڻي وقت تائين ڊهي ختم ٿي ڪونه سگهندا، ڇاڪاڻ ته زمين پڪي آهي ۽ منجهس سنهي پٽري مليل آهي.

## ٺٽي جو اهم جايون

سنڌ يعني نئينءَ مصر ۾ وڏيڪ مشهور اتان جا قديم قبرستان آهن. هر وڏي شهر پرسان سوين بلڪ هزارين شاندار قبرون ڏسڻ ۾ اينديون. هتي اهو رواج آهي ته انهن قبرستانن ۾ ڪنهن ٻيءَ ذات واري ماڻهوءَ جو لاش دفن ڪونه ڪيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌ جو ماڻهو ڌار ڌار قبيلن سان واسطو رکي ٿو. تنهنڪري چاهيندو آهي ته سندن قبرستان به الڳ هئڻ گهرجن. هنن مري ويل ماڻهن کي پنهنجن مٽن مائٽن گفتگو ڪرڻ ۾ سهوليت ملندي ۽ وارثن کي قرآن بخشڻ ۾ سولائي ٿي ويندي. هتي جا ماڻهو سمجهندا آهن ته جيڪڏهن ڪنهن بزرگ جي پرسان دفن ٿبو ته بخششون ۽ خدا جون رحمتون نصيب ٿينديون. اهي فقط جذباتي ڳالهيون آهن، جن ۾ فائدي کان نقصان وڌيڪ آهي. هي مارچ جو مهينو ۽ سال 1876ع آهي. اسان کي ڪالرا ۽ پليگ جو ڏاڍو خوف آهي. هن قسم جون بيماريون ايراني نار کان شروع ٿيون آهن. ايراني پنهنجا لاش وڃي

ڪربلا ۾ دفن ڪندا آهن. تنهنڪري ڪربلا هاڻي اهڙين بيمارين جو مرڪز بڻجي پئي آهي.

مڪليءَ جي ٽڪريءَ کي نهايت مقدس ماڳ سمجهيو ويندو آهي. چيو ويندو آهي تہ هتان جي هڪ مشهور بزرگ سما خاندان جي هڪ مشهور حڪمران جام تماچي (1500ع) کي مڪلي ٽڪريءَ تي هڪ مسجد تعمير ڪرڻ جو چيو هو جنهن کي هو مڪـلي جي نالي سان سڏيندو هو. مڪـ لي جي معنيٰ آهي "مڪي وانگر" اهو نالو مسجد جي ادب ۽ احترام خاطر رکيو ويو هو. (2) هن بزرگ اهو بہ حڪم ڪيو هو تہ پير پني(3) بدران هن ماڳ کي وڏيڪ اهم تصور ڪيو وڃي. مذڪوره ماڳ بگهاڙ واري سامونڊي ڪاري پرسان موجود آهي. ان کان سواءِ هن ٽڪريءَ ۾ هڪ مشهور بزرگ ميان ملوڪ جي بہ قبر آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ مڪليءَ تي ڪڏهن امام حسن رضي الله عنه ۽ امام حسين رضي الله عنه بہ ايندا هئا. هتي هڪ قصو مشهور آهي تہ هڪ اڻ پڙهيل ڏنار پنهنجون ٻڪريون ڪاهي وڃي مڪليءَ ٽڪريءَ تي چاريندو هو. هن ڏٺو تہ سندس ٻڪريون سدائين هڪ ماڳ وٽان پاسو ڪري گذرنديون آهن. ان کان سواءِ ڪي ماڻهو هڪ قسم جو منظر ڏسندا هئا. جيڪو ڪين سمجهہ ۾ ڪونہ ايندو هو. تنهن ڪري هن اهڙي ڳالهہ وڃي ان دؤر جي ٻن مشهور عالمن کي ٻڌائي، جن استخارا ڪري هڪ جاءِ تي پٿر ڏئي حدبندي ڪئي ۽ چيو تہ اتي هڪ بزرگ دفن آهي ۽ سندس احترام کان ٻڪريون پاسو ڪري گذري وينديون آهن. بعد ۾ ٺٽي جي هڪ نواب اتي هڪ مقبرو تعمير ڪرايو ۽ ڏينهون ڏينهن سندس احترام وڌندو رهيو.

هتان جا ماڻهو چاهيندا آهن تہ سندن لاش جيڪر مڪليءَ تي دفن ٿئي. مڪليءَ جو قبرستان هم چورس ڇهہ ميل ايراضيءَ تي مشتمل آهي. هتان جي ماڻهن جي حساب مطابق هن قبرستان ۾ اٽڪل هڪ ملين (ڏهہ لک) قبرون آهن. جن مان ٽي هزار قبرون بزرگن ۽ درويشن جون آهن. تنهن ڪري هي قبرستان نهايت مقدس تصور ڪيو ويندو آهي. پٽر دل ڪيون (Kevin) چيو هو تہ ڪيس الله تعاليٰ حڪم ڪيو آهي تہ جيڪي ماڻهو سنتن ۽ گرجا گهرن جي دائري اندر دفن ٿيندا تن کان قيامت ڏينهن ڪوبہ پڇاڻو ڪونہ ٿيندو ۽ بهشت ۾ هليا ويندا. ساڳيءَ ريت مسلمان درويشن بہ اهڙو اعلان ڪيو آهي تہ هنن الله تعاليٰ کان اجازت ورتي آهي تہ هو قيامت ڏينهن مڪليءَ جي قبرستان وارو ٽڪرو ڪٽي وڃي بهشت ۾ رکندا. تنهن

ڪري اهڙن قسمن جي قبرستانن ۾ دفن ٿيڻ به هڪ عياشي آهي جنهن لاءِ ڪجهه نقد رقم ادا ڪئي ويندي آهي.(4)

مڪليءَ جو پري کان نظارو ماڻهوءَ کي مست ڪري ڇڏيندو آهي. هن ٽڪريءَ جي اوچي چوٽيءَ تان بيهي ڏسبو ته ٺٽي جو شهر ان جي سر اوير آهي. مڪليءَ واري مشهور عيدگاهه به ٽڪريءَ جي هن اوچي ٽاڪ تي آهي. جتي مسلمان ٻن عيدن جون نمازون اچي پڙهندا آهن. هن جي چوڌاري وڏيون پٽيون آهن. عيدگاهه جو محراب مٿي اوچو آهي، جتي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ نهيل آهي. هن محراب جي ٻنهي پاسن کان نازڪ ۽ نفيس منارا نهيل آهن. امام خطبو به هن محراب ۾ بيهي پڙهندو آهي. تحريرن مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ عيدگاهه دهلي جي نواب يوسف 1043هه - 1633ع ۾ نهرائي هئي. عيدگاهه جي پٺئين پاسي ڪيترين ئي ڇٽيون ۽ مقبرا نهيل آهن، جن مان گهڻين کي زلزلن ۽ وقت ڊاهي ڪنا ڪيڙا ڪري ڇڏيو آهي. اهڙا ڪي مقبرا ۽ ڇٽيون به آهن جيڪي وارثن جي سارسنڀال ۾ معتقد ماڻهن جي نظرداري ڪري بچي ويون آهن. ڇٽين سان ڇانيل مقبرا، ونگون، وڏا ڦاٽڪ ۽ خوبصورت ٿلهه. سڀ پنهنجي تعمير جا نادر نمونا آهن. هنن تعميراتن جو هڪ ڊگهو سلسلو نظر ايندو جيڪو ڊنل ڦتل جاين جي ڍيرن منجهان اوچو ڳاٽ ڪيو بيٺل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هنن مٿان گلِ پيچان (ivy) جي وَل پنهنجي سائي رنگ ۾ ور وڪڙ ڪائيندي نظر ڪانه ايندي، جنهن کي بيڪس (Bacchus) (5) گهڻو پيار ڪندو آهي. چوڌاري پٿرن جا ڪوڙ ڏسڻ ۾ ايندا. اهي ائين تازا لڳندا جڻ چري ڪوٽي انهن کي بنيادن ۾ اڄ رکيو ويو آهي. وقت ۽ هتان جي ٽٽهڻ اُس انهن جو رنگ اباٽي نه سگهي آهي. چوڌاري سڪل گاهه جا ٿها ۽ ٻير جا وڻ نظر ايندا، جن جون ٽاريون تيز واءُ ڪري هڪ پاسي لڙيون بيٺيون آهن جن تي هڪ به سائو لُڱُ ڪونه آهي. جنهنڪري هتان جو وايومنڊل وڏيڪ اُداس ٿي پيو آهي. گهڻين تعميراتن جو تعلق ڇامن، نوابن، اميرن ۽ سيدن سان آهي. سنڌن نقش و نگار کي ڏسي يقين سان چئي سگهجي ٿو ته هنن جي جڙي راس ٿيڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ويو هوندو. ڪي تعميراتون اهڙيون به آهن جن ۾ نهيل هڪ قبي جي چوڌاري ڪيترائي ننڍڙا قبا نهيل آهن جيڪي ڪٽي هڪ ته ڪٽيءِ ٻن ٿلهن جي آڌار تي مٿي بيٺل آهن ۽ چوڌاري گٺلري ڦري اچي ٿي ۽ منجهن صفن جهڙي جڳهه به موجود آهي. اهڙين عمارتن جي ڇٺن پاسن کان ڪُنڊائتين ونگن سان لنگهه آهن. هتي ڪي

اهڙيون تعميراتون بہ آهن جن جي چوڌاري اوچيون ديوارون آهن ۽ اچڻ وڃڻ لاءِ چئن ئي پاسن کان ڦاٽڪ آهن ۽ اندر ڪشادو صحن آهي. ڪن اهڙين تعميراتن اندر سنگ مرمر جون چٽيون نهيل آهن جيڪي نازڪ ۽ نفيس ٿلهن تي بيهاريون ويون آهن. اهڙن جڳهن تي لکيل ڪتبن وارا پٿر بہ پور وچوٽ تي لڳل نظر اچن ٿا. ڪجهہ تعميراتون پڪين سرن ۽ ڊِچ طرز جي ڪاشيءَ جي رنگين سرن سان جڙيل آهن ۽ قديم روم جي عمارتن جهڙيون آهن. اهڙو ڪو پٿر نظر ڪونہ ايندو جنهن تي ڇيڻيءَ جي مدد سان نازڪ ۽ نفيس نقش نگاري ٿيل ڪانہ هوندي. سرون ٺاهيون بہ ڪاريگريءَ سان ويون آهن ۽ ڪين پچايو بہ وڏي ڏاهپ سان ويو آهي، هٿ ۾ کٽي ڪين وڄائي ڏسبو تہ اُهي ڌاتوءَ وانگر وڄنديون ڏسبيون ۽ چمڪنديون بہ شيشي وانگر. انهن سرن کي جيڪڏهن رنگ هڻبو آهي تہ ميناڪاري enamel جيان پيون چمڪنديون آهن. ڳاڙهي واڱڻائي تر تي لکيل سفيد وڏا اکر ڏاڍا سهڻا لڳندا آهن. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ ڪاريگر ايران جا آهن جيڪي مشرف ۾ پنهنجي هن ڏنڌي ڪري ڏاڍا مشهور معروف آهن، حيدرآباد دکن ۾ هن کي چمڪندڙ چيني گنبذ ڪري سڏيو ويندو آهي. هندستان جي دکن واري علائقي ۾ جيئرن جاڳندن ماڻهن جي رهائشگاهہ کان وڌيڪ خوبصورت مئل ماڻهن جا مقبرا هوندا آهن جيڪي بي انتها چمڪندڙ ۽ خوبصورتيءَ ۾ بي مثال هوندا آهن. انهن ۾ اُداسي وارو ڪو تاثر نہ هوندو آهي نہ وري نقش و نگار ۾ هڪجهڙائي هوندي آهي. اهڙي قسم جي تعميري طرزن ۾ خوشي پئي ٻهڪندي آهي جن ۾ چمڪندڙ سج ۽ گهاٽي نيري آسمان جو تاثر ملندو آهي. جتي ڪکر جو ڪوبہ نانءُ نشان نہ هوندو آهي. رنگ بہ ايڏا پڪا ۽ چمڪندڙ جيڪي ڪڏهن بہ اباٽجي ڪونہ سگهندا آهن. رنگن جي استعمال ۾ تضاد وارو تاثر ملندو آهي جيڪو هن ڌرتيءَ تي پنهنجي شان ۽ شوڪت جي نمائندگي ڪندو آهي.

اسان هن ٽڪريءَ تي گهمي رهيا آهيون ٻر هر وک تي هڪ نہ ٻيو فقير پنڻ لاءِ موجود هوندو آهي. جيڪو هٿي آيل اوپرن ماڻهن کي تنگ ڪندو آهي، جيڪڏهن هنن ماڻهن کي خيرات نہ ڏبي آهي تہ ڏمرجي پوندا آهن. ڪٿي وري ڪونہ ڪو رولو ڪتو اسان کي ڏسي زور زور سان ڀؤنڪڻ شروع ڪري ڏيندو آهي. مکين جو آزار بہ ڪو گهٽ ڪونهي جيڪي پنهنجي ڀون ڀون جي آواز کان تنگ ٿي اسان تي حملو ڪري رهيون آهن.

اسان جڏهن مقبري اندر پير پائيندا آهيون ته اسان جي قدمن جو آواز پڙاڏو پيدا ڪندو آهي. معلوم ائين ٿيندو آهي ته فرش هيٺان نهري زمين نه پر ڪو خال موجود آهي. اهڙو آواز محرابن، باهر ڏيڏيءَ ۽ مقبري جي ڇڄن تائين پهچي ويندو آهي.

تعميراتن جي ڪيل نقش و نگار کي جيترو ويجهو وڃي ڏسجي ٿو ايترو وڌيڪ لطف اندوز ٿجي ٿو. هر قسم جي نقش و نگار ۾ ڏاڍي نزاڪت ۽ نفاست نظر ايندي جيڪا ساري مقبري تي ڇانيل هوندي آهي. ديوارن، ڦاٽڪن ۽ خود تعمير ۾ ڪتب آندل هرهڪ پٿر تي ڇيٽيءَ سان مٿي ابريل اُڪر (Carveden relef) ڏسجي ٿي. ڏسندڙ جي اک کي اعتبار ئي ڪونه ايندو ته هم چورس، گول، هوريان هوريان مٿي ويندڙ (Spirals)، چوڪڙين جي شڪل (diamonds)، اڌ گول (curves) ڇت جي ويجهو پت جي چٽسالي (Scroll work) چٽسالي جي املبڪي طرز (flowers)، قرآني آيتن جي خوشخطي هڪ ئي جاءِ تي ڪهڙي خوبصورت انداز ۾ ڪئي وئي آهي. قرآن شريف جون آيتون گڏائي وچڙائي اهڙي انداز ۾ لکيون ويون آهن جو پڙهڻ ۾ ئي ڪونه اينديون ۽ اهو ڇيٽيءَ جي ڪاريگر جو ڪمال هوندو آهي. اوهان کي هتي چٽساليءَ ۾ سڌي ليڪ نظر ئي ڪانه ايندي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته هتان جي ڪاريگرن کي سڌي ۽ سادي فن کي پيش ڪرڻ جو چڻ ته ڏانءُ ئي ڪونه هو. ائين سمجهڻ ڪپي ته هي ڪاريگر چڻ هندستان جا سونارا هئا جن کي ڀُسو زيور ته ٺاهڻ ئي ڪونه ايندو آهي. راهه ويندو هڪ سياح انهن گهڻ جي ظاهر چمڪ ڪان مجموعي تاثر کي محسوس ڪندو آهي، اهڙي خوبصورتي نمائشي يا ظاهري هوندي آهي پر اندر ڪجهه به ڪونه هوندو آهي. هنن ملڪن ۾ ماڻهن جي تاريخ مقبرن مان حاصل ڪئي ويندي آهي. مسلمان قبرن تي لکيل ڪتبن جي تعريفي لفظن لاءِ چڻ ته چريا هوندا آهن. ساڳيو حال عيسائين جو به آهي، جن جي تعميراتن ۾ خوشيءَ ۽ اُداسيءَ جو گڏيل تاثر ملندو آهي. هتي ماڻهوءَ جي مرڻ واري تاريخ کي وڏي اهميت ڏني ويندي آهي. قبرن تي عام طور پڳ جي تصوير هوندي آهي يا نالو لکيل هوندو آهي. ڪن قبرن تي پارسيءَ جون به ستون لکيل هونديون ته ڪن تي قرآن (شريف) جي آيت تحرير ٿيل ڏسبي آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو مرڻ وقت بابت ڪا ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته قبر تي لکيل ڪتبا سندس ڪابه مدد ڪري نه سگهندا آهن. نهايت اوچي مقبري جي هيٺان الباسٽر (alabaster) جي پٿر

جو هڪ وڏو ڪتبو ڏسڻ ۾ ايندو جنهن جي چوڌاري نيري رنگ جون چمڪندڙ ڪاشيءَ جون سرون لڳل آهن. ان جي چمڪ ۽ رونق چيني مٽي (Procelain) جهڙي هوندي جنهن تي گلن ٻوٽن جي اهڙي نقش و نگار ڏسبي آهي جيڪا پاڻ ۾ گڏيل وچڙيل آهي. اهڙن ڪتبن کي هن قسم جي اداس ماحول ۾ مخصوص حيثيت حاصل آهي جنهن جو نسبتاً هڪ خوبصورت تصور آهي، جهڙوڪ:

”تون هن ڏکن واريءَ دنيا ۾ رئندو آهين پر ڪلندو ان دنيا ڏانهن وڃين ٿو جيڪا خوشين سان ڀريل آهي.“

هي سامهون نظر ايندڙ مقبرو هڪ سيد جو آهي جيڪو وقت جو قاضي بہ هو. انصاف سندس هٿ ۾ پر، پوءِ بہ ڏاڍو سچو ۽ ايماندار ماڻهو هو. هن پنهنجي ساري زندگي حقيقي معنيٰ ۾ زهد ۽ تقويٰ ۾ گذاري هئي يعني هن پنهنجي ساري عمر جنت الفردوس جي خوشبودار فضائن ۾ گذاري ڇڏي هئي. مسٽر جان بل، جيڪڏهن اوهان کي پاسي ۾ سور آهي يا جيڪڏهن اوهان کي خارش جي تڪليف آهي تہ اوهان پوري يقين سان پنهنجي جسم کي هن ڪتبي سان رڳڙيو تہ اهڙين بيمارين کان اک ڇنڀ ۾ نجات حاصل ڪري سگهو ٿا. اهوئي سبب آهي جو هن قسم جون مقدس جايون شهرن جي پرسان آهن. جتي دوا دارون ڏيڻ لاءِ نندڙيون وڏيون اسپتالون ۽ انساني جراحيءَ جي ڄاڻ موجود نہ هوندي آهي تہ اتي هن قسم جا مقدس ماڳ اسپتالن جو ڪم ڏيندا آهن.

اوهان کي شايد هن ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي خواهش آهي تہ سنڌ جي وَلين ۽بزرگن ۾ ڪهڙي مافوق الفطرت طاقت آهي ۽ هو هن دنيا ۽ فطرت کان ٻاهر بہ پنهنجي روحاني طاقت جو استعمال ڪري سگهن ٿا. مان اوهان کي اهڙن بزرگن جون ڪانيون ڪرامتون ٻڌائيندس، جيڪڏهن اوهان ۾ ايمان جي سلامتي هوندي تہ منهنجن هنن ڳالهين تي ضرور اڪيون ٻوٽي اعتبار ڪندا.

هتان جا پير انهن جهور ٻڍڙن جوڙن کي اولاد سان نوازيندا آهن جيڪي قبر ۾ ڄنگهون لڙڪايو مرڻ جي اوسيئڙي ۾ ويٺا هوندا آهن. جيڪڏهن اهڙو جوڙو پير خلاف بري سوچ ڪندو آهي تہ الله تعاليٰ ڪائنن ناراض ٿي ڏنل اولاد هڪدم کسي بہ وٺندو آهي.

هر قسم جي بيمارين کان ڇٽائڻ تہ سندن ڏاڏي هٿ جو کيڏ هوندو آهي. هيڏانهن ڪو مريض سندن مزار تي شفا لاءِ دعا گهرندو مس تہ مرض

غائب. جيڪڏهن دعا گهرڻ وارو انڌو منڊو ٻوڙو ۽ لولهو لنگڙو هوندو ته بنا ڪنهن دير جي سيني عيبن کان پاڪ ٿي هڪ تندرست انسان بڻجي پوندو آهي. ڪن مريضن کي مرشد جو قوڪ ڏنل پاڻي پياريو ويندو آهي ته هڪدم نئوبنا ٿي پوندا آهن. مرشد جيڪڏهن ڪنهن پڄل عضوي تي هٿ رکندو آهي ته اهو بلڪل صحيح ٿي پوندو آهي. بزرگن جي دعائن سان ٻرهل ۽ هسٽيريا جا مريض به صحيح ٿي ويندا آهن. پر حقيقت اها آهي ته مرشدن جي دعائن سان ڪو اگهو ورلي سگهو ٿيندو آهي. جيڪڏهن ماڻهو مري ويندو آهي ته هتان جا ماڻهو چوندا آهن ته رب جي مرضي اها هئي ۽ جيڪڏهن ڪو بيماريءَ جي چڪڻ مان ڇڙهي پيو ته چوندا ته مرشد جي دعا لڳي اٿس. اهڙي ريت مرشد جون ناڪاميون وساري ڇڏيندا آهن ۽ ڪاميابيون ياد ڪندا رهندا آهن.

هتان جا مرشد ۽ بزرگن ٽين ڳالهه هيءَ ڪري سگهندا آهن ته اهي سامونڊي سفر دوران ٻيڙياتن کي بچائيندا آهن. جيڪڏهن ٻيڙو ڪنهن حادثي جو شڪار ٿيندو آهي ته ٻيرائتن جي حياتي بچائڻ ۽ ڪناري لائين انهن بزرگن جو ڪم هوندو آهي. ان کان سواءِ راهه ويندڙ مسافرن کي راهه سان لائڻ, پنهنجي مريد کي اڻ ڏٺي خطري کان بچائڻ, ڏيئرن کي دعا سان پٽ ٻڌائڻ, پر پٽن کي ڌيءَ ٻڌائڻ سندن ذميواري ڪانه هوندي آهي, جهور ڪراڙي کي ٻار ٻڌائڻ, ڪنهن رهزن ڌاڙيل ۽ قاتل کي عالم فاصل ۽ ولي الله ٻڌائڻ, ڪافرن کي هڪ لحظي ۾ مؤمن مسلمان ڪرڻ, هڪ ماڻهوءَ کي ماري ڪنهن ٻئي کي موت جي چنبي کان بچائڻ, جيڪو سڪرات جي سختي ۾ هوندو آهي ۽ مائٽ آسرو لاهي ويهندا آهن, جانورن, پکين ۽ مڇين تي حڪم هلائڻ, دعا سان ڪنهن ابهم ٻار جي منهن تي نوٽ جيڏي ڏاڙهيءَ جو اچي وجڻ, ڪجهه به نه کائڻ کان سواءِ انگريز چوڪرين جيان روزا رکي جيئرو رهڻ, ننڊ نه ڪرڻ, پاڻي نه پيئڻ ۽ زندهه رهي سگهڻ واري قوت جو مالڪ هجڻ, هزارن ماڻهن واري قافلي کي هڪ پيالي (Pipkin) مان پاڻي پياري ڍءُ ڪرائڻ, ٻيلن جي وڻن کي ماکي ۽ گيهه ڏيڻ واسطي حڪم ڏيڻ, دعا ڦيٽي سان مئل ماڻهوءَ کي زندهه ڪرڻ, پنهنجي ڪاني ڪرامت سان شيطان ملعون ۽ ان جي موڪليل ننڍن شيطانن کي ڀوڙائي ڪڍي ڇڏڻ, ماڻهن جا ڳجها خيال ۽ راز معلوم هجڻ, ڪانئن ۽ پٿرن کان ڳالهرائڻ ۽ انهن کان ماڻهوءَ جو ڪم وٺڻ, زنجيرن ۾ ٻڌل هئڻ باوجود به بند ڪوٺيءَ جي پٽين مان پار اچي سگهڻ, پنهنجي

مريد کي جهنم جي باهہ کان بچائڻ لاءِ دوزخ ۾ هليو وڃڻ ۽ ان کي جهنم جي باهہ مان ڪڍي اچڻ ۽ ماڻهن جي اکين آڏو پڪين جيان اڏامندو بهشت ڏانهن هليو وڃڻ انهن جون ڪرامتون آهن.

مان هڪ بزرگ جي ڪانيءَ ڪرامت جو ذڪر ڪريان ٿو ۽ اها ڪاني ڪرامت منهنجي گنهگار اکين آڏو ٿي گذري. هڪ ٻيڙي ڪراچيءَ کان ممبئي رواني ٿي. جڏهن اها ڪڇ (جنهن کي هتي ٿالمي (Kan Thus) ڪري لکيو آهي) پهتي تہ ٻيڙياتن کي هڪ ٻتي پرندي نظر آئي جنهن کين ٻيڙي پوئتي موٽائڻ جو اشارو ڪيو. ٿوري وقت کان پوءِ اچي طوفان لٿو. سيني ٻيڙياتن جو ساهہ مُٺ ۾ هجي. سندن ڳوٺ بہ هتان کان ويجهو هو. هنن ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي مدد لاءِ پنهنجي پير کي ٻاڏايو جيڪو سندن ئي ڳوٺ ۾ رهندو هو. خير, هو تيز طوفان کان بچي ويا. جڏهن هو سامونڊي سفر ڪري ڳوٺ موٽي آيا ۽ اچي پنهنجي گهر ڀاتين سان مليا تہ هرڪو ٻيڙياتو پنهنجن مائٽن ۽ دوستن کي آيل طوفان جي ڳالهہ ٻڌائڻ لڳو. هرهڪ ٻيڙياتي جي ڪوشش اها هئي تہ وڌائي اينگهائي ٻڌندڙ کي وڌيڪ متاثر ڪري سگهي. هڪڙا ماڻهو ڪُوڙا هوندا آهن ۽ ڪي وري مَها ڪوڙا هوندا آهن ۽ پير ڪوڙي اهڙو ڪوڙ هڻندا آهن جو ٻڌندڙن جا تاڪ لڳي ويندا آهن. هنن ٻيڙياتن ۾ بہ هڪ اهڙو مها ڪوڙو بہ هو تنهن حضرت محمد ﷺ جو قسم کڻي چيو تہ جنهن وقت منهنجي وات مان نڪتو "ميان منو" اسان کي بچاءِ.

مسٽر جان بُل, سنڌو ماتريءَ ۾ "ميان منو" نالو تمام گهڻو آهي, گهڻو ڪري هر مرشد ميان منو سڏائيندو آهي. سو ان مها ڪوڙي ماڻهو وڌيڪ ٻڌايو تہ جيئن هن ميان منو کي مدد لاءِ پڪاريو تہ هو اچي سندس اکين اڳيان بيٺو ۽ چيائين مريد پهچي ويو آهيان, تنهنجو وار بہ ونگو ڪونہ ٿيندو. هاڻي توکي لهر نہ ڪو لوڏو. ٻين ٻيڙياتن جڏهن سندسَ اها ڳالهہ ٻڌي تہ کين ماٺ لڳي وئي جيڪي ٻڙڪ بہ ٻولي ڪونہ ٿي سگهيا. کين ڊڄ هو تہ هو سچ ڳالهائي پنهنجي عزت آبرو وڃائي ويهندا ۽ هرڪو ماڻهو هنن کي ڪافر چئي جيئڻ ئي جنجال بڻائي ڇڏيندو. جڏهن ماڻهو شد ميان منو کي ٻيڙياتن ۽ طوفان واري ڳالهہ ٻڌائي تہ هو چوڻ لڳو تہ "طوفان مهل مون کان درد وندن جون دانهون ٻڌيون جيڪي منهنجو نالو وٺي مون کي مدد لاءِ پڪاري رهيا هئا, تہ مون هڪ روح کي حڪم ڪيو جيڪو

دانهن طرف وٺي اڏاٽو. هاڻي اهو روح نذراني طور ڪجهه نه ڪجهه وٺڻ ته ضرور چاهيندو هوندو.

هن قسم جي وهم ۽ وسوسي ڪي مرشد جي ٽيڪ ملي وئي. تنهن ڪري اهڙي ڳالهه کي ماڻهو سچ سمجهي اکيون ٻوٽي اعتبار ته ضرور ڪندا. جيڪڏهن ڪانين ڪرامتن جي اهڙين اجاين سجاين ڳالهين ڪي صورتحال جو آڌار ملي ويندو ته عام ماڻهو ضرور ويساهه ڪندو. اهڙيون ڪانيون ۽ ڪرامتون چوڌس پکڙنديون به دير ڪونه ڪنديون آهن. ٿوري وقت لاءِ جيڪڏهن اهڙين ڳالهين ڪي سچيتائي سان ٽيڪو ملندو رهندو ته ماڻهو ان ڪي حقيقت سمجهڻ شروع ڪري ڏيندا. ان ڪان اهو ڪوڙو قصو هن ريت بيان ڪيو ويندو ته ٻيڙيءَ ڪي وچ سمنڊ ۾ اچي طوفان ورايو جنهن آخرڪار وڃي سمنڊ جو تر ورتو. پوءِ مرشد ميان مٺي ان ڪي پنهنجي هٿن سان ڪٽي مٿي ڪيو. ٻيڙياتن جو وار به ونگو ڪونه ٿيو. ان ڪان پوءِ اها ڪاني ڪرامت فارسي ٻوليءَ جي ڪنهن ڪتاب ۾ لکجي ويندي جيڪا پوئين نسل جي هدايت لاءِ روشنيءَ جي مناري طور ڪم ڏيندي رهندي. هيوم (Hume) موجوده دؤر جي ڪانين ڪرامتن ڪي انهيءَ ڪري ڪونه مڃيندو آهي جو هن اُهي ڪرامتون پنهنجي اکين سان ڪونه ڏٺيون آهن. پر مون اهي ڪرامتون پاڻ ڏٺيون آهن.

اٺويهينءَ صدي جا پراٽيسٽنٽ فرقي وارا عيسائي انهن ڪانين ڪرامتن ڪي ڪونه مڃيندا آهن جن کي ڪُئٿلڪ وارا سارو سچ سمجهندا آهن. ڪجهه ماڻهو وري سائنس ڪي سچ ڪري مڃيندا آهن.

مسٽر جان بل، هاڻي اوهان هتان جي مرشدن ۽ بزرگن جي ڪانين ڪرامتن جون ڳالهيون ٻڌي تنگ ٿي چڪا هوندا. مان سمجهان ٿو ته اوهان اتراڏي ماڻهو اهڙين اجاين ڳالهين ۾ ڪڏهن ويساهه رکندا ئي ڪونه آهيو. اهڙيون ڳالهيون اوهان جي شعور ۽ ويساهه ۾ ويهڻ ڪان اڳ ئي ڪک پن ٿي هيڏانهن هوڏانهن اُڏامي ونديون آهن. هن مقدس ماڳ ڇڏڻ ڪان اڳ مان هڪ پت ٿي لکيل ان نظم جو ترجمو ڪري ٻڌائڻ جي اوهان ڪان اجازت ونندس، جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي مرشد جي تعريف ۾ چيو آهي. اهو شعر هڪ صوفي جو چيل آهي. اوهان جي عيسائي فرقي ۾ به هنن صوفين جهڙا ماڻهو آهن جن کي قديم دؤر ۾ پلوٽونسٽس (Plutonusts) ۽ نوسٽڪس (Gnostics) ڪري سڏيو ويندو آهي. اهڙي شاعريءَ ۾ پڻ ساڳيون ڳالهيون ڏسڻ ۾ ايندیون. يعني هن مادي دنيا جي

وجود جي نفي. سندن تصور آهي تہ انسان جو روح ابناس آهي جيڪو ڪُل جو جز آهي ۽ اهو ڪڏهن بہ فنا ڪونہ ٿيندو. هندو ڌرم وارا هن دنيا جي خوشين کي مايا (Maya) ڪري سڏيندا آهن ۽ ان کي حقيقي عشق ۽ حسن کان پري تصور ڪندا آهن.

هيٺ اهڙي شاعريءَ جا ڪجهہ ترجما ڏجن ٿا:

1. اهي هن(6) دنيا کي هڪ سهڻو سپنو سمجهن ٿا جيڪو جاڳندڙ ماڻهو جي اکين اڳيان گذري ٿو. خيالي دولت ۽ ڏکن جو سپنو اهي سڀ غير حقيقي ڪِل خوشي ۽ سرابي علامتون آهن.
2. اهي سندس خواهش بابت ڪائنس سوال نٿا ڪن. هن کين بدلجندڙ منظرن واريءَ جاءِ تي رکيو آهي، انهن کي رحمتن واري دنيا مان آندو ويو آهي. اهڙيون ڳالهيون حافظي ۾ غير واضح آهن.
3. اهو منهنجو خام خيال آهي تہ ٿڌو ساهہ اکين جا ڳوڙها آهن جيڪي هو اُڪيلائيءَ ۾ ويهي ڳاڙيندو آهي. انهن کي فقط عبادت ناتي متقي سمجهيو وڃي ٿو اهي اٿيهئي رڪوع ۽ سجدي ۾ نظر ايندا آهن.
4. انهن جي مسجد جي ڇت آسمان هوندو آهي، ان مسجد جون ديوارون پورو اُفق هوندو آهي، ان جو فرش ڪائناتي وسعت آهي جنهن ۾ درياهہ سمنڊ، جبل ۽ ماٿريون آهن.
5. گلن جي وليَن ۽ ولهارن ۾، جهنگ جي وچ تي ڪليل ميدان ۾، سيئي گڏجي ان َجي ساراهہ جا گيت ڳائين ٿا. سڳنڌ وارن ٻوٽن جي ڇانوَ ۾ چشمن پرسان پنهنجي خوشين جا ڏينهن گذارڻ چاهين ٿا.
6. زاهد(7) جي خوف کان سندن چپ پوئتي هٽي نٿا وڃن. سفيد شراب جي حبابن جي چمين کان، نہ وري هو سندن طنبوري جي ڪن آوازن کان ڇرڪن ٿا، جيڪو سندنِ روحن کي خوشين سان ٽمٽار ڪري ڇڏي ٿو.
7. سندن اکيون بهشت جي نوجوان خوبصورت حورن جي منهن ۾ ڪپي بيهي ٿيون وڃن پيون، سندن منهن مان قدرتي حسن جا جلوا ٿا نڪرن، چڻ تہ پاڪ ۽ شفاف يادگيريون چمڪي رهيون آهن.
8. انهن جو عشق دنياوي لذت سان واسطو نٿو رکي. اها ڪا شهواني ضرورت ۽ حقير خواهش نہ آهي. اهي سندس روشن مقدس وجود جي پالنا ڪن ٿيون، اهڙيءَ ريت جيئن پارسي خوشبودار باهہ سدائين ٻاري رکندا آهن.

9. هن لاءِ وڏ ۾ وڏ سنو ڪم انسان سان پلائي آهي. ماڻهوءَ کي رنجائڻ ئي هنن لاءِ گناهہ عظيم آهي باقي ٻيون پلايون ۽ برايون هنن جي لاءِ فنا ٿيندڙ ۽ وحشي خواهشون آهن.

10. هنن لاءِ حياتي هڪ ونگ آهي، جيڪا اونداهي پاتال ۾ دوام تائين پکڙيل آهي. هو انهيءَ مان ڪابہ راهداري نٿا جوڙين. اي الله! اهي گهمن ٿا فقط توکي ڳولڻ لاءِ.

11. پنهنجي تنبن ڏانهن موٽندي اسان هڪ ٻيءَ احترام واري جڳهہ پرسان گذري رهيا آهيون جنهن جي چوڌاري چؤديواري ڏنل آهي ۽ پتيون نهايت اوچيون آهن. هن چؤديواري ٻاهران پپر جي وڏن وڻن جون قطارون آهن. هندو ڌرم ۾ هن کي پاڪ وڻ سمجهيو ويندو آهي. عيسائي مذهب ۾ سفيدي وڻ (Paplar) کي پاڪ سمجهيو ويندو آهي.

اسان صبح جو سوير جڏهن گهوڙيسواري ڪري رهيا هئاسون تہ مون اوهان سان هندن جي ڪن پاڪ جاين بابت بہ ڳالهايو هو. توهان هندو تيرٿن تي پٿر جي هڪ اُپي شيءِ ڏٺي هوندي جنهن مٿان سونا گيڙو جو رنگ هاريو ويو هو ۽ ان مٿان گلن جا هار رکيل هئا جن جا گل سڪي ويا هئا. اها جاءِ هڪ اونهي تلاءَ جي ڪناري سان واقع آهي ۽ ڪلياڻ ڪوٽ پرسان ماڪيءَ جي ماناري جيان ڪاڌل هڪ ٽڪريءَ جي غارن ۽ چرن ۾ موجود آهي. هتي ڪافر(Gentoo) (8) جي پوڄا جو هڪ ٻيو نشان بہ نظر ايندو جنهن ۾ مرداڻي خاصيتن واري هڪ عورت اهڙي جهنگلي جانور تي سوار آهي جيڪو چيتي ۽ شينهن جي هڪ گڏيل جنس آهي ۽ هن عورت کي ”سنگهو واني“ يعني ”شينهن سوار“(9) جي لقب سان سڏيو ويندو آهي، هي مقامي اوتار آهي جنهن کي ديوي، دُرگا ۽ پاروتي جي مختلف لقبن سان ڪوٺيو ويندو آهي جيڪا هميشه ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ جُتل رهندي آهي. جيڪڏهن اوهان وارڊ جي تصنيف Hinduism ۽ مور (Moor) جي تصنيف Pantheon جي مطالعي ڪرڻ جي تڪليف ڪندا تہ اوهان کي معلوم ٿي ويندو تہ هيءَ ديوي پنهنجي عمل ۾ سدائين چُست ۽ قرت ڏسڻ ۾ ايندي.(10)

توهان پٿر جي نهيل ان شيءِ بابت منهنجي سمجهاڻيءَ ڏانهن ڌيان ڏيو جنهن کي سونا گيڙو رنگ سان ڳاڙهو ڪيو ويو آهي. مسٽر جان بل، جيڪڏهن اوهان هن شيءِ بابت مون کان گهر پهچي بہ سوال پڇندا تہ مان جڻ چپ سبي ماٺ ٿي ويندس ۽ جواب ۾ ٻڙڪ بہ ڪونہ ٻوليندس. پر

جيڪڏهن اوهان مذهب (faith) جي عنوان کان اجا تائين تنگ نہ ٿيا آهيو تہ مان اوهان کي هتان جي ڪن خاص ڳالهين بابت هڪ سبق پڙهائڻ چاهيان ٿو. مون کي پڪ آهي تہ اوهان انهيءَ طريقي سان اهڙين ڳالهين کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهندا.

اسلام جو باني (حضرت) محمد (ﷺ) هو. ان زماني ۾ بت پرستي عام هئي. الله تعاليٰ جو وجود غير شخصي آهي جنهن کي ڪير بہ ڏسي ڪونہ سگهندو آهي. اهو غور ۽ فڪر لائق هڪ ادراڪ آهي جنهن کي جهنگلي ماڻهو سمجهي ڪونہ ٿو سگهي. مذهب جو تصور، جم ۽ پالنا خشڪ جابلو علائقن ۾ ٿيندي آهي جتي جهنگلي ماڻهو رهندا آهن. اهڙن جابلو علائقن جي چوڌاري اهي قبيلا اچي گڏ ٿيندا آهن. جن ۾ قبيلائي دشمنيون چوٽ چڙهيل هونديون آهن. اهڙيءَ ريت انسانذات جي هڪ حصي جو هڪ وڏو مجموعو گڏ ٿي ويندو آهي. معلوم ائين ٿيندو آهي تہ ان انساني مجموعي کي پيٽ ۾ وڪڙ پوڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ جڏبن جي آنڌارين آڏو وهڻ شروع ڪندا آهن ۽ مهذب دنيا تي چانئجي ويندا آهن ۽ ڪنهن خطرناڪ جابلو نَئن جيان ان کي تباهہ ڪري ڇڏيندا آهن.

ان کان پوءِ جڏهن حملن وارا جوش ۽ جذبا ٿڌا ٿي ويندا آهن، قرلٽ واريون جنگيون پنهنجي تيز رفتاري وڃائي چڪيون هونديون آهن تہ مختلف نسلن ۽ مذهبن جا ماڻهو موٽي پنهنجي اصلوڪو مذهب اختيار ڪندا آهن جن حملي آورن جي تشدد سبب پنهنجو مذهب ڇڏي حملي آورن جو مذهب اختيار ڪيو هو. هتي جڏهن اسلامي گرفت ۾ ڪجهہ ڍلائي نظر ائي تہ هتان جي اصلي رهاڪن مسلمانن الله تعاليٰ جي وحدت ۾ پنهنجون قديم روايتون بہ شامل ڪري ڇڏيون جن کي تلوار جي زور سان مسلمان ڪيو ويو هو.

قديم زماني ۾ سنڌوءَ جا ڪنارا هندو ڌرم جي اوسر لاءِ هندورا هئا. ملتان هن ڌرم جو مضبوط قلعو هو. ان کان سواءِ هي ڌرتي ٻڌ ڌرم جي ترقيءَ لاءِ بہ کليل ميدان رهي. آخر هن ڌرم کي برهمڻن تباهہ ڪري ڇڏيو. سنڌوءَ جي چوڙ واري علائقي ۾ هندو ڌرم جا تمام گهڻا يادگار آهن. اهڙا قديم يادگار اولهہ طرف ڏانهن وڌندا. مڪران جي جابلو علائقن تائين هليا وڃن ٿا. اهو پتو ڪونہ ٿو پوي تہ مسلمانن هندن جي هنن مقدس ماڳن تي ڪهڙي دؤر ۾ ڪهڙي طريقي سان قبضو ڪيو آهي. چاڪاڻ تہ

هتان جي تاريخ اهڙيون ڳالهيون نتي ٻڌائي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ مسلمانن هندن جي جنهن مقدس ماڳ کي ڪمائيءَ جو سنو ذريعو سمجهيو اتي پنهنجي هڪ مشهور مذهبي شخصيت کي دفن ڪري ڇڏيو. هتان جا ماڻهو ڪٽي مشرڪ هئا پر مسلمانن جي اهڙين مشهور شخصيتن کي پنهنجي هندو روايتن سان ملائي ڇڏيائون. مسٽر جان بل، اوهان هي ڳالهہ ضرور محسوس ڪئي هوندي تہ مسلمانن جي مشهور مقبرن تي هندو ڌرم جو اصلي روايتون موجود آهن. ٻيو تہ انهن مشهور ماڳن جا نالا سنسڪرت ٻوليءَ ۾ آهن. اهو بہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ مسلمانن جي مشهور بزرگن تي جڏهن ميلا لڳندا اهن تہ موحد مسلمانن سان گڏ مشرڪ هندو بہ گهڻي تعداد ۾ شريڪ ٿيندا آهن. هتي دلچسپيءَ جي ڳالهہ اها بہ ڏسبي آهي انهن مقدس ماڳن جا دعويدار مسلمان بہ هوندا آهن تہ هندو بہ. هو هڪ ٻئي جي دعوائن کي رد ڪرڻ ۾ ننهن چوٽيءَ جا زور لائيندا آهن.

سنڌ جي لاڙ واري هن راڄڌاني کي ڇڏي اڳتي وڌڻ کان اڳ نتي جي جنڊيءَ جو ڪم ضرور ڏسنداسون. اهو ڪم حيدرآباد کان اتر طرف هالا شهر ۾ پڻ ٿيندو آهي. اهڙو ڪم بهڻ(11) Willow poplar جي ڪاٺ مان ورتو ويندو آهي، جنهن کي P. Euphratica جي نالي سڏي سگهجي ٿو. هن وڻ جو ڪاٺ نرم ٿيندو آهي ۽ جنڊيءَ واري لاءِ ڪم ڪرڻ نهايت آسان هوندو آهي. جنڊيءَ جو ڪاريگر ڪاٺ جي مقرر ٽڪريءَ کي رنبيءَ سان هلڪا وڍ ڏئي سنيهون چوڙيون رکندو آهي يا رنبيءَ جي چرپر سان ڪانہ ڪا نقش و نگار رکندو آهي. توهان ڏٺو هوندو تہ پوليس جمعدار جي هٿ واري ڏنڊي بہ جنڊيءَ تان لٿل هوندي آهي، کٽن جا پاوا ۽ ڏاندن جو پاڇاريون بہ جنڊيءَ تان لٿل هونديون آهن. سگارن جا دٻا ۽ اوزارن رکڻ واريون ننڍيون صندوقون بہ جنڊيءَ تان لٿل نظر اينديون آهن.

حوالا:

(1) مان ليفٽيننٽ ووڊ سان متفق آهيان تہ هيءَ پڙو ذڪرڪ - اوپر کان اتر - اولهہ پورن تيرنهن ميلن ۾ پکڙيل آهي. امڪان آهي تہ هي قديم نتي جا آثار هجن. ڇاڪاڻ تہ سنڌوءَ جي وهڪري جي رخ تبديل ٿيڻ ڪري اهو قديم شهر ڦٽندو اجڙندو ۽ پاڻيءَ جي رخ سان وري آباد ٿيندو رهيو هوندو.

(2) منشي لطف الله جي لکيل سوانح عمري ص_283 مطابق هيءَ نالو هتان جي مهاڻيءَ جو آهي جيڪا هن ماڳ جي آباد ٿيڻ کان اڳ هتي رهندي هئي.

(3) Murrys Handbook جي ص482 ۽ 483 مطابق هيءَ تباهہ حال مزار پير پنجي جي آهي جيڪا موجوده شهر کان ڏهہ ميل ڏکڻ ڏس تي موجود آهي. سندس چوڻ آهي تہ هيءَ اهڙي جڳهہ آهي جنهن جو ذڪر ڪرڻ نهايت ضروري آهي. مصنف ص-481 تي لکي ٿو تہ اولهہ پاسي کان دوهہ ۾ ڪوهہ جو هڪ سلسلو آهي جيڪوا تر طرف ڏانهن ملندو پيو وڃي.

(4) 1699 ۾ ڪئپٽن هيملٽن 42 خوبصورت مقبرا ڏٺا هئا جيڪي هڪ ننڍڙي شهر جيان نظر اچي رهيا هئا.ا نهن مان هڪ جي تعمير تي ہ لک رپيا خرچ آيو هو جيڪو 25000 پائونڊن جي برابر ٿيندو.

(5) سڪندر جي مورخن گل - پيچان Ivy جو ذڪر ڪونہ ڪيو آهي. شايد اها ول هنن علائقن ۾ ڪانہ ٿيندي هوندي.

(6) فارسي ٻوليءَ ۾ احترام خاطر ضمير جي واحد غائب صيغي کي غائب جمع جي صيغي ۾ ڪم آڻيندا آهن يعني "هي" بدران "اهي" استعمال ڪندا آهن. مان بہ مشرق جي روايتن کي برقرار رکندي زمان ماضي کي زمان حال ۾ لکيو آهي يعني "he deemed" بدران "they deem" جا لفظ ڪم آندا آهن. اهڙيءَ ريت پڙهندڙ کي سمجهڻ گهرجي تہ هتي خاص قسم جي هڪ فرقي جي اصولن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان کان سواءِ ڪم آندل تشبيهہ جو مفهوم بہ سمجهايو ويو آهي.

(7) زاهد اهو ماڻهو آهي جيڪو مخرب - اخلاق ڳالهين کان پري پڃندو آهي. يعني شراب، موسيقي ٻڌڻ ۽ سلفي ڇڪڻ کان دور رهندو آهي.

(8) پورچوگيزن جي تصنيف ۾ جينٽو (Genteo) جو لفظ ڏسجي ٿو جيڪو مورتي پوڄا ڪرڻ واري ماڻهو لاءِ ڪم ايندو آهي. پر ڪڏهن مسلمان لاءِ بہ Genteo جو لفظ ڪم آندو ويندو آهي.

(9) قديم دور جا هندو شينهن کان چڱيءَ ريت واقف هئا. پر پوئين دور جا هندو شينهن ۽ چيتي ۾ موجود فرق کي سمجهي ڪونہ سگهندا هئا ۽چيتي کي بہ شينهن چوندا هئا.

(10) هندن جو مختصر لباس بہ يورپ جي ماڻهن جهڙو مختصر آهي جيڪو سٺو ڪونہ لڳندو آهي. هندن وٽ مرد ديوتائن جي هڪ تمورتي هوندي آهي جنهن ۾ برهما، وشنو ۽ شِوَ ديوتا ڏسڻ ۾ ايندا آهن جيڪي طاقت جي علامت سمجهيا ويندا آهن. ساڳيءَ ريت ديوين جي بہ تمورتي هوندي آهي جنهن کي شڪتيءَ جي نالي سڏيو ويندو آهي. شِو کي تباهہ ڪندڙ۽ وري پيدا ڪندڙ ديوتا تصور ڪيو ويندو آهي. هيءَ (شو) ديوتا ۽ شڪتي ديوي پيداوار جي علامت سمجهيا ويندا آهن. ان کان سواءِ هڪ ديوتا اهڙو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن جي مٿي تي مينهن جا سڱ نظر ايندا آهن. ڪيس شيطان تصور ڪيو ويندو آهي. پر مشرق ۽ مغرب وارا ماڻهو اهڙين مورتين جي اصلي معنيٰ اجا تائين سمجهي ڪونہ سگهيا آهن.

(11) هي شايد سفيدي جو وڻ willow آهہ ، جنهن جو يهودي مذهب سان واسطو آهي.

باب انون

## قديم دؤر ۾ ننڍي جي فتح

قديم تذڪرن ۾ ڪي اهڙيون روايتون موجود آهن تہ ڪنهن آڳاټي زماني ۾ سنڌ جو ملڪ ڏاڍو سکيو ستابو هوندو هو. سندس آبهوا نهايت صحت بخش هئي، جنهن وچان مهراڻ[1] جهڙو مهان درياءُ گذرندو هو. منجهس ڪيئي وڏا شهر آباد هوندا هئا. چوڌاري نيڻ نهار تائين باغ ۽ بستان هوندا هئا. جيڪي ارم بهشت جي مٽ شاني هئا.[2] ۽ ست بهشت هن سان ريس ڪندا هئا. هتان جو حڪمران نهايت طاقتور هو. وٽس تمام گهڻا قلعا هئا. هن جا صلاحڪار پنهنجي ڄاڻ ۾ يڪتاءِ روزگار هئا. سندس ڪماندر فرض شناس هئا. سندس ملڪ جون حدون قنوج ۽ ڪشمير تائين پکڙيل هيون. ملڪ جي ڏکڻ ـ اولهہ واري سرحد تي راءِ گهراڻي جي ڪنهن راجا سروَ جا وڻ پوکي پنهنجي رنگ جو نشان ظاهر ڪيو هو.

خليفہ حضرت عمر رضي الله عنه جي زماني ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو هو تہ انشاءَ الله سنڌ جي ڪافرن کي مجاهدن جي تلوارن سان فتح ڪجي. پر سنڌي فوجي جنرلن انهن فوجن جو سخت مقابلو ڪيو. مسلمان فوج جو ڪماندر قتل ٿي ويو ۽ ان سان گڏ آيل مسلمان فوج جو وڏو حصو بہ قتل ٿي ويو. باقي بچيلن کي جنگي قيدي بڻايو ويو هو.

جڏهن حضرت عثمان رضي الله عنه خليفو ٿيو تہ هن پڪو ارادو ڪيو تہ حڪم کي سنڌ روانو ڪجي جيڪو سندس اعتماد جوڳو ساٿي هو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو ان ملڪ جي جاسوسي ڪري اچي تہ ان ملڪ جو انتظام ڪهڙي طريقي سان هلايو وڃي ٿو. هن موٽي اچي اهڙي رپورٽ ڏنائي جو ان طرف فوجي مهم تان ئي هٿ کنيو ويو. هن ٻڌايو هو تہ اتان جو پاڻي کارو ميوو کٽو ۽ زهريلو آهي، علائقو جابلو ۽ زمين

ڪلراڻي آهي. مؤمنن جي خليفي ڪانئس پڇيو تہ ماڻهو ڪيئن آهن؟ تہ هن وراڻيو تہ مٿن ڪنهن بہ قسم جو اعتبار (3) ڪري نٿو سگهجي.

ان کان پوءِ حضرت علي رضي الله عنه جي پنهنجي دؤر خلافت ۾ مسلمان فوج مڪران کان اڳتي وڌي تہ جابلو فوج سندن مقابلو ڪيو جنهن جو انداز تمام گهڻو هو. جڏهن مسلمانن الله اڪبر جا فلڪ شگاف نعرا هنيا تہ جبلن ۾ تمام گهڻو پڙاڏو پيدا ٿيو تنهنڪري دشمن فوج ڊڄي وئي ۽ امان طلب ڪيائين. باقي ٻين پٺي جان بچائي. ان واقعي کان پوءِ جڏهن بہ عرب فوج ۽ سنڌين ۾ مقابلو ٿيندو هو تہ انهي جابلو علائقن مان الله اڪبر جا فلڪ شگاف نعرا گونجندا هئا. هڪ ٻيري خلافت طرفان هڪ فوجي مهم رواني ڪئي وئي هئي جيڪا اڳتي وڌندي اچي مذڪوره ماڳ وٽ پهتي هئي. پر حضرت علي رضہ جي وفات جي خبر ٻڌي اتان ئي پوئتي موٽي وئي هئي.

انهيءَ زماني ۾ سريلنڪا جو ملڪ لعلن جواهرن ڪري گهڻو مشهور هوندو هو. اتان جي راجا مسلمانن جي خليفي عبدالملڪ بن مروان ڏانهن لال موتي ۽ جواهرن سان گڏ ڪي حبشي ٻانهيون بہ تحفي طور موڪليون هيون. ان زماني ۾ حجاج بن يوسف سندس نائب هو جيڪو عراق ۾ ويهي هن علائقي جو انتظام سنڀاليندو هو. سندس صدر مقام بصرو هو. سريلنڪا کان دارالخلافہ ڏانهن روانيون ڪيل حبشي ٻانيهون ۽ هيرا جواهر ائن ٻيڙن تي سوار ڪيا ويا هئا جيڪي سامونڊي طوفان کان توائي ٿي اچي سنڌ جي هڪ بندر سان لڳا هئا. هي بندر عمان جي سمنڊ ۾ هو. انهن ائن ئي ٻيڙن کي اتان جي ڌاڙيلن ڦري ورتو. سريلنڪا ۾ رهندڙ مسلمان اتان جي راجا وٽ ويا ۽ ڪيس واقعو ٻڌايو جنهن تي هن وراڻيو تہ جيڪڏهن قصو ائين آهي تہ اوهان تاوان ادا ڪريو ۽ پنهنجي هر چيز ڇڏائي وٺو.

انهن غلام حبشي عورتن ۾ ڪي مسلمان عورتون بہ هيون جيڪي حج ڪرڻ جي ارادي سان نڪتيون هيون. حج جي ادائگيءَ کان پوءِ سندن ارادو دمشق وڃڻ جو هو جيڪو مسلمانن جو دارالخلافہ هو. انهن مان هڪ عورت جڏهن ڏٺو تہ هو اڻ ٺهريل انسانن جون غلام ٿي ويون آهن تہ هٿ کڻي الله کان مدد گهريائين ۽ وڏي آواز سان ٽي ڀيرا پڪاريو اي حجاج! مدد ڪر.

جڏهن اها خبر حجاج کي پهتي تہ هڪ عورت ٽي ڀيرا سندس نالو وٺي ڪيس مدد لاءِ پڪاريو آهي، تہ حجاج اهي لفظ ٻڌي پنهنجي جاءِ تان

اُتي بيٺو تلوار مياڻ مان ڪڍي تي پيرا ورجايو لبيڪ. مان تنهنجي فرياد ٻڌي ورتي آهي.

اتي عمر بن عبدالله نالي هڪ ماڻهو وينو هو جنهن حجاج کي گذارش ڪئي تہ سنڌ ڏانهن موڪلي ويندڙ فوجي مهم جو سپهہ سالار هن کي مقرر ڪيو وڃي ۽ هو ان فوج سان گڏجي السند ۽ الهند روانو ٿيندو. تنهن تي نائب خليفي کيس وراڻيو تہ مون نجومين سان صلاح مشورو ڪيو آهي، جن ٻڌايو آهي تہ ڪافرن جي مدد ڪرڻ جو ستارو غروب ٿي رهيو آهي ۽ انهيءَ اونداهيءَ ملڪن ۾ سچي دين جي روشني ٿيڻ واري آهي ۽ اهي ملڪ منهنجي نائي محمد بن قاسم هٿان فتح ٿيندا.

ان دوران خليفو عبدالملڪ هي جهان ڇڏي جنت الفردوس وڃي پهتو ۽ سندس پٽ وليد بن عبدالملڪ خلافت جي مسند تي ويٺو جيڪو هن ساري زمين تي هڪ چانوَ مثل هو. جڏهن هن خليفي پنهنجا پير مضبوط ڪيا تہ حجاج کس گذارش ڪئي تہ ڪافرن تي فوجي مهم جو نئين سر اعلان ڪيو وڃي، تہ جيئن اتي قيدي مسلمان عورتن کي آزاد ڪرائي سگهجي ۽ اتان جي سرڪش ڪافر حڪمرانن کي چڱيءَ ريت سبق سيکاري سگهجي.

ان کان پوءِ نئين خليفي سرڪاري خزاني جي تياري ڪرڻ جو حڪم ڪيو ان سان گڏ نئين فوجي مهم جي تياريءَ لاءِ بہ فرمان جاري ڪيائين. هڪ مهيني جي اندر 15000 سپاهين تي مشتمل هڪ فوج ترتيب ڏني وئي جنهن ۾ ڇهہ هزار گهوڙيسوار، ڇهہ هزار اُٺ سوار ۽ ٽي هزار پيادا هئا. هندن ڪافرن جي قلعن کي ڊاهي ناس ڪرڻ لاءِ پنج منجنيقون بہ موڪليون ويون. ان کان سواءِ بارود سان ڇُٽندڙ هٿيار پڻ هوا بہ ڏنا ويا جيڪي هن کان اڳ رومي ڪافر استعمال ڪندا هئا.

مجاهدن جي اها فوج عراق کان اڳتي وڌندي فارس (ڏکڻ ايران) مان گذري مڪران جي رڻ پٽ مان لنگهي اڳتي وڌي ۽ اتان ٻيڙن ۾ سوار ٿي سامونڊي سفر ڪري مهراڻ جي ڇوڙ وٽ وڃي پهتا هئا ۽ سندس اوڀارئين ڪنار سان وڃي لڏا لاٿا هئائون. هنن جي مقابلي لاءِ آيل فوج اولاهين ڪناري سان ڪئمپ هنيو ويٺي هئي.

ان کان پوءِ هو بنا ڪنهن مهاڏي جي اڳتي وڌيا ۽ ريول(4) جي بندر جي اوچين ديوارين سامهون بيٺا جيڪو درياءَ جي ٻئي پار موجود هو. هيءَ ماڳ سنڌ جو مشهور بندر بہ هو.

محمد بن قاسم فوجي انجنيئرن کي حڪم ڪيو تہ سنڌو درياءَ کي اُڪرڻ واسطي ٻيڙين جي پل ٺاهڻ جي مقصد سان ٻيڙيون تيار ڪيون وڃن. ٻيڙين جي ٺهي راس ٿيڻ کان پوءِ انهن کي ڏگهن شهتيرن جي مدد سان پاڻ ۾ سوگهو ٻڌو ويو. منجهن مناسب پٿر وجهي ۽ ٻيڙين مٿان مضبوط تختن جي جڙائي ڪئي وئي. ٻيڙين جي پُل تيار ٿيڻ کان پوءِ سلامي مجاهد الله تعاليٰ جي مدد سان درياهہ جي ٻئي پار ڏانهن وڌڻ لڳا. تيرن جي وڏ ڦڙي ڪافرن کي واڻڙو ڪري ڇڏيو هو جيڪي درياهہ جي ٻئي ڪنار سان بيٺا هئا ۽ عرب فوج کي پوئتي هٽائڻ لاءِ ننهن چوٽي جا زور لائي رهيا هئا.

مجاهدن جو ڪافي انداز درياءَ جي ٻئي پار پهچي، دشمنن کان ميدان صاف ڪري، پُل جي ڇيڙي جي سامهون پير پختا ڪري بيهي رهيا ۽ اتي ترسي باقي فوج جو انتظار ڪرڻ لڳا.

جڏهن ساري فوج اُڪري ٻئي پار پهتي تہ فوجي سپهہ سالار امامت(5) جو منصب سنڀاليو. انن جا پاڪڙا ڏئي فوج جي چوڌاري هڪ ڪوٽ اڏي ورتو. بعد ۾ اُتي بيٺو ۽ مجاهدن کي هن ريت خطاب ڪيو:

"درياءَ اوهان جي پٺئين پاسي آهي، توهان جي سامهون دشمنن جي فوج آهي. توهان مان اهي ڪير آهن جيڪي الله ڪارڻ پنهنجون زندگيون قربان ڪرڻ چاهين ٿا؟ اهي ماڻهو شهيد ٿي ابدي زندگي ماڻيندا. چاڪاڻ تہ اهي پنهنجون زندگيون الله تعاليٰ جي حوالي ڪري رهيا آهن. اهڙن بهادرن کي ڪافرن جو ڄمي مقابلو ڪرڻو آهي. اوهان مان جيڪي ماڻهو پوئتي موٽي وڃڻ چاهين ٿا تہ انهن کي اجازت آهي، پر ڪين اهو ياد رکڻ گهرجي تہ هو درياءَ ۾ ٻڏڻ کان بچي ڪونہ سگهندا. جيڪڏهن ڪو ٻڏڻ کان بچي ويو تہ ڪافرن جي تلوار کان محفوظ رهي ڪونہ سگهندو. جيڪي ماڻهو وڃڻ چاهين ٿا سي پلي هليا وڃن. باقي بهادر ماڻهو دشمن سان وڙهندا آهن، مرندا ۽ ماريندا آهن.

مسلمانن جي ساريءَ فوج مان فقط ٽي ڄڻا موٽي ويا. هڪ ماڻهو اهو بهانو ڪري موٽي ويو تہ سندس پيءُ ماءُ ڪراڙا آهن، سندن خدمت چاڪريءَ لاءِ هن کان سواءِ ڪو ٻيو ماڻهو موجود ڪونهي. ٻئي ماڻهوءَ چيو تہ هو پنيان ڏيءُ ڇڏي آيو آهي جنهن جي ماءُ گذاري وئي آهي، سندس سارسنڀال لاءِ هن ماڻهوءَ جو اتي هجڻ نهايت لازمي آهي. جڏهن تہ ٽئين

ماڻهوءَ چيو تہ جنگ ڪرڻ لاءِ وٽس هٿيار ڪونہ آهن. هنن ڪان سواءِ باقي ٻيءَ فوج چيو تہ هو دشمن سان جنگ ڪرڻ واسطي تيار آهي.

ڪافر ڏڄ ۽ مايوسيءَ ڪان مات ڪري ويهي رهيا ۽ جنگ ڪانہ ڪيائون. سنڌي فوج جو سپهہ سالار ڄئپال هو جنهن عرب فوج کي بزدليءَ جا طعنا ۽ مهڻا ڏنا هئا. سندس لشڪر جا گهوڙيسوار قلعن جي ڦاٽڪن مان تيز رفتاريءَ سان نڪرندا ۽ طوفاني رفتار سان وڃي عرب فوج مٿان ڪڙڪيا. ڄئپال (ڄئسينهہ) جي هٿ ۾ چڪر (mace) ۽ ڇهنبارو هٿيار سيل هو جنهن سان هن جنهن بہ عرب فوجيءَ مٿان وار تي ڪيو تہ سندس سر ڪپجي تي ويو. اهڙو جهونجهارڪو جهيڙو سج لٿي تائين هليو. مسلمان لشڪر سنڌي فوج جي بهادري ڏسي آسرو لاهي ويهي رهيا هئا. سج لٿي جو جڏهن ڪئمپ ڏانهن موٽيا تہ مايوسيءَ ڪان سندن منهن لٿل هئا ۽ سندن اکين آڏو دنيا اجاڙجي وئي هئي. اهي سمجهي چڪا هئا تہ سندن مقدر شڪست ۽ خواريءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي، سندن پٺيان تباهيءَ بربادي ڪان سواءِ ڪابہ شيءِ باقي ڪانہ بچي هئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڄئپال پنهنجون فوجون وٺي اڳتي وڌيو. جنهن ۾ هاٿين جي فوج ۽ گهوڙيسوار بہ شامل هئا. پهريائين هو اسلامي فوج جون صفون چيري اڳتي نڪري ويو. مسلمان فوج جا حوصلا خطا تي ويا. محمد بن قاسم مايوس تي ڌڻيءَ جي دربار ۾ مدد لاءِ پڪاريو. سندس دعائن جي اثر ڪري کيس فتح نصيب ٿي.

ڄئپال جي هاٿيءَ تي باهہ سان ٻرندڙ تير مينهن جيان وسڻ لڳا. هن جي هاٿي هيءُ اوچتي آپدا ڏسي وٺي ڀاڄ شروع ڪئي. اهو ڏسي ٻيا هاٿي بہ وٺي ڀوئتي ڀڳا ۽ پنهنجي فوج کي ڇيتاڙيندا ۽ ڇيپائيندا ويا. ڪي وري قلعي جي ڦاٽڪن وٽ ڇيتاڙجي ويا. ڇاڪاڻ تہ هو مقدر جي تير ۽ تلوار ڪان بچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

ديبل جي قلعي جي وچ تي هڪ مندر هو جنهن جي عمارت چاليهہ پرهہ (rods) اوچي هئي، جنهن جي مٿان قبو(6) تعمير ٿيل هو جيڪو پڻ چاليهہ پرهہ اوچو هو. هن جي چوٽيءَ تي چئن شاخن وارو وڏو جهنڊو جهولي رهيو هو جنهن ۾ طلسم رکيل هو. مسلمانن کي ان طلسم جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي. فتح واري ڏينهن شام قلعي مان هڪ برهمڻ نڪري محمد بن قاسم وٽ آيو ۽ کيس چيائين تہ اسان جي ڪتابن مان اسان کي معلوم ٿيو آهي تہ هن ملڪ کي هڪ ڌارئي مذهب جي فوج فتح

ڪندي.اهو مقرر وقت هاڻي اچي ويو آهي، اهو ڪم مقدر اوهان جي هٿان ڪرائي رهيو آهي. اهڙيءَ ريت مان اوهان کي فتح جو رستو ٻڌائي رهيو آهيان.(7) اسان جي وڏڙن هي مندر طلسم جي اصول تي تيار ڪيو هو. جيستائين اوهان ان طلسم کي ناس نہ ڪندا تيستائين اوهان جي فتح ڪانہ ٿيندي. اوهان اهڙي ڪا حڪمت عملي اختيار ڪيو جو جهنڊي سان گڏ مندر جو مٿيون حصو ڊهي اچي پٽ پوي تہ پوءِ اوهان جا پُئون پارنهن.

محمد بن قاسم سڄي رات سوچيندو رهيو. صبح جو هن منجنيق جي انجنيئر کي پاڻ وٽ سڏايو ۽ صلاح مشورو ڪيو جنهن کيس چيو تہ جيڪڏهن اوهان مون کي چانديءَ جا ڏهہ هزار درهم انعام ڏيندا تہ پوءِ مان ان جهنڊي ۽ مندر جي قبي کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيندس. جيڪڏهن مان ان مقصد ۾ ڪامياب نہ ٿيس تہ پوءِ پلي اوهان منهنجا هٿ ڪپرائي ڇڏجو.

بگل جي آواز تي اسلامي فوج اچي سائي جهنڊي هيٺان گڏ ٿي هئي. سپئي فوجي ساهہ سڪايو بيٺا هئا، پرسان ئي منجنيق پٿر جا گولا وسائي رهي هئي. جڏهن مندر جو طلسمي جهنڊو واڪا ڪندو اچي ڌرتيءَ تي ڦهڪو ڪيو تہ مسلمانن جي زبان مان دين! دين!! جا نعرا گونجي ويا.(8) ان کان پوءِ منجنيق مندر جي قبي مٿان پٿر جا گولا وسائڻ شروع ڪيا. نيٺ مندر جو قبو بہ ڊهي اچي پٽ پيو. اها صورتحال ڏسي فوجي تلوارون ڪڍي ٻاهر نڪري آيا، جن جون ڏاڙهيون ڊگهيون هيون. هڪ فوجي سردار سندن اڳواڻي ڪري رهيو هو. اهي ماڻهو مانڊ ۾ اچي ويا هئا ۽ سوچي رهيا هئا تہ ڀڳوان هنن مسلمانن فوجين کي ماري تباهہ ڪري ڇڏيندو.

قلعي اندر ان کي هڪ چيخ ٻڌڻ ۾ آئي. جڏهن ڊوڙ واءُ هيڏانهن هوڏانهن اُڏامي وئي ۽ وايومنڊل صاف ٿي ويو تہ معلوم ٿيو تہ مندر واري ساري جڳهہ ڊهي پٽ ٿي چڪي هئي ۽ جهنڊي ۽ قبي واري جاءِ تي ڪجهہ بہ ڪونہ هو.

ان کان پوءِ وري بہ دين، دين!! جا نعرا فضائن ۾ ٻرڻ لڳا ۽ پٽڪن وارا فوجي قلعي جي ڦاٽڪ کي شهتيرن سان پيڄڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. قلعي اندر رهندڙ فوج پنهنجي مقرر جڳهہ ڇڏي ڀڄڻ لڳي هئي. ٿوري وقت کان پوءِ قلعي جي ڦاٽڪ جا تختا انجيسن کان الڳ ٿي ويا ۽ حملي

آور فوج قلعي اندر داخل ٿي وئي. اهڙيءَ ريت ديول (Deval) جو قلعو فتح ٿي ويو.

ديول جي ماڻهن جو ٽي ڏينهن قتل عام ٿيندو رهيو. قيدي مسلمان عورتون بہ ڳولهي لڌيون ويون هيون. هتان حملہ آورن کي تمام گهڻي دولت ملي هئي.

هنن ڀڳوڙا ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيا ۽ ان جاءِ تي هنن هڪ مسجد ۽ منارو تعمير ڪيو. هڪ ڏينهن محمد بن قاسم مندر ۾ داخل ٿيو ۽ برهمڻن کي چيائين تہ هو ڪيس پنهنجو ڀڳوان ڏيکارين.(9) جنهن تي هڪ برهمڻ گهوڙي تي سوار هڪ بُت ڏانهن اشارو ڪيو ۽ چيو تہ اسان هن جي پوڄا ڪندا آهيون. محمد بن قاسم پنهنجي تلوار ڪڍي ان کي هٽڻ جي ڪوشش ڪئي. اتي بيٺل هڪ برهمڻ رڙ ڪري چيو تہ اهو تہ بت آهي، ڪا جيئري جاڳندي شيءِ ڪانهي. ان کان پوءِ محمد بن قاسم تورو اڳتي وڌي بت جي هٿ تان لوهہ جو دستانو لاهي سندس ترڪيءَ تي رکي ڇڏيو ۽ پرسان بيٺل ماڻهوءَ کي چيو تہ هن بُت کان پڇو تہ هن پنهنجو ٻيو فولادي دستانو ڪيڏانهن ڪري ڇڏيو آهي. هن جواب ۾ ڪيس چيو تہ پٿر جي نهيل بُتن کي ڪهڙي خبر تہ اهڙيون شيون ڪٿي آهن.

محمد بن قاسم ڪيس وراڻيو تہ "اوهان جي پوڄا جون شيون بہ عجيب و غريب آهن جن کي پنهنجي خبر بہ ڪانہ ٿي پوي."

هن برهمڻن کي چيو تہ هو ٻين هندن کان مختلف هئڻ گهرجن. هن ڪين صبح جو در در تان پنڻ لاءِ ڪشڪول رکڻ جي هدايت ڪئي. ديول جي گورنر مقرر ڪرڻ کان پوءِ منجنيقن کي ٻيڙين ۾ رکائي درياءَ وسيلي نيرون ڪوٽ (حيدرآباد) ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڪيو. جڏهن تہ پاڻ خشڪيءَ وسيلي مذڪوره منزل ڏانهن هلڻ لڳو.

* * *

مسٽر جان بُل، اسان سياڻي پير چارو ڏئي شيخ راڌڻ ڏانهن هلنداسون. اسان جي ٻي منزل اتي آهي.

حوالا:

(1) ڪلاسيڪل دور ۾ سنڌوءَ کي بابا سنڌو Father Indus جي نالي سان سڏيو ويندو هو. پر ڪناري جي پر وارا ماڻهو ڪيس انهيءَ نالي سڏيندا هئا. نيل کي "هاپي" سڏيو ويندو هو. ڪڏهن ان کي تيش - تيش جي نالي سان بہ سڏيندا هئا.

(2) هيءَ بهشت يا باغ جو نالو آهي. چيو ويندو آهي تہ هي بهشت شداد نالي هڪ حڪمران تيار ڪرايو هو.

(3) حڪيم هڪ مشهور سياح هو. هن جو سنڌ ۽ سنڌين بابت بيان بلڪل صحيح آهي. سندس چوڻ آهي تہ سنڌين جي هلت چلت جانورن جهڙي آهي. هن جيڪي اخلاقي ڳالهيون پڌايون هيون سي مسقط جي ماڻهن جي هلت چلت سان ٺهڪي بيهن ٿيون. چاڪاڻ تہ اهي بہ سنڌين وانگي اينترا آهن. سندس بيان موجوده دور جي سنڌين سان بہ هڪجهڙائي رکي ٿو.

(4) اهو ماڳ موجوده دور جو ٺٽو آهي جنهن کي قديم زماني ۾ ديول يا ديبل بہ سڏيو ويندو هو. عرب ۽ ايراني هن ماڳ کي اڄ بہ ديبل سمجهندا آهن ۽ ان کي ديبل ٺٽو سڏيندا آهن.

(5) امام ڪٿر قسم جو هڪ مذهبي ماڻهو ٿيندو آهي ۽ نماز پڙهڻ وقت جماعت جي آڏو بيهي نماز پڙهائيندو آهي.

(6) ديوارڪا جو قديم مندر پئرامڊ جهڙو هو. جيڪو هوبهو ديبل ٺٽي جي قديم مندر جهڙو هو.

(7) عيسائين کي اها ڳالهہ چڱيءَ ريت ياد هئي تہ دانيال جي ڪتاب ۾ عرب حڪومت جي اڳڪٿي ڪيل هئي. تنهن ڪري جڏهن عرب غازي دمشق ۾ داخل ٿيا تہ عيسائين کين مهاڏو ڪونہ اٽڪايو هو.

(8) انهيءَ زماني ۾ حَسِين! دين!! عربن جو هڪ عام جنگي نعرو هو.

(9) هي ساڳيو قصو محمود غزنوي ڏانهن بہ منسوب ڪيو ويندو آهي. هيءَ پهريون مسلمان حڪمران آهي جنهن پاڻ کي سلطان چوايو هو. هن حڪمران ديوارڪا (؟) تي حملو ڪري اتي رکيل بت کي ناس ڪرڻ پئي چاهيو جيڪو سون جو ٺهيل هو. اهو ڏسي برهمڻ کيس گهڻي دولت آڇڻ لڳا. پر هو ڪونہ مڙيو. هن جڏهن سون جي ٺهيل بت کي گرز هنيو تہ قيمتي هيرا موتي ۽ لال چڻ چڻ ڪري اچي پٽ تي ڪريا ۽ سون جو ٺهيل بت بہ پچي پرزا ٿي ويو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ هر دور جا ماڻهو هن حقيقت کي سمجهي ڪونہ سگهيا آهن تہ هندو جن بتن جي پوڄا ڪندا آهن سي ڪنهن نہ ڪنهن ديوتا جي علامت هوندا آهن. ڇا يهودين ۽ عيسائين وٽ مورتيون ڪونہ آهن؟ ڇا اِهي پاڻ وٽ مٽن مائٽن ۽ دوستن جون تصويرون ۽ فوٽوگراف ڪونہ رکندا آهن؟

باب نائون

# شيخ راڌڻ، وسيع رڻ پٽ

مسٽر جان بُل، جڏهن اسان جهرڪ[1] پهچون تہ پوءِ اوهان کي منهنجي طرفان سنڌوءَ کي ڏسڻ جي مڪمل اجازت هوندي. هي درياءُ ڪلاسيڪل آهي ۽ اوهان ان کي ڏسي پاڻ بہ ڪلاسيڪل بڻجي ويجو. هو پاڻ بہ سرمست ۽ بي خود درياءُ آهي ۽ اوهان پاڻ بہ سرمست ۽ بي خود بڻجي ويجو. هو گاج ۽ گجگوڙيون ڪري رهيو آهي، اوهان بہ ائين ڪرڻ شروع ڪري ڏيو. سنڌوءَ وانگي اوهان ۾ بہ لهريون لس ليٽ ۽ ڪُنَ آهن. اڄ تہ پرهہ ڦٽيءَ سان ئي ڊنڊ آهي. جهرڪ هتان کان ٽي چار ميل پري ٿيندو. جيڪڏهن سنڌوءَ کي ٿئي پرسان ڏسبو تہ ڪنهن آنڊ مانڊ واري چريءَ دل کي لطف ڪونہ ايندو.

اوير ياسي کان چانديءَ جهڙي چٽي روشنيءَ جي اٿلي پوڻ ڪري رات واري ڪاراڻ هلڪي ٿي وئي آهي. اهڙي چٽي روشني چوڌس پکڙيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اوهان ڏنو تہ جهڙيءَ ريت اها روشني نڪري آئي، تهڙي ريت تڪڙي غائب بہ ٿي وئي. هتان جا مشرقي ماڻهو هن کي صبحِ ڪاذب سڏيندا آهن. اهي سمجهندا آهن تہ سڄ رات جي ڪٽ تي سُتل هو جيڪو هاڻي اک پٽي اٿي کڙو ٿيو آهي ۽ ڏکن واري پاتال جي دنيا جي ڪاف (Kaf)[2] نالي هڪ جبل جي سوراخ مان اسان ڏانهن ڏسي ٿو. ٿورو ڪجهہ مٿي چڙهي ٿو تہ ان جبل جون چوٽيون سندس روشنيءَ جي آڏو اچي وڃن ٿيون.

ان کان پوءِ هاڻي صبح صادق ٿي رهيو آهي جنهن جي روشني پهريائين پوري ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ان کان پوءِ هلڪي ڳاڙهي- ڦڪي ٿي وڃي ٿي. ان وقت ماڻهوءَ کي هلڪو نار محسوس ٿيندو آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ اوير ڏانهن ڳاڙهاڻ ڏسبي آهي ۽ ڪجهہ گدلائيءَ جو احساس

ٿيندو آهي. ان وقت اُفق وٽ سج اُڀرڻ وارو هوندو آهي. ان وقت هوا بہ ٿڌي گهلڻ لڳندي آهي. هن کي دمر - صبح يا صبح جو ساهہ سڏيو ويندو آهي. مسلمان سمجهندا آهن تہ اهو وقت هوندو آهي جڏهن فطرت الله تعاليٰ کي ڀرپور عقيدت جو سجدو ڪندي آهي.

هاڻي اوهان بہ صبح ۽ شام کي سمجهڻ ۾ ماهر ٿي ويندا. جڏهن اوهان انگلنڊ کان نڪتا هئا تہ اوهان جو ذهن هن موضوع تي ڀڏتر جو شڪار هو. اوهان کي اها پڪ ڪانہ هئي تہ اونهاري ۾ ڏينهن صبح جو پنجين وڳي شروع ٿيندو آهي، جڏهن تہ سياري جي موسم ۾ ڏينهن جي شروعات اٺين وڳي صبح کان ٿيندي آهي، پر اوهان جو سڄي سال جو صبح هميشه نائين وڳي جو هوندو آهي. اوهان کي اها خبر ڪانہ هوندي آهي تہ باک ڦٽي ۽ ڀيچ ڀني بہ ٿيندي آهي. اوهان پرهہ ڦٽي بدران ناشتي جي ميز کي ڏسندا آهيو. تنهن ڪري مان سمجهان ٿو تہ جيڪو ڪجهہ اوهان کي سمجهائي رهيو آهيان سو اوهان جي لاءِ نئون ۽ عجيب و غريب آهي.

ڏسو تہ سج اُڀرڻ جو منظر ڪيڏو نہ سهڻو آهي. هتي صبح جي سج اُڀرڻ وارو خوبصورت ڏيک سج لهڻ جي منظر جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ من موهيندڙ هوندو آهي، ڪڪرن جي هڪ قطار آهي جنهن جو هيٺيون تهہ سون جيان چمڪي رهيو آهي، اهو سج جي اولڙي ڪري ٿيو آهي جيڪو اجا اُڀريو ڪونہ آهي ۽ اُفق جي پنڌين پاسي آهي. مٿئين پاسي کان اهو ڪارسرو گلابي آهي. آسمان تي بہ چمڪندڙ گلابي رنگ نظر اچي رهيو آهي. آسمان جي قبي تي ٿررو مٿي خوبصورت گلابي رنگ موجود آهي ۽ سج "اُفق واري هلڪي ڌنڌ جي تهہ منجهان اُڀري رهيو آهي." ۽ هوريان هوريان اُفق وارن هلڪن نشانن کي پار ڪري مٿي اچي رهيو آهي. محسوس ائين ٿي رهيو آهي جڻ هو پنهنجي هيٺئين حصي کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهي. سارو منظر ڳاڙهو ڏسبو آهي جيڪو اصلي رنگ کان ٿورو بدليل هوندو آهي، جڻ اتر قطب جي ويڪرائي ڦاڪ واري فضا ۾ ڪليو ڇڏيو ويو آهي، اسان ان کي آني جهڙي شڪل وانگر ڏسون ٿا. اُڀرڻ مهل بہ سندس شڪل آني وانگر هئي، منجهس تيز چيندڙ روشني ڪانهي، اسان لڳاتار بنا اک ڇنڀڻ جي ان کي چتائي ڏسي سگهون ٿا.

هي اهو سهانو سمو آهي جڏهن فطرت جي باڪمال جادوگرياڻي پنهنجي طلسم منڊڻ ۾ محوَ هوندي آهي. ائين معلوم ٿي رهيو آهي جڻ

روشنيءَ جا ڪِرڻا موڙ ڪائي رهيا آهن. هڪ ننڍڙو خوبصورت قلعو نظر اچي رهيو آهي. ان جا برج ڪيڏا نہ خوبصورت آهن. جهنڊو بہ ڪيڏو نہ وڏو آهي، جڻ اوهان تائين پکڙيل ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. جڳهن جو هڪ ڊگهو سلسلو موجود آهي. رستن جي ڪنارن سان وڏن وڻن جون قطارون آهن جن جي رونق چوڏاري پکڙجي وئي آهي. پاڻيءَ جي وسيع چادر وڇائي پئي آهي، جيڪو بنهي ڪنارن جي وچ ائين ڏسجي رهيو آهي جڻ فطرت جو بار پينگهي ۾ ستو پيو آهي. وهڪري ۾ ور وڪڙ آهن. ائين پيو معلوم ٿئي جڻ راس (Cape) آهن يا زمين جي مٿاڇري جي پاڻيءَ ۾ اڳتي وڌيل ڇُڪ (Promontory) آهي، جڻ سمنڊ جو ڪاڏل ور وڪڙ ڪنارو آهي، ڪارسريون ٽڪريون آهن. توهان کي اهو منظر ڪيئن ٿو لڳي؟ جڻ هوبهو ونڊسر (Wendsor) جو قلعو يا مان غلط ٿو چوان؟

سائين، اوهان ڇا پيا ڏسو؟ اهي پچرن ۾ ٽوٽين سان اڏيل ۽ ڊنل ڦٽل ٽي چار جُهڳا، خشڪ ڪوماٽل وڻ، رڻ پٽ بيابان ۾ پنج ڇهہ ٻوٽا ۽ نيڻ نهار تائين اڇو لوڻ جيڪو ڦوڦراڻجي پيو آهي. هي منظر فطرت جو جڻ شاعراڻو تصور آهي. اهو قدرت جو جڻ من پسند منظر آهي. گهڻي زماني کان وني فطرت ان کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو آهي. هن ۾ ڪنهن بہ تعجب جي ڳالهہ ڪانهي تہ فطرت جو ننڍڙو بار پنهنجي موضوع تي ڪم ۾ مصروف آهي ۽ ان کي عام فهم شڪل صورت ڏئي رهيو آهي.

اسان هاڻي شاعراڻي تصور کان موٽي عملي دنيا ڏانهن اچون ٿا. مان اوهان جو ڌيان ننڍي قد وارن لَوَن جي وڻن ڏانهن ڇڪايان ٿو جن کي مان باسٽرڊ سائپرس (bastard cypress) سڏيان ٿو(3) هن وڻ جي نرم لُڱن تي ماڪ جا ڦڙا موتين وانگر چمڪندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پر منهنجا سائين، اها ماڪ نہ آهي. ان کي لئي وڻ جي ماکي سڏيو ويندو آهي. ايران وارا هن کي ترنج بين (Turanjeben) سڏيندا آهن. اسان ان کي غلطيءَ وچان "من" (manna) ڪوٺيندا آهيون. هتان جا ماڻهو هن کي اگم (Ugam) يا ماکي چوندا آهن ۽ ان کي مٺي دوا طور ڪم آڻيندا آهن. مون انجيل مقدس جي ناتي هي معلوم ڪري ورتو آهي تہ حضرت موسيٰ عليه السلام فرعون کان آزادي حاصل ڪري واديءَ سينا ۾ پهتو هو تہ ساڻس آيل ماڻهن کي کائڻ لاءِ هيءَ شيءِ ڏني وئي هئي. هن ڳالهہ تي يهودي ضرور اعتراض ڪندا. پر مسٽر جان بُل، مان اوهان کي هن شيءِ جي خوبين

بابت ضرور ٻڌائيندس، جنهن کي ترنج بين يا اگم سڏيو ويندو آهي. هيءَ شيءِ قبض ڪشا ٿيندي آهي، پر اها شيءِ اهڙين وصفن کان خالي نظر آئي. هڪ دوست کي اهڙي شيءِ "من" هڪ بيابان ۾ نظر آئي، پر هن شيءِ مان ڪيس گوشت ۽ دوا جي گڏيل بوءِ اچي رهي هئي. پوءِ هن اهو رستو اختيار ڪيو جيڪو عقلمند ماڻهو اختيار ڪندا آهن. برڪهارڊ (Bruck_hard) سيٽزن (Seetzen) جي نقطءِ نظر جو حامي هو ته انجيل واري شيءِ "من" لئي (Tamarisk) مان ملندي آهي. حاجي ابراهيم جو چوڻ به صحيح آهي ته ڪؤنر کي بدوي 'من' سڏيندا آهن. سندس چوڻ آهي ته لئي جي وڻ ۾ هاڻي اهڙو ڪؤنر ڪونه ٿيندو آهي. مان سمجهان ٿو ته هو اهو چئي پاڻ کي جڙ نڳي رهيو آهي، سندس چوڻ آهي اها شيءِ سينا جبل جي اوسي پاسي وارن لئي جي وڻن ۾ ٿيندي هوندي. ماڻهو اهڙين ڳالهين تي صبر اختيار ڇڏيندا آهن. اهڙي ڳالهه تي ماڻهو اعتقاد ڪونه ڪندو ته مصر مان ڀڄي نڪتل ماڻهن چاليهه سال ان شيءِ تي ڪيئن گذران ڪيو هوندو جنهن جو اثر جلاب جهڙو هو. اهو ڪرامت جو ڪارنامو سمجهن يا ان حقيقت کان انڪار ڪن. ان شيءِ لاءِ ٺتو تصور ته قائم ڪري ڪونه ٿو سگهجي ته اها شيءِ کاڌ خوراڪ به هئي ۽ ساڳئي وقت جلاب جو ڪم به ڪري رهي هئي، ان ڳالهه جي سمجهاڻي به معجزي وانگر ماڻهوءَ جي سمجهه کا .متي آهي.

مسٽر جان بُل، مان اوهان کي هڪ نيڪ مشورو ڏئي رهيو آهيان ته اوهان سنڌو ماتريءَ ۾ نهيل ڪنهن به پُل مٿان گهوڙي تي سوار ٿي درياءَ جي ٻئي پار وڃڻ ڪوشش به نه ڪجو. درياءَ جي ڪناري پرسان ڪڏهن به نه وڃجو. توهان کي ڪا ڪَل ڪانه پوندي جو ترڪي پوندا، پوءِ ڦرندا گهرندا ليٽڙيون پائيندا ڏُو وڃي پاڻيءَ ۾ ڪندا. درياهه جي ڪناري سان چور گپ به هوندي آهي جيڪا سڪي اچي ٿي ويندي آهي. ماڻهو سمجهندو آهي ته اها پڪي آهي ۽ سندس بار سهڻ جوڳي آهي. اوهان جيڪڏهن اتي پير رکندا ته چور گپ ۾ ڳُڙپ ٿي ويندا. هيءَ ڳالهه به ڪڏهن نه وسارجو ته اوهان پنهنجو گهوڙو ٻيهر جي ڏار سان ٻڌي آرام سان ويهي نه رهجو. درياءُ جيڪڏهن پائيندڙ ڪئي ته اوهان جو اهو ڪَستو گهوڙو ٻيهر جي ساري وڻ سميت درياءُ جي سير ۾ هوندو ۽ اوهان پنهنجي اکين سان ڪيس لڙهندو ويندو ڏسندا پر ڪرِي ڪجهه به نه سگهندا. اهي مسئلا آهن پر هتان جون پُليون انساني زندگيءَ لاءِ وڏو خطرو آهن.

شايد اوهان هن تُرهي (raft) ڏانهن ڏسي رهيا آهيو جنهن تي مهاڻن ڏيا ٻاري رکيا آهن ۽ درياهہ جي ان چاڙهہ جي ڪناري سان اچي پکڙهہ هنيا اٿن جنهن جي وٽ پاسي سان اسان بيٺا آهيون. ڪالهہ نومبر جي 6 تاريخ هئي ۽ ان تاريخ تي ڏياريءَ جو ڏينهن بہ هو. هي سنڌي هندن جو وڏو ڏڻ آهي، جنهن تي هو ڏاڍيون خوشيون ڪندا آهن. هتي جا مهاڻا انهيءَ تُرهي جي آڌار تي درياءَ ۾ تبي هٽي ماڻهوءَ جي مستقبل جي جاڻ ڏئي سگهندا آهن. پاڻي پوڄارا پهريائين سنڌوءَ بابا ۽ جي بعد ۾ لڪشمي ديوي ماتا جي پوڄا ڪندا آهن.(4) هيءَ هندستانين جي ڀاڳ ديوي آهي. شام جو پهريائين وهندڙ پاڻيءَ جي ڪناري جي صفائي ڪري انهيءَ کي سنواريندا سينگاريندا آهن. پوءِ تُرهي تي ڏيو ٻاري رکيو ويندو آهي، ان کان سواءِ باس واريون شيون بہ تُرهي تي رکيون وينديون آهن ۽ پوءِ ان کي پاڻيءَ جي حوالي ڪيو ويندو آهي. درياءَ جي وڪڙ تائين سيني‍ءَ جون اکيون تُرهي جي چُرپُر ۾ هونديون آهن. جيڪڏهن ترهو پاڻيءَ جي لهرين مٿان ناچ ڪندو هلندو آهي ۽ ڏيو ۽ باس واريون شيون سلامت رهجي وينديون تہ سمجهيو ويندو تہ تُرهي واري ماڻهو جي حياتيءَ جو ڏيو گهگهہ اونداهيءَ ۾ ٻرندو رهندو. پر جيڪڏهن پاڻيءَ جي لهر باس وارين شين کي لوڏي ڪيرائي ڇڏيو تہ اهو بدسوڻ سمجهيو ويندو ۽ ان ماڻهوءَ جي حياتي طوفانن جي ور چڙهيل هوندي ۽ هو سدائين ڏکن ۽ ڏچن ۾ وڪوڙيل هوندو. سنڌ جي ڪن حصن ۾ ڏياريءَ واري رات ڏاڍي شاندار نموني ملهائي ويندي آهي ۽ ڏاڍو خوبصورت منظر هوندو آهي. درياءَ جي ڪناري سان هزارين ڏيا ٻاري رکيا ويندا آهن. رات جي وڳڙي ۾ ڏيِن جي روشنيءَ جو عڪس پاڻيءَ ۾ پوندو آهي تہ اهو منظر بہ واهہ جو سهڻو لڳندو آهي. جيڪڏهن درياءَ جي ڪناري سان گهاٽا ۽ اوچا وڻ هوندا آهن يا پراڻا مقبرا هوندا اهن تہ هيانءَ ۾ سانڍڻ جهڙو منظر ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

اسان جي سفر وارو رستو بہ هڪ عام رستو آهي جيڪو هنن علائقن ۾ عام هوندو آهي. اهڙا رستا ماڻهن جي اچڻ وڃڻ ڪري جُڙي پوندا آهن. ڪنهن وسيع رڻ پٽَ مان گذرندڙ رستا بہ ائين بڻجي پوندا آهن. اسان هاڻي ان ميداني علائقي کي الوداع چئي رهيا آهيون جنهن ۾ ٺٽو واقع آهي. هاڻي اسان هڪ جابلو جُوءَ وچان سفر ڪري رهيا آهيون جنهن جون ٽڪريون چن پٿر جون آهن. هي ڏکويل ماٿري. سنڌ جو (Petral) وارو حصو آهي. جيڏانهن نهاريو اوڏانهن ڦڪي رنگ جا پٿر ڏسڻ ۾ ايندا. اهڙو سلسلو لڳاتار

ڏسڻ ۾ ايندو ۽ هو ڏاڪن جي صورت ۾ آهي. هتان جي وڏ ۾ وڏ اوچي چوٽي ڏيڍ سؤ فوٽ سنڌوءَ جي پاٽيءَ جي مٿاچري کان مٿي آهي، لوَن جا وڻ ۽ ٻيا ننڍا وڏا ٻوٽا ڪٿي ٻہ نظر ڪونہ ايندا آهن. اهڙي صورتحال مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ هتي ڪڏهن بہ پاڻي ڪونہ آيو آهي. جيڪڏهن پنجين پندرهين سال مينهن پيو بہ آهي تہ تمام ٿورو.

رستي جي ڪناري سان ٽڪرين جي چوٽين تي ڪي مقبرا نظر اچي رهيا آهن. جن جي طرز تعمير عام رواجي ڪانهي. هي پٿر جا ننڍڙا قبا آهن جيڪي پٿرن جي نازڪ نفيس هم چورس ٿلهن جي آڌار تي بيهاريا ويا آهن. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ اهڙيون جڳهون ان جاءِ تي ناهيون ويون آهن جتي ڌرتيءَ جو ڪو ڏِکُ مڙس شهيد ٿيو آهي. جيڪڏهن سنڌ جي پٽ پان کان اهڙن بهادر ماڻهن جو حال احوال پڇبو تہ هو اهڙن ماڻهن ۽ انهن جي ابن ڏاڏن جا سوين نالا وٺي ويندو. اهڙي بيان ۾ ڪيس پورا ٽي ڪلاڪ لڳي ويندا. پوءِ لغارين ۽ لاشارين کي ڪٿي مٿي تي کڻندا جيڪي سنڌ جون بہ مشهور بروچ ذاتيون آهن ۽ اهي جڻ ڪئمبيل (Cambell) ۽ چٽٽن (Chattan) قبيلن وانگر آهن.

مسٽر جان بُل، مون کي ڊڄ آهي تہ متان اهڙيون ڳالهيون اوهان کي ٻڌي ننڊ ايندي هجي، تنهن ڪري اوهان ويورلي (Waverely) واري منظر کي افغانستان جو منظر سمجهو ۽ تصور ڪريو تہ اڪبر خان، رابرٽ بروس (Robert Bruce) آهي. جيڪڏهن ائين ٿي پوي تہ پوءِ وڏي ۾ وڏي جادوگر جا هٿ ڏڪڻ شروع ڪندا، جنهن تيليءَ مان ٽنپ ٻٽائي ڏيکاريو آهي.

پتو نہ آهي تہ قافلي جا اُٺ هلندي هلندي الائي ڇو بيهي ويا آهن.

مان سمجهان ٿو اسان جا نوڪر پنڌ هلڻ بدران اُنن تي چڙهي ويهي رهيا آهن ۽ اسان جي مڏي ملڪيت تي چوڪيداري ڪرڻ بدران اُنن تي لڏيل ڪٿن مٿان سمهي پيا آهن ۽ ڪين ننڊ وٺي وئي آهي. ان جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو قطار جي صفا پٺ ۾ هلندڙ اُٺ مهارون ڇنائي، سامان ڪيرائي، پنهنجن مٿن مائٽن ۽ دوستن احبابن سان ملڻ لاءِ گهاٽي جهنگ ۾ هليو ويو آهي. هنن ماڻهن کي اهڙيءَ لاپرواهيءَ ڪري چڙٻڻ ۽ چنبڙ پٽڻ جي ضرورت ڪانهي، چاڪاڻ تہ دڙڪن ڏيڻ سان رهندو بہ گهٽ ڪم ڪندا آهن. اسان کي جتن ڪري پڇي ويل وهٽن کي هٿ ڪرڻ گهرجي. پرسان ٿي هڪ ڳوٺ آهي جتان هڪ ناهوڪو پاڳي ملي ويندو.

اسان هڪ ماڻهوءَ کي وچي ننڊ مان اُٿاريو جيڪو چادر تاڻيو سُتو پيو هو. پهريائين تہ هو اسان ڏانهن گهوري ڏسڻ لڳو. اسان هن لاءِ جڻ حساب ڪتاب پڇڻ وارا فرشتا هجون(5). اسان هن کي تاڙي ۾ گهاڙي بيهي رهياسون تہ متان هي بہ اُٿ وانگر ڪٽي جهنگ منهن ڪري. جهنگلي ماڻهو اجايو سجايو بہ سوچيندا آهن. هي ڏنار آهي. پاسي سان سندس پنج اٺ ٻڪريون چري رهيون آهن. ڪيس شڪ آهي تہ جيڪڏهن هو اسان جي وچايل اُنن جا پير ڪٽندو تہ سندس ٻڪريون ڪيڏانهن گم ٿي وينديون ۽ ڪيس ان نتيجي ۾ چڱي خاص جهينگر بہ ملي ويندي. اسان اُٺ جي پيرن ڪٽڻ عيوض هڪ رپيو سندس تريءَ تي رکيو. هو سمجهي ٿو تہ اسان بيوقوف آهيون جو هيتري ٿوري ڪم واسطي اسان ڪيس هڪ روڪ رپيو ڏئي رهيا آهيون. اسان ساڻس واعدو ڪريون ٿا تہ اُنن ملڻ وقت ٻيو رپيو بہ هن کي ڏنو ويندو. اها ڳالهہ ٻڌي هو واڻڙو ٿي وڃي ٿو ۽ پيرن ڪٽڻ لاءِ وڏيءَ همت جو اظهار ڪري ٿو.

اوهان ڏسو تہ اهو جهنگلي ماڻهو ڪيڏي ڏاهپ جو مظاهرو ڪري رهيو آهي. هو پنهنجي جتي کي ڏوريءَ سان چڪي ٻڌي ٿو. چادر کي چڪي چيلهہ سان ٻڌي ٿو. پيرن ڪٽڻ کان اڳ هو هيٺ جهڪي اٺ جا پير ڏسي ٿو پوءِ هو پاڻ سان ڳالهائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ اُٺ ڪنوات آهي. سندس پير وڏي اُٺ کان چوٿون حصو گهٽ آهن. هو اڳينءَ جنگهہ تي بار ڪجهہ گهٽ ڏئي ٿو ۽ پير کي موڙو ڏئي هلي ٿو. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ سندس داڦوڙي ۾ ڪو ڦٽ آهي. گوري مٿان بار لڏيل ڪونہ ٿو ڏسجي. ڏسو هي پيو وڃي. شايد شيخ راڻ جي جهنگل ڏانهن پيو وڃي. ”هاڻي سائين(6) اوهان جو هي خادم تيار آهي.“

اسان پنهنجي ڪئمپ هٽڻ لاءِ مذڪوره جهنگ کان مٿئين پاسي تنبو هٽڻ لاءِ اڳتي وڃي رهيا آهيون. اسان پنهنجن ماڻهن کي موڪليو آهي تہ قافلي جا باقي اٺ ڪاهي اچن ۽ پاڳيءَ سان گڏجي اٺ جي پيرن ڪٽڻ ۾ سندس مدد ڪن.

هو نهايت تيز رفتاريءَ سان اُٺ جا پير کنيو اڳتي وڌي رهيو آهي. اسان کي تہ اچرج پيو ٿئي. هو اُٺ جي پيرن ڏانهن بہ ڪونہ ٿو نهاري. اُٺ وري وڪڙ ڪري اڳتي وڌيو آهي. هو بہ نهايت تيز رفتاريءَ سان ور وڪڙ ڪندو شڪاري ڪتي جيان سندس پير سونجهيندو اڳتي وڌي رهيو آهي.

اسان سنئين سڌي جابلو ميدان مان گذري رهيا آهيون. پٿريون بلورن جهڙيون لسيون آهن. اسان مختلف پير چارن سان اڳتي وڌي رهيا آهيون، جتي اوهان کي ۽ مون کي اُنن جا پراڻا ۽ تازا پير نظر اچي رهيا آهن. اسان سخت زمين جي مٿاهين تان هيٺ لهي رهيا آهيون، جتي اُٺ جي پيرن جو ڪو نشان ئي موجود ڪونهي پر اسان جو پاڳي هڪ گهڙيءَ لاءِ ڪٿي مُنجهي بيهي ڪونہ ٿو رهي. هو پاڳي ٿي چائو آهي ۽ ست پيڙهاڻو پاڳي آهي. سندس ابا ڏاڏا بہ پاڳي ٿي گذريا آهن. هو جڻ جبلتي طور پاڳي آهي. هن قسم جي قدرتي ڏات کي لفظن سان سمجهائي ڪونہ ٿو سگهجي.

اهم ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ هو پير کڻڻ وقت فقط پيرن سان گڏ آهي. سندس خيال ڪنهن ٻئي پاسي ڪونہ ٿا وڃن. هو پنهنجي جسم ۽ روح سان پيرن سان گڏ موجود آهي.

جيڪڏهن هڪ ماڻهو پنهنجي سوچ ۽ فڪر سان گڏ هوندو تہ پاڳ ڪي موٽائي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن گهڻا ماڻهو هوندا ۽ هرهڪ کي ڪيئي سوچون هونديون تہ سندن عملي جدوجهد مان ڪوبہ ڪرتيل ڪونہ نڪرندو.

هاڻي هو هڪ گهاٽي جهنگ جي وٽ سان ٿوري وقت لاءِ بيهي رهيو آهي، جنهن جي وٽن جا ڏار هڪ ٻئي سان ملي ويا آهن. هو جتين کي سوگهي ٻڌڻ لاءِ بيٺو آهي.

”سائين مون تہ اوهان کي اڳيئي ٻڌايو هو تہ اُٺ شيخ راڌڻ واري جهنگ ڏانهن وڃي رهيو آهي.“

”برابر! تو ٻڌايو هو. بهادر ٿي اڳتي وڌ.“ سائين مسٽر جان بُل، اهي لفظ اسان جي ٻوليءَ ۾ Well done جي لفظن برابر آهن. توهان تڪڙو هلي ان کي پڪڙي سگهندا؟

هو ٿوري وقت لاءِ بيٺو ۽ چوڻ لڳو تہ سائين هو چَرڻ واسطي ٿورو وقت هتي بيٺو آهي. گاهہ جو هي ٿُٻو ڏسو جيڪو سندس ڏاڙهي جي بار ڪري بيٺو ٿي پيو آهي ۽ اچا سڌو ڪونہ ٿيو آهي، جنهن مان لڳي ٿو تہ ٿورو وقت ٿيندو جو هو هتان گذريَو آهي.

پاڳي پنهنجي بيان کي سچي ثابت ڪرڻ لاءِ اسان کي سڌو گهاٽي جهنگ ڏانهن وٺي وڃي ٿو. اسان ڏٺو تہ اُٺ پنهنجي ڏکهي ڳچي مٿي ڪيو وٽن جا پن چڪي پٽي رهيو آهي. اسان جي ظاهر ٿيڻ تي هو اسان ڏانهن ڏسڻ لڳو. معلوم ائين ٿي رهيو هو جڻ اسان کي ڏسي سندس سارو جسم مفلوج ٿي چڪو هو. هو سوچي رهيو هو تہ جيڪر هو چوتال پڇي

ڪيڏانهن نڪري وڃي، پر هو ائين ڪري نہ سگھيو. پاڳي آرام سان اڳتي وڌيڪ سندس نڪ ۾ پيل لاتيءَ ۾ مهار اٽڪائي ۽ اُٺ ڪنهن بہ قسم جي آڙا گوڙي ڪان ڪئي.

سنڌي ماڻهو تيهامہ جي عربن ۽ اتر آمريڪا جي ڳاڙهن ماڻهن جيان ڏاڍا سچيت ۽ سنويرا پاڳي آهن. هنن پاڳين جهڙو بيو ماڻهو ڪونهي جو ڏاهپ سان پير کڻي سگھي. جيڪڏهن ڪو فوجي پڇي ويندو آهي يا ڪنهن گھر مان چوري ٿي ويندي آهي يا ڪٿي راهہ ويندڙ مسافر قتل ٿي ويندو آهي تہ هتان جي پاڳي کي آٿائي ڏوهارين جا پير ڏيکاريا ويندا آهن. هو اهڙو ڏات ڏٺي آهي جو ان ماڻهو جي شخصيت جو مڪمل بيان ڪري اوهان کي ٻڌائيندو. هو ڏوهيءَ ماڻهوءَ جا پير ڪٽندو گھٽي فاصلي تائين هلندو رهندو. مجرم پنهنجن پيرن لڪائڻ لاءِ گھٽيون ئي گھتون گوهيون ڏيندو پر هو سندس اٽڪل بازي کي سمجھي ويندو آهي ۽ گمراهہ ٿي ڪونہ سگھندو آهي. ان کي گھوڙي جا پير ڏيکاريو پوءِ پلي ان کي ٻيا غلط نعل هڻايو پلي اڳين جُتي لاهي ٻي جُتي پايو پلي پير اگھاڙا ڪريو يا پلي اگھاڙن پيرن ۾ جُتي پايو. پلي ڪئنگرو وانگر ٽپ ڏئي هلو يا بانبڙا پائي هلو هو اوهان کي اڇي هٿ کان جهليندو ۽ چوندو اشراف جا پٽ هٽ ويهہ ۽ ڏي پاءُ پاٽيءَ جو. مون کي اهو پتو ڪونہ آهي تہ هتان جو ٻهراڙيءَ جو پوليس وارو پيرايو ڪٿي کي چو نٿو استعمال ڪري. شايد انهيءَ ڪري جو اهو طريقو اڻ سڌريل آهي.

اج تہ اُٺ بہ اسان لاءِ ڏچو بڻجي ويا آهن. اوهان پاڻ ڏسو تہ جنهن جاءِ تي اسان تنبو هنيا آهن سا پٿريلي آهي، جنهن جي هڪ پاسي کان ڏنگيون ڦڏيون ٽڪريون آهن جيڪي هنڌان هنڌان پڳل ۽ ڪاڌل آهن. ٻئي پاسي سخت مٽيءَ جو ميداني علائقو آهي جتي اسان کي گھاٽو جهنگ نظر اچي رهيو آهي، جيڪو "سنڌو بابا" جي ساڄي ڪناري سان واقع آهي. جيڪڏهن مان اوهان کي هن جڳهہ بابت ڪٿي ڪجھہ بہ نہ ٻڌايان پر اوهان ان کي سڃاڻڻ ۾ غلطي نہ ڪندا. هتي ميدان تي ڪاري رنگ جي شيشن جا هزارين ٽڪرا ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. تنهن ڪري اوهان کي انگريزن جي موجود هئڻ جي پڪ ٿي وئي هوندي.

اسان کي هتي تنبو هڻڻ نہ گھرجن. چاڪاڻ تہ ٽڪريءَ جي سنئين سڌي متاڃري تي تيز هوا جي دُس لڳي پئي آهي. پرسان ئي ڪنهن بزرگ جو مقبرو بہ آهي، جنهن جي پراڻين پٽين کي اڙ ڏئي اسان پنهنجا تنبو

نصب ڪري سگهون ٿا. انهيءَ سان اسان اتر جي ڳهاڙ ۾ سخت سيءَ کان بچي پونداسون. ائين ڪرڻ سان اوهان سياري جي سخت سيءَ تي ڪلي مٿس چٽرون بہ ڪري سگهون ٿا.

مان اوهان کي هيءَ ڳالهہ ٻڌائڻ ضروري ڪونہ ٿو سمجهان تہ اسان جي نوڪر لوهہ جون ميخون وڪٽي چڏيون آهن يا وڃائي ڇڏيون آهن، هاڻي اسان وٽ تنبن جي رسين کي ٻڌڻ لاءِ ڪاٺ جا ڪلا آهن جيڪي هن قسم جي پٿريلي زمين ۾ چڱيءَ ريت کُپي تنبن کي سوگهو جهلي سگهندا الائي نہ. پر اهي جڻ تصوراتي ڳالهيون آهن.

ڳالهہ ڪندا آهن تہ قديم زماني ۾ راند جو هڪ شوقين ماڻهو رهندو هو. هڪ شرط دوران ڪنهن ماڻهوءَ کيس چيو تہ تنهنجو گهوڙو ڏاڍو براڻو بينو آهي. تنهنڪري ان کي تڏاڻيءَ ۾ خبرداريءَ سان هلاءِ، نہ تہ نقصان ڪري وجهندين. هي رانديگر همراهہ ماڻهن جي ڏنل مشورن خلاف عمل ڪرڻ جو عادي هو تنهن ڪري هن هم ڪئي نہ تم، گهوڙي کي بہ ٽي تلهڙ وهائي تيز ڪري ڇڏيو ۾ گاڏي واريءَ جي بند تي چڙهي وئي ۾ گاڏيءَ تي سوار ماڻهو اچل ڪائي پري ميدان ۾ وڃي ڪريا.

ساڳيءَ ريت مان بہ چاهيان ٿو تہ ڪا اٽڪل بازي ڪري هي تنبوءَ پنهنجن دوستن مٿان ڪيرايان. مون کي يقين آهي مان ائين ڪري سگهان ٿو. هوا بہ تيز گهلي رهي آهي. تنبو بہ هلڪو ۾ هڪ چوب وارو آهي. جيڪڏهن تنبو دوستن مٿان ڪِريو تہ بہ ڪو نقصان ڪونہ ٿيندو ۾ ائين سولائيءَ سان نڪري ايندا جيئن ماڻهو اُتلي پيل ڪتي گاڏي (dog_ cart) مان آسانيءَ سان نڪري ايندا آهن. مان اوهان کي ان منظر جو نقشو هن ريت سمجهائي سگهان ٿو.

فرض ڪريو اوهان تنبوءَ ۾ نهايت آرام سان منجهند جي ماني کائي ننهن سوسڙي گرم ڪافي جو مزو وٺي، ميري شراب مان مزو وٺي رهيا آهيو ۾ ڪڙاهيءَ مان بہ لطف اندوز ٿي رهيا آهيو. ڪاڏي جي هر شيءِ ۾ اڏامندڙ واري شامل ٿي رهي آهي، جيڪا واءَ جي سر آواز تي ڏندن هيٺان ڪِر ڪر ڪري رهي آهي ۾ اوهان ان کي زور سان چباڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

ان وقت اوچتو ئي چرڪاٽ جو آواز ٿئي ٿو۔ ڪر۔ ڪ... ڪرڪ۔ ڪاٺ جي ڪِلن ۾ پٿر جي بار جي مدد سان بيٺل اوهان جي ٽاٽ جي گهر جون رسيون سرڪي رهيون آهن. توهان تنبوءَ کي مٿان ڪرندو ڏسي چرڪ کائي ڪرسيءَ تان اُٿي ٻاهر وڃڻ لاءِ ابهرائيءَ کان ڪم ونو ٿا تہ

ڪرسي هيٺ ڪري پوي ٿي. ان وقت پنئين پاسي واري ڪنات اوهان جي مٿان ڪري پوي ٿي. تنبوءَ واري چوب سٽڪو ڪري اچي توهان جي ميز مٿان ڪري ٿي، جيڪا ٻه اڌ ٿي وڃي هيٺ پوي ٿي ۽ چوب اوهان جي اُٺ جي ٿوهي جهڙن نازڪ ڪلهن تي اچي ڪري ٿي. اوهان ٽڙيل پکڙيل سامان ڪٽن ۽ وڏين صندوقن جي وچ تي تنبوءَ جي ڪنات هيٺان اُچلي رهيا آهيو ۽ ڇڏائڻ لاءِ هيانءَ ڦاڙ دانهون ڪري رهيا آهيو. توهان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو پر رهندو وڌيڪ ڦاسندا پيا وڃو. اوهان جي نوڪرن جي لوڌ اوهان کي ڇڏائڻ لاءِ رڙيون ڪندي اڳتي وڌي ٿي، ڇاڪاڻ ته انهن جون اوهان ڏانهن مهيني جون پگهارون رهيل آهن. ماٺهن اوهان کي نسن کان سوگهو ڪيو آهي ۽ ٻاهر ڪڍڻ لاءِ اوهان کي نهايت بي رحميءَ سان ڇڪي رهيا آهن. ان ڇڪ ڇڪان ۾ اوهان وٽي سخت فرش تي ڪرو ٿا. وڏي هڻ هٽان کان پوءِ اوهان ٻاهر اچي چڪا آهيو. اوهان جا سفيد اڇا ڪپڙا پورو رنگ اختيار ڪري چڪا آهن. مٽي جا اڇا وار پنهنجو رنگ مٽائي پورا ٻڻجي پيا آهن. پينل هيٽ ۽ اپريل ڇانور فرش واري مٽي، شيشي جي ڇُهر لڳڻ ڪري اڙهل رت اوهان جي منهن مبارڪ تي اهڙو تهه چاڙهي ڇڏيو آهي ۽ اوهان جي شڪل اهڙي ٿي وئي آهي جو جيڪر اوهان کي پنهنجي جيجل ماءُ ٻه سڃاڻي نه سگهي. ان وقت اوهان جي شڪل صورت فيلن سوءِ (Felon Sowe) جي چيل لفظن جيان آهي:

"منهنجا سياڻا پائرو هن ويل مون تي هٿياربند حملو ڪيو
ويو آهي. پڪ آهي ته منهنجي مغفرت لاءِ دعائون ڪندا."

ڪجهه سال اڳ هن ئي قسم جو واقعو توهان جي هن ناچيز گائيڊ سان ٻه پيش آيو هو. دنيا جي هن حصي ۾ مضبوط جايون ڪچين سرن جون هونديون آهن. ٻپر جي ڪامن مٿان ڇت جي اڏاوت ڪئي ويندي آهي، گهر کي چوني جو ليپو ڏئي اڇو ڪيو ويندو آهي. سرون ۽ گارو ڪلراٺي مٽيءَ مان ٺاهيو ويندو آهي، جنهن کي چڱيءَ ريت لتاڙيو ۽ ملايو ڪونه ويندو آهي. بنيادن وٽ ڪلر پٽين کي کائڻ شروع ڪندو آهي. معلوم ائين ٿيندو آهي جڻ انهن پٽين کي ڪنهن چنجور سان اکوڙيو آهي. اهڙين حالتن ۾ جڳهون ٿوري وقت اندر ڊهي پٽ اچي پونديون اهن. هتان جا ماڻهو هر سال جڳهه جي ڪاچي ويل حصي جي مرمت ضرور ڪندا رهندا آهن.

اتفاق اهڙو ٿيو جو منهنجي فوج کي ٽنڊي محمد خان پرسان ڪئمپ ڪرڻ جو حڪم ٿيو. هي مختصر گهرن جو هڪ ننڍو ڳوٺ آهي جنهن جي چوڌاري ڪوٽ ڏنو ويو آهي. هي ڳوٺ پري کان جڻ اڏوهيءَ جي گهرن جو مجموعو لڳندو آهي. قلعه بند هي ڳوٺ ڦليليءَ جي ڪاپيءَ ڪناري سان واقع آهي. چوڌاري ڦيريل ڪوٽ جي پٽ جي اوچائي ويهه فوٽ ٿيندي. ان ڪچي ڪوٽ جي تعمير جو مقصد گرم لُڪَ کان بچاءُ ڪرڻ آهي. ڪوٽ اندر اٽڪل نَوَ گهر آهن. هنن گهرن جي تعمير به بلڪل ائين آهيَ جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. هرهڪ گهر جي چوڌاري پُرهه ڪن جيتري وٿي ڇڏيل آهي. اهي جڻ گهٽيون آهن جيڪي ماڻهن جي اچڻ وڃڻ لاءِ گذرگاهه جو ڪم ڏينديون آهن. هي ڳوٺ ڪنهن مقامي سردار اسان جي سرڪار کي ڏئي ڇڏيو آهي، جنهن جي ساليانې مرمت جو ڪنهن ڏر به خيال ڪونه ڪيو.

اسان اتي رهيل هئاسون جو هڪ رات مينهن وسندو رهيو. ان ڪري جتي گوڏي جيڏي ڍاپ هئي اتي گوڏي جيڏي گپ ٿي وئي. اسان جا ڪچا گهر به پيچي پَٽُ ٿي ويا هئا. مان بنا ڪنهن خوف خطري جي پنهنجي ڊرائينگ روم ۾ وينو هئس. دل ۾ خير هو ته ڪجهه به ڪونه ٿيندو. مون وارو ڊرائينگ روم قبر جهڙو ڪارو هو. مون سان گڏ هڪ افغان منشي وينو هو جيڪو رحمان بابا جي شاعري پڙهي رهيو هو. جيڪو سندس من پسند شاعر هو ۽ دنياوي عيش عشرت کي ننديندو هو. (7)

ان وقت اوچتو اڌ ٽن مٿيءَ جو اچي مون واري ڊرائينگ روم ۾ ڪريو. ايتري ۾ مٿيءَ جي اوچتي زيڪي تي شاعري پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ وائڙا ٿي وني يڳا. پرسان ٿي اُٿڻ ويهڻ جي جڳهه هئي جيڪا لوڙهو ڏئي الڳ ڪئي وئي هئي. ماڻهن هراسجي اپهرائيءَ ۾ وني پجڻ شروع ڪيو. مان به وقت سر در مان ٽپي نڪري ويس. اهو لنگهه به ساڌن ۽ صوفين جيان لڪل هو. ان موقعي تي جيڪا سارنگي وڄائي وئي هئي سا ايڏي سٺي ڪانه هئي ۽ پٽ جي ڪريل حصي وانگر هم چورس هئي. مناسب وقت تي اها جاءِ به ڏسڻ هلنداسون.

مان ان رات جي مينهن وسڻ جي ڳالهه ڪري رهيو هئس. برسات لڳاتار اٺ پهر وسندي رهي. ان دوران ٽنڊي جي نَوَن گهرن مان ٽي ڍهي پٽ ٿي چڪا هئا. لنڊن جي بال روم جيان ٽنڊو به هڪ رات ۾ تبديل ٿي چڪو هو.

اسان واري رهائشگاهہ پرسان تي وڏيون ڍنڍيون هيون جيڪي سنڌوءَ جي پرسان واري چاڙهہ جون نشانيون آهن. پاڻي گدلو ميرو ۽ تري ۾ ڪاري گپ هئي. اُس ڪري پاڻي ڏاڍو گرم ٿي ويندو آهي ۽ ٻاڦ وسيلي سُڪندو رهندو آهي. ان تار پاڻيءَ ۾ ناگرموٿ (sedge)، ڏير ۽ پن جام بيٺي هئي. انهن گاهن مان ڪي هاڻي تازو چمي رهيا. ڪي جوان ٿي چڪا هئا، ڪي وري جوان ٿي سڙي سڪي تباهہ ٿي رهيا هئا. هنن ڍنڍن ۾ ڪانئيرا (ibis)، (Falcinellus igneas)، ٻگهہ (Crane) (Grus cinerea)، ڪنگ (Stark)، سپون بل (Spoon_bill)، بدڪ demoiselle (anthropodies virgo)، ڪلوم Kullum (Gras vergo)، لاکي چاچي Flamingo (Phaenicopterus roseus)، هلڪي گلابي رنگ جهڙي پڻڻ Pelican (Pelicanas crispus)، هنج (Anser Indicus). ۽ ان کان سواءِ هنجن جا ٻيا قسم جهڙوڪ: bar fronted goose ۽ Lag goose وغيره آهن. هنن پکين کان سواءِ قارائو (بدڪ) Widgeon (Mareca penelape)، بوئر پکي gadwall (Anas Strepera)، آڙي (Fulica Atra)Coat، پلوا dunlin (Treng a cinedus) پکي گهڻي انداز ۾ نظر ايندا آهن. علم الطيور (Ornithology) جي مشهور ماهرن جو خيال آهي تہ سنڌ، ايشيا مائنر، اترـ اولهہ عرب، اترـ اوير آفريڪا، ڪڇ ۽ گجرات جا پکي گهڻو ڪري هڪجهڙا هوندا آهن. اتاهن ساموندي ڪنارن تي اوهان کي پٽ سَرَن Sand grouse (Pterocles arenaria) جا ڇهہ قسم ڏسڻ ۾ ايندا آهن. انهن مان هڪ رنگين ۽ چمڪدار پکي هوندو آهي، جنهن کي Paented جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جنهن جو زولاجيڪل نالو (Pterocles Alchata) آهي، هتي بحيره روم جي تتر جهڙو پکي (Francolinus Vulgaris) Francoline patredge، ياڙُ تتر (ٻٽير) Quail (Coturnuy Communis) ۽ يورپ جي چڙهن ۽ تلائن تي رهندڙ ڳاڙهي پکي (Bull finch) جهڙي مرغابي بہ آهي. ان کان سواءِ اڇتهو پورو پکي (Isabelline) بہ عام آهي. اوهان کي ڏسي تعجب ٿيندو تہ هتي سنڌوءَ جي ڪناري ٻير جي گهاٽن ٻيلن ۾ ماهي مال جا ڌڻ چرندا ڏسڻ ۾ ايندا. هتان جون مينهون قد ۾ ڪجهہ اُچهريون آهن ۽ کير بہ ججهو ڏينديون آهن. جيڪڏهن اوهان گهڻي وقت تائين پنهنجا پير پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ۽ مٿو اُگهاڙو ڪري اُس ۾ ويهندا، تہ سمجهندا تہ وچ سياري جا سيءَ اچي ويا آهن ۽ مليريا جي تپ وانگر اوهان ڏڪڻ شروع ڪري ڏيندا.

ايشيا جي هن خطي ۾ ٻن قسمن جا بخار ٿيندا آهن. هڪ قسم جو بخار جڻ ٿلهو متارو ۽ بهادر هوندو آهي ۽ ڏينهن ڏني جو ايندو آهي. بيمار کي نيرن کائڻ جي موڪل ته ڏيندو آهي پر منجهند جي مانيءَ کائڻ جي اجازت نه ڏيندو آهي. ٻئي قسم جو بخار تڪل ڏسبو آهي ۽ هوريان هوريان ايندو آهي ۽ هفتو يا پندرهن ڏينهن ته جان ئي ڪونه ڇڏيندو آهي.(8) ٽيهرئين قسم جي بخار ۾ بيمار کي تورو سيءُ ۽ ڏڪڻي ٿيندي آهي، پوءِ مٿي جي سور جو تورو احساس ٿيندو آهي. مٿو ڳورو پيو ڀانئبو ۽ سمجهبو ته مٿي جي کوپريءَ جي چوڏاري ڪنهن ڇڪي رسو ٻڌي ڇڏيو آهي ۽ اوهان جو دماغ سڙي پچري رهيو آهي. توهان کي محسوس ٿيندو ته اهو دئونڪي رهيو آهي ۽ چاڻ ته ڦاٽو. ائين سمجهندا ته اوهان جي چمڙي گرم ۽ سخت ٿي وئي آهي، جڻ گهوڙيسواري دوران ڪم ايندڙ دستانا. جيڪڏهن اوهان مريض ٿي پوندا ته اوهان کي محسوس ٿيندو ته جڻ پنهنجا حواس وڃائي چڪا آهيو. اهڙيءَ ريت اوهان ذري گهٽ چرئي ٿيڻ کان پوءِ وڦلڻ شروع ڪري ڏيندا. ساهه ۾ اُمهائي ٿي پوندوَ محسوس ٿيندو جڻ ساهه گهٽجي رهيو آهي. انهيءَ کان پوءِ اوهان سهڪڻ ۽ اُيا ساهه کڻڻ شروع ڪري ڏيندا. اوهان جي ڪوشش اها هوندي ته جيسين جسم ۾ جان هجي، توانائيءَ لاءِ ڪوشش ڪندا رهو پر توهان ائين ڪرڻ ۾ ڪامياب ڪونه ٿيندا ۽ شام جو خير سان وڃي هڪ قبر ۾ دفن ٿيندا. آهستي آهستي اچڻ واري بخار جو اثر به ساڳيو هوندو آهي. اهو اوهان کي ڊاڪٽر وٽ پهچڻ جي وٿي ڏيندو آهي، جيڪو اوهان جي ڪوڙيل مٿي تي ٿڌو پاڻي هاريندو. پوءِ بئراميٽر ۾ پارو (mercury) وجهي اوهان جي بخار جو درجو ڏسندو بخار وڌيل هوندو ته اوهان جي ڪنڌ ۽ پيرن جي ترين تي رائي (mustard) يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ جو پلستر چاڙهيندو.

جيتري قدر مون کي معلومات آهي، مان ايتري گهٽي بخار واري مريض کي چڙهي چاق ٿيندي ڪونه ڏٺو. مون هڪ اهڙي هندو بيمار کي ڏٺو جنهن جي وات ۾ گنگا جي گپ پيل هئي ۽ ان درياءَ جي ڪناري تي ڏاڍي آرام سان مري رهيو هو. هڪ ماڻهوءَ سندس وات مان گپ ڪڍي ته هو ڪيس پٽون ۽ پاراتا ڏيڻ لڳو. ان ماڻهوءَ اپاريل پاڻيءَ سان سندس علاج ڪيو ته هو صحتمند ٿي ويو. ڏاڍو نيچ ۽ ڪميڻو ماڻهو. معلوم ائين ٿي رهيو هو جڻ لکين سال شايد حقير ڪيڙو هو.

هتي ”اڪيلائيءَ ۾ سڪون“ نالي هڪ سهڻي عورت آهي جنهن جون ڪيتريون ئي گدليون سدليون آپائون آهن. ڪيترا ماڻهو هن کي ڏسڻ کان سواءِ ساڻس عشق ۽ عيش عشرت ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. جيڪڏهن اوهان کي ڪيس ڏسڻ جو شوق هجي ته شام جو مون سان گڏجي گهمڻ ڦرڻ هلجو. اوهان کي شيخ راڏڻ جي مزار جي اوسي پاسي ڪنهن ماڻهوءَ جو نانءُ نشان به نظر ڪونه ايندو نه وري اوهان کي اهڙو احساس ٿيندو ته اتي ڪنهن ماڻهوءَ ويهي پورهيو ڪيو ۽ پگهر وهايو آهي.

ڏسو نه خالي رڻ پٽ آهي، سڄ پٺي ٿي واڪا ڪري. اچو ته ڏسون ته هتي جا رهاڪو ڪير آهن. نيري آسمان ۾ متي ڏسو لهندڙ سڄ جي روشنيءَ ۾ ڳجهون ڏسجي رهيون آهن جيڪي ڦيرا پائي هريون آهن. هوڏانهن ٿلهن موٽن ڪانون جو ولر آهي جيڪو وڏي آواز سان ڪان ڪان ڪندو واهيري لاءِ گهاٽي ۽ وڏي وڻ ڏانهن وڃي رهيو آهي، جيڪو هتان کان گهٽو پري ڏسجي رهيو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته هتي ڪنهن ماڻهو بندوق سان سندن شڪار ڪيو آهي. نه ته هي پڪي اسان کان ايترو ڪونه ڇرڪن ها. ڏسو هو چراخ (Lyny) ڪن ڪيٽا ڪيو اسان ڏانهن تڪي رهيو آهي. اهو به اسان کان ڊڄي رهيو آهي ۽ ٻوٽن ۽ وڻن پٿرن جي اوٽ ڏئي لڪي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جڻ لٽل باب (Little Bob) جيان ڊرل ڪري رهيو آهي. ڦاڙهو به اسان کي ڏسي ڊڄي بيهي رهيو آهي ۽ سمجهي ٿو ته دشمن پرسان بيٺا آهن. هو ڪنڌ ورائي اسان ڏانهن نهاري پيو. سندس اکيون ڪيڏيون نه خوبصورت آهن. عرب شاعريءَ ۾ سندس اک جي گهڻي تعريف ڪيل آهي.(9) اسان جي ڇُرپُر کي ڏسي ڀڄڻ شروع ڪيو اتائين ۽ پنهنجي بچاءَ واري جاءِ ڏانهن وڃي رهيو آهي. هو رڇ ڏسو جيڪو شايد شام جي ڇهل قدميءَ تي نڪتو آهي ۽ رات جي آرام لاءِ پر واري گهاٽي ٻيلي ۾ وڃي رهيو آهي. جنهن کي شڪارگاهه به سڏيو ويندو آهي. هيءُ ٻين جانورن وانگر اسان کان ڊڄي ڪونه ٿو. اسان جڏهن هن ڏانهن وڌون ٿا ته تڪڙو هلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ڪنهن حد تائين اسان تي حملي ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي ويو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته هن جانور کي به شڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ ريت هو اسان کان انتقام وٺڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ڏسو ته هو سوئر اچي پيو. چڏيوس ته پلي آرام سان گذري وڃي. سندس وَجَ وريل آهن. پر تکا اهڙا اٿس جڻ ايراني خنجر.

هي جانور پنهنجن وچن کي حملي ڪرڻ ۽ ساڳئي وقت بچاءَ واسطي ڪم آڻيندو آهي. انهن کي اوهان پنهنجي گهمڻ واري لڪڻ ۾ هٽي سگهو ٿا. توهان انهن خطرناڪ ڪتن جي جوڙيءَ ڏانهن تڪي رهيا آهيو. اهي ڪنهن ڏنار جا ڪتا اهن. اهي جڻ تہ قلات جا شڪاري ڪتا آهن. هي جانور بہ پنهنجي تحفظ وارن هتيارن کي پنهنجي عزت ۽ آبرو واسطي ڪم آڻيندا آهن. ڏسڻ ۾ جڻ انگريزن جا گهريلو ڪتا اچي رهيا آهن جن جو وڙهڻ بہ وٽندڙ هوندو آهي. ڪتن جي اها جوڙي بنا ڪنهن سبب جي وڙهي رهي آهي. پر وڙهي ڏاڍي خطرناڪ طريقي سان ٿي. هو هڪ ٻئي کي چڪ هٽي دسي رهيا آهن ۽ گير بہ ڪري رهيا آهن ۽ چڪن جي درد کان ڪؤنڪي بہ رهيا آهن. پاڻ ۾ وڙهڻ لاءِ ڪو سبب بہ نظر ڪونہ ٿو اچي، پر پوءِ بہ وڙهن ڏاڍي خطرناڪ نموني سان ٿا.

پري کان اسان جي اُٺن جي قطار نظر اچي رهي آهي، جيڪا سارو ڏينهن پر واري ٻيلي ۾ چري ڪئمپ واري ٽاڪ ڏانهن اچي رهي آهي. هلڪي ڏُنڊ چانئجي وئي آهي، تنهنڪري اهي ڏاڍا وڏا پيا ڏسڻ ۾ اچن. اسان کي سندن ڄنگهون ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿيون اچن پر سندن ٻڳهيون ڳچيون ڏسجي رهيون آهن جيڪي اُٺ پکي جي ڳچيءَ جيان جُهوتي ۽ جهومي رهيون آهن پر نظر چٽيون ڪونہ ٿيون اچن. مشرق جي ڪنهن سياح انگريز هن جانور کي بيابان جو جهاز ان ڪري سڏيو آهي جو هو پري کان ائين پيو ڏسجي جڻ ڪو جهاز سمنڊ جي مٿاڇري تي هلندو آهي. توهان بہ ڏسو هو واقعي هلي بہ ائين ٿو جڻ ڪو جهاز سمنڊ منجهان هاڪاري رهيو هجي.

حوالا:

(1) جهرڪ کي انگريزيءَ ۾ مختلف هجي ۾ لکيو ويندو آهي جهڙوڪ Jirakh, Jirkh, Jarak ۽ Jhirkah وغيره.

(2) اهو بيان عرب جاگرافيدانن جو اجايو وڌاءُ آهي. پر انگريزن بہ اکيون ٻوٽي ان جو هوبهو ترجمو ڪيو آهي.

(3) هن جي معنيٰ لئي جو وڻ Tamarisk آهي. پر ڪيترن ماڻهن هن کي غلطيءَ وچان تمرند سمجهيو آهي.

(4) لڪشمي ديوي جنهن کي عام طور پاڳ جي ديوي تصور ڪيو ويندو آهي، ڪڏهن غلطي وچان ان کي جهينڪا shrimps جي ديوي بہ سڏيو ويو آهي.

(5) مسلمانن جي عقيدي موجب هي بہ فرشتا آهن جيڪي قبر ۾ پهچي لاش کان پڇاڻو ڪندا آهن.

(6) سنڌي ٻوليءَ جو سائين، هندستاني ماڻهن جو صاحب، انگريزي ٻوليءَ جو سر Sir ۽ سنسڪرت جو سوامي ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ آهن.

(7) هي لفظ پشتو جي مشهور شاعر رحمان بابا جا آهن جن جو مطلب آهي ته "هن دنيا سان لاڳاپيل". هن شاعر جو اصل نالو عبدالرحمان هو. پر سندس ملڪ جا ماڻهو هن کي پيار وچان رحمان بہ سڏيندا هئا.

(8) هتي ڪڏهن ڪڏهن ڏرتي ڏڏڻ جا واقعا بہ ٿيندا آهن ڪڏهن ڪالرا، پليگ ۽ ٻيون بہ اُگريون بيماريون اچي منهن ڪيندون آهن جن کي ماڻهو اڪين سان ڏسي ڪونہ سگهندو آهي. هنن بيمارين جا نالا ٻڌي ماڻهن جو هيانءُ ڏڪي ويندو آهي. مان ڏنو آهي تہ هنن بيمارين کان ڄامڙا ماڻهو Pigmies صفا ڪونہ ڊڄندا آهن. هتان جا ماڻهو سمجهاڻ سان سمجهي ويندا آهن تہ ڪالرا کان ڪهڙيءَ ريت بچاءُ ڪري سگهجي ٿو. جڏهن هن قسم جون بيماريون صفا وچڙي ويندو آهن تہ ماڻهو هنن کان ڊڄڻ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ مقدر پسند ٿي پوندا آهن ۽ سندن چپن تي سدائين "قسمت" ۽ "نصيب" جهڙا لفظ هوندا آهن. اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ اسپين جا ماڻهو بہ عربن وانگي مقدر پسند ٿيندا آهن.

(9) هي اشارو لوبد Lobed جي چيل خوبصورت سٽ line ڏانهن آهي جنهن چيو آهي تہ: "تون ائين تڪي رهيو آهين جيئن ڦاڙهو پنهنجي تازي ڄاول ٻچي ڏانهن گهوري ڏسندو آهي."

باب ڏهون

# اڳڪٺين ڪرڻ وارا بنا سرن جي ست فقير

سائين مسٽر جان بل، جيڪڏهن اوهان جي مرضي هجي ته اسان هيلايا(1) ڏانهن سڌي هلڻ بدران، حيدرآباد ڏانهن ڏانهن ويندڙ رستي کي ڇڏي، ٿورو ڪاٻي طرف ڪينجهر جي مياڻي نالي مهاڻن جي هڪ ڳوٺ ڏانهن هلنداسون. هن ڳوٺ پرسان ڪينجهر نالي تازي پاڻيءَ جي هڪ ڍنڍ آهي. مهاڻن جي ڳوٺ تي اهو نالو به هن ڍنڍ جي ڪري پيو آهي. هن ڍنڍ جو پاڻي گهڻو اونهو ڪونهي. سندس ڪنڌين ڪنارن سان نڙ ڏير ۽ پن ڏسڻ ۾ ايندي آهي. چوڌاري ننڍيون ننڍيون ٽڪريون اٿس، جيڪي خوبصورت نظر ڪونه اينديون آهن پر هنن جو رنگ ڪجهه دلچسپ لڳندو آهي. مان اوهان کي ان ڳوٺ بابت ڪجهه ٻڌائي ڪونه ٿو سگهان. ڇاڪاڻ ته مان هتان جي ڏهن ٻارهن ڳوٺن بابت تفصيلي احوال ٻڌائي چڪو آهيان. هن لاءِ فقط ايترو چئي سگهجي ٿو ته هي سنڌ جو هڪ عام ڳوٺ آهي جنهن جهڙا پنج ڇهه ڳوٺ اڳين سان ڏسي به چڪا آهيو. پر مون کي هن ڳوٺ جي قديم تاريخ بابت به ٿي لفظ چوڻ جي اجازت ڏيندا.

سائين، ايشيائي ڏند ڪٿائون به بلڪل ائين آهن جهڙيون يورپ جي ٻارن کي ٻڌايون ويندڙ ڪهاڻيون. ڳالهه ڪندا آهن ته قديم زماني ۾ سونهري ڍنڍ جي اتر ۾ هڪ وڏو شهر آباد هوندو هو. جڏهن سنڌوءَ ۾ چاڙهه ايندو آهي ته سونهري ۽ ڪينجهر جو پاڻي ملي ويندو آهي. مذڪوره شهر سنڌ جي سما خاندان جي حڪمرانن جي راڄڌاني هوندو هو. هي گهراڻو مغلن جي فتح تائين سنڌ جو حڪمران رهيو آهي. چيو ويندو آهي ته هتي 1380ع ڌاري ڄام تماچيءَ جي شهنشاهت قائم هئي. سندس پيءُ جو نالو ڄُوڻو (Junah) هو. هيءُ ڄام پنهنجي گهراڻي جو چوٿون حڪمران هو جيڪو پنهنجي مرداڻي خوبصورتي ۽ بهادريءَ

ڪري تمام گھڻو مشهور هو. هن جا ڪليل هٿ سانوڻ جي وڏ ڦڙي جا وسڪار هوندا هئا. جڏهن هن جا هٿ پڪوڙجي مُڪ(2) بڻجي ويندا هئا تہ هن جي دشمن جا ڳِتا ڳاڙها تي ويندا هئا. هيءَ حڪمران پنهنجي ڌرتيءَ تي الله تعاليٰ جو پاڇو هو. هو شهنشاهت جي گاديءَ تي ائين مضبوط تي ويٺو جڻ ميدان تي هڪ مضبوط ٽڪري پاڙ هنيو بيٺي هئي. ٻاهرين دشمنن جون جنگيون ۽ اندروني بغاوت هن جاڏي جبل کي ڪڏهن بہ لوڏي ڪونہ سگهيا هئا. چيو ويندو آهي تہ چام تماچيءَ جي حڪمرانيءَ جي پنجين سال شيخ بهاءُالدين ذڪريا(3) ملتانيءَ کي سندس مريدن سنڌ اچڻ جي دعوت ڏني هئي، جيڪي ٺٽي جي پرسان رهندا هئا. سندن خواهش هئي تہ اهو بزرگ سنڌ اچي ۽ هن ڌرتيءَ کي سڪئي ستابي رهڻ جي دعا ڪري. شيخ بهاءُالدين جون بيان ڪيل روحاني ڳالهيون ٻڌي سندس مريدن (شال هنن ۽ هنن جي ابن ڏاڏن جون قبرون ويران ٿين) ڪيس ڪُهي سندس گشت رڌي کائڻ جو پڪو پهہ ڪيو. انهيءَ مان سندن مقصد هو تہ جيئن هي بزرگ هتي موجود رهي ۽ سندس گوشت کائڻ ڪري هو بہ روحاني عظمت کي پهچي سگهن. ڪنهن بزرگ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جو بہ اهو عجيب طريقو آهي. وچ ايشيا جي اڻ سڌريل سماج ۾ بہ اهڙيون ڳالهيون موجود آهن. هزارا نسل جي افغانن کان جيڪڏهن پڇبو تہ انهن پنهنجن مرشدن ۽ بزرگن کي دعوت ڏئي پنهنجي پرسان جبلن ۾ ڪيئن دفن ڪري ڇڏيو تہ اهي اوهان کي پيرائتو احوال ڪري ٻڌائيندا. جيتري قدر ڪنهن بزرگ کي ڪُهي ان جي گوشت کائڻ جو تعلق آهي تہ اهڙيون ڳالهيون وهم وسوڙل ماڻهو ڪندا آهن. سندن تصور هوندو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن الله جي پهتل ٻانهي جو گوشت کائبو يا سندس رت چکبو تہ بزرگ ٿي وڃبو. ٽيمپلرس (Templars) ساڳئي تصور هيٺ پنهنجي ڏاهن ۽ ڏات ڌڻين کي ڪهي کائي ڇڏيندا هئا.

پر شيخ بهاءُالدين جا مريد پنهنجي ان مقصد ۾ ڪامياب ڪونہ ٿي سگهيا. شيخ ذڪريا جي هڪ معتقد مريد کي ان منصوبي جي گُڙڪ پئجي وئي هئي. تنهن ڪري هو اها رات مرشد واري بستري تي سمهي پيو ۽ اهڙيءَ ريت شهيدن جي ڏکهيءَ قطار ۾ شامل ٿي ويو. پوءِ لعنتي مريدن(4) ڇا ڪيو جو لاش ڪٽي وڃي وڏي ٺُڪي ديگڙي رڌائون. پر پوءِ اچي ڪين ڏپ ورايو ۽ کائڻ بدران رڌل گوشت واري ديگڙي جو منهن ٻڌي مهراڻ جي ڇولين حوالي ڪري ڇڏيائون. اتفاق سان اهو ديگڙو ستن بکايل مهاڻن کي

هٿ لڳي ويو. ويچارن مهاڻن کي اها ڪل ڪانہ هئي تہ اهو ڪنهن جو گوشت آهي. پر ڪائڻ شرط هو بزرگ هستيون بڻجي ويا. جيڪي اڳي گارگند ڪان سواءِ ڪونہ ڳالهائيندا هئا، سي هاڻي روحاني ڳالهيون ڪرڻ لڳا. سندن شيوو ڏينهن ۾ ڏهہ پيرا وڙهڻ هو پر هاڻي پيار ۽ محبت جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

توهان ڏسو تہ پري ڪان ڳاڙهسري پٿر جي مزار آهي جيڪا هڪ ٽڪريءَ تي نظر اچي رهي آهي. ان جي بلڪل هينان ڊنڊ جو پاڻي ڏسجي ٿو. اها ساڳئي ڄام تماچي جي محبوبہ گهر واريءَ نوريءَ جي مزار آهي. جيڪا ذات جي مهاڻي هئي. هوءَ غريب گهر جي ڌيءُ هئي. هوءَ پنهنجي حليم سڀاءَ ۽ نياز نوڙت ڪري ڄام تماچيءَ جي پٽ راڻي بڻجي وئي پر پوءِ بہ مهاڻڪيءَ ڪرت سان پيار ڪندي هئي. اهي ست ئي مهاڻا درويش تماچيءَ جي شاهي محلات اندر داخل ٿي ويا ۽ پهريدارن کي چوڻ لڳا تہ هو شاهي دربار ۾ وڃڻ ٿا چاهين ۽ رعب ۽ تاب سان ڳالهائڻ لڳا، جيئن جرمن عيسائي مشنري وارن حبش جي حڪمران ٿيوڊور (Theodore) سان ڳالهايو هو. سو انهن جي آواز ۽ مزاج ۾ هڪ شان ۽ وقار هو. شاهي محلات جا پهريدار انهن اندر وڃڻ ڪان ائين روڪي ڪونہ سگهيا، جيئن بلغاريا (Bulgaria) جا فوجي سپاهي پيرين پنڌ آيل ماڻهن کي شاهي محلات جي در کي ڪڙڪائڻ ڪان روڪي نہ سگهيا هئا. اهي ست ئي درويش جڏهن شاهي دربار ۾ داخل ٿيا تہ نہ هٿ جوڙيائون، نہ وري شاهي تعظيم لاءِ جهڪي بيٺا، نہ ئي وري شاهي خوف ۾ ڏڪڻ ۽ ڪنبڻ لڳا هئا. هو شاهي غاليچي تي پلٿي هڻي ويهي رهيا ۽ ڄام تماچيءَ جي منهن ۾ پنجن منٽن تائين گهوري ڏسڻ لڳا. مشرق ۾ اهڙي طريقي سان شاهي دربار ۾ ويهڻ واري کي دربار مان ٻاهر نڪري وڃڻ جو حڪم ڪيو ويندو آهي يا وري پهريدار اهڙن ماڻهن کي ڏنڊن سان ماري ڪُتي ساڻو ڪري ڇڏيندا آهن، يا اهڙن ماڻهن جي ٽٽين ڪان پيرن ڪپڻ جو حڪم ٿيندو آهي. ڄام تماچي نياءَ نِيت پٽ ۽ ڪلي دل وارو پلو ماڻهو هو جيڪو هنن جي رويي ڪان ڪاوڙجي پيو هو. غصي ڪان سندس سونهاري ڏڪي رهي هئي. پر ڪين دربار ۾ اچڻ ڪان روڪي ڪونہ سگهيو هو.

هنن ڄام تماچيءَ کي چيو تہ "اسان خدا تعاليٰ جي حڪم سان توهان وٽ آيا آهيون ۽ اسان اوهان کي مغل پليدن جي حملي ڪان بچائڻ آيا آهيون."

ڄام ڪين وراٽيو تہ توهان شايد سنڌ جي تاريخ کان واقف ڪونہ آهيو. اوهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ دهليءَ جي هڪ طاقتور حڪمران علاؤالدين بہ سنڌ ۾ ٻُريون اکيون وڌيون هيون. هو اهو ڏسي راضي ڪونہ هو تہ اولهہ هندستان جون حدون سنڌ جي سرحدن تائين تائين هلي ختم ٿي وڃن، تنهن ڪري هن سومرا خاندان جي حڪمران سان جنگ ڪئي هئي.سومري حڪمران کي خبر هئي تہ ايشيا ۾ ڪمزور حڪمران شڪست کائيندا آهن. پر يورپ ۾ بہ تہ ساڳيو حال آهي. پر پوءِ سومري حڪمران دهليءَ جي علاؤالدين کي سخت نقصان پهچائي وڏي توهين ڪئي هئي. ستن فقيرن جڏهن مغلن جي حملي جو اشارو ڪيو هو تہ ڄام تماچيءَ جو منهن ڪاوڙ کان ڳاڙهو ٿي ويو هو.

فقيرن ڪيس ٻڌايو تہ خشڪيءَ جو هڪ وڏو نانگ آهي جنهن جي منڍي شاهي قلعي هيٺان ۽ پڇڙي دهليءَ هيٺان آهي، جيڪا هتان کان ڇهہ سؤ ميل پري آهي. جيڪڏهن نانگ جي منڍي سنڌ جي شاهي قلعي هيٺان ۽ پڇڙي دهليءَ هيٺان هوندي تہ پوءِ سنڌ کي ڪوبہ جوکو ڪونهي. ان کان پوءِ فقيرن ڄام کان اجازت ورتي تہ لوهہ جو وڏو ڪلو هٽي ان نانگ جي چرپر کي روڪي ڇڏين، تہ جيئن اهو وڪڙ هٽي پنهنجو رُخ نہ تبديل ڪري ڇڏي. ننڍي جا هر طبقي جا ماڻهو ڄام تماچي جي هن قسم جي وهمن ۽ وسوسن تي ڏاڍو کليا. هن واقعي جو ڪنهن سڌريل سماج سان تہ ڄڻ ڪو تعلق ئي ڪونہ هو. شهر ۾ ٺوڪ ڏنڪ ۽ تنقيد سان لاڳاپيل ڪيئي ڳالهيون پيون ٻڌبيون هيون. انهيءَ ڪري ڄام تماچي قديم، وچولي ۽ پوئين دؤر جي حڪمرانن جيان هن اجائي افواهہ کان ڊڄي ويو. ڏهاڙيءَ جون ٺوڪون ۽ چٽرون هن جي سهڻ کان گهٽيون ٿي ويون هيون. اها ڪيس چڱيءَ ريت خبر هئي تہ جيڪڏهن هو اهڙين ڳالهين ٿوري وقت لنوائيندو رهيو تہ ماڻهو بہ مات ٿي ويندا. ڪين ٺوڪن ۽ ڏنڪن ڪرڻ جو ڪو ٻيو موضوع ملي ويندو پر هو پنهنجي ڪاوڙ تي ضابطو رکي نہ سگهيو. سندس ان ڪاوڙ جو نتيجو اهو ٿيو جو هن حڪم ڪيو تہ زمين ۾ ڪتل لوهہ جو ڪِلو ٻاهر ڪڍيو وڃي. جڏهن لوهہ جو ڪِلو زمين مان ٻاهر ڪڍيو ويو تہ معلوم ٿيو تہ ان جي هيٺ ڪتل نوڪدار ڇِهنب رت ۾ ڳاڙهي هئي جيڪا ننڍي جي انهن ماڻهن کي ڏيکاري وئي جيڪي ڄام تماچي تي ٺوڪون ۽ ڏنڪون ڪنداهئا. ان کان پوءِ ڄام تماچيءَ تي اهڙا حملا بند ٿي ويا ۽ هڪ نئون ماحول ٻڌجي ويو. سيئي ماڻهو ڄام تماچيءَ

۽ سندس صلاحڪارن کان معافي وٺڻ لڳا. ان سان گڏ ستن درويشن کي گذارش ڪرڻ لڳا تہ هو خدا جي غضب کان ڪين، سندن ٻچن ٻارن ۽ ملڪ کي نجات ڏيارين. تنهن تي ستن درويشن هنن کي چيو تہ اهو هاڻي ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ تہ نانگو پاسو ڦيري ڇڏيو آهي. هن وقت سندس منڊي دهلي ۽ پيچڙي نٿي ڏانهن آهي ۽ سنڌ هميشه لاءِ اهڙي طلسم کي ختم ڪري ڇڏيو جيڪو سندس تحفظ ڪندو هو.

مان اوهان کي ٻڌائي چڪو آهيان تہ ڄام تماچي انصاف پسند انسان هو. ڪيس خبر هئي تہ ست ئي مهاڻا درويش ڪيرئون اچا آهن. هنن ستن درويشن جيڪو ڪجهہ ڪيو ڪَرتيو تنهن ۾ ڏڏڙ جا داتا ڪونہ هئا. پر هو هن ڳالهہ کي گهٽي اهميت ڏئيَ رهيو هو تہ سندس رعيتي ماڻهو سندس ڇئي آڪئي ۾ آهن ۽ سندس هر حڪم اکين تي رکي مڃيندا آهن. ان ڪري ڄام تماچيءَ هنن فقيرن کي حڪم ڪيو تہ انهن ڀهرن جي اندر جيڪڏهن ساڳيو وڪڙ هٽي نانگ جي منڊي نٿي ۽ پيچڙي دهلي نہ ڪئي تہ سندن سر ڌڙن کان ڌار ڪيا ويندا. هن چيو هو تہ انصاف تہ نهايت اوچي شيءِ آهي پر.....

هن حڪمران جيڪو بحث مباحثو ڪيو هوسو لکڻ جوڳو ڪونهي. حقيقت اها آهي تہ سندس ضمير بہ اڌ تي چڪو هو. هن جو غصو چڙ تہ پاڻ تي هو ۽ هو پاڻ کي سزا ڏئي ڪونہ ٿي سگهيو. هو اهڙي ماڻهوءَ جي ڳولا ۾ جنهن تي هو پنهنجي ڪاوڙ ڪڍي سگهي. ستن فقيرن ڪيس گذارش ڪئي تہ ڪين قتل پلي ڪيو وڃي پر ان سان گڏ اسان جو احترام ضرور ڪيو وڃي. تنهن تي ڄام، جلاد کي حڪم ڪيو تہ هنن جا ڪنڌ هڪ ڪن کان ٻئي ڪن تائين سڌائيءَ ۾ ڌڙ کان ڌار ڪيا وڃن. پر ڄام تماچي، سندس درٻاري، صلاحڪار فوجي جنرل ۽ درٻار ۾ ويٺل عام ماڻهو اهو ڏسي دنگ رهجي ويا جڏهن ڀهرئين درويش جو سر جسم کان جدا ٿي نرم چمڙي واري اڏيءَ تان هيٺ ڪِريو تہ ڌڙ هڪدم پنهنجو سر پڪڙي ساڄي هٿ ۾ ڪٽي بيهي رهيو. اوهان سوچيو جيڪڏهن اوهان ۾ سوچڻ جي سگهہ آهي تہ، ان لاش جي بي جان چپن مان هيٺيون بيت نڪتو جنهن کي ٻڌي درٻار ۾ ويٺل سڀ ماڻهو ڏجي ويا هئا.

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڄندي ٻنڌ اروڙ(5)
بهہ مڇي(6) ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوڪڙي

پر هن بيت ۾ جنهن "بند" جو ذڪر آهيٰ تنهن ۾ اهو لاڳاپيل واقعو جام تماچي جي دؤر کان گهڻو اڳ ٿي گذريو هو. مذڪوره بند هڪ غيرتمند مڙس ۽ پيءُ جي دعا ڪري ٻڌو هو جنهن جي زال ۽ ڌيءَ جي عزت ۽ آبرو تي راجا دلو راءِ(7) حملي ڪرڻ جو ارادو ڪري چڪو هو. مٿين ٻن ماڻهن جي دعا جي اثر کان پوءِ سنڌو تورو الهندي طرف مڙي ويو هو. جيئن هاڻي وهي رهيو آهي. اهڙي طرح سنڌوءَ جو وهڪرو ظالم راجا جي راجڌاني کان پري هليو ويو هو. هاڪڙي جي وهڪري لاءِ عام خيال اهو آهي تہ اهو درياءُ پنهنجي ڇڏيل خشڪ پيٽ ۾ ڪڏهن بہ اڳئين شان جيان ڪونہ وهندو. (سکر، بکر ويجهو واري اروڙ پرسان تاريخ جي ڪنهن بہ دؤر ۾ هاڪڙو درياءُ تہ اُڙهو ئي ڪونہ آهي هن ماڳ پرسان وهندڙ درياءَ تہ سنڌ هو جيڪو چوٿين صدي هجري ۽ ڏهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاران اروڙ کان اتر رُخ مَٽي بکر کان وهڻ لڳو هو. هاڪڙي واري اروڙ مٿي بيان ڪيل اروڙ کان هڪ بنهہ مختلف ماڳ آهي. امڪان آهي تہ هاڪڙي واري مذڪوره اروڙ موجوده دؤر جي ميرپورخاص ضلعي ۾ هجي- مترجم) پر درويش جو لاش يقين ڏيارينديٰ چوي ٿو تہ سما پلو(8) مڇي ۽ بهہ کائيندا ۽ هاڪڙو درياءُ اڳينءَ هاڪ ۽ ڌاڪ سان وهندو. دربار ۾ وينل ماڻهو هن درويش جون ڳالهيون ٻڌي خوش ٿيا، ان کان پوءِ لاش پنهنجو سر هٿ ۾ کٽي شهر جي پريل بازار مان هلندو اوپر طرف تر ڏانهن هليو ويو. ان کان پوءِ ٻئي درويش جو لاش اٿيو جنهن اتي وينل ماڻهن کي مايوس ڪن خبر ٻڌائي ۽ هيٺيون بيت پڙهيو:

ميرا( 9 ) گهوڙا ڏيرا، اتر کان ايندا
گهگهيريون گهٽن تي ورهائي ويندا
تهان پو تيندا، طبل تاجاڻن جا(10)

اهو شهيد پنهنجو سر کنيو دربار مان نڪتو هليو ويو. اتي وينل ماڻهو سنڌس پيشنگوئي ٻڌي ڏجي ويا هئا. هتان جي ماڻهن تي دهليءَ جي حملي جو خوف طاري ٿي ويو. سنڌ جا ماڻهو افغانن جي تلوار کان بہ ڏجندا آهن. توهان کي اها ڄاڻ ضرور هوندي تہ افغانستان سنڌ جي اتر ۾ آهي. اتان جو خوبصورت عورتون ڏاڍيون خوش مزاج آهن، جيڪي بازارين ۽ گهٽين ۾ گهمنديون وتنديون آهن. ڪين ڪير بہ روڪڻ ٽوڪڻ وارو ڪونهي. ٻئي فقير جو چيل بيت جڙ غلاميءَ جي اڳڪٿي هئي. اهو جڙ تہ طوفان جي پڇاڙيءَ جي خبر هئي جيڪا هنن پنهنجي ڪنن سان

ٻڌي. اهڙي خبر هنن اڳي ڪڏهن بہ ٻڌي سٽي ڪانہ هئي. اهڙي اڳڪٿي ٻڌي هو ڏاڍا ڏڃي ويا هئا.

ٽيون لاش دربار ۾ ويٺل ماڻهن جي ڏکايل حال کان باخبر هو. هن واضح نموني سان هڪ خوشخبري جي اڳڪٿي ڪئي:

وسي وسي آر، جڏهن وڃي ڦٽندو
تڏهن ٻاروچاڻا ٻار، ٽڪي ٽي وڪامندا

آر يا بگهاڙ سنڌوءَ جو نهايت الهندو ڦاٽ آهي، جنهن کي (Petri piti) يا (Pitte) ڇوڙ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.(11) سنڌوءَ جو اهو ڇوڙ نٽي جي ماڻهن واسطي اهم ڪونہ هو. انهيءَ زماني ۾ هتان جي ماڻهن مستقبل جي حڪمرانن بلوچن ڏانهن ڪو ڌيان ئي ڪونہ ڏنو هو. نہ وري انهن کي ڪا اهميت ئي ڏيندا هئا جيڪي انهيءَ زماني ۾ جابلو ۽ اڻ سڌريل قوم هئا. ان دؤر جا سنڌي هن بيت جي معنيٰ ۽ مفهوم کي چڱيءَ ريت سمجهي چڪا هئا. هاڻي ٽالپرن جي اولاد ۽ سنڌ جي ڪمذات ماڇيءَ ۾ ڪوبہ سماجي فرق ڪونہ رهيو آهي. انگريز حڪمراني ۾ سندن مُلهہ وڃي ٻہ پنيس تور (Two Penny weight) جيترو رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هنن وٽ انصاف آهي ۽ انصاف جي تارازيءَ ۾ هرڪو هڪ جهڙو هوندو آهي.

چوٿين فقير اڳين درويشن وانگر پنهنجو سر هٽ تي ڪٽي اڳڪٽيءَ وارو بيت چيو. هو سمجهي رهيو هو تہ متان دربار ۾ ويٺل ماڻهو ڪنهن غلط فهميءَ جو شڪار ٿين، تنهن ڪري نهايت واضح لفظن ۾ هڪ خطرناڪ صورتحال جي اڳڪٽي ڪيائين:

لڳندي لاڙان، سؤنڪو ٿيندو سري ۾
جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، اوڳاڻا وڻاهہ

هن بيت ۾ مجموعي طور هڪ خطرناڪ صورتحال جي پيشنگوئي ڪئي وئي آهي تہ جنگ لاڙ ۾ لڳندي ۽ پٺاڻ سنڌ جي سري تي حملو ڪندا. اهڙيءَ طرح سنڌ جا ٻئي حصا هڪ ئي وقت وڏيءَ مصيبت ۾ هوندا. جڏهن ٻئي فقير پنهنجي پيشنگوئيءَ وارو بيت چيو تہ نٽي وارن جي سوچ ئي مختلف ٿي وئي. اڳين بيت سندن ذهنن ۾ ڪوڙاڻ پيدا ڪري ڇڏي هئي، پر هن فقير جي بيت سندن وات ۾ ڄڻ مصريءَ جون ڳڙيون وجهي ڇڏيون هيون. اڳڪٽيءَ وارو بيت هن ريت آهي:

ڪاري ڪاٻاري، جهيڙو لڳندو ڇهه پهر
مرمچي ماري، سڪ وسندي سنڌڙي

هن بيت ۾ ”مرمچي“ جو لفظ ڪم آندو ويو آهي جنهن جو مفهوم واضح ڪونهي. تنهن ڪري ٻڌندڙن ۾ هڪ قسم جو تجسس پيدا ٿي پيو ته ”مرمچي“ جي معنيٰ ڇا آهي. هي بيت ٻڌي منجهن هڪ اُتساهه جاڳيو هو. ان ڪان پوءِ ٻئي درويش جو ڊڙ اٿيو ۽ ان هيٺيون بيت چيو ۽ ٻين فقيرن وانگر درٻار مان نڪتو هليو ويو. بيت هن ريت آهي:

مرمچي ماري، مرمچي ڪهڙا پار
هيٺين ڪاريون پوتيون، مٿن ڪارا وار

جام تماچي ۽ درٻار ۾ ويٺل ماڻهن کي پڪ هئي ته هو صبح جو ساجهر ميٺ تيل سان وهنجي، وارن کي ڦٽي ڏئي، سنواري وٽي سٽي جهوڙو ٺاهي ڇڏيندا آهن. انهن جون خوبصورت عورتون به پنهنجا وار سنواري سينگاري ويڙهينديون آهن ۽ خوبصورت ربن سان ٻڌي ڇڏينديون آهن يا موتين سان مڙهيل سڳيون وجهي ڇڏينديَون آهن. بيت ۾ مرمچيءَ جو ذڪر آهي جنهن کي وارن جي صفائي ۽ سنوارڻ سينگارڻ جو ڪو پتو ئي ڪونهي. انهيءَ کي اها خبر به ڪانهي ته وار ڪهڙي طريقي سان خوبصورت لڳندا آهن. بيت ۾ ڇيل ٿوڪ ڏنڪ ۽ چالاڪيءَ ۽ درويشيءَ سان لاڳاپيل ڳالهه هو پاڻ ڏانهن سمجهي ڪونه رهيا هئا. جيڪڏهن ٻڌڻ وارا ماڻهو انگريز هجن ها ته ان درويش جي بيت چوڻ وقت تاڙيون وڄائي ڪيس داد ڏين ها. پر هو سنڌي هئا ۽ اشارا ڪري هڪ ٻئي کان پڇي رهيا هئا ته بيت جو مطلب ڇا آهي ۽ ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ ڳالهائڻ لڳا. ان وقت آخري درويش جو ڊڙ اُٿيو ۽ هيءُ بيت چيو. هن سمجهيو ته هو وقت جي حڪمران جي خوشامد ڪري ويا آهن. تنهنڪري پاڻ به هن ڪان پوئتي ڪونه رهندو. سندس اڳڪتيءَ وارو بيت هن ريت آهي:

اچي ويهو ماڙهئا، ننگر(12) جي آڏار
پراٺان پران نوان مَ اڏج نجهرا

ان ڪان پوءِ اڳين درويشن وانگر درٻار مان نڪري هليو ويو.
جڏهن اڳڪتي ڪرڻ وارن درويشن پنهنجو اڳڪتيون چئي پوريون ڪيون ته ٻڌندڙ ماڻهو انهن درويشن جي ڪڍ لڳي پيا ته اهي ويا

ڪيڏانهن؟ چيو ويندو آهي تہ اهي ست ئي درويش پنهنجي ڪانيءَ ڪرامت جي زور تي ڪيڙي جهڙا سنهڙا ٿي ويا هئا ۽ ڪين تيز رفتار گهوڙن جون ٽنگون لڳي ويون هيون. اهڙيءَ ريت هو تڪا تڪا هلندا اچي پراڻ درياءُ ڪناري تائين پهتا. جيڪو ٺٽي شهر کان ست ميل پري هو. نيٺ هلندا آمريءَ نالي هڪ شاهي محلات وٽ پهتا۔ پهچڻ شرط وري لاش جو لاش بڻجي ويا. سندن ڳولا ۾ نڪتل ٺٽي جا ماڻهو بہ ڪين ڳوليندا اچي اتي پهتا ۽ اتي ئي ڪين دفن ڪري ڇڏيائون. انهن درويشن جون قبرون اڄ بہ اتي موجود آهن.

مسٽر جان بل، هنن بزرگن جيڪو ڪجهہ پنهنجين اکين ۾ چيو هو سو ٿي گذريو.

هنن جو ڪي اڳڪٿيون موجوده دؤر بابت بہ آهن. ڪي وري قديم دؤر سان واسطو رکن ٿيون ۽ وڏڙن جي واتان هلنديون اچي هن دؤر تائين پهتيون آهن.(13) مان سمجهان ٿو تہ اوهان هنن اڳڪٿين تي ويساهہ ڪونہ ڪندا. مسٽر جان بل توهان بہ تيستائين اعتبار ڪونہ ڪندا جيستائين اوهان پاڻ اهڙيون ڳالهيون پنهنجي ڪنن سان نہ ٻڌندا. مان اهڙيون اڳڪٿيون اعتبار جوڳن ماڻهن واتان ٻڌيون آهن. هن قسم جي اڳڪٿين سنڌ جي ماڻهن جي ڀاڱ ڪي تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي. مرمچي جي ڪردار کي هندستانين، افغانن، جتن ۽ ان کان پوءِ بلوچ نسل ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. ڇهن درويشن جي اڳڪٿيءَ جي ترميمي شڪل هيٺ ڏجي ٿي، جنهن جو ترجمو مون ٻن سٽن ۾ ڪيو آهي:

There locks are blacken Jet above,
There raiment darkly blue below.

هن اڳڪٿيءَ جي لفظن مان محسوس ائين ٿئي ٿو تہ انهيءَ نسل جي ماڻهن جو واسطو ڪنهن حد تائين وچ ايشيا سان آهي. جيستائين ذڪر ۾ اوپر واري طوفان جي سمجهاڻيءَ جو تعلق آهي، تہ ان لاءِ هيئن چئي سگهجي ٿو تہ ممبئي سرڪار سان گرم لفظن جي ڏي وٺ کان پوءِ سر جان ڪين جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌ جي لاڙ واري حصي ڏانهن فوج رواني ڪئي وئي هئي. آخر ۾ وري سر چارلس نيپيئر پنهنجي فوج وٺي سکر کان روانو ٿيو ۽ هالا پهچي حيدرآباد تي حملو ڪيو هئائين. سندس فوج نيرن ۽ ڏٻرن گهوڙن تي سوار هئي، تنهن ڪري هنن کي مرمچي سڏي سگهجي ٿو چاڪاڻ تہ اهو مقرر وقت اچي چڪو هو. اهي بلند حوصلن سان ڪونہ

وڙهيا هئا. اهڙيءَ ريت اڳڪتي حرف بہ حرف سچي ثابت ٿي هئي. موجوده دؤر جا سنڌي قسم ڪٽي چوندا آهن تہ اهي اڳڪتيون بلڪل سچيون آهن. بگهاڙ سڪي ويو ان جاءِ تي هاٿي ساموندي ڪاري آهي. ٽالپرن جا اهي نٽ ۽ شان ڪونہ رهيا آهن. سندن گهر واريون گهٽين ۾ عام ماڻهن جي عورتن جيان گهمي ڦري رهيون آهن. ڪراچيءَ جو شهر ننگر ٺٽي جي ڇانوَ ۾ آهي، جيڪو ان شهر کان گهٽو پري ڪونهي. حيدرآباد بدران هاٿي سنڌ جي راڄڌاني هي شهر آهي، جيڪو ترقي ۾ حيدرآباد کان گوءِ ڪٽي ويو آهي. اها حقيقت آهي تہ اروڙ وارو بند اڄ جيئن جو تيئن موجود آهي. هاڪڙي درياءَ بہ اڳينءَ هاڪ ۽ ڏاڪ سان اڃا وهڻ شروع نہ ڪيو آهي، نہ وري ان بڪايل سمن کي مڃي ۽ ٻهہ مهيا ڪيا آهن. ان کان سواءِ ڪاري ڪاٻاريٰ ماڳ لاءِ اڃا تائين ڪا جنگ ڪانہ لڳي آهي. اهي اوٽايون ضرور آهن. پر ٿي سگهي ٿو تہ شاعراڻو وڏاءُ هجن ۽ بيت جي ماترائن پوري ڪرڻ لاءِ بيت ۾ هرويو پيوند ڪيون ويون هجن. ٿي سگهي ٿو تہ شاعري ۾ رنگيني پيدا ڪرڻ واسطي اهڙيون ڪي تصوراتي ڳالهيون آنديون ويون هجن.

هنن ويساهہ وسوڙل ماڻهن تي توهان، مسٽر جان بل، ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙها ٿي ويا آهيو ۽ پاڻ کي وڏو بااصول سمجهي رهيا آهيو. سائين، هيءُ هڪ اهڙو گندو گاهہ آهي، دنيا جي هر ملڪ ۾، هر دؤر ۽ هر قسم جي آبهوا ۾ ڦٽي پوندو آهي. اهي وهم ۽ وسوسا دنيا ۾ لڳاتار رهندا آيا آهن. جڏهن مهذب ۽ غير مهذب سوچون ڪنهن اڏمي ۽ اُتساهہ ۾ پاڻ وهيٽيون ڪونہ رهنديون اهن، تڏهن اهي مافوق الفطرت ۽ غير فطري ڳالهين ڏانهن هليون وينديون آهن. اوهان ڏٺو هوندو تہ ڪنهن شريف ماڻهوءَ کي جيڪڏهن سڪون نہ ملندو آهي تہ هو شراب پيئڻ شروع ڪري ڏيندو آهي.

اهڙن وهم وسوڙل ماڻهن جا مثال مون وٽ گهڻا آهن جيڪي مٿينءَ ڳالهہ جي تائيد ڪن ٿا. مان بہ آهيان، ڳالهين جو ڳهير، هڪ وار جي ڳالهين ۾ پيس تہ بس ڪونہ ڪندس. پر مون وٽ هاڻي وقت ڪونهي. مون کي ڪپڙا پائڻا آهن، ڦٽي بہ ڏيٽي آهي، پنهنجي شخصيت مطابق ڪجهہ سينگار بہ ڪريان تہ جيئن ڪجهہ ٺاهوڪو تہ لڳان. پر چڱو آءٌ جهڙن ڪپڙن ۾ آهيان، صحيح آهيان. مان اوهان جي اجازت سان هن موضوع بدلائڻ کان اڳ هڪ ڏند ڪٿا ٻڌايان ٿو جيڪا مون فرينچ ڪتاب ۾ پڙهي آهي. اها ڏند ڪٿا هوبهو اهڙي آهي جهڙي آءٌ اوهان کي

متي ٻڌائي آيو آهيان. هيءَ ڳالهہ اوهان کي اخلاقي سبق سيکارڻ واسطي آهي.

اهو قصو هن ريت آهي تہ ڊينس (Dennis) نالي هڪ ماڻهو جيڪو پنهنجي ڪن دوستن سان گڏجي لوٽيشيا پاريسيوريم (Lutetea pariscorum) نالي هڪ اهڙي شهر ڏانهن وڃي رهيو هو جنهن جي چوڌاري پاڻيءَ جون ڇرون ۽ گپ چڪ هئي. هن ماڻهوءَ کي خيال ويهي ويو هو تہ هو الله تعاليٰ جو هڪ انتهائي نيڪ بندو آهي.ان شهر ۾ گئريسن (Garisson) فوج رهندي هئي، جيڪا رومي ۽ مشرڪ هئي. هو هلندو اچي هڪ فوجي چوڪيءَ وٽ پهتو جيڪا سندن سفر واري رستي کان گهڻو پري ڪانہ هئي. روحانيت جي هن صاحب جي خواهش هئي تہ رهائش لاءِ ڪيس چمڙي جو هڪ تنبو ملي وڃي تہ سٺو. هن تنبوءَ ۾ اڳيئي ڪي فوجي جوان رهندا هئا. هن اڳتي وڃي انهن فوجين سان پنهنجي خواهش جو اظهار ڪيو. اهڙي ڳالهہ ٻولهہ هلي پئي جو اوسي پاسي جا پنجاهہ کن فوجي ۽ رسد سان لاڳاپيل هڪ سؤ کن خانگي ماڻهو بہ اچي ان جڳهہ تي پهتا.

الله تعاليٰ جي نيڪ ۽ صالح بندي جو ايمان جوش ۾ اچي ويو ۽ هن تبليغ شروع ڪري ڏني. ان مان سندس مقصد هو تہ جيئن هو مشرڪن ۽ غير صالح فوجين کي صحيح رستي تي آڻي سگهي. ان دوران هو هڪ علمي ادبي ٻولي نہ پر تبليغي فصاحت سان ڀريل ٻوليءَ جو استعمال ڪري رهيو هو تہ جيئن هو عيسائي بڻجي وڃن. تبليغ واري ان تقرير مان هڪ بحث ڇڙي پيو جيڪو آهستي آهستي هڪ خطرناڪ صورت اختيار ڪري ويو. جتي اڳ صالح ٽيڙ جون نيڪ ڳالهيون ٿي رهيون، اتي مشرڪن کي ڪچين گارين ڏيڻ وارو ماحول بڻجي ويو. ميان ڊينس انهن مشرڪن جي ابن ڏاڏن، مئن جيئرن، ننڍين وڏين پر ڪنوارين مان بہ ڌو پار هليو ويو.

اهڙيون گنديون گاريون ٻڌيون ٽريارس (Triarius) نالي هڪ فوجي ڪاوڙجي تپي باهہ ٿي ويو. سندس قد ساڍا ڇهہ فوٽ هو. ڏاڍو تندرست ۽ متارو. سندس مُنهن زخمن جي وٽن کان واندو ڪونہ هو. سندس ڏاڙهي بہ رڇ جي پٺيءَ جهڙي ڪاري ۽ گهاٽي هئي. سندس ساري زندگي گرنيد اڇلائيندي گذري هئي.

ويلس (Veles) بہ ڪاوڙ جو شديد اظهار ڪيو هو. جنهن جو تعلق نيم مسلح پيادل فوج سان هو.

هڪ تجربيڪار جهونو فوجي بہ پنهنجي تنبوءَ مان نڪتو ۽ ڊينس کي الائي ڇا جو ڇا چئي رهيو هو. هيءُ رومي فوج جو ڪمانڊنگ آفيسر هو.

ڪايس فلئڪسٰ ليو سينس آميليانس انڊيڪس (Caius Flaccas Lusci'nus Amilianus Indicus) بہ ڏاڍو ڪاوڙجي ويو هو. جنهن پنهنجي زندگيءَ جا ويهہ سال هندستان ۾ گذاريا هئا. تنهن ڪري کيس ايڏي وڏي نالي سان سڏيو ويندو هُو. هن جو اصل نالو بفس (Buffs) هو. هيءُ ماڻهو عيسائين کان وڌيڪ ڪنهن سان بہ نفرت ڪونہ ڪندو هو پر هي عيسائي مبلغ ۽ پادري هو. انهن ڏينهن ۾ فوجي قانون جو مطالعو گهٽ ڪيو ويندو هو موجوده دؤر وانگر ان قانون جي تعريف ۽ تشريح بہ گهٽ ڪئي ويندي هئي. هن بهادر فوجي عملدار سئنٽ ڊينس ۽ سندس ساٿين خلاف بغاوت جو ڪيس داخل ڪيو. هو سندن اگهاڙن پيرن تي بہ ڪاوڙجي پيو هو. تنهن ڪري انهن لاءِ شهادت جي سزا مناسب سمجهي وئي هئي. سمجهيو ويو تہ هنن ماڻهن کي تلوار هڻي هڪدم ماري ڇڏڻ چڱو نہ ٿيندو. پهريائين هنن کي جهلي لتن ۽ لنين جي سخت مارڪٽ ڪئي وئي. اهي ماڻهو رحم ڪرڻ جوڳا بہ ڪونہ هئا. ڇاڪاڻ تہ سندن ڪپڙا قاتل ۾ تمام گهٽا ميرا هئا. ڪئليرافٽس (Caleraftus) کي مٿن جهڙو ان ڪري بہ ڪونہ آيو هو جو هنن سينيءَ جا کيسا خالي هئا. هي ماڻهو نهايت شريف انسان هو پر هي عيسائي ڪٽڙڪ سچا هئا. تنهن ڪري هو پنهنجي شرافت جو چڱيءَ ريت مظاهرو ڪري ڪونہ سگهيو هو. سئنٽ ڊينس سڀ کان آخر ۾ قتل ڪيو ويو. ڇاڪاڻ تہ هو ان وقت ايمان جي سچائيءَ سان دعا گهري رهيو هو. دعا جي ان گرمجوشيءَ ۾ هن پنهنجي قاتل کي اهو ٻڌائڻ وساري ڇڏيو تہ هن جا هڏا انسانذات جي هڏن ۽ روح جي هر بيمار لاءِ وڏو علاج آهن. جيڪڏهن هو پنهنجي قاتلن کي اهڙي خبر ٻڌائي ها تہ سندس هڏا گڏا ڪُتي ستي مٽيءَ ۾ ملائي ناس ڪري ڇڏين ها. ليڪن قاتلن کيس قتل ڪري لاش پر واري ڪڏ ۾ اڇلائي ڇڏيو. ٿوري وقت کان پوءِ لاش اٿيو ۽ پنهجو سر پنهنجن هٿن ۾ کنيائين. سندس سر ايمان خاطر قربان ٿيندڙ مجاهدن جيان چمڪڻ لڳو هو. سئنٽ ڊينس جا ساٿي ائين ڪري ڪونہ سگهيا هئا جو سندس ايمان

ڪمزور هو. ان ڪان پوءِ هي عيسائي پادري سڌو گپ واري شهر آيو ۽ اتي جي پادري ڊايو سپسان سان صلاح مشورو ڪيائين. ان ڪان پوءِ چنجور Shovel ڏئي بستي ۾ سمهاريو ويو هو انهيءَ آس اميد سان ته ڪجهه وقت گذرڻ ڪان پو اهو معمولي چنجور ٻن ٽن ٽنن تور جيترو هڪ يادگار بڻجي ويندو.

مون کي ايترو ياد ڪونه آهي ته اهو ڪئپٽن ڪايس فلئڪس ليو سينبس آميليانس انڊيڪس اهڙي واقعي کان متاثر ٿيو هو يا نه. ليڪن هو لاطيني ٻوليءَ جا ڪجهه لفظ چئي مري ويو هو. چاڪاڻ ته سندس ساري زندگي شرڪ ۽ الحاد ۾ گذري هئي. پر مون کي ايترو سو ياد آهي ته پئرس پرسان مونٽ مارٽر (Mont martre) يعني مائونٽ آف مارٽاير (Mount of Martyrs) نالي هڪ جڳهه آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”شهيدن جو جبل.“ هتي سئڪري سوير (Sacre Coeur) نالي عيسائيت جي قديم ۽ جڏي سڏي عمارت آهي. اهڙين ڳالهين مان مون کي ويساهه ٿئي ٿو ته متي بيان ڪيل قصو سچي واقعي سان تعلق رکي ٿو.

مسٽر جان بُل، اوهان کي مان اهڙيون ڳالهيون هرويرو ياد ڏيارڻ ڪونه ٿو چاهيان ته 1848ع، 1849ع، 1850ع ۽ 1851ع ۾ ڪن ويلسٽ ۽ جرمن بادشاهن جي سرن، جنگ، ڌڪار ۽ گورڪنن (Grave diggers) بابت ڪجهه اڳڪٿيون ماڻهن جي زبان تي هيون. اتان جا ماڻهو اهڙيون اڳڪٿيون پنهنجي زبان سان اُچاريندا به هئا. پر سندن ويساهه ڪونه هو ته اهي پوريون ٿينديون. اهي صحيح ثابت ته ڪونه ٿيون، پر جيڪڏهن صحيح ثابت ٿين ها ته اهي ائين پوئين نسل جي ماڻهن تائين پهچي وڃن ها جيئن مهاڻن درويشن جون ڪيل اڳڪٿيون هلنديون موجوده دؤر جي نسل تائين پهتيون آهن.

حوالا:

(1) هيلايا ۾ ڏسڻ جهڙي خوبصورت جڳهه موجود ڪانه آهي. پر کوهن جو پاڻي جام آهي. فوجي ڪئمپ به هڪ واهه جي ڪناري سان نصب ڪئي وئي آهي. ٻيرن جا وڻ وڏا ۽ گهاٽا آهن. ڍنڍ معنيٰ مٺي پاڻيءَ جو قدرتي تلاءُ.

(2) فارسي ٻوليءَ ۾ کليل هٿ جي معنيٰ سخاوت آهي. جڏهن ته بند هٿ جي معنيٰ ڪنجوسي ۽ تشدد آهي.

(3) بهاول حق جي صحيح صورتخطي بهاءُالحق آهي. ان جي معنيٰ آهي سچ جي روشني. هن بزرگ جو نالو ملتان کان ڏکڻ پاسي گهڻو مشهور آهي. سندس تعلق سهروردي فڪر سان هو. سندس سوانح عمري گهڻن جلدن تي مشتمل ڇپجي وئي آهي.

(4) مريد معنيٰ مرشد جو معتقد.

(5) اروڙ قديم سنڌ جي راڄڌانيءَ جو نالو آهي. هيءَ ماڳ روهڙي وٽان سنڌوءَ جي اوڀر پاسي واقع آهي. ڪئپٽن ڪربي (Kurby) هي ماڳ ڏٺو هو جنهن لاءِ هي شعر چيل آهي:

هاڪ وهندو هاڪڙو پڇندي بنڌ اروڙ
بهہ مڇي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوڪڙي

(6) بهہ، لوڙهہ. ڪُم ۾ ڪوٺي کائڻ جون شيون آهن جن کي تاندن تي پچائي يا ٻوڙ رڌي ڪتب آندو ويندو آهي.

(7) ڏسو باب 28

(8) ڏسو باب 29

(9) سنڌي ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ چاهڻ رنگ جي گهوڙي کي نيرو گهوڙو چيو ويندو آهي. هي هلڪي رنگ جو گهوڙو آهي. انگريز جي گهوڙيسوار دستن وٽ بہ اهڙي رنگ جا گهوڙا آهن.

(10) تاجاڻي لفظ کي جمع جي صيغي ۾ ڪتب آندو ويو آهي.

(11) مُري جي هئنڊ بوڪ جي ص-475 تي هن کي "پلتي" (Pulte) سڏيو ويو آهي. بگهاڙ وارو وهڪرو گهٽي وقت کان وٺي لٽجي ويو آهي جنهن جي پيٽ مان ہ فوٽ پاڻي مس وهي سگهندو آهي. هن وقت سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو جوئا Jua يا Jooa نالي ڦاٽ مان وهندو آهي جيڪو بگهاڙ کان ٽيهہ ميل ڏکڻ - اوڀر آهي.

(12) ٺٽي جي نالي لاءِ ڏسو باب ستون.

(13) مشرق ۾ اڳڪٽيون تمام گهڻيون ڪيون وينديون آهن. جيڪڏهن انهن کي قلمبند ڪيو تہ الائي ڪيترا جلد تيار ٿي ويندا. انهن مان ڪجهہ اڳڪٽيون دلچسپ بہ آهن. ٿورا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

- چين جا ماٺهوان قبيلي جي حملي کان ڏاڍو ڊڄندا آهن جنهن جي سردار عورت هوندي آهي.
- سک گُرن اڳڪٽي ڪئي هئي تہ سنڌ 1900 سنبت يعني 1844 ۾ فتح ٿي ويندي
- شاهہ محمد اڳڪٽي ڪئي هئي تہ 58-1857 ۾ انگريزن خلاف بغاوت ٿيندي

باب يارهون

# سوندن ۾ جهرڪن وارا ٻه يادگار

مان اوهان کي سونڊا ۾ جهرڪ بابت ڪي ڳالهيون ٻڌائي رهيو آهيان. مان اها معلومات اوهان کي انهيءَ ڪري ڏئي نه رهيو آهيان ته اوهان هنن ٻنهي ماڳن بابت ڄاڻ حاصل ڪري خوش ٿيندا. پر انهيءَ ڪري ڏئي رهيو آهيان ته اهي ماڳ ساڳئي رستي ويجهو واقع آهن.

سونڊا، ڪينجهر جي ويجهو ۾ حيدرآباد ڏانهن ويندڙ رستي جي ڪنڌيءَ تي آهي. توهان جي ڊائريءَ ۾ شايد هن ريت لکيل هوندو:

"صبح جو ساجهر اٿياسون. ڪراڙي عربي گهوڙي تي لانگ وارائي سون. پورا ٽي پيرا رستو پلجي وياسون. ڏاڍو سيءُ آهي. سفر ڏاڍو ڏکيو پيو محسوس ٿئي. علائقو وارياسو ۽ جابلو آهي. ٽڪرين تان لهي ۽ چڙهي رهيا آهيون. نائين وڳي صبح تائين به ڪئمپ ۾ ڪونه پهتا آهيون. پنجن ڪلاڪن ۾ ڏهه ميل پنڌ مس ڪيو اٿائون. رڳو پکين جون ٻوليون ٻڌجي رهيون آهن. چوڌاري ٽڪرين جون چوٽيون ڏسجن ٿيون. ڪٿي ڪٿي نسريل ڪٽڪون به نظر اچن ٿيون. ڪلنگي وارا چنڊول پکي هيڏانهن هوڏانهن اُڏامي رهيا آهن. ڳجهن جا ولر به ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جتي تنبو هنيا ويا آهن سا جڳهه ڊاب ۽ ڊسڙ واري آهي، تنهن ڪري اصلي ڪانه تي وٽي. هميشه جيان ناشو ڪيون، سمهي پياسون. ٻين وڳي منجهند جو جاڳ ٿي. شام ڏاڍي خوبصورت ۽ خوشگوار آهي ـ منجهند جي ماني ٽين وڳي کاڌي سون. چئين وڳي به ٽي ميل پنڌ ڪري قُبن واريون مزارون ڏسڻ وياسون. مان اهڙين جڳهن کي ڏسي ڇڙ ته بيزار ٿي پيو آهيان، پر مسٽر بُل اهڙين جڳهن کي ڏسڻ لاءِ ضد ٻڌي بيهي رهندو آهي. اتي ٻيون نادر شيون ته ڪونه ڏٺيون سون باقي پينو فقيرن جي ڇڙ ته فوج لٿي پئي هئي. هي ماٺهو پاڻ کي فقير سڏائي رهيا هئا. مون کي پڪ آهي ته اهي سڀ ساڳيا

ماڻهو هئا جن کي مان اڳئين پيري بہ ڏٺو هو. مان ڪين ٿامي جا ڪجهہ سڪا ڏنا، پوءِ موتي اچي چانهہ پيتي سون ۽ پوءِ سوڙ تاڻي سمهي پياسون. هي پهريون پيرو هو جو منڙي انگلنڊ ڇڏڻ کان پوءِ سوڙيون پائي ستا هئاسون.

مون کي هن ڳالهہ ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ شبهو نہ آهي. منهنجا غير رومانوي جهونڙا دوست! سياڻي وارو سفر بہ ساڳئي طريقي سان طئي ٿيندو. اهو جڻ مقدر ۾ لکجي چڪو آهي.

توهان کي ياد هوندو تہ اسان جهرڪ ماڳ ڏانهن روانا ٿيا هئاسون. رستو ٽڪرين جو پاسو ڏيندو ور وڪڙ ڪائيندو ٽڪرين تان لهندو ۽ چڙهندو هڪ اهڙي ميداني علائقي ۾ داخل ٿيو هو جتي گهاٽا ٻيلا هئا جيڪي سنڌوءَ جي ڪنار جي ويجهو ۽ اوڏو هئا. ڪجهہ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اهڙي جُوءَ ۾ آياسون جنهن جي اولهہ پاسي کان روهہ هو ۽ ٽڪرين جي چوٽين تي مسلمانن جا مقبرا هئا. اڌ پنڌ تي شڪارگاهہ نظر آيو جيڪو رستي جي پرسان هو. هي نالو ڪيڏو نہ خراب آهي. ان شڪارگاهہ کان ٿورو اڳتي وڌياسون تہ رستو ساڄي پاسي يا اوپر طرف ڏانهن لڙيو. اهو گهاٽو ٻيلو شڪار ڪرڻ لاءِ مخصوص آهي، جتي گنديءَ دل وارن ٽالپر حڪمرانن ائين هڪ ڳوٺ قائم ڪيو آهي جهڙيءَ ريت قديم نارمن لوڪن ان مقصد سان بولڊر ووڊ (Bolder Wood) ۾ ڳوٺ قائم ڪيو هو تہ جيئن اتان جي غريب ماڻهن کي بيدخل ڪري سگهجي. هتان جي ٽالپرن غريب ماڻهو ان ڪري لڏائي دربدر ڪيا هئا جو کين خوف هو تہ متان ڪُڪڙن ڪتن ۽ ماڻهن جي آواز تي شڪار ڪرڻ وارا جانور هي ٻيلو ڇڏي ڪيڏانهن پري هليا وڃن ۽ ٻين شڪارگاهن ۾ وڃي رهن.

مسٽر جان بل، جڏهن اوهان صاحب اخلاق بڻجي انسان دوستيءَ تي ويچاريندا تہ اوهان جو روح بہ رڙيون ڪندو. مطلق انسانيت جون پٽر دليون، خوبصورت ظالم ۽ تعريف ڪرڻ وارا هي ماڻهو فاتح وليم (William) يا اهو وليم جنهن جو تخلص ريوفس (Rufus) هو. جيان پنهنجي نازل ٿيڻ کان پوءِ قدم قدم ڪٽندا اڳتي وڌيا. هنن کي فتح جي شراب جو نشو هو. ان ڪري هو وحشي بڻجي چڪا هئا. هنن جو نازل ٿيڻ گهاٽن ٻيلن ۾ موجود ڳوٺن جي جڻ تباهي هئي. هتان جي غريب ماڻهن کي ان ڪري دربدر ڪيو ويو هو تہ جيئن انهن ٻيلن کي شڪارگاهہ بنائي

سگهجي. مان هنن ڳالهين کي ان ڪري ورجائي رهيو آهي جو اهي بحث ڪرڻ لاءِ هميشه جا موضوع آهن.

ان ڪان پوءِ پياري ۽ جهونڙي اوليور (Oliver) جون صحرائي ڳوٺن (Deserted Villages) بابت لکيل بہ تي سٽون ياد اچن ٿيون، جيڪي اسان کي سوڻيءَ جي زور تي ياد ڪرايون ويندڙيون هيون، جن ۾ ڳوٺاڻي زندگي جي مڪمل جهلڪ ڏسڻ ۾ ايندي هئي، جنهن ۾ پاڪائيءَ ۽ خوشي ۽ رومانوي خيال موجود هوندا هئا. اوهان جي ٻالجتيءَ واري شرارتن سان ڀريل زندگي بہ ٻهراڙيءَ سان تعلق رکندي هوندي. اهڙيءَ سنڌ جي ڪئليگيولس (Caligulas) کي پنهنجي طرز ۽ طريقي واري زندگي گذارڻ جو هڪ سبب آهي. اوهان پنهنجي ڪنن سان چپن سبيل ماڻهن جو هڪ خاموش آواز ٻڌو هو، جيڪو چئي رهيو هو تہ بي رحم نسل تباهہ ٿي ويو جن غريب ماڻهن کان زمينون ۽ روزگار کَسي کين دربدر ڪري ڇڏيو. انتقام طور قدرت پنهنجو فيصلو ڏئي ڇڏيو.

هن قسم جي ڏوڪي جي واڌ ويجهہ لاءِ بهترين ماحول بابت منهنجو خيال غلط هو. اهو ساٿنا (Sathanas) جي مقدس ڪتاب جي قولن جو تعجب جهڙو مثال آهي. جڏهن شريف ميڊم برطانيہ جي انين فرمان جي پيچڪڙي ڪرڻ واري هوندي آهي تہ عيسائيت جي خوبصورت باکهتي جي دل کولي تعريف ڪندي آهي، الله تعاليٰ جي آڳر ۽ تهذيب چوڏار پکڙڻ جون بشارتون ڏيندي آهي. اهو بہ اعلان ڪندي آهي تہ اها وحشي نسلن تي پنهنجي نعمتن جي بارش ڪرڻ واري آهي، مٿن مهربان ٿي پنهنجي رعيت ٿيڻ جي اجازت ڏيندي آهي. ان سان گڏ کليءَ دل جو مظاهرو ڪري کين اها بہ موڪل ڏيندي آهي تہ اهي ڍل ۽ محصول کيس ادا ڪري پلي پنهنجون دليون خوش ڪن. انهن شڪارگاهن ڏانهن بہ نظر ڪريو جيڪي ڏاڍ ۽ ظلم جو زندهہ ثبوت آهن. شڪارگاهن جي موضوع متعلق اسان کان اڳ گهڻن ماڻهن لکيو آهي. سنڌ جي هر سکئي ستابي ڳوٺ جي هر گهر کي ڍاهي پَٽ ڪيو ويندو هو ۽ ڳوٺ پري ڪٽي ٻئي هنڌ اڏڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي. هر گهر جي اڏڻ لاءِ ادائي پينس ادا ڪيا ويندا هئا. مون کي اهو چوندي افسوس ٿي رهيو آهي تہ هر سنڌي انگريزن وانگر پنهنجي گهر بابت ڪجهہ ٻڌائي ڪونہ سگهندو آهي ۽ ان خوبصورت جڳهہ بابت پنهنجن خوبصورت خيالن جو اظهار ڪري ڪونہ سگهندو آهي. ان ڪري مسٽر جان بُل، سندس گهر واري مسز جان بُل ۽

سندس نندا وڏا پارڙا هميشه واري رهائشگاهه جي ذڪر ٻڌڻ کان رهجي ويندا آهن. آخر ۾ هيءَ ڳالهه ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو ته جن شڪارگاهن کي اسان نقصانڪار سمجهون ٿا تن جا گهڻا فائدا به ٿيندا آهن. ڇاڪاڻ ته انهن ٻيلن ڪري فضا ۾ نمي موجود رهندي آهي. ٻي ڳالهه ته درياءَ جي وهڪري بدلائڻ کي روڪڻ لاءِ اهي هڪ بند جو ڪم ڏيندا آهن. ان کان سواءِ اهي ٻيلا اهرمن (Ahriman) يعني رڻ پٽ کي هرمزد (Hormuzed) يعني آباد زمين ڏانهن وڌڻ کان روڪيندا آهن.

اوهان اهو ضرور ڏٺو هوندو ته جتان اسان گذرياسون ته سڪل گاهه اسان جي گهوڙن جي سنبن هيٺان دڪي ڀري رهيو هو. شڪارگاهن کي ڪڏهن اوچتو باهه وڪوڙي ويندي آهي ۽ لهي سڙي رک ٿي ويندا آهن. مان اهڙن شڪارگاهن جي وچ مان پنج ڇهه ڀيرا گذريو آهيان ۽ هر ڀيري شڪارگاهه جو هڪ نه هڪ حصو سڙندي ڏٺو آهي. هتي هڪ افسوسناڪ واقعو به ٿي گذريو آهي. هي انهيءَ زماني جي ڳالهه آهي جڏهن سر جان ڪين پنهنجي فوج سان اتر طرف پيش قدمي ڪري رهيو هو ته 2- ڪُئينس ريجمينٽ جا ٽي نوجوان فوجي عملدار اهڙيءَ باهه ۾ سڙي رک ٿي ويا هئا. اهڙي واقعي جي صحيح جاچ لاءِ ڪورٽ آف انڪئيوسٽ (Cout of Inquest) ويهاري وئي، جنهن واقعي بابت مختلف ماڻهن جا بيان قلمبند ڪيا هئا. ريجمنٽ جا ماڻهو ڪاوڙيا ويٺا هئا ته اهو واقعو ڄاڻي ٻجهي ڪرايو ويو آهي، تنهن ڪري بلوچن مٿان حملو ڪري انتقام وٺجي. ان جاچ مان ڪوبه اهڃاڻ ڪونه مليو هو ته ان واقعي ۾ ڪنهن دشمن ماڻهوءَ جو هٿ هو. هنن ماڻهن جو فوجي ذهن هو. سندن مرضي هئي ته معاملي کي منجهائي وچڙائي اهڙو ماحول پيدا ڪجي جو جنگ ڇڙي پوي. هو لاهي پاهي رتوڇاڻ تي سندرو ٻڌي ويهي رهيا هئا. دنيا جي هن حصي ۾ مُنجهيل معاملن جو حل اهو سوچيو ويندو آهي. اوهان اهو گهٽ ٻڌو هوندو ته شخصي دشمنيءَ ڪانسواءِ ڪٿي جنگ ٿي هجي، جهڙوڪ: ڪنهن عملدار جي زندگي، ڪنهن دوست احباب جو موت وغيره. ڪڏهن ته عورت، ڪتو ۽ چوري به جنگ جهيڙي جو ڪارڻ پوندا آهن. اسڪاٽلئنڊ جو هڪ ماڻهو افغانستان ۾ پنهنجي حياتي وڃائي ويٺو هو. انهيءَ زماني ۾ افغانستان جو ماحول ڏاڍو مُنجهيل هو. جنگ جو زمانو هو. ڪنهن به ڏر جي حڪومت ڪانه هئي. لاقانونيت چوٽ چڙهيل هئي. اهڙي وايومنڊل ۾ عورتن سان به ڏاڍايون عام هونديون هيون ۽ اهي مدد واسطي امانَ امانَ جا لفظ چئي

چيخون ۽ پڪارون ڪنديون هيون. اهڙيءَ ريت ٻڌندڙ ماحول جي سنگينيءَ جو احساس ڪري انهن مظلوم عورتن جي مدد ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي ايندو هو. ڪنهن عورت کي امانُ ڏيڻ معاف نہ ڪرڻ جهڙو خطرناڪ عمل هو. پر ائين ڪرڻ جي جڙ تہ آزادي هئي. اوهان پاڻ ڏسو تہ اسان روس کي ائين ڏسي رهيا آهيون جيئن سفيد ڪپڙي تي رت جو داغ.

امڪان آهي تہ شڪار جي راڪن جهنگ کي باهہ ڏني هجي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن شڪار سولائيءَ سان ٿي سگهي. پر واءُ جي رُخ جي اوچتيءَ تبديليءَ ڪري باهہ اُبتو رُخ اختيار ڪيو هجي، جنهن ڪري مٿيون ڏکوئيندڙ واقعو رونما ٿي گذريو. توهان کي اهڙو وهم گمان ٿي ڪونہ هوندو تہ اهڙين جڳهن تي ماڻهو ڏاڍيءَ سولائيءَ سان سڙي ويندو آهي. سنڌ جي هن علائقي ۾ لئي (tamarisk)، ڪنڊي (acacia)، ٻٻر (memosa) ۽ ٻهڻ (willow_paplar) جا وڻ گهڻي انداز ۾ ٿيندا آهن. انهن وڻن جو هيٺيون جَهرُ هيڏانهن هوڏانهن پکڙجي پاڻ ۾ ملي ويندو آهي. انهن وڻن جي پاڙ ۾ ننڍو وڏو گاهہ بہ هوندو آهي، ڪانهن، سڃا ۽ ڪوڙا ٻوڙا بہ بي انداز هوندا آهن. خشڪ موسم دوران اهي سڪي ويندا آهن ۽ جرمن ٽنڊر (German Tinder) جيان هلڪي شعلي مان ٻري پوندا آهن. مثال طور اوهان جا ماڻهو اٺن جي قطار ڪاهيو اوهان کان هڪ ڪلاڪ اڳ انهن گهاٽن ٻيلن وچان سفر ڪندا اڳتي وڃي رهيا آهن ۽ سُلقيون ۽ حقا چڪيندا، ڪوسي قلهير يا ٽانڊن جون چڻنگون هيڏانهن هوڏانهن اڇليندا، چڙواڳ ۽ اهنڊن ماڻهن جيان هلندا ٿا وڃن. اوهان ٻيلي جو هڪ ٻهو ڏئي گهوڙن تي سنڌن پٺيان وڃي رهيا آهيو. اوهان ناشتي يا ڪنهن ٻئي ڪم لاءِ سيٽي وڄائي انهن کي پاڻ وٽ سڏيو ٿا. ان وقت اوهان جي ڪنن تي وڻن ڪِرڻ جا وڏا آواز پون ٿا. اوهان پوئتي واجهايو ٿا تہ اوهان جي اک باهہ جي جِيڀَ تي پئجي وڃي ٿي، جيڪا اوهان کي ساڙي رک ڪرڻ لاءِ نهايت تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌي رهي آهي، اهڙي خطرناڪ صورتحال کي ڏسي اوهان جو ساهہ مُٺ ۾ اچي ويندو ۽ جان بچائڻ لاءِ اوهان پنهنجي گهوڙي کي مهميزن ۽ اڙين جي هڻ هڻان لائي ڏيندا. اهو بہ تڏهن ممڪن آهي جڏهن اوهان خوف ۾ هراسجي نہ ويا آهيو ۽ پنهنجن عضون کي استعمال ڪرڻ جي اوهان وٽ سگهہ آهي. چوندا آهن تہ ساهہ هر ڪنهن کي پيارو آهي. اوهان خطرناڪ باهہ جي لمڪندڙ شعلن کان هراسجي ويا آهيو ۽ گهوڙي کي سرپُور ڀڄائي رهيا آهيو. توهان کي بي حوصلائيءَ ۾ اها خبر ڪانہ ٿي

پوي تہ آڏو پاٽي آهي يا آئنو اهڙي چتڪُتائي ۾ اوهان جي چيلهہ مبارڪ زور سان وڻ جي ٿڙ سان ٽڪرائجي وئي آهي ۽ اوهان خير سان ڏنڊٽجي ويا آهيو يا جيڪڏهن اوهان ڏسو ٿا تہ جنهن رستي سان اوهان کي اڳتي وڌڻو آهي تنهن کي آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ باهہ جا شعلا تہ ختم ٿي ويا آهن پر پچرندڙ ٽانڊا سائيءَ سُرمائي جَر باقي رهيا آهن. جن مٿان اوهان جي گهوڙي جو هلڻ ممڪن ئي ڪونہ آهي. يا باهہ اوهان جي پنيان يا اڳيان اوهان کي اچي سوڙهي پئي آهي. ٻيلي جي باهہ جا اهڙا پنج ڇهہ امڪان هوندا آهن جن لاءِ اوهان کي اڳ ۾ تيار رهڻو آهي. جيڪڏهن امڪان آهي تہ ٻچي جان ڇڏايو. جيڪڏهن نہ تہ پوءِ ڪورٽ آف انڪئيسٽ ويهاري ويندي ۽ شاهدن جا بيان ورتا ويندا. جيڪڏهن اوهان ٻيلي وچان پيرين پنڌ سفر ڪري رهيا آهيو ۽ اهڙي نازڪ صورتحال کي ڏسي وڻ تي چڙهي ويا آهيو ائين عقل کان خالي اوڳا ماٺهو ڪندا آهن. ڇاڪاڻ تہ چوڏاري باهہ ٻاهي سندن ڍڍر ڍرا ٿي ويندا آهن. ابهرائي ۽ وائڙپ ۾ اهڙن گهاٽن وڻن تي چڙهي ويندا آهن جو خطري ٽرڻ کان پوءِ وڻن جي گهاٽين ٽارين ۾ ڪنڊن هٿڻ ڪري هيٺ لهي ڪونہ سگهندا آهن. جيڪڏهن ڪاڻئن پڇبو تہ پوءِ چڙهي ڪيئن ويا آهيو تہ جواب ۾ چوندا آهن تہ اهو اسان کي پتو ئي ڪونہ آهي تہ ڪيئن چڙهي آياسون. جيڪڏهن باهہ ٻري رهي آهي تہ وڻ تي چڙهي وڃڻ مان ڪو بہ فائدو ڪونہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ باهہ سان گڏ ٽڪرندڙ ڪارو دونهون اوهان کي ٻوساٽي ماري ڇڏيندو يا اوهان مٿي وڻ تي آهيو ۽ هيٺ باهہ ٻري رهي آهي ۽ اوهان ٽڪڙ ۾ غلط وڻ جي چونڊ ڪئي آهي ۽ اوهان اهڙي غلط چونڊيل پناهہ واري جاءِ تان پنهنجو سر بچاءِ ڪندي ٽپ ڏيو ٿا. اوهان پاڻ ئي سولائيءَ سان سمجهي سگهو ٿا. اوهان جو مستقبل ڇا هوندو.

اسان ٽڪري جي هڪ پاسي تي چڙهي ويا هئاسون تہ اسان کي سنڌوءَ درياءَ اهڙن ٻن ڪنارن وچان وهندو ڏسڻ ۾ آيو جيڪي گهاٽن وڻن سان ڇانيا پيا هئا. صبح واري اڻ پوري روشنيءَ ۾ سندس پاٽي هلڪو گلابي نظر اچي رهيو هو. توهان کي چگّيءَ ريت ياد هوندو تہ مان اجا بہ مٿيرو چڙهي ويو هئس. جذبات ۾ اچي مون پنهنجي ساڄي ٻانهن پڪيڙي هئي. منهنجي منهن تي بہ هڪ اهڙو جذباتي تاثر ڇانيل هو جهڙو ڪئمالڊولي (Camaldoli) وٽ بيهي آثار قديمن جي ماهر گائيڊ پنهنجي اندر جو اظهار ڪيو هو. ان وقت منهنجي نظر اوهان ۾ هئي ۽ اوهان بي اختيار چيو "هو اجهو هندستان جي سيني

خوبن جو تاجدار درياءُ وهي رهيو آهي. اهو ڪلاسيڪل سنڌو جنهن جي هاڪ ۽ ڌاڪ ساري دنيا ۾ پکڙيل آهي.“

اوهان جڏهن ڳوٺ پهچندا تہ سال ٻن کان پوءِ اوهان کي سنڌوءَ جو هي منظر وسري ويندو. اوهان هنن حقيقتن کي ائين سمجهڻ لڳندا ۽ چائلڊ_ هئرولڊ (Childe_Harold) وانگر بس فقط ايترو چوندا "Goes down"، يعني مٿيو (Mathew) ۽ سموليٽ (Smalett) جي خيال جيان هن معاشري جي زبان ڏاڍي تيزيءَ سان هلندي پئي وڃي جنهن لاءِ هو هميشه شڪايت ڪندا رهيا آهن. ان جي پيٺ ۾ اوهان رومانوي، شاعرانہ مزاج وارا اعليٰ ۽ روشن ضمير انسان بڻجي پوندا_ ٻڌندڙن کي چڱيءَ ريت متاثر ڪري سگهندا.

مون محسوس ڪري ورتو آهي تہ اوهان انگريز عورتن جي هڪ ميڙاڪي ۾ هڪ ڳالهہ ٻڌائڻ وارا آهيو تہ سنڌوءَ جو اهڙو منظر ڏٺو هو جنهن جي طلسم اوهان کي جڪڙي رکيو آهي ۽ اها اهڙي حقيقت آهي جيڪا مان اليگزينڊرس گلوريز (Alexandrs glorics) جو مطالعو ڪندي محسوس ڪئي هئي. اوهان قسم کڻي چئي رهيا آهيو تہ اوهان سنڌوءَ کي ڏسڻ کان اڳ پاڻي پوڄا يا پاڻيءَ جي ديوتائن جي پوڄا کي ناقابل معافي جرم سمجهندا هئا. پر هن مهان ۽ پلي درياءُ چوڏس پکڙجي جيڪي رنگ ۽ رونقون ڪيون تنهن ڪري هي ڪنهن بہ قدرتي نعمت کان گهٽ ڪونهي، تنهن ڪري سنڌو پوڄا لائق درياءُ آهي.

پر مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي تہ اوهان سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي پوڄا ڪانہ ڪئي هئي. جڏهن مان اوهان جي اڳيان چريسورر آس (Chrysorr hoas) ۽ ٻين حياتي بخشيندڙ دريائن جي پوڄا جو ذڪر ڪري رهيو هوس انهيءَ لاءِ تہ جيئن اوهان جي جيءَ ۾ پاڻيءَ جي پوڄا جو جوش جاڳائي سگهان ۽ ٻڌائي سگهان تہ ٻين دريائن جي پيٺ ۾ سنڌوءَ جو پاڻي وڌيڪ پوڄا ڪرڻ جي لائق آهي، تہ اوهان جواب ۾ چيو هو تہ سنڌو ايترو ويڪرو درياءُ نہ آهي جيترو ٿيمس درياءُ بليڪال (Blackale) جي ماڳ وٽان آهي. اوهان جو بليڪال مان مطلب (Black wall) آهي. اوهان پنهنجي چيل لفظن ٿيمس ۽ گرينچ (Greenich) جي اصلاح ڪندي چيو هو تہ ٿيمس ۽ گرينوچ (Greenwich) ۽ بليڪال جي وچ تي. اسان اهي ڳالهيون ڪندا سنڌوءَ ڪناري تي پهچي چڪا هئاسون. ان وقت اوهان درياءُ کي ڏسي قسم کڻي چيو هو تہ هيءُ سنڌو تہ ايترو ننڍو وهڪرو آهي جنهن سان فقط

هڪ پن چڪي (wind_mill) بہ مس هلي سگهي ٿي. پاٽي اهڙو ڪارو ۽ گندو آهي جهڙو لنڊن جي گٽر جو پاڻي. پاڻي پنيءَ ٻوڙ بہ مس ٿيندو. ڪنارا سڌا سنوان، پيٽ ۾ ٻيٽاريون ۽ ٻانڊون جن کي ڏسي ائين پيو محسوس ٿيندو ڄڻ انهن کي ڪارائيءَ سان ڪٽي اتي رکيو ويو آهي. مختصر تہ اهو صفا گندو ۽ ڪريپ جهڙو منظر آهي. اوهان اها ڳالهہ تہ ضرور قبول ڪئي هئي تہ هيءُ هڪ بهترين درياءُ آهي. اوهان هي لفظ بہ تہ پاڻ چيا هئا تہ ڪناري تي بيٺل ڪنڊيءَ جي وڻ جي لڙڪندڙ ڏکهين پورين لامن جو عڪس سنڌوءَ جي لهرين تي پئجي رهيو هو. اهو ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ ڄڻ سرڳ جون اپسرائون سنڌوءَ جي لهرين تي جهمر هڻي رهيون آهن. مون اهي لفظ اوهان کي زوريءَ تہ ڪونہ چورايا هئا.

اوهان سڀ کان پهريائين جهرڪ شهر ڏٺو آهي جيڪو سنڌوءَ جي لٽاسي ميداني علائقي ۾ واقع تہ آهي پر هڪ ڏنگي ۽ قڏي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي آهي، جيڪا ڪيرٿر جابلو سلسلي جي اوپارين ۾ چاڙهہ تي آهي، جنهن کي هالار جبل بہ سڏيو ويندو آهي. هي ڪاڏل ۽ ڏنگين قڏين ٽڪرين جو آخري سلسلو اهي، جنهن وچان سفر ڪري اسان اڳتي نڪري آيا آهيون. هنن ٽڪرين جون چوٽيون سنئيون سڌيون آهن ۽ زمين جي مٿاڇري کان سندن اوچائي اٽڪل هڪ سؤ فوٽ ٿيندي. سندن تري واري ايراضي پنجاهہ گزن کان وٺي اڌ ميل تائين ٿيندي. جهرڪ شهر هڪ ٽڪريءَ تي اڏيل آهي، جنهن جي هڪ چڪ سنڌوءَ جي پيٽ ۾ اندر هلي وئي آهي، تنهن ڪري سنڌو اولهہ ڏانهن وڌي ڪونہ ٿو سگهي. اليگزينڊر برنس ۽ سر چارلس نيپيئر هن جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي. سر چارلس پنهنجي غلطيءَ کي محسوس ڪندي ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چوي ٿو حيدرآباد بدران جهرڪ شهر کي اهميت ڏيان ها تہ پلو هو.

جهرڪ فوجي ڪئمپ جي چوڌاري هلڪو سلڪو ڪوٽ ڏنو ويو هو جيڪو هاڻي ڍهي ناس ٿي ويو آهي، باقي بنيادن وارا بہ چار بار سلامت آهن. اوهان شهر کان هيٺ نهاري ڏسندا تہ سارو ميدان جابلو آهي ۽ مٿاڇري تي لوهہ جا ذرڙا ڪنديل آهن. ڪنهن زماني ۾ هتي فوجي ڪئمپ قائم هئي ۽ هر چيز سستي ۽ سولي ملي ويندي هئي. سنڌوءَ وسيلي جهاز رائي ٿيندي هئي، جنهن تي هتي ويهي نگراني ڪئي ويندي هئي. هتي پيئڻ جوڳي مٺي پاڻي ۽ ضرورت جي ٻي شيءِ جي ڪڏهن بہ اڻاٺ محسوس نہ ڪئي وئي هئي. ماڳ نهايت صحت بخش هو. تجارت جو بہ اهم مرڪز هو. جتي بلوچستان کان آيل ماڻهو پنهنجي ضرورت جون

شيون خريد ڪندا هئا. ان کان پوءِ فوجي مرڪز حيدرآباد کي بڻايو ويو ۽ جهرڪ ۾ هڪ فوجي چونڪي رکي وئي هئي، جتي ٿورا گهڻا فوجي سپاهي رهندا هئا. هن شهر ۾ هڪ ليفٽيننٽ رهندو هو جيڪو هتان جو آفيسر ڪمانڊنگ هوندو هو. ڪجهه وقت اڳ هتي اُٺ سوار فوج جو هيڊ ڪوارٽر هو جتي ماڻهو ۽ اُٺ گڏ رهندا هئا. جنگ دوران هيءَ فوج ڏاڍي ڪمائتي هوندي هئي، پر امن امان واري زماني ۾ فوج جي هن حصي تي تمام گهڻو خرچ ايندو هو. سنڌ جي فاتح هن اُٺ سوار فوج جو اهڙي جوڙجڪ ڪئي هئي جو جتي بہ ضرورت پوندي هئي تہ هن فوج کي اوڏانهن روانو ڪيو ويندو هو. پر منجهس اوڻائي بہ هئي جهڙوڪ: جڏهن فوجي پيش قدمي جو حڪم ملندو هو تہ اٺ سوار فوج بہ ساڻ ڪرڻي پوندي هئي، جنهن سان اُنن جا پلڻ پاڪڙا ۽ انهن جانورن سان لاڳاپيل ٻيو سامان سڙو ايترو گهڻو هوندو هو. ماڻهو پريشان ٿي پوندا هئا. هي اوڳا جانور ماڻهن جي لاءِ پاليل مصيبت ۾ ڏچو آهي

چيو وڃي ٿو هاڻي جهرڪ شهر "اڇادود" (Ichadod) لکي وئي آهي. هيءَ ماڳ هاڻي فوجي ڇانوڻي ڪونہ رهيو آهي، باقي ڊپٽي ڪليڪٽر هتي پنهنجو صدر مقام قائم ڪيو آهي. سنڌس ڪچسرو بنگلو ٽڪريءَ جي اولهہ پاسي ۽ ٻيءَ آباديءَ کان 350 فوٽ مٿي آهي.

اسان هتي پرلطف ڏينهن ڪونہ گذاريو هڪ يا بہ ڪلاڪ خوشيءَ ۾ گذري ويا. پوءِ اسان جاسوسيءَ واريون عينڪون پائي ڏٺو تہ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هن ڪلاسڪ درياءَ جي گپ جهڙي ميري پاڻيءَ ۾ تڙڳي رهيا هئا. ان کان پوءِ شهر گهمڻ وياسون. اسان کي ڏسي رولو ڪتن پؤنڪڻ شروع ڪيو ۽ ٻارن اسان کي ڪافر سڏيو. اها انگريزن اچڻ ڪري ڪين اظهار خيال جي آزادي ملي هئي. ڪي عورتون اسان کي ڏسي کلڻ لڳيون. ڪينَ رنگين لباس پاتل هو ۽ سنڌن اکين ۾ هڪ قسم جي وحشت سمايل هئي. شهر جا باقي ٻيا ماڻهو اسان کان ڇاٽي ٻجهي لنوائي رهيا هئا. اسان بہ گهڻو وقت گهٽين ۾ ڪونہ گهمياسون. مون کي اها چڱيءَ ريت خبر آهي تہ هڪ مهذب انگريز هن نئين مصر جي ننڍي شهر ۾ پرسڪون ڪونہ رهندو آهي.

اسان ٽڪريءَ جي اولهہ پاسي واريءَ لاهونديءَ سان هڪ وڏو بُت ڏٺو جيڪو جوڙجڪ ۾ ڏنگو ڦڏو هو. جنهن لاءِ مان اوهان کي ٻڌايو تہ اهو هنومان هو. اهو هندن جو پولي جي شڪل جهڙو ديوتا آهي. مون اوهان کي ٻڌايو هو تہ هن ديوتا جي پوڄارين سنڌس منهن تي سيندُر جو رنگ هڻي ڇڏيو آهي، انهيءَ مقصد سان نہ تہ سنڌس مُنهن خوبصورت لڳي، پر اهو

سيڪجهه هن پولي ديوتا جي عقيدت ۽ احترام ۾ ڪيو ويندو آهي. اهڙي رسم اوير ۽ اولهه هندستان ۾ هڪ جهڙي آهي. ان کان پوءِ اسان اڳتي وڌيڪ هڪ مقامي گهوڙيسوار سان مليا هئاسون جيڪو هيٺ ميدان ۾ پنهنجي گهوڙي کي گهمائي رهيو هو. ڪيس محسوس ٿيو ته گهوڙو چوپار هلڻ کان ٿهي رهيو هو. سوار جڏهن گهوڙي جون واڳون ڇڪيون ته جانور هڪدم بيهي ويو. گهوڙو چؤبار هلندي جڏهن پٽ ٽپڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته اڳين سنبن جون هڪ يا ٻئي ڳاهيون مُڇي وجهندو آهي. ان وقت سندس پنيءَ واريون مشڪون تاڻجي ويندريون اهن. گهوڙو جڏهن تيز هلندو آهي ته سندس جنگهون "8" انگ جي شڪل ۾ ڏسبيون آهن ۽ ان وقت سندس چارئي جنگون 45 درجن واريون ڪُنڊون ناهيندريون آهن. ان وقت گهوڙو مست ٿي ويندو آهي ۽ سوار کابي پير واري رڪيب تي زور ڏئي هڪ پاسي جهڪي ويندو آهي ۽ زمين تي رکيل نيزي کي جهٽي کڻي وٺندو آهي. اسان سندس اهڙا ڪرتب ڏنا ۽ پوءِ هليا آياسون. منجهند جي ماني کائي درياءَ جي ڪناري تي ويٺا آهيون ۽ سوچي رهيا آهيون ته هن کان پوءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي.

مون کي هڪ اچرج جهڙي ڳالهه ياد اچي وئي، جيڪا هن شهر جهرڪ ۾ واقع ٿي هئي، اهو مشرقي سوچ فڪر ۽ احساس جو نتيجو آهي. مان سمجهان ٿو ته مسٽر جان بُل، اوهان شايد اهو قصو وساري ڇڏيا آهيو ۽ مان اوهان کي وري ٻڌايان ٿو. هيءَ ان وقت جي ڳالهه آهي جڏهن اسان سنڌ فتح ڪانه ڪئي هئي. ان زماني ۾ جهرڪ جي هن ننڍي شهر تي هڪ ايراني ماڻهو اچي قبضو ڄمايو هو. اهو پاڻ کي سلطان سڏائي رهيو هو. سندس دعويٰ هئي ته هو تاجدار آهي. هو ماڻهو بغاوت ڪري ايران ڇڏي هيڏانهن هليو آيو هو. ان کان پوءِ هن سر چارلس نيپيئر جي نوڪري ڪئي، جنهن کيس حڪم ڪيو ته، هن شهر ۾ فوج رکي. سندس تعلق اسماعيلي فرقي سان هو.(1) هن هڪدم فوجي ڪمانڊ حاصل ڪري ورتي ۽ اعلان ڪيو ته هتان جا ماڻهو سندس اڙد اٿالي جو سارو خرچ برداشت ڪن. هتان جا ماڻهو شريف هئا، تنهنڪري سندس حڪم عدولي ڪري ڪونه سگهيا هئا. ان کان پوءِ هن ٻيو اعلان جاري ڪيو ته ماڻهو ڍل ۽ محصول کيس ادا ڪن. جن انڪار ڪيو تن کي ڏنڊي ۽ ڏاڍ جي زور محصول ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو ٿوري ئي وقت اندر هو بادشاهه وانگر رهڻ لڳو هو.

آغا خان پنهنجي زندگيءَ جا تي هفتا سئنڪو پئنزا (Sancho Panza) وانگر ڏاڍي عيش عشرت ۾ گذاريا. شراب خوري ۽ عشقبازي سندس زندگيءَ جو هڪ حصو هو. چوندا آهن ڏاچي هٽي ڏهہ توڏي هٽي تيرهن. هن معاملي ۾ سندس مريد پنهنجي مرشد کان چار رتيون ڪسر هئا. هنن جو بہ سارو ڏينهن کائڻ پيئڻ ۽ عشق ڪرڻ ۾ گذري ويندو هو. ڪين لٿي ايرئي جي گُڙڪ ئي ڪانہ پوندي هئي. ان ڪري جهرڪ شهر جڻ نينوا بڻجي چڪو هو. ٽالپر جهڙا هئا تهڙا نہ هئا. هنن ڪيس حملي ڪرڻ جون ڌمڪيون تہ گهڻيون ڏنيون هيون پر ڪري ڪجھ بہ نہ سگهيا هئا. آغا خان سندن ڏاڙهيون ڏسي ڏاڍو کلندو هو ۽ چوندو هو تہ اهي ٽالپر سوئر آهن. جيڪي سني ٿا لڳن. انهن کي ڪچيون گاريون ڏيندو هو ۽ ڪليو ڪلايو چوندو هو تہ وس نٿو پڄي نہ تہ جيڪر سندن ابن ڏاڏن جون قبرون ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيان. هنن ڪتن کي اها جرئت ڪيئن ٿي آهي جو اروني (Iroono) (2) تلوار جي سامهون ٿيڻ جي جرئت ڪري رهيا آهن. وات مان اها وائي ڪڍن جيڪا ڪين سوهندي هجي، لباڙون هٽي پنهنجي پرجھ نہ وڃائن.

ٿورو وقت بيهجو. مان اوهان کي هڪ ڳالھ ٻڌائڻ ٿو چاهيان. توهان ساري دنيا جا ٽاليرا ڪُوڙا ماڻهو سڏايو ٻتاڪي ماڻهو ڪوني هڪ هنڌ ڪٺا ڪريو. مشرق ۽ مغرب منچاسين (Munchausen) ۽ گئسڪون (Gascons) گهرايو. مان يقين سان چوان ٿو تہ انهن سڀني کان هڪ ايراني ماڻهو گهٽو ٿي ويندو. مشرق ۾ جيڪي بہ هوشيار قومون آهن تن سڀنيءَ کان ايراني وڌيڪ سياڻا ۽ ڏاها آهن. دنيا جو ڪيڏو بہ هوشيار ايلچي هوندو پر اهو ايران جي وچولي درجي واري ايلچيءَ کان وڌيڪ ذهين ۽ هوشيار ڪونہ هوندو.

هڪ رات آغا خان رات جي ماني کائي شطرنج جي راند لاءِ تياريون ڪري رهيو هو جنهن ۾ هو هميشه ڪتندو رهندو هو. چاڪاڻ تہ مخالف رانديگر کي اها جرئت ڪانہ ٿيندي هئي جو هن کان راند کٽي سگهي. شراب پيئڻ جو سارو انتظام ٿي چڪو هو. هن جي سامهون بوتلن جون قطارون لڳايون ويون هيون. ڪنڌ ۾ راڳي ڳائڻ ۾ مصروف هئا. هرڪو ماڻهو پنهنجي پر ۾ خوش هو.

ان وقت اوچتو هڪ سنڌي رڙيون ڪندو اندر ڪاهي پيو جيڪو ڪنهن خوف کان جڻ چريو ٿي پيو هو. هو هڪ خبر ٻڌائڻ آيو هو تہ پنجاهہ هزار بلوچ ڪاهي اچي رهيا آهن ۽ جهرڪ شهر کان هڪ ميل پري آهن. هن

ٻڌايو تہ اهي ماڻهو هن پنهنجي اکين سان ڏٺا آهن. مان اها خبر آغا خان کي ٻڌائڻ آيو آهيان تہ متان هو پاڻ ۾ ساڻس گڏ سندس رستم اوچتو ڪسي نہ وجن.

توهان ۾ مان اهڙي شخص کي جيڪر ٻڪُ روپين جو انعام ۾ ڏيون ها. ان کان پوءِ اسان فوج جو معائنو ڪريون ها ۽ مقابلي جون تياريون ڪريون ها ۽ معاملي کي رفع دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ها.

پر هن حڪم ڪيو تہ پڪڙيو انهي حرامي ٻار کي. سندس مُنهن مان ٿهر جي باهہ پڙڪي رهي هئي. ڪٿي آهن ڏنڊا. باٺا؟ آغا خان جا نوڪر بہ پنهنجي مالڪ جيان ڪاوڙجي ويا هئا ۽ خبر آڻيندڙ سنڌي تي ڏنڊن باٺن جو وسڪارو لاهي ڏنو هئائون. هو ويچارو بيوس ٿي هيٺ ڪري پيو هو. ان کان پوءِ آغا خان جي ٻن نوڪرن هڪ ڏنڊي کي ڇيڙن کان جهليو ۽ ان جي آڏار تي سنڌي کي اونڌو بيهاري سندن پيرن جي ترين ۽ ٽڪين کي خوب ڪُٽيو. ان کان پوءِ ٻين ڇئن ڇٽن سنڌي کي باٺن سان ائين ڪُٽيو جيئن پراڻين سوڙين جي مرمت ڪبي آهي. اٽليءَ جا ڇوڪرا سوڙين کي سوٽين سان ڪُٽيندا آهن. مٿان بيٺل سندن مالڪ زور سان چوندو آهي وورن (Wurin) (3). ان وقت آغا خان جي مزاج ۾ ڪنهن بہ قسم جو رحم ڪونہ هو. ايرانين ۾ اهو رواج آهي تہ جڏهن ڪنهن کي قتڪن سان ڪٽيو ويندو آهي ۽ ڪير معافي ڏيڻ جي سفارش ڪندو آهي تہ ان کي بہ قتڪن هڻڻ جو حڪم ڏيندو آهي. گهڻي رت وهڻ ڪري جڏهن سنڌي ڏنڊجي ويو تڏهن آغا خان مهرباني فرمائي هٿ مٿي ڪري ڪيس وڌيڪ مارڻ کان روڪڻ جو اشارو ڪيو. ان وقت مارڻ ڪُٽڻ وارا ماڻهو سمجهي چڪا هئا تہ سنڌيءَ کي ڪيل گستاخيءَ جو پورو سبق ملي چڪو آهي.

پر هن ويچاري کي مارڪٽ ڪرڻ جو ڪارڻ آخر ڪهڙو هو؟

هن نہ بخشڻ جهڙو جرم اهو ڪيو هو جو هن حملي جي خبر ٻڌائي هئي، تہ جيئن آغا خان جهڙي شخصيت کي ڪو نقصان نہ پهچي. ان جرم جي پاداش ۾ انسان جي بچڙي کي ڏاڍيءَ بي رحميءَ سان ڪٽيو ويو هو.

مسٽر جان بل، بہ صديون اڳ اوهان ٿيندڙ انهي ڏاڍ خلاف ٻڙڪ بہ ٻولي ڪونہ سگهو ها. ثابتيءَ لاءِ مان اوهان کي اوهان جي ٻيٽ جي تاريخ ٻڌايان ٿو. هيءَ ننڍڙو اقتباس آهي جيڪو مون آندروي ڊي وينٽائون (Androwe de wyntowne) جي اورينجل ڪرانيڪل (Orygynale Cronikil) اسڪاٽلئنڊ (1442ع) تان ورتو آهي.

جڏهن دائود ٻيو (David II) کي خوشحال انگلنڊ ۾ نَو ڏهه سال قيد ۾ رکڻ کان پوءِ رها ڪيو ويو ته درٻار جي نوابن مٿس تاوان رکيو هو. آزاد ٿيڻ کان پوءِ هو پنهنجي اڙد اثالي سان اتر طرف وڌيو. جڏهن بروڪ (Berwick) پهتو ته:

”هو پنهنجي اعتماد جوڳن صلاحڪارن ۽ عام ماڻهن جي پهچڻ تائين سفر ڪندو رهيو. ماڻهو ساڻس ملڻ لاءِ پيهه ڪرڻ لڳا. ائين ڪرڻ عادت به آهي. هن پوءِ اوچتو نيزي واري کان هٿ مان نيزو کسي ورتو. چوڻ لڳو اسان هاڻي ڪين آهيون؟ اوهان جتي به آهيو اتي بيهي وڃو. (جيڪڏهن نه ته) اوهان مان جيڪو به بهادر ماڻهو هوندو مان ان جي مٿي ۾ نيزو نوڪيندس.“

اوهان پاڻ سوچيو ته اٺوهين صديءَ جو بادشاهه دائود (ڪنگ ڊئوڊ) خواه مخواه ڪاوڙ ڪرڻ جو مجرم آهي. هو پنهنجي رعيت جي انهن ماڻهن کي نيزو مٿي ۾ هڻڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، جيڪي تاوان مڙهيل پنهنجي حڪمران کي ڏسڻ ۽ سندس آجيان ڪرڻ آيا آهن ۽ کيس ويجهي کان ڏسڻ لاءِ پيهه ڪري رهيا آهن. پر اوهان کي اهو ڏسي تعجب ٿيندو ته هڪ پادري پنهنجي بادشاهه جي ڪاوڙ (radure) کي جواز ڏئي ٿو ۽ پٺ ۾ پان وانگر سندس ساراهه ڪندي چوي ٿو:

”بادشاهه ۾ غصو سني ڳالهه آهي، انتظام هلائڻ وارن ۾ سدا غصو هوندو آهي. پر ماڻهو ان ڳالهه کي سنو ڪونه پائيندا آهن.“

سنڌ کي اهڙي حڪمران جي ضرورت آهي جهڙو انگلنڊ جو وليم هو. جيڪڏهن اوهان وقت بوقت هنن مٿان سختي نه ڪندا ته هو ڪونه سمجهندا ته ڪو حڪمران به آهي. ائين جيئن لڪڻ هڻي جانور کي ياد ڏياربو آهي ته سندس مالڪ به آهي يا جڏهن به موقعو ملي ته سندس جاءِ کي به تبديل ڪندو رهجي. اوهان ويسر ۾ اهڙي وحشيپڻي کي دفن ڪري ڇڏيو ته پلو. مصر جي محمدعلي پاشا سڪرات مهل اهو فرمان جاري ڪيو هو ته جيڪو ماڻهو سمجهندو ته ملڪ جو حڪمران مري ويو آهي ته سندس سر قلم ڪيو ويندو. اسان انگريز به نيم مشرقي آهيون. تنهن ڪري اسان ته سمجهي ويا هئاسون ان شاهي فرمان جو مقصد ڇا آهي. مشرقي ملڪن ۾ جڏهن تخت ۽ تاج خالي هوندو آهي ته ملڪ جي سيني شهرن ۾ بدنظمي ڪاهي پوندي آهي ۽ قبيلائي سردار بغاوت جو علم بلند ڪندا آهن. ڦرلٽ عام ٿي ويندي آهي ۽ هر ماڻهو تُرڪن وانگر

سرڪش تي پوندو آهي. تخت تي ويهڻ کان پوءِ نئون بادشاهه وڳوڙ ختم ڪرڻ لاءِ تلوار ۽ فوج کان ڪم وٺندو آهي. تڏهن سال جي رتوڇاڻ کان پوءِ مس وڃي ٿاپر ٿيندي آهي پر ان سان گڏ، چاچن، پائرن، سوٽن ۽ ٻين ويجهن عزيزن جي رت ۾ هٿ رڱيا پوندا آهن. فوج وٺي پنهنجي رعيت تي حملا ڪيا ويندا آهن. ڪن کي قتل ڪرائي جان ڇڏائبي آهي ته ڪن کي ڦاهي ڏئي سڪون حاصل ڪبو آهي. ڪن کي زهر ڏياريو آهي ته ڪن کي انڌو ڪرائبو آهي. ساري ملڪ ۾ فوج ماڪڙ جيان تباهي مچائي ڇڏيندي آهي، جنهن جو اثر محصول ۽ سرڪاري خزاني تي پوندو آهي.

مان آغا خان جي ڳالهه بيان ڪري ختم ڪرڻ چاهيان ٿو. هن ماڻهوءَ ٻيو ته نهيو پر سنڌ ۾ ڇيٽن جي ڊيرن تي بيٺل سُڪن وڻن جا ٽڙ به ڪونه ڇڏيا هئا. جيڪو ماڻهو وٽس دانهين ويندو هو سو ڌُڪ تي ويندو هو. جڏهن بلوچن جي فوج ويجهي اچي پهتي هئي ته ڏينهن جو تارا ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. هن پاڙي سان ڪانه رهائي هئي، پنهنجي وڍيءَ جو نه دارون نه دوا. حملہ آورن کي مهاڏي ڏيڻ لاءِ وٽس ڪجهه به ڪونه هو. ٽالپرن جي فوج جهرڪ شهر جي چوڌاري ڏنل قلعو ٽپي اندر آئي. شهر کي لٽي ڦري پينگ ڪيو ويو. جيڪو به ڏاڙهي ڪُوڙ ماڻهو سنڌن نظر ۾ پيو اهو زندهه ڪونه بچيو.(4) هي فوج آغا خان جي شخصيت کي ته هٿ ڪري ڪانه سگهي پر سندس شراب ۽ حرم خاني کي خوب استعمال ڪيائون. آغا خان کي شراب ۽ پيئڻ جهڙي ٻيءَ شيءِ جي نقطء نظر کان تمام گهٽو نقصان ٿيو. ان کان سواءِ سندس ٻيون قيمتي شيون به سلامت ڪونه رهيون هيون، بلوچ سندس خوبصورت زالون به ڪٽي هليا ويا هئا. هن ڪوشش ڪري ٻن ٽن هفتن کان پوءِ پنهنجون زالون موٽايون هيون. سندس جيڪو قيمتي سامان ڪنيو ويو هو تنهنجو هن اندازو ڪونه لڳايو هو.

جهرڪ شهر ڪراچيءَ کان 91 ميل پري ۽ حيدرآباد ويندڙ رستي جي ڪنڌيءَ سان واقع آهي. اسان هاڻي سنڌ جو لاڙ وارو حصو ٽپي اڳتي نڪري آيا آهيون. جنهن جُوءِ وچان اسان هاڻي سفر ڪري رهيا آهيون تنهن کي وچولو سڏيو ويندو آهي(5) جنهن کي اسان سنڌ جو مرڪزي حصو چئي سگهون ٿا. اوهان کي محسوس ٿيندو هوندو ته اسان اتر طرف سفر ڪري رهيا آهيون. هوا به خشڪ ٿي وئي آهي. رات ۽ صبح جو به

چڻ جسم کي کائي رهي آهي. اونهاري جو منجهند مهل خطرناڪ قسم جي گرمي ٿيندي آهي. سامونڊي هوا جو آخري احساس جهرڪ شهر وٽ ٿيو هو. ڪيترا ماڻهو اوهان کي ٻڌائيندا تہ سامونڊي هوا حيدرآباد تائين محسوس ٿيندي آهي. پر مون کي ڪڏهن بہ اهڙو احساس ڪونہ ٿيو آهي تہ ساموڊي هوا حيدرآباد تائين پهچندي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪن خاص حالتن اندر هن شهر تائين پهچندي هجي. امڪان آهي جڏهن اولهہ- ڏکڻ واريون چؤماسي واريون هوائون نهايت زور سان گهلنديون هونديون تہ ساموڊي هوائن جو اثر حيدرآباد تائين پهچي سگهندو هوندو.

اوهان ڏسندا هوندا تہ سنڌوءَ جو پاڻي بہ ڪنارن تي وهي رهيو آهي. اونهاري ۾ هن جي موج ۽ مستيءَ بابت اوهان تہ سوچي بہ ڪونہ سگهندا هوندا. انهيءَ زماني ۾ سندس پوري رنگ جو پاڻي گجيءَ سان ڍڪيل هوندو آهي ۽ ڪپرن کان نڪري چوڌس پکڙجي ويندو آهي. سندس رفتار بہ گهڻي وڌي ويندي آهي. ايڏو خوف پيو ٿيندو جو اوهان ان ڏانهن ڏسي دهشت کان مُنهن ورائي ٻئي پاسي ڏانهن ڪري ڇڏيندا. جڏهن طوفان جهڙيون تيز هوائون گهلنديون آهن تہ گجي سان ڍڪيل وڏيون لهريون ۽ ڪارا ڪُن ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ان وقت سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ ڇڙ ڪڏ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ان وقت سنڌو ايڏو آواز پيدا ڪندو آهي جو دل تي دهشت طاري ٿي ويندي آهي. هتان جون وڏي ۾ وڏيون ٻيڙيون سندس خطرناڪ ياڪر ۾ هونديون آهن. تيز واءُ ۽ لهرين ڪري اهي پنهنجي چوڌاري پيون ڦرنديون آهن. سندس لهرون بہ سمنڊ جي وير وانگر وڙهنديون آهن. چؤوايو گهلندو آهي تہ وڏيون ٻيڙيون بہ ڪڏهن هيڏانهن ڪڏهن هوڏانهن پيون اڇلون کائينديون آهن. مقدونيا جي وڏن ٻيڙن سان بہ هن درياءَ ساڳي جُٽ ڪئي هئي. يونانين جا ياڳ پلا هئا جو هن درياءَ سندن ٻيڙن کي ڏڪي ڪناري سان ڪونہ هنيو هو نہ وري اهي لهر جي ليپٽ ۾ آيا هئا. جهرڪ شهر تي سنڌوءَ جي آبهوا جو گهڻو اثر آهي پر ٻيڙياتا ۽ جهازران هن درياءَ جي اٿندڙ ٻاڦ جي تمام گهڻي شڪايت ڪندا آهن.

جهرڪ شهر کي ڇڏڻ کان اڳ مان اوهان کي هيءَ ڳالهہ ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ ٻڌ ڏرم سان لاڳاپيل سرون ڪراچي واري عجائب گهر ۾ ڪتان آيون هيون. هتان کان ٽي ميل هيٺ سنڌوءَ جي ڪنار سان سنئين سڌي مٿاڇري سان هڪ ننڍڙي ٽڪري آهي جيڪا سنڌوءَ جي صفا ڪناري تي آهي. هن جي پرسان شيخ تارو نالي هڪ ڳوٺ واقع آهي. ڳوٺاڻن جي

روايت مطابق هتي ڪافر ڪوٽ هوندو هو جتي راجا مانجيراءِ جي راڄڌاني هوندي هئي.

اهو قصو مسلمانن جي حملي کان اڳ واري دؤر سان تعلق رکي ٿو. مسٽر ڊبليو ڪول (W.Cole) هتي ڊپٽي ڪليڪٽر هو تنهن گهمندي اتفاق سان ڪي خوبصورت سرون ڏٺيون جيڪي ڪيس ڏاڍيون وڻيون هيون. ان ڪري هن چا ڪيو جو ڌرتي ۾ اونهي کاهي کوٽائي. جنهن ان دوران ڪيس هڪ پيٽ ڏسڻ ۾ آئي. ان کان پوءِ هن وڌيڪ هيٺ کوٽائي ڪرائي ۽ وچي پٽ جي بنيادن تائين پهتو جيڪي ٺڪريءَ جي مٽاچري تي بيٺل هئا. اهڙيءَ ريت هن $85\frac{1}{2}$ فوٽ هم چورس هڪ جڳهه ڳولي لڌي. اها جڳهه سرن سان اوساريل هئي ۽ سر جي ماپ $15\frac{1}{2} \times 9\frac{1}{2} \times 2\frac{3}{4}$ انچ هئي. گاري طور سيمينٽ جهڙي نه پر بهترين قسم جي مٽيءَ جو گارو ڪتب آندو ويو هو جيڪا سنڌوءَ جي پيٽ مان ڪڍي وئي هئي ۽ ان ۾ ٿانڊوري واريون شيون ملايون ويون هيون. بنيادن ۾ ٽيپي واريون وڏيون سرون ڪتب آنديون ويون آهن. مٿي ڇهه فوٽ هم چورس جي ماپ جيترا نيلاسر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪيتريون اهڙيون سرون به اهن جن تي انساني شڪليون ٺپيل آهن، جيڪي مسلمانن رهڙي بدشڪليون بڻائي ڇڏيون آهن. پر هنن موحدن جڳهه جي تعمير ۾ ڪم آندل اهو ٺڪر ڪونه پڳو آهي، جنهن تي خوبصورت قسم جي نقش نگار ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ٺڪر جا اهڙا خوبصورت ٿانوَ تمام گهٽي قسم جا آهن. چين ولايت کان آيل سياحن جو چوڻ آهي ته هتي گهٽا بڌ استوپا يا ٺمولي هوندا هئا. پر اسان کي هتي اهڙيون تعميراتون ڏسڻ ۾ ڪونه آيون آهن. ان ناتي اسان کي فقط رکڻ وارو نلهه نظر اچي ٿو. جيڪو نوشهري ضلعي ۾ موجود آهي. مذڪوره نلهه گول طرز جي تعمير آهي، جنهن ۾ پڪيون سرون ڪتب آنديون ويون آهن ۽ نيلاسر به رکيل آهن. ان کان سواءِ نقشَ نگار واريون ٺپيل سرون به ڏسجن ٿيون. پنجاب ۾ به ڪي بڌ يادگار آهن جيڪي طرز ۾ هن تعمير جهڙا آهن. ڪي ماڻهو هن تعمير کي سما خاندان جي ڄام نظام الدين (چوڏهين صدي عيسوي) ڏانهن منسوب ڪندا آهن. هن ماڳ جي کوٽائي مان ڪا دلچسپ شيءِ ڪانه لڌي آهي. سنڌ جي ذڪرڻ اوير ۾ پارڪر واري پاسي هڪ مشهور تيرٿ آهي جتي جين Jain ڏرم(6) سان لاڳاپو رکندڙ ماڻهو ياترا تي ايندا آهن. هي ڌرم بڌ ڌرم، جي چاڙهه آهي جنهن جي ابتدا نائين صديءَ کان ٿي آهي.

حوالا:

(1) هن فرقي جو هڪ جهونڙو سردار جبلن ۾ رهندو آهي. سندس قبضي ۾ مسياد (Masyad) نالي هڪ قلعو آهي جيڪو هُما ڪان اولهہ پاسي واقع آهي. هن قبيلي جي ماڻهن جي ڪنهن کي بہ خبر ڪانہ آهي. پر هنن جا منهن مهاندا ايراني نسل جي ماڻهن جهڙا آهن. هي قبيلو اولمپس Olympus ديوتا جي پوڄا ڪندو آهي. ايس. لائيڊ جو بيان اهڙو منجهيل آهي جو ڪابہ معلومات ملي ڪانہ ٿي سگهي. پر اتي حسن صباح يا فدائين جو ڪو اثر رسوخ موجود ڪونہ آهي.

(2) Iroon جي معنيٰ ايران جڏهن تہ Iroonee جو مفهوم ايراني آهي.

(3) هن لفظ جي معنيٰ آهي مارِ ڌڪ هڻ strike. هي ترڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي. موجوده دور جا ايراني حڪمران ڪاجار (Kajar) نسل جا ترڪ آهن جيڪي ڳالهائڻ ۾ ترڪي لفظن کي اوليت ڏيند آهن.

(4) ايراني فوجي نوجوان ترڪ فوجين جيان ڏاڙهي ڪوڙائيندا آهن.

(5) مختلف جاگرافيدانن سنڌ کي ٻن حصن جهڙوڪ اتر ۽ لاڙ ۾ ورهايو آهي. حيدرآباد کان ٿورو اتر هالا ڪنڊيءَ کي اتر ـ لاڙ جي حد سمجهيو ويندو آهي. ڪي ماڻهو وري سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائيندا آهن.

(6) صحيح جيئن Jaina آهي جيڪو جي Ji لفظ مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي فتح. هي ماڻهو ديوتائن جي عظمت کي ڪونہ مڃيندا آهن نہ وري سندن ذات وارن طبقن ۾ ويساهہ آهي. ان کان سواءِ ويدن کي بہ ڪونہ مڃيندا آهن. هو فقط پنهنجي تيرٿنڪرس (Tirthankiras) جي مورتين جي پوڄا ڪندا آهن.

باب ٻارهون

# ڪوٽڙي، فوجي ڪئمپ جي چؤطرف واري خندق، حيدرآباد ڏانهن ويندڙ ٻه رستا

هن علائقي جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جو خاڪو پتو نه آهي ته ڪيئن تي سگهي ٿو؟

نه مسٽر جان بُل، هن موضوع تي ڪيترن يورپي مستشرقين شاگردن گهڻو ڪجهه لکيو آهي جن ۾ هيءُ عاجز به شامل سمجهيو وڃي.

ٻي ڳالهه ته مون اوهان کي هتان تاريخ ۽ جاگرافي سمجهائڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جا زور لاتا آهن، ته جيئن انهن ۾ دلچسپي وٺو. مان اعتراف ڪريان ٿو ته هن ڪم ۾ آءٌ ڪامياب ڪونه ٿيو آهيان. ان ڪان سواءِ هي موضوع به غير دلچسپ آهي، ان ڪري اوهان کي سمجهائي اوهان جي دلچسپي پيدا ڪرڻ تان هٿ ئي کڻي ويو آهيان.

سائين مشرق جي تاريخ(1) ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿي. قديم تاريخ جهنگلي ماڻهن جي تصوراتي قصن جو مجموعو آهي، جيڪي گهڻو ڪري ڏندڪٿائون ۽ روايتون آهن جن جا ٺاهيندڙ جهونڙي لائوي جهڙا ماڻهو هوندا هئا، جيڪي ٺاهيل ڏند ڪٿائن جي سَند هوندا هئا، جيڪو "سچائي ۽ ايمانداري سان ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ مشهور هوندو هو." سندس پيدا ڪيل گند ۽ غلاظت جي هن ڍير کي نيبور (Nebuhr)، آرنولڊ (Arnold) ۽ مومسين (Mommsen) جهڙن ڪُوڙ جي ماهرن ڪچي مال طور گهڻو ڪتب آندو هو.

خاص دؤر جي تذڪرن ۾ مستند فقط ماڻهن جا نالا هوندا آهن، جن سان منسوب بهادريءَ جو ڪونه ڪو ڪارنامو هوندو آهي. اهڙا قصا ڏاڍيءَ خوبصورتيءَ سان بيان ڪيا ويندا آهن، جن ۾ انصاف ۽ اڻ

ڏريائيءَ کان ڪم ورتا ويندا آهن. اهي قصا ڏگھا ايڏا هوندا آهن جو ماڻهو بڏي ڪڪ تي پوندو آهي. وڪٽر هيوگو (Victor Hugo) پنهنجي پوئينءَ عمر ۾ ڏاڍا ڏگھا ناول لکيا آهن. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ مصنف سمجهي ٿو تہ اهڙي ڊيگھہ نهايت ضروري آهي. ناول پڙهي محسوس ائين ٿيندو آهي تہ مصنف کي جتي ڊيگھہ جي ضرورت آهي، اتي اختصار کان ڪم ورتو ويو آهي ۽ جتي جتي اختصار ضروري هو اتي وري غير ضروري ڊيگھہ کان ڪم ورتو ويو آهي. ڪٿي وري تاريخ جي بيڪار ڳالهين کي شامل ڪري ويو آهي ۽ بيان بہ تاريخ جي فلاسافيءَ جي خراب نقطن کي شامل ڪري ويو آهي. عام طور تي منجهس هن ڳالهہ جي بہ کوٽ آهي تہ هن اعليٰ تعليم يافتہ يورپ جي توقع مطابق هڪ ڏاهي ۽ سُچيت مؤرخ جيان پنهنجو فرض ڪونہ نڀايو آهي.

مثال طور سنڌ جي راڄڌاني اروڙ جي فتح ٿيڻ کان پوءِ ان جي ماتحت ملڪن جا ماڻهو امن امان ٿيڻ ڪري ڏاڍا خوش هئا، جيڪي موتي اڇي پنهنجن ڏنڊن ڏاڙين سان لڳا هئا ۽ محمد بن قاسم جا احسان مڃڻ لڳا هئا. هن هارون پٽ قيس پٽ رواح اسدي کي اروڙ جو گورنر، موسيٰ پٽ يعقوب پٽ طائي پٽ نشبان پٽ عثمان ثقفي کي هتان جو قاضي، وداع پٽ احمد نجدي کي برهمڻ آباد جو فوجي سربراهہ، نوبت بن دراز کي راوڙ قلعي جو حاڪم مقرر ڪيو. جڏهن تہ باذل پٽ حلوائي کي ڪوراهہ وارو علائقو سپرد ڪيو. ان کان پوءِ هن ملتان جو رُخ ڪيو ۽ سفر ڪندو باهيجيہ (Bahejeh) نالي هڪ قلعي وٽ اچي پهتو جتي ڪلسور پٽ چندر پٽ سلابيج (Salabij) اچي محمد بن قاسم جي پيش پيو جيڪو راجا ڏاهر جو سوٽ ۽ سندس دشمن هو. ان کان پوءِ هن سڪر جو قلعو فتح ڪيو ۽ عطا پٽ جماهي کي اتان حاڪم مقرر ڪيو. اهڙي بندوبست ڪرڻ کان پوءِ هن ملتان ۽ ان جا ماتحت علائقا ۽ وڏا ننڍا قلعا فتح ڪيا. هن ڪاظيمہ (Kazimah) پٽ عبدالملڪ کي ماهپور جو حاڪم ۽ دائود پٽ موسيٰ پٽ وليد حمامي کي ملتان جو گورنر مقرر ڪيو جيڪو سندس اعتماد جوڳو ساٿي هو.

برهمڻ آباد هڪ عجيب و غريب قسم جو نالو آهي، جنهن جو اڌ سنسڪرت ۽ اڌ پارسي آهي. جيڪڏهن ڏسجي تہ هي نالو سنڌي نہ آهي، ليڪن هن نالي وارو شهر سنڌ جو اهم ماڳ آهي. جڏهن تہ ملتان جو شهر اوڏيهي کان وٺي اولهہ هندستان جي ڪُنجي رهيو آهي. پر مصنف هنن

ماڻهن جو ذڪر ئي ڪونہ ڪيو آهي، ان کان سوا هي ماڻهو ماهپور ۽ باهيجيہ کان بيخبر ڏسجي ٿو. اسان وٽ انگلنڊ ۾ بہ پٽن ۽ پانن جي شڪل ۾ ڪي تذڪره نويس آهن. اهڙا پٽ ۽ پان سنڌ ۾ بہ آهن. ائين سمجهڻ گهرجي تہ اهي شاهي دربار جا چاپلوس ۽ خوشامدي تذڪره نويس هئا. هي ماڻهو خاص ڪري ان موضوع تي ڳائيندا ۽ وڄائيندا هئا جنهن مان کين توقع هوندي هئي تہ حڪمران خوش ٿي هنن کي ڌهرا دان ڏيندو. ڏسبو تہ ان دؤر جو نظم ۽ نثر ساڳئي قسم جي گند غلاظت سان ٽُپ لڳو پيو آهي. هڪ هڪ لفظ چاپلوسي ۽ ڪاري ڪوڙ سان ٽمٽار آهي. اهڙن تصنيفن جا صفحا بہ روحاني عذاب کان گهٽ ڪونہ هوندا آهن. ان کان سواءِ مشرقي تاريخ ۾ واقعن جي هڪ جهڙائي ۽ ساڳيائپ گهٽي هوندي آهي، جيڪا پڙهندڙ کي ٿڪائي چڙهيندي آهي. هتان جو عام قسم جو پل ڪُلهيرو ماڻهو پوءِ اهو علم ۾ هجي يا بهادريءَ ۾، پر ارجنٽائين ريپبلڪ جي ماڻهوءَ جيان پاڻ کي قلم، تلوار ۽ زبان جو دنيا جو هيرو سمجهندو آهي. معلوم ائين ٿيندو آهي تہ هو يا هن جو بهادر پٽ ملڪ جي عام ماڻهوءَ جي مدد سان ڪنهن خاندان جي ناڪام حڪمران کي تخت تان لاهي پاڻ حقيقي حڪمران بڻيو آهي. پر ٽن نسلن گذرڻ کان پوءِ نئون حڪمران خاندان اڳئين گهراڻي جي حڪمران جيان ٽڪجي ناڪام ٿي پوندو آهي، ان ڪري سندس گهڻا دشمن پيدا ٿي پوندا آهن ۽ حڪمران جا حامي ماڻهو بزدل ۽ چاپلوس بڻجي ويندا آهن. شراب خوري ۽ عيش عشرت عام ٿي ويندي آهي. سماج ۾ انصاف نالي واري بہ ڪابہ شيءِ موجود ڪانہ هوندي آهي، اهڙيءَ منڊل وايومنڊل جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ هڪ عام قسم جو بهادر ماڻهو چار تلوار باز ڪٺي اڳتي ايندو آهي ۽ وقت جي حڪمران جو انت آڻي، پاڻ گادي سنڀاليندو آهي. اهڙيءَ ريت سندس خاندان بہ ٽن نسلن تائين حڪومت ڪري ٽڪجي پوندو آهي ۽ تخت ۽ تاج ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي ڏيڻ لاءِ اڻ سڏيءَ طرح تيار ٿي ويندو آهي.

قديم دؤر جي سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافي ايڏي سئي ڪانہ رهي آهي.

قديم مصر ۽ نئين مصر (سنڌ) ۾ تمام گهڻو تضاد ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جديد دؤر جي شاگرد جي مطالعي واسطي نئينءَ مصر ۾ قديم دؤر سان لاڳاپيل ڪي آثار ڪونہ آهن. هندو ڌرم سان لاڳاپيل اهڙو ماڻهو موجود نہ آهي جنهن سنڌ جي هن موضوع تي لکيو هجي. ليڊي بُل جي قول مطابق

تہ هندو مصنف پنهنجي برادريءَ جي مفادن واسطي بہ ڪجھ ڪونہ لکيو آهي، جڏهن تہ سنڌ جي واپار ۽ تجارت جي موضوع تي مسلمانن پهرينءَ صدي هجري کان وٺي لکڻ شروع ڪيو هو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ اسان جي عيسوي سن کان بہ گهڻو اڳ قديم سنسڪرت ڳالهائڻ واري نسل وچ ايشيا جي خشڪ جابلو علائقن کان اچي اتر هندستان کي والاريو هو. سڀ کان اهم حقيقت اها آهي تہ ان نسل جي ماڻهن کي انڊين سڏيو ويو آهي. مٿن اهو نالو سنڌو درياءَ يعني Indus تان پيو آهي. انڊين جي معنيٰ آهي سنڌو درياهہ يعني Ind يا انڊس جي اوسي پاسي رهڻ وارا ماڻهو. پر لفظن جي تاريخ بہ عجيب غريب هوندي آهي.

مسٽر جان بُل، جڏهن اوهان جي پياري ڏيءَ "To, the poor Indians et req" جا لفظ اُچاريندي آهي تہ سندس ڏيان هن حقيقت ڏانهن ڪونہ هوندو آهي تہ هوءَ اهڙي نسل جي ماڻهن بابت ڳالهائي ٿي جيڪي ڪنهن قديم دور ۾ ان عظيم درياءَ جي ڪنڌين ڪنارن سان گذاريندا هئا جيڪو هينئر اوهان جي اکين آڏو آهي. ان نسل جا انسان اڄ واري نئين دؤر ۾ جهنگلي ۽ اڻ سڌريل آهن. مقدونيا جي ماڻهن جي سنڌوءَ وسيلي سفر ۽ حملي (326 ق.م) کان وٺي سنڌوءَ وسيلي عرب حملي (1711ع) تائين، هڪ هزار سال کان هتي هڪ تاريخي خال ڏسڻ ۾ اچي ٿو. معلوم ٿئي ٿو وچ واري ان دؤر ۾ ڪيترائي انساني گروهہ هن ڌرتيءَ تان بار بار گذرندا پنهنجي پيٽ پوڄا لاءِ ايرندي ڏانهن نڪرندا رهيا آهن.

"هيءَ ڌرتي دولت سان مالامال ۽ رنگينين سان پُريل هئي."

پر هن ڌرتيءَ تي اهڙو هڪ بہ ڪتبو ڪونهي جو پتو پوي تہ انهن حملہ آورن ڪهڙين جڳهن تي منزلون ڪيون هيون. هيءُ علائقو اتر کان ڏکڻ ڏانهن لاهوندو آهي ۽ سنڌ درياءَ جي لٽ ۽ مٽيءَ سان پُريل آهي. ان ڪري سنڌوءَ کي جڏهن بہ ۽ جتان بہ وهڻ جي مرضي پوندي آهي، وهي گذرندو آهي. ڪير بہ سندس موج ۽ مستيءَ کي روڪڻ ٽوڪڻ وارو ڪونہ هوندو آهي ۽ ان جي رُخ کي وري سولائيءَ سان بدلائي بہ سگهبو آهي. جيڪڏهن هن درياءَ جي پيٽ ۾ سرن جو بند ٻڌبو تہ رُخ بدلائي ويندو آهي. ائين ڪرڻ سان راڄڌاني سان گڏ ڪيترا مشهور ۽ وڏا شهر اُجڙي ناس ٿي ويندا آهن. (مان مٿي بہ گذارش ڪري آيو آهيان تہ بند ٻڌڻ ۽ رُخ موڙڻ وارو واقعو سنڌوءَ سان تعلق ڪونہ ٿو رکي. اهڙو بيت هاڪڙي درياءَ جي نالي سان شروع ٿئي ٿو. جڏهن بکر- سکر ويجهو واري

اروڙ پرسان هاڪڙي بدران سنڌو وهندو هو. صاموئي فقيرن جي بيت ۾ بيان ڪيل اروڙ کي هاڪڙي جي ڪناري سان موجوده دؤر جي ميرپورخاص واري علائقي ۾ ڳولڻ ڪپي- مترجم). سڪيا ستابا علائقا جيڪي اڳي باغ ستان جيان لڳندا هئا، سي رُج ۽ سُج ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. جن شهرن ۾ ماڻهن جي پيهه ۽ ڳپاگيهه لڳل هوندي هئي، اتي وانر وايون ڪندا ٻڌبا آهن. اهڙين جاين تي ماڻهن جا ميلا لڳي ويندا آهن جتي هڪ مهينو اڳ بريٽ بيابان هو ۽ ماڻهوءَ جي بوءِ بہ ڪابہ هوندي هئي.

جيتري قدر لاڙ واري حصي ۾ سنڌوءَ جي قديم وهڪري جو تعلقو آهي، تہ هن موضوع تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي. بحث مباحثا بہ گهڻا ٿي گذريا آهن. هرهڪ ڄاڻو ماڻهو پنهنجا نظريا پيش ڪيا آهن. پر مسٽر جان بُل، عقلمنديءَ جي شعور جي ڳالهہ ضرور ٻڌڻ گهرجي. ڊاڪٽر لارڊ "Memoir on the plan of the Indus" ۾ پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو آهي. سندس خيال آهي تہ هي درياءُ هڪ سيڪنڊ ۾ 300 x 300 x 300 يعني 300 معڪب فوٽ مٽي سمنڊ ۾ ڇڏيندو آهي. ان حساب سان اها مٽي ستاويهہ لک فوٽ ٿئي ٿي. ستن مهينن ۾ مٽيءَ جو اهو مقدار اهڙو ٻيٽ ٺاهي سگهي ٿو جنهن جي ڊيگهہ 42 ميل، ويڪر 27 ميل ۽ اونهائي 40 ميل ٿي سگهي ٿي. اهڙيءَ ريت ساموندي ڪنارو پنج قدم اڳتي وڌي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سون بلڪ هزارن سالن جي قديم دؤر کان ونئي مٽيءَ جي ان مقدار جو حساب ڪتاب لڳائيندو تہ کيس سولائيءَ سان چوڙ واري علائقي جو پتو پئجي ويندو.(2)

اڄ صبح جو اسان هڪ سنئين سڌي ميدان تان گذريا هئاسون جيڪو سنڌوءَ جي ساڄي ڪنار سان واقع آهي. هيءَ جُوءِ رڻ پٽ نہ آهي. ڪٿي ڪٿي پٽون ڏسبيون آهن. ڪپ، اڪ، ڪِڙ، ڪرڙ لئي ۽ جهنگلي نير ڪان سواءِ ٻي ساوڪ بہ موجود آهي. ڇوڏس آبادي ڏسبي، پوکي راهي کي پاڻي پهچائڻ واسطي نار هلندا آهن. نار واهن مان پاڻي ڪڍڻ ٿا. ڪٿي وري درياءُ مان ڪڙيو کوٽي، نار ٻڌي فصلن کي پاڻي ڏنو وڃي ٿو. آباد زمين هم چورس ٽڪرن ۾ ورهايل ڏسجي ٿي. هن رُت ۾ ٻاجهري، مڪائي جا منڊا، ڪڻڪ ۽ جَوَن جو ناڙ نظر اچي ٿو. هن ڪشادي ميدان ۾ وڏا وڏا ڳوٺ موجود آهن. ماڻهو بہ سگهارا متارا آهن. هنن جي پيٽ ۾ چوڙ واري علائقي جا ماڻهو ٿڪا، ٽوڪلا، ڏٻرا ۽ بيمار پيا ڏسبا، سدائين پيا ٻُڌائين تہ گهڻو تپ چڙهي ويو آهي. سنڌوءَ ۾

چاڙهه وارو پاڻي اڃا هاڻي لٿو آهي. هتي هر شيءِ جهجهي آهي، توهان کي ڪاپي واري هر چيز ملي ويندي. هتي ڪير تہ گهڻو ملي ويندو پر اسان کي هر ڏک ۽ ڏچو سهي وڃڻ گهرجي.

هاڻي اسان ان ماڳ جي ويجهو اچي پهتا آهيون جتي اسان جي منزل آهي. ڪوٽڙي سامهون آهي جنهن جي معنيٰ آهي ننڍڙو قلعو. ٿورو وقت اڳ هتي ڪجيون هونديون هيون، جنهن ڪري سنڌوءَ جو ساڄو ڪنارو سائو نظر ايندو هو. اڳي هت هڪ اهڙي جڳهہ هوندي هئي جنهن کي حفاظت لاءِ چوڌاري ڪچو ڪوٽ ڏنل هوندو هو. اسلحو بارود ۽ ٻيو سامان بہ اتي رکيو ويندو هو. هڪ گول ڪشادي مناري جهڙي جڳهہ آهي جنهن کي هڪ سڌي ديوار ڏئي الڳ ڪيو ويو آهي. مذڪوره مناري کي پنڌين پاسي پُشتو ڏنل ڪونهي، جنهن جي ديوارين جي وچ تي هڪ ڪليل ميدان آهي، جتي بہ ريجمينٽون هڪ ئي وقت ماني کائي سگهن ٿيون. هتان جي ڪڇين جڳهن کي ڪي پوڻ جي گندي عادت آهي. ڪڇين سرن ۾ قلمي شورو ٿئي ٿو تنهنڪري اهڙيون جڳهون گهڻو جتاءُ ڪونہ ڪري سگهنديون آهن. هتي اڌوهي بہ جام آهي، جيڪا ڪاٺ ڪوٽڻ وارن للپوتين (Lilliputian) هر شيءِ ۾ سرنگهہ هڻي ناس ڪري ڇڏيندي آهي. سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ هن جيٽ جو وڏو آزار آهي. هتي انڊس نيول فلوٽيلا (Indus Naval Flotilla) نالي هڪ جهاز ران ڪمپنيءَ جي هيڊ آفيس قائم هئي، جيڪا انڊين نيوي يا بامبي مئرن جي شاخ هئي ۽ هن درياءُ وسيلي تجارتي آمدرفت ڪندي هئي، ان ڪري ڪمپنيءَ تي نالو بہ ان درياءُ جو رکيو ويو هو. هتي جا ڪجهہ بنگلا ان ڪمپنيءَ جي عملدارن لاءِ مخصوص ڪيا ويا هئا. هتي بازار بہ هوندي هئي، جنهن جا هَٽَ ڪچا ۽ ڪجيءَ جي ڦرهن سان ڍڪيل هوندا هئا. جهڙي بازار گندي هوندي هئي تهڙا گدلا ۽ ميرا هتان جا ماڻهو هوندا هئا، جن جي سارو ڏينهن پيهہ لڳي پئي هوندي هئي. هيءَ بازار سنڌوءَ ڪناري لنگر هڻندڙ آگبوٽن جي عملي ۽ سامان لاءِ ناهيندڙ چاڙهيندڙ مزدورن جي لاءِ ڪاپي جون ضروري شيون مهيا ڪندي هئي. هتي آئي وئي انگريز مسافرن جي ترسڻ ۽ آرام ڪرڻ لاءِ بنگلو وغيره ڪونہ هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ اهڙين جڳهن جي تمام گهڻي ضرورت هوندي هئي. جڏهن هن مهذب قسم جي جڳهہ تي سندن تُنبن لڳڻ جو اضافو ٿي ويندو هو تہ ڏچي جو ڪجهہ وڌيڪ احساس ٿيندو هو. ويچارا همدرد ماڻهو پريشانين ۾ اچي ويندا هئا.

هن ماڳ تي لئبرري، بليئرڊ رومر، ماني کائڻ لاءِ ميس جتي هڪ يا ٻه واقفڪار ملي ويندا هئا، موجود هئا. هن جاءِ تي گهگهرن وارين جي جاءِ تي پيٽيڪوٽ واريون ٻه هونديون هيون. اسان ٽاٽ جا گهر چڏي ڪيڏانهن وڃڻ وارا ڪونه هئاسين. هيءَ جُوءَ ترقيءَ ۾ گهٽڻ کان گهڻو اڳتي هئي، تنهن ڪري ڏاڙيلن ۽ چورن جي گهٽتائي ڪانه هوندي هئي. هيءُ علائقو ڪاٺڪو چورن ۾ ٻه خودڪفيل هو. اهو صبح واري وقت گهٽ هوندو هو جنهن ۾ اسان ڪاٺ هٽي چوري ڪرڻ جي خوشخبري نه ٻڌندا هئاسون. اهڙن چورن کي ڦٽڪڻ جي سزا لاءِ صبح وارو سدورو ٽاٽو مقرر ٿيل هوندو هو انهيءَ لاءِ ته جيئن هتان جي ماڻهن جو سارو ڏينهن خوشيءَ ۾ خير سان گذري.

اوهان ان فرق کي محسوس ڪريو ته هتي جهاز راني، ريل جي شروعات ۽ ٽيليگراف جي موجودگيءَ ڪهڙا نه رنگ لاٿي چڏيا آهن. درياءُ جي اترئينءَ ڪنار سان جڳهن جون قطارون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ريل ٻه هتان پئي ايندي ويندي آهي. ريلوي بند سان ڪاٺ جا ننڍا ننڍا سليپر جڙيل آهن. ماڻهو ٻه ٻيڙين وسيلي درياءُ پار ڪري ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد پيا ايندا ويندا آهن، تنهنڪري درياءُ جي ٻنهي ڪنارن سان گهاٽ ٺهيل آهن، جتي لهڻ ۽ چڙهڻ لاءِ ڏاڪا جوڙيا ويا آهن. هتان جي سينيءَ کان وڌيڪ اهم جڳهه ريلوي اسٽيشن آهي جنهن کي اڃا ٻه وڌائڻ جو منصوبو ٺاهيو ويو آهي، جنهن ۾ سامان رکڻ لاءِ ڇاپري جي تعمير ۽ پاڻيءَ جي ٽئنڪ لاءِ اتاهون منارو شامل آهي. ٽيليگراف جي ايريل (Aerial) لاءِ 150 فوٽ اتاهين تعمير جي ضرورت هئي، پر هاڻي اهڙيءَ رٿا مان هٿ ڪڍيو ويو آهي. هاڻي انڊس فلوٽيلا جو نالو سنڌ فلوٽيلا، پنجاب فلوٽيلا رکيو ويو آهي، ان سان گڏ دهلي ريلوي اسٽيمرس ٻه ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي. انهن ڪمپنين کي پنهنجا الڳ جهنڊا آهن جن جي اڇي تَر تي "ريڊ ڪراس" جو نشان آهي، گوديون ٻه شاندار نظر اچي رهيون آهن حد ۾ اعليٰ قسم جا هيڊرالڪ پريشر (Hedraulic pressure) لڳل آهن. جهاز جو ڳاڙهو ڳتول ڪٽنو ونجهن سان هاڪارڻ واري سفيد رنگ جي ٻيڙيءَ کان مختلف آهي. ڪجهه بنگلن جي تعمير ۾ ٿورو گهڻو اضافو ڪري وڌيڪ بهتر بڻايو ويو آهي، اهي جڳهون ڪمپني جي عملدارن جي رهڻ لائق بڻجي سگهن ٿيون. صفائي سٿائي رکڻ جي ناتي بازار کي درياءُ جي ڪناري کان ڪجهه وٿيرڪو رکيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ميائيءَ وارو رستو ٻه پڪين سان تعمير ڪيو پيو وڃي. هتي انصاف جي تقاضا جي پورائي

لاءِ ڪاردار مقرر ڪيو ويو آهي ۽ انتظام ۽ امن امان لاءِ هڪ فوجدار ڪم ڪري ٿو. جيڪو پوليس جو اعليٰ عملدار آهي. انگريز مسافرن جي رهڻ لاءِ هڪ سنو بنگلو آهي، جتي رڌ پچاءَ لاءِ گوا جو بورچي موجود آهي، جنهن جو تيار ڪيل کاڌو ڏاڍو سوادي هوندو آهي. مسٽر ايدلجي (Edulji) بہ هڪ بورڊنگ هائوس ۽ بليئرڊ روم هلائيندو آهي، جتي شراب بہ دستياب آهي، پر اچڻ وارن جي گهٽائي ريلوي گارڊ ۽ ڊرائيورن جي هوندي آهي. درياءَ جي ڪناري سان وٽن جي ڇانوَ ۾ بئنڊ موجود رهندي آهي. پرسان ئي هڪ عاليشان باغ آهي جتان بهترين ميوات، گل ۽ سائي ڀاڄي ملي ويندي آهي. هتي انبن جا باغ بہ آهن، جن مان هڪ فلوٽيلا جي نگران عملدار مسٽر اي. ولڪنس (A.Wilkins) جو آهي. ٻيا باغ واٽين جا آهن، انهن کي جيڪڏهن گهمڻ جي بخشش ڏبي آهي تہ ونڻ کان انڪار ڪندا آهن. واٽيا باغن ۾ گلن پوکڻ بدران بصر ۽ سايون ڀاڄيون پوکيندا آهن.

انگريزن واري پراڻي قلعي کي آڏو وراندو ڏئي اسپتال بڻائي وئي آهي. پوئين پاسي وارن چبوترن کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو آهي. مذڪوره قلعي جي باقي حصي ۾ انڊس فلوٽيلا جو سامان رکيو ويو آهي. مسٽر ڪيلان (Kealan) اتي موجود ڪونہ آهن پر پوءِ اسان گهمڻ لاءِ اوڏانهن هلنداسون جتي اسان "هڻ ڪڻ" بلا (Biscobra) هلي ڏسنداسون. هي گجرات جي چندنگو (Chandangu) جيڪا هڪ زهريلي ڪرڙي آهي. هي سنڌي "ڪُڻ" آهي جيڪو ڳوهيري جي شڪل جهڙو ٿيندو آهي. پر رڳو زهريلو جيت ڪونہ ٿيندو آهي، گلوئي بہ ڪڻ جي شڪل جهڙي ٿيندي آهي، جيڪا جابلو علائقن ۾ جام ٿيندي اهي جنهن کي ڪجھ ذاتين جا ماڻهو کائيندا آهن. هي ساهدار اُٺ يا ڏھ انچ ڊگهو ٿئي ٿو. سنڌس ننڍي ٿلهي ڳچي سنهڙي ۽ ٻيو جسم ٽڪندو ٿئي ٿو جيڪا هوبهو Thanatophidia جهڙي آهي پر سڪيڊينم (Succedaneum) وانگر سنڌس پڇ واري جاءِ تي ٿورو ڳوڙهو ڏسبو آهي. تنهنڪري جڻ ننڍڙي (Gherken) پئي ڏسبي آهي. گلوئي جڏهن ننڍي هوندي آهي تہ سنڌس رنگ سفيد- واڱٽائي هوندو آهي، وڏي ٿيڻ کان پوءِ متجي سائي- پوري ٿي ويندي آهي. هڻ ڪڻ (Biscobra) بلا تمام گهٽ ڏسبي آهي، تنهن ڪري سنڌ ۾ رهندڙ انگريزن اها بلا ڪانہ ڏٺي آهي. اها بلا گند غلاظت جي ڍير، گهوڙن جي ڪُڙهين ۽ پراڻن گدامن ۾ رهندي آهي. ڪجھ وقت ٿيندو تہ ٿي "هڻ ڪڻ" ڪوٽڙي جي قلعي ۾ ڏٺي وئي هئي. هتان جا سڀ ماڻهو چوندا آهن تہ هيءَ ساهدار چڪ هڻندو آهي تہ بچڻ ممڪن ڪونہ هوندو

آهي. ڪئپٽن هچنسن (Hutchinson) ڪمانڊنگ آفيسر آءِ. ايف. ايس. ايس فريئر مون کي يقين ڏياريو هو تہ هڪ چوڪري کي هڻ ڪڻ ڪاڏو ۽ چٿن ڪلاڪن کان پوءِ هو مري ويو. ڪرنل بيول (Bevlle) کي پڻ اهڙو يقين آهي، ڇاڪاڻ تہ هن ساڳئي قسم جو واقعو گجرات ۾ ڏٺو هو. اسان سول هاسپيٽل وچي اها بلا ڏٺي هئي. ڏنوسون تہ سندس ڏند ننڍڙا هئا، تنهن ڪري پنهنجي زهر جي ڳوٿرين کي ڪنهن جسم اندر داخل ڪرڻ جي لائق ڪونہ هئا.

ڪوٽڙي ۾ بہ گرجا گهر آهن جن مان هڪ ڪيٿلڪ ۽ ٻيو پراٽيسٽنٽ فرقي سان واسطو رکي ٿو. ان کان سواءِ سرڪاري اسڪول، لئبرري ۽ مئڪنڪس انسٽيٽيوٽ مسافرن لاءِ بنگلو ميونسپل باغ، سول هاسپيٽل، لاڪ اپ (جنهن کي سب آرڊينيٽ جيل سڏجي ٿو)، ڌرم سراءِ (جتي هتان جا ڏيهي مسافر رهندا آهن) ۽ ڍڪ آهي جتي رولو جانور واڙيا ويندا آهن. ڍڪ تہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نظر ايندا آهن. سينيٽوريم جي لاءِ ڪوشش هلندڙ آهن. هڪ جڏو سڌو رستو آڳبوٽن بيهڻ واري جڳهہ ڏانهن ويندو آهي جنهن ۾ هيٺ مٿاهيون ۽ جهاڪا آهن، جنهن ڪري ان سان هلڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ان رستي سان هلبو آهي تہ ڏوڙ جا ڪڪر نهندا هلندا آهن. پرسان ئي سنڌوءَ جي ڪاہي ڪناري سان گالون (Galuin) نالي هڪ ڳوٺ آهي، جيڪو نئين ڦليليءَ جي منهن وٽ آهي. هتان کان چار پنج ميل مٿي پاٽيءَ ۾ هلندڙ اسپتال پڻ آهي، ماٺو هوا بدلائڻ لاءِ اوڏهين ويندا آهن. ڏکڻ- اولهہ جي چوماسي جي رُت دوران سامونڊي هوا گهلندي آهي پر اها حيدرآباد تائين پهچي ڪانہ سگهندي آهي. پتو نہ آهي تہ ان جو سبب ڇا آهي جو فوجي ڪئمپ سنڌو جي 1800 فوٽ ويڪري ڪناري سان ڇو نہ قائم ڪئي وئي آهي، جيڪو ڏاڍو ڳُليو ۽ منظرن سان پريو پيو آهي. ائين ڪرڻ سان فوجي تپ تَوَ کان بچي پون ها ۽ سرڪار جو خرچ پڪو بہ گهٽجي وڃي ها. ريزيڊنسي واري پراٽيءَ جاءِ بابت تہ هرڪو بحث ڪري رهيو آهي. سنڌوءَ جي اندرئين پاسي واري ڪناري سان پٽر جي پچنگ بہ ٿيل آهي، تنهنڪري پاٽيءَ جي چاڙهہ سبب ٻوڏ جو ڪو خطرو بہ ڪونہ آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌوءَ ۾ چاڙهہ اچڻ ڪري ڪوٽڙيءَ ۾ ٻوڏ اچڻ جو سدائين خطرو رهندو آهي. سرڪاري رپورٽن مان اهو ظاهر ٿي رهيو آهي تہ اولهہ هندستان ۾ ديسا کان پوءِ حيدرآباد ۾ تپاولي گهٽي نہ هوندي آهي، پر مٿي بيان ڪيل پوئين نالي واري شهر ۾ 300 انگريز مس ٽيندا. هيءَ جڳهہ ڪاغذن ۾ خطرناڪ تہ ڪانہ ڏيکاري وئي آهي پر هتي پوري رنگ جون اهڙيون خشڪ ٽڪريون

آهن جن تي ساوڪ جو تہ نالو نشان بہ ڪونهي، آبهوا ايڏي گرم هوندي آهي جو معلوم ائين پيو ٿيندو آهي اهي ٽڪريون آڳ جا اُلا اوڳاڇي رهيون آهن ۽ سنڌ ۾ سيني ماڻن کان وڌيڪ گرم هي ماڳ آهي، جتي سڪون ۽ آرام جو تہ ڪو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي.

ڪوٽڙيءَ ۾ هاٽي ڪجهہ اخلاقي سڌارو آيو آهي. سنڌي ڏُتا چور آهن. جتي بہ هوندا، هٿ چوهائيءَ کان ڪونہ مڙندا آهن. جڏهن ڪو چور گهر ۾ کاٽ هڻندو آهي تہ هتان جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي ڦٽڪن جي پهچ کان پري هوندو آهي، ان کان پوءِ ڪيس هفتي سوا جي مهلت ڏني ويندي آهي ۽ هو دل جو دل ۾ ڪلندو آهي.

هتي جهاز راني ڪلي وئي آهي. اها چڙ ترقي ۽ تعمير جي شروعات آهي. جهاز ۾ ويهڻ کان پوءِ اوهان کي محسوس ٿيندو تہ اوهان اهڙي مضبوط فوجي ڪئمپ ۾ وينا آهيو جنهن جي چوڌاري خندق کوٽيل آهي. جهاز جي روانگي جو منظر بہ مزيدار ۽ کلڻ جهڙو هوندو آهي. گهوڙا يا ٻيا جانور جهاز ۾ چاڙهڻ وقت ڏاڍي گهپي ڪندا اهن. آئيسلئنڊ جا ماڻهو بہ جڏهن جهاز ۾ سوار ٿيندا آهن تہ ڇرڪندا ۽ ڪنبندا آهن. هتي بہ جڏهن ڪنهن گهوڙي کي ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪبو آهي تہ اهو گهہ ڪري بيهي ويندو آهي. پوءِ اهڙي گهوڙي کي اڳين پيرن ۾ رسا ٻڌي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهڻ لاءِ اڳتي ڇڪيندا آهن. ساڳئي وقت بہ ڇٽا ڏگهو لڪڙو هٿن ۾ جهلي ان جي پوين ڄنگهن کي اڳتي زور ڏيندا. ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو يا تہ گهوڙو ٻوٽ پر وجي هيٺ ڪِرندو آهي يا وڏو ٻچانگ ڏئي ڏُو وجي آگبوٽ ۾ ڪندو آهي. اُنن کي آگبوٽ ۾ وهارڻ واسطي ڪناري پرسان هڪ دڙو ناهيو ويندو آهي ۽ ان دڙي جي لاهونديءَ اڇي ڪناري وٽ ڪٽندي آهي. اُٺ کي اڳين ڄنگهن جي داڦوڙن مٿان رسا ٻڌي چار ماڻهو ان کي آگبوٽ ڏانهن ڇڪيندا آهن. ڏهہ ٻارهن ماڻهو وري پنئين پاسي کان اُٺ تي ڏنڊن جو وسڪارو لائي ڏيندا آهن. اهڙيءَ ريت ڏهن اُنن کي چاڙهڻ ۾ چار ڪلاڪ لڳي ويندا آهن. آگبوٽن جو پهريون سلسلو 1854ع تائين هليو. انهن جي جاءِ تي هاٽي اسٽيم بارج (Steam_barrge) کي استعمال ڪيو ويندو آهي. هن قسم جا آگبوٽ ساليانی ٺيڪي تي ورتا ويندا آهن. هن ساري آمدرفت جي نظرداري هڪ پارسي ڪئپٽن ڪندو آهي. جانورن کي هن تي سوار ڪرڻ واسطي ڪاٺ جي پل ۽ تڏا استعمال ڪيا ويندا آهن. ان ڪري ڪيڏو بہ ٽاهڙ اُٺ هوندو تہ بہ ڇرڪندو ڪونهي، اڳي آگبوٽ سامان سڙو لاهي انگريزن جي ايجنسي جي پراڻيءَ جاءِ وٽ بيهندا هئا،

جتان هڪ رستو حيدرآباد ويندو آهي، جيڪو ڪڏن، ڪوہن ۾ جهاڪن سان پريو پيو آهي، پر هاڻي جهاز ڪوٽڙيءَ جي بلڪل سامهون اچي بيهندو آهي. هتي آبي آمدرفت جي سهولت لاءِ بہ جايون آهن. هڪ بنگلو ۾ بيو گاڏين بيهارڻ لاءِ ڇاپرو نهيل آهي. پرسان ئي گدوءَ جو تنڊو آهي جيڪو ڪچن گهرن ۾ جهوپڙين جو مجموعو هو. جيڪو هاڻي نالو بدلائي گدو بندر بڻجي ويو آهي. هاڻي شام واري گهوڙيسواري ڪري ان ماڳ وٽ پهچندا آهيون. مسافرن جي سهولت لاءِ پڪو رستو آهي، جنهن تي فاصلي ڏيکارڻ واسطي پٿر هنيا ويا آهن. رستي جي ٻنهي پاسن ڪان نمن جا وڏا وڻ آهن. ساڍن ٽن ميلن جي پنڌ ڪان پوءِ فوجي ڪئمپ پهچي وڃبو آهي، بندر تي ٻڙن ڪن چؤڦيتيون ۾ بہ ڦيتيون گاڏيون جهاز جي انتظار ۾ بيٺيون هونديون آهن. وڏو اعتراض اهو ڪيو ويندو آهي تہ هتي گهوڙن ڪي ڦٽڪن جهڙا لڪڻ هنيا وينڌا آهن. ممبئيءَ ۾ جاروي جينس Jarvey genus ڪافي خراب آهي، يعني تباهيءَ جي حد تائين خراب. اهو جڻ هڪ تهذيب ۾ غير تهذيب جو غير قانوني سنگم آهي. جڻ تہ لنڊن جي گاڏيءَ کي ننيڙو ڪري هيٺئين سطح تي آندو ويو آهي، جنهن ۾ ميرن گدلن ۾ سوٽي ڪپڙن ۾ واٽيا چڙهيا ويٺا هوندا آهن. معلوم ائين ٿيندو آهي تہ اهي جڻ ٿامي جا بہ تي سڪا ڏئي اهڙين گاڏين ۾ ويهندا آهن ۾ حاڪم ڪلاس يورپي ماڻهن جي توهين ڪندا آهن.

اسان ايجنسيءَ واري جاءِ ۾ رستو بہ ڏسڻ هلنداسون. جنهن کي مون 1849ع ۾ ڏٺو هو. ان وقت اها جڳهہ ڪنهن بہ ڪم جي ڪانہ رهي هئي. هن جڳهہ ۾ ڇهہ ٻڙن ڪن ننيڙا ڪمرا هئا. ساري جڳهہ کي چوني جو ليپو ڏنل هو. اوپر پاسي ڪان ڪليل اڱڻ ۾ ڏڪڻ هڪ باغ. وٽن جو جهڳٽو ۾ ننيڙن بنگلن جون قطارون هيون. هاڻي اها جاءِ اندرئين هڪ هال ڪان سواءِ ڊگهي پڙيانگ تي وئي آهي، اهو ڏکوئيندڙ منظر ڏسي منهنجو تہ ساهہ ٿو نڪري. هن جڳهہ جي ٻاهرين ديوار سان بلوچ فوج جو مقابلو ڪري ڪين پڄائي ڇڏيو هو جيڪا مير شهداد جي اڳواڻيءَ ۾ ڪاهي آئي هئي. اها جڳهہ ائين پٽ تي ويئي آهي جو جيڪر اتي بصر وڃي پوکجن. اڱڻ ۾ ٻبرن ۾ ٻين وڻن جو جڻ ٻيلو لڳو پيو آهي. اڄ تہ هن جڳهہ ڏانهن ڪير ڏسي بہ ڪونہ ٿو. ڪنهن کي خبر ناهي هتي هزمئجسٽي جي 22_ ريجمينٽ رهندي هئي، جيڪا ميجر آئوٽرام جي نظرداري ۾ رهندي هئي، جنهن جو ڪمانڊنگ آفيسر ڪئپٽن ڪونوي (Conway) هو. جيڪو هميشه هن قلعي نما جڳهہ جو خيال رکندو ايندو هو. مان سمجهان ٿو اها

ڏاڍي چڱي ڳالهه تيندي جو به تي ربيا پري هلي اها شاندار جڳهه ڏسنداسون، جنهن جون منيون يادگيريون جڙ هيانءَ سان چنبڙيون پيون آهن. اسان جي انهن جڳهن سان ڪا جذباتي وابستگي ڪانه رهي آهي جيڪا اسان کي هجي.

مسٽر جان بل، جيتري قدر سنڌ جو تعلق آهي، ته اسان مکيه ڪم اهو ڪيو آهي ته هتي جي پراڻي دؤر جي قديم آثارن کي نئين دؤر جي قديم آثارن سان ملائي ڇڏيو آهي.

ايجنسيءَ جي پٺئين پاسي ڪئپٽن اسٽئڪ هڪ بنگلو ٺهرايو هو جيڪو هاڻي جُهڪي پيو آهي. هو هڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽عالم انسان هو 12000 لفظن(3) تي مشتمل هڪ انگريزي- سنڌي ڊڪشنري به جوڙي هئائين. ايجنسي بازار جو نالو بدلجي چڪو آهي، جنهن کي هاڻي مير خان لوري جو تندو سڏيو ويندو آهي. اهو جن ائين محسوس تي رهيو آهي ته سنڌ نهايت جلديءَ ۾ تور-وقتي ڏارئي حڪمرانيءَ مان جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ٽالپر خاندان سان تعلق رکندڙ مرحوم مير حسن علي ان تڪراري جاءِ پرسان هڪ باغ، بنگلو ۽ ڊسپينسري تعمير ڪرائي هئي جنهن کان پوءِ هن نسل جي حڪمراني ختم تي چڪي هئي. هتي فقط سفيد رنگ جي هڪ جڳهه پنهنجي اصلي حالت ۾ بيٺي آهي جيڪا زير زمين وچايل تارن وٽ ان جڳهه تي آهي جتي اهي تارون اچي ملنديون آهن. اها جڳهه وقت جي لوڏن لمن کان بچي وئي آهي ۽ پنهنجي وقت جي منفرد تعمير آهي.

حيدرآباد ڏانهن ويندڙ انهي رستي سان مختلف قسم جا منظر ڏسڻ ۾ ايندا. جنهن جاءِ وٽان هي رستو شروع ٿئي ٿو اتي بڙ جا به وڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي ڏاڍا شاندار آهن. جن جي چوڙاري پٿر جون پڳهل بينچون پيون آهن. اوهان کي ياد هوندو ته مون 1850ع ۾ هڪ اڳڪتي ڪئي هئي ته جيڪڏهن هنن وڻن کي وقت تي پاڻي ايندو رهيو ۽ ٻڪرين جي ڪاڄڻ کان بچي ويا ته اهي وڻ ايندڙ ٻئي نسل جي ماڻهن لاءِ ٿڌڙي ڇانوَ ڏيندا. ڏسو نه، هاڻي ته اهي گدامڙي ۾ ٻبر جي وڻن جيان چوڏس ڇانئجي ويا آهن. تعداد ۾ آهن ته فقط ٻه، پر ڏسڻ ۾ ائين پيا اچن جڻ ته ڪو وڻن جو ٻيلو بڌو پيو آهي. جيئن سنڌ جي راڄڌانيءَ ڏانهن وڌندا پيا وڃون، تيئن‌ءَ خوبصورت منظر نظر تا اچن. وڻن جي مختلف جهڳٽن کان ٻاهر نڪتا آهيون ته مختلف واهن ۽ ڪڙين جو هڪ مها چار وچايل پيو ڏسجي، جن جي ڪنڌين ڪنارن سان ڪانڊيرا، ڪنڊن وارا ٻيا ٻوٽا ۽ ٻي عام

رواجي اوپڙ نظر اچي ٿي. هتان بيهي ڏسبو تہ جبل جي هڪ ڇُڪ تي ڪلهوڙن جو تعمير ڪرايل گول طرز جو هڪ قلعو ڏسجي ٿو جنهن جي اندرئين پاسي هڪ خوبصورت ۽ ڍگهي ڏاڪڻ آهي، جيڪا شاهہ مڪي جي روضي ڏانهن ويندي آهي، جتي ڪاشيءَ جي نيرين سرن جي جافري ڏسڻ ۾ ايندي. هن ماڻهوءَ جي نالي مان پتو پوي ٿو تہ هو مڪي جو ويٺل هو.(4) چيو ويندو آهي تہ هو 1260ع ڌاران هرات مان لڏپلاڻ ڪري اچي سنڌ پهتو هو. انهن ڏينهن ۾ نيرون ڪوٽ ۾ هڪ ڪافر راجا جي حڪومت هئي. هن مان ڪيترائي سيد پيدا ٿيا جيڪي اڄڪلهہ سنڌوءَ جي ڪناري سان آباد آهن. مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي جو پراڻي دؤر جي هن بزرگ جي مزار جي اوسي پاسي ڪابہ تبديلي ڪانہ آئي آهي. هڪ چيتي جو پڃرو خالي پيو آهي. هيٺ ننڍين گهرن جا ويڙها وسيل آهن، جتان پنڌ وارن جون دانهون پيون ٻُرنديون آهن. جيڪڏهن ساڄي پاسي ڏانهن وڌبو تہ اتي هڪ قبرستان ۾ هائلئنڊرس جون انهتر ۽ رايل آئرش وارن جون اسي قبرون ڏسڻ ۾ اينديون، جيڪي هن ملڪ جي طرز جون ٺهيل آهن. انهن مان ڪن قبرن جو واسطو ڪئٿلڪ ۽ ڪن جو لاڳاپو پراٽيسٽنٽ مذهب سان ڏسجي ٿو. ڪيترين قبرون ڊهي تباهہ ٿي ويون آهن ۽ ڪيترين قبرن ۾ گدڙن ڏريون کوٽي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. ديواريون بہ ڊهي کنا ڪيڙا ٿي ويون آهن. هيءَ تباهي ان ڪري آئي آهي جو هن طرف ڪنهن بہ ماڻهوءَ ڌيان ڪونہ ڏنو آهي. اميد آهي تہ ڪونہ ڪو ماڻهو هن کي بچائڻ واسطي ضرور اڳتي ايندو. هن جي ڀيٽ ۾ گوا ۾ انگريزن جي قبرستان جي حالت وڌيڪ سٺي آهي. اتي موجود پورچوگيز انگريزن جي قبرن جي سٺي حالت ۾ رکڻ واسطي چڱو ڌيان ڏيندا پيا اچن. ائين چوڻ ڪا فخر جي ڳالهہ ڪانهي، هتان کان قلعو ڏاڍو خوبصورت نظر ايندو آهي، هتان اسان چور دروازي Sally_part وسيلي قلعي ۾ داخل ٿيندا هئاسون، پر هاڻي اهو بند ٿي ويو آهي. موجوده بيلاسس روڊ گدو وٽان نڪرندو آهي، جيڪو هڪ سٺي انگريز عملدار جي نالي آهي، جنهن پوئين دؤر ۾ هتي وفات ڪئي هئي. هن رستي ۾ ڪي خاص ڳالهيون موجود آهن. پهرين ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن رستي مان پاٽيءَ جو هڪ ڪس هلندو آهي. پاٽيءَ جو هي گذرگاهہ ونگن وسيلي مٿان ئي مٿان هلندو آهي. پاٽيءَ جو هي ڪس جڻ تہ زندگيءَ جي جياپي جو هڪ مثال آهي. پاٽيءَ جو اهڙو نظام وچئين ڪلاسيڪل دؤر کان اڳتي وڌي ڪونہ سگهيو هو. مسٽر رابرٽ برٽن سي. اِي پنهنجي ڪم کان وڌيڪ

واقف هوندو. پر هن کي ڪاريز جي الي جي خبر ڪانہ هوندي. اسان کي خبر نہ آهي تہ پاڻي درياءَ جي متئين طرف کان ڇو نہ کنيو ويو آهي. پاڻيءَ کي اتر طرف مٿي ڇڪڻ لاءِ ٽن اسٽيم انجنڻين کان ڪم ورتو ويو آهي ۽ اهڙو ڪم بلڪل بيڪار آهي، پاڻيءَ جي هن ڪس جو هجڻ بہ نہ هجڻ جي برابر آهي، جيڪڏهن پاڻي آڻڻ جي اهڙي انتظام ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي ها تہ سنڌ جي هن اڳوڻي راڄڌاني کي ان وقت درياءَ جي تازي پاڻي جو موقعو ملي وڃي ها جڏهن اها اڃا مڪمل راڄڌاني هوندي هئي. هن روڊ جي ساڄي پاسي چرين جي اسپتال آهي، جنهن جي ڇوڏاري اوچي ديوار ڏنل آهي. هيءَ اسپتال سر ڪوواسجي جهانگير جولاءِ 1871ع ۾ تعمير ڪرائي هئي، جنهن ۾ اٺ وارڊ هتان جي ماڻهن لاءِ ۽ هڪ يورپين لاءِ ٺهرايو ويو هو. ان کان سواءِ هتي عملدارن جي رهڻ لاءِ جايون ۽ پورهيتن لاءِ ڇاپرا ٺهيل آهن. هن اسپتال جي پکيڙ کي تمام گهڻو وڌائي پيش ڪيو ويو آهي. چيو ويندو آهي تہ هيءَ اسپتال پهريائين لاڙڪاڻي ۾ ٺهرائڻ جو ارادو ڪيو ويو هو ۽ اها ساريءَ سنڌ جي چرين جي علاج لاءِ ٺهڻي هئي. چرين جي هيءَ اسپتال فقط ان شهر لاءِ مخصوص ڪانہ هئي، جنهن جي آدمشماري فقط 35000 آهي. اسان ان جاءِ وٽان کابي طرف وڏياسون جتان اهو رستو ٽن حصن ۾ ونڊجي ٽن طرفن ڏانهن وڃندو آهي. اسان اڳتي وڌي هڪ ٽڪريءَ تي چڙهياسون. ڪڏهن هيءُ هڪ وسيع کليل علائقو هو جتي فوج جو بئرڪون ٺهيل هيون ۽ منهنجي دوست ڪرنل رئٿ فارن (Rath forne) جو بنگلو هو جيڪو هتان جو ڪليڪٽر هو. اهي ماضيءَ جون ڳالهيون آهن، هاڻي ان علائقي ۾ فوجي ڇانوڻي آهي. هتي ڪجهہ نئين قسم جون جڳهون بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جهڙوڪ سئنٽ ٿامس جو گرجا گهر آهي، جيڪو اولهہ ۽ اوير طرف ترڇي نموني وڌيل آهي. ڪچهري (عدالت) جي وسيع عمارت بہ هتي آهي جيڪا اتر ۽ ڏکڻ پاسي کان کليل آهي. ان کان سواءِ ٽيليگراف آفيس، ريسٽ هائوس، بلوچ ريجمينٽ جا ڪوارٽر، منصف جي آفيس بہ علائقي ۾ موجود آهي. بہ گوٿڪ پينٽ هائوس بہ هن ميدان تي آهن، جنهن جي جڳهہ نيم شهري تعمير جهڙي آهي، جنهن گهڻي وقت کان ڏکويل سنڌ جي سورن ۾ وڏيڪ اضافو ڪيو آهي. توهان هاڻي حيدرآباد ۾ پهچي چڪا آهيو جنهن جي معنيٰ آهي شينهن جو شهر.

حوالا:

(1) هن قسم جي خيالن جو اظهار ان ڪري ڪيو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ مشرق جي تاريخ جاگرافي اهڙي ئي قسم جي آهي اختلافِ راءِ واريون بيون بہ ڳالهيون آهن جيڪي طبري ۽ فرشتہ جي تصنيف ڪيل تاريخن جي مطالعي وسيلي معلوم ڪري سگهجن ٿيون.

(2) نيل درياه جي پاڻي وسيلي ايندڙ ساليانو لَٽُ 240 ملين همچورس گز آهي. ٻين لفظن ۾ هن ريت چئي سگهجي ٿو تہ اها همچورس ٻہ ميل ايراضي ٿيندي جنهن جي گهرائي پنجاهہ فوت هجي.

(3) مسٽر اسٽئڪ جي لکيل سنڌي ۔ انگريزي ڊڪشنري هئي جيڪا بامبي — آمريڪن مشن 1851 ۾ ڇاپي هئي جنهن جو هڪ جلد هو ۽ 240 صفحن تي مشتمل هئي. اهڙيءَ ريت 1851 ۾ انگريزي سنڌي ڊڪشنري بہ ڇاپي وئي هئي.

(4) مسٽر اي.بي.ايسٽوڪ پنهنجي نقطہ نظر ۾ غلط آهي. سنڌس چوڻ آهي تہ شاه مڪي تي اهو نالو انهيءَ ڪري پيو هو جو هن تمام گهڻا ڀيرا حج ڪيا هُئا ۽ مڪي ويو هو.

باب تيرهون

# حيدرآباد، قلعو، مقبرا ۽ شهر

حيدرآباد سنڌ جي اڳوڻي راڄڌاني آهي، جيڪا دوآبي جي مرڪزي جاءِ تي واقع آهي. سمجهڻ ائين کپي تہ هي شهر هڪ ننڍڙو بيٽ آهي، جنهن جي اولهہ پاسي سادا ٽي ميل کن پري سنڌو پنهنجي موج ۽ مستيءَ سان وهندو آهي. هن جي اوڀر پاسي اٽڪل ميل سوا پري ڦليلي ۽ ٻيون ڪوڙ ساريون ڇاڙهون وهنديون رهنديون آهن. هي شهر اڪيلي ۽ گول ٽڪريءَ تي اڏيل آهي، جيڪا چن- پٿر جي ٺهيل آهي. هي گنجي ٽڪر جي ڇاڙهہ آهي، جيڪو اتر کان ڏکڻ اٽڪل تيرهن ميل ڊگهو آهي ۽ سنڌوءَ سان پور وچوٽ هيٺ هلندو وڃي ٿو. هي جابلو سلسلو دريائي لٽ سان ٺهيل ميداني علائقي کان ڪي ٿورا فوٽ اوچو آهي. ڪٿي ڪٿي سندس اها اوچائي ويتر بہ گهٽجي ويندي آهي، جهڙوڪ: پارسين واري مناري دکمر ۽ ڪلهوڙن حڪمرانن جي مقبرن وٽ هن سلسلي جي اوچائي گهٽي گهٽ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. هي حصو سندس اترين ڇيڙو آهي. شهر واري ٽڪري اوچي آهي، هتان بيهي جيڪڏهن نهاربو تہ سنڌو ۽ ان جي مختلف ڦاٽن کي چڱيءَ ريت ڏسي سگهجي ٿو. تنهن ڪري هن ٽڪريءَ کي قلعي اڏڻ لاءِ چونڊيو ويو هو. هن قلعي جو اصل نالو نيرون ڪوٽ يعني راجا نيرون جو ڪوٽ(1) آهي. چيو ويندو آهي تہ اهو راجا ڪافر هو تنهنڪري هن قلعي کي ڪافر ڪوٽ سڏيو ويندو هو. هي شهر 1718ع ۾ غلام شاهہ ڪلهوڙي تعمير ڪرايو هو پر 17 فيبروري 1843ع تي مياڻيءَ جي جنگ کان پوءِ اسان جي قبضي ۾ اچي ويو هو.

هي قلعو هڪ سوڙهي ٽڪريءَ تي تعمير ٿيل آهي. شهر جي اڏاوت بہ ساڳي ٽڪريءَ جي مٿاڇري تي ٿيل آهي، جيڪا گهڻ وڌ بيضوي شڪل جي آهي، هن جي پکيڙ اٽڪل منو ميل ۽ ايراضي اٽڪل ڇٽيهہ ايڪڙ

ٽيندي. قلعي جي ديوار ۾ مختلف جڳهن تي پشتا (revetments) آهن جن ۾ استعمال ٿيل سرون ڀاڙيون پڪل آهن. پيڙهه وٽ ديوارون موڪريون ۽ چوٽيءَ وٽ سنهڙيون آهن. مٿي واريون پٽيون ٽڪريءَ مٿان مٿي سٽي اوساريون ويون آهن. قلعي کي ٻاهران بچاءَ جي نقطءِ نگاهه کنهن به قسم جي ڪنڊ ڪانهي، ڪجهه گول چبوترا آهن ۽ وڏيءَ قسم جي توب جيَ ناليءَ لاءِ جهروڪا ڏسجن ٿا. بندوق باز فوجين جي بچاءَ لاءِ ڪنگرا (battlements) ٺهيل آهن. مٿي دمدمه (ramparts) به تعمير ٿيل آهن. پر اڌ ڏزن کن ڇڄا جوڙي انهن کي بيڪار بڻايو ويو آهي. ان کان سواءِ قلعي جي پٽ ۾ مارا (apertures) به ٺهيل آهن، جن کي ايراني دماغه سڏيندا آهن. هنن جو تعداد پنج آهي. انهن مان جنگي مقصدن وارو ڪم به ورتو ويندو آهي ته اتان ڪني پاٽيءَ جو نيڪال به ٿيندو آهي. هي قلعو ايڏو مضبوط ۽ طاقتور آهي جو جيڪڏهن ننڍين گولن سان توب وسيلي گوله باري ڪبي ته هي قلعو ڊهي پٽ تي ويندو. هي قلعو ڏسڻ ۾ جيترو مضبوط آهي، حقيقت ۾ ايترو ڪمزور آهي، جڙ پنهنجي مالڪن لباڙي ٽالپرن جي نمائندگي پيو ڪري. جيڪو ايشيا ۾ ڪمزور ترين قلعن مان هڪ آهي. هن قلعي کي اتر پاسي کان چاليهه فوٽ ويڪري کڏ کٽي شهر کي الڳ ڪيو آهي. ڊاڪٽر هيڊل چاليهه گز ماپ لکي آهي، جيڪا غلط آهي. مذڪوره کڏ مٿان هڪ پُل ٺهيل آهي جنهن تان گذري مختلف راهدارين ڏانهن وڃي سگهبو آهي، جيڪي ڏاڍيون پُرپيچ آهن. جن ۾ اڌل گول طرز جا چبوترا ٺهيل آهن. قلعي جو هي حصو بلڪل محفوظ آهي، اتي برج نما هڪ منارو آهي جنهن جي ڇت ٽنبونما آهي ۽ ڏسڻ ۾ هڪ ننڍڙي بنگلي جيان آهي. تصويرن ڪيڻ وارا ڏاڍي شوق سان هن عمارت جون تصويرون ڪيندا آهن.

هن قلعي جي تعمير جو مقصد بچاءُ، حڪمرانن جي رهائشگاهه ۽ خزاني جي حفاظت ڪرڻ هو. قلعي جي اندرئين پاسي دمدمي سان گڏ هڪ وٿي آهي، جنهن سان ڇهل قدمي ڪري سگهجي ٿي. جيڪا قلعي جي چبوترن سان گڏ گول ڦري اچي ٿي. هتي پهريدارن جون جايون آهن، جيڪي هم چورس ماپ جون آهن. گهٽيون به نانگ وانگر وڪڙ ڪنديون ڦرنديون گهرنديون اڳتي وينديون آهن. هتي فوجين جون بئرڪون، مسجدون، دربار، حڪمرانن جون محلاتون، رهڻ لاءِ جايون، حرم ۽ گهوڙن جون ڪڙهيون (Stable) به آهن. ڪيترا گهر شاهي محلات جي

چوڏاري نهيل آهي جيڪي وڏيڪ ڪشادا بہ آهن. هنن گهرن کي فاتح انگريزن وڌيڪ آرامده بڻائي ڇڏيو آهي. سياري ۾ شيشي وارين درين جي ضرورت هئي، تنهن ڪري ڪاٺ جي شٽرس سان گڏ انهن ۾ شيشا بہ هنيا ويا آهن.

حيدرآباد جي شاهي محلات جي تعمير جو منصوبو هن ريت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اوهان هڪ ننڍڙي دروازي مان لنگهي اڱڻ ۾ داخل ٿيندا. اهو هڪ سوڙهي گذرگاهہ ۾ در نہ پر هڪ لنگهہ آهي، اڱڻ هم چورس نہ پر چؤڪنڊو آهي. ساڄي پاسي نماز پڙهڻ لاءِ هڪ ننڍڙي مسجد آهي، جنهن جي چوڌاري ننڍڙي پٽ ۾ ڏيڊي آهي. ان جي سامهون کابي پاسي گهوڙن جي ڪڙهہ ۽ رڌڻو آهي، نوڪرن جا ڪوارٽر ۽ آفيس بہ ان پاسي ڏسبي. چوٿين پاسي تي فقط گهر جي جڳهہ آهي جنهن ۾ ڪاٺ جي وڏن شهتيرن جي آڌار تي بيٺل ورانڊو آهي. ان جي سامهون ننڍڙي ڇت جو پلويڙو (Parapet) آهي. ان پاسي اوهان کي عام ماڻهن ۽ حڪمرانن جا ڪمرا ڏسڻ ۾ ايندا. شاهي حرم انهن جڳهن جي پٺئين پاسي لڳو لڳ آهي. ان جڳهہ وٽ بيهي ڏسبو تہ بيشمار ننڍڙا دروازا آهن جيڪي مختلف گذرگاهن ڏانهن کلندا آهن. انهيءَ پاسي وارن ڪمرن ۾ اڪيلائي يا تخيلہ واسطي گهٽ روشني هوندي آهي. هتي ڪي ڪمرا اهڙا بہ آهن جن کي چن سان ليپو ڏئي ڪاٺ يا لوهہ جي پٽيءَ تي ٺڪيل نقش نگار جي مدد سان چٽسالي ڪئي وئي آهي. مير شهداد خان جي گهر ۾ اهڙيون تصويرون نظر اچن ٿيون، جن ۾ راجا رنجيت سنگهہ لارڊ ليڪ سان هٿ ملائي رهيو آهي، ۽ ٻيءَ تصوير ۾ ميجر آئوٽرام پنهنجي گهرواريءَ سان گڏ شراب پيئندي ڏيکاريو ويو آهي. ڪمرن کي هلڪو گلابي رنگ ڏنو ويو آهي ۽ نقش نگار مان سوڊو مورش (Pseudo_Moorish) جي جهلڪ پئي نظر ايندي. شاهوڪار ميرن جي گهرن جي ڇتين ۾ وڏا شهتير وڌل آهن، جن تي ٽڪ جو نازڪ ۽ نفيس ڪم پيو نظر ايندو آهي. رنگ بہ اهڙو ڪتب آندو ويو آهي جيڪو ڏاڍو چمڪدار آهي. ڪن ڪمرن جي ٻاهرين جهلڪ ائين پئي لڳندي آهي جڻ اتي هالا يا ملتان جي ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آندل آهن. اندرئين پاسي ڪان پٽين ۾ جارا، ڪٻٽ ۽ گجها خانا آهن جن ۾ مشرق جا ماڻهو قيمتي شيون لڪائي رکندا آهن ۽ انهن کان تجوڙيءَ جو ڪم وٺندا آهن. انهن ڪمرن ۾ اهڙو فن مون 1845ع ۾ ڏٺو هو جيڪو ڪنهن ڏاهي تباهہ ڪري ڇڏيو هو. مياڻيءَ ۽ دٻيءَ جي

جنگين ڪان پوءِ فاتحن ميرن ۽ سندن درٻارين ڪي اوچتو وچي سوگهو ڪيو هو. انهن ماڻهن مال خزانو هيرا جواهر، سون جون صندوقون ڪمرن جي پٽين جي پيڙهين ۾ پُوري لڪائي ڇڏيون هيون. جيڪي مغرب وارن کي ڪوشش ڪان پوءِ بہ ملڻ واريون ڪونہ هيون. مذڪوره جنگين ڪان پوءِ اهڙيون ڳجهيون ڳالهيون فاتحن جي ڪنن تي بہ پيون جن کي اهڙي قيمتي خزاني کي هٿ ڪرڻ جي اچي هورا کورا لڳي هئي. يورپي ۽ ڏيهي ماڻهن ان قيمتي خزاني کي هٿ ڪرڻ لاءِ ننهن جا زور لاتا هئا پر ڪين ڪَکُ بہ نصيب ڪونہ ٿيو. انهيءَ ڪري ڪمرن جي ٻاهرين خوبصورتي بہ تباهہ ٿي چڪي هئي. ٻاهرينءَ چٽساليءَ ۽ نقش و نگار کي پٽي خراب ڪرڻ کان اڳ ڏڪ هٽي ڏنو ويندو هو تہ فرش يا پٽ نهري آهي يا کوکي. ان کان پوءِ کوٽائي شروع ڪئي ويندي هئي. منهنجَي خيال ۾ اهڙي ڪي توريون شيون هيون جيڪي اهڙن ماڻهن جي ور چڙهي ويون هيون.

اچو تہ ور وڪڙ کائي مٿي ويندڙ ٻن ڏاڪڻين مان هڪ وسيلي مٿي هلون. مٿي هلي اسان ڀرپائين قلعي جي ٺلهہ يا مناري وٽ پهچنداسون. هن کان پوءِ قلعي جي تعمير شروع ٿي ويندي آهي. اتي پهچي اسان کي ائين محسوس ٿيندو تہ جڻ ڪئرن وارو قلعو ڏسي رهيا آهيون. اسان هن جابلو سلسلي جي هڪ چوٽيءَ تي بيٺا آهيون، جيڪو جڻ تہ جبل مڪاتام جو حصو آهي. تورو اولهہ پاسي ڏانهن بہ ڏس، ان ڪچي شهر جي تورو پرئين پاسي نظر ايندڙ نئون شهر هوبهو ازبيڪاه (Ezbekiyyeh) جهڙو آهي ۽ بندر واري ڳوٺ جو نالو گدو آهي، جيڪو صفا بولاڪ (Bulak) جيان ڏسجي رهيو آهي. سنڌوءَ جو پوري رنگ جو پاڻي موج ۽ مستيءَ سان وهي رهيو آهي. هي درياءَ نيل جو ياءُ آهي جيڪو هڪ سکي ستابي ماتريءَ مان گذري سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو آهي، جنهن جي ڪنار سان گجگاهہ ٻيلن جي هڪ سائي پٽي ڏسجي ٿي، ان سائيءَ پٽيءَ کان پوءِ اولهہ پاسي ڳاڙهسري رنگ جو رڻ پٽ ڏسجي ٿو. لبيا جو سامونڊي ڪنارو بہ اهڙو ئي ڳاڙهسرو رڻ پٽ آهي. هن جي الهندي ڪناري سان جبل آ ن، ان ڪري درياهہ اولهہ پاسي ڏانهن رُخ بدلائي ڪونہ ٿو سگهي. اها صورتحال قرآن شريف جي هن آيت جو مظهر آهي تہ اسان هنن جبلن کي تنبوءَ جي ڪلن وانگي کوڙيو آهي تہ جيئن ڌرتي چري پُري نہ سگهي. مصر ۽ سنڌ ۾ وڏا ٺلهہ ۽ واهن تي ونگن واريون پُليون بہ هڪ جهڙيون نظر اينديون.وري جيڪڏهن ڪلهوڙن جي تباهہ حال مقبرن ڏانهن ڏسجي ٿو

تہ مصر جي مملوڪ بادشاهہ جون مزارون ياد اچي وڃن ٿيون. پر مصر جي پئرمڊ ۾ مياڻيءَ ۽ دبيءَ جي جنگي ميدان جهڙا يادگار ڪونہ آهن، جيئن نيپوليئن جهڙي بهادر سان جنگ وڙهي ڪاميابي حاصل ڪئي وئي هئي. تو سنڌ ۽ مصر ۾ ڪيترين ئي هڪجهڙايون ڏنيون آهن ۽ اجا بہ ڪيترين ئي هڪجهڙايون ڏسندين، پر مصر ۾ اهڙيون تاثر پيدا ڪندڙ ڳالهيون ڪونہ آهن جهڙيون سنڌ ۾ موجود آهي. پر هتي قومي شان شوڪت ۽ فخر موجود ڪونهي. ٻنهيءَ ۾ فطري هڪجهڙايون بہ بلڪل ساڳيون آهن، پر هڪڙو واضح فرق ضرور موجود آهي تہ مصر ۾ مصر وارن جي حڪومت آهي جڏهن تہ سنڌ ۾ ڌارين ۽ بي پرواهہ ماڻهن جو راڄ آهي. اسان قلعي جي اهڙي گول برج تي بيٺا آهيون، جيڪو پن- چڪي جي بٽياڌ جيان گول آهي. چيو ويندو آهي تہ هن گول برج جي بٽيادن ۾ ٽالپر حڪمرانن جو خزانو پوريل آهي، پر ۽ اها ڳالهہ غلط آهي. هاڻي هن برج تي يونين جئڪ جو جهنڊو جهولي رهيو آهي ۽ هتي چار توبون رکيل ڏسجن ٿيون، باقي چوڌس پينگ لڳي پئي آهي. اهڙيءَ اُجاڙ 1857ع کان وٺي ڏسجي رهي آهي، چاڪاڻ تہ ان سال قلعي جي صفائي ڪئي وئي هئي. اتر واري لنگهہ سان چتساليءَ سان سينگاريل هڪ ڪمرو آهي، جنهن کي سرڪاري قيدخانو بڻايو ويو آهي، منجهس مسقط جو سيد سليم نالي ماڻهو قيد آهي. ان جي سامهون بہ هڪ ڪمرو آهي جنهن کي پڻ سرڪاري قيدخاني هجڻ جو شرف حاصل آهي. منجهس هڪ قيدي رهي ٿو. پرسان ئي بيون جڳهون آهن جتي ڪيئي پهريدار فوجي رهندا هئا. هاڻي انهن جڳهن ۾ لئبرري قائم ڪئي وئي آهي ۽ پاسي کان بہ توبون رکيل آهن. پرسان ئي پڪسرو تلاءُ تعمير تي رهيو آهي. قلعي جو اولهہ وارو سارو پاسو پڪ سرائون ۽ ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل آهي، جتي هٿيار ۽ بارود رکيل آهي. مذڪوره جڳهون گول آهن جن کي سورهن ڪندي جي شڪل ڏني وئي آهي، ان ڪري اندريون پاسو ڏاڍو شاندار نظر اچي رهيو آهي. هتي هڪڙو ڪمرو آهي جنهن ۾ جئڪب رائفل (Jacob's rifle) رکيل آهي، جن کي ٻن ڌارين وارو خنجر لڳل آهي. هنن سمورن هٿيارن، بارود ۽ هنن رائفلن جي نظرداريءَ لاءِ ڪئپٽن آر. اي. برجس (R.A. Burgess) مقرر آهي، جيڪو ٿوري وقت کان پوءِ اسان کي عجيب غريب قسم جون اهڙيون تلوارون ڏيکاريندو جيڪي حيدرآباد دکن

۾ بہ موجود آهن، جن تي ائنڊريا ڊي فيرارا (Andrea di Ferrara) لکيل آهي. شايد اهي فرانس جون ٺهيل آهن.

ڦاٽڪ وٽ پهريدارن لاءِ (guard house) آهي، ان کان سواءِ ٻيون ڪجھ ٻچيل سچيل جڳھيون آهن جن جي تعمير خاص نہ آهي، هنن کان علاوه باقي ٻيون جڳھون اجڙيون پينگ لڳيون پيون آهن. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ هنن جڳھن جي ڊاهہ پٽ بہ اسان ئي ڪئي آهي ۽ انهن کي وري ٺاهڻ ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏنو آهي. مون کي اهڙي معلومات ڪانہ ملي آهي تہ جبل جي هن چوٽيءَ کي ڪوٽي ڪٽي تلاءُ بنايو ويو آهي نہ وري يوسف وارو کوھہ هتي ڪئرن (Caerene) جهڙي هن قلعي ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهو بہ نظر اچي رهيو آهي تہ ڪئرين جي ۽ حيدرآباد جي قلعي ۾ ڪنهن بہ قسم جو فرق موجود ڪونهي. جڏهن هتي ۽ هتي فطري يا انسان جون ٺهيل شيون ڏسجن ٿيون تہ انهن ۾ اچرج جهڙي ساڳيائپ آهي، جنهن مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ هتان جي سنڌين ۽ هُتان جي جهنگلي ماڻهن ۾ ڪو واضح فرق موجود ڪونهي. هتان جا ماڻهو انهن جڳھن کي نهايت شاندار سمجهندا آهن. هن ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هڪ کوھہ آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو راجا نيرون ڪافر جي دؤر جو آهي. هي ڪم بہ انساني وٽ کان ٻاهر آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ شاھہ مڪي(2) عرف مل محمودَ بہ هتي اچي رهيو هو جنهن جو ذڪر ميوري (Murray) پنهنجي ڪتاب جي صفحي 484 تي ڪيو آهي، جيڪو مون کي هڪ ڏندڪٿا کان وڌيڪ نظر ڪونہ ٿو اچي. هن بزرگ جي قبر قلعي جي ذڪرڻ- اولھہ پاسي موجود آهي.

اسان هاڻي قلعي جي اترئين ڦاٽڪ کان نڪري طاهر بازار واري رستي سان اڳتي وڌي رهيا آهيون، جيڪو شهر جي وچهو هڪ عام رستو آهي، جنهن جي ڪاٻي پاسي پڪسري نالي آهي، جڏهن تہ ان جي ساڄي پاسي اها ٽڪري آهي جنهن تي هي قلعو اڏيل ڏسجي ٿو. قديم حيدرآباد ۾ اهڙي ڪابہ شيءِ موجود ڪانہ آهي جيڪا بيان لائق هجي. جايون بہ ماڙ يا تہ ماڙ آهن، پر آهن سڀ ڪچيون. جتي ڪٿي مقبرو ضرور ڏسڻ ۾ ايندو، بازاريون ننڍيون پر ڏسڻ ۾ ائين ايندو تہ جڻ تباھہ ٿيل ڪو دڙو آهي. وڏيون ۽ مکيہ جڳھون گهڻ- ماڙ تي مشتمل وسيع ايراضيءَ تي ٺاهيل آهن. دريون بہ متي لڳل آهن جن ۾ شيشا لڳل ڪونهي، اگرڻ بہ سمرسيٽ شاير (Somerset shire) جيان ويڪرا ڏسبا آهن. چوڏاري ڏنل

پتيون بہ ويڪريون ۽ وڏيون آهن. جڳهن جون ڇتيون مضبوط Pent roofed آهن، جن جون گهٽيون سوڙهيون اونداهيون آهن، جن مان اس ۽ هوا ضرور گذري ٿي. هتان جي قديم شين ۾ آنگاس (flag_slaves) آهن. جيڪڏهن ڪو ڪامورو پائي ان جي تصوير ڪيرائي ڳوٺ موڪليندو تہ اهڙي فنڪار کي هڪ گز جيترو سڙهہ بہ اوڏهين موڪلڻو پوندو. هتان جي هَر گهر جو رهواسي اها پڪ ڪري ضرور هٽندو تہ سندس گهر کي هڪ بہ عدد وراندو ۽ بہ ٿي بادگير ضرور آهن. اهي بادگير ڪاٺ جي هڪ ننڍڙي اڏاوت آهي جنهن جو هڪ پاسو هوا لاءِ کليل هوندو آهي، جنهن تي ڪاٺ جي سنهين فتيلن جي جاڦري لڳل هوندي آهي، جنهن وسيلي هوا گذري گهر اندر ايندي آهي. ڪن جڳهن جا بادگير ڦيري گهيري بہ سگهبا آهن، انهيءَ لاءِ تہ جيئن مارچ کان وٺي جولاءِ تائين انهن جو منهن ڏکڻ-اولهہ جي ڪنڊ ڏانهن هجي، اهڙيءَ ريت هوا جي رُخ مطابق ان کي ڦيرائيندو رهجي. اهڙي هوا پٽ ۾ رکيل گذرگاهہ مان زور سان گذري فرش جي سنوت برابر ڪمري ۾ داخل ٿيندي آهي. انگلنڊ ۾ (Tobinization) آهي، جيڪا گهر کي ٿڌ ۽ غليظ هوا کان بچائيندي آهي.

مسٽر جان بُل، اسان هتان جي نيم وحشي ماڻهن کان گهڻو سکيو آهي. پيرو ۾ بہ هڪ اهڙي پُل آهي، جڏهن ماڻهو انهيءَ تان لنگهڻ لڳندو آهي تہ پينگهي وانگر خير سان لڏڻ بہ لڳندي آهي. ساڳيءَ ريت همالیہ پرسان بہ هڪ اهڙي پُل آهي جنهن کي "جهولو" سڏيو ويندو آهي، جنهن کي پينگهہ سڏبو آهي. پر اوهان کي هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ مذڪوره بادگيرن ۾ هڪ وڏي اوڻائي اها آهي تہ جڏهن حيدرآباد جو ماڻهو گرميءَ ۾ پيو سڙندو پڇرندو آهي ۽ پگهر جا نار پيا وهندا آهن تہ منگهن يا بادگيرن مان ٿڌڙي هوا اچي سندس ننهن نيڻ ٺاريندي آهي تہ ساڳئي وقت هوا سان گڏمٽيءَ جو ڌوڙيو بہ اچي گهر اندر پهچندو آهي. حيدرآباد گهڻو پري اتر ۾ ڪانہ آهي، جتي ماڻهو ڏينهن جي گرميءَ دوران وري هيٺ تهخانن ۾ رهندا آهن ۽ سارو ڏينهن اگهور ننڊ ۾ هوندا آهن.

مسٽر جان بُل، جيڪڏهن تو بہ خوشقسمتي سان ڪو ڏينهن انهن تهخانن مان هڪ اندر گذاريو تہ توکي محسوس ٿيندو تہ تون رائين (Rhine) يا پائرنيز (Pyrenees) جي اوسي پاسي ڪنهن گهر ۾ آرام سان ستو پيو آهين. اهڙا تهخانا پهريائين توکي شڪارپور ۾ ڏسڻ ۾ ايندا.

قديم حيدرآباد ۾ مکيه رستن کان سواءِ ڪٿي به ماڻهن جي پيهه گپا گيهه نظر ڪانه ايندي. جيڪڏهن گهوڙن تي سوار تي انهن رستن سان گذربو ته ڪو ماڻهو منهن مٿي ڪري اهو ڪونه ڏسندو ته گهوڙيسوار ڪير آهي، پوءِ پلي گهوڙو ان ماڻهوءَ مٿان چڙهي به وڃي. هتان جي ماڻهن جي اها عام عادت آهي. ڪين اها خبر به هوندي آهي ته اهي گهوڙيسوار يورپي آهن. ماڻهو اسان کي چڱيءَ ريت سڃاڻندا آهن. تنهن ڪري اسان کي اشارو ڪري بيهاريندا ڪونه آهن، پينو فقير به اسان کان خيرات گهرڻ جي غلطي ڪونه ڪندا آهن. نوجوان نسل جا ماڻهو اسان کي ڪافر سڏي ٺوڪ ڏَنڪَ ڪونه ڪندا آهن. جيڏانهن به وڃبو ته ٻروچ فوجي سپاهي ڪنهن هنڌ تي بينو واٽئي تي ڪاوڙ چنبي رهيوآهي. ڪٿي وري انگريز سرڪار جي ڪاموري جي نوڪر جي خوشامد ڪئي ويندي آهي. اڳتي ٻروچ فوجين جي ڪلهي گس لڳي پئي هوندي آهي. پر هاڻي اهي ايڪڙ ٻيڪڙ ڏسجي رهيا آهن. هاڻي ته حيدرآبادي پيا سڀا سوريندا آهن ته شل انگريزن جو تعداد اجان به وڌي ته پلو.

مان ته طاهر بازار وارو رستو ڏئي پنهنجي پراڻي گهر وڃي رهيو آهيان. جيڪڏهن تون به اسان سان سنگت ڪيو اوڏانهن هلندين ته توکي ڏسڻ جهڙيون گهٽيون شيون نظر اچي ونديون. اسان کي هر موڙ ڪانه ڪا نئين شيءِ ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي. سامهون ”ڪانگن ڪاڏو تلاءُ“ نظر اچي رهيو آهي. هن جو مطلب آهي ته پاڻيءَ جو اهو تلاءُ جنهن کي ڪانون ڪائي کپائي ڇڏيو هجي. هتي ڪانگ يا ڪانوَ جي ڏاڍي عزت ڪئي ويندي آهي. پاڻيءَ جو اهو تلاءُ شهر جي استعمال لاءِ آهي. اصل ۾ اهو هڪ قدرتي ۽ ڏنگو ڦڏو تلاءُ هو جنهن کي هاڻي سُڌاريو ۽ وڌايو ويو آهي. هن جي ماڻوڪي ماپ 60 گز ويڪر ۽ 400 گز ڊيگهه آهي. سندس پاسن کان به گهاٽ ۽ وچ تي به پليون آهن. هي ٻاغن ۾ ٻهراڙي جي گهرن ناهڻ لاءِ هڪ سنو علائقو آهي. هن کان ٿورو پري ڦليلي ڦاٽ وهي رهيو آهي جيڪو سنڌوءَ جي ڇاڙهه آهي. حقيقت ۾ اهو هڪ ڪوتايل واهه آهي، پر ان جي ڪوٽائي اهڙي طريقي سان ڪئي وئي جو هڪ قدرتي ڦاٽ ڏسجي رهيو آهي. پل تي بيهي جيڪڏهن اتر پاسي نهارينداسون ته ان واهه جو پراڻو ۽ نئون مُنهن ڏسجي رهيو آهي، جيڪو به درياهيءَ جي شڪل ۾ آهي. پاڻيءَ جي وهڪري ۾ بينل ٻيڙين مان لڳي ٿو ته اهو جڻ مستقل وهڪرو ٻڌجي ويو آهي ۽ سال جا ٻارنهن ئي مهينا وهندو رهندو آهي. جڏهن مئي جي مهيني ۾ درياءُ جو نئون پاڻي ايندو

آهي تہ ماڻهو هتي ويهي تماشو ڏسندا آهن ۽ درياءَ جو ميرو پاڻي جڏهن زور سان وهندو آهي تہ ڏاڍا خوش ٿيندا آهن. ساڄي پاسي تي هڪ گهاٽ ٺهيل آهي. پاسي سان ٿلهن وڻن جون قطارون آهن، جن جي ڇانوَ ڏاڍي گهاٽي آهي. وڻن وارو رستو ساڄي پاسي ڏانهن لڙي ٿاٽي ڏانهن وڃي ٿو پر اسان کاٻي پاسي ڏانهن لڙي پراڻي ٽنڊي محمد خان ڏانهن وڃون ٿا جيڪو قلعي کان ڏيڍ ميل جي فاصلي تي آهي (هي اهو ٽنڊو محمد خان(3) نہ آهي جيڪو حيدرآباد کان 21 ميل پري آهي). هن ڳوٺ جي چوڌاري ڪوٽ نڪتل آهي جنهن کي موجوده دؤر ۾ ڪرم علي سائين جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. مذڪوره ڳوٺ کي اڃا تائين بہ ڦاٽڪ آهن، ٻاهرئين ڦاٽڪ جو اڌ هيٺ ڪِريو پيو آهي، جنهن سان گڏ رنگين ڪاشيءَ جون سرون ۽ ٻي نقش نگار بہ هيٺ ڪري خراب ٿي وئي آهي. انهيءَ کان سواءِ پٿينَ ۾ ٻيا بہ ڊزن کن ڦاٽڪ ناهيا وياَ آهن. ٻئي ڦاٽڪ تي هڪ تاڙو لڳل آهي جنهن کي اسان هن مقصد سان کڙڪايون ٿا تہ جيئن عورتون خبردار ٿي وڃن. اتي هڪ ڪراڙو ماڻهو بيٺو آهي جيڪو اعتراض ڪري رهيو آهي تہ جيئن اسان اندر داخل نہ ٿيون. اسان جي سمجهائڻ ۽ هڪ رپئي ڏيڻ تي هو راضي ٿي وڃي ٿو. اندر تمام گهڻي تبديلي اچي چڪي آهي. هتان جي خالي گهرن ۾ هاڻي شيدياڻين ماين اچي لڏو لاتو آهي، جتي ڪڏهن اسان جي فوج رهندي هئي. هتي هڪ Mess_house بہ هوندو هو جنهن سان گهڻيون يادگيريون وابستہ آهن. جيڪو اڃا تائين موجود آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جو بنياد ٽڪريءَ تي بيٺل آهي ۽ پٽ پڪسرائين آهي، پر ان جو آڳنڌ ماڻهن جو رهائشگاهہ بڻجي ويو آهي. اڳي هتي اهي ماڻهو رهندا هئا جيڪي قليليءَ ۾ ٻيڙين هلائڻ جا مقابلا ڪندا هئا. هن پاڙي ۾ هڪ اهڙو ماڻهو بہ رهندو هو جنهن جي نالي جو پهريون اکر "W" آهي، جيڪو اسان جي خوشين کي ڏسي سڙي ويندو هو. هتان کان ٿوريءَ وِٿيءَ تي هڪ گهر هوندو هو جيڪو ڊهي پيو ۽ منجهس رهندڙن ۾ هڪ منشي کي ڇپپاٽي وڃي پار پيو هو. چلهيون بہ رک سان اڌ پريل آهن. فرش تي ڪانڊيرن جي ساواڻ لڳي پئي آهي. هيءَ هڪ ننڍڙي ۽ سوڙهي جاءِ آهي پر دماغ ۾ هن جون يادون هڪ وسيع ايراضي والاريون بيٺيون آهن. هتي هڪڙو ماڻهو رهندو هو جنهن جي نالي جو پهريون اکر "T" آهي، جيڪو پنهنجي سهري ۽ سس سان اکيوٺ راند ڪندو هو. ان سان گڏ هتي اهو ماڻهو بہ رهندو هو جنهن جي نالي جو پهريون اکر "B" آهي، جنهن هڪ نوجوان کي ٿوري وقت لاءِ پوريو هو

۽ سندس گم ٿيڻ بابت پوليس کي اطلاع ڏنو هئائين. ان ڪان پوءِ پوليس ماستر ان ماڻهوءَ جي ڳولا لاءِ حڪم جاري ڪيو هو. يادگيري بہ هڪ عجيب شيءِ هوندي آهي جيڪا ماضيءَ جي اهم واقعن کي خوابن جي نفيس پردن ۾ لڪايو ويٺي هوندي آهي، اهڙيءَ ريت ننڍڙيون ۽ غير اهم مذهبي ڳالهيون بہ ياد رهجي وينديون آهن. ماضي واري پنهنجي شخصيت سان ملڻ بہ دکدائڪ ڳالهہ معلوم ٿيندي آهي، يعني ٽيهہ سال اڳ وارو مٿل ماڻهو.

الوداع! اي منهنجا پراڻا گهر، مان شايد هاڻي توکي وري ڪڏهن بہ ڏسي ڪونہ سگهندس، پر توکي وساري ڇڏڻ منهنجي وس جي ڳالهہ ڪانهي.

* * *

هاڻي اسان انهن قديم مقبرن ڏانهن هلي رهيا آهيون جيڪي اسان قلعي جي برج تي بيهي ڏٺا هئا. جتان ڪان اهي چمڪدار ۽ سفيد رنگ معلوم ٿي رهيا هئا. رستي ۾ هڪ ڊورو ڏسڻ ۾ ايندو جتي چاڙهہ جي موسم ۾ درياءَ جو پاڻي پهچي ويندو آهي جيڪو پاڻ سان لٽ کڻي ايندو آهي، ان ڪري اهو ڊورو هوريان هوريان مٽي ٿيندو پيو وڃي. اتي بيٺل پاڻي اُس ۽ هوا تي سڪي ويندو آهي. هتي اتر- اوڀر جي هوا لڳندي آهي، جنهن ڪري شهرين ۽ فوجي ڪئمپ کي خوشبو محسوس ٿيندي آهي. درياهہ جي چاڙهہ جي پاڻيءَ ڪري حيدرآباد جي اوسي پاسي پاڻي ڇاڇرجي بيهي ويندو آهي. اهڙيءَ ريت اڳئين سال جي چاڙهہ جو پاڻي اڃا تائين بيٺو آهي. گهوڙن کي پاڻي بہ انهن تلائن مان پياريو ويندو آهي. چوڌاري چڪڙ لڳي پئي هوندي آهي ۽ گپ جو رنگ پورو واڱڻائي هوندو آهي. قلعي جي اتر- اولهہ پاسي تي خطرناڪ تلاءَ آهن جن ڏانهن ڪير بہ ڪونہ ويندو آهي ۽ انهن جي چوڌاري ديواريون تعمير ڪيون ويون آهن. اها بہ اچرج جهڙي ڳالهہ ڪانہ هئي تہ سنڌ ۾ موجود گرجا گهر ٿوري ئي وقت اندر ماڻهن سان پرجي ويا هئا. ڪراچيءَ ۾ اٺ سوار فوج کي اجازت ڏني وئي هئي تہ ٿاپر واري وارڊ وايومنڊل کي گندو ڪن، ڇاڪاڻ تہ سرڪار کي ڪن ماڻهن کي قتل ڪرڻ جي ضرورت هئي. نئين جي شهر جا رهواسي دیندار ماڻهو هئا. حيدرآباد، سکر ۽ شڪارپور جي پرسان ڪني پاڻيءَ جون ڍنڍون ۽ تلاءَ موجود هئا. اهي جڻ ڪنهن جنگ جا آثار هئا. جيڪڏهن جنگ نہ بہ لڳي تہ بيماري تہ ضرور شروع ٿيندي. گندي

پاڻيءَ کي ٻاهر ڪڍڻ واسطي ڪيترا ئي اهم قدم کنيا ويا آهن پر اجا بہ گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي. حيدرآباد ۾ پڪين سرن سان تلاءَ ٺاهيا ويا آهن، جڏهن تہ ڪراچيءَ جي گندي پاڻيءَجي نيڪال کي چيني ڪاريءَ ڏانهن ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان کان سواءِ هڪ منصوبي مطابق سنڌوءَ مان تازي پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ واهہ کوٽايو ويندو.

هن وقت اسان هڪ مشهور ميدان مان گذري رهيا آهيون جنهن اندر ايتريون تبديليون ڪيون ويون آهن، جو اهو ميدان سڃاڻڻ جهڙو ئي ڪونہ رهيو آهي. هي اهو ميدان آهي جنهن کي آرٽيليري لائنس (Artillery Lines) چيو ويندو آهي، هتي ڪڏهن بليئرڊ روم بہ هوندو هو. هتي نہ مچي مارڪيٽ آهي، نہ وري اهو ڪوس گهر ڏسجي ٿو جتي سدائين ماڻهن جا ميلا لڳا پيا هوندا هئا. اهي ٻئي جڳهون حيدرآباد قلعي کان بہ وڌيڪ مضبوط هيون. اهو سامهون وارو گهر جان جئڪب جو آهي، جنهن تي هن پورا ويهہ هزار خرچ ڪيا آهن. هن اهو گهر هڪ راڳ بدلي ڏئي ڇڏيو آهي. سنڌس مرضي هئي تہ هو پنهنجي گهر جون مهاڙيون اوير ۽ اولهہ ڏانهن رکي، ان مقصد لاءِ هن گول منارا بہ ختم ڪري ڇڏيا آهن. هاڻي سنڌس خواهش آهي تہ هو پنهنجو گهر نظر ايندڙ قبرستان واري جڳهہ تي ٺاهيندو. ان کان سواءِ مسٽر گليسپي Gillespie ڪچي قلعي ۽ پڪي قلعي واري اونهي کوهہ کي سنوارڻ جو منصوبو جوڙيو آهي. سنڌس ٻيو منصوبو هڪ واهي کوٽي پڪي قلعي تي مٺي پاڻي پهچائڻ جو آهي ۽ سنڌس خواهش آهي هڪ وسيع جيل بہ تعمير ڪيو وڃي. سنڌس اهي سڀ منصوبا نوان آهن، جن تي اچرج ڪرڻ منع آهي. هاڻي اسان ڪلهوڙن ۽ ٽالپر حڪمرانن جي مقبرن وٽ بيٺا آهيون. هي اڏاوتون گنجي ٽڪر جي سلسلي جي اوير پاسي واقع آهن. هنن مقبرن ڏانهن نهارڻ سان معلوم ٿي وڃي ٿو تہ اتر واريون اڏاوتون قديم ۽ خوبصورت آهن، جڏهن تہ ڏکڻ وارا مقبرا ڪنهن پوئين دؤر سان تعلق رکن ٿا، جيڪي اڳين مقبرن جو هوبهو نقل آهن. اسان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي مقبري 1768ع کان شروعات ڪنداسون جيڪو فقيراڻي مزاج جو انسان هو. حيدرآباد شهر جو بنياد بہ هن حڪمران رکيو هو. تون جڏهن اندر داخل ٿيندين تہ ڏسندين قبرون پڳهيون پور لڳيون پيون آهن. قبر وارو ٿلهو Platform سفيد سنگ مرمر سان سينگاريل آهي، جنهن جي چوڌاري اڪيريل پٿر جا پاوا لڳل آهن، جن وسيلي چؤڪنڊ مقبرو ٺهيل آهي، جنهن جي مهاڙي اوير پاسي آهي.

مرڪز وارو قبو گهڻ ڪُنبائين ڏيڍي drum تي بيٺل آهي. تعمير جي هرهڪ ڪنڊ وٽ هڪ محراب ٺهيل آهي. ٻاهريون پاسو ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل هو پر گذريل چاليهن سالن کان هن اڏاوت جي مرمت ڪانه ڪئي وئي آهي. هاڻي ته ڪاشيءَ وارو ڪم ايترو ته بگڙي ناس ٿي ويو آهي، جو ان جي مرمت ڪرڻ به ممڪن نه آهي. مقبر جي اندرئين پاسي جئپور جو سنگ مرمر ڪتب آندو ويو آهي ۽ اهو ڪم به اتان جي ڪاريگرن ڪيو آهي. معلوم ٿي رهيو آهي ته انهن ڪاريگرن لاءِ اهو سخت پٿر جڻ ته ميڻ هو. هنن جي ڪاريگريءَ ۾ ڏاڍي نفاست ۽ نزاڪت نظر اچي رهي آهي، جنهن جو عام تاثر پٿر تي جافري اڪير جهڙو آهي. ديوارين تي مختلف قسم جون تحريرون آهن جن مان هڪ هيءَ به آهي:

غلام شاهه- دين، خسروئے- دنيا (4)

اهڙيءَ ريت ونگن تي به ڪيترن ئي قسمن جون لڪتون آهن جن مان هڪ هيءَ به آهي (جنهن جو سنڌي ترجمو هي ٿيندو).

"ساري دنيا جو بادشاهه غلام شاهه، جنهن جي آڏو آسمان ڌرتيءَ کي چمندو آهي."

ڇت وارو پاسو به ڏاڍو دلچسپ آهي. هن کان اوير پاسي نئين ۽ پراڻي قليليءَ جا وهڪرا موجود آهن جيڪي سڪين ستابن آستانن وٽان لنگهي اڳتي ويندا آهن. جيڪڏهن ڏينهن چٽو هوندو آهي ته هتان ڏُٻي وارو جنگي ميدان به چٽيءَ ريت ڏسي سگهبو آهي، جيڪو هتان کان چار ميل پري ۽ اوير طرف آهي. هتان کان اتر- اوير جي طرف تي گهاٽا وڻ آهن جنهن جي اوسي پاسي مياڻيءَ جو ميدان آهي. ڳوٺ پري کان عقيق وانگر چمڪي رهيا آهن، جڏهن ته وچ تي زمرد جهڙا ساوا نمر جا وڻ موجود ڏسجن ٿا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو علائقو زرخيز آهي. هتان کان ڏکڻ- اولهه تي حيدرآباد واقع آهي. هن شهر جي اسڪول جو منارو به ڳوٺاٽي گرجا گهر جي مناري جهڙو آهي. وڏو جيل به هن شهر جي حدن ۾ آهي. هن نئين حيدرآباد ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي نيون شيون موجود آهن، جڏهن ته پراڻي حيدرآباد سوڙهن ۽ اونداهن گهرن جو مچو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. شهر جي ويجهو خوبصورت باغ آهن. عارضي فوجي ڇانوڻي به مٿي بيان ڪيل جابلو سلسلي جي ڀڄاڙي وٽ قائم آهي. هن پاسي کان بيهي ڏسبو ته قلعو نهايت شاندار لڳندو جيڪو هڪ نگهبان وانگر شهر تي نظر رکي رهيو آهي، جنهن جا برج ۽ منارا به پري کان ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ميان

غلام شاهہ جي مقبري جي مجاور ٻڌايو تہ غلام شاهہ جي مقبري ڀرسان ذڪرڻ ۾ ميان غلام نبي جو مقبرو آهي، جيڪو ڇؤڪنڊو هئڻ بدران گهڻ ڪُنڊائون آهي. هي ڪلهوڙو حڪمران ميان غلام شاهہ(5) جو ڀاءُ هو جنهن جي مقبري جي تعمير جو واسطو 1785ع سان آهي پر سنڌ گزيٽيئر مان پتو پوي ٿو تہ اهو سرفراز ڪلهوڙي جو مقبرو آهي جيڪو غلام شاهہ جو پٽ هو. اسان هن مجاور سان خوبصورت مقبرن جي تباهيءَ تي همدردي ڪريون ٿا ۽ ساڻس واعدو ڪريون ٿا تہ حيدرآباد جي ڪليڪٽر کي چونداسون تہ هنن مقبرن جي مرمت لاءِ ڪجهہ ڪري. اسان هن کي ارڙهن پينس جو ربيو ڏنو هو پر ڪيس اها ڳڻتي ڪائي وئي هئي تہ مقبرن ۾ رهندڙ نيرن ڪبوترن(6) کي ڪهڙيءَ ريت بچائي سگهجي ٿو. انگريز فوجي جڏهن هيڏانهن ايندا آهن تہ هنن ڪبوترن کي پٿر هڻي اُڏائيندا آهن ۽ جڏهن مقبرن جي حدن مان پري ٿيندا آهن تہ انهن کي بندوق سان شڪار ڪندا آهن. اهڙي شڪار ۾ "ٿامي ائٽڪنس" گهٽو اڳتي آهي.

ڪلهوڙن جي مقبرن جي ذڪرڻ پاسي ٽالپرن جا مقبرا آهن، جيڪي ڪلهوڙن جي مقبرن جو هوبهو نقل آهن پر منجهن ڪاريگري سونهن ۽ سوڀيا تہ موجود ئي ڪانهي. هنن جڻ جعل سازي ڪئي آهي. ٻاهرينءَ اڏاوت مان ائين لڳندو اهي تہ اهي جڻ گهمڻ جهڙا بہ ڪونہ آهن. ائين سمجهہ ۾ ايندو تہ ٽالپر دؤر سنڌ جي فن ۽ ڪلا جي زوال جو زمانو هو. هن دؤر ۾ ڪاشيءَ جي سر بدران نيپي واري نقش و نگار ڏسجي ٿي ۽ مقبرن جي اڏاوت سائي توريءَ وانگر ڪجهہ اُڀي آهي جن ۾ بہ نيلون لڳل آهن. ڪاريگري بہ سستي ۽ نہ جهڙي آهي. مقبرن ۾ جئپور جو سنگ مرمر ڪٽب آندو ويو آهي، نقش و نگار هيري ۽ دِل جي طرز تي نظر ايندي آهي. اهڙي ريت ڪجهہ تحريرون بہ نظر اچن ٿيون. قَبر جي سيرانديءَ واري پاسي ڪان لڳل پٿر تي پڳ جهڙي چٽسالي آهي، ان ڪان سواءِ اُڪر جون ڏگهيون پٽيون آهن جن تي موتين جهڙي چٽسالي بہ ڏسجي ٿي.

هاڻي اسان رستو ڏئي نئين حيدرآباد مان گذري رهيا آهيون، جيڪا 1850ع ڪان پوءِ وجود ۾ آئي آهي. جيل ڪان پوءِ اوهان کي اسڪولن جون جڳهون نظر اينديون. گهڙيال ٽاور جي اڏاوت مان ئي اوهان کي محسوس ٿيندو تہ اهو پبلڪ انجنيئرنگ جو ڪم آهي. ان جي ڀرسان عيسائين جي پراٽيسٽنٽ فرقي جي ڪليسا آهي، جنهن جو گرجا گهر نلهن جي آثار تي تعمير ڪيو ويو آهي، جيڪو رستي جي ٻئي پاسي آهي. هي ادارو چرچ

مشن اسڪول هلائيندو آهي. ان جي پرئين پاسي رومن ڪئٿلڪ گرجا گهر آهي، جنهن جي اڏاوت گهر جهڙي آهي. هي ادارو بہ رومن ڪئٿلڪ مشن اسڪول هلائيندو آهي، جيڪو خانگي آهي. هنن تعليمي ادارن کان سواءِ هڪ هاءِ اسڪول بہ آهي جتي مئٽرڪ تائين تعليم ڏني وڃي ٿي، جنهن جو امتحان ممبئيءَ ۾ ڏنو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت هڪ نارمل اسڪول ۽ اينگلو ورنيڪيولر اسڪول پڻ آهن، جن جا بہ قسم آهن: جن مان هڪ ۾ سنڌي مسلمان ۽ ٻئي ۾ سنڌي هندو پڙهندا آهن. ساڳيءَ ريت ڇهہ ست ٻيا اسڪول بہ آهن. مون کي خوف آهي تہ تحريڪ جو پهريون اعلان سنڌ مان نہ ٿئي.

هر دؤر ۽ وقت کي پنهنجي پنهنجي شڪل هوندي آهي، ان ناتي پوليس بہ هر هنڌ حاضر هوندي آهي. هتي اسان کي شهر واري پوليس نظر اچي رهي آهي جن کي ساوا ڪپڙا ۽ مٿي سان پٽڪو ٻڌل آهي. آرمڊ پوليس کي خاڪي ڪپڙا آهن. هن کان سواءِ سيڪريٽ پوليس بہ ڪم ڪري رهي آهي. ان پوليس جا اڌ ڏڙن کن ملازم مقرر وقت تي بہ تبديل ٿي چُڪا آهن. هتي ٽپال رستو بہ موجود آهي جنهن سان پوسٽ آفيسون بہ جوڙيون ويون آهن. انهن عمارتن سان .گڏ اسان کي هڪ وڏي سول هاسپيٽل بہ ڏسجي ٿي ۽ سرڪاري عملدارن جي رهڻ لاءِ بہ جڳهون تعمير ڪيون ويون آهن. مسٽر جان بل، اوهان کي اهو بہ نظر ايندو تہ حيدرآباد جو نئون شهر يورپي فوج جي بئرڪس وقت پڇاڙيءَ کي پهچي ٿو جنهن جي ذڪر پاسي ”بلوچ لائينز“ آهي.

هن وقت فوجي سپاهي ڊرل ڪري رهيا آهن، تنهن ڪري اسان کي سنڌن انسپيڪشن ڪرڻ جو هڪ سونهري موقعو مليو آهي.فوج مان بلوچن کي ڪڍيو ويو آهي ۽ انهن جي جاءِ تي هاڻي پناڻ ۽ افغاني رکيا ويا آهن. حقيقت اها آهي تہ اُهي ماڻهو هاڻي ساڳيا ڪونہ رهيا آهن جيڪي اڳي هئا، ان ڪري فوجي اختيارن هنن کي ڪڍي ڇڏيو آهي. جيتري قدر اريگيولر فوج جو تعلق آهي تہ هن قسم جي فوجين کي پنجن سالن لاءِ نوڪريءَ ۾ رکيو ويو آهي. هن قسم جي فوج ۾ ائبيسينيا جا ماڻهو بہ موجود هئا، جن کي ترقي ڏئي ريگيولر فوج ۾ رکيو ويو آهي، جيڪي 27 ۽ 29_ بامبي نيٽو انفنٽري ۾ فوجي خدمتون ادا ڪري رهيا آهن. اڳي هنن کي مختصر عرصي لاءِ فوج ۾ رکيو ويندو هو پر هاڻي هنن کي ساري عمر لاءِ فوج ۾ داخل ڪيو ويو آهي. هن قسم جي فوجي

پابنديءَ سان پئسي جو گھٽو بچاءُ ٿي پوندو. پر مون کي ته هن ڳالھ ۾ شڪ آهي ته جڏهن هڪ فوجي پندرهن سالن جي خدمت کان پوءِ چار رپيا مهينو پينشن حاصل ڪرڻ لائق ٿي ويندو ته ڪيس پنهنجي ڳوٺ جي سڪ لڳي ويندي. ان کان سواءِ مشرقي ماڻهو پنهنجي مقصد سان سچا به هوندا آهن. تنهن ڪري اهي پنهنجي حياتيءَ جو سارو عرصو پاڻ کي نهوڙي ڇڏيندا آهن. ڪجھ وقت اڳ جنهن جابلو صحتمند ماڻهوءَ کي فوج ۾ ڀرتي ڪيو ويو هو تنهن کي اڄ ته ڪير به ڪونه ٿو سڃاڻي. پر جيڪڏهن ان کي مهيني ۾ ست رپيا پينشن ڏبي ته به هو فوجي نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته ان لاءِ ڪيس چاليھ سال نوڪري ڪرڻي پوندي. هن حقيقت تي به ويچار ڪرڻ گھرجي ته پندرهن ۽ چاليهن سالن جي نوڪريءَ ۾ پنجويهن سالن جو فرق آهي.

ڪرنل بيول سي. بي، بلوچ ريجيمنٽ نمبر هڪ جو ڪمانڊنگ آفيسر آهي، جيڪو منهنجو گھاٽو دوست پڻ آهي. هن مون کي ڏيهي فوجين جي پينشن ۾ وڌيڪ سهولت ڏي، انهن کي فوجي خدمت مان خارج ڪرڻ ۽ اپاهج فوجين لاءِ قائم ڪيل ڪميٽيءَ کي به برخواست ڪرڻ بابت گھٽي معلومات ڏني آهي جيڪا پنهنجو منصبي فرض سڃائيءَ سان سرانجام نه ڏئي رهي آهي. ان کان سواءِ هن ڪن غير معمولي فوجي جو به ذڪر ڪيو هو جن کي 1873ع وارين فوجي فهرستن ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

هي نهايت اهم موضوع آهي جنهن تي اسان کي ضرور سوچڻ گھرجي. اها حقيقت آهي جيڪا اسان کي مجبور ڪري رهي آهي ته اسان ان تي ضرور ڌيان ڏيون. ڇاڪاڻ ته ان جو تعلق ڏيهي فوجين کي خوش ڪرڻ سان آهي. اسان به چاهيون ٿا ته انهن فوجين جي بهادري ۽ قابليت ڏانهن ضرور توجھ هجڻ کپي. مون کي به اهڙين ڳالهين جو گھٽي عرصي کان وني تجربو آهي، جنهن ناتي مان يقين سان چئي سگھان ٿو ته مذڪوره پينشن جا اهي قانون اصولي طور بلڪل ناڪام آهن. ڏيهي فوجين کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏڻ ۽ اپاهج فوجين لاءِ ڪميٽيءَ جا ٺاهيل قانوني اصول به ڪنهن ڪم جا ڪونه آهن. منهنجو خيال آهي ته انهن ڳالهين بغض ۽ حسد جي همت افزائي ٿئي ٿي. انهي فوج جي هر رئنڪ ۾ بيچيني پيدا ٿئي ٿي. جڏهن فوج جو هڪ ماڻهو به بيچين ۽ ناراض هوندو آهي ته ساري ريجمينٽ جي ڪارڪردگي متاثر ٿيندي آهي.

خاص ڪري جڏهن فوجي وڏي عمر جو يا اپاهج هوندو آهي. اهڙي ريت مون کي پڪ آهي تہ اهل ۽ بهادر فوجيءَ کي تہ پري ٿي نہ ڪيو ويندو آهي.

مون واري ريجمينٽ ۾ جنهن ماڻهوءَ کي پنجن سالن لاءِ فوج ۾ ڀرتي ڪيو ويندو هو تہ ان عرصي گذرڻ تي جيڪڏهن اهو ماڻهو فوجي نوڪري ڇڏڻ چاهيندو هو تہ ڇڏي سگهندو هو. جيڪڏهن اهو ماڻهو پنج سال وڌيڪ فوجي نوڪري ڪرڻ پسند ڪندو هو تہ سندس اخلاق ۽ فوجي اهليت کي ضرور ڏٺو ويندو هو پر پوءِ بہ ڪمانڊنگ آفيسر جي مرضي هوندي هئي تہ ڪيس وڌيڪ عرصي لاءِ فوج ۾ رکي يا ان نوڪريءَ مان خارج ڪري. انهيءَ زماني ۾ فوجي کي نہ پينشن ملندي هئي نہ وري گريجوئيٽي ملندي هئي، نہ ئي وري انهيءَ زماني ۾ فوجي نوڪري گهٽي مشهور ۽ معروف هئي. اهڙيون حقيقتون اميدوارن جي ٿوري تعداد مان ئي معلوم ڪري سگهجن ٿيون. جڏهن تہ نوجوان فوجي نوڪريءَ لاءِ بلڪل تيار هوندا هئا. ساڳيءَ ريت فوجي ڀرتي لاءِ مقرر ڪيل پارٽيءَ جي ڪنهن کي خبرچار ڪانہ هوندي هئي. انهن حقيقتن کي مان هن ريت بہ بيان ڪري سگهان ٿو تہ فوجي نوڪري عام ماڻهن ۾ مشهور ۽ معروف ضرور هئي، پر ان ۾ تمام گهٽيون خاميون هيون. مثال طور هڪ فوجي کي پنجن سالن لاءِ فوج ۾ رکيو ويندو هو. جنهن جي نوڪريءَ جي عرصي جو اڌ تہ فوجي سکيا ۽ ڊرل ۾ گذري ويندو هو. نئين ڀرتيءَ جي جوانن جو تعداد گهٽو هوندو هو جيڪي ڊرل ۽ ٻي فوجي سکيا حاصل ڪندا هئا. پر اهي جنگي حالتن کي مُنهن ڏيڻ جهڙا ڪونہ هوندا هئا'.

ان زماني ۾ هڪ نمايان تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جو تعلق جنگ جي ميدان تي وڙهندڙ وفادار ۽ اهل فوجيءَ سان هو. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ جنگ جي ميدان تي بهادريءَ سان وڙهندڙ يونين جئڪ ۽ سرڪار سان وفادار فوج جو سرڪار وٽ ڪو مانُ مرتبو نہ هو. نہ وري سرڪار اهڙي ريجمينٽ کي عزت ۽ احترام ڏيڻ لاءِ تيار ئي هئي. منهنجو هيءُ اشارو پينشن جي قانوني اصولن ڏانهن آهي، جيڪا اهڙن پهرين فوجين کي ضرور ملڻ کپي جيڪي ان رعايت جي لائق آهن. منهنجو اهو نقطہ نظر آهي تہ بهادر ۽ ذهين فوجين کي انعام بہ ان دوران ڏنو وڃي ۽ سرڪار کي گهرجي تہ اهڙن فوجين سان وڌيڪ فوجي نوڪري جو معاهدو ڪري. مان هن ڳالهہ تي بہ زور ڏئي رهيو آهيان تہ اهڙي فوجي ريجمينٽ کي بہ پينشن جي قانون جو بہ بروقت فائدو ملڻ گهرجي. پر مان هن ڳالهہ

جي بلڪل خلاف آهيان، اهڙن فوجين کي ساري عمر لاءِ فوجي خدمت سرانجام ڪرڻ لاءِ مجبور نہ ڪجي. منهنجو خيال آهي تہ جيڪڏهن انهن کي اهڙي معاهدي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪبو تہ اهي ناراض ٿي پوندا ۽ ناراض جوان ڪڏهن بهترين فوجي خدمت سرانجام ڏئي نہ سگهندو آهي.

انهيءَ زماني ۾ صحتمند طريقہءِ ڪار کي متعارف ڪرائڻ ڏاڍو ڏکيو بہ هوندو هو. جيڪڏهن ڪا تبديلي آڻي پوندي هئي تہ اها بہ قاعدي ۽ قانون مطابق هوندي هئي. مذڪوره نقطہءِ نظر کان انهن فوجين کي آگاهہ ڪيو ويو هو جيڪي مقرر مدت گذرڻ کان پوءِ فوجي خدمتن کان بيدخل ٿيڻا هئا، تہ جيڪڏهن هو پينشن وٺندا تہ ضرورت وقت ساري عمر تائين فوجي خدمتون سرانجام ڪرڻ لاءِ بڌل رهندا. ان وقت ريجمينٽ ۾ 400 اهڙا فوجي موجود هئا جيڪي بهادر ۽ لائق هئا، جن سرڪار جي پهرين آڇ قبول ڪئي هئي. ڪين گهٽو ئي سمجهايو ويو هو تہ پينشن وٺڻ ۾ سندن وڏي واهر ڪري سگهجي ٿي، پر هنن سرڪار جي اهڙي صلاح قبول ڪانہ ڪئي هئي. منهنجو هميشه اهو اصول رهيو آهي تہ بهترين فوجي سپاهي معنيٰ بهترين ملڪ هوندو آهي ۽ مان ائين ڏسڻ جو خواهان رهيو آهيان. ان ڪري منهنجي ۽ منهنجن فوجي دوستن جي مرضي هئي تہ انهن فوجين کي ريجمينٽ ۾ ضرور رکيو وڃي. جيڪڏهن ائين ٿيو تہ مان سمجهندس تہ اها منهنجي نقطہءِ نظر جي فتح آهي. مون اعليٰ فوجي عملدارن جي حڪمن جي تعميل تہ ضرور ڪئي هئي پر ائين ٿيڻ سان منهنجي دل پڇي پئي هئي.

مان انهيءَ زماني ۾ هڪ جوان فوجي سپاهي هئس. پر مون تي ذميواري وڏي رکي وئي هئي. ڪمانڊ جا فرائض مون کي سرانجام ڏيڻا پوندا هئا. ان ناتي مان هڪ اهم حقيقت کان واقف ٿي چڪو هئس، جنهن جو واسطو پينشن سان هو. جيڪا فوجي ماڻهوءَ لاءِ وڏتڻ ۾ وڏي مددگار ثابت ٿي سگهي پئي. پر ان وقت فوجي تعداد گهٽجي ويو هو. ان ڪري فوجي ٽولين کي پرتيءَ لاءِ موڪليو ويو هو. جن کين پينشن جي سرڪاري سهولتن کان بہ آگاهہ ڪيو پر اميدوارن هنن سهولتن ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏريو هو. مون کي ڏهن ٻارهن سالن جو وڏيڪ فوجي تجربو آهي جنهن جي آڌار تي مان پينشن جي قانوني اصولن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهان ٿو. ان کان سواءِ اها بہ خبر آهي تہ اپاهج فوجين جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ ڪميٽي ڪهڙي طريقي سان ڪم ڪري رهي

آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهي سڀ ڳالهيون سرڪار جي فائدي وٽان آهن. مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي تہ مان ڇهہ سال اڳ پنهنجي راءِ جو هن ريت اظهار ڪيو هو تہ ساري عمر لاءِ فوجي ڀرتي منهنجي ريجمينٽ جي تباهي آهي. ان کان سواءِ مان هن ڳالهہ جو بہ طرفدار هئس تہ ڏيهي ماڻهوءَ کي فوج ۾ ڀرتي نہ ڪيو وڃي. مان پنهنجي هن نقطءِ نظر جو حامي بہ رهيو آهيان. هن ڳالهہ تي بہ ڳڻت ٻڌي بيهي رهيو آهيان تہ فوجي ڀرتيءَ ۽ بين ڳالهين ۾ سڌارا آندا وڃن.

مان هتي هڪ مسئلي جي حل لاءِ بہ گذارش ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن کي فوجي ڀرتيءَ جو گڏيل اصلي طريقو سڏي سگهجي ٿو. پر ان ۾ پينشن يا گريجوئٽي جو قانون موجود هجڻ گهرجي. اهڙي قسم جي جوڙجڪ هيٺ بيان ڪجي ٿي:

سيني ماڻهن کي ڏهن سالن لاءِ فوج ۾ ڀرتي ڪيو وڃي. ان مقرر مدت جي گذرڻ کان پوءِ جيڪڏهن فوجي بهادر ۽ لياقت وارو آهي تہ کانئس پڇيو وڃي تہ هو پنج سال وڌيڪ فوجي ملازمت ڪري سگهي ٿو يا نہ. جيڪڏهن هو ها ڪري تہ کيس وڌيڪ پنج سال عرصي لاءِ فوج ۾ رکيو وڃي. پر جيڪڏهن هڪ اهڙي خدمت نٿو سرانجام ڪرڻ چاهي تہ کيس ڇهن مهينن جي گريجوئٽي ڏني وڃي. اهڙيءَ ريت پندرهن سالن جي گذرڻ کان پوءِ جيڪڏهن هو چاهيندو تہ ٻارنهن مهينن لاءِ کيس فوجي ملازمت ۾ رکيو ويندو. انهن ٻارهن مهينن لاءِ کيس پگهار يا گريجوئٽي ادا ڪئي وڃي. جيڪڏهن ڪمانڊنٽ ۽ ميڊيڪل آفيسر ڪنهن فوجي کي صحت جي بنياد تي فوجي نوڪريءَ لاءِ نااهل سمجهندو تہ ان کي 3/5 پينشن ڏني وڃي. ويهن سالن جي فوجي خدمت ڏيڻ کان پوءِ اهڙي فوجي کي ارڙهن مهينن جي پگهار گريجوئٽي طور ملڻ گهرجي. پر جيڪڏهن هو صحتمند نہ آهي تہ کيس پينشن 4/5 ڏني وڃي.

پر جيڪڏهن ڪو فوجي پنجويهہ سال نوڪري ڪري ٿو تہ ان کي پوري پينشن ملڻ کپي ۽ اهو نہ ڏٺو وڃي تہ هو بيمار آهي يا صحتمند آهي.

منهنجي مرضي آهي تہ اپاهج فوجين لاءِ مقرر ڪيل ڪميٽيءَ جي خدمتن کي ختم ڪيو وڃي، جنهن جو تعلق اپاهج فوجين جي ڀلائيءَ واري ڪم سان آهي. مان سمجهان ٿو تہ اهڙيون ڳالهيون فوجين جي لياقت تي منفي اثر وجهن ٿيون. ان لاءِ مان هيءَ رٿ پيش ڪري رهيو آهيان تہ هن ڪم لاءِ ڪمانڊنٽ ۽ ڊاڪٽر کي ذميواريون ڏنيون وڃن، تہ اهي پنهنجو مؤقف ٻڌائين تہ ريجمينٽ اڳتي ڇرير ڪرڻ جي لائق آهي يا

نہ. ليڪن مان پوري يقين سان چئي سگهان ٿو تہ موجوده دؤر ۾ اهڙو اصول تہ موجود ئي نہ آهي.

اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ اسان جي ڏيهي فوج ۾ ڏهہ يا ٻارهن سيڪڙو فوجي ائبسينيا جي ماڻهن جهڙا مضبوط ۽ سگهارا ڪونہ آهن جو هر قسم جي فوجي خدمت سرانجام ڏئي سگهن. تي سگهي ٿو تہ مون هي تناسب غلط نموني سان بيان ڪيو هجي، پر هن معاملي ۾ منهنجي ڇاڻ گهٽ آهي. تنهن ڪري مان اها ڳالهہ يقين سان چئي نٿو سگهان تہ اسان جي فوج ۾ موجود ائبسينيائي بهادر ماڻهن سان هتان جا ڏيهي فوجي ڪيترو سيڪڙو هڪجهڙائي رکن ٿا. مان هاڻي هن ڳالهہ جو خواهشمند آهيان تہ فوج جي نظام اندر موجود اوڻاين جو ڪهڙي طريقي سان صحيح قسم جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. ان ڪان اهڙن اصولن جي بہ ڇاڻ ۽ تجربو هئڻ لازمي آهي، جنهن کي فوجين جي ڀلائيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ استعمال ڪري سگهجي. مان اهڙن ماڻهن تي پورو پروسو ڪري سگهان ٿو جيڪي ڏيهي فوجين جي معاملي تي قلم کڻن ۽ ان معاملي وڏي دلچسپيءَ سان مناسب مشورا قلمبند ڪن.

مان جيڪڏهن غلط نہ آهيان تہ هي ضرور چوندس تہ انگريز جي فوج ۾ ڪيترن ڏيهي ماڻهن نوڪري ڪئي آهي، جن مان سڀ کان وڏيڪ پراڻو پنجاب اريگيولر فورس آهي، جنهن انگريز سرڪار جون نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو اهو ادارو ان ڏيهي فوج لاءِ هڪ اهم معلومات ڏئي سگهي ٿو جنهن کي ساري عمر واسطي فوجي خدمت لاءِ ڀرتي ڪيو ويو آهي. مون کي اُميد آهي تہ جن ماڻهن کي اهڙي وسيع معلومات آهي سي اسان جي رهنمائيءَ لاءِ ضرور اڳتي ايندا.

هن وقت ان سرڪار لاءِ ڏيهي فوج جو راضپو ۽ اهليت نهايت اهم معاملو آهي جنهن جا اسان پاڻ بہ ملازم آهيون. ۽ سرڪار جي انتظام جو معاملو بہ اهڙين ڳالهين تي آهي. منهنجو اندازو آهي تہ هندستان ۾ تعليم جي ترقي جيئن وڌندي وينديِ، تيئن فوج تي خرچ گهٽ ٿيندو ويندو. يورپي فوجين تي تہ تمام گهڻو خرچ اچي رهيو آهي، جيڪو پڻ گهٽجي سگهي ٿو. اهڙي خرچ جو گهٽجڻ بہ نهايت ضروري آهي ۽ اهو ڏيهي فوج تي ايندڙ خرچ کان تمام گهڻو آهي. جڏهن ڏيهي ماڻهو فوجي معاملن ۾ ماهر ٿي ويندا تہ اهي ساڳيون ذميواري هي ماڻهو پاڻ نڀاهي سگهندا جيڪي هاڻي گوري فوج سنڀالي رهي آهي، جنهن جو مون کي پورو پروسو آهي.

جڏهن ڏيهي فوج فوجي معاملن ۾ ماهر ٿي ويندي ته اها به چاهيندي ته جيڪر سدائين جنگي ميدان ۾ هجون، چاڪاڻ ته اهي هن قسم جي پراڻي نوڪريءَ جا صفا عاشق ٿي ويندا. مون کي يقين آهي ته گهڻا ڏيهي ماڻهو اڄ به اهڙا آهن جنهن جي لونءَ لونءَ ۾ فوجي نوڪري پيهي پڪي ٿي وئي آهي. اهڙا فوجي سرڪار جي وڏي واهر ڪري سگهن ٿا ۽ هن موضوع تي گهڻو سوچي ويچاري سگهن ٿا.

هندستان اندر ڏيهي ۽ يورپي فوج کي گڏائي رکيو ويو آهي. اهڙي گڏيل فوج جي جوڙجڪ ڏاڍي ڪامياب ثابت ٿي آهي ۽ اهو ڪم فوج جي ٽورن سان ٿيو آهي. اهڙو فوجي ادارو سپنيءَ کي گڏجي ڪم ڪرڻ جي نينڍ ڏيندو آهي ۽ ائين فقط فوج جي هدايتن سان ٿيندو آهي. منهنجي خواهش آهي ته اهڙي قسم جي نينڍ يا دعوت ڪليءَ دل سان ڏني وڃي. ائين ڪرڻ سان فوج اندر هڪ اُمنگ ۽ اتساهه پيدا ٿي پوندو. اهڙو اتساهه اڳي ته موجود هوندو هو جيڪو ڪجهه وقت ٿيندو جو ختم ٿي ويو آهي. مون کي معلوم ٿي رهيو آهي ته ڏيهي فوج جو مستقبل روشن آهي، ان لاءِ ڪوشش ڪرڻي پوندي، جيئن اها نوڪري راز ۽ خوشيءَ واري بڻجي وڃي ۽ منجهس ڪنهن به قسم جو زور زبردستي ڪم نه آندي وڃي. ٻي ڳالهه ته ان ۾ نظم ۽ ضبط قائم ڪيو وڃي، لياقت پيدا ڪرڻ جا موقعا ڏنا وڃن، جديد طريقي سان هٿياربند ڪيو وڃي. اهڙين ڳالهين کان پوءِ فوجي نوڪري شاندار ٿي سگهي ٿي.

مسٽر جان بُل، اوهان هن ڳالهه جو ضرور مشاهدو ڪريو ته منهنجو دوست ڪرنل بيول ڊگهي ۽ ٿوري عرصي واري فوجي نوڪري تي معتدل طريقي سان سوچي ويچاري رهيو آهي پر پوئين طرز واري فوجي نوڪري يورپ کنڊ ۾ به مقبول عام ٿي رهي آهي. جتي قومي فوج کي وڏيڪ اهميت ڏني پئي وڃي. جيڪڏهن ڪنهن به فوجيءَ کي ٽن سالن لاءِ تعليم ۽ فوجي سکيا ڏني پروشيا جي فوج جهڙو ماهر بڻائي سگهجي ٿو ته اهو نقل نه پر کلڻ جهڙو خاڪو (Caricature) ٿي پوندو.

1848ع کان اڳ آسٽريا جي فوج جيڪڏهن يورپ جي تمام سٺي نه، ته به پر بهتر ضرور هئي. پر ٽن سالن جي نوڪريءَ ان کي ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏيو آهي.

حوالا:

(1) مري پنهنجي تصنيف جي ص ـ483 تي غلط حقيقت بيان ڪئي آهي جيڪو چوي ٿو تہ نيرون ڪوٽ معنيٰ پاڻي وارو ڪوٽ water_fort آهي.

(2) منهنجي تصنيف جي پهرئين ڇاپي ۾ اها حقيقت تحرير ڪئي وئي آهي جيڪا مُري پنهنجي ڪتاب جي ص-484 تي بيان ڪئي آهي ۽ جنهن کي هر هڪ ڏند ڪٿائي شخصيت تصور ڪري ٿو.

(3) هن ماڳ کي ٽنڊي محمد خان نالي واري ماڳ سان گڏائي وچڙائي منجهائڻ نہ گهرجي. ٽنڊو محمد خان تہ حيدرآباد جي ڏکڻ ـ اوڀر طرف ايڪيهہ ميل پري آهي.

(4) معنيٰ دين جي بادشاهہ جو غلام ۽ پنهنجي دور جو خسرو.

(5) گزيٽيئر هن کي سرفراز پٽ غلام شاهہ ڪلهوڙي ڏانهن منسوب ڪري ٿو.

(6) سنڌ ۽ هند جو نيري رنگ وارو عام ڪبوتر.

باب چوڏهون

# سنڌ جو سنڌو درياءُ، سنڌين جو تصور غلط آهي تہ اهو سخي درياءُ آهي

اسان هفتو يا ڪجهہ گهٽ وڌ ڏينهن حيدرآباد ۾ گذاريا آهن ۽ مون ان سفر تي هلڻ لاءِ اوهان جي ذهن کي تيار ڪيو آهي جنهن لاءِ پنهنجي دل ۾ منصوبا ٺٽائي رهيو آهيان. مان هن وقت بہ تي لفظ هتان جي ماڻهن جي نسلن بابت ڳالهائڻ چاهيان ٿو. سنڌ جي صفا اولاهين حد هندستان جي اولاهين حد سمجهڻ گهرجي، جتان جا ماڻهو مسلمان ۽ هندو آهن. آدمشماري جي لحاظ کان مسلمان، هندن کان پنجوڻ تي آهن، جن مان گهڻن جو ڌنڌو وڻج واپار آهي.
هيءَ حقيقت مان اوهان کي اڳ بہ ٻڌائي آيو آهيان تہ عربن جي حملي (12ـ711ع) کان اڳ سنڌ، افغانستان ۽ ملتان يا ان کان اتر جا ماڻهو هندو هئا. امڪان اهو آهي تہ انهن ملڪن جا راجپوت هندو گهراڻا مسلمان موحدن جي ظلمن کان بچڻ لاءِ پڇي جيسلمير ۽ پر وارن ملڪن ڏانهن هليا ويا هئا، جتان جو سرڪاري مذهب اڄ تائين هندو ڌرم آهي. سنڌ ۾ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ پنجاب جا ماڻهو بہ اچي آباد ٿيا آهن. جيڪي سنڌين سان ملي جلي هڪ ٿي ويا آهن. سنڌن لباس ٻولي ۽ رسمن رواجن ۾ بہ ڪنهن قسم جو فرق موجود ڪونهي. اهڙيءَ ريت هندن جي پنڊتن کان بہ سنڌن اصليت وسري وئي آهي. هڪ سياح جي لکيل روايتن مطابق ارڙهين صديءَ ۾ سنڌ جا سنڌي مسلمان هندن کان ڏهوڻ تي وڌيڪ هئا. پر يهودين وانگر هندو بہ مسلمانن لاءِ ڪُک جو ڪنڊو ٻڻيل هئا. ان دؤر ۾ سنڌ جا حڪمران بہ مسلمان هئا جن سنڌ جي هندن کي جلاوطن ڪرڻ لاءِ ڪيترائي طريقا اختيار ڪيا هئا، جن ۾ ڏاڍايون ۽ بي انصافيون بہ

شامل هيون. مثال طور ايران جي مسلمانن ۾ اهو تاثر قائم ڪيو ويو هو تہ يهودي مسلمانن جي ٻارن کي ڪهي قرباني ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح جڏهن ڪو ٻار گم ٿي ويندو هو تہ يهودين خلاف دانهون شروع ٿي وينديون هيون تہ هنن اهو ٻار قرباني ڪرڻ لاءِ اغوا ڪيو آهي، تنهن ڪري مسلمانن کي يهودين تي ظلم ڪرڻ لاءِ هڪ سٺو سبب ملي ويندو هو. ان کان پوءِ يهودين جا گهر ساڙڻ شروع ٿي ويندا هئا. اهڙيءَ ريت عام ماڻهو هنن کي ڦرڻ لٽڻ جو موقعو ڪونہ وڃائيندا هئا. هنن جي شاهدين کي ڪک جيتري بہ حيثيت ڪانہ هوندي هئي. ڪوبہ قاضي منصف هنن جي دردن جي دانهن ٻڌڻ وارو ڪونہ هو. تنهن ڪري مسلمان جج فيصلو اهڙو ڪندا هئا جو مجرم جو پتو پئجي ڪونہ سگهندو هو ۽ انهن فيصلن جو نتيجو اهو نڪرندو هو جو چور ڌاڙيل ۽ قاتل مؤمن ۽ غازي هجڻ جا سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري وٺندا هئا. جيڪڏهن قسمت سان غير مسلمان جو پير مسجد ۾ پوندو هو تہ سندس امن امان سان پوئتي موٽڻ مسلمان لاءِ مهڻو ٿي پوندو هو. هن جي مائٽن کي تہ ساٿس ملڻ جو ڪو آسرو ڪونہ هوندو هو.

سنڌ ۾ بہ هندن لاءِ ساڳيائي ڪات کهاڙا کنيا ويا هئا. هنن سنڌين کي سنڌ مان جلاوطن ڪرڻ لاءِ ڪافر هجڻ جو ڪارڻ ٻڌايو ويندو هو. جيڪڏهن سنڌ ۾ انگريزن جي حڪمراني قائم نہ ٿئي ها تہ هن سنڌي طبقي جو جڙ ٻچو سلامت ڪونہ رهي ها.

ٽالپر سنڌ جا آخري حڪمران هئا. سندن اصلي ڌرتي بلوچستان هئي، جيڪي پيٽ گذر لاءِ بلوچستان جي جابلو علائقن تان هيٺ لهي اچي سنڌ جي ميداني علائقن ۾ آباد ٿيا هئا. پهريائين هو ڪلهوڙن جا اچي مريد ٿيا، پوءِ ڪانئن جاگيرون وٺي پير ڪوڙي ورتا هئائون. بعد ۾ کين قتل ڪري تاج ۽ تخت بہ کسي ورتوهئائون. بنيادي طور هي ماڻهو جابلو هئا. سنڌو ماٿري ۾ رهڻ ڪري سندن ڏاڍ ڏمر واريون تيز تراريون تہ مڏيون ٿي ويون هيون پر پوءِ بہ اڻ پڙهيل جاهل، وهمن وسوڙل رهيا. ان کان سواءِ ظلم ۽ ڏاڍ بہ سندن مزاج مان ڪڏهن بہ ٻاهر ڪونہ ويو هو. ٽالپر حڪمرانن جو پويون نسل بہ اڳين ٽالپرن جهڙو هو ۽ هو پنهنجي خراب ٿيل گهڙي ٺهڻ لاءِ هندو ڪاريگر کي ڪونہ ڏيندا هئا تہ متان هندوءَ ڪافر جي ناپاڪ هٿن لڳڻ ڪري سندن پاڪ گهڙي پليد ٿي پوي ۽ سندن پائڻ جوڳي نہ رهي.

عربن جو هي سياسي اصطلاح مهذب ۽ وڌيڪ. پر مشرق ۾ ڪجهه گهٽ. اثر انداز ڏسجي ٿو تہ "حڪمران جو مذهب عام ماڻهن تي گهڻو اثر انداز ٿيندو آهي." ان ڪري هتان جي ماڻهن جڏهن ڏٺو تہ ملڪ جو حڪمران هندن ڪافرن جي ڪانبو ٻڏي ڪڍ لڳي پيو آهي تہ هو بہ هندن جي پاڙ پٽڻ لاءِ ڪٽو ۽ ڳريو ڪٽي الله کي سنياليي ٻاهر نڪري پيا هئا. وايومنڊل ڏاڍو ڳنڀير ٿي ويو هو. ڪوبہ هندو تنڊي الهيار(1) جي نالي ونڻ جي جرئت ڪري ڪونہ سگهندا هئا. چاڪاڻ تہ ان ڳوٺ جي نالي تي الله جو پاڪ نالو موجود هو. هو ان ڪاغذ کي بہ هٿ لائي ڪونہ سگهندو هو جنهن تي عربي ٻولي لکيل هوندي هئي. چاڪاڻ تہ اها تحرير قرآن شريف جي تحرير جهڙي هئي. مان سمجهان ٿو تہ اهي مسلمانن جي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب کي هٿ لائي بہ ڪونہ سگهندا هئا. چاڪاڻ تہ اها لِپي بہ عربي لکت جهڙي هئي. جيڪڏهن مسلمان ڪيس ائين ڪندي ڏسندو هو تہ ان کي زبردستي طهرائي مسلمان ڪيو ويندو هو. چاڪاڻ تہ ان تي بسم الله شريف لکيل هوندي هئي. جيڪڏهن بہ مسلمان هي شاهدي ڏيندا هئا تہ جمعي ڏينهن ڪڪڙن جي ويڙهہ دوران فلاڻي هندوءَ محمد فضل مسلمان کي سندس نالو وٺي سڏ ڪيو هو تہ پوءِ ممڻ مچي ويندو هو ۽ اهڙي هندو کي مسلمان ڪرڻ ۾ دير ڪانہ ڪئي ويندي هئي. پر هندو مسلمان کي اهو بہ چئي ڪونہ سگهندو هو تہ "مان توسان گڏجي هلندس، چاڪاڻ تہ مسلمان سان گڏجي هلڻ کي بہ مسلمان ٿيڻ سمجهيو ويندو هو. تنهن ڪري اهڙي هندو کي بہ مسلمان ڪيو ويندو هو. جيڪڏهن هندو ڪو ڏوهہ ڪندو هو تہ سزا طور سندس طهر ڪرايو ويندو هو. هڪ واڻئي ڊاڪٽر برنس جي محافظ تي چوري ڪرڻ جو ڪوڙو الزام هنيو هو. اهو ٻڏي وقت جي حڪمران قاضيءَ کي حڪم ڪيو تہ ان واڻئي جو طهر ڪرائي کيس مسلمان ڪيو وڃي. انهن ڏينهن ۾ واڻئي کي مسلمان اڪ چنيءِ ۾ ڪيو ويندو هو. جڏهن ڪنهن واڻئي کي مسلمان ڪيو ويندو هو تہ کيس قاضيءَ آڏو پيش ڪيو ويندو هو تہ پهريائين سندس ڪپڙا تبديل ڪيا ويندا هئا. پوءِ کيس وضو سارڻ جو چيو ويندو هو. ان وقت ڪي رؤنشي ڪوڏيا مسلمان گڏ ٿي ويندا هئا ۽ کيس ڪرسي تي ويهاري مسجد ڏانهن ڪٽي ويندا هئا. ان ڪان ڪپوءِ هن جي توبه لاءِ دعائون گهريون وينديون ۽ هو ٿي پيرا چوندو هو تہ هو مسلمان ٿي چڪو آهي. اهڙين رسمن جي ادائگيءَ ڪان پوءِ طهر ڪرڻ جو وارو ايندو هو ۽ نالي جي

تبديلي ان مرحلي جي گذرڻ کان پوءِ ايندي هئي ۽ ڪن پل ۾ پڳوان داس، عبدالله بڻجي ويندو هو. سڀ کان آخر ۾ دعوت ۽ تبليغ جو وارو هوندو هو. جنهن ۾ ڪائڻ کان پوءِ اسلام جي فضيلتن جو بيان ٿيندو هو.

هڪ ڪافر مان ڦري مسلمان ٿيڻ ڪي وڏي ڳالهه سمجهيو ويندو هو. اسلام ۾ ٻين مذهبن جيان نئين مسلمان ڪي وڏي عزت هوندي آهي، پر پراڻا مسلمان هن تي ڪنهن به قسم جو اعتماد ڪونه ڪندا هئا ۽ ڪانئس نفرت ڪندا هئا.

سنڌ ۾ رواج آهي تہ هندوءَ کي مسلمان ڪرڻ کان پوءِ ڪيس شيخ سڏيو ويندو آهي. ان جي عزت آبرو به گهٽ ڪئي ويندي هئي. هو شادي به ان ئي ذات مان ڪندو آهي. هن جي خوشحال ٿيڻ جا موقعا به گهٽ هوندا آهن. مسلمان سدائين هن کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ هو سچو مسلمان ڪونہ ٿيندو ۽ اندروني طور پنهنجي اباڻي مذهب سان تعلق رکي ٿو. اهڙيءَ صورتحال ۾ هي سنڌي ماڻهو پنهنجي ضمير جي بچاءَ خاطر يا ناراض ٿي پنهنجا صدين جا اباڻا اجها ڇڏي وڃي ٻيا واري ملڪ ۾ آباد ٿيندا هئا، جتي ڪين ڪنهن به قسم جو ڊپ ڊاءَ ڪونہ هوندو هو. ڪڏهن وري ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪو غير مسلمان حڪمران اچي سنڌ مٿان قبضو ڪري، تہ اهي زوريءَ مسلمان ٿيل سنڌي وري پنهنجو اصلي مذهب قبول ڪري وٺندا هئا. جڏهن اسان سنڌ ۾ پنهنجي حڪمراني جي شروعات ڪئي تہ هتان جا بلوچ حڪمران هڪ سنڌي طبقي کي زوريءَ مسلمان ڪري رهيا هئا. جن شهرن ۾ هندو ٿورا هئا، اتي انهن کي ڏاڍي سولائيءَ سان مسلمان ڪيو ويو هو. ٽالپر حڪمراني جي ختم ٿيڻ کان پوءِ هنن هندو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ان ناتي برهمڻن کي وڏيون رقمون ادا ڪيون هئائون، جن ڪين هن شرط سان هندو ٿيڻ قبول ڪيو هو تہ هو گنگا سنان ڪري اچن، ائين ڪرڻ سان سندن مسلمانيءَ وارو ڇاپ لهي ويندو. پر اهڙي ڳالهہ هميشه لاءِ قابل قبول ڪانہ هئي. ڪيترن علائقن ۾ مسلمان ٿي وري هندو ٿيڻ کان پوءِ ڪن کي تہ رهڻ لاءِ جڳهہ ڪانہ ملي هئي. ڇاڪاڻ تہ هنن مسلمان ٿيڻ سان ڳئون ماتا جو گوشت کاڌو هو ان ڪانسواءِ مسلمان جي ٿانون ۾ کاڌو پيتو هو جيڪي پليد هئا. ان ڪري اهڙو ماڻهو پنهنجي گهر ڀاتين ۾ هڪ ناپاڪ ماڻهو طور الڳ رهندو آيو هو. جنهن کي هٿ سان ڇهڻ وڏو پاپ سمجهيو ويندو هو. سندس گهر واري هن جي پرسان ڪانہ ايندي

هئي، هن جا ٻارڙا بہ ڪانئس پري ڀڄندا هئا. اهڙي ماڻهوءَ ويچاري جي ساري زندگي ڏکن ڏاکڙن ۾ گذري ويندي هئي.

هندوءَ کي مسلمان ڪرڻ وارو عمل هندوءَ لاءِ ڪاري قيامر هوندو هو. ان ڪان پوءِ سندس مرضي هوندي هئي تہ مسلماني ڇڏي ڪو ٻيو مذهب وڃي اختيار ڪري.

جڏهن هن لاءِ ڪيڏانهن نڪري وڃڻ جا موقعا نہ هوندا هئا تہ هو مليڇن (مسلمان) سان گڏ رهڻ ۾ ڏاڍو خوش هوندو هو. جمعو تہ مسلمانن لاءِ هوندو هو پر آچر سئنٽ بارٿولوميو (Bartholo mew) لاءِ مخصوص هوندو هو. سنڌ ۾ ڪي ورلي اهڙا شهر هوندا هئا جو هندو ٻنا فڪر جي گهر ڇڏي ڪيڏانهن هليا وڃن، پر خاص ڪري خميس جي شام ڪان وٺي ڇنڇر جي صبح تائين ائين ڪري ڪونہ سگهندا هئا.

هن مظلوم طبقي ڏاڍو سور ۽ سختيون سَٺيون هيون. هتان جي حڪمرانن جي هٿن ۾ تکيون تلوارون هونديون هيون. هندو وري اهو ڏاڍ ڏمر مسڪين مسلمانن کي ڦري لٽي پورو ڪندا هئا، جيڪي وري پاٽيرا سيٺيا هوندا هئا، اهي ٻين جاگيردارن کي پاڻ ۾ ويڙهائي اڳيون پويون ڪسرون ڪيڍي ڇڏيندا هئا. سندن ٻيو طريقو اهو هوندو هو تہ ملڪ جي وڏن ڪامورن کي وڏيون رشوتون ڏئي پنهنجو ناجائز ڪمر بہ ڪڍي ويندا هئا. هي هندو واپاري پنهنجي ڪيڏ ڪيڏڻ بہ چالاڪ هئا ۽ سنڌ جي حڪمرانن کي ٻہ وارن دوست ملڪن سان ويڙهائي رکندا هئا. ڪين نفرت لائق سمجهي ڪانئن ڪراهت ڪئي ويندي هئي، جيڪي پنهنجي ٻَر ۾ ڏاڍا خطرناڪ هئا. شام ۾ وري يهودين سان ساڳي ويڌن هئي، جتي بعدَ ۾ آئين ذريعي مذهبن کي هڪجهڙي حيثيت ڏني وئي هئي.

هندو ڏاڍا سياڻا ۽ سچيت آهن. سندن سوچ ۽ فڪر رياضيءَ جي اصول 2+2 = 4 وانگر آهي. انهن جي پيٽ ۾ مسلمان کي سوچڻ جي سگهہ تہ موجود ئي ڪانهي. ڪين جديد سائنس جي تہ خبر ئي نہ آهي هن معاملي ۾ مصر جا ماڻهو اڳتي آهن. ترڪن، عربن ۽ ايرانين مان ڪجهہ ٿورا ماڻهو جديد سائنس کي سمجهي سگهن ٿا. مان سمجهان ٿو تہ مشاهدي ڪرڻ واري اک اهو ماحول ڏسي هڪدم محسوس ڪري وٺندي آهي تہ جڏهن هندستان جي سرزمين تي مشرڪ ۽ موحد پاڻ ۾ ملندا آهن تہ مشرڪ موحدن جا رعايتي ٻڄجي ويندا آهن. ان ڪان سواءِ برهما ديوتا جي دماغ ۽ مزاج ۾ هڪ ٻي ڳالهہ بہ شامل هوندي آهي تہ ماڻهوءَ جو

رت چوسي وٺندا آهن. هن نسل جي اک ڏاڍي تيز هوندي آهي، جيڪا ٻاٽ ۾ ٻہ ڏينهن جيان چٽو ۽ گهرو ڏسي سگهندي آهي. ان کان سواءِ موقع پرست بہ ڏاڍو آهي ۽ رت پياڪ دشمن مان بہ پنهنجي ڪم ڪڍڻ جو ماهر ۽ سازش جو ڪويسر ۽ نڳي ڪرڻ جو استاد آهي. هندستان ۾ اهڙن ماڻهن جو سلسلو صدين کان وٺي هلندو پيو اچي. جرمني جي مشهور ڪتاب فيلمگريچٽ (Felmgrecht) يا حسن بن صباح(2) جي فدائي (Fedaviyyat) تنظيم جو مطالعو ڪبو تہ پتو پوندو تہ هي ماڻهو پنهنجي نڳيءَ ۾ گهڻو اڳتي آهن، هنن جي مزاج ۾ همت ۽ دليري موجود آهي پر ماٺار واري. ان کان سواءِ سور سختيون بہ عورت کان بہ وڌيڪ سهي ويندو آهي، دولت لاءِ تہ الائي ڪهڙا ڪشٽ ڪشالا ڪاٽي وڃي پار پوندو آهي، هي ماڻهو پنهنجي پئسي ۽ وياج بابت ڪنهن کي بہ اوڳر ڪونہ ڏيندو آهي، ڪيس آڱوٺن ۾ رسيون ٻڌي پلي وڻ ۾ لڙڪائي ڇڏيو يا ڪڙين ۾ ڏوريون هٽي لاٽڻ ۾ ٽنگي ڇڏيو بيهوش ٿي ويندو پر پنهنجي پئسي بابت ٻڙڪ بہ ڪونہ ٻوليندو ۽ آخري وقت تائين چوندو رهندو تہ وٽس ڪاري پائي بہ ڪانهي. هو سڀ ڪجهہ سهي ويندو ساهہ صحتمند ماڻهوءَ وانگر ڏاڍا سٽاوا ڪٽندو پر منجهس اتر آمريڪا جي انڊين واري رهبانيت آهي، استقامت ۽ استقلال سان اها خواهش ڪندو آهي تہ سندس اهڙي خاصيت کي ساراهيو وڃي. هتان جي هندو جي ماٺار (passive) واري بهادري بہ هوبهو ساڳي آهي. توهان هن کي بندوق ڏيندا ۽ کيس چوندا تہ افغان يا تُرڪ وانگر هن يا هُن شيءِ کي هڻ، تہ هو توهان ڏانهن عجب وچان نهاريندو پر فائر ڪونہ ڪندو. پوءِ توهان تي چٿرون ڪري بندوق ڪليءَ ۾ ٽنگي وٺي ياچ ڪندو. اوهان کي هيءَ ڳالهہ ضرور ياد رکڻ گهرجي تہ مان سنڌ جي هندو بابت ڳالهيون ڪري رهيو آهيان پر سک ۽ نائر (Nayr) بابت نہ. چاڪاڻ تہ هنن کي ننڍي هوندي کان وٺي سيکاريو ويندو آهي تہ تبديليون ڪهڙي ريت آٿي سگهجن ٿيون. مان هن لاءِ آخر ۾ هي جملو بہ چوندس سنڌ جو هندو گهوڙي مک (flying sucker) آهي، جنهن جو ڪم ٿي رت چوسڻ هوندو آهي. سُڪل، اڌ اُگهاڙو حال فقيراڻا، ڪٿي ڪٿي بيهہ تہ دمڙي ٻاهر نہ ڪڍي، هوندو لڪيتي پر کائيندو رُکي ماني يا کنڊ جي شربت سان. ڪيٽ ۽ ڪنجوس بہ چوٽ جو. هوڏانهن مسلمان هوندو جو هوندو تہ هزارن جو قرضي پر ڏيک اهڙي ڏيندو ڄڻ لک تي مٿو ڏويو ويٺو آهي. ڪپڙا ريشم يا ڪيمخواب جا هوندس. پلي کان پلا گهوڙا

پيو خريد ڪندو راڳ ناچ پيو ڏسندو آهي. سدائين هٿ ڦاڙ ڪڏهن بہ ڪنجوس مکي چوس ڪونہ ڏسبو. جيڪا بہ شيءِ خريد ڪندو سا شاندار ۽ مهانگي ضرور هوندي.

حڪمرانن وٽ هٿيار هئا پر هندن جو فن انهن کان بہ وڌيڪ سگهارو ثابت ٿيو هو. نوجوان ٽالپر، جيڪي پهرينءَ چوياريءَ وارن ميرن جا پٽ ۽ پائيٽا آهن، تن محسوس ڪيو آهي تہ هو سنڌ جو سياسي نظام انهن هندن کان سواءِ هلائي ڪونہ ٿا سگهن. هي ايترا طاقتور هئا جو اڳين ڪلهوڙن حڪمرانن کي ڪيڏي پنهنجي حڪمراني قائم ڪري ڇڏي هئائون، پر هو هندن کي سنڌ کان ٻاهر ڪيڏي ڪونہ سگهيا هئا. سنڌ جي ايراضي انگلنڊ يا ويلس جيتري آهي، ان جي ڍل محصول بہ انگلنڊ جي وچولي يا ٽئين درجي جي جاگير جيتري بہ مس آهي. پر هي ٽالپر ايترا نااهل هوندا هئا جو هن ملڪ جي ڍل محصول جي اوڳاڙ جو انتظام هلائي ڪونہ سگهندا هئا ۽ اهو فرض بہ هتان جي هندن مٿان رکيو ويو هو. اصل ۾ هي ٽالپر حڪمران روهن ۽ ڪوهن جا ماٺهو هئا. هنن جي ساري زندگي ڏکن ڏاکڙن ۾ گذري هئي. سندن مزاج جهنگلي ۽ نيم وحشي هو جيل جا ڏک ڏاکڙ ۽ ڪشٽ ڪشالا صبر سان برداشت ڪرڻ جي صلاحيت پنهنجن وڏڙن کان سکيا هئا. سندن سارو وقت جيڪو ملڪي معاملن ۽ سياسي ڪمن ۾ گذرڻ گهرجي ها، سو هو شڪار ڪرڻ ۽ پين اجاين ڳالهين ۾ کپائي ڇڏيندا هئا. هنن ملڪ جي ڍل محصول جو معاملو ڄاڻي واڻي انهن هندن جي حوالي ڪري ڇڏيو جن کي هو ڪافر سڏيندا هئا ۽ ٿوري جرم ڪرڻ تي کين زوريءَ مسلمان بہ ڪري ڇڏيندا هئا. پيو تہ ٺهيو پر ميرن جون جاگيرون بہ اهي هندو سنڀاليندا هئا. ڪڏهن تہ وري رعيتي معاملا بہ اهي اُڪلائيندا هئا. ٽالپر حڪمرانيءَ دوران ساري سنڌ مسلمانن ۽ هندن جي ٻن طبقن ۾ ورهايل هئي. جن مان هڪ قرض ڏيندڙ ۽ ٻيو قرض وٺندڙ هو.

برهما ديوتا جي پوڄارين هندن جو واسطو وچولي طبقي يا اسڪاچ مين وانگر ٽئين درجي مان آهي. هي ماڻهو هن چوٽيءَ تہ پنهنجا آخر پنهنجا هوندا آهن، يعني Blood is thicker than water تي عمل ڪندا آهن.

جڏهن هندو ميرن وٽ مجتا ماڻي ويندو آهي ۽ دربار ۾ پنهنجا پير کپائي ويندو آهي تہ هو پنهنجي اوري پاري جي مٽن مائٽن جي ضرور سارسنڀال لهندو آهي، توڙي جو اهي ويهن پيڙهين تائين پري جا مائٽ

هجن. پر سندن نظرون رکو پنهنجن مائٽن لاءِ نہ پر ساري هندو برادريءَ لاءِ هيون. بعد ۾ توري وقت اندر سول ملازمت تي هندن جي والار نظر ايندي هئي. ميرن جا سيڪريٽري بہ هندو ٻڌجي ويندا هئا تہ منشي بہ هندو هوندا هئا. ظاهر ۾ تہ وڙهيل نظر ايندا هئا پر اندر ۾ ڳنڍير جي ڳنڍين وانگر پاڻ ۾ مليل هوندا هئا ۽ ڳجهہ ڳوهہ ۾ هڪ ٻئي جي ڀلي لاءِ ڪم ڪندا هئا. هن قسم جي ڳانڍي ڪري حڪمران ڪٽي ڪيڏو بہ طاقتور هوندو هو توڙي جو موت ۽ حياتي هن جي هٿ وس هوندي هئي، توڙي جو سندن ٺهر ڪرائي کين مسلمان هجڻ جو شرف ڏيندو هو پر هو ساڻس اهڙيون تہ نڀيون ڪندا هئا جو اسان ٻڌي اڄ بہ حيران ٿي ويندا آهيون. هوڏانهن ٽالپر بلوچ حڪمران هوندو تہ هوڏانهن وري سنڌي واڻيو هوندو هو. هڪ ڏر تلوار کان ڪم وٺندي هئي تہ ٻي ڏر ٺڳيءَ کي ڪم آڻيندي ،ئي. مير، هندن کي سچ چوائڻ لاءِ لوهہ جون ٻليون استعمال ڪندا هئا جن جا لوهہ جا چنبا هندن جي گوشت ۾ اندر هليا ويندا هئا. عذاب کان پيا رڙيون ڪيڪرات ڪندا هئا پر سچ جي ٻڙڪ بہ ڪونہ ٻاڦيندا هئا.

هندن جون چار ذاتيون هونديون آهن پر هتي سندن فقط ٽي هيون جهڙوڪ: برهمڻ، وئش ۽ شودر. منجهن ڪوبہ کتري ڪونہ هو جنهن جو تعلق حڪمرانيءَ سان هوندو آهي. فوج جو بہ کتري جاتيءَ سان واسطو هوندو آهي. هي جاتي سنڌ يا ٻين ملڪن ۾ شڪ شبهي کان خالي ڪانہ آهي. نانڪ شاهہ(3) پاڻ کي کتري سڏائيندو هو جيڪو وري هڪ ٻنگيءَ جو پٽ هو. چيو ويندو آهي تہ هي لاهور پرڳڻي جي تلونديءَ ڳوٺ ۾ 1469ع ۾ ڄائو هو. هن ننڍپڻ ۾ ناگور ناءِ ٻڌجي ويو هو ۽ کيس توحيد ۾ ويساهہ هو. هو ايران، عربستان ويو هو ۽ ڪليو ڪلايو چوندو هو تہ وٽس ڪو معجزو يا ڪرامت نہ آهي هن 1540ع ۾ وفات ڪئي. کيس راوي ڪناري ڪيرتپور ۾ دفن ڪيو ويو. هي اهو پهريون ماڻهو هو جنهن سک مذهب جو بنياد رکيو هو. سندس جانشينن کي گرو ۽ مريدن کي چيلو سڏيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت هندستان جي مانگ، مهار ۽ چنڊالن جو واسطو بہ هن ذات سان آهي.

سنڌ جو برهمڻ پنهنجي طبقي جو ڪٽر قسم جو هندو آهي. هو پنهنجي کاڌ خوراڪ ۾ ٻاجين کي وڌيڪ پسند ڪندو آهي. جانورن ۽ پکين جو گوشت تہ ڪونہ کائيندو آهي پر مڇي ضرور کائيندو آهي، ان کان سواءِ جهنگلي پکيءَ جو گوشت، حلواڻ ۽ سوئر جو گوشت بہ سندس کاڌ

خوراڪ ۾ شامل هوندو آهي. بصرن ۾ شراب ڪان بہ پرهيز ڪونہ ڪندو آهي. سندس مطالعي ۾ گرامر ۽ ڌرمي ڪتاب تہ رهندا آهن پر پلتي ماري حساب ڪتاب جي چڪاس بہ ڪندو رهندو آهي. ان ڪان سواءِ رڌ پچاءَ تي بہ نگراني ڪندو آهي ۽ گڏوگڏ ڌرمي فرض بہ ادا ڪندو رهندو آهي. جڏهن سنڌ ۾ انگريز حڪمرانيءَ جي ابتدا تي هئي تہ برهمڻ اڇي اسان ڪي بڌايو هو تہ سندن برادريءَ جا ماڻهو انهن عورتن سان بہ شاديون ڪندا آهن جن جا مڙس مري ويندا آهن. پر ڪجهہ وقت اڳ هندستان جي فوجي سپاهين مون کي ٻڌايو هو تہ هو ڪنهن رنڙ عورت سان شادي ڪونہ ڪندا آهن. ڇاڪاڻ تہ هندو ڌرم ۾ اهڙي شادي جي منع آهي.

سنڌ ۾ برهمڻ جا بہ قسم آهن جن مان هڪ پوڪارنو (Pokarno) ۽ ٻيا سرست (Sarsat) آهن. پوڪارنو برهمڻ اتر هندستان ڪان هجرت ڪري هتي آباد ٿيا آهن ۽ وشنو جا پوڄاري آهن. جڏهن سرست برهمڻ جو تعلق ترئد (Tread) فرقي سان آهي. هو جوتش ۽ ڌرمي رسمن بجا آڻڻ ۾ نهايت خبردار آهن ۽ شاديون بہ برهمڻ مان ڪندا آهن. يعني سرست جاتيءَ مان ڪندا آهن. پاڻ کي ٻين ڪان وڌيڪ اوچو سمجهندا آهن. ٻيا برهمڻ بہ سندن عظمت کي مڃيندا آهن ۽ سندن هٿن واري پاڻي پيئڻ کي وڏي ڳالهہ ڪري سمجهندا آهن. سرست يا سرسڌ کي سرسوتيہ بہ سڏيو ويندو آهي. اهو لفظ سرسوتي نديءَ تان نڪتل آهي. برهمڻ جي هيءَ جاتي شِوَ ديوتاجي پوڄا ڪندي آهي، جنهن کي ناس ڪندڙ ديوتا بہ سڏيو ويندو آهي. پاربتي سندس زال آهي. سندس تعليم ۽ پوڄا پاٺ مان محسوس ٿئي ٿو تہ سندن تعلق وشنو سان بہ آهي.

سنڌ جي برهمڻ جي ڄاڻ جو مطلب اهو هوندو آهي تہ هو ٿوري گهڻي سنسڪرت ڄاڻندو هجي. ان ڪلاسيڪل ٻولي کي سمجهڻ واسطي ڪيس گرامر جي خبر هجي. ان ڪان سواءِ جوتش جي علم، جادو جي ٽوٽي ڦيٽي ۽ ڌرمي ڪتابن جي ٿوري گهڻي خبر هجي. جن جو واسطو هندو ڌرم سان آهي، ڪيترا برهمڻ ڀڳوت گيتا جي بہ ڄاڻ رکندا آهن، جيڪو ارڙهن مان پنجون پراڻ آهي. ڪن برهمڻ کي سميتا (Samhita) جي بہ ٿوري گهڻي ڄاڻ هوندي جيڪو يجرويد جو اختصار آهي. هاڻي تہ سفر جون سهولتون آهن تنهن ڪري سنڌ جو برهمڻ سنڌو جون ڪنڌيون ڪنارا ڇڏي ڪاشي ياترا ۽ گنگا سنان لاءِ بہ ويندو آهي ۽ ڪلڪتي جي ڪاليجن ۾ وڃي پڙهندو آهي. هنن جي علم مان اهو پتو

پئجي ويندو آهي تہ هنن ماڻهن ۾ نہ طاقت آهي نہ وري عقل آهي. هنن برهمڻن مان ڪجهہ وٽج واپار بہ ڪندا آهن پر ڪين فارسي ڪانہ ايندي آهي، چاڪاڻ تہ سمجهندا آهن تہ اها ٻولي ناپاڪ آهي. منجهن اخلاق ڪان ڪريل ڳالهيون آهن جيڪي ڪنهن عالم يا برهمڻ لاءِ سنيون ڪونہ آهن، پر هنن کي نانڪ شاهہ جي ڌرمي اصولن سکڻ کان ڪو اعتراض ڪونہ هو. جيڪو پنهنجو اصلي ڌرم ڇڏي مرتد ٿي ويو هو ۽ سک ڌرم جو بنياد رکيو هو. مان سمجهان ٿو تہ ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ ان ماڻهوءَ جا چيلا يا مريد برهمڻن جي تمام گهڻي عزت ڪندا آهن ۽ پيٽا طور ڪين وڏيون رقمون بہ ڏيندا آهن.

سنڌ جو برهمڻ سارو مٿو ڪوڙائي تڪڙ تي ٿوري چوٽي رکندو آهي. ان سان گڏ ڏاڙهي بہ روز ڪوڙيندو آهي. مڇون بہ وڏيون رکندو آهي جو سندس وات ئي ڍڪڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن مسلمان کان نرالو نظر اچي جيڪي پڻ وڏيون مڇيون رکندا ۽ ڏاڙهي ڪوڙيندا آهن. ان کان سواءِ نرڙ تي تلڪ بہ هڻندو آهي، جنهن مان پتو پوندو آهي تہ هو شِوَ ديوتا جو پوڄاري آهي. سندس لباس عام واڻين جهڙو هوندو آهي. مٿي سان سفيد يا ڳاڙهي پڳڙي ٻڌندو آهي. سرست برهمڻ اچي، جڏهن تہ پڪارنو برهمڻ ڳاڙهي پڳڙي ٻڌندو آهي. مٿان انگرکو بہ پائيندو آهي، جيڪو سوٽي هوندو آهي. جنهن جون ٻانهون ڪرائين تائين ڊگهيون هونديون آهن. هن جو هيٺيون لباس ڌوتي آهي، جنهن جو رنگ ڳاڙهو نارنگي هوندو آهي، مٿان شال يا چادر ڍڪيندو آهي، جيڪا ڪلهن کان هيٺ پئي لڙڪندي آهي. پيرن ۾ چاکڙي ڪتب آڻيندو آهي، جيڪا چم جي ٿهيل ڪانہ هوندي آهي. سندس هٿ ۾ گهٽو ڪري چندن ڪاٺ جي مڻين جي مالها هوندي آهي، جنهن ۾ ستاويهہ مڻيا ٿيندا آهن. جيڪا هو سدائين پڙهندو رهندو آهي. توڙي هو ڪنهن سان ڳالهائيندو بہ آهي پر سندس پنهنجو ڪم ڪونہ وساريندو آهي. هن جون آڱريون سون جي منڊين سان ۽ ڪنن جون پاپڙيون سونين ڪيوٽين سان سينگاريل ڏسبيون آهن. برهمڻن مان ڪجهہ ميرن جي عاملن جهڙو لباس بہ پائيندا آهن. پوڪارنو فرقي وارن جو خيال آهي تہ اهڙو لباس برهمڻن کي نہ جڳائي، تنهن ڪري اهي اهڙو لباس ڪونہ پائيندا آهن.

جيتري قدر سنڌ ۾ واپاري خاندانن جي موجود هجڻ جو تعلق آهي تہ هتي اهڙا پنج واپاري گهراڻا آهن جيڪي هي آهن، سهتا، لوهاڻا، پاٽيا،

پنجابي ۾ پنجون گهراڻو اهو آهي جنهن کي وڻش سڏيو ويندو آهي. واپارين جي پوئين گهراڻي جو نالو هندو جاتيءَ ۾ ٽئين نمبر تي آهي، پر هتي انهي لفظ کي محدود معنيٰ ۾ ڪم آندو ويجي ٿو جنهن جو واسطو هٽ واڻين ۾ واپارين سان آهي. هندو ڌرم مطابق هر حصو ننڍڙن نمبرن ۾ حصن ۾ ورهايل آهي، جيڪي سندن نالا آهن جن جو سندن رهائش واري علائقي سان تعلق رکي ٿو يا ان طبقي جي خاص ڳالهين، منهن مهانڊن ۾ لباس سان تعلق آهي. ان کان سواءِ هڪ ٻئي خلاف تعصب، ساڙ ۾ بغض مان به انهن جي ذاتين جو پتو پئجي ويندو آهي. هنن جي مزاج ۾ خيرات نه ڏيڻ، هڪ ٻئي خلاف اندر ئي اندر ۾ سازشون ڪرڻ ۾ ساڙ ڪرڻ موجود هوندو آهي.

لوهاڻن مان هڪڙا ته پاڻ کي خداوادي سڏائيندا آهن جيڪي خدا کي به گهيري ويندا آهن. اهي انسان کي ته ٺهيو پر خود خدا کي به ٺڳي ويندا آهن. هي لفظ اخلاق کان ڪجهه پري آهي پر ان جو مطلب آهي ته هو ڏاڍا چالاڪ ٿيندا آهن. هندو مسلمانن وانگر ڪيسن ڪرڻ جا به شوقين هوندا آهن. پر اهي فقط سول ڪورٽ تائين وڃي سگهندا آهن، ليڪن هنن جا مخالف مسلمان سول سان گڏ ڪرمنل ڪورٽ جا به ڪوڏيا آهن. اهڙو ڪو سنڌي آهي ئي ڪونه جيڪو رسيد ۾ اپيل کان غير واقف هجي.

سنڌ جا هندو پنهنجي ڌنڌن جي ڪري هڪ ٻئي کان الڳ هوندا اهن. ۾ انهن جا به قسم آهن. پهريون طبقو واپار سان تعلق رکي ٿو ۾ گهڻا هندو هن ڌنڌي سان لاڳاپيل آهن. ڪجهه هندو پوکي راهي به ڪندا آهن، پر هنن جو تعداد تمام ٿورو هوندو آهي. ٻيا هندو سرڪاري نوڪري ڪندا آهن، جن کي عامل سڏيو ويندو آهي.

سنڌ جو واپاري ڌارين حڪمرانن جي ڏاڍ ۾ ڏمر دوران به پنهنجو ڪاروبار ڪندو رهيو آهي. سندن اهو تجارتي عمل غير مشهوري طور رهيو آهي، تنهن ڪري هو پنهنجي پابندين کان گهڻو آزاد رهيو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هي ڪنهن پَو پولي ۾ تباهيءَ جي خوف کان آجو رهيو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته هي ماڻهو پئسن جي لالچ ۾ پنهنجي ڏيهه مان نڪري ڏورانهن ملڪن ڏانهن به نڪري ويو آهي ۾ اتي سالن جا سال رهي پيو آهي، ان ڪري هنن ماڻهن لاءِ هڪ هترادو اصطلاح به موجود آهي ته "هندوءَ، يهوديءَ عورت ۾ ڪتي کي مارڻ سني ڳالهه نه آهي." ان سبب ڪري ماڻهو واڻين کي مارڻ عيب سمجهندا آهن. جڏهن ملينچا

(مليچا) ملڪن مان موتي پنهنجي ملڪ پهچندو آهي تہ سندس ڏاڍو آڌرڀاءُ ڪيو ويندو آهي. چاڪاڻ تہ ولايت ۾ رهڻ وقت هن سان ڪنهن بہ قسم جو رابطو ڪونہ هو. هو سدائين سامونڊي سفرن ۾ رهندو آهي، تنهن ڪري ٻيڙن يا جهازن جو سفر هن لاءِ نئون ڪونہ هوندو آهي. تنهن ڪري هو آرام سان جهاز ۾ ويهي رڌيندو پچائيندو آهي ۽ ٻين وانگر پڳڙن تي گذارو ڪونہ ڪندو آهي. هندستان جا ماڻهو جڏهن سامونڊي ٻيڙن تي چڙهندا آهن تہ ٻچ ۾ سندن هيانءُ مُٺ ۾ هوندو آهي ۽ سفر وارو سارو وقت مانيءَ بدران پڳڙا رڙڪيندا رهندا آهن. هن مذهب ۾ اهڙي ڪاڌ خوراڪ جي اجازت هوندي آهي جيڪا ٽڏن ملڪن ۾ بيڪار سمجهي ويندي آهي، تنهن ڪري ان وقت ڌرمي اصولن کي ڇڏي ڏيندو آهي. هو سفر دوران اهڙن جانورن جو گوشت کائيندو آهي جنهن کي "جهٽڪي" کان سواءِ ڪٺو ويندو آهي، جهڙيءَ ريت سکن ۾ رواج آهي. پرڏيهہ ۾ رهڻ دوران چم جي جُتي پائيندو آهي، جيڪا اڳتي نڪتل هوندي آهي. سندس وار بہ يهودين وانگر پنيان ڪتريل هوندا آهن. وچ تي سينڌ نڪتل هوندي اٿس. پڳڙي بدران ڳاڙهي ٽوپي پائيندو آهي، جيڪا پريل هوندي آهي. ڪاڻس هٿ منهن ڌوئڻ بہ صفا وسري ويندو آهي، اتي جڻ تہ رهندو ئي ڪونهي، سندس خواهش هوندي آهي تہ هو جنهن بہ ملڪ ۾ وڃي تہ اوپرو نہ لڳي ۽ ماڻهو هن سان ملڻ ۾ روشو نہ ڪن.

هڪ واڻئي جو اولاد مختصر تعليم وٺندو آهي. ٿورين گهڙين ڌرمي ڳالهين سکڻ کان پوءِ نيم حڪيمن وارا ٽوٽڪا سکندو آهي ۽ بعد ۾ اسڪول جي ماستر وٽ پڙهڻ ويندو آهي. جيڪو کيس لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريندو آهي. اهڙي ريت استاد کيس ٻيون بہ ڳجهيون ڳالهيون سيکاريندو آهي جيڪو هو پنهنجي پيءُ جي بنديءَ ۾ نوٽ ڪندو ويندو آهي. بعد ۾ کيس ونڊ، ڪٽ ۽ جوڙ سيکاري ويندو آهي. سڀ کان آخر ۾ کيس وڻج واپار جا گر سيکاريا ويندا آهن. واپاري پيچيدگين اندر ڪي مخصوص نشانيون ڏاڍيون ڏکيون ٿينديون آهن. اها هڪ اختصار نويسي هوندي آهي جنهن ۾ فقط حرف علت استعمال ڪيو ويندو آهي. جنهن جي خبر ڪنهن عام ماڻهوءَ کي پئجي ڪانہ سگهندي آهي. هن خفيہ تحرير ۾ حرف صحيح بہ ڪتب آندا ويندا آهن جن جو تعداد ٻزن کن هوندو آهي. بس ايترو ئي ان علم جو نصاب هوندو آهي، ان کان پوءِ کيس هٽ تي ويهاريو ويندو آهي. ٿوري وقت کان پوءِ هو ايترو هوشيار ٿي ويندو

آهي جو اوهان کي پاڪر پائي ملندو پر نگي به ناهي نوڪي ڪندو. ملاوت به وجائي وجائي ڪندو ۽ مختصر عرصي اندر شاهوڪار ٿي ويندو پر واپار جي ڪري نه پر نگي ۽ ملاوت جي ڪري. اهڙيءَ ريت هو دنيا جي معاملن ۾ پڙ تي ويندو آهي. هن جون لکيل ليکي جون بنديون ڪورٽ شاهدي لاءِ قبول ڪانه ڪندي آهي. ساڳيءَ ريت هندستان جي هندوءَ جي حساب ڪتاب جي بندي به ڪورٽ ۾ شاهدي طور قبول ڪانه ڪئي ويندي آهي. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته انگريزن جي اچڻ تائين هندن ۾ عزت نفس موجود ڪانه هئي.

سنڌ ۾ عامل هندن يا ڪامورا شاهي جو هڪ طبقو هو جيڪو ان ڪري پيدا ٿي پيو هو جو ٽالپر حڪمران اڻ پڙهيل ۽ جاهل هئا. هي طبقو ڏاڍي اثر رسوخ وارو هوندو هو يا ائين ڪٿي چئجي ته سنڌ اندر هندن جو هي طبقو وڏي عزت ۽ آبرو جو مالڪ هوندو هو. جيڪو ٻين هندن کان لباس ۾ گهڻو مختلف هوندو هو. ٽالپر دربار جي حڪم مطابق نه هو ڏاڙهي ڪوڙي سگهندا هئا نه وري پٽڪو ٻڌي سگهندا هئا. هنن کي نرڙ تي تلڪ هڻڻ جو اختيار به ڪونه هوندو هو. ڪين اهو به سرڪاري حڪم هوندو هو ته پنهنجو گهاٽيون مڇون ڪترائي ڇڏين. جيڪي سندن وات ڍڪي ڇڏينديون هيون. انگريزن جي حڪومت جي دؤر ۾ سندن شخصي صورت ۽ لباس جو نمونو ته پراڻو ٿي چڪو آهي پر پوءِ به سرائڪي ٽوپي ضرور پائيندا آهن جنهن کي سنڌي طرز جي ٽوپي به سڏيو ويندو آهي. ان کان سواءِ انگريزي قسم جو ٽوپلو به پائيندا آهن جنهن جي ڪناري ٻاهر تي نڪتل هوندي آهي، جنهن ۾ مختلف رنگ جو ڪپڙو ڪتب آندو ويندو آهي. ان کان سواءِ ڊگهي قميص ۽ مٿان انگرکو ۽ ان سان گڏ جهولدار سلوار پائيندا آهن. مسلمان به ساڳيو لباس پائيندا آهن. سندن کاڌ خوراڪ ۾ گوشت مڇي شامل هوندي آهي. تنهنڪري هندن جي ٻئي طبقي کان وڌيڪ صحتمند ڏسبو آهي. ان کان سواءِ مناڻ ۽ گيهه کائڻ جا به شوقين آهن. ڪپڙي لٽي ۾ سادا هوندا آهن پر پنهنجي صحت تي گهڻو فخر ڪندا آهن ۽ ڪٽر مذهبي هندن کان پري کان سڃاپرا هوندا آهن، جيڪي ڏسڻ ۾ ٿلها ۽ ٿيڦا هوندا آهن پر هاڻي انگريزن جي حڪومت ۾ تلڪ هڻندا آهن ۽ قميصن ۾ ڪوٽن جا بٽڻ ڪابي پاسي هڻندا آهن.

عامل طبقي جي تعليم به گهٽي ڪانه هوندي آهي. ڪين ٻاروتڻ ۾ پڙهڻ لاءِ مسلمان آخوند وٽ ويهاريو ويندو آهي. جتي هو فارسي لکڻ پڙهڻ

۽ ڳالهائڻ سکي وٺندو آهي يا ٻي ٻه عام فهم واري ٻولي سکندو آهي، جنهن جي سکڻ جو رواج سنڌ ۽ هندستان ۾ آهي. اهي هندو فارسي ٻولي سنڌي لهجي ۾ ڳالهائيندا آهن جهڙيءَ ريت انگريز، انگريزي لهجي ۾ فرينچ ٻولي ڳالهائيندو آهي، هي ماڻهو گرامر کي سمجهڻ کان سواءِ بر زبان ياد ڪندا آهن، ان ڪري ڪين اسم ۽ فعل ۾ ڪو فرق محسوس ڪونه ٿيندو آهي. ان کان سواءِ هو فارسي لفظن کي ياد ڪرڻ ۾ لڳو پيو هوندو آهي. سنڌي هندو فارسي ٻولي جي خوبصورتي کان واقف ڪونه هوندو آهي، تنهن ڪري فارسي جا اصطلاح سنڌي ٻوليءَ ۾ چوڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي سنڌي ٻولي ڪل جهڙي ٻڻجي پوندي آهي. ڪڏهن ته هو اڻ ڄاڻائيءَ ۾ گاريون به چئي ويندو آهي.

جڏهن هو چوندا آهن ته ”منهنجا حال ڪهڙا آهن“ ته الائي ڇا جو ڇا چئي وجي مٿي چڙهندا آهن. اهڙيءَ ريت حال احوال پڇڻ ڳاچڻ جي ڳالهه سکڻ کان پوءِ عامل درخواست ۾ استعمال ٿيل لفظن کي سکڻ شروع ڪندو آهي. ان ۾ درخواست جي ابتدا ۽ ان جي خاتمي ڏانهن ڌيان ڏيندو آهي. درخواست ۾ ڪم آندل لفظ جهڙا تهڙا يا عام ڪونه هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته درخواست ۾ لفظن کي ڪتب آڻڻ جو خاص طريقو هوندو آهي، جيئن ”اوهان جي آل اقبال جو دعاگو“ جهڙا لفظ استعمال ڪيا ويندا آهن، خاص ڪري عاليشان، بلند مڪان جهڙا لفظ به لکڻ ڪونه وساريا ويندا آهن. ساڳيءَ ريت عاليجاه جو لفظ به عام نظر ايندو آهي، جيڪو خاص معزز ماڻهن لاءِ هوندو آهي. ان مرحلي طئي ٿي وڃڻ کان پوءِ گفتگو ۾ عام استعمال لاءِ فارسيءَ جا بهترين شعر ۽ ڪي مشهور اصطلاح به ڪيس ياد ڪرڻا پوندا آهن، جنهن مان محسوس ٿيڻ گهرجي ته هو فارسي جو داناءُ آهي، هن قسم جي تعليم ۾ آخري مرحلو حساب ڪتاب سکڻ جو هوندو آهي.

ان کان پوءِ اهو عامل پنهنجي مائٽ عاملن يا عام هندو عاملن جي موڪل سان سرڪاري آفيس ۾ هيٺ فرش تي پلٿي هڻي ويهندو آهي، جتي ٻيا به ڪيترا منشي ۽ عريض نويس ويٺا هوندا آهن. اهڙي ريت عامل هجڻ جو خواهشمند ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ائين ڪندو آهي ۽ هوريان هوريان نڱين، سازشن ۽ اٽڪلن تي عبور حاصل ڪندو ويندو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته نئين شروعات ڪندڙ هن عامل جي همت افزائي تجربيڪار عامل ڪندا رهندا آهن ۽ سندس پيل چُڪ کي به

سڏاريندا رهندا اهن. نئين عامل جي ڪوشش اها هوندي آهي تہ انهن ماڻهن طرفان لکيل سرڪاري خطن کي چڱيءَ ريت پڙهي سگهي. جيڪڏهن ڪيس ڪنهن بااختيار ماڻهوءَ جي سيڪريٽري مقرر ڪيو وڃي تہ ڪيس اهڙا جملا ضرور ياد هجن جو ان جي اڌو گابري خيال کي مڪمل ڪري سگهي ۽ اهو سڀ ڪجھ مهارت سان لکي سگهي جيڪو ڪيس لکرايو پيو وڃي. هن قسم جي لکپڙھ جي طريقي ۾ جاچ پرک گھٽ هوندي آهي ۽ ٽيپو سلطان جي معاملي جيان ڪم نہ هلندو آهي. ميسور جو هي حڪمران بہ اڻ پڙهيل جٽ هو پر جڏهن پنهنجي سيڪريٽري کي حڪم لکرائيندو هو تہ نظرثانيءَ لاءِ پر واري ڪمري ڏانهن ضرور موڪليندو هو تہ متان سندس سيڪريٽري غلطيون نہ ڪيون هجن ۽ هڪ بدران ٻي ڳالھ نہ لکي ويو هجي. جيڪڏهن ان خط ۾ ٽيپو سلطان جو هر لفظ لکيل نہ هوندو هو تہ سيڪريٽريءَ کي سزا ڏني ويندي هئي. مصر جو حڪمران محمدعلي پاشا بہ اهڙو خيال ڪندو هو. سنڌ جو عامل جڏهن لکڻ سکي ويندو هو ۽ سندس تحرير بهتر ٿي ويندي هئي تہ سرڪاري دستاويزن جو نقل ڪرڻ شروع ڪندو هو ۽ ان ۾ ڏاڍي ڏاهپ سان تبديليون ڪري ويندو هو. تازي دؤر جي لکيل دستاويز کي پنهنجي اتڪل ائين بڻائي ڇڏيندو جو صدين جو قديم ڏسبو هو. لنڊن جا يهودي بہ ائين ڪرڻ جا ماهر آهن. عامل پنهنجي طرفان وڏي محنت ڪندو هو ۽ نقل ڪرڻ جو ماهر بڻجي ويندو هو. ساڳي ريت مهر جو بہ نقل ناهي وٺندو هو. سنڌ جي مهر بہ مشرق جي ٻين ملڪن جيان آهي پر مغرب ۾ اهڙي ڪم لاءِ بااختيار ماڻهو صحيح ڪندو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ عامل وڏي تجربي کان پوءِ دستاويزن ۾ جعلسازي ڪري سگهندو هو ۽ وڏيون رشوتون وٺندو هو. ان کان پوءِ ڪيس منشي(4) مقرر ڪيو ويندو هو ۽ پنهنجو منصبي فرض ادا ڪرڻ جهڙو بڻجي پوندو هو. جڏهن ڪيس معلوم ٿيندو هو تہ ڪنهن تبديلي ڪرڻ سان ڪيس گهڻا پئسا ملي ويندا تہ پنهنجي مالڪ سان بہ اهڙي تبديلي ڪري وٺندو هو جو ان کي ڪنهن بہ قسم جو ڪو شڪ شبهو ڪونہ ٿيندو هو. موقعي مطابق هو سرڪار کي بہ تبديلي وٺندو هو پر ايترو جيترو ڪيس حالتون اجازت ڏينديون هيون.

هتان جي عامل يا منشيءَ جي ٻولي سنڌي آهي، پر سندس تعلق انهن معاملن سان نہ آهي جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. هي ماڻهو ڏاهپ جي ڳالهين کان گهٽ ڪري اڻ ڄاڻ هوندا آهن. سندس خانگي

مطالعو پنهنجي ڌرم سان تعلق رکندو آهي. جيڪڏهن هو نانڪ شاهه واري ڌرم ۾ دلچسپي رکندو آهي ته گرنٿ کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جيڪو سکن جو ڌرمي ڪتاب آهي، هو پنهنجي پوڄا پاٺ لاءِ پوٿي به پاڻ تيار ڪندو آهي، ليڪن هو گرمکي ڪونه سکندو آهي جيڪا ديوناگري يا سنسڪرت جي جديد شڪل آهي، جنهن ۾ سکن جو پاڪ ڪتاب گرنٿ لکيل آهي. پر هو سدائين فارسي لکڻ جي مشق ڪندو رهندو آهي. واندڪائيءَ ۾ زنده پير ۽ اڏيرو لال جا پڇن نقل ڪندو رهندو آهي. سمجهيو ويندو آهي ته زنده پير سنڌو درياءَ جو اوتار ۽ اڏيرو لال ان جو وزير آهي. ان کان سواءِ هو علم جوتش جي بندي جو نقل ڪندا رهندو آهي جنهن جو تعلق ڀاڳ ۽ نياڳ سان آهي. باقي وقت جادو جي ٽوٽڻ ڦيٽڻ ۽ دوائن جي نسخن لکڻ ۾ گذري ويندو آهي.

عامل طبقي جا ماڻهو شاديون دير سان ڪندا آهن، ڇاڪاڻ ته هو وهانوَ جي خرچ ڪرڻ کان ڪيٻائيندا آهن. شاديءَ کان پوءِ به سندس خرچ وڏي ويندو آهي. ڪي عامل ڪنوارا ئي مري ويندا آهن. اهڙو رواج مشرق ۾ عام آهي. ان کان سواءِ هن طبقي ۾ بداخلاقيءَ جون گهڻين ڳالهين کان سواءِ جوا جي چوس ۽ شراب پيئڻ جي به عادت هوندي آهي. اهڙو ماڻهو پنهنجي گهر ڀاتين سان گهرو ڪونه رهندو آهي پر ٻئي گهر جي ماڻهن سان رکي ملي ويندو آهي. پنهنجي گهر جي ڪيس ڪا خبرچار ڪانه هوندي آهي، باقي پاڙي جي گهرن جي وتس وڏي معلومات هوندي آهي. سندس خيال ڌرمي نه پر دنياوي هوندا آهن. ڪيس اهو پتو هوندو آهي ته ديوتائون آهن، ليڪن ڪيس ڌرمي ڪتابن جي ڪا ڄاڻ ڪانه هوندي آهي، جن کي هو "ازل" سان ڳنڍي. هنن مان ڪجهه عامل دهريا آهن پر پنهنجي اندر جي ڳالهه ڪنهن ڏارئي کي نه ٻڌائيندا آهن. اهڙي قسم جا آزاد خيال ماڻهو خطرناڪ به ڏاڍا هوندا آهن. مان سمجهان ٿو ته ڪافر لفظ جو مطلب مڪاني مذهب جي طريقي کان "انڪار" آهي. اهڙي ڳالهه مشرق ۾ گهٽ آهي پر يورپ ۾ وڌيڪ آهي. يورپ ۾ ماڻهو پنهنجو عيسائي مذهب ڇڏي مرتد ڏاڍو گهٽ ٿيندو آهي، پر ان جي ڀيٽ ۾ مشرق جا ماڻهو وڌيڪ آزاد آهن. پنهنجي مرضيءَ مطابق پنهنجي دين ڌرم کي تياڳي سگهندا آهن. ايران ۾ صوفي فڪر ۽ هندستان ۾ ويدانيت موجود آهي، جيڪا هندو ڌرم جي هڪ شاخ آهي. ان کان سواءِ هتي برهما سماج به آهي. انگلنڊ وارا الائي ڇو ائين سمجهندا آهن ته اهو ڪٽر برهمڻي تصور

۾ ڪٿر قسم جي هندو ڌرمي خيال جي ميلاپ مان پيدا ٿيو آهي، جيڪو ٻنهي ملڪن جي عالمن ۾ ڏاهن ماڻهن جو مذهب ٿي ويو آهي.

سنڌ اندر شودر طبقو جڻ تہ موجود ئي ڪونهي. چاڪاڻ تہ هن ذات سان واڳيل ماڻهو تمام ٿوري تعداد ۾ موجود آهن. جن جو کاڌ خوراڪ بہ ٻين عام هندن جيان آهي ۾ جُتيون بہ پائيندا آهن. سندن لباس ۾ اٿڻ ويهڻ بہ عام واٽين جهڙو هوندو آهي. ملبار جي نائر جو حال بہ ساڳيو آهي. هنن ۾ ٻين هندن، ماڻهن جا ٻيا ڌنڌا ۾ نوڪريون ڪري هندن جي وڏن خاندانن جهڙا حق حاصل ڪري ورتا آهن. واپارين جو مکيہ پاڙو واهڻ (Wahun) ذات جو آهي، جيڪو مختلف اناجن(5) جي اٽي مان لوليون پچائيندو آهي، جيڪي مسافري يا مذهبي ڏينهن تي کاڌا ويندا آهن. ٻي ذاتي ڪتين جي آهي، جيڪي ڪپڙن کي رنگ ڏيڻ جو ڪم ڪندا آهن. ان کان سواءِ حجم بہ هوندا آهن جن جو ڪم ماڻهن جي سنوارت ڪرڻ هوندو آهي. ڪجهہ سوچي بہ آهن جيڪي ڪپڙي مان جُتيون ٺاهيندا آهن، جڏهن تہ چمڙي مان جُتين ٺاهڻ جو ڪم موچي ڪندا آهن. هندو ڌرم وارا ماڻهو هنن کي سنو ماڻهو ڪونہ سمجهندا آهن.

حيدرآباد يا سنڌ جي ٻين وڏن شهر ۾ سک(6) مذهب جا پيرو بہ رهندا آهن. سنڌ جي اوپر واري رڻ پٽ واري علائقي ۾ ڪيترين اڇوت ذاتين جا ماڻهو رهندا آهن. انهن مان ڪي ماڻهو پني پنهنجو پيٽ پاليندا آهن. اهڙا ماڻهو ذڪرڻ يورپ ۾ بہ آهن جن جو ڌنڌو پنڻ آهي. هي لاڏائو ماڻهو آهن جن جو تعلق سنڌ سان نہ آهي. هن نسل جي ماڻهن جو ذڪر اڳي بہ ڪري آيو آهيان.(7)

هندو ڌرم جا ماڻهو ڌارين سان لاڳاپا رکڻ ڪري گهڻو متاثر ٿيا آهن، خاص ڪري سکن سان رابطي ۾ رهڻ ڪري. اهڙو مثال مسلمانن جو بہ آهي. هنن هندن مان ڪن پنهنجو ڌرم ڇڏي ڏنو آهي، جيڪي هندن لاءِ مسلمانن کان وڌيڪ مخالف آهن. مسلمانن جو هڪ الله تي اعتقاد آهي، تنهن ڪري انهن کي موحد سڏيو ويندو آهي. جڏهن تہ هندو مشرڪ آهن. انهن جو ڀڳوان کان سواءِ ديوتائن ۾ ديوين ۾ بہ ويساهہ هوندو آهي. هنن ٻنهي ڌرين جو پاڻ ۾ اٿهئي تڪرار هلندو رهندو آهي. هتي وشنو ۾ شو ديوتا جي پوڄارين جو هڪ طبقو آهي، جيڪو عيسائيت ڏانهن لاڙو رکندو آهي. پر هندن مان هڪ بہ اڄ تائين عيسائي مذهب قبول ڪونہ ڪيو آهي. حڪمران طبقي جي مذهب اختيار ڪرڻ سان هندن کي

ڪنهن بہ قسم جو فائدو ڪونہ ٿيندو آهي پر هي ماڻهو اهڙا آهن جو جيڪڏهن سمجهندا آهن تہ سندن مذهب يا عقيدي کي نقصان ٿي رهيو آهي تہ ان جي مخالفت ڪندا آهن. ڪراچيءَ جي هندن ماتا بيماريءَ خلاف ٽڪن هڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ڇاڪاڻ تہ ماتا جي بيماري ڪونہ سمجهندا هئا پر ڪالي ديوي سمجهندا هئا. جيڪڏهن ماتا جو بيمار مري ويندو هو تہ ان کي ساڙڻ بدران پوريندا هئا. جيڪڏهن ڪو ماڻهو حفظ ماتقدم طور بچاءُ جي ڪوشش ڪندو هو تہ سمجهيو ويندو هو تہ ماتا ديويءَ جو دشمن آهي. هن قسم جي صورتحال ۾ ماڻهو متضاد ڳالهيون ڪندا آهن. جڏهن ڪو معصوم ٻار ماتا جي بيماريءَ ۾ ونجي ويندو آهي تہ هو ٽوٽي ڦيٽي لاءِ ٻانيڻ ٻائي ڏانهن بہ ڀڄندو آهي، تہ ڊاڪٽر جي مدد پڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر جڏهن ٻار بچي نہ سگهندو آهي تہ سمجهندو آهي تہ ٻار کي ديوي ماتا ماري ڇڏيو آهي.

سنڌ جي هندو عورت يورپ جي يهودي عورت وانگر ڏاڍي سهڻي ٿيندي آهي. سندس شخصيت پروقار ۽ جاذب نظر ٿيندي آهي. منهن بہ ڏاڍو ڊولائتو ٿئي ٿو. وار شاندار پر ڪلها اُڀا هوندا آهن. عام طور تي هندستان جي گهڻين عورتن جا ڪلها اُڀا هوندا آهن. سندن رنگ زيتوني ٿيندو آهي ۽ هٺ جي ترين جو رنگ گلابي ٿئي ٿو. جيتري قدر اکين جو تعلق آهي، تہ اهي بلڪل مناسب هونديون آهن. عام طور تي مُنهن ڊگهو ٿيندو آهي، پر پوءِ بہ سندس ڊگهو نڪ ڏسڻ ۾ اڇي ويندو آهي. پر هن خوبصورت عورت جي سونهن ٿور وقتي ٿيندي آهي. جن عورتن جو تعلق خوشحال گهراڻي سان هوندو آهي ۽ گهٽو ڪائينديون پيئنديون آهن تہ ٿلهيون ٿي وينديون آهن. ڇاڪاڻ تہ اهي ڪم ڪار بہ ڪونہ ڪنديون آهن تنهن ڪري ٿوري وقت اندر قد بُت چوراس شڪل اختيار ڪري ويندو آهي. انهن مان ڪجهہ سادو ڪائينديون آهن، صفائي سٿائيءَ جو طريقو بہ فطري هوندو آهي. مٿي تي اڇي يا پوري رنگ جي چادر ڍڪيل هوندي آهي. جسم تي ڍلي ويڪري انگي پاتي وجي ٿي، جنهن وسيلي هيٺ لڙڪندڙ ٻُبن کي ٽيڪ ملي ويندي آهي. ان جي مٿان انگرکو پاتو وڃي ٿو جنهن جو رنگ سفيد هوندو آهي، جنهن ۾ ڳاڙها نشان هوندا آهن. پيرن ۾ جُتي پاتل هوندي آهي. اهي اهڙيون ڳالهيون آهن جن ڪري اهي بدهاضمي ۽ هسٽريائي بيمارين کان بچيون پيون هونديون آهن.

هندو عورت گهڻو ڪري پڙهيل ڪانہ هوندي آهي پر منجهس خوشي يوڳ بہ ڪونہ هوندو آهي. نہ هو دعوتون ڪنديون آهن، نہ دعوتون قبول ڪنديون آهن. چرچي يوڳ کان بہ پري هونديون آهن، پر هنن جي ڀيٽ ۾ مسلمان عورتن اندر اهڙيون ڳالهيون موجود هونديون آهن، پر شڪارپور ۾ اهڙيون ڳالهيون موجود نہ آهن. سڀ کان پهريائين اسان اهو علائقو ورتو هو جتي هر قسم جي آزادي ڏني وئي آهي. عورتون وڏيڪ عيشن ۾ آهن ۽ مردن تي حڪم هلائينديون آهن. هتان جي هندو عورت گهڻ پائڻ جي بہ شوقين آهي، ڪنن نڪ، ڪارائي، آڱرين، مُرن ۾ مختلف قسم جا سونا زيور پائينديون آهن، جڏهن تہ سندن ٻانهن ۾ ڪاج جا اڇا جوڙا پاتل هوندا، جن مان ڪي رنگين بہ هوندا آهن. مٿن نظرداري بہ ڪئي ويندي آهي. هر ڪلاڪ کان پوءِ کين ماريو ڪٽيو بہ ويندو آهي پر ان هوندي هو محنت ڪرڻ واريون ۽ پنهنجن مڙسن سان محبت ڪرڻ واريون وفادار زالون هونديون آهن. هي عورتون پنهنجي ٻارن سان بي انتها پيار ڪنديون آهن. اهڙيون ڳالهيون مشرق جون خوبيون آهن. هندو عورت لاءِ اولاد، خاص ڪري پٽ، وڏي ڳالهہ هوندو آهي، هو جمڻ واري گهڙيءَ کان وٺي رات ڏينهن سندس چاتيءَ سان چنبڙيو پيو هوندو آهي. جيڪڏهن ماءُ غريب آهي تہ ڪم ڪار بہ ڪندي وتندي آهي ۽ سندس پٽ ڪڇ تي هوندو آهي، جيڪڏهن خوشحال گهراڻي جي آهي تہ سدائين سندس ڪڇ ۾ هوندو آهي. چاڪ هوندو آهي تہ سندس ماءُ کيس سڄو وقت پئي آڏيندي آهي. جيڪڏهن بيمار ٿي پوندو آهي تہ رات ۽ ڏينهن آرام ڦٽل هوندو اٿس. کيس سدائين پئي دعائون ڏيندي آهي. ائين نہ آهي تہ وڏي ٿيڻ کان پوءِ ماءُ جو پيار ختم ٿي ويندو آهي، پر اهو پيار ساري زندگيءَ تائين ڪم جو رهندو آهي. جڏهن هتان جا ماڻهو هڪ ٻئي تي ناراض ٿيندا آهن تہ هڪ ٻئي کي ماءُ تي گاريون ڏئي ڪاوڙ ڏري ڪندا آهن.

مسٽر جان بلُ، مون تي اعتبار ڪريو. توهان کي پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت تي ضرور فخر هوندو. جيڪڏهن اسان جي تهذيب جي جهنگلي ماڻهن جي نيم وحشي تهذيب سان مشابهت ڪبي تہ ڪا غلط ڳالهہ ڪانہ ٿيندي. توهان ڏٺو هوندو تہ مغرب جا ماءُ پيءُ ٻار سان ان وقت تائين پيار ڪندا آهن جيستائين هو ننڍڙو هوندو آهي. والدين کي اها چنتا لڳل هوندي تہ هو وڏو ٿئي تہ دولت لاءِ ٻاهر هليو وڃي ۽ عيش عشرت سان زندگي گذاري. ٻار کي جڏهن ماءُ جي خدمت جي وڏيڪ ضرورت هوندي

آهي تہ ڪيس نرسري جي حوالي ڪيو ويندو آهي يا وري ڪيس پنهنجي هڪ جيڏن سان وقت گذارڻ لاءِ آزاد ڇڏيو ويندو آهي. ٿوري وڏي ٿيڻ کان پوءِ اسڪول ۾ ڪاليج جي تعليم لاءِ گهر نيڪالي ملندي آهي، بعد ۾ ڏنڏي جو فڪر ۽ پوءِ شادي ٿي ويندي آهي ۽ هڪ نئين گهر جو وجود پيدا ٿي ويندو آهي.

هڪ تهذيب اندر مائٽن ۽ اولاد ٻنهي ۾ ڪن مفادن جي ڏي وٺ بہ هوندي آهي، جيڪڏهن اهڙن مفادن جي ڏي وٺ موجود نہ هوندي آهي تہ انهن وچ ۾ موجود تعلقاتن ۾ اوڻائي اچي ويندي آهي. عام طور تي اهو نظر آيو آهي تہ مائٽن کي اولاد مٿان اختيار هوندو آهي. ڪڏهن اهي اختيار غلط بہ استعمال ڪيا ويندا آهن، جڏهن ٻار وڏو ٿي آزاد حيثيت حاصل ڪري وٺندو آهي تہ والدين جي اختيار بابت سوچيندو آهي. هنن مان هڪ ـ رومن ڪئٿلڪ جيان پراڻن خيالن وارو آهي، ٻيو وري اهڙو آهي جنهن جا خيال ميٿڊسٽ (Methodist) فرقي وانگر آهن. ٽيون وري اهڙو آهي جنهن جا خيال مانچيسٽرس (Manchestrean) جهڙا آهن. انهن جو اصول پنهنجي اصول تان ڦري وڃڻ آهي. هن ملڪ ۾ نہ رڳو ماڻهو مختلف آهن پر انهن جا قانون بہ هڪ ٻئي کان ڌار آهن. سندن نقطء نظر ئي قانونن جي تشڪيل هوندي آهي. مذهبي اصولن ۾ فرق موجود ڪونہ هوندو آهي. سياست، سياستدانن وٽ قيد هوندي آهي، منجهن ڪنهن بہ قسم جو اصول ڪونہ هوندو آهي. هر گهر جو مالڪ سوچيندو آهي تہ ٻاهرين بيشمار دشمنن کان پاڻ کي ڪهڙي طريقي سان بچائي سگهجي ٿو پر گهر اندر مڪمل ايڪو هوندو آهي. مان توهان کي هيءَ ڳالهہ ٻڌائي هن موضوع کي بند ڪرڻ چاهيندس تہ هندن جي هڪ فرقي کي ”درياءَ جا شيوڪ“ چيو سڏيو ويندو آهي.

چوندا آهن تہ ٺٽي جي هڪ حڪمران جو آهو (Ahu) نالي هڪ قاضي هو جو چڱو هندن کان سڙندو هو. هنن هندن لاءِ حڪم جاري ڪيو هو تہ هو مسلمان ٿي وڃن يا سرن تان هٿ کڻن. اهڙو قدم ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ کڄڻو هو. هندن جو تہ ڪو ڏٽي سائين ڪونہ هو. تنهن ڪري هنن وڃي درياءَ شاهہ کي دانهن ڏني ۽ ديڳ جي سڪا باسي ۽ رڌل چانور کنڊ ۽ گيهہ ڪيس ڏنو. سڪا ڏيڻ جي دير هئي. ان زماني ۾ درياءَ جو چاڙهہ هو. هڪ شهسوار سفيد گهوڙي تي ظاهر ٿيو جيڪو اٿل جي بي پايان پاڻيءَ مان ظاهر ٿيو هو. هو ڪيڏانهن ڪونہ لڙيو پر سڌو قاضيءَ وٽ

ويو ۽ كيس حڪم ڪيائين تہ ڀيڙيءَ ٻدران هن شال تي ويهہ. جيڪا شهسوار جي پنهنجي هئي. قاضي بہ صفا ڪونہ ڊنو ۽ پاڻيءَ ۾ رکيل شال تي ويهي رهيو ۽ ٻُڏي ويو. ان کان پوءِ مذڪوره شهسوار هندن جي دشمن قاضي کي بچائڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ پنج آڱريون ٻوڙي شال کي ڪڍي ورتو(8) ۽ قاضي بہ بچي ويو. ان گهوڙيسوار ماڻهن کي ٻڌايو تہ هو پورن ڏهن مهينن کان پوءِ نصرپور جي هندو عورت جي پيٽان جمندو ۽ سندس نالو اڏيرو لال رکيو ويندو. اهو شهر درياءَ جي ڪناري ۽ حيدرآباد کان پندرهن ميل اوپر ڏس تي آهي. جڏهن سنڌو درياءَ جو اوتار اڏيرو لال جائو تہ مسلمانن کان سواءِ ٻين مذهبن وارا ماڻهو بہ وائڙا ٿي ويا هئا. هو گهڻي وقت زندهہ رهڻ کان چيرائو (Cherao) ۾ وفات ڪري ويو جيڪو حيدرآباد کان اتر پاسي واقع آهي. هن جي ياد اڃا بہ تازي ڪئي ويندي آهي ۽ درياءُ پنٿي فرقي جا هندو سندس مزار تي هر مهيني حاضري ڀريندا آهن. ان کان سواءِ هر سال چيٽ جي مهيني ۾ سندس ميلو لڳندو آهي.

حوالا:

(1) تندوالهيار معنيٰ الله جي دوست جو ڳوٺ يا تندو. الهيار ڪنهن مسلمان جو نالو آهي.

(2) هن کي سياح Sayyah بہ سڏيو ويندو هو. پر تذڪره نويس هن نالي سان اختلافِ راءِ رکن ٿا. هن ماڻهوءَ هڪ فرقي جي گروه کي منظم ڪيو هو ۽ پاڻ بہ قاتلن جي هڪ گروهہ جو سرواڻ هو.

(3) هي لاهور پرڳڻي جي تلونڊي پرسان راجا پور ۾ 1469 ۾ ڄائو هو. سندس تعلق دهليءَ جي کتري قبيلي سان هو. هن عربستان، ايران ۽ ساري هندستان جو سفر ڪيو هو ۽ سک مذهب جو بنياد رکيو هو. 1540 ۾ وفات ڪيائين. کيس راويءَ ڪناري ڪيرتپور ۾ دفن ڪيو ويو. سندس جانشينن کي گرو سڏيو ويندو آهي.

(4) ايران ۾ هڪ عالم انسان کي منشي سڏيو ويندو آهي. جڏهن تہ هندستان ۾ جيڪو ماڻهو ٿورو گهڻو پڙهي ۽ لکي سگهندو آهي تنهن کي منشي ڪوٺيو ويندو آهي. هي لفظ "انشايہ" مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "لکپڙهہ" ڪرڻ.

(5) مختلف قسمن جي اناجن کي اُٻاري سڪائي تئي تي ٽڙڪائي کاڌي خوراڪ طور ڪتب آندو ويندو هو. هن قسم جي خوراڪ کي خاص ڪري ڊگهن سفرن دوران ڪم آڻيندا هئا.

(6) هنن ماڻهن مون کي سِڪُ ٻڌايو هو. اهڙي رسم تمام ڳجهي نموني ادا ڪئي وئي هئي.

(7) ڏسو ڪتاب: Sendh and the Races that inhabit the Valley of the Indus. Allen, London, 1851

(8) اها هندن جي روايت آهي. مسلمانن لاءِ نير ۾ ٻڏل ڪپڙي کي پنج سفيد نشان هوندا هئا. اهڙو ڪپڙو بوچڻ طور ڪلهن تي رکيو ويندو هو. هندن جي اهڙي روايت ڏارين عربن جي حملي خلاف هئي.

باب پندرهون

# سنڌي ماڻهو، سندس خوبيون خاصيتون ۽ خاص ڳالهه ته هو ڇا پيئندو آهي

جيتري قدر مان سمجهان ٿو ته سنڌي قديم هندو ماڻهوءَ جو اولاد آهي جيڪو سنڌ جو اصلي رهاڪو آهي. هن نسل سان گڏ ڪي ٻيا ماڻهو جهڙوڪ: پٺاڻ، افغان، بلوچ به موجود آهن جن جو تعداد ٿورو آهي ۽ انهن ماڻهن جو ذڪر مناسب وقت تي ڏنو ويندو. هتان جا جيڪي ماڻهو هڏڪاٺ ۾ مضبوط ۽ جسم جان ۾ سگهارا نظر اچن ٿا تن جو شايد تعلق ڪا ڪيشيائي نسل سان آهي. سندن رنگ مٽي نما چاڪليٽي کان وٺي سانورو زيتوني ڏسجي ٿو. ڏکڻ يورپ جي ماڻهن جو رنگ به سانورو زيتوني ٿيندو آهي. سندن مُنهن اُيو ۽ سنهڙو ٿيندو آهي ۽ مُهانڊي ۾ ملوڪ آهي. سنڌي ماڻهوءَ جو نرڙ ڪليل آهي،جڏهن ته هندستاني ماڻهن جي پيشاني ڪليل ڪانه هوندي آهي. ان کان سواءِ سنڌيءَ جو نرڙ ونگ وانگر گول ڦري اچي ٿو. هنن ماڻهن جو مٿو به ناهوڪو ۽ گول ٿئي ٿو پر ان کان به وڌيڪ خوبصورت سندن اکيون ٿينديون آهن. ان کان علاوه وار ۽ ڏاڙهي به ڏاڍي سهڻي ٿئي ٿي.

سنڌي ماڻهوءَجي سنڌ اندر سماجي حيثيت گهڻي وقت کان وٺي ساڳي رهي آهي، جهڙيءَ ريت اتر وارن ماڻهن جي حملي کان پوءِ انگلنڊ ۾ سئڪسن نسل جي ماڻهن جي رهي آهي. هتان جو ماڻهو هڏ ڪاٺ ۾ جسم جان ۾ ڏاڍو سگهارو نظر ايندو آهي، پر پتو نه آهي ته اهو دلير ڇو نه هوندو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته هتان جو نسل اولهه هندستان جي ٻين ماڻهن کان ڪجهه گهٽ دلير هوندو آهي ۽ ڇڻ فتح ٿيل انسان پيو ڏسبو آهي. ماڻهوءَ به اهڙيءَ ۾ رهندو آهي جيڪا گرم ۽ گهم واري آهي ۽

هن لاءِ مناسب نہ آهي جنهن جو بهادريءَ تي وڏو اثر ٿي ٿو. ٿڌن ۽ خشڪ علائقن وارا ماڻهو وڏيڪ بهادر ٿيندا آهن. هيءَ ماٿري خشڪ ۽ برف پوش پهاڙن جي سخت جان ماڻهن جي حملن جي ضد ۾ رهي آهي. هنن ماڻهن ڪڏهن بہ حملہ آورن کي مهاڏو ڏئي لوڏي ڪونہ رکيو آهي. هي ساٿهن جسم ۽ جان ۾ مضبوط تہ آهي پر اٽل ارادي جو مالڪ ڪونهي. هو شايد دلي طاقت کان وانجهيل آهي. اسان کيس هاٺوڪي چينيءَ وانگر ڏسي رهيا آهيون، جيڪو تاتاريءَ کان نفرت ڪندو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي احساس ڪمتريءَ جو مريض بڻائي ڇڏيو آهي. منجهس اهڙيون ڳالهيون ڪونہ آهن جو هو ڪو عملي تحرڪ وٺي سگهي، تنهن ڪري اهو سندس جڙ تہ غلام بڻجي پيو آهي.

هتان جي اصلي سنڌين جو ڌنڌو مال چارڻ، پوکي راهي ڪرڻ ۽ پورهيو ڪرڻ آهي. پر انهن کي زمينون اهڙيون ڏنيون ويون آهن جيڪي صوبي اندر وڏيڪ ساديون آهن. چاڪاڻ تہ کين زمينون واهن جي پڇڙيءَ ۾ مليل آهن ۽ واهن جي منڍ تي موجود زمينون جاگيردارن جون آهن، جيڪي واهن جي ڪاٽي ۽ صفائي واسطي پئسي خرچ ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هوندا آهن. جاگيردارن جي اهڙي آزار مان نجات حاصل ڪرڻ واسطي هڪ طريقو اهو آهي تہ سندن زمين جو ڪجهہ حصو يا ساري زمين ضبط ڪئي وڃي. ان کان سواءِ هو پنهنجي زمين مان ڪنهن کي ڪڍيو ڪيدي پنهنجي زمين آباد ڪرڻ جي اجازت بہ نہ ڏيندا آهن. هن سان گڏ بلوچ جاگيردار ۽ ان سان لاڳاپيل ماڻهن کي چونڊ پليون زمينون ڏنيون ويون آهن، جن جي پيداوار ٻين زمينن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽي آهي. اها تہ هڪ ڏٺي وائٺي ڏاڍائي آهي، جنهن کي سمجهڻ واسطي اکين سان ڏسڻ لازمي آهي. مون تہ پنهنجي اکين سان انهن رستن سان ماڻهن کي اَن چونڊبيندي ۽ ميڙيندي ڏٺو آهي جتان اَن گڏري جاگيردارن وٽ پهچندو آهي يا جاگيردارن وٽان کڄي سيٺين ڏانهن ويندو آهي. هيءَ حقيقت بہ منهنجي نظر مان گذري آهي تہ اسان جي حڪمراني سان مسلمان تہ وڏيڪ ڏٽڙجي ويو آهي. سنڌ جو هيءُ طبقو ٽالپر حڪمرانيءَ دوران وڏيڪ خوشحال هو.

مون اهو بہ ڏٺو آهي تہ هندو طبقو وڏن ۽ ننڍن شهرن ۾ آباد آهي، جڏهن تہ مسلمان ٻهراڙيءَ ڏانهن ڌڪجي ويو آهي. ان کان سواءِ هندو ڏن جو ڏٽي هوندو آهي تہ مسلمان مزدوري ڪرڻ لاءِ پريشان هوندو آهي. ايشيا ۾

ڪي ٿورا علائقا اهڙا بہ آهن جتي هندو شاهوڪار ۽ پنهنجي قرضيءَ کي ڏيوالو ڏسڻ ڪونہ چاهيندو آهي ۽ سندس ڪوشش هوندي آهي تہ هو ايترو سُجو بہ نہ ٿي وڃي جو ڪيس قرض موٽي ملڻ جو ڪو آسرو ئي نہ هجي.

سنڌ ۾ ڪاروهنوار هن ريت هلندو آهي تہ هاري پنهنجي زمين جي پيداوار جو ٽيون حصو يا اڌ، حڪمران، ان جي گورنر يا ان جي ڪليڪٽر کي پهچائيندو آهي جيڪو سمجهندو آهي تہ ان هاريءَ جنس ۾ محصول ادا ڪري پاڻ کي زمين آباد ڪرڻ لائق بٽائي ورتو آهي. زمين جي باقي رهيل پيداوار هاري وٽ رهندي آهي جيڪو 2/3 حصو هوندو آهي يا اڌ هوندو آهي ۽ بئي فصل تائين هاري جي پيٽ گذر لاءِ ڪافي سمجهيو ويندو آهي، پر ان هاريءَ کي ڪنجوسي کان ڪم وٺڻو پوندو ڇو تہ فصل لاءِ ٻج بہ رکڻو هوندو آهي، هاريءَ کي قرضي ٿيڻ جو سبب هن نڪتي وٽان ئي شروع ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو هاري ٻج بچائي ڪونہ سگهندو آهي، جڏهن کيس ٻج جي لوڙ پوندي آهي تہ هو هندو وٽ ويندو آهي جيڪو وياج خور هوندو آهي ۽ پهريائين تہ هاريءَ کي ٻج ڏيڻ کان ڪتو جواب ڏئي ڇڏيندو آهي، پر پوءِ مٿس رحم ڪري ڳري وياج تي ٻج ڏيڻ جي هامي واريندو آهي. اهڙي هاريءَ کي سؤ فيصد اڳهہ تي، ٻج ملي ويندو آهي. ان کان سواءِ ايندڙ فصل گروي بہ رکندو اهي پر کيس ٿورڙو ڏيڻ ضروري سمجهندو آهي. سمجهيو وڃي تہ اهو هاري فصل لهڻ کان اڳ ئي تباهہ ٿي چڪو هوندو آهي.

هاري وڏي وياج تي ٻج تہ حاصل ڪندو آهي پر ان سان ٻي ويڌن بہ ٿي ويندي آهي. اها هيءَ آهي تہ سيٺ پڙهي لکي سگهندو آهي جنهن کي قرضيءَ جي اڻ پڙهيل هجڻ مان وڏو فائدو ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هو هاريءَ جو حساب ڪتاب اهڙو منجهائي ڇڏيندو آهي جو پاڻ کانسواءِ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي تہ سمجهہ ۾ ئي ڪونہ ايندو آهي. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو ويچارو رعيتي(1) هاري ورتل قرض کان ٻارهوڻ تي وڏيڪ ادا ڪري چڪو هوندو آهي پر ان هوندي بہ هو سيٺ جي قرضن جو ٿورو حصو مس ادا ڪري سگهندو آهي. سيٺ ۽ هاريءَ جو اهو وهنوار ٽالپر دؤر ۾ بہ هو ۽ هاڻي بہ آهي. ائين ڪنهن جي بہ حڪمراني هوندي پر سيٺ جو اهو ساڳيو دستور هوندو ۽ اڻ پڙهيل هاري ائين قربو رهبو ۽ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي ڪانہ ايندي. جيڪڏهن ساري هندستان جي ماڻهن کي هندن جي قرض کان آجو ڪرائبو تہ برطانيہ سرڪار جو سارو خزانو بہ

پورو ڪونہ پوندو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ انگريز سرڪار جي پيٽ ۾ ڏيهي حڪمران هاريءَ جي جنس لاءِ وڏيڪ بازاريون قائم ڪندا آهن. ان کان سواءِ اهي ڏيهي حڪمران اهڙو بندوبست ڪندا هئا جو هندو هاريءَ کان وياج جي وڏيڪ شرح اوڳاڙي نہ سگهندا هئا. ڪڏهن جنگيون لڳنديون هيون، ڪڏهن بغاوتون ٿينديون هيون ۽ ڪڏهن وري ٻاهران حملا ٿيندا هئا، تنهن ڪري پوکي راهي ڪانہ ٿي سگهندي هئي ۽ زمين کي ساهي ملي ويندي هئي. هتي هاڻي اسان جي حڪمراني آهي ۽ رهندي. تنهن ڪري هنن لکن هندن ۾ اسان ٿورا انگريز بہ هونداسون جن وٽ پنهنجو منفرد طريقو هوندو جيڪو هتان جي حڪمرانن ۽ عام ماڻهن واسطي بلڪل نئون هوندو جيڪو Cut and dry وارو طريقو هوندو. هندن جي ڪانهن جي ڪلڪ لوهہ جي لٺ هوندي آهي، جنهن کان سورن جو سيڪاٽيل سنڌي ڏاڍو ڏڄندو آهي. مان جڏهن سنڌوءَ جو اوڀاريون ڪنارو ڏئي سفر ڪري رهيو هئس تہ هڪ ڏکوئيندڙ واقعو ڏسي دنگ رهجي ويو هئس. ان سفر دوران هڪ ڏينهن منهنجو تنبو هڪ ننڍي ڳوٺ ٻاهران هنيو ويو هو. ان زماني ۾ هتان جا سنڌي ماڻهو هر انگريز کي ملڪ جو حڪمران سمجهي سندس سلاميءَ لاءِ وٽس ضرور ايندا هئا ۽ ڪيترين ئي قسمن جون خوشامدون ڪندا هئا. مون سان بہ ائين ٿيو هو ۽ ملڻ واسطي تمام گهڻا ماڻهو آيا هئا. پر سيني ماڻهن کان آخر ۾ هڪ هندو ملڻ آيو هو، جنهن جا ڪپڙا ميرا ڪريہ جهڙا. شڪل ۾ هوبهو شائلاڪ (Shylock) جهڙو ڏٻرو جهڙي شڪل ڪاني، مزاج جو تڏو ۽ لالچي ڏسڻ ۾ ٿي آيو. سندس منهن مان ائين لڳي رهيو هو تہ ڪيس ٻن ٽن ڏينهن کان ماني ڪانہ ملي آهي. مون ڏٺو تہ سندس ڏگهيون چنگهيون بندري گڏهہ کان گهٽيون هيٺ لڙڪي رهيون هيون، جنهن جون ناسون چيريل هيون تہ جيئن سولائيءَ سان ساهہ کٽي سگهي. آخر هو گڏهہ جهلي هيٺ لٿو ۽ ڏاڍي نماڻائيءَ سان پنهنجون شڪايتون(2) ٻڌائڻ لڳو. سندس چوڻ هو تہ هڪ مسلمان ڪمبخت سندس پئسا کائي ويو آهي جيڪي کيس ڏياريا وڃن، جن لاءِ هو قانوني حقدار آهي.

”تو ان مسلمان جو اَنُ ڇو نہ ضبط ڪيو؟“ مون کانئس سوال ڪيو.

”راجا سائين، مان تہ ان جو سارو اَنُ ضبط ڪري پاڻ وٽ کٽي آيو آهيان پر سندس اهو اَنُ اڻ پورو آهي.“ سيٺ وراڻيو.

”پوءِ ته ان جا ڏگها ڪاهي آٽي گهر ٻڌين ها جن سان هو هر ڪاهيندو آهي.“ مون کيس چيو.

سائين بادشاهه سڳورا، مون سندس جوڙو ته ڪاهي اچي گهر ٻڌو آهي، پر پوءِ به هن ڏانهن چار پئسا بچن ٿا.“ سندس جواب هو.

”انهن پئسن مان سندس زال جا ڳهه ۽ ڪپڙا ۽ سندس ٻارن ٻچن جا زيور به ڪٽي اچين ها.“ کيس چيم.

”سائين اهو ته آءُ اڳيئي عرض ڪري چڪو آهيان. سندس گهر واري ۽ هن جي ٻارن ٻچن جا ڳهه ڳنا، ڪتون، هنڌ ۽ تپڙ تاڙي ڪٽي گهر پهچائي، پوءِ هيڏانهن آيو آهيان. پر اهي سڀ تيچ سمان هئا. انهن مان ڇا ٿيندو؟“ سيٺ جواب ۾ چيو هو.

”پوءِ ته تون ڪانئس گهر گهاٽ کسي وٺين ها.“

”شال جيئن ٻچين، آءُ ته ائين به ڪري آيو آهيان. هو هاٽي جهنگ ۾ هڪ وڻ هيٺان ويٺو آهي.“

”پوءِ سمجهدار سيٺ، اهو ٻڌاءِ مان توسان ڪهڙو انصاف ڪري سگهان ٿو.“

ان سيٺ جي مرضي هئي ته مان مسلمان کي پنهنجي علم ۽ طاقت وسيلي نپوڙي هن جي رت ۽ پونءِ سندس حوالي ڪريان. هن واڪا ڪري چيو ته ساڻس انصاف ڪيو وڃي، جيئن ٽالپر حڪمران ڪندا هئا ته يا ته کيس قرض ڏيڻ گهرجي يا ڦاسي ملڻ گهرجي. مون کيس سمجهايو ته اسان مهذب يورپي ماڻهو قرض لاءِ ڪنهن کي جسماني سزا نه ڏيندا آهيون، پر ان بدران سرڪاري بنگلي ۾ کيس بند ڪندا آهيون. سيٺ کي منهنجي چيل لفظن تي اعتبار اچي ويو. کيس وڏيڪ چوڻ جي جرئت ڪانه ٿي. پر هو مون کي ڪاوڙ مان گهوريندو ٻاهر نڪري ويو. مٿس رعب ويٺل هو. ڇاڪاڻ ته آءُ فاتح هئس.

مسٽر جان بُل، مشرق ۾ اهڙيون ڳالهيون ماڻهن کي ڏاڍيون متاثر ڪنديون آهن. پر اهڙيون ڳالهيون 1876ع جي حقيقتن جهڙيون خراب ڪونه هيون. مون کي پورو يقين آهي ته جيستائين مسلمانن کي هندن کان بچائڻ واسطي ڪو قانون نه جوڙيو ويندو تيستائين اهو وياجي هندو کان بچي ڪونه سگهندو. جيڪڏهن هنن جي تحفظ لاءِ (Encumbered Estate Bill) نه آندو ويو ته مسلمانن کي تباهيءَ کان ڪير به بچائي نه سگهندو.

گذريل پنجويهن سالن دوران ڪجهہ سنڌي عورتون ۽ مرد، مغربي آداب سکي ويا آهن، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هتان جي يورپي وسنڌين اندر ڪم ڪري سگهن. هنن جي پيٽ ۾ هندستانين ۽ پنجابي نوڪرن کي اوليت ڪانہ ڏني ويندي آهي. منهنجو ذاتي تجربو آهي تہ ٻين ماڻهن جي پيٽ ۾ سنڌي نوڪر وڌيڪ سٺا ۽ اعتماد جوڳا ٿيندا آهن. ان کان سواءِ انڊس فلوٽيلا ۾ بہ سنڌي نوڪر آهن. هن ڪمپنيءَ جي ماڻهن جو چوڻ آهي سنڌي ڏاڍا ايماندار ۽ وفادار آهن.

اولهہ وارن روهن ۽ ڪوهن ۾ رهندڙ سنڌي يا اوپر پاسي ٿر ۾ ترين ۽ تراين رهندڙ هن ئي نسل جا ماڻهو قد ۾ ڊگها ٿيندا آهن. اهي سنڌو واري ماتريءَ ۾ رهندڙ ماڻهن کان وڌيڪ طاقتور ۽ سختيون سهي ويندڙ ماڻهو آهن. هنن جا مُنهن مهانڊا بہ پر وارن بلوچن جهڙا ڏسڻ ۾ ايندا. ڪيترن معاملن ۾ بلوچن هنن سنڌين جي طاقت ۽ بهادريءَ کي تسليم ڪري ورتو آهي. هنن مان ڪجهہ ماڻهو مڇي مارين ۽ ڪي وري شڪار ڪري پيٽ گذر ڪندا آهن. سندن ٻيو ڌنڌو گهوڙا، اُٺ پالڻ ۽ رڍون ٻڪريون چارڻ آهي، جڏهن سندن ايراضيءَ ۾ پوکي راهي ڪانہ ٿيندي آهي تہ نوڪري ڪرڻ لاءِ هيٺ لهي ايندا آهن، پر جڏهن جبل ۾ مينهن وسي پوندا آهن تہ پوکي راهي ڪري پنهنجي گهر ڀاتين جي پيٽ گذر جو بندوبست ڪري ويندا آهن.

عام سنڌيءَ جو لباس اڇي قميص هوندي آهي، جيڪا بلوچ جي قميص جي مقابلي ۾ ڪجهہ ننڍي هوندي آهي. هيٺ تي ڪانچ پائيندو آهي جيڪا مُرن وٽ سوڙهي هوندي آهي، پر جابلو ماڻهن جي ڪانچن جا پانچا ويڪرا هوندا آهن. نير ٻڌيل ڪپڙو وڌيڪ پسند ڪيو ويندو آهي. پٽڪو وڏو ڦيلهڙ ٻڌو ويندو آهي، جيڪڏهن سرائڪي ٽوپ پائيندا آهن تہ انهن جا ڪنارا مٿي ورائي ڇڏيندا آهن ۽ جيڪڏهن ماڻهو خوشحال هوندو آهي تہ مٿان لونگي ضرور ويڙهيندو آهي.

هن جي ڏهاڙي جي کاڌ خوراڪ ۾ ٻاجهري جي ٿلهي ماني هوندي آهي، جنهن کي انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ Penicillaria vulgarize لکيو ويو آهي. ٻاجهريءَ جي اٽي کي پاڻيءَ سان گهٽي وقت تائين ڳوهي، دانگيءَ تي پچائي ويندي آهي. ماني پچڻ کان پوءِ ان کي گيهہ مکيو ويندو آهي. اٽي ڳوهڻ وقت مناسب لوڻ ملائڻ ڪونہ وساريو ويندو آهي. مانيءَ جو رنگ سائو ٽئي ٿو کائڻ ۾ ايڏو ذائقو ڪونہ اٿس. چيو ويندو آهي تہ هي ماني

تاثير ۾ گرم ٿيندي آهي، تنهن ڪري سياري ۾ کاڌي ويندي آهي. خوشحال ماڻهن لاءِ پندرهن قسم پچندا آهن جن کي روٽ ڪري سڏيندا آهن انهن کي پچايو بہ مختلف نمونن سان ويندو آهي. هڪڙو تہ سنو قسم ٿيندو آهي، جيڪو buttered_toast وانگر ٿيندو آهي، جنهن مٿان منائي پرکي پوءِ کاڌي ويندي آهي.

هتان جو قومي مشروب کير ۽ پاڻي آهي، پر انهن کي گڏائي ڪونہ پيتو ويندو آهي. هي ماڻهو پلاءُ جا ڏاڍا شوقين ٿيندا آهن. جنهن کي اسان انگريز پلافيس Pelafis چوندا آهيون. هي لفظ ترڪي ٻوليءَ جو آهي. هي کاڌو چانورن ۾ گوشت، تازي يا سڪل مڇي، سبزي ڦل وغيره وجهي تيار ڪيو ويندو آهي. هتان جي ماڻهن ۾ گڏجي حقي يا چلم ڇڪڻ جو رواج آهي. هي گول قسم جو نڪر جو ٺانو هوندو آهي، جيڪو پڪل هوندو آهي، ڳچي ڊگهي ٿيندي اٿس، مناسب پاڻي وجهي، ڏٿي سان ٻڌل گوءِ وڌي ويندي آهي ۽ ٻئي پاسي نڙ وجهي ڇڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ گوءِ مٿان ڦل يا ٽوپي رکي ويندي آهي، جنهن جي چُگل ۾ تماڪ وجهي مٿان ٽانڊو چاڙهيو ويندو آهي. هتي تماڪ جا ڪيترائي قسم ٿيندا آهن، جن مان وڏيڪ سنو شڪارپوري آهي. جيڪڏهن هن تماڪ کي چڱيءَ ريت صاف ڪجي تہ اهم تجارتي شيءِ ثابت ٿي سگهي ٿي. هن جنس سان ڳڙ ملائي پنڊن ۾ بند ڪيو ويندو آهي تہ مٿان کليءَ هوا ڪري خراب نہ ٿي وڃي. مناڻ ڪري هن تماڪ ۾ ڇڪڻ وارو اصلي مزو ڪونہ رهندو آهي.

تماڪ اڳي فقط ڇڪڻ جي ڪم ايندو هو پر هاڻي جڏهن ماڻهو ان سان هري ويا آهن تہ ان جي ناس ڏيڻ بہ سکيا آهي. تماڪ کي ڪُٽي يا پيهي سنهو اٽو بڻايو ويندو آهي. ممبئيءَ جا پارسي بہ ائين ڪندا اهن. سنڌي سست ۽ ڪاهل انهيءَ ڪري آهن جو هو نشو ڪندا آهن. اهڙي نشي جو رواج ساريءَ سنڌ ۾ موجود آهي. هتان جا هر طبقي جا ماڻهو نشي ڪرڻ جا عادي آهن. غريب غربو مرد عورت نشي جو هيراڪ آهي. فقط اهي ماڻهو آزاد آهن جيڪي ملان موراٽا آهن يا ڪي معزز عورتون. اهڙا ماڻهو پيئڻ جي اوسيئڙي ۾ وينا هوندا آهن. ان سنگت مان اُٿي وڃڻ کي عيب سمجهيو ويندو آهي. نشي ڪرڻ جو اهو طريقو مشرقي آهي. سنڌ ۾ شراب ڪونہ ٺهندو آهي، چاڪاڻ تہ هتي انگور گهٽ ٿيندا آهن ۽ اهي نشي ناهڻ بدران کاڌا ويندا آهن. الڪهول ڳڙ يا ڪارڪن مان ناهيو ويندو آهي، جنهن ۾ ٿورا ٻير جا چوڏا ۽ ٻيون شيون ملايون ونديون آهن. جڏهن

اهو رچي ويندو آهي تہ ان کي باهہ ڏيکارڻ سان ڪيس لڳي ويندي آهي. نئين ماڻهوءَ لاءِ هن جو ذائقو ۽ بوءِ سهڻ جهڙي ڪانہ هوندي آهي. ان کي خوشبودار ڪرڻ واسطي منجهس مشڪ، زعفران يا گلاب جي گل جون پنيون ملايون وينديون آهن. ڪيس مٺي ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڳڙ مٺائي ۽ ڪڏهن وري مصري بہ ملائي ويندي آهي. هتان جا وڏا ماڻهو هن قسم جي شراب کي هٿ بہ ڪونہ لائيندا آهن، اهي يورپ جو ٺهيل شراب ڪم آڻيندا آهن. انهن مان ڪي تيز شراب پيئڻ جا عادي هوندا آهن، تہ ڪي وري مٺو پيئندا آهن. عام طور تي هتي (curavu) ۽ (Noyan) نالي وارا شراب پيتا ويندا آهن. فتح واري ابتدائي دؤر ۾ شراب جو ڪاروبار پارسي ڪندا هئا، جيڪي ڏنڌي مان ٺيڪجي ويا هئا.

الڪوحل وارا شراب فقط مٿئين طبقي جي ماڻهن جي واسطي هوندو آهي يا وري اهي شيون فقط پئسي ڏوڪڙ وارا پيئندا آهن. عام ماڻهو ويچارا وري ٻيون شيون پيئندا آهن جهڙوڪ: ڀنگ وغيره. انگلنڊ ۾ هن شيءِ کي (Indian hemp) (3) سڏيندا آهن. جيڪڏهن ماڻهو ان جو عادي ٿي ويندو آهي تہ ان کي ڇڏي ڪونہ سگهندو آهي.

(Laudanum) جا عادي بہ ان کي ڇڏي ڪونہ سگهندا آهن. ننڍين وڏن شهرن ۾ ديرا نالي ٿاڪ هوندا آهن جتي ماڻهو ڏهاڙي گڏجي ڀنگ پيئڻ جو شوق پورو ڪندا آهن ۽ ڪلئي نموني عام ماڻهن جي سامهون پيئندا آهن. اڳي ڀنگ تي محصول وغيره ڪونہ هوندو هو. پر اسان جي سرڪار اچڻ سان هن نشيدار شيءِ تي محصول لاڳو ڪيو آهي، نہ تہ اڳي هتان جو هر ماڻهو پنهنجي لاءِ ڀنگ تہ ضرور پوکيندو هو. ديرن لاءِ بہ لائسنس ضروري ڪيو ويو آهي. ان ڪري سندن تعداد بہ گهٽو گهٽجي ويو آهي.چاڪاڻ تہ اهڙيون جايون عام ماڻهوءَ لاءِ نقصانڪار ٿينديون آهن. ديري واري جڳهہ کي هڪ وڏو ڪليل ڪمرو هوندو آهي. اهو گهرو اهڙي جاءِ تي هوندو آهي جتي نازبوءِ يا ٻيون اهڙيون خوشبودار ٻوٽيون لڳل هونديون آهن. هن جڳهہ جي چوڌاري وڏي پٽ هوندي آهي، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن ڪو راهہ ويندڙ ماڻهو ديري اندر ڏسي نہ سگهي تہ اندر ڇا پيو وهي واپري. ان جي چوڌاري ڏاڍي وٽڪار ۽ ڇانوَ هوندي آهي. پرسان ئي ياٽيءَ جي واهي بہ گذرندي آهي. اهڙو ٿاڪ ڏاڍو نظاري وارو هوندو آهي. اهڙي خوبصورت منظر واريون جڳهون سنڌ ۾ ڏاڍيون گهٽ آهن. انهيءَ جڳهہ تي هڪ ايراني بئڪس سان ڪشتي وڙهڻ تہ ضرور پسند ڪندو. جڏهن سج

ٻول نڪري ۽ اهڙو ڪو موالي ٻہ ڪونہ هوندو آهي جو ڪو سٺو ٻول ٻڌل چاهي. موالين جي هن ميڙ ۾ هڪ خاص ڳالھ ضرور هوندي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن موالي‌ءَ ڪنگهڻ شروع ڪيو يا نڇ ڏني يا نشن ۾ ڪائنس ٿهڪ نڪري ويو تہ گهڻو ڪري سڀ موالي نقل ڪرڻ شروع ڪندا آهن.

موالين جو اهو ميڙ رات جو اڻين وڳي ختم ٿي ويندو آهي ۽ هرڪو موالي ماني کائڻ ۽ سمهڻ لاءِ گهر ڏانهن ڪک پن ٿي ويندو آهي.

مسٽر جان ٻُل، مان سمجهان ٿو تہ اوهان مونٽي ڪرسٽو (Monte Christo) جي هيانءُ ڇرڪائيندڙ ڳالھ ضرور پڙهي هوندي. اوهان کي ياد هوندو تہ ان قصي ۾ هڪ ڪردار گاليڪان (Galician) بہ آهي جَنهن سندس دوست حشيش (Hash hash) کارائي ٿو. توهان کي خبر هوندي تہ حشيش ڀنگ جو عربي نالو اهي. ان قصي جي مطالعي مان پتو پئجي وڃي ٿو تہ ڀنگ پيئڻ واري دوست جي ڇا حالت ٿي چڪي هئي. اوهان کي اها خبر هئڻ گهرجي تہ ڀنگ جا اهي ڪارناما هن عملي دنيا ۾ نہ وري خيالن ۾ هوندا آهن جيڪو چرڻ ڪن اپسرائن جو ديس بڻجي پوندو آهي. هن دنيا جو مرد ڏاڍو سخي بڻجي ويندو آهي. عورت تي جڏهن نشو چڙهندو آهي تہ اها وري هدايتون ۽ مشورا ڏيڻ شروع ڪندي آهي. نوجوان وڏيڪ عقلمند ٿي ويندا آهن، تہ جهونڙا وري رحم ۽ ٻاجھ جو پڙو بڻجي پوندا آهن. مون بہ ڀنگ جو چڪڙو چاڙهيو آهي، پر لطف حاصل ڪرڻ جي غرض سان نہ پر اهو ڏسڻ لاءِ تہ منجهس ڪهڙيون ڳالهيون محسوس ٿينديون آهن. مون کي ڀنگ جو ذائقو ائين محسوس ٿيو تہ چرڻ ڪير ڪي ڪنڊ سان ملائي ان ۾ ڪارا مرچ گڏي پي رهيو آهيان. نشي جو پهريون اثر اهو ٿيو هو تہ نڙيءَ واريون رڳون ونجڻ لڳيون هيون ۽ اها تڪليف سهڻ جوڳي هئي. بعد ۾ دماغ خشڪ ٿيڻ شروع ڪيو. ان وقت احساس ٿيڻ لڳو تہ مٿو ڏاڍو هلڪو ٿي پيو آهي، چڻ ساڻ آهي ئي ڪونہ. ان لمحي دوران اوهان کي محسوس ٿيندو تہ اوهان جي اک هڪ جاءِ ڳُپي وئي آهي ۽ ڪنهن ٻئي پاسي سُرڻ جو تہ نالو ئي ڪانہ ٿي وٺي. هن نشي ۾ ٻيا حواس ڏاڍا طاقتور بڻجي وڃن ٿا. اوهان کي اهو بہ احساس ٿيندو تہ اوهان جي عضون کي ڪير بجليءَ جا جهٽڪا هڻي رهيو آهي. انتهائي حد تي پهچڻ کان پوءِ سيئي حواس بيڪار ٿي وڃن ٿا. اوهان جيڪڏهن ساھ سڪائيندڙ گرميءَ ۾ بہ ٻيٺا هوندا پر اوهان کي ان تيز گرميءَ جو ڪو احساس ڪونہ ٿيندو. جيڪڏهن سخت سور هوندو تہ ان جو ڪو احساس ئي ڪونہ

رهندو. مون هڪ سنڌي (Stoker) بابت ٻڌو آهي جيڪو ڀنگ جو موالي آهي جيڪو بوائلر جي هلندي ان جي ڀڻئين پاسي نالين جي نالين کي بند ڪري (Plug) وٺندو آهي ۽ فرنيس (Fernace) بہ بلڪل نئين هوندي آهي پر منجهس داخل ٿي ويندو آهي. اهاٗ ڳالهہ ٻڌي تنهنجا تہ حواس ئي خطا ٿي ويا هوندا. ميان جان ٻُل توهان تہ هر شيءِ، هر ماڻهوءَ کان ڊڄندا آهيو. توهان تہ ان ماڻهو کان بہ ڊڄي ويندا آهيو جيڪو اوهان سان گڏجي ڀنگ پيئندو آهي، پر ان ماڻهوءَ کان ٿهندا آهيو جيڪو ڏنڊي ڪونڊي ۾ گهوٽي تيار ڪري آڻي پياريندو آهي. توهان کي هر جاءِ تي اهڙي ڳجهي شيءِ ڏسڻ ۾ ايندي آهي، جيڪا اوهان جي دشمن هوندي آهي، ڊڄندو انهيءَ ڪري آهين تہ تون ڀنگ پيئندو آهين. چوندا آهن تہ ڀنگ ياڙين جو مشروب آهي. ڪيڏو بہ بهادر ماڻهو ڀنگ پيئندو تہ ٻليءَ کان تہ ٺهيو پر ڪُئي کان بہ پيو ڪؤڪندو تہ متان لت هڻي ماري وجهي. اها ڳالهہ ئي غلط آهي تہ جنگ ۾ وڙهندڙ فوجين کي ڀنگ پيارجي تہ جيئن هو بهادريءَ سان دشمن کي مُنهن ڏئي سگهن. ڀنگ پيئڻ کان پوءِ تنهنجا خيال ئي جهنگلي ٿي ويندا آهن ۽ بي ربط بڻجي ويندا. خيال بہ پيا اُبتا سبتا هلندا. جيڪڏهن اوهان شاعر هوندا هن قسم جي شاعري شروع ڪري ڏيندا:

جبل پان ڪاڏو ۽ سندس ڏند پاسن ۽ ڪنارن کان نڪري آيا،
ان ڪري سمنڊ، آسمان جي ڏاڙهي ڏسي مٿس ڪلڻ لڳو هو.

هي شعر ڊاڪٽر هرڪلاٽ (Herklot) حوالي طور آندو آهي، جيڪو قانون اسلام جي مدراس ايڊيشن جي صفحي 76 تي آهي. (5)

جيڪڏهن اوهان ڀنگ جو چڪو وڌيڪ پيتو تہ اوهان جا خيال منجهي پوندا ۽ تصور بہ ڊانواڊول ٿي ويندو. هڪ ڀيري مون بہ ڀنگ جو چڪو وزن کان وڌيڪ چاڙهي ڇڏيو جنگهہ جنگهہ تي چاڙهيو ستو پيو هئس تہ مون کي ڏسڻ ۾ آيو تہ منهنجي چنگهہ ڦري رهي آهي. ان جي تيز ڦرڻ جو آواز بہ ٻڌي رهيو هئس. ائين بہ محسوس ٿي رهيو هو تہ اها چنگهہ ڪلهن مان آرپار نڪري رهي آهي. اهڙي نشي دوران جيڪڏهن ڪو ماڻهو توکي اچي چوندو تہ توکي فلاڻي عضوي ۾ تہ سخت سور آهي، ان کان پوءِ توکي چوندو تہ ان سور جي چيڻڻ لاءِ هڪ نرس اچي وئي آهي، تہ اوهان کي محسوس ٿيندو تہ واقعي انهيءَ عضوي ۾ سخت سور آهي ۽ نرس ان جو علاج ڪري رهي آهي. نشي جو اهو مرحلو ڏاڍو خراب هوندو آهي، پر

نئين ماڻهوءَ لاءِ تہ وڌيڪ خراب هوندو آهي، پوءِ ماڻهوءَ جا خيال الائي ڪيڏانهن هليا ويندا آهن ۽ ڇا جو ڇا پيو سمجهندو آهي. جڏهن اهو نشو ختم ٿي ويندو آهي تہ اتي ڪجهہ بہ نظر ڪونہ ايندو آهي.

اهڙي نشي مان جان ڇڏائڻي هوندي آهي تہ گلاس ڪن ليمي جي رس، بہ ٽي ڪچا ونگا ۽ چلم جون بہ ٽي ڦوڪون ڪافي هونديون آهن. انهن شين جي استعمال ڪرڻ سان اوهان جي پيٽ جي ساري تڪليف هڪدم دور ٿي ويندي ۽ اوهان کي آرام محسوس ٿيندو. جيڪڏهن اوهان اهي شيون ڪتب نہ آنديون تہ ڀنگ جي نشي ۾ اوهان کي بي انتها بک جو احساس ٿيندو جيڪا حقيقي طور نہ هوندي آهي. اهڙي ريت گهڻي کائڻ ڪري اوهان بدهاضمي جو شڪار ٿي پوندا آهيو. ان صورت ۾ اوهان هڪ ويلي تي ماني پورن ٻن ڏينهن جيتري کائي ويندا آهيو.

جڏهن اوير جا ماڻهو ڀنگ پيئندا آهن تہ انهن ۾ مذڪوره ڳالهيون پيدا ٿي پونديون آهن. اهڙو تجربو شخصي طور مون کي بہ آهي هر ڀنگي نشو ڪري ڀنگ نہ پيئڻ واري ماڻهوءَ کان گهڻو مخلتف نظر ايندو آهي. اوهان هن نشي بابت ڪيترائي قصا پڙهندا پر اوهان سمجهي ڪونہ سگهندا تہ مصنف اهي ساڳيون ڳالهيون ڪيئن بيان ڪيون آهن. ايٿر ۽ ڪلورو فارم ٻئي جدا شيون آهن ۽ انهن جو اثر بہ جدا هوندو آهي. مان هن ڳالهہ جو اشارو پروفيسر جانسٽن (Johnston) ڏانهن ڏئي رهيو آهيان جنهن کي عام زندگيءَ جو ڪيمياگر (Chemist of Common Life) بہ سڏيو ويندو آهي، ڪيس ڪنهن بہ قسم جو شخصي تجربو ڪونہ آهي. هن ڪي حقيقتون ڪن ٻين مصنفن جي ڪتابن تان کنيون آهن ۽ لکيو آهي تہ فلاڻي نشي مان ماڻهوءَ جي فلاڻن فلاڻن حواسن سان هي يا هو صورتحال ٿيندي آهي. پر اها حقيقت ائين نہ آهي. نشو هر ماڻهوءَ تي جدا اثر ڏيکاريندو آهي. جيڪي پراڻا ۽ گڙنگ موالي هوندا آهن، اهي ان مان گهڻو سرور حاصل ڪندا آهن. ان جا خاص طور تي بہ اثر ٿيندا آهن جيڪي جدا جدا ٿيندا آهن. جن مان هڪ آهي نشي ۾ بي انتها خوف ۽ ٻيو آهي نشي ۾ گهڻي ماني کائڻ ڪري بدهاضمو ٿيڻ.

مشرق ۾ ڀنگ جي نشي جو گهڻو واهپو آهي. چيو ويندو آهي تہ هن نشي سان قدرت جا ڪيترائي اسرار ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پارسيءَ ۾ هن کي سبز ٻوٽي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، جنهن جي پيئڻ سان ڏک ڏور ٿي ويندا آهن ۽ ماڻهو پاڻ کي آجو ۽ خوش محسوس ڪندو آهي. ڪي

اڻ پڙهيل ماڻهو وري هن کي پيئڻ مذهبي فرض بہ سمجهندا آهن. اهڙيءَ ريت هڪ صوفي شاعر هڪ روح ۽ جسم جو مثال ڏيندي پنهنجا اندروني ۽ بيروني جذبا هن ريت ظاهر ڪيا آهن:

(1)

اي بهادر ۽ نازڪ خيالن وارا،
تنهنجا لفظ باهہ جا شعلا آهن.
تون پراسرار دستگيري ڪرڻ وارو آهين
تون تصور جو هڪ مقدس ٿانءُ (6) آهين ۽
اُمنگ ۽ اتساهہ کي پاليندو آهين

(2)

تون بي رنگ ماضيءَ کي
تازگي ڏيڻ وارو آهين.
هڪ (مقدس) وهڪري مان
تابناڪ اُميد پيدا ٿئي ٿي،
جيڪا فقط تو ۾ موجود آهي.
هڪ نئون عشق آهي، جيڪو
مقدس باهہ ۾ جلندو رهي ٿو

(3)

سخت افلاس، بي انتها درد،
انهن کان نجات لاءِ فقط تنهنجو
عشق ئي ڪافي آهي.
انهن تڪليفن مان نجات ڏيندڙ
تون اڪيلو حڪيم آهين
۽ تنهنجو
هڪ لفظ ئي ڪافي ۽ شافي آهي.
ان درد لاءِ سدا بهار بوٽي مان
ٺهيل مرهم
مجرب علاج آهي

(4)

اهو جڻ موسيقي جو پيالو آهي.
تنهنجي وجود اندر هڪ داناءَ
عالم،
مادي جي مختلف شڪيلن ۾
ڦرندو ڏسي ٿو.
اونهو تصور
عشق جي وسعتن ۾ پيهي وڃي ٿو

(5)

متي هڪ دوام آهي، جنهن جي
ابتدا نہ آهي.
هيٺ بہ هڪ دوام آهي، جنهن جي
انتها(7) نہ آهي.
ننڍڙيون پتيون، حقير وقت
جي سرحدن جو تعين ڪنديون آهن.

(6)

هڪ ننڍڙي گول دائري ۾،
ساري دنيا موجود آهي.
هڪ وڏي وجود تي ننڍو
نشان ڏسجي ٿو جيڪو هڪ رنگين
نشان وانگر آهي.
اها ناپائدار روشني آهي،
۽ اک اهي سڀ شيون فقط
ڏينهن جو ڏسي سگهندي آهي.

(7)

تنهنجي ڪناري سان ڪي منيون شيون
گذري رهيون آهن،
جن جو نتيجو
ڏاڍو ڪوڙو هوندو آهي.
پر
دوست، ان تي ڳڻتي نہ ڪر.

(چاڪاڻ تہ) انهن ۾ زندگي جي خوشي
لاءِ رڪاوٽ موجود هوندي آهي.

(8)

انسان، هڪ موڳي بيک آهي،
جيڪا سدائين ايندي ويندي
رهندي آهي
۽ ان وقت جي
خوشامد ڪندي رهندي آهي
جيڪو بلڪل مختصر هوندو آهي.
ائين ڪري هو مري وڃي
ٿو ۽ سندس خوشامدون بہ هميشہ
لاءِ ختم ٿي وڃن ٿيون.

(9)

دنيا جا مختلف تذڪرا
فقط هڪ شيءِ کي ورجائيندا رهندا آهن،
تہ هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو
مري هي جهان ڇڏي ويو.
اي مرزا(8) اهڙي ريت
ماڻهو جيئندا آهن ۽ مرڻ
لاءِ تيار ٿي ويندا آهن

سنڌ ۾ ڀنگ پيئڻ جو رواج عام آهي. انهيءَ ڪري سنڌين جي دماغ تي ڏاڍو خراب اثر پئجي رهيو آهي. ڀنگ پيئڻ ڪري ماڻهو بهادريءَ جي خوبي وڃائي ويهندو آهي، ان بدران ڪانئر ۽ ڪاهل بڻجي ويندو آهي ۽ چارئي پهر ستو پيو هوندو آهي. ڪک ڀڃي ٻيٽو ڪري ڪونہ سگهندو آهي ۽ زندگي سڌارڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندو آهي. ڌنار بہ پنهنجو ڌڻ ڪيڏي ڪنهن ٻوڙي جي ڇانوَ ۾ ڦڙهہ لڳو پيو هوندو آهي. آرام سان ويٺو حقو ڇڪيندو. ڀنگ جو ڇڪو چاڙهي گهيرٽن ۾ پيو هوندو يا وري ننڊ پيو وڃائيندو. واهن تي بيلدار ڪم ڪندا آهن. جيڪي ڀڳل سڳل ڪوڏر سان ٽوڪريءَ ۾ مٽي وجهي هڪ سؤ گز في ڪلاڪ جي رفتاريءَ سان اچي اها مٽي واهہ جي ڪناري سان اڇلائيندا آهن. مٽيءَ جي اهڙي هڪ ٽوڪري آڻڻ ڪان پوءِ ٻيا ڪجهندا ڪٽڪندا آهن. پوءِ ويهي حقي

جو ٻڙڪو پريندا آهن ۽ سوچيندا آهن تہ ڀنگ ڪهڙي طريقي سان پيئڻ گهرجي. درياءَ جو ٻيڙياتو بہ منجهند جو اڇي ڪناري سان ٻيڙي ٻيهاريندو. اهو بہ ٻہ چار پيالين ڀنگ جون ٻي نشن جي گهيرٽ ۾ هوندو. منجهس جلديءَ ۾ ڪم ڳتائڻ جي چڙ عادت ئي نہ هوندي آهي. هاريءَ بہ جڏهن هر ڪاهيندو آهي تہ سندس حالت بہ ساڳي هوندي آهي. اهڙيءَ ريت شڪارين، مهاڻن ۽ مزدورن جا حال بہ ساڳيا هوندا آهن.

مغل حڪمران پنهنجي باغي قيدين کي صبح جو سوير ۽ نيراني پوست پياريندا هئا، يعني پُستَ جي سُڪل ڏوڏي پاڻيءَ ۾ ايترو اُباريندا هئا جو ڏوڏي ڳري ختم ٿي ويندي هئي. پوءِ ان ڪاڙهي کي برف سان ٿڌو ڪري، منو ٻٽائي، خوشبودار شيون ملائي قيدي کي پيئڻ لاءِ ڏيندا هئا. ٻن ٽن مهينن کان پوءِ اهو سرڪاري مهمان ڳري لوڻ ٿي ويندو هو ۽ دماغي صلاحيتون ختم ٿي وينديون هئس.اهو هڪ دير اثر زهر آهي جنهن جو جيئن پوءِ تيئن اثر وڌندو ويندو آهي ۽ اهڙي ماڻهوءَ جو موت کان سواءِ ڪو ٻيو علاج ڪونہ هوندو آهي. پر جيڪڏهن هن ماڻهوءَ جي حڪمران کي ضرورت پئجي ويندي هئي تہ بہ ٽي ڏينهن پوست جو ڪاڙهو پيارڻ ڇڏي ڏنو ويندو هو اهو ماڻهو بلڪل صحيح ٿي ويندو هو ۽ سمجهہ ۾ ايندو هو تہ ڪيس ڪڏهن بہ پوست پياري ئي ڪانہ وئي هئي. ڪاش! يورپ وارن حڪمرانن کي بہ شل پوست جي هن ڪاڙهي جو پتو پئجي وڃي!

سنڌي ماڻهو نيراني نہ پر منجهند جي ماني کائڻ کان پوءِ ڀنگ پيئندو آهي، تنهن ڪري گهٽي تباهيءَ کان بچي ويندو آهي. پر هن جي صحت، جسم، دماغ جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ناس ٿي ويندي آهي. پر ڀنگ جي ڀيٽ ۾ وري آفيم جو نشو بهادر آهي. ان کي ڪوسمبا (Kusumba) جي شڪل ۾ بہ ڪتب آندو ويندو آهي، يعني آفيم جو ذرو ڏاتوءَ جي ٿانوَ ۾ رکي، ٿورو پاڻي وجهي، ڪاٺ جي ڏنڊي سان ان کي ٿوري پاڻيءَ ۾ بہ حل ڪيو ويندو آهي ۽ بعد ۾ ڪپڙي جي مدد سان ان کي هٿ جي ترِيءَ تي چاٽيو ويندو آهي. هن کي اسان ڊچ بهادري (Dutch courage) سڏيندا آهيون. بلوچ سپاهين بہ مياڻيءَ واري جنگ دوران آفيم جو ڪُسمبو ڪتب آندو هو ۽ اسان جي فوج جي ٻن ريجمينٽ کي پڇائي ڇڏيو هو.

سنڌي اڳين صديءَ جي اڌليءَ جي ماڻهن جيان بدقسمت آهن جن گهٽي وقت کان ڌارين ماڻهن جي حملن جا سور سَٺا اهن ۽ جن کي پنهنجن ابن ڏاڏن کان وٺي غلامي جا زنجير ورثي ۾ مليا آهن. سنڌي

اينگلو- اسڪينڊينيئوين (Anglo Scandinauean) يا اينگلو- سئڪسن (Anglo_Saxons) وانگر ڪونہ آهن جيڪي وري پنهنجي اتر وارن ماڻهن جيان مضبوط ۽ سگهارا نہ هئا. پر ائين بہ سمجهڻ نہ کپي تہ غلام قومون بهادر ڪونہ ٿينديون آهن. نيوبا (Nuba) ۽ آفريڪا جا ماڻهو ڏسو ڪيڏا نہ بهادر آهن. هي ماڻهو ارادي جا پڪا، ضدي ۽ چڙ اچڻ کان پوءِ آپي کان ٻاهر نڪري ويندا آهن. پر سنڌي نسل جو ماڻهو پنهنجي هڏڪاٺ ۽ جسم ۾ ناڪاره ٿيندو آهي، جيڪو ڏجڻو ڪڏهن جسم جي ڪمزوري ڪري ۽ ڪڏهن دل جي ڪمزوري ڪري ٿيندو آهي. منهنجي راءِ جو اظهار انهن ماڻهن لاءِ نہ آهي جيڪو جابلو جُوءَ ۾ رهندا آهن. انهيءَ علائقي جا ماڻهو بلوچن جهڙا بهادر آهن. اهڙي ذاتي راءِ جو اظهار عام طور تي هرويرو مشرقي ماڻهن ۽ مسلمانن جي ارادن سان تعلق ڪونہ ٿو رکي. پر ڏٺو ائين ويو آهي تہ دريائي ماترين ۾ رهندڙ ماڻهو ويڙهاڪ گهٽ هوندا آهن ۽ ٻين جي پيٽ ۾ ڏجڻا ٿيندا آهن ۽ پنگ جو نشو بہ ڪين ايترو بهادر بڻائي ڪونہ سگهندو آهي جو ڪنهن دشمن سان مڙسيءَ مُڙسان مُنهن ڏئي سگهن.

اهي ماڻهو نڳيون انهيءَ ڪري ڪندا آهن جو ماڻهن تي اعتماد ڪرڻ کان ڇرڪندا آهن. ڪوڙ انهيءَ ڪري ڳالهائيندا آهن ڇاڪاڻ تہ سندن مقصد سچ ڳالهائڻ نہ هوندو آهي. لباڙ انهيءَ ڪري هڻندا آهن ڇاڪاڻ تہ هو سمجهندا آهن تہ سندن چوڻ هڪ تاثر پيدا ڪري ٿو. اوپر جي ماڻهن ٻڌاڪ هڻڻ وارين ڳالهيون پڪيون تي ويون آهن ۽ خاص ڪري انهن ماڻهن ۾ جيڪي ڳالهہ کي انهيءَ ڪري وڌائي پيش ڪندا آهن جو فطرت ۽ فطري شين کان نفرت ڪندا آهن. هڪ تنديل (Tandel) پنهنجي ماڻهن کي رڙ ڪري چوندو شاباس پهلوان. سندس چوڻ جو مطلب اهو هوندو آهي تہ توهان بي انتها بهادر آهيو ۽ اڳتي وڌو. حقيقت ۾ اهي نبل ڪامڙيا هوندا آهن (9) جيڪي واهن جي کاٽي ڪندا آهن. ڳالهائڻ مان تہ سمجهہ ۾ ائين ايندو آهي تہ هو هڪ جهٽڪي سان ڪو وڏو ڪم ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ڏهہ ٻارهن گهر هڪ جڳهہ تي موجود هوندا تہ ان بيڪار قسم جي ڳوٺ کي سڏيندا وري شهر جي نالي سان. هڪ ننڍ سمان قبيلي جي سردار کي سڏيندا وري ملڪ يعني بادشاهہ. نالو بہ هوندس گندو سندو پر سڏيندس ”ملڪ ميان ڇيڙ“. جيڪڏهن اوهان ڏهن ٻارهن مُنهن پرڻ وارين بندوق برادرن جي اڳواٽي ڪندا تہ انهن آگرين

تي ڳُٽڻ جيترن ماڻهن کي سڏيندا لشڪر. جڏهن اوهان هڪ ٽتون گهوڙي تي چڙهي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي محلات ڏانهن ويندا ۽ اوهان سان گڏ هڪ ماڻهو بہ هوندو تہ چوندا اڙد اٿالو. اهڙيءَ ريت وري هڪ سردار لپاڙ هٽندو تہ وٽس پنجاهہ هزار ماڻهو آهن جيڪي رستم زمان آهن،(10) پر حقيقي طور وٽس ايترا ماڻهو اصلي ڪونہ هوندا.

"هن جي خوشي نڳي ۾ هوندي ۽ نڳي هن جي خوشي هوندي آهي."

توهان جيڪڏهن هٿ ۾ گهوڙي جو لڪڻ کڻندا تہ اهو رستم پاڻ سان ڪٽڻ جيترا هٿيار کڻي وٺي گوڏن تي زور رکندو. سو اهڙا آهن هتان جا ماڻهو رستم زمان.

انسانن جي فطرت بلڪل متضاد ٿيندي آهي، پر دنيا جي هن حصي ۾ تہ ائين آهي. هتان سنڌي يابلوچ بدلي جا بہ ٽي رپيا وٺندا آهن. بدلي لفظ جي معنيٰ آهي عيوض ۽ ماڻهو بدلو وٺندو ۽ ان عيوض خون جي ڏوهہ ۾ ڦاسي چڙهي ويندو جنهن خون جي ڪيس خبر بہ ڪانہ هوندي آهي، يعني اهو خون ڪنهن هڪ ماڻهوءَ ڪيو هوندو ۽ بہ ٽي رپيا بدلو وٺي ڦاهيءَ وري بيو چڙهي ويندو آهي. انگريز سرڪار کي هن قسم جي ڳالهہ جي خبر گهڻو دير سان پئي هئي. جڏهن اهڙو قصو سر چارلس نيپيئر کي ٻڌايو ويو تہ هن اعتبار ڪونہ ڪيو هو. ان وقت تائين ڪيترائي بي گناهہ ماڻهو ڦاهيءَ چڙهي چڪا هئا.

مون بدلي وٺڻ واري هڪ ماڻهوءَ کان پڇيو تہ ڳالهہ ڪيئن آهي؟ تہ هن ٻڌايو تہ:

"سائين اصلي ڳالهہ اها آهي تہ مان سڄي زندگي سُڃو رهيو آهيان. ساري زندگي بکون ڪاٽيون آهن. هينئر بہ منهنجو پيٽ خالي آهي. منهنجي گهر واري ۽ ابهم معصوم ٻارڙا ڏينهن کان لنگهڻ تي آهن. اهي تہ مقدر جون ڳالهيون آهن." هن رئندي چيو تہ "اها ڳالهہ مون کان برداشت ڪانہ ٿي ٿئي تہ منهنجي گهر واري ۽ ننڍڙا ٻارڙا بک مري وڃن. مون ڦاسي کائڻ لاءِ ادائي سؤ رپيا ورتا آهن. پنجاهہ رپئي مان ست رڇي طعام تيار ڪرائي ڦاهيءَ چڙهڻ کان اڳ ۾ مان پاڻ کائيندس. دنيا ۾ هڪ ڀيرو تہ پيٽ ڀري کانوان. باقي بہ سؤ رپيا بچندا جيڪي مان پنهنجي زال ۽ ٻارن لاءِ ڇڏيو ويندس. مان هنن لاءِ وڌيڪ ڪجهہ ڪري ڪونہ ٿو سگهان سائين."

حوالا:

(1) رعايہ Rayah لفظ کي ترڪي ۾ ريوت Ryot چيو ويندو آهي. جڏهن تہ هندستان ۾ هي لفظ "هاريءَ" لاءِ ڪم ايندو آهي. عربي ٻوليءَ ۾ هي لفظ رعيت (Raiyyat) آهي. اهڙو فرق جاگرافيائي دوري ڪري ڏسجي ٿو.

(2) هندو سنڌ جا ڏرتيءَ ڌڻي هئا. مسلمان حڪمرانن جو حڪم هو تہ هو گڏهہ تي سواري ڪن. اهو هن ملڪ جي اصلي ماڻهن کي ذليل ڪرڻ جو هڪ طريقو هو. هر مسلمان حڪمران سنڌ جي اصلي باشندن کي بيعزت ڪرڻ جي هن روايت تي پابنديءَ سان عمل ڪندو آيو. پر انگريزن جي اچڻ کان پوءِ کين گهوڙي تي سواري ڪرڻ جي اجازت مليو هئي.

(3) فارسي ٻوليءَ ۾ بہ هن کي پنگ سڏيو ويندو آهي. هيءَ ٻوٽيءَ جو هڪ قسم آهي جنهن کي ڏنڊي ڪونڊي جي مدد سان گهوٽي ڇاٽي پاٽي يا کير ملائي پيتو ويندو آهي.

(4) عصيٰ يا ڏنڊو. هي ڪاٺيءَ جو گهڙيل ٿهيل ٽڪرو هوندو آهي جنهن جي مدد سان ڪونڊي ۾ پنگ وجهي گهوٽي ويندي آهي.

(5) ڊاڪٽر هر ڪلاٽس Herklots جي تصنيف قانونِ اسلام ص_76. مدراس ايڊيشن 1863. ڊاڪٽر پنهنجي هن تصنيف ۾ هنن سِٽن جو حوالو ڏيندي چيو تہ اها سموري بڪواس آهي. نظم جون اهي سٽون ڪنهن ماڻهو پنگ جي نشي ۾ چيون آهن. پر پوءِ بہ هن پنهنجي سمجهہ مطابق هنن سٽن جي مفهوم کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. منهنجي خيال ۾ اها ڪا وڏي غلطي بہ ڪانہ آهي. پر ذڪڻ هندستان جي هندن تي ڪنهن بہ لکڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي. جڏهن تہ "The customs of Muslims of India" نالي تصنيف 1832 ۾ شايع ڪئي وئي هئي جيڪا ڪيترن نسلن تائين مطالعي هيٺ رهندي آئي.

(6) هي لفظ اصل ۾ سبغ (Sabgh) آهي جنهن جو اشارو عيسائين جي بپتسمہ (Baptism) واري رسم ڏانهن آهي.

(7) مسلمانن دوام (eternity) کي ٻن حصن جهڙوڪ ازليات ۽ ابديات ۾ ورهايو آهي جنهن جي معنيٰ تہ ان کي نہ ابتدا آهي نہ انتها.

(8) اهو نالو ڪنهن پٽ فقير يا چارڻ جو آهي. سندس شاعري معياري آهي. تنهن ڪري مون ان کي نموني طور پيش ڪيو آهي.

(9) ڏسو باب 29.

(10) ايران جو جهونجهار (هيرو) جيڪو هرڪيولس، سئمپسن (Sampson) ۽ سولومن جهڙو بهادر هو. هو بت پرست هو. پر چيو ويندو آهي تہ کيس قيامت جي ڏينهن شفا ملندي انهيءَ ڪري جو هو ڏاڍو دلير هو.

باب سورهون

# سنڌي عورت، خاص ڪري سنڌس شخصيت ۽ لباس

سائين جان بل، سنڌ جي عورت تي لکڻ وقت اسان ان جي ٻاهرين شخصيت تي لکنداسون.

مغرب جي ان سياح کي مشرق جي سياحت ڪندي اهو ڏسڻ ۾ ايندو هتان جي شهرن ۾ وسندڙ ٻين ماڻهن جا مهانڊا هڪ جهڙا ڪونه لڳندا. پر يورپ جي سڌريل ۽ مهذب ملڪن ۾ سيني نسلن جا ماڻهو شادين جي رشتن ۾ ڳنڍجي وڃڻ ڪري پاڻ ۾ رلي ملي ويا آهن. تنهن ڪري اتان جي ماڻهن جا مُنهن مهانڊا، رنگ ۽ هڏ ڪاٺ ۾ ساڳيائپ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. مختلف ماڻهن جي نسلن اندر رت جي ميل ميلاپ وارو عمل گهڻي وقت کان هلندو آيو آهي. هي پاڻ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ هو پنهنجي سياحت جي ابتدائي مهينن کان اهو ڏسي رهيو هو تہ جيڪي بہ مرد ساڻس ملي رهيا هئا سي سڀ پاڻ ۾ ياٺر هئا ۽ سڀ عورتون جڻ پاڻ ۾ ڀينر هيون. ان کان پوءِ ڪيس ياد اچي رهيو هو تہ سندس اک اهڙين ڳالهين ڏسڻ جي عادي ٿي ويئي هئي ۽ ڪيس ڪنهن بہ ماڻهوءَ اندر ڪو فرق نظر ڪونہ آيو هو. اهو فرق فقط اوير لنڊن وارو ٻڌائي سگهندو آهي تہ ٻن سفيد ۽ هڪ جيتري قد وارين رڌن ۾ ڪهڙو فرق آهي.

اوير واري دنيا جي هن حصي(1) ۾ ملڪ جي آدمشماري ڪيترن ئي طبقن ۾ ورهايل هوندي آهي، پر انهن ۾ خاص قسم جي هڪ جهڙائي موجود هوندي آهي. سندس اُتڻ ويهڻ منهن مهانڊو بہ هڪ انساني نسل سان تعلق رکندو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پر هر طبقي جو رنگ مختلف هوندو

آهي، متئين طبقي جي ماڻهن جي ڪل(2) جو رنگ وڌيڪ خوبصورت ڏسڻ ۾ ايندو آهي. خوشحال گهراڻن جي ماڻهن ۾ نزاڪت ۽ نفاست اچي ويندي آهي، سندن مُنهن مهانڊا انهن ماڻهن کان وڌيڪ خوبصورت هوندا آهن جن کي ڪاڻڻ لاءِ اڻ پورو ڪاڏو ملندو آهي. سندن تعلق پورهيت طبقي سان هوندو آهي، پر انهن ماڻهن ۾ جدا طبقي ۾ هجڻ باوجود نسلي ساڳيائپ ضرور موجود هوندي آهي. مهانڊن ۽ مزاج جي اهڙي ساڳيائپ فطري طور هڪ ملڪ جي ماڻهن ۾ ضرور نظر ايندي آهي.

منهنجي اوهان کي گذارش آهي ته توهان سنڌ جي اوچي طبقي جي عورت جي ٻاهرين شخصيت بابت ڪجهه ڳالهيون ٻڌو. ان دوران مان اوهان کي ڪي اهڙيون ڳالهيون به ٻڌائيندس جنهن ۾ اوهان تمام گهڻي دلچسپي وٺندا آهيو.

سائين جان بُل، اوهان جي سامهون هڪ عورت برقعو پايو بيٺي آهي. هيءَ عورت اوچي گهراڻي جي عورت جو هڪ نيچ نمونو آهي. سندس برقعو به سندس طبقي جي نمائندگي ڪري رهيو آهي. اوهان کي محسوس ٿيندو هو ته اهو برقعو ڪنڌ وٽ ويڪرو آهي ۽ پيرن تائين پهچندي اهو سوڙهو ٿيندو ٿو وڃي. توهان کي محسوس ٿيندو تہ اهو چڻ تابوت مٿان تاڻ جو ڪپڙو ويڙهيو ويو آهي. پري کان ائين پيو محسوس ٿيندو چڻ ڪو پوت آهي. اهو برقعو گهر ۾ اُٽيل سوٽي ڪپڙو آهي، جيڪو هجڻ ته سفيد ڪپي پر هن وقت ان کي ڪو نالو ڏئي ڪونه ٿو سگهجي. اکين وٽ هڪ چاري لڳل اٿس نه ته سندس سارو منهن ڍڪيو پيو آهي. هن برقعي کي عزت ۽ شرافت جي علامت سمجهيو ويندو آهي ۽ بااخلاق ۽ عزت واريون عورتون پائينديون آهن. پر چرچائي قسم جا سنڌي چوندا آهن ته برقعي پائڻ واري عورت هرويرو شريف ۽ بااخلاق ڪانه هوندي آهي ۽ پاڙي واري ان عورت کان به وڌيڪ خراب هوندي آهي جيڪا برقعو ڪانه پائيندي آهي. پر گفتگو جي وچ ۾ مان اوهان کي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اسلام اندر ڪوبه فرق موجود ڪونه آهي. ان کان سواءِ هڪ حديث آهي ته منهنجي نسل مان ڪوبه ڪارو ماڻهو پيدا ڪونه ٿيندو. پر وچ آفريڪا جي ملڪن جا بادشاهه پنهنجي رعيتي ماڻهن جي مقابلي ۾ هلڪي رنگ جا هوندا آهن، ان جو ڪارڻ سفيد رنگ جي عورتن سان شادي ڪرڻ آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو مان ڊاڪٽر ڊارون جي سندس مشهور نظريي جو مخالف آهيان. انهيءَ ڏاهي ماڻهوءَ جو نقطہ نظر آهي ته

ڪاري ۾ ڪارو ۽ سفيد ۾ سفيد ماڻهو خوبصورتي جو نمونو بڻجي سگهي ٿو. منهنجو مشاهدو اِن جي بلڪل ابتڙ آهي. مان دنيا جون چارئي ڪنڊو گهميو آهيان ۽ مون هر جڳهه تي سهڻي عورت ڏٺي آهي جنهن جي خوبصورتيءَ جي هرڪو ماڻهو ساراهه ڪندو آهي. هي سوال حقيقت ۾ نظريي جو آهي. مان اهڙي خوبصورتي جو قائل ڪونه آهيان جنهن کي ساري دنيا جا ماڻهو گڏجي خوبصورت تسليم ڪن.

هاڻي اسان موٽي پنهنجي اصلي موضوع تي اچون ٿا. اسان جي سامهون بينل اها عورت ڏاڍي سخت مزاج آهي. چؤطرف پاڻ کي اهڙو ڍڪي ڇڏيو اٿس جو ڪٿان به نظر اچي ڪانه رهي آهي. هيءَ عورت گهر کان ٻاهر وڃڻ وقت چوغي سان گڏ پڙو پائيندي آهي ۽ چوغي مٿان ڏگهو انگوڇو به ضرور ڍڪيندي آهي ته مٿان ڪو ڏاريو ماڻهو سندس پيرن جي چيچن جي نهن تي لڳل مينديءَ جو رنگ نه ڏسي وٺي. ڪيس هن وقت اهڙا ڪپڙا پاتل آهي جيڪو هو گهر اندر پائيندي آهي. هن کي مٿي تي نٽي جي ريشمي پوتي آهي، جيڪا سندس چيلهه تائين پهچي ٿي. ان جي وٽ سان نهايت قيمتي ڪم ٿيل ڏسجي ٿو جڏهن ته ڪپڙن جو رنگ ڳاڙهو آهي، جنهن مان پتو پوي ٿو ته هيءَ عورت سياڳڻ آهي، يعني ڪنهن خوشحال ماڻهوءَ جي گهر واري آهي. رنڊ ۽ ڪراڙيون عورتون سفيد رنگ جا ڪپڙا ڍڪينديون آهن. هيو اوچڻ ڏگهو ۽ ويڪرو ۽ فرينچمين بلائوز جهڙو آهي. ان جون ٻانهون ايتريون ڏگهيون آهن جو هٿ ئي ڍڪجي وڃن ٿا ۽ ان جي ڪناريءَ سان پرت جو بهترين ڪم ٿيل هوندو آهي.

اهڙيءَ ريت ڳچيءَ جي چوڌاري به نازڪ ۽ نفيس قسم جو پرت پريل هوندو آهي. سياري جي موسم ۾ ڪيمخواب جو لباس ڍڪيو ويندو آهي، جڏهن ته اونهاري ۾ ملتان جي ململ ڍڪي ويندي آهي. سندس لباس تي اهڙي اوڇتو شيءِ لڳل ڪانه هوندي آهي جو خوبصورتي گهٽجي وڃي. ان کان سواءِ عورت جو پيو لباس گج آهي جنهن جي سيني ڍڪيندڙ واري حصي جو رنگ ڳاڙهو گلابي ٿيندو آهي. ان جي شڪل صورت روم جي استروفيم (Strophium) جهڙي ٿيندي آهي. هن سان عورت جا ٻُبا ۽ سينو ڍڪجي وڃي ٿو ۽ پٺئين پاسي کان اهو ڪهين سان ٻڌو ويندو آهي. پٺئين پاسي کان نيري پٽ يا ريشم جو ڍلو ڪپڙو هوندو آهي، جيڪو پيرن تائين پيو لڙڪندو آهي. اهي سڀ ڪپڙا پيرن جي مُرن وٽ اچي گڏ ٿيندا آهن. عورت جي جسم جي هيٺئين حصي جو لباس ڪجهه سوڙهو

هوندو آهي. اهڙيءَ عورت کي سٽڻ سان گڏ ٻئي لباس پائڻ ۾ پندرهن منٽ لڳي ويندا آهن. مان اوهان کي گذارش ڪندس ته عورت جو ناڙو يا اڳٽ ٻه ڏاڍو خوبصورت ٿيندو آهي، هن ۾ سون ۽ ريشم جو گڏيل ڪم ٿيل هوندو آهي ۽ ٻنهي ڇيڙن وٽ سچن موتين جا گول دائرا ٺهيل هوندا آهن. جن جي ٻاهران زمرد لڳل هوندو آهي ۽ صفا آخر ۾ خوبصورت گل يا ٽئونر لڳل ڏسجي ٿو. معلوم ائين ٿيندو آهي ته ناڙي جي تياريءَ ۾ گهڻو ڪم ٿيل آهي. اڳٽ جي ذڪر کان پوءِ عورتاڻي جُتيءَ جو بيان ڪيو ويندو جيڪا چمڙي جي ٿيندي آهي، ۽ ان کي پنيون پاسو ڪونه ٿيندو آهي، جيڪو پير کي جهلي بيهي. سندس اهو پويون پاسو سوڙهو ٿيندو آهي جو ڪڙيءَ ٻه صحيح طريقي سان ڦٻي ڪانه بيهندي آهي. اڳئين پاسي کان مهاڙيءَ وٽ ڦندڻ لڳل هوندا اٿس جيڪي ريشم يا پٽ جا هوندا آهن ۽ گهڻ رنگا ٿيندا آهن. پاسن تي سائي رنگ جي گلڪاري ڏسبي آهي ۽ ڪڏهن موتي ٻه مڙهيا ويندا آهن، ان ڪري پائڻ واري عورت هر ہيءَ وک تي ٿابو کائي ذري گهٽ ڪرندي آهي. توهان اهو ضرور سمجهندا ته سنڌي ماٺهو عيسائي راهبن وانگر عورت جي هلڻ جي طاقت مٿان پابندي جهڙي شيءِ رکندا آهن. پر مان ان لاءِ فقط هيءَ گذارش ڪندس ته اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانهي، پر اهو هڪ فيشن آهي جيڪو ڪل جهڙو ڏسبو آهي.

اوهان جيڪڏهن سنڌ جي هن وڏ گهراڻي عورت کان يورپ جي عورت جي جُتيءَ بابت پڇندا، ته هوءَ ٽوڪ ڪندي وراڻيندي ته يورپ جي جي عورت جي جُتي غاليچي جي ٽڪرن جو هڪ مجموعو آهي.

سنڌي عورت کي مٿي تي رئو ڍڪيل هوندو آهي، جڏهن ته چولو سنهڙي ململ جو پائيندي آهي. ان جي هيٺان نيري رنگ جي پَٽَ جي انگي هوندي اٿس. سندس هيٺيون لباس سٿڻ هوندي آهي. سنڌي عورت جو بس اهوئي لباس آهي. پر رنگ سدائين هڪ جهڙو ڪونه پائيندي آهي. سنڌي هڪ نيم وحشي جهنگلي انساني نسل آهي ۽ ان جهنگلي ماٺهن جي لباس ۾ سنڌي عورت ڏاڍي ملوڪ لڳندي آهي. اوپر جي ماٺهن ۾ سنڌي عورت وڏيڪ سهڻي آهي، برقعو ٻه جڻ هتي جي عورت جي لباس ۾ شامل آهي، جيڪو مرداڻي معاشري ۾ سنو ڪونه ٿو لڳي.

هاڻي اسان سنڌي عورت جي شخصيت جي ڳالهه ڪنداسون. سندس وار ڊگها ۽ ڪارا ٿين ٿا، جيڪي خوشبودار تيل سان واسيل هوندا آهن. انهن کي ونگ جهڙي گول نرڙ وٽان ٻن چوٽين جي شڪل ۾ ويڙهيو

ويندو آهي. اهڙيون چوٽيون هڪ قسم جي ڪوئنر ۽ پاٽيءَ سان ٺهيل لاسَ وسيلي جوڙيون ويندديون آهن. مذڪوره ٻئي چوٽيون ٻنئين پاسي هيٺ هلي هڪ چوٽيءَ جي شڪل اختيار ڪري ويندديون آهن. جيڪا چيلهه وٽ پئي لڙڪندي آهي ۽ ڏاڍي خوبصورت لڳندي آهي. مان هن وقت تائين ڪنهن ٻئي نسل جي عورت جي چوٽي ايتري سهڻي ڪانه ڏٺي آهي. اهي خوبصورت چوٽيون اهڙي ٻَٽَ سان گڏ ويڙهيون ويندديون آهن جيڪو اڳٺ وانگر پٽا پٽي هوندو آهي ۽ سينڌ ۾ ڪنگي چوٽيءَ ڪان وڌيڪ خوبصورت لڳندو آهي. هن جون اکيون وڏيون ٿينديون، جڻ مشعل پيا ٻرن. ماٿڪي صفا نيپور ڪاري، جڏهن تہ تارو صفا اڇو ٿيندو آهي. اک جي شڪل صورت سپ يا بادامي وانگر ۽ پنبڻيون بہ ڏگهيون ۽ بي انتها سهڻيون ٿينديون آهنَ. مون کي اهو پتو نہ آهي تہ اکين ۾ ڪجل پاتو ويندو آهي يا نہ، جنهن کي اسان (fulego of the Roman fair) سڏيندا آهيون. ڪجل جي استعمال ڪري اکيون وڌيڪ ڪاريون ۽ سهڻيون لڳنديون آهن. هن شيءِ جي استعمال سان اکيون وڏيون ۽ مُنهن جو حصو محسوس ٿينديون آهن. ڪجل هٿ ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ ارنڊيءَ جي تيل سان ڏيو ٻاري ان جي ٻرندڙ وٽ مٿان چاقو جهليو ويندو آهي ۽ دونهين جي ڪارنهن چاقوءَ جي ڦڙتي اچي گڏ ٿيندي آهي، جنهن کي ڪاٺ يا سيهي جي سرائيءَ سان ڪتب آندو ويندو آهي. هي اکين ۾ سرمي وانگر پايو ويندو آهي پر پنبڻن جي اڙن وٽ اک جي ڇپر تي بہ لايو ويندو آهي. مرد سرمو پائيندا آهن جنهن ڪري سندن اکيون ڪاريون ۽ خوبصورت لڳنديون آهن. هن ڪان سواءِ مرد نرڙ ۾ لونڊڙين تي ڪپهہ سان ابرق جو سنهو اٿو هڻندا آهن، انهيءَ لاءِ جيئن اهو پڳهر محسوس ٿئي. اهڙيون ڳالهيون پارسيءَ جي شاعريءَ تان ورتيون ويون آهن، جيڪي ڏاڍيون خطرناڪ آهن. هتان جا ماڻهو چوندا آهن تہ اهو جڻ ڪل تي لوڻ ڇٽڪارڻ آهي. وارن کي ميٺ سان ڌوتو ويندو آهي. عبراني ۽ عربي ٻوليءَ ۾ هن شيءِ کي تفل سڏيو ويندو آهي. جڏهن تہ فارسيءَ ۾ ميٺ کي گلِ سرسوتي ڪوٺيو وڃي ٿو جنهن جي معنيٰ آهي وارن کي ڌوئڻ واري مٽي. ميٺ حيدرآباد ۾ ٻين جبلن مان کوٽي ٻاهرِ ڪڍيو ويندو آهي ۽ ان کي صابڻ بدران ڪم آندو وڃي ٿو. غريب ماڻهو ميٺ ملي، ان سان سرنهن جو صاف تيل ملائي بدن کي ملي وهنجندا آهن. جڏهن تہ خوشحال ماڻهو ميٺ ملي، ان سان گلاب جون پتيون ۽ ٻي سرهاڻ گڏائي تڙ ڪندا آهن. ڳلن جي خوبصورتيءَ لاءِ ڪيسوڦل (Lac_rouge) هنيا ويندا آهن. ان

لاءِ مان اوهان کي گذارش ڪندس تہ اوهان مغرب وارن کي چئو تہ خوبصورتيءَ لاءِ ڪيسوڦل ضرور ڪتب آڻين.

سنڌين جا نڪ سڌا، سنهڙا ۽ ناسون اندر تي جهڪيل هونديون آهن، يعني ڦاتوڙيون ڪونہ ٿينديون آهن، جيڪي ڏاڍيون سهڻيون لڳنديون آهن. توهان تہ شايد اهڙن نڪن جي تعريف ڪونہ ڪندا، باقي مون کي تہ بي انتها سهڻا ٿا لڳن، جڻ سون جو گل، جڻ سچي مکڻ جو پيالو ۽ نڪ جي چوٽي جڻ تہ موتي پٽي لڳندي آهي. سنڌ ۾ نڪ جا ڳهہ گهڻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪ تہ نڪ جي ٻنهي پاسن تي پاتا ويندا آهن. ڪي ڳهہ نڪ جي وچين پاپڙيءَ ۾ پاتا وڃن ٿا. جڏهن اهي ڳهہ نڪ مان ڪڍيا ويندا آهن تہ ان جاءِ تي لؤنگ يا سوني روپي چٽنگ پائي ويندي آهي. جيڪڏهن ائين نہ ڪبو تہ نڪ جو سوراخ بند ٿي ويندو. اهڙيءَ ريت نڪ ۾ پاتل ڪاري رنگ جي واڳي وجهي آڏو لوندڙي جي مٿان وارن ۾ ڦاسائي ويندي آهي. سنڌي عورت جو وات بہ ڏاڍو سهڻو ٿيندو آهي. هيٺان مٿيان ڏند موتئي جي مکڙين جون قطارون پاسبيون آهن. ڏند بہ اهڙا سهڻا جو ڪنهن بہ ڪتي ڪونہ ڏٺا هوندا. سندس خوبصورت چهري تي جيڪڏهن تر نہ هوندو آهي تہ سُئيءَ ۽ سرمي جي مدد سان هڪ تر ٺاهي وٺندي آهي. چپ ۽ مهارون مساڳ جي چوڏي هڻڻ سان ڳاڙهيون پوريون ٿي پونديون آهن. مساڳ اکين لاءِ ايترو خراب ڪونہ هوندو آهي جيتري مسي(3) هوندي آهي. اها شيءِ (Vitriol) جي اٽي ۽ فولاد ۽ ٻين شين ملائڻ سان ٺاهي ويندي آهي ۽ ڏندن جي پاڙن ۾ هڻئي ويندي آهي. پان کائڻ وارن ماڻهن جي ڏندن تي چوني جو خراب اثر ٿيندو آهي ۽ پاڙون ڪاچي وينديون آهن ۽ ڏندن تي ڪٽ چڙهي ويندي آهي. هتي وڏي ڪن کي گهڻو پسند ڪيو ويندو آهي. تنهن ڪري ان کي بہ وڏي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. هتن جي ترين کي ڦڪو ڪرڻ مڪروه سمجهيو ويندو آهي، ان سان گڏ ننهن کي مينديءَ سان ڳاڙهو ڪيو ويندو آهي. اوپر جو جهنگلي زيتون ڪل تي بہ اثر ڇڏيندو آهي. هڪ تہ اهو چمڙي لاءِ تيز (astringent) ٿيندو آهي، ٻيو تہ ان کي رنگ ڇڏڻ جي خوبي آهي. هي يورپ جي ذاتن جي مرڪب جيترو خراب ڪونهي. مذڪوره جهنگلي زيتون ۾ وارن کي وڌائڻ جي خاصيت آهي. هن جي خوشبوءِ بہ ڏاڍي سٺي ٿيندي آهي ۽ هڻڻ وقت بہ ڪا خاص تڪليف ڪونہ ڏيندو آهي. هتان جي ماڻهن جو خيال آهي تہ ان کي جيڪڏهن ٿورو وقت رکي ڇڏبو تہ

پنھنجو اثر وجائي ويھندو آھي. ائين سمجھڻ سندن غلطي آھي. مان هندستان کي الوداع چوڻ وقت هن جا ڪيترائي شيشا پاڻ سان کڻي ويو هئس. شيشن جون ٻُجيون چڱيءَ ريت بند ڪيون هئم ۽ ان سان گڏ ٻُجين کي ميڻ بہ هنئي هئم. پورا پنج مهينا سامونڊي سفر ۾ رهيس. پر اهو خراب ڪونہ ٿيو هو. پر ان کي تيار ڪرڻ مهل هن جي پنن کي ڪوسو پاڻي وجھندو ۽ گھوٽيندو رهجي يا ان کي چانورن جي سنهي پَٽَ ۾ سنهو ڪندو رهجي ۽ ان کي استعمال کان ڏهہ يا ٻارهن ڪلاڪ اڳ تيار ڪجي ۽ هٿڻ کان ٿورو اڳ اُس تي يا هلڪيءَ گرميءَ تي رکجي. هن جي لئي (paste) مٿي جي کوپڙي (scalp) واري کل کان سواءِ ننهن ۽ چمڙيءَ جي هر حصي کي رنگين ڪري ڇڏيندي آھي. استعمال جو طريقو اهو آھي تہ ان لئيءَ کي برش جي مدد سان وارن جي پاڙن کي هٿڻ گھرجي. پر ائين ڪرڻ کان اڳ وارن کي صابڻ يا ٻيءَ شيءِ سان چڱيءَ ريت ڌوئي صاف ڪجي. پنجن ڇهن ڪلاڪن کان پوءِ پڪين سرن جي اٽي جهڙو رنگ ظاهر ٿي پوندو آھي. نير جي پنن مان بہ لئي ٺاهيَ ويندي آھي، جنهن کي دمشق جي ڪاري ميندي جي نالي سڏيو ويندو آھي. هن جو پهريون رنگ هلڪو سائو ۽ پوءِ ڪارو ٿي ويندو آھي.

آخر ۾ هيءَ ڳالهہ ڪرڻ بہ ضروري ٿو سمجهان تہ ٻانهن تي موجود وارن مان سمجهيو ويندو آھي تہ عورت جو تعلق هيٺئين طبقي سان آھي، تنهن ڪري ٻانهن جي وارن کي ختم ڪيو ويندو آھي. ان لاءِ بہ هڪ ليپ ٺاهيو ويندو آھي، جنهن ۾ اڌ آنو هرتال (orpiment) ۽ اڌ پاءُ چونو ملايو ويندو آھي ۽ ٻنهيءَ کي گڏي ڪٽي سنهو ڪبو آھي. جڏهن ان ليپ جو رنگ هلڪو ڦڪو ٿي ويندو آھي تہ سمجهبو آھي تہ هاڻي ڪتب آڻي سگهجي ٿو. لئي بنائڻ لاءِ هلڪو گرم پاڻي استعمال ڪبو آھي. ان لئيءَ کي ٻانهن تان منٽ اندر لاهي ڇڏبو آھي، نہ تہ اهو تيزابيت ڪري کل کي ساڙي ڇڏيندو آھي. يورپ جا ماڻهو هن ايجاد کي حضرت سليمان ڏانهن منسوب ڪندا آهن. چاڪاڻ تہ شيبا جي راڻي بيبي بلقيس، جيڪا حضرت سليمان جي گهر واري هئي، جي ڄنگهن تي وڏا وار هئا. تنهن ڪري حضرت سليمان هن جي ڄنگهن جي وارن کي ختم ڪرڻ لاءِ مذڪوره ليپ ايجاد ڪيو هو. پر مهذب ماڻهن لاءِ هي ليپ ايڏو سٺو نہ آھي. بانڊ اسٽريٽ (Bond street) جي ماڻهن وٽ هن کان بہ وڌيڪ سٺيون شيون آهن جيڪي پنهنجي گراهڪن کي ڏيندا آهن. پر هنن جو مکيہ

ڏنڏو خوشبودار شيون وڪڻڻ آهي. ليڪن مان هتي جي هن شيءِ کي رد ڪرڻ ڪونہ ٿو چاهيان. توهان کي خبر هوندي تہ اسان جون عورتون جوراب نہ پر ڪل جا سخت ڪڪرا (Callosities) پائينديون آهن. ان ڪري ڪين پيرن جي بيماريءَ جي معالج (Chiropodist) ڏانهن وڃڻو پوندو آهي. اهڙيون ڳالهيون اسان جي اکين کي خراب ڪونہ لڳنديون آهن.

اوهان کي ياد هوندو تہ مون سنڌ جي عورت جي لباس کي رنگين سڏيو آهي. پر مان اها ڳالهہ ضرور قبول ڪندس تہ هتي جي وحشي ۽ نيم وحشي ماڻهن جي اها عادت آهي تہ محنت سان ايجاد ڪيل شيءِ جو قدر ڪونہ ڪندا آهن. هنن ماڻهن جي اها بہ عادت آهي تہ سچي سون مٿان بہ چمڪدار پاڻي چاڙهائيندا آهن. سندن چمڙي ڪيڏي بہ خوبصورت هوندي آهي تہ ان کي مختلف قسمن جي لئي ۽ ليپ لائي ان جي قدرتي بهتر رنگ کي بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ٻيو تہ الائي ڇا استعمال ڪري خوبصورت ڏندن کي تباهہ ڪيو ويندو آهي ۽ سهڻن وارن کي الائي ڪهڙا مسالا هڻي انهن جي قدرتي سونهن جي ستيا ناس ڪئي ويندي آهي. اهو بہ ڏنو ويو آهي تہ هتي سنين ۽ قدرتي سونهن خلاف خطرناڪ قسم جا ڏوهہ ڪيا ويندا آهن. اها جڻ قدرتي فن سان هٿ چراند ڪرڻ آهي. اهڙيون ڳالهيون قدرت کان اڳتي نڪري وڃڻ جون ڪوششون هونديون آهن. پر اهو نقل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هوندو آهي. يورپ جو بہ ساڳيو مثال آهي، پاڻ کي سڏائيندو تہ مهذب آهي پر ڪيتريون ئي ڪڏيون ڳالهيون ڪري وجهندو آهي. اهو تہ سينيءَ کان وڏيڪ مجرم آهي. اوهان پاڻ ڏسو بڪرم جهڙو ڪلف ڏنل ڪپڙو پاتو پيو وڃي، ان کان سواءِ هٿراڏو وارن جا جهُوڙا ڪتب آندا پيا وڃن. وڏين ڳُڙين وارن جُتين پائڻ جو بہ رواج عام ٿيندو پيو وڃي. ڪنن ۾ اهڙيون واليون پاتيون پيون وڃن جيڪي لٽڪڻ وانگر هيٺ لڙڪي رهيون آهن جيڪي ڪيڏيون خراب پيون محسوس ٿين.

جيتري قدر سنڌ جي ڳهڻ جو تعلق آهي تہ انهن ۾ هتان جي عورت جي پسند سني ڪانہ ٿي لڳي. اسان نرڙ جي لاءِ اهڙي ڳهہ جي چونڊ ڪيون ٿا جيڪو نرڙ تي نهي ئي ڪونہ ٿو. اهڙا ڳهہ تہ ضروري سمجهيا ويندا جيڪي بلڪل ئي سٺا ڪونہ هوندا آهن ۽ اهڙي نرڙ لاءِ جيڪو ڪوجهو آهي، هڪ گهاٽي واڱڻائي رنگ جي پٽي هوندي آهي جيڪا نرڙ تي موجود هوندو آهي، جنهن تي ڏاتوءَ جو هڪ وزني گول ٽڪر ڳنڍيل

هوندو آهي يا وري چمڪندڙ قيمتي پٿر مڙهيل ڏسبا آهن. هن معاملي ۾ يورپ وڌيڪ شريف ڏسبو آهي، جتي ڌيءُ پنهنجي ماءُ جي ڳهن مان سوين وڏون ڪيندي آهي پر پنهنجي نانيءَ جي ڳهن کي ضرور پسند ڪندي آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس والده اهي ڳهہ پسند ڪونہ ڪيا هئا. مشرق ۾ احساس جي تہ ڪا ڳالهہ ئي ڪانہ ڪئي ويندي آهي. هار سينگار ۾ ڳهن جي ضرورت محسوس ضرور ٿيندي آهي. يورپ ۾ ڳهن ۾ نواڻ ۽ تبديلي پسند ڪئي ويندي آهي. پر هتي ائين ڪونہ آهي. پراڻن ڳهن ۾ تبديلي آڻڻ جو نہ سوچيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت نئين ٿهيءَ کي اهي ورثي ۾ ملندا رهندا آهن ۽ پراڻن ڳهن جي صورت ۾ هڪ وڏو خزانو گڏ ٿي ويندو آهي ۽ اهي اجا بہ گڏ ٿي رهيا آهن.

نرڙ جو ڳهہ سون جو بہ ٿيندو آهي، جنهن تي قيمتي پٿرن جو جڙاءُ ٿيل هوندو آهي. ڪڏهن وري قيمتي پٿر ڪنهن شيءِ ۾ مڙهي نرڙ جو ڳهہ ناهيو ويندو آهي، جيڪو ڪڏهن قيمتي ۽ ڪڏهن سادوهوندو آهي. نرڙ جا بہ ڳهہ ٿيندا آهن. هڪ جو نالو ٽڪو ۽ ٻئي جو سينڌ ڦل آهي. هنن ٻنهي ڳهن جا ٽي حصا ٿيندا اهن. مرڪزي حصو وچ نرڙ تي ٽڪيل هوندو آهي، باقي ٻہ حصا پاسن تي هوندا آهن. ٽِڪو سينڌ ڦل جو سادو قسم آهي. پر هي ٻئي ڳهہ ڏاڍا مهانگا ٿيندا آهن ۽ گهٽو ڪري غريب ماڻهو پائي ڪونہ سگهندو آهي. سنڌين جو ڪن قدرت ٻُڌڻ لاءِ نہ پر ڳهن پائڻ لاءِ ناهيو آهي، سو ڪن ۾ هڪ نہ پر گهڻا ڳهہ پايا ويندا آهن. ان ڪري وزن پيدا ٿي پوندو آهي، ان ڪري واڳي ضروري پائي ويندي آهي. هنن ڳهن ۾ پنڙا، واليون، جهالر، سنبي، ليلم، جهومڪ وغيره شامل آهن. ڳچيءَ جا ڳهہ بہ گهڻا آهن جهڙوڪ هس، ٽائٽ، ڪنٺي، دهري، چندن هار وغيره ڳچيءَ جو هڪ ڳهہ اهڙو بہ آهي جيڪو ڳچيءَ سان ٻڌل هوندو آهي، لڙڪي ڪونہ بيهندو آهي. هيءَ ريشم جي هڪ پٽي آهي، جنهن تي سون تاڪيل ۽ قيمتي پٿر مڙهيل هوندا آهن. هڪ بيو ڳهہ بہ ٿيندو آهي جيڪو چانديءَ جو ٿيندو آهي، سندس شڪل هس جهڙي ٿيندي آهي پر ان ۾ سون ويهاريو ويندو آهي. ڳچيءَ جو هڪ ڳهہ اهڙو بہ آهي جيڪو ڳهہ کان وڌيڪ سزا ڏيڻ جو اوزار معلوم ٿيندو آهي. اهو جڻ موجوده دؤر جي انگريزن جي ڪتي جو زنجير معلوم ٿيندو آهي. آڱرين جا ڳهہ گهڻو ڪري بنا چٽ جي هوندا آهن، جن کي ڇلا منديون سڏي سگهجي ٿو. هنن مان ڪي ويڪرا ۽ ڪي سوڙها ٿيندا آهن، جيڪي سون ۽ چانديءَ جا آهن.

آڱوٺي جو ڳهه ڪجهه ويڪرو ٿئي ٿو جنهن ۾ آئينو لڳايو ويندو آهي، جنهن ۾ عورت پنهنجي سونهن کي ڏسي وٺندي آهي. هندستان جي عورت وانگر سنڌي عورت شيشي جون رنگين چوڙيون يا ٻيءَ شيءِ جهڙوڪ: ڄَوَ (Scaly wax) جون چوڙيون ڪتب نه آڻيندي آهي، ان جي پيٽ ۾ هندستاني عورت ڏهه ٻارهن چوڙيون پايو پئي گهمندي آهي. ٻانهن ۾ پائڻ جا به گهڻا ڳهه جهڙوڪ: پئونچي، چوڙيون ڪنگڻ آهن. چوڙيون گهڻو ڪري سون، چاندي ۽ عاج جون ٿين ٿيون، جن مان ڪي نهريون ۽ ڪي پوريون ٿينديون آهن جن جي اندر رال (rosin) رجائي پلٽي ويندي آهي. ان کان سواءِ عورت ڏوري ۾ تعويذ(4) به ٻڌندي آهي. پر هن تعويذ جو خيال ڳهن کان وڌيڪ رکيو ويندو آهي. گيئونيا (Guinea) جي چوڻ مطابق ته اها ڪاغذ تي لکيل مقدس تحرير هوندي آهي جيڪا پائڻ واري کي بدنظر کان بچائي وٺندي آهي، يا وري ڪنهن مرحوم صوفي فقير جي بيت جو حصو لکيل هوندو آهي، جنهن کي چانديءَ جي تائٽ ۾ رکيو ويندو آهي ۽ پٽ جي ڪاري سڳي سان ڏوري ۾ ٻڌو وڃي ٿو. منهنجوهڪ دوست آهي جيڪو هن قسم جي تعويذن لکڻ ۾ ماهر آهي، جنهن مون کي هڪ پراڻو تعويذ ڏيکاريو جيڪو معزز گهراڻي جي هڪ عورت پايو گهمندي هئي ۽ پورا ٻه سال سندس ٻانهن ۾ ٻڌل رهيو هو. مون ڏٺو ته ان جو هڪ هڪ لفظ پڙهڻ جوڳو ئي ڪونه هو. سندس تحرير ڪڏهن گول شڪل ۾ ڪڏهن هم چورس ۽ ڪڏهن چوڪڙين جي شڪل ۾ هئي. اهو مقدس تائٽ بس ان قسم جي تحرير تي مشتمل هو. هڪ پيري منهنجي دوست صاف سنڌي ٻوليءَ ۾ ان رن زال کي چڱيءَ ريت سمجهايو هو ته تائٽ ۾ لکيل شيءِ جو مقصد ڇا آهي، جيڪو ان عورت کي هر بدنظر کان بچائي ٿي سگهيو. اها عورت جڏهن خوشحال ٿي وئي هئي ته به هن اهو تعويذ اڇلائڻ بدران هن کي پاتل رهيو هو.

توهان پاڻ ڏسي رهيا آهيو ته سامهون ويٺل عورت جا مُرا ٻانهن جي ڏوري جهڙا آهن، جن ۾ ڪيس زيور پاتل آهن. هنن سينيءَ مان سهٽي هڪ چوڙيءَ جهڙي شيءِ آهي، جنهن سان گول چمڪڻين جي هڪ جهالر لڳل آهي، جيڪا عورت جي وڪ ڪٽڻ سان وڃڻ شروع ڪندي آهي. سندس ڪڙين جي مٿان به هڪ ڳهه ٻڌل آهي، جنهن جو تاثر به ڏاڍو ناهوڪو آهي، جيڪو چانديءَ جو نهيل آهي ۽ ميڻديءَ جي رنگ سان ڏاڍو محسوس ٿي رهيو آهي.

اها سنڌي عورت اوهان جي سامهون بيٺي آهي، جنهن کي رئو چولو انگي ۽ سٿڻ پاتل آهي. سندس پيرن ۾ اهڙي جُتي پاتل آهي جنهن جا مختلف حصا آهن ۽ کيس مختلف رنگ آهن. هن عورت کي هر قسم جا ڳهه پاتل آهن ۽ مٿي ڪان ونءِ پيرن تائين ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي آهي. سندس مزاج ۾ ڏاڍي عزت ۽ آبرو بڪي رهيو آهي. سندس شخصيت ۾ تمام گهڻو وقار آهي. هو لؤٹو هٽي ڪيڏانهن واجهائي ڪانہ تي ڏسي. سندس ڪلها اُڀا آهن پر گولائيءَ تي هيٺ لٽل ڪونہ آهن. سندس هٿ ۾ پٽ جي ڏوري آهي، جنهن ۾ هڪ ٿيلهي ڏسجي ٿي جنهن ۾ مشڪ پيل ڏسجي ٿو. اسان هن بابت جيڪي ڳالهائي رهيا آهيون، تنهن کي ڏاڍي ڌيان ۽مان پڌي رهي آهي، ان جي جواب ۾ هو ڪاٻو هٿ نرڙ تائين کٽي اسان کي سلام ڪري ٿي. هتان جي عورت ساڄي هٿ سان سلام ڪانہ ڪندي آهي. اسان جيڪڏهن کيس ويهڻ جي آڇ ڪنداسون تہ هوءَ پر واري ڪرسيءَ تي ويهندي، پر کيس پلٿي هٽي ويهڻ جي عادت آهي، تنهن ڪري ڪرسي جي پاسي سان هڪ فوٽ کن جيتري جاءِ مس والاري ويهندي ۽ ايتري جڳهہ مخصوص شخصي وجود جي ضرورت مطابق آهي. جيڪڏهن سندس هٿ وارو رومال هيٺ ڪري پوندو تہ هوءَ نوڙي هٿ سان ڪانہ کڻندي پر پير جي مدد سان مٿي کڻندي. اوپر جا سڀ ماڻهو گهڻو ڪري قدبت ۾ هم چورس ٿيندا آهن. اوهان ڏسندا تہ هوءَ هر هر پنهنجي رئي کي ٺاهي ۽ سموهي رهي آهي ۽ ڪڏهن ناز ۽ ادا بہ ڪري رهي آهي. هوءَ اسان جي ڪوشش باوجود اسان سان پنهنجي مان ۽ مرتبي کي ڏسي ڪاوڙ مان مُنهن ڪوجهو بہ ڪانہ ڪندي. هن وقت کيس حقي ڇڪڻ جي ضرورت آهي. هوءَ هاڻي حقو ڇڪي پئي ۽ زور سان ٻڙڪو پري رهي آهي ۽ تماڪ جي خوشبوءِ کي ققڙ جي هر ڪنڊ ۾ پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، ان دوران اها بہ ڪوشش ڪري رهي آهي تہ جيئن هو پنهنجي ٻانهن ۽ چيلهہ کي چڱيءَ ريت ڍڪي سگهي. مان اوهان کي گذارش ڪندس تہ سندس زندگيءَ بابت اهو سڀ لکڻ جي ڪوشش ڪجو. آءُ اوهان کي ٻڌائي رهيو آهيان تہ هن عورت پنهنجي زندگيءَ جو ابتدائي حصو حرم ۾ گذاريو آهي، جتي سندس والده کيس سدائين جهڻڪندي ۽ چڙٻيون ڏينديءَ هئي. سندس والده ساڳئي وقت نوڪرياڻين ڇوڪرين کي دڙڪا ڏيندي هئي. جڏهن هيءَ ننڍڙي هوندي هئي تہ سندس والدين هن جي لباس ۽ ڳهن ڳنن جو گهڻو خيال

ڪندا هئا. هن کي اها سڀ خبر هئي، جيڪا ڪيس نہ هئڻ گهرجي ها. ڇهن سالن جي عمر ۾ هوءَ ڳاريون ڏيڻ بہ سکي وئي هئي ۽ نڳيون ڪرڻ ۾ ماهر ٿي وئي هئي. ڇڪي اڇلائڻ جي پڻ ماهر هئي. پٽن راند بہ ڄاڻندي هئي ۽ ڇيلي ڇنر واري ڪوڏين جي راند بہ ڪري سگهندي هئي. ٿوري وڏي ٿي تہ هن پڙهڻ بہ شروع ڪيو هو ان ان گڏ ڪپڙا سبڻ ۽ ٽوپو ڏيڻ بہ سکي ورتو هو. بعد ۾ هن پرت پرڻ ۽ نماز پڙهڻ جي ڄاڻ بہ حاصل ڪري ورتي هئي. تنهن ڪري هن تي پئسي خرچ ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ ٿي هئي. ان کان پوءِ مڪتب جو هڪ مُلا سندس گهر اچي سندس پنهنجي ٻولي ۾ لکڻ پڙهڻ سيکاريندو هو جيڪو قرآن شريف پڙهڻ کان مختلف ڪم هو. البت ڪيس لکڻ ڪونہ سيکاريو ويندو شايد مائٽ ائين ڪرڻ کان ڊڄندا هئا. سندن وقت يورپ جي عورت جيان موسيقيءَ ۾ گذرندو هو. پر هڪ فرق ضرور هوندو هو تہ يورپ جي عورت پيانو تي جدائيءَ جا اُداس سر ڪيندي آهي، پر هيءَ ان جي پيٽ ۾ دهلڙيءَ ڍولڪ وڄائيندي رهندي آهي. هن ڪڏهن بہ ڊرائينگ ماسٽر ۽ پروفيسر جون ڇڙٻون ڪونہ کاڌيون هيون. دنيا جي هن حصي ۾ نہ ڊرائينگ ماسٽر آهي، نہ وري پروفيسر ئي موجود آهي. ان وقت تائين هن فقط فرينچ انداز وارو سلام ڪرڻ سکيو هو جيڪو سلام ڪرڻ جو هڪ خوبصورت نمونو هو.

جڏهن سندس عمر ڏهہ سال ٿي هئي تہ هو ذهني طور ماءُ بڻجڻ لاءِ تيار ٿي چڪي هئي ۽ جسم ۾ هڪ نئين تبديلي محسوس ڪري ورتي هئائين. هن سوچي ڇڏيو هو تہ جيڪڏهن هن پنهنجي زندگي عزت ۽ وقار سان گذاري تہ سندس آزاديءَ کي ڪير بہ لوڏي ڪونہ سگهندو. ان وقت ڪيس روڪيو ويو هو تہ هوءَ نوڪرياڻيءَ سان گڏجي ٻاهر کوهہ تان پاڻي ڀرڻ نہ وڃي. ڪيس هن ڪم مان ڏاڍو لطف ايندو هو. پاڻيءَ ڀرڻ لاءِ کوهن تي ڪيترن ئي قسمن جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. تنهن ڪري اهڙن هنڌن تان عشق جون سچيون ڪُوڙيون ڳالهيون پيون جنم وٺنديون هيون. ائين ٽيڻ کان پوءِ سندس گهرو حياتي بي رنگ گذرندي هئي ۽ ڄڻ گهر ۾ قيد ٿي رهجي وئي هئي. هڪ پاڙيسري ماڻهو سندس پيءُ جو دوست هو تنهن سندس پيءُ کان پنهنجي پٽ لاءِ هن جو سڱ گهريو. اصلي ڳالهہ اها هئي تہ هن جي پيءُ جي دوست، نہ وري ان جي پٽ ڪڏهن ڪيس ڏٺو هو. اهڙي رشتي لاءِ گهرُو لاڳاپا ئي ڪافي هئا ۽ ڇوڪري جي عمر بہ شادي

لائق هئي. ان مقصد سان هڪ عورت، تيندڙ ڪنوار جي ماءُ ڏانهن موڪلي وئي هئي، جنهن اچي ڪنوار ماءُ ڪي سلام ڏنا. پر ڪيس تاڪيد ڪيل هو تہ هو ڪنواريتن جي گهر وچي سامان وغيره چڱيءَ ريت جاچي ڏسي، ان سان گڏ اهو بہ معلوم ڪري وٺي تہ گهر ڀاتين جو پاڻ ۾ ڪهڙي قسم جو رويو آهي. ان عورت تي سڀ کان وڌيڪ هن ڳالهہ جو زور ڀريو ويو هو تہ تيندڙ ڪنوار جي عمر، صورت شڪل، هڏ ڪاٺ، اُٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ جو طريقو چڱيءَ ريت ڏسي وائسي. جڏهن تہ ٻئي پاسي والدين پنهنجي ڌيءُ ڪي خبردار ڪيو هو تہ هوءَ اُٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو خيال رکي، ڪڏهن بہ رئو مٿي تان نہ لاهي، پڇڻ سان هڪدم ورندي نہ ڏئي، پر جڏهن ڪانئس بہ ٽي ڀيرا پڇيو وڃي تہ پوءِ مناسب جواب ڏئي. سندس هلڻ چلڻ مان عزت ۽ وقار جهلڪندو رهي. ان ڪري ڇوڪريءَ هار سينگار ڪري، لٽا ڪپڙا پائي پنهنجي شخصيت جو اهڙو اظهار ڪيو جو ايندڙ عورت متاثر ٿي وئي تہ هوءَ ڪنهن شريف گهر جي باوقار ڇوڪري آهي.

هڪ ڏينهن وچ واري اها مائي آئي ۽ ساري ڳالهہ ڏاڍي خوش اسلوبي ٿي گذري.

آخر ۾ ان عورت(5) پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪئي تہ هوءَ ڇوڪريءَ جي رشتي لاءِ آئي آهي ۽ ڇوڪري ڪيس پسند آهي. اها ڳالهہ ٻڌي ڇوڪريءَ پيءُ ۽ ماءُ ڪيس چيو تہ هنن جي هن وقت ڇوڪري جي شادي ڪرڻ جي مرضي ڪانہ آهي. پر هنن اهو مٿينءَ دل سان چيو هو. مذڪوره عورت جي ساري زندگي اهڙن رشتن ڪرائڻ ۾ گذري هئي، تنهن ڪري هڪدم سمجهي وئي تہ ڇوڪريءَ جا مائٽ ڇوڪريءَ جي سڱ ڏيڻ ۾ راضي آهن ۽ مناسب موقعي تي ڇوڪريءَ جي شادي لاءِ راضي ٿي ويندا. بعد ۾ اها عورت موڪلائي توڪلائي انهن ماڻهن وٽ پهتي جن ڪيس ان ڇوڪريءَ جي سڱ لاءِ موڪليو هو ۽ کين مبارڪون ڏنائين.

اها مائي ٻيهر مهينو ڪن ڪانہ آئي. ان دوران گهوٽيتا ۽ ڪنواريتا پنهنجي پر ۾ ڪوشش ڪندا رهيا تہ گهوٽ ۽ ڪنوار جي شادي ڪهڙي طريقي سان ٿيڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح ڪنواريتا اچا بہ وڌيڪ معلومات حاصل ڪندا رهيا تہ گهوٽ جا دوست احباب ڪهڙا آهن. پاڙيوارن سان سندن ڪهڙو سلوڪ آهي وغيره. مائيءَ جي ٻئي ڀيري اچڻ کان پوءِ گهٽيون ڳالهيون طئي ٿي ويون هيون ۽ مڱڻيءَ جي تاريخ بہ مقرر ٿي وئي.

مگڻي ٿيڻ واري ڏينهن شام جو گهوٽيتن مان عورتون ۽ مرد دهلن شرنانين سان اچي پهتا. جيڪي ڦتاڪن جا ٺڪاءَ ڪيندا آيا هئا. مختلف شيون ۽ ڪنوار لاءِ وڳا ڪٺي آيا هئا. گهوٽيتن ڏنو تہ ڪنواريتن سندن آجيان ۽ مان مهت لاءِ تمام گهڻو بندوبست ڪري ڇڏيو هو. مرداني پاسي دهل شرنانين جا واڄا وڄي رهيا هئا. عورتن واري پاسي گلم غاليچا وڇايل هئا. چوڌاري عطر ۽ عنبر جو واس هو ڪنوار کي قيمتي وڳو ڍڪايو ويو هو ۽ ڳهڻ ڳٺن سان جهنجهي وئي هئي. اهي ڳهہ ڪيس ساهرن طرفان مليل هئا. ان کان پوءِ سندن هٿن تي ميندي هنئي وئي، ان کان پوءِ ڪيس آڻي هڪ ڪمري جي ڪنڊ ۾ ويهاريو ويو. ان وقت سيني ماڻهن جو ڌيان فقط ڪنوار ڏانهن هو. ان وقت ڪنوار ويچاري ڏاڍي لڄي ٿي رهي هئي ۽ سندس اکيون هيٺ هيون. ان وقت سندس ماءُ حجم جي زال کي سڏ ڪندي تہ کير جو ٿانو ۽ مٺائيءَ جو خونچو کڻي ٻاهر مردن کي ڏئي اچي. شادين ۾ حجامڻ جي عزت تمام گهڻي هوندي آهي، ان جي چوڻ کان پوءِ مائي حجامڻ کير جو ٿانو ۽ مٺائيءَ جو خونچو کڻي چرچا ڪندي کلندي ۽ کلائيندي وڃي ٻاهر پهتي. اتي بہ مٺ ڪري ڪانہ ٻيٺي، ۽ گهوٽيتن تي لاهڻيون لاهيندي، ٽوڪون ٽنڪون ڪندي وڃي پار پئي ۽ ان وقت تائين اتي ٻيٺي رهي جيستائين سورت الحمد پڙهي دعا گهري بس نہ ڪيائون. ڪنوار جو پيءُ ڏاڍو خوش هو ڇاڪاڻ تہ نياڻيءَ جي شاديءَ جي بار کان آجو ٿي رهيو هو. پر ظاهر ۾ ڏاڍو ڏکويل پئي لڳو. ٿوري شرمساري کان پوءِ گهوٽيتن کي وهانوَ جي تٿ ڏنائين. بعد ۾ ڪنواريتن گهوٽيتن کي دعوت کارائي، جيڪا دهلن شَرناني ۽ جهرمن ۾ لاڏن سان ختم ٿي وئي. مگڻيءَ جون اهڙيون خوشيون پوري هفتي تائين هليون.

مگڻي ۽ وهانوَ جي تٿ ٻڌجڻ کان پوءِ شاديءَ جو نہ ٿيڻ وڏو عيب سمجهيو ويندو آهي ۽ اسلام ۾ بہ واعدي خلاف خراب سمجهي ويندي آهي ۽ ائين ٿيڻ سان لاڳاپيل ڌرين جون دليون ڀڄي پونديون آهن. ڪنهن بہ مذهب ۾ اها ڳالهہ ڪانہ هوندي آهي تہ مگڻو ٽوڙيو وڃي.

مگڻي جي رسم جي ادائگيءَ کان پوءِ يا اڳ ۾ گهوٽ کي ڪنوار کي ڏسڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي پر ڪنوار جي ماءُ پنهنجي ٿيندڙ نانيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ گهڻي ڪوشس ڪندي آهي ۽ شاديءَ جي معاملن ۾ ان جي حيثيت کي گهڻي اهميت هوندي آهي. جيڪڏهن اها

نانيءَ کي پنهنجي ڪنوار ڏسڻ جي موڪل ڏئي تہ سندس اختيار آهي، پر ائين ٿيندو ڏاڍو گهٽ آهي.

وهانوَ مڱڻي کان هڪ سال بعد ۾ ٿيو. شاديءَ کان اڳ سارو معاملو شڪنَ شبهن تي ٻيڌل هوندو آهي. شاديءَ ۾ پئسو پاڻيءَ جيان هاريو ويو. دهل شرنائيون، لاڏا ۽ ٻيون خوشيون پوڳ شادي کان ڏيڍ مهينو اڳ شروع ٿي ويا هئا. ڪنوار کي سهڻي بڻائڻ لاءِ سنڌي عورتن وٽ جيڪا بہ چاڻ هئي، آزمائي وئي هئي. ڀرپائين پاڻيءَ ۾ ڪيسوڦل ملائي ان ۾ پينل هيڊ، ڪٽڪ جو اٽو ۽ تيل ملائي ڪنوار کي هنيو ويو سينڌ تي سينڌر استعمال ڪيو ويو عطر عنبير ان کان سواءِ ڪتب آندا ويا هئا. ڪجل جي ريهہ لائي وئي هئي. ميندي‌ءَ سان هٿ پير تہ اڳيئي ڳاڙها هئا. ڪنوارتين طرفان هر سڏيل عورت ڪنوار کي سهڻي بڻائڻ لاءِ وهلور وجي رهي هئي. اهڙيءَ ريت ڪنوار جي سونهن جي جادو جڳائڻ ۾ مصروف ٿي ويون هيون. هنن ڪنوار کي تہ ساهي پٽڻ ئي ڪانہ ڏني هئي. وهنجي مس بس ڪندي هئي تہ منهن تي چوري(6) جي رڳڙ شروع ٿي ويندي، اهڙي مالش کان هٿ پير بہ محفوظ ڪونہ هئا. ان مرحلي کان پوءِ چندن جو ٻورو چٽڪارجي ويندو هو سرنهن جي مني تيل ۽ مانهہ جي مهٽ سهٽ شروع ٿي ويندي هئي. جنهن کي پيٺي چيو ويندو آهي(7) تنهن ڪري ويچاري ڪنوار جي اصلي ۽ قدرتي سونهن تہ الائي ڪڏانهن گم ٿي وئي هئي. مردن واري جاءِ ۾ وري حجم جو حڪم هلي رهيو هو. هن گهوٽ کي وهنجاري سهنجاري مٿس مهٽ سهٽ جي مشق شروع ڪري ڏني هئي. ڪيس چڻ هڪ مرد مريض هٿ لڳي ويو هو. گهوٽ جا مٽ مائٽ هن کي ڪپڙن پائڻ ۾ مصروف هئا ۽ سندن ڪوشش هئي تہ هو هڪ معزز ۽ محترم شخصيت ڏسڻ ۾ اچي.

مطلب تہ ڪيترين ئي اجايون سجايون ڳالهيون جاري رهيون. ان سان گڏ دعوتن جو سلسلو بہ جاري هو جيڪو ڏکو ۽ بنا ڪنهن فائدي وارو هو. اهو مختصر ذڪر هن ريت ڪري سگهجي ٿو تہ گهوٽين ۽ ڪنواريتن پنهنجي گهرن جا دروازا کولي ڇڏيا هئا، جن پنهنجي دوستن ۽ مٽن مائٽن کي گهرن ۾ گهرائي ورتو هو جن کي صبح کان وٺي شام تائين ڪائڻ پيئڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم ئي ڪونہ هو. سارو ڏينهن حقي چڪڻ جي ڏُس لڳي پئي هوندي هئي. پنگ جا هڪڙا ڪوندا چاڻبا هئا تہ ٻيا گهوٽبا هئا. پوءِ سارو ڏينهن ڪچهريون ۽ تير پيتر جون

ڳالهيون. رات ٽيندي هئي تہ جهمريون ۽ هنبوچيون شروع ٿي وينديون هيون. هنن کان سواءِ ڳائڻا بہ اچي ويندا هئا. جيڪي پنهنجي آواز جو جادو جاڳائيندا رهندا هئا. ان کان سواءِ دروازي کان ٻاهر بہ راڳين جون ٽوليون هونديون هيون. جن کي نہ راڳ جي سُر نہ ساز جي آواز جو پتو هو. هن مرحلي دوران گهوٽ، ڪنوار ڏانهن ۽ ڪنوار، گهوٽ ڏانهن تحفا موڪلڻ شروع ڪيا. گهوٽ بہ ڪڏهن ڪنوار وٽ موجود هو تہ ڪڏهن مردن واري حصي ۾. جاڃين اهو چوڻ شروع ڪيو هو تہ گهوٽ هاٿي ڏوڀي جي ڪتي وانگر نہ گهر جو نہ گهاٽ جو(8) بعد ۾ ڪنوار جا ڪپڙا ۽ ڳهه وغيره ڏيکاريا ۽ ڪنوار کي پارايا ويا. اهڙي ريت ڏاج جي بہ نمائش(9) ڪئي وئي. جنهن ۾ لٽا ڪپڙا، هار سينگار جو سامان، ڳهہ ڳٺا هئا. گهوٽ وري پنهنجي ڪنوار لاءِ خوبصورت آئينا بہ موڪليا هئا. اهڙي ريت وري ساٺ سوڻ بہ شروع ٿي ويا تہ جيئن هن جوڙي کي بدنظر کان بچائي سگهجي.

هنن ڳالهين دوران مذهبي ڌر کي بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو هو. شام جو قاضي يا مُلان اچي ڪنواريتن ۾ لڏو لاٿو جنهن کي گهوٽ جو پيءُ وٺي آيو هو. مُلان جي اچڻ تي گهوٽيتا ۽ ڪنواريتا اچي هڪ جاءِ تي گڏ ٿيا هئا. هن ميڙ ۾ فقط مرد شامل هئا. نڪاح کان اڳ ڪنوار جي پيءُ کان ٿي پيرا مرضي پڇي وئي هو پنهنجي ڌيءُ گهوٽ کي ڏيڻ چاهي ٿو. سندس هائوڪار کان پوءِ اجازت ۽ قبول وارو معاملو پورو ٿي ويو. ڪنوار جي پيءُ جي مرضي هئي تہ ڏئي ٽورو ۽ وٺي گهٽو پر هن جي پيٽ ۾ گهوٽ جي پيءُ جي مرضي هئي تہ ڪنوار جو پيءُ ڏئي گهٽو ۽ وٺي ٽورو. ڪنوار جو پيءُ هڪڙيءَ ڳالهہ تي تہ گهوٽ جو پيءُ ٻيءَ ڳالهہ تي. ڳالهہ وڃي چوٽ تي پهتي. نيٺ ڪن ماڻهن وچ ۾ پئي معاملي کي ٺڏو ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي ڌريون ڪير ڪنڌ ٿي ويون. ان کان پوءِ مُلان عربي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ پڙهڻ لڳو. بعد ۾ هن قرآن شريف جون آيتون پڙهي ڪن پيغمبرن جا نالا ڪنيا. جن پنهنجين گهر وارين سان پيار ۽ محبت واري زندگي گذاري هئي. نڪاح جي ختم ٿيڻ کان پوءِ مُلان سينيءَ کي مبارڪون ڏنيون. بعد ۾ گهوٽ جي پيءُ ۽ جاڃين مُلان کي ڪجهہ ڏئي وٺي خوش ڪيو. اتي ويٺل ماڻهن مان ڪن چيو تہ مُلان کي قرآن شريف اها اجازت ڪونہ ٿو ڏئي تہ نڪاح جا پئسا وٺي يا قرآن پڙهائي يا تبليغ ڪري ان جو اجورو طلب ڪري يا ڪنهن مسلمان جي جنازي جي نماز پڙهائي تہ ان جو بدلو وصول ڪري. هن قسم جي ننڍڙن معاملن تي قرآن شريف جون ڪي آيتون موجود

ڪونہ آهن. تنهن ڪري مسلمانن کي اهڙي ننڍي وڏي ادائگي ضرور ڪرڻي پوندي آهي. وقت جي حڪمرانن هنن مُلن کي پوشاڪون، سون جي هٿين سان تلوارون، اُٺ، گهوڙا ۽ جاگيرون بہ ڏنيون آهن. جن لاءِ قرآن شريف ۾ ڪوبہ حڪم ڪونہ آهي. اهڙيون ادائگيون غريب ماڻهو بہ ڪندا رهندا آهن. شاديءَ وقت گهوٽ جو پيءُ ڪليءَ دل جو مظاهرو ڪندو آهي. ڇاڪاڻ تہ آهو سمجهندو آهي تہ ائين ڪرڻ سان نہ رڳو سندس پر گهوٽيتن طرفان دعوت تي آيل سيني ماڻهن جي عزت ۽ نيڪ نامي ٿيندي آهي. ان ڪان پوءِ جلوس ڪڍڻ جي تياري ڪئي ويندي آهي. گهوٽ کي گهوڙيسوار ڪري جلوس (سرگس) ڪڍيو ويندو آهي، سندس ڳچيءَ ۾ هار پيل هوندا آهن. گهٽو ڪري سفيد گهوڙو هوندو آهي، جنهن ۾ نهايت خوبصورت سنج رڪيل هوندا آهن. هن جي پٺيان مٺ مائٺ ۽ سنگتي ساٿي هوندا آهن. دهلن تي ڏؤنڪو ۽ شرنائين کي ڦوڪ اچي ويندي آهي. عورتون لاڏا ڳائيندڀون ۽ ڇوڪريون جهمريون هٽنديون هلنديون آهن. جلوس يا سرگس شهر جون سڀ گهٽيون گهمندو وڃي ڪنوار جي گهر پهچندو آهي. جيڪڏهن وقت هوندو اٿس تہ مسجد شريف ۾ بہ ويندو آهي. جلوس ڪان پوءِ گهوٽ جڏهن گهوڙي تان لٿو تہ کيس ڪنواريتن جي اڱڻ ۾ آندو ويو ۽ گهوٽيتن عورتن هنن جي وڏي آجيان ڪئي. ان ڪان پوءِ مردن ۽ مهمانن واري حصي ڏانهن آيو ۽ اتان پوءِ ڪنواريتن ڏانهن هليو ويو جتي سندس ڪنوار هن جو انتظار ڪري رهي هئي. ان ڪان پوءِ هن سان ڪي اڻ وٽندڙ ساٿ سوڻ ڪيا ويا ۽ گهوٽيتون عورتون بہ انهن سائڻ سوٽن مان خوش هيون ۽ ڪلي رهيون هيون. اهڙين ڳالهين جي سرانجام ٿيڻ ڪان پوءِ گهوٽ ڪنوار کي ڇڏيو ويو ڇاڪاڻ تہ کين صبح جو سوير وهنجڻو ۽ نوان ڪپڙا پائڻا ۽ دوستن ۽ ٻين ماڻهن ڪان مبارڪون وصول ڪرڻيون هيون.

اسان جي سامهون بيٺل عورت کي وري حقي جي ٻاڙ لڳي آهي. ان ڪان پوءِ ئي کيس سڪون حاصل ٿيندو. خير ان ڪنوار کي اسلام طرفان اها اجازت هئي تہ پهرئين ٻار ڄمڻ تائين هر هفتي پنهنجن پيڪن ڏانهن ويندي رهي. جڏهن ڪابہ عورت پنهنجي مڙس جي اجازت ڪان سواءِ پيڪن ڏانهن هلي ويندي آهي تہ ان لاءِ ضرور ڪي خطرا هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ اسلام اهڙي اجازت ڪونہ ٿو ڏئي تہ زال، مڙس جي موڪل ڪان سواءِ ڪيڏانهن هلي وڃي. پر جڏهن زال کي مڙس طرفان اهڙي اجازت نہ ملندي آهي تہ اها نافرماني ڪري وڃهندي آهي. هيءَ عورت

هفتي ۾ هڪ ڀيرو نہ وچڻ بدران هڪ ڀيرو روزانو پيڪن ڏانهن ويندي هئي ۽ ڪڏهن تہ هڪ ڏينهن ۾ ٻہ ڀيرا بہ ويندي هئي. اهڙين ڳالهين جي نتيجن جي مڙس کي خبر هئي. جڏهن هوءَ مڪمل عورت بڻجي وئي تہ هن حقو بہ ڇڪڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ٻين ڳالهين سان گڏ هن پان کائڻ بہ شروع ڪيو هو. ان کان علاوه هيءَ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجي هار سينگار ۾ لڳل هوندي هئي. اهو هار سينگار پنهنجي مڙس کي وڻڻ جي مقصد لاءِ ڪانہ ڪندي هئي، پر پنهنجي ساهرن کي تنگ ڪرڻ، تعصب ڪرڻ ۽ چيڙائڻ لاءِ ڪندي هئي. سندس اهڙين ڳالهين کان سندس ساهرن جا دوست ۽ اوڙو پاڙو چڻ ڪاوڙجي پيو هو. هوءَ ڏهاڙي ڪنهن نہ ڪنهن سهيليءَ وٽ دعوت کائڻ لاءِ نڪري ويندي هئي. ان کان پوءِ مڪليءَ تي بزرگن جي مقبرن تي لڳندڙ ميلا ڏسڻ بہ ڪانہ وساريندي هئي، جتي ڪابہ مذهبي شيءِ موجود ئي ڪانہ هوندي هئي. پر هڪ مذهبي اصّول مطابق کيس پنهنجي مڙس جي چئي ۾ رهڻو هو ۽ مرس جي عزت آبرو ڪرڻي هئي. اسان جي انگريزي سماج عورت کي گهڻي آزادي ڏئي ڇڏي آهي. پر ان هوندي بہ عورت پنهنجي مڙس جي وڏي عزت ڪندي آهي، پر هيءَ عورت نہ پنهنجي مڙس سان محبت ڪندي هئي، نہ وري لوڪ لڄا خاطر هن جي عزت ئي رکندي هئي. ايران جو شيخ سعدي پيٽرو آرڪٽينو (Peetro Arcteno) ۽ پگالٽ ليبرن (Pigault lebren) جيان اخلاقيات جو گهڻو قائل هو. سندس مشهور قول آهي تہ عورت جو آواز گهر جي چوديواري کان ٻاهر ٻڌجڻ نہ گهرجي. پر عام سنڌي ماڻهوءَ کي سعدي جي ڪا خبر نہ آهي، ليڪن هو پنهنجي معاشري جي پراڻين چوڻين تي ضرور ڪن ڏيندو آهي. پر هيءَ عورت سدائين پنهنجي مڙس کي ڇڙٻون ڏيندي هئي ۽ عورتائي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي وڏي آواز سان ڳالهائيندي هئي ۽ ان جي عزت ڪانہ رکندي هئي. ۽ گهر ۾ سدائين جهيڙو لڳو پيو هوندو هو. پهرئين ٻار جي ڄمڻ کان پوءِ زال مڙس جا ويڇا اجابہ وڏي ويا هئا ۽ ٻنهي براندي پيئڻ شروع ڪئي هئي. انهيءَ ڪري مڙس کيس مارڻ ڪٽڻ بہ شروع ڪيو هو. پر کيس اهي ڳالهين هن کان اڳ ڪرڻيون هيون. هن عورت پنهنجي مڙس آڏو جهڪڻ بدران کيس چئي ڏنو هو تہ الله سائين تنهنجو ڪارو منهن ڪندو. هو رنگ جو ڪارو هو پر جڏهن سندس زال کيس ڪاري منهن تيڻ جي پِٽ هنئين تہ هو ڏاڍو ڏمرجي ويو ۽ هن بہ کيس گهٽائي پاراتا ۽ پٽون ڏنيون. سندس زال بہ کيس مُنهن تي

اهڙيون روڪڙيون ٻڌايون جو سندس مڙس جا ڪن ئي نري پيا. پوءِ اچي ٻنهيءَ ۾ جهڳڙو متو. خوشقسمتيءَ سان سنڌ مهذب ماڻهن جو ملڪ آهي. هتان جا ماڻهو مرحلي وار هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي ضرور قتل ڪري ڇڏيندا آهن جنهن فقط سندس پاسيري پيچڻ جو جرم ڪيو هوندو آهي. قرآن شريف ۾ زانيءَ لاءِ سزا مقرر آهي. هن معاشري اندر اهو هڪ اخلاقي جرم آهي، جنهن لاءِ اسلام تلوار استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو. اسان جنهن ملڪ تي حڪمراني ڪري رهيا آهيون، تنهن جي ماڻهن جي عزت لاءِ ڪنهن به قسم جي ڪوشش ڪانه ڪئي آهي. اهڙو تحفظ فراهم ڪرڻ اسان تي فرض آهي، جڏهن ته اسان اهڙي فرض پوري ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي. جڏهن اسان افغانستان ۽ سنڌ فتح ڪئي هئي ته زنا ڪاري عام ٿي وئي هئي. اسان ان جو هڪدم خيال ڪونه ڪيو هو نه ته اسان کي اهڙي ڪريت ڏانهن هڪدم ڌيان ڏيڻ گهرجي ها. ملڪي رسمن سان مسلمان گهڻو پيار ڪندا آهن. اهڙين ڳالهين کي قرآن شريف جي حڪمن کان پوءِ وڏي عزت ڏني ويندي آهي.

جڏهن زال مڙس آرام ڪرڻ لاءِ رات جو سمهي پيا ته مڙس خيال ڪرڻ لڳو ته مرد لاءِ به ٻي زالون ڪهڙيون فائدي واريون آهن. تنهن ڪري هن سوچيو ته هو ٻي شادي ڇو نه ڪري. موجوده زال جيڪي ڪيس ڏک ۽ ڏنجها ڏنا هئا. سي هڪ هڪ ٿي ڪيس ياد اچڻ لڳا. هيءَ عورت پنهنجي مڙس کان ضرور طلاق وٺي ها پر به ڳالهيون ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪي رهيون هيون. پهرين ڳالهه ته ائين ڪرڻ سان هو پنهنجو حق مهر وڃائي ويهي رهي ها. ٻي ڳالهه اها هئي ته هو طلاق وٺي پيڪاڻي گهر پهچي ها ته سندس ماءُ ڪيس عزت ڪانه ڏئي ها پر سندس پيءُ به هن کي ڇڙٻون ۽ دڙڪا ڏئي ها. ان کان سواءِ سندس پائر به هن کي چڱو ڪونه سمجهن ها ۽ ڳجهه ڳوهه ۾ ڏسندا رهن ها ته سندس پرڪار ڪهڙا آهن. هن عورت کي اهو به ياد اچڻ لڳو ته هو نه سندس، مڙس ڪيس ماءُ تي گاريون ڏيندو هو.

هوءَ به چڙو چڙي تي پچندي ڪيس ماءُ پيڻ، ڏاڏي ناني مان به ڏو پار هوندي هئي. هن ڪيس دڙڪو ڏنو هو ته هوءَ پنهنجي پيءَ کي دانهن ڏئي ڪيس بي عزتو ڪرائيندي. ڪيس اهو به ڇيو هئائين هوءَ پنهنجن وڏن پائرن کي به دانهن ڏيندي جيڪا ڏاڍا اهنڊ ۽ ارڏا آهن ۽ سندس لاڪ لاهيندي دير ڪونه ڪندا. تنهن ڪري ٻنهي ڄڻن ڪن قانوني ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏنو هو.

مسلمان لاءِ ٻي شادي ڪرڻ فرض نہ آهي، پر اها مرد جي مرضي هوندي آهي تہ ڪري نہ ڪري. نظر ائين اچي رهيو آهي تہ وڌيڪ شاديون وچولي يا مٿئين طبقي وارا ماڻهو ڪندا آهن. اهي ٻئي طبقا ٻيءَ زال جو خرچ پکو برداشت ڪري سگهندا آهن. هن معاملي ۾ پهرينءَ زال کي اهميت هوندي آهي، جيڪڏهن ڪيس اولاد نہ هوندو آهي تہ پوءِ سندس حيثيت کي اهم تصور ڪونہ ڪيو ويندو آهي. قرآن شريف طلاق جي عمل کي ننديو آهي، شاهوڪار ماڻهو طلاق ڏئي سگهندا آهن پر غريبن ويچارن ۾ اهڙي سگهہ ڪانہ هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ کين طلاق ڏنل زال کي کاڌ خوراڪ لاءِ خرچ ڏيڻو پوندو آهي. اسلام ۾ فقط چئن زالن جي اجازت آهي. قرآن شريف بہ اهڙي موڪل ڏني آهي ۽ تجربو بہ ٻڌائي ٿو تہ اهو عمل صحيح آهي. ٻن زالن مان جيڪڏهن هڪ مڙس سان جهيڙو ڪندي تہ ٻي زال مڙس جي ويجهو ايندي، ڇاڪاڻ تہ ٻئي زالون هڪ ٻئي سان مقابلي ۾ رهنديون آهن. جيڪڏهن ٽي زالون هونديون تہ گروهہ بندي جڙي ويندي ۽ ان زال سان مقابلو هوندو جنهن سان مڙس جو گهڻو پيار هوندو. سندن مقصد هوندو تہ ان جي زندگي زهر ڪري ڇڏجي. جيڪڏهن چار زالون هونديون تہ هرهڪ جي ڪوشش هوندي مڙس کيس گهڻو پيار ڪري. عام طور هنن ۾ بہ گروهہ ٿي ويندا آهن ۽ مڙس عياشين ۾ هوندو آهي.

محترم سائين جان ٻُل، اوهان مهرباني ڪري ائين سمجهڻ شروع نہ ڪريو تہ اهي سيئي زالون هڪ ڪمري ۾ رهنديون هونديون. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ گهر ۾ ڪونہ ڪو ضرور قتل ٿي وڃي ها. اوهان کي سمجهڻ کپي تہ چئن مان هرهڪ زال کي ٻن ٽن ڪمرن تي مشتمل هڪ جدا گهر هوندو آهي، جدا نوڪرياڻيون ۽ جدا خانگي ڪمرو هوندو آهي. هنن جو پاڻ ۾ ميل ميلاپ بہ گهٽ ٿيندو آهي. اڳواٽ پيغام موڪلڻ کانسواءِ بہ پهاڄون پاڻ ۾ ملي ڪونہ سگهنديون آهن. هڪ پهاڄ جا مٽ مائٽ، سهيليون بہ ٻي پهاڄ وٽ ڪونہ اينديون وينديون آهن. پهرين زال هڪ منظم طريقو استعمال ڪندي آهي. مڙس جون سڀ زالون هن جي چئي آکئي ۾ هونديون آهن. قرآن شريف بہ اهڙي مڙس کي ننديو آهي جيڪو چئن زالن اندر انصاف رکي ڪونہ سگهندو آهي ۽ ٻين جي منهن تي فقط هڪ زال کي اهميت ڏيندو آهي. خوشقسمتيءَ جي هيءَ ڳالهہ بہ آهي تہ سهٽي عورت قدرتي طور سانوري عورت کان وڌيڪ ڏاهي ۽ ذهين

ڪانہ ٿيندي آهي، نہ وري اها دلير ۽ سگهاري ٿيندي آهي. هڪ سنڌيءَ وٽ جيڪڏهن افغانستان جي عورت هوندي آهي تہ اهو مرد هن عورت جو ٻڌو ٻانهو ٿي ويندو آهي.

مان اوهان کي هيءَ ڳالهہ بہ ٻڌائيندو هلان تہ اسان جي سامهون بيٺل اها عورت هندو عورت جي پيٽ مان سنڌي ماءُ ڪانہ هوندي آهي. هي سمجهندي آهي تہ هر ٻار هن لاءِ ڏک ۽ ڏچو ڪٽي آيو آهي، جڏهن تہ هيءَ مسلمان عورت سمجهندي آهي تہ هر ٻار هن جي سونهن ۽ طاقت ڳڙڪائي ويندو آهي. نيويارڪ ۽ بوسٽن جون عورتون بہ ٻارن ڄمڻ ڪري بيزار ٿي پونديون آهن. ماءُ ٿيڻ ڪان پوءِ ڪيس ڳٽتي ڪائي ويندي آهي تہ هوءَ هاٿي ڪراڙي ٿي وئي آهي، جڏهن تہ سنڌس عمر ٽيهن سالن کان مٿي ڪانہ هوندي آهي. ان ڪان سواءِ ٻار جي سارسنڀال ڪري سنڌس خوشيون محدود ٿي وينديون آهن، ان وقت هن عورت اهو سمجهڻ شروع ڪيو هو تہ سنڌس سماجي حيثيت فقط ٻار ڄڻڻ واري عورت جي حيثيت ۾ آهي، تنهن ڪري ڪيس منهن ۾ گهنجن پوڻ کان اڳ پُٽاٽي اولاد جي ماءُ ٿيڻ ڪپي، نہ تہ ڪيس گهر ۾ ڪابہ حيثيت ڪانہ هوندي. ڪيس اها خبر هئي تہ جڏهن استعمال جو سامان بيڪار ٿي ويندو آهي تہ ان کي بيڪار سامان جي ڍير تي اڇليو ويندو آهي، جتي اهو هوريان هوريان ڪاٺي مٿي ٿي ويندو آهي. اهي دشمن، جن سان هو نفرت وچان ساري زندگي جهيڙيندي رهي آهي، سي سنڌس هيٺا حال ڏسي مٿي چڙهي ويندا. هوءَ تہ سدائين ڪنهن سورميءَ وانگر هلندي رهي آهي ۽ هن وقت تائين سنڌس اک ڪنهن تي بہ ڪانہ ٻُڏي آهي. هي حال ڏسي مڙس بہ ڪيس پنهنجي دل تان لاهي ڇڏيندو. ان ڪان سواءِ ساهراٽي آڪهہ دل ۾ چوندي تہ هن مائيءَ ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ آهي، هن مان ڪو اڱڻ آلو ڪونہ ٿيندو تنهن ڪري هو بہ ٿُو ڪتا ڪري ڇڏيندا. انهيءَ ڪري هن کي مستقبل بابت ڪابہ پڪ ڪانہ آهي تہ اڳتي هلي ڇا ٿيندر هوءَ اهڙيون ڳالهيون دل ۾ سانڍي پنهنجي ٻارن ڏانهن ڏيان ڏرڻ لڳي آهي. سندن جڳيءَ ريت سارسنڀال لهي ٿي تہ ڪين چڱيءَ ريت وهنجاري صاف ڪپڙا پاتا ويا آهن يا نہ؟ ۽ جيترا هو وڏا ٿيندا ويندا، هنن ڏانهن ٿيترو وڌيڪ ڌيان ڏيڻ شروع ڪندي. اهڙيءَ ريت هوءِ سمجهندي آهي تہ انشاءَ الله اهو وقت ايندو جو هو انهن ٻارن جي مدد سان پنهنجي ٻهاج سان چڱيءَ ريت مقابلو ڪندي ۽ ڪيس ماري مڃائيندي.

اهڙيون ڳالهيون سوچي هيءَ سنڌي عورت پنهنجي خوشين کي ڪجهه نه سمجهندي سارو ڏيان هاڻي گهر تي ڏيڻ شروع ڪيو آهي، نه ته هن وقت تائين هن پنهنجي ذاتي خوشين خاطر پنهنجي راهه ۾ فقط ڪنڊا پوکيا آهن. هوءَ چڱيءَ ريت سوچي چڪي هئي ته يا ته هوءَ پنهنجو پاڻ کي ٻارن لاءِ وقف ڪري ڇڏيندي يا دنيا ۾ ذلتن لاءِ تيار ٿي ويندي. هن پڪو پهه ڪيو هو ته هوءَ ذاتي خوشيون ڪانه ماڻيندي. هوءَ هاڻي اڳئين نسل سان تعلق رکي ٿي ۽ موجوده دور جي نوجوان تي ملامتون وجهڻ لڳي ٿي. هن جي بدران سندس پٽن ۽ ڌيئرن کي وڏڻ ويجهڻ ۽ خوشين لاءِ وڏو ٽيٽو آهي. هاڻي ڪيس ناني، ڏاڏي ۽ سس بڻجڻو آهي. ان ڪان پوءِ ته سندس مڙس به گذاري ويندو ۽ هوءَ ڳهه ڳنا ۽ سنا ڪپڙا پائڻ ۽ عطر عنبر هڻڻ ڇڏي ڏيندي. ان ڪان پوءِ هوءَ اڻ ڌوتل ميرا سيرا ڪپڙا پائيندي ۽ انگريزن جي گهر جي سنياال ڪرڻ لڳندي ۽ ايندڙ جهان ۾ وڃي ويچاري جان محمد سان ملندي. بتي وسامي وڃي ٿي... اسٽيج اوندهو ٿي وڃي ٿو ۽ پردو ڪري ٿو.

حوالا:

(1) هي پورچوگيز ٻوليءَ جي لفظ Casta جي بگڙيل شڪل آهي. جيڪا سنڌ ۾ هندستان جي هندن ۽ مسلمانن لاءِ ڪم ايندي آهي. رب اسلام اندر اهڙو طبقاتي نظام موجود ڪونه آهي.

(2) حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي مشهور حديث آهي ته: "منهنجي اولاد مان ڪو به ماڻهو رنگ جو ڪارو ڪونه هوندو." پر وچ آفريڪا جي شيدي قبيلن جا سردار پورا هوندا آهن. چاڪاڻ ته اهي سفيد چمڙيءَ وارن عورتن سان شاديون ڪندا آهن. هن نڪتي تي مان ڊاڪٽر ڊارون جي ارتقا واري نظريي سان اختلاف ڪريان ٿو. ان اصول موجب ڪارا ماڻهو وڏيڪ ڪارا، پورا ماڻهو وڏيڪ پورا ۽ نڪ جا بينا ماڻهو وڏيڪ بينا هئڻ گهرجن. مون ته دنيا جي هر ڪنڊ ۾ خوبصورت عورت ڏٺي ۽ ان جي سونهن جي تعريف ڪئي آهي. هي سوال اهڙو آهي جنهن کي اسان Fact Verses Theory سڏي سگهون ٿا. مون اهڙي سونهن ڪانه ڏٺي آهي جنهن کي ساري دنيا خوبصورت تسليم ڪري

(3) هي شي فولاد جي سنهي ٻوري سان ٻين شين کي ملائي تيار ڪئي ويندي آهي ۽ ڏندن جي پاڙن ۾ هنئي ويندي آهي. انهيءَ لاءِ ته جيئن ڏندن جون پاڙون ڪاچي ڪمزور نه ٿي وڃن. ان جو رنگ لوهه جي ڪٽ جهڙو ٿيندو آهي جيڪو ڏسڻ ۾ سٺو ڪونه لڳندو آهي.

(4) هيءَ قديم دور جون روايتون آهن جيڪي يورپ جي ڪن علائقن ۾ به موجود نظر اچن ٿيون. هن قسم جي شين کان هر ڪو ماڻهو واقف آهي. اهي تعويذ جڻ Holy medals سمجهيا ويندا آهن.

(5) هن قسم جي عورت بنهي ڌرين کي ٺاهڻ لاءِ گهوٽيتن ۾ ڪنواريتن وچ ۾ هلندي رهندي آهي. انگريزي ٻوليءَ ۾ هن عورت کي gad_about يا go_between چيو ويندو آهي. ڏسو مير حسن علي جي گهر واريءَ جو لکيل ڪتاب "Observation on Muslonans of India_1832"

(6) پڪل مانيءَ کي ڪُٽي، مهٽي، پوري سنهو ڪري گيهه ۾ کنڊ سان ملايو ويندو آهي جنهن کي چورو يا چُوري سڏيو ويندو آهي.

(7) هي مالش ڪرڻ جي شيءِ مانهه جي اٽي ۾ تيل ملائي تيار ڪئي ويندي آهي جنهن سان ڪنوار جي منهن ۽ هٿن پيرن کي مهٽيو ويندو آهي.

(8) ڏوهيءَ جو ڪتو نہ گهر جو نہ گهاٽ جو يعني اهو ڪتان جو نہ ڪونہ هوندو آهي ۽ پيو هيڏانهن جو هوڏانهن ڦرندو آهي. بي اصولو ماڻهو بہ پيو پنهنجي مفاد مطابق ڦرندو گهرندو آهي.

(9) ڏاج زال جي ملڪيت هوندو آهي. سندس وفات کان پوءِ ان جي ٻارن کي ورثي ۾ ملندو آهي. جيڪڏهن اها بي اولاد مري ويندي آهي تہ سندس ويجهن مائٽن کي ڏنو ويندو آهي. گهوٽ ڪنوار کي حقِ مهر ادا ڪندو آهي جنهن کان سواءِ شاديءَ کي قانوني حيثيت ڪانہ ملندي آهي. پر حقِ مهر ادائگي جو هڪ واعدو هوندو آهي.

▣▣▣

# پاگوپیو

باب سترهون

# تقرير ۽ تبليغ

پڙهڻ ماڻهوءَ کي ڀرپور سياپا سميلن ماڻهو کي هر وقت تيار ۽ لکڻ ماڻهو کي هڪ مڪمل انسان بڻائيندو آهي. هيءَ چواڻي وقت سارو اهم حقيقت آهي. جنهن کي ٻڌڻ سان اسان اکيون ٻوٽي تسليم ڪندا آهيون.

پر ڳاها ماڻهو هن موضوع تي به ٻين موضوعن جيان وڏو اختلاف راءِ رکندا آهن. يا ائين کڻي چئجي ته اهي ساڃهه وند ماڻهو هر موضوع تي اختلاف راءِ رکڻ پاڻ تي لازم سمجهندا آهن. هن حقيقت کي ٻين لفظن ۾ هيئنءَ به چئي سگهجي ٿو اهڙن ڏات ڌڻين کي جڏهن به اختلاف راءِ رکڻ جو سونهري وجهه ملي ويندو آهي ته ان جو ڀرپور فائدو وٺندا آهن. پوءِ ڀلي ڌرتي ڏڏي وڃي، آڪاس لڏي وڃي پر پنهنجيءَ ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي ويهي وڃڻ نيڪ عمل تصور ڪندا آهن.

جيتري قدر هن چواڻي "مطالعو انسان کي ڀرپور بڻائيندو آهي." جو تعلق آهي ته اهڙو ماڻهو ان چواڻي سان اختلاف راءِ نه رکندو آهي، پر ان کي دين دنيا جو دشمن تصور ڪندو آهي. مالميصبري Malmesburry جي هڪ مهان ڏاهي انسان جو هڪ مشهور قول آهي ته جڏهن مان ٻين ماڻهن وانگي گهڻو مطالعو ڪندو آهيان ته ٻين وانگي جاهل مطلق بڻجي ويندو آهيان، تنهن ڪري مان ڪتاب کي ڪارو نانگ سمجهي ان کان پري ڀڄڻ پنهنجو فرض سمجهندو آهيان. سائين مسٽر جان بُل، توهان جو هن عرب چواڻيءَ ۾ وڏو ويساهه آهي ته "جيڪو ماڻهو ڪتابن جو گهڻو مطالعو ڪندو آهي سو اهڙو گڏهه آهي جنهن مٿان ڪتابن جو بار لڏيل هوندو آهي." مان ته ڪجهه به ڪونه آهيان پر ساري دنيا هن عرب چواڻيءَ تي اکيون ٻوٽي اعتماد ڪندي آهي.

مغرب جي سياح کي مشرق ۾ پهچي هي ڳالهه ڪڏهن به وسارڻ نه گهرجي ته هو پاڻ لاءِ سمجهي ته مان تِڇ سمان ۽ موڳو متر آهيان. سائنس ۽ علم کان ڪورو جٽ ۽ جهنگلي بروچن جي پيٽ ۾ سياسي حڪمت عملي کان جاهل مطلق ۽ اڻ گهڙيو ڪاٺ آهيان. اڄ ڪلهه اسان جو اهڙن عقلمند بروچن سان ڪاروهنوار آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته اسان انگريز هندن جي پيٽ ۾ ڏڏ آهيون ۽ مٽي ۾ ميجالي بدران ٻهڻ پريل آهي. اسان کان ته افغان عقلمندي ۾ چار وکون اڳتي آهن. ايران وارا اسان کي گهٽي مطالعي ڪري سمجهندا ئي گڏهه آهن. جيتري قدر عقل کي استعمال ڪرڻ جو تعلق آهي ته سنڌين اسان جي مقابلي ۾ پاڻ کي فقط هڪ پيرو سياڻو ثابت ڪيو آهي، جيڪڏهن اسان مشرق ۾ پهچي مشرق وارن جنگي هٿيارن سان هتان جي ماڻهن سان جهيڙو واريون ها ته اسان جا به خدا تعاليٰ جي فضل سان ٽپڙ ٽيشڻ تي هجن ها ۽ هتان جي ڌرتيءَ جو هڪ انچ به فتح ڪري ڪونه سگهون ها ۽ گرم مصالحن وارو ملڪ اسان جي هٿ ڪونه اچي ها.

اها به خوشقسمتي جي ڳالهه چئجي جو اسان کي اتر ڏانهن اڳتي وڌڻ جو جنون سوار ٿيو هو جو اسان ڏکن ۽ ڏچن جي مهاجار ۾ وڃي چوڪنيا ڦاٿاسون ۽ غداري جا به مزا ماڻياسون. اسان جي سياسي ساڃهوندن کي اهو پورو پتو هو سڪندر جهڙن سورمن اسان جي ابن ڏاڏن کي مڏيون ۽ چسيون تلوارون ڏئي گهر جي بوهر جيان ٻاهر اچلائي رهيا آهن. هنن وٽ نه وقت هو نه ڌيرج، هتي نه وري هنن وٽ منجهيل ست جهڙن مسئلن کي سلجهائي سنئين ڪرڻ جيترو عقل هو. اهڙيون ڳالهيون ڪين پنهنجي سهوليت لاءِ ڪرڻيون هيون. هنن نه رڳو پنهنجي لاءِ وير وِهايو هو پر ويچارن دشمنن جي چن تي ٿانڊو رکي سنڌن اندر جي آتت ۽ منڙي ننڊ کي نهوڙي ناحق ڪري ڇڏيو هو. هنن کي هٿيارن جي سگهه، اٿل ارادن جو ٻل ۽ شڪاري ڪتي جيتري دل هئي، پر پوءِ به اڱر آلو ڪري ڪونه سگهيا هئا ۽ انهن به اهي ساڳيون غلطيون ورجايون هيون، جيڪي خيرن سان بيئوٽين Baeo Tian جي سياڻن ۽ سچيتن ڪيون هيون. (1)

اهڙي ڳيير وايو منڊل جي هوندي به اسان ان جي ڪارڻ کي جاڻڻ لاءِ ڪک پيچي بيٺو به ڪونه ڪيو هو. مشرقي ماڻهن جي مقابلي ۾ اسان جي سياسي ڄاڻ جي گهٽتائي انهيءَ ڪري ڪانه هئي ته اسان کي انهن ماڻهن جي ڄاڻ ڪانه هئي، جن جي وچ ۾ ويهي اسان سياسي وهنوار ڪري رهيا

هئاسون، يا اسان کي انهن ماڻهن جي اخلاق، ريتن رسمن ۽ ٻوليءَ جي خبر ڪانہ هئي.

مئڪناٽن Macnaghtens، برنسيس Burneses ۽ اهڙا ٻيا ماڻهو ٻڌاڪون هٽندا هئا تہ اهي هتان جي ماڻهن جي ٻوليءَ ۽ شخصي ڪردار کان چڱيءَ ريت ڄاڻ رکن ٿا. اهڙي معلومات لاءِ هنن وقت ۽ وت جو گهڻو استعمال بہ ڪيو هو. پر انهن جا بہ پير کسڪي ويا ۽ سئنءَ چوٽيءَ وڃي ڪريا. اها حقيقت هئي تہ انهن چالاڪ ماڻهن هنن کان هٿن مان ڳڙ کسڪائي ڇڏيا ڏئي ڇڏيا. اهڙي راءِ جو اظهار بہ پراڻو ۽ مدي خارج آهي. ان کي ورجائڻ پاڻي ولوڙڻ برابر آهي، نہ وري زبردستيءَ پابندي ڪرائي سگهجي ٿي.

اهڙيون پڌيون ڳالهيون اوهان جي دل ۾ بہ ضرور لڳنديون هونديون، هتان جي مشرقي ماڻهن جي مسرت ۽ سُچيتائي، ڦڙتي ۽ چالاڪي جو ڪارڻ سندن جهالت تہ نہ آهي، اهي فلاسافي، منطق، رياضي، تاريخ، مابعد از طبعيات جي علمن سان پنهنجي دماغ کي مڏي ڪرڻ بدران فقط هڪ نقطي تي سوچي رهيا آهن، جيڪو زندگيءَ جي ڪار وهنوار ۽ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ۽ جاکوڙ ڪرڻ آهي. هن کي فطري تيز ذهن چئي ڪونہ ٿو سگهجي پر غير فطري هوشياري ضرور ڪوئي سگهجي ٿو. مشرقي ماڻهو مختلف موضوعن جي ڪتابن جي مطالعي تي پنهنجو قيمتي وقت اجايو زيان ڪونہ ڪندا آهن ۽ ان کي ردي مال سمجهي ڪرپ ڪندا آهن. جڏهن هنن ماڻهن کي ڪٽڪ يا مشرق جي موتين جي ضرورت پوندي آهي تہ اهي اگرين سچاين وسيلي پنهنجي زندگيءَ جي ضرورتن جو مطالعو ڪندا آهن، ان جو سوچي ويچاري ان وقت تائين اپياس ڪندا آهن، جيستائين اهو سبق کين چڱي ريت ياد تي چڪو هوندو آهي ۽ وڃي حقيقي نتيجي تي پهچندا آهن. اهڙو تصور سندن سوچ ۽ فڪر جو حصو بڻجي ويندو آهي. هنن جو تجربو ائين هوندو آهي، جيئن ساموندي جهاز واري روشني هوندي آهي، جيڪا فقط اهو رستو ڏيکاريندي هلندي آهي، جنهن تان جهاز گذري چڪو هوندو آهي، پر فڪر ڪرڻ سان اهڙي روشني وسيلي جهاز جي چوڏاري ڏسي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن اهي سوچي ويچاري ڪنهن موضوع تي بحث ڪندا آهن تہ انهن کي ناممڪن شيون روشنيءَ ۾ چمڪنديون ڏسڻ ۾ اينديون آهن، جڏهن اهڙين ڳالهين تي بحث مباحثو ڪندا آهن تہ ذري پرزي تي

ڳالهائيندا آهن. اهڙو ڪوبہ باب ٿيوسيڊرس Thucyders جو مطالعو ڇڏي ڪونہ ڏيندا آهن نہ وري ٽائيمس Timesجي پڙهڻ لاءِ مخصوص ڪيو ويندو آهي. اهڙي ريت ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي مجبور ڪونہ ڪيو ويندو آهي تہ هنن بدران اهو پڙهي ۽ سبق پڪو ڪري. اهو جڏهن ائين آهي تہ ٻڪيو ماڻهو ڊائي کي چوي تہ مهرباني ڪري منهنجي بدران توهان ماني کائو ۽ خدا تعاليٰ جي مهربانيءَ سان ٻڪيو پيٽ وري منهنجو ڀربو ويندو. انهن ڪائونٽي يا ڪوٽڙي جي سر اوراڪلس Oracles وٽان سبق ڪونہ سکيو آهي. اهي جديد دور جون ڪئنچيون ڪٽي پنهنجي مطالعي جي پيٽ چيرڻ جي تڪليف ڪانہ ڪندا آهن. جنهن جي نمائندگي عقل سليم جو ڪٽڪ جو ننڍڙو داڻو ڪندو آهي. جيڪو توڙي جو ٿُوهڙ ۾ لڪل هوندو آهي. اهڙو مثال پوليٽيڪل اڪانامي Political Economy جو آهي. اهي ماڻهو ٻڌن کن مختلف پامفليٽن جي تحريرن جي ذري پرزي ڏانهن خيال ڪرڻ بدران هر مسئلي تي سچيتائي سان کوجنا ڪندا رهندا آهن. هنن جي سوچ ۽ فڪر ۾ اها طاقت موجود آهي جيڪا دنيا جي علم هنن کي عطا ڪئي آهي. اهو بہ ضروري ڪونہ آهي تہ هن قسم جي سخت محنت سندن دماغي صلاحيتن کي صحتمند بڻائيندي پر ان جو نظر ايندڙ نتيجو اهو هوندو آهي تہ هر ماڻهو دنياوي طور ڏاڍو ڏاهو ٿي ويندو آهي ۽ موجوده دور جي دولت جو سدورو پٽ ٻڄي پوندو آهي. هنن متضاد ڳالهين هوندي بہ اسان موتي ان شروعاتي نڪتي ڏانهن اچون ٿا. جنهن جو واسطو ڪتابن جي مطالعي سان آهي، جيڪو يورپ جي موجوده دور جو ڪتابي مطالعو آهي. اهڙو مطالعو ماڻهوءَ کي ڀرپور ڪري ڇڏيندو آهي پر ڪڏهن خالي ۽ ٻڪيا ذهن عملي تجربو ڪندا آهن تہ سمجهبو آهي تہ اهي پاڳل هوندا آهن. اهڙن ماڻهن کي ذهني بدهاضمي جي بيماري هوندي آهي.

فطرت اهڙين ڳالهين لاءِ هڪ حد مقرر ڪري ڇڏي آهي پر هڪ ڳالهہ لاءِ تہ مقرر حد موجود آهي. اها مشرقي ماڻهن لاءِ عقل جي حد آهي تہ اهي "ايماندار" جي معنيٰ سمجهي ڪونہ سگهندا آهن. هو هن عام چوڻيءَ جو مطلب بہ سمجهي ڪونہ سگهندا آهن تہ ايمانداري بهترين تدبير آهي. Honesty is the best Policy هن شيءِ ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ ڪانہ آهي جو ماڻهو پريشان ٿي وڃي، منجهس ڏاڍ ڏمر بہ ڪونہ آهي. اهڙي ڳالهہ تي مشرقي ماڻهو الائي ڇو وائڙا ٿي ويندا آهن. هي مناسب حيثيت جا ماڻهو هوندا آهن. ڪين شعور بہ هوندو آهي پر مناسب ڪاروهنوار ۾ جڏهن ڪٿل لڳندا آهن. مثال طور

جيڪڏهن هن سان سچي ڳالهه ڪجي تہ نہ پهہ سمجهڻ شروع ڪندو تہ اهو ڪارو ڪوڙ آهي. پر جڏهن ڪيس پتو پوندو تہ اهو ڪوڙ نہ پر نسورو سچ هو تہ پوءِ هو اوهان جي ڪاري ڪوڙ کي بہ اکيون ٻوٽي سچ سمجهندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪيس پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيندو آهي ۽ مايوس ٿي ويندو آهي ۽ مونجهاري جو شڪار ٿي پوندو آهي. ان ڪانپوءِ اوهان ان کي هر طريقي سان هلائي سگهو ٿا پر ڪيس ساڳئي طريقي سان اٿاري ويهاري ڪونہ ٿو سگهجي. ليڊي هيسٽر اسٽنهوپ Hester Stanhope هن باري ۾ حقيقت بيان ڪئي آهي تہ مشرقي ماڻهن لاءِ وڏ ۾ وڏ سچو ڪروڙ سنو ماڻهو اهو آهي جيڪو هنن سان نيوي جي قديم اسڪول جي عملدار جيان ڪليءَ دل، ايمانداريءَ ۽ بلند اخلاقيءَ سان پيش اچي؟؟؟

پر جيڪڏهن اوهان ڪنهن ايشيائي ماڻهوءَ سان چالاڪي ڪري ائين سندس پيرن ڪيڻ جي ڪوشش ڪندا، جيئن لومڙ حرفت ڪري ٻين لومڙن جي تري ڪيڻ جا جتن ڪندو آهي تہ پوءِ هو نہ پهہ اوهان جو سچو سنگتي ٿي پوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن جي اندر ۾ چالاڪ لومڙن جون لوڏيون ويٺيون هونديون آهن. جڏهن بہ ساڻس چالاڪي ڪرڻ واري ڳالهہ ڪندا تہ هو هڪدم سمجهي ويندو تہ اوهان ڇا ڪرڻ وارا آهيو. پوءِ ائين سمجهڻ کپي تہ اوهان ان جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي چڪا آهيو ۽ ڪيس پنهنجيءَ سوچ ۾ پورو ويساهہ هوندو آهي.

اهڙي ريت اوهان جا وڏا سياستدان جيڪي پاڻ کي عقل جا اڪابر سمجهندا آهن، عربي ۽ سنسڪرت مادري زبان جيان رواني‌ءَ سان ڳالهائي سگهندا آهن، جيڪڏهن فارسي ڳالهائيندا آهن تہ سمجهبو آهي تہ شيراز جو ايراني ڳالهائي رهيو آهي. ڦڙت ۽ چالاڪ بہ هندوءَ جيانءُ لڳندو آهي. ڳالهائڻ ۾ مان ۽ مرتبو ترڪ ماڻهوءَ جيترو هوندو. مشرقي علم بہ برزبان ياد هوندو. سرڪاري رپورٽن مطابق لفاظيءَ جو بادشاهہ هوندو سياحت ۾ پڙ ۽ سفارت ۽ ايلچيگيريءَ جي ۾ فن ۾ ماهر سيئي ماڻهو هن لاءِ جڻ ٻار هوندا آهن. لکيل پڙهيل بہ تمام گهٽا هوندا آهن. هي ماڻهو هوشيار بہ گهٽا هوندا آهن، پاڻ مٿان اعتماد بہ ڏاڍو هوندو اٿن. يوناني علم ۽ ادب جو نمونو ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ انگريز مان ڦري يوناني بنجڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر اهڙا مهان ماڻهو بہ مشرقي چالاڪين جي ور چڙهي ويندا آهن، هتان جي ماڻهن سان سياسي ڪاروهنوار وارن لاڳاپن رکڻ لاءِ وڏي تدبر ۽ دانشمنديءَ جي ضرورت هوندي آهي.

اهڙن ماڻهن لاءِ منهنجي حڪمت عملي هيءَ هوندي آهي تہ انهن جي ظاهر ۾ مخالفت ڪونہ ڪندو آهيان. جڏهن مان انهن سان ڪنهن ڪاروهنوار لاءِ لهہ وچڙ ۾ ايندو آهيان تہ ماٺ ڪري ويهي رهندو آهيان ۽ جڏهن ڪو ماڻهو ڍِيرج سان ڳالهائيندو آهي تہ مون کي پرون پئجي ويندا آهن. هو مون سان ناپٽ ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي. جڏهن پڪو واعدو ڪندو آهي تہ مون کي وِسهي ويندو آهي تہ اهو ڪونہ پاڙيندو. جڏهن اهو ماڻهو قسم کڻي چوندو آهي تہ سندس ڳالهہ سچي آهي تہ مون کي يقين ٿي ويندو تہ هو ڪوڙ ڳالهائڻ سان گڏ مون سان ڪا خطرناڪ چالاڪي ڪرڻ گهري ٿو پر مان ڪيس محسوس ڪرائيندو آهيان تہ سندس ڳالهہ تي مون کي مڪمل يقين آهي. مان ڪيس واتئون ورائي اهو ڪونہ چوندو آهيان تہ تون چال باز آهين ۽ مون سان فريب ڪري رهيو آهين. مان ڪڏهن بہ سندن ڳجهن ارادن کي وائکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي، چاڪاڻ تہ سمجهندو آهيان تہ مان چال بازين جو ماهر آهيان ۽ ساڻن پڄڻ لائق آهيان. مان پنهنجي ساري حياتيءَ دوران مختلف نسلن سان سياسي ڪاروهنوار ڪيو آهي. مون کي خبر هوندي آهي تہ ڪهڙي وقت سندن ڳالهين تي ويساهہ ڪجي. مون ۾ هڪ قدرتي ذات آهي جو ڪوڙن جي وڏن ڍيرن مان سچ جو ننڍڙو موتي بہ سُونجهي وٺندو آهيان.

منهنجون هي الوٽيون ڳالهيون بڏي ڪيترن جي ڪپڙن کي باهہ لڳي ويندي ۽ ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙها ٿي ويندا پر خاص ڪري انهن ماڻهن کي تانڊي لڳندي جيڪي مشرق ۾ رهي وڃي مغرب ۾ ويٺا آهن ۽ قبر ۾ جنگهون لڙڪايون ويٺا آهن، ڪين فقط پنهنجي دلچسپيءَ واريون ڳالهيون ياد آهن. اهڙا ماڻهو وڏن ميڙاڪن ۾ وڏي واڪ چوندا آهن تہ هندو بہ يورپي ماڻهن وانگي سچا ۽ کرا آهن. ڪچ ۾ ڪوڙ کان ائين ڌڄندا ۽ ڀڄندا آهن، جيئن پولو پڇي نانگ کان. اهڙيون ڳالهيون سيلهہ ڪنڌي جيان هيانءَ ۾ چپي ويندون آهن، چاڪاڻ تہ اهي جڻ ترقي، تعليم، تهذيب ۽ عيسائيت تي ٺوڪ ۽ ڏنڪ آهن. اهڙين ڳالهين جي ابتدا اسڪاٽلئنڊ جي هڪ ماڻهوءَ کان ٿي جيڪو اڻ ڏريو ۽ ساڙ حسد کان پري آهي، جنهن کي بنارس ۾ اوتار بڻائي ويهاري ڇڏجي يا اُن جي مُورتي ناهي جڳننات جي مندر جي ڦاٽڪ وٽ پوجا لاءِ رکجي.

مغرب ۽ مشرق ۾ ٻيو فرق هي آهي پر مغرب وارن ۾ هي مخصوص ڳالهيون آهن. پوءِ اهي اتر يورپ جا ماڻهو هجن يا ذڪرڻ يورپ جا هجن يا

مجموعي طور ساري يورپ جا هجن سيني ماڻهن کي مڪمل يقين هوندو آهي ته دنيا جا سڀ ماڻهو ڪوڙا آهن. هنن ۾ ڪي ماڻهو اهڙا به آهن جيڪي خودغرضيءَ کان پڄندا آهن ۽ سمجهندا آهن ته دنيا اندر ڏوڪي ۽ نڳيءَ جهڙي ڪابه شئي موجود ڪانه آهي پر هي نياءُ ۽ نيت پت کان ٻاهر هوندي جو چئجي ته مشرق ۾ اهڙيون پليون ڳالهيون موجود ڪونه آهن. اوهان مون تي ويساهه ڪريو توهان پلي وڃي انهن جي وچ ۾ رهو مردن سان گهائل مائل ٿيو هر طبقي جي ماڻهوءَ سان رلي ملي وڃو. پلي عورتن سان به ڏيٺ ويٺ رکو. پر اوهان کي ڪُڏائي ۽ ڪُريت جا ڪي هڪ به مثال نظر ايندا.

"هائو سائين. خير خيرات ڏيڻ به چڱي ڳالهه آهي. مسٽر جان بل، پر هن ۾ ڪفو ۽ خرچ گهڻو آهي. سياح ۽ سياسي سوچ جي ماڻهوءَ لاءِ ته مٽي جو سور آهي."

هتان حيدرآباد کان ٻاهر نڪرڻ کان اڳ مان هتان جي ماڻهن جي اخلاقن ۽ آدابن بابت هڪ ڊگهي تقرير ڪندس. توهان کي مٽي ۾ سور ته ڪونه آهي نه؟ سو هتان جي ماڻهن سان رلي ملي وڃڻ لاءِ اوهان کي ڪي مختصر ڳالهيون ياد ڪرڻيون پونديون. هن وقت تائين اسان به ائين ڪندا رهندا آهيون. ٻي ڳالهه ته دنيا جي هر شيءِ کي لکي ڪتابي صورت ڪانه ڏني وئي آهي. مشرق ۾ ڪابه تصنيف ائين ڪانه آهي، جيئن ڪنهن فئشن واري عورت جي لکيل تصنيف "اخلاقيات جا رهنما اصول" اهڙو ڪتاب رهنمائي لاءِ سدائين هٿن ۾ هجڻ گهرجي ۽ سدائين مطالعو ڪندو رهجي ته ڪهڙي ماڻهوءَ سان ملڻ وقت گفتگو جي شروعات ڪهڙن لفظن سان ڪجي. ان سان ڪيئن اٿجي ويهجي. اهو ڪڏهن به سوچڻ نه گهرجي. مشرق جي ماڻهن ۾ اٿڻ وهڻ ۽ ڳالهائڻ جا آداب غير ضروري آهن. بلڪل نه.

هتان جا ماڻهو شخصيت کي ڏسندا آهن. پر اهو ڏنو ڪونه ويندو آهي ته ان سان ڪهڙا حادثا ۽ واقعا پيش آيا آهن. ٻي ڳالهه اها ڏني ويندي آهي ته اوهان سنڌي ٻولي ڳالهائي سگهو ٿا يا نه. جيڪڏهن اوهان جو جواب "نه" آهي ته اهي هڪدم توکي چئي ڏيندا ته تون ڪو حيوان آهين! جهنگلي آهين! پر جيڪڏهن جواب ۾ چوندس ته هائو مان سنڌي ٻولي ڳالهائي سگهان ٿو پر ڳالهائيندس ڪونه. ته هو توکي اعليٰ شخصيت سمجهندا. پر تنهنجي هن چپ کي چيتيون ڪرڻ مان وينو آهيان. مون کي خبر آهي ته تو وٽ سنڌي ٻولي سکڻ لاءِ وقت ڪونه آهي. اسان جڏهن هن

صوبي جي صفا جاهل علائقي ۾ پهچنداسون تہ مان اتان جي ماڻهن کي ٻڌائيندس تہ مون سان گڏ هي ماڻهو ترڪ آهي. جيڪڏهن ترڪ چوڻ وسري ويو تہ تاتاري تہ ضرور چوندس. اهو ٻڌي هتان جي سنڌين جا اچرج کان وات ٽيڏو ٿي ويندا, ڇاڪاڻ تہ هنن ماڻهن لاءِ ولايت جي هر ٻلي ۾ مٽي هوندي آهي.ان سان گڏ وڏي واڪ اهو بہ اعلان ڪري ڇڏيندس تہ هي ماڻهو ترڪي علم ۽ ادب جو وڏو عالم ۽ اڪابر آهي پر ان ڪوڙ لاءِ مون کي معاف ڪجانءِ. جيڪڏهن ڪير توسان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري تہ ڏاڍيءَ خوشيءَ جو اظهار ڪجان. پلي تنهنجي پيٽ ۾ سور جا ولهوٽا پوندا هجن پر تنهنجي چپن تي مِنڙي مرڪ هجي. ان وقت پنهنجو ساڄو هٿ ڏاڙهي تي بہ ضرور ڦيرائجان. پر ڏسجان تہ ڏوتل ۽ صاف هجي. خدا کي مڃجانءِ. ائين ڪجان, پوءِ مٽي کي شان سان لوڏي وڏي مخرج سان جواب ۾ چئجانءِ الحمد لله يعني سڀ ساراهہ الله تعاليٰ کي جڳائي. جيڪڏهن ڪير توکي پنهنجو گهوڙو يا پٽ ڏيکاري تہ ڪرسماس جي ڏينهن تي ڏيکاريل ڊراما وانگي هٿ نات ڪجان ۽ چپن کي ٿورو ٻاهر ڪڍي ماشاءَ الله جا اکر اچارجانءِ. ان وقت تنهنجون واڇون هڙٻانين تائين پهچڻ ضروري آهن. چپ ٿورا ٻاهر ڪڍي واڇن کي هڙٻانين سان ملائي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي, جنهن جي سکڻ لاءِ مون کي پورو هفتو لڳي ويو هو. ياد رکجانءِ, جيڪڏهن توکان هن ڳالهہ ۾ گهٽتائي ٿي وئي تہ سمجهيو ويندو تہ تنهنجي دل ۾ هڪ عدد شيطان جو آکيرو آهي.

هي ڳالهہ بہ توکي ياد رکڻ گهرجي تہ جڏهن بہ تون اٿين يا ويهين, ڪنهن کي پائيپ ڪٽي اچڻ لاءِ چوڻ وقت يا پائيپ ڪٽي اچڻ واري ماڻهوءَ واپس ڪرڻ مهل, ماني کائڻ کان اڳ ۽ ماني کائڻ کانپوءِ ڪڏهن بہ بسم الله چوڻ نہ وسارجانءِ. پر اهڙن لفظن جي ادائگي ۾ شان ۽ مان ضرور موجود هجڻ گهرجي. آواز بہ اهڙي شد مد سان هجي جو ڪچهريءَ ۾ ويٺل هر ماڻهوءَ کان ڇرڪ نڪري وڃي, ڇاڪاڻ تہ اهڙن موقعن تي جانس Januse يا گڻيش Gane_sha ضرور موجود هوندو آهي, جيڪڏهن اوهان اها ڳالهہ باقاعدگيءَ سان ڪندا تہ ماڻهو اوهان کي سنجيده ۽ معزز شخصيت سمجهندا. پر اوهان جي ڪنڌ جي لوڏ ۾ برليغ Burleegh وارو انداز هجي.

ان وقت اوهان کي هڪ عقلمند انسان وانگي نظر اچڻو پوندو ۽ ڪلڻ کان ائين پري ڀڄڻو آهي جيئن گنجو ڀڄي پاڪيءَ کان. اوهان جي شڪل مبارڪ بہ خيرن سان, برسنول جي ٻشپ جي رهنما اصول جيان ڪنهن بہ

تجربيڪار جلاد کان گهٽ نہ هجي. سندس مشهور قول آهي تہ ”ڪنهن اوپري ماڻهوءَ سان پهرين گفتگو شان ۽ شوڪت واري هئڻ کپي.“

ان ڪانپوءِ مشرق جو ماڻهو ٻيو سوال هي ڪندو آهي تہ ڇا تون وڏڙن جو ادب ڪرڻ سکيو آهين يا تون نشست ۽ برخواست جي آدابن کان واقف آهين يا جيئن ڄائو آهين تيئن ڏريو آهين. توکي اها خبر ڪانہ هوندي تہ هنن ٻن ٽن لفظن جو ڪيترو وڏو مفهوم آهي.

مان سمجهان ٿو تہ اهو ڪم يورپي سفيرن جو آهي، جن کي سياسي ڪار وهنوار لاءِ مشرق جي شاهي درٻارن ڏانهن روانو ڪيو ويندو آهي. اهڙن سفيرن کي سرڪار خاص مقصد واسطي موڪليندي آهي. هتان جي شاهي درٻار آيل سفير جي اٿڻ ويهڻ جي آدابن کان متاثر ٿي معاهدو ڪندي آهي يا انڪار ڪري ڇڏيندي آهي. سفيرن کي موڪليندڙ سرڪار جون خواهشون بہ انهي نشست ۽ برخواست مطابق پوريون ٿي سگهنديون آهن. هتي اٿڻ وهڻ جي آدابن کي وڏي اهميت هوندي آهي. سر جان مالڪم John Malcolm مشرقي آدابن کان گهڻو واقف هو کيس تهران جي شاهي درٻار لاءِ ايلچي مقرر ڪيو ويو هو. هو شهنشاهہ جي درٻار ۾ اچڻ وقت پنهنجي فوجين کان سندس سلاميءَ جي پريڊ ڪرائيندو هو جيڪا مقرر وقت ۽ ڏهاڙي تي سرانجام ڏني ويندي هجي. انگريز اهڙين ڳالهين ۾ ڇيڳرا ۽ اينترا ٿيندا آهن. اهڙيون ڳالهيون مشرق جي درٻار پسند ڪانہ ڪندي آهي، انهن کي ناراض ڪرڻ نہ پر خوش ڪرڻ مقصد هوندو آهي. پوءِ ان لاءِ ڇا بہ ڪرڻو پوي. شاهي درٻار جا آداب بہ مشرقي روايتن مطابق سرانجام ڪيا ويندا آهن ۽ انهن جي آدابن بجا آڻڻ لاءِ پنهنجي ڄاڻ جو هجڻ لازمي آهي. جيڪڏهن اهڙين روايتن جي ڄاڻ نہ هوندي تہ نفرت پيدا ٿيڻ جو امڪان ٿي پوندو آهي.

جيڪڏهن ائين نہ ٿيندو آهي تہ سفير جي ناڪامي سمجهي ويندي آهي، جنهن جا سفارتي ميدان ۾ سٺا نتيجا ڪونہ نڪرندا آهن. مثال طور اسان هڪ پيري ايران جي شاهي درٻار ڏانهن هڪ سفير موڪليو هو، جيڪو بهادر وطن پرست ۽ باصول ماڻهو هو پر هو اهڙن آدابن کان بي خبر، ترش مزاج ۽ سر ڦريو هو. هي انسان دوستي جي معاهدي جي پرخلوق نقطن تي بہ ضد ڪري بيهندو هو ۽ هڪ روايتي سردار وانگي انتقامي جذبو ڏيکاريندو هو. اهڙي ريت هو هفتو کن شاهي درٻار ۾ رهيو. ان دوران هو جنگهہ جنگهہ مٿان چاڙهي ائين ويهي رهندو هو جو سندس بوٽ شهنشاهہ

جي بلڪل سامهون ٿي پوندا هئا. سندن اهڙو اثر ويهڻ ائين هو جڻ پنهنجي حڪمران کي پٺي ڏئي وينو هجي. هو سياسي بحث ڪلئي عام ۾ وڏي آواز سان ڪندو هو. ان ڪانسواءِ شهنشاهه جي روبرو گار گند ڪان بہ ڪونہ مڙندو هو. اهڙي گستاخي دربار جا سڀ امير وزير وينا ڏسندا هئا. اهي درباري ان زماني ۾ ساري وچ ايشيا جا چونديل بدمعاش هئا. پر وقت جي حڪمرانن جا لاڏلا ضرور هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو هو جو اهو سفير موٽي انگلينڊ پهچي ڪونہ سگهيو هو. سائين جان بل، اسان سياح آهيون. اوهان جي حيثيت معمولي آهي پر اسان جي امن امان ۽ راحت لاءِ سماجي اصولن مطابق ڪي شيون ڪرڻيون ۽ ڪي شيون نہ ڪرڻيون هونديون آهن. اسان ڏنو آهي مشرق وارا بہ انهن شين ڪان نفرت ڪندا آهن، جن ڪان مغربي ڪراهت ڪندا آهن. جيڪڏهن اسان فوجي وردي پايون گهٽين ۾ اجايو سجايو گهمندا رهنداسون تہ خلق تہ ضرور کلندي.

الله تعاليٰ جا ڪم بہ اچرج جهڙا آهن. فرانس جو اهو ماڻهو هوريان هوريان گهمي رهيو آهي، جيڪڏهن هو چاهيندو تہ ويهي بہ رهندو. اٽليءَ جي مشهور چواڻي آهي تہ ڊوڙڻ ڪان آهستي گهمڻ، گهمڻ ڪان ويهي رهڻ، مرڻ ڪان سمهڻ ۽ سمهي پوڻ ڪان مري وڃڻ وڌيڪ چڱو آهي.

اسان جي ڳالهائڻ مهل هٿن جا اشارا يا لامارا نہ ڏيون. جيڪڏهن اسان ائين ڪنداسون تہ هڪ ٻئي ڪان پڇندا تہ اسان جو تعلق ڪنهن نيچ هيچ خاندان سان تہ نہ آهي؟ يا اهي ماڻهو چريا تہ نہ ٿي پيا آهن يا هنن پنگ جي چڪڙي تہ ڪانہ چاڙهي آهيِ؟ فرينچن جي تہ اها عادت آهي تہ ڳالهائڻ مهل هٿن جا لامارا ڏيندا آهن. محسوس ائين ٿيندو آهي تہ اهي ڳالهائي نہ پر ڳائي رهيا آهن، تنهنڪري هتان جا ماڻهو کين عزت ڪانہ ڏيندا آهن.

پر جيڪڏهن اسان بيٺا آهيون تہ اسان کي ٻانهون سيني تي رکي بيهڻ نہ گهرجي، يورپ ۾ نيپولين ائين بيهندو هو. هتي وري غلام ائين بيهندا آهن. ٻڌاءِ تون مغرب جو نيپولين ٿيڻ ٿو چاهين يا مشرق جو غلام؟ اوهان گهمڻ وقت ٻانهن کي نہ لوڏيو. پر مناسب آهي تہ اوهان پنهنجو هڪ هٿ ڍاڪ تي رکي گهمو ڦرو. پر ٻئي هٿ ۾ پنج فوٽ ڊگهو ۽ ونگوڙي وارو لڪڻ ضرور هٿ ۾ هجي، جنهن جو مُنيو عاج جو هجي، انهيءَ ڪري عزت ۾ گهڻو اضافو ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن هٿ ۾ گهوڙي هلڪڻ وارو لڪڻ ڪٽبو تہ ماڻهو هڪ ٻئي ڪان پڇڻ لڳندا تہ هي همراهہ ڪُتئي آهن ڇا؟

جيڪڏهن وهٽو آهي ائين وهجي جيئن ترڪ وهندا آهن ۽ ڏگهي وقت لاءِ خاموش رهٽو پوندو. جيڪڏهن اسان بنا مقصد جي ائين گهمندا ڦرندا رهنداسون تہ ڏهن منٽن ڪانپوءِ اسان ڪي هي لفظ ٻڌڻا پوندا:
”والله، هنن ماڻهن ڪي عزت نفس ۽ شان ۽ وقار بہ ڪونہ آهي.

جيڪڏهن اسان جو مزاج موسيقي ڏانهن راغب آهي تہ اسان ڪي نهايت آهستي پڙهڪي ۾ ڳائڻ کپي، سينڌ وڄائڻ کان پاسو ڪرڻ سياڻن جو ڪم آهي. هڪ سياح برخاردت Burckhardt بہ اها غلطي ڪئي هئي. هتي سينڌ وڄائڻ گناهہ آهي پر هن گناهہ ڪي هتي ڪو خاص نالو ڪونہ آهي. پر عربي ٻولي ۾ هن السيفر El_sifer پر هن ڪم ڪي گناهہ سمجهڻ وهم ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ آهي پر اهو چپن وسيلي آواز ڪڍڻ جو هڪ خاص طريقو آهي ۽ اڇيءَ چمڙيءَ وارا ماڻهو ساڻا ناس Sathanas سان ڳالهائڻ مهل اهو آواز ڪڍندا آهن.

پر مان اوهان ڪي هڪ ڳالهہ لاءِ سخت تنبيهہ ڪري رهيو آهيان تہ اوهان ڀُلي ڀُلائي ”عورت“ لفظ واتان اصل نہ ڪڍجو. اها وڏي اخلاق سوز حرڪت آهي.

هاڻي مان اوهان ڪي مختصر لفظن ۾ ٻڌائي رهيو آهيان تہ ملڻ جي مقصد سان ايندڙ ماڻهن سان اوهان جو رويو ڪهڙو هجڻ گهرجي. مان انهن ماڻهن ڪي ٽن طبقن ۾ ورهائيندو آهيان، هڪڙا اهي جن جي حيثِت مون کان وڌيڪ هوندي آهي يا منهنجي حيثيت برابر وارا. ٽيان مون کان گهٽ حيثيت وارا ماڻهو.

فرض ڪريو مون وٽ مير فتح علي ٽالپر اچي ٿو جيڪو وڏو نيڪ ۽ شريف آهي، جنهن جي ڏاڙهي ڪير جهڙي اڇي ۽ آواز مصريءَ جهڙو منو آهي، ڏسڻ وائسڻ ۾ مهاندين جو ملوڪ ۽ سندس مزاج ۾ نياز ۽ نوڙت آهي. هن ماڻهو اڌ ڪلاڪ اڳ پنهنجو ماڻهو موڪلي مون ڪي پنهنجي اچڻ کان آگاهہ ڪيو آهي. جيڪڏهن قاصد مير فتح علي جي گهر جو معزز ماڻهو هوندو تہ مان ساڻس ملاقات لاءِ نہ مان نہ مان ڪندس ۽ ملڻ وقت مرضي گهٽ ڏيکاريندس. اهڙو مظاهرو خراب تہ آهي پر ضروري بہ آهي. بعد ۾ مان پنهنجي منشي کان مير جي حيثيت پڇا ڳاڇا ڪندس ۽ ساڻس ملڻ جون تياريون ڪندس. ڪنهن ڪي حيثيت آهر مان مرتبو نہ ڏيڻ خراب ڳالهہ هوندي آهي ۽ اڳلو بہ پنهنجي توهين تصور ڪندو آهي. مشرق ۾ حيثيت آهر عزت نہ ڪرڻ خراب هوندو آهي. جڏهن گهوڙن جي ٻيهڻ جو آواز ايندو

تہ مان استقبال جي تياري ڪندس. يعني جڏهن هو گهوڙي تان هيٺ لهندو تہ مان در کان ٻہ ٽي وکون ٻاهر وڃي ساڻس ملندس ۽ کيس وٺي ويهڻ واري ڪمري ۾ ايندس ۽ کيس بوٽ کولي آرام سان وهڻ لاءِ چوندس. انهن ٻوٽن مان ڪنهن ڪمري ۾ داخل ٿيڻ ائين هوندو جيئن ڪو ماڻهو لنڊن سئلون Saloon ۾ ٽوپلو پايون وڃو هجي.

"خوش آمديد" مسٽر خان.

"توهان امن امان ۾ آهيو؟"

"اوهان جي صحت ڪيئن آهي؟"

"توهان جو دماغ بہ صحيح طريقي سان ڪم ڪري رهيو آهي؟"

"بلڪل صحيح آهيو؟"

"مڪمل طور صحتمند آهيو؟"

"توهان جا گهر ڀاتي بہ صحيح ۽ صحتمند آهن؟"

"توهان جا ماڻهو خوش آهن؟"

"توهان جا سڀ ماڻهو عزت ۽ عافيت سان گذارن ٿا؟"

"الحمدلله_الحمدلله."

"مان بلڪل خوش آهيان.

"اوهان ڪي پڪ آهي تہ اوهان صحيح آهيو؟"

منهنجن سوالن جا جواب مير صاحب ڏاڍي خوش خُلقي سان ڏيندو سندس منهن تي مرڪ نچندي رهندي ۽ مون کان ساڳئي قسم جا سوال ڪندو... ۽ وچ وچ ۾ هن قسم جا لفظ چوندو ويندو.

"شال خوش هجو."

"الله تعاليٰ شال اوهان کي خوش رکي."

"سدا خوش رکي."

مان ان ملاقاتيءَ کي ملڻ واري ڪمري جي وچ تي ديوان صوفا سيٽ تي ويهاريندس. جيڪو ڪمري جي در کان ٿورو پاسي تي هوندو. مان سندس پاسي ۾ ويهي رهندس. ان کانپوءِ اسان ٻئي بہ پيرا هڪ ٻئي سان هٿ ملائيندا سون ۽ هڪ ٻئي ڏانهن ڏاڍي عزت ۽ پيار سان نهاريندا رهنداسون. بعد ۾ وري خوش خير عافيت پڇڻ جو ٻيو دور شروع ٿيندو جنهن جا جواب بہ ساڳيا هوندا.

گفتگو دوران جڏهن اسان جون اکيون هڪ ٻئي سان ملنديون تہ وري خوش خير عافيت پڇڻ شروع ڪنداسون.

"اوهان کي پڪ آهي تہ توهان جو دماغ صحيح آهي؟ مسٽر خان؟" اهڙي ملاقات گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ ڪلاڪ وٺي ويندي.

ڪمري جي هڪ پاسي منهنجا گهرو ملازم ۽ ٻئي پاسي معزز مهمان جا گهرو ملازم اڌ اڌ گولن ۾ هيٺ ويٺل هوندا. آيل مهمان ڏاڍي نياز ۽ نوڙت جو مظاهرو ڪندو رهندو. ملازم بہ واري سان هڪ ٻئي کان خير عافيت پڇندا رهندا. هڪ ٻئي سان هٿ ملائيندا. ڳرانڙيون پائيندا ۽ سنڌن منهن تي روايتي سنڌي خوش خلقي ڏسڻ ۾ ايندي.

ڪچهري هلندي گفتگو ۾ تڏائي اچي وئي، جنهن تي مان پنهنجي ملازم کي اشاري ۾ معزز مهمان جي چلم آڻڻ جو چيو. گهڙي کن ڪانپوءِ مير جو ملازم چلم کڻي ڪمري اندر آيو جنهن جي ڪيڍ منهنجو ملازم هو. اها چلم معزز مهمان جي شان شوڪت جي علامت هئي. جنهن جي ڪچهري ۾ موجودگي نوابي ٺٺ کان گهٽ ڪانہ هئي، جنهن کي ٺاهي نيڪ ڪرڻ ۾ اٽڪل پنج منٽ لڳي ويا. پوءِ اسان ٻنهي جڻن ائين چلم ڇڪڻ شروع ڪئي، جيئن ايراني ڇڪيندا آهن. توري گهڙيءَ ۾ دونهين جو ڌُڪ تي ويو. اسان جي واتن مان دونهون بہ ائين نڪري رهيو هو جيئن ايران جي حمام خاني جي بُخاري مان دونهون نڪرندو هجي. مان چلم ڇڪي، ساڄي هٿ سان نڙ جي چوٽيءَ کي صاف ڪري ملازم جي حوالي ڪري ڇڏي ۽ هيٺ ويٺل ٻنهي ڌرين جي ملازمن ڊُس لائي ڏني.

هر ڏهن منٽن ڪانپوءِ چلم کي تازو ڪيو تي ويو. چلم جو پنهنجو نظام آهي جنهن ۾ گوءِ جو هينيون پاسو چلم جي پاٽيءَ ۾ ٻڌل ۽ مٿين پاسي تي تاندن سان پريل نڪر جي توپي رکيل هوندي آهي، جنهن جي هينئين پاسي واري خاني جي تري ۾ چڱل وجهي تماڪ سان پريو ويندو آهي، جڏهن تہ پاسي واري سوراخ ۾ نڙ وجهي چلم ڇڪي ويندي آهي.

اسان ٻئي، ميزبان ۽ مهمان چلم ڇڪڻ دوران گفتگو جا عنوان بہ چوندبيندا رهيا هئاسون. ٻئي جڻا فارسيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئاسون. سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جو رواج ڪونہ هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو هو جو اسان جي ڪمري اندر ويٺل ماڻهن جو پورو اڌ تعداد ڪجهہ بہ سمجهي ڪونہ رهيو هو تہ اسان ڇا چئي رهيا هئاسون.

فتح علي خان پڙهيل ڳڙهيل ۽ وڏي عمر وارو هو پر انگريزي ٻولي سمجهي ڪونہ ٿي سگهيو. تنهن ڪري سندس خيال ۽ تصور محدود هو.

گفتگو دوران سندس ڳالهه ٻولهه ننڍڙي دائري اندر ڦري گهري رهي هئي. اهڙيون ڳالهيون روح کي اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏينديون آهن.

هيٺ بيان ٿيل ڪن ڳالهين جو مشاهدو ڪري سگهجي ٿو.

جڏهن منهنجو معزز مهمان ڪنهن شيءِ ڏانهن ان جي تعريف ڪري رهيو هو ته مان ڪيس چئي رهيو هوس "پيشڪش" جنهن جو مفهوم اهو هو ته مان اها شيءِ اوهان کي تحفي طور ڏئي ڇڏي آهي. اهو سوغات ڏيڻ جو هڪ مشرقي طريقو آهي. جڏهن هڪ دوست ٻئي کي گل به تحفي طور ڏيندو آهي ته ڪيس چوندو آهي "پيشڪش" هي ماڻهو انهيءَ ڪري ڪو به تحفو وٺڻ قبول ڪونه ڪندو آهي. چاڪاڻ ته اصول موجب ڪيس ان کان وڌيڪ قيمتي شي تحفي طور ڏيڻي هئي.

مان اهو به محسوس ڪيو ته مهمان نچ ڏيڻ وقت چيو هو ته "شڪر الحمد ِالله". اهڙا جملا الله تعاليٰ جي شڪر ادائي لاءِ آهن. انهيءَ لاءِ ته جيئن هو هميشه رحم ڪندو رهي ۽ سندس ٻاجهه ۾ ڪا گهتتائي نه ٿئي.

ٿوريءَ گهڙيءَ لاءِ وري به مانار چائنجي ويئي، جنهن ڪري ٿورو منجهي پيو هوس. اهڙي مانار کي ختم ڪرڻ لاءِ مان ملازم کي ٿوري فروٽ ڪٽي اچڻ لاءِ چيو. مون کي خبر هئي ته منهنجو مهمان ميوات کائڻ کي فضول خرچي سمجهندو آهي ۽ ان اصول جي سختيءَ سان پابندي ڪندو آهي. هاڻي هو ٿورو جهڪي ننڍرا ڦوٽا چٻاڙي رهيو آهي ۽ شربت به پيئڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. مشرق ۾ به خاص ڳالهيون ڏسڻ ۾ اينديون آهن. چيني چانهه وڏي چاهه سان پيئندو آهي. ڪافي ۽ چلم جا موالي وري ترڪ ۽ ايراني ٿيندا آهن. سو مسٽر ليهه هنٽ Leigh Hunt پر مان انهن ۾ ٿورو اضافو ڪرڻ چاهيندس ته چانهه چڪيءَ جا موالي چيني ۽ موراڪو جا ماڻهو ڪافيءَ جا شوقين وري مصري عرب ۽ ترڪ. مشرق جا وري ايراني ۽ سنڌي هيراڪ ٿين. ايراني ڪافي پيئڻ کان لنوائيندا آهن. پر ڪنهن موت جي واقعي وقت به تي سرڪون پي وٺندا آهن. جيڪڏهن انهن کي ڪافي پيئڻ جي صلاح ڪبي ته اکيون ڳاڙهيون ڪري وڙهڻ لاءِ قميص جون ٻانهون ڪُنجي وٺندا. مسٽر جان بل تيزيءَ سان مشاهدو ڪندو هلجان ته مان ماڻهن سان ڪهڙي طريقي سان اٿي ويهي رهيو آهيان. اهو واهو ڀهريائين مان ڦڪيندو ٿو هلان. تون سڪندو هل. مشرق ۾ اهڙين ڳالهين ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو هر گس بند آهي. هتي هڪ ٻي رسم به آهي ته اول تون پاڻ ڪاءَ بعد ۾ ٻئي کي کائڻ جي صلاح ڪر. چاڪاڻ ته هتي ٻئي تي ويساهه ڪونه

ڪيو ويندو آهي. منهنجو هي مشورو بہ هنيانءَ سان هنداءِ تہ ڪنهن نئين جڳهہ ۾ پهريائين تون پان داخل ٿجان ۽ پنهنجي ساٿي کي اول داخل ٿيڻ لاءِ ڪڏهن بہ نہ چئجانءِ. جڏهن ڪو بہ ماڻهو چانهہ يا ڪافي پي پيالو هيٺ رکندو آهي تہ اهو چوڻ ڪونہ وساريندو آهيان. حنيہ Hania يعني شال تون صحتمند رهين تہ اڳلو جواب ۾ چوندو تہ شال الله تعاليٰ تنهنجي حفاظت ڪري.

ٿوري گهڙي ڪانپورءِ مان ۽ فتح خان ٽالپر اوباسين ڏيڻ جو مقابلو شروع ڪيو ۽ پٽيل وات کي هٿ سان ڍڪڻ جي ڪوشش بہ ڪندا رهياسون، ڇاڪاڻ تہ هتان جون مکيون ڏاڍيون ڏنگيون ٿينديون آهن. گفتگو بہ ڪڏهن هلي ڪڏهن بند ٿي رهي هئي. ان لاءِ بئري ڪارنوال Barry Cornwal چيو آهي: "سندس تخت وٽان خاموشيءَ جو آواز اچي رهيو هو." جنهن ۾ حڪم جو مفهوم لڪل هو. اهڙي وايو منڊل مان لڳي رهيو هو تہ منهنجو ملاقاتي موڪلائي هلڻ وارو آهي. پوءِ وري خوش خير عافيت جو نئون مرحلو شروع ٿي ويو هو ۽ مان ڪيس چيو هو تہ مير صاحب اوهان کي پورو يقين آهي تہ اوهان جو دماغ صحيح آهي. ان ڪانپورءِ هن مون سان هٿ ملائي خوش خير عافيت جو سلسلو جاري رکيو. مان بہ ساڳين لفظن جو ورجاءُ جاري رکيو. اهو ڏسي ساٿس گڏ آيل اٿالي اٿڻ شروع ڪيو جيڪو اڳ ۾ پلٿي ماريون وينو هو. مان در تائين هلي ڪيس الوداع چيو. ان وقت تائين گهوڙا ۽ اٺ سواري لاءِ تيار ٿي اچي ويجهو بيٺا هئا. منهنجو وڏو نوڪر گهوڙي تي سوار ٿيڻ مهل مهمان جو رڪيب جهلي بيٺو. مان سندس آخري سلام ڪري موٽي اچي اڪيلو پنهنجي ڪمري ۾ وينس ۽ ملاقاتيءَ سان ڪيل ڪچهريءَ جون ڪجهيون ڦڪيون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون پر مان پنهنجو مقصد حاصل ڪري چڪو هوس، ڇاڪاڻ تہ جهونڙو مير ڏاڍو خوش ٿي ويو هو. ان وقت هو پنهنجي خاص اعتماد وارن ماڻهن کي مون لاءِ چئي رهيو هو تہ اهو آدمي آهي يعني هو ڏاڍو سنو انسان آهي. پر ڪيس شايد اها خبر ڪانہ هئي تہ سندس اهي ويساهہ جوڳا ماڻهو تہ درحقيقت منهنجا اعتماد جوڳا ماڻهو آهن. اهڙيون سڀ ڳالهيون فرينچن کي بہ ٻڌائيندا آهن. اهي ماڻهو نہ پر جانور آهن ۽ جانورن جا پٽ آهن.

مشرق جي علائقن ۾ نياز ۽ نوڙت گهٽ ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندي آهي، جنهن کي آداب ۽ اخلاق سڏيو ويندو آهي. ان سلسلي جو ڪوبہ وڏو ماڻهو هندستاني منشيءَ جيترو بافضيلت ڪونہ هوندو آهي، جنهن جي پگهار فقط

ويھ رڳا هوندي، سندس آواز ۾ شائستگي پئي ٻڪندي آهي. هن جي چيل هر لفظ ۾ ادب ۽ نياز پيو نظر ايندو. سدائين پيو تعريفون ڪندو رهندو. اٽليءَ جي شهزادي ۾ ايراني دربار جي هڪ امير يا نواب جيتري بلند اخلاقي ۽ فضيلت ڪانه هوندي آهي. ايران ۾ هندستان جي شاهي دربار منفرد فضيلت جي مالڪ هوندي آهي، جتي اٿڻ ويهڻ جي آدابن جي سختيءَ سان پابندي ڪئي ويندي آهي. عربن ۾ وري سادگي تمام گهڻي آهي جو ماڻهو سندن تعريف ڪرڻ ڪانسواءِ رهي ڪونه ٿو سگهي. افغان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڇيڳرا ۽ اٿڻ ويهڻ ۾ صفا اينترا آهن. پر اُنهن ۾ به ٽڪو پئسو فضيلت هوندي آهي، پر سنڌ جا ٽالپر حڪمران جهڙا جاوا آهن ٿهڙا ڏِريا آهن. جهڙا اڻ گهڙيا ڪاٺ. نه ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪا شائستگي هوندي آهي. نه اٿڻ ويهڻ ۾ ڪابه فضيلت نه وري ڪائڻ پيئڻ جو ڍنگ ۽ اصول. هنن جي آداب ۽ اخلاق ۾ ڏيکاءُ هوندو آهي. هو ايراني دربار جو نقل ڪندا آهن، جيڪو ڪين ڪرڻ ڪونه ايندو آهي. سندن لباس مان چڱيءَ ريت پتو پئجي ويندو آهي ته اهي جاهل مطلق آهن. ويهندا آهن ته سدائين ڇُرڪو لڳو پيو هوندو اٿن. سندن مزاج مان آنڊ مانڊ ته ڪڏهن به ڪانه ويندي آهي. سدائين ڪلڻ جهڙيون پيا ڳالهيون ڪندا آهن.

پاڻ کان وڏيڪ حيثيت واري ۽ پاڻ جهڙي ماڻهوءَ سان ملاقات ڪرڻ ۾ گهڻو فرق آهي ۽ اهڙو فرق به لازمي طور ڪرڻو آهي، توهان ان سان حاضر جمع جي صيغي ۾ ڳالهائيندا ۽ ڪڏهن "هي" ڪري مخطاب ڪونه ڪندا. پر اوهان جو ڳالهائڻ بلڪل نرم ۽ فضيلت وارو هوندو جيڪڏهن خير عافيت جو مرحلو هلي ته جواب ۾ اهي ساڳيا لفظ پر ڦرتيءَ سان ڏنا وڃن. ڪلڪتي کان وٺي تهران تائين پنهنجي بي انتها شان شوڪت جو مظاهرو ڪرڻو آهي. پر جيڪڏهن اوهان جي مهمان جو اوهان سان رويو عزت پريو نه آهي. ڳالهه ٻولهه جي طريقي ۾ گستاخانه ۽ بي ادبي جو اظهار ڪري ٿو ته ڏندن هيٺيان ڪاني ڏئي زهر جو ڍڪ پيري وڃجي ۽ اخلاق رواداري جو دامن هٿان نه ڇڏجي. جيڪڏهن تون ايرانيءَ ۽ هندستاني کي گستاخ ٿيڻ جو موقعو ڏيندين ته ڪنڌ ۾ پئجي ويندا آهن. اوهان هنن مٿان ضابطو رکي انگريزن واريون ڳالهيون مڙهي ڪونه سگهندا، جيڪڏهن اهو ماڻهو اوهان جي لڳاتار توهين ڪندو ٿو اچي ته ان کي تنبيهه ڪرڻ جهڙو پيغام موڪليو ۽ ڏسو ان جو ردعمل ڪهڙو ٿو ڏيکاري.

وات ۾ هوندو اٿن تہ ڳنبو تہ مُنبو. ڳالهائيندا ڏهہ پاتيون ڏوڪڙ ۽ اُڇلون ڏيندا آهن. هڪ ٻئي کي چوندا آهن. انهن فرنگين وٽ ڪا ڪرامت آهي. مون ڏانهن سنيهو مڪو اٿائين تہ ملي وڃ. هن سان ملڻ لاءِ وڃڻ پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ آهي. ائين ڪُهي رکندو جڻ ڪڪڙِ ڪسي ڳڏهِ جو پٽ. مون کي قتل ڪندو باقي پاڻ سو بچي ويندو. پوءِ سارو شهر اسان يورپي طريقي واري اٿڻ ويهڻ تي چٿرون ۽ ٽُڪون ڪندو ۽ جڏا سڏا شعر ناهي پيو ڪلندو.

توهان جو ايران سان گهٽي وقت ڪان وني واسطو آهي. هنن جي اٿڻ ويهڻ جا طريقا پراڻا آهن. پر اوهان جو اٿڻ ويهڻ ايرانين جهڙو هجڻ کپي. جيڪڏهن اهي بي ڍنگو هلن بہ پر اسان کي وڏي ڳُجي ڏارڻ گهرجي ۽ هرويرو ڇِدو ڇدي تي پيچڻ نہ گهرجي. اڳلو اهو نہ سمجهي تہ اوهان سندس الوٽين ڳالهين ڪري چڙي بيزار تي پيا آهيو. جڏهن هو موڪلائڻ لاءِ اٿي تہ توهان اڳي ڪان بہ وڌيڪ شرافت ۽ نيڪيءَ جو مظاهرو ڪريو. پر پنهنجي خاص ماڻهو کي اک پيچي اها ڪار ڪرايوس جيڪا ٻرڙي ڪئي ٻارن سان.

ڪجهہ عرصو ٿيندو جو هڪ انگريز آفيسر ٿوري ڳالهہ تان ذري گهٽ پنهنجي زندگي وڃائي چڪو هو پر سندس وڏڙن جو ڪو تڪر اگهاٽل هو. هڪ ڏينهن هو اهو ترڪ نواب جو وڃي مهمان ٿيو. اتفاق سان ان ترڪ نواب جي چلم جو نڙ اورانگهي ويو جنهن کي پنهنجي عزت نفس جو تمام گهٽو احساس هو. هن پنهنجي نوڪرن کي حڪم ڪيو جن ڪيس چڱي جهينگر ڏني پر جيڪڏهن ڪو اوهان جي عزت جي توهين ڪري تہ توهان بہ پنهنجي هڪ سگهي متاري گهوڙي سوار کي سڏ ڪري ڪانئس پنهنجي بي عزتي جو پلاند وٺو. جيڪڏهن اوهان پنهنجي ڪاوڙ تي ضابطو نہ ٽا رکي سگهو ۽ اڳلي همراهہ کي بہ چار لنيون وڌيڪ لڳيون تہ اها ڪا ڳٽتيءَ جهڙي ڳالهہ بہ ڪانہ آهي. مشرقي روايتن مطابق جيڪڏهن اوهان توهينَ جي پلاند ۾ ان ملاقاتيءَ جي ڏاڙهيءَ ڪان وني بہ تي لوڏيا ڪيديا تہ ڪو پڻ ڪونہ آهي. پر يورپ ۾ اهڙيون ڳالهيون درگذر ڪيون ويندون آهن. پر اهڙو پلاند ڪرڻ ايران، افغانستان ۽ سنڌ ۾ تعريف جوڳو عمل تصور ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن اوهان عزت جي معاملي تي ڪنهن کي لنيون هڻائي سندس مٿو چٿايو دنيا اوهان کي ڪو ڏوراپو ڪانہ ڏيندي، ڪي ماڻهو تہ اوهان سان همدردي ڪري مفيد مشوري سان بہ نوازيندا تہ عزت لاءِ لنين بدران بندوقن جو آزادانہ استعمال ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن اوهان شام جو گهوڙيسواري

ڪريو تہ بندوق بازن جو بہ بندوبست ضرور ڪريو. جيڪڏهن صحيح طريقي سان اپاءُ ورتا تہ ڪيترن اڻ وڻندڙ واقعن کان بچي سگهجي ٿو. جيڪڏهن هتان جي ماڻهن کي خبر پوي يا ڪو شڪ ٿئي تہ اوهان سندن ٻوليءَ جو مطالعو ڪري رهيا آهيو يا انهن جي اٿڻ ويهڻ ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهيو تہ ان بدلي اوهان سان اهنج ۾ ڪوئنس ڪندا. جيڪڏهن ڪو ماڻهو آزادي خلاف ڪم ڪندي ڏسو تہ ان کي هنڌٽئي جوڳو سبق سيکاريو. ايران جي مشهور شاعر شيخ سعديءَ چيو آهي تہ:

"اوهان هڪ چشمي جي منهن کي ڪوڏر جي لپي سان بند ڪري سگهو ٿا پر جيڪڏهن ان کي وهڻ ڇڏي ڏنو ويو تہ اهو هاٿيءَ کي وهائي ويهندو."

اوهان پنهنجي دوست جي زبان بند ڪرڻ لاءِ مهٽي ۾ چٽر واري ٻولي ڪم آڻيو. يا ان ڏانهن اهڙين اکين سان ڏسو جڻ اوهان ان کي ڪچو کائڻ ٿا چاهيو. اهڙو رويو فقط تڏهن ڏيکاريو وڃي جڏهن ڏسو تہ ٻيو ڳس بند آهي.

اهڙن ملڪن اندر صحيح قسم جي خوشي هيٺين طبقن ۾ ملندي آهي، توهان کي پاڻ کان گهٽ ماڻهن سان ملڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي تڪليف محسوس ڪانہ ٿيندي. اهڙن ماڻهن جي ملڻ لاءِ اوهان پنهنجي جاءِ تان اٿي بيهو يا ٿورو اٿو. يا جڏهن هو ڪمري اندر داخل ٿي اوهان کي سلام ڪري تہ جواب ۾ رڳو ٿورو ڪنڌ لوڏيو. ان وقت اوهان پنهنجي ٽوپلي کي پاسي تي رکي وارن کي واڪو بہ ڪري سگهو ٿا. جيڪڏهن اوهان بوٽ لاهڻ جو ڪم سرانجام ڪندوَ تہ بہ صحيح آهي. پر جيڪڏهن اوهان ڇنگهون ڍگهيڙي پير پساري بہ چار اوباسيون ڏئي ورتيون تہ پاڻ سون تي سُهاڳ. پر شرط اهو آهي تہ وات وڏو پٽيل هجي ۽ ان وقت ساهہ ڪڍڻ جو آواز وات ۾ نڪرڻ گهرجي ۽ ائين محسوس ٿئي جڻ ڪير پياڪ وچ ڪِٽڪي رهي آهي. ان وقت زبان تي ضابطي رکڻ جي بہ هرويرو ضرورت ڪانہ آهي. تنهن ڪري جيڪو وڻئي سو ڳالهائي وڃي توڙ ڪر. انهن سان گڏ ويهي ڇڪڙي بہ چاڙهي سگهين ٿو. پر اهڙيون ڳالهيون پاڻ کان وڏيءَ حيثيت يا پاڻ جهڙي ماڻهوءَ سان نہ ٿيون ڪري سگهجن. جيڪڏهن ڪبيون تہ عزت کي عيب لڳي ويندو. اهڙين ڳالهين جا نتيجا بہ سنا ڪونہ نڪرندا آهن. جيڪڏهن تنهنجو ماتحت تنهنجي عزت نہ ٿو ڪري يا توهان سان اڙيو تڙيو ڳالهائي رهيو آهي تہ گهوڙي هڪلڻ واري لڪڻ سان ان جي باقاعدي مرمت بہ ڪري سگهين ٿو. ان ڪانپوءِ ڪيس اصلي حيثيت جو پتو پئجي ويندو آهي ۽

سمجهڻ شروع ڪندو آهي تہ هن اهڙو يڏو ڪم ڪري پنهنجو جڻ ڪارو منهن ڪيو آهي. ان ڪانپوءِ ڪانئس لنين واري مار وسري ويندي آهي ۽ سوچيندو آهي تہ اهڙو يڏو ڪم هو بيهر ڪونہ ڪندو. جيڪڏهن اهڙي ماٺهوءَ کي چٽڪو نہ چڪائبو تہ سندس من وڏي ويندو ۽ ائين گهِائي رکندؤ جڻ تنهنجي مٿي ۾ ڏکهي ڇهنب وارو جڳ اچي لڳو آهي.

مشرق ۾ هيٺين طبقي جي ماڻهن ۾ اوڻايون گهٽ ڏسڻ ۾ ايندبون آهن. ان جو مثال اسان جو منشي آهي، سندس پيءُ پاڻي وارن جهازن ۾ رانڌو (بورچي) هو. پر هي اهڙو بافضيلت ۽ بااخلاق ۽ پڙهيل جيترو مغرب جو ڪو ولي عهد شهزادو هجي. منجهس ڪا اوڻي پوڻي ڳالهہ نظر ڪانہ ايندي. جيڪڏهن توهان سان ٿورو بہ ڏيڍو هلندو لت هڻي ڪڍي ڇڏبس. اهو شڪ آهي تہ مٿان ڪنهن جي طرفان اسان جي جاسوسي ڪندو هجي. اهو بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ مٿان هو هيٺيون مٿيون ڳالهيون ڪري تنهنجا پير ڪڍندو هجي. اهڙا ماڻهو ڳالهين جا ڳهير ٿيندا آهن ۽ اهڙا قصا ڪري اڳلي جي اندر جو اوڳر لهي وٺندا آهن. هو پاڻ ئي چوندو آهي تہ هن وٽ ڪيترن ئي ماڻهن جا راز لڪل آهن. هن جي دل محبتن ۽ سياسي رازن جي ڪلف لڳل صندوق آهي. منجهس بيا بہ ڪيئي راز ستل آهن (5) بس هن جون ڳالهيون ٻڌندو رهہ ۽ وينو ڪِل. اٿ ئي پهر ڳِلا جو گهانگهو. هي ماڻهو ٻئي جي گلا ٿو توکي ٻڌائي ۽ ڪنهن ٻئي کي وري تنهنجي گلا ٻڌائيندو هوندو ۽ اهڙا ڏهَڪَ ڏاهيندو هوندو جو ڪوڙائي نہ موٽن.

سنڌين جي شرافت ۽ نرم سياءُ بہ مثالي آهي، هو جڏهن پاڻ ۾ ملندا آهن تہ اٺليءَ جي ماڻهن وانگي هڪ ٻئي جي ڳل ۾ ڳرانڙي پائي ملندا آهن. ڏسبو ائين جڻ ورهين جا وڇڙيا هجن. هڪ ٻئي کي چميون ڏيڻ بہ ڪونہ وساريندا آهن. ان ڪانپوءِ هڪ ٻئي جا هٿ لوڏيندا آهن ۽ هڪ ٻئي جي خير سلهہ پڇندا آهن. مالوند ماڻهو آهن، تنهن ڪري هڪ ٻئي کان چوپائي مال، اٺن، گهوڙن ۽ جهيڙن جو حال احوال بہ پڇي وٺندا آهن. اهڙيءَ ريت ٻارن ٻچن جي خير سلهہ جو جو حال احوال بعد ۾ ڪندا آهن. اسان ڪين دري وچان ڏسي رهيا هئاسون. محسوس ائين ٿي رهيو هو تہ هڪ ٻئي جا گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن جا پراڻا دوست هوندا. هڪ ٻئي جي هلئي وڃڻ کانپوءِ جڏهن ٻئي کان پڇيم تہ اهو ڪير آهي تہ وراڻيائين تہ اهو ٻچو ٿهيم آهي. پڇيومانس مائٽ اٿئي؟ جواب ۾ چيائين نہ. وري پڇيومانس تہ ڏهن سالن ڪانپوءِ مليا هوندا؟ جواب ڏنائين تہ "ڪلهہ مليا هئاسون."

اهڙين ڳالهين تي نظر رکي پوءِ وري بئي صورتحال تي سوچ ته هڪ ترڪ يا ايراني سردار وچ صوفا تي آڪڙيو ويٺو هوندو. ڪنڌ پيو ڪياڙ سان لڳندس. اسان جي اعليٰ طبقي جي سفير کي پرسان ڪرسي تي ويهڻ جي مس موڪل ڏيندو. ڳالهين ۾ ائين پيو ڪندو ڄڻ نوڪر سان ڳالهائيندو هجي. ڏسڻ ۾ ته اها ڪا وڏي شئي ڪانه هوندي پر ڪيڏي نه ڏکوئيندڙ هوندي.

باب ارڙهون

# حيدرآباد کان روانگيءَ جي تياري

سياري جي سيرَ ۾ پوهه جا پارا آهن. سياڻي صبح جو قليلي درياهه ڏئي ڏکڻ- اوير ڏانهن اسهنداسون. اسان جڏهن پهريون پيرو قلعي وٽان گذريا هئاسون ته اهو اسان لاءِ اوپرو هو. هاڻي ته هتي توجهه رهي ٿي ۽ هتي مقرر ڪيل هر فوجيءَ سان هٿ ملائي اليڪ سليڪ ڪري سگهون ٿا. وايو منڊل اهڙو آهي جو زبان ڪجهه چوڻ چاهي ٿي.

اوهان انگلينڊ وارا انگريز هڪ لفظ جي مفهوم مطابق اسان هندستاني انگريزن تي ٺوڪ ۾ ڏنڪ ڪندا آهيو ۽ مشهور بت پرست جي نالي بدنام به ٿي چڪا آهيو. هن وقت هڪ اوپري ۽ پرٽيل ماڻهوءَ جي موضوع تي چڙواڳ ڳالهائي سگهجي ٿو. سمجهو ته اوهان هڪ قديم علائقي جي هڪ ننڍڙي اسپا جهڙي شهر ۾ وينا آهيو جنهن جي چوڌاري پاڻيءَ جي چر آهي، جتي ماڻهو عبادت لاءِ اچي گڏ ٿيندا آهن. پر اتي ڪو اهڙو حڪمران موجود ڪونه آهي جيڪو هتان جي ماڻهن جي زندگي ۾ هڪ نظام قائم ڪري سگهي. ان جي چوڌاري سماجي فضا نيم گرم، برف وانگي جاول ۾ فنا ٿي وئي آهي. اهڙا هڪ سئو کن خاندان آهن جن کي تعاوضي خط هٿن ۾ آهن. انهن جا نالا ملاقاتين جي فهرست ۾ سيني کان متان لکيا ويا آهن. هنن ماڻهن کي ڪنهن سان واقفيت وڌائڻ جو ڪو خيال ڪونه آهي، جن ماڻهن جي هٿن ۾ سفارشي خط نه آهن، تن کان مختلف قسمن جا سوال پڇيا وڃن ٿا ۽ مطمئن ٿيڻ کانپوءِ کين ان ماڻهوءَ سان ملڻ جي موڪل ملي وڃي ٿي. پوءِ اهو شخص پلي ڪنوارو به ڇو نه هجي. سوال هن قسم جا هوندا آهن ته توهان ڪنهن ڪلب جو ميمبر آهيو؟ ڇا توهان صاف سٺي ۾ جديد قسم جي گهٽيءَ ۾ رهندو آهيو؟ هن وٽ ڪيترا گهوڙا آهن؟ تنهنجو

ڪهڙي علائقي سان واسطو آهي؟ ڇا تنهنجو سمائيٽ هال Smyth Hall وارن ڪنهن سمائيٽ سان لاڳاپو آهي؟ ڇا تنهنجو قميص جي بٽڻن ٺاهڻ وارن سان ڪو تعلق آهي. پڇاڙي ۾ سوال پڇڻ وارو همراهہ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندو تہ اهو ماڻهو جنهن کان سوال پڇيا ويا آهن، تنهن جي شخصيت ڪيئن آهي؟

هن جو مطلب آهي تہ جيئن هڪ علائقي جا ماڻهو اچي هڪ جاءِ تي گڏ ٿين، ائين ڇو هجڻ کپي، اها خبر فقط انهن ئي ماڻهن کي آهي پر ايران وارن کي انهيءَ "سرڪل" ۾ فقط موسومن لاءِ داخلا ملندي آهي ۽ ڪيس اسپا Spa ۾ اڪيلو رهڻو پوندو آهي. ملاقاتن جو تعداد جڏهن وڌي ويندو آهي تہ اهو ڏسي خود ملاقاتين کي ڏک بہ ٿيندو آهي تہ هڪ ڏينهن کين اتان ڪڍيو بہ ويندو. تنهن ڪري اهي ڪنهن سان بہ دوستيءَ وارو هٿ ملائڻ ڪونہ چاهيندا آهن. هن سرڪل ۾ اڳي موجود ميمبر پاڻ بہ ويڳاڻا هوندا آهن تہ جاڻ کين هن سرڪل مان تي نيڪالي ملي.

اوپري ماڻهوءَ لاءِ هن کان سواءِ بيو ڪو گس بہ ڪونہ هوندو آهي تہ ٻزن کن شڪاري گڏ ڪري اتليءَ جا ماتمي گيت ڳائي يا گول ۽ چوراسي قسم جا ڦيرا ڏئي پنهنجي ناچ جي فن جو مظاهرو ڪري، ڇاڪاڻ تہ هو واندو ويهي دوستن احبابن ۾ واقفڪارن کي ابتيون سبتيون گاريون ڏئي تنگ تي چڪو هوندو آهي. واندي ويهڻ کان دوستن کي گاريون ڏيڻ وڏيڪ سنو هوندو آهي پر مشرقي ماڻهن ۾ اهي فضيلتون ڪونہ آهن. اهي وري واندڪائيءَ ۾ پنهنجن دشمنن کي گارين جا ٻوسڙ چاڙهيندا آهن، پرپٽ ڪنهن کي گارين ڏيڻ ۾ لطف ئي بيو آهي. اڄ ڪلهہ جي ماڻهوءَ کي تہ گلا ڪرڻ جو بہ ڏانءُ ڪونهي. هتي ڪي اهڙا تعليمي ادارا بہ ڪونہ آهن، جتي سيکاريو وڃي تہ بافضيلت گار ڪهڙي طريقي سان ڏئي سگهجي ٿي.

پر هاڻي هرشيءَ ڏاڍي تيز رفتاريءَ سان تبديل ٿي رهي آهي. ڏنگا ۽ اڏنگا ماڻهو بہ نرم ۽ شريف ٿيندا پيا وڃن. سرڦرين ڏيئرن جو مزاج مقعول ٿيندو پيو وڃي، جنهن کي پيءُ دعوت ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي ۽ پاءُ بہ ڪيس سگريتن ڇڪڻ ۾ شريڪ ڪري ٿو. پر اهڙيون ڳالهيون فقط تڏهن ٿينديون آهن، جڏهن ڪيسو پاٽيرو هجي. ڦقڙ بہ دونهين جي سٽ سهڻ لاءِ سگهارا متارا هجن ۽ جنگهن ۾ بہ رلڻ جيترو ست ۽ سگهہ هجي. مان بہ هميشہ هن اصول جي سختيءَ سان پابندي ڪئي آهي تہ جيڪڏهن ڦڦڙ ۽ جنگهون طاقتور آهن تہ اهڙو ماڻهو جيڪڏهن سگريٽ ۽ سلڦي نہ ڇڪي تنهن تي

حيف آهي. مان پنهنجي هنن گنهگار اکين سان ڏٺو آهي تہ کنگهہ جي بيهي لڳي پئي هوندي آهي، جنگهون چلڻ کان چڪتو هونديون آهن تہ بہ سچار ماڻهن جو وات ڪنهن فئڪٽري جي چمني لڳو پيو هوندو آهي. پر جيڪڏهن نيت نيڪ ۽ ارادا اٽل آهن تہ دُونهون ڦقر ڪي ڇا ڪندو؟ ڪي اهڙا ڏسڻا وائسڻا سگهارا متارا ماڻهو بہ آهن جن کي سگريٽ جي سوٽي هڻڻ جو چئبو تہ ٻرو چڙهي ويندن. ڪين اها بہ خبر ڪانہ آهي تہ هيءَ سگريٽن ۽ سلڦين جي صدي آهي. پر اڄ تہ هر صوبي اندر موجود انگريز اکيون پٽيون وينا آهن جن جون اکيون بہ ڪنهن دهشت کان خالي ڪونہ آهن. جڏهن سلام ڪرڻ لاءِ جهڪندا آهن تہ محسوس ٿيندو آهي تہ اهي چڪ هڻي ماس پٽڻ لاءِ تيار آهن. اهي ڏسندا نہ بلڪ نظرن سان کائيندا' آهن. اهو تڪبر ڪرڻ جو هڪ فيشن آهي. لڳندو ائين آهي جڻ اهي بي انتها سست ۽ بي حس هجن. اهو ڏسي ڏاڍو درد محسوس ٿيندو آهي، اهو ڏاڍ ۽ ڏمر جو هڪ تسلسل هوندو آهي.

هندستان ۾ هڪ متبادل تبديلي نظر ايندي آهي. اهو ڏسي ڪير چوندو تہ اسان ساڳيو نسل آهيون، جنهن جي طرز-زندگي ۾ توازن ۽ ڌيرج آهي. اسان اسپا Spa جي ظلم کان جند ڇڏائڻ لاءِ جاکوڙي رهيا آهيون. اسان اهو بہ چاهيون ٿا تہ اسان مٿان پاٽيءَ جي ڇرن وارو ڏاڍ بہ ختم ڪيو وڃي.

انگريز پوءِ اهو نوڪري ۾ هجي يا نہ هجي، 200 رپيا مهيني پگهار وارو هڪ سپاهي هجي يا 2000 رپين پگهار وارو ميجر جنرل هجي. سدائين ٻڏو ٻوڙائي هڪ نہ ٻيءَ فوجي ڇانوٽيءَ ۾ هليو ويندو. نيڻ ڪٽي جيڏانهن بہ نهاريندو ڪيس ساڳيا ئي چهرا نظر ايندا. جيڪڏهن ڪو دوست نظر اچي ويس تہ هفتي کن لاءِ سندس مهمان ٿي ويندا. گهر سندس حوالي هوندو ٿورو وقت ڪلب جو ميمبر ٿي ويندو. کيس شڪار ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو. مهماني بہ جهنگلي ماڻهن جهڙي جنهن ۾ کيس کيسن مان ٽڪو بہ پرٽو ڪونہ پوندو. کنگهڻ کُرڪڻ جو سڄو بار ميزبان تي. مهمان نوازي جتي ڪٿي موجود آهي ۽ هر روپ ۾ موجود آهي، پر جتي مهمان کي واٽ الله جي پاليو ويندو آهي. تهذيب يافتہ يورپ جي ماڻهن کي هن قسم جي جاهلن جي مهمان نوازي جي تہ ڪا خبر ئي ڪانہ آهي. اهڙي مهمان نوازي سکڻ لاءِ ڪو ڏيان بہ ڪونہ ڏيندا آهن. يورپ جا هي ڏاها ۽ مهذب ماڻهو مهمان کان اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ پر ساهہ کڻڻ جو بہ پئسو وٺندا آهن. هنن لاءِ گهر هوٽل

چوڪري چرڪي پردي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اڳي تہ ڪتا بہ پونڪڻ ڪان بس ڪونہ ڪندا هئا پر هاڻي هنن ڏاڙهڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي. اڳي جهنگ مان گذربو هو تہ چوپايو مال بہ ٻرُ تي تهي ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن پڇي هليو ويندو هو پر هن پيري ائين ڪونہ هو. پر جڏهن مان سواريءَ تان هيٺ لٿس تہ منهنجي چوڌاري فقيرن جون لوڏون ڦري ويون ۽ درخواستن ڏيڻ وارن جون قطارون لڳي ويون. مان سمجهان ٿو تہ يورپي ويس هتي فقط جج پائي سگهن ٿا.

پر تنهنجي مٽي جا وار هيڪاندا ڏکيا آهن جيڪي تنهنجا ڳل ڍڪي بيٺا آهن. هلين ٿو تہ ائين لمڪي رهيا آهن جيئن وڻ جون لڙڪيل لامون هلڪي هوا تي پيون لڏنديون ۽ لمنديون آهن. چا مهذب ماڻهن جا ايترا ڏگها وار تہ ڪونہ ٿيندا آهن. انهيءَ ڪري تنهنجي شڪل ئي مَٽجي وئي آهي. ماڻهو ڏسي توتي ڪلڻ لڳندا. تنهنجي ڏاڙهي سڳوري نہ ڪاري آهي ۽ نہ ڏگهي آهي، نہ وري ان کي تيل جي چيڙي چاڙهي ڪو چمڪدار ڪيو اٿئي. پر پوءِ بہ ڏاڙهي رکڻ ضروري آهي. پر جيڪڏهن توکي رڳو ڏگهيون وڏيون مڇون هونديون تہ ماڻهو توکي ڏسي ڳائڻ شروع ڪندا.

"ٻار پنجاهہ سالن جو ڪرڙي وينو ڪاڏي "

پر سائين جان ٻُل! خوشقسمتيءَ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اوهان جو منهن مبارڪ سڪل ڊبل روٽيءَ جيان ائين چٻو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي، جيئن فوجي ڇانوٽي وارن ماڻهن جا منهن سڳورا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جڙ تہ سالن جا نڌڪا بيمار اسپتال ۾ پيا آهن ڪو اوهي واهي ڪونہ هوندو ائن. جيڪي يورپي تہ لڳندا ئي ڪونہ آهن.

پر ڏاڙهي سونهاري جي سنوار لاءِ ميندي جي هٿ.. چڪو تيل جو ۽ ڦٽوتو هجڻ بہ لازمي آهي، چاڪاڻ تہ مٽي يا ڏاڙهيءَ کي ميندي لائڻ سان جُئن جو خطرو وڌي ويندو آهي، پر تنهنجي ڏندن واري برش ۾ سوئر جا وار لڳل آهن. تون تہ ان جانور جو گوشت ائين وات ۾ اچليندو آهين، جيئن ينگي بوهر ڊسٽ بن ۾ اچليندا آهن. پر هتي اهو جانور ايترو پليت آهي جو ان جو نالو وٺي وات کي ست پيرا ڌوتو ويندو آهي، تنهن ڪري اهو برش اڇلي ڇڏ.

هاڻي هدايت جا هي ڏاڙهي بابت بہ ٽي لفظ بہ ڪن کولي ٻڌ. وسارينديں تہ خطا کائيندين. توکي جيڪڏهن ڏاڙهي رکيل هوندي، پوءِ پلي انگريزي لباس بہ پاءِ پوءِ بہ ماڻهو توکي عزت آبرو ڏيندا.

پر اها تمام گهٽي ڏکهي نہ هجي، چاڪاڻ تہ ڏکهي ڏاڙهيءَ تي ڪيترا ماڻهو ٽوڪون ۽ ڏنڪون ڪندا آهن. ان تي ڪيترائي اصطلاح ۽ پهاڪا بہ آهن. ڏاڙهي بہ مُنيون ۽ بہ آگر هجڻ سنت آهي پر سفر ۾ چيلهہ جيڏو برش ڪٽڻ بہ ائين آهي جيئن سفر ۾ بيمار زال ساڻ هجي. جيڪڏهن زال صحتمند هوندي آهي تہ بہ بيمار هجڻ جيتري ڪِرڪِر ڪندي آهي. پر جيڪڏهن اها بيمار ٿي پوي تہ اوڙو پاڙو آزار ۾ ۽ وري جيڪڏهن خير سان هلي سفر تي تہ مڙس ويچارو جيئري ئي جهنم ۾. ڏاڙهي بہ سهڻي عورت جي دل ۽ ننڍڙي ڏيءَ جيان ڪومل هوندي آهي، جنهن ڪان ڏوڙ دز کان بچائڻ واسطي ڪاري قيمتي ريشمي ڪپڙي جي ڳوٿري چڙهيل هجي، ان تي جيڪڏهن جهالر رکيل ۽ موتي مڙهيل هوندا تہ هر ڪو ڏسي واهہ واهہ ڪندو ۽ چوندو تہ همراهہ آهي تہ انگريز پر سُنت جو ڏاڍو قدر اٿس. اهڙي ڳوٿري نہ رڳو مٽيءَ مَرُ جو بچاءُ ڪندي پر اس کان بہ حفاظت ڪندي. سنڌ جي گرمي بہ بي گري آهي، ماڻهو جڻ 21 جون تي ٻَريل سِگري سامهون وينو آهي. اهڙي گرم ۽ خشڪ موسم ۾ ڏاڙهي سونهاري بہ سيڙهہ جا ايا ڪندا تي ويندي آهي. تنهن لاءِ تيل جي مَک ۽ مهڙ ضروري آهي. ان نيڪ مقصد لاءِ تيل جو دٻو اٺ جي پاڪڙي سان ٻڌٽو پوندو. تيل بہ گهٽن قسمن جو هجڻ گهرجي، مثال طور ڏونگهي جو تيل، بادامن جو تيل، راٽيءَ جو تيل، ڪدوءَ جو تيل، اهي سيئي تيل هڪ دٻي ۾ گڏائي ڪٽي سگهجن ٿا. اهي تيل جيڪڏهن گڏائي ڏاڙهي سُنهاري کي مکبا ۽ مهتبا تہ ان کي چاٽي جو مرض ڪونہ لڳندو نہ تہ ڏاڙهي سڳوريءَ جو هڪ هڪ وار ڇڻندو رهندو. ڇهن مهينن ڪانپوءِ ڪاري ريشم جي ڳوٿري تہ ڏاڙهيءَ تي چڙهيل هوندي پر ان جو هڪ وار بہ سلامت ڪونہ هوندو. اهڙيءَ ريت تيل جي مالش هر ٽئين ڏينهن ڪرٽي آهي. تيل بہ پورو پنو هڻٽو آهي، نہ تہ رستي جي اڏامندڙ ڌوڙ ان کي ائين چنبڙي ويندي، جيئن چقمق تي لوهہ جو ٻورو. ميندي بہ هر ٽئين ڏينهن لائڻي آهي. اهو بہ ڏسڻ لازمي آهي تہ ڏاڙهي سڳوريءَ جو رنگ گهٽو ڳاڙهو نہ هجي نہ تہ ماڻهو چوندا تہ وائڙو انگريز ڏاڙهي کي پڪين سرن جو اٽو لايون ٿو گهمي. هتان جا ماڻهو اٽئي ٿانوڙا دهل، ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڪندي دير ڪونہ ڪندا آهن. ان لاءِ هڪ چوڻي بہ آهي.

"ماپ ۽ رنگ ڪاشيءِ جي سر جهڙو هجي."

انهيءَ جهونڙي سنڌيءَ جي ڏاڙهي ڏس! صفا پڪين سرن جي اٿي جهڙي ڏاڙهي. ڪاغذن کي جهڪي ڏسي ڏسي پاڻ بہ جهونگڙو ٿي پيو آهي. پر ڪيچ وارن ماڻهن جي ڏاڙهي ٻاڙهي بدران نيري ڪاري هوندي آهي.

پر هڪ ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڏيڻ بہ ضروري آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن سان ڳالهائين تہ سونهاري تي هٿ ضرور ڦيرجانءِ پر اهو هٿ ساڄو هجڻ گهرجي. اوهان ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي واعدو بہ ڪري سگهو ٿا. ڏاڙهيءَ تي هٿ رکڻ کان اڳ ۾ اوهان کي ڏسڻو آهي تہ اوهان جملو ڪهڙو ڳالهائي رهيا آهيو جيڪڏهن جملي جا لفظ گندا آهن تہ ڏاڙهي سڳوري تي هٿ ڦيرڻ مناسب ڪونہ آهي ۽ اڳلو سمجهندو تہ اوهان ان سان پوڳ چرچو ڪري رهيا آهيو. اوهان جڏهن ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي ڪنهن سان واعدو ڪريو تہ سمجهو تہ اوهان ڄڻ پنهنجي عزت ۽ وقار ان ماڻهو وٽ گروي رکي ڇڏيو آهي ۽ واعدي کي پاڙي عزت ۽ وقار کي گروي مان ڇڏائڻو آهي.

هن معاشري ۾ توهان کي ڏاڙهي سڳوري جي سماجي حيثيت جو پورو پورو خيال رکڻو پوندو بلڪل ائين جيئن تون انگليند ۾ پنهنجي نقطئہ نظر ۽ اصول جو وڏيءَ بردباريءَ سان تحفظ ڪندو آهين. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪاوڙ ۾ اچي تنهنجي ڏاڙهي جهلي بيهي تو يا لوڏا ڏيو ڪڍي توکي حق آهي تہ ان کي پنهنجي خنجر سان جهنم رسيد ڪري ڇڏ. اهو قتل توکي بلڪل ئي معاف آهي. ان لاءِ ڪنهن عيسائي پادري جي فتويٰ جي ڪا ضرورت ئي ڪانہ آهي پر ايران ۾ ڏاڙهي جي عزت ۽ وقار کي قانوني تحفظ حاصل آهي. هينئين طبقي جي ماڻهوءَ لاءِ پاڻ ڏاڙهيءَ جي تحفظ جو فقرو موجود آهي ۽ ڏاڙهي جهلڻ جي مجرم کي سخت سزا ڏني ويندي آهي. ايران جي وڏن شهرن ۾ بڏڻ جي خوف کان ڪير بہ ڏگهي ڏاڙهي ڪونہ ڇڏائيندو آهي. اوهان جيڪڏهن ڪنهن سڌريل ملڪ ۾ هوندا تہ عورتون خواه مرد وڏيءَ عزت ۽ احترام سان پڇندا تہ سائين اوهان جي ڏاڙهي سڳوري جو نالو ڇا آهي؟ پر ڪڏهن بہ اوهان جي انهيءَ مقدس ڏاڙهيءَ کي ڇهڻ جي جرئت ڪري ڪونہ سگهندا.

هيءَ ڳالهہ بہ ضرور ڌيان ۾ رکجان تہ ڪنهن کي بہ "ٻُچي" نہ سڏجانءِ. جيڪڏهن تون ڏاڙهي سڳوري کي ٻچي سڏيندين تہ تلوارون اپيون ٿي ويندئون ۽ ڇڏائڻ وارا ڪُٽي وينُدا. ان کانسواءِ ڪنهن بہ بي ريش کي خَسرو نہ نہ چئجان، نہ وري اهو ڪو اشارو ڪجانءِ ۽ انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪا اوڙي پوڙي تي پئي تہ مان ذميوار ڪونہ آهيان. ان کان سواءِ هي اصول بہ

سمجهي چڏ تہ جيڪڏهن ڪنهن جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪڪ يا ساريءَ توهڙ چنبڙيل ڏسين تہ ان کي اهو ڪڏهن زبان سان نہ چئجان پر معنيٰ خيز نظرن سان سندس اکين ۾ ڏسي پنهنجي ڏاڙهيءَ کي ان جاءِ وٽ آڱر جي چوٽيءَ جو اشارو ڏجانءِ. اهو ڏسي اڳلو سمجهي ويندو تہ سندس ڏاڙهي ۾ ڪک وغيره ڦاسي پيو آهي. جيڪڏهن اوهان جي ڏاڙهي ۾ ڪک ڦاسي پوندو تہ پيو ماڻهوءَ توهان کي ٻڌائڻ جو ساڳيو طريقو اختيار ڪندو.

جيتري قدر مڇن جو تعلق آهي تہ جيڪڏهن تون سُني فرقي جي ماڻهن وٽ رهين تہ نڪِ هينان وات تي ڪرندڙ مڇون ڪترٽيون پونديون پر وات جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي مڇون هيٺ لڙڪيل ڇڏيون آهن. پري کان ائين ڏسڻ ۾ اچي جڻ ڪئي جي پڇ جون چوٽيون. جڏهن تہ مڇن جو مٿيون پاسو ائين لڳي جڻ توهان جي وات مٿان پِرون جاٻون بيٺيون آهن. شيعو سنين جو مخالف فرقو آهي، جيڪڏهن توهان انهن سان گڏ رهندا تہ مڇن کي جاڏي ڪاڏي چوٽ ڇڏبو. پلي اهي جهالر وانگي هيٺ لڙڪي بيهن ۽ ٻنهي چپن کي ڍڪي ڇڏن، پر جيڪڏهن تون پاڻ کي ويڙهاڪ ۽ چيڙاڪ ڏيکارڻ چاهين تہ انهن کي وٺي مهٽي ڇڏ تہ وچي اکين سان لڳن. ترڪ ۽ اسپيني ماڻهو بہ مڇن رکڻ جا شوقين ٿيندا آهن. سندن هٿ سدائين مڇن ۾ هوندو آهي، جن کي پيا سينگاريندا ۽ سنواريندا آهن. سندن قول آهي تہ مڙس جي مڇ جي چوٽي شينهن جي پڇ جيان مٿي آڪڙيل هجي.

مون کي مهرباني ڪري معاف ڪجو چاڪاڻ تہ مان ڏاڙهي سڳوري بابت ڊگهي تقرير ڪري توهان کي ٿڪائي ڇڏيو آهي پر ماڻهو جڏهن مشرق ۾ سياحت ڪري تہ اتان جي آدابن کان ضرور واقف هجي.

موجوده دور ۾ ماڻهن جي عام راءِ جو بہ خيال رکيو ويندو آهي. هڪ چوڪري جهونڙي جي سلڪ بڪمگهام J. Silk Buokgham کي گذارش ڪئي آهي تہ ڪيس ترڪي ٽوپي ملڻ گهرجي. هو ٽئي جهڙي ڪاري مٿي کي ڍڪڻ ٿو چاهي. اسان بہ قميص جي ميرن گندن ڪالرن کي ڍڪڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اهو ڪو چٽڪو طريقو نہ آهي جو ڳلفڙا ڍڪي هلجي. ماڻهوءَ کي خناق سرديءَ لڳڻ ڪري ٿيندو آهي، تنهنڪري سياري جو ڪڙتي جي جاءِ شڪاري جيڪيٽ پائڻ ضروري آهي، جنهن جي مٿان وري نين تانو Nin Tano پائجي. جيڪڏهن ٿڌي موسم ۾ پوستين ڍڪجي تہ ڪهڙي آبوچي آهي. پر استرخان جو اوني ڪوٽ تہ ان کان بہ چڱو آهي، جنهن ۾ سيمور جي کل بہ ڪم آندي ويندي آهي. ان کان سواءِ گلڪاري

وارو اوني ڪپڙو به ڏڪي سگهجي ٿو. اهڙين شين کي يورپي به گهڻو پسند ڪندا آهن. پر اهڙيون شيون مهانگيون آهن. مٿئين طبقي وارا ماڻهو پائيندا آهن. اهڙو ڪوٽ اوهان کي 40 يا 50 پائونڊن ۾ ملي ويندو.

اوهان کي گهر ۾ مسز بل ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ننڍڙا بل آهن. تنهن ڪري اهڙو ڪوٽ اوهان جي نئين نسل کي به ڪم ايندو. چاڪاڻ ته اهو ايترو مضبوط هوندو آهي جو اوهان ان کي ڪيترو به پايو پر ڦاٽندو ڪونه. سواريءَ لاءِ اوهان کي ٽاپ- بوٽن جي ضرورت آهي پر اهي يورپ جي بوٽن جهڙا ڪونه هوندا آهن پر قرطبه جي نرم ۽ بهترين چمڙي جا ٺهيل هوندا ۽ اوهان کي گوڏن تائين چڙهيل هوندا.

توهان جي ٻاچ ۾ گندي ڏاتوءَ جي منڍي پاتل آهي. مهرباني ڪري انهيءَ کي پري اڇلي ڇڏيو. سوناري هر و پر وان کي سوني منڊي سڏي توکي بيوقوف بڻايو آهي. تون پاءِ هيءَ خالص چانديءَ جي منڊي جنهن جي ٽڪ تي لکيل آهي: جان بول Jon Bool اهو اوهان جي نالي جو مشرقي اچار آهي. توهان جو ڪاٻو هٿ چيلهه واري پٽي ۾ لڙڪيل تلوار جي هٿئي تي هئڻ گهرجي پر اوهان جو ساڄو هٿ هلڪيءَ پوري- ڳاڙهيءَ (3) ڪاڏي تي هجڻ گهرجي. مسٽر جان بل هاڻي جيڪڏهن چاهين ته ڪنهن وهابي ملڪ مان به ڪرنل پيلي Pelly جيان نهايت آرام سان سفر ڪري سگهندين!

باب اوڻيهون

# مياڻيءَ جي جنگي ميدان جون يادگيرون

پهچڻ تہ ائين ڏکيو هوندو آهي پر ان کان وڌيڪ ڏچو روانگي جو هوندو آهي.

اسان ڪالهہ شام اڳوات ئي چٽي چڙيو هو تہ سياڻي اٺ موجود هجن. اڄ صبح پهتا آهيون. پر حالت چا تي چڪي آهي هڪ اٺ بيمار تي پيو آهي. تو واري مِهريءَ پنهنجي جنگهہ گهائي وڌي آهي. بہ مهارون چنائي الائي ڪيڏانهن گم تي ويا آهن. مٿن رکيل پاکڙن مان هڪ بہ ساڃو ڪونہ رسيو هوندو. انن جا سرواڻ (جت) ڏاڍا سنوپرا ۽ سڃيت آهن. ڏسن ائين ٿا جڻ اسان کي قتل ڪندا.

پورچوگيزن بہ اچا تائين مات ناهي ڪئي، جن کي مسافرن جي بنگلي جي Mess Mau رات جي مانيءَ جي دعوت ڏني آهي. شايد اهو سندن همدرد آهي. انهن مان هڪڙو تڙندو تاپڙندو آئتندو هلي رهيو هو. بين کي لڱن ۾ ساهہ ئي ڪونہ رهيو آهي، جيڪي چلڻ کان ئي ماڳهين چڪتو آهن. هتان مسلمانن کي هنن ايترو رنجايو جو کين بازارين ۾ اچڻ کان روڪي چڏيائون. واڻيا بہ هنن کان بر لڳا پيا آهن. سندن هم پيشي وارن هنن کي سائي توريون ۽ چانور کارائي وڏي عزت پري دعوت ڪئي آهي.

صبح جو سيءُ تہ رهندو بہ وڌي ويو آهي. هڪ افغان ۽ هڪ جابلو ماڻهوءَ کان سواءِ باقي بيا سڀ سيءَ ۾ ڏڪي رهيا آهن. کين پوستين تہ پاتل آهي تہ بہ کين سيءُ لڳي رهيو آهي. پٽڪا بہ ڦيڙهہ بڌا اٿن جن جي ٿُرن جي ٻٽَ بڌي اٿن. پر جنگهن ۽ پيرن کي بہ ڪو اوچڻ اوڍيل ڪونہ اٿن. سياري ۾ مشرق جي رسم اها آهي. گهوڙن سميت نوڪر بہ پرديسي (1) آهن جيڪي سيءَ ڪري ٻڪ ماريون وينا آهن. هنن لاءِ سيءَ جي اوڊر بہ ڪانہ آهي جڻ

پٽ تي ويهي آچيران Acheron جو ماتم ڪري رهيا آهن. ڪين چنل قاتل ڪنبل ويڙهيل آهن. حال ڏاڍا برا اٿن. هنن ڪي انهيءَ حالت ۾ نـ تو ڇڏي سگهجي. جيڪڏهن هو هينئر ڪم ڪار نـ ڪندا تـ سيءُ ڪين سڪائي ڇڏيندو. هنن کي سيءَ کان بچائڻ جو فقط هڪ گس آهي تـ ڪين چنجي تـ انن تي پاڪڙا رکو ۽ سامان ٻڌي ان کي سليتا Salitah ۾ ويڙهيو ۽ پوءِ رستي سان ايترو تڪڙو هلو جيترو هلڻ جي سگهہ اٿو. سنڌ ۾ مينهوڳيءَ جو پهريون ڏينهن آهي. پروڪي سال اوهان ڪڪرن سان ڇانيل ڪاري آسمان ڏانهن ڏسي درديلي دانهن ڪئي هئي. مون بـ ڀانيو هو تـ اوهان جو روح رحمت جي ريلي لاءِ رڙي رهيو آهي. پر مينهن جي سنهي ڪڻ ڪڻ وسي رهي هئي ۽ هڪ جهڙي ۽ لڳاتار وسي رهي هئي. سارو ملڪ گهمجي ويو هو پر جڏهن ٽڏڙا مينهن ڳڙا وسندا آهن تـ ڏرتي بـ نري ٻگڻ تي پوندي آهي. گس گام پوري چوندا آهن تـ سندس گوندر بـ ڪک پن تي ويندا آهن. ڪيڏو نـ فرق محسوس تي رهيو آهي. هاڻي اوهان چوندا تـ رُت تـ رتيلي ٿي پئي آهي. توهان هن وڏ ڦڙي جي وسڪاري ۾ ايترا خوش آهيو جهڙا ڏکڻ ايران جا ماڻهو پلر جي پالوٽ تي خوشيءَ کان هٿن مان نڪري ويندا آهن ۽ جهرجهنگ ۾ ڪاهي پوندا آهن. پنڌ هوندا آهن تـ پنڌ ۾ بـ مگن ۽ مست هوندا آهن. ڪي وري گهوڙن تي لانگ ورائي پٽن ۽ پوٺن تي گهمڻ ويندا آهن. اتليءَ جو هر شهر اهڙو هوندو آهي جو هيڏانهن مينهن پيو هوڏانهن گهمندو وت. پنجن منٽن اندر مينهن جو پاڻي الائي ڪيڏانهن گم تي ويندو آهي. هن قديم ملڪ جو منظر ڏاڍو خوبصورت ٿي پيو آهي. تون بـ خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ ڪونـ ٿو ماپين. سيءَ ۽ ڏک کي پنهنجي خوبصورتي ٿيندي آهي، جنهن ۾ خوشيون لڪل آهن. ستن اٺن مهينن کان پوءِ مس ڪري مينهن جون چار ڪٽيون پيون آهن. گهنگهور گهٽا ڇائي پئي آهي. توهان بـ خير سان ايترا خوش آهيو جو جڻ اوهان مٿان مينهن سوسڙو ميگهہ ملهار ڪري وسي رهيو آهي.

جڏهن سرد ۽ گرم موسم جي ڳالهہ هلي رهي آهي تـ مان هتي ڪئنٽس سرٽس Quintius Curtius جو حوالو ڏيندس. هن ماڻهو سڪندر جي دور جي تاريخ لکي هئي. سنڌ جي فاتح سڪندر ان کي One Roohe سڏيو آهي. سندس خطاب ڏيڍ جي اهڙي انداز کي معاف ڪيو وڃي. پر هاڻي اها تاريخ تـ سنڌ لاءِ ڪلاسيڪل (3) ادب جي حيثيت رکي ٿي. سو ان مؤرخ لکيو آهي تـ ايراني نار واري ساموندي ڪناري سان واقع مڪران

سخت گرم آهي پر ائرين Arrian جي هڪ سڃاڻ عالم مترجم پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي لکيو آهي تہ اهو علائقو خط استوا کان گهڻو پري آهي. تنهن ڪري ان تي سج جا ڪرڻا هيٺ سڌا ڪونہ پوندا هوندا ۽ گرمي ايتري گهڻي ڪانہ پوندي هوندي, جيتري بيان ڪئي وئي آهي. تنهن ڪري اها حقيقت ويساهہ جوڳي ڪانہ آهي.

پر ان علائقي ۾ ڪيتري گرمي آهي تنهن جو تہ مون کي بہ شخصي تجربو آهي. اوهان نومبر جي سياري جي مهيني ۾ فقط اڌ ڪلاڪ لاءِ هڪ يا ٻہ ڏينهن قميص جون ٻانهون کُنجي مٿي ڪري چڙيو تہ محسوس ٿيندو تہ اوهان جي ٻانهن جڻ باهہ جي تَوَ تي لهسجي وئي آهي ۽ کل تي ڦلوڪڙا نڪتل ڏسڻ ۾ ايندا. پر گرمين جي چوٽ واري مهيني ۾ هن بيابان علائقي جي ڪنهن بہ جُوءِ ۾ سج جي گرميءَ تي گوشت جي ٻوٽي پچائي سگهو ٿا يا جيڪڏهن چاهيو تہ ڪڪڙ جو آنو بہ تري سگهو ٿا ۽ ٻن منٽن ۾ اوهان کي اهڙيون شيون پچي تيار ملنديون.

هڪ سياح, هڪڙي فوجي جٿي جو اتر سنڌ مان مارچ ڪرڻ جو احوال قلمبند ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ هڪ فوجي دستو شڪارپور کان نڪري اتر ۾ هڪ بيابان مان گذري رهيو هو. رات جو وڳڙو هو ۽ پنهنجي راهہ وڃائي ويچي اوجهڙ ۾ پيو. هن فوجي جٿي جو واسطو N.I يعني نيٽِو انفنٽري سان هو. سندن مٿو ايترو تہ ڦري ويو جو ساري رات ۽ ورندي ڏينهن جي منجهند تائين پئہ هن سڃي رڻ پٽ ۾ پٽي ڊُومائون کاڌائون پر ڪين ڊُرس دڳ جو پتو پئجي ڪونہ سگهيو هو. نہ وري ڪٿي ڪين پاڻي مليو هو جو پنهنجي خشڪ چپن کي آلو ڪري سگهن. اچ هوٽي بہ عملدار ۽ ايڪيهہ فوجي سپاهي مري ويا هئا. باقي جيري فوج بہ اڌ مئل واٽڙي ۽ پريشان هئي. ڪين اها پڪ ڪانہ هئي تہ هن برپٽ بيابان مان جٿرا جاڳندا ٻاهر نڪري سگهندا. پر هنن جا ڀاڳ ڀلا هئا جو ڪين سنئون گس هٿ لڳي ويو ۽ شام جو پاڻيءَ جي ننڍي وهڪري وٽ وڃي پهتا هئا.

افغانستان نہ رڳو مڪران کان تمام گهڻو اتر ڏي آهي پر اتان جي گرمي بہ ماڻهن کي ماري رکندي آهي. اهڙي ريت ذڪرڻ ايران ۽ مسقط بہ مڪران جي راڄڌاني ڪيچ جي سنوت ۾ آهن جنهن کي يونانين اچٿيو فنگي Echthyo Fhangi جي نالي سان لکيو آهي. بشيهر Bushehr (Buchure) بہ ساڳي سنڌ ۾ آهي. انهن علائقن ۾ اهڙي تہ گرم ۽ زهريلي هوا گهلندي آهي جهڙي عربستان جي موتمار باهہ سموم هوندي آهي. انهيءَ

ڪري مسقط جا ماڻهو گرم موسم دوران ڪيڏانهن هليا ويندا آهن. اهي سيئي ملڪ خطِ استوا کان گهڻو پري واقع آهن. سرلٽس روڪي Rooke به ساڳي ريت احوال قلمبند ڪيو آهي، جيڪو آرا چوٽو ۾ Arachotoe واري علائقي ۾ موجود هو. سندس لکيل اهڙن احوالن مان پڙهندڙ ائين نه سمجهي ته اهو علائقو ڪو اتر قطب وٽ موجود هو. اهو ملڪ 34 ۽ 40 جي وچ واري ويڪرائي ڦاڪ جي ڊگري تي موجود هوندو. تنهن ڪري ان جي گرمي سردي جو درجو يونان يا وڌ ۾ وڌ اٽليءَ جي گرمي سردي جيترو هوندو. اهڙين حقيقتن کي ڏسي اهو بيان ويساهه جوڳو ڪونه ٿو نظر اچي.

ڊاڪٽر برنس به سنڌ جي وچولي جي ٿڌ جو ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته "مان 1828ع ۾ حيدرآباد هوس. مينهن جو اوڪون ۽ موڪون لڳي ويو هيون ۽ گهڻن ڏينهن تائين ڌُهي ڪري بيهي ويو هو. اهڙي سخت سردي هئي جهڙي مان يورپ ۾ به ڪانه ڏٺي هئي." عزت ماب مسٽر آلن Allen به لکيو آهي ته، "اتر سنڌ ۾ اهڙي خطرناڪ ٿڌ هئي جو مان پوستين ۾ لڪي ماني کاڌي هئي." اهڙيءَ ريت اسان جون فوجون افغانستان جي مختلف لڪن ۾ سيءَ ۾ سڪاتجي مري ويون هيون. روسي فوجين سان به ساڳي ڪار ٿي هئي جيڪي خيوا Khiva واري جوءَ ۾ ٿڌ ۾ ڳڱاتجي ڦٿڪي مري ويون هيون. اهو علائقو يونان ۽ اٽليءَ جهڙي ڊگهائي ۽ ويڪرائي ڦاڪ ۾ موجود آهي. ان جي سردي گرمي به يونان ۽ اٽلي جي گرمي سردي جيتري هجڻ گهرجي. مشرق ۾ رهندڙ هڪ انگريز اي او ايچ A.O.H سنڌ لاءِ هن ريت لکيو آهي ته، "سنڌ جهڙي ننيڙي صوبي ۾ گهٽيون اختلافي ڳالهيون موجود آهن. اونهاري جي رُت ۾ سنڌوءَ ۾ جڏهن چاڙهه ايندو آهي ته ننڍا وڏا واهڙ وهي هلندا آهن. ان کان سواءِ آبپاشي جي مقصد وسيلي کوٽيل واهن ۾ به پاڻي اچي ويندو آهي. آبپاشي جو اهڙو سرشتو سنڌ جي ڪنڌ ڪڙڇ تائين پکڙيل هوندو آهي پر جيڪڏهن ڪو انگريز سياح يا شڪار جو شوقين سياري جو هن ڌرتي وچان گذرندو ته هڪدم چئي ڏيندو ته سنڌ جي ڌرتي هندستان جي بين حصن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سکي ستابي آهي. آبهوا سني آهي جيڪا ٿڌي ۽ خشڪ آهي. جڏهن هوا گهلندي آهي ته ڪڻڪون، رابون ۽ ٻيا فصل ائين جهولندا ۽ جهومندا آهن، جيئن ڪي سرڳ جون اپسرائون پٽ جا ساوا ويس پائي جهمر هڻي رهيون آهن. انهن ساين پوکن وچ ۾ موجود ڳوٺن جو منظر به طلسمي لڳندو آهي. چوڌاري نيڻ نهار تائين تازي پاڻي جون وڏيون نديون ڍنڍون ڏسڻ ۾ ايندون جيڪي سج جي

روشني تي ائين چمڪنديون آهن جڻ ڪنهن ڪاريگر چانديءَ کي پگهاري اتي پلٽي ڇڏيو هجي. ان وقت آسمان ۾ نيرو لباس پائي مٿان چائنجي بيهي ويندو آهي. ڪٿي ٻه جهڙ جي ڪڪري ٻه موجود ڪانه هوندي آهي. انهن ڏنڊين پرسان واڱڻائي رنگ جون ٽڪريون اوچو ڳاٽ ڪري پنهنجي رنگيلي روپ کي شفاف پاڻي جي آئيني ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. چوڏاري هر رنگ ۽ هر قسم جا پکي اڏامندا ۽ ٻوليندا ڏسبا آهن. ان مهل ڪاري تتر جي ٻولين جي سريلي ڪوڪار تي فطرت ناچ ڪرڻ شروع ڪري ڏيندي آهي. ڪاري تتر جون اهڙيون منڙيون ٻوليون فطرت جون لوليون رستي کان گهڻو پري کان ٻڌڻ ۾ ايندون آهن. اوهان جيڪڏهن واڱڻائي چوٽين وارين ٽڪرين جي روه ۽ واري جوءِ ۾ گهڻو پري تائين هليا ويندا ۽ هفتي تائين اتي گهمندا رهندا ته توهان کي محسوس ٿيندو ته هي بي انتها خوبصورت ڌرتي آهي، جنهن کي خداتعاليٰ هن گولي تي تخليق ڪري وساري ڇڏيو آهي. اي او ايچ کي برپٽ بيابان وارو علائقو پسند ڪونه هو

مياڻي وارو ميدان : اسان جي سامهون هاڻي مياڻيءَ جو ميدان آهي، جنهن جو مٿاڇرو درياهه جي لٽ سان ڇانيل آهي. سياري جي ٿڌ ۾ چوڏاري نظر ايندڙ وڻن ۽ ٻوٽن جا پڻ ڇڻيل آهن، جيڪي پنهنجي فطري لباس کانسواءِ ٻُسا ۽ ڇسا معلوم ٿي رهيا آهن. هن ميدان وچان ڦليلي درياهه جو پراڻو پيٽ ڏسجي ٿو جنهن هن ميدان کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. هن جي ساڄي پاسي کان شڪارگاهه جا وڏا وڻ آهن جيڪي پري کان هڪ اوچي ديوار جيان نظر اچي رهيا آهن. جڏهن ته هن جي کاٻي پاسي مياڻي آهي جيڪو مهاڻن جو ڦٽل ماڳ آهي.(5) جڏهن ڦليلي درياهه هتان پنهنجي موج ۽ مستي سان وهندو هو ته مياڻيءَ جو اهو ڳوٺ ٻه موج ۽ مستين ۾ هو. هي اهو ماڳ آهي جنهن جي پرسان انگريزن ۽ ميرن وچ ۾ جنگ لڳي هئي. تنهن ڪري هن ڦٽل ماڳ جو نالو مشرق جي تاريخ ۾ هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويو.

ڪيترن ماڻهن پنهنجون اجايون ڪوششون ڪري سرچارلس جي فتح کي ڏڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. (6) پهريائين جڏهن سندس فتحن جون خبرون انگلينڊ پهتيون هيون ته ماڻهو هن عظيم شخصيت جي ساراهه ڪندي ڏاپندا ئي ڪونه هئا پر وقت گذرڻ کان پوءِ هن اهم واقعي تي بحث ٿيڻ لڳا هئا ۽ هڪ معمولي ڳالهه وانگي ڪيئي سوال پڇيا ويندا هئا. هن

جنگ ۾ شريڪ ماڻهن جنرل سرچارلس جي بهادري ۽ جنگي حڪمت جي مهارت جي تعريف ڪئي آهي پر اهي ماڻهو جيڪي هن واقعي ۾ عملي طور شريڪ نہ هئا، تن اهڙن بيانن کي طلسمي احوال سمجهيو هو. وقت جو حڪمران انهن ماڻهن جي خلاف هو جن سر نيئپر خلاف تيليءَ مان ڏنڀ ٻڌائي الزامن جا ڍير لڳائي ڇڏيا هئا. چيو ويندو آهي تہ سرچارلس غير قانوني طريقي سان پسئو گڏ ڪري ورتو هو ان ڪري مخالف ڌر هڪ عام قسم جي دشمن جيان ڪانبو ٻڌي سرچارلس جي ڪڍ لڳي پئي هئي.

انهيءَ زماني ۾ ٽالپرن جا پاڻ ۾ ترسنوان ڪونہ هئا. اهڙي ڏڦيڙ دوران انگريزن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ جهونجهارڪو جهيڙو لڳو. دشمنن وٽ وڏي فوج هئي پر منجهن ڪو انتظام ڪونہ هو. تنهن ڪري اها فوج بي ترتيب ميڙاڪي کان وڌيڪ ڪانہ هئي. ان ڪانسواءِ هنن وٽ گهوڙيسوار فوجي دستا موجود هئا پر انهن کي جنگي فن جي ڄاڻ ئي ڪانہ هئي. نہ وري ڪين جنگين جي چرپر جو ڪو پتو هو. سندن گهوڙا بہ جنگي ڪونہ هئا پر ٽٽون ۽ عام قسم جا لاڏو گهوڙا هئا. جيڪڏهن هڪ ڊڊي تي چڙهي تلوار ڪٽي جنگي جوان دشمن تي حملو ڪندو تہ ڪهڙا ڦاڙها ماريندو. فوجي ڪمان بہ اهڙي ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هئي جيڪو اسان جو پڳهاردار هو. اهڙين ڳالهين کانسواءِ ٽالپر ڌر جو توبخانو بہ نہ جهڙو هو. توبون تہ 6 پائونڊرس هيون جن کي ڪڏهن تجربي طور استعمال ئي ڪونہ ڪيو ويو هو. انهن مان گهڻن جا ڦيٿا تہ رسن سان ٻڌل هئا. گهوڙن کي اڳي ڪڏهن توبن ڇڪڻ وارين پاچارين ۾ جوٽيو ڪونہ ويو هو.

جڏهن انگريزن جي ٻن ڌرين ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا تہ ڊاڪٽر بُسٽ Buist هرو پرو وچ ۾ ٽپي پيو ۽ ان ڌر جو پاسو ونڻ لڳو هو جيڪا سرچارلس جي خلاف هئي. هن وڏي واڪ دنيا کي ٻڌائڻ شروع ڪيو تہ، "فوجي دستي جي هر هڪ اڳواڻ فقط هڪ هڪ جُلهہ ڪئي ۽ اک ڇنڀ ۾ جهيڙو ختم."

جڏهن سنڌ جي جهيڙي ۾ فتح جي خبر انگلينڊ پهتي تہ هڪ اڳوٽي ائڊجوٽنٽ Adjutant تبصرو ڪندي چيو هو تہ "هن جنگ ۾ انگريزن جي فوج جا جوان گڏ ٿيا آهن. تنهن ڪري اها جنگ ڪا خطرناڪ ڪانہ هئي." هن وڌيڪ چيو هو تہ، "ڪيس خبر ڪانہ آهي تہ جنگي حڪمت عملي ڪهڙي اختيار ڪئي وئي هئي پر ان جنگ ڪانپوءِ سرچارلس کي 27000 پائونڊ مال غنيمت طور ملي ويا هئا ۽ بلڪل سولائيءَ سان پر ڪي

اهڙا فوجي ڏاڍا خوش هئا جن جون دليون ٻيائي جي وهڪ ۾ وهائيل ڪونه هيون تہ اها جنگ نهايت ٿوري وقت اندر ختم ٿي وئي هئي.

سرچارلس پنهنجي فوجن جون صفون 11 وڳي صبح جو سنواريون هيون، توبن کي بيهارڻ جو ڪم بہ ان وقت ٿيو هو. فوجي گهوڙيسوار دستن کي پيادل بندوقبازن ۽ تلواربازن سان گڏائي خاص جڳهن تي بيهاريو ويو هو. ان سان گڏ فوجي ڪالم کي بہ مناسب جڳهن تي مقرر ڪيو ويو هو جن کي توبن جي مدد حاصل هئي، جڏهن فوجي ريجمينٽس کي اڳتي وڌي حملي ڪرڻ جو حڪم مليو تہ دشمن کي پيش پوڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو گس ڪونہ هو جيڪو ڦليليءَ جي پراڻي پيٽ جي ڪناري سان ٻينو هو جن جي چوڌاري انگريزي فوج ڏکهو گهيرو چاڙهي ڇڏيو هو. انگريزن جي توپن ٽالپرن جي توبن کي ماٺ ڪرائي ڇڏيو. ان ڪانپوءِ انگريزن جي گهوڙيسوار فوجي دستن جي هڪ ٻن حملن ٽالپر فوج جا ڏيڏر ڏرا ڪري ڇڏيا. 30-1 وڳي منجهند جو جنگ پڄاڻي تي پهتي. انگريزن اهو ثابت ڪري ڇڏيو تہ هندستان اندر جنگ ڪهڙي بهادرانہ طريقي سان وڙهي سگهجي ٿي. انگريزن توبخاني گولاباري ڪري ٽالپر فوج جون صفون هيٺ مٿي ڪري ڇڏيون. ان کان پوءِ پيادل فوج اڳتي وڌي تہ دشمن فوج لڏي وئي. اها صورتحال ڏسي گهوڙي سوار دستن، دشمنن جي پاسن واريءَ فوج تي زبردست حملا شروع ڪري ڏنا. اها حقيقت آهي تہ جنرل جي فوج مان فقط 62 ماڻهو مارجي ويا، جن مان 6 آفيسر هئا. جڏهن تہ 194 گهائجي پيا جن مان 13 آفيسر هئا. اهڙي ريت لڳ ڀڳ 2800 فوجين مان 62 مارجي ۽ 194 گهائجي پيا هئا، جنگ مان ڪو شديد فوجي نقصان ڪونہ ٿيو هو. اهو انهيءَ ڪري ٿيو هو جو انگريزن جي فوج تربيت يافتہ ۽ منظم هئي، ان ڪانسواءِ بهترين جنگي حڪمت عملي اختيار ڪئي ويئي هئي پر حقيقتن کي شڪ شبهي واري انداز ۾ پيش ڪيو ويو جنهن ڪري ائڊ جوٽنٽ جنرل کي تنقيد ڪرڻ جو موقعو مليو ويو هو هي اهو دور هو جنهن ۾ انگريز- افغان جنگ بہ ٿي گذري هئي. مياڻيءَ جي جنگ جو فيصلو چپٽي وڄائيندي ٿي ويو. اهو ئي ڪارڻ هو جو ماڻهو ساڙ وچان چوڻ لڳا هئا تہ انگريز-ٽالپر جنگ افغان جنگ جو پڇُ هو. جيڪڏهن هيءَ جنگ گهڻو وقت وٺي وڃي ها تہ هندستان سرڪار جي پيداوار جو گهڻو حصو ان تي خرچ ٿي وڃي ها، جيڪو اسان جي قوم تائين پهچي ڪونہ سگهي ها. ٻي اهم ڳالهہ اها بہ هئي تہ هندستان جي انگريز سرڪار فتحون حاصل ڪري پنهنجي قوم جو

اعتماد حاصل ڪري ورتو هو ۽ جيڪڏهن مياڻيءَ ۾ شڪست ملي ها تہ اهو اعتماد ختم ٿي وڃي ها. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ هر فوجي حصي جو جنرل اهو پڪو پهہ ڪري چڪو هو تہ يورپي سپاهي کي ڏکيو ۽ خطرناڪ ڪم منهن ۾ ڏجي ۽ سندن حوصلہ شڪني ڪجي.

غزنيءَ واري محاذ جو ڪٽي مثال ونجي جتي چئن ڪمانڊرن پنهنجون فوجون ملائي پنهنجي فوج کي وڌيڪ مضبوط ۽ طوفاني طاقت بڻائي ڇڏيو هو. عام فوجي سپاهيءَ لاءِ سمجهيو ويو تہ اهو بهادري ۽ وفاداري کان بلڪل خالي آهي جنهن تي ڪنهن بہ قسم جو اعتماد ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. پر انهن جنرلن پنهنجي اڻ ڄاڻائي ۽ ڪوٽ بابت ڪڏهن بہ ڪونہ سوچيو ويچاريو هو. ڪيترا اهڙا بہ جنرل هئا جن کي جنگ لڙڻ ئي ڪانہ آئي هئي، جنهن ڪري فتح جو اهو شان شوڪت ئي موجود ڪونہ هو جنهن وسيلي فوجي سپاهيءَ جا حوصلا بلند ٿيندا آهن. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ جنرلن پاڻ فوجي سپاهين جي بلند حوصلن کي تباهہ ڪيو هو. تنهن ڪري هنن لاءِ بزدلي جي مظاهري کانسواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونہ رهيو هو.

افغان جنگ کان ستت ئي پوءِ مياڻي جي جنگ لڳي هئي، جنهن ۾ انگريزن پلاسيءَ واري جنگ جيان فتح حاصل ڪرڻ پئي چاهي، تنهن ڪري هندستان جي ڪنهن جنگي ميدان جي پنهنجي قوت جو ڀرپور مظاهرو ڪرڻ پئي چاهيو. اها جنگي فتح سر آير ڪُوٽ Eyre Coote جي بهادري ۽ جنگي فن جي ڄاڻ جو نتيجو هئي. هن جنگ کانسواءِ سر ڪُوٽ دليريءَ جا ٻيا ڪم بہ ڪري ڏيکاريا هئا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ماضيءَ موجوده دور جي نسل کان منفرد ٿي بيٺي هئي. پلاسيءَ جي جنگ کان پوءِ هي پهريون موقعو هو جو فقط 2800 فوجين 22000 جي وڏي لشڪر کي شڪست ڏني هئي. ان فتح مايوس فليڊ آفيسرن، وقت جي سياسي مدبرن ۽ اڳڪتي ڪرڻ وارن ماڻهن کي حوصلا بخشيا هئا، ڇاڪاڻ تہ اهي هٿ ڪٽي خدا تعاليٰ کي ٻاڏائي رهيا هئا تہ شال هندستان اسان جي هٿن ۾ رهي. اهو واقعو انهن فوجين لاءِ وڏي اهميت جو حامل هو جيڪي سمجهي رهيا هئا تہ اسان جو جنگي مستقبل ڪاري ڪڪر جيان اونداهو آهي پر هاڻي فتح جي سهاني جي سج جي روشني اسان جي بندوقن جي سنگينن تي پئجي رهي آهي. مياڻيءَ جي فتح کان پوءِ دٻي وارو جهيڙو لڳو. هن جنگي ميدان جي فتح مياڻيءَ جي ميدان جي سوڀ کان گهٽ ڪانہ هئي، جنهن کان پوءِ

سنڌ اسان جي حڪمرانيءَ ۾ شامل ٿي وئي هئي. هي صوبو هندستان جي اهم علائقن مان هڪ آهي.

موجوده هندستان جي هڪ عالم (7) پنهنجيءَ راءِ جو اظهار هن ريت ڪيو آهي ته "جنرل لئڪ Lake کان وٺي اسان جي طاقت اڳتي وڌي ڪانه سگهي هئي ۽ هڪ وڏي بت جيان چرڻ پرڻ جي ڪانه هئي. اهڙو جمود پنهنجو مثال پاڻ هو پر اهو گورو بت وڏا قدم کڻندو وچي وچ ايشيا پهتو هو. هڪ اشاري ڪنائي مطابق هن ڳوري بت لاءِ وچ ايشيا ڪنڊن جو وڇاڻو ثابت ٿيو هو پر اهو ٿوري وقت کان پوءِ هڪ اک کان نابين ٿي پيو هو جنهن مان فقط ڪيس عيب ۽ اوڻايون نظر اينديون هيون. سندس اک جو اهڙو سوجهرو رحم جوڳو ٿي ويو هو. ڪيس اها پڪ ٿي وئي هئي ته هن جي نئين حيثيت مان ڪيس نه فائدو ملندو نه وري ڪيس ڪا خوشي نصيب ٿيندي. تنهن ڪري ڪيس پوئتي پجڻ کانسواءِ ٻيو ڪو گس نه رهيو هو. پر ٻهاڙ ۾ ٻتاڪ سندس زبان کان وار جيترو به پري ڪانه وئي هئي پر هو پنهنجي پاءُ بروبديجنا جيين Brobdigna gian کان لڪي ڪونه سگهيو هو. ان کان سواءِ لليپوٽين Lelli Putian به ڪيس ڏسي ورتو هو جنهن ڪيس ڪاوڙائي ارن مان ڪڍي ڇڏيو هو پر پجي جند ڇڏائڻ کان پوءِ به ايڏي لباڙ هٽڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. جيڪڏهن انهيءَ بت ۾ مڙسي جو اکر هجي ها ته اسان هڪ سال اڳ افغانستان کي فتح ڪري چڪا هجون ها. ليڪن اسان ان کي ڇڏي وٺي ڪُڙين تي زور رکيو هو. پوءِ به اسان سبق ڪونه سکيو هو ۽ "آفريڪي اشانتي" ۾ به ساڳيءَ غلطيءَ کي ورجايو هو. جڏهن ور ڪنجي افغانستان مان پڳاسون ته لوٽو ڦيري پوئتي به ڪونه ڏنوسون ته پناڻ پنيان اچي رهيا آهن يا موتي ويا. ان کان وهلوئي پوءِ سنڌ جي فتح جو ڇٽ جهلي اچي سرچارلس جي سر تي پيو. اهڙو وايو منڊل ڏسي ٻين جنرلن جي چڻ ٻنيي کان باهه لڳي هئي، ڇاڪاڻ ته هو افغانستان کان شڪست جي خواري جي ڪاري ڪٽي گوڏن تي زور رکيو هو ۽ ساهه اچي هندستان جي حدن ۾ پٽيو هئائون، ڇاڪاڻ اهي رڻ پٽ ۾ ڏوڙ جي دوڦانن جا هيراڪ هئا، تنهن ڪري اهڙن ماڻهن گڏجي سرچارلس کي ڏاڍو لويو ۽ ڏوءِ ڏوءِ ڪيئي، ڪن قلم جا تير ... ڪن زبان جا پٿر ڇٽيا.

هن فاتح جي حڪمت عملي بابت وٽن به اعتراض هئا. پهرين ڳالهه اها هئي ته ميرن سان جهيڙو ڳنڍڻ خود به ڏاڍ ۽ ڏمر هو ۽ سرچارلس ڏرتي جي ڏٽين مٿان اهو حملو زوري مڙهيو هو. ان کان سواءِ هن جنرل جي

ريجمينٽ هنن حڪمرانن کي جنگي قيدي بڻايو هو جيڪو انياءُ هو. سياسي اخلاقيات جي اصولن مطابق بہ ظلم هو جيڪي پنهنجي مرضي موجب ڦيريا گهيريا ويندا آهن. ٻيو اعتراض اهو آهي تہ اها جنگ بيوقوفي آهي، تنهن ڪري سنڌ جي حڪومت ٽالپرن جي حوالي ڪري ان ڏاڍ جو ازالو ڪري سگهجي ٿو. هن حقيقت کي ٻين لفظن ۾ هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو تہ اهڙي ازالي ڪرڻ وسيلي ڪانئن لٽيل ڦريل دولت کين واپس ملي ويندي، ڇاڪاڻ تہ ان ملڪيت جا قانوني مالڪ بہ اهي هئا.

مٿي بيان ڪيل ڳالهہ جي هڪ حصي سان تہ منهنجو ڪوبہ واسطو ڪونہ آهي، ڇاڪاڻ تہ مون کي دنيا جي مختلف قومن جي قانون جي ڪا ڄاڻ ڪانہ آهي. ان ڪانسواءِ مون کي سياسي اخلاقيات جو مطالعہ بہ گهٽ آهي يا بلڪل ڪونہ آهي. تنهن ڪري منهنجي لاءِ سياست تي بحث ڪرڻ مٿي جو سور هوندو آهي، انهن سيني شين ڪان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ ۾ بحث ۾ حجت اٿارڻ مفيد ڪونہ آهي ۾ ارسٽڪ Errs tike جي سائنس مطابق ناممڪن شيءِ آهي پر هن ڳالهہ جي ٻين نقطن کي مان چڱيءَ ريت سمجهي سگهان ٿو.

سنڌ جي فاتح جهونڙي جنرل کي هندستان ۾ پسند ڪونہ ڪيو ويندو هو. سول سروس جا ماڻهو هن کان حقارت ڪندا هئا ۽ کيس ڪجهہ بہ ڪونہ سمجهندا هئا. ڇاڪاڻ تہ هنن جو سڌو واسطو ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس سان هو. تنهن ڪري اهي ڏاڍا طاقتور ماڻهو هئا. هي سياستدانن کي ڏاڍو چالاڪ سمجهندو هو جيڪي فارسي ٻولي ڳالهائڻ جا ماهر هئا. هن لاءِ سول سروس وارا ۽ سياستدان، ٻئي ڊريون هڪ جهڙيون ڏوهي هيون. کين ڪچهري جا ڪوڙيا چوندو هو. هي عزت ۽ آبرو وارو ماڻهو هو. تنهن ڪري ڪانئس ڪؤ ڪندا هئا. ان ڪانسواءِ سر وليم نيپئر بہ دٻدٻي وارو ماڻهو هو جنهن ڪان هر ڪو ماڻهو ڇرڪندو هو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو سرچارلس نيپئر کي لارڊ ايلنبرو وانگي ياد ڪونہ ڪندا هئا. هن ڪمانڊر سنڌ ان وقت فتح ڪئي جڏهن هن خلاف ساڙ ۽ حسد انتها تي پهتل هو. هن جو زور هو تہ سنڌ ۾ فوج جو وڏو تعداد رهايو وڃي. هن کي پنهنجي 7000 پائونڊ ماهوار پگهار کان سواءِ بہ گهٽي ملڪيت هئي. هندستان جي پريس وٽ مختلف شخصيتن جا ڌار ڌار معيار هئا جيڪي هن جنرل جي نالي ٻڌڻ سان هٿن مان نڪري ويندا هئا. سندس دشمنيءَ ۾ "بامبي ٽائيمس" اخبار گهٽو اڳتي هئي، جنهن کي سندس پاءُ اسڪاٽ خونخوار جانور سڏيندو هو.

هن اخبار جا ڪالم نويس بہ ڏر بڻيل هئا. اهڙن ماڻهن کي ڪا خبر ئي ڪانہ هئي تہ بحث جو موضوع ڇا آهي. پر ڪلرڪ جي فن ۾ ماهر هئا ۽ سنڌ جي فتح واري واقعي کي گهٽ ڪري سمجهندا هئا. ڪين پڪ هئي تہ هو جيڪا بہ خبر اچلائيندا سا سڌو وڃي جنرل نيپيئر تي ڪڙڪندي ان ڪري هو ٻانهون ڪُنجي پِڙ ۾ لهي پيا. هنن سرچارلس کي ڏنگائڻ لاءِ ٻين ڏينين کي بہ مچرائي ڇڏيو هو. اهڙا ماڻهو نياءُ ۽ نيت پت کان جهڙوڪر واقف ئي ڪونہ آهن ۽ چڱاين جي گهٽن گهيڙن کان تہ سندن گذر ڪونہ ٿيو آهي. سرچارلس جي مان مرتبي سان ائين کيڏي رهيا آهن جڻ ٻار کينهوڙي سان کيڏندا آهن. هن کي خاص ڪري ٻن ڳالهين ڪري بدنام ڪيو ويو آهي.

پهريون تہ سنڌ جي انتظام تي ايترو خرچ اچي رهيو آهي جيترو جنگ کانپوءِ ورهيارو ايندو رهندو آهي (8) جيڪو ساليانو منو ملين ٿيندو. فتح کان پوءِ پنجاب صوبي جي ساليانی بچت چوٿائيءَ کان اڌ ملين آهي. ٻنهي ملڪن جي فتح ڪرڻ ۾ هڪ فرق موجود آهي. سنڌ کي فتح ڪرڻ جو تہ ڪو جواز ئي ڪونہ هو. پنجاب جي فتح لاءِ وري اسان مجبور هئاسون. بحث جو مقصد اهو آهي تہ فتح اهڙي ملڪ جي ڪجي جنهن مان ٻن ڏوڪڙن جو فائدو ٿئي. ٻي ڳالهہ اها آهي تہ اسان سنڌ فتح ڪري هندستان جي اولاهين سرحد کي هڪ مستقل حيثيت ڏني آهي، جيڪا هڪ فطري سرحد بہ آهي. اها وڏي فائدي واري ڳالهہ آهي جنهن کي ٻوهر سمجهي گهر جي ٻنيي کان ٻاهر ڦٽي ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اسان انهن ماڻهن جي چورڻ لڳي سنڌ جي اهم فائدن ڏانهن اک وڏائي نہ ڏنو تہ سمجهو تہ اوهان پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هڻي رهيا آهيو ۽ پنهنجي وڍي جو نہ دارو نہ دوا. جيڪڏهن سنڌ جي فتح ايڏي غير اهم آهي تہ انگريزي 1808ع ۾ ٻوڙي ميرن سان دوستي جو معاهدو ڇو ڪيو هو؟ جيستائين روس جون اکيون ڏکڻ ڏس تي آهن ۽ جيستائين روس ۽ ايران جو سبنڌ آهي تيستائين سنڌ جي فتح جي اهميت کان ڪو انڌو ماڻهو انڪار ڪري سگهي ٿو.

سنڌ واقعي هڪ ڏکويل ماتري آهي جنهن ۾ جبل، پٽون ۽ دريائي لَٽُ موجود آهي. ٿر وارو بريٽ علائقو اسان آباد ڪري ڪونہ سگهنداسون. پر درياهہ جي لٽ واري پلي زمين کي جيڪا پوکي راهي ڪاِن خالي آهي اُن کي اسان آباد ڪري سگهون ٿا. اسان جي فتح کان اڳ سنڌ اجڙي پيِنگ تي چڪي هئي. درياهہ جي ڪنار سان پلي ۽ سون اپائڻ جهڙي ٻني شڪارگاهن حوالي هئي، باقي رهيل پليون ٻنيون اهڙن ماڻهن کي جاگير

طور ڏنيون ويون هيون جيڪي پوڪي راهي واري ڪِرت کان واقف ڪونہ هئا. سنڌ جو وڻج واپار هندن جي هٿ هو جن سان اٽيهئي جنيون جاري هيون. حڪمرانن مان فقط بہ ماڻهو هئا, جيڪي پنهنجي قبيلن جا سردار هئا, جن کي حڪمراني جو ڪو پتو پرو ڪونہ هو ۽ ساري ڌرتي ڌماچوڪڙي جي ور چڙهيل هئي. تنهن ڪري هتي اسان فتح ڪيل علائقن جهڙو قانون نافذ ڪونہ ڪيو هو. اپبيٽ جهڙي هندستان جي ڪنهن بہ ملڪ مان اهو آسرو ڪرڻ ٻيرن کان ٻير گهرن برابر هو تہ اتي پيداواري وسيلن مان چڱي ريت فائدو ورتو پيو وڃي. جيڪڏهن اسان کان اڳ وارا حڪمران ٿوري بہ ڪوشش ڪن ها تہ سنڌ جي آمدني ٻيڻ تي وڌيڪ ٽيڻ ممڪن هئي. اسان جون ضرورتون تمام گهٽيون آهن. امن ۾ سنڌ جي آمدني جا وسيلا ڏسي ڪيترا ئي ماڻهو لڏي پلاڻي هتي اچي آباد ٿي سگهن ٿا پر هتي هڪ ڏينهن جيتري بہ مزدوري ملڻ ممڪن ڪانہ آهي. آبپاشي بهتر بنائڻ لاءِ وقت ۾ پئسي جي ضرورت آهي. ان لاءِ هڪ رقم جي ضرورت آهي, جنهن جي خرچ ڪرڻ ڪانپوءِ هي ملڪ سکيو ستابو ٿي سگهي ٿو. (9) اهو سارو ڪم سرمائي جي خرچ ڪرڻ سان ممڪن ٿي سگهي ٿو. اهڙيون ساريون ڳالهيون حڪمران کي ڪرڻيون آهن. ترقيءَ ۾ گهربل ڪم ٿي چڪا آهن ۽ ٻيا بہ وقت سر مڪمل ٿي سگهن ٿا.

سنڌ جو فقط هڪ پيداواري وسيلو آهي, جيڪو سنڌو درياهہ آهي. هن وهڪري جي ٻنهي ڪنڌين سان حڪمران سجاڻ ڪونہ رهيا آهن, تنهن ڪري هو سياسي طور سياڳو درياهہ ڪونہ رهيو آهي, جنهن کي دوستن ۽ دشمنن هڪ جهڙو تباهہ ڪيو آهي. موجوده دور ۾ ليفٽيننٽ برنس Burnes هن درياهہ جي کوجنا ڪئي آهي ۽ فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي آهي, جنهن ڪري ڪجهہ اميدون پيدا ٿي پيون آهن. هن ڏٺو هو تہ درياهہ جي پيٽ ۾ وڏا ٻانڌ آهن جيڪي ٻيڙين وسيلي درياهي سفر ۾ رخنو وجهندا. تنهن ڪري هن واڍن کي استعمال ڪري ڪرڻ وسيلي چيرائي ڪيترن خطرناڪ ٻانڌن جي صفائي ڪري ڇڏي آهي. جهازن وسيلي درياهي سفر ۾ ٻي رنڊڪ اها آهي تہ هن درياهہ جي ڪناري سان سنا پٽڻ ڪونہ آهن, جتان جهازن وسيلي ايندڙ ويندڙ سامان سولائيءَ سان لاهجي ۽ چاڙهجي. اهڙيون مشڪلاتون آهن تہ ضرور پر دور ڪري سگهجن ٿيون. سنڌوءَ وسيلي تجارتي آمد رفت لاءِ انگلينڊ ۾ "اندس نئويگيشن ڪمپني" جوڙي وئي آهي, جنهن پنهنجو هڪ ايجنٽ ممبئي روانو ڪيو

آهي تہ جيئن بنيادي شين جو بندوبست ڪري سگھجي. پر پوءِ اهڙيون سرگرميون ٿڏيون ٿي ويون. ماڻهو اهڙيون ڳالهيون ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا هئا پر پوءِ اهو معاملو سستي ۽ لاپرواهي جو شڪار ٿي ويو. گھڻا ماڻهو مايوسيءَ جو شڪار ٿي ويا، تنهن ڪري هنن هن شاندار درياهہ جو قدر ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو. اهو جڻ سندن ناراضگي جو اظهار هو.

پر اها بي پرواهي ۽ ناراضپو بہ هلي هڪ ڏينهن ختم ٿي ويو ان کان پوءِ مشورو ڪيو ويو تہ ٻاڦ تي هلندڙ آگبوٽ تمام ننڍڙا ۽ ٿورا آهن ۽ سنڌوءَ جهڙي وڏي درياهہ ۾ جڻ اڻ هوند برابر آهن، تنهن ڪري انهن جي جاءِ تي وڏا جهاز رکيا وڃن جن جهڙا گنگا درياهہ ۾ هاڪاريندا آهن. اهو بہ سوچيو ويو تہ تجارتي آمدورفت جي سڏاري ۽ واڌاري لاءِ سنڌوءَ جي بندن کي ترقي ڏياري وڃي، مختلف طرفن کان رستا جوڙي بندرن تائين پهچايا وڃن ۽ مسافرن جي سهوليت واسطي ڪاروان سرايون بہ جوڙايون وڃن. اهڙيءَ ريت "انڊس اسٽيمر ظِوِتيلا" وجود ۾ آئي. ان سان گڏ اهو بہ سوچيو ويو هو تہ ريل مارگ جي تعمير ٿي وڃڻ کانپوءِ ان کي اڃا بہ اڳتي وڌائبو انهن بنهي رستن وسيلي بہ انگريز فوج هيٺ رواني ٿي سگھي ٿي. اهڙيون تدبيرون سنڌ جي ترقيءَ ۽ خوشحالي لاءِ آهن. جنرل سر چارلس بہ انهن ڳالهين ۾ دلچسپي وٺي رهيو آهي پر انهيءَ سان هندستان جي انتظاميہ بہ اهڙو پڪو پهہ ڪري تہ ترقيءَ جا ڪم جلد مڪمل ڪري سگھجن ٿا. جنهن ڪري سخت گرمي ۾ اعتدال اچي ويندو ۽ چاڙهہ جي پاڻيءَ جو بہ مناسب بندوبست ٿي سگھندو. مان پوري ويساهہ سان هيءَ اڳڪٿي ڪري سگھان ٿو تہ تمام ٿوري وقت اندر هي ذڪويل ماٿري سڪي ستابي ۽ خوشحال ماٿري ٿي سگھي ٿي.

جيتري قدر سنڌو پار اڪرڻ واري خطري جو تعلق آهي تہ اهو بہ هاٽي گھٽجي سگھجي ٿو ڇاڪاڻ تہ ڪن سياڻن ۽ سچيت ماڻهن جو خيال آهي تہ سنڌ اسان جي اهڙي اهم سرحد آهي جنهن جي اسان کي سخت ضرورت هئي. هن کان وڏيڪ بي ڪهڙي سُني ڳالهہ آهي تہ هي ملڪ هڪ کليل ميدان آهي جنتي تربيت يافتہ فوج رکي سگھجي ٿي. ان کان سواءِ سنڌ هندستان جي اولاهين فطري سرحد آهي. هتي موجود وڏي درياهہ مان فائدن حاصل ڪرڻ کان سواءِ سندس اهي اضافي وصفون ۽ خاصيتون آهن، سندس اولهہ پاسي کان جبلن جي اوچي ۽ ڊگھي قطار آهي، جيڪا مضبوط سرحد جو ڪم ڏئي سگھي ٿي.

هن ملڪ جي فتح اسان جي اوپر واري سلطنت ۾ هڪ بهتر اضافو آهي، جنهن جا ٻه فائدا آهن.
سنڌ جي لاڙ وارو حصو اهڙي فوج رکڻ لاءِ هڪ مناسب علائقو ثابت ٿي سگهي ٿو جتان اولهه ۽ اتر اولهه وارين باقي قومن کي سولائي سان حملو ڪري سگهجي ٿو. جيتري قدر تجارتي ترقيءَ جو سوال آهي تہ هي ملڪ ان لاءِ بہ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. ڪراچي جڻ هندستان جو عدن بندر آهي، جنهن جي اوسي پاسي ڪيترائي ننڍا بندر آهن. هي اهڙا گهٽ آهن جن وسيلي وچ ايشيا سان اسان جي تجارت هلي سگهي ٿي. مستقبل ۾ اسان سياست کان سڄاڻ پورچوگيزن جيان فتح ڪيل ۽ خريد ڪيل قلعن ۾ پنهنجا فوجي دستا ويهاري سگهون ٿا ۽ مڪران کان ڏکڻ ايراني نار واري سامونڊي ڪناري ڏانهن بہ وڌي سگهون ٿا. ان علائقي جي فرات ماٿري ۾ ريل مارگ بہ جوڙي سگهون ٿا. اهڙيءَ ريت اسان پنهنجي سهوليت پٽاندر تجارت جو هڪ وڏو وهڪرو قائم ڪري سگهون ٿا. في الحال اسان انهن وسيلن کي پنهنجي تجارتي وهڪري سان ملائي هلائي سگهون ٿا. ان کانسواءِ ڪراچيءَ جو بندر اهڙيءَ مناسب جڳهہ تي آهي، جتان انگلينڊ کان ايندڙ تجارتي مال سڌو پنجاب ۽ اتر سرحد صوبي ڏانهن موڪلي سگهجي ٿو پر هن ماڳ کي اجا تائين فوجي سامان جو ڊيپو ڪونہ بڻايو ويو آهي، جنهن کي امڪاني طور پنجاب ۽ اتر سرحد ۾ استعمال ڪري سگهبو. ان مقصد لاءِ گهٽي وقت کان وٺي ڪوششون هلي رهيون آهن. اميد آهي تہ عملي طور جلد ئي ڪم شروع ڪيو ويندو.
ٻي اهم ڳالهہ هي آهي تہ اسان سنڌ کي فتح ڪري پنهنجي مخالف سگهہ کي چٽي ان جون پاڙون پٽي ڇڏيون آهن. جيڪا اسان لاءِ اڳي ڪڏهن خطرناڪ ثابت ڪانہ ٿي هئي پر اوڙي پاڙي لاءِ آزار ضرور هئي. ان کان سواءِ هاڻي اولهہ پاسي وارا جهيڙاڪار بروچ ۽ اوپر ايران جا سردار سنڌ اچي انگريزن خلاف اتحاد جوڙي ڪونہ سگهندا. نہ وري لاڙ جا ٽالپر باغي انهن کي هٿيار ڏئي سگهندا. هن علائقي جو سردار نڪري ڪيڏانهن ڀڄي ويو آهي، سندن خواهش آهي تہ هنن جو ڪو سردار هجي، جنهن جي اڳواڻيءَ ۾ انگريزن خلاف ڪارروايون ڪري سگهجن. پر هنن ماڻهن لاءِ اسان جا ريگيولر گهوڙيسوار دستا ۽ انگريزن جو نالو ئي ڪافي آهي، انهن کي ايتري جرئت ئي ڪانہ آهي جو هو ڪجهہ ڪري سگهن پر هاڻي تہ هو عام ماڻهن کي ڦرڻ لٽڻ ۾ رڌل آهن ۽ ڦهر ڪيس ڪري ٽِڪري ٽپائي ڇڏي

اٿن. هن ڪان سواءِ سنڌ جي فتح ڪري هڪ سٺي ڳالهه بي بہ ٿي آهي سرجان ٻُل! ٿورو وقت اڳ توهان ۽ توهان جي گهر ڀاتين کي هڪ خطرناڪ بيماري لڳي وئي، جنهن کي رشو۔فوبيا جي نالي سان سڏيو ويندو هو. جڏهن اهڙي بيماري اوهان تي حملو ڪندي آهي تہ اوهان جي جسم ۾ واسو ڪري ويهي ويندي آهي ۽ نڪرڻ جو نالو ئي ڪانہ وٺندي آهي پر اهڙي وبائي بيماري رکي رکي منهن ڪڍندي آهي. هڪ هڏائون پڃرو اوهان جي اکين سامهون اوهان جي پڪل وڏي گوشت جي پرسان بيٺو آهي، جيڪو ڏاڍو ڇسو ۽ ٻُسو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. منجهس ڪنهن بہ قسم جي خوبصورتي موجود ڪانہ آهي. منظر ڏاڍا خوفناڪ آهن. ڪجهہ اجايا خيال آهن ۽ ڪجهہ اڻ ڄاتيءَ جو خوف آهي، جنهن کي حقيقي خطري ڪان گهڻو وڌائي پيش ڪيو ويو آهي. اوهان گهريءَ ننڊ ۾ آهيو ۽ هو گهڻو پري آهي. سندس اڌ جسم خاموش آهي. توهان کي ڏيوالپڻيءَ جا ننڊ ۾ اوتارا اچي رهيا آهن. توهان ننڊ ۾ وڦلي رهيا آهيو. اوهان ننڊ مان اٿي هڪدم دريءَ ڏانهن ڀڄو ٿا ۽ ٻاهر واجهايو ٿا تہ اتي ڪا عجيب غريب خطرناڪ شيءِ تہ موجود ڪانہ آهي ۽ هو انگريز جي گهر جي در تي جڙ هڪ خوفناڪ ۽ بکيو "روسي" بگهڙ بيٺو آهي. انگريزن جو اهو سوداء ۽ خفقان آهي. جڏهن اهڙو خوف ٽري ويندو آهي تہ اوچتو ئي نفرت ۽ حقارت جو حملو ٿيندو آهي، پوءِ پنهنجي اجائي خوف تي کلي ويهو ٿا. اوهان ڪنهن ڀوت مان جند ڇڏائي هلڪائي محسوس ڪري رهيا آهيو. اوهان ڪن ڪارٽن کي سنجيده ٿي سوچيو ٿا. اهي اوهان جا اجايا وهم ۽ وسوسا هئا ۽ سڀ هوائي شيون هيون ۽ ڪجهہ بہ ڪونہ هو.

پر رشو۔فوبيا جو اهو موذي مرض ڪو اجايو ڪونہ هو. چاڪاڻ تہ روس هڪ سگهہ آهي، جيڪڏهن موجوده دور ۾ اها ڪا خطرناڪ طاقت ڪانہ آهي پر نيپولين بونا پارٽ اڳڪتي ڪئي هئي تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن اپري وڏو ممڻ مچائي سگهي ٿي پر هاڻي بہ سندس نيت ۾ نيلا نانگ ڦڻ ڪڍيون وينا آهن. روس پنهنجو سارو اثر وچ ايشيا جي نيم وحشي، جهنگلي ۽ بوڪڙو ماڻهن مٿان استعمال ڪري رهيو آهي سو ڪو اجايو ڪونہ آهي. افغانستان ۾ هن جاسوسيءَ جو هڪ وڏو جار وڇائي ڇڏيو آهي ۽ هن علائقي جي جابلو علائقن کي انساني رت سان ڳاڙهو ڪري ڇڏيو آهي، اهڙيءَ ريت ڪئسوين واري جوءِ ۾ سونا ۽ روپا ڪُمهلا مينهن بہ وسنداڏسجي رهيا آهن. اهڙيون گهڻائون ان ڪان اوير پاسي بہ گجي رهيون

آهن. مان ورجائي رهيو آهيان تہ هن دور ۾ رشو۔ فوبيا هڪ قفط پوائنٽو سپنو ڪونہ آهي. اها هر قسم جي امڪانن جي ڊيجاريندڙ تصوير آهي. تون رالنسن Raw linson يا گورڊن Gordon جو نقشو کولي اکيون پٽي چڱيءَ ريت جاچي ڏس. جيڪڏهن نظر اوٽي پوٽي اٿئي تہ عينڪ بہ پاءِ. هيٺ جهڪي صفحي تي چڱي ريت واجهاءِ ۽ هڪ نڪتي تي آگر جي چوٽي رک ۽ هوريان بلڪل هوريان ٻن وڏين شهنشاهيت کي جدا ڪندڙ ليڪ تي هل جيڪا ڏهن درجن تي آهي. اها ڪڏهن 25 درجن تي هئي. هن جو مطلب آهي تہ هڪ وڏي شنهشاهت 15 درجا اڳتي وڌي آئي آهي. پلي تون سوچيندو ويچاريندو بيهندو ۽ ڊ اڳتي وڌندو اچ تہ توکي تڏ جي شڪل جهڙو هڪ سلسلو ڏسڻ ۾ ايندو جتي اڇا اڇا ٽبڪا موجود ڏسڻ ۾ ايندا. اهو هڪ جبل آهي، اڇا ٽبڪا واريءَ ۽ لوڻ جي نمائندگي ڪري رهيا آهن. ان جو مطلب آهي "Great Salt Desert" سائين جان بل! اهو جبل ۾ هڪ رڻ پٽ آهي. پرسان هڪ آبي وهڪرو لوڻ وارو ڪليل ميدان آهي، جيڪو رستي ۾ موجود آهي. پر جيڪڏهن ماڻهو سجاڻ ۽ سچيت آهي تہ هن قسم جون رنڊڪون ڪجهہ بہ ڪونہ آهن. نادر شاهہ هو جيڪو جاهل مطلق انسان هو. هن سان ايراني فوج ساڻ هئي جنهن کي فوجي تربيت بہ مليل ڪانہ هئي. هن پنهنجي راڄڌاني کان پيش قدمي جي ابتدا ڪئي. افغانستان جا ڏکيا جابلو لڪ لتاڙيندو اڳتي وڌيو جيڪو سر هن جي سامهون ٿيو ڪٽجي ويو. جيڪي شهر ۽ ڳوٺ هن جي راهہ ۾ آيا سي ڦرجڻ لٽجڻ ۽ سڙڻ کان بچي ڪونہ سگهيا ۽ پنهنجي پنيان لال لهوءَ جا ڌٻا ۽ سڙيل شهرن ۽ ڳوٺن جي رک ڇڏيون ويو جنهن سکي ۽ ستابي جوءِ مان گذريو هو سالن تائين سائي تي ڪانہ سگهي. پوءِ هو اڳتي وڌي هندستان جي دل دهليءَ ۾ داخل ٿيو سندس فوج ڪِيس، ڦهر ۽ تلوارن جي ڪاري آنڌاري هئي، جنهن دهليءَ کي دُڦ ڪري ڇڏيو. دهليءَ فتح ڪرڻ ۾ هن جا فقط بہ ٽي سو ماڻهو قتل ٿيا هئا.

نادر شاهہ جي هن ڦهري قصي کي ڪير ٻيو بہ تہ ورجائي سگهي ٿو پر سنڌ جي فتح هندستان تي اپي ٿيندڙ هر ظالم تلوار کي روڪي ورتو آهي.

سر جان بل! توهان کي خبر آهي تہ اوهان جي هڪ آئوٽ پوسٽ دشمن جي بلڪل ئي پرسان آهي ۽ انهيءَ رستي سان واقع آهي جيڪو افغانستان کان سڌو پنجاب پهچي ٿو جيڪڏهن اڳتي آيو تہ اسان جو ساٿس مقابلو هڪ ڪلئي پٽ ۾ ٿيندو اتي ساٿس گڏ ٻيا بہ ڪيترائي وحشي قسم جا مددگار هوندا. پر اهڙا مددگار سندس ڪنهن ڪم جا ڪونہ هوندا.

هن جڳهہ وٽ تنهنجا جنگي جوڌا بہ وڌ ۾ وڌ هن جي لشڪر جهڙا هوندا. توکي احساس آهي تہ توبخاني سان گڏ فوج جا ٻيا حصا بہ سنڌوءَ جي اهميت کان سال بہ سال واقف ٿيندا پيا وڃن. توهان کي اها بہ خبر آهي تہ سنڌوءَ جو وهڪرو 650 ميل ڊگهو آهي، جنهن وسيلي 100 ٽن وڏيون توپون هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ تائين نهايت سولائيءَ سان پهچائي سگهجن ٿيون، جڏهن دشمن جي 12 پائونڊ توپ جي چرپر ڏکي هوندي. ان کان سواءِ اهو بہ پڪ سمجهي ڇڏ تہ هاڻي دشمن ڪڏهن بہ سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي کي والاري ڪونہ سگهندو نہ وري ڪڇ واري علائقي مان گذري پاسي کان حملو ڪندو. سنڌوءَ وسيلي آگبوٽ هلي رهيا آهن. تنهن ڪري ايراني نار کان ٿيندڙ حملي جو خوف بہ هميشہ لاءِ ٽري ويو آهي. اسان سنڌ کي فتح ڪري هندستان ڏانهن ايندڙ هڪ خوفناڪ رستي جو لنگهہ بند ڪري ڇڏيو آهي. اسان مضبوط گهٽن کي والاري ڇڏيو آهي، جيڪڏهن دشمن ڪاهي هندستان ڏانهن هليو ايندو تہ موٽ وارا سڀ گس بند ٿي ويندا ۽ سياڻي ڪانءَ وانگي ڇوڪنيو ڦاسي ويندا. هاڻي سنڌ جي فتح کي صديءَ جو ٽيون حصو گذري ويو آهي، جنهن کي مان ڪنهن ڪرامت کان گهٽ ڪونہ ٿو سمجهان. هاڻي ڪڏهن روس جا هندستان تي حملن جا ڏَکا ٻڌان ٿو تہ منهنجو ڊچ وڃان ساهہ سُڪي ٿو وڃي. افغانستان تہ هاڻي سکٽو ڍالڊو ٿانءَ آهي. پنجاب اسان جي هٿن ۾ آهي. ڪشمير ۽ نيپال بہ اسان جا طفيلي آهن. راجا رنجيت سنگهہ جي زماني ۾ هڪڙو گهَٽُ کليل هو جيڪو هاڻي بند ٿي چڪو آهي. ڪريميا Crimea جي جنگبندين کان پوءِ روس لاءِ فقط هندستان تي حملي واسطي رستو کليل آهي. اهو هڪ عام اصول آهي تہ ننڍيون برادريون وڏنديون رهنديون آهن. اهڙيءَ ريت فرد بہ وڏندا ۽ پڪڙبا رهندا آهن. هي ملڪ ڏکڻ ڏانهن نہ پر اوپر ڏانهن وڌيو آهي. هن جنوني قسم جي مسلمان علائقن جي والار ڪئي آهي. هن جڻ گهر جي ديوار ٽپي وهہ جو وٿو پيتو آهي، هو پنهنجي سياسي سرحد کي اڳتي وڌائي چين جي سرحد سان ملائڻ گهري ٿو. سندن اهو هلڻ ائين آهي جڻ بہ دشمن سئوٽ پاڻ ۾ ملي رهيا آهن. هنن وچ ۾ جنگيون ڪٿڻ واريون ڪونہ هونديون. اسان کي پورن پنجاهہ سالن لاءِ رشيا جي حملي ۾ خوف نہ ڪرڻ گهرجي. رشوـ فوبيا جي بيماري ماضيءَ جي جُهونڙن کي آهي، جيڪي اجا جيئرا رهندا پيا اچن. ان کان سواءِ يورپ وارن کي هاڻي اوچتو محسوس ٿيو آهي تہ يورپ جي اڌ ڌرتي سلاوَ Slav نسل جي ماڻهن جي قبضي هيٺ آهي. اهو ڏسي سندن

تاڪ لڳي ويا آهن. هنن پنهنجيءَ اهڙي دريافت کان ڇرڪڻ شروع ڪيو آهي.

افغانستان تي حملي ڪرڻ واري هندستاني انگريز جي تاريخ جا ڪجهه صفحا رت ۾ ٻاڙها لڳا پيا آهن. شايد انگريزن افغانستان کي اڪ جي ماکي سمجهيو هو جنهن کي ڪمزور سمجهي انهيءَ طرف سلطنت کي وڌائڻ جو ارادو ڪيو هو. پر اهو به ماضيءَ جو قصو آهي. هڪ شيءِ جيڪا اڳتي تي ڇڪي آهي سا ٻيهر به واقعي تي سگهي ٿي. ڇا قبلا جان بل! اوهان انگريز وري به ساڳي چوڪ ورجائڻ جي مهرباني ڪندا؟ مان گستاخي ڪري اوهان کي ڪن شديد خطرن بابت ڪي لفظ ضرور چوندس. پوءِ پت ڦِڪو ته ڦڪوئي سهي. اهي شديد خطرا ڏاڍا ڇتا پتا هئا پر انهن ۾ اسان اڪيون ٻوٽي ڏوڪي ڪاهي پيا هئاسون ۽ واڪا ڪري ڇئي رهيا هئاسون ته ڏسو اوهان پنهنجي ٻيڙي پاڻ ٽا ٻوڙيو پوءِ اسان واقعي ٻڏي وياسون، ڇاڪاڻ ته اسان ڪا اڳواٽ تياري ڪانه ڪئي هئي. سو منهنجا پيارا جان بل ساڳي چڪ نه ورجاءِ. تنهنجي اها ناناٽي آڪهه ڇَتي ڪوريءَ واري ڊيگهه ڪانه ڇڏيندي، ڏاهو تي نانگ جي ٻِرَ ۾ هٿ نه وجهه. منهنجي ٻڪواس جو تت اهو ايترو آهي افغانستان، ايران ۽ عربستان ۾ انگريزن جي حڪومت قائم ڪرڻ واسطي اسان لاءِ ٽي مشڪلاتون آهن، جن کي لوڙ پاڻي ڪرڻ لاءِ اسان کي ويهن ئي ننهن جا زور لاڻا پوندا. پهرين مشڪلات اسلام آهي، جيڪو هنن ٽنهي ملڪن جو قومي مذهب آهي، انهن ملڪن جا ماڻهو اهو ڪڏهن به ڪونه چاهيندا ته سندن ملڪن جو حڪمران غير مسلمان هجي. ٻي مشڪلات انهن ملڪن جي عورتن جي سماجي حيثيت آهي ۽ ٽين مشڪلات اسلامي قانون آهي.

تاريخ جي ڪن مختصر حوالن مطابق ڪجهه ٽڙيل پکڙيل قبيلن کانسواءِ وچ ايشيا جي ملڪن اندر قومي غيرت نالي ڪابه شيءِ موجود ڪانه آهي، تنهن ڪري هنن ماڻهن جي اتحاد جو اڪيلو وسيلو فقط مذهب يا حسد ۽ ساڙ آهي. ايران وارا ته ڪليو ڪلايو چوندا رهندا آهن.ته انگريز هجو يا ڪاجر پلي اوهان تهران شهر ۾ ريل ڇيل گهمندا ڦرندا وتو اوهان جو ڪير به وار ونگو ڪري ڪونه سگهندو. ليڪن اسان جي مُلائن ۽ عورتن سان ڪٺونس نه ڪريو. مشرق جي موضوعن جا مغربي مصنف گهڻيون غلطيون ڪري وڃهندا آهن، جيڪي پنهنجن شاعرانه احساسن سان وچين دور جي مري ويل سردار ۽ اسلام وچ ۾ مشابهت ڪندا آهن. هي قصو وچين

دور سان واسطو رکي ٿو. جيڪو هڪ ڏند ڪٿا کان وڌيڪ ڪجهه ڪونه آهي. چوندا آهن ته هڪ جنگ دوران ڪو سردار وچ ڪرڻ سبب مري ويو. پر سندس لاش پنهنجي جنگي گهوڙي تي ائين موجود رهيو جيئن هو جيئرو هجي ۽ سندس هٿ ۾ جهليل تلوار به ائين سوگهي هئي، جئين ڪنهن جيئري ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هجي. سندس دشمن اهڙي صورتحال ڏسي وائڙا ٿي ويا هئا. اهڙي قصي تي اعتبار ڪرڻ عقل سليم جي کوٽ آهي. بي ڳالهه اها به هوندي آهي ته هڪ نه جهڙيءَ ڳالهه کي پکيڙي چوڌس مشهور ڪيو ويندو آهي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن اهو يورپي ماڻهن جي مشاهدي ۾ اچي. اهو نيچ قسم جو جوش هوندو آهي، جنهن ڪري تعريف ڪرڻ واري سوچ ختم ٿي ويندي آهي، اها سندن غلطي هوندي آهي ۽ هو هميشه اهڙيون غلطيون ورجائيندا رهندا آهن پر ائين ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرجي. اسلام اجا به هڪ قوت آهي، منجهس هڪ پرجوش جذبو موجودآهي، جيڪو هر مسلمان جي دل ۾ ڏاڍي گهرائي سان ڪم ڪري رهيو آهي. مان وچ ايشيا جي ماڻهن جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان پر شام ۽ ٻين ملڪن جي ماڻهن جو قصو ڪونه ٿو ڪريان، جتان جي ماڻهن جا قلوب ئي ڪارا ٿي ويا آهن.

افغانستان، ايران ۽ عربستان ۾ اسلام بلڪل ائين آهي جيئن حضرت محمد ﷺ جن پيش ڪيو هو. ان ۾ مائنروا Minerva جيان جهاد جو پرپور جذبو موجود آهي، جتي ٻار ٻڍڙا ۽ جوان پنهنجا سر ترين تي رکي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هوندا آهن. آفريڪا ۾ پڻ اهڙي تبليغ هلي رهي آهي. اوپر عربستان واري علائقي ۾ وهابي تحريڪ ايري آهي، جنهن حضرت عمر رضہ جو دور ياد ڏياري ڇڏيو آهي. هنن ماڻهن جي دلين ۾ حضرت عمر رضہ وارو جذبو هو جنهن مختلف ملڪن تي حملا ڪرائي مالِ غنيمت سان پنهنجي ملڪي ماڻهن کي سکيو ستابو ڪيو ۽ مفتوح ملڪن ۾ اسلام به پکيڙيو هو. هن صديءَ جا ذڪرڻ عربستان جا سرفروش اسلام خاطر سر سان ڪفن ٻڌي نڪتا هئا پر ڪين خاص ڪاميابي حاصل ٿي ڪانه سگهي هئي. وٽن سگهه هئي، اٽل ارادا ۽ بلند حوصلا به هئا پر وٽن سوين ماڻهن جا وسيلا ڪونه هئا. دنيا جون مختلف قومون هن قسم جي تلواري طوفان کان چڱي ريت خبردار ٿي چڪيون آهن. تير ڪمانون ۽ تلوارون فولادي لباس کي فتح ڪري ناهن سگهيون. پر وچ ايشيا ۾ جهاد واسطي تبليغ ڪرڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانه آهي.

پر جن ملڪن ۾ ساڻ حسد ۽ جنونيت هوندي آهي اتي ڏاڙهي ۽ ڪافر ماڻهو لاءِ جڳهه ڪانه هوندي آهي ۽ چوڏاري تلوارون اڀيون هونديون آهن. ان ڪانسواءِ خوف خطري جو وهاڻيل وايو منڊل هوندو آهي. اهڙن ملڪن ۾ اسان جي خلاف مسلمانن جو بغض موجود هوندو آهي. جنهن ڪري اسان کي ڪٿي ٽِڪڻ جي جڳهه ڪانه ملندي آهي. انگريزن جي انصاف موجب مسلمانن جي سيد ۽ هندو ڀنگيءَ جي حيثيت هڪجهڙي هوندي آهي پر قنڌار ۾ جيڪڏهن هندو ڀنگي ڪنهن سيد جي توهين ڪندو ته ان جو نتيجو ڇا نڪرندو (11) مسلمانن جي ڪاوڙ ڪنهن تي چڙهي ويندي. پنهنجون ڏاڙهيون پٽڻ شروع ڪندا ۽ پٽڪا لاهي زمين تي اڇليندا. اجلاس ڪوٺائجي ويندو. خفيه جٿا تيار ٿي ويندا. تحريڪ هلڻ شروع ٿي ويندي. بغاوت باهه جيان پڙڪي اٿندي. جيڪڏهن حالتون سازگار هونديون ته قتل عام شروع ٿي ويندو. غير مسلمان کي ڳولي ماري پنهنجي ڌرتي کي پاڪ ڪيو ويندو. پوءِ پلي ڪو مجرم هجي يا نه هجي. پر قاتلن کي مجرم ڏسڻ يا نه ڏسڻ جو فرض ڪونه هوندو آهي. اهڙي پوائنٽي وايو منڊل ۾ مذهبي لاودن Levites کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. رشوت طور نقد رقم پيش ڪئي ويندي آهي. انهن ئي ويڙهاڪ جٿن مان جاسوس بڻايا ويندا آهن. جيڪڏهن عيسائي دنيا ۾ ڪو ايشيائي قوم هوندي آهي ته سڀ جو وڏو مظاهرو ڪيو ويندو آهي پر رشوت ڏئي وفاداري خريد ڪري ڪانه ٿي سگهجي. انهن مان ڪجهه ماڻهو آئرلئنڊ جي راهب جيان پهچ کان پري هوندا آهن. چاڪاڻ ته سمجهندا آهن ته ماڻهن ۾ سندن مان ۽ مرتبو گهٽبو هوندو آهي، جنهن کي چار پئسا وٺي نهوڙي ناس ڪرڻ ڪونه چاهيندا آهن. جيڪڏهن اهي مذهب مخالف عنصر سان جهيڙيندا آهن ته سندن عزت ۽ احترام گهٽبو وڌي ويندو آهي. اهڙو ماڻهو ڏاڍي اثر رسوخ وارو ۽ نهايت خطرناڪ هوندو آهي. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن به هڪ جي توهين ڪبي ته جڻ ککر ۾ ڪڙو لڳو. سيئي مِڙي مٺ ٿي ويندا. ڀنيڙ مچي ويندو. جيڪڏهن مناسب هُشي ۽ هٿي ملي وئي جهاد جو نعرو لڳي ويندو ۽ مذهبي باهه جي جَرَ ساري ملڪ کي جراتي ڇڏيندي آهي.

ان وقت مسلمان اهو ڪونه ڏسندا آهن ته قرآن شريف جو هن قسم جي واقعي لاءِ ڪهڙو حڪم آهي يا رسم لاءِ ڪهڙيون واضح هدايتون آهن پر ساري دنيا ۾ هڪ نه ٻي اهڙي رسم موجود هوندي آهي، جنهن کي قرآني

حڪم جيترو لازمي سمجهيو ويندو. پر جيڪڏهن غور ڪري ڏٺو وڃي تہ ان لاءِ قرآن شريف ۾ ڪوبہ حڪم ڪونہ هوندو.

سنڌ جي فتح کان ڪجهہ مهينا پوءِ سرچارلس نيپيئر حڪم ڪيو هو تہ ان انساني قاتل کي ڦاهي تي لٽڪايو ويندو جيڪو ڪنهن انسان جي قتل کي جائز سمجهي. ان ڏوهہ جو مرتڪب ٿيندو سندس اهڙو اعلان نياءُ هو. پر سنڌن اهڙي انصاف پسند اعلان کي ظلم سمجهيو ويو هو. اهو ڪم ائين هو جيئن اتحادي فوجن پئرس ۾ ڊيوئل Duel نالي واري ويڙهہ کي بند ڪرڻ جو حڪم ڪيو. توڙي جو فرانس ان ڊيوئل جي فائدي ۾ هئي. ڊيوئل واري ويڙهہ عزت ۽ ناموس خاطر وڙهي ويندي هئي.

مسلمانن ۾ عزت ۽ ناموس خاطر قتل ڪرڻ جي هڪ رسم آهي. جڏهن عورت جو پير ترڪي ويندو آهي تہ ان جي مڙس ۽ سندس پٽ جي معاشري ۾ ان وقت تائين عزت ڪانہ رهندي آهي، جيستائين مجرم عورت هن دنيا ۾ زندهہ رهندي آهي، تنهن ڪري ان عورت جو مڙس يا پٽ پنهنجي نڪ تان مَرُ لاهڻ لاءِ عورت کي قتل ڪري ڇڏيندو آهي، جيستائين اها عورت جيئري هوندي آهي، تيستائين سندس وارث نڪ ڪٽي گهمڻ جهڙا ڪونہ هوندا آهن. جڏهن ڪي بزدل سنڌي زال کي قتل ڪري ڪارنهن لاهڻ جي سگهہ ساري ڪونہ سگهندا آهن تہ وڻ ۾ رسو ٻڌي ڦاهي کائي مهڻن سهڻن کان جند ڇڏائي ويهندا آهن. سنڌ جا ڪيترا ماڻهو اسان کي ڏاريو ۽ اسان جي نافذ ڪيل قانون کان نفرت ڪندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اسان سنڌن تلوار جي استعمال کي پابندي هيٺ ٻين سزائن کي جاري ڪيو آهي. جهڙوڪ مجرم جو ڪارو منهن ڪرڻ، مٿو ڪوڙائڻ، گڏهہ تي چاڙهي شهر جو گشت ڪرائڻ ۽ فقيرن ٻارن کان ڪيس پٿر هڻائڻ وغيره.

پر وچ ايشيا ۾ تلوار جي جاءِ تي اهڙيون هلڪيون سزائون ڏئي ڪونہ ٿيون سگهجن.

مسٽر جان بل! جرم کي ڏسي سزا ڏني ويندي آهي. ٻيا بہ اهڙا گهڻا ڪارڻ آهن جن ڪري اسان تلوار جي استعمال تي سخت پابندي مڙهي ڇڏي آهي. شديد قسم جا واقعا ضرور ٿيندا رهندا آهن پر ان لاءِ هر فيصلو اسان جي هٿن ۾ هوندو. شرم ۽ غيرت وارو مسلمانن جو اهو تصور ختم ٿي چڪو آهي. الله تعاليٰ انهن جي ضرور مدد ڪندو يعني ڪردارن خلاف -ماد ڪري رهيا آهن. ايران جي شاهي دربار روسي سفير ايم گرائيبڊوف

Griboedoff کي قتل جي سزا ڏني هئي، ڇاڪاڻ تہ سندس اتالي جي ماڻهن بداخلاقي جو مظاهرو ڪيو هو.

افغانستان جون حالتون تہ اڳ ۾ ئي خراب هيون. ويتر اسان انهن سردارن جون پگهارون گهٽائي ڇڏيون هيون، جيڪي مختلف ملڪن جي نظرداري ڪري رهيا هئا. ان ڪانسواءِ اسان شاهہ شجاع جهڙي ناڪام حڪمران سان گڏ هئاسون، جنهن سان گڏجي افغانستان تي ڪاهي ويا هئاسون. هن نابين حڪمران هڪڙي پاسي سردارن تي ڀاڱي ڀڳا ڏنڊ مڙهيا تہ ٻين جون جاگيرون ۽ ٻيون ملڪيتون ضبط ڪيون. ان ڪري بغاوت جي باهہ ڀنيٺ ڪري ٻري پئي. افغانستان جا وڏا سردار هڪ پاسي ٿي ويهي رهيا. سندن اکيون ڳاڙهيون ۽ تلوارون تيز هيون. نئين حڪمران جي اچڻ سان اتان جي عورتن کي هڪ آزاد ماحول ملي ويو هو جيڪي انگريز عملدارن سان هٿ هٿ ۾ ڏئي گهمي رهيون هيون. اهڙين سڀني ڳالهين گڏجي هڪ جهاد جو روپ اختيار ڪري ورتو. جنهن جي اڳواڻي افغانستان جا عالم ڪري رهيا هئا پر هن ساريءَ ڳالهہ ۾ ڳجهو هٿ اڳوڻي افغان حڪمران جو هو جنهن شاهہ شجاع هٿان هار کاڌي هئي. ليڪن پردي پٺيان روس هو. ان بغاوت کي نالو جهاد جو ڏنو ويو جنهن ۾ رڳو قرلٽ تي ۽ ذاتي پاند پلاند ڇڪايا ويا پوءِ جيڪو ٽيٽو هو سو ٽي چڪو.

افغانستان ۾ شاهہ شجاع جي حڪومت جي قيام کان پوءِ جڻ اتي انگريزن جي حڪمراني شروع ٿي ويئي هئي. مجرم افغانن لاءِ اسان جون سزائون هنن لاءِ قابل نفرت هيون ۽ نيم وحشي ۽جهنگلي ماڻهوءَ لاءِ عياشيءَ کان گهٽ ڪونہ هيون. هي هتڙي هٽڻ جا ڏاڍا چالاڪ هوندا آهن ۽ چوري جي سزا لاءِ ڪين ساڄي هٿ جي وڍجڻ جو انتظار هوندو آهي. اسان وري هنن کي قيد خانن اندر کائڻ پيئڻ، تماڪ ڇڪڻ ۽ اسان انگريزن ڪڇين گارين جي موڪل ڏئي ڇڏي هئي، ڪين پنهنجي عورت دوست سان ملڻ جي بہ کلي اجازت هئي، هنن کي ڦاهيءَ جي سزا ملڻ يا عضوي ڪپڻ جو ڪو پولو ڪونہ هو. ڪين اها بہ پڪ هئي تہ سندس دوست عورت جو مڙس جيڪڏهن قتل ڪندو تہ ان کي ڦاهيءَ جي سزا ملي ويندي. هنن کي اهو بہ يقين هو تہ جيڪڏهن مذهب خلاف ڳالهائيندا تہ هنن کي ماڻهن جي پرئي ميڙ ۾ پٿر هڻي ماريو ويندو پر هاڻي هنن کي ڪجهہ بہ نہ ٿيڻ جو وسواهہ آهي ۽ اسان ڪافرن جي حڪمرانيءَ جي دور ۾ ڪهڙي بہ وڏي جرم جي بدلي ۾ ڪين ڦاسيءَ جي سزا ڪانہ ملندي. اڳي هو قتل ڪندو هو تہ آڻي ڪيس قيدخاني ۾

واڙيو هو. بعد ۾ قاضي مفتي مڙي اچي سندس سزا جو اعلان ڪندا هئا. پنين ۾ رسا ٻڌي ڪيس اونڌو لڙڪايو ويندو هو ۽ تيز خنجر سان جلاد سندس ائين ٻه اڌ ڪندو هو جيئن ماهر ڪاسائي تکي ڪات سان ڪنل رڍ کي ٻن حصن ۾ ورهائيندو آهي. ڪڏهن ته مجرم جي جيئري ئي کل لاٽي ويندي هئي. پتو نه آهي ته اهڙي قهر ۾ ڪيس واري ڳالهه ڪنهن ايجاد ڪئي هئي. (12) جڏهن هڪ مجرم کي ٻڌايو ويندو آهي ته ڪيس فقط هڪ ڪلاڪ لاءِ ڦاهيءَ جي رسي ۾ لڙڪيل رکيو ويندو پوءِ جلد ئي وارثن حوالي ڪيو ويندو ۽ ڪانون کي تنهنجي ماس پٽي کائڻ جيتري مهلت ڪانه ملندي ته ڏاڍو خوش ٿيندو آهي. ڪڏهن وري مجرم کي لنيون هٽي هوريان هوريان ماريو ويندو آهي ته جيئن هو عذاب جي مزي کان لطف اندوز ٿيندو رهي. پڇاڙي ۾ سندس شڪل سڃاڻپ کان ٻاهر هوندي آهي، سندس جسم جا سارا هڏا ڪتجي ڪُرچيل ٿي ويندا آهن ۽ گوشت به ڪُتجي مَتجي قيمون ٿي ويندو آهي، ڇا قرآني آيتن ۾ اهڙي سزا جو حڪم آهي؟ پر جيڪڏهن اهڙي ساڳي سزا غير مسلمان حڪمران هٿان ڪنهن مسلمان کي ملندي ته اهڙي ماڻهوءَ کي شهيد تصور ڪيو ويندو آهي. پر جيڪڏهن مسلمان حڪمران هٿان ڪنهن مسلمان کي ساڳي سزا ملندي آهي ته ڪنهن کي به ٻڙڪ ٻاهر ڪڍڻ جي سگهه ڪانه هوندي آهي، هو به خير سان شهيد ٿي ويو ۽ بهشت ۾ حورن جي هنج ۾ هوندو. وچ ايشيا جا مسلمان حڪمران اتان جي مسلمانن کي عجيب غريب قسم جون وحشتناڪ سزائون ڏئي ضابطي هيٺ آڻيندا آهن. هلندڙ صدي جي ابتدائي حصي ۾ مصر جي مسلمان حڪمران محمد علي، وهابي تحريڪ جي جهادين کي عبرتناڪ سخت سزا ڏني هئي، جيڪي پاڻ نه رڳو مسلمان هئا پر اسلامي اصولن جي سختيءَ سان پابندي پڻ ڪندا هئا. ان کان پوءِ هو حجاز جو به حڪمران ٿي ويو هو. هن حڪمران بسيل Bissel جي فتح کان پوءِ پورن ٽن سون پاڪباز مسلمانن کي ڇيلن ٻڪرين جيان ڪهرائي ٽڪر ٽڪر ڪيو جن مرڻ جي خوف کان سندس اطاعت به قبول ڪئي هئي. هو اهڙن ماڻهن لاءِ عام قسم جي موت جي سزا جو قائل ڪونه هو. اهڙي ريت هن ڪيترن ماڻهن کي تکي ڪات سان وڍائي انچ انچ جيترا ٽڪرا ڪرايا. جلاد ڪٽجڻ جي ابتدا اول اول هٿن کان شروع ڪئي. جڏهن ٻانهون ۽ ڏوئنرا وڍجي پورا ٿيا ته اهو ڪم نئين سر پيرن کان شروع ڪيو ويو هو ۽ سڀي ڏڙ کان ڌار بعد ۾ ڪئي ويندي هئي. ٻئي گروهه کي ڦاسيءَ تي لڙڪايو ويو هو. ٽئين گروهه کي توپن

جي نالين ۾ وجهي گولن سان اڏايو ويو هو. اهڙي ريت انهن وهابين جا هڏا ۽ گوشت ذرڙا ذرڙا ٿي اڏامي الائي ڪٿي ڪٿي وڃي ڪريا هئا. ان ڪري هنن ويچارن جي ڪفن جو ڪنهن تي بار پيو نـ وري هنن لاءِ قبر کوٽڻ جي تڪليف ڪئي پر دنيا ۾ اهڙو مثال ڪونـ آهي جو ڪنهن عيسائي حڪمران ڪنهن مسلمان کي اهڙي وحشتناڪ سزا ڏني هجي.

هن جلاد صفت حڪمران کان پوءِ ابراهيم پاشا سندس جانشين ٿيو. هن اهڙي سروپا 1883ع ۾ پاتي هئي. جلد ئي پوءِ هن ٻاڙهي سمنڊ جي سيني بندرن تي ضابطو ڪري ورتو هو. ان سان گڏ هن حج تي ويندڙ قافلن جي اڳواٽي ڪري ٻي جي ڪيل گناهن جي معافي لاءِ جڻ خدا تعاليٰ کي درخواست ڏني هئي پر مصري حڪمرانن لاءِ نئين فتح ڪيل علائقي تي ضابطو رکڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو. ڇاڪاڻ تـ اهي ماڻهو مصرين کان نفرت ڪندا هئا. جيڪي عجيب غريب قسم جي ٻولي ڳالهائيندا هئا ۽ ڏاڙهيون ڪوڙائيندا هئا.

ان کان پوءِ قتل جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ٿيو. اهڙي ريت ڏهاڙي بي حساب مسلمانن جا لاش ڪانون ۽ ڪتن جو کاڄ ٿيندا رهندا هئا. ساڳيون قهري ڪارروايون ڏورانهن علائقن ۾ تيڻ لڳيون هيون. ان کانپوءِ هن مسلمان حڪمران کي خوف وهائي ويو تـ هن انساني ڪوس جو پڙاڏو ڏاڍو خوفناڪ هوندو ۽ سارو مانداڻ ڊهي اچي پٽ پوندو.

هن قسم جي ڪيس ۾ قهر وقت هي حڪمران جي زندگيءَ جو پويون پهر هو ۽ موت جي اوسيئڙي ۾ قبر ۾ جنگهون لڙڪايون وينو هو. ان سمي هن بدوي جلاد کي سڏائي چيو تـ مون کي قتل ڪر ۽ لاش پنهنجي وارثن حوالي ڪري ڇڏ. انهيءَ مقصد سان تـ جيئن مون کي هن ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي شهيد جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ۽ هڪ صوفي سنت تسليم ڪيو وڃي ۽ جنت الفردوس ۾ جاءِ ملي وڃي." هي انهيءَ زماني ۾ قاسي بـ گهٽ ماڻهن کي ڏيندو هو ۽ ان کان پوءِ هن شديد قسم جي سزائن ڏيڻ جو سوچيو هو ۽ دل ۾ چيو هئائين تـ ڏسان تـ انهيءَ جو نتيجو ڇا ٿو نڪري.

هن پنهنجيءَ هن ڪوشش ۾ وڏي سوڀ حاصل ڪئي هئي. هن ڏنو هو تـ خود ابراهيم جو روح بـ ڦاهيءَ جو ڦندو ڏسي ڏڪي ويو هو. هن بدوي جلاد کي بـ هڪ ڏينهن موت اچڻو هو پر ڪيس نتيجن جي ڪا خبر ڪانـ هئي. هن پنهنجي اکين سان ڏٺو هو تـ هر ڏوهيءَ جو لاش بکين جهنگلي ڪتن لاءِ اڇليو ويندو هو. جيڪي ساڳئي وقت ڳجهن جو کاڄ بـ ٿيندا هئا. اهڙن

ماڻهن لاءِ مغفرت جي دعا گهرڻ واسطي ڪنهن کي جرئت ئي ڪانہ ٿيندي هئي. اهڙن ماڻهن کي قبر ۾ دفن ڪرڻ جي بہ منع هئي. ڪيس اها خبر ڪانہ هئي تہ ٻئي جهان ۾ ڇا ٿيندو؟ ان ڪان پوءِ هي سمجهي ويو هو تہ ڪنهن حڪمران جي نہ پر ڦاهيءَ جي فتح هوندي آهي.

مسٽر جان بل! مون کي پورو ويساهہ آهي تہ فوجي ڪمانڊر کي افغانستان، ايران ۽ ترڪمان کي فتح ڪرڻ جي طاقت آهي، جيڪو ڪين آڻ مڃائي سگهي ٿو ۽ ڪنهن جي چواڻيءَ موجب اهي خونخوار چيتي مان ٻڪري ٻڌجي سگهن ٿا. اهڙيءَ ريت مان سمجهان ٿو تہ هڪ ڳوٺ باغين کي ڍل محصول ادا ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهي ٿو. اهو ڏسي ڳوٺ جو چڱو مڙس هڪ قاصد هٿان پيغام موڪليندو تہ اي فرنگي جا پٽ! توتي واجب ڍل محصول هن نياپي آڻيندڙ ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏ قاصد بہ منهن سڃائي اچي ڳوناڻي وٽ پهچندو ۽ ڪيس رعب تاب سان ڍل جي ادائگي لاءِ چوندو. ڳوناڻو ڪيس ڏسي متس جُلهہ جي تياري ڪندو پر پوءِ ڏند هيٺان ڪاني ڏئي زهر پي ويندو. تون اهڙو اوڳر ڪنهن کي ڪونہ ٿو ڏين ۽ چوڏاري وايو منڊل کي تاري ٻڙڪ بہ باهر ڪونہ ٿو ڪڍين. اهڙيون ڳالهيون ڏسي تولاءِ چوي ٿو تہ هن مان ڪو ٻوٿو ڪونہ ٻرندو. هو ٻجھو ۽ گيدي آهي پر هڪ رات جڏهن چنڊ چانجوسجي رهيو آهي. تو ساڻ هڪ سو ڪن گهوڙيسوار گڏ آهن جيڪي گهوڙن کي واڇ مينهن ڪرائيندا شيخ محمد نالي هڪ ڳوٺ کي ڪڙو چاڙهي ٿا وڃن، تون خاص لنگهہ وٽ ڪجهہ سوار بيهاري آيو آهين تہ متان ڪو ڳوناڻو ڪڙي مان نڪري ڪيڏانهن ڀڄي نہ وڃي. پوءِ ڳوٺ جي مختلف پاسن کان جهوپڙين ۾ باهہ ڏياري ڇڏي آهي. بيوس انسانن، ٻارن، ٻڍن ۽ عورتن جون زاريون اُپ ڏاري رهيون آهن پر پنهنجو پنجهر بہ ڪونہ ٻري. مرد اهڙو محشر ۾ مانداڻ ڏسي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر گهڙي کن کانپوءِ سندن تازن لاشن مان رت ريلا ڪري وهي رهيو آهي. عورتون ڪاوڙيون بيٺيون آهن، جيڪر وس پڄين تہ تنهنجون اکيون سرمي سراين سان ڪڍي رکن. تون ننڍڙن ٻارن کي پنهنجي گهوڙيسوارن کي بخشش ڪري ٿو ڇڏين. ان کان پوءِ تو ڳوٺ ڀرائي پٽ ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي گهوڙي تي سوار تي ڊاهي پٽ ڪيل ڳوٺ مٿان گهمنڊ سان گهمي رهيو آهين ۽ وڏي آواز سان چئي رهيو آهين تہ مان يوسف جي اولاد جو جڙ ٻڃو رلائي ڇڏيو ۽ سندس اولاد جي ڳوٺ تي سانهر گهمائي ڇڏيو. پوءِ تون اهڙي بهادرانہ ڪارروائي جي ياد ۾ مري ويل ماڻهن جي سِرن

ڪي چونڊي انهن جو مينار تعمير ڪندين (13) جنهن جي پٺرن جي هڪ بار ڪان پوءِ مقتولن جي سِرن جو بار هوندو. ان ڪان پوءِ بئي بار ۾ قيد ڪيل ماڻهن جا جسم بہ ان ۾ لنبيا ويندا. پوءِ تون شيخ جي مزار وٽ ويهي ان کي چٽجانءِ اي شيخ سڳورا. هاڻي مان تنهنجي عقيدتمندن کان نهايت اهم حيثيت جو مالڪ آهيان. توسان گڏ آيل گهوڙيسوار بہ تنهنجي سر جو قسم کڻي چوندا تہ هاڻي رعيتي ماڻهو تنهنجي هر حڪم جي فرمانبرداري ڪندا ۽ توکي هڪ جهونجهار (هيرو) تسليم ڪندا ۽ چوندا تہ تون بيشڪ مرد آهين. اهڙيءَ ريت هو هڪ ٻئي کي چوندا تہ ڇا هن هڪ ئي رات اندر هڪ سو ماڻهن کي نہ ڪُنو هو ۽ هن سندن پيئرن کي چوٽي ۾ وجهي نہ مارايو هو ڇا؟ (14) سائين جان بل! اوهان کي اهڙن عيسائي سردارن جا نالا ياد آهن، جن پنهنجي عزت ۽ شان وڌائڻ لاءِ انساني سرن جا مينار جوڙايا هجن يا انهيءَ جي حڪمرانن جا هڏاون ڍانچا قبر مان ڪيرائي نذر آتش ڪري ”استخوان سوز“ جا لقب حاصل ڪيا هجن. ڪڏهن توکي پنهنجن کي مارڻ جي فضيلت حاصل آهي.

ڪڏهن تو پنهنجن جي لاشن کي بکين ڪتن، ڳجهن ۽ ڪافر چراخن حوالي ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي؟ تو عيسائي ڪافر جا اهڙا بلند ۽ بالا بخت ڪٿي آهن. جڏهن تون ظلم، ڏاڍ ۽ ڏمر کان نفرت ڪندو آهين تہ تنهنجو خيال ان جي برخلاف چڱاين ۽ نيڪين جي انتهاين ڏانهن هوندو آهي، بيوقوفيءَ واري رحمدلي دانشمندي واري ڏاڍ کان وڌيڪ خراب هوندي آهي. سياڻو صحافي تنهنجي سوچ کان غافل ڪونہ هوندو آهي، کيس اها خبر هوندي آهي تہ تو اڳئين محاذ تي ڪيترو ڪِيس ۽ قهر ڪيو هو. اهي هنن ڳالهين کان پوريءَ ريت باخبر هوندا آهن. جڏهن جنگ شدت اختيار ڪري وننڊي آهي تہ هڪ فوجي سپاهي بہ جذباتي طور گهڻو اڳتي نڪري ويندو آهي. توهان اهڙيون ڳالهيون پڙهيون هونديون. اهڙيون ڳالهيون ان وقت تائين بار بار ٻڌيون وينديون آهن ۽ بار بار پڙهيون وينديون آهن، جيستائين ڪو ڪمزور فوجي جنرل عام راءِ تي توجهہ نہ ٿو ڏئي، جنهن کي عام طور پريس جو طوفان سڏي سگهجي ٿو يا جيستائين بي خبر عوام جو ڪنهن واقعي بابت اعتماد جُڙي ۽ جنرل جي اهڙي پڏي ڪم کي نندي جيڪو هن پنهنجو منصبي فرض سمجهي سرانجام ڪيو آهي يا اهو ڪم ڪيو آهي جيڪو هڪ جنرل جي حيثيت ۾ کيس ڪرڻ گهربو هو. اهڙا واقعا گهڻا ٿي گذريا آهن ۽ ايشيائي ماڻهن امڪانن کي ڏسي

منصبي فرض ادا ڪيو آهي. هڪ جاگيردار پنهنجي منفي چال چلت جي ضمانت لاءِ پنهنجا پٽ راجا وٽ رکندو آهي. اهو جاگيردار تي مدار رکندو آهي تہ پٽن جي سلامتيءَ خاطر راجا جو هر حڪم اکين تي رکي سرانجام ڏئي پر هتان جا سردار روم جي سردارن جيان صاحبِ ڪردار ڪونہ هوندا آهن جو پنهنجي پٽن کي قربان ڪري پنهنجي ڌرتي ۽ عوام جي بهتريءَ لاءِ سڀ ڪجهہ ڪري چڪا هوندا آهن. اسان انگريز جڏهن پنهنجا پٽ ڪنهن بادشاهہ جي دربار ۾ ضمانت طور موڪليندا آهيون تہ اسان جون دليون ڏکاريون ڪونہ هونديون آهن. اسان کي اها پڪ هوندي آهي تہ اسان جي پٽن کي سنو ڪارايو پياريو ويندو. سندس سهڻي نموني سار سنڀال ٿيندي رهندي. هڪ بهتر فوجي سپاهي ٿيڻ لاءِ کين پڙهايو ۽ سيکاريو ويندو پر فوجي سردار کي جڏهن بہ موقعو ملندو آهي تہ پنهنجو لشڪر وٺي اچي بادشاهہ جي سامهون ٿيندو آهي.

سائين جان بل! مان اوهان کي گذارش ٿو ڪريان تہ ڪڏهن مقتولن جي سرن جا مينار نہ تعمير ڪرائجو نہ وري ضمانت طور رکيل منهنجي پٽن کي ڦاهيءَ تي لٽڪائجو. ٻي ڳالهہ تہ جڏهن مان اوهان کي ڪا گذارش ڪريان اها قبول ضرور ڪجو ۽ ٿوري گهڻي رعايت ضرور ڪجو. مثال طور تہ جيستائين اسان نون فتح ٿيل علائقن جي ماڻهن جي قتل عام کان لنوائيندا رهون. تيستائين انهن کي ايتري مناسب سزا ڏني وڃي، جنهن جا هو حقدار آهن. تون اهڙن ماڻهن کي جنگي قيدي بنائيندين پر مان سڄن ۽ ڪنگال ماڻهن کي لڪڻ سان ڪٽائيندس. پر دولتمند ماڻهن مٿان ڏنڊ رکندس ۽ رقم وصول ڪندس. هتي دشمن ڌر جي مسلمانن کي ڦاهيون ڏئي انهن جي لاشن کي ساڙي رک ڪرڻ جو رواج آهي، تنهن ڪري مان بہ ائين ڪندس. اول لاشن جي ساڙڻ جو بندوبست ڪري پوءِ مسلمان دشمنن کي ڦاهيون ڏيندس. اهڙي ريت مون کي رڳو ڦاهيون ڏيڻ مان ڪهڙو لطف ايندو. جيتري قدر پنهنجي دربار ۾ ضمانت طور ڪنهن جي پٽن کي رکڻ جو سوال آهي تہ مان ان وقت گونگيءَ وضاحت جو مظاهرو ڪندس. جنهن جو مطلب ڪجهہ بہ ڪونہ ۽ سڀ ڪجهہ بہ هوندو. يعني مان ان سوال تي اهڙو عمل ڪندس، جهڙو رنگ منهنجي اکين کي نظر ايندو. جيتري قدر فوجين کي سزائن ڏيڻ جو تعلق آهي تہ انهن کي توب جي ناليءَ ۾ وجهي گولي سان اڏائڻ جو حڪم ڏيندس. ڇاڪاڻ تہ اهو هڪ فوجي لاءِ ڦاهي ڏيڻ کان

وڏيڪ عزت ۽ فضيلت وارو آهي. ان کي ننڍڙيءَ گوليءَ سان مارڻ سندس وقار کان گهٽ حيثيت رکي ٿو.

سائين جان بل! هاڻي اڄ ته تنبوءَ ڏانهن موٽي هلون ۽ خوبصورت يادگيرين جي نشي کان لطف اندوز ٿيون. مون کي ماضيءَ جون تلخيون، تقريرون ۽ آديش جا ٻول ياد آهن.

توکي خبر آهي ته اهو تنبو ڪٿي نصب ڪيل آهي، هي ٻاهر ڏس جيڪو ڏاڍو سائو ۽ چمڪدار آهي، هتي ٻيڻل ٻوٽا پرپاسي وارن ٻوٽن کان ڪجهه ڊگهيرا آهن. هُو ڏس سو کن ماڻهن پنهنجي جهونڙن مائٽن سان پنهنجي ڪم ۾ رڌل آهن. پر هنن کي اهڙيون ڳالهيون نه ٻڌائجان جو هو جنن ڀوتن جي هجڻ جو گمان نه ڪن. مان انهن مان هڪ کي ڏسي ۽ سندس آواز به ٻڌي رهيو آهيان. اهي ته جڻ جامڙا لڳي رهيا آهن. جيڪي شايد ساري رات تائين هتي موجود رهندا.

گدڙ اوناءِ ڪري توهان کان ڇرڪ ڪڍي ڇڏيو آهي. اهڙي ڀوائتي آواز کان ته اوهان پورو مهينو ڀڄندا رهيا آهيو. توهان جي اَڳِ گدڙن جي اوناءِ کان گهڻو ڊڄندي آهي پر شينهن جي شڪار جي شوقين رهي آهي. توهان ٻڌو ته هتان جي گدڙن جي اوناءِ ڏاڍي سريلي ٿيندي آهي. محسوس ائين ٿيندو آهي جڻ ڪو انگريز جوان پنهنجي محبوبه جي دريءَ جي سامهون بيهي ڳائي رهيو آهي.

چنڊ به ڏسو ڏاڍي شاندار طريقي سان چمڪي رهيو آهي. هوا جي به ٿڌڙي هير لڳي رهي آهي جو بيني ننڊ کنيو پئي وڃي. وايو منڊل ايڏو سهڻو آهي جو ڪئمس آرس Camis Aureus ڏسي ته موج ۾ اچي وڃي جيڪڏهن اوهان تنبوءَ جي در کان ٻاهر ليٽو پائي ڏسندا ته گند غلاظت کائڻ وارا جانور هيڏي هوڏي ڦرندا گهرندا ڏسڻ ۾ ايندا. ٿورو وقت بيهي هيڏي هوڏي واجهائيندا ته چوندا ته مڙئي خير آهي ۽ هيٺ نوس نوس ڪري ڊوڙون پائن ٿا ۽ پاڻ ۾ ائين ڪيڏن ٿا جڻ ٻليءَ جا پونگڙا هڪ ٻئي سان ڪيڏندا آهن. هڪ چاهِنن رنگ جي جانور اچي اسان جي تنبوءَ کي پاسو ڏنو آهي. شايد هو اسان جي سلامي پرڻ لاءِ آيو آهي. سندن آواز ائين جڻ ڪو ماڻهو سڪرات جا گهوگهرا هڻي رهيو آهي. ڪي وري وڏو آواز ڪري رهيا آهن جڻ ڪنهن ڏک جو ماتم ڪندا هجن. اهي جڻ سندن نفرت جوڳا ٽهڪ آهن. اهي جانور جڻ اوجاڳيل ۽ ڪاوڙيل مسافرن کي ڏسي پنهنجي جذبن جو اظهار ڪري رهيا آهن.

مون کي ياد پوي ٿو تہ فرينچ ٻولي ۾ بہ هڪ ٻ بن... وارن لفظن جو هڪ سلسلو آهي جيڪي پاڻ ۾ گڏجي بلڪل ٻي ٻوليءَ جو آواز ڏيندا آهن. جهڙوڪ:

واهہ۔واهہ۔ واهہ.

مون کي مثل هندوءَ جي باس اچي رهي آهي

ڪتي۔ ڪتي ڪتي....ي

هتي۔ هتي هتي... ي

سائين جان بل! اوهان پهرين ۽ ٻي سٽ تمام تڪڙ سان چئي ڏسو تہ ڪتي Where ۽ هتي Here جي ايارن ۾ هہ (h) جو آواز ائين محسوس ڪندا جڻ آئرلئنڊ جو ماڻهو اوهان کي لڪڻ اولارڻ وقت اچاريندو آهي، ان وقت هو وچ واري "حرفِ عِلت" وٽ ٿورو ساهہ کڻندو آهي. ٿوريءَ مشق ڪرڻ ڪانپوءِ اوهان ڏاڍي سولائيءَ سان گدڙ جهڙي سريلي اوناءِ ڪري سگهو ٿا. يعني مسٽر بُل! پنهنجي ننڍڙن گابڙن ٿوپڙن جي آڏو اوهان جڏهن گدڙ جي منڙي سُر واري اوناءِ تي مهارت حاصل ڪري ورتي تہ اوهان ان مان ڏاڍو لطف اندروز ٿي سگهندا. ان وقت اوهان کي هي ڪليل پَٽُ، چنڊ جي ڪير جهڙي چانڊوڪي ۽ ٿڌڙي نيڻ نار هير توهان کي ڏاڍو ياد ايندي.

باب ويهون

# قليلي ڏئي هيٺ روانو ٿي سُڏيرڻ جي ماڳ وٽ پهچڻ ۽ ويهڻ ماءُ

اسان کي صبح جو سويل سفر جي ابتدا ڪرڻ گهرجي. سورنهن ميل سفر ڪرڻ کانپوءِ نيرن ڪنداسون. ان کان وڏيڪ چوڏهن پنڌ هٽي سڏيرڻ جي نالي هڪ ماڳ وٽ پهچنداسون. ڏيهرو اتي ڪنداسون ۽ آرام به ڪنداسون. اسان سفر قليلي وهڪري جي ڪنار سان ڪنداسون. مان اوهان جو هن درياهه ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ چاهيان ٿو، ڇاڪاڻ ته ڪيترين ڳالهين ڪري هي وهڪرو ڏاڍو اهم آهي. هنن مان هڪ نئين ۽ ٻي پراڻي قليلي آهي. اهي ٻئي وهڪرا انڙپور ۾ مياٽي جي وچ تان سنڌوءَ منجهان ڪاٻي ڪناري مٿان ڦٽي نڪرندا هئا. پراڻي قليلي هاڻي سڪي وئي آهي، جيڪا نئين قليليءَ کان ٿورو اتر مڪيه وهڪري مان نڪرندي هئي. سندس ڊيگهه چاليهه ميل ۽ ويڪر 35 فوٽ هئي. ڪٿي ويڪر ۾ ٻيٽي به ٿي ويندي هئي ۽ ڪٿي گهٽجي وڃي اڌ ٿي بيهندي هئي، ڪڏهن ته سندس ويڪر هڪ ميل ٿي ويندي هئي. منجهس ور وڪڙ به تمام گهڻا هئا. ڪٿي اهي تمام سوڙها وڪڙ ڏسجن ٿا. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته اهو وهڪرو رڪجي رڪجي هلندو هو پر پوءِ سنڌوءَ جو ذري گهٽ اڌ پاڻي کڻي ايندو هو جيڪڏهن ڪي اڳواٽ قدم کڻبا ته هي هڪ وڏو درياهه بڻجي سگهي ٿو. هن جي ٻنهي پاسن کان ڪپر وڏا ۽ ايڪپرا آهن. ترو ڪڙيي وانگر پڪو آهي، جتي هي وهڪرو ميل کن ويڪرو ٿي ويندو آهي ته اتي ننڍا ننڍا ٻيٽ به نظر ايندا آهن. انهن جو لٽ تيز هوا ڪري هيڏانهن هوڏانهن اڏامندو رهندو آهي. پاسن سان ڪٿي ميل کن موڪريون تازي پاڻيءَ جون خوبصورت ڍنڍون به هيون. خريف ۽ ربيع جي پوکي راهيءَ لاءِ تمام گهڻو

پاڻي هوندو هو. هي ڊنڊ پوکيءَ راهي جي مقصد سان ڪانه بنائي وئي پر قدرتي هئي جنهن وسيلي آبپاشي جو مقصد حاصل ٿي ويندو هو.

سنڌ ۾ بہ هند وانگر پوکيءَ جون ٻہ موسمون آهن جن مان هِڪ ربيع آهي جيڪا سياري ۾ پوکبي آهي ۽ چيٽ ۾ لٽبي آهي، هن موسم ۾ ڪڻڪ، جَوَ تيلي ٻج، چڻا، مٽر، ڪمند، تماڪ ۽ سايون ڀاجيون پوکيون وڃن ٿيون. خريف وارو فصل چيٽ ۾ پوکبو آهي ۽ سياري ۾ لهندو آهي، جنهن ۾ وَوڻ، جوئر، ٻاجهري، نير سائون، مختلف گاهہ، زعفران، مجٿ، سؤنف، وڏف، مصالحہ، ڦودنو اڇو جيرو، ڌاڻا، ڳاڙها مرچ، ڏوڏي ٻنگ، سفا، بصر، پالڪ، ثوم، گجرون، موريون، گوگڙون، هرٻو (ميٿي)، واڱڻ، ڦُڪو وغيره. هنن مان هي فصل آهن جيڪي جون ۾ پوکبا آهن ۽ فيبروري ۾ لهندا آهن. وري آڌاون فصل بہ هوندا آهن، جيڪي اپريل ۾ پوکبا آهن ۽ آگسٽ ۾ لهندا آهن جن ۾ جوئر، شامل آهي، مگ ۽ موٺ بہ آڌاون فصلن ۾ شمار ٿيندا آهن. بين مسلمان ملڪن ۾ ربيع جو فصل آڪٽوبر کان شروع ٿيندو آهي ۽ اپريل ۾ پچي تيار ٿيندو آهي. جڏهن تہ خريف جو اپريل ۾ شروع ٿيندو آهي ۽ فيبروري تائين لهي ختم ٿي ويندو آهي، اهي موسمون شمسي ڏينهن مطابق هونديون آهن، ڇاڪاڻ تہ قمري سال ڦرندو گهرندو رهندو آهي.

هتي درياهي پاڻي زمين جي مٿاڇري کان هيٺ هوندو آهي ۽ پوکي راهي ڪرڻ جي مقصد سان نار چاڙهيا ويندا آهن. اهڙيءَ ريت ڪن جڳهن تي بہ ڪٿي ٿي ڪٿي وري چار نار گڏ وهندي ڏٺا ويا آهن.

هيءَ علائقو جڻ قديم مصر پيو معلوم ٿيندو آهي. هاڻي سرد ۽ خشڪ موسم آهي پر سنڌوءَ جي ڪناري سان ساري جوءِ پوکي راهيءَ ڪري سائي ڏسبي آهي، باقي بيون زمينون دکن جي علائقي وانگي غير آباد پيون هونديون آهن. پلين ٻنين تي شڪار گاهہ قائم ڪيا ويا آهن. وڏن ٻيلن ڪري چوڏاري ساوڪ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ڪٿي ڪٿي جهوپڙين، منهي ۽ لانڍين جي شڪل ۾ ماڻهن جا گهر بہ نظر ايندا آهن. اهڙا گهر اسان ڪراچي کان ڪوٽڙيءَ تائين فوجي پيش قدمي دوران بہ ڏٺا هئا.

مئي مهيني جي وچ تائين چاڙهہ وارو پاڻي سنڌوءَ جي پاڇاڙ تائين پهچي ويندو آهي. درياهہ جو هي پهريون لڙهو هارين کي خبردار ٿيڻ لاءِ هڪ چتاءُ هوندو آهي. هفتي کن اندر درياهہ جو پيٽ ڇائني پاڻي مٿي چڙهڻ شروع ڪندو آهي. انهيءَ وقت درياهہ جي ٻنهي پرين سان هارين جي هلچل مچي ويندي آهي. يورپ ۾ هن کي پهرين درجي واري چاڙهہ First rank جي

نالي سان سڌيو ويندو آهي. ماٺهو هڪ گهڙي بہ ويهي ڪونہ وڃائيندا آهن. واڍا ساري ٻاٽڙ جي مرمت ڪري ٺيڪ ڪري ڇڏيندا آهن. ٻڻ ٽوٽين تي ڪانجڻ ٻيهاري ويندي آهي، جنهن جي وچ تي چَڪَر جي مُني ڦرڻ لاءِ ڪاٺ جو مڪڙو نوڪيو ويندو آهي. گاڏي ڏاندن جي مدد سان جڪڙ ڪي ساڄي ڪان ڪاٻي ڦيرائيندي آهي. چڪر ارن جي مدد سان چڪري کي ڦيرائيندو آهي، جنهن کي وري ڏندا هوندا آهن. هي چڪري پنج ست فوٽ ڊگهي ۽ مضبوط لٺ سان ڍينگي کي ڦيرو ڏيندي آهي ڍينگهي وارو لٺ جو پاسو گهڻو ٿلهو هوندو آهي، جنهن جي چوٽي جهلڻ ۾ نڪتل ڪانچي ۾ ڦرندي رهندي آهي. لٺ جي ٿلهي مُنڪي واري جڳهہ تي اويارن، ڦرهن ۽ ونگين جي مدد سان ڍينگو جوڙي راس ڪيو ويندو آهي، جنهن تي رڪيل مالهہ ڦرندي آهي، جنهن ۾ لوٽا يا ڪِنگر تول هوندا آهن. هي هڪ ڪاٺ جي مشين آهي، جيڪا ڏاندن جي مدد سان ڪم ڪندي آهي ۽ پاڻيءَ هيٺان ڇڪي مٿي آڻيندي آهي. ڍينگي هيٺيان پاڙڇ ۽ ان جي هيٺان نيسر لڳل هوندي آهي. لوٽا مالهہ وسيلي هيٺان کوٽيل کوهاڙي مان ڀرجي پاڙڇ وٽ پهچي پاڻ ئي خالي ٿي ويندا آهن. پاڙڇ وارو پاڻي نيسر ۾ پوندو آهي جيڪو وهي وڃي اڏ ۾ پوندو آهي. درياهہ جو پاڻي ٻُهيءَ وسيلي کوهاڙي ۾ آندو وڃي ٿو اهڙيءَ ريت ڍينگهي کي ٻاٽڙ بہ سڌيو ويندو آهي.

پاڻيءَ جي وڏي چاڙهہ اچڻ تائين فصل تار ٿي ويندا آهن. ٻنيون ڀليون آهن، تنهنڪري فصل اسرندي دير ڪونہ ڪندو آهي. چوڌاري زمرد جهڙيون ساون پوکون نظر اينديون آهن. درياهہ جي ڪنار سان باغن جي بہ ٻهاري لڳل هوندي آهي. هوا تي مختلف ميوا لامن ۾ ائين پيا لڏندا آهن جڻ پينگهہ تي ٻار لڏي رهيا هجن. پوکن جي ساوڪ سان باغن جي سونهن بہ گڏجي ويندي آهي. تو واڱڻائي رنگ جا انجير ڏنا هوندا. پر هتي سنڌ ۾ سائي رنگ جا ٿيندا آهن. هتي گدامڙي جهنگ جهر ۾ ٿيندي آهي. پر ڪٿي باغن جيان پوکي بہ ويندي آهي. توکي گدامڙي جا ساوا ڇَهڇُ وڻ ڏسي تعجب ٿيندو تہ اهي ايترا ساوا ڪيئن ٿيا آهن. توتن جا وڻ واهن جي ڪناري سان موجود آهن. انهن جاين تي ڏسبا آهن، جتي پاڻي ويجهو هوندو آهي، هتي ڦارها بہ گهڻا ٿيندا آهن، جيڪي ڪائڻ وٽان هوندا آهن. سنڌ ۾ ڪيلو بہ گهڻو ٿيندو آهي پر هندستان جي ڪيلي جهڙو منو ڪونہ هوندو آهي پر پوءِ بہ ان جو ساءُ سنو آهي ۽ سني خوراڪ آهي، صوف بہ ٿيندو آهي، جنهن جو ساءُ سواد ايترو سنو ڪونہ هوندو آهي. هي اونهاري جي صوف جي

جنس آهي، اهڙي ساڳي جنس يورپ ۾ بہ گرمين جي رُت ۾ ٿيندي آهي. باغن ۾ انگور يا ڊاک بہ ٿيندي آهي پر اتر جي جابلو ملڪن ۾ ٿيندڙ انگور جي ذائقي کان گهٽ ٿيندا آهن. هتي ڪٿا ۽ مٺا ليمان بہ موجود آهن پر نارنگيون ڪونہ آهن. سيتا ڦل بہ ٿئي ٿو چڪو بہ ٿيندا آهن. اهڙي طرح زيتون ۽ جمون ٿين ٿا. باغن ۾ ووڊ ائپل Wood Apple ۽ روز ائپل Rose Apple جو ڦل بہ نظر ايندو آهي، جيڪو پوئين دور ۾ سنڌ پهتو آهي. اهڙيون شيون ٽالپرن جي باغن ۾ ڏسبيون آهن ۽ حيدرآباد جي اوسي پاسي ٿينديون آهن. ڏاڙهون جو ڦل بہ ڏسبو آهي، جيڪو ساءُ ۾ سٺو ڪونہ هوندو آهي ۽ ٻئر جهڙو سخت ٿيندو آهي. ٻير تہ گهڻا ٿيندا آهن ليڪن انب تمام پلو ٿئي ٿو جيڪو هتان جي ماڻهن جي ڪاڏي پيتي ۾ شمار ٿئي ٿو.

توڪي چوڏاري نارن جا رينگاٽ ٻڌڻ ۾ ايندا ۽ساين پوکن جا ڏؤنگن جا ڏؤنگ هوندا. امن امان ۽ شانتي هوندي، چوڌس سڪر ۽ سٺائي جون ڳالهيون ٻڌبيون. جيڏانهن ڪيڏانهن ڏنارن جون هونگارون ۽ تنوارون هونديون، جيڪي ڳائو ۽ ماهيو مال چاريندا ۽ ٻڪرين جا ڌڻ ڦهرائيندا رهندا آهن، ٻئي پاسي ڪان هاري پيهن تي چڙهي ڪانياٽي وسيلي ڳوڙها هٽي جهارِ تڙيندا رهندا آهن.

هاڻي اسان موٽي وري بہ نيل Nile يعني سنڌوءَ ڏانهن موٽي اچون ٿا. چاڙهہ جي موسم ۾ هتان واهن ۽ ٻين آبي وهڪرن جي پرپاسي ڏاڍا سهڻا مانداڻ منبجي ويندا آهن. هنن جي ڪنارن واقع ڳوٺ ۽ شهرن ۾ رونقون لڳي وينديون آهن. ٻيرين، ٻبرن ۽ ڪنڊن جي ساون ۽ اوچن وڻن جي وچ تي پيرن فقيرن جا چوني سان لنبيل اڇا ڦبا ڏاڍا خوبصورت لڳندا آهن. هنن واهن جي ڪنارن تي نوجوان ناهوڪا ڪپڙا پايون ڏاڍا هار سينگار ڪيون وينا ڪچهريون ڪندا ۽ پري کان مردن ۽ عورتن کي واهہ ۾ وهجندي ڏسندا آهن. گهاٽن ۽ پتڻن وٽ بہ ماڻهن جا ميڙاڪا لڳل هوندا آهن. گهٽن گهيڙن وٽ شام جو ماهيو مال بہ گذرندو آهي.

ڦليلي وچولي واري سنڌ جو هڪ مکيہ وهڪرو آهي. هتان جا ماڻهو ٻڌائيندا آهن تہ سنڌوءَ جو اولهہ پاسي ڏانهن سرڪي وڃڻ کان اڳ ان درياهہ جو مکيہ وهڪرو هو پر افسوس جي ڳالهہ اها آهي جو سنڌوءَ جي رخ مٽڻ جي تاريخ تي اڃا تائين ڪنهن بہ تحقيق ڪانہ ڪئي آهي.

مان پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت بہ ڪري سگهان ٿو. جيڪڏهن هن علائقي مان ڪو گهرو ۽ ويڪرو درياهہ ڪلاسڪ هئڻ جي دعويٰ ڪري

سگهي ٿو تہ اهو فقط سنڌو آهي. هن درياهہ لاءِ چيو ويندو آهي تہ سنڌ جي مٿاڇري جي هر ٽن چئن ميلن تي هن جو پراڻو پيٽ ڏسبو آهي. اهڙيون ڳالهيون اعتبار جوڳيون بہ آهن.

سائين جان ٻُل! اهو گهاٽو ٻيلو ڏس جنهن جي ڪجهہ حصي کي پٽ ڏنل آهي، ڪجهہ حصن تي ڍينگهرن جو لوڙهو ڏنل آهي. اندر ٻيلي ۾ ٻبرن، ٻيرن باهڻ ۽ لون جا وڏا وڻ ڏسجن ٿا جيڪي ڏاڍا ساوا آهن. هي ٻيلو سنڌوءَ جي ڪناري سان نيڻ نهار تائين يڪو هلندو وڃي ٿو. وڏي چاڙهہ دوران جڏهن سنڌو پريون پائيندو ۽ ڪاٺيندو اڳتي وڌندو آهي تہ انهن ٿلهن وڻن کي بہ پاڻ سان گڏ وهائي ويندو آهي. ڏسو تہ درياهہ جي پيٽ ۾ سڪل ٻانڌ انهيءَ ڳالهہ جي ثابتي آهي جيڪا هڪ پوت وانگي سُتي پئي آهي. شڪار گاهہ فارسي ٻولي جو لفظ آهي. ان جي معنيٰ آهي وندر خاطر جانورن کي مارڻ، سنڌي ٻوليءَ ۾ هن جهنگ کي ٻيلو سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪي خاص ڳالهيون هونديون آهن. هن قسم جي شڪارگاهن سان لاڳاپيل ٻيلا درياهہ واهڙ يا ڪنهن درياهي ڦاٽ جي ڪناري سان واقع هوندا آهن. هنن ٻيلن هيٺ آيل زمين پلي هوندي آهي. پاڻيءَ جي اهڙن وهڪرن مان واهيون، ڪڙيا ۽ ڪَس ڪوٺي ٻيلي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ چاڙهہ وارو پاڻي پهچايو ويندو آهي. اهو چوڻ غلط ڪونہ ٿيندو تہ شڪارگاهن واريون زمينون سنڌ جون پلي ۾ پليون زمينون آهن. ٽالپر جي حساب مطابق شڪار ڪيل هڪ هرڻ کين 80 پائونڊن ۾ پلئہ پوندو آهي. اسان جا انگريز بہ هن قسم جي سندن بيانن کي اجايو وڏاءُ بہ ڪونہ سمجهندا آهن. جيڪڏهن اهي پليون ٻنيون آباد ٿين جنهن مان غريبن کي روزگار ملي وڃي ها تہ ٻئي پاسي کان سرڪار کي ڍل محصول حاصل ٿئي ها. سڀ شڪارگاهہ سرڪاري ملڪيت سمجهيا ويندا آهن. حڪمرانن جو هنن شڪارگاهن سان هڪ جذباتي لاڳاپو هوندو آهي. هنن شڪارگاهن تي تمام گهڻو خرچ بہ ڪيو ويندو آهي، تنهنڪري اوهان بہ هنن کي همدرديءَ جا بہ لفظ چئي سگهو ٿا. هنن جهنگن جي حفاظت بہ نهايت خبرداري سان ڪئي ويندي آهي. هڪ ٽالپر ڳالهيون ڪندي هي حقيقت ٻڌائي هئي تہ اسان هنن شڪارگاهن سان پنهنجي زال ۽ اولاد کان بہ وڌيڪ پيار ڪندا آهيون. حقيقت بہ ائين آهي، سندن اهڙا بيان ڪيترن ئي انگريز سياحن قلمبند ڪيا آهن. پر سنڌ جي هن موضوع تي اڃا تائين ڪنهن بہ ڪو ڪتاب ڪونہ لکيو آهي تہ هن خوشحال ۽ سکئي ستابي ملڪ کي ٽالپر حڪمرانن هٿ سان وٺي تباهہ

برباد ڪيو آهي. هتان جي ماڻهن جي اجائي وڏاءَ ڪي جيڪڏهن سوچبو ويچاربو تہ معلوم ٿيندو تہ بروچ انگريزن وانگي پنهنجي شڪارگاهن جو تمام گهڻو خيال ڪندا آهن. اتر سنڌ ۾ ساڳيو حال هو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو غلطيءَ وچان شڪار گاهہ ۾ ٽپي ويندو هو تہ هن لاءِ ڏرتي تامون ٿي ويندي هئي. هن جي مٿن ماڻڻ جو جيئڻ بہ جنجال ٿي ويندو هو. وحشانيت ۾ هو انسانيت جو ليڪو ئي لتاڙي ويندا هئا پر جيڪڏهن رابن هوڊس Rabin Hoads ۽ لٽل جانسن Little Joahns جهڙو بي ضرر ماڻهو بيلي جي ڪنهن وڻ جي چانو هيٺان راند کيڏندو تہ اهو بہ ٽالپرن جي ٽيپ ۾ بي سزا ڪان بچي ڪونہ سگهندو هو. پر سائين جان بل! جيڪڏهن اوهان هنن ماڻهن تي اجايا الزام هڻندا ۽ مٿن ڪاوڙ جو اظهار ڪندا تہ ڇا ٿيندو. توهان بہ مهرباني ڪري پنهنجي خاندان جي رڪارڊ جا هڪ يا بہ صفحا تہ پڙهي ڏسو جيڪي ڦهر ۽ ڪِيس ۾ ڪارا لڳا پيا آهن. مينهن ڇيو هو ڳئون ڪي هل ڙي پيچ ڪاري! توهان جو تہ ڪودو ئي ڪوهہ ۾ آهي. لباڙون پيا هڻو تہ اسان مغربي علم پڙهي روشن ضمير ٿي ويا آهيون. اها ڪلهہ ڪلهوڙي جي ڳالهہ آهي جيڪا توڪان ڪانہ وسري هوندي. تنهنجي گهر جي ياتيءَ ۽ انگلينڊ جي هڪ وڏي جج هڪ اهڙي بدبخت ماڻهوءَ کي ڦاهيءَ تي لڙڪايو هو جنهن پنهنجي مائٽ جي شڪارگاهہ ۾ ٽپي چوريءَ شڪار ڪيو هو ۽ ڪيس راکي ڏسي ورتو هو. پوءِ ٻنهي وچ ۾ تون ڇا تون ڇا شروع ٿي ويئي هئي ۽ چور شڪاريءَ جي هٿ ۾ جهليل چاقوءَ سان شڪارگاهہ جي راکي جو هٿ وڍجي ويو هو پوءِ تہ ڪاري واري ٿي وئي مغرب جي وڏي پڙهيل ۽ مهذب جج سندس ننڍڙن ٻارن تي رحم ڪري فقط ڦاسي ڏئي ڇڏي هئي.

پر هنن شڪارگاهن ڪان اسان بہ نفرت ڪريون ٿا. پر ٽالپر حڪمرانن ڪان پڇيو تہ اهي هنن شڪارگاهن سان ڪيترو پيار ڪن ٿا. اسان کي چڱيءَ ريت جاڻ آهي تہ اهي ٻانڌ ٻڌلن تان ڪسڪي اچي درياهہ جي پيٽ ۾ ڪونہ ٿا پون. پر جڏهن درياهہ پائيندڙ ڪندو آهي تہ ڏرتيءَ هڪ وڏي پِڪَ سان گڏ بيلي يا شڪارگاهہ جا وڻ اچي درياهہ جي تيز وهڪري ۾ ڪرندا آهن جيڪي هاڪارڻ وارن آگبوٽن لاءِ وڏو آزار بنيل آهن. اسان ٽالپرن کي چيو هو تہ درياهہ ۽ شڪارگاهن جي وچ تي ٻارنهن فوٽ وٿي ڇڏي وڃي جيڪا ماڻهن جي اچڻ وڃڻ لاءِ ڪم اچي. ٻي ڳالهہ تہ آگبوٽن ۾ ڪم ايندڙ ٻارڻ جو ڪاٺ بہ انهن بيلن مان وڍي ڪم آڻبو آهي. پوءِ تہ شڪارگاهن جي مالڪن وٽي رڙيون ڪيون ۽ چوڻ لڳا تہ توهان انگريز

اسان جي شڪارگاهن جي، هٽ ڊوئي ڪيڏ پيا آهيو ۽ انهن کي ناس ڪري پوءِ دنگ ڪندا. اسان کين وراڻيو هو تہ قدرت جي آڳر مقدر کي رستو ڏيڪاريندي آهي. هن ڳالهہ جو مطلب هو تہ اسان جو چاهيون تا ڪري گذرنداسون ۽ اها اوهان جي لاءِ سزا آهي تہ شڪارگاهہ اسان وٽي رهيا آهيون ۽ اوهان پنهنجي زالن کي سينن سان لايو. اوهان بہ غريب ماڻهن کي گهرن مان زوري لڏائي شڪارگاهہ بڻايا هئا. ان ڪانپوءِ بہ ٽالپر تہ نہ کي نہ ڪوٺ ڏئي ويهي رهيا ۽ پنهنجي ڳالهہ تان پوئتي هٽڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. اسان بہ پنهنجيءَ ڳالهہ تي ڳت ڏئي ويهي رهياسون. هو سودو نہ سَلن اسان جو وري اُتل تي زور.

سائين جان بل! توهان انهن کي قابل قبول سمجهندا نہ وري انهن جي ساراهہ ۾ بہ ٻول ٻولي سگهندا تہ هنن جي دشمنيءَ مان نہ وري دوستي مان ڪو آسرو. اهڙيون ڳالهيون مان فقط تنهنجن ويجهن متن مائٽن لاءِ ڪري رهيو آهيان، جيڪي فرينچن ۾ اٽليءَ وارن وانگي ٻارهن ياڳي هڪ آهن. جڏهن تہ تنهنجا پاڙيسري اسڪاٽلينڊ وارا لوڙهي جي پنيان ڏسڻ جا عادي ڪونہ آهن. اهي اهڙا انسان آهن جن جي وجود اندر اصول ۽ ان تي عمل ڪرڻ جهڙيون پليون ڳالهيون خلقي طور موجود آهن. تون اهڙيون ڳالهيون فقط ماڻهوءَ نہ پر پکين لاءِ چئي سگهين ٿو جن کي هلڻ لاءِ بہ پير بہ آهن، اهڙيون ساڳيون ڳالهيون چوپائي جانورن لاءِ بہ چئي سگهين ٿو. تون ساڳيون ڳالهيون ولايتي ماڻهو ۽ جرمن لاءِ بہ چئي سگهين ٿو جيڪي فئشن جا شوقين آهن پر تنهنجون اکيون اهڙين ڳالهين کي پسند ڪونہ ڪنديون پر تون سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن جون شڪار ڪرڻ واريون ڳالهيون مورڳو پسند ڪونہ ڪندين، جنهن جو ڪارڻ بہ ساڳيو آهي. اوسير وارا ماڻهو بوهيارو شڪارگاهہ جي گهاٽي ڪُهي ۾ وينل شڪاري جانورن کي ٻاهر ڪيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جن سان گڏ ڪاڍا ڪتا بہ هوندا آهن، جيڪي جانورن کي ڏسي چَهڪاريندا آهن. پر ان کي جهلڻ جي ڪوشش ڪونہ ڪندا آهن. اهڙي طرح ماڻهو تڙَ ڪندا اڳتي وڌندا ويندا آهن ۽ اوسر سوڙهو ٿيندو ويندو آهي ۽ شڪاري جانورن کي ان طرف ڌانهن تڙيندا آهن، جتي شڪار ڪرڻ وارو ٽالپر مير هڪ ڪُڏٽي ۾ لڪو وينو هوندو آهي، جيڪا زمين کان بہ ٽي هٿ مٿي ڪري ٺاهيو ويندو آهي. کيس سادا ڪپڙا پاتل هوندا آهن، جڏهن تہ شڪاري جانور سوئر، ڦاڙها، هرڻ، ڪارا هرڻ لڳل جهنگل ۽ وڏي ۽ اتاهين لوڙهي ڪري شڪار جي تاڙ ۾ ڪُڏٽي اندر وينل

شڪاري واري طرف کان سواءِ ڪاڏي وڃي ڪونہ سگھندا آهن. جيڪي شڪارگاهہ ۾ نڪتل پَهَنِ ۾ پاڻ ۾ اچي ٽڪرائبا. اهو شڪار نہ پر جانورن جو ڪوس هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ شڪاري پندرهن ويهن جانورن جي ولر ۾ بندوق جو فائر ڪندو آهي جيڪي شڪاري جي ڪڏڻي کان ڏهن پندرهن قدمن جيتري وٿي تي ويجھو هوندا آهن. بندوق جي ٺڪ کان فقط اهي جانور بچي سگھندا آهن جيڪي تيز رفتاريءَ سان ڇوتال پڄندا وڃي شڪار جي گھاٽي ڪُهي ۾ لڪندا آهن پر ڪڏهن وڏي شڪار ڪرڻ جي ارادي سان شڪار گاهہ ڏانهن ويندڙ پاڙيءَ جا ڪڙيا ۽ ڪس بند ڪيا ويندا آهن ۽ شڪاري مناسب جڳهہ تي ڪڏڻي ۾ ويهي رهندو آهي. ويچارا ٻن ٽن ڏينهن جا اڃيا جانور پاڻيءَ لاءِ پريشان هيڏي هوڏي ڊوڙندا وتندا آهن ۽ بندوق جي گوليءَ جو کاڄ ٿي ويندا آهن.

شڪار کان لطف اندروز مير ٿيندو آهي، باقي ٻيا ماڻهو ڏچي ۾ خوفناڪ جانورن جي منهن ۾ هوندا هئا. مير سان گڏ ڪڏڻي ۾ سندس پٽ يا ڀائٽيو بہ ويٺل هوندو هو جيڪو شڪار جي مقصد سان ويٺل ڪونہ هوندو هو پر مير جي هٿ جي سڌائي جي تعريف ڪندو رهندو هو. واهہ واهہ. قربان وڃان، ڇا تہ ٺڪ آ. جڻ فرشتي گولي کي ڪٽي بلڪل ان جاءِ تي وڃي رکيو جتي لڳڻ جو اوهان جو ارادو هو. صدقي. اوهان جي ان آڱر تان جنهن بندوق جي ٽرگر کي ڇڪيو (1) توهان جو هٿ قدرت ٺاهيو ئي شڪار ڪرڻ لاءِ آهي. جيڪڏهن جانور کان گولي گسي وئي تہ ڪڏڻي ۾ ويٺل پٽ رڙ ڪري چوندو اهو هرڻ تہ ڪو چوَنڪ چنڊو هو جنهن کي اوهان جهڙي ڀاڳوند جي گولي لڳڻ نصيب ئي نہ ٿي. جيڪڏهن بندوق ڀلي هوندي تہ ڪنهن کي ان جي تعريف ڪرڻ جي جرئت ڪانہ ٿيندي. پر رڳو مير صاحب جي سِڌي هٿ جي تعريف ڪرڻ جي اجازت هوندي آهي. ڪڏڻي ۾ ويٺل ڇوڪرو پنهنجي پيءُ يا چاچي جي سِڌي هٿ جي ساراهہ ڪندي ڪڏهن هيئن بہ چئي وٺندو آهي تہ "قربان ٿيان سرڪار! ڇا تہ اوهان جو نشاني باز هٿ آ جو گولي اڃا بندوق جي ناليءَ ۾ پئي هئي جو هرڻ ڏَزمُ. ڪڏهن هرڻن جي شڪار دوران خوفناڪ چيتا بہ نڪري پوندا آهن. اهو ڏسي بلوچ سردار پنهنجي شڪاري ڪتي کي جهلي وٺندو آهي. ان وقت چيڙ ۾ موجود هڪ ڏقيرُ. ڏقو سڌو ڪري چيتي تي وڃي پوندو آهي. اهڙا ڏقير بلوچ نہ پر سنڌي هوندا آهن چيتو بہ ڏقير تي گوليءَ جهڙي تيز رفتاري سان حملو ڪندو آهي. جيڪڏهن چيتو مري پوندو آهي تہ مير ان بهادر انسان کي رڳو شاباس چئي

ٽاٽو ٽاري چڙهيندو آهي پر جيڪڏهن ڪو بهادر انسان چيتي سان موت واري راند ڪندي مري ويندو آهي تہ مير سڳورو ان ڏانهن ڏسندو بہ ڪونہ آهي. ڪڏهن وري بلوچ سردار اهڙي خوفناڪ چيتي کي اڳتي ڪري ڪڏٽي ۾ وينل مير جي منهن ۾ ڏيندا آهن ۽ چيتي کي تکي پڇائڻ لاءِ شڪاري ڪتو بہ سندس ڪِڍ لائي ڇڏيندا آهن. جنهن جي هڪ هٿ ۾ ڍال ۽ ٻئي هٿ ۾ تلوار هوندي آهي پر ڏڦير ۽ چيتي جو مقابلو پڻ اڻ برابر طاقتن جو مقابلو هوندو آهي. ڪاڏي چيتي جهڙو خوفناڪ ۽ طاقتور جانور ڪيڏانهن ويچارو ماڻهو پر هي ماڻهو چوٽ جا دنيرَ ۽ دلير ٿيندا آهن ۽ مرڻ جي آخري گهڙي تائين بہ چيتي سان چوٽ ڏيندا ايندا آهن. پر سڪرات ڪان ٿورو اڳ، سرڪي وڃي مير جي پيرن وٽ پهچندا آهن تہ جيئن هو سندس بهادريءَ جي تعريف ڪري پر مير اهڙي بهادر انسان جي دلبريءَ جي تعريف ڪرڻ ۾ بہ ڪنجوس هوندا آهن. جيڪڏهن مير سخي هوندو آهي تہ هڪ شال ڏانهس اڇلائيندو آهي، ٻيو مڙوئي خير. اهو هوندو آهي چيتي کي ڏڦي سان مارينڌڙ بهادر انسان جو انعام. اتي ويٺل خوشامدڙيا ماڻهو رڙ ڪري چوندا آهن، صدقي ڇا تہ شال آهي. ڇا تہ نوراني شال آهي. بسم الله بسم الله. پر جيڪڏهن هڪ ڏڦير چيتي جي مقابلي ۾ هار مڃڻ بدران موت قبول ڪندو آهي تہ ٻيو بهادر ماڻهو ڏڦوَ ڪٽي ميدان ۾ لهي پوندو هو. ان وقت ڏڦير جي پٺي، مٿو ۽ پير اگهاڙا هوندا رڳو لنگوٽو ڪَسيلُ هوندو اٿس. هو چريو ماڻهو ٻين چرين کي پيدا ڪري وڃندو آهي. چيڙا مير کي خوش ٿيندو ڏسي پاڻ بہ ڏاڍا سرها ڏسڻ ۾ ايندا آهن. مير بہ گد گد هوندو آهي تہ سندس رعيتي هن کي خوش ڪرڻ واسطي سر تريءَ تي کڻي وڃي چيتي جهڙي طاقتور ۽ خطرناڪ جانور سان ميل ڪندا آهن. جن جو ڪين ڪو معاوضو بہ ڪونہ ملندو آهي. سيئي مير ڏکڻ لنڊن جي شڪارين جهڙا شوقين ۽ بهادر ڪونہ ٿيندا آهن پر ڪي چوٽ درجي جا شڪاري بہ ٿيندا آهن. هڪڙي پيري خيرپور جي حڪمران مير علي مراد گهوڙي تي ويهي ايراني تلوار سان هڪ وڏي ۽ طاقتور چيتي کي ماري ڇڏيو هو. چيتي جهڙو خوفناڪ جانور سنڌ جي لاڙ ۽ وچولي ۾ ٿيندو آهي پر اتر سنڌ ۾ ان جانور جو تعداد تمام گهٽو آهي پر شڪار گاهہ ۽ شڪار ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون ملڪ لاءِ سٺو سوڻ ڪونہ هونديون آهن. شڪار جا شوقين مير هفتن جا هفتا وڃي پنهنجي من پسند مُهاڙين (شڪارگاهن) ۾ گذاريندا آهن. هنن جو اڙو اٿالو بہ هنن سان گڏ هوندو آهي، جيڪو پير وارن ڳوٺن ۾ ڇَهجي پوندو آهي، لسي، مکڻ، آنا،

ڪڪڙيون، ڇيلا ٻڪريون ڳوناٽن ڪان مفت ۾ وٺندا هئا. پراڻي دور جا انگلينڊ جا بادشاهه به اهڙا هوندا هئا ۽ سندن شڪارگاهن پرسان ڳوٺن جا ماڻهو جنجل ۾ هوندا هئا. جيڪڏهن ڪو ماڻهو شڪايت جا ٻه حرف ٻوليندو هو ته تلوار سان ڪنڌ ڪان آجو ڪيو ويندو هو ڪن ماڻهن کي جڏهن ڪُڙڪ پوندي هئي ته خير سان مير شڪار لاءِ اچي رهيو آهي ته ڳوٺ مان لڏي ڪيڏانهن ڀڄي هليا ويندا هئا پر ٽالپر سرڪار ظلم ڪان ڀڄڻ واري ماڻهوءَ کي غدار سمجهندي هئي، پوءِ ويچارا ماڻهو ڪاتيءَ هيٺان ڪسندي به ظاهر ۾ کلندا ڏسبا هئا ۽ ڏندن هيٺان ڪاني ڏئي پنهنجي اکين سان پنهنجي بربادي ڏسي، ماٺ رهندا هئا. مير سان آيل اڙد کي جيڪڏهن باهه ٻارڻ لاءِ ڪاني جي لوڙ پوندي هئي، ته غريب جو گهر ڊاهي ڪاٺ کي ٻارڻ طور ڪم آڻيندا هئا. هنن کي جيڪڏهن ڪڪڙِ جي ضرورت پوندي هئي ته ڪاري هيٺان واڙيل سيئي ڪڪڙين کي گهوڙي واري ڇهبڪ سان ماري ڏسندا هئا ته منجهانئن ڪهڙي سگهاري متاري آهي. ويچارا رعيتي ماڻهو ڇيڙا ٿي شڪار جي تڙ ڪندا هئا. هنن لاءِ ماني ڳيو به گهران ايندو هو باقي مير سان آيل اڙد ته راڄن تي چٽي هوندو هو. ڪي هاري پاڻيءَ جو وارو يا پوک جو لابارو ڇڏي اچي مير جي ڇيڙ وهندا هئا. هندو پنهنجا هٽ ڇڏي ۽ مسلمان پنهنجا هر ۽ گهر ڇڏي اچي شڪار جي تڙّ ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو ڦتيل چتو سوئر وَجَنِ سان وڃائي گهائي رکندو هو يا ڪو ماڻهو ڦتيل هرڻ کي جهليندي تيز ڇهنبدار سڱ سان زخمي ٿي پوندو هو ته دوا دارونءَ لاءِ ڪيس ڪاري ڪوڏي به ڪانه ملندي هئي. شڪار جي شوق دوران مير عياشيون به ڪندا هئا ۽ سهڻين ڏيئرن جا پيءُ اهڙي ظلم ڪان آجا ڪونه هئا. مير دل وندرائڻ لاءِ ڳالهين ڪٽڻ جي ماهرن ڪان ڳالهيون ٻڌندا، موسيقي ٻڌندا ۽ ناچ به ڏسندا هئا. اهڙين ناچڻين چوڪرين جو هڪ قافلو به مير سان گڏ سفر ڪندو هو. اهڙين ڀڏين ڳالهين جو اثر هارين تي به پوندو هو جيڪي پنهنجا ضروري ڪم سيڙائي اچي ان قسم جي وندر ڏسندا هئا. ڦليلي جي ڪنار سان ست ميل هيٺ هوسڙي ۾ هڪ وڏو ڳوٺ آهي، هي ڪو سنو ڳوٺ ڪونه آهي پر هتي فقط نيرن ڪرڻ جي ارادي سان ترسيا هئاسون. هن ماڳ جي اوسي پاسي ميٺ جون ڪاٺيون آهن. هتان جا ماڻهو هن شيءِ کي وهنجڻ لاءِ ڪم آڻيندا آهن. هتي مسافرن جي ترسڻ لاءِ بنگلي نالي هڪ وڏي ۽ شاندار عمارت آهي، جنهن ۾ هڪ وڏي صندوق جيترا به ڪمرا ۽ آڌو هڪ عدد ورانڊو به آهي، هن عظيم عمارت جي چوڌاري وڏو ڪوٽ ڏنل آهي. هن

تعمير ۾ بي چيني ۽ بي آرامي کان سواءِ بي شيءِ موجود ڪانہ ڏسبي آهي. مشرق ۾ رهندڙ گهڻا انگريز اڪيلائي لاءِ هن قسم جي جڳهن ۾ اچي رهندا آهن.

"پري، اڪيلو افسرده ۽ مانار."

مان تہ اهڙي جڳهہ پسند ڪندو آهيان، جتي ڪوهن تان موتندي جوان ٿهڪ ٻڌڻ ۾ اچن، جتان ٻارڙا هڪ ٻئي کي ڪٽ منڙا ۽ نباتون هڻندا لنگهن، جتي اسان ايندڙ ويندڙ هر ماڻهوءَ کي ڪل جهڙيون تصويرون ڏيکاريون ۽ سخت اصولن تي بحث ڪري ڪن ڪراڙن کي چڙڪائي ڇڏيون. سائين جان بل! تو ڪڏهن پينو فقيرن سان مذهب تي بحث ڪري ڪين ڇيڙائي ڏٺو آهي؟ پن جي فن تي رڳو مسلمانن جي هڪ هٽي ڪانہ هئي پر هندو بہ پنڻ جا ملوڪ ۽ مڙس ماڻهو آهن. هنن ٻنهي ڌرين کي مذهب جي تر جيتري بہ جاڻ ڪانہ هئي. ٻنهي ڌرين جا فقير، گهوڙن اڏائڻ، يتين جي ڊوڙڻ، ينگ مان کير ڏيڻ جون قسمون ڪٽي ڳالهيون ڪندا آهن. هڪڙيءَ ڌر جو فقير چوندو تہ هڪ بزرگ سيوهڻ مان جو ڌرتي ۾ گُهڙُ هڻئي تہ سڌو مديني مان نڪتو. ٻيو وري چوندو آهي تہ هڪ ساڌو جو اڏيري لال وٽان زمين ۾ گهڙ هڻئي تہ سڌو وڃي گنگا وٽان زمين مان ٻاهر نڪتو. هنن ماڻهن الله يا ڀڳوان جي نالي تي پنڻ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي آهي. اهو بہ معلوم ٿيندو آهي تہ هي ٻئي فقير ڌريون هڪ ٻئي کان ساڙ ڪنديون آهن ۽ هڪ ٻئي جي مخالفت ڪرڻ ۾ بہ ڏاڍيون اتاوليون هونديون آهن.

اسان ترڪي ٽوپيون پائي پنهنجي لوٽيرن مٿن کي لڪائي پاڻ کي معزز شخصيت ثابت ڪرڻ جي اجائي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ماڻهو اسان جي ٽنبن ۾ گهوڙن جي زينن ۽ انگريزي طرف جي لغامن ۽ ڪرسيءَ تي ويهي چيرين ۽ ڪانٽن سان ماني کائڻ مان هي ماڻهو سمجهي چڪا آهن تہ اسان انگريز آهيون ۽ ناشڪرا آهيون، ڇاڪاڻ تہ جڏهن خداتعاليٰ هٿن ۽ آڱرين ڏيڻ جي مهرباني ڪئي آهي تہ پوءِ بہ ڪانٽن سان کائي رهيا آهيون، تنهن ڪري هو اسان کي ڏسي اچرج ۾ ڪونہ پوندا آهن.

هي ماڻهو اسان کي مُمبئيءَ جا ماڻهو سمجهي رهيا آهن، جيڪي هر شيءِ ۾ انگريزن جو نقل ڪندا آهن. رنگ جا سانورا هوندا آهن جيڪي پسار ڪرڻ وقت اڇا ٻاراٽا دستا پائيندا آهن ۽ عورتن سان هٿ ملائيندا آهن، مسلمان هوندا آهن تہ مٿي سان پٽڪو ٻڌندا آهن، قميص مٿان سوٽي ڪوٽ انگريزي طرز جي پتلون ۽ چمڙي جو بوٽ پائيندا آهن جيڪڏهن

سندن تعلق هيٺئين طبقي سان هوندو آهي تہ ڏورن وانگي رنيي ڳالهائيندا آهن ۽ شراب بہ پيئندا رهندا آهن. اهي جڻ ولايتي ماڻهن ۽ جهنگلي نسل جو دوڳلو نسل آهن. تنهن ڪري هتان جا ماڻهو اسان کي اهڙو گڏيل دوڳلو نسل تصور ڪري رهيا آهن جيڪو هنن هن وقت تائين اجا ڪونہ ڏٺو آهي.
تنهن ڪري هو اسان کي صحيح نموني سان سڃاڻڻ واسطي نِوڙي ۽ جُهڪ وجهي ڏسي رهيا آهن. سائين جان بل! خدا تعاليٰ جي مهرباني سان اوهان ڪابي پاسي کان درياهي گهوڙو ۽ ساڄي پاسي کان اورنگ اوتانگ Ourang Outang لڳي رهيا آهيو. بلڪل اچرج جهڙا ۽ هيبتناڪ!.
هاڻي اسان ٻن ڪمرن تي مشتمل عاليشان بنگلي کان نڪري رانوتي (تنبوءَ) ڏانهن وڃي رهيا آهيون. جيڪو وڏي ٻير هيٺان نوڪرن جي رهڻ لاءِ نصب ڪيو ويو آهي پر هن ڳالهہ بابت بہ پنهنجي نقطئہ نظر جو اظهار ڪرڻ تہ ان بنگلي جي ڪمرن ۾ بہ در هئا نہ دريون هيون تہ انهن حڪمرانن جي ڏينهن ۾ ملڪ جو ڪهڙو حال هوندو. هُو هاڻي تہ هتي نہ رهيا آهن پر انهن وٽ ڪهڙو انصاف هوندو. اهي ضرور سخت گير ۽ تشدد پسند حڪمران هوندا.
مون کي خبر نہ آهي تہ امن ۽ سڪون سان گذري سگهنديِن ۽ تنهنجي گهر جي درن ۾ ڪنڍن ڪڙن ۽ ڪلفن جي ضرورت محسوس نہ ٿيندي. توهان کي بنگال وارن علائقن جهڙو سُڪون ڪٿي ڏسڻ ۾ نہ ايندو جتي اوهان انگريزن سِول فوج ۽ هاءِ ڪورٽ وسيلي ملڪ جي ماڻهن جو سڪون نهوڙي ناس ڪري ڇڏيو آهي.
اهو جڻ تہ يونان جي ڪالنڊس Kalonds جي ظهور جو زمانو آهي.
هاڻي ڪن کولي ڏيان سان ٻڌ! مان توکي پراڻي زماني جو هڪ سچ ٻڌائي رهيو آهيان تہ اهڙن ملڪن ۾ فقط فوجي حڪومتون ئي قانون سازي جو عمل ڪري سگهن ٿيون.
پر مون کي اها چڱيءَ ريت خبر آهي تہ تو وٽ فوجي حڪومت هوندي، مون کي پڪ آهي تہ تون هاڻي چرئي ٿيڻ وارو هوندين. جڏهن توکي ڳاڙهي ڪوٽ وارو ماڻهو گرفتار ڪندو آهي تہ تنهنجيءَ زبان کي تالا لڳي ويندا آهن. پر جڏهن حڪومت جو ڪو ٻيو ادارو توکي گرفتار ڪندو آهي تہ تون ٻُٽڪڻ بہ شروع ڪري ڏيندو آهين. تنهن ڪري مان سمجهي رهيو آهيان تہ توهان کي خاموش ڪرڻ لاءِ ڏنڊي جي حڪومت نهايت ضروري آهي. جيڪڏهن تلوار جي سرڪار قائم ڪبي تہ توهان الله جي فضل سان

چريا ٿي پوندا. جڏهن هڪ فيلڊ مارشل بندوق سان ماڻهو ماري وجهندو آهي تہ توهان ان کي قتل سڏيندا آهيو پر جيڪڏهن جج ڪنهن غلط ماڻهوءَ کي ڦاهيءَ جي سزا ڏئي ڇڏي تہ چوندا آهيو تہ اها اسان جي چوڪ آهي. يعني پنهنجي غلطي تسليم ڪندا آهيو. ڳالهيون تہ ٻئي هڪ جهڙيون آهن پر تون فوج جي معاملي ۾ حسد، ڪيني ۽ ساڙ جو شڪار آهين. اهڙو حسد ڪرڻ تنهنجو حق بہ آهي، ڇاڪاڻ تہ توکي اختيار آهي تہ تو پنهنجو گهر ڪهڙي ڏنڊي سان هلايو جنهن کي اوهان پنهنجي گهر جو نظام چوندا آهيو پر جيڪڏهن اوهان جهنگلي ماڻهن مٿان روشن ضمير ادارو زوري مڙهيندا تہ ڏاڍو صحيح قدم هوندو ان جو مثال آيونين، پيٽ جا جهنگلي ماڻهو ۽ افغانستان جا ڪنبل پوش اڻ گهڙيا ڪاٺ آهن. تنهنجو اهو ڪم هڪ تجربيڪار سخي ماڻهوءَ جهڙو هوندو جيڪو رڳو خبر جا ڪم ڪندو رهندو آهي پر ان باري ۾ منهنجي نماڻي گذارش اها هوندي تہ تنهنجو اهو سخا وارو خيراتي ڪم بيوقوفي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هوندو. تون جڻ زنجيرن ۾ ٻڌل ظلم ۽ ڏاڍ کي آزاد ڪري شريفن کي ڪهاڻي جي ابتدا ڪري رهيو آهين.

سائين! مان اوهان کي هزار ڀيرا سمجهايو آهي پر اهي ڳالهيون سٺيي گهڙي جيان تنهنجي دماغ مان ترڪي هليون ٿيون وڃن رڌ اڳيان رباب وڄائيندي ورهيہ ٿيا. توهان کي خبر آهي سائين جان بل! تہ تڪڙي ڪتي انڌا گلر ڄڻيندي آهي، اوهان جو خاندان هوڻ بہ ڪتن جو شوقين آهي، تنهن ڪري اوهان کي ان تڪڙي ڪتيءَ جي اُبهري اصول جي بہ چڱيءَ ريت خبر هوندي، هن جهنگلي ماڻهن کي فقط هڪ پير چاري جي ضرورت آهي. پر توهان کي اڻ ترڻ لڳي پئي آهي تہ اتان ريل مارڳ نهي توهان اهي چوتيءَ جا پلا ڪم انهيءَ ڪري شروع ڪري رهيا آهيو جو اوهان وٽ سياسي شعور جو ذرو موجود آهي. توهان جڻ اهو ڪم انتها تي پهچائڻ چاهيو ٿا، جنهن جي ابتدا وارو نڪتو ئي موجود ڪونہ آهي. توهان جيڪڏهن ساري هندستان کي فوجي نظام جي حوالي ڪري ڇڏيندا تہ پوءِ سِوِل سروس وارن جو پيٽ گُذر ڪيئن ٿيندو جيڪي ويچارا انگلينڊ کان آيا ئي انهيءَ آس جي سهاري آهن. وڏي وڻ ٿيو آهين پر اتي تہ عقل جو ذرو بہ ڪونہ. جيڪڏهن ائين ٿيندو تہ برٽن Burton جي ٻٽاڪ ڪيئن پوري ٿيندي، جيڪو اٽيهئي چوندو وتندو آهي تہ سندس قانون ساريءَ دنيا لاءِ هڪ جهڙو ۽ ساڳيو آهي. تنهنجون اهي ڳجهارتون منهنجي پيچڻ کان دور

آهن. پر پوءِ بہ مان پڪ سان چوان ٿو تہ ساري هندستان ۾ فوجي سرڪار هجڻ گهرجي. اها هڪ بنيادي حقيقت آهي پر روس ڏانهن ڏسو ڏڙ ريڊيو مُنڊي باڪريا اڏ اٿس مشرق ۾ اڏ مغرب ۾. مغرب ڏانهن وڌڻ جي جرئت ڪونہ اٿس. تنهن ڪري هو پنهنجون ٻانهون مشرق ڏانهن پکيڙي رهيو آهي. هن جو اٿڻ ويهڻ مشرقي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ آداب مشرقي. ڪاروهنوار بہ مشرقين سان. مان اهڙي ملڪ لاءِ ڪونہ چاهيندس تہ اتي فوجي راڄ جهڙيون فضيلتون ۽ نعمتون هجن. توهان رڳو هڪ قرب ڪريو جو راڄڌاني دهليءَ جي پر وارن علائقن جو سول ڪوڊ واري ڪتاب کي ويڙهي سيڙهي ڪٻٽ ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ هاءِ ڪورٽ جا دروازا بند ڪري انهن کي تالا هڻائي ڇڏيو اتي فوجي سپاهي ۽ مئجسٽريٽ مقرر ڪريو ۽ پئنچات کي بہ ٻيهر زنده ڪريو جيڪا انگريز دور کان اڳ معاملن کي چيڙيندي نبيريندي هئي. يعني Alfred the Greatواري زماني کان اڳ. انتظام هلائڻ لاءِ فوجي پريزيڊنٽ مقرر ڪريو. ان کان پوءِ اوهان پنهنجي رعيتي ماڻهن جي اهليت جي همت افزائي ڪريو پر انهن کي انگريز بنائڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. پر سڀ کان اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ هندستان ساري اقتصاديات سول سروس جي عملدارن جي وڏن واتن ۾ هلي وڃي ٿي. سندن پگهارون بہ ڏسو نہ ڏسو، سندن شان شوڪت تي لکين رپيا خرچ ٿي رهيا آهن. ملڪ، سر ترين تي رکي فتح فوج ڪندي آهي، پر انهن جي مالي وسيلن جا مالڪ سول سروس وارا بڻجي ويندا آهن. ڪٿيو ڪائي فقير ۽ ڏڪ جهلي پولو.

توهان جي منهن مبارڪ مان محسوس ٿي رهيو آهي تہ اوهان اوباسين ڏيڻ جي تيارين ۾ آهيو. اسپتال جي تجربيڪار پراڻي نرس جو هڪ سونهري قول آهي تہ جڏهن وات وجائي ٽڪجي پئو تہ موضوع کي تبديل ڪري ڇڏيو. بنا ڪنهن مناسب موضوع جي ڳالهائڻ ڦِڪا ڳنا چوپڻ برابر آهي.

ڪجهہ وقت اڳ هوسڙيءَ واري علائقي جي سروي ٿي رهي هئي. مون کي شريف ماڻهوءَ آڏو هڪ ڏکي تقرير ڪرڻ جو موقعو ملي ويو هو. جنهن جي تاڙ ۽ گهاڙ ۾ گهڻن ڏينهن کان آتو وينو هوس. اهو شريف انسان بہ خيرن سان اوهان جي چمار جينرو هو پر گنجو بہ هو تہ خير سان خسرو بہ هو. لباڙي بہ چوٽ جو هو. چوندو هو تہ اسان جي اڌ جا ماڻهو تيرهن سالن جي عمر ۾ گنجا ۽ پنجويهن سالن جي عمر ۾ خُسرو ٿيڻ شروع ٿيندا آهن ۽ حجمن جي

محتاجي ۽ کوڙ ساري خرچ کان بچي پوندا آهن. سو مان تقرير ڪرڻ ۾ مگن هوس. هو ٻڌڻ ۾ مگن هو. نيرن جي ماني به ڪانه کاڌي سون ته منجهند جي ماني به. هو صبر ۽ تحمل سان تقرير ٻڌندو ۽ چڱي ريت سمجهندو رهيو. چاڪاڻ ته هو منهنجو ماتحت هو ۽ اوپاسيون ڏيڻ ماتحتيءَ واري شان شوڪت جي قطعاً خلاف هئو. اکيون ٻوٽي جهوٽا کائڻ ته ماتحتي جي فضيلت ۽ اخلاقيات جي آدابن خلاف بغاوت هئي. ائين سمجهڻ کپي منهنجي اها تقرير هريڙن جهڙي منڙي ۽ خوشبودار ذائقي جهڙي ساءَ سڳند واري هئي. جيڪا منهنجي ماتحت ڏاڍي خوشيءَ سان ٻڌي هئي.

مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي ته ان وقت ڪي ماڻهو منهنجي ميل جي ڪڪڙ کي سيڪا ڏئي ويڙهه لاءِ تيار ڪري رهيا هئا (2) ۽ مان ان منصبي فرض جي دل جي گهراين سان نظرداري ڪري رهيو هوس ۽ تقرير به فرمائي رهيو هوس. هي ڪو سني نسل جو ڪڪڙ ڪونه هو. جيو مون کي ڦرندي گهرندي ڳوٺ جي هڪ گند جي ڍير تي کوٽهڙا ڪندي نظر آيو. اهو ڪڪڙ ايڏو ڪنو هو جو ڪنهن ننڍي چوزي سان به ڪڙهه بازي ڪري ڪونه سگهندو هو. سندس چهنب باز وانگر نوڪدار نه پر سانباهي وانگي سڌي هئي. شڪل به ڪِرپ جهڙي ڪني. نالي واري پوجنگ (3) ڪڪڙ پنهنجي برادري جي ڪيترن ئي ڪڪڙن کي ٻوڙ ٻڻائڻ لاءِ ڪنيءَ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو هو. اهو ڪڪڙ نه پر ڪاري آنڌاري هو جنهن جي هڪ ڪڙهه سان ميل جا مشهور ڪڪڙ ليٽجي پيٽجي ۽ ميتجي ويندا هئا. ان ڪڪڙ کي سيڪن ڏيڻ ۽ مهٽڻ کان اڳ هڪ پڪيءَ عمر جو مسلمان اڳتي وڌي مون سان ڳالهائڻ لڳو. ماڻهو ڏاڍو پوڳائي چرچائي هو ۽ هڪ اوپري ماڻهوءَ سان به ڳالهائڻ ۾ ڪرو هو.

ميان ڪو زمانو هو جو ماڻهو ڪڪڙن جا ميل رکندا هئا ۽ اهڙن ڪفتين کي ڪو عام ماڻهو ڪونه سمجهيو ويندو هو. ڪڪڙ ويڙهائڻ به شاناڻتو شوق. جهڙي تهڙي جو ڪم نه آهي. شڪر آهي جو تو جهڙو ڪفتي اهڙو شوق ۽ شغل ڪري رهيو آهي. مون کي اهو همراهه پاڻ به ڪو ڪفتي ٿي لڳو. پر سائين ڄاڻ بل! تون ڪڪڙن جهڙي ڪلاسيڪل ويڙهه تي هتان جي ماڻهن تي ٺٺوليون ڪري رهيو آهين پر آئرلينڊ جا ماڻهو وري ڪبوتربازيءَ جا ڪفتي هوندا آهن. تن بابت تنهنجو ڪهڙو خيال آهي پر مون کي تنهنجي اهڙي ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه آئي آهي.

نئين آيل ماڻهو جي اکين مان محسوس ٿي رهيو هو تہ هو ڏاڍو چالاڪ ۽ هر فن مولا آهي. چوڻ لڳو. صاحب هي نسل يا تہ حيدرآبادي آهي يا افغاني ڇُهي ڏس! جهڙوڪر عقاب "دستا جهڙا شينهن جا چنبا! ڪڙهہ جڻ تمنچوا! ڪڪڙ آيا ڪو قهر آ. دشمن جي دل ڪي داڳ آ" "ماشاءَ الله ڇا تہ شيءِ آ پر تو ورتو ڪٿان؟

مون ڪي خبر هئي تہ هن ڪڪڙ جو اصل نسل "ڊير آهي ويڙهو بہ ايترو آهي جو ان ڪي ڪڪڙيون ڊوڙائيندِيون آهن.

هڪ ڪفتي ڪان خريد ڪيم. جنهن چيو تہ هن پر سال سوا مينهن موتائي هئي. مير بہ مرشد وٺي آيو تہ ڪڪڙ ڏي چيومانس تہ هونءَ مرشد آهين پريو مَٺُ آهين. پر ڪڪڙ ڪونہ ڏيندوسانءَ.

"توکي ڪيتري ۾ ڏنائين؟"

ڇا ٿو پڇين شوق ۽ عشق جو تہ ملهہ ئي ڪونهي. سمجھہ تہ هي ڪڪڙ منهنجي ساريءَ عمر جي ڪئي ڪمائي هڪ ٻُيت ۾ ٻُهي ويو. پر حقيقت اها آهي تہ مالڪ تہ مون ڪي ٻوڙ جي اگهہ ۾ ڏنو هو. چيوهومانس تہ بہ پينس وٺ. چيائين ڏي. مان ڪيس غريب ڏسي اٺ پينس تريءَ تي رکيا هيامانس.

اي صاحب! اهو تہ عجيب غريب ساهدار آهي. اهڙا پکي تہ بخت وارن کي ملڻ نصيب ٿيندا آهن. سمجهان ٿو تہ تون ان کي چانديءَ ۾ توري ورتو هوندو يا ٿي سو رپيا پريا هوندا پر هہ سو تہ ڪاڏي ڪونہ ويا. (5)

ڪي ماڻهو ٻئي کي بيوقوف بنائڻ ۾ ڏاڍا اتاولا هوندا آهن ۽ ڪنهن ڪي چرئي بنائڻ لاءِ پاڻ بہ بيوقوف ٿي ويندا آهن پر هي ماڻهو ايڏو بيوقوف ڪونہ هو. مان هڪ ڳرڙ وَڏِ همراهہ کي جواب ڏنو جيڪو توريل تڪيل هو.

ان ماڻهو مون ڪي ٻڌايو تہ هو پر پراڻو ڪفتي آهي ۽ ساري زندگي ڪڪڙن جي ميل ۾ ڪڪڙ ويڙهائيندي ۽ شرطون هارائيندي گذري اٿس. هن اهو بہ ٻڌايو تہ مون وٽ گهڻا ڪڪڙ آهن. هڪ ٻئي ڪان وڏيڪ پر هن ڪڪڙ جي ڪنيپ جو بہ مَٺُ ڪونہ آهن. سندس اهڙيون ڳالهيون مون ڪي شرط رکڻ لاءِ هرڪائي رهيون هيون. هن وڏيڪ چيو تہ "مان توسان ڪڪڙن جو ميل رکڻ چاهيان ٿو پر پڪ آهي تہ هارائيندس ضرور. پوءِ پلي مون وارو پکي مري يا گهائجي. هن مون ڏانهن نهاريو. سلام ڪيو ۽ نڪري هليو ويو.

ٽيپهريءَ جو نماز کان ٿورو اڳ احمد خان مون وٽ آيو جنهن سان گڏ سندس دوست بہ اڙد اتالي جا ماڻهو هئا. هڪ خاص نوڪر کي سندس هٿيار ۽ ڪڇ تي ڪڪڙ هو جيڪو شاندار قدآور، سنهڙو، مضبوط، اکيون خوفناڪ، صفا موتيءَ جي داڻي جيتريون سنهڙو نيدڙ ۽ لهنوارو مٿو. ڊگهي ڳچي، وريل پني، جسم گول ۽ مضبوط هڏا سگهارا، پر مناسب طريقي سان هيٺ لڙڪيل، سٿرون گهٽي گوشت واريون ۽ مضبوط ڪڙهون چڻ سون جهرڪي رهيو هو. چنبا وڏا ڪل ۾ مضبوط. ڪڪڙ نہ هو پر ڪڪڙ جي عشق جو هڪ روپ هو. مان مايوس تي پنهنجي پوجنگ ڏانهن ڏٺو. اليڪ سليڪ کان پوءِ اوپاريون لهواريون ڳالهيون هيون. ماڻهو ڏاڍو خوش خلق ۽ مانائتو هو. ڳالهين ڪندي ٻئي ڏريون موج ۾ اچي ويون ۽ ڪڪڙن جو ميل لڳي ويو. مان بہ هڪ نوڪر کي چيو جيڪو پوجنگ کي ڪڇ تي ويهاري ڪٺي آيو جيڪو ٻئي ڪڪڙ کي ڏسي چڏائڻ لاءِ ڦٿڪي رهيو هو. هن ڪٺي ايندڙ ماڻهوءَ جو پيٽ چنبن سان ڪرڙيو ۽ ڳچيءَ سانهين ڪڙڪي سان بانگ بہ ڏيئي چڏي. ان وقت هو سمجهي رهيو هو تہ ساري دنيا جي ڪڪڙن جي ڪلنگي سندس مٿي تي هجي. مان بہ ڪيس رڙ ڪري چيو تہ هتي بہ هڪ ڪڪڙ تنهنجي انتظار ۾ آهي.

مون ڏٺو تہ مون واري ڪڪڙ جورنگ روپ ئي تبديل هو. ڊزن کن اسٽيل جي ڪڙهن جو گهرائي ورتو هيم (6) جيڪي هڪ ڪڙڳ وانگي ڏاڍيون تيز هيون. جوڙي ڪڙهن جي پنهنجي ڪڪڙ جي ڪڙهن تي چاڙهي ان کان اڳتي وڏي احمد خان جي ڪڪڙ جي ڪڙهن تي ساڳي قسم جون فولاد جون ڪڙهون چاڙهيم، ان وقت مير احمد خان مون ڏانهن اچرج وچان چتائي ڏسي رهيو هو. هي ماڻهو پنهنجي پٽَ جو ناليرو ڪفتي هو. هن ٿوري گهڙيءَ لاءِ ڏسي، پوئتي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو هو. ڪڪڙ جي فطري ڪڙهن مٿان فولاد جي ڪڙهن چاڙهڻ جو قائل ڪونہ هو. پر پوءِ بہ ماٺ ڪري ويهي رهيو. مير احمد خان جو ڪڪڙ شاندار نسل جو هو. سندس ڪڙهون فطري طور ڏاڍيون سنيون، سنهڙيون سوا انچ ڊگهيون ۽ سئيءَ وانگي تيز هيون، جيڪي بلڪل مناسب جڳهہ وٺان وريل هيون. جڏهن تہ مون واري ڪڪڙ جون ڪڙهيون ننڍيون ، مڏيون ۽ بيڪار هيون، جن کي ويڙهہ ۾ ڪم آڻڻ ڪڪڙ لاءِ ممڪن ئي ڪونہ هو پر فولاد (اسٽيل) جي ڪڙهہ لڳائڻ کان پوءِ اهڙو عيب ختم ٿي چڪو هو.

”ولله- چا ته مفيد مشورو آهي. مان ان جي هڪ هڪ لفظ تي عمل ڪندس.“ مير احمد خان چيو جنهن پنهنجون اکيون تڪڙو چنيينديءَ چيو هو هي سهپ ۽ کليءَ دل وارو ماڻهو هو جنهن ڏاڍيءَ ڏيرج سان چوڻ شروع ڪيو هو ته ”تنهنجو ڪڪڙ نهايت شاندار آهي. ماشاءَ الله! اميد آهي ته هي بيون شرطون به ائين کٽيندو جيئن هاڻي کٽي اٿائين.

نيٺ اسان اڳتي سفر ڪري سڏيرڻ واري ماڳ وٽ پهتاسون.

سنڌ جي هن ڀاڱي ۾ سفر ڪرڻ به رڪ جي چٽن چٻاڙڻ جهڙو آهي، جبل ۾ ڪوهه ايڏا وڏا هوندا آهن جو پنڌ ڪرڻ سان ته جڻ ڪٽندا ئي ڪونه آهن. جيڪڏهن ماڻهو تڪل ۽ بک ۾ چتو هوندو ۽ پنڌ ويندو وڌندو ته رهندو به چتو تي پوندو ۽ جرمنيءَ وارو ميل به ويندو آ ڊگهو ٿيندو. سنڌين جو ڪوهه به ايڏو ڊگهو جيڏو شيطان جو آنڊو. هندستان جي پڪي ڪوهه ۾ به ميل هوندا آهن. هتي فاصلي جي ماپ وري مختلف آهي، اتر، ڏکڻ ۽ ڏکڻ اوڀر جي ماپ ڌار ڌار آهي، جيڪا عام فاصلي کان ٻيڻ تي وڌيڪ هوندي آهي. اهو به ممڪن آهي ته هتان جا ماڻهو فاصلي لاءِ مختلف خيال رکندا هجن، يا وري انهن جي زبان صحيح فاصلو نه ٻڌائي سگهندي هجي. جيڪڏهن ڪنهن واٽ ويندي کان پڇيو ته فلاڻو ڳوٺ ڪيترو پري آهي ته جواب ڏيندو ته اهو ته هتي آهي بس ويجهڙو آهي. هن جو مطلب هوندو آهي رائفل جي گولي جي پهچڻ جيترو پري يا سڏ پنڌ تي. پر اوهان کي پڪ سمجهڻ گهرجي ته اهو پنڌ گهٽ ۾ گهٽ چار ميل هوندو.

اسان ان ٽاڪ سامهون کليل ميدان ۾ رات گذاري جتي قليلي جو پاڻي گوني وهڪري ۾ وهي رهيو هو يا ان ماڳ وٽ جتي گجي (Gajah) وٽ قليلي مختلف واهڙن جي شڪل ۾ گوني درياهه ۾ داخل ٿي رهيو هو جتي اسان کي هڪ وسيع جور نڪرانو ۽ پڪين سِرن جا ٽوٽا ڏسڻ ۾ آيا. ان کان سواءِ وڏين جڳهن جي پيڙهه کان مٿي وارا پڪين سرن جا پار به نظر آيا. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته اهي ڪنهن وڏي قديم شهر جا آثار هئا، هتي ڪيترائي اهڙا قديم آثار آهن جيڪي سنڌ جي شاندار ماضيءَ جا ساکي آهن. ان کان سواءِ هن ملڪ ۾ ڪيتريون مزارون ۽ مسجدون آهن جن جي قديم طور جي تباهه حال قبن ۾ رڳو ڪبوترن جا آکيرا آهن. هن قديم طرز جي اڏاوتن مان معلوم ٿي رهيو آهي ته سنڌ جو ماضي نهايت ئي عاليشان هئو. موجوده دور ۾ ڪجهه ڪچيون مسجدون آهن جن ۾ پري پري آباد ٿيل ڳوٺن جا ماڻهو نماز پڙهندا آهن. موجوده دور ۽ اڳيئين دور جي اڏاوتن ۾ زمين آسمان جو فرق ڏسڻ

۾ اچي ٿو. هي شايد مدد خان پناڻ جي فوجن جو رستو هو. هي پناڻ سردار نالي چڙهيو ظالم ۽ ڪنور هو جنهن واهڻ وسنديون اجاڙي ناس ڪري ڇڏيون. ڪوبہ شهر سندس خونخوار تلوار جي تيز وار کان آجو ڪونہ رهيو. جتي سندس پير پهتو اتي لاشن جا ڍير لڳي ويا ۽ رت جون نديون وهي ڇڙيون. جيڪي ڳوٺ ۽ شهر سندس قرلت کان بچي ويا سي سڙي رک ٿيڻ کان بچي ڪونہ سگهيا. جتان بہ گذريو اتان ماتم روج راڙن جا پڙاڏا ڇڏيون ويو. هو بتاڪ هٽي چوندو هو تہ ڪنهن ماڳ تي پير پوڻ سان گلابن جي گلن جا باغ برپٽ بيابانن ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. اڳين صديءَ جي پڇاڙيءَ واري دور ۾ افغانستان جي حڪمران شاهہ تيمور کيس سنڌ کي پيلي پينگ ڪرڻ جي ارادي سان موڪليو هو. سندس اچڻ جو خاص مقصد ميان عبدالنبي جهڙي ظالم کي تخت تي ويهارڻ هو جنهن کي ٽالپر فوجي سردارن بغاوت ڪري ڀوڙائي ڪڍي ڇڏيو هو. هي پناڻ فوجي ڏاڍو ظالم هو. جنهن جي اکين ۾ ڪو شرم حيا ڪونہ هو سندس ڏاڍ ۽ قهر ڪري هن جي فوجي مهم ڪامياب ثابت ٿي هئي.

هتان جون روايتون ڪنهن دلچسپي کان خالي ڪونہ آهن. سڏيرڻ نالي هن ماڳ وٽ هڪ پراڻو تلهہ آهي، هتي هر سال ويساک جي مهيني ۾ هندو ياتري ايندا آهن، پهريائين هو پنهنجا مٿا ڪوڙائيندا آهن، بعد ۾ ان تلهہ جي چوڌاري ساڄي کان کاٻي طرف تي ڦيرا طواف ڪندا آهن. اهڙي ڌرمي رسم جي ادائگي کانپوءِ هر ياتري ست پتر يا ست سروٽا ڦبي جهڙي اڏاوت کي هڻندو آهي (9) شايد اهو انهيءَ ماڻهوءَ جي لاءِ نفرت جو اظهار آهي جيڪو ڪڏهن انهيءَ اڏاوت اندر رهندو هو. هي مذهبي رسم هر سال ويساک مهيني جي پوئين اڌ ۾ ادا ڪئي ويندي آهي.

اونداهي ٿيڻ کان پوءِ اسان موٽي اچي پنهنجي بند تنبوءَ ۾ ويهندا هئاسون. وچ تي کوٺيل کڏ ۾ ٽانڊا پيا جرڪندا هئا ۽ اسان ڏاڍي مزي سان وينا هٿ سيڪيندا هئاسون. ان کانپوءِ ڪتن جي موسيقي شروع ٿي ويندي هئي. گڏهن جي هينگاٽن جا پلٽا بہ پري تائين ٻڌبا هئا. بعد ۾ گدڙن جون رئڻ جهڙيون اونايون ٻڌبيون هيون. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ حضرت محمد ﷺ جي ظهور کان گهڻو وقت اڳ هتي ڪو وڏو شهر آباد هو جيڪو نظر ايندڙ ٺڪرن کان بہ پرئين پاسي پري پري تائين پکڙيل هو چيو ويندو آهي تہ راجڌاني وارو شهر هو جتي ويهي راجا رام نالي هڪ ماڻهو راڄ

ڪندو هو. هي راءِ نياءَ نيت وارو بهادر ۽ ڏيهن جو ڏاتار هو. هن گهڻيون شاديون ڪيون هيون، تنهن ڪري سندس آڪهه وڏي هوندي هئي.

اتفاق جي ڳالهه اها ته جو راجا رام جو وڏو پٽ سڌيرڻ جڏهن جوان ٿيو ته سندس ماءُ جيڪا پٽ راڻي هئي، وفات ڪري وئي. هن جي مرتئي کان پوءِ راجا رام پنهنجي ملڪ جي هڪ سهڻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي.

اهو دنيا جو دستور آهي ته ويڳيون مائون پنهنجي ويڳن پٽن کي گهٽ ڀائينديون آهن ۽ پيءُ ۽ پٽن جي وچ ۾ محبت وارن رشتن ۾ وهه اوتينديون آهن. انهيءَ لاءِ ته جيئن راجا جي وفات کان پوءِ هن جي گهڻي ملڪيت تي قبضو ڪري سگهن.

راجا رام جي پوئين گهر واري ڏاڍي خوبصورت هئي، جيڪا راجڪمار سڌيرڻ سان دل جو دل ۾ عشق ڪندي هئي. هڪ ڏينهن سڌيرڻ باغ ۾ نشاني بازي ڪري رهيو هو ته سندس نشان خطا ٿي ويو ۽ تير وڃي سندس ويڳي ماتا جي ڪمري ۾ ڪريو جنهن سان سندس پيءُ تازو شادي ڪئي هئي. راجڪمار سڌيرڻ تڪڙو تڪڙو ڏاڪڻ چڙهي مٿي ويو ۽ راڻيءَ جي ڪمري ۾ گهڙي تير کڻڻ لڳو. راڻي کيس اڪيلو پنهنجي ڪمري ۾ ڏسي کيس پنهنجي دل جي ڳالهه ٻڌائي. سڌيرڻ کيس وراڻيو ته، ”تون منهنجي ماتا آهين ۽ مان تنهنجي پٽ جي جاءِ تي آهيان. مون کان اهڙي ڪريت ڪانه ٿيندي. ان کان پوءِ هو تڪڙ ۾ ڪمري کان ٻاهر نڪري هليو ويو.

ان ڏينهن راجا رام شڪار تي ويو هو. موٽي آيو ته کيس راڻي ٻڌايو ته راجڪمار سڌيرڻ هن جي غير حاضري ۾ سندس عزت لٽي آهي. تنهن ڪري کيس سخت سزا ملڻ گهرجي.

راجا رام پنهنجي گهر واري جي ڳالهه ٻڌي ڪاوڙ ۾ تپي باهه ٿي ويو ۽ اهڙي باهه فقط رت جي پاڻيءَ سان ٿڌي ٿي اجهامي سگهندي آهي.

هن هڪدم دربار جا خاص ماڻهو سڏائي اها ماجرا سڻائي جيڪا ٿورو وقت اڳ کيس پنهنجي نئين ۽ سهڻي زال ٻڌائي چڪي هئي. کين حڪم ڪيائين، اهڙي راجڪمار کي هڪدم قتل ڪيو وڃي، جنهن پنهنجي ماتا جي عزت ۾ هٿ وڌا آهن.

جڏهن راجا رام پنهنجي خاص درٻارين سان باغ ۾ داخل ٿيو ته ان وقت راجڪمار سڌيرڻ نشاني بازيءَ ۾ رڌل هو. ان وقت هن پنهنجي درٻارين

ڪي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو جيڪي هٿيارن سان مسلح هئا ۽ سندن منهن تي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي ڇاپا هئي. جڏهن اهو سارو مسلح ميڙاڪو هن جي ويجهو پهتو تہ ڪيس حقيقت جو احساس ٿيو ۽ ڀڄڻ لڳو پر گهڻي دير ٿي چڪي هئي، راجا جي هٿ ۾ تلوار هئي، جيڪو ڏاڍي تيز رفتاري سان اڳتي وڌڻ لڳو. جڏهن نيڪ ۽ صالح پٽ سڌيرڻ ڏٺو تہ سندس پيءُ ڪيس قتل ڪري پنهنجي بي گناهہ پٽ جي هتيا ڪرڻ جو پاپ ڪري رهيو آهي تہ هن ڀڳوان کي وينتي ڪئي تہ هو ڪيس هڪدم ماري ڇڏي. هن معصوم راجڪمار جي دعا هڪدم اگهائجي ويئي ۽ سڌيرڻ مري ويو.

جڏهن راجا رام سڌيرڻ کي دعا گهرڻ کان پوءِ هڪدم مئل ڏٺو تہ ڪيس هوش اچي ويو ۽ سمجهي ويو تہ سندس نوجوان خوبصورت ۽ صالح پٽ بي ڏوهي هو. هو موتي محل آيو ۽ درٻارين کي حڪم ڪيائين تہ سندس راڻيءَ کي قتل ڪري سندس جسم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏين، جيڪا جلد ئي پٽ راڻي ٿيڻ واري هئي. راجا رام کي بہ ڏاڍو صدمو رسيو ۽ ڪاٺ ٻيهڻ ڇڏي ڏنائين، بعد ۾ سنت ئي مري ويو. ڪيس ان مقبري ۾ دفن ڪيو ويو. جنهن کي هر سال ياتري سروتا يا پٿر هڻندا آهن.

پر هتي هڪ ٿُلهہ موجود آهي، جنهن جو هن ڪهاڻيءَ سان ڪو واسطو نظر ڪونہ ٿو اچي. اهڙيءَ ريت هيءَ تعمير هڪ ڳجهارت بڻجي ويئي آهي. سندس اڏاوت مُوڙيال (مخروطي) آهي. اوساريءَ ۾ ڪچيون سرون ڪم آنديون ويون آهن، جيڪي سنڌ ۾ اڏاوتي ڪم ۾ ڪتب ايندڙيون آهن. هي ٿلهہ سورنهن فوٽ اوچو ۽ ايڪهتر فوٽ موڪرو آهي ۽ سندس پيڙهہ وارو پٿر جو اوساريل ٿلهو بہ ايترو ئي ويڪرو آهي. ٿلهي پرسا ن مٿيءَ جو هڪ دڙو هو جنهن جي آڏار تي مٿي ٿلهي تي چڙهي وڃڻ سولو هو. مٿي وچي ڏٺم تہ هڪ سوڙهو ڏرو ڪنيل هو جيڪو هڪ سُرنگهہ وانگي هو. ڏيهي ماڻهو سمجهندا آهن انهيءَ سرنگهہ ۾ جن ڀوت ڪاريهر نانگ ۽ وڏا وڇون موجود آهن. تنهن ڪري جيڪو بہ هن سرنگ ۾ لهندو تہ جن ڀوت سندس ڪنڌ ڀڃي ڇڏيندا. جيڪڏهن اهي ڪيڏانهن ٻاهر هليا ويا هوندا تہ اتي وينل واسينگ ۽ وڇون ڪيس ڏنگي ڏنگي ماري ڇڏيندا. پر اهو ڏورو ست اٺ فوٽ گهرو هو ۽ ڪيڏانهن بہ ڪونہ ٿي ويو. مون کي بعد ۾ ڪنهن ٻڌايو تہ اها سرنگهہ مير غلام علي ٽالپر کٽائي هئي، ڇاڪاڻ تہ هن کي پڪ هئي تہ اهڙين پراڻين اڏاوتن جي پيڙهہ هينان تمام گهڻي دولت پوريل هوندي

آهي، ان ڪري هو ڪجھ جاننا جوان وني آيو جن ڪوڏارين سان ڪوتي هن تاريخي ماڳ کي هيٺ متي ڪري ڇڏيو پر لڏو ڪارو ڏوڪڙ بہ ڪونہ هو.

هن قسم جي قديم ماڳن کي هڪ عقيدتمند ٽي محفوظ ڪري سگھي ٿو. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ ايندڙ صديءَ ڏاران تباھہ ٿي ويندو. هي ماڳ تمام گھڻو قديم ڪونہ آهي. سنڌ جي هن علائقي ۾ اهڙا قديم يادگار تمام گھڻا آهن ۽ اهڙا نلھہ گول طرز جا آهن. پر اهي گھڻتا گھر نہ آهن، جيڪي عام طور تي گرجا گھرن ۾ نظر ايندا آهن پر مذهبي رسمن لاءِ پڪا ماڳ آهن. اهو بہ امڪان آهي تہ مستقبل ۾ هي ماڳ قديم آثارن جي ماهرن لاءِ بحث جو موضوع بڻبا.

سڏيرڻ واري نلھہ کان اتڪل ٽي ميل پري گنجي تڪر واري جوءِ ۾ هڪ بيو بہ اهڙو قديم يادگار موجود آهي، جيڪو ڦتي ناس تي ويو آهي، اتان جا ماڻھو اهي اڏاوت کي ڪُتيهار Kuttehar سڏيندا آهن. چيو ويندو آهي تہ هڪ ڪُتي پنهنجي مالڪ جي چوري ڪيل ملڪيت ڳولي لڌي هئي، پر سندس مالڪ تڪڙ ڪري ان کي ائين ماري ڇڏيو جيئن سڏيرڻ کي سندس پيءُ جلد بازي ڪري قتل ڪري ڇڏيو هو. ٿوري وقت کان پوءِ مالڪ کي حقيقت معلوم ٿي ۽ ڏاڍو پڇتايو هئائين ۽ ڪتي مٿان قبر جوڙائي هئائين. جڏهن اسان آڳبوتن وسيلي هيٺ سفر ڪرڻ شروع ڪيو تہ مان توکي سنڌي گيلرٽ Gelert جي ڳالھہ ٻڌائيندس.

باب ايڪيهون

# ابراهيم خان ٽالپر ڳوٺ ڏانهن روانگي

اهو ڪرس ماس جو وڏو ڏڻ هو. مون کي خبر آهي تہ هاڻي اوهان کي ڏکيو بحث ڪرڻ ڪونہ ٿا چاهيو. نہ وري اوهان جو مقصد پنهنجي اندر جي اوپر کي ٻاهر ڪيڻ جو آهي. ڪيڏي نہ بچان پئي لڳي. مون کي اها چڱي ريت ڄاڻ آهي تہ توهان جي اندر ۾ پنڻ متو پيو آهي. توهان تہ ڪپڙا بہ ڪونہ بدلايا آهن. ميرا نِڪ تي ويا آهن. اڌما ۽ اتساهہ بہ پکيئڙن جيان آڪاس ۾ اڏامي رهيا آهن. اوهان دل سورن جي وهہ ۾ وهاڻي چڙي آهي. سائين جان بل! اوهان جي خودڪشي ڪرڻ جو نهايت مناسب وقت آهي. سالگرهہ ۽ وڏو ڏڻ خوبصورت يادگيرين جي گلف سان سينگاريل هوندو آهي، جنهن جو واسطو ماڻهوءَ جي ماضيءَ جي محبتن سان هوندو آهي پر اڄ اوهان هڪ اوپري ملڪ ۾ موجود آهيو ۽ اوهان جي چوڌاري ڏک ڏچا ۽ پنهنجي پيارن جي وڇوڙي جا سور آهن ۽ ڪرسماس جو پلارو ڏڻُ آهي.

مثال طور اڄ ڏينهن جا يارنهن وڄي رهيا آهن. اوهان جي جسم تي ڪافرن جو لباس آهي ۽ گهوڙي تي سوار آهيو ڏڦو ڪلهي تي آهي. کليل ميدان آهي ۽ اس لوساڻي رهي آهي. ڏہن وڃان پاڻيءَ جو هڪ وهڪرو آهي. صبح جو سويل ان جو ڪنارو ڏٺي جڏهن سفر شروع ڪيو هيوسون تہ سيءَ ڪان لونءَ ڪاندارجي وٺي هئي، هينئر منجهند ٽيڻ واري آهي ۽ سج جڻ اچي نيزي پاند تي پهتو آهي. نيرن بہ تڙ تڪڙ ۾ نہ جهڙي ڪري گهوڙن تي لانگ ورائي هئي سون. تون گهوڙي تي سوار ڪونہ آهين پر اٽليءَ جي ماڻهن جي چواڻيءَ مطابق گهوڙي تي چڙهي جوگنگ ڪري رهيو آهين، توهان اوچتو گهوڙي جي واڳ کي ڇڪي ونو ٿا. توهان جون اکيون هڪ جاءِ تي ڪتل آهن. توهان جو سارو ڌيان پنهنجي ڪنن ۾ آهي. تون ڪٿان پري

ڪان گرجا گھر جي گھنڊن جا گرنڊڙ آواز ٻڌي رهيو آهين! سوچي رهيو آهين تہ اهي ڪٽان اچي رهيا آهن. اچرج ڪان تنهنجو وات سڱورو ٿيڻو ٿي ويو آهي ۽ مکين جي آمد رفت شروع آهي. اهي سچا پچا گرجا گھر جي گھنڊن جا آواز آهن جن ۾ مصريءَ جي تڙ جو ميناج ۽ گلاب جي گلن جھڙي سرهاڻ ۽ سڳنڌ آهي اهو منڙو آواز جڻ تہ هوا جي جھوتي ڪٽي تو وٽ پڇايو آهي. اهو سُر گھٽي فاصلي تان اچڻ ڪري وڌيڪ نفيس ۽ منڙو ٿي ويو آهي ۽ ڏينهن جي گرمي ۾ مختلف آوازن ڪري جھيٽو ٻڌجي رهيو آهي. ڏينهن تپي ويو آهي ۽ تنهنجي دماغ بہ ڪم ڪرڻ ڇڏي موڪل تي هليو ويو آهي. روشني ڏاڍي تيز آهي ۽ اکيون چجھيون ٿي پيون آهن. آڌو جڻ ڪاري رات ڇانيل ڏسجي رهي آهي. ڪڏهن توهان اهڙي آواز کي محسوس ڪري رهيا آهيو ڪڏهن نہ ڪري رهيا آهيو. ڪڏهن سوچي رهيا آهيو تہ اهو وهم ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ ڪونہ آهي ۽ سوچ جو ڏوڪو آهي. ڪڏهن وري اوهان کي احساس ٿي رهيو آهي تہ ڪير گونجدار آواز ۾ ٻاڪاري رهيو آهي. ڪڏهن اوهان کي احساس ٿي رهيو آهي تہ اهو ماضيءَ جي يادگيرين جو اثر آهي.

بعد ۾ سج لهي رهيو آهي. اونداهيءَ جي ڪاراڻ ڇائنجڻ لڳي ٿي. جھونجھڪڙي جي روشني جڻ چانڊوڪي محسوس ٿي رهي آهي. توهان بہ جڻ شام جو پسار ڪري ان اڪيلي تنبوءَ ڏانهن موٽي اچي رهيا آهيو جنهن ۾ جھيٽي روشني جھرڪي رهي آهي. هتي پهچي توهان ڪاڏي پيتي جي تيارين ۾ لڳي ويچو ٿا. توهان جو تيار ڪيل ڪاڏو بہ اهڙو ساءَ سواد وارو آهي جو گرهہ بہ نڙيءَ ڪان هيٺ ڪونہ ٿو لهي ۽ اوهان جي مزاج جي لاهي چاڙهي جا عجيب غريب رنگ نظر اچي رهيا آهن.

آخر ۾ وچي آرامي ٿئين ٿو. توهان پنهنجو منهن تنبوءَ جي ديوار ڏانهن ڪري ڇڏيو آهي ۽ اوهان جي نيٽن مان نار وهي رهيا آهن سر ۾ سوداءُ ۽ ساروٽيون سمائجي ويون آهن. نہ ننڊ آهي نہ جاڳ آهي. رات جي ڪري نيڻ ننڊاڪا آهن. اڪيلائي جي چپ آهي ۽ وڇوڙي جي وڇونءَ جي ڏنگن ڪري اوهان جو هيانءُ مُٺ ۾ آهي. توهان ڪيتري وقت ڪان ونئي پاسا ورائي رهيا آهيو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي جڻ اوهان جي هر ساروٽي اوهان جي دل کي واهيري جو وڻ سمجھي پنهنجي لاءِ آس جا آکيرا اڏي رهي آهي. اها اوهان جي غلط فهمي آهي تہ اوهان جا نيرانا نيڻ ٻين نظارن جي تلاش ۾ آهن ۽ اوسائيل هرڻ جيان ڪنهن تڙ جي ڳولا ۾ ڳھي رهيا آهن. تنهنجا ڪن

اهڙيون ڳجهيليون ڳالهيون ٻڌي رهيا آهن جن جو واسطو انهن سان ڪونه آهي. اهڙين سرهين ساروڻين توهان جي نڪ کي بہ متاثر ڪري رکيو آهي. پر گهڙيءَ کن کان پوءِ اوهان جو ذڪ لوڻ پاڻي تي ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ توهان عجيب غريب ملڪ ۽ سمنڊ ڏٺا آهن. توهان تہ زمان ۽ مڪان واري تصور کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏيو آهي. توهان جئڪ Jaik آهيو جاني Johnny آهيو ماسٽر جان آهيو ۽ مسٽر جان بل آهيو. اوهان جي اکين جي تمڪڻ مان ئي محسوس ٿي رهيو آهي تہ اوهان مسٽر جان بُل آهيو. ماضيءَ جا سڀ منظر ڏاڍي چٽائيءَ سان اوهان جي آڏو موجود آهن. جيڪي اوهان کي چرڪائي رهيا آهن. مون کي هاڻي محسوس ٿي رهيو آهي تہ توهان پنهنجي گهر ڀاتين ۽ ويجهن دوستن جا پيار ڀريا آواز بہ ٻڌندا رهيا آهيو جيڪي اوهان جي روح جي پردي سان لڳي وڃي رهيا آهن. اوهان جي آڏو ڪي چهرا بيٺا آهن جن مان ڪي مُرڪي رهيا آهن ۽ ڪن جي نراڙ ۾ گهنج آهن جيڪي شايد اوهان تي رنج آهن. ڪي ٻول بہ ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. جيڪي ماڪيءَ جي آر ۽ مصري جي لار جهڙا منڊا ۽ باجهارا آهن. ڪي ٻول وري ٻاڙا بہ آهن جن ۾ ڪاوڙ ۽ رُسامي جو رنگ ڀريل آهي. اهي ماضيءَ جي پڪل گوشت جهڙا چهرا ۽ پدنگ جهڙا ساءَ وارا ۽ سرها آهن جيڪي عجيب اتفاقن ۽ واقعن سان ڀريا پيا آهن.

توکي ڪن ماڻهن جي اُڪنڊ ۽ اُڪير ستايو آهي. تنهن ڪري تون اتاولو ٿي ويو آهين. ان ڪري جو تون ان جاءِ تي موجود آهين. جتي توکي نہ هجڻ گهربو هو. تون سُرهين ساروڻين کي ورجائي رهيو آهين. چاهين ٿو تہ جيڪر پر هجن تہ اڏامي هليو وڃان پر اهڙو اڏامڻ بہ ڏرو هوندو. اهڙي سچ توکي هيٺ پاتال ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي. پر وري ان سوچ ۾ ٻڏي ويو آهين تہ توهان اتي موجود آهيو جتي اوهان کي موجود هجڻ گهرجي. بعد ۾ اوهان کي ننڊ اچي وڃي ٿي. سائين جان بل! اوهان هن وقت سندر سپنن جي ڌرتي تي موجود آهيو. هن وقت اوهان جي سوچ اوهان جي جسم کان ڇڄي ڌار ٿي ويئي آهي. تنهنجو دماغ توازن وڃائي چڪو آهي ۽ تورين گهڙين لاءِ پنهنجي خواهش کان لطف اندوز ٿي رهيا آهيو.

اسان خلاف عادت ڪي ڳالهيون پڙهيون ۽ ٻڌيون آهن تہ هڪ ماڻهو ٻئي سان هڪ پاڇن واري دنيا ۾ ملندو آهي پر ڪيس محسوس ائين ٿيندو آهي جڻ اهو ساڻس حقيقي جهان ۾ ملندو هجي. ڇا اهڙيون شيون فقط رڇ جي ڏيک جهڙيون غير حقيقي هونديون آهن. ڇا تنتي سرشتي واري جهان ۾

ڪي اهڙيون رمزون ۽ راز آهن جن کي سمجهي ڪونہ ٿو سگهجي، جيڪي مافوق الفطرت ڪردار ادا ڪندا رهندا آهن. اها بہ فطرت جي هڪ شڪل آهي، جنهن کي اڃا تہ سمجهيو ئي ڪونہ ويو آهي پر جيڪڏهن سمجهيو ويو آهي تہ غلط سمجهيو ويو آهي.

اسان هن ڳالهہ تي يقين ڪونہ ڪندا آهيون تہ جڏهن انسان ڪنهن پري واري شيءِ تي ڳوڙهو سوچيندو آهي تہ سندس دماغ بہ ساڳيءَ رخ ۾ سوچيندو آهي ۽ ان شيءِ کي حقيقي طور موجود سمجهندو آهي.

مان سمجهان ٿو تہ اوهان فڪر جي ان مقام تائين پهچي چڪا آهيو.

اسان سياح سمجهاڻ کان سواءِ ڪابہ ڳالهہ سمجهي ڪونہ سگهندا آهيون. اها خبر بہ ڪانہ پوندي آهي تہ ڪهڙي طريقي سان فطري ماحول آفاقي حيثيت حاصل ڪري وٺندو آهي.

اسان بعد از طبعيات تي گهڻو ڳالهايو آهي پر اهي لفظن جي اڏاوتن جون پيچيدگيون آهن. اهو خيالن جو هڪ مها جار آهي جيڪو اسان جي رهبري ڪري ڪيڏانهن بہ وٺي ڪونہ ويندو آهي. چين جي ڳجهارت فقط ڳجهارت هوندي آهي، جنهن مان ڪنهن بہ قسم جو لاڀ ڪونہ ملندو آهي. اخلاقيات جي علم جو ماهر رهبري لاءِ بہ سائين بل، ترڪي سرڪي اچي اوهان وٽ پهچندو. اهڙيون ڳالهيون تہ ڪنهن قديم اصول سان واسطو رکن ٿيون. پر اخلاقيات جي اصول جو ماهر اوهان کي اچي چوندو تہ سائين اوهان هن ڳالهہ ٻڌائڻ جا پابند آهيو تہ ڪير خوش آهي ۽ ڪير خوش نہ آهي ۽ جيڪڏهن خوش آهي تہ چو خوش آهي ۽ ڪهڙو ماڻهو ڪهڙين ڳالهين تي خوش آهي، جيڪڏهن ڪو ناخوش آهي تہ ڇو آهي ۽ سندس ناخوشيءَ لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ڪارڻ آهن. اهڙين ڳالهين تي فقط ڪافر ماڻهو سوچي سگهي ٿو. مثال طور توهان ڪرسماس واري وڏي ڏڻ تي اڏهيءَ ۽ چوپائي جانور جيترو بہ خوش ڪونہ هُئين. نہ وري ان ڏينهن بندوق ۾ گولي وجهي ڪنهن کي شڪار ڪرڻ جو سوچيو هو. اوهان ٽپ ڪري هيٺ ڪري ڪونہ پيا آهيو. نہ وري چيتي جهڙي بهادر بلوچ پنهنجي خونخوار خنجر سان wind_pipe وڍي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو آهي. هن ماڻهوءَ جي ڪاوڙ ڪندي تي ان ويل چڙهي ويندي آهي جڏهن اوهان متس ڪيل احسان ۽ رحم بابت هن تي ڇٽر وچان ڪلندا آهيو.

هڪ مذهبي ماڻهو اوهان سان خوش اخلاقيءَ سان ضرور ملندو ۽ ڪرسمس جي تاريخ بہ ڪولي ٻڌائيندو. پر هدايت بہ ضرور ڪندو تہ متان

عيسائي ٿئين. ان وقت توکي ٻه ڪاوڙ ۾ ڪنڌي تي چڙهي وڃڻ گهرجي ۽ گهوڙي تي لانگ ورائي گوڏيءَ جي ڪنار ڏئي ڏڪڻ اوير اهل وهي پؤ. پر سائين جان بل! پنهنجي ٻليءَ يا مهميز کي ضرور ڪم آڻجو. تنهنجي انهيءَ گهوڙي کي گهه ڪرڻ جي خاص خوبي آهي، لڪڻ لڳندس ته پستيون هٽي پوئين پير پوئتي هلندو. پڇ جي پاسي ٻليءَ جو چٽڪو ٻه چاڙهينس ۽ ان سان گڏ اڙين هٽڻ جي ٻه ٻاهه ٻاري ڏسينس. ائين جيڪڏهن يارُو- ناڪو- يارو-ناڪو ڪري هلندو ته مير ابراهيم خان جي ڳوٺ پهچڻ تائين بک ۾ آنڊا ته ڪلوس ڪلوس ڪندا هلندا.

مير ابراهيم خان وٽ هرڻن جو شڪارگاهه آهي جيڪو ايڏو وڏو ڪونه آهي پر هن مير لاءِ ته وڏي شيءِ آهي.

هڪ ڏينهن مان ۽ منهنجو دوست ليفٽيننٽ بلاگرِيو Bla Grave ٻه هن وٽ شڪار ڪيو هو جيڪو تن ڏينهين ڪئنال سروي ۾ ملازم هو. ان ڏينهن اسان سان گڏ تڙ ڪرڻ واري چيڙ ٻه گڏ هئي، جن جي هٿن ۾ ڊگهيون ڏانگون هيون ۽ ڦاٽڻ جي حد تائين وات ڦاڙي رڙيون ڪري رهيا هئا. اسان اهو ڏينهن بندوقن جا ٺڪاءَ ڪندي گذاريو هو. هن مير جي حد اندر مٽي هڪ ٻي ڊنڊ ۾ ٻه بيشمار پکي وينا هئا جو پاڻي نظر ڪونه ٿي آيو.

اسان کي ڏهه ٻارنهن فائر ڪرڻ جي اجازت ملي هئي سو چاهيوسي پئي ته پيچاڙي ۾ ٻه پکين کي موت جو مزو چکائجي. تنهن ڪري مان پنهنجي دوست بلا گرِيو کي چيو ته "مان ڊنڊ جي ٻئي پاسي وڃي ٿو بندوق جا فائر ڪري پکي توڏانهن موڪليان ۽ تون اتي بيهه."

"اها ته تنهنجي مهرباني پر لوڏ ڪرڻ واري هي چيڙ ٻه پاڻ سان وٺي وڃ." بلاگريو چيو.

ڊنڊ جي ٻئي پاسي وڃڻ لاءِ هڪ واهي وٽ پهتو جيڪا ٻن ڊنڊن کي پاڻ ۾ ملائي رهي هئي. تپ ڏيئي پار وڃڻ جو مون کي خيال ڪونه آيو. مان سمجهيو ته پاڻي پنيءَ ٻوڙ هوندو سو اک ڇنڀ ۾ جهاڳي وڃي ٿو پار پوان. اندر گهڙيس ته پاڻيءَ ۾ ڪاري گپ! ڪنن تائين گرٽپ ٿي ويس. پيرن ۾ گوڏن تائين وڏا جئڪ- بوٽ پاتل هئا. اٽيل- ڪلاٿ جو جئڪيٽ هو جنهن جي وڏن کيسن ۾ ڪارتوس پيل هئا. ان ڪانسواءِ ترڪن واري جهولدار شلوار پهريل ۽ ڪلهي تي ٻه نالي بندوق رکيل هئي. توهان کي ٻه جيڪڏهن سائين بُل صاحب! اهڙا ڪپڙا ۽ ايترو بار هجي ته توهان ٻه ان ايڪيري واهيءَ مان نڪري ڪونه سگهو ها. ڪوشش ته ٻاهر نڪرڻ جي

ڪري رهيو هوس پر پوءِ بہ وچي هيٺ رهيو هوس. ڪناري تي بيٺل گاهہ ۾ هٿ وجهي مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪيم تہ گاهہ پٽجي آيو ۽ ڏو وچي پاڻيءَ گپ ۾ ڪيم. ان وقت بہ تي ڍڪ ڪِني پاڻيءَ ۽ گپ جا وات ۾ پئجي ويا تہ ڏاڍو لطف اچي ويو. توهان جان بل! اهڙا خوش قسمت ڪٿي آهيو جو اوهان کي گندي گپ چکڻ جي سعادت ۽ عياشي نصيب ٿئي. وري بہ ڪنهن گاهہ جي ٽبي ۾ هٿ وجهي مٿي چڙهڻ لاءِ سوچيو پر واهي جو ڪنارو گاهہ کان ائين صاف هو جيئن گنجي جو مٿو وارن کان پاڪ هجي. رڙيون ڪري مدد لاءِ پڪاري بہ ڪونہ ٿي سگهيس. ڇاڪاڻ تہ منهنجو پيارو واڻ، بہ پاڻيءَ ۾ ٻڏل هو منهنجي هڪ هٿ ۾ ويسٽلي ۽ رچرڊس جي بہ نالي بند.وق هُئي، جيڪا مان گپ ۾ وڃائڻ نٿي چاهي، سو هِڪ هٿ وجي ڪناري ۾ وڌم. زور ڏيئي مٿي چڙهيس تہ ساري پڪ ڇجي پئي ۽ مون سان پاڻيءَ ۾ هلي آئي، اُهو ڪنارو ڄڻ مٿيءَ جو نہ پر مکڻ جو نهيل هو. اُن وقت مون کان بندوق بہ هٿن مان ڪري پئي، دِل ۾ چيم تہ اڌ دنيا گهمي ڦري، اڄ هِن گندي ڪسيءَ جي ڪاري گپ ۾ مري رهيو آهيان، هاءِ ڙي قسمت! پوءِ آخري پيرو واهيءَ جي گپ جهڙي ڪناري ۾ اندر کپائي تڏ ڏيئي مٿي ٽپڻ جي ائين ڪوشش ڪئي، جيئن ڪاسموڊو جو شڪاري ماڻهو بچڻ واسطي گهرجي، ڇت ۾ بہ هٿ وجهندو آهي، سائين جان بل! منهنجيون ڳالهيون ٻڌي کلي رهيو آهين، پر جيڪڏهن تون پاڻ هن ڪاري گيچڙ ۾ ڦاسي پوين ها تہ، تنهنجو حال ڪهڙو هجي ها. چوندا آهن تہ جيڪو ماڻهو جنگ جي ميدان کان ٻاهر هوندو آهي، سو پنهنجي بهادريءَ جي ڏاڍي لباڙ هڻندو آهي! وڏڙن جو ڪو لولو اگهاڻل هو. ان وقت منهنجي دوست، جي بلا گريو جي اک مون تي پئجي وئي، جنهن مون کي بچائڻ لاءِ واهيءَ جي ڪناري تي بيهي هيٺ چال ڏنو تہ هو بہ ڪاريءَ گپ اندر ڪنن تائين گم تي ويو ۽ پنهنجي زندگي بچائڻ لاءِ منهنجي مٿان چڙهي ويو اگي تہ ڪاري گپ ۾ پاڻي ٻوڙي ماري رهيو هو. هاڻي وري وفادار دوست پنهنجي پياري زندگي بچائڻ لاءِ منهنجي مٿان چڙهي مون کي ڪاريءَ گپ ۾ قربان ڪري رهيو هو. ان وقت ڇيڙن جي اسان تي نظر پئجي وئي جيڪي وارو وارو ڪندا اسان ڏانهن اچي رهيا هئا. هڪ ماڻهوءَ مون کي لاش وانگر گهلي اچي واهيءَ جي ڪناري تي رکيو. ڇيڙا اسان ٻنهي جي ڪل جاچي ڏسي رهيا هئا تہ اسان جيئرا آهيون يا پرلوڪ پڌاري ويا آهيون. منهنجو جسم جيڪٽ، جهولدار شلوار، جٽڪ بوٽ ڪاريءَ گرڻ ۾ ڪارا هئا. ٻن انگريز آفيسرن هيٺ واهيءَ ۾ لهي ٽپيون هڻي

بندوق ڳولي ورتي. هنن اهو ڪم نهايت ڦڙتائي سان ڪري ڏيکاريو جن ڪي ڏسي هتان جا ماڻهو وائڙا ٿي ويا هئا. ان ڪان پوءِ گهوڙيسوار جهونجهڪڙي جو ڊڊن ڪي ڊوڙائيندا مير جي مهمان خاني ۾ پهتا هئا. ڇاڪاڻ ته سخت سيءَ پئجي رهيو هو.

سائين بل صاحب! اسان هاڻي جتن واريءَ جوءِ ۾ آهيون. اوهان ڪي جاچڻ پرکڻ ۽ تنقيد ڪرڻ واري ساڃهه ۽ سُچيتائي ڪانه آهي جو اوهان ڪنهن فرق کي محسوس ڪري سگهو. اوهان گهمي ڏسندا ته چوندا ته جتن جي وانڍ ۽ سنڌين جي ڳوٺ ۾ ڪو فرق موجود ڪونه آهي. پر مان اوهان کي اهڙي فرق سمجهائڻ جي جاکوڙ ضرور ڪندس. پوءِ ڪٿن اوهان جا ڀاڳ. ليڪن مون کي پڪ آهي ته اوهان هر ڳالهه نه سمجهڻ جو اٽل ارادو ڪري چڪا آهيو ۽ اوهان جي "نه" کي نَو ڪوٽ هوندا آهن. اوهان ان عورت جي نسل بابت ضرور کوجنا ڪندا جنهن کي ڳاڙهي رنگ جي پوتي اوڍيل هئي، ان عورت جي زبان ۽ هٿن جي چر پر ماٺ ڪانه هئي، سندس پيرن کان وٺي مٿي تائين چاندي جي گهڻ جو جڙاءُ ۽ جنسار لڳو پيو هو. هيٺين جي ڇَهي جهڙي سڏي سنهي ۽ لڪوار توتي به توکون ۽ ڏنڪون ڪري رهي هئي. مهانڊي ۾ سدا ملوڪ. سندس مزاج ۾ احساس برتري به موجود هو. اوهان ته سندس ساراهه جا ڏِڪ پريندي ٿڪجو ئي ڪونه ٿا.

اسان جا عالم پنهنجي نقطئه نظر ۾ صحيح آهن ته جت اصل ۾ سنڌ جا هندو آهن (1) اهي اسلام اچڻ کان پوءِ مسلمان ٿي ويا آهن. ڪئپٽن پوسٽنس به پنهنجي ڪتاب پرسنل آبزرويشن آف سنڌ جي ٽئين باب ۾ هن نسل تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي. مان ته هن نسل بابت پنهنجي اڳئين ڪتاب ۾ پنهنجي خيال جو اظهار ڪري چڪو آهيان ۽ مستقبل ۾ به هن نسل جي ماڻهن تي ضرور لکندس. مون کي پڪ آهي ته يورپ جو جپسي نسل ۽ سنڌ جو جت هڪ رت سان تعلق رکن ٿا.

هتان جي مورخن جي بيانن ۾ جتن جي پنهنجي روايتن مطابق هي عجيب غريب ماڻهو آهن. هنن ماڻهن جي بولي به مختلف آهي. اهڙي ريت جت نسل جا ماڻهو سنڌوءَ جي ڪنار سان پنجاب ۾ به موجود آهن. اهي ڳالهيون هن حقيقت جي پنيرائي ڪن ٿيون ته هي نسل ڏڪار يا جنگ ڪري سنڌ مان لڏ پلاڻ ڪري هيڏانهن هوڏانهن پکڙجي ويو آهي ۽ صفا ڏکڻ ۾ ارڙهين صديءَ جي اوائل ۾ اچي آباد ٿيا آهن.

ڪلهوڙن جي دور ۾ نواب ۽ امير بہ سنڌي هئا تہ عام رعيتي ماڻهو بہ سنڌي هئا. ان دور ۾ جت نسل جا ماڻهو گهڻو اڳتي نڪري آيا هئا. چاڪاڻ تہ هو جرئتمند، بهادر، متحد ۽ متحرڪ هئا. ڪلهوڙن جي دربار جا امير نواب ۽ سردار بہ هن نسل سان تعلق رکندا هئا. هڻ سان گڏ ٻيا ماڻهو بہ آيا هئا، جن کي هنن پنهنجي زمينن تي وڃي آباد ڪيو هه پر سنڌن اها اهم حيثيت گهڻو وقت هلي ڪانہ سگهي هئي.

ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ جت نسل جي اولهہ ڏانهن لڏ پلاڻ پندرهين صدي عيسوي ڌاران ٿي آهي، جنهن وقت امير تيمور ۽ ٻيا تاتاري هندستان تي ڪاهي رهيا هئا. پر ڪن حقيقتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي پندرهين صديءَ کان گهڻو اڳ يورپ پهتا هئا. پر حقيقي جپسي نسل جي اها آخري لڏ پلاڻ هئي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ جڏهن بلوچ سنڌ ۾ آيا تہ جت نسل جي اهميت گهٽجي وئي هئي، چاڪاڻ تہ نئون آيل نسل جتن کان گهڻو اڳتي ۽ بهادر هو. هن کان سواءِ جاگيرون ۽ ٻيون رعايتون بہ هنن کان کسجي ويون هيون. هي نسل سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نظر ايندو هو پر سنڌن گهٽائي ذڪر اوير سنڌ ۾ ڏسجي ٿي. هن وقت هو چوپايو مال ڌاري ۽ پوکي راهي ڪري پيٽ گذر ڪندا آهن پر اٺن پالڻ ۽ انهن کي پنڌ سيکارڻ ۾ هو وڏي مهارت جا مالڪ آهن. جتن کي سنڌ ۾ سرواڻ بہ سڏيو ويندو آهي.

جت رنگ جا سانورا ۽ منهن مهانڊن ۾ ملوڪ بہ ورلي هوندا آهن. گدلا ميرا، پر هڏ ڪاٺ ۾ سگهارا ۽ مضبوط قد ۾ ڊگها ۽ پانجيرا. مهيني ماسي اٽيهئي وهنجي سهنجي ڪو ڌوتو پوتو ڪپڙو ڍڪيندا نہ تہ آئنا. هنن جون ڏاڙهيون بہ ڀنڀيون ڪونہ ٿين. سنڌن اکين ۾ موجود چمڪ نرالي هوندي آهي. ويس وڳو بہ عام سنڌين جهڙو هوندو اٿن. قد جا ڊگها ۽ جسم ۾ سگهارا هوندا آهن، تنهن ڪري سمجهبو آهي تہ اهي هندستان جا جوڌا جوان آهن.

عورت بہ اهڙي ڪا ورلي ڏسبي جيڪا منهن مهانڊن ۾ ملوڪ هجي. پر اها بہ ٿوري وقت کان پوءِ ميري ۽ گدلي ٿي ويندي آهي. سيئي عورتون نتهڻ اس ۾ پيون هلنديون آهن، جڻ مٽن ڪا جهڙ جي چانو هجي. ڪاڏو پيتو لبي ٿبي ۽ نہ جهڙو ڪونہ ڪو ٻار سنڌن ڪنڌ تي ڪانبي ۾ هوندو ۽ چوپائي مال جي ڪئي لڳنديون وتنديون يا ڪنهن ٻئي ڪم ۾ رڌل هونديون. عورتون ۽ مرد ڏسڻ ۾ ائين ايندا جڻ ڪنهن ڦهر جا ڪنبايل ۽ هراس ۾ هيسايل هجن. جهيڙي جهٽي کان ڪوهين پري! ڪنهن سان بہ ٻاڙو ڪونہ ٻولن. جڻ اهنسا جي اصول جا سخت پابند. سارو ڏينهن پنهنجي

پورهئي ۾ گتا پيا هوندا آهن. اخلاقي طور بہ ويل ڪونہ آهن. ٻي نسل جي ماڻهن سان ڪوُنسرڻ ۽ ڦتائڻ ڪونہ ڄاڻن. مان هي ٻڌن پريون ڳالهيون سنڌ جي جتن لاءِ ڪري رهيو آهيان. هن نسل جا ماڻهو وچ ايشيا تائين بہ ويچي پهتا آهن پر اهي ٻڌن جا ڳهير ڪونہ آهن. پر هتي سنڌ ۾ ڪنهن اهند ۽ ويڙهاڪ ماڻهوءَ کي جت سڏيو ويندو آهي.

تحفة الڪرام (3) سنڌ جي هڪ مشهور تاريخ آهي. سندس مصنف جو خيال آهي تہ بلوچ ۽ جت هڪ ۽ ساڳئي نسل سان تعلق رکن ٿا پر هاڻي جيڪڏهن ڪنهن بلوچ کي جت سڏبو تہ ڪاوڙجي پوندو ڇاڪاڻ تہ هن نسل جا ماڻهو جتن کي گهٽ ڄاڻندا آهن. اهڙي ريت جيڪڏهن بروچن، افغانن ۽ ايرانين کي جت ڪري سڏبو تہ تپي باهہ ٿي ويندا.

سنڌي پورهيت ڪاڻ جا ڪرا ڪم جا ٻرا.

مير ابراهيم خان جو ڳوٺ سڏيرڻ جي نلهہ کان پندرهن ميل پري آهي. سال جي هن موسم ۾ بہ صبح جو ڏهين وڳي واريءَ جو ڏوڙيو شروع ٿي ويندو آهي. تنهن ڪري هن قسم جي ڏڇي کان بچڻ لاءِ صبح جو سويل سفر ڪرڻ جي تياري ڪرڻي پوندي آهي تہ جيئن 10 وڄڻ کان اڳ ابراهيم خان جي ڳوٺ پهچي سگهجي. ايترو سوير سيءَ بہ ڏاڍو هوندو آهي، جوڇياڙي جياڙيءَ سان ڪانہ ملندي آهي. پر پوءِ پرهہ ڦٽيءَ جو سفر سنوارڻ صحيح ٿيندو.

سائين بل! انهيءَ گهوڙي کي اِڙين جا ارا چاڙهہ تہ ڇُري. سوٽين جي سٽڪي کان پوءِ بہ تو وارو ڊڊو ڊُگ کان مٿي ڪونہ ٿو هلي. هتي ڏس چوڏاري سايون پوڪون آهن. هنڌِين ماڳين واهہ، ڪڙيا، ڪسيون موجود آهن جيڪي درياهہ جي مختلف ڦاٽن مان ڪوٽيل آهن. اهي ڦاٽ جڏهن چاڙهہ جي موسم ڏاران وهڻ لڳندا آهن تہ انهن واهن ۽ ڪڙين ۾ پاڻي اچي ويندو آهي. درياهہ جي پاسي ڪي اهڙا اونها واهہ آهن جيڪي اوهان کي هاڻي بہ وهندا ڏسبا. ڪيترين جاين تي اهي ڏاڍا ويڪرا هوندا آهن ۽ ميلن تائين پاڻ پور وچوٽ تي هلندا آهن. چيو ويندو آهي تہ اهي واهہ ڪنهن نواب جي زمين آباد ڪرڻ لاءِ کوٽيا ويا هئا پر ٿوري وقت کان پوءِ ماڻهن انهن واهن مان بنا موڪل جي ڪڙيا ۽ ڪسيون ڪڍي پنهنجون زمينون آباد ڪيون. اهو اتر وارو واهہ هڪ چانڊئي بلوچ جو آهي، جڏهن ڏاڪٽيون چانگئي (؟) جو کوٽايل آهي. وچ تي اهي غير آباد زمينون ڪجهہ خانگي ۽ ڪجهہ سرڪاري آهن جيڪي هنن ٻنهي جي پاڻيءَ جي پهچ کان گهٽيون پري

آهن. اوهان کي نظر ايندو تہ انهن ۾ هي واهن جا مُنهن اهڙي ريت کوتيل آهن جو درياهي لٽ منجهن وهندو ۽ دڙا ٺيندو ويو آهي. هتان جا ماڻهو ايڏا تجربيڪار آهن جو زمين جي هيٺاهين ۽ مٿاهين ڏسي محسوس ڪري وٺندا آهن. اسپرٽ ليول سان زمين جي هيٺ مٿاهين معلوم ڪرڻ جي جاڻ هتان جي ماڻهن وٽ ڪانہ آهي، تنهن ڪري ڏهن مان ڪنهن هڪ واهہ يا ڪڙيي جو رخ صحيح نظر ايندو آهي. ان ڪان سواءِ واهن جي ڪنارن کي ڪنهن خاص ڪنڊ تي رکڻ بدران ايڪپرا يا اڳتي وڌيل هوندا آهن. تنهن ڪري جڏهن پاڻي ۾ ٿورو چاڙهہ ايندو آهي تہ اهڙا ڪپر ڪاجي هيٺ پاڻيءَ ۾ ڪري پوندا آهن. ان جو نتيجو اِهو نڪرندو آهي جو واهن جي ڪاٽيءَ ۾ صفائي ڏاڍي ڏکي ٿي پوندي آهي ۽ گهڻو وقت وٺي ويندي آهي جنهن جو فائدو وري ٻين کي ملي ويندو آهي ۽ سندن پئسي ڪمائڻ واري خواهش پوري ٿي ويندي آهي. هنن واهن ۾ اوهان کي ڏاڍا ور وڪڙ نظر ايندا. چاڪاڻ تہ زمين جي هيٺ مٿاهينءَ جو اندازو غلط ڪيو ويندو آهي. ڪن جڳهن تي وهڪرن کي ڪجهہ ويڪرو بہ رکيو ويو آهي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن چاڙهہ جي پاڻيءَ کي منهن ڏيڻ واري تڪليف کان بچي پئجي. هن موسم ۾ سنڌ اندر پاڻي ٿورو هوندو آهي. پوکي راهي بہ ان حساب سان هوندي آهي پر ڏس تہ هتي چل يا جهل، ڪاريل ۽ جَوَ جام آهن (4) جيڪي چانديءَ جهڙي اڇي ۽ لٽاشي زمين ۾ ڇاوا بيٺا آهن. ڪٿي وري اهي ٻوٽا ڇڊا ڇاڊا آهن ڇڻ ڪنهن جهونڙي جي مٽي جا ڪٽل وار معلوم ٿي رهيا آهن. هنن واهڙن جو پاڻي توڙي جو تري ۾ هوندو آهي پر پوءِ ”بابا ٿيمس“ دريان کان وڌيڪ خطرناڪ هوندو آهي. ورڻ بہ پاڪڙ ۽ ننڍا ڏسجي رهيا آهن. چوڌاري نظر ايندڙ ڳوٺن ۾ هر طرف کان سڪل ڪانڊيرا ۽ سنهو جهنگ موجود آهي. سج چمڪي رهيو آهي. ڊاب ايڏي آهي جو ڳهوڙن جا سنب هيٺ لهي ٿا وڃن.

ڪمي پنهنجي پورهيي ۾ لڳا پيا آهن ۽ واهن جي کوٽائيءَ ۽ صفائي جو ڪم جاري آهي. سياري جو ڪو ٻيو ڪم ڪونہ هوندو آهي، هي ماڻهو بک کان بچڻ واسطي هي پورهيو ڪري رهيا آهن ڪم ڪرڻ جو نمونو بہ ڏس. اهڙن ماڻهن کي ڇٻو آهي ڪاٺڻ جا ڪرا ۽ ڪم جا ٻرا! جمعدرا سرڪار کان 2 پائونڊ في ماڻهوءَ جا وٺندو آهي ۽ هتي 150 ماڻهو ڪم ڪري رهيا آهن پر جمعدار پاڻ ڏاڍي ٻنگ ٻيو نشن ۾ ڳِڙ لڳو اهو پرسان مٿان پوتي ٽاٽيو ستو پيو آهي. گهوگهري جو نڪاءَ اڌ ميل پنڌ ڪن ڪونہ ٿو ڏياري سندس

جُون بہ آرام ۾ آهي. ٻُڌتي نہ ٻاراٽو. في ماڻهوءَ تي سرڪار ڪان ملندڙ ٻن پائونڊن ڪي نہ لهر نہ لوڏو. چوڏاري چادرن جو پلوڙو ڏئي آرام سان ستو پيو آهي. هي ڪم تہ نيڪي تي ڏنو ويندو آهي. هڪ ربئي ۾ هڪ پُرهہ هيٺ ۽ ارڙهن پرهہ ڊيگهہ ۾ ڪاتيءَ جو اگهہ مقرر آهي اڏ ڪاهڙيا تہ پرسان پلتي ماريو هيڏي هوڏي واجهائي رهيا آهن. هي ماڻهو درياهہ جو پيل لٽ واهن مان ڪوتي ڪڍي رهيا آهن. ڪم ۾ گتل ڪاتڙيا پنهنجي ڪوڏرن سان لٽ ڪوتي توڪرين ۾ وجهي رهيا آهن، جيڪي گهٽيون وڏيون ڪونہ آهن ۽ بعد ۾ مٽي تي ڪٽي وجي واهہ جي ڪپر تي اڇلائي ايندا آهن. ان توڪري ۾ منجهنس پيل مٽيءَ جو وزن پنج پائونڊ بہ ڪونہ ٿيندو پر هلندا چڙهندا ۽ لهندا ڪنجهندا آهن. ڪنجهڻ ڪرڪڻ تہ سندن هير آهي. مٽي ڪپر تي چڙهڻ لاءِ بہ ڏاڪا نهيل آهن پر مٽي چڙهندا ائين جڻ ڪنهن ايڪپري جبل تي چڙهي رهيا آهن. هر سال ڪپر تي چڙهندڙ مٽي ۾ پرهہ ڪن هوندي آهي. هو ٻن منٽن جي ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ چيلهہ تي هٿ ڏئي وجي ڪپر تي بيٺل ٻير هيٺان بيهندا آهن پر هنن ٻيرن بدران جيڪڏهن توت جا وڻ هجن ها تہ واهہ سان ڏاڍا سهڻا لڳن ها پر اهڙا وڻ هتي نظر ڪونہ ايندا آهن. ان ڪانپوءِ هو هيٺ لهندا تہ خالي توڪريءَ سان بہ ڪِنجهندا ۽ خير لاءِ الله تعاليٰ کي ياڏائيندا ايندا. هن ڪاتي ڪان سواءِ هنن ماڻهن جو ٻيو دلپسند ڪم انهن نشانن وٽ بيهڻ آهي، جيڪي ماپ ڪرڻ جي سولائيءَ لاءِ ٺاهيا ويا آهن يا وري دڪين وٽ اچي بيهندا آهن جيڪي ڪاتيءَ جي ماپ ڏيکارڻ لاءِ وچ تي رکيون ويندون آهن. هر اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ هي ماڻهو وچي حقي کي پاسو ڏيندا آهن. ڳالهيون بہ پيون هلنديون آهن ۽ حقي جا ٻڙڪا بہ هلندا آهن. ان ڪان سواءِ پنگ جي چڪڙيءَ جي بہ ڪين تاس ۽ تانگهہ لڳل هوندي آهي، جنهن جي ڍڪ لاءِ صبح ڪان وٺي سپنا ڏسندا رهندا آهن. ڪم ڪرڻ جي هيءَ تيز رفتاري تہ سياري واري رُت ۾ هوندي آهي. جيڪڏهن رُت ڪوسي ٿي ويندي تہ پوءِ هو صبح جو 11 وڳي ڪان 3 وڳي تائين ڪم کي ڪارو نانگ سمجهي ويجهو ئي ڪونہ ويندا آهن. سندن جسم چانوَ جا گاهہ هوندا آهن ۽ نتهڻ اس ۾ ڪم ڪرڻ جهڙا ڪونہ هوندا آهن پر جڏهن پاڻيءَ جو درياهہ ۾ پهريون لڙهو ايندو آهي تہ ڪم کي اڌ ۾ ڇڏي ڪٽي جَوَ وِهائيندا آهن. پوءِ جوڳي نہ ڪنهن جا مٽ, چاڪاڻ تہ هنن کي پنهنجون زمينون تيار ڪرڻيون ۽ نار چاڙهڻا هوندا آهن. مصر جو فلاح ۽ سنڌ جو هاري جمندي ئي هاري ناري هوندا آهن.

اها حقيقت آهي تہ هر ضلعي جي نگراني لاءِ هڪ يورپي عملدار مقرر هوندو آهي پر معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ هر ضلعي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي سو ننڍا وڏا واهہ ڪڙيا ۽ ڪسيون آهن. تنهن ڪري هو صحيح طريقي سان نظرداري ڪري ڪونہ سگهندو آهي پر هتان جا ماڻهو ڪم جا ڪوس آهن ۽ واهہ جي تيهہ فوٽ تري واري مٽي جيڪا ڪاٽي وسيلي ڪجي ڪپرن تي پهچندي آهي سا ٻن ٽن سالن گذرڻ کان پوءِ اڌ مس وڃي بچندي آهي. ڪپر جو ڪجهہ حصو تہ واهہ جي نظرداريءَ لاءِ رستي جو ڪم ڏيندو آهي، باقي ماڻهن ۽ پسُن جي اچ وڃ لاءِ هوندو آهي. ڏٺو ائين ويو آهي تہ ڪاٽي مقرر ماپ بدران بہ ٽي انچ ٽيندي آهي. ان ڪري واهہ سوڙهو ٿيندو ويندو آهي ۽ ترو بہ مٽي ٿيندو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ درياهہ جي لٽ سان هر مهيني ترو هڪ انچ مٽي ٿيندو رهندو آهي. ڪي اثر رسوخ وارا جاگيردار ڪپرن واري مٽي تري ۾ وجهرائي پاڻي جي سطح کي مٿي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ جيئن سندن نارن کي گهڻو پاڻي ملي سگهي. هن قسم جي آزار کي ختم ڪرڻ لاءِ يورپي عملدارن پنهنجي وسان ڪونہ گهٽايو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪاغذن ۾ ڏيکاريو ويندو آهي تہ واهہ جي ڪاٽيءَ صفائي ۽ چڱي ريت مڪمل ڪئي وئي آهي پر ٿڏي هوندا ڪاري وارا ڪک آهن. اهڙي لڪ چوري واري بي ايماني جي رقم تہ ٿوري هوندي آهي پر وڏي وڃي وڏي رقم تي پهچندي آهي. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو پوکي راهيءَ جي ايراضي ٿوري هوندي آهي جيڪو ملڪي ترقي لاءِ وڏو هاڃو آهي.

سائين جان بل! سنڌ اوهان کي ائين ڏسڻ ۾ ايندي جڻ اوهان آئرلينڊ جي اوپارئين پاڱي واري پُونءَ ۾ گهمي رهيا آهيو. اتان جا رهاڪو بہ سست ۽ ڪاهل، ڇوڪرن کي ڪنهن ڪم جو ڇنبو تہ ٻرو چڙهي ويندن. لس لنگهڻ تي وينا هوندا پر ڪکُ پڃي ٻيٽو ڪونہ ڪندا. اتان جون عورتون بہ چوئڪ چنبيون آهن. ڳالهين جون ڳهير، ڪچهريءَ جون ڪوڏيون، نہ لٽيءَ ايري ۾ چاڙ، نہ چنيءَ ڦاٽيءَ جي ٽوپي ٽڳي جو پتو. هٽ هٽ تي چاڙهيون پير پساريون ويٺيون هونديون. هٽ پير ڪونہ هٽن باقي زبان سگوري ريس ڪورس جي پلي وهٽ جيان سدائين چوتال. ڪجهہ ڪري ڇٽن ڏوڪڙن ڪمائڻ بدران ڪجهہ نہ ڪري محتاجيءَ کي وڏيڪ پسند ڪنديون آهن. سندن ٻار بہ ندورا. سڄو ڏينهن روڏن ۽ پٽڪو. سندن ڪم رڳو گهر جاتانو پچڻ هوندو آهي. ڏاچي هٽي ڏهہ تہ توڏي هٽي تيرنهن. جيڪڏهن ماءُ ئي اٽي تي چٽي هوندي تہ ٻار ڪهڙو اوجر ڪندا، سو هتان جا ماڻهو آئرلينڊ جي

ماڻهن جيان آهن جيڪي چاهيندا آهن تہ ڪين ڪير سمهئي پيو ڪارائي. سو اهڙن سُستن کي سيڪارڻ جو اڪيلو طريقو اهو آهي تہ ڪم ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي ڪٽان ٻاهران آڻايو وڃي. انهيءَ ڪم لاءِ پر وارن جابلو علائقن جا ماڻهو بہ گهرائي سگهجن ٿا. موجوده دور ۾ جبل جي ماڻهن کي آٽڻ ۽ پورهئي سان لائق وڏيڪ سنو ثابت ٿيندو. هڪ سگهارو ماڻهو هن ڪم مان ڏهاڙي اٺ ڏهہ شلنگ تہ سولائيءَ سان ڪمائي سگهندو. اهڙي طرح قلات ڪان بروهي ۽ بلوچ اچي هي ڪم ڪري سگهن ٿا ۽ سياري جي سين وارا ڏينهن هن ميداني علائقي ۾ گذاري سگهن ٿا. اونهاري ۾ موٽي وڃي پنهنجي گهر وارن سان گڏ گهارين. اهڙيءَ ريت جبل جو هڪ ماڻهو هتان جي ٽن ماڻهن جيترو ڪم ڪري سگهندو.

پر هي ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ بہ ضروري آهي تہ ملڪ جي چوٿي حصي جا ماڻهو پنهنجون اڳيون اوڳيون ڳالهيون ڇڏي چڪا آهن. سنڌ جي ڪئنال واري کاتي جو سربراهہ ڪنرل لي ميشور ريئر Le Messurier آهي جنهن هن شعبي کي منظم ڪري ڇڏيو آهي. ميجر سمٿ، آر. اي ايرندي ۽ الهندي ناري جي نظرداري لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. اهي مک وهڪرا تہ ائين آهن جيئن اڳي وهي رهيا هئا پر انهن مان ڪوٽي ڪڍيل واهن ۾ سلوس Sluises ۽ گيج هنيا ويا آهن. اڳي آبپاشي جي نظام ۾ ڪا انتظامي هڪجهڙائي ڪانہ هئي ۽ جنهن کي جيئن ايندو هو پاڻي استعمال ڪندو هو. پر هاڻي پاڻيءَ جو هڪ منظم استعمال آهي. اهڙي ريت سنڌ جو آبپاشي نظام بہ مصر وانگي باقاعدي منظم ٿي رهيو آهي.

اوسي پاسي جي آٿيجن مان معلوم ٿي رهيو آهي تہ اسان ان ڳوٺ کي اچي سٽاوان ٿيا آهيون، جتي اسان کي ترسڻو آهي. هتي اسان کي اڳئين پيري هڪ بدقسمت ياڳيو ملي ويو هو جيڪو ڏاڍو سچيت ۽ سياڻو هو. هن جو اٺ وڃائجي ويو هو جنهن جا پيرا هن اچي مير ابراهيم جي اوطاق جي در وٽ وڃايا هئا. هن سيني پيرن فقيرن جا نالي وٺي قسم کڻي چيو هو تہ اهي پيرا سندس اٺ جا آهن. هر هاري ناري پنهنجي گهر جي ٻنيي وٽ بيٺو هو ۽ منهن مٿو پٽي رهيو هو. گذريل ٻن سالن کان هيڏانهن پاڻي ڪونہ آيو آهي جو هو پوک ڪاهي پنهنجا ٻچا پالي سگهن. واڻيان بہ هٺ تاڙ ڪري اچي اسان وٽ پهتا هئا، جيڪي ڦڪڙيون ڪري رهيا هئا تہ مير ابراهيم اسان کان قرض وٺي ڦبائي ويو آهي. هاڻي تہ ڏيڻ جي واٽ ئي ڪونہ ٿو واري. هو چئي رهيا هئا تہ ڀڳوان تنهنجي ڀلي ڪندو رزق ڪشادو ڪندو ۽ ٻچن ۾

برڪت وجھندو. اسان کي رڳو مير ڪان قرض وٺي ڏيڻ سندن گھيٽون ڏسي مون کي مٿن ڪو رحم ڪونہ آيو نہ ڪي گھٽ گھوٽ ۾ نڪي ڪمي منجھہ ڪنوار. جھڙي سٺ تھڙيون ٽي ويھون. آڏو ٽالپر ھئا تہ ھي وري واٽيان ھئا. اسان جڏھن حيدرآباد ڇڏي ھئي تڏھن ڪٽڪ جي اٽي جو اگھہ ھڪ شلنگ ڏھہ پائونڊ (اٽڪل پنج سير) ھو. اسان جي ھر نوڪر کي ڏھاڙي ھڪ سير اٽي جي ضرورت ھوندي ھئي. تنھن ڪري انھن جي اٺ ڏھہ رپيا ماھوار پگھار مان پورت ڪانہ ٿيندي ھئي. ابراھيم کي ڏاڍيون سھولتون حاصل ھيون. ھو غريب ماڻھن کان ان ڦري وٺڻ وارن جي ڪل لاھڻ ۾ ماھر ھو. مان سندس اھڙي بخت سان ريس ڪندو ھوس. دل ۾ چوندو ھوس جيڪر مان بہ مير ابراھيم ھجان ھا تہ ھنن واٽين لاءِ ڏرتي ٽامون ڪري ڇڏيان ھا. قرض وٺي اٽلندو سزا بہ اھڙي ڏيانِ ھا جو ڇٺيءَ جو کير بہ ياد اچي وڃين ھا. اھي واٽيان اناج جي ديرن وقت سستي اگھہ ۾ ان وٺي پاڻڊن ۾ رکي ڇڏيندا ھئا. جڏھن ڏسندا ھئا تہ چاڙھہ جو پھريون لڙھو اچي ويو آھي تہ ان مھانگو ڪري ڇڏيندا ھئا. چاڪاڻ تہ انھيءَ وقت ماڻھن کي ٻج جي بہ ضرورت پوندي آھي. ھاري ناري تہ ٿيندو ئي ڪنگال آھي، جيڪي پنھنجي آڪھہ جي سال جي ورءَ بہ رکي ڪونہ سگھندا آھن. ويچارا پاڳي يا ٻيا ماڻھو تہ ھوندا ئي ويلن تي وينا آھن. جيڪي ويچارا اسان کي ٻانھون ٻڌي نماٽائي سان ٻاڏائيندا آھن ڪين بہ چار ٻارا ٻنيءَ جا ملن تہ پاڻ ئي ڪيڙي ڪائي دعا ڪن ۽ ڪين بہ تہ زمين جي مالڪيءَ جو حق آھي.

سرداري تہ ھوندي ئي اوپرن ماڻھن جي آجيان ڪرڻ لاءِ آھي، اوھان جي اڳ تي بہ ميزبان جو پاٽيو آھي ھو جيڪو سنھڙو ٽُوڪلڙو ۽ ٽانڊي تپٽو ھو. نرڙ جو بہ رڳو ليڪو نڪتو پيو ھوس. اکيون ڇُنجھيون، چپ سنھڙا ڪن ڪُرا ھئس. مٿي ۾ سائي ۽ سونھري رنگ واري ميراٽي ٽوپي ھئس. ڇھڪدار ڇيٽ جو چولو ۽ گاڙھي رنگ جي سٿڻ پاتل ھئس. ھي نوجوان مير اسان جي ڊگھي سفر جي تڪليف جي معافي گھري رھيو ھو سندس مزاج ۾ انڪساري ۽ نوڙت ھئي. سندس چاچو ھڪ رکو ماڻھو ھو جيڪو اسان جي آجيان لاءِ بہ وڪون بہ اڳتي نڪري ڪونہ آيو ھو. ھن ننڍي مير ٻڌايو تہ سندس چاچو بازن وسيلي شڪار ڪرڻ جي ارادي سان ڪيڏانھن نڪري ويو آھي. ھي لاپرواھہ قسم جو آھي جنھن جو ذڪر بعد ۾ ڪڏھن ڪيو ويندو. پر ھي مير اسان جي آجيان ۽ عزت خاطر ھتي موجود آھي. اسان جا سڀ دوست نظاماڻين جي گھوڙن تي سوار آھن، جيڪي ڏاڍا ٿلھا

متارا آهن. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ نظاماڻين پنهنجي وهٽن کي چڱيءَ ريت چاريو پيارو آهي، سنڌن گهوڙا ڏاڍا ڪستا آهن ۽ هوا ۾ رهيا آهن. دڙها ۽ پستيون بہ هٽي رهيا آهن. فلورينس جا مور بہ جڏهن عورتن جي مجموعي ۾ هوندا آهن تہ هنن گهوڙن جيان هٽن مان نڪري ويندا آهن. هي گهوڙا ڪڏهن رلهي ۽ ڪڏهن ڊگ ۾ هلي رهيا آهن. ارڏا بہ آهن هلندي بہ هانهرن ۽ برڙوٽن کان بس ڪانہ اٿن. قافلي ۾ مٽن ضابطو رکڻ بہ مشڪل آهي. اها هڪ فطري ڳالهہ آهي تہ سياري جي ٿڌ ۾ هر ساهوار پاڻ کي گرم رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اونهاري جو گهوڙي کي ٿورو بہ تڙبو تہ سندس ساري جان گجيءَ ۽ گف ۾ ڍڪجي ويندي آهي. سوار جو بہ ساهہ ساهہَ ۾ ڪونہ پيو ماپندو. اسان جا دوست بہ رڪائيءَ مان اليڪ سليڪ ڪري رهيا آهن پر اها گهڙيءَ گهڙيءَ پيا ڪن. هٽ بہ گهوڙي تي ويهي ٽا ملائين ۽ گهوڙا بہ هٽڪي ۽ نرا ڪٽي رهيا آهن. پين جو بہ لاماري مٽان لامارو لڳو پيو آهي. پستين جو بہ زيپٽ پيو ٿو پوي. تنهن ڪري سارو منظر مانڊاڻ لڳو پيو آهي. گهوڙن جي هيتري ساري ميڙاڪي ۾ ڪنهن کي بہ چئي ڪونہ ٿو سگهجي تہ مهرباني ڪري ٿوري جاءِ تہ ڏجو. گهوڙا هر هر چمڪ ڪري رهيا آهن ۽ اسان جي نظر پنهنجي جنگهن ۾ آهي. مير سان گڏ آيل ماڻهو اسان جي عزت خاطر اسان جي ٻاهران گول دائري ۾ بيٺا آهن. هي ماڻهو اسان کي مجبور ڪري رهيا آهن تہ اسان گهوڙن کي ڏوريون پر اسان کين اهو چئي ڪونہ ٿا سگهون تہ اسان انگريز گهوڙن کي چانچ Gallop ۾ ڀوڙائي سفر ڪري سگهندا آهيون. انهيءَ طريقي سان اسان هن پر تڪلف دوستن مان جان آجي ڪري پئي سگهياسون. اسان جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڪي همراهہ پنهنجن ٽٽن کي ڊيهڙ ڏئي نڪتا هليا ويا. باقي گهوڙيسوار پوئتي رهجي ويا جو سندن گهوڙن تي ڳورا سنج رکيل هئا. تنهن ڪري تيز ڀوڙي ڪونہ ٿي سگهيا. پر هنن گهوڙن جي مُنن ۾ هلڻ ڪري سنبن جو وڏو آواز ٿي رهيو هو.

هاڻي ڳوٺ جي ويجهو اچي پڳا آهيون. ڪهڙو ڳوٺ آهي. ماڻهن جا گهر بہ پيهيون پڪا ۽ مَنهہ آهن. پرسان هڪ باغ آهي، وچ ۾ ڪجهہ ڏسڻ وائسڻ جهڙو هڪ گهر ڏسجي ٿو. ان جو ٻاهريون ڏيک بہ حيدرآبادي مير جي گهر جهڙو آهي. مان سمجهيو هو تہ اسان هڪدم ئي ان شاهي محل ۾ داخل ٿي ويندا سون. اتي سردار ابراهيم خان وينو هوندو جيڪو اسان جي آجيان ڪرڻ لاءِ اوسيئڙي ۾ هوندو جنهن لاءِ نندي مير ٻڌايو هو تہ بازن سان شڪار ڪرڻ جي مقصد سان ٻاهر نڪري ويو آهي پر پوءِ مان سوچيو تہ هرو پرو

ايڏي اٻهرائي بہ نہ ڪجي. سائين بل! اوهان پاڻ تہ چوندا آهيو تہ سنڌ جي ماڻهن سان ملاقات ڪري ماڻهو ٺڪجي پوندو آهي. ٻي ڳالهہ اها بہ آهي تہ مير ابراهيم ٻاهر نڪري اسان جي آجيان ڪانہ ڪئي آهي. جيڪڏهن هو اسان سان ملڻ ڪونہ ٿو چاهي تہ اسان بہ ساڻس ملڻ ۾ ٺڪڙ چو ڪريون. هونءَ بہ سنڌين ۾ آڪڙ ۽ وڏائي گهڻي هوندي آهي. چوندا آهن تہ پاڇو بہ اسان سان گڏجي نہ هلي. هي سوچڻ ۽ فڪر ڪرڻ جو وقت آهي، ڪيس تہ خوش ٿيڻ کپي جو اسان ڪشالا ڪري ساڻس ملڻ لاءِ وٽس اچي نڪتا آهيون ۽ مهمان ٿيا آهيون. پر بهتر آهي تہ اسان جا تنبو هنن ساون وڻن جي ٿڌڙي ڇانو ۾ هنيا وڃن. اسان جو اُٺ سوار بہ حيدرآباد مان سامان کڻائي اچي پهتو آهي ۽ پوليس کي اطلاع ڪرڻ لاءِ واڪا ڪري رهيو آهي پر جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ رهبو تہ جيت جڻيا پٽي ڇڏيندا. اسان جو ڏکي سفر کان پوءِ هي پهريون ڏاپو آهي. اٺ سوار ضروري سامان سان گڏ ضروري دستاويز ۽ ٻيا ڪاڳر پٽ بہ کڻي آيو آهي.

اسان جي گهوڙن جا سنب بہ سور ۾ ڦاٽي رهيا آهن. نئهڻ اس ۾ ڪوسي واريءَ تان پنڌ ڪرڻ ڪا اڪ جي ماکي ڪانہ آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ سندن اکين مٿان سنڌ جي پاڻيءَ جي مالش ڪريون (5) ۽ چنگهن کي ٿڌي پاڻيءَ سان ڌوئون ۽ مالش ڪريون. پر هڪ ڳالهہ ڌانهن ڌيان ڌرڻ ضروري آهي يعني مير ابراهيم سان ملاقات ڪرڻ کان اڳ پنهنجي منشيءَ کي سڏائي مير جي ذاتي حيثيت ۽ خاندان بابت پوري ڄاڻ حاصل ڪريون. ان کان پوءِ سندس حيثيت ۽ وقار کي ڏسي ساڻس ملاقات ڪريون.

باب ٻاويهون

# مير ابراهيم خان ٽالپر

سائين جان بل! جيستائين مان منشيءَ سان ڳالهائي وٺان تيستائين اوهان هي ڪتاب پڙهو ۽ خاص نڪتا ڌيان ۾ رکندا وڃو. اوهان کي خبر هئڻ گهرجي تہ هتان جا ماڻهو تيستائين اک جي تيز نظر سان نفرت جو اظهار ڪندا آهن. جيستائين تينءَ ڏر وٽ ڪنن ٻڌي پڪي شاهدي نہ هوندي آهي.

هاڻي ڏس هريچند اندر داخل ٿي رهيو آهي. ٿلهو ۽ ڦيڦو. جڻ پيٽ سان هڙ ٻڌي گهمي رهيو آهي. اڱهلو ۽ ڇيڳرو لٽا بہ ڏوتل ڪونہ اٿس. مهينن کان وهنتو بہ ڪونہ آهي. هنن جي اَڍِ ئي اهڙي آهي. هلڻ ۾ ٻليءَ جان ڇپيرو. ڏس تہ ڪيڏو جُهڪي پيو هلي. سندس دل سورن ۾ سيڪاٽيل هوندي پر هن جي چپن تي منڙي مرڪ هوندي. ڪاوڙ ۾ ڪيني ۾ ڦاٽندو پيو ليڪن مرڪندو پيو ڏسبو. هن جي ملڻ جو ڍنگ ۽ رنگ بہ ڏسجو. سندس ترىءَ تي بي حساب پئسا رکبا تہ بہ سندس منهن تان مرڪ غائب ڪانہ ٿيندي ۽ جيڪڏهن ڪيس فرش تي ليٽائي بوٽ جي ٺڏن سان سيڪاٽي رکندا تہ بہ سندس منهن تي مرڪن جي بهار هوندي. سدائين پٺڪندو ۽ ڇيڇون ڳٽيندو ڏسبو. نظر ائين ايندو جڻ سندس دل بيهڻ واري آهي. اوهان ڏانهن نهاريندو پر اکيون هيٺ هوندس. اوهان سان ملاقات ڪندو پر سندس خيال الائي ڪٿي هوندا.

ڏس! در وٽ بيٺو آهي، پر جڻ ٻج ۾ ٽڙڪي رهيو آهي. هن جي سلام ڪرڻ جو نمونو بہ ڏس. لڳي ٿو تہ زندگي مان بيزار وينو آهي. هو هيڏي هوڏي ڏسي ڪنڌ ۾ ويهي رهيو آهي. اهو بہ ڌيان سان ڏس تہ هو مون ڏانهن ڪهڙي طريقي سان ڪن اپڙا ڪيئي ڏسي رهيو آهي تہ مان ڪيس ڇا چوڻ وارو

آهيان ۽ وايو منڊل مان ئي اندازو ڪري ونندو آهي تہ ڪانئس ڪو نئون نڪورو احوال پڇڻ وارو آهيان، جيستائين اوهان سوچيندا ويچاريندا تيستائين هو نڪتي جي پاڙ تائين پهچي ويندو آهي. هي ماڻهو انساني شڪل اندر خاص مڪينزم جو هڪ عجيب غريب وجود آهي. هيءُ هڪ اهڙي مخلوق آهي، جنهن کي الله تعاليٰ عزت ۽ نفس ۽ وقار کان سواءِ ٻيءَ هر شي سان ڏاڍي سخاوت سان نوازيو آهي. قناعت ۽ ڪفايت شعاري بہ ڪو ڪانئس سکي ڪِريل مک گيهہ مان ڪڍي خبرداريءَ سان چوسي پوءِ پري اڇليندو آهي. اوهان ڪڏهن بہ صحيح اندازو ڪري ڪونہ سگهندا تہ هو ڇا بابت سوچي رهيو آهي.

مان روايتي اليڪ ٻليڪ ڪانپوءِ ڪانئس پڇندس تہ هريچند ٻڌاءِ هي مير ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي؟ ڇا هيءُ...“

واهہ! واهہ! ڇا تہ سردار آهي. نياءَ ۾ نيت، پت وارو، پلو ماڻهو سيني لاءِ ڇپر ڇانوَ. سخا ۾ حاتم بہ ڪونہ پڄي. رستم جهڙو بهادر سيني تي هٿ هڻي چوندو ”مان بلوچ“ آهيان.“

هريچند منهنجي منهن مان سمجهي وئي ٿو تہ سندس بيان ۾ ڪجهہ ترميم هجڻ گهرجي. هو سمجهي وڃي ٿو تہ صاحب کي الف کان وٺي ي تائين ساري خبر آهي تہ بلوچ اوڳا ۽ موڳا آهن بلڪ بيوقوف آهن پر هي مير ابراهيم خان رج چڱو مڙهو آهي جيڪو ٻين پروچن وانگي ڪونہ آهي پر مان سمجهان ٿو هو مون کي خوش ڪرڻ لاءِ ائين چئي رهيو آهي.

”تنهنجو مطلب آهي تہ هو ننگ آهي؟“ مان ڪانئس سوال ڪيو ۽ سمجهي ويو تہ مان ڪانئس ڇا پڇي رهيو آهيان.

”صاحب جو تير پوري نشاني تي وڃي لڳو آهي. يعني پهرئين جوڙ جو ننگ“ هريچند وراڻيو.

پر هريچند ٿو پهريائين تہ ائين چيو هو هو تہ نياءَ ۾ نيت پت ۾ نوشيروان، ٻڪريون ۽ شينهن هڪ تلاءَ مان پيا پاڻي پيئن. تاجيءَ پيٽي پٽُ. سخاوت ۾ حاتم بہ سندس جتيءَ ۾ پير پائي نہ سگهي. ڪوپو ۽ ڪلنگيڏر مڙس جهڙوڪر سهراب. ٻيا مير تہ ڇسا ۽ گڏهہ آهن پر هي مير ابراهيم ٻج جهڙو نج ۽ ٻائي گيهہ جهڙو سچو آهي. اٿو ٻڌي گهمبو تہ اهڙو مکڻ ماڻهو ملي ڪونہ سگهندو.“

”برابر چيم صاحب، بس گانءِ ڪاڏم پر سچ اهو آهي.“

واٽئي جي وات جي وائي ٻڌم، سائين جان بل! جنهن مان سولائيءَ سان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هندستان ۽ وچ ايشيا جا ماڻهو مکيہ ٻن ٽولين ۾ ورهائي سگهجن ٿا. جن مان هڪ ٽِگ ۽ ٻيو بيوقوف آهي. سندس خيال آهي تہ اڃا بہ هڪ ٽيون ٽولو آهي جيڪو سياڻو ۽ سچيت آهي. اهڙيءَ ورهاست کي توکي تسليم بہ ڪرڻو پوندو. اهو طبقو سادو آهي پر هن طبقي ۾ ڪي عملي ڳالهيون بہ موجود هونديون آهن. سندس ڪنڌ ۾ هڪ ٽائٽ بہ ٻڌل هوندو آهي. سندس خواهش هوندي آهي تہ جڏهن ڪير ڪنهن سان ڏيتي ليتي ڪري تہ هن سان صلاح مشورو ڪري. مشرق جو هر ماڻهو سمجهندو آهي تہ ڪيس پنهنجي ٻيڙي ماءُ جون دعائون آهن. تنهن ڪري هو جنهن بہ ڪم ۾ هٿ وجهندو تہ سڀ سٽيون پر هن وهيءَ جي انڊ ۾ ڪي چڪون ضرور ڪيون آهن. ڪڏهن هو ٺِگ کي بيوقوف سمجهي پنهنجو ڪيسو ڪترائي وٺندو آهي. ڪڏهن وري ٻنهي نسل جي ماڻهوءَ جي عقل کي ڏسي واٽڙو بہ ٿي ويندو آهي، جيڪو ٻن نسلن جي نفسياتي اثرن جي پيداوار هوندو آهي پر هو پنهنجي ٻالجتيءَ ۾ زندگي جو سودو ڪرڻ سکي ويندو آهي. هي پنهنجي ڪمائي جي هر اصول کي پاڪ ڪتاب سمجهندو آهي. سندس مقصدُ بہ فقط هڪ هوندو آهي جنهن ۾ هو ڪريت ۽ ڪڏو ڪم ڪري سگهندو آهي. اهڙي ريت هر شيءِ تي فتح حاصل ڪري وٺندو ۽ ان شعبي ۾ ڪمال حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ سندس ڏاڙهي سنهاري ۾ پَرين (اڃن وارن) پوڻ کان اڳ هو سڀ ڪجهہ سمجهي بي حساب دولت ڪمائي وٺندو آهي.

هريچند مير ابراهيم کي ٻهرين جوڙ جو ٺگ سڏيو هو پر ٻهرئين جوڙ جا ٺگ تہ هو پاڻ آهن. هنن سمرقند ۽ بخارا پهچي ناٽي جون ٻوريون ڀريون. هي ماڻهو ايسٽ انڊيا ڪمپني جي آڏار تي اتي پهتا پر اٿ جو في ڪن ڇهن پائونڊن ۾ هنن ڪمپني کي وڪيو جيڪو هنن فقط ٻن پائونڊن ۾ خريد ڪيو هو. هڪ شاعر سچ چيو آهي تہ:

”مان ڪنهن بي انصاف جو بادشاهہ جي رعيت هجڻ کان شيطان جي سنگت وڌيڪ پسند ڪندس.“

هن مير انگريزن سان دوستي وڌائي پنهنجي جاگير جي ايراضي بہ وڌائي ڇڏي آهي، جڏهن هن مير کي ڪمپني بهادر واهن جي ڪاٽي ۽ صفائي لاءِ ويهہ هزارن ربين جي اجازت ڏني تہ هن اڌ رقم خرچ ڪري ڪاٽي ڪرائي باقي اڌ ڇپر ڪري ڇڏي الله تعاليٰ ڪيس بخشيندو. هريچند تہ هن ۾ بہ خوش آهي تہ اسان ڪيس عام ماڻهن تي ظلم ڪرڻ جي ڇوٽ ڏئي ڇڏي

آهي. صاحب تہ ڪيس پنهنجي اڪين سان ڏٺو آهي، هو ماهر چور آهي. ڇا مان ڪوڙ ٿو چوان؟ ڪلھ هڪ سنڌيءَ ويچاري صاحب آڏو دانھيو هو تہ سنڌس اٺ هن جي حڪم سان چورايو ويو آهي. پنهنجي هارين کي ان جو داڻو بہ ڪونہ ڏيندو آهي، جيڪي سدائين لس لنگهن تي هوندا آهن. هندن کي تہ هن نھوڙي نپوڙي ناس ڪري ڇڏيو آهي. هتان جي هر ماڻھوءَ کي پڪ آهي تہ پنهنجن ڪتن جا پيچ ڪيرائي ڏوهي وري بين ماڻهن کي ڪندو ۽ انهن کان ڏنڊ ڏوھہ بہ وٺندو. سو هن مير ابراهيم لاءِ بيو وڏيڪ ڇا چئجي.

هاڻي هريچند جي وات جو بنيپ ڦاٽڻ وارو آهي ۽ الائي ڇا جو ڇا چئي وڃي پار پوندو. جيڪڏهن هن ماڻھوءَ کي گِسو ڏوڪڙ بہ پاسبو تہ هر عزت واري ماڻھوءَ جو پتڪو لاهيندي دير ڪونہ ڪندو. هو ڳالهائي سرباٽن ۾ رهيو آهي، جڻ هن ڪيڙي جي تنبوءَ کي بڏڻ سٽڻ لاءِ هٿ جيڏا ڪن هجن.

هي اهو مير ابراهيم آهي جنهن جا هٿ پنهنجي وڏي جي رت ۾ ڳاڙها آهن. هن مياڻي واري جنگ کان ٿورو اڳ ملڪيت واسطي ڪلنگيڏر پاءُ کي ڪھائي ڇڏيو هو. سندس پائيٽن کي ايتري ڇاتي ڪانہ آهي جو سندس سامهون ڪچهري ۾ ويهي سگهن. پر سائين چوندا آهن هي دنيا هڪ نار آهي ۽ انسان ان جي مالھہ ۾ بڏل لوٽو آهي، ڪڏهن انهن جا سر پٽرن جي هيٺان ۽ ڪڏهن آڪاس جي اوچائين کي ڇهندا آهن.

لنڊن جون ڪي عورتون دولتمند خاندان جي ڪنهن سجي سڪٽي ماڻھوءَ کي وڇون سڏينديون آهن. اهڙا ماڻھو مغرب ۾ مشرق وانگي ڪامياب انسان سمجھيا ويندا آهن. هندستان جي مقابلي ۾ اسان جو ملڪ وڏيڪ ٿڏو آهي. تنهن ڪري اتان جي ماڻھن جا جذبا بہ ٿڏا هوندا آهن، ڪنهن جانور وانگي بي حس ۽ لاپرواھہ وڇونءَ وانگي ڏنگ هڻڻ ۾ ڦڙتائي ڏيکاريندا آهن. ڪڏهن ڏک ۾ ڏچو هوندا آهن تہ ڪڏهن وري خطرناڪ بہ بڻجي پوندا آهن پر هتي اهڙيون ڳالهيون تباھہ ڪن ٿينديون آهن.

هريچند تہ تيليءَ مان ٽنب ناهڻ جو ماهر ڪاريگر آهي. اصل حقيقت هن ريت آهي مير ابراهيم جي پاءُ کي مياڻيءَ جي جنگ ۾ بندوق جي هڪ گولي وڃي پنيءَ ۾ لڳي هئي ۽ وڃي هيٺ ڪريو هو. سندس قبيلي وارن جڏهن هن مير کي ڌرتيءَ تي تڙڦندو ۽ ڦٿڪندو ڏٺو تہ وٺي ڪڙين تي زور رکيو هٿائون. بين بہ پاڇ ڪئي هئي، پر هي ماڻھو پيرڙيا وڏيڪ هئا، تنهن ڪري هو سيني کان اڳ ۾ نڪري آيا هئا. سر چارلس مياڻي جي ميدان مارڻ کان پوءِ اچي حيدرآباد جي قلعي کي گهيرو ڪيو هو. هتي بہ جنهن مير سيني کان اڳ قلعي کان ٻاهر نڪري پنهنجي تلوار سر نيئيپر جي پيرن ۾

رکي هئي سو بہ مير ابراهيم هو. پر پيش پوڻ جو شرط اهو رکيو هئائين تہ هن جي پاءُ جي جاگير سندس پٽ کي ملڻ بدران هن کي ملڻ گهرجي. پوءِ هن مير لومڙ واري چالاکي ڪري چيتي کان سارو شڪار کسي ورتو هو.

هريچند وري وات کوليو ۽ مير ابراهيم مٿان ڪونہ ڪو ڪارهن جو لِنگهو ضرور لائيندو.

اهو ساڳيو مير ابراهيم آهي جيڪو اڳي ميرن جي دربار ۾ ويهي ڪونہ سگهندو هو. سو هاڻي ڪليڪٽرن جي سامهون ڪرسيءَ تي ويهندو آهي ۽ انگريزن جي زالن "مندمن" سان بہ ملي سگهندو آهي (1) هڪ سچ بہ پاچا! هاڻي ان مير جو من ايترو وڏي ويو آهي جو وڏي واڪ چوندو پيو وتي تہ هڪ مندمر سان سندس عشق تي ويو آهي. ڪلهہ ڪلهوڙي ڳالهہ آهي جو ڪير ڪيس ڪنگهندو بہ ڪونہ هو. سائين جان بل! هي هريچند جون ڳالهيون آهن. مان سمجهان ٿو تہ هي ماڻهو ڪي ابتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌائي پاڻيءَ مان ڪڍڻ ٿو چاهي تہ جيئن مير ابراهيم کي جوڳو سبق سيکاريون. هريچند وڌيڪ چوڻ لڳو تہ "هي مير، صاحب وانگي برانڊي ۽ ڪيورا ڪون شراب بہ پيئندو آهي. هاڻي سندس ڪنڌ ڪياڙ ۾ آهي. آڪڙ ۽ وڏائي بہ ڏاڍي اٿس. ڪنهن کي پاڻ جهڙو تہ سمجهي ئي ڪونہ ٿو. ڪلهوڪو بہ سندس مثال آهي. هن جو ڪم هو تہ بہ تي ميل اڳتي اچي اوهان جي آڌر ڪري ها تہ ڪو آسمان لڏي ڪونہ پوي ها."

منهنجو خيال آهي تہ هريچند سان ملاقات کي ختم ڪجي. الائي چا ٿو وينو واڦي ۽ داڦي. هر مشرقي ماڻهو پنهنجي زندگي جي رستي سان هلندي پاڻ تي ڪک بہ رکڻ ڪونہ ڏيندو آهي ۽ پنهنجي گهر جو ٻوهر ٻئي جي در تي اڇلي ونندو آهي. اها سندس سچ گوئي ڪانہ هوندي آهي پر غلامانہ جبلتن جو اظهار هوندو آهي، اها بہ چواڻي آهي تہ "وڙهن چور پلو ٿئي پاڳين جو" اهو بہ چيو ويندو آهي تہ "جڏهن بہ چور هڏي تي وڙهندا آهن تہ ٿئين کي ٻوٽي کي جهلڻ جو وجهہ ملندو آهي. ڏسجانءِ، هريچند واٽيو چوچڙي ڏئي باهہ مان پنيت ڪرڻ چاهي ٿو. شايد سمجهي ٿو تہ هر ماڻهوءَ جو اندر ائين ڪارو آهي، جيئنءَ سندس اندر اونداهو آهي. هو وڌيڪ چئي رهيو آهي تہ صاحب تہ قيصرِ هِند جو ملازم آهي. شال سندس پاڳ پلا ٿين. مير ابراهيم جهڙا تچ سمان ماڻهو ان جي در جا ڪُتا آهن. (2) هي ماڻهو انهن سان سينو ساهي رهيو آهي جن جو آهي نہ مٽ نہ ثاني. اهي تہ قلم ۽ تلوار جا ڌڻي آهن (3) هن مير آجيان لاءِ پنهنجي پاٽني کي مُجي جڻ پاڻ سان وير وهايو آهي، جنهن جي شڪل صورت بہ اهڙي آهي جهڙو چٻرو (4) جڏهن هي معزز ۽

محترم ماڻهو ڪهي اچي قبر جهڙي سندس اوطاق (5) تي اچي پهتا تہ منهن
ڏئي ملڻ کان گسائي هليو ويو آهي. جيڪڏهن ڪليڪٽر سمٿ صاحب
هتي اچي ها، هن سان منشي مڙا ۽ ڪلارڪ گڏ هجن ها، پيو اڙد اٽالو بہ
سندس ڪيڏ هجي ها، ڪاردار ڪاراط بہ هن جي منزل لاءِ ڪتا نہ پڇن ها تہ
مير ابراهيم جون وايون بتال هجن ها ۽ ڪُڙين تائين پگهر ۾ شل هجي ها ۽
بہ تي ميل اڳتي وڃي سندس پير چمي ها، چاڪاڻ تہ سمٿ صاحب متير
مڙس آهي ۽ ڪيس مڪڻ مان وار ڪيڻ جو ڏانءُ آهي. ابراهيم جهڙن اهنڊ
ماڻهن کي سڌي ڪرڻ جي وتس سمک آهي. انهن ۾ وَرُ ٺَڪُ ۾ ور. نظامي (6)
چيو آهي:

هن دنيا جي خوشين ۾ گڏهہ مدهوش آهن،
الله جـــي آڏو تہ خـــود نظامي بہ گڏهہ آهي.

اهو ابراهيم مياڻي واري جنگ کان اڳ هڪ وات ڳاڙهو چوڪرو هو.
لٺ هڻ تہ گهر ۾ ڊانيدا ٿانوَ پيا واڪا ڪندا هئا. نہ وٽس هئي ڪا ٻيڪٽي نہ
ڊيڪٽي. پنڊيءَ تي بہ نالو ڪونہ هوس. هاڻي تہ جڳ تا ڊرن.

هريچند هاڻي ماٺ تي ويو آهي پر هو ٻين ڳالهين ٻڌائڻ لاءِ تڪڙو
تڪڙو سوچي رهيو آهي. بعد ۾ هو چوي ٿو تہ "ابراهيم نہ پر ڪاڪومل
ماڻهپي جا سڀ ليڪا لتاڙي ويو آهي.

"ڪاڪومل وري ڪهڙي بلا آهي؟"

"توهان کي ڪاڪي مل جي ڪا ڪل نہ آهي ڇا؟ اها يَڪَ مير
ابراهيم جو وڏو منشي آهي. حيدرآباد جي ڪارنهن جو ڪُنو ۽ ڪچ پر مان
سيوهاڻي سارو سچ. ڪن تي سدائين قلم ۽ وَرَ ۾ مس ڪپڙي چارئي پهر
وتندو آهي ڪاڳر ڪارا ڪندو ۽ مسڪينن جا آڳر اجاڙيندو ۽ پنگيون
پينگ ڪندو.

ان کان پوءِ ڪاڪي مل جو خوفناڪ ڪردار ياد اچڻ لڳو. مناسب
ائين سمجهيو ويو تہ هريچند کي موڪل ڏجي، ڇاڪاڻ تہ ڪاڪي مل جي
اچڻ جو وقت ٿيڻ وارو آهي. ابراهيم خان جو اهو ماڻهو هريچند کي اهڙيون
ست سريون ٻڌائيندو جيئن هاڻي هريچند ڪاڪي مل ۽ ابراهيم خان جي
گلائن جي ڪنڌي ڪولي ٻيهي رهيو آهي.

مان قسم کڻي چوان ٿو تہ اهو ڪينَ جهڙو ڪاڪو اچي چوندو تہ
ابراهيم خان اوهان جي آجيان انهيءَ ڪري ڪانہ ڪئي هئي جو اوهان

رئنڪ ۾ نڙڪو عملدار آهيو. ان ڪان پوءِ هو منهنجي خلاف ڏهيون ناوا اٿي وڃي مٿي چڙهندو.“ منشي هريچند چيو.

”هائو منشي اسان ڏسي وٺنداسون تہ هو ڇا ٿو چوي. هاڻي تون نڪري هليو وڃ. اسان II وڳي ملاقات شروع ڪنداسون. تون اسان سان گڏجي هلجان ۽ ڪاڪي مل کان مور نہ ڊڄجانءِ. ليڪن مان ڏنو آهي تہ تون ڪاڪي مل جي پرپٺ تہ ڦڙڪيون ڇڏيندو آهين پر روبرو تون ڄڻ ڪڪڙ تي مينهن هوندو آهين.

”اوهان منهنجي لاءِ ڇپر ڇانو آهيو. منهنجي ڪاڪي مل تي تہ اڪ بہ ڪانہ پڏي ڊونڊ جو بکيو ڪانءُ لبڙ توبو لونيو.“ هريچند چيو.

اسان کي اڌ ڏيهي ۾ اڌ يوربي ڪپڙا پاتل هئا. گهوڙن تي لانگ ورائي روانا ٿياسون. منشي هريچند بہ اسان سان گڏ هو ۽ بَدن جي رفتار سان ڊپور هلي رهيو هو. افغان نوڪر بہ اسان سان گڏ هئا. جيڪي اسان جي پٺيان اچي رهيا هئا.

اسان هلندا اچي ابراهيم خان جي اوطاق جي اڳڻ ۾ پهتاسون. آجيان لاءِ ابراهيم خان جو پائيتيو بيٺو هو جنهن سان ٽي ماڻهو گڏ هئا. جن کي مياڻ ۾ پيل تلوارون ۽ چيلهہ ۾ پڌل خنجر هئا. ننڍو مير اڳتي وڌي اسان جي آجيان لاءِ آيو. هنن جي اچڻ جو نمونو ۽ اکيون اهڙيون هيون جو معلوم ٿي رهيو هو تہ هو اسان جو ڳچيون ڳيا ڪري پوءِ ساهہ پٽيندا. ننڍو مير اسان جي هٿن کان جهلي هزارين مبارڪون ڏئي رهيو آهي، خوش خير عافيت پڇي رهيو آهي. مير ابراهيم جا پيغام ڏئي رهيو آهي. سندس هٿن جا جهٽڪا اهڙا آهن جو ڄڻ هو اسان کي گهوڙن کان هيٺ ڪيرائڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جا زور لائي رهيو آهي. هن سان گڏ آيل ماڻهو اسان جي اچڻ جي خوشيءَ ۾ گدڙن جهڙيون اونايون ڪري رهيا آهن. هڪڙو ماڻهو اسان جي اچڻ جو پڌائڻ واسطي مير ابراهيم خان ڏانهن وڃي رهيو آهي. هاڻي اسان کي اهڙين جڳهن وٽان هلڻو پوندو. جن کي ڏسي اسان کي محسوس ڪرايو ويندو آهي تہ مير ابراهيم وڏيءَ حيثيت جو ماڻهو آهي. ان کان پوءِ اسان مختلف ننڍين وڏن ڦاٽڪن مان گذري هڪ جڳهہ جي ورانڊي وٽ پهتاسون. جنهن ۾ مير ابراهيم خان اسان جي انتظار ۾ ويٺو هو.

مون کي محسوس ٿي رهيو هو تہ اسان جي آجيان جو اهو طريقو هو ڄڻ اسان ڪنهن شاهي دربار ۾ حاضر ٿي رهيا آهيون. پر اها هڪ ڪوڙي ڏيکاءَ جي اجائي ڪوشش هئي.

اهڙيءَ ريت ويهن ماڻهن اڳتي وڌي اسان جي رڪيبن کي جهليو ۽ اسان کي گهوڙن سميت اڳتي گهلڻ جا جتن ڪري رهيا هئا. جڏهن اسان هيٺ لٿاسون تہ پير زمين تي ڪتا تہ چوڌاري بسم الله بسم الله جي ڏونگ مچي وئي. ان ڪانپوءِ ابراهيم خان اڳتي وڌيو ۽ اسان جي ٻانهن کان جهلي ڇڪڻ لڳو. ڄڻ اسان جي ٻانهن جي سنڌ سنڌ کي الوٽڻ ۽ اکوڙڻ چاهيندو هجي. اهڙيءَ ريت اسان سان ملڻ جو هڪ عذاب شروع ٿي ويو ۽ ڀاڪر وجهي پنهنجي ڪنڌ کي اسان جي ڳچيءَ ۾ ڪڏهن ساڄي پاسي ۽ ڪڏهن کاٻي پاسي ڦيري رهيو هو ۽ سندس ڏاڙهي جا کهرا وار اسان جي ڪلهن جي ڦِٽين ۾ سيلهہ ڪندڙ جيان چڀي رهيا هئا. اسان بوٽن سان اندر ڪمري ۾ هليا وياسون. مير کي بہ بوٽ پاتل هئا. اسان جڏهن ديوان تي وهنداسون تہ ڀاڪرن پائڻ ۽ خوش خير عافيت پڇڻ جو هڪ نئون آزمائشي مرحلو شروع ٿي ويندو. ان ديوان تي مير ابراهيم ۽ سندس وڏو پائيتو بہ وهندا. مير جي ويجهن مائٽن ۽ دوستن جو گوڙ لڳو پيو هوندو هر ايندڙ ويندڙ ماڻهو بہ در کان اندر ليئو پائيندو اسان کي ۽ اسان جي اڙد اتالي کي ڏسندو پنهنجي ڪم سان روانو ٿي ويجي ٿو ۽ هن جي منهن تي خوف ۽ اچرج جهڙا اهڃاڻ نظر اچن ٿا. عام ماڻهو خوش ٿي وينا آهن ۽ سيئي ماڻهو هڪ ٺي وقت ڳالهائي رهيا آهن. شايد ٻڌڻ لاءِ ڪو ماڻهو آڻڻ ڪانئن وسري ويو آهي.

سائين جان بل! اڪ ڪٽي ڏسو هريچند ۽ ڪاڪومل ڪنڌ ۾ پيءُ پٽ ٻٽيا وينا آهن. خوشي مان ڪپڙن ۾ ڪونہ ٿا ماپن ۽ هڪ ٻئي کي ڳراٽڙي پايون وينا آهن. لک شڪر ان الله تعاليٰ جا جنهن انهيءَ قسم جي مخلوق پيدا ڪئي آهي. هنن ماڻهن جي اميدن ۽ آسرن جا وڻ ساوا ٿي رهيا آهن ۽ ڦر جهلي رهيا آهن. سچي ۽ صحيح تهذيب وچ تي آهي جنهن جي چوڌاري وحشانيت جو رڻ پٽ موجود ڏسجي ٿو. مير ابراهيم خان جي اوطاق جي اڱڻ ۾ گند ڪچري جا ڍير لڳا پيا آهن. جنهن جي وچ تي ڄڻ لکيل آهي forget_me_not هتي ويهي ڪنهن ڳالهہ جو احساس ڪونہ ٿو ٿئي. پر ڪجهہ پراڻيون يادگيريون تازيون ٿي رهيون آهن.

هاڻي مان ان ڪمري کي ڏسي رهيو آهيان. جنهن اندر اسان وينا آهيون ۽ اسان جي آجيان ٿي رهي آهي. نظر اچي ٿو تہ هن ڪمري جون پٽيون ۽ فرش ايراني غاليچن سان ڍڪيل آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ هن ڪمري جي هر شيءِ انگريزن جو نقل آهي. ميزون ۽ ڪرسيون بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. در دريون بہ انگريزي طرز تي ٺهيل آهن. جن ۾ شيشي جو استعمال

بہ ڏسجي ٿو. عام ڏيک ۾ بہ ڪجھ ٿوري گھڻي تبديلي موجود آهي. شراب جي بوتلن سان گڏ شاهي ڊگھي سلڦي بہ رکيل آهي، جيڪا ڊريسنگ ٽيبل تي شراب جي شيشن سان گڏ پئي آهي. پٽ جي هڪ جاري ۾ فرانس جو تيار ڪيل هڪ گھڙيال رکيو آهي. مختلف قسمن جا منظر آهن جيڪي پٽين تي ٽنگيل آهن. ان ڪانسواءِ عورتاڻا دستانا بہ پيا آهن جن کي ڏسي اچرج ٿي رهيو آهي، جوتن جي جوڙي بہ موجود آهي، جيڪا پٽ تي ٽنگيل آهي.

جيڪڏهن اسان هتي صبح جو ڪجھ سوير اچون ها تہ هڪ اهڙو ٽلهيو (خدمتگار) اسان جي سيوا ڪري ها، جنهن جي مٿي تي مٽي اڏامندي ڏسڻ ۾ اچي ها ۽ سندس ترين تي ڪسمبا Kusumba رکيل هجي ها.. مان اوهان کي اڳتي سمجھائي آيو آهيان تہ ڪسمبا آفيم کي مختلف شين سان ملائي هڪ نشيدار شئي تيار ڪئي ويندي آهي، جنهن کي هتان جا ماڻهو ڪسمبا جي نالي سان سڏيندا آهن. هاڻي ابراهيم خان شاهي لباس ۾ موجود آهي. سندس مٿي تي بخمل ۾ سون جي ڌاڳن سان پريل ٽوپي پاتل آهي. سندس وار گھنڊيدار ۽ ڊگھا آهن، جيڪي هن جھوڙو ناهي ٻڌي ڇڏيا آهن. سندس ڪجھ وار ٽوپيءَ مان ٻاهر نڪري لونڌڙيءَ وٽ موجود آهن، جيڪي سندس خوبصورت ڏاڙهي ۽ مڇن سان ميل ڪائي رهيا آهن. ڪوبہ وار هڪ ٻئي کان هيٺ مٿي ڪونہ آهي. نہ وري پنهنجي اصل جڳھ کان پاسي آهي. سندس چولو ڪرمزي رنگ جي ساٽن جو آهي، جنهن تي نازڪ ۽ نفيس پرت جو ڪم ٿيل آهي. چيلھ سان نانو ٻڌل اٿس جنهن جي پاسي مان عاج جي منئي سان ننيڙي تلوار لڙڪي رهي آهي. شلوار نيري رنگ جي پاتل اٿس، هي رنگ بلوچ تمام گھڻو پسند ڪندا آهن. ڪيس ڪوٽ بہ پهريل آهي، جيڪو مرداڻو ۽ شاندار آهي. پاتل بوٽ ڪور ڊووا جي ڪروم جا آهن جن جو رنگ ڦڪو آهي. سندس لباس ۾ ڪٿي بہ ڪو قيمتي پٿر نظر ڪونہ ايندو. پر هن جي خونخوار تلوار جي منئي ۾ زمرد لڳل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪيس هڪ چيچ ۾ سوني منڊي آهي جنهن جو ڳن چانديءَ جو آهي. اهڙيون منڊيون تہ انگريز بہ پائيندا آهن، جن کي مهر طور بہ ڪم آندو ويندو آهي. هي نمائشي ڳھہ ڪونہ آهن پر ان جو هڪ ڪارج آهي. اوهان جيڪڏهن ڪانئس پڇندا تہ جھٽ جواب ڏيندو تہ لکپڙھ جو ڪم سندس منشي ڪندو آهي، جيڪو خوشخطيءَ جو ماهر آهي. ابراهيم پاشا لنڊن ۾ لج کان اهو ٻڌائي ڪونہ سگھيو هو تہ هو پڙهيل ڪونہ آهي پر هي ابراهيم

خان ٽالپر اوهان کي ڪڙڳاڻيءَ ۾ ٻڌائي ڇڏيندو ته مان جاهل مطلق آهيان ۽ فخر جو اظهار ڪندي چوندو ته مان انهيءَ گنديءَ شيءِ کان واقف ڪونه آهيان.

پر اوهان هن جي جسم جي تولهه ۽ ويڪر ڏانهن به ٿورو خيال ڪجو. اهو وينو نه آهي پر ڪا شئي جڻ وچائي پئي آهي. هتان جو ماڻهو جيترو وڏيڪ ٿلهو هوندو آهي، ايترو وڏيڪ پاڻ کي سهڻو سمجهندو آهي. هتان جا سهڻا مرد ۽ خوبصورت عورتون "هنڊريڊ ويٽ" جي وزن کان به گهٽيون هونديون آهن. جن کي اٺاريو ۽ ويهاريو ٽيڪن سان ويندو آهي. هتان جو ٽالپر مرد يا عورت پنهنجو پاڻ اٿي جڏهن پهرين وک کڻندي آهي ته چوڌاري بسم الله جا نعرا ٻُري ويندا آهن. حيدرآباد جو اڳوڻو حڪمران نصير خان سنڌ جو هڪ خوبصورت ترين ماڻهو هو چاڪاڻ ته هو تمام گهڻو ٿلهو هو. اٿڻ ويهڻ ۾ عاجز هلڻ ۾ هلاڪ هو. سگهو متارو گهوڙو ڪيس کڻي ڪونه سگهندو هو نه وري گهوڙي تي ماپي سگهندو هو. مياڻي جي جنگ کان پوءِ جڏهن هن مير کي ڏيهه نيڪالي ملي هئي ته ڏچي ۾ پئجي ويو هو. هن کان پوءِ ڪمپني بهادر اهڙو ماڻهو موڪليو جيڪو مير نصير جي تولهه جي اڌ جيترو به ڪونه هو. سنڌ جا ماڻهو سنهڙي کي بيمار يا سُڄو سمجهندا آهن. سنڌ جو گدڙ برطانيه جي شينهن جيترو ٿلهو هوندو آهي ۽ جنهن کي چاهيندو آهي ڦيڪاري ٿي سندس ڪِڌ لڳي پوندو آهي. شوق جي ماڻهن جي هن معاملي ۾ سوچ ساڳي آهي. هنن جي زندگيءَ جو مقصد کائڻ پيئڻ ۽ ٿلهو ٿيڻ هوندو آهي. اهي ماڻهو جڏهن ڪنهن ليفٽيننٽ کي ڏسندا آهن ته جهٽ پٽ چئي ڏيندا آهن ته "چا توکي ماني کاڌه تي ملي؟ چا تون بيمار رهندو آهين."

هندو خاندان جا ماڻهو ته ها... ها... ها... جهڙا آواز ڪڍي وڏي آواز سان ٻڌا ٺهڪ ڏيندا آهن. اوهان جي ميزبان جو چهرو به خوشيءَ وچان ٻهڪي رهيو آهي. سائين جان بل! اوهان به هن ڏانهن نهاري قسم کڻي چئي ڏيندا ته هي دنيا جو سڀ کان وڏيڪ خوش مزاج انسان آهي، جيڪو پنهنجي گفتگو جي هر جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ها... ها... ها... جهڙو بلند آواز ڪڍي ٺهڪ ڏئي ڇڏيندو آهي. اسان کي نيم مشرقي لباس پاتل آهي، جنهن کي ڏسي ها... ها... ها جهڙو ٺهڪ ڏئي رهيو آهي.هي مير ويهه پيرا اڳي به چئي چڪو آهي ته يورپ وارن جو لباس ڪانون کي ڊيڄارڻ وارو اوڙو Scare Grow آهي. توهان اسان وارو لباس ڇو نه ٿا ڍڪيو.

"اوهان تہ هاڻي اسان جهڙو لباس پاتو آهي. تنهن ڪري اوهان هاڻي اسان وانگي آفيم جو ڪاڙهو بہ پيو." هن اهي لفظ چئي ها... ها... ها جهڙو ٺهڪ ڏنو. هن جو اهو ٺهڪ نہ پر ڇٽڪ هڪ رڙ هئي، هي ماڻهو پنهنجي ئي سوال تي ٺهڪ ڏئي رهيو هو.

پر آفيم جو اهو ڪاڙهو تو بدران مان پيئندس ۽ ڪين چوندس تہ هي سنجيده ۽ اصول جو پابند ماڻهو آهي ۽ اهڙيون ڪريل حرڪتون ڪلئي عام ڪونہ ڪندو آهي. اسان جي ميزبان جي مرضي آهي تہ اهو ڪوڙو ڪاڙهو انگريزن کي بہ پياري ۽ عاقبت سنواري. جڏهن برازيل جي مئجسٽريٽ کي رپورٽ ملندي آهي تہ نئون قيدي انگريز آهي ۽ نشي ۾ مدهوش لڳو پيو آهي تہ جواب ۾ چوندو آهي اڙي نشي ۾ بيهوش انگريز. پر هن معاملي ۾ بلوچ سردار ڪليءَ دل جو مالڪ آهي ۽ پاڻ نشي ڪرڻ جي صلاح ڪري رهيو آهي.

آفيم سنڌ ۾ ٿيندو آهي، تنهن ڪري هن شيءِ کان ڪراهت ڪانہ ڪئي ويندي آهي. هيءَ مير جو اهو نوڪر ڪٽي آيو جيڪو سيني کان وڏو هو ۽ مير صاحب جي حقي جو ٽانڊو ٽوپي ڪندو هو. هن شراب جي پيئڻ وارو گلاس ۽ ٿڌي پاڻي جو لوٽو رکيو. ابراهيم خان گهر جو مالڪ هو جنهن آفيم جي هڪ ڇو ڪُنڊي ٽڪري ۾ ويندو ويو جيڪا هڪ گوريءَ جيتري هئي، هن اهڙيون چوڪنڊيون پاڻ لاءِ ڪنيون، انهيءَ ڪري جو هو گڙنگ موالي هو. مان عادي آفيمي ڪونہ هوس. تنهن ڪري مان فقط هڪ ٽڪي ڪنئي هئي ۽ هٿ جي ترڪيءَ تي رکي ٻئي هٿ جي آڱر سان ان کي مهٽي گلاس ۾ وڌو ۽ پاڻي ملائي ڪپڙ ڇاڻ ڪري پيئڻ لاءِ تيار ڪيو. پيئڻ کان ٿورو اڳ پرسان وينل ماڻهوءَ کي نياز نوڙت سان ڪجهہ چئي هٿ ۾ جهليل گلاس پي وڃبو آهي. اها هتان جي رسم آهي. اهڙي قسم جو پيئڻ وٽي چاهي نہ وٽي پر منهن جا تاثرات ائين هجڻ گهرجن جڻ اهو ذائقي ۾ شاندار ۽ لذيذ هوندو آهي. جهونڙو مير تہ اهڙين شين جو هيراڪ هو جيڪو ڳت ڳت ڪري ڏوگهي ويو جنهن جو رنگ ئي عجيب غريب هو. مان هتي مٿي ڪري جند ڇڏائي. هن کان پوءِ روايت مطابق مائي جو ذرو يا مصريءَ جي ڳڙي کائڻي آهي تہ جيئن نشو پڪو ٿئي. ان کان پوءِ حقي ڇڪڻ جو بندوبست ٿيندو آهي ۽ نشي جي ڳهر چڙهڻ شروع ٿيندي آهي.

سنڌ ۾ آفيم تماڪ سان گڏائي سلفي يا حقي ۾ ڇڪڻ جي رسم ڪانہ آهي. ماڻهن جو اهڙو تعداد بہ ٿورو آهي، جيڪي آفيم کائيندا هجن

پر پيتو ويندو آهي پر اهڙو خرچ دولتمند ڪري سگهندا آهن. اهڙو نشو مهانگو هوندو آهي. هنن ملڪن ۾ اهڙيون نشيدار شيون ڪتب آنديون وينديون آهن. هن شيءِ جي واپرائڻ سان ڪي خطرناڪ نتيجا ڪونه نڪرندا آهن. هتان جا ماڻهو واتوڙا آهن. جيڪي ڳالهه مان ڳالهوڙو ناهي هٿن تي پرتا ڪري ڏيکاريندا آهن. سائين بل! اوهان کي ڪي ماڻهو ابتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌائي آفيم کان بر ڪري ڇڏيندا. تون هرويرو مرمتڙيو نه ٿجانءِ. هتي ڪي صوفي قسم جا ماڻهو به آهن جيڪي ٻاهران ايندڙ نشي جي شيءِ تي ڪوڏي به خرچ ڪرڻ ڪونه چاهيندا ۽ چوندا آهن ته آفيم جو نشو نه ڪريو. اهڙا ماڻهو اجايو وڏاءُ ڪري آفيم لاءِ نفرت پيدا ڪندا آهن ۽ پڪن ارادن وارن ماڻهن کي به متاثر ڪري ڇڏيندا آهن. 1876ع ۾ ڪي چريا ماڻهو هڪ وفد جي صورت ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا سان وڃي مليا هئا ته آفيم جي تجارت بند ڪئي وڃي. جنهن مان سرڪار کي ساليانو اٺ ملين پائونڊ بچت ٿيندي آهي. چرين ماڻهن کي وري ڪي پيا سگ ٿيندا آهن. اهو آهي پنهنجي پيرن کي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ. اهي ماڻهو اتي به راضي ڪونه ٿيا.

هنن اينگلو-اورينٽل سوسائٽي به جوڙي ورتي هئي، جنهن جو ڪم آفيم جي تجارت بند ڪرڻ هو. اهو اٿئي رب رُسي ته مت کُسي.

گجرات ۽ مالوا جا ماڻهو صدين کان وٺي ڏوڏي پوکيندا، آفيم تيار ڪندا ۽ کائيندا رهندا آهن. هنن ماڻهن احتجاج ڪيو آهي ته آفيم کي بري چوڻ واريون اجايون ڳالهيون بند ڪيون وڃن.

اهي ماڻهو هن حقيقت کي به تسليم ڪن ٿا ته جيڪڏهن آفيم گهٽي انداز ۾ واپرائبو ته اهو وِهه سمان آهي، جيڪڏهن ان کي گهٽي مقدار ۾ پاڻي ۾ ملائي استعمال ڪبو ته به اهو هاڃيڪار آهي. پر ان ۾ وچڙندڙ عادت ڪانه آهي. نه وري منجهس اهڙي خاصيت آهي جو جيڪڏهن هڪ ان کي واپرائيندو ته ٻئي کي به نشو ٿي پوندو. اهي گهڻو ڪري هن عربي چواڻي کي ورجائيندا رهندا آهن ته آفيم سيني بيمارين لاءِ دوا آهي ۽ سيني بچڙاين جي ماءُ آهي.“ هن جو مطلب آهي ته جيڪڏهن ٿورو ڪتب آڻيو ته تمام سٺي شئي آهي پر گهڻو قاتل زهر آهي. پر عام طور تي آفيم جو عادي ماڻهو ان جي مقدار وڌائڻ لاءِ مجبور ٿي پوندو آهي ۽ ائين ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي ڪونه سگهندو آهي. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اها شي انساني صحت ۽ زندگي لاءِ سخت هاڃيڪار آهي. مان هن ڳالهه ۾ هڪ

حقيقت جو اضافو ضرور ڪندس تہ هي شيءِ بين نشيدار شين جهڙي هاڃيڪار ڪانہ آهي. هن جي پيٽ ۾ الڪهول، شراب ۽ ٻين شيون وڌيڪ نقصانڪار آهن. مان هيءَ حقيقت بہ تسليم ڪريان ٿو ۽ ٻي ڪئنسي De Quincy ۽ ڪوليبرج Coliridge جي ڏنل چِتاءَ کي بہ سچ سمجهان ٿو. پر منهنجي ڳالهہ ڏي بہ ضرور ڌيان ڏنو وڃي.

منهنجو شخصي خيال آهي تہ آفيم جو استعمال صحت لاءِ نقصانڪار ڪونہ آهي. پر شرط اهو آهي تہ ان جو مقدار وڌائيندو نہ وڃجي. مون کي چڱي ريت ياد آهي تہ هڪ ايراني منشي هوندو هو سندس عمر سٺ جي پيٽي ۾ هئي، جيڪو آفيم جو گڙنگ موالي هو. تي تڪيون آفيم سندس ڏهاڙي جو وزن هو پر هو ڏاڍو صحتمند ۽ خوش مزاج هو ۽ مان ساري مشرق ۾ اهڙو زندهہ دل ماڻهو ڪونہ ڏٺو.

سنڌي ماڻهن جو خيال آهي بلڪ ساري مشرق جو بہ تصور ساڳيو آهي تہ آفيم هڪ بهادر نشو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جي استعمال ڪري رڳن ۾ موجود اضطراب ختم ٿي ويندو آهي، تنهن ڪري انسان ۾ مضبوط ارادو پيدا ٿي پوندو آهي. جنگ ۾ انساني مزاج جو وڏو عمل دخل ٿيندو آهي، تنهن ڪري مشرق جي فوجي لاءِ آفيم جو مقرر مشروب لازمي آهي. ٻي ڳالهہ تہ هتان جي جنگ مختلف محاذن جو هڪ تسلسل هوندو آهي، جنهن ڪري انساني مزاج ۾ اضطراب جو اضافو ٿي ويندو آهي. ڀنگ جو اثر وري پنهنجو آهي جيڪو ڳوڙهي سوچ ۽ فڪر لاءِ سنو آهي. تماڪ ڇڪڻ لاءِ بہ ساڳيو خيال آهي ۽ خاموش لمحن ۾ انسان جو ساٿي هوندو آهي.

هن وقت اسان جو ميزبان اشارو ڪري حقي کي پري ڪرڻ جو حڪم ڏئي رهيو آهي، سندس منهن مان لڳي ٿو تہ هو ڳالهائڻ چاهي ٿو پهريائين هو هڪ ٽهڪ ڏئي ٿو ها... ها... ها.

”ڇا تون نصير خان جي جنگ جو طريقو ڏٺو هو؟“

هن اهو سوال انهيءَ ڪري ڪيو هو تہ سنڌي سمجهندا آهن تہ مياڻي واري جنگ مير شير محمد جي ڏُبي واري جنگ کان گهڻي مختلف هئي.

مان ڪيس ناڪاريو هو. مان سمجهي رهيو هوس تہ هڪ نواب ماڻهوءَ جي دل ۾ هن جنگ جون ڪيئي ڳالهيون موجود هونديون، جن کي هو کولي ٻڌائڻ چاهي ٿو.

”ها... ها... ها... الله اڪبر ڇا تہ جنگ هئي، اهڙي جنگ اڳي ڪڏهن بہ وڙهي ڪانہ وئي هئي.“

”مان سمجهان ٿو تہ اوهان انهيءَ جنگ ۾ موجود هئا؟“ (8) مان ڪانئس پڇيو.

هائو مان انهيءَ جنگ ۾ موجود هئس. مون سان گڏ منهنجي وڏي ڀاءُ جا لاڳاپيوارا ماڻهو هئا، جن کي توهان قتل ڪري ڇڏيو. ڏس هن منهنجي ڀائٽي ڏانهن ڏس. جنهن جي پيءُ کي اوهان قتل ڪيو. پر ها... ها... ها مون کي بہ اوهان انگريز قتل ڪري چڪا هجو ها پر مان اوهان کان وڌيڪ تيز هوس.

مان سندس چوڻ تي هن جي ڀائٽي ڏانهن نهاريو جيڪو هن جي پاسي ۾ چُڪ هنيو ويٺو هو جيڪو سنهڙو سيپڪڙو هو. مان وڏي مير جي اندر جي اوڳر لهڻ لاءِ کيس چيو تہ، ”اهو وري ڪيئن؟“

پوءِ هن پنهنجو اندر اوتڻ شروع ڪيو ۽ وني ڪهات پئي، ”جڏهن اسان اوهان جي فوج تي حملو ڪيو تہ اسان سمجهي رهيا هئاسون تہ اهو جڻ تہ مڙئن جو شڪار هو. پوءِ ڪن تلوارون کنيون، ڪنهن ڏڦا کنيا ۽ گهڻن وري ڏنڊا هٿ ۾ کنيا. ماڻهو بہ اهي کنياسون جيڪي عام طور هرڻن جي شڪار ۾ ڪٽندا آهيون. اوسر بہ ائين کنيون سون جيئن هرڻين جي شڪار ۾ ڪٽبو آهي. اسان اوهان انگريزن کي قتل ڪرڻ ڪونہ پئي چاهيو پر ڏنڊن سان چٽي اوهان کي سبق سيکارڻ پئي گهريو. چاڪاڻ تہ اوهان اسان جي نرم مزاجي کي ڏسي شينگ چڙهي ويا هئا.

منهنجو ڀاءُ هڪ سادو ۽ سچاڄو ماڻهو هو الله شال سندس قبر کي روشن رکي. هو چئي رهيو هو تہ جيڪڏهن انگريزن وٽ لوهہ آهي تہ اسان وٽ رڪ جهڙا ٻروچ آهن (9) سو اسان هڪ وڏي ميڙ جي شڪل ۾ رنبها (نعرا) هڻندا اڳتي وڌي رهيا هئاسون ۽ حملي ڪرڻ وارا هئاسون جو اوهان جي توپن تي نظر پئجي وئي. اهي مناسب وٿي تان بيهي جوٽيل گهوڙن کي توپن کان الڳ ڪري گولا باري شروع ڪري ڏني. ان جي جواب ۾ اسان جي طرف کان بہ توبون باهہ جا گولا اوڳاڇڻ لڳيون. مان محاذ جي ٻئي پاسي جنگي ميدان جي صفا چيڙي وٽ بيٺو هوس. اسان توهان تي ۽ توهان اسان تي گولا باري ڪري رهيا هئا (10) مان اهڙي گولاباري جي مار کان پري بيٺو هوس. تنهن ڪري ڪو پڙ پولو ڪونہ هو. پر ٿوري وقت کان پوءِ مان ڇا ڏٺو؟ هڪ ڳاڙهي ليڪ؟ جنهن جي هٿن ۾ تيز ۽ نوڪدار نيزا هئا جيڪي تيز طوفاني رفتار سان جنگي ميدان ڏانهن وڌي رهيا هئا. اهو تيز طوفان نہ هو پر باد سموم اسان بهادرن ۽ بانڪن کي ڏسي اهي ڪتا پڇي ميدان ڇڏي وڃي تہ ڪونہ رهيا آهن؟ اهڙي قسم جا سوال هئا جيڪي منهنجي ڀاءُ سان

گڏجي آيل ماڻهو هڪ ٻئي کان پڇي رهيا هئا. پوءِ وڏين توبن گولا باري شروع ڪئي. جواب ۾ ننڍين توبن گولا اوڳاڇڻ شروع ڪيا. اسان الله سائين کي مدد لاءِ ٻاڏائي رهيا هئاسون. اسان جا انگريز دشمن شيطان کي شِرَ لاءِ پڪاري رهيا هئا. هن کان سواءِ مسجدن ۾ هزارين ملا ورد وظيفن پڙهڻ ۾ جنبيل هئا. ڪي قرآن خوانيءَ ۾ مشغول هئا ۽ اسان جي مدد لاءِ الله تعاليٰ کي ٻاڏائي رهيا هئا. تنهن ڪري اسان کي پڪ هئي تہ فتح اسان جي ٿيندي (11) پر وڙهيو ڪير؟ هوڏانهن بندوق جي گولين جو وڏو ڦرو هو. تجلا ڏيندڙ نيزن ۽ تلوارن جا حملا هئا توبن جي گولاباريءَ جي اوريڪ هئي جنهن جي جواب ۾ اسان جو هل هنگامو لڙ ۽ لڙٻات هو. فلڪ شگاف نعرا هئا. اسان ڏسي رهيا هئاسون تہ ڇا ٿي رهيو آهي. هو اڳتي وڌندا رهيا. اسان بہ رستم جيان اڳتي وڌندا رهيا هئاسون. پر پوءِ بہ هو اڳتي وڌندا رهيا. اهي سفيد رنگ وارا شيطان هئا (12) اسان بہ الله تعاليٰ کي سنيالي ونءِ گوڏن ٿي زور رکيو. اسان سمجهيو هو تہ هو موتي ويندا پر هو اسان جي ڪڍ لڳي پيا. انهن جادوءَ جي جنن سان مقابلو ڪرڻ اسان جي وس کان ٻاهر هو. وڏو جادوگر جن هڪ گهوڙي تي سوار هو جيڪو پنهنجي ٽوپلي کي گول دائري ۾ ڦيرائي رهيو هو. هو ٻولي بہ اها ڳالهائي رهيو هو جيڪا شيطان جي ٻولي هئي. مان پنهنجي پياري پاءُ جي قتل ٿيڻ تائين اتي بيٺو هوس. ان کان پوءِ مان رڙ ڪري پنهنجي ماڻهن کي چيو اڙي ڪونڌر ڪسجي ويو. هاڻي سر ترين تي رکي اکيون ٻوٽي ٻاهہ ۾ ڪاهي پئو ڪافرن کان پاند ڇڪايو. مون کي سر جو سانگو لاهي انگريزن جي ڪوس ڪرڻ جو حق هو. پر مان ور ڪُنجي ونءِ ياج ڪئي. لوڻُ ڦيرائي پوئتي ڏسڻ جو وقت ڪونہ هو. هاڻي تون کي ٻڌاءِ اي ميان انگريز تہ اهڙن اميرن کي سنڌ تي وري حڪومت ڪرڻ جو حق آهي؟"

سائين جان بل! اسان جي ميزبان هڪ للائو آهي، گهٽ ڪونہ آهي هو تہ يَو ۾ پپر جي پن جيان ٿڙڪي رهيو آهي تہ متان ساڳيا مير اچي سنڌ جي حڪمراني سنڀالين، ڪيس اچي ڦقڙي لڳي آهي تہ جيڪڏهن مير موٽي آيا تہ سنڌس پڙَ پالها ٿي ويندا. سنڌس پيرن هيٺان زمين ڪسڪي ويندي هن مڏي ملڪيت جا مالڪ ٻيا ٿي ويندا ۽ چوندو پنهنجن سان ڦٽائي پرڇهہَ وڃايم ڪُتو بہ ڪاڏم ڪُک بہ ڪانہ پري. جيڪڏهن اسان هليا وياسون ۽ ڪاري ڏاند جا مالڪ اچي پهتا تہ ابراهيم خان جو ساهہ مٺ ۾ ٿي ويندو ڪيس لڪڻ جي جاءِ بہ ڪانہ لڀندي. اسان جي فتح کان پوءِ هتان جي ميرن

ڏيهہ نيڪاليءَ جا ڏچا، غربت افلاس جا سور ۽ ندڙڪا تي ڏنپ ڏنا آهن. جيڪڏهن اهي موتي آيا تہ انهن ماڻهن کان تہ ڳٽي ڳٽي پاند چڪائيندا جيڪي اسان سان گڏ رهيا ۽ افغان جنگ ۾ اسان جي سهائتا ڪئي. ان کان سواءِ هندستان جي هر ماڻهوءَ جي دل ۾ اهو وهم ويهي ويو آهي تہ انگريز ڪنهن سان بہ سچا ڪونہ آهن ۽ هر ماڻهوءَ کي استعمال ڪري چوسيل ڳنڍيريءَ وانگي گهر جي دري مان ٻاهر اڇلي ڇڏيندا آهن ۽ ڏرم جي ڏڪن کائڻ لاءِ دنيا ۾ ندڙڪو ڇڏي ڏيندا آهن. پر سائين جان بل! اهو بہ سوچڻو آهي تہ هن ابراهيم خان جهڙا ماڻهو پولي جي هٿ ۾ ٻہ منهين تلوار جيان هوندا آهن. هن ماڻهو پنهنجي تلوار جو هڪ منهن پنهنجي خلاف ڪم آندو آهي پر وقت اچڻ تي سندس تلوار جو ٻيو منهن اسان انگريزن خلاف ڪم ايندو تنهن ڪري اهڙن ماڻهن جي نہ دوستي چڱي نہ دشمني ڀلي. مون کي خوشي انهيءَ ڪري ٿي آهي جو پنهنجن جي پاند چڪڻ واري رت پياڪ تلوار کان بچي ويو آهي ۽ اهڙي خوف ڪري وقتي طور اسان سان بہ سچو آهي.

مير ابراهيم جون مياڻيءَ جي جنگ جي بهادريءَ جون ڳالهيون ٻڌي وينل سڀ ماڻهو کلي رهيا هئا. هن وڏيڪ اهو بہ چيو هو تہ حڪمران ميرن جا سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گماشتا موجود آهن. تنهن ڪري ڪيس پيٽ ۾ ساهہ ڪونہ هو پر هو اهڙي سوال جي جواب لاءِ اسان جو منتظر هو.

”نہ مير صاحب اڳئين حڪمران ميرن جو هتي ڪوبہ گماشتو ڪونہ آهي. سنڌ ترقي واري راهہ سان هلڻ شروع ڪري ڏنو آهي. نئين ڏينهن جي پرهہ ڦٽي چڪي آهي. هن لاٽ کان پوءِ ٻات ڪانہ ٿيندي.

”جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ الله توهار.“ مير چيو.

مير پنهنجي هر جملي کان پوءِ ها... ها... ها ڪري وڏو ٽهڪ ڏيندو هو. پر هاڻي مات هو.

ان وقت مون کي محسوس ٿيو تہ نشي جي ڳھَرِ ڳاٽي تي چڙهڻ شروع ڪيو آهي. تنهن ڪري سوچيوسون تہ نشن ۾ الهوٽ ٿيڻ کان راند رس ۾ ڇڏجي تہ ڀلو. ڪچهريءَ ۾ وينل ماڻهن تي بہ آفيم پنهنجو اثر ڇڏڻ شروع ڪيو هو ۽ الائي ڇا جو ڇا چئي رهيا هئا. ان کان سواءِ اسان جي ٽلهن متارن دوستن بہ وقلڻ جون تياريون ڪري ڇڏيون هيون.

ابراهيم خان هاڻي پنهنجو پاڻ کي وڏو ماڻهو سمجهڻ شروع ڪيو آهي. سندس مرضي آهي تہ اسان بہ کيس وڏو ماڻهو تسليم ڪريون ۽

جڏهن هو اشارو ڪري تہ ملاقات ختم ڪري هڪدم اٿي هليا وڃون، تنهنڪري اسان کي ڪابہ اهڙي ڳالهہ ڪرڻي ڪانہ آهي. ملاقات جي ختم ڪرڻ واري ذميواري مٿس آهي ۽ اسان ماٺ ڪري اهڙو انتظار ڪري رهيا آهيون.

مير ابراهيم خان سائين جان بل ۽ سندس ساٿين کي شام جو 4 وڳي دعوت ڏني آهي پر سائين جان بل! اها دعوت اولهہ جي روايتن مطابق ڪانہ هوندي. اسان جو ميزبان اها دعوت اسان کي پنهنجي تنبوءَ ڏانهن موڪلي ڏيندو جنهن ۾ پلاءُ هوندو، گرم ڪباب هوندا، مختلف قسم جون سايون ڀاڄيون هونديون، جن ۾ گيهہ تمام گهڻو هوندو ۽ تازي گرم ماني هوندي. هي اهڙيون شيون هونديون جيڪي هو پاڻ کائڻ پسند ڪندو آهي. هي ماڻهو اوهان کي بلوچ قسم جي ماني کارائڻ کان بہ انڪار ڪونہ ڪندو جيڪا تنهنجي لاءِ بلڪل نئين هوندي.

اسان اٿياسون تہ اتي ويٺل ماڻهو بہ اٿي کڙا ٿيا. مير اسان کي ويهڻ لاءِ گهڻو زور ڀريو پر اسان زوريءَ ڪانئس موڪلائي روانا ٿياسون. پوءِ هر ڪو ماڻهو درن کان ابهرو ٿي نڪرڻ لڳو ۽ گهوڙن ڏانهن وڌڻ لڳو. گهوڙا بہ چرڪي ۽ دڙها هٽي رهيا هئا، چاڪاڻ تہ انهن جي لغامن جي هر واڳ ۾ ڏهن ماڻهن جا هٿ هئا. مير ابراهيم اسان کي الوداع ڪرڻ لاءِ وڏي ڦاٽڪ تائين آيو. هٿ ملائي اسان کان صحت ۽ دماغي حالت جي خير عافيت معلوم ڪئي. ان وقت هن ورجايو هو تہ اسان سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو آهي. آخر ۾ هن وري بہ اسان سان هٿ ملايو ۽ چيو تہ اسان پنهي ڌرين وچ ۾ موجود دوستي ڏينهون ڏينهن سگهاري ٿيندي رهندي. پر سائين جان بل! مان هڪ گذارش ضرور ڪندس تہ جنهن وقت مير صاحب توکي چمي ڏني تہ تون ننڍاکڙو نہ لڳجاءِ، توکي ان وقت اهڙو ڦڙت ۽ چالاڪ هجڻ گهرجي جيئن تنهنجو جوان پٽ "بَلي" لڳندو آهي. ٻي ڳالهہ تہ توهان کي انگلينڊ کان پري ٻين ملڪن جي روايتن ۽ رسمن کان چڱيءَ ريت واقف هجڻ گهرجي.

باب ٽيويهون

# ٻروچن جي دعوت

”هڪ چانهه پاڻيءَ جي دعوت“ جنهن ۾ فقط ٽي لفظ ڪتب آندا ويا آهن. اهي جڻ ماضيءَ جي ڪنهن يوٽ جي حيثيت رکن ٿا.

اسان جڏهن پنهنجي تنبوءَ پرسان پهتاسون تہ ٻروچن جي هڪ ڊگهي قطار ڏٺي سون جن آڏو نڪر جا اهڙا ٿانو رکيل هئا، جن جو رنگ ۽ شڪل شبيهہ هوبهو وڏي ڳاڙهي گوگڙوءَ جهڙي هئي، جن ۾ مختلف قسم جون شيون جهڙوڪ: منائي، ڪنڊ، چانور، اٽو مرچ مصالحا ۽ گيهہ هيون. اهڙيون شيون دوستي طور دعوت ۾ موڪليون ويون. سائين جان بل! اهڙا ڏهہ ٿانو توهان لاءِ، اٺ ٿانو مون لاءِ ۽ هڪ ٿانو منشي لاءِ آهي. اِهو ڏسي منشيءَ جو منهن پيلو ٿي ويو آهي ڪو نڪري هٽيس جو رت ڦڙي نڪريس. سندس مرضي هئي تہ مير هن لاءِ اهڙا ٻہ ٿانو چو نہ موڪليا، باقي ٻيا ٿانو نوڪرن چاڪرن لاءِ آهن. اهڙيون شيون نوڪرن کي ملنديون آهن. پر هو دعويٰ ڪري ڪونہ سگهندا. هنن شين جي واپرائڻ ڪري ٻيو تہ ڪجهہ ڪونہ ٿيندو پر اسان کي جيورنديون ڪونہ ۽ پيٽ ۾ سور ڪري رکنديون. جنهن مان جند ڇڏائڻ لاءِ تاتاري ڪوڙيون ڪساريون دوائون ڪاٽيون پونديون. اهڙيون شيون کائيندا سون تہ گڏيل پائونڊ کن سفوف اسان جي زندگين کي داءَ تي لڳائي ڇڏيندو. ٻي ڳالهہ اها بہ هوندي آهي تہ هن قسم جي دعوت جي جواب ۾ ٻيٽو موڪليو ويندو آهي، جيڪا مشرق جي روايت آهي. واپسي ۾ موڪليون ويندڙ پنهنجي عزت ۽ وقار کي ڏسي روانيون ڪيون وينديون آهن. ان کان سواءِ هنن ماڻهن کي ڪيسي خرچي ڏيڻي پوندي نہ تہ چوندا تہ اهي مکي چوس آهن، جيڪو لفظ هتان جي واڻين لاءِ آهي. جيڪڏهن سندن گيهہ جي ٿانو ۾ مک ڪري پوندي آهي تہ ڪڍي ان کي چوسي پوءِ پري اڇلائيندا آهن. اسان اهڙن ماڻهن کي پنهنجي ملڪ ۾ Skin Flirts سڏيندا آهيون.

هنن کي سکٽين هٿين موٽائي ڪونہ سگهبو. ڪين ٿُهہَ جيان تاري پري ڦٽي ڪرڻ بدران ساڻن سهڻو سلوڪ روا رکڻو آهي نہ تہ گلا جا گهانگها ٻڌجي ويجي جڳ کي هڪ جون ٻيون ٻڌائيندا. مشرق اچا ايترو ڪليل ذهن وارو ڪونہ ٿيو آهي جو اوهان جي نئينءَ روايت کي پسند ڪري. منائي موڪلڻ واري ڏانهن بہ ڪو تحفو روانو ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن هن ڏانهن ڪجهہ بہ نہ موڪلبو تہ هو اهڙي گهُر ڪونہ ڪندو. ملاقات دوران هن توهان جي هٿ ۾ منڊي ڏسي ڏاڍي تعريف ڪئي هئي، جنهن ۾ عقيق جي ڳاڙهي رنگ جي ٽِڪَ پيل هئي، جنهن جي اُڪير شينهن جي شڪل جهڙي هئي. سو پنهنجي اها قيمتي دوستي جي نشانيءَ ڏانهنس موڪلي ڏي تہ تنهنجي هنڌين ماڳين هاڪ ٿي ويندي.

”هريچند ڏي خبر هيءَ منڊي جو مير وٽ پهچندي تہ اهو ڇا سمجهندو؟“

”شال تنهنجا ٻچا جيئن. هو خوشيءَ ۾ هنيوچيون هڻندو. هن ڇوريون ڪرائي دڙيون دڦ ڪري ڇڏيون آهن. اُٺ تہ چرندو ڪونہ ڇڏيو اٿائين. هي بہ جڻ اوهان کي وات منو ڪرائي منڊي ڦُري ورتي. ڇيڙو ڏئي ڳڙ کسي ويو. هاڻي تہ ير وارن جاگيردارن لاءِ ڏرتي تامون ڪري ڇڏي اٿائين. اٿ ئي پهر اٿس جهيڙو وات ۾. هو ڪانئن ماني تي جاگيرون ونڻ تو چاهي. وٽس ويهہ باز آهن جن جي خوراڪ لاءِ ڏهاڙي الائي ڪيترا پکي ماريا وڃن ٿا. ساري جوءِ پکين کان خالي ٿي ويئي. واهيري جي ٻولن ٻڌڻ لاءِ تہ ڪن ٿا سڪن. اڳئين ٻيري جڏهن حيدرآباد کان موٽيو هو تہ ٻناڪ هڻندي چيو هئائين تہ هن ٻن گورن جنهن سان گڏ شراب پيتوءِ ٻن منڊمن سان بہ بہ پيرا عشق ڪيو آهي. هاڻي تازو ايتريءَ ننڍي نينيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي اٿائين جيڪا عمر ۾ سندس پوٽي ٿي سونهين. خيرن سان (1) پنج زالون تہ اڳيئي اٿس. پوئين زال اهڙي وٺواند اٿس جو سندس اڳين زالن لاءِ محشر مچائي ڇڏيو اٿس. سندس گهر مان اٿ ئي پهر ٿهجڻ تہ ويندو ئي ڪونہ. ايترو ڪروڌ تہ نڪر جو پاڻي بہ سڪائي ڇڏيندو آهي. هڪ ڏينهن مير حيدرآباد ويو تہ پويان سندس ڏيءَ رکي متي تي پوتي پنهنجي چگهہ سان نڪري هلي ويئي، جيڪو گهوڙيسوار هو واهہ واهہ هي آهي امير گهراڻو اهڙن ماڻهن لاءِ ڪنهن چيو آهي:

هي ڪهڙا نہ منفرد ماڻهو آهن جن جا مرد ”ها“ ۽ عورتون ”نہ“ ڪونہ ڪنديون آهن.

”پر هريچند. توکي ڪاڪومل ڪينءَ ٿو لڳي؟“

"نياڳن جا نارواڍن چاڙهيا واتن تي. ناهي گهٽ گهوٽ ۾ نہ ڪمي منجھ ڪنوار بس جهڙي سٺ تهڙيون ٿيويهون. جهڙو مير ابراهيم تهڙو ڪاڪومل. بس ٽِڪري تپائي ڇڏي اٿائين. هن جو دين ڌرم ڏوڪڙ آهي. هر تعريف الله جي آهي. پهرئين جوڙ جو نڳہ هن جا لڇڻ لکبا تہ ڪاڳر ڪارا ٿي ويندا. اوهان جا بخت شل بالا هجن. پڏڻ ۾ اوهان کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ لڳي ويندا پر هاٿي ڏچي جا اهڙا ڏينهن ڏسندو جو ڪائنس اڳيون پويون ڪسرون نڪري وينديون... پيرن ۾ تہ سندس نظر ئي ڪانہ آهي. چوٽ ٿو آسمان سان گسيس. ڪيس اهڙو سبق ملندو جو بيا سکي ويندا."

هريچند جون ڪاڪي مل بابت اڳڪٿيون انهيءَ ڪري آهن جو ڪاڪي مل جون پنج ئي آڱريون گيهہ ۾ آهن. اهو ڏسي هريچند جو هيانءُ ٿو سڙي. مير ابراهيم کيس تمام گهڻا اختيار ڏئي ڇڏيا آهن. سندس جاگيرداري جي حدن اندر اڇي ڪاري جو مالڪ آهي. ڇيڙي نبيري بہ سندس وس آهي. هن جي هلندي پڄندي ۾ مانُ مرجاتا ڏسي هريچند جي نيڻن جي ننڊ حرام ۾ وهڻ وهڻُ تي ويو آهي. هو سندس گلا ڪري چڻ مزو پيو وٺي. اهو بہ چوندو آهي تہ هن جي پاپن جو تورو خود ديوتائون ڪندا ڏوهہ ايترا اٿس جو ڏٽي پڄندو. هن جو اهڙو ڳالهائڻ سندس عادت آهي. کيس خبر ڪانہ هوندي آهي تہ هو ڇا ٿو ڳالهائي ۽ ان جو نتيجو ڇا نڪرندو. پر اهڙيون ڳالهيون نہ رڳو مشرق ۾ پر مغرب ۾ بہ جرم آهن. هنن ماڻهن جو خيال آهي تہ ڪن بڇڙاين جو نتيجو هن جهان ۾ ئي ملي ويندو آهي. ڪين اها پڪ هوندي آهي تہ برن نتيجن کان ماڻهو پاسو ڪري بچي بہ سگهندو آهي. اکين سان نہ ڏسڻ جهڙي ۽ غير يقيني سزا تي ماڻهو گهٽ اعتبار ڪندا آهن. اهڙن ڌمڪين جو بہ اثر ڪونہ ٿيندو آهي. اهڙو عجيب تصور موجود آهي تہ پڇتاءَ ۽ قرباني ڏيڻ ڪري ماڻهو سرڳ هليو وڃي ٿو پوءِ ماڻهو هن دنيا ۾ ڪيڏو بہ انڌ ڪيو هجي پر قدرت گناهن جي سزا ۽ ثوابن جي جزا ڏاڍي دير سان ڏيندي آهي. ماڻهو پلي کهڙو بہ عيش عشرتون ڪندو ۽ گناهہ ڪندو رهي پر ان کي سزا گهڻي دير سان ملندي آهي. تنهن ڪري هر ماڻهو انهيءَ عذاب کان ڊيڄاريندو آهي جيڪو وري پاڻ خود بہ ڪري وٺندو آهي.

هاٿي اڙد اٿالو اچي رسيو آهي. مير ابراهيم کي ڪرمزي رنگ جو وڳو پاتل آهي. جنهن تي ڏاڍي نزاڪت سان سون جي ڊاڳي جو ڪم ٿيل آهي. هو هاٿي پنهنجي وَهٽَ تان لهي رهيو آهي. بلوچ سردار جي اها گهوڙي ڏاڍي خوبصورت آهي، جنهن جي لغام جي واڳن ۽ نڪُتي تي چانديءَ جو

خوبصورت ڪم ٿيل آهي. اهي گهوڙي جا ساز نہ پر ڄڻ ڳهہ پيا محسوس ٿين. اتي گهڙي ڪن بيهي گهوڙيءَ ڪي ٿڦڪيون هڻي رهيو آهي ۽ هر چيز ڪي چڱيءَ ريت ڏسي وائسي رهيو آهي، هن تي بہ واهہ جو ڪم ٿيل آهي. هندستان جي راجائن جي گهوڙن جا هنا بہ هن هني جهڙا سهڻا سيبتا ڪونہ هوندا آهن پر انهن ماڻهن جي گهوڙن جي هنن تي موتي مڙهيل ۽ لال لڙڪيل ڏسڻ ۾ ضرور هوندا آهن پر مٿن نازڪ ۽ نفيس ڪم ٿيل ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي. تنگ تي بہ گهڻو ڪم ٿيل آهي پر ان ۾ خوبصورتي ڪانہ آهي پر ڪنارين سان ڪجهہ شاندار ڪم نظر اچي ٿو.

مير ابراهيم خان دعوت جي تيارين ۾ لڳي ويجي ٿو ان لاءِ هن ٻين ماڻهن کي ٻاهر موڪلي ڇڏيو آهي، باقي ڪاڪومل وٽس موجود آهي. جيڪو سندس هرويرو خوشامد ۾ مشغول آهي. مير جڏهن ڪو ڏنو وائنو ڪوڙ هڻندو آهي تہ هي ڪامومل سوَ قسم ڪڻي چوندو آهي تہ اهو تہ نسورو سچ آهي ۽ سندس هر ڳالهہ تي واهہ واهہ ڪري ڪيس داد ڏيندو آهي، جڏهن مير ڪنهن ڳالهہ تي ٺوڪ ڏنڪ ڪندو آهي يا ان تي واهہ واهہ ڪندو يا ڪاوڙ يا خوشيءَ جو اظهار ڪندو آهي تہ ڪاڪو مل بہ پنهنجي ساڳي راءِ جو اظهار ڪري مير کي خوش رکندو آهي. مير صاحب جي عقابي نظرن هڪدم محسوس ڪري ورتو آهي تہ اسان ڪيس ڪنهن نشيدار شيءَ جي آڇ ڪرڻ وارا آهيون. تنهن ڪري شراب جي گلاسن جو صاف ۽ چمڪندڙ اندريون پاسو ڏسي سندس منهن تي خوشيءَ جي رونق اچي وئي آهي. چمچن جي چمڪندڙ ڳنن بدران هٿ جي چپٽيءَ سان لوڻ ڪڻي رهيو آهي. پر سندس ميري آڱوني جي ڦڪاڻ لوڻ تي واضح رنگ ڇڏيو آهي، جيڪو پري کان ڏسجي رهيو آهي. ايڏو سياڻو ۽ سچيت آهي جو مصالحن جي ٿانو کي سينٽ جي شيشي سمجهي رهيو آهي. ڪارڪ اسڪرو سان بہ راند ڪري سندس ڊينگوئي ڊيري ڪري ڇڏيو اٿائين.

”سائين مير صاحب آبِ حيات جو دور هلي ڇا؟“ سائين جان بل! مير ابراهيم فرينچن وانگي براندِيءَ جا فقط بہ ٽي ڍڪ پيئندو وڏيڪ نہ. توهان کي ٿوري وقت کان پوءِ پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿي ويندو.

مير ابراهيم خان سوني منٺي واري تلوار پنهنجي ڪڙٻ افغان نوڪر جي حوالي ڪري رهيو آهي، جيڪو پري کان بيهي اها تلوار وٺي رهيو آهي ڄڻ ڪيس مير چڪ پائيندو. بعد ۾ هو وڃي تنبوءَ جي ڪنڊ ۾ بيٺو آهي. مير ميز پرسان رکيل کٽ تي وڃي ماني کائڻ لاءِ تيار ٿي رهيو آهي. پرسان رکيل

شيشي جو گلاس ڪٽي ان ۾ ڦوڪ ڏئي سندس اندريون پاسو ڪيسي واري رومال سان اگهڻ شروع ڪري ٿو جيڪو سندس ڦوڪ ڏيڻ ڪري گهمجي ويو آهي ۽ ماني ڪائڻ جي ابتدا شراب جي چڪڙي چاڙهي پوءِ ڪري رهيو آهي. منهنجو خيال آهي ته اسان ڪي به مير سان ماني ڪائڻ ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. سائين بل! سنڌ ۾ ماني ڪائڻ کان اڳ شراب پيتو ويندو آهي، جڏهن ته انگلينڊ ۾ ماني ڪائڻ کان پوءِ پيتو ويجي ٿو. انگلينڊ ۾ شراب انهيءَ ڪري پيتو ويندو آهي ته جيئن ڪلاڪ سوا جو سک ۽ ڪل خوشيءَ ۾ گذري ۽ دنيا جا ڏک ڏچا وسري وڃن پر هتي نشي جي خمار لاءِ پيتو ويندو آهي. نشن جي آدابن کان مشرق جا ماڻهو وڏيڪ سجاڻ آهن، ڪين اها چاڻ آهي ته خالي پيٽ نشو ٻيڻ ٿي اثر ڪندو آهي. مانيءَ کان پوءِ واري نشي ۾ گهٽو خمار ڪونه هوندو آهي. تنهن ڪري هتان جو گڙنگ موالي پره جو پياڪ هوندو آهي پر سنڌي اهو چوندا آهن ته ماني ڪائڻ کان اڳ شراب جي چڪڙي بک تيز ڪري چڏيندي آهي، جيڪڏهن ان کان پوءِ ماني ڪائبي ته جهٽ پٽ هضم به ٿي ويندي آهي. هر ماڻهوءَ جي پنهنجي هير (عادت) آهي. ڪي ماڻهو مانيءَ کان اڳ ۾ ڪي مانيءَ کان پوءِ پيئندا آهن. سائين جان بل! مان به ٿورو پري کان بيهي هي مشورو ڏئي رهيو آهيان ته اوهان مير ابراهيم وانگي شراب ماني کان اڳ واپرائيندا ڪريو.

ماني جلد ڪائي پوءِ بس ڪئي سون. پر ابراهيم خان جيترو گهٽو شراب پيئندو آهي ايتري گهٽي ماني ڪائيندو آهي. اپريل چانور اپريل آنن ڪائڻ کان ته هو بس ئي ڪونه ٿو ڪري. ٻاقي ٿي تيار گوشت به سندس آڏو آهي. ڪباب (3) به هن کان پري ڪونه آهن ۽ ٻنهي هٿن سان هڪ وڏو هڏو وات جي پرسان جهليون بيٺو آهي، جنهن جو گوشت چڪي پٽي رهيو آهي پر بعد ۾ اسان کي ڏسي ڇري ۽ ڪانٽا ڪتب آڻڻ لڳو آهي پر ڪيس ڇري کٻي هٿ ۾ ۽ ڪانٽو ساڄي هٿ ۾ جهليل آهي ۽ هڪ ڪباب ٽيل پڪي کي وڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. پر اهو اڳتي نڪري وڃي ٿو. ائين محسوس ٿي رهيو آهي ته ان ڪباب ٽيل پڪيءَ ۾ ڪو ساه پئجي ويو آهي. بعد ۾ هو ها... ها... وارو وڏو ٺهڪ ڏئي ٿو ۽ وري جاڪوڙ ڪري ٿو پر ڪباب ٽيل پڪي ڪيس سنوت ۾ سَهُ ڪونه ٿو ڏئي. بعد ۾ هو بسم الله چئي نئين سر ڪوشش ڪري ٿو.

"ڪافر ڪتا، هنن ته ڪباب ٽيل پڪيءَ ۾ ساه وجهي ڇڏيو آهي." هن نوڙي ڪاڪي مل کي چيو جنهن هن جي ڳاله کي پنهنجي ٻي

عزتي (4) تصور ڪيو ۽ دل ۾ مير صاحب تي هڪ هزار رپيا ڏنڊ رکيو هو. سوچيو هئائين تہ جڏهن بہ ڪيس موقعو ملندو تہ اهو هزار رپيو نڳي ڪري بہ حاصل ڪري وٺندو.

گهڻيءَ ڪوشش کان پوءِ بہ جڏهن مير پنهنجيءَ ڪوشش ۾ ڪامياب نہ ٿيو هو تہ هن بيزار ٿي ڪانٽو پري اڇلي ساڄي هٿ ۾ ڇريءَ کي جهليو ۽ پکي کي نڙگهٽ کان جهلي گوشت کي وڍڻ لڳو جيڪو انهيءَ طريقي اختيار ڪرڻ سان وڌيڪ سولو ٿي پيو هو. ان کان پوءِ هن وري هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو.

مان مشرق ۾ هي پهريون ماڻهو ڏٺو آهي جيڪو پنهنجي اوٺائيءَ تي پاڻ وڏا ٽهڪ ڏئي کلي رهيو آهي. سچي ڳالهہ اها آهي تہ هي ماڻهو ٻارن وانگر سادا آهن ۽ حساب ۾ بہ ڏاڍا آهن ۽ هر چيز تي ٺوڪ ۽ ڏنڪ ڪري لطف اندوز ٿيندا آهن ۽ اجائي بناوت کان پرهيز ڪندا آهن. مان سمجهان ٿو تہ اهي سٺي سڀاءَ وارا ماڻهو آهن. ايران جو ڪو پڙهيل ماڻهو اندر جي آٿت سان مري ڪونہ سگهندو آهي پر نوجوان نسل بہ اٿين زندهہ رهڻ چاهيندو آهي جيئن ڪابل ۾ رهڻ وارو ماڻهو پسند ڪندو آهي جن جو سارو ڏينهن عيش عشرت ڪندي گذري ويندو آهي.

سنڌ جو رڌپچاءُ بہ هتان جي ماڻهن جي مزاج مطابق آهي. هي ملڪ ايران ۽ هندستان جي وچ تي آهي. تنهن ڪري هتان جي ماڻهن جو کاڌو پيتو بہ ايران ۽ هندستان واري طريقي جو وچ آهي.

هن معاملي ۾ وچ ايشيا متاهون آهي. سنڌ جو کاڌو پيتو بہ ڇا چئجي. رڌ پچاءُ بہ اهڙو ڪندا جو پيرسي ۽ نيپلس بہ پڇي ڪونہ سگهن. هو پنهنجي کاڌي خوراڪ ۾ بہ زندگي جي فلاسافي پيا ڳالهائين.

سنڌ جو هندو بہ جهڙوڪر يهودي جيڪو ڇانور ۽ سائي ڀاڄيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ کائي ڪونہ ٿو جاڻي. يعني هڪ ڏينهن هڪ سائي ڀاڄي ٻئي ڏينهن ٻي ۽ ٽئين ڏينهن سائي ڀاڄيءَ جو ٽيون قسم هوندو آهي. مٺو ست ضرور هوندي. پر هوندي پوءِ بہ سائي ڀاڄي اهڙي ريت ڇانور بہ مٺ ست هوندا يعني هڪ ڏينهن هڪ جنس تہ ٻئي ڏينهن ٻي. پر هوندا پوءِ بہ ڇانور. هو کاڌي پيتي ۾ گيهہ ايترو وجهندا آهن جو جڻ ڪين مفت ۾ ملير آهي. مناڀون بہ اٿين ٿي سٽيپون آهن. پر مرچن مصالحن جو استعمال تمام گهڻو آهي. جيڪي بهرحال ڏاڍا وڻندڙ ٿيندا آهن.

تو ڪڏهن سنڌ جي ڪارڙي تتر جي پڪل سيخ کائي ڏٺي آهي يا ٻاڦ تي پڪل واڳڻ جو برفو هتان جون هي شيون تہ ساڻ سواد ۾ بي مثال آهن.

سائين جان بل! توهان ڏسي رهيا آهيو تہ اسان جي هن ٿلهي مهمان جي اکين جا مٿيان ڇپر ڪيڏا نہ ڳورا آهن. هن جي اکين ڇنڀڻ جو نمونو بہ پنهنجو نرالو آهي. هن نيم گرم کير جي گهر ڪئي آهي، ان جو مطلب تہ هي دعوت خير سان پڄاڻي کي پهتي آهي. پر دعوت جي اهڙي پڄاڻي آدابن جي خلاف آهي. هو هاڻي موڪلائي هليو ويندو. ڪيس نماز بہ پڙهڻي آهي. ان کان سواءِ ڪي مسلمان بہ هن جي انتظار ۾ اوطاق (5) ۾ ويٺا هوندا. شام جي موتي اچي اسان سان گڏجي چانهہ پيئندو. هاڻي هو گهوڙو آڻائي وڃڻ وارو آهي. مير صاحب تہ خير سان هليو ويو ۽ توهان کي سائين بل! خط پٽ بہ لکڻا آهن.

هريچند ٻڌايو تہ ابراهيم خان شراب جي ڳهر ۾ ايڏو ڳگهاٽيل هو جو آڻي وڃي گهوڙي سان ٽڪرايو هو. هتان نڪتو تہ نماز پڙهڻ جي نيت سان هو پر وڃي شراب کي پِتو اوطاق تي مهمانن جي اچڻ جو تہ ڪو سوال ڪونہ هو پر اتي ويچارا مسڪين ماڻهو ويٺا هئا، سمجهو تہ هن جي اوطاق بکين ماڻهن جو گهر آهي. گورا صاحب، مان اوهان کي وري بہ عرض ڪريان ٿو تہ هن کي رڳو بيئر برانڊي ڏينداڪريو. توهان ڏسو تہ هلي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي جڻ هو اُٺ جي بار جيترو شراب پِي اچي ڳوٺ پهتو آهي. مون کي ڪنهن ٻڌايو تہ شام جڏهن توهان وٽ چانهہ پيئڻ ايندو تہ پاڻ سان پنهنجو پٽ بہ وٺيون ايندو.

ٽن ڪلاڪن جي ننڊ کان پوءِ اکيون کليون تہ پتو پيو تہ مير ابراهيم اچي رهيو آهي. هن سان اڳ واري اڙد اتالي کان سواءِ ٻيا بہ ماڻهو هئا جن ۾ هڪ پوري رنگ جو ڇوڪرو جنهن جي ڄمار پنج يا ڇهہ ورهيہ هئي ٻيو ساڻس هڪ نوڪر هو جنهن جي مٿي تي ڪوڙ ساريون شيون هيون. توهان کي محسوس ٿيندو تہ سنڌ جي مٿئين طبقي جا ٻار ڏاڍا خوبصورت ٿيندا آهن، جيڪي دنيا جي ٻئي خطي جي ٻارن کان مختلف هوندا آهن. مهاندن ۾ سدا ملوڪ ۽ ڏاڍا وڻندڙ سندس جسم جو هر عضوو پنهنجي جاءِ تي ڏاڍو پلو لڳندو آهي. نرڙ ڪليل، منهن موڪرو ۽ گول، رنگ زيتوني وار پٽ جهڙا ڪئونرا ۽ گهنڊيدار، اکيون ڇيرويون وڏيون ۽ ڪاريون جن مان محسوس ٿي رهيو آهي تہ ڇوڪرو ڏاڍو ذهين آهي. انهن جي بيهڪ موڪري منهن سان ڪيڏي ناهوڪي لڳي رهي آهي جڻ مريليو Murrilio ۽ ڪوريگيو

Correggio جو هڪ نمونو پيو محسوس ٿئي. سندس لباس مان ڏاڍي سادگي بکي رهي آهي. مٿي تي ٽوپي، ڪارو ريشمي ڊگهو چولو چيلهه سان شال جو ٽانو ٻڌل اٿس، جنهن تي ننڍڙو خنجر لڙڪي رهيو آهي. پيرن ۾ ويڪري جتي اٿس. اهڙو خوبصورت لباس بيگم جان بل به پنهنجي ٻارن کي ڪانه پارائيندي هوندي. سندن جيڪٽ ۽ وئسٽ ڪوٽ هيڏا سارا موڪرا پيا لڳندا آهن. جيڪڏهن سندس وڳو خوبصورت آهي ته هنن جو اٿڻ ويهڻ به شاناڻو ۽ ماناڻو آهي. ڏسڻ ۾ جڻ وڏو مير پيو لڳي. ٻاراٽي ڪيچل ۽ اٿ ويهه ڪانه اٿس. جڏهن ته توهان جا ٻار اينترا ۽ ڇيڀرا جهڙا ٻاڪرا ڦر، تڏهن ته تنهنجي گهر جا سارا ٽانو ٽپا پڳل هوندا آهن. هڪ جاءِ تي ويهڻ به ڪونه ايندو اٿن پيا به وڏي ڪمري ۾ بند هوندا آهن، جنهن کي اوهان نرسري جو نالو ڏيندا آهيو. هي ٻارڙو ڪهڙو نه فضيلت وارو آهي جو ڪڏهن پيءُ پرسان بيٺو آهي يا سندس پرسان ويٺو آهي. جڏهن پيءُ ساڻس ڳالهائي ٿو ته ڏاڍي ڌيان سان ٻڌي رهيو آهي. ڪيس جواب به ڏاڍي شاناڻي طريقي سان ڏئي رهيو آهي ۽ ڪيس سمجهائڻ لاءِ ڊگهي تقرير ڪانه تي ڪرڻي پوي. ننڍڙن ٻارڙن کي گهٽو ڏيکاريو پر ٻڌايو نه ويندو آهي، جڏهن هو انن سالن جي عمر جو ٿيندو ته هر ڪم ڏاڍي سيبتائي ۽ سلابت سان ڪندو. جيڪڏهن سندس پيءُ نه هوندو ته هو در وٽ اچي اوهان جي آجيان ڪندو. توهان کي آڻي ڪمري اندر هڪ مناسب جڳهه تي ويهاريندو. توهان سان ڳالهائيندو خوش خيرعافيت پڇندو. نوڪر کي حڪم ڪندو جيڪو اوهان لاءِ چلم ڪڻي ايندو. کائڻ لاءِ اوهان کي مٺائي ڏيندو. مانيءَ جي صلاح ڪندو. توهان موڪلائي هلڻ چاهيندا ته در تائين گڏ هلي الوداع ڪندو. توهان کي محسوس ٿيندو ته هو ٻارڙو ڪنهن به ڳالهه ۾ ڪٽل ڪونه آهي، هو هڪ ننڍي ٻار جي شڪل ۾ وڏو مرد ۽ شاناڻو محسوس ٿيندو. هن جي ننڍڙي ڀيڻ حرم اندر به هڪ اڌي ساماڻي ماناڻي عورت محسوس ٿيندي. هو چلولو ڪونه آهي. نه وري پيءُ کان ڪا شيءِ طلب ڪري رهيو آهي ۽ هر سٺي ٻار جيان سادو ۽ ڀالو ڀولو ڏسجي رهيو آهي. ڏسو ته هو اسان کي به تنگ نه ڪري رهيو آهي. تنهنجن ۽ آئرلينڊ جي ٻارن جيان اهنڊ به ڪونه آهي.

اسان جا هي بيان مشرق ۾ رهندڙ انگريزن جي بيانن خلاف آهن. مان ٻڌو آهي ته نواب قسم جا هندو ميلن جا ميل سفر ڪري انگريزن جا خوبصورت ٻار ڏسڻ ايندا آهن جن جي چمڙي سفيد هوندي آهي. مرهٽن وٽ ته سفيد چمڙي جي سونهن لاءِ ڪئي اصطلاح آهن.

اسان مير جان محمد جي عزت سندس پيءُ ڪري ڪندا آهيون، جيڪو هڪ رڄ چڱو مڙس ۽ مانائتو ماڻهو آهي. هميشہ ڪيس متاهينءَ جڳهہ تي ويهڻ جي آڇ ڪندا آهيون. جڏهن بہ اسان وٽ ايندو آهي تہ ڪانئس اول گهوڙي ۽ پوءِ باز جي خيريت عافيت پڇندا آهيون، ان ڪان پوءِ ساڻس سندس خنجر ۽ تلوار جو ذڪر ڪندا آهيون. سانگي سان ڪيس اهو بہ چئي وٺندا آهيون تہ هو بہ پنهنجي پيءُ جهڙو بهادر آهي. اسان ڪانئس اهو ڪڏهن بہ ڪونہ پڇيو آهي تہ سندس عمر ڪيتري آهي يا هو نهايت سهڻو بار آهي. ڪڏهن بہ ڪانئس سندس پائرن ۽ پيرن بابت ڪو سوال ڪونہ پڇيو آهي. اسان فقط ڪيس عزت آبرو ڏئي گهر ڏانهن روانو ڪري ڇڏيندا آهيون. ان ڪان سواءِ ڪيس باراڻيون سوڪڙيون جهڙوڪ ننڍڙو پستول، رنگين تصويرون ۽ بيون بہ ڪي اهڙيون شيون جن سان ننڍڙو بار خوش ٿي ويندو آهي. اهڙن تحفن ملڻ ڪري هو بہ خوش ٿي ويندو آهي ۽ سمجهندو آهي تہ سندس اسان وٽ اچڻ سجايو ٿيو آهي. وچ ايشيا ۾ بار جو ائين اچڻ مناسب ڪونہ سمجهيو ويندو آهي.

سائين جان بل! شايد اوهان پنهنجو وات سبي ڇڏيو آهي يا وري وات ۾ مڱ وجهيو ويٺو آهين. مير ابراهيم جون ڏنل شراب جون بوتلون ميز تي ڪونجن جي قطار جيان پيون آهن. پر تنهنجي زبان مان ساراهہ جو هڪ اکر بہ ڪونہ ٿو اُڪلي. شمپين، شيري، ڪيوراڪوئا، نويائو، برانڊي، جن، سوڊا واٽر ۽ سيلرز سڀ موجود آهن. گهٽ ۾ گهٽ بہ ڊزن ٿيندا. سائين، اوهان کي اهو ڏسي بہ خوشي ٿيندي تہ مير ابراهيم خان مختلف شرابن کي ملائي پريل گلاس ڇڏي ويو آهي، چاڪاڻ تہ شراب پيئڻ کان ويهہ منٽ پوءِ نشي جي ڳهر وچي سندس ڳاٽو ورتو هو. توبي لاهي ان کي ڇڪي ڦاڙڻ شروع ڪري ڏنو هئائين. پنهنجي منشيءَ کي بہ گارين جا ڍيهڙ لائي ڏنا هئائين. گهوڙي تي چڙهيو تہ پيچ ڏانهن منهن ڪري ويهي رهيو. الوداع ڪرڻ مهل اهي لفظ چيائين جيڪي آجيان وقت چئبا آهن. پر چلم ڇڪڻ مهل نڙ وري نڪ ۾ وجهي ويهي رهيو. سارو وقت متون ڦوڪيون ويٺو هو. ٻڌوا تنبوءَ جي ڪنڌ کان توانگ توانگ جو آواز اچي رهيو آهي ۽ تنهنجو ڌيان بہ اوڏانهن ڇڪجي ويو آهي. دارا بہ مشرق جو قيصر هو جيڪو سدائين موسيقي ٻڌندو رهندو هو.

اڻ پيتيءَ جا ڌڪرَ نہ ڪاءُ. اکيون پٽي ۽ ڪن سرلا ڪري ويهہ ۽ ڏس تہ انهيءَ پان جا منهن مهاندا ڪهڙا آهن. سندس رنگ چاڪليٽ جهڙو سانورو

آهي. ڏاڙهي بہ ڪتل ۽ آفيم جي رنگ جهڙي ڪاري آهي. سڪل توڪل بس چڙ هڏن تي کل چڙهيل آهي. ميرو گدلو. جسم تي ميراڻ جا مڻ چڙهيل اٿس. ڪڙمن ۽ ڪسين ۾ پاٽي بہ جام آهي. ڪانئس منهن ڏوئڻ بہ وسري ويندو آهي. هي اهڙا ماڻهو آهن جن کان ڏکن ڏولائن ڪري پاڻ بہ وسري ويندو آهي، جيڪو ماڻهو آڪهہ سميت لس لنگهڻ تي وينو هجي، سو منهن ڌوئڻ کي فضيلت چو سمجهي. هڪ پراڻي چڳل ڦاٽل اگڙي لونڊڙي تائين ويڙهيل اٿس جيڪو سندس مٿي جو اوڇڻ آهي. سوتي ڪپڙي جو ڊگهو سائو چولو جنهن کي ڌوتي بہ ڪو زمانو ٿيو آهي. هيٺ نير ٻڌل ڪانئچ اٿس جنهن جون ڦاٽل جايون ٽوپي سان سبيل نہ پر ڳنڍيون ٻڌي سُڪُ ڪيل آهن. سندس وجود وسريل ۽ ويڳاڻو. سندس هٿ ۾ سرندو آهي. هي سندس پيٽ گذر لاءِ ساز آهي. هن ساز جي گهٽ وڌ شڪل اسان جي Violinجهڙي آهي، جنهن جا چار يا پنج رڍ جي آنڊن جون تارون آهن. هن جي وڄت لاءِ ڪمان وانگي وريل هڪ گز ڪتب ايندو آهي جنهن ۾ گهوڙي جي پڇ جا وار ٻڌل هوندا آهن. هي ماڻهو هاڻي پنهنجي سرندي کي وڄائڻ جون تياريون ڪري رهيو آهي. هن ساز جو سر آواز پگنيني Paganini وانگر نہ پر رافائيل Raphaels وانگي آهن جنهن جو لاڙو اٿليءَ واري سر آواز جهڙو آهي. هي ساز سندس هسليءَ جي هڏي وٽ رکيل نہ پر سيني جي پاسي تي رکيل ڏسجي ٿو. هن ماڻهوءَ جي فن تي ڳالهائڻ کان اڳ سندس نسل بابت ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو.

هي لنگهو نسل آهي جنهن کي سنڌ ۾ مڱڻهار بہ سڏيو ويندو آهي (6) هن نسل جا ماڻهو سنڌ ۾ فقير سڏرائيندا آهن. قديم زماني ۾ هر ذات جو پنهنجو پٽ ۽ پيان هوندو هو جيڪو سرندي کي وڄائي سندن وڏڙن جون تعريفون ڪندو هو انهن جي بهادري جا قصا ٻڌائيندو هو. انگلينڊ جي جابلو علائقن جي اهم سردارن وٽ بہ اهڙا پٽ ۽ پيان هوندا هئا. جيڪي جنگ وقت هنن سان گڏ هوندا هئا جيڪي سردار ۽ ان سان گڏ وڙهندڙ بهادرن جي دليري جي تعريف ڪندا هئا. ۽ پني ڏئي پڄڻ وارن کي گاريون ڏيندا هئا ۽ جُٺ ڪندا هئا جن کي high land_pipers ڪري سڏيو ويندو هو. سنڌ ۾ بہ اڳيون روايتون ڪونہ رهيون آهن. تنهن ڪري هن نسل جا ماڻهو پني پيٽ گذر ڪندا آهن. ڪڏهن وهائن وڏاون جي موقعن تي ماڻهن جي گهر وڃي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن. هاڻي سندن حال هيڻا آهن. سارو ڏينهن واندا گهر وينا هوندا آحن ۽ هڪ ٻئي سان يوڳ چرچا

ڪري ڏينهن لاهيندا آهن. سندن گهرن ۾ بک ۽ سڃ پئي واڪا ڪندي آهي. تنهن ڪري جسم فروشيءَ کان سواءِ ٻيون بہ ٻچڙايون ڪندا رهندا آهن، نڱي ۽ هٿ چوهائي جي بہ هير هوندي اٿن ڪي ماڻهو پٽن ۽ ڀانن کي ڏُهرا دان ڏيندا آهن ۽ پنهنجا گهر گهوري ڇڏيندا آهن. اهڙي ريت سندن گهر تہ سڃا سکڻا ٿي ويندا آهن پر ڀانن جا گهر ڀرجي ويندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن لنگهي کي ڪتان ڏوڪڙ پئسو هٿ لڳي ويو تہ ڪيس گهر ۾ وهڻ وهہ ٿي ويندو آهي، جيستائين انهن کي کپائي ڪيسا خالي نہ ڪندا آهن، تيستائين ڪيس گهر ڇپرا ڏيندو آهي. ڪڏهن هيڏي ڪڏهن هوڏي سڄو ڏينهن ڏرتي پيرن هينان پوءِ ڪجهہ پئسا جوا ۾ هارائي ۽ ڪجهہ پئسا نشي پتي ۾ گنوائي پوءِ آرام سان گهر ويهي رهندا آهن. گهڻو ڪري ننڍيءَ عمر ۾ مري ويندا آهن پر وهيءَ جي اڌ ۾ اهو پتو ڪونہ پوندو اٿن تہ چار ڏوڪڙ پيري لاءِ پاڇي ڪجن.

هريچند چوندو آهي تہ مير ابراهيم خان مياڻي جنگ دوران ڀڄي جان بچائي هئائين. پيرن جي ترين کي تيل لائي وٺي جو ڀاڄ ڪئي هئائين تہ ڳوٺ پُڄڻ تائين لوٽو ڦيري پوئتي ڪونہ ڏٺو هئائين. پوءِ تہ هنن پٽن ۽ ڀانن سُرندن ۽ سارنگين تي وٺي سندس ڀاڄ ۽ بزدلي کي ڪنيو جو هو گهر کان ٻاهر نڪري ڪونہ ٿي سگهيو ۽ جڳ جهان کان نڪ لڪائي ويهي رهيو هو. هن مير هنن ڀانن مان جند ڇڏائڻ لاءِ ٻاٽيءَ جيان پئسا هاريا هئا جيڪي هن جي حويليءَ جي در تي ويهي سندس ڀڄڻ جي ڪهات پٽيندا هئا. لڄ کان مير ڪنڌ هيٺ ڪندو هو تہ مٿي ڪونہ ڪندو هو. ايران جو بہ اهو حال آهي. اتان جي وڏن نوابن جي آمدنيءَ جو وڏو حصو پٽن ۽ ڀانن تي خرچ ٿيندو آهي. ان ڪري هن مير ابراهيم بہ ڊڄن کن پٽن ۽ ڀانن کي گهر ويٺي اڌي ڇڏيو آهي، تنهن ڪري هاڻي اهي هن مير جي مياڻيءَ کان ڀڄي اچڻ جي قصي کي بيان ڪونہ ڪندا آهن.

مير ابراهيم پنهنجي منشيءَ ڪاڪي مل ۽ پنهنجي افغان نوڪرن کان بہ تنگ اچي چڪو آهي. ان ڪري سندس گهڻو وقت موسيقي ۽ راڳ ٻڌڻ ۾ گذري ويندو آهي. اهڙي موسيقي ۽ راڳ ڪنهن سرڳ جي اپسرا وانگي الوري فقيرن جي شڪل ۾ اسان وٽ بہ پهچي ويندو آهي، جيڪو پنهنجي سارنگيءَ جي مٺي سر تي ٽالپرن جي ڏاڏي مير بهرام جي بهادريءَ جو قصو ٻڌائيندو آهي، جنهن کي ڪلهوڙن جي گهراڻي جي هڪ عياش حڪمران سرفراز جي حڪم تي قتل ڪرايو ويو هو. هن دور جو شاهہ بهارو

بہ چا تہ بلند ڪردار انسان هو. جڏهن سرفراز ڪيس مير بهرام کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڪيو هو تہ ڪيس وراڻيو هئائين تہ مان مير بهرام سان جنگ دوران وڙهي تہ سگهان ٿو پر ڪيس هن طريقي سان قتل ڪرڻ ڪونہ ٿو گهران. ڪيس اهو بہ چيو هئائين تہ محمد ﷺ جو شان آهي ۽ مسلم ڪذاب ڪتي آهي جنهن نبوت جي دعويٰ ڪئي هئي. شاهہ بهاري جو دليري وارو جواب ٻڌي اسماعيل مومبياڻي Momibyani کي ايلاز منٿون ڪندو هيو تہ جيئن هو مير بهرام کي قتل ڪرڻ لاءِ راضي ٿئي. اسماعيل کاٻڙيل هو جنهن مير بهرام جي پنيان بيهي کاٻي هٿ سان مٿس تلوار جو وار ڪيو جيڪا ڪيس مٿي کان چيري اچي ڪنن تائين پهتي هئي. بعد ۾ هُن ڏڪ هڻي سندس سِسي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏي. سرفراز اهڙو حڪم ڪري وڏو ظلم ڪيو هو ۽ غير انساني جذبن جو مظاهرو ڪيو هو.

ٿهر جو اهو قصو جڻ تہ فرينچ ناول جو هڪ ڪردار آهي جنهن جو تعلق اٿليءَ جي هڪ عشقيہ داستان سان آهي. سارنگيءَ سان گڏ بين سازن جو آواز بہ ڏاڍو سوز ۽ گداز وارو آهي جيڪو ڀَٽَ جي راڳ ۾ موجود ڪونہ آهي، ان رزميہ جو نئون بند هڪ ڏکهي اوناڙ واري آواز سان شروع ڪيو ويندو آهي جيڪو سنو ڪونہ لڳندو آهي ۽ ٻڌندڙ چاهيندو آهي تہ ان کي هڪدم بند ڪجي تہ ڏاڍو سنو. انساني آواز سان سارنگين جي وجت جي پنهنجي لئي هئي جنهن جا بہ سُر سنهي چيٽ ڪري انساني الاپ کان مٿي وجڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. انهيءَ سُر ۽ الاپ جو مون کي پتو پئجي ڪونہ سگهيو. بعد ۾ انساني آواز صفا جهيڻو پئجي ويو تہ سارنگين جي ميندِ بہ آسمان جي بلندي ڇُهي جڻ سمنڊ جي پاتال ۾ پيهي ويئي هجي. اهو سنهڙو سر جڻ گهوڙي وار سارنگيءَ جي تار يا تيز تلوار جي تکي ڌار مٿان ترڪندوگذرندو رهيو هجي. معلوم ائين ٿي رهيو هو تہ اهو پاتال ۾ پيهجي ويل سر وري ايري ۽ اپڙي ٻاهر نڪري سگهندو الائي جي نہ. ان کان پوءِ آواز اوچو وڏي چوٽ تي پهچي ويو ۽ ڳورو بہ ٿي ويو. سارنگي جي اها وجت اڌ ڪلاڪ هلي ۽ چا تہ سنڌ جي هن ساز جو منڙو آواز هو.

تون ان کي منڙو آواز ٿو ڪوٺين؟!

هائو سائين جان بل! توهان مون سان دنيا جا مختلف ملڪ گهمي ڏٺا آهن. اهڙن مدهم سرن تي جهوٽندا جهومندا ۽ وجد ۾ اچي ويندا هئا جيڪي گهڻو متاثر ڪونہ ڪندا آهن پر سنڌ جي سارنگي جو سر اهڙو منڙو هو جو ساراهہ ڪرڻ کان سواءِ رهي ڪونہ ٿو سگهجي.

ٻين فنن جي پيٽ ۾ موسيقيءَ جو فن روايتن جو حامل آهي. توهان اور فيوگيس Orpheus کي ڇا ٿا سمجهو؟ توهان کي وئيجنر Wagner بابت ڪهڙي خبر آهي. ڇيو ويندو آهي تہ قديم دور جا مصري، هندو ايراني، يوناني ۽ اٽلي وارا سارنگي جي موسيقي کان چڱيءَ طرح واقف هئا. يونان ۽ روم جي موسيقي اسان جي پهچ کان پري آهي. پر ايرانين ۽ هندن جي موسيقي اڄ بہ پنهنجي قديم ۽ اصلي روايتي شڪل ۾ موجود آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڦير گهير نظر ڪانہ ٿي اچي. اها موسيقي اڄ بہ ائين آهي جيئن هزارين سال اڳ ان جنم ورتو هو.هنن ماڻهن جو پنهنجي فن تي ضابطو آهي. هي ماڻهو اسان جي گٽار Violin مان لطف حاصل ڪري ڪونہ سگهندا. ڇاڪاڻ تہ ان جو آواز ڪجهہ ٿلهو آهي. پر ان سر جي هم آهنگي جو هن ماڻهوءَ کي ڪو احساس ڪونہ هوندو آهي. ان ماڻهوءَ کي اڇرج بہ ٿيندو آهي تہ يورپ موتمار هٿيارن ۾ تہ گهڻو اڳتي آهي. اهو ممڪن ڪيئن آهي جو اهو خطو موسيقي ۾ بہ اڳتي هوندو. تنهن ڪري هتان جي ماڻهن جو عام خيال آهي تہ اهو ضرور پوئتي هوندو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هتان جو ماڻهو اها موسيقي پسند ڪري ٿو جنهن سان سندس ڪن هريل آهن. اهڙي هندستاني موسيقي کي پسند ڪونہ ڪندا جيڪا لنڊن ۾ ڪمپوز ٿيندي آهي. ساڳيءَ ريت نائيجريا جي اهڙي موسيقيءَ کي گهٽ پسند ڪيو ويندو آهي، جيڪا نيويارڪ ۾ ڪمپوز ٿيندي آهي. ان کي حقيقي موسيقي بہ ڪٿي سڏي سگهجي ٿو پر ان جو تعلق قديم ۽ جنگهلي دور سان آهي جنهن جو مثال سنڌ جي سارنگي آهي.

پر سائين جان بل! مان توکي دل جي ڳالهہ ٻڌايان ٿو تہ پٽ فقير جي انهيءَ بي سري آواز ۽ سارنگي جي اها رُون رُون اصلي ڪانہ ٿي وڻي پر ڪاني ڏندن هينان ڏئي ماٺ وينو هوس. پاڻ کي چيم پُٽ برتن هاڻي نياءِ، جيستائين انهيءَ پٽ جي جياڙي پئي لڳي ۽ سارنگي جي رُون رُون پئي هلي، تيستائين جيءَ کي جڇ ئي ڪانہ هئي. جڏهن ويچارا قيدي تنگ ٿيندا آهن، اهي ڪئا ماري ۽ ڪوريئڙن جا جار ڏاهي دل وندرائيندا آهن. سو مان بہ قيدين وانگي دل وندرائي رهيو هوس. ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن انهيءَ موسيقيءَ تي ڪن ٿورا هريا تہ مون کي ان مان لطف اندوز ٿيڻ جو احساس ٿيو جنهن کي مان هن زبان ۾ سمجهائي ڪونہ ٿو سگهان. ائين محسوس ٿيڻ لڳو هو جڻ اها موسيقي منهنجي وجود اندر سرڪندي داخل ٿي رهي آهي. اها موسيقي ٻن سالن کان وٺي منهنجي احساسن ۾ ائين چنبڙيل آهي، جيئن

ماڪيءَ جون مکيون گلن سان. مان سمجهان ٿو تہ سارنگي جي ٻڌڻ کان پوءِ ان جي نماڻي سر کي توهان جي ساهہ سنهي سئي سان سبي ڇڏيو آهي. مان هن سرندي جي ساز ۽ ان جي آواز کان ائين هراسجي ڪو نہ ويو آهيان جيئن اوهان ڪنبي رهيا آهيو. جڏهن مان هن سارنگيءَ جو پهريائين آواز ٻڌو هو تہ چڙي ويو هوس، جيئن اسڪاٽليند جو ماڻهو بين bag_piper جو آواز ٻڌي حيرت ۾ ڇريو ٿي پوندو آهي. سنڌ جو حجم واڱڻ ۽ ٻروچ وري متيري کي ڏسي چڙي هٿن مان نڪري ويندو آهي. جرمني جو ماڻهو گوبيءَ جي ڪناڻ، ايگرير هات گاٽ Haut gaut فرينچ ڪئپورل Caporal، يوناني ادرڪ ۽ اٽليءَ وارا زيتون جي سڳنڌ کان چڙي بر ٿي ويندا آهن. دنيا جي ماڻهن کي جڏهن پهريون ڀيرو سگار ۽ ناس ڏيکاري ويئي هئي تہ اهي بہ ڏاڍا چڙي پيا هئا. هاڻي ڏسو تہ هر يورپي جي وات ۾ چروٽ ۽ کيسي ۾ ناس جي دبلي آهي.

مشرق جو راڳ عشق ۽ قديم ڏند ڪٿائي قصن سان واسطو رکندو آهي، تنهن ڪري هر طبقي جا ماڻهو ان کي پسند ڪندا آهن. پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل بہ ان مان هڪ جهڙو لطف اندوز ٿيندو آهي. توڙي جو اڻ پڙهيل ان کي سمجهي بہ ڪونہ سگهندو آهي پر ان کي ٻڌندو ڏاڍي ڏيان سان آهي. سنڌ جو هومر عبداللطيف آهي، جيڪو سيد آهي. هي راڳ جو ڄاڻو بزرگ شخصيت هو. سندس شاعريءَ ۾ بہ احساس نمايان نظر ايندا جن مان هڪ آهي عشق ٻيو آهي جنگ ٻنهي جو سر آواز الڳ آهي جنهن کي هتان جا ماڻهو تمام گهڻو پسند ڪندا آهن ۽ ان کي راڳ جي تڪميل سمجهندا آهن. مان ان شاعريءَ جون ڪجهہ سٽون اوهان کي ترجمو ڪري ٻڌايان ٿو جيڪو الودو فقير سارنگي جي سر سان ڳائيندو رهندو آهي، جن مان ڪجهہ سيد عبداللطيف جو ڪلام آهي. هيٺ سيد عبداللطيف ڀٽائي (8) جي ڪلام جو ترجمو:

اي ڀٽ جا فقيرؤ! اوهان روزا رکو ٿا، تن کي ٽئونس ڏيو ٿا، جاڳو ٿا عبادت ڪريو ٿا، اوهان جا چپ ۽ اکيون عشق جون ڳالهيون ڪري رهيون آهن، جيڪو زمين کان وٺي عرش تائين پکڙيل آهي. اوهان جي دلين سڀ دنياوي لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا آهن، وڏائي ۽ تڪبر کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏيو آهي، انهن جي سڃاڻ ڪا معمولي ڳالهہ ڪانہ آهي، اهڙا ڀلا ماڻهو الله تعاليٰ جي روشنيءَ ۾ موجود آهن.

اهڙا ماڻهو پنهنجي زبان سان سندس تعريف ڪن ٿا ۽ عبادت سان گڏ تسبيح بہ پڙهندا رهن ٿا. اهڙا مقدس وات پرين جي چپن تان ماکي چوسين ٿا. بي بہ اهڙي مقدس پيئندا آهن جنهن کي اکين جي ڳوڙهن رنگي چڙيو آهي، جيڪي ڳاڙهي رنگ جا آهن. آهہ اهو انهن کي بيٺو نوازيندو هن ۽ هُن جهان ۾ کين عزت بخشيندو.

سائين جان بل! اوهان وٽ ايتري نٺيڙي موسيقي آهي جيڪا اوهان واري ناس جي دبليءَ ۾ ماپي وڃي. هاڻي اوهان ناس جي انهيءَ دبليءَ کي پنهنجي کيسي ۾ لڪائي رکو ۽ پولڪا Polka ۽ والز Waltz جي خوبصورت ناچ جي اثرن کي محسوس ڪريو.

اهي ڏنار اسان کي ڏسي ماٺ ٿي ويا آهن. هو اسان ڏانهن گهوري ڏسي رهيا آهن ۽ پڇڻ جون جايون پيا ڳولين. جيڪي اوپرن آوازن کان هراسجي ويا آهن. ڏسجانءِ اهي کن پلڪ ۾ ائين گم ٿي ويندا جڻ سندن پير بہ پٽيءَ تي ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو. اوهان دل ۾ چوندا تہ اهي ڪاري جادوءَ جي زور تي ڪيڏانهن هليا ويا. توهان کي پتو پئجي ويندو تہ هن عجيب غريب قسم جي آواز سان ڪيترين ڪرامتون ڏيکاري سگهجن ٿيون. هي گرائينڊ آرگن Grind organ آهي، هو اليڪٽريل مشين آهي ۽ هي مئجڪ لئسٽرين Magic_Lantern آهي. اهڙيون شيون هنن ماڻهن ڪونہ ڏٺيون آهن. مان هنن کي آتاري آتاري راضي ڪريان ٿو ۽ هو اسان کي ڏسي پڇن ڪونہ ٿا. هاڻي اوهان هن کي اهي اچرج جهڙيون شيون ڏيکاريو مان انهن بابت کين سمجهايان تہ ڪهڙي طريقي سان جوڙيون ويون آهن. پهرين ڳالهہ تہ هنن شين جي بناوت کين اچرج ۾ وجهي چڏيو آهي. سندن ذهن خاموش ٿي ويو آهي. اهي ماڻهو هن صندوقڙي کي هٿ لائيندي بہ ڇرڪي رهيا آهن. هو سمجهي رهيا آهن تہ هٿ لائڻ سان ڏينيوءَ جيان ڏنگي وجهندي، تنهن ڪري هو دوڏا ڦاڙي پري کان تڪي رهيا آهن. سندن اهو بہ خيال آهي تہ اها هٿ لائڻ سان راڳ ڳائڻ بہ شروع ڪري ڏيندي. اهي تاڙيون وڄائي خوشيءَ جو ائين اظهار ڪري رهيا آهن جيئن مهذب ماڻهو هڪ تار واري ساز کي ڇيڻ تارن وسيلي وڄندي ڏسندا آهن ۽ اچرج کان سندن وات ئي ٽپٽو ٿي ويندو آهي، سندس سر سرندي کي ماٺ ڪرائي ڇڏي آهي ۽ سندس آواز ڪانون جهڙي ڪان ڪان جهڙو ٿي ويو آهي، اهو تہ نماڻائي جو اظهار آهي پر عقيدو ڪونہ آهي. دنيا جو اهو ڪهڙوحصو آهي يا اهو ڪهڙو دور آهي جو هن

پنهنجي موسيقي جي ڪچي ڦڪي ابتدا ڪئي هئي. يا موسيقيءَ جي ستيا ناس ڪئي هئي.

مون کي پڪ آهي تہ ابراهيم خان چانهہ جي پيالي پيئڻ ڪڏهن بہ قبول ڪونہ ڪندو. خاص ڪري ان وقت جڏهن چيني شهنشاهہ جو ذڪر ڪري ڪيس پيئڻ جي آڇ ڪبي. انهيءَ وقت وري بنا ڏاڙهي وارن جي ملڪ ۾ پروسلين Procelain جي نهيل منارن تي پڻ بحث شروع ٿي ويندو آهي، تنهن ڪري سندس ڏيان هڪدم اوڏانهن هليو ويندو آهي. مشرقي ماڻهو پيالن پيئڻ کان پوءِ هر شيءِ بابت پچ پچ شروع ڪري ڏيندا آهن. سندن دماغ سائنسي انداز ۾ سوچڻ شروع ڪندو آهي. ان وقت وڏيڪ مذهبي بہ ٿي ويندا آهن ۽ مابعد از طبيعات تي سوچڻ لڳندا آهن پر چانهہ جو وزن ايترو ٿورو پيئندو آهي جيترو براندي جو. هن جو جڏهن پهريون ڍڪ پريندو آهي تہ کيس محسوس ائين ٿيندو آهي تہ سنها ٻوٽي جي ڪڙهيل ڪاڙهي واري ساءُ کي کنڊ ۽ کير وجهي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هتان جو ٻروچ پاڙيسري ملڪ اندر افغانستان جي ماڻهن جيان ڳيت ڏئي چانهہ (9) ڪونہ پيئندو آهي.

مير ابراهيم تالپر کي خبر آهي تہ انسان جو هن دنيا ۾ ميلاپ وچوڙي جو , گهٽين ۾ ٿيندو آهي، ڪنهن شاعر سچ چيو آهي تہ ٻن دوستن کي وصل جي مني شراب پيئڻ کان پوءِ وچوڙي جو قاتل زهر بہ پيئڻو پوندو آهي.

اسان هي وٽندڙ ماحول ۽ رونقون ڇڏي پوئتي حيدرآباد ڏانهن ورنداسون. سائين بل جي اکين کي لاڙڪاڻي جي خوبصورت علائقي کي ڏسڻ جو شوق آهي، جيڪو عدن جي باغ جهڙي سهڻي جوءِ آهي. ان کان پوءِ اڳتي وڏي شڪارپور بہ ڏسندو.

سردار ابراهيم خان نشي جي ڳهر ۾ لڳو پيو هو جيڪو هوريان هوريان اتي ڪڙو ٿي رهيو آهي ۽ ڇٽي رهيو آهي تہ اوهان تہ انگريزن جا بادشاهہ آهيو. توهان مٿان حضرت محمد ﷺ جون دعائون آهن. توهان ڏاڍا ڀلا ماڻهو آهيو. ڪاش جيڪر اوهان مسلمان هجو ها تہ اوهان مٿان نور جون لاٽون لهن ها. توهان هاڻي خوش ٿي موٽي رهيا آهيو. توهان دوستيءَ جي ننگ کي نڀاهيو آهي. شال اوهان کي ڪوسو واءُ نہ لڳندو. شال اوهان جو وار بہ ونگو ڪونہ ٿيندو. اوهان جهڙن رڄ چڱن مڙسن کان سواءِ زندگي بہ کهڙي آهي. پر افسوس آهي جو مان اوهان جي دلي آجيان ڪانہ ڪئي هئي، يعني ماڻهو گسي پوندو آهي. ڳوٺن ۾ ناچ ڪرڻ واريون ڇوڪريون

ڪونہ هيون نہ تہ جيڪر مان اوهان ڏانهن موڪلي ڏيان ها. منهنجو خيال هو تہ رعيتي ماڻهن جون زالون زوري آڻائي اوهان جي حوالي ڪجن ها پر ڪاڪي مل مخالفت ڪئي هئي ۽ چوڻ لڳو هو تہ مير پير ٿو ترڪئي توکي اهڙو ڪم ڪونہ ٿو سونهين. هونءَ بہ جيڪو ڪلمي ڪان پري هوندو آهي سو نيت جو ڪارو هوندو آهي.

اهڙا حيوان (10) سنڌي هتان جي درويش ۽ بزرگن وٽ پنهنجا ڪارا منهن (11) ڪيئن ڪٺي سگهندا هوندا پر مان جيڪڏهن ڳالهين ۾ ڪٺل هجان تہ مهرباني ڪري مون کي معاف ڪري ڇڏجانءِ.

اسان کي سنبرندو ڏسي ابراهيم جون اکيون پاڻيءَ سان پرجي آيون آهن. هن ۾ ڪنهن اچرج جهڙي ڳالهہ بہ ڪانہ آهي. پوريون ڇهہ بوتلون شراب جون ڏوگهي ويو آهي. هي گهڙي کن لاءِ جڏهن لئي ۾ الهوت تي گيرث ڪائي رهيو آهي تہ اسان جي هتن ۾ چنبڙي پوي ٿو ۽ توري توري وقت کان پوءِ اسان کي پاڪر پائڻ شروع ڪري ڏئي ٿو. هي ماڻهو حساس ۽ جذباتي ڪونہ آهي هو پنهنجي دوستي ۽ محبت جي وڻ کي پاڻي ڏيڻ واسطي چروتن جو منهنجو هڪ دبو پنهنجي هڪ کيسي ۾ ۽ شراب جي بوتل ۽ گلاس ٻئي کيسي ۾ وڌو اٿائين. ان وقت هو پنهنجي درزي کي گاريون ڏئي رهيو هو جنهن سندس چولي ۾ ٽيون کيسو وجهڻ وساري ڇڏيو هو. سائين جان بل! منهنجو خيال آهي تہ مان کيس اوهان وارو ميوزڪ باڪس ۽ منڊي بہ سندس حوالي ڪري ڇڏيان. انهيءَ لاءِ جيئن هو انهن دوستيءَ جي نشانين کي ياد ڪندو رهي. ان ڪان سواءِ تنهنجو ۽ منهنجو نقصان بہ هڪ جيترو ٿئي. جيڪڏهن اسان کيس اهڙيون شيون ڏئي راضي ڪري ورتو تہ اسان جي ڏاڙهين تي بہ ڪونہ ڪلندو.

سائين جان بل! اوهان نهايت ڪليءَ دل ۽ نيت جي صفائي ۽ سادگيءَ سان سندس سندري ۾ بڌل قيمتي شڪاري چاڪو کسڪائي ونو پوءِ اوهان ابراهيم خان جي انهيءَ قيمتي چاقوءَ سان دوستيءَ وچ ۾ موجود فراق کي قتل ڪري ڇڏيو.

پٽ فقير بہ ان وقت ڏاڍي سوز ۽ گداز سان ڳائي رهيو هو ۽ پيجاڙيءَ ۾ خدا کي خير لاءِ ٻاڏائي رهيو هو. ان وقت اسان کيس پنج رپيا ۽ جن Jin شراب جي هڪ بوتل بہ ڏني، اتي وينل سيني ماڻهن ڏک ۾ پنهنجا متا وچي تنبوءَ ۾ هنيا ۽ تيڏيءَ اک سان نهارڻ لڳا تہ اسان کين ڇا ڏئي رهيا آهيون.

ان وقت مير ابراهيم اعلان ڪيو تہ هاٿي ڪي بہ سوڪڙيون ڏيٺيون وٺيون ڪونہ آهن. ان کان پوءِ پنهنجي سيڪريٽريءَ سان گڏجي وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهيو آهي. هريچند بہ تنبوءَ جي پردي کي مٿي ڪري ٻاهر بيٺل ڪاڪي مل کي جهڪي وڃي پاڪر پاتو.

ابراهيم وڃڻ وقت اسان کي چيو تہ جيڪڏهن ٻيهر ملاقات ٿي تہ ٻازن جو شڪار ڪنداسون. هن وڏيڪ چيو تہ اوهان هن شاندار شڪار ڪرڻ جو خيال بہ ڪونہ ڏيکاريو نہ تہ جيڪر ڏسون ها تہ گول قسم جي پرن وارو پکي ڪهڙي منفرد انداز سان شڪار جهليندو آهي. پر مان هن موضوع (12) تي گهڻو ڳالهائي چڪو آهيان. حيدرآباد کان ذڪڻ اوڀر پاسي اهڙي ڪا شيءِ ڪانہ رهي آهي جيڪا مان نہ ڏٺي هجي. اهوعلائقو لٽاشو آهي. ڪٿي ننڍيون وڏيون پٽون آهن جن جي اوسي پاسي کان واهڙ ۽ واهہ وهي رهيا آهن. جيڪي سنڌوءَ جي چاڙهہ دوران ڪپرن کان اٿلڻ شروع ڪندا آهن ۽ اٿلون ڪندا ملڪ ٻوڙيندا وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا آهن.

باب چوويهون

# ٻيڙن وارو بند - اجگر جهڙو منهن سنڌيا پيٽراءِ ۽ بلوچن جي راڳ جو طريقو

خير سان ٻيو مهينو به گذري ويو. هٿ هٿ تي رکي پير پساري پٽن جا پيءُ بڻيا ويٺا آهيون. نه لٽيءَ جي خبر آهي نه اپريءَ جو ڪو پتو. ڪڪ پيچي بيٺو ڪرڻ به واڪ ڪونه ٿئي جڻ مَمَر گوڏا چٽي ويئي آهي.

سائين جان بل! منهنجي مرضي آهي ته مان اوهان کي جيڪر متياري گهمايان. هتي هڪ قديم يونيورسٽي به آهي، اتي اوهان هلي هڪ اڌ ليڪچر به ڏئي وٺجو. هي دنيا لاءِ عام ۽ سنڌ لاءِ خاص علمي مرڪز آهي. ان ڪان پوءِ مان اوهان کي نصرپور به گهمائڻ چاهيان ٿو اتي هلي مان اوهان کي سمجهائيندس ته هن قديم ماڳ کي هتان جا ماڻهو منصوره (1) چو سمجهندا آهن. جيڪو عرب دور جو هڪ اهم شهر هو. ڪي ماڻهو وري اهڙا به آهن جيڪي بنا سوچڻ سمجهڻ جي انڪار ڪري ڇڏيندا ۽ چوندا آهن ته هي ماڳ منصوره نه آهي. هن قديم ماڳ لاءِ مون کي پنهنجو نقطئه نظر آهي. هتان جيڪڏهن اتي اوپر پاسي هلبو ته هڪ رڻ پٽ ۽ واريا سو علائقو لتاڙي عمرڪوٽ پهچبو. هن شهر جي چوڌاري هڪ ڪچو قلعو آهي. هن ماڳ جي اهميت ان ڪري به آهي جو دهليءَ جو مشهور مغل حڪمران اڪبر هتي ڄائو هو. ٽالپر حڪمرانن جو خزانو به هتي رکيل هو. هن قلعي کي فتح ڪرڻ لاءِ انگريزن هڪ گولي به ڪانه هلائي هئي. دنيا جي تاريخ ۾ هن ماڳ کي ضرور اهميت ملڻ گهرجي ها. هاڻي مون کي اوهان مان خوف ٿيڻ لڳو آهي. اوهان ڪڏهن ماسو آهيو ڪڏهن وري مڙ ته ڪڏهن ڪِوِل ته ڪڏهن وري خيرن سان ڪيهرشينهن ڪڏهن وري پنهنجي ڳالهه تي ڳت ڏئي بيهي ٿا رهو، نه کي نَوَ ڪوٽ. ڪڏهن وري اٽل ارادو ڪري پنهنجي

پڪي ڳالهہ تان ٻير جي آليءَ ڪاني وانگي ڦري بہ ويندا آهيو. سائين جان بل! مان اوهان جي اهڙي شاهاڻي مزاج لاءِ فقط ايترو چوندس تہ اوهان جي مزاج مبارڪ ۾ اهڙين ڳالهين جو هجڻ هڪ فطري ڳالهہ آهي پر مان اوهان جو گائيڊ آهيان. تنهن ڪري مون کي اوهان کي مجبور ڪري درياهہ جي اولهہ پاسي اڪري ٻير بند سان وٺي هلڻ گهرجي. اتي پهچي اوهان کي محسوس ٿيندو تہ هي ڏکويل ماڻهو ڪيترو نہ اجڙي پينگ تي ويٺي آهي.

اتر پاسي اسهڻ لاءِ حيدرآباد کان بہ رستا نڪرندا آهن. ڏاک يا ٽپال وارو رستو اهڙو آهي جنهن سان گهوڙيسواري ڪري اڳتي وڏي سگهجي ٿو. ٻين جي ڀيٽ اهو رستو مختصر بہ آهي جيڪو سنڌوءَ جي اوپر ڪناري سان هلي ٿو. پر فوجي پيش قدمي لاءِ سولو رستو اولهہ وارو آهي. پر اوپر واري رستي (2) اختيار ڪرڻ ڪري اهو فائدو ٿيندو تہ اسان مياڻي واري جنگي ميدان پرسان گذرنداسون جيڪو قديم يونيورسٽي مٽياري جي نزديڪ آهي. اتان کان پوءِ هالا شهر کان گذرنداسون. جيڪو ڪاشيءِ جي سرن ۽ جنڊي جي ڪم کان گهڻو مشهور آهي. جيڪڏهن شهدادپور کان بہ ٽي ميل اوپر هلبو تہ هلي باهري جي نلهہ وٽ پهچبو جنهن کي باهبرا جو ٿل بہ سڏيندا آهن. تاريخ ۾ هن ماڳ کي برهمڻ آباد سڏيو ويندو آهي. هن ماڳ کي برهمڻ آباد انهيءَ ڪري سڏيو ويندو آهي جو اهو ڪنهن زماني ۾ سنڌ جي راڄڌاني هو جنهن کي اڙوڙ جي برهمڻ خاندان 662ع کان ٿورو اڳ جوڙيو هو. هن ماڳ جي اصلي هندو نالي کي وساريو ويو آهي پر باهبرا هر ٿلل شهر کي سڏيو ويندو آهي. برهمڻ آباد نالي جو پويون حِصو ايراني آهي. هن Indian pompe جهڙي شهر ۾ ديوارن، نلهن ۽ قلعي جي چبوترن جا اهڃاڻ اڃا بہ موجود آهن. هي شهر ڇئن ميلن ۾ پکڙيل هو. چيو ويندو آهي تہ ان ۾ 1600 منارا هئا پرسان ڍيپر جو پراڻو ماڳ بہ آهي جنهن کي وزير جو شهر سڏيو ويندو آهي.

اسان سنڌوءَ وچان آگبوٽن وسيلي آمدرفت بہ شروع ڪئي هئي. مان سمجهان ٿو تہ فوجي پيش قدمي سنڌوءَ جي ساڄيءَ ڪنارءسان وڌيڪ سولي آهي ۽ آسانيءَ سان منزلون ڪري اتر ڏانهن وڌي سگهجي ٿو. اسان جون بہ منزلون آهن. هڪ باڏا ڳوٺ جيڪو ڪوٽڙي کان نوَميل پري آهي. ٻي منزل انڙپور وٽ ٿيندي جيڪا باڏا ڳوٺ کان چوڏهن ميلن جي پنڌ تي آهي.

هاڻي هتان اسان اولهہ طرف هلنداسون ۽ هڪ جهنگ وچان سفر ڪنداسون. ٿورو اڳتي هلبو تہ روهن ۽ ڪوهن وارو علائقو اچي ويندو جتان

جون ٽڪريون ننڍيون ۽ ايڪپريون آهن. جيڪي هوبهو اسان جي آلپ Alp واري جابلو علائقي جهڙيون آهن. پوءِ اسان ڪوهستان ۾ ڪيرٿر وچان گذرنداسون. ڪيرٿر واري جابلو سلسلي کي ڪڏهن "هالا" جبل به سڏيو ويندو هو پراڻين تاريخن ۾ به اهو نالو ڏسجي ٿو. اتان ڪان پوءِ اسان جون ٻه منزلون هونديون جن مان هڪ لاڪڙا آهي جيڪا انڙ پور کان يارنهن ميلن تي آهي، جڏهن ته ٻي منزل سيبت Sibt آهي جيڪا لاڪڙا کان اٺن ميلن جي فاصلي تي آهي. هيءَ علائقو بربٽ آهي پر پاڻي جي سهوليت لاءِ هتي ڪوهه کوٽايل آهن. هي رستو ڪڏهن هيٺ ڪڏهن مٿي ته آهي پر ور وڪڙ به ڏاڍا اٿس. هڪ مختصر ميداني علائقي مان سفر ڪبو ته اوچتو هڪ ايڪپري ٽڪري اچي ويندي. ساهيون پٽي مٿي چڙهبو ته سُتت ئي هيٺ لهڻو پئجي ويندو. اها ٽڪري وري اهڙي لهنواري جو ٻوڙي هيٺ لهڻو پوندو. ٽڪريون خشڪ، سائي گاهه جي ڪاتي تبي به ڪانه ڏسبي. علائقو جابلو ۽ سجو ماٺهو جوءِ به محسوس ڪانه ٿيندي. معلوم ائين پيو ٿيندو ته هتي ڪا وچڙندڙ بيماري پئي آهي، جنهن ڪري هتي ڪو ويجهو اوڏو ڪوبه ڳوٺ ڪونه آهي. هي سارو علائقو بربٽ بيابان آهي، ڪٿي وڻ به نظر ڪونه ايندو. جتي پکي اچي ڪو آکيرو جوڙي. ان کانپوءِ ڪافي سفر ڪري هڪ اهڙي علائقي ۾ آياسون. جيڪو ڪٽُ جي دنگ جهڙو هو جنهن مان معلوم ٿي رهيو ته اها لوهه جي کاڻ آهي. ان کانپوءِ وري اچي رنگ جو ميدان ڏسڻ ۾ آيو ۽ جپسم جا اچا ڍڳڙ اٿليل نظر آيا. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته ٽڪرين جي لاهوندين ۾ پيل هو. مواد مينهن جي پاڻي سان لڙهي جابلو نين وسيلي اچي هيٺ پهتو آهي. ٿوري پنڌ کان پوءِ وري اهو مواد ڏسڻ ۾ آيو جنهن جو رنگ ٽامي جهڙو هو. جنهن مان سمجهيوسون ته اهو ٽامون هو اڳتي تمام ٿوري فاصلي تي ڏٺوسون سلفر (گندرف) جي ٽنن جا ٽن زمين تي پکڙيا پيا هئا.

ڪجهه وقت ٿيو جو کاتين کوٽڻ جا ماهر هتي اچي پهتا هئا ۽ جابلو جوءِ کي چڱي ريت جاچي ڏٺو هئائون. هنن ماڻهن پنهنجي تحقيق جي ساري رپورٽ ڪراچيءَ جي ڪمانڊنگ آفيس ڏانهن موڪلي ڏني هئي ته هن جاءِ تي تمام وڏيون کاهيون موجود آهن. اهڙي کوٽائي سولي ۽ سستي پلئه پوندي. انهيءَ زماني ۾ ڪراچيءَ جو ڪمانڊنگ آفيسر اسڪاٽلينڊ جو هو جنهن اهڙي اهم ڳالهه کي لئه مٿي ڪري چڏيو. سندس واسطو 78 هاءِ لئنڊرس سان هو ۽ هُو ڪرنل هو. اهڙيءَ ريت هي منصوبو شروع ٿيڻ کان اڳ ئي ختم ٿي ويو هو. هي ڪو اڪيلو منصوبو ڪونه هو پر هن جهڙا پيا

ٻه ڪيترائي اهم منصوبا هئا جن کي اختيارين وارن جي بيوقوفيءَ ۽ لاپرواهي ڪري بند ڪرڻو پئجي ويو هو. اهڙا منصوبا انسان ذات کي وڏو فائدو پهچائي سگهن ٿا. هتان سفر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو جتي ماڻهوءَ جي آباديءَ جو ڪو نالو نشان ٻه ڪونه هو. ٿوري پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ هڪ ڏنگي ڦڏي ماٿري مان گذرياسون ته سامهون ٽڪرين جي هڪ ديوار موجود ڏسڻ ۾ آئي، جنهن جون چوٽيون عجيب غريب نمونى جون هيون. ٽڪرين جي لاهين ۾ هيٺ ڏرتي جي مٿاڇري تي پيل مواد مان اهو سمجهڻ سولو هو ته ڪنهن زماني ۾ هڪ وڏي جابلو نئه مينهن جو پاڻي ڪٽي هتان وهندي رهي آهي. ٽڪريءَ جي هڪ لاهوندي تان هڪ نئه جي وهڪري جا نشان آهن جيڪا ور وڪڙ ڪري هيٺ وهندي رهي آهي، جنهن جو پيٽ هيٺ گهرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ڪناري سان ڇهڇ سايون ٻوٽيون ڇايون بيٺيون آهن. سندس خشڪ پيٽ ۾ ننڍا وڏا پٿر موجود آهن. جيڪي ڪنهن ماڻهوءَ جي چورڻ جا ڪونه آهن پر ڪنهن وڏي وهڪري جي زور ڪري رڙهندا اچي هتي پهتا آهن. شايد انهيءَ جابلو علائقي مان تازي برسات پئي آهي، تنهن ڪري سامهون واري جابلو نئين ڏاڍي تيز رفتاري سان جبلن تان وهندي هيٺ وڃي رهي آهي. انهيءَ نئه جي انهن ڪنارن ڏانهن ڏس جتي وهڪري جو پاڻي پهچي نه سگهيو آهي، سي خشڪيءَ ڪري ڦاٽي ۽ ڏري پيا آهن. پاڻي وارين جاين وٽ ٻيرن جا ننڍي قد جا وڻ آهن. جيڪي اوسي پاسي جي ڏرتي وانگي ڪرپٽ ڏنگا ڦڏا ۽ خشڪ آهن. هتي وڏين ٽڪرين جي پاڇن کان سواءِ ڪٿي ٻي ڇانوَ ڪانه آهي. يهودين جي نقطئه نظر موجب اهي مسافرن کي گرمي کان تحفظ ڏينديون آهن. هاڻي ته سياري جي رُت آهي پر پوءِ ٻه سج جڻ نيزي پاند اچي بيٺو آهي ۽ گرميءَ ڪري جڻ ساهه مُٺ ۾ آهي.

سائين جان بل! اوهان کي هيءَ ڳالهه ٻڌي تعجب ڪونه ٿيندو ته هي جنن ڀوتن واري جوءِ آهي ڇوندا آهن ته هتي خطرناڪ اجگر رهندو هو جنهن جو سر ڏڙ کان ڌار ڪيو ويو هو. هن جو ڌڙ ته ٻاهه جي آڙاهه ۾ اڇلي رک ڪيو ويو هو باقي سر عبرت لاءِ محفوظ ڪيو ويو هو ڪن جو چوڻ آهي ته اهو ڪافر هو ۽ وڏو جادوگر هو. اهو ٻه ڇيو ويندو آهي ته ان سر جون اکيون اجان ٻه هر مسافر ۾ ڪتل هونديون آهن. مسافر سڌو هلي، ڪاٻي وڃي يا ساڄي طرف وڃي هن جي اکين کان لڪي ڇپي ڪونه سگهندو آهي.

انهيءَ سر کي فقط سچا ۽ ايمان وارا ماڻهو ڏسي سگهندا آهن. اسان ڪافر آهيون. تنهن ڪري اسان ان سر ۾ اکين کي ڏسي ڪونہ سگهنداسون. هن قسم جي ڏند ڪٿا کي اسان ڪٽي ڪوڙ ۽ وهم سمجهون پر اهڙين ڳالهين جو ڪجهہ تہ بنياد هوندو آهي.

سائين جان بل! اوهان کي چڱيءَ ريت ياد هوندو تہ جڏهن اوهان ننڍڙا هوندا هئا ۽ اوهان کي نرس رات جو اڪيلو ڇڏي ويندي هئي تہ توهان وارو اونداهو ڪمرو خوف ۽ دهشت جي آماجگاهہ بڻجي ويندو هو. تڏهن توهان کي محسوس ٿيندو هو تہ هڪ خوفناڪ شيءِ اوهان ڏانهن هوريان هوريان وڌي رهي آهي، جيڪا هڪ وڏي ڪاري تڪندڙ مان لهي اچي رهي آهي، ان کي ڇهي محسوس ڪري رهيا آهيو. اوهان جي بند اکين جي بلڪل ويجهو اچي پهتي آهي. اها هوريان هوريان ويجهو ايندي پئي وڃي. اوهان ان کان بچي بہ ڪونہ ٿا سگهو. انهيءَ خوفناڪ اجگر جو وجود اوهان جي اکين جي سامهون اچي وڃي ٿو جنهن کي اوهان محسوس ڪري رهيا آهيو پر هڪدم پوءِ پري هليو وڃي ٿو ۽ اوهان جي اکين کان غائب ٿي وڃي ٿو پر ان جون ٻرندڙ اکيون اوهان ڏسي رهيا آهيو پر اهي بہ پنهنجي خوف ۽ خطري سان گم ٿي وڃن ٿيون، جيڪڏهن اوهان انهيءَ ڳالهہ کي سمجهي ويا هوندا تہ توهان کي پتو پئجي ويو هوندو تہ وهم ۽ وسوسو ڇا آهي؟

پر سائين جان بل! هي ڳالهہ ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ انهيءَ خوفناڪ ڀوت جو ذڪر پنهنجي افغان نوڪرن سامهون اصل بہ ڪرڻ نہ گهرجي نہ تہ هو رات جي وڳڙي ۾ پيرن کي تيل مکي رکندا ڪڙين تي زور هي ماڻهو بهادريءَ جي هام تہ وڏي هڻندا آهن پر اٿئي ڊڄڻا جهڙا سهڙ.

ميان جان بل، اوهان منهنجي هن ڳالهہ تي ويساهہ ئي ڪونہ ڪندا تہ هتي مرد ۽ عورتون آهن توهان پڇندا تہ ڪٿي؟ مان جواب ڏيندس تہ انهيءَ پٿر جي ڍڳ هيٺان توهان ڏسندا تہ هنن ٽڪرين جي وٽ پاسي سان قدرتي طور لسن پٿرن جا ڍڳ آهن جيڪي هتان جي مردن ۽ عورتن جون قبرون آهن، توهان اهڙين قبرن کي اڳي ڪونہ ڏٺو آهي، تنهن ڪري اهو ضرور سوچيندا هوندا تہ اهي ڇا آهن هو وري پريان ڏسو. ننڍڙيون ننڍڙيون قبيون آهن. جيڪي ٿوري هوا تي لڏي لمي رهيون آهن. توهان کي هنن شين جي انهيءَ ڪري خبر نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اوهان ڪڏهن هن پاسي ڪونہ آيا آهيو. اهو ڏنارن پنهنجي لنين سان ڪپڙي جو اوڙو ڪري ڇانوَ جو بندوبست ڪيو آهي. ڪي ٽڪريءَ جي پاڇي ۾ وڃي ويٺا آهن. ڪجهہ

وڏن ايڪيرن دڙن کي اوٽ ڏئي اس کان بچڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هتي رهندڙ ماڻهو سنڌي ۽ بلوچ آهن پر هئي ڏريون وحشي ۽ ويڙهاڪ ڏسجي رهيا آهن. اسان جي رهبري شيطان جي پاءُ جو نالو ڪري رهيو آهي. هتان جا ماڻهو سنڌ جي هر گورنر کي انهيءَ نالي سان سڏيندا هئا. سندس نالو اڄ بہ اسان جو بچاءُ ڪري رهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس گهٽي ڏاڪ وينل آهي. ڪجهہ وقت اڳ اسان ويهن پنجويهن گهوڙيسوارن سان گڏ مس ڪولڪ لنگهي سگهندا هئاسون، ڪن جڳهن تي ماڻهو لڪي چوري بہ حملا ڪندا هئا. اهڙي وايو منڊل دوران اسان انن کي گول دائري ۾ ويهاريندا هئاسين، جنهن جا منهن اندرئين پاسي ۽ پٺي باهرين پاسي هوندي هئي، سندن گوڏا بہ ٻڌا ويندا هئا تہ متان حملي دوران ڇرڪي پڇي هليا نہ وڃن، وينل انن جو اهڙو دائرو هڪ ننڍڙي قلعي جو ڪم ڏيندو هو ۽ ماڻهو ان دائري اندر بيهي حملي آورن جو مقابلو ڪندا هئا. ان کان سواءِ انن تي لڏيل بار ۽ پلڻ پاڪڙا بہ لاهي اهڙيءَ ترتيب سان رکيا ويندا هئا جو حملي ڪرڻ وارن کي اورانگهي اندر اچڻ ڏکيو تي پوندو هو. بچاءُ جون اهي سڀ ڳالهيون جنرل جون ايجاد هيون پر هاڻي اهڙي صورتحال ڪونہ آهي.

سبت Sibt ڳوٺ کان ٻہ ميل پري ٻہرن وارو بند هوندو هو جيڪو هاڻي ڪونہ آهي پر ڪنهن زماني ۾ موجود هو. اهو مٽي ۽ پٿرن جو ٺهيل هڪ بند هو جنهن کي ان مقصد لاءِ ٺاهيو ويو هو تہ جيئن جبلن تان وهي ايندڙ نين جي پاڻي کي روڪي سگهجي ۽ ان کي درياهہ تائين وڃڻ نہ ڏجي. پاڻي بيهڻ ڪري ان جڳهہ تي پوکون ڪيون وينديون هيون، ان جي پاسي سان بہ سو فوٽ بند ڏنو ويو آهي. هن ٿاڪ وٽ جبلن تان لهي ايندڙ پاڻيءَ جو دٻاءُ تمام گهڻو مضبوط آهي. تنهن ڪري هتي مستقل قسم جو بند جوڙڻ مشڪل آهي.

سائين جان بل! بلوچن مان رند قبيلو پنهنجي مفرد حيثيت جو مالڪ آهي. هن نسل جي ماڻهن کي ڏسڻ مان پتو پئجي ويندو آهي تہ اهو چڙ اڏ سنڌي آهي. ابراهيم خان سنڌوءَ جي ڪناري مڏي مچائي وينو آهي. هن نسل جا ماڻهو جوانيءَ ۾ قبول صورت هوندا آهن پر ان کان پوءِ سندن شڪليون سخت تي وينديون آهن. جسم ۾ سگهارا متارا ٿيندا آهن ۽ سندن هر عضوو مناسب هوندو آهي. سندن لباس اهڙو آهي جيڪو حضرت نوح عليہ السلام جي ڏينهن کان اڳ عرب پائيندا هئا. سفيد رنگ جو اڇو چولو جنهن کي ڳچيءَ وٽ بيڙيون ٽاڪيل هونديون آهن. مٽي سان پٽڪو

ٻڌندا آهن. سندن ڏگها وار ڪلهن کان هيٺ لڙڪندا ڏسبا آهن. هي ماڻهو ڪائنچ ڪانہ پائيندا آهن. سندن سادو جسم ڏگهو چولو ڍڪي ڇڏيندو آهي. پير کي پٽرن ۾ ڪوسي ڌرتي کان بچائڻ لاءِ پيس جي ٺهيل جتي پائيندا آهن. اسان کان تہ مرد رند ڇرڪندا آهن نہ وري سندن عورتون اسان کان پردو ڪنديون آهن. کين پڪ هوندي آهي تہ اسان سندن ٻڪرين گڏهن ۾ رڍن کي هٿ ڪونہ لائينداسون. هنن ماڻهن وٽ پيٽ گذر لاءِ ٻڪريون ۽ لڏ پلاڻ لاءِ گڏهہ ۽ ڏٻرا لانجها گهوڙا هوندا آهن. سندن ساري مال لڏي اها هوندي آهي، جنهن جي چوريءَ جو کين ڪو اڌڪو ڪونہ هوندو آهي. جيڪڏهن هو سنڌي هجن ها تہ ڏج ۾ پنهنجو کوهہ ڇڏي ڪيڏانهن هليا وڃن ها. هنن اسان کي ٻڌايو آهي تہ "اسان بلوچ جو اولاد آهيون. اسان جو ڏنڌو چوريون ڪرڻ آهي. اسان جا ڪي ماڻهو فوج ۾ آهن. اسان هڪ نئہ جي سڪل پيٽ ۾ وڻن هيٺان ماني کائي رهيا هئاسون جو هو اچي اسان جي پرسان ويٺا ۽ ڳالهيون ڪرڻ لڳا ۽ چئي رهيا هئا اسان مٿان اڏامندڙ هڪ ٻن پکين جو شڪار ڪري وٺون. هي ماڻهو اسان کي ديوتا تصور ڪري رهيا هئا، اسان جڏهن هتي تنبو هڻڻ شروع ڪيا تہ هنن پاڻ هرتو اچي اسان جي مدد ڪئي هئي. هنن اها سهائتا اسان جي عزت خاطر ڪئي هئي. تنبو هڻڻ ۾ گهر اڏڻ تہ سندن اصلي پراڻو ڌنڌو هو. شام جو اسان هنن کي جن شراب جو گلاس پياري روانو ڪيو. رات جو هنن سارنگيون وڄائي ۽ راڳ ٻڌائي وندرايو هو. سندن گهر بہ ڏسو ڪهڙا نہ سادا آهن جيڪي فقط ٽن لڪڙن جي مدد سان ۽ مٿان ڪارا جوال رکي جوڙيا ويا آهن. مسافر جڏهن کين بربٽ بيابان ۾ ڏسندا آهن تہ ڏاڍو خوش ٿيندا آهن. هنن جا ڪارا تنبو بہ پري کان ڏسبا آهن. سائين جان بل! سندن هي وسندي ائين معلوم ٿي رهي آهي جڻ اها جپسين Gipsys جي ڪاوانڊ هجي. منهنجي خواهش آهي تہ جيڪر اوهان کي هتي ڇڏي هنن جي وسندين کي جاچي ڏسان.

ٻروچ پاڻ ٿي ٻڌائيندا آهن تہ هو حلب Halab کان آيا آهن جنهن کي Aleppo بہ سڏيو ويندو آهي. هنن مان ڪن قبيلن جو چوڻ آهي تہ اهي اتر شام کان لڏپلاڻ ڪري هتي آيا آهن پر سندن ٻولي انڊو-آرين جي آهي، جنهن جو عربي ٻوليءَ سان ڪو واسطو ڪونہ آهي. انساني نسلن جي ڪن ماهرن جو خيال آهي تہ انهن جو واسطو "حجاز" سان آهي ۽ اتان نقل مڪاني ڪري اچي هتي پهتا آهن. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ هنن جو

اسماعيلي خاندان سان بہ ڪو لاڳاپو ڪونہ آهي. هنن جون اکيون ڪاريون ۽ وڏيون آهن ۽ اهڙيون آهن جيڪي ايراني نسل جي ماڻهن جو ڏيکاريون آهن پر عربن جي اکين وانگر ننڍڙيون ۽ چنجهيون ڪونہ آهن جيڪي هميشہ بي چين نظر ايندا آهن. ان کان سواءِ هنن جي جسماني جوڙجڪ بہ ايرانين جهڙي آهي. هي ماڻهو صحتمند سگهارا متارا هوندا آهن. سندن ڏاڙهيون ڊگهيون گهاٽيون هونديون آهن, جيڪي سندن صحتمند هجڻ جي علامت هونديون آهن. هن جابلو علائقن جي وڏي حصي ۾ آبادي بہ هن نسل جي ماڻهن جي آهي. اولهہ پاسي مڪران, ڪرمان, سيستان ۽ ٻين علائقن ۾ بہ هي نسل آباد ڏسجي ٿو. اهڙي ريت وچ ايشيا ۽ ان کان گهڻو ڏکڻ اوڀر مسقط تائين بہ هن نسل جا ماڻهو پکڙيل ڏسجن ٿا. هن نسل جا ماڻهو بهادري ڪري ڏاڍا مشهور آهن, وفادار فوجي سپاهي هوندا آهن.

جيتري قدر هن نسل جي اخلاق جو تعلق آهي تہ هي جابلو ماڻهو مهمان نواز سادا, وفادار سگهارا متارا ۽ مضبوط آهن ۽ پنهنجي ابي ڏاڏي جي مذهب سان گهڻي محبت ڪندا آهن. هنن خاصيتن سان گڏ منجهن ڪي جنگهلي ڳالهيون بہ موجود آهن جيڪي عربن جي بدوي نسل جي ماڻهن ۾ هونديون آهن سر چارلس نيپيئر بہ هڪ سردار کي مجائڻ لاءِ ويهن ٽي ننهن جا زور لاتا هئا پر هن کيس ٽي تريون هٽي ڇڏيون هيون, جيڪڏهن اوهان هن ماڻهوءَ جو پٽڪو لاهي هيٺ اڇلائيندا تہ تلوارون اڀيون ٿي ويندديون ۽ اهڙا جهيڙا ڪيترين پيڙهين تائين پيا هلندا آهن. ان کان سواءِ هي ماڻهو چائي چم کان ڏاڍيل ٿيندو آهي. ماضيءَ ۾ هنن ماڻهن جا سردار رستي جي ڪنڊ پاسي ۾ لڪي ويهندا هئا ۽ واٽ ويندڙ مسافرن کي لٽيندا ڦريندا هئا. اهو ڏنڌو بک يا افلاس ڪري اختيار ڪونہ ڪيو هئائون پر هو عادت کان مجبور هئا. سندن خواهش هوندي هئي تہ سندن تلوارن تي ڪٽ نہ چڙهي ۽ انساني رت وسيلي تيز ۽ تکيون ٿينديون رهن. هنن وٽ پنهنجي زالن جي وڏي حيثيت ڪانہ هوندي هئي. مٿن هر قسم جو تشدد جاري رهندو هو جيڪي سندن ڏاڍ کان آجيون ڪونہ هيون, هي ماڻهو پڪا مسلمان بہ هوندا آهن هر ڏاڍ ۽ ظلم بہ ڪندا آهن ۽ اسلامي عقيدن جي بہ سختيءَ سان پابندي ڪندا آهن ۽ رسول ﷺ جن جي حديث جي پيروري ڪندا آهن. (3)

پر ڪن ڳالهين ۾ پنهنجن عورتن سان هڪجهڙائي وارو رويو رکندا آهن. جيڪڏهن سندن عورتون هنن جي مدد نہ ڪن تہ سندن چورين ۽ ڌاڙن هڻڻ واريون ڪارروايون ڪڏهن بہ ڪامياب ٿي ڪونہ سگهن. هنن جابلو

ٻروچن کان سواءِ هن نسل جا ڪي ماڻهو وري ميداني علائقن ۾ موجود هوندا آهن جيڪي وري شيخ سعدي ۽ حافظ جي چيل ڳالهين کان متاثر هوندا آهن ۽ هندن جي پنڊتن ۾ برهمڻن جيان هنن جو بہ رويو عورتن خلاف هوندو آهي.

هي ماڻهو ڪلهوڙن حڪمرانن جي چوڻ تي جابلو علائقن مان نڪري اچي ميداني علائقن ۾ آباد ٿيا هئا. ان دور جا حڪمران ٻروچن جا ائين ڳيجهو ٿي پيا هئا جيئن ڪراڙو مڙس زال جو محتاج ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن ڪلهوڙا ائين نہ ڪن ها تہ گهٽين ڳالهين کان بچي وڃن ها. بلوچن ميداني علائقن ۾ پهچي چوڌاري پکڙڻ شروع ڪيو هو. هنن ماڻهن ۾ گهڻيون اوڻائيون هيون جيڪي قديم دور کان وٺي منجهن موجود هيون. هڪ تہ هو صفا جاهل ماڻهو هئا. ٻيو تہ ظلم ڪرڻ سندن جسم جو جڻ تہ هڪ حصو هو. ٽين ڳالهہ تہ هو پنهنجي مزاج ۾ ڪنور ۽ بي ترس هئا. ڪنهن تي رحم ڪري بخشڻ تہ ڪين ايندو ئي ڪونہ هو ان کان پوءِ هنن جي مزاج ۾ ڪي نيون ڳالهيون بہ داخل ٿي ويون هيون جيڪي وڏيڪ خراب هيون. هو ڏاڍا سست ۽ ڪاهل هئا ۽ چوندا هئا تہ اوباسي بہ هنن جي بدران ڪو ٻيو ماڻهو ڏئي. ٻي ڳالهہ تہ هو پاڻ کان علاوه هر ماڻهوءَ کي جانور سمجهندا هئا. پنهنجي زال ۽ اولاد لاءِ بہ سمجهندا هئا تہ سندن خدمت ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن ۽ سندس خدمت ڪرڻ کانسواءِ هنن جو ڪو ٻيو ڪم ڪونہ آهي هتان جي ٻروچن کي پوڳ چرچي سمجهڻ جيتري بہ صلاحيت ڪانہ هوندي آهي. هنن جي پيٽ ۾ سندن جابلو پائر ڏاڍا خوش مزاج پوڳن چرچن جا شوقين ۽ کلڻ کلائڻ جا ڪوڏيا هئا. ڪنهن فن جي نزاڪت ۽ نفاست کي محسوس ڪرڻ هنن جي سوچ کان گهڻو مٿي هو پر گهوڙن جا شوقين ضرور هئا. باز ڌارڻ ۽ انهن سان شڪار ڪرڻ سندن مشغلو هو. ڪين عقل گهٽ هو. ماني کائڻ جا هُولي هئا. ماني کائڻ ويهندا هئا تہ کائڻ پس ڪرڻ وسري ويندو هو. لانگ چوٽا هئا. ڪا بہ سهڻي ۽ عزت واري ڇوڪري محفوظ ڪانہ هئي. ان کانسواءِ مشرق ۾ ڪم ايندڙ هر نشيدار شيءِ واپرائيندا هئا پر بهادريءَ ۾ ٻتاڪ هڻڻ جا مڙس ماڻهو هئا. پر وڙهندا آفيم کائي پوءِ هئا. هلندي جهيڙي ۾ پچي جان ڇڏائڻ جا بہ ملوڪ هئا. جنگ ۾ بهادر ٿي ڪونہ وڙهندا پر سمجندا هئا تہ جيڪڏهن هو دليريءَ جو مظاهرو نہ ڪندا تہ ماڻهن جا مهڻا ڪين ماري رکندا. ٻروچن وٽ هر هٿيار هلائڻ جو هنر ڪونہ هوندو آهي. جنهن کي فن چئي سگهجي ٿو. اهي ماڻهو

هٿيار ڪٽي هلندا پر هٽي نہ سگهندا آهن. ڪلهوڙن هنن کي جنگ جي مقصد خاطر جاگيرون ڏئي ڄڻ ڊينگهرن تي اتو هاريو هو. هي افغانين جيان بندوق ۽ هندن جيان ماهر ڏڦير ڪونہ آهن. عربن وانگي هنن کي تلوار هڻڻ ڪانہ تي اچي نہ وري ايرانين ۽ شامين وانگي نيزي باز آهن. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ ڪوبہ هٿيار هلائي ڪونہ سگهندا هئا پر پنهنجي سندرن ۾ ننڍي تلوار يا خنجر ٻڌي ڏاڍي آڪڙ سان ڪنڌ مٿي ڪري گهمندا ضرور آهن. ڪڏهن بندوق، پستل ۽ ڍال بہ هٿن ۾ کڻندا آهن. انهن سان گڏ ڪارتوسن جو ٿيلهو بہ ڪلهن ۾ لڙڪائڻ ڪونہ وساريندا آهن.

هنن ٻروچن وٽ ڀهريائين ڊڊا ۽ ننڍي قد جا ٽٽون هوندا هئا جن تي لڏ پلاڻ وارو سامان رکندا هئا. ميداني علائقي ۾ اچڻ ڪانپوءِ هنن وٽ جنگي گهوڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيتري قدر گهوڙائين وهٽ جو تعلق آهي تہ هن معاملي ۾ مري ذات جا بلوچ وڌيڪ شوقين هئا. سندن گهوڙا ڏک سک جا ڏاڍا، نرجا ننڍا ۽ ڀڄڻ ۾ تيز هوندا هئا. جهيڙي ۾ هن وهٽ کي هٽڪڻ جي هير ڪانہ هوندي هئي، جڏهن هي ماڻهو هيٺ لهي ڌاڙا هڻندا هئا تہ اهو ضروري هوندو هو تہ گهوڙائون وهٽ هٽڪار نہ ڪري گهوڙن ۾ اهڙي خوبي نهايت اهم سمجهي ويندي هئي جيڪا ڊوڙي نڪري ويڃڻ کان بہ وڌيڪ سني هئي. هن ڳالهہ ڪري مرين جون گهوڙيون ڏاڍيون پليون هيون. هي مشهور بلوچ چواڻي آهي تہ گهوڙيءَ تي هنوجڻ گهوڙي تي هنو هوندو آهي پر گهوڙي تي رکيل هنو سوار جي مٿي تي رکيل هوندو آهي.(4) اهي گهوڙيون نبل ڏبريون، نہ ڏسڻ جهڙيون، جسم جا وار وڏا جن تي ڪرڪرو بہ گهايل ڪونہ هوندو آهي. گهمائڻ يا پنڌ سيکارڻ مهل بہ انهن ڏانهن ڪنهن بہ قسم جو ڌيان ڪونہ ڏنو ويندو آهي. پر پوءِ بہ انهن جون اکيون، نڪ ۽ چمڙيءَ جا وار ٻڌائيندا آهن تہ جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ جهڙيون آهن. ۽ سندن رڳن ۾ ڪنهن اوچي نسل جو رت ڊوڙي رهيو آهي. اهي گهوڙيون مالڪ سان ڏاڍيون وفادار ۽ بهادر ٿينديون آهن.

عقل بہ تمام گهڻو ٿيندو اٿن. ڏکن ڏولاون سهڻ جو ڏپُ بہ ڏاڍو اٿس. عرب هن قسم جي وهٽ لاءِ گهڻيون ڳالهيون ڪندا آهن پر ڏک جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ هڪ رسي کي ان جي واڳ طور ڪم آندو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪٽي موتي بہ مڙهيل آهن پر گهوڙي جي شان وٽان ڪونہ هوندو آهي. ٻي ڳالهہ اها بہ هوندي آهي تہ زين بدران ڪاٺ جو هنو رکيو ويندو آهي، جيڪو پڻ هن جانور جي عزت وٽان ڪونہ هوندو آهي سو هنو جڻ گهوڙيءَ جي سزا آهي. جيڪڏهن يوربي ماڻهو هني تي ويهي سفر ڪندو تہ ٻن ٽن ميلن جي سفر کان پوءِ ڪيس محسوس ٿيندو تہ گهوڙيءَ کي تڪليف پهچي

تي ۽ پاڻ بہ پرجي پوندو. باقي گھوڙيءَ جو مالڪ پنجاھہ سٺ ستر ميل سفر ڪري ويندو آهي پر ڪيس ڪنهن بہ قسم جي تڪليف ڪانہ ٿيندي آهي. پلي نتهڻ اس هجي ۽ ڪيس رستي ۾ ڪٿي پاڻي جو ڦڙو بہ نہ ملي. پر محسوس ائين پيو ٿيندو آهي تہ اها صبح جو سفر ڪري رهي آهي. سنڌ پنڌ گهٽو ڪري هيٺيون رڪو يا نہ پر پنڌ پنڌ هوندو آهي، جنهن سان هي گهوڙي ٿڪجڻ واري ڪانہ هوندي آهي. جابلو لاهين ۽ چاڙهين تان پڪرين وانگي لهندي ۽ چڙهندي آهي جڻ ڪو اهو سئون پٽ هجي، سنڌ ۾ عرب جي گهوڙين جو رت موجود آهي. بلوچ اهڙين گهوڙين جي مالڪ هجڻ تي فخر محسوس ڪندا آهن پر اهي گهوڙيون روالا بدوين Ruwala Bedawin وانگر هڪ ڪان وڏيڪ مالڪ جي ملڪيت هونديون آهن.

مان هنن گهوڙين جي هرو ڀرو تعريف ڪري رهيو آهيان پر هن سان گڏ مان پنهنجي ناچيز خيالن جو هن ريت اظهار ڪري رهيو آهيان تہ سائين جان بل! انهن گهوڙين ۾ ڪي اوڻايون بہ آهن پر اهڙين اوڻاين مان خطرو گهٽ آهي ليڪن انهن گهوڙين ڪي پنڌ سيڪارڻ مهل جڻ ڪنهن ڪلي ۾ ٻڌي لڙڪائٽو پوندو آهي پر بعد ۾ جيڪا بہ شيءَ سندن رستي ۾ ايندي آهي ان ڪي جهپي ڪٽي وينديون آهن. سائين جان بل! توهان جي گهر واريءَ ۽ ڌيءَ گڏجي گهوڙيسواري ڪنديون هونديون. انهن پنهنجي لڄ ۽ شرم ڪان انگرڪا بہ ڏگها پاتا هوندا. تنهن ڪري انهن جي خلاف ڳالهائڻ معزز شخصيتن خلاف ڳالهائڻ برابر هوندو. پر اوهان جي پوٽي جڏهن وڏي ٿيندي تہ ڪيس احساس ٿيندو تہ شلوار ۽ چولو پائڻ ڪيڏو سٺو آهي. پر پوءِ بہ هوءَ اهڙو لباس پائي جيڪو سندس فطرت جي چوند مطابق آهي. ليڊي اسٽئن هوپ Stan Hope بہ هڪ تجربو ڪري ڏٺو هو جنهن ۾ هوءَ ڪامياب بہ وئي هئي ليڪن مون ڪي اڪين ڏٺي هڪ شاهد ٻڌايو تہ هن جو بہ لانگڙيو تي گهوڙي تي سوار ٿيڻ ئي ڏاڍو خوبصورت محسوس ٿي رهيو هو سندس لباس ڏانهن تہ ڪنهن جو ڌيان ئي ڪونہ ويو هو. اچرج جي ڳالهہ اها بہ هوندي آهي تہ جڏهن ڪنهن ڪي هيءَ ڳالهہ ياد ايندي آهي تہ يورپ ۾ گهوڙيسواري وقت اها اڻ ترڻ لڱل هوندي آهي تہ ڪيس اهڙو لباس پاتل هجي جيڪو ڪيس نهندو هجي. تنهن ڪري هوءَ عورتاڻي ٿوپلي بدران مرداڻو ٿوپلو پائيندي آهي ۽ مردن وارو ڪاروت Carvat ڍڪيندي ۽ جسم جي مٿئين حصي ڪي شيل- جئڪيٽ Shell_Jacket سان ڍڪيندي ۽ ڳچيءَ وٽان هيڙا بہ ڏئي چڏيندي آهي.

اهو ڏسي نرسون ۽ ٻيون ڪنواريون ڇوڪريون اهڙيون ڳالهيون ڏسي عشق جي يادگيرين ۾ گم ٿي وينديون آهن جيڪي جڻ ڪنڊن جي سيج وانگي هونديون آهن. ڳالهائي ڳالهائي منهنجو ڪاڪڙو سُڪي ويو آهي پر تنهنجون اکيون انهن ڪارن تنبن ۾! اهي ڪارن تنبن وارن ماڻهن جو اسان کي ڏسي ساهه سڪي ڪونه ويو آهي. هنن جا مرد ماڻهو ته اهو سوچي رهيا آهن ته جيڪر هو اچي اسان سان گڏجي ويهي رهاڻيون ڪن. منهنجي وندر ته ان سڪل ۽ ٺوڪل جسم واري پٽ وٽ آهي جنهن جي قاتل ڪپڙن کي سُئيءَ جو سيبو ڏئي ڳنڍ ٽوپ ڪانه ڪئي ويندي آهي پر قاتل پلوَن کي ڳنڍ ڏئي هڪ ٻئي کي سوگهو ڪيو ويندو آهي، جڻ ٻُڪ جي لاش کي ڍير تان لڏل ڪپڙا پاتا ويا آهن. نشن ۾ الهوٽ آهي. جن Jin شراب کي پاڻيءَ جيان ڏوگهي ويو آهي. سمجهان ٿو ته اهو شراب کيس اسان جي افغان نوڪرن ڏنو آهي. کيس سِتار آهي. سڪل ڊميءَ ۽ ڪاٺ جي ڳن ۾ پتل جون ٿي تارون آهن اهو ٿي سندس سُر جو ساز آهي جنهن مان آواز ائين نڪرندو آهي جيئنءَ ڪکر ۾ ڪڙو هٽي ڇيڙايل ڏينيوءَ جي پرن جو آواز. هي جابلو جوءِ جي ماڻهوءَ جو ساز تنبورو آهي. هنن جابلو ماڻهن جي ٻولي ٻروچڪي آهي جيڪا جڻ بگڙيل فارسي آهي. سکڻ ۾ ڏاڍي، سولي. اسم گهٽا اٿس. لفظ به سادا سولا ۽ مختصر. گرامر به اسان جي ٻولي انگريزي کان ته سولو اٿس. پر هن ٻوليءَ ۾ لکيل ادب ڪونه آهي. پر اهو زمانو گهڻو پري ڪونه آهي جو هن نسل جا ماڻهو سياسي طور سجاڳ ٿيندا ۽ ڪي جوان هن کوٽ ڏانهن به ڌيان ڏيندا. اسان گذريل چاليهن سالن جي ٻولي ٻڌندا پيا اچون ۽ هن ٻوليءَ جي شاعري به ٻڌي آهي. معلوم ٿي رهيو آهي ته هن ٻوليءَ جا به ماهر ٿوري ڪوشش سان هڪ ڊڪشنري ۽ گرامر به جوڙي سگهن ٿا. مان سمجهان ٿو ته هن پٽ جي سِتار جي تار تنوار سوز ۽ گداز کان خالي ڪانه آهي. هن پٽ جي راڳ ۾ راز ۽ رموز ته آهي پر قافئي ڏانهن ڌيان گهٽ ڏنو ويو آهي يا ائين ڪٿي ڇئجي ته هن راڳ ۾ شاعرانه انداز ڪونه آهي. پر هڪ نثر آهي جنهن کي راڳ جي صورت ۾ ڳايو وڄايو ويو آهي، ٻهرين ڳالهه ته هن قسم جو راڳ عقيدن جو اظهار هوندو آهي. مشرقي شاعري ۾ اها هڪ ضروري صنف آهي. ٻڍڙ وارا ماڻهو به هن صنف کي وڌيڪ پسند ڪندا آهن. اهو هنن لاءِ ٻهريون سبق هوندو آهي پر ان ۾ سبق واري ڪابه خوبي خاصيت ڪانه هوندي آهي، ان جي اصل حقيقت اها آهي ته الله تعاليٰ ٿي الله تعاليٰ آهي ان جو اندروني

راز هيٺ بيان ڪجي ٿو. جيڪو اڳوڻي سب آلترن Sub altern مون کي هن ريت ٻڌايو هو. باري Bari ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام جو قصو.

"اي بلوچ جي اولاد هيڏانهن ڪن ڏيو مان اوهان کي هڪ سچي ڳالهه ٻڌايان ٿو. حضرت عيسيٰ عليه السلام الله تعاليٰ جو پيغمبر هو. هو فقير بڻجي هن دنيا جو سفر ڪرڻ لڳو. هن جي ڪمال ۾ زوال کي ڏسڻ لڳو هو. هڪ ڏينهن هو هڪڙي بيابان ۾ پهتو جتي نه درياهه نه وري ڪاريز هئي نه ساوا گاهه هئا نه پوکي راهي هئي. چوڌاري خشڪ جبل موجود هئا. چوڌس واري ۾ پٿر پکڙيل هئا. پر اتي هڪ سُڪل وڻ جو ٽُنڍ هو جيڪو اٽڪل پُرهه کن اوچو هو جنهن سان باري فقير ٽيڪ ڏيون ويٺو هو. ان کي فقيراڻا ڪپڙا پاتل هئا (5) هو رب تعاليٰ جي (6) وجود تي سوچي ويچاري رهيو هو. حضرت عيسيٰ گهڙي کن لاءِ اتي بيٺو رهيو ۽ هن فقير جي اهڙي سوچ تي فڪر ڪندو رهيو. ان کان پوءِ هن اڳتي وڌي فقير جي ڪلهي کان وٺي لوڏيو ۽ڪانئس پڇيائين ته تون هتي زندهه ڪيئنءَ رهندو آهين؟ هن رڻ پٽ ۾ تون ڇا ڪائيندو آهين. جتي پوک جو سلو به نظر نٿو اچي. هتي تون ڇا پيئندو آهين. جتي پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به ڪونه آهي. اهو ٻڌي باريءَ ڪنڌ مٿي ڪنيو. هي ويچارو اکين کان وڏو هو. هو سدائين گوڏا ہيٺا ڪري سوچيندو هو. تنهن ڪري سندس گوڏا سُڪي پيا هئا. هو سدائين بک تي هوندو هو. تنهن ڪري سندس چمڙي هن جي هڏن ۾ پيهي وئي هئي.

سندس جسم ۾ دل ائين هئي جيئن ٻج جي اندر زندگي هوندي آهي. جڻ اها هڪ ناس تيل گهر ۾ رهندي آهي (7) هن سندس پڇيل سوال تي ٿورو غور ڪيو. پوءِ جواب ۾ روئڻ ۽ واويلا (8) ڪرڻ لڳو چو ته انسان جو خالق ۾ ڪو ويساهه ڪونه رهيو آهي. ڪيس چيائين ته گهڙي کن منهنجي پر ۾ ويهه ته مان توکي الله تعاليٰ جي طاقت ڏيکاريان. ڏسندي ئي اهو باکڙ جوورڻ ڏار. تاريون ۾ لامون ڪيدي سائو تي ويو ۽ ڇانوَ ڪري ويهي رهيو. صبح جي نماز وقت ان وڻ اسرڻ شروع ڪيو هو ۽ اک ڇنڀ ۾ وڏو وڻ تي ويو. منجهند تائي اهو ٻير جهلي ويهي رهيو. شام تائين اهي ٻاڙها گٽول تي ويا ۽ سندن رنگ انهن ڪارڪن جهڙو تي ويو جيڪي پچي ڪجيءَ مان هيٺ ڪري پونديون آهن. اهڙي ريت اهي سچ لٿي کان اڳ پچي صفا راس تي ويا ۽ هر تاري ۾ لام وانگي چڳن جي صورت ۾ لڏڻ لڳا. اهي اهڙا تڏا هئا جهڙو چشمن جو پاڻي تڏو هوندو آهي. اهڙا منا هئا جهڙي بهشت جي کنڊ (9) هوندي آهي. جيڪا نقط هڪ پيغمبر ۽ شهيدن جي کائڻ لائق هوندي آهي.

ان کان پوءِ باريءَ عيسيٰ کي چيو تہ ڏنئہ الله تعاليٰ جي طاقت، تہ هو پنهنجن نيڪ بندن کي بريٽ ۾ ڪھڙيءَ ريت روزي بخشي ٿو. ڪيئن هڪ وڻ جي هڪ سڪل ٽُنڊ مان سائو وڻ بڻائي ٿو سگهي. هنن ڏنگن ڦِڏن ڏونگرن جي وچان پاٽي بہ وهائي سگهي ٿو. دنيا جي هر شيءِ سيني جي مالڪ جي حڪم جي تابع آهي. هڪ انسان آهي جنهن جي دل ۾ شڪ آهي پر پڪ ڪانہ آهي. اهو ساڳيو شڪ هن جي دل ۾ بہ پيدا ٿيو هو. ڪڏهن اهڙو شڪ منهنجي دل ۾ بہ پيدا ٿيو هو. اها آهي درويش (10) جي ڳالهہ. سو شريف انسانؤ! منهنجو راڳ هتي ختم ٿئي ٿو“.

هيٺ ڪجهہ ستون ڏنيون ويون آهن جيڪي هتان جي جابلو ماڻهن کي زندگي بابت وڏيڪ متاثر ڪنديون آهن جيڪو ٻين بلوچ قبيلن جو سردار آهي جڏهن تہ هن جي پيٽ ۾ ٻيا بلوچ قبيلا ڪجهہ بہ ڪونہ آهن، سندس پيٽيوي ان ڪري رند جو ڏنل ڪنوار کي ڏاج بہ قبول ڪونہ ڪيو جيڪا سندس سڳي پيڻ هئي. ڇا اسان جابلو ماڻهن جي طرز زندگي ايڏي فلسفيانا آهي؟ سائين بل! اوهان کي سندن اهڙي شاعري جا ڪجهہ مثال پيش ڪري رهيو آهيان.

ڪِڏِ، گبول، گاڏهي ۽ پاشولو تالپر ۽ ڏاڙيل مري (11) اهي بلوچ قبيلا چاڪر رندن کان سواءِ ڪجهہ ڪونہ آهن. چاڪر پنهنجي پيڻ بنادي هاڏيہ نالي هڪ ماڻهوءَ کي ڏني جيڪو بلوچن جي هڪ قبيلي مان هو. هن پنهنجي پيڻ کي ڏاج ڏنو جيڪو سندس پيٽيوي قبول ڪونہ ڪيو هو پر اهي غلام سنا ماڻهو نہ هئا.“

هي هڪ عشق جو قصو هو جيڪو پڇاڻي تي پهتو جنهن ۾ هيرو پنهنجي محبوبا کي طاقت جي زور تي کڻي وڃي ٿو ۽ جيڪو بہ سندس سامهون اچي ٿو سو سر ڌڙ کان ڌار ڪندو ٿو وڃي ۽ پنهنجي سهڻي محبوبہ کي سيني سان لاهيون زوري کڻي وڃي ٿو ۽ انهن کٹڻ جهڙين شين کي ونڻ کان انڪار ڪري ٿو جيڪي سندس محبوبہ کي پيڪن ڏنيون آهن پر پٽ هن قصي کي پنهنجي طريقي سان ڳايو آهي جيڪو ٻڌندڙ جي دل تي هڪ تاثر پيدا ڪري ٿو. هن پنهنجي طرفان بہ ڪن نقطن جي چونڊ ڪئي آهي. سو ٻڌو سائين جان بل صاحب!

”اي الله تعاليٰ منهنجي جيپ کي سچ چوڻ جي سگهہ ڏي، پنهنجو پيار ڪبوتر ۽ ڊيل آهي هلڻ ۾. پيري (13) جي شڪل ۾ هڪ سفيد ڪڪري اهي سندس گهنڊيدار وار ڪنهن ول وانگي وڪريل آهن. هن لاءِ منهنجو

ڳيجهو عشق آهي ۽ دل باھ ۾ پچري رهي آهي، اها ائين آهي جڻ گورو ڏاچيءَ کان الڳ ٿي ويو هجي. جيئڻ منهنجي لاءِ ڄڻ ٻِهڙ ٿي ويو تہ هڪ جهونڙو پٽ آيو جنهن کي سرندو هٿ ۾ هو جنهن منهنجي لاءِ منهنجي محبوب وٽان پيار جي نشاني آندي، تڏهن منهنجي سُڪل دل ائين ڦوھ ڏئي ڦاٽي پئي جيئن چيٽ جي رُت ۾ وڻ مان گوُنچ نڪرندا آهن. دل ائين خوشي وچان کلڻ لڳي جيئن باک ڦٽي منهنجي نرڙ تي جهرڪندي آهي.

اورانهون اچ اي آهنڊ بلوچ، منهنجا ساٿي! تون تہ ماهر چور آهين، ان ڪري تنهنجي هنڌين ماڳين هاڪ آهي.

تون پنهنجي قيمتي تلوار کڻ ۽ نيزا کڻ. اوهان پنهنجي گهوڙن جو اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون کوليو. جڏهن اوهان انهن جي وات کي نکتا ۽ لغام چاڙهيندا تہ اهي کستيون گهوڙيون پستيون هٽنديون دڙها هٽنديون ۽ چيٽون ڪنديون، کين ائين ڪرڻ ڏيو پوءِ تنگ تاڻي هنن کي سڪ ڪريو ۽ رڪيبن ۾ پير رکي لانگ واريو جنهن جي دوالن تي نازڪ ۽ نفيس ڪم ٿيل آهي. اهڙي تيز رفتاري اختيار ڪريو جهڙي چِتو بگهڙ شڪار تي ست هٽڻ وقت اختيار ڪندو آهي، پوءِ رات جي وڳڙي ۾ هيٺاهين علائقي (سنڌ) ڏانهن وڌو اتان جي ماڻهن تي ان وقت حملو ڪريو جڏهن اهي ننڊ ۾ ستل هجن. مان بہ پنهنجي ان گهوڙي تي سوار ٿيان ٿو جنهن جا ڪن نڙ جهڙا سنهڙا آهن، مان رات جي وڳڙي ۾ بهادري سان اڳتي وڌان ٿو. پرھ ڦٽيءَ کان ٿورو اڳ پيرواھ جي ڪڙ سان آباد ڳوٺ "راج" (14) تي زوردار حملو ڪريان ٿو جتي سهڻيون عورتون رهنديون آهن، شهر بہ سڪيو ستابو آهي. اهي سهڻيون عورتون چنن ۽ پيهن ۾ رهنديون آهن. مان انهن چنن مان هڪ جو در کوليان ٿو ۽ فقيراڻو ڪمبل ويڙهي هوريان هوريان سرڪي وڃان ٿو منهنجي دل پنهنجي محبوب کي ڏسي گل وانگي ٽڙي ۽ چنڊ وانگي ڪڙي پئي جيڪا ستي پئي هئي ۽ ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي هئي. مهينن جي وڇوڙي جا ڏک دل مان نڪري ويا. محبوبہ چيو "مان امڙ کي ڇڏي ڪانہ ٿي سگهان. انهيءَ ڪُريت ڪري پيءُ بہ پٽيندو رهندو. اهو ڏسي منهنجي اکين مان وڏ ڦڙو وسڻ لڳو پر هن جي دل بلوچن جي جبلن کان بہ پڪي هئي، پوءِ مان هن جي خوبصورت جسم کي ٻانهن ۾ جهلي کنيو ۽ پٽڪي جي طري سان سندس وات کي بند ڪيو. اها ائين ڦٿڪي رهي هئي ڄڻ ننڍڙي ڇيلي ڇيتي جي وات ۾ ڦٿڪندي هجي.

ٿوري وقت کان پوءِ هن پنهنجو مٿو منهنجي ڪلهن سان ٽيڪي
چڙيو گهڙي کن کان پوءِ تلوارن جا ويڙهاڪ اچي ويا. جن ۾ گلزار سبحالو ۽
بهرام جهڙا بهادر (15) به هئا. هنن سان گڏ به سئو ماڻهو جيڪي تيرن
ڪمانن ۽ ڏڦن سان هٿياربند هئا، اسان فقط سٺ ڄڻا هئاسون، جيڪي
نالي را چور هئاسون، هنن چورن جي سنڌ ۾ هاڪ ۽ ڌاڪ هئي. اسان آرام
سان گهوڙن تي سوار ٿياسون ۽ انهن جون واڳون وطن ڏانهن واريوسون ۽ نعرو
هنيوسون "الله." (16)

اسان واهر مٿان ڏڦن سان حملو ڪيو. تلوارن سان ڪين قتل ڪندا
اڳتي وڌندا رهياسون. هنن جي منهن ۽ ڄياڙين کي گهائيندا وياسون جن کي
بچاءَ لاءِ ڍالون هٿن ۾ هيون. هنن مان ڪجهه مري ويا ۽ ڪن پڄي جان
بچائي. اسان جون ڪميت گهوڙيون لڪن مان ڦرڙاٽن جهڙو آواز ڪنديون
تيزي سان هلنديون رهيون، پوءِ اسان پنهنجي وهٽن کي وڏيڪ تيز ڪيو.
رستي ۾ جيڪي انن جا وڳ ۽ ٻڪرين جا ڌڻ نظر آيا تن کي به ڪٽي اڳ ۾
ڪيوسون. ان رات مينهن ڪونه وسيو ۽ تارا محبوبن جي اکين وانگي
ٽمڪي رهيا هئا. چانڊوڪي جابلو پيچرن کي جهڪائي رهي هئي. اسان
مان ڪنهن جو به وار ونگو ڪونه ٿيو ۽ ڊاٻي ڪرڻ تائين آرام سان آياسون.
هتان جي ماڻهن اسان کي ڏسي خوشيءَ وچان دهل وڄائڻ شروع ڪيا.

اسان هن ڌاڙي جي خوشيءَ ۾ تير ڇوڙيا. منهنجي ڪنوار پين تي
ڪاوڙيل پر مون سان ڏاڍي خوش هئي. منهنجي محبوبه پنهنجي ماءُ ۽
جيڏين سرتين کي وساري ڇڏيو هو. هوءَ پنهنجي ننڍڙي ٻار سان خوش آهي
جيڪو سندس ڪڇ تي هوندو آهي.

اهو پٽ جو قصو آهي اي شريف انسانو جيڪو پورو ٿيو."

رهاڻ پڄاڻيءَ تي پهتي ته اسان ٻاڙهي سوٽي شال ان پٽ جي ڳچيءَ
سان ويڙهي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو ته هو هڪ سنو پٽ آهي بعد ۾
ڪچهريءَ ۾ وينل سڀ ماڻهو به اٿي ويا، جيڪي پنهنجين زالن ۽ ٻارن سان
اچي هن رهاڻ ۾ شريڪ ٿيا هئا. اسان هن محفل ۾ شريڪ ٿيندڙ هنن ماڻهن
کي ننڍيون وڏيون سوکڙيون ڏنيون هيون، انهيءَ مقصد سان ته جيئن هن
ڪچهري ۾ رهاڻ کي گهڻي وقت تائين ياد رکيو وڃي.

جان بل! توهان هاڻي ڪنهن به قسم جو اڊڪو ڪونه ڪريو. هنن
ماڻهن اسان جو نمڪ کاڌو آهي، تنهن ڪري هو ڪڏهن به اسان کي ڌوڪو
ڪونه ڏيندا. عربن جي به ساڳي سوچ آهي جيڪي جنهن جو به نمڪ
کائيندا تنهن سان ڪڏهن به دغا بازي ڪانه ڪندا آهن.

باب پنجويهون

# لڪي ۾ اتان جا جن پوت، سيوهڻ ۾ پينو فقير، سڪندر جي فوجي ڇانوڻي

سائين جان بل! خدا نہ ٿو پلائي تہ اوهان ڏکويل سنڌو ماتري جا ڏک ۾ ڏڇا ڏسي پاڻ بہ ڏکجي پيا هوندا. پر سهٽي من مهٽي ۾ سڪي ستابي سنڌ ڏسڻ لاءِ اڃان بہ هِتي موجود آهيو. اها سنڌ جڙڻ سنڌيا فليڪس Sindhia Felix آهي، جنهن کي ڏسي اوهان جي هيانءَ جو پوسٽ لوڻ پاڻي ٿي ويندو.

انڙ پور کان آمري تائين ٽي منزلون (1) آهن. تنهن ڪري اوهان کي انهن ماڳن جي ڏائري ۾ وچور ڏيڻ جي ضرورت ڪانہ پوندي.

آمري هڪ وڏو ڳوٺ آهي جنهن جا گهر ڪامن ۾ پٽين وسيلي ڇتيل آهن. ڇتيون بہ ڇنن وانگي ڪنڊي واريون نہ پر سڌيءَ سنوت واريون آهن. هن ماڳ وٽ سنڌو درياهہ جي ويڪر 400 گز ٿي وڃي ٿي ۾ کيس هتي وڏو وڪڙ بہ آهي. هن ڳوٺ جي اُتر پاسي ۾ سنڌوءَ جي ساڄي ڪنار سان هڪ وڏو دڙو آهي. هيءَ هڪ قديم ماڳ آهي، جنهن جي اڄ تائين کوٽائي ٿي ڪانہ سگهي آهي. پرسان درياهہ ڪجهہ سوڙهو آهي، جنهن لاءِ سمجهيو ويندو آهي تہ اتان سڪندر سندس ۾ مقدوني فوج اڪري سنڌوءَ جي ڀي ڪنار سان سفر ڪيو هو پر ائين سمجهڻ غلط آهي. اتان کان ٿورو اڳيرو لڪي نالي وارو ننڍو لڪ ۾ لڪيءَ نالي واري هڪ ٽڪري بہ موجود آهي. تنبوءَ کان جابلو سلسلو ايترو اوڏو ڏسبو جو سمجهبو تہ ڇٽ اچلائبي تہ وڃي اتي پڄندي پر اهو سلسلو ڪُتا ٽي ميل پري آهي. هن جوءِ ۾ اڇو دريائي لٽ پکڙيل ڏسبو جتي لَون جا ننڍا وڏا وڻ نظر ايندا، جن جي لڳڻ مٿان اڇي ڌوڙ ڇنبڙيل هوندي آهي. اهي سنڌوءَ جي چاڙهہ جا اهڃاڻ آهن. ڏکڻ ۾ اوير وارين ٽڪرين جي ترين تائين لٽ جا اڇا نشان موجود آهن. سطح زمين کان

هنن ٽڪرين جي اوچائي 1200 فوٽ ٽيئنديءَ ۾ تعداد ٽي هزار کن هوندو. هنن جوءِ ۾ ڪانڊيرن جي ساوڪ لڳي پئي هوندي آهي. هن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ جواسا به چيو ويندو آهي، جنهن کي اٺ ڏاڍي شوق سان کائيندو آهي. ساري جوءِ ۾ هن جواسي ٻوٽي جي سڳنڌ پکڙيل هوندي آهي. پر وارين ٽڪرين جون چوٽيون ڏاڍيون خوبصورت آهن. هيٺ گهارا ڏسڻ ۾ ايندا جن جا پاسا وڏا ۽ ايڪپرا آهن. هنن جا لهوارا پاسا به ويڪرا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان کان پوءِ هڪ ميداني علائقو شروع ٿي وڃي ٿو. هي جابلو علائقو سنڌو کي اولهه پاسي ڏانهن سرڪڻ کان هڪ مضبوط پٽ آهي، جنهن کي وڏيڪ سگهاري ڪرڻ لاءِ قدرت پشتا به ڏئي ڇڏيا آهن. اسان جڏهن هنن ٽڪرين جي دامن ۾ پهتاسون، ته اتي اسان کي زمين جو هڪ اهڙو ته ڏسڻ ۾ آيو جيڪو ان اک کي بلڪل نرالو لڳندو جنهن جو جيالاجي سان ڪو واسطو ڪونه هوندو آهي. هتي پٿرين جو هڪ سلسلو ڏسڻ ۾ آيو جنهن ۾ پٿريون هڪ ٻئي سان مليل ۽ گڏيل ڏسڻ ۾ آيون، ڪن جون ڪنڊون گوني ڪنڊ کان ننڍيون ته ڪن جون ڪنڊون گونيءَ ڪنڊ کان وڏيون هيون. معلوم ائين ٿي رهيو هو ته ڌرتي کي هڪ وڏي جهٽڪي بعد مادو مٿي اڏامي وري اچي هيٺ ڪريو آهي ۽ پڄي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو آهي، جيڪو ڏسڻ لاءِ اسان جي آڏو موجود آهي. ڌرتيءَ جو لوڏو ۽ ڏوڏو انسان لاءِ هڪ چتاءُ هو.

اسان هاڻي لڪيءَ تي هڪ اهم ۽ پرڪشش جڳهه ڏسنداسون. ان لاءِ اسان جيڪڏهن ڪي ڏک ڏولاوا به ڏسون پيا ته پرواهه نه آهي. اسان جو رستو هڪ گهاري وچان ٿي گذري رهيو آهي، جيڪو گهڻو پري نظر اچي رهيو آهي. هي رستو وچ جبل ۾ پهچي گهٽن راهن ۾ ورهائجي ويندو آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان ٽڪريون موجود آهن، جيڪي خشڪ ۽ ٻي ڊپيون لڳن ٿيون پر انهن جي پس منظر ۾ نيرو آسمان ڏسجي ٿو جيترو اسان لڪيءَ جي ويجهو ايندا ويندا سون ته هوريان هوريان اتان منظرن کان متاثر ٿيندا وينداسون.

هڪ جڳهه تي پهچي اسان کي گهوڙن تان لهڻو پوندو ڇاڪاڻ ته اسان جي چاري ۾ وڏا وڏا پٿر موجود آهن جيڪي مينهن جي پاڻي جي تيز وهڪري سبب پر وارين ٽڪرين جي چوٽين تان ڪسڪندا اچي هتي پهتا آهن. اوهان منهن ۾ گهڻ وجهي ائين ڏسي رهيا آهيو جڻ هنن پٿرن کي مان هن مقصد سان هيٺ ڪيرايو آهي ته جيئن اسان کي ٿابڙائي ڪيري چيلهه چٻي ڪري ڇڏين. اوهان ڏسندا ته هي ماٿري سوڙهي آهي، جيڪا اڊائي سو

فوت کن ويڪري ٿيندي. پاسا ايڪپرا اٿس. ايتري قدر جو لهندڙ سج جي روشني بہ ان جي گهري تري ۾ پهچي ڪانہ ٿي سگهي. توڙي جو هن جي پوئين پهر جي ڳاڙهي روشني پر وارين ٽڪرين جي چوٽين تي چمڪي رهي آهي. هن گهاري جي اونداهي تري کان پاڻيءَ جو هڪ ننڍو وهڪرو وهي رهيو آهي، جيڪو گرم ۽ رنگ ۾ ڪارسرو آهي. تنهن ڪري هتان جي فضا ڪجهہ اڻ وڻندڙ آهي ۽ آبي بخارن جي ڪني باس بہ محسوس ٿي رهي آهي. هي ننڍڙو وهڪرو اڳتي وڃي هڪ جڳهہ تي چوڙ ڪري ٿو جتي اسان کي چن جا ڍير ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن مٿان اڇاڻ جا تهہ چڙهيل آهن. اسان هن وهڪري جي منڍ وٽ اچي پهتا آهيون، هن کان اڳ اسان کي پاڻي ڪرڻ جو فقط شور ٻڌجي رهيو هو. هاڻي اهو گجگوڙ وانگي ٻڌڻ ۾ اچي ٿو جنهن جي چوڌاري پڙاڏو ڇانيل آهي. پاڻي ڦوهاري جي صورت ۾ هيٺ ڪري رهيو آهي.

چيو ويندو آهي تہ هي هندن جو هڪ تيرٿ آهي، جنهن کي ”ڏارا تيرٿ“ سڏيو ويندو آهي. هتان جي مختلف نظارن بابت ماڻهن جون ڏار ڏند ڪٿائون آهن، ڪن ماڻهن جو خيال هي تہ هتي جڏهن برهما ديوتا جي پوڄا جو زور هو تہ هتي سنياسي جوڳي آتم هتيا ڪندا هئا ۽ پنهنجو پاڻ کي مارڻ ۾ وڏو ثواب سمجهندا هئا. آتم هتيا ڪندڙ ماڻهو اوهل ديوتا کان پڇا ڪندا هئا تہ سندن دنيا کي تياڳڻ جو وقت اچي ويو آهي يا نہ؟ ان ديوتا جي اهڙي مرضي معلوم ڪرڻ لاءِ ماڻهو هن جهرڻي جي منهن وٽ اچي ان ٽڪريءَ تي مٿي چڙهي ويندا هئا، جنهن ۾ هي جهرڻو نڪري نروار ٿيندو هو. مٿي پهچي وضو ساري عبادت جي ڌيان گيان ۾ شروع ٿي ويندا هئا. اهڙا پوڄاري ساري رات انهيءَ ٽڪريءَ تي عبادت ڪندي گذاريندا هئا، جيڪڏهن ڪو پوڄاري موت کان ڊڄي ويو ۽ ان فڪر ۾ کيس ننڊ نہ آئي تہ سمجهيو ويندو هو تہ ديوتا جي مرضي ڪانہ آهي پر جيڪڏهن عبادت ڪرڻ وارو ماڻهو دلي سڪون سان صبح تائين ننڊ ڪندو رهيو ۽ دل ۾ کيس موت جو ڪو خوف نہ ٿيو تہ تصور ڪيو ويندو هو تہ ديوتا ان ماڻهوءَ لاءِ آتم هتيا چاهي ٿو ان کان پوءِ صبح جو سويل ان ماڻهوءَ کي مايا ۽ موهہ واري هن جڳ مان مڪتي ملي ويندي هئي ۽ سندس آتما وڃي اصل وجود سان ملندي هئي، جنهن کان هو ڪڏهن بہ جدا ڪونہ ٿيو هو. چيو ويندو آهي تہ جان جي قرباني ڏيندڙ ان ماڻهو جي عقيدت جي سچائي جو امتحان ورتو ويندو هو. جهرڻي واري ڪاري ٽڪريءَ جي پاسي هڪ اونداهو غار آهي

جنهن ۾ ان سنياسي جوڳيءَ کي ترسڻو پوندو هو. جيڪڏهن ان ماڻهوءَ کي غار اندر سُهڻا من مُهڻا نظارا نظر آيا تہ سمجهيو ويندو هو تہ ديوتا هن ماڻهوءَ جي قربانيءَ کي قبول ڪري ورتو آهي ۽ سندس اهڙو موت مقدر تي ويو آهي. اهو ماڻهو هن قسم جي خطرناڪ موت کي ڏاڍو سولو سمجهندو آهي. چڻ هو ڪنهن بي انتها سهڻي عورت جو عاشق هجي ۽ ان لاءِ مري جان ڏئي رهيو آهي پر جيڪڏهن تقدير پنهنجي طاقت ڏيکاريندي آهي تہ ٽڪر جي چوٽيءَ تان مٿان گندرف واري پاڻي ۾ ٽپ ڏيندڙ ماڻهو چشمي جي پاسي واريـن ديـوارن سـان لڳـڻ کـان بـچي ويندو آهي ۽ مرڻ کان محفوظ رهي ويندو آهي.

سائين جان بل! اوهان کي اها ڄاڻ ضرور هوندي تہ "نيرو" کي اهڙي قسم جا سنان خانہ هوندا هئا جن ۾ اڳئين دور واريون سڀ قديم روايتون موجود هونديون هيون. ميان ڪَکُ پوڙها لڪيءَ جا هي چشما ڏسي مُون تي شاعريءَ جو ڀوت سوار تي ويو ۽ دوري پوڻ واري ڪيفيت طاري تي وئي آهي، جيستائين لڪيءَ جي چشمن تي منهنجو هي نظم پورو ٿئي اُن وقت تائين ڪيڏانهن هليو وڃجانءِ.

"اهي جاهہ و جلال ۽ شان شوڪت سان بيٺل نظر اچن ٿا، قديم ڌرتيءَ جا پراچين وجود. هيناهينءَ ماٿريءَ تي اوچين چوٽين وارا سندم يادگيرين ۾ هنن جو جنم محفوظ آهي، پنهنجي پٿرن جي پيرن تي چوڏس پکڙيل آهن. پاڻي ۽ جبل جي ملڻ واري جڳهہ وٽ لڪ موجود آهي. هنن جا مٿا سفيد ۽ نراڙ ڪارا آهن. پاسن مان ڪاريون سنهڙيون چوٽيون آهن، جتي قدامت جا خاص نشان موجود آهن، هِڪ مستقل تباهڪاريا هِتي متڪبر، ظالم ۽ شدت پسند شهنشاهہ بہ موجود هئا. جن جي آڏو سوين قومون سر جهڪايون بيٺيون هيون.

اوچي ٽڪريءَ تي هڪ گهرو اونداهون غار آهي جنهن جي ڪري جن پوتن جهڙيون خوفناڪ ٽڪريون هڪ ٻئي کان الڳ تي ويون آهن، جيڪي ٻين ٽڪرين کان وڏيون آهن. هتي هڪ ٽڪري جي چِڪ ٻاهر نڪتل آهي، جنهن مٿان وهندڙ نئہ جا نشان آهن. هتي اوچتو نظر آڏو هڪ نظارو ايري اچي ٿو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ ان گجندڙ نئہ جو آواز اونهن غارن مان ايري رهيو آهي، هتي ڌرتيءَ جا ڪارا پاچا آسمان جي سفيد روشنيءَ سان ملندا ڏسجن ٿا. اهو خطرناڪ غار آهي جتي سدائين خوف موجود آهي. هتي هڪ چشمو آهي، جنهن جون لهرون ڄڻ آڪاس تان

لهنديون آهن ۽ ان جي خوفناڪ منهن تائين پهچنديون آهن. مان هينئر هڪ اهڙيءَ جڳهه وٽ پهتو آهيان، جتي اڳي ڪڏهن ڪو انسان ڪونه پهتو آهي. خوفناڪ شڪاري پکي به ان چوٽيءَ تي ويهڻ کان ڇرڪندو آهي ۽ لهرين جي پيانڪ شور جي ڌج کان اتي آکيرو به جوڙي ڪونه سگهندو آهي. ائين محسوس ٿي رهيو آهي ته جڻ گندرف جي گرم ڏيگ مان ساهه منجهائيندڙ دونهون ائين اٿي رهيو آهي جيئن "اسٽائجن" جي غار مان خوفناڪ دونهون نڪرندو هجي. غار جي منهن وٽ چنبڙي پوڻ واري شيءِ موجود آهي. ٿڌيءَ موسم ۾ هي ٻاڦ وڌيڪ خطرناڪ آهي جيڪا مٽي پهچي تحليل ٿي وڃي ٿي.

هن منظر کان هٽي پاسي ٽڪرين جون ڪاڏل ۽ اِڙونگڙ چوٽيون ڏسجن ٿيون.

غار اندر هڪ شاندار منظر موجود آهي، جيڪو منهنجي اکين آڏو جهرڪي ۽ جهڙڪي رهيو آهي. جڻ سج جو ڪو چمڪندڙ ڪرٽو آهي، جڻ ڪنهن پرهيزگار سنياسي جو ٽيڪ وارو وهاٽو فضائن ۾ اڏامندو پيو وڃي. اهو منظر ايڏو سهڻو آهي جو جڻ ڪو سندر سپنو هجي. هڪ الهامي روشني جنهن مان روح ٻاهر نڪرندا ڏسجن ٿا.

قبر وانگي هڪ اونهو ڪارو غار.

جڏهن قيامت جي گهڙي هوندي ته وايو منڊل ڏاڍو خطرناڪ هوندو. اهو آواز ڪيڏو نه خوفناڪ هوندو. لفظ انهيءَ جي سونهن ۽ سوڀيا کي ظاهر ڪونه ڪري سگهندا، ڇا ان ناياب منڙي سر جي سوز گداز کي لفظ ظاهر ڪري سگهندا، نه ڪڏهن به نه! ڪنهن انساني شاعري جي لفظن کي ايتري وسيع طاقت ڪانه آهي جو ان جي سونهن جو مڪمل اظهار ڪري سگهن. ماڪي جهڙي منڙي ان سر کي اڳتي ڪنهن به ڪونه ٻڌو هوندو. مان ان جي پيشاني ڏانهن گهوري ڏسي رهيو آهيان، مان ان جي جادوئي بيان کي ٻڌندو ٿو رهان. مون کي چين جي ستن موسمن واريون خوشبيون (2) محسوس ٿي رهيون آهن، هتي ستن بهشتن واري سونهن موجود آهي، هتي منهنجن لفظن کي ڪابه حقيقت نه آهي. ٿوري گهڙي کان پوءِ منڙو سرگم ٿي وڃي ٿو. منهنجي اکين کان اهو خوبصورت منظر گم ٿي وڃي ٿو ۽ ائين ٿي وڃي ٿو جيئن اڳ هو. اها ئي گرم ٻاڦ، اهو ئي ڏکويل منظر ۽ ڪنهن کي ٻوڙي ڪرڻ جهڙو گوڙ شور. وري منڙي سر جي آلاپ ٻڌجي ٿي. وري ساڳي روشني جا چمڪاٽ ٿين ٿا. نيري رنگ جو ڪوهيڙو ٿي ويو آهي، صاف ۽ شفاف. ان

چشمي مان، سفيد رنگ جو ڦوھارو ائين ايري رھيو آھي، جيئن سج اڀرڻ وقت روشنيءَ جو ھڪ ڦوھارو متي آسمان ڏانھن ويندو ڏسبو آھي. اھا سونھن مون کي اشارا ڏئي رھي آھي جڻ مرڪي خوش ٿي رھي آھي. اھا جڻ مون سان پيار ۽ نوازڻ جا اشارا ڪري رھي آھي جيڪا پڪا ۽ پائيدار آھن. ان وقت مون کي يانواڻي اچي وچي ٿي، پير لڏڻ لڳن ٿا. مان جلد ئي ٽڪري جي ڪناري کان پوئتي ھٽي وڃان ٿو اتي پاڻيءَ جو آتما گجگوڙ ڪري پاڻيءَ جي گجي اچلي ٿو.

ھتي چوڏاري لوھ واريون ٽڪريون موجود آھن ۽ ھيٺ موت پنھنجي ڪم ۾ رڌل آھي. ھڪ ٽڪڙي خيال جيان برف جھڙي نج ٻانھن اڳتي وڌي مون کي ڪِرڻ کان روڪي ورتو. ان جي سگھاري ڇهاءَ ان ساري منظر کي گم ڪري ڇڏيو. جھڙي ريت سج برف پوش پھاڙن جي چوٽين تان ڪوھيڙي کي ختم ڪري ڇڏيندو آھي. تھڙي ريت مان چلندڙ پاڻيءَ جي گجگوڙ ٻڌي ۽ خوبصورت منظر ۾ گم ٿي ۽ ڪاري قبر جي خوف کان ڏڪي ويس. ان جڻ وات کولي شڪار کي ڳھڻ ٿي چاھيو پر اھو ساڳئي خوفناڪ شڪل ۾ پوئتي موٽي ويو. اھو ائين ھو جڻ آڌيءَ رات رڍ ڇرڪي ڪاريءَ ٻاٽ ۾ ٻيڪندي ھجي. جڻ آتم ھتيا ڪندڙ ماڻھوءَ جو پوت ٻولاٽيون ڪائيندو ھجي، جنھن جي پرسان نيري رنگ جو تابوت رکيل ھجي. مان ڪاري غار ڏانھن واجھائي ڏٺو جنھن ۾ آتم ھتيا ڪرڻ وارن مان ھڪ ٻه ڪونه ھو پر اتي دلفريب موسيقي ھئي، جيڪا فضائن ۾ پڙاڏا ڪندي ھجي. اھو ھڪ ڏونگري ڏينيو ھو جيڪو پون پون ڪندو لامارا ڏئي رھيو ھو. ان جي موسيقي ڏاڍي منڙي ھئي، ان جو مھانڊو ٻه خوبصورت ھو. ان کان پوءِ ھڪ تيز ۽ سنھي چيٽ ايري، جنھن منھنجي ڪنن کي ذري گھٽ ٻوڙو ڪري ڇڏيو. ڏونگري ڏينيوءَ جي پون پونءَ منھنجي رڳن ۾ ڦرندڙ رت کي برف وانگي ڄمائي مون کي ھيٺ ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪري رھي ھئي.

مان سمجھي رھيو ھوس ته اھو منھنجو سوداع ھو اھو منظر ڏاڍو چٽو ۽ صاف آھي. ھڪ ڪاغذ جي صفحي تي ڪيل ٽائيپ وانگي.“

سائين بل! لکي وارا ھي چشما مسلمانن جا ٻه تيرٿ گاھ آھن پر سياڻي صبح جو ھتان سيوھڻ لاءِ اسھنداسون جيڪو ھتان تيرھن ميلن جي پنڌ تي آھي. اسان اھڙي ترائي مان گھوڙن کي ھڪنداسون جيڪا جيئن اڳتي وڌيو سوڙھي ٿيندي ويندي. ڪجھ سفر ھڪ اھڙي گھاري وچان ٻه ڪرٽو آھي جنھن جي ھڪ پاسي کان سنڌوءَ جو اوچو ڪنارو ۽ ٻئي پاسي

ست يا اٺ سو فوٽ اوچي ٽڪري آهي. ڪجهہ عرصو اڳ جان ڪين John Kean واري افغانستان ويندڙ فوج بہ هي رستو ڏٺي اڳتي وڌي هئي. ٿورو اڳتي هلبو تہ هڪ درياهي لٽ سان چانيل هڪ ويڪرو پٽ ايندو جتي ننڍا وڏا وڻ جام نظر ايندا. هن علائقي ۾ درياهہ اچي ذري گهٽ ٽڪرين سان لڳي ٿو. اسان جي فوج جڏهن قطار ڪري هتان گذري هئي تہ ڏاڍو ڏجي رهي هئي، چاڪاڻ تہ وچ وارو رستو فقط ارڙهن فوٽ هو جيڪو سفر ۾ ڏاڍو اٽانگو هو جيڪو درياهہ واري پاسي ڏانهن گهٽو لهنوارو هو. هي لڪيءَ جي آخري ٽڪريءَ جي هڪ سنهي چُڪَ هئي. گهوڙن متان آئتي ڪرڻ جو بہ ڏج هو. تنهن ڪري انهن تان لهي ڪين ڏور واڳ ڪاهيو هيوسون. واهہ جو نظارو هو. اسان جا وهٽ ۽ پيا لاڏو پسون بہ ڏاڍي ڏچي ۾ هئا. سندن پير نرم ۽ صاف ۽ هيٺ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تان ڪريل ڏنگا ڦڏا پٿر هئا، سندن پيرن جون لوهيون لهي ويون هيون. اسان هڪ پوليس اسٽيشن وٽ پهتا هئاسون، جتي فقط ڪي بہ گهوڙيسوار هئا ۽ چوڌاري ڪاٽڪو چورن جون وسنديون ۽ ڳوٺ هئا، رستو ڏنگو ڦڏو هو جيڪو سنڌوءَ جي ڪناري سان گڏ هلي رهيو هو جنهن ۾ پاڻي ٿورو هو ۽ سندس پيٽ جي پاسن سان واري اڏامي رهي هئي. هوا جو ٿورو جهوٽو بہ درياهہ جي سنهي واريءَ کي اڏائي ڪٽي اڳ ۾ ڪري ٿو. پوءِ تہ دڦُ ۽ ڌوڙيو ايڏو ڏسبو جڻ دوڦان اچي ويو آهي. هڪ تہ ڌوڙ ڪري مارڳ جو نانءُ نشان گم ٿي ويندو آهي، ٻيو تہ واريءَ چڪا اچي اکين ۾ بہ لڳندا آهن. هتي سج جي ايرڻ سان ڪرمزي رنگ نظر ايندو آهي. ان مهل سج جا ڪرڻا سڌا نہ پر پاسيرا پوندا آهن. تنهن ڪري فضائن ۾ ڪرمزي رنگ جي روشني محسوس ٿيندي آهي پرسان وري درياهہ جي پُل تي "لئيءَ" جا ساوا ۽ سنها ڇها هلڪي هوا تي بہ پيا ناچ ڪندا آهن. پاڻي جي اٿل جي لهڻ سان هنن جو ڦوٿهڙو گهاٽو ٿيندو آهي جو ڌرتي تہ ڏسبي ئي ڪانہ آهي. قد بہ ڏاڍي تيز رفتاري سان ڪندا آهن. آبي بخارن جو سنهو پردو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جيڪو ماڪ سان گهميل ڌرتيءَ متان چانيل نظر ايندو آهي. ٿوري پنڌ تي هڪ ٽڪري ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جي چوٽي ڇهڄُ سائي ۽ سونهري، هيٺون پاسو وري گهاٽي واڱڻائي رنگ جو. اهڙو رنگ سندس تري تائين ڏسجي ٿو. عجيب حالت اسان جي لاڏو انن جي آهي جن جو لاهونديءَ لهڻ وقت ساهہ مٺ ۾ هوندو آهي، چاڪاڻ تہ ڌرتي گهميل هوندي آهي، جيڪڏهن هڪ وار سندن داڦوڙو باهوڙجي ويو تہ خير نہ هوندو پر جيڪڏهن چاڙهاڪي تي چڙهندا تہ تنگون ۽ تڏون ڏيندا ڪنڌ

سٽڪائيندا اڳتي وڌندا آهن پر سندن مالڪن کي پتر تي ليڪي جهڙي پڪ هوندي آهي تہ سندن وَهِٽن کي ڪو ڪوسو واءُ بہ ڪونہ لڳندو. چاڪاڻ تہ هو سفر سڌارڻ کان اڳ دستگير جو سوا ڪسيرو باسي ڪين هر خطري کان انشوئر ڪرائي ڇڏيندا. اهڙي آسري تي واٽ ويندي ڳالهائيندي بہ ڏهہ پاتيون ڏوڪڙ آهن پر ايڪيري لاهي چاڙهيءَ مهل اهي بہ هٿ ڪپڙي ۾ هوندا آهن. رستو بہ انگڙ ونگڙ هوندو آهي ۽ ور وراڪا بہ اهڙا جو انن کي هڪدم جڻ پوئتي ورڻو پوندو آهي ۽ پوَ هوندو آهي تہ متان هِنن مٿان لڏيل سامان اچي هيٺ نہ ڦهڪو ڪري جيڪڏهن هڪ اٺ جي لَڏَ لچڪي پئي تہ ساريءَ فوج جي پيش قدمي يڪي بيهجي ويندي آهي. ڏک ٿورو ڏچو وڏو. هر هڪ اٺ تي بہ ٻہ صندوقون لڏيل هونديون آهن تہ بہ ٻہ تيلها بہ سوگها هوندا آهن. اٺ جي هلڻ سان صندوق صندوق سان ۽ تيلها تيلهن سان پيا ٽڪرائبا آهن. هر فوجي پيش قدميءَ ۾ سون جي تعداد ۾ اٺ هوندا آهن. تنهن ڪري اهڙو گڏيل آواز وايو منڊل ۾ مانڌاڻ مچائي ڇڏيندو آهي. اٺ بہ بيشمار هوندا آهن. ڪڏهن لاتيءَ مان مهار نڪري ويندي آهي. ڪنهن جو پلڻ هڪ پاسي اوهر جي پوندو. ڪنهن جو تنگ ڍجي پوندو. سو جت بہ هڪ ٻئي کي ست سريون ٻڌائيندا هلندا آهن. انن جا رڙاٽ بہ الڳ هڪ اٺ جي مهار ڳنڍڻ لاءِ ٿورو وقت بيهبو تہ ڏهہ اٺ وري ٽڪ پڃڻ لاءِ ويهي رهندا يعني ڇڪ نَڪُ تہ وڏي وڃي پيٽ، لوٽي کان اہنگ ڳورو. ڏنڊا هٽي وري جڏهن وينل انن کي اٿارجي سو اهڙي سفر ۾ وک وک ڪونہ ڪو چيڏڪ تہ ضرور ٿيندو آهي. اهڙي سفر ۾ جت تہ اُٺيهيءَ ڪُتي جي وات ۾. پر گهوڙيسوار جي تہ جون بہ ننڍ هوندي آهي، جيڪڏهن مارڳ اَوٽو پَوٽو ٿيو تہ وهٽ کي ڏور واڳ ڪاهي ڇپر کي ڇيتيون ڪري ونبو.

سر جان بل! مان بہ اوهان کي هزار ڀيرا چيو آهي تہ سفر دوران تون بہ ٻول ٻڌائڻ سک. پر تنهنجو تہ ڪن ٿي ڪونہ ٿو لُڏي، اوهان جي تہ اَڍ ٿي گنجن جي آهي پر اوهٰن تہ يڪتائي روزگار گنجا آهيو. سو گنجي جي ٽڪڻ تہ اڳي ٿي پئي تجلا ڏيندي آهي پر توهان پاءَ تيل ٽڪڻ کي مکي پوءِ گهوڙي تي لانگ ورائي آهي. تنهن ڪري منهنجي هر ڳالهہ تنهنجيءَ سٽيءَ ٽڪڻ تان ترڪي هيٺ ڪري پوي ٿي. گنجي کي نہ جون نہ ليک. هيڏي ڏکئي ۽ ڏچي واري سفر ۾ بہ پٽن جو پيءُ ٻٽيو هلندو ٿو هلين پر رهندو بہ ٻين لاءِ ڏچو پيدا ڪندو ٿو وتين. اڳئينءَ منزل تان صبح جو اُسهڻ وارا هئاسون تہ اڳئين شام توهان تنبو پٽي ٻئي هنڌ نصب ڪرڻ جو حڪم ڪيو. جانورن

ڪي ٻڌڻ جا ڪلا بہ وچي ٺڪريءَ جي ٽري مٿي مِ هٽايا. نوڪرن کي حڪم ڪيو تہ اوهان بہ تنبو پٽي وچي جانورن جي پرسان نصب ڪريو. اهو سارو ڏينهن افغاني نوڪرن کي جنن ڀوتن جا قصا ٻڌائي ساهہ سڪائي ڇڏيو. رات جو ٽانڊاٽن جا ٽمڪا ۽ گدڙن جا ڪيڪرات ٻڌي افغانين وٽي جَوَ وهايا. اوهان کي رڏي پڪي مِ پاٽي وجهڻ جي خيرن سان پراٽي عادت آهي. روانگي صبح جو سويل ٽيٽي هئي پر منجهند جو مس روانا ٿي سگهياسون.

هن قسم جي سفر مِ رڻ پٽ جو هي جهاز آپي مان نڪري ويندو آهي. اٺ تہ خالي بہ رڙي تہ بار سان بہ رڙي، اوڳر بہ ورائيندو هلندو ڪنجهندو ڪٽڪندو بہ هلندو پر مانيٽون ٻسو آهي، سورن سختين جو هيراڪ. اٺ جيڪڏهن رڻ پٽ جو ٻيڙو آهي تہ صبر شڪر جو بہ ٻيڙو آهي. هاٽي اسان هڪ چاڙهاڪي تان هيٺ لهي اهڙي علائقي مان سفر ڪري رهيا آهيون جيڪو پٿريلو آهي، اوسي پاسي ڊبون آهن. هي جوءِ ٿي ميل کن ڊگهي ٿيندي. هي علائقو هڪ متاهون پٽ آهي جنهن جي وٽ سان هيٺ ٻن ٽن گهرن جي هڪ وسندي آهي، انن وارو قافلو ٿورو پوئتي رهجي ويو آهي. تنهن ڪري ٿوري گهڙي لاءِ هتي موجود ٻيرين جي ٽڏڙيءَ ڇانو مِ ساهہ پٽيندا سون. هنن ٻيرين واري ماڳ کي سيوهڻ گارڊن (3) نالي سڏيو ويندو آهي.

سيوهڻ کي سيوستان جي نالي سان بہ سڏيو ويندو آهي. چيو ويندو آهي تہ هيءَ نهايت قديم شهر آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هتي سنڌي حڪمرانن جا ڇهہ قلعا موجود هئا جن مِ سنڌن فوجون رهنديون هيون، ضرورت وقت انهن جي مرمت بہ ڪرائي ويندي هئي، هتان تذڪره نويسن جو خيال آهي تہ تيرهين صدي عيسوي کان هن شهر جا پاڳ يلا ٿي ويا آهن جو بزرگن اچي هن مٽيءَ کي پنهنجو مسڪن بنايو آهي. هاٽي تہ هتي جڳ ٽا ڏَرَنِ پيا. وهمن وسوڙل ۽ مت جا موڙيل ماٺهو باسون باسي نياءَ وٽندا آهن. نُنهن ملڻ ۽ پُٽن جمڻ جون ڳالهيون بہ هتي طئي ٿينديون آهن.

سائين جان بل! اوهان بہ هتي ڪو بيمار سيمار ايرو سيرو ۽ انڌو منڊو ڇيلو باسي بہ زالون ۽ پنج پٽ حاصل ڪري سگهو ٿا! انگريز حڪمراني جي ابتدا سان هن شهر جو اڳيون اوج گهٽجي ويو. اهو انهيءَ ڪري ٿيو جو سنڌوءَ جو وهڪرو ان شهر کان اوري پري ٿي ويو. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ سنڌو 1844 ڌاران سيوهڻ سان گهندي ڏئي وهندو هو پر 1870ع مِ سري ست اٺ ميل پري هليو ويو هو. هاٽي وري سيوهڻ ڏانهن سرڪي رهيو آهي،

جيڪو اولهہ ڏانهن وڏي چئن پنجن ميلن تي اچي پهتو آهي. هن شهر جي ويجهي اچڻ جو ﭘﺗﻲ منهنجي مٿان جڻ تہ چپ ڪري آهي. هن ماڳ جون گهٽيون، گهرن جا آڳنڌ ۽ بازارون گندن جا ڍير ڏسبا. ڏيپ ايڏي جو ميلن تي پئي نڪ ساڙيندي آهي. ”ڪاليرج“ هن لاءِ الائي ڇا جو ڇا ڇُهي وڃي مٿي چڙهيو آهي. ماضيءَ ۾ هي ٽاڪ فوجي ۽ مذهبي طور نهايت اهم هوندو هو ۽ هتي ويهي سنڌوءَ جي وهڪري تي ٽيندڙ چر پر تي نظر رکي سگهجي پئي پر هاڻي تہ سنڌو گهڻو پري هليو ويو آهي. اهو هڪدم پري ڪونہ هليو ويو آهي، ليڪن هوريان هوريان پوئتي هٽندو ويو آهي. هتان جي آبهوا بہ اهڙي آهي جو ڪُهڙ پيا ﭘﺮندا ائين ﭘﺎئنبو تہ سج بہ خيرن سان هيٺ لهي اچي نيزي پاند بينو آهي. بوٽ لاهي پير ڏرتيءَ تي رکبو تہ سمجهبو تہ اها بہ تپي ٽامون ٿي وئي آهي. جڻ لوهر جي ڏنوٽي واري ڪوري، ماڻهن جي مُنهن ۾ نهاربو تہ لهسيل ۽ لوساٽيل جڻ ڇرڪندڙ جيريءَ مان نڪري هاڻي ڪٽان پيا اچن. ڪوري مٽ جو پاڻي بہ پي تہ آنڊا پيا ولهوٽجن، ڪوسو جهڙو باهہ. توهان بہ سائين بل! اهڙي خوبصورت موسم دوران سنڌ گهمڻ جو پروگرام جوڙي جڻ ڪپر تي پير رکڻ جو منصوبو تيار ڪيو هو. ممبئي بندر تي لهڻ وقت مان گهڻو نہ مان، نہ مان ڪئي پر ﺗﻮهان ﭜڪ تي پيا. پوءِ چيم تہ ﭘﻼ جاڙي بہ جڳ سئين. هاڻي اوهان ﭘﮉايو تہ هن قسم جي گرميءَ جو هتان جي ماڻهن جي جسمن ۽ ذهنن تي ڪهڙو ڪيس ۽ ڪلور هوندو. مان روم ۽ مڪي (شريف) جو گهڻو احترام ڪندو آهيان پر اتان جا ماڻهو سنا ڪونہ آهن.

سيوهڻ جي شهر اڳينءَ صدي جي پوئين چوٿائيءَ کان پوءِ ترقي ڪرڻ شروع ڪئي آهي. اميد آهي تہ هتان جي ريلوي اسٽيشن بہ گهڻي ترقي ڪري ويندي، فتح واري زماني ۾ سيوهڻ جو شهر تہ ڏسڻ جهڙو ٿي ڪونہ هو. اسان قلندر جي مزار ڏانهن ويندي سارو اکين ڏٺو احوال قلمبند ڪيو هو جيڪڏهن اوهان اهو پڙهندا تہ اوهان جا نيڻ نري پوندا.

”اسان ڪي هڪ فقير نہ پر نيڻ نهار تائين موجود فقيرن جو وڏو ميڙاڪو وڪوڙي ويو هو جن مان ڪي انڌا تہ ڪي منڊا. ڪن جا هٿ ڪپيل، ڪن جون ﺑﺎنهون لڙڪيل، ڪن جا ڪنڌ لڏي رهيا هئا تہ ڪن جو سارو جسم ٿڙڪي رهيو هو. ڪي بانبڙا پائي هلي رهيا هئا تہ ڪي گيسيون ڏئي سرڪي رهيا هئا پر سيني جا هٿ هڪجهڙا ايا جهليل هئا. سندن زبانون قسمن قسمن جون دعائون ٻولي رهيون هيون. اڳتي وڃڻ لاءِ ڪا جڳهہ ڪانہ هئي، هن ميڙ ۾ هر گهڙيءَ اضافو ٿي رهيو هو. سمجهہ ۾ ائين اچي رهيو

هو تہ سيوهڻ ۾ رڳو پينو فقير رهندا آهن. اهو بہ معلوم ٿي رهيو هو تہ ننڍڙا معصوم ٻارڙا ٽڪڙ ۾ وڏي ٿيڻ جي تمنا ڪري رهيا هئا، انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو وڏا ٿي ماهر پينو فقير بڻجي سگهن. هڪ ماڻهو اوهان جو وڏ ۾ وڏ ڏيان ڇڪائيندو اهو قلندر (4) آهي. توهان جيڪڏهن اهو نالو Q يا K يا C سان لِکندا تہ اهو ڦري گهري "قلندر" ٿي پوندو. پر فرينچ دوستين "عربين نائٽس" هن لفظ کي منجهائي وچڙائي الائي ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏيو آهي پر هتان جي ٻڌل ڳالهين مان ائين معلوم ٿي رهيو آهي تہ هو جڻ ڪو جبل جو ماڻهو هو. سندس وار ڊگها ۽ ويڙهيل هوندا هئا ۽ گهمڻ ڦرڻ وارو ڪو درويش هو. هن جا وار بہ ميرا هئا. زندگيءَ ۾ انهن کي پاڻي ڏسڻ ئي نصيب ڪونہ ٿيو هو. رڳو تيل لپ مکي پٽيءَ belt سان ٻڌي ڇڏيندو هو. مٿان اهڙي ٽوپي پائيندو جنهن کي مغرب وارا چرين جي ٽوپي fools_Cap سڏيندا هئا. ڊگهي الفي پاتل هوندي هئس، جنهن جون ٻانهون ڪونہ هونديون هيون. شلوار پائڻ يا گوڏ ٻڌڻ کان بي نياز هوندو هو. سدائين ڪيس هلڪي ڳاڙهي رنگ جو ڪمبل ويڙهيل هوندو هو. لباس اهڙو هوس جڻ هو سدائين ڪفن ويڙهي گهمندو هو. چوندو هو تہ جيئرو انسان بہ هڪ لاش آهي، جنهن کي عيش عشرت ڪرڻ نہ گهرجي. ڪيس هڪ هٿ ۾ اهڙي تسبيح هوندي هئي جنهن جو هر هڪ مڻيو ان گوليءَ جيترو هوندو هو جنهن سان ٻار راند ڪيڏندا آهن. سندن ٻئي هٿ ۾ سڪل ڌبيءَ جو پيالو هو جنهن ۾ پيل پاڻي بيڪس Bacchus جهڙي ديوتا مٿان هاريندو هو. هن جي ٻانهن هينان وڏو ڪارو ڏنبو رکيل هوندو هو جنهن جي هڪ پاسي کان ٻُڪري پنيءَ پاڏتو لڙڪائي هلندو هو.

اسان بہ هوبهو هڪ اهڙو فقير ڏٺو. هن جا لٽا ڪپڙا تہ عجيب غريب هئا پر هن جو منهن مهاندو بہ اچرج جهڙو هو. مان سارو هندستان گهمي ڦري ڏٺو آهي پر هن جهڙو وحشي چهرو مون کي اتي بہ نظر ڪونہ آيو آهي. هو پولي ۽ باندر جي هڪ گڏيل شڪل هو جيڪو ڏاڍو خوفناڪ ۽ خطرناڪ هو. اٿڻ ويهڻ ۾ بہ بدفضيلتوا ماندو نہ ٿي. توهان اتي اهڙن گهڻن ماڻهن جي زيارت ڪري سگهندا جن کي ڏسڻ سان خوف پيدا ٿيندو آهي تہ مٿان ڇڪ نہ هٽي وڃن.

اهو پاسي ۾ ستل فقير بہ بيک ڪيون ستو پيو آهي، ڪيس خبر آهي تہ اسان سندس ويجهو اچي پهتا آهيون. سندس اکيون اڌ پٽيل ۽ اڌ ٻوٽيل آهن. اسان کي ويجهو ڏسي انهن کي پوري ريت کولڻ جي ڪوشش تو

ڪري. پر هو پنهنجي تسبيح ڪارائي ۾ پڏي اهو ڏيکاري رهيو آهي تہ هو جاڳي رهيو آهي. سندس پرسان سڳيءَ کي هيڏي هوڏي سرڪائي ٿو. اهو هڪ جهنگلي جانور جو سڱ آهي جنهن مان هو ٿُو ٿُو جهڙو آواز ڪيندو آهي ۽ اسان کي ڏسي هو ان کي وڄائي رهيو آهي ۽ پنڻ وارو سڪيءَ دٻيءَ جو پيالو اسان ڏانهن وڌائي رهيو آهي تہ جيئن اسان بہ ڪيس خيرات ڏيون.

"ڏئي وڃ، ڏئي وڃ، پڏ ڏئي وڃ." هو اسان کان پنڻ لاءِ صدا هڻي رهيو آهي.

"هان فقير هي خيرات وٺ. هڪ رپيو ان بدلي اسان کي دعا ڪر." مان ڪيس خيرات ڏيان ٿو پر موٽ ۾ هن جا ٻول پڏجان.

هو دٻي واري پيالي ۾ خيرات وٺي ٿو پوءِ اٿي بہ وڪون پوئتي هٽي ٿو ۽ پنهنجون ڳاڙهيون لال اکيون کڻي اسان ڏانهن ڏسي ٿو ۽ چوي ٿو.

"خيرات! الله تنهنجو ڀلو ڪري خيرات! اهو تہ منهنجو حق آهي. اهو منهنجو ڏهاڙي جو داڻو پاڻي آهي. اهو خدا جو ڏنو ٻنو آهي، تون مون تي ڪو احسان ڪونہ ٿو ڪرين. اهو احسان منهنجو توتي آهي جيڪو توکان وٺڻ قبول ڪيو اٿم. هڪ رپيو ڏئي جڻ تون مُون تي احسان ٿو ڪرين! حاتم (5) جا ياءُ سڳورا! ڪڏهن تہ اهو بہ زمانو هو جو ماڻهو مون کي پورو هڪ هزار رپيا ڏيندا هئا. تون هڪ رپيو ڏئي پاڻ کي الائي ڇا ٿو سمجهين. مسلمانن جهڙا ڪپڙا پائي گهمندو ٿو وتين. ڪاري ڪانوَ کي جڻ طوطي وارو سائو لباس پاتل آهي. اندر ڪارو ڪانءُ ٻاهر ٻولي هنج جي. توهان ڍونڍ آهيو ۽ ڍونڍ ڪائي رهيا آهيو. توهان جي مُنهن جهڙا ڪارا ڪنهن جا منهن ڪونہ آهن. شال سدا گمراهہ هجو ۽ شال اوهان مٿان لعنت جا وسڪارا هجن." ميان جان ٻل! پڏءِ اهو اٿئي هڪ جَوينڙ ٻيو وري مَهائڻ- پنندا پيالي ۾ مرندا وري منجي تي. مان جڏهن بہ ڪنهن بزرگ جي مزار تي ويندو آهيان تہ ماڻهو ناوا ڏهيون اُٽي وجي پار پوندا آهن ۽ اها گار ڪانہ بچندي آهي جيڪا هنن مون کي ڪانہ ڏني هوندي آهي.

مون سان گڏ پناڻ نوڪر بينا آهن جيڪي قلندر جي تمام گهڻي عزت ڪندا آهن. سندن هٿن ۾ ڪلهن جيڏيون ڏانگون ۽ تيز خنجر چيلهہ سان ٻڌل آهن. رڳو ميچ ڏيڻ جي دير آهي، اهڙي ڪار ڪندس جهڙي ٻرڙي ڪٽي هئي ٻارن سان. هڪ دل چوي ٿي جيڪر اهو پناڻ نوڪر هن فقير کي سنهيءَ جهينگر مان ڪيدي تہ ڀلو. پر فقير کي ويڙهيل ڪنبل جو رنگ اهڙو آهي جنهن کان پناڻ هتري بيهي رهيو آهي پر مون کي پڪ آهي تہ

هن ”رولنڊ“ کي ڪونہ ڪو ”اوليَورُ“ ضرور سبق سيکاريندو ۽ کيس ڏينهن جا تارا نظر اچي ويندا.

پر اسان کي قلندر جي زوريءَ زيارت ڪرڻ جي تڪڙ لڳي پئي آهي. پيرن ۾ جڻ ٽِنڊٽيون لڳي ويون آهن. سيوهڻ جا ماڻهو حضرت ابوبڪر رضہ، حضرت عمر رضہ ۽ حضرت عثمان رضہ کي (نعوذباالله) ڪونہ مڃيندا آهن پر قلندر جو نالو عثمان آهي جنهن کي ضرور مڃيندا آهن. (6)

اسان ان فقير ڏانهن ڏنو جيڪو ڳاڙها تارا ڪيو اسان ڏانهن تڪي رهيو هو پوءِ نڪتا هليا آياسون. سامهون هڪ عورت بيٺي آهي جنهن کي خوبصورت لباس پاتل آهي. اسان کي ڏسي هن جي وات مان نڪري ويجي ٿو:

”اري باپ.“

اها اسان ڏانهن گهوري ڏسي رهي آهي، معلوم ائين ٿي رهيو آهي جڻ ”ريجنٽ اسٽريٽ“ جي ڪا وئشيا آهي، جيڪا ڪنهن گراهڪ جي تاڙ ۾ آهي.

”اوهان ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيو؟ سيوهڻ مان منهنجي ناچ ڏسڻ کان سواءِ ائين هليا ويجو ٿا. ڪافر انگريز اوهان هڪ ڳيت سان ملڪ ڳهي ڇڏيو آهي. اوهان ٿالپرن بدران ملڪ تي حڪمراني ڪري رهيا آهيو. اوهان ماڪڙ آهيو. ڌرتي کائي چٽ ڪري ڇڏي آهي. اها عورت اسان لاءِ زهر اوڳاڇي رهي آهي. اهڙا وهاڻيل وات بند ڪرڻ اڪ جي ماکي ناهي ۽ اهڙا مِٺا موت کان وڌيڪ قاتل زهر هوندا آهن. هن عورت جي زبان جي بہ هٽڙئي ڏندي کان بچڻ جو فقط اِهو مارڳ آهي تہ ائين کسڪي نڪري ويجي جيئن ڳئون جا مٽيان ڏند. تنهنجي سزا اها آهي ٻانا قاڙرن تہ تنهنجو مٿو ڪوڙائي ڪاري گڏهہ تي سوار ڪجي، دوبلَ رن. تون هر ڪُتي جي ڪنوار آهين. نڪ نہ اٿي پتو. ڍڪڻيءَ ۾ ڍڪ پاٽي ۾ ٻڌي ڪانہ ٿي مرين. شال تنهنجي لاش کي گدڙ ڪتا کائين. سيوهڻ جا سارا ڀنگي گهٽيون ٻاري سيءِ ٻوهر آٽي تنهنجي لاش مٿان هارين شال تنهنجي ماءُ تنهنجي پيٽ ڪهاڙين هينان اچي. مان بہ رن کي ست سريون سٽائي سندس نپ ٺاري ڇڏيا. سنڌ ۽ هند جون عورتون اهڙيون هونديون آهن. زبان ۾ نہ هوندو اٿن ڪو ڪنڊو نہ منڊو. وات ويندي جون بہ مُيون جهڙيون پُٺي وڃي پار پونديون آهن. ڀلا سائين جان بل! توهان جي زال مسز بل ڪيئن آهي؟ صفا ڇتي، اوڙي چڱي نہ پاڙي چڱي. سندرو ٻڌي جو در تي ويهندي تہ پاڙي وارين عورتن

جو وهڻ وهہ ننڊ حرام سيني جو ساهہ مٽ ۾. پاڙي وارو گهنٽيءَ مان لنگهي ساءَ ڪونہ ڪندو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو پاڙي وارا گهر ڇڏي راتو واهہ هليا ويا آهن. هاڻي تہ سارو پاڙو ئي پالهو لڳو پيو آهي.

هر ڪو ماڻهو ٻچان کان اسان کي ائين گهوري ڏسي رهيو آهي، ڄڻ اسان ڪنهن اڇي ڪپڙي تي رت جو داغ هجون. اهو پيري ۾ واڙيل چيتو ڏس جيڪو اسان جي سفيد چمڙي ڏسي ڄڻ چڙي ويو آهي. نظرون اسان ۾ اٽڪايو هاڻي پڃري اندر چوڌاري تيز تيز ڦري رهيو آهي. سندس رت پياڪ اکيون اسان کي تڪي ۽ تاڙي سندس چنبن جا تيز ننهن ڄڻ اسان کي چيري ڦاڙي رهيا آهن. هتان جا ماڻهو مت جا موڙهيل ۽ وهمن وسوڙل ٿيندا آهن ۽ هن قسم جي چيتي کي وچي حضرت علي سان ڳنڍيندا آهن، سندن پڃري جو در بہ سوگهو بڌل ڪونہ هوندو آهي. هر ڪو ماڻهو گوشت جو ٽڪرو آڻي ڏيندو آهي، چيتو ڪڏهن اهڙي ماڻهوءَ جي ٻانهن ۾ چڪ بہ هڻي ڪڍندو آهي جيڪو وري سمجهندو آهي، تہ سندس قبر ۽ قيام موچاري وئي آهي. هو قبر جي پڇاڻي ۽ حشر جي عذاب کان آجو ٿي ويو. هاڻي ڪيس دنيا جي ڪابہ طاقت بهشت وڃڻ کان روڪي ڪانہ سگهندي، ڇاڪاڻ تہ ڪيس حضرت علي (7) جي چيتي ٻانهن ۾ چڪ پاتو آهي. ڏسو چيتي جي انهيءَ پڃري جي چوڌاري ماڻهن جا ميڙ آهن. جيڪڏهن توهان انهن کي اتان پڇائڻ ٿا چاهيو تہ پنهنجي منهن کي وحشي ٻڻائي وٺي خوفناڪ ڪيڪرات ڪيو تہ ماڻهو ائين وٺي ڀڄندا ڄڻ ڪُتيءَ ڪن وڌايا.

اوهان هوڏانهن ڏسو، هڪ هم چورس جڳهہ مٿان گول گُنبذ آهي. اها جڳهہ قلندر جي مزار آهي، جنهن جو اصلي نالو عثمان مروندي آهي پر هتان جا ماڻهو ڪيس، قلندر، شهباز قلندر، لال شهباز مروندي سڏيندا آهن. هن جي ڪرامتن جا ڪيئي قصا مشهور آهن. چيو ويندو آهي تہ هو هڪ پيري پوري سال لاءِ هڪ ديگ ۾ وينو رهيو جنهن جي هينان باهہ جا آڙاهہ ٻرندا رهيا هئا پر جڏهن نڪتو هو تہ سندس چمڙيءَ جو رنگ ڳاڙهو هو. تنهن ڪري ڪيس لال شهباز يعني ڳاڙهو باز سڏيو ويندو آهي. چيو ويندو آهي تہ حضرت ابراهيم عليه السلام وصلواة کان بہ الله تعاليٰ ساڳي آزمائش ورتي هئي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هن هڪ شهباز جي شڪل ۾ اڏامي هڪ ماڻهوءَ کي وڃي بچايو هو جنهن کي پنهنجي ان پاءَ راجا سوري تي چاڙهيو هو جيڪو پاڻ کي الله سڏائيندو هو. تنهن ڪري ڪيس شهباز سڏيو ويندو هو. اهڙين خاصيتن ڪري هو بين بزرگن کان الگ ۽ نيارو هو.

هونءَ بہ هتي هر چوٽين سيد جا وڏا پٽ تي چڙهي ان کي لڪڻ هٽي گهوڙين وانگي پچائيندا آهن. ليڪن پٽين کي پير ڪونہ ٽيندا آهن، تنهن ڪري لاچار ويچاري ڪسڪندي هلندي آهي. مان ممبئي سرڪار کي سهڻي صلاح ڏني هئي تہ سنڌو درياھ ۾ هلندڙ انڊس فلوٽيلا جي آگبوٽن بدران پٽ نئويگيشن شروع ڪئي وڃي. ان ڪاروبار ۾ هڪ ٻن سيدن کي بہ شريڪ ڪيو وڃي.

سنڌ ۾ سيدن جو پيو عام ڪاروبار پنگ مان کير بنائڻ جو آهي. توڙي جو سنڌ ۾ سُوائون اڻ ڏٺيون چُڙنديون آهن پر پوءِ بہ سيد الائي ڇو هن قسم جي ڪڏي ڪاروبار ۾ لڳل آهن. هوندا بہ ڏسڻا وائسڻا ۽ ساڳا واڳا. اعتبار ئي ڪونہ ايندو. اڃي پڳ مرپس اندر مڙئي اگڙيون!

قلندر بابت تاريخ وري قصو ئي ٽيون ٽي ٻڌائي تہ هو جهونڙو تہ هلڻ کان هلاک هوندو هو ڪڳ کي بہ ڪونہ رنجائنيدو هو جڻ ٽِرنٽي جي عيسائي راهب جهڙو سادو ۽ سپاجهو جيڪو منطق ۽ صرف و نحو جو ماهر هو. جيئن سندس عمر وڌندي وئي تيئن هو ڪمال جو صاحب ٿيندو ويو. مرڻ کان پوءِ هو منطق ۾ صرف و نحو جي وڏي ميراث ڇڏي ويو هو.

هندو هن کي قلندر نہ پر "پرتري هري" سڏيندا آهن جنهن جو تعلق ق.م واري دور سان آهي. سندن چوڻ آهي تہ مسلمان هر نهيل نُڪيل شيءِ تي قبضو ڄمائي ونندا آهن.

سنڌين جي هر پلي بہ مٽي ٽيندي آهي، هوندي ڪراڙي کک آهي پر سڏيندا اٽس کيري. قلندر جي هن جڳهہ بابت بہ چوندا آهن تہ دنيا جي سهڻين جڳهين مان هڪ آهي ۽ دنيا جون جيڪي يادگار ست جڳهون آهن انهن مان هڪ آهي. تعمير جي فن جي لحاظ کان تہ ڪنهن بہ ڪم جي ڪانہ آهي.

سائين جان بل! جيڪڏهن توهان کي قلندر جي مزار جو اندازو ڏسڻو آهي تہ پنهنجا بوٽ لاهي در وٽ رکي پوءِ اندر داخل ٿجانءِ. جيڪڏهن اسان جي ڪيسي ۾ ڏوڪڙ کڙڪندا هلندا تہ هيڏي ساري گوڙ شور مان ڏاڍي سولائيءَ سان جاءِ ملي ويندي. انهيءَ دوارزن لاءِ اوهان کي در وٽ ئي ٻڌايو ويندو تہ اصل ڪچيءَ چانديءَ جا نهيل هئا. مٿن سون ۽ هيرن جواهرن جو بہ ڪم ٿيل هوندو هو. انجيسون ۽ ڪڙا بہ سون جا هوندا هئا پر هاڻي تہ اهڙو ڪاٺ ڪم آندو ويو آهي جنهن کي گهڙي ناهي بہ ڪم ڪونہ آندو ويو آهي. دروازن واري چانديءِ ۽ سون جي گم ٿي وڃڻ جون بہ اهڙيون ڳالهيون

ٻڌائيندا جو اکين جا دوڏا ٻاهر نڪري ايندا ۽ وات بہ خيرن سان ٽمٽو ٿي ويندو. اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڪڏهن اعتبار ڪرڻ جي غلطي نہ ڪجانءِ، ڇاڪاڻ تہ هتي ويجهي اوڙي ڪا اسپتال بہ ڪانہ آهي. مقبري جو اندريون پاسو بہ صفا اونداهو آهي. آڪي ڏٻ بہ ايڏي آهي نڪ تي هٿ رکي هلڻو پوي ٿو. سوڙهو بہ ڏاڍو آهي. اها ڏٻ تيل وارن ڏِيئَن جي دُونهين، انساني پگهر، ڏوپ جي دونهين ڪري آهي.

قلندر جي قبر قبي واري تعمير جي هيئنان آهي، جنهن جي مٿان وڏو ريشمي پڙ رکيل آهي. زريءَ جي هيٺيئن پاسي کان زرفت، ڪيمخواب ۽ اطلس جو ڪپڙو لڙڪي رهيو آهي، اها جڳهہ اهڙي آهي جهڙي اوهان جي جهونڙي ڏاڏي پينڪشن آهي. اهڙيون شيون ذڪرڻ يورپ ۾ بہ موجود آهن، اندريون شيون درمان ايندڙ روشني يا ڏِيئَن ٻرڻ ڪري چمڪي رهيون آهن جيڪا جهيڻي آهي. اونداهي مٽي جي دز جي وسڪاري هتي رکيل هر قديم دور جي شيءِ کي ڍڪي ڇڏيو آهي.

قبي جي چوڌاري ماڻهن جا ميڙ آهن جيڪي حيدرآباد ۽ پري اوري کان اچي هتي پهتا آهن، سمجهيو ويندو آهي تہ قلندر جي زيارت سان دنيا ۾ عاقبت موچاري ٿي ويندي آهي. ڪجهہ ماڻهو اندر قبر واري جاءِ ۾ وينا آهن. هي قلندر هنن ماڻهن جي قبر روشن ۽ قيامت واري ڏينهن سندن شفا ڪندو. پريو مَٺُ آهي. سندس مئي کان پوءِ هن جون ڪل متون پيون ظاهر ٿين، کين راضي ڪرڻ جي مقصد سان ڪيترن قسمن جون باسيل شيون ۽ سکائون آنديون وينديون آهن پر اهي شيون ڪتب سندس زنده جانشين ڪندو آهي. هن لاءِ ڪنهن بي اولاد جوڙي کي پٽ ڏيڻ ۽ ڪنواري مرد کي زال ڏيڻ تہ ڪاٻي هٿ جو کيڏ هوندو آهي. ماڻهو پٽن جون باسون باسي وڃي پنهنجي ننڍڙي ٻار لاءِ پينگها نهرائيندا آهن ۽ زال جي لاءِ باس باسڻ کان پوءِ هو ڳوٺ موٽي وڃي ڪاج جو بندوبست ڪندو آهي. ملان کي اطلاع ڏئي اڳوات بوڪ ڪري ڇڏيندو آهي. اهي سامهون زال مڙس بينا آهن. عورت ۽ مرد جي هٿن تي شاديءَ واري ميندي جو رنگ بہ اڃان ريٽو آهي. هي جوڙو پنهنجي وهانو ٿيڻ جي سکا ڪٽي آيو آهي. سامهون واري عورت ڏس، آهي تہ ڪٽي سانوري پر مهاندن جي ملوڪ ڪيڏي آهي، جيڪڏهن اڃي چمڙي هجيس ها تہ ساري يورپ ۾ هن جهڙي سهڻي عورت توکي ڏسڻ ۾ ئي ڪانہ اچي ها. سندس ڪڇ تي ننڍڙو ٻارڙو آهي، جيڪا سندس سکا ڪٽي ساهراڻي ۽ پيڪاڻي آڪهہ سميت اچي هتي پهتي آهي. ڪيترا ماڻهو

قلندر کي سوال ڪندا پڏندا آهن اي قلندر مان جيڪڏهن دشمن جي چوري ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيس تہ تو وٽ هڪ ڇيلو ۽ مڻ چانور جو سڪا ڪٽي ايندس. وڏن پٽڪن ۽ ڊگهين سُنهارين سان بيٺل ماڻهو ملان آهن جيڪي ٿالهہ مٺاين جا بول ۾ پري ان جو ثواب قلندر جي روح کي پهچائيندا آهن. ڪائي ملان ثواب قلندر کي. ڦاٽل ڪپڙن وارا ماڻهو قلندر جا مجاور آهن جيڪي مزار جي ٻهاري ڏيندا آهن ڏيا ٻاريندا ۽ وسائيندا آهن ۽ ڏيڻ جي صفائي ڪندا آهن. اهو ماڻهو تازو مريد ٿيو آهي، سندس ڏاڙهي مڇون ۽ پرون سڀ ڪوڙيون ويون آهن. توهان ڏسو اهي بہ ماڻهو سنهڙا ڪپڙا پايو در وٽ وينا آهن. جيڪي هر مرد ۽ عورت کان سندس آندل سڪا جو وچور پڇي رهيا آهن. هي ماڻهو مرشد سڳورا آهن ۽ ڇتيءَ پن جا وڏا ماهر آهن. ڪڏهن وري اوهان کي ڦيڙهہ پٽڪن وڏين مڇن ۽ ڊگهين ڏاڙهين سان ٻروچ ڏسڻ ۾ ايندا ڳالهائيندا چڙ جهيڙو ڪندا ايندا پر وٽن مستقبل جي سڪٽن واعدن کان سواءِ مرشدن کي ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي، ڪڏهن وري سنڌي عورت ڏسبي آهي ڇتي جهيڙاڪار اوڙي پاڙي لاءِ آزار سا بہ رڪت ۾ دعائون وٺي هلي ويندي آهي پر مرشد اوڏر تي دعا ڪرڻ جا قائل ڪونہ آهن. سنڌن چوڻ هوندو آهي تہ هڪ هٿ ۾ روڪ رقم ڏيو ٻئي هٿ ۾ دعا وٺو پر سڪٽي دعا پاراتي برابر هوندي آهي ۽ اڌ بہ ٿيي ڪانہ سگهندي آهي، تنهن ڪري اهي وڏي واڪ چوندا آهن تہ اوڌر تي دعا وٺي قلندر ڪبريا جي ڪرامت کي آزمائڻ ڏوڙ منهن ۾ پائڻ برابر آهي. اهڙن ماڻهن کي قبر جي عذاب ۽ حشر جي حساب کان ڪير بہ بچائي ڪونہ سگهندو. هتي ڪنڊ ۾ اڌ ڪلاڪ لاءِ ويهي ماڻهن جي چر پر ڏسون تہ هو ڇا ڳالهائي ۽ ڇا ڪري رهيا آهن. سامهون ڏسو مفت ۾ زيارت ڪندڙ ماڻهن ۽ مجاورن ۾ جهيڙو ٿي ويو آهي. هڪ ٻئي جا ڪپڙا ڦاڙي ليڙون ڪري ڇڏيا اٿن. هن ڪنڊ ۾ ساڳئي قسم جا سُڃا زيارتي ۽ نہ ڇڏو مجاور پاڻ ۾ وڙهي پيا آهن. ٻنهي ڌرين جا هڪ ٻئي جي ڳچين ۾ هٿ آهن. ڪين ڇڏائڻ لاءِ ڪير بہ تيار ڪونہ آهي، ڇاڪاڻ تہ سڃن زيارتين جي سدائين ٻئي جنڊا پٽ هلندي آهي. هاڻي تہ سڃو زيارتي مجاور جي ٻڪين پئجي ويو آهي. مجاور جا وري سندس ٻنهي مڇن ۾ هٿ آهن ۽ سندس ڳاٽو ٽيڏو ٿي پيو آهي. يورپ ۾ بہ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي گرجا گهر اچي مفت ۾ عبادت ڪري ويندا آهن. عيسائي ملان کي ڪجهہ بہ ڪونہ ڏيندا آهن. ساڳيءَ ريت انگلش ٽيمپل جي دروازي وٽ بہ مفت خورن ۽ عيسائين ملن وچ ۾ جنڊا پٽ ۽ ڪپڙ- ڦاڙ جو ملاڪڙو روز

هلندو رهندو آهي، باقي گارين جي ڏي وٺ تہ هر منٽ ۾ ٿيندي آهي. اٿليءَ جا گرجا گهر بہ ساڳين ڏچن جي ور چڙهيل آهن. اهو ڏينهن خالي ڪونہ هوندو آهي جو عيسائي ملان جا ڪپڙا ڦاٽل ڪونہ هوندا آهن. ڪڏهن تہ رت بہ ڳاڙيندو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. سو ميان جان بل! چرچ_ مني اوڳاڙيندڙن ۽ مفت ۾ عبادت ڪندڙن جي وچ ۾ دنگا فساد تہ اٽيهئي پيا هلندا آهن، تنهن ڪري اهڙا مفت خور زيارتي رڳو قلندر جي مزار تي ڪونہ آهن، تنهن ڪري اوهان هرو ڀرو سنڌ جي ماڻهن تي چٿرون نہ ڪريو.

هاڻي پوپاڙي تي آهي ۽ ٽيپهري جي نماز جو وقت ٿيو آهي. مون کي اهو پتو انهيءَ ڪري پيو آهي جو پيڙ تي ڏونڪو لڳو پيو آهي، جنهن کي نوبت خانو بہ سڏبو آهي (9) جنهن کي مان Oriental Aye Maria چوندو آهيان. انهيءَ آواز مان پتو پئجي ويندو آهي تہ مزار اندر ماڻهن جي پيهہ ۽ گپا گيهہ لڳي ويندي. وڏو گوڙ شور مچي ويندو. هر ماڻهوءَ کي ڪاوڙ ڪندي تي چڙهيل ۽ وڙهسان وڙهسان ڪندو وتندو. گهُٽ ۽ ٻوسٽ تي ويندو ۽ ساهہ پيو منجهندو.

هاڻي بہ دشمن ڏريون اچي مزار اندر پهتيون آهن، ۽ دريءَ جي چوڌاري ڦري رهيون آهن. اتفاق سان ٻئي ڏريون سڪا ڪٽي هڪ ڏينهن اچي هتي نڪتيون آهن، هر ڏر قلندر کي ٻي ڏر کي تباهہ ڪرڻ لاءِ ٻاڏائي رهي آهي. ٻنهي ڏرين هڪ ٻئي جا چار پنج قتل بہ ڪيا آهن.

"يا قلندر ڪبريا، منهنجي دشمن جا پُونگا پينگ ڪجان." هڪ ڏر قبر جي چوڌاري ڦيرو پائيندي قلندر کي گذارش ڪري رهي آهي.

"يا قلندر منهنجي دشمن جو ويڙهو ئي ڊاهي ڍير ڪجانءِ." ٻي ڏر ڦرندي دعا گهري رهي آهي.

"يا قلندر منهنجي دشمن جي در تي ٻڪريءَ جي ٻيڪ بہ نہ هجي."

"يا قلندر منهنجي دشمن جي ٻيڪٽي رهي نہ ڍيڪٽي رهي."

"يا قلندر منهنجي دشمن جي ٻنيي کان لائجانءِ."

"يا قلندر مان پنهنجي دشمن جا رڳو ڪوڪٽ ٻڌان."

"يا قلندر مان پنهنجي دشمن جون ڪٿون ڪچنديون ڏسان."

"يا قلندر منهنجي آس پڄائيندين تہ تنهنجي در تي ڪاري ڦندر ڪهندس."

"يا قلندر منهنجي آس پڄائيندين تہ ڪاري ڦندر ۽ ڏَسُ دهلن جو ڏيندس."

”يا قلندر منهنجي آس پڄائيندين تہ مان ست ديڳيون گھوگھاري چانور بہ ڪاريون قنڌرون ۽ ريشمي پڙ ڏيندس.“

”يا قلندر منهنجي پڄائيندين ۽ دشمن جو ڪارو منهن ڪندين تہ سترهن مڻ گھوگھاري چانور چار ڪاريون قنڌرون بہ ريشمي پڙ ۽ اڌ سير چاندي ڏيندس.“

ٻنهي ڌرين جا قلندر کي راضي ڪرڻ لاءِ سڪا ڏيڻ جا واڪ هلي رهيا هئا جو سائين بل کي چيم تہ سويلو ئي وڪار تہ سڄهندي ۾ هلي تنبوءَ پهچون. ان ڪان پوءِ اسان وڏي خليفي کي نذر نياز جا بہ ٽي، رپيا ڏئي موڪلايوسون. پوءِ مجاورن مان اڙجي وياسون. جيڪي رپئي ٻن لاءِ چچڙ ٿي چنبڙي پيا هئا. جيڪڏهن اسان هنن کي ڪک بہ نہ ڏنو تہ وڃي خليفي کي اکيون ڏيکاريندا.

سيوهڻ جو سڀ ڪان وڌيڪ موهيندڙ جڳهہ اتر- اولهہ وارو پاسو آهي، جيڪو هن شهر جي مرڪزي حصي ڪان ٿوري پنڌ تي آهي. هن جي ڊيگهہ 440 فوٽ ۽ ويڪر 200 فوٽ ٿيندي. هن جڳهہ کي پراءَ وجهي مٿي ڪيو ويو آهي، جنهن جو بنياد قدرتي مٿاهينءَ جاءِ تي آهي، جيڪو اٽڪل 60 فوٽ مٿي ٿيندو. قلعي جي هن تعمير ۾ مٿي ڪتب آندي وئي آهي، ڪٿي پاسن تي چبوترا بہ آهن، جن ۾ قديم مصر جون پڪيون سرون ڪتب آنديون ويون آهن. هنن جي بلڪل پرسان پپر جا وڏا وڻ آهن جن جون ٿلهيون پاڙون هنن چبوترن کي وڪوڙي ويون آهن. هن کي ڪافر قلعي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هي قلعو قدامت ڪري ڊهي ڍير لڳو پيو آهي. ڪيس چوڌاري چارا آهن جيڪي جيڏانهن ڪيڏانهن ويندا نظر ايندا. هن قلعي جي تعمير جهڙو پيو قلعو اسان کي شام ۾ بہ نظر اچي ٿو جنهن جو نالو همس Hums (EMESA) آهي هن قلعي کي مينهن ۽ طوفانن داڙا ڦاڙي ڪري ڇڏيو آهي ۽ اس ۽ خشڪيءَ ڪري منجهس ڏارون ۽ ڦوٽون پئجي ويون آهن. هتان جي ڪن ماڻهن سمجهيو هو تہ هن قلعي ۾ سون ۽ چاندي پوريل آهي، تنهن ڪري هنڌين ماڳين ڏريون کوٽيون پيون آهن. ڪن ماڻهن کي گهرن ناهڻ لاءِ سرن ۽ ٻئي مواد جي ضرورت هئي تن بہ هتن جي صفائي ڪري ڏيکاري آهي. هن ماڳ جي اوچائي انهيءَ ڪري وڌندي رهي آهي جو هر دشمن قلعو ڊاهيندو رهيو آهي ۽ قلعي اندر موجود گهرن کي بہ تباهہ ڪندو رهيو آهي. اهڙيءَ ريت قلعي ۽ گهرن جي بار بار تباهي ۽ تعمير ٿيندي رهي آهي. هن تباهہ حال قلعي جي هڪ پاسي کان بيهي ڏسبو تہ پڪين سرن

واري تعمير يڪو هيٺ تائين هلندي، ان رستي وٽ پهچي ٿي جيڪو مٽي جي دڙي جي پاسن سان ڦرندو ڏسجي ٿو انهن ماڻهن وٽان اهم معلومات ملي سگهي ٿي جن قلعي جي تعمير سان هٿ چراند ڪرڻ مهل اهم تعميراتون ڊاهي دڦ ڪري ڇڏيون هيون ۽ اهي ونگون بہ شامل هيون جيڪي هن تعمير جو بي مثال نمونو هيون.

هي ماڳ انهن جڳهن مان هڪ آهي جنهن کي سنڌ ۾ رهندڙ انگريز سڪندر جي فوجي ڇانوڻي سمجهندا آهن جيڪو مئسمودونيا جو هڪ عظيم ماڻهو هو. هو ماڻهو قديم مصر ۾ ايترو مشهور هو جيترو هاڻي جديد مصر ۾ ناليرو آهي. پوئين دور ۾ سڪندر کي يورپ وارن گهڻو مشهور ڪيو. جڏهن تہ قديم دور ۾ خود مصر وارا اسان انگريزن کي تعمير جو ماهر انجنيئر سمجهندا آهن. جڏهن تہ جئليس سيزر شيطان تصور ڪيو ويندو آهي، جڏهن ڪنهن قديم ڳالهہ بابت هتان جي اصلي ماڻهوءَ کي ڄاڻ نہ هوندي آهي تہ اسان جو سڄاڻ سياح ان کي سڪندر جي فوجي ڇانوڻي (10) جو نالو ڏئي ڇڏيندو آهي.

سيوهڻ جي هن دڙي مان سڪندر يوناني ۽ باختري يوناني دور جا سڪا لڌا آهن پر اهڙيون شيون ڊگهو سفر ڪري ڪٿي بہ پهچي سگهن ٿيون.

منهنجو نقطہ نظر آهي تہ هن ماڳ جو يوناني فن۔تعمير سان ڪو واسطو ڪونہ آهي، ان لاءِ مون وٽ بہ سبب آهن هڪ تہ هتي نظر ايندڙ ونگون يوناني نہ پر ايشيائي طرز جون آهن. ان کان سواءِ هتي پڪل سرن جا ڪي ٽڪرا هٿ لڳا آهن. جن تي نظر ايندڙ چٽسالي پڻ مشرقي آهي، جيڪڏهن اسان دورن جو وڇور ڪنداسون تہ اسان کي ڄاڻ ملي ويندي تہ اهو اسلام کان اڳ ڪنهن سنڌي راجا جو قلعو هوندو جيڪو سنڌو وسيلي هلندڙ آمدرفت کي نظرداري ڪرڻ لاءِ تعمير ڪيو ويو هوندو. امڪان اهو آهي تہ هر حملي آور هن قلعي کي ڊاهي پٽ ڪيو آهي ۽ هر دور جي هر حڪمران ان جي نئين سر تعمير ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت اها جڳهہ ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اوچي ٿي ويئي آهي. مٽي هجڻ ڪري قديم آثارن جي شوقين ماڻهن جي مٿس نظر پئجي ويئي آهي. جيڪي ڪيس سڪندرِ اعظم جي فوج جي ڇانوڻي تصور ڪري رهيا آهن.

سنڌ جي اصلي رهاڪن مان ڪي ٿورا ماڻهو فارسي شاعري پڙهي سگهندا آهن. انهن کي تاريخ جي بہ ڪجهہ ڄاڻ آهي پر هنن کي اها خبر ڪانہ آهي تہ ڪو سڪندر بادشاهہ هتي آيو هو ۽ هو ڪڏهن ملڪ ۾ داخل

ٿيو هو ۽ ڪڏهن هتان روانو ٿيو هو. هاٽي تہ وري ڏاڍا سياٽا ۽ سچيت ٿي ويا آهن ۽ سولائيءَ سان ٻڌائي سگهندا آهن تہ سڪندر فوجي پيش قدميءَ دوران ڪهڙين جڳهن تي منزلون ڪيون هيون. افغان بہ هڪ سال انگريزن سان گڏجي قديم آثارن تي ڪم ڪيو آهي، جيڪي هاٽي باختري يوناني سڪن کي سڃاڻڻ ۾ ماهر ٿي ويا آهن ۽ ان کان سواءِ ڪين انهن حڪمرانن جي لقب ۽ نالن جي بہ خبر پئجي وئي آهي پر هاٽي اهي جعلي سڪن ٺاهڻ جا بہ ڪاريگر ٿي ويا آهن. هڪ ڏينهن ليڊي مئڪنماڻن هڪڙو ناياب سڪو هڪ جعلساز افغان کي ڏيکاريو ۽ کيس چيائين تہ ان جو نقل ڪيتري وقت ۾ تيار ٿي ملي ويندو. ان جعلساز افغان کيس وراڻيو تہ "سياڻي صبح تائين هن عورت کي شڪ جاڳيو ۽ چيائينس تہ سياڻي صبح ڇو؟

"الله الله. اهڙي جعلي سڪي تيار ڪرڻ ۾ مون کي گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن ڪلاڪ تہ لڳي ويندا. افغاني کيس جواب ۾ چيو. هن قديم قلعي بابت هتي ڪي روايتون موجود ڪونہ آهن تہ ڪهڙي راجا نهرايو هو ۽ ان جو واسطو ڪهڙي دور سان آهي پر هتان جي ماڻهن کي پڪ ٿي وئي آهي تہ رات هتي جن ڀوت اچي واسو ڪندا آهن پر سيوهڻ جي ڊپٽي ڪليڪٽر هن دڙي جي صفا اوچيءَ جاءِ تي پنهنجو بنگلو تعمير ڪرايو آهي، جنهن جي اوسي پاسي سندس سنڌي نوڪر چاڪر بہ رهندا آهن. هنن کين چئي ڇڏيو آهي تہ اوهان ڪوبہ اڊڪو يوَ پولو نہ ڪريو. هتي اوهان کي ڪوبہ جن ڀوت ڪونہ ڪائيندو. هنن جڏهن ڏٺو تہ ڊپٽي ڪليڪٽر کي جنن ڪجهہ بہ ڪونہ چيو آهي تہ چوڻ لڳا تہ اهي فرنگي وڏا جادوگر آهن. جيڪڏهن اوهان هتان جي ماڻهن کان پڇندا تہ ڀلا فرنگي جن ڇو نہ ٿا ڏسن تہ جواب ۾ چوندا تہ اهي فرنگي شيطانن جا بہ ڏاڏا آهن. تنهن ڪري اهي ڪانئس ڀڄي هليا ٿا وڃن. يعني انگريز باهہ جي هٿيارن جا خالق (11) آهن. تنهن ڪري باهہ هنن کان دور ڀڄي وڃي ٿي.

ايران جي مسلمان ۽ شام جي عيسائي عورت جڏهن ڏسندي آهي تہ سندس مڙس پنهنجي ننڍي نيٽيءَ زال سان يا ڪنهن ٻيءَ عورت سان محبت ڪري ٿو تہ سوئر جو گوشت يا ان جو وار سندس ڪپڙن تي هٽي ڇڏيندي آهي تہ سندس مڙس هن سان پيار ڪرڻ لڳندو آهي پر اسان فرنگين تہ سوئر کائي ڪپائي ڇڏيا آهن. نيرن جو جيڪڏهن سوئر جي گوشت جي سيخ نہ ملندي تہ اندر کي آٿت ئي ڪونہ ملندي ۽ انن پهرن ۾ هڪ پيرو پوندڙ (مادي سوئر) جو کير نہ پئون تہ ايمان خطا پيو محسوس ٿيندو.

سائين جان بل! هاڻي اسان جلد ئي سيوهڻ کي الوداع چوڻ وارا آهيون پر جڏهن مان نوجوان هوس تہ گهمندي ڦرندي هن شهر ۾ بہ اچي نڪتو هوس. انهيءَ زماني ۾ قديم آثارن جا ڪي شوقين انگريز هن ماڳ جي کوٽائي ڪري رهيا هئا تہ من کين سڪندر جي ڪا نشاني ملي پوي ۽ اهڙا اهڃاڻ ملي وڃن جن مان پتو پوي تہ سڪندر ڪجهہ وقت هن ماڳ تي رهيو هو. انهيءَ زماني ۾ هتان اسان کي هڪ ٿانو لڌو هو جنهن کي اسان "اٿينئم ساس" سڏيندا هئاسون جنهن جو گهاڙ ايٽرسڪن Etruscan جي ٿانو جهڙو هو. ماڻهو جي عمر جڏهن پنجويهہ سال هوندي آهي تہ هو ڏاڍو اهنڊ ۽ لاپرواهہ ٿيندو آهي، مان چا ڪيو جو ان ٿانو کي پچائي متانئس تيزاب هاري ان جاءِ تي پوري ڇڏيو جيڪا قديم آثارن جي کوٽائي ٿيندڙ جڳهہ جي سامهون هئي. همراهہ بہ کوٽائي ڪندا نيٺ اچي انهيءَ جڳهہ وٽ پهتا تہ کين اهو ٿانو ملي ويو. همراهہ تہ خوشيءَ ۾ ڪپڙن ۾ ئي ڪونہ ٿي ماپيا ۽ چئي رهيا هئا تہ اسان سنڌ ۾ اهڙي خاص جڳهہ وٽ پهچي چڪا آهيون، جتي ڪڏهن مغرب جي مهان انسان اچي منزل ڪئي هئي. اهڙو اعلان پريس ۾ ٿيڻ وارو بہ هو پر مان کين حقيقت ٻڌائي سندن وايون بتال ڪري ڇڏيون، پوءِ ساري زندگي هنن همراهن جي مون تان ڪاوڙ ڪانہ لٿي. اهي ڏينهن اهي شينهن. اهي ماڻهو بہ هڪ هڪ ٿيندا هي جهان ڇڏيندا ويا. پاڻ کي بہ اچا وار وڪوڙي ويا آهن، سو پنهنجي بہ الائي اچ الائي سڀاڻي.

خدا نہ ٿو ڀُلائي تہ اهو 1800ع جو نائون ڏهاڪو هو ۽ ڪي ڪفتي "وڃايل قبيلن" Lost Tribes جي نشانن ڳولڻ ۾ رڌل هئا. چاڪاڻ تہ ان زماني تائين ڪن ماڻهن لاءِ هي موضوع اجا بہ پرڪشش هو. انهيءَ زماني ۾ مان توراني براهوي واري علائقي براهوستان Brahuistan ۾ سير سفر ڪري رهيو هوس. يوڳن چرچن جي تہ مون کي پِٽ هئي. سو اتي بہ هڪ يوڳ ڪري ورتم. مان بہ هفتو کن واندو هوس، پوءِ مان پارڪرسٽ Parkharst جو مونو گرام ڪٽي مطالعو ڪيم ۽ ان جا ڪي لفظ بہ ياد ڪيم ۽ ڪن جهنگلي قسم جي اصطلاحن کي پڙهيم. اهڙي ريت ڪجهہ شيون تيار ڪري مناسب جاءِ تي پوري ڇڏيم. هڪ ڏينهن ماهرن اِها دريافت ڪئي جو سڀ حيران ٿي ويا. پر جڏهن کين پنهنجي شرارت جو ٻڌايم تہ انهن همراهن بہ مون کي ڪڏهن بہ معاف ڪونہ ڪيو هو.

پر هاڻي تہ زندگي جو پويون پهر آهي، وڏتڻ کان هٿ بہ ڏڪي رهيا آهن، پڇتايان ٿو تہ اهڙا يوڳ چرچا اجايا ڪيم. پر ڏڌو کير ٿڻين ڪونہ پوندو.

باب چوڳهون

# منڇر ڍنڍ سانتارما ماهتاب
# لاڙڪاڻي جي هڪ سهيلي ڇوڪري

سائين جان بل! اوهان مهرباني ڪري سنڌ جو نقشو کولي آڏو رکو ۽ پوءِ منهنجي ڳالهه ڪن کولي ٻڌو.

لاڙڪاڻي کان ٿورو اتر طرف سنڌوءَ جي ساڄيءَ ڪنار جي وٽ سان هڪ ڊگهي ليڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جي پرسان لکيل آهي "نارو" سنڌي هن وهڪري کي نانگ نارو ڪري سڏيندا آهن. ڇاڪاڻ تہ هن وهڪري کي نانگ وارا وڪڙ آهن. سنڌي بہ ڳالهہ مان ڳالهوڙي ناهڻ جا ملوڪ آهن. جيڪڏهن هنن کان پڇبو تہ اهو نارو واهہ ڪنهن کوٽايو آهي جنهن کي تمام گهڻا وڪڙ آهن تہ نهہ پهہ جواب ڏيندا تہ جوڳي هڪ وڏي واسينگ نانگ جي ڪڍ لڳي پيا. جنهن پچڻ جي ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي کٽي ڌرتي ۾ گُت هنئي ۽ زمين چيريندو اڳتي هليو ويو. جيڪو پوءِ نانگ نارو سڏجڻ ۾ آيو. بعد ۾ درياهہ جي هڪ ڇاڙهہ اتان وهڻ لڳي هئي.

پر سنڌ هن نيل درياهہ جي صفا اولاهين ڇاڙهہ آهي جيڪا اڳتي وڃي منڇر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي. هي پاڻي جي هڪ وڏي چر آهي جنهن جي شڪل ڇوڪريءَ جهڙي آهي. هن وڏيءَ ڍنڍ جي صفا ڏکڻ پاسي کان اڙل جو وهڪرو شروع ٿئي ٿو جيڪو وهي وڃي سنڌوءَ جي مکيہ وهڪري ۾ پوي ٿو.

الهندي ناري جي ورن وڪڙن واري وهڪري مختلف دورن ۾ ڪاٽي ۽ صفائي ٿيندي رهي هئي ۽ ورن وڪڙن ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، تنهن ڪري هاڻوڪو نارو قدرتي وهڪري هئڻ بدران انسان جو کوٽيل

واهہ معلوم ٿي رهيو آهي، جنهن جي اڙل پيچڙي آهي. هي علائقو سنئون سڌو پٽ آهي، جڏهن سنڌوءَ ۾ چاڙهہ ايندو آهي تہ اڙل ابتو وهي وڃي منڇر کي پريندو آهي. جڏهن وري سنڌو لهي ويندو آهي تہ منڇر ۾ پريل اضافي پاڻي اڙل وسيلي وهي وڃي سنڌوءَ ۾ پوندو آهي.

سيوهڻ کان نڪري اڙل جو ڪنارو ڏيئي سفر ڪبو تہ منڇر بن ڏينهن جي پنڌ (1) تي آهي.

هيءُ سال جي خشڪ موسم آهي. چوڌس علائقو برپٽ بيابان لڳو پيو آهي. تنهنڪري ٿوهان هن منڇر کي ڏسي خوشي کان بغليون نوڪيندا. ٻہر بند ۽ ڊگهيءَ جابلو جوءَ کان پوءِ تازي پاڻي جي هڪ وڏي ڍنڍ آهي. هتان جا ماڻهو ڪيس پيار مان منڇر جي نالي سان سڏيندا آهن. درياهہ جي اوپر پاسي ايرندو نارو آهي. هڪ جهڙي نالي ڪري اوهان منجهي نہ پئجو پر منڇر ۾ الهندي ناري جو پاڻي پوندو آهي. هي چمڪندڙ نيري پاڻيءَ جي هڪ وڏي ۽ عاليشان چر آهي، جنهن کي اولهہ ۾ ٽڏڙي هوا هندوري ۾ لوڏيندي آهي. ڪنهن جڳهہ وٽ سايون پوکون اڳتي وڌي هن ڍنڍ کي وڪوڙي ونديون آهن، ڪنهن جڳهہ وٽ وري هي ڍنڍ ڳوٺن اندر ڪاهي پوندي آهي. اولهہ پاسي ننديون وڏيون ٽڪريون پاڻيءَ جي وچ ۾ بيٺل ڏسبيون آهن. آخر سج سامهون اڳتي وڌي صفا اولهہ ڏانهن هلي ويندي آهي. معلوم ائين ٿيندو آهي جڻ پوري رنگ جي ٽڪرين هن پوتر پاڻيءَ کي پنهنجي پاڪر ۾ جهلي ورتو آهي. هڪ پاسي جي وچ تان پاڻيءَ جو وهڪرو ڍنڍ ۾ داخل ٿيندو ڏسبو آهي جنهن جو پري کان رنگ انڊلٺ وانگي ڏسڻ ۾ ايندو آهي پرسان ئي مهاڻن جا اڇا سڙهہ پيا هوا ۾ جرڪندا ۽ جهرڪندا آهن ۽ پاڻيءَ جون لهرون بہ مٿي چلي پيون چانديءَ جيان چمڪنديون ڏسبيون آهن. ڪنول گل بہ ايترا گهڻا آهن جو پاڻي ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ ايندو آهي. هي گل ڏاڍا نفيس ۽ نازڪ ٿيندا آهن، جيڪي فقط ديوين ۽ ديوتائن جي هٿن ۾ جهلڻ لاءِ هوندا آهن. معلوم ائين ٿيندو آهي جڻ هنن گلن کي ڪو زمردي رنگ جو چولو پاتل هوندو آهي، جيڪو صاف شفاف ۽ نيري پاڻيءَ جي شڪل ۾ هوندو آهي. هن ڍنڍ جا ڪنارا ڪنڌيون، ڏير، ٻرڻ، ٿڙن ۽ ٻوڙن سان ڇانيون پيون هونديون آهن. ڏسڻ ۾ ائين ايندو آهي جو جڻ جهونڙي ديوتا پروٽيوئس Proteus جا ڊگها ۽ خشڪ وار آهن. هنن جي ڪانن جو قد بہ ويهہ پنجويهہ فوٽ ڊگهو ٿيندو آهي، جن جي چوٽين ۾ وڏا اڇا سنگ هوندا آهن. جڏهن هوا جي هير گهلندي آهي تہ پيا هيڏي هوڏي

جهونتندا ۽ جهومندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي ڳل ڳراتي پائيندا آهن. منڇر جي هن سهڻي من مهڻي ڏيک ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوٽ ڪانه ڏسبي آهي ۽ هر پاسي هڪ مڪمل منظر هوندو آهي. ماڻهو جڻ ته آرڪٽڪ يا وچ آفريڪا ۾ ويهي ڪو خوبصورت ڏيک ڏسي رهيو آهي. ڪن جڳهن تي پاڻي جا پکي ايترا گهڻا ۽ پاڻ ۾ ڳتيل هوندا آهن جو اتان پاڻي به ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي، جيڪي پاڻيءَ ۾ ترندا تڙڳندا رهندا آهن. ڪي وري پنهنجون چهنبون پاڻيءَ ۾ هڻي پنهنجو چوڳو چونڊيندا ۽ چڳندا رهندا آهن. ڪي پکي پنهنجو چوڳو چوڻو ڪري پاڻيءَ ۾ هڪ جاءِ تي ويهي پنهنجي چهنب سان کنڀ پيا سوئيندا ۽ صاف ڪندا آهن. هتي سفيد چمڪدار پرن وارا پکي به آهن جن کي هتان جا ماڻهو برهڻي بدڪ سڏيندا آهن. ڪاري رنگ جو ڦوليارو Cupew به تمام گهڻو ڏسبو آهي، جنهن جو مٿو ۽ چنهب ڳاڙهي هوندي آهي هلڪا گلابي سفيد رنگ جا "لاکي جاچي" پکي بيشمار آهن جيڪي هيڏانهن هوڏانهن اڏامندا رهندا آهن. پيڻڻ پکي به هتي جام ڏسجي ٿو جيڪو اٺ پکيءَ کان ٿورو لانيرو هوندو آهي. ان کانسواءِ بدڪ، ٻگهه، قوق، ڏُوم، تڪر، تپر به جام آهن. پر پيا به الائي ڪيترن قسمن جا پکي آهن. جڏهن اڏامندا آهن ته واءَ ۾ واڪا پئجي ويندا آهن. مٿي پکين سان آڪاس ڏسڻ ڪونه ايندو آهي ته هيٺ وري ڪنول گل ڍنڍ جي پاڻي کي ڍڪي ڇڏيندا آهن. پري کان پکين جون اڏارون، ڪنول گلن جون قطارون، لڏندڙ سفيد سنگن وارا ٻوڙا، پاڻيءَ ۾ اچن سڙهن واريون ٻيڙيون نيرو پاڻي، ٻيڙين جي هلڻ ڪري ڇُلندڙ چاندي جهڙيون ڇوليون. ڇا ته منظر آهي. جڻ هيانءُ هٿن مان ڇڏائجي رهيو آهي. چيو ويندو آهي ته هي ڍنڍ ويهه ميل ويڪري ۽ پکيڙ هڪ سو اسي ميل آهي. نيڻ نهار تائين پاڻي ئي پاڻي ڏسبو آهي، جيڪا ڍنڍ نه پر سمونڊ ڏسبو آهي. ڏسو هي سائين بل! ڪنگري پکي King fishers به هزارن جي تعداد ۾ اڏامي رهيا آهن. سندن ٻولي به اهڙي آهي جڻ هيرا موتي پٽ تي ڪرندا ڇڻ ڇڻ پيا ڪن.

منڇر ۾ مهاڻن جو ته نه انت نه شمار. جاڏي ڏس تيڏانهن مهاڻا. پري کان ائين پيو لڳندو جڻ چيني ٻيڙيون هاڪاريندين پيون اچن. ان کانسواءِ ٻيون سوين ٻيڙيون ڍِير، ڪانن ۽ نڙن جي وٽ سان ۽ ڍنڍ جي ڪنارن سان بيٺل نظر اينديون آهن، ڪي وري ڪناري واري ڦٽل گاهه وچان وڏي پاڻيءَ ڏانهن اينديون ڏسبيون آهن، ڪي وري وڏي پاڻي کان ڪناري ڏانهن وينديون نظر اينديون آهن. هنن تي ويٺل مهاڻا دنيا جي ڪرڪسن کان آجا

پنهنجي ڪم ۾ رڌل ڏسبا آهن. ڪي نوان چار پيا ناهيندا آهن. ڪي پراڻن چارن جا ڳنڍ جوڙ ڪندا آهن. ڪين اها خبر بہ ڪانہ هوندي آهي تہ سندس ٻيڙي وچي ڪنهن تڏي ۽ پاڻ ۾ ڦاٽي آهي.

هي مهاڻا اصل سنڌي آهن. رنگ جا سانورا آهن پر مهانڊن ۾ ملوڪ آهن. سنڌن اٿڻ ويهڻ مان بہ لڳندو آهي تہ اهي جڻ هندو آهي. پر هاڻي هو مسلمان ٿي ويا آهن. جڏهن هندو هئا تہ بہ سنڌن حال هيڻا هئا. سڄي ڏينهن جي هڻ هڻان مان پيٽ جي پورت بہ ڪانہ ٿيندي هئي. مسلمان ٿيا آهن تہ بہ ساڳي اڳڙي لڱن تي نہ ماني تڪي پوري. هتان پتي هُت هٽي پيا پورت ڪندا آهن. گذر اهو ئي لبي ڦبي تي. هندو هئا تہ بهہ ڪُم ڪوڻيون، مڇي ۽ لوڙهہ ڪائي پيا ويلا ٽپائيندا هئا. هاڻي بہ ککي هاڻيون ڪاريون، مڇيءَ هاڻا هڏ، ڇڇن مان ڇڇي جي ڏپ ڪانہ وئي. آهن تہ مسلمان پر منجهانئن اجا هندن واريون ڳالهيون ڪونہ ويون آهن. هو اجا بہ پاڻيءَ جي سڪا ڏئي پوءِ مڪڙيءَ کي تار ڏانهن موڙيندا آهن. هو اجا تائين پاڻيءَ جي ديوتا کي چانورن لپ بہ ڏيندا آهن. ساڳئي طريقي سان اکاڏين ۽ ڏيا موهن. ان ديوتا جي ساراهہ ۾ ڀڄن جهڙا گيت بہ ڳائيندا رهندا آهن. هنن ڳالهين مان لڳي ٿو تہ هو پراڻي دورن وارا ساڻ سوڻ بہ ڪندا رهندا آهن ۽ ابن ڏاڏن واريون ڪفر جون ڳالهيون اجا ڪونہ ڇڏيون اٿن. سگهارا، متارا، ڦڙت ۽ چالاڪ، سارو ڏينهن هل هلان، مزاج ۾ رلڻا ملڻا ۽ ڪچهرين جا ڪوڏيا، ڳالهين جا ڳهير. ڪم ۾ هٿ بہ پيو هلندو تہ چپ بہ پئي چلندي. هن نيات ۾ مرد ۽ عورتن جي ڇڙواڳ لاڳاپن کي عيب ڪونہ سمجهيو ويندو آهي، ڪين پاپ پيچ" ڏوهہ ثواب جو ڪو پتو ڪونہ آهي. جڻ پراڻي دور ۾ پيا گذارين. هن سماج جا مرد ۽ عورتون هٿ هٿ تي رکي پير پساري هڪ جڳهہ تي ويهي ڪونہ سگهندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ ويني ڪان وِرتا پلي. ويني تہ گوڏن ۾ ڏيپ جميو وڃن ويني تہ شينهن بہ بک مريو وڃن. سنڌن اهڙي چر پر مڇيءَ ڪاڻڻ ڪري آهي يا ان جو ڪو بيو ڪارڻ آهي. مان هن منجهيل سٽ کي سلجهائڻ جو بار اوهان تي رکان ٿو سائين جان بل! تہ هي ماڻهو دکڻهاري جيان ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ رڌل ڇو هوندا آهن ۽ چپ ڪري ويهڻ هنن ماڻهن کي ڏانءُ ڇو نہ ايندو آهي. سنڌن هي گڻ عام سنڌيءَ کان نرالو آهي. هي سوال جسماني ڪارڪردگي جي فلاسافي سان تعلق رکي ٿو.

هنن جون عورتون بہ جتن ۽ جاکوڙ جو هڪ نمونو آهن. ٻيڙيءَ جو ونجهہ هنن عورتن جي هٿن ۾ هوندو آهي، جنهن کي هٿ جي خاص مروٽي

سان پيون ڦيريندين گهريندين آهن. سندن مڙسن جي هٿن ۾ چار هوندا آهن جنهن سان هو مڇي ڦاسائيندا هلندا آهن. سندن وڏا ٻار لٽن ڪپڙن کان آجا ٻکين وانگي پيا پاڻيءَ ۾ ترندا ۽ تڙڳندا آهن پر سڀ کان ننڍو ٻار ڪوهي جي رسي ۾ ٻڌل چار جي ڏوليءَ ۾ پيو هوندو آهي ۽ پيو آڱوٺو چوسيندو آهي.

هنن ماڻهن جو رڌڻ پچائڻ، کائڻ پيئڻ حقو ڇڪڻ ٻيڙي تي ئي ٿيندو آهي. هي ماڻهو ڏرتيءَ جا مناهدار هجڻ سان گڏ پاڻيءَ جا پئونرا بہ هوندا آهن. سبندن اٿڻ ويهڻ اائين ئي پاڻيءَ ۾ ٿئي. ڏرتي تي پير فقط تڏهن رکندا آهن جڏهن کين ڏنڊ جي کنڊي سان مڇي صاف ڪرڻي ۽ سڪائڻي پوندي آهي يا جڏهن کين لٽو ڪپڙو يا ڪا ستي ڦڪي وٺڻي هوندي آهي. پاپن ڪرڻ ۾ بہ پورا هوندا آهن ۽ توبهہ ڪندي بہ ڪونہ ٿڪبا آهن. شادي وهانو بہ دير سان ڪن۔ ينگ پيئڻ جا مست ڪوندا ڏوگهي پوڻ ساهہ پٽيندا. ملان موراڻي کان لڪي مڏ جي چڪڙي بہ چاڙهي وٺندا آهن پر آفيم جو ذرو وات ۾ وجهڻ ڪونہ وساريندا آهن. گهر ڀاتين جو تعداد بہ گهڻو هوندو آهي. ڳالهائڻ ۾ چپ ڪانہ هوندن. جاٽئون آيا تاٽئون پار۔ گاريون تہ سندن گفتگو ۾ گلن جيان ضرور تاڪيل هونديون آهن. ڳالهائڻ ۾ سندن عورتون بہ ڪريون ۽ ڪڙٻگ، مردن کان بہ بہ هٿ اڳتي. حاضر جواب بہ ڏاڍيون هڪ چؤ تہ ڏهہ چئي وچي پار پونديون. گارين ڏيڻ جون ڳويسر۔ سدائين هڪ جهڙي گار ڪڍڻ هنن لاءِ عيب آهي. نئون سچ نئين گار. گار ڏيڻ جو طريقو اهڙو نئون ۽ نرالو جو ڪتي نہ ٻڌو نہ سُٽيو. جيڪو ٻڌندو تنهن جا تہ ڪن ئي ڊرا ٿي ويندا. هر شيءِ مان ڏوپار. زبان ڪي نہ ڪنبو نہ منبو.

مختصر طور تہ هو ڪلڻ ڪجڻ جا ملوڪ پوڳ ڇچرن ۾ پڙ۔ ڪنهن کي اڳ ڪونہ ڏيندا. پر سيہ سياري ۾ پوهہ جي پاري اچي لامون لاٽيون ۽ تڏ بہ لڏو لاهي ڪپ ڪوڙي ويهي رهي تہ سندن جياڙي جياڙيءَ سان ڪانہ ملندي. پوءِ اتر جي لس اوڪ لڳي ويندي چاٺو پارا پئجي ويندا ۽ ڪڏهن نشي جي ڳهر کان آجا ٿي پوندا آهن ۽ گارين جا ٻوشڙ لاهي ڏيندا آهن. وڏا ٺهڪ ڏئي کلندا آهن. من جا ميرا ڪونہ ٿيندا آهن. تنهنڪري سندن جيءَ ۾ جهيڙي واري ڳالهہ جڙ هٽي ڪانہ سگهندي آهي پر جيڪڏهن رات جي وڳڙي ۾ بيگاهہ وقت ڪنهن سندن ٻيڙيءَ تي پير رکيو تہ پوءِ ممڻ مچي، پوندا آهن، هن نسل جي عورت ۾ سونهن گهٽ هوندي آهي، سندن عمر ڪي بہ جڻ سُرِي ڪائيندي ويندي آهي. چوڪري جيڪڏهن ويهن جي ڄمار کي پهچندي

آهي تہ سمجھبو آهي تہ پنجاهہ جي پيٽي ۾ آهي پر جيڪڏهن ٽيهن ۽ چاليهن جي وچ تي پهتي تہ پڪ ڪراڙي ڏسبي. ڏند ڏاڙهون هڙ ڇٽ. هلندي بہ جُهونگي ٿي جڻ ڇيلهہ چوڪٽي ڪان ڇٽ اٿس. پر جي زبان ۾ چٽِي تہ ڪنڌيون ڪُلي ويندیون. هيلهوڪا پروڪا سڀ پاند چڪائي ناس جي پچٽي ڏئي متو ٻڌي آهلجي پوندي. جيڪڏهن حقو ويجهو هوندس تہ تماڪ جي ڳوٽي ٻن ڦوڪن ۾ دُس ٿي ويندي. مٿان سج جي تنهڙ اس. ٻي وري لڪ جي لس- تنهنڪري هنن ماڻهن جو رنگ ڳاڙهسُرو ڪارو ٿيندو آهي. جان تي ميرا ۽ ڦاٽل ڪپڙا هيٺ گوڏ ۽ مٿي سان ڪپڙي جي لِيڙ. نئنءَ ٿهيءَ جي ڪا اهڙي ڇوڪري ورلي ليندي. جنهن کي سهڻي سڏي سگهجي. هنن جي ساري زندگي جڻ تڪر ٽاڪيندي گذري ويندي آهي. مون کي يقين آهي تہ مئڪبيٿ بہ اهڙيون ڪوجهيون ۽ ڪاريون ڇوڪريون ڪٿي بہ ڪونہ ڏٺيون هونديون. هنن جو ڪراڙيون تہ هوبهو ڏائڻيون ڏسبيون آهن.

سائين جان بل! اسان ڏاڍي سني موسم دوران منڇر اچي ڏٺي آهي. اونهاري جو هيءَ جاءِ ڏاڍي گندي هوندي آهي. اهڙي ساري سنڌ ۾ ڪانہ ليندي. چاڪاڻ تہ پاڻي گهڻي وقت کان بيٺل آهي ۽ مٿان وري گرمي هوندي آهي. تنهن ڪري هتي ايتري اپس ۽ ڏپ هوندي جو ماڻهو ويهي نہ سگهندو آهي. اونهاري جو جڏهن سج نيري پاند اچي پڄندو آهي تہ ڏرتي ٽامون ٿي ويندي آهي ۽ بيٺل پاڻي سڪي ويندو آهي. ڏيرِ، پَنِ ۽ پاڻيءَ جي گام جي پاڙن واري ڪاري گپ مان مڇر، عام مک، پنيوريون، سنهي ڪُتِ ۽ مليريا جا مڇر لکن جي تعداد ۾ ڌاڙيلن وانگي ڪناري مٿان اچي ڪڙڪندا آهن. ڍنڍ جو پاڻي بہ هڪ هنڌ بيٺل هوندو آهي. اس ۾ گرمي ڪري منڇر پوڃ سمنڊ جهڙي گرم ٿي ويندي آهي. جڏهن تيز جهولو لڳندو آهي تہ بيٺل پاڻي ۾ ڇوليون پيدا ٿي ويندیون آهن. ان ڪري ايترو شور ٿي ويندو آهي جو پائنبو آهي تہ ڪو تيز طوفان اچي ويو آهي ۽ هزارين شيطان ان پاڻيءَ مان نڪرندا ڏسبا آهن. ان موسم ۾ ٻيڙيءَ تي چڙهڻ بہ ڏکيو هوندو آهي. ان ان هن پاڻي جون لهرون جڻ سمنڊ جون لهرون هونديون آهن. جڻ ساموندي وير هوندي آهي جيڪا هوريان هوريان مٿي چڙهندي ويندي. مٿان اچي گجي ڏسڻ ۾ ايندي پر اهڙيون لهرون هوا جي جهوٽن کان مختلف رخ اختيار ڪنديون آهن ۽ هڪ ٻئي کان نراليون هونديون آهن. ننڍڙي ٻيڙي هنن وڏين لهرن لاءِ ائين هوندي آهي جڻ ان تي وچٽو رکيل هوندو آهي. جيڪا اونڌي ٿي وڃي گپ ۾ ڪرندي آهي. جيڪڏهن اوهان اهڙين طوفاني هوائن

۾ ٻيڙي ۾ چڙهندا تہ توهان جو ٻڏڻ بہ خطرناڪ نموني هوندو ۽ پيا ڪوسي پاڻي ۾ غوطا کائيندا ۽ رڙيون ڪندا ۽ ڪير بہ بچائڻ وارو ڪونہ هوندو. اهڙيءَ تيز هوا دوران ٻيڙيون ڪناري سان بہ پڳهہ هڻي ڪونہ سگهنديون آهن. تڏهن ٻيڙي ٻئي پاڻي ۾ هلندي آهي. توهان بہ ٻيڙي جي آڳيل ڏانهن منهن ڪيون ويٺا هوندا. اهو ائين هوندو جڻ ماڻهن پچ چرئي لاڏو اٺ تي سوار هجي، جنهن جي مهار ناڪيليءَ مان نڪري وئي هجي، جيڪڏهن اوهان جا پاڳ پلا هوندا يا اوهان جي وڏڙن جو ڪو تڪر اگهاڻل هوندو تہ ٻيڙيءَ جو چاچر پاڻيءَ ۾ تختو تختي کان الڳ تي ويندو ۽ اوهان بہ خيرن نندي پاڻيءَ ۾ واري گاهہ ۾ وچي ڏوُ ڪندا، ان جاءِ تي ڪنن تائين ڪاري گپ هوندي آهي، جيڪڏهن ڪريا تہ اوهان بہ ڪنن تائين ڪاري گپ ۾ ڪارا تي ويندا. رڳو منڍي پئي ڏسبي، ان ڪاري گپ ۾ ڪني پاڻيءَ جي ڏپ تہ هوندي پر نڪ پاڻيءَ کان مٿي هوندو. جنهن کي سولائيءَ سان ساهہ کڻڻ جي سهوليت مليل هوندي. اوهان کي يقين هجڻ گهرجي تہ اوهان ٻڏي ڪونہ ويندا. ان وقت تائين تيز طوفان بہ رڪجي ويندو ۽ ڪونہ ڪو ٻتيلو اوهان جي بچاءَ ۾ اچي پرگهٽ ٿيندو. توهان جي شڪل سڃاڻپ لائق تہ ڪانہ هوندي پر بچي ضرور ويندا. سيوهڻ ۽ لاڙي جي وچ تي ميهڙ جي ماڳ وٽان اسان کيرٿر جبل ڏسڻ لاءِ هلنداسون، جتي ڏسڻ لاءِ بہ اهم ماڳ آهن جن مان هڪ چاريارو Char Yaru ۽ ٻيو دانا جا ٽل Dana Towers آهي پر بدقسمتي سان انهيءَ ماڳن ڏانهن ويندڙ رستو فقط ٽن ميلن تائين، ان کان ائين سفر ڪرڻو هو جهڙي ريت قيصراوان Kesrawan کان لبانس Lebanus تائين ڪيو ويندو آهي. هن علائقي ۾ ڳوريٽ (2) نالي جانور جو وڏو آزار هوندو آهي، هتان جو جبل ڳاڙهسرو آهي جنهن کي Sand Stone سڏيو ويندو آهي، جنهن سان لاڳاپيل ٽڪرن جا ٿي سلسلا آهن جيڪي هڪ ٻئي سان پور وچوٽ تي آهن. هن سلسلي کي New red Sand Stone سڏيو ويندو آهي. جيالا جي واري عروج جي زماني ۾ اهو جابلو سلسلو سنڌوءَ جي ساڄي يا الهندي ڪناري واقع هوندو. ڪاراتاها Khara taha جي جابلو سلسلي لاءِ چيو ويندو آهي تہ 6000 فوٽ اوچو آهي، جڏهن کيرٿر واري ڪتي جي قبر واري چوٽي 7200 فوٽ بلند آهي (؟) هيرار Herar وارا قلعا ڪافر ڪوٽ آهن، انهن جي دور جو تہ ڪوبہ پتو ڪونہ آهي. نہ وري انهن سلسلن جي خبر آهي، جن هنن ڪوٽن کي اوساري تيار ڪيو هو اهڙا ماڳ ماپ ۾ پورا ۽ سڌي پٽ جي شڪل ۾ آهن. شايد تنبن هڻڻ جي مقصد سان انهن کي سنئون سڌو

ڪيو ويو آهي. تي سگهي ٿو سنڌوءَ جي چاڙهه ڪري مٿن لٽ وهندو ويندو آهي پر هتان جي ماڻهن جو عام خيال آهي ته برساتن جي زور سبب ٽڪرين جي چوٽين وارا وڏا پٿر سرڪندا گڙڪندا اچي هيٺ پهتا هئا. جن کي انهيءَ دور جي جنن ڀوتن هڪ جاءِ تي گڏ ڪري خاص ترتيب سان رکيو آهي. ڊاڪٽر ليلر Laler هن بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي جيڪو عجيب غريب آهي، سندس خيال آهي ته هتان جي جبل جي چوٽي ميداني علائقي ۽ ڪوهاٽي پد ۾ فرق آهي ۽ ائين ڪونه آهي جيئن عام طور تي تصور ڪيو ويندو آهي. اهڙي ريت جيڪڏهن جبل تي چڙهبو ويجبو ته ڪوسائي پد ۾ اضافو محسوس ٿيندو ويندو. هي نتيجو جديد نظر جي خلاف آهي. ٻي ڳالهه ته فضا بلڪل صاف هوندي آهي ۽ عام طور تي جهڙ وغيره به ڪونه هوندو آهي، تنهن ڪري اهڙو نتيجو غلط ٿي ڪونه ٿو سگهي. مسٽر رائيٽ (Right) ميهڙ جي اسپتال جو انچارج آهي. هن ماڻهوءَ جو چوڻ آهي ته مٿي جبل جي پيٽ ۾ ميداني علائقي ۾ ٿرماميٽر وڌيڪ ڪوسا ئي پد ڏيکاري ٿو. لاڙڪاڻا Larkana (3) سنڌوءَ جي اوپر پاسي انن ميلن جي سفر تي آهي. هاڻي اسان وچولو ڇڏي سنڌ جي سري واري علائقي ۾ داخل ٿي رهيا آهيون، هتان کان سنڌ مصر وانگي سائي ۽ سکي ستابي نظر ايندي سائين جان بل! انهن ڳالهين مان اوهان چڱيءَ ريت اندازو ڪري سگهو ٿا ته سنڌ تمام گهڻي سائي ڀائي ۽ سکي ستابي آهي. اتر سنڌ واري هن علائقي ۾ سنڌوءَ جو پيٽ مٿي ۽ ذري گهٽ زمين جي مٿاڇري سنوت ۾ آهي. پر لاڙ ۾ ايترو مٿي ڪونه آهي، تنهنڪري هتي واهه کوٽي پوکي راهي ڪئي ويندي آهي. تنهنڪري جيڏانهن به نظر ڪندا تيڏانهن سايون پوکون ڏسجن ٿيون، جيڪي هوا جي هير تي ناچ ڪري رهيون آهن، هتي ڪچين پڪين جاين تي مشتمل ڳوٺ آهن پر اوهان لاڙ ۾ ڏٺو هو ته جهوپڙيون ۽ ڪانن جون ڇتيون هيون، هتي هر ڳوٺ ۾ نمون، ٻيريون ۽ ڪجيون آهن. ڏسو ته هنن وڻن ۽ ساين پوکن سان هي ڳوٺ ڪيڏا نه سهڻا پيا لڳن. چوڌاري ڏسو ته گاهن جون گلزاريون لڳيون پيون آهن، جتي مينهون، ڳئون، رڍون، ٻڪريون ۽ گڏهه چري رهيا آهن. ڪنائي ڏسو ته نارن جو آواز به آهي، واهن ۽ ڪڙين مان ٻُهين وسيلي پاڻي کوهاڏن ۾ آٽي مٿن نار چاڙهيا ويا آهن، جن مان رينگاٽن جو آواز اچي رهيو آهي اهو آواز جڻ ڪنهن موسيقي جو آهي. ٻڌو ته جهار هڪلڻ وارو هور هور جو آواز اچي رهيو آهي. هي ماڻهو ڪانياڻي جي مدد سان ڳوڙها هٽي جهار کي تڙي رهيا آهن، ٻکيا پکي به پوک جي پڪل

سنگن مان ان چڳڻ لاءِ متان ڦيرا ۽ ويهڻ لاءِ لامارا هڻي رهيا آهن. پوک کان مٿي ٽي ويهڻ واسطي هن منجڻ يا پيهو ٺاهيو آهي، جتي ويهڻ يا بيهڻ سان پوک جو سارو نظارو سندن اکين اڳيان هوندو آهي. مسٽر فريڊ ليمٽن Fred Leihton جو بيان آهي تہ شام ملڪ ۾ ماڻهو منجن يا پيهي تي بيهي ڪانياٽين جي مدد سان پوک کي ڪائيندڙ جهار کي اڏاريندا رهندا آهن. پوک بچائڻ جو ٻنهي قومن جو طريقو هوبهو ساڳيو آهي، هتان جو هاري ناري بہ ڏاڍو سگهارو متارو آهي. جهار هلڪڻ ۾ لڳي رهيو آهي، هي ماڻهو طاقتور ۽ ذهين آهن، بکايل بدحال ۽ ڏکن ۾ ڏوڙيا، اگها ۽ اگهاڙا ڪونہ آهن، جيئن تو لاڙ ۾ ڏٺو هو. هو اسان ڏانهن ڏسي ڏاڍا خوش ٿي رهيا آهن، جڏهن اسان ڳوٺ وچان گذريا هئاسون، ڪيترا ماڻهو پنهنجي اڳڻ واري پٽ تي چڙهي اسان کي ڏسي رهيا هئا. ڪيتريون عورتون گهرن جي درن وٽ بيهي اسان ڏانهن گهوري ڏسي رهيون هيون. اسان جڏهن ويجهو پهتاسون تہ هو پردي ڪرڻ خاطر پوئتي هٽي لڪي ڪونہ ويون هيون، اسان جڏهن کين اسلام عليڪم چيوسون تہ وڏيءَ لانڊ سان وراڻيو هئائون وعليڪم السلام. سهڻيون مايون هيون. رنگ زيتوني ۽ اک ڪاري. هي ڪليون تہ سندن ڏند بہ ڏسي ورتا هئا، جيڪي ننڍڙا ۽ موتين جهڙا سهڻا هئا. هتان جو عام رواج آهي تہ عورت اوپري ماڻهوءَ کي ڏسي در کان هٽي ويندي آهي پر هنن ائين ڪونہ ڪيو هو تنهنڪري اسان کين چڱيءَ ريت ڏسي ورتو هو. جڏهن اسان ڪنهن بہ ترقي پذير وڏي ڳوٺ وٽان گذرنداسون تہ اسان ڪنڌ کي جهٽڪو ڏئي اتان جي ماڻهن کي سلام ڪيو تہ انهن جي ڪاوڙجڻ بدران سندن منهن تي مرڪ ڏسڻ ۾ آئي.

لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو جڻ "سنڌيا فيلڪس" جو مرڪز آهي يعني هيءُ باغن جو شهر آهي. هن جي چوڌاري رڳو باغ ئي باغ آهن. اهڙي ريت هي شهر بہ هڪ وڏي واهہ جي پرسان واقع آهي، جنهن جي ڪناري سان وڻن وڻن جون قطارون آهن، ان جي چوڌاري ڪٽڪ جون پليون پوکون ڏسڻ ۾ اينديون. هي سنڌ جي شهرن مان هڪ مثالي شهر آهي.هتان جون مسجدون وڏيون، تلاءَ ويڪرا گهر بہ وڏا ۽ گهڻا آهن. جيڪڏهن ڪي ننڍا گهر آهن بہ سهي پر اهي ڏاڍا صاف آهن. بازار بہ ڏاڍي ڊگهي آهي، جنهن ۾ سوين هٽ آهن، انهن ۾ هڪ قسم جو شان ۽ شوڪت موجود نظر ايندو. شهر جي هڪ ڪنڊ ۾ قلعي نما هڪ عمارت بہ آهي جنهن جو نالو ڪوٽ "فزجيرالڊ"

آهي، هي نالو مٿس ان ڪري پيو آهي جو هن نالي واري انگريز عملدار هن قلعي جي تعمير جي نگراني ڪئي هئي، هن تعمير جي حفاظتي اڏاوت ڪي ڏسي اسان ڏاڍا متاثر ٿيا آهيون.

لاڙڪاڻو هڪ تجارتي شهر آهي ۽ ڪپڙي جي صنعت ڪري ڏاڍو مشهور آهي. ان ڪانسواءِ شڪارپور کان ڪراچي ويندڙ رستي جي ڪنڌي تي آهي. هتي قافلا ـ سرايون بہ موجود آهن جتي واپار ۽ تجارتي مقصد سان واپاري ڪيڏانهن بہ ايندي ويندي هتي ترسندا آهن. هي شهر ماڻهن جي بداخلاقين جي ڪري بہ گهڻو مشهور آهي. هتان جا ماڻهو شراب پيئڻ ۽ ناچ ڏسڻ جا ڏاڍا شوقين آهن. زندگي جي هر ضرورت سان لاڳاپيل هر شيءِ هتي موجود آهي ۽ ملي بہ ڏاڍي سستي ٿي، تنهن ڪري ماڻهو محنت ۽ جفاڪشي ڪون ڪندا آهن. هن شهر ۾ ناچڻين جو تعداد تمام گهڻو آهي، تنهن ڪري هتي ڪن با اصول ماڻهن جي نظر ۾ لاڙڪاڻو سنو شهر نہ آهي.

سائين جان بل! مان اوهان کي فزجيرالڊ جو قصو ٻڌائڻ چاهيان ٿو. جيڪو ڏاڍو عقلمند ۽ بهادر فوجي سپاهي هو جنهن جي دليريءَ ۽ ذهانت جا جوهر سرچارلس بہ ڏٺا هئا. هي ماڻهو 1876ع ۾ هتي موجود ڪونہ هو. انگلينڊ ۾ کيس وڏي ملڪيت هئي، جسماني طور بہ ڏاڍو خوبصورت ماڻهو هو. جنگي ميدان ۾ توپ جي استعمال جو ماهر هو. هن پنهنجي تلوار جي جوهر سان بلوچ قوم کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. هن پنهنجي آرام واري زندگي ڇڏي فوج ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هئي ۽ اٺ سوار فوج کي مرتب ڪيو هو. ان ڪانسواءِ هن وڏي دٻاءَ واري ٻاڦ جي انجڻ جوڙي هئي، جيڪا هن ديسي ساخت جي ننڍيءَ ٻيڙيءَ ۾ نصب ڪئي هئي، جنهن ٻيڙيءَ کي تباهہ ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ ڪيترين ئي ٻيڙين تباهہ ٿينديون رهيون. سرڪار کيس بيماريءَ جي موڪل تي ڳوٺ موڪلي ڇڏيو هو. مان تہ سندس سگهاري جسم کي اڄ بہ ڏسي رهيو آهيان، جيڪو استرخان جي پوستين پايو بيٺو آهي. هو ڏاڍو مشهور ۽ معروف ماڻهو هو پر ڏکي جمار ماڻي ڪونہ سگهيو. هن جي شخصيت ۾ ڪي اهڙيون منفرد ڳالهيون هيون جو کين ويسٽمنسٽر ائبي Westmenster Abbey پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو هو.

سائين جان بل! مون کي پنهنجو واعدو ياد آهي تہ اوهان کي لاڙڪاڻي جو ناچ ضرور ڏيکاريندس. اوهان کي اها بہ خوشخبري ٻڌايان تہ اهڙو بندوبست پاڻ واري منشي هريچند ڪري ورتو آهي. هاڻي اها پنهنجي پيئرن سان گڏ اچي رهي آهي، سندس هر هڪ پيڙ پنهنجي جدا ڪجائي

(4) ۾ سوار ٽيندي. اهڙيءَ ريت نون انن جو هڪ قافلو هوندو. اجهو جاڻ پهتيون.

ميان جان بل! اڪيون راهہ ۾ اٽڪايون ويٺو آهي. اجا تہ اوهان ماهتاب کي تہ ڏٺو ئي ڪونہ آهي پر جڏهن انهيءَ جي اکين جي ڪجل جون ڪهاڙيون هليون تہ توهان پوئتي انگلينڊ تہ پهچي ڪونہ سگهندا. ماهتاب جي محفل چنڊ آهي، هي ماهتاب بہ چنڊ کان گهٽ ڪانہ آهي. ڄڻ قدرت پنهنجي ڪاريگر هٿن سان چنڊ جي هڪ ٽڪري کي هٿوڙي ۽ ڇيڻيءَ سان گهڙي ٺاهي ماهتاب جي شڪل ڏئي ڇڏي آهي. سندس جسم جو هر هڪ عضوو قدرتي سونهن سيبتائي جو بي مثال شاهڪار آهي. توهان ڪيس ڪهڙي بہ پاسي کان ڏسندا تہ ان جي خوبصورت منهن جو وڄهہُ بيہ انتها سهڻو من مهڻو لڳندو. ڪارا ۽ گهنڊيدار تلهڙ ڊگها وار ڄڻ ڪنهن جوڳيءَ جي پنڊي مان ڪاريهر نانگ نڪري سندس ڪلهن تي وڪري ويا آهن. چمڙي بہ سفيد سنگ مر مر. وات جهڙو ويندو. چپ گلاب جون پنکڙيون، نڪ آمي ڦار پنبڻيون تاٽيل تلوارون، جاڙا پرون، اکيون وڏيون ۽ ڪاريون ننڍاڪيون، ڄڻ منجهن مڌ جا مٽ اوتيل. ائين معلوم ٿي رهيو آهي ڄڻ قدرت انهن کي هاڻي تازو تيار ڪري هن جي جسم سان شامل ڪري ورتو آهي. هنن جو اڪيلي سر مُنهن بہ هڪ مڪمل حسن جو هڪ خوبصورت اظهار آهي. اها آهي ماهتاب لاڙڪاڻي جي ڊونا Donna. ڏسو ڪيڏي نہ سنجيده آهي سندس ماڪيءَ جي لار جهڙي منڙي منهن تي ڏکن جا پاڇولا آهن. پلي ان ڏانهن بار بار نهاريو. پلي پيار ۽ نفرت وچان هن ڏانهن گهوريو. پلي ڪيس خوش ڪرڻ ۽ کلائڻ جا جتن ڪريو پر سندس خوبصورت چپن تي مرڪڻ جي هلڪي جهلڪ بہ ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندي. ڏسڻ ۾ ائين ايندو ڄڻ تہ اها هڪ زنده انسان بدران سنگ مرمر جي بي جان مورتي آهي، جيڪا چوڏهين جي چانڊوڪيءَ ۾ گهمي ڦري رهي آهي.

سائين جان بل! ماهتاب جو منهن مختلف شين جو هڪ مجموعو آهي. ان کي اوهان سونهن جا بيشمار روپ سڏي سگهو ٿا. اوهان اهي بيشمار قسم ڏسي ڀُڻڻ ٽڪجي پوندا. اوهان جيڪڏهن ان جي جسم ڏانهن نظر ڪندا تہ اتي اوهان کي گهڻ۔ رنگيون ڪيئي انڊلنيون ڏسڻ ۾ اينديون، سائين جان بل مان سمجهان ٿو تہ ڪا شيءِ اوهان جي نڙي ۾ اٽڪي بيهي رهي آهي. اوهان ڪا شيءِ چوڻ چاهيو ٿا پر ٻاڦ ٻاهر ڪڍي ڪونہ ٿا سگهو. توهان شايد اهو چوڻ چاهيو ٿا تہ ماهتاب عاج جو سفيد منارو آهي

جنهن کي مٿان چوڏهين جي چنڊ جو چورو ٻرڪيو ويو آهي، ڳچي بہ هرڻي جهڙي سهڻي. مان اهي لفظ تشبيهہ طور چيا آهن پر اها ماهتاب جي حسن جي توهين آهي. ان کان پوءِ سونهن جي سڪايل اوهان جي نظر سرڪندي پرڪندي ترڪندي وڃي. ماهتاب جي ڪلهن وٽ ٽِڪ ٻڌي بيهي ويندي. ان وقت تنهنجي دل مان درد ڀري دانهن نڪري وڃي ٿي تہ ڇا سندس سِرَ جي سونهن ڇا تہ سندس ڌڙ جو حسن آ! اوهان اتي جو اتي بيهي رهو جان بل! ڪٿي اوهان جون نظرون محبت ڪرڻ جي صفا غلطي نہ ڪري وجهن. هن ٽوليءَ جي ڊگهي چوليءَ پاتل ۽ ٻيٽ جي ڇهي جهڙي سنهڙي ڇوڪريءَ جي عشق ۾ دين ايمان گنوائي وهندين هن کي نديڙو عورتاڻو خوبصورت ڪوٽ پاتل آهي. هاڻي اوهان جي تہ مون تي اک بہ ڪانہ ٿي ٻڌي. منهنجي چوڻ تي اوهان جو ڪن بہ ڪونہ ٿي لُڏي. توهان هن منظر ۾ صفا گم ٿي چڪا آهيو. آخر تہ اوهان کي وطن ڌانهن بہ ورڻو آهي. مان تہ اهو سوچي ڏڪي ويو آهيان تہ خوبصورتي جي نقطئہ نظر کان هيءَ طرحدار ۽ شوخ ڇوڪري آهي. ٽڏي ساه ڪڍڻ کان سواءِ ڪري بہ ڪجهہ ڪونہ ٿو سگهجي. اسان هاڻي ناچ شروع ڪرڻ لاءِ اشارو ڏيندا سون. سڀ ڳائڻيون تنبوءَ جي پاسي سان وڇايل گلم تي ويهي رهن ٿيون. جن سان گڏ هڪ بين وارو هڪ گٽار وارو ۽ ڏوڪڙن وارو آهي جيڪي پنهنجي مقرر جاين تي ويهي وڃن ٿا. هن وڄتن جي آڏو ماهتاب ۽ سندس پينرون ويٺل آهن جيڪي ڏاڍيون خوش نظر اچي رهيون آهن پر ماهتاب جي منهن تي ڪنهن بہ قسم جي خوشي نظر ڪانہ ٿي اچي. ان جو سارو جسم سون سان جهنجهيل آهي. هنن سيني عورتن کي اطلس ۽ ڪيمخواب جا وڳا پاتل آهن. سندن هار سينگار بہ انتها جو آهي. جتيون بہ اهڙيون پاتل اٿن جو انهن تي بيهڻ بہ مشڪل پيو لڳي. شلوارون سوڙهيون ۽ مُرن ۾ ڦاتل آهن. لانگون ڪيڏانهن بہ سرڪي ڪونہ ٿيون سگهن. سندن نرڙ تي پٽي ٻڌل آهي، تنهنڪري هنن جي شڪل صورت ۾ ڪجهہ تبديلي اچي وئي آهي. اچرج جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ ڳائڻين جي هن ٽولي سان گڏ تلوارون، خنجر ۽ ڍالون بہ آهن. هنن کان اڃا بہ وڌيڪ خطرناڪ صراحيون ۽ پيالا آهن. صراحين ۾ شايد پاڻي آهي، جنهن ۾ ٿورو شراب ملايو ويو آهي.

ناچ شروع ٿيڻ وارو آهي. ماهتاب ويٺل ماڻهن کي گهوري ڏسي رهي آهي. نچندي سندس هر عضوو ٿڙڪي ۽ ڦڙڪي رهيو آهي. سندس اهڙي تيز ۽ تڪڙيءَ چر پر ۾ هڪ طوفان موجود آهي، يورپ جي ناچ ۾ اهڙو فن ۽ ڪلا ڏسڻ ۾ ڪانہ ايندي. هتي ڪي اهڙا بہ ماڻهو موجود آهن جن جو وس

پڇي تہ جيڪر ناچڻين ڇوڪرين جا مٽا ڪوڙي کين رتورٽ ڪري ڇڏين ۽ اهڙين پوسٽ ۾ گهٽ وارين ڪونين ۾ واڙي ڇڏين جن ۾ در ۽ دريون بہ نہ هجن.

ماهتاب جڻ هوا ۾ ترندي ۽ ٽڙڦندي اڳتي وڌندي رهي آهي، سندس ان تيز چرپر ۾ ڪو آوازئي ڪونہ هو. جڻ مور جو ڪنب هوا ۾ ڦڙڪندو اڳتي وڌندو پيو اچي.هن جي اڇين ٻانهن ڏانهن ڏسبو تہ انهن تي جڻ تہ مانار چانيل آهي، جڻ صبح جي ٿڌڙي هير تي زعفران جا نرمل ۽ نازڪ لڱ ٿڙڪي رهيا هجن. هن جي ٻانهن جي ٿڙڪڻ جو تہ احساس ئي ڪونہ ٿو ٿئي، مٿس هڪ قسم جي بي خودي طاري آهي، ڪيس اهڙو ڪو حساس ئي ڪونہ آهي تہ هوءَ اوهان جي مٿان اچي بيٺي آهي. پوءِ هو هڪ غير محسوس انداز ۾ ڦڙڪندي ۽ ٿڙڪندي هلي ٿي، جڻ ڪو مکڻ مان زعفران جو ونگ ڪسڪائي ڪڍي رهيو آهي، سندس هن ڦيري کي گول چڪر بہ چئي ڪونہ ٿو سگهجي. اهو تہ جڻ ٽئگليوني Taglioni وارو ڦيرو آهي. هوءَ هاڻي نچندي پوئتي هٽندي پئي وڃي ۽ ناچ جي ڪنهن اٿاهہ سمنڊ ۾ ٻڏندي پئي وڃي. هوءَ هڪ جاءِ تي بيهي آهستي آهستي ائين نچي رهي هئي جڻ تہ بيٺي آهي ۽ ميڻ جي اچي گڏي هوءَ وري ساڳي طريقي سان نچڻ شروع ڪري ٿي، سندس هر عضوي جي لونءَ لونءَ ۾ جڻ ساهہ پريل آهي. هوءَ گٽار جي تار وانگي لرزي رهي آهي. هن جي ساري جسم مان سندس سهڻي صورت جڻ لياڪا پائي رهي آهي. گٽار بہ وجداني ڪيفيت جو ستون جهان آهي. بين تہ جڻ وجداني خوشي ۾ مري چڪي آهي. ڏڪڙن يا پکواز جي آواز مان ائين پيو لڳي جڻ اهو سازن ۽ آوازن کي ختم ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو هجي. ماهتاب جون پينرون سندس وجداني ڪيفيت ڏسي جڻ سڪتي ۾ اچي ويون آهن ۽ سوچي رهيون آهن تہ ڪاش اهي بہ هن وانگي ڪلا جي انتهاين کي ڇهي سگهن ها.

سائين جان بل! مان سمجهان ٿو تہ توهان بہ وجدان ۾ اچي رڙ ڪري چوندا Bravo چاڪاڻ تہ مون ڏٺو آهي تہ اوهان سدائين اهڙن موقعن تي رڙ ڪري پنهنجي اندروني جذبن جو اظهار ڪندا آهيو.

ماهتاب سان گڏ آيل موسيقي وارن يا سندس پينرن ۾ اهڙي ڪا خاص ڳالهہ ڪانہ آهي، جيڪا اسان کي موهيندڙ ۽ مست ڪندڙ هجي پر ماهتاب جي سونهن سوپيا منهن ۾ مٽيا. نهٺائي ۽ سنجيدگي تي اسان جڻ سُراپجي ويا آهيون. سائين جان بل! اوهان کي تہ پتو پئجي ويو هوندو تہ

ماهتاب جي نيڻن ۾ نينهن جا نيلا نانگ ريڙنا آهن. جنهن ڳُهوريو ناهي سو گهايو ناهي. پر هن جون اکيون اکير وارين آڳمَيل اکين کان ڏاڍو ڀڄنديون آهن. جڏهن کي ماڻهو مڏ جي چڪڙي چاڙهي ڳاڙهن اکين سان گهور ڏسندا آهن ته هوءَ محسوس ڪندي آهي ته سندس آتما کي ڏونگريءَ جا ڏينيو ڏنگن سان ڏنيي رهيا آهن. مان اهو به ڏسي رهيو آهيان ته توهان جڏهن بين ناچڻين ڏانهن ڏسو ٿا ته اوهان کي خير سان اوباسيون به اچي وڃن ٿيون. وات ڦاڙڻ سان ڪا قيامت ته ڪانه ايندي پر هتان جون موڳيون مکيون ڪجهه غير مهذب آهن جو بئي جي وات کي پنهنجي پيءُ جو وات سمجهي اڻ پڇيو اندر هليون ويندیون آهن. وري جيڪڏهن اوهان موسيقارن ڏانهن ڏسو ٿا ته اوهان جي منهن مبارڪ ۾ گهُنجن جا گهاءَ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهڙا ماڻهو اوهان کي ٿوري وقت لاءِ وندرائي سگهن ٿا. هنن ناچڻين ۽ وڄتن (موسيقارن) ۾ ماهتاب جي حيثيت هڪ حڪمران جي ۽ ٻين جي رعيت جهڙي آهي. اهي ڪڏهن ساڻس ڪچا پوڳ ڪري ڪيس خوش ڪرڻ جي اجائي ڪوشش به ڪندا آهن.

هي ٽولي هاٿي شراب پي رهي آهي پر پين چيگرن وانگي ٿا. ڪين سُرڪڻ جي سُڌ ڪانه آهي. هاٿي ته نشي جي ڳهر ۾ ڳگاتجي پيا آهن. نشي ۾ سندن هٿ هوا ۾ ڦرن ٿا پر سازن کي لڳي ٺڪڪي جو آواز پيدا ڪونه ٿا ڪن. هنن ماڻهن جون مڇون ڳاڙهيون ۽ ڊگهيون آهن. ڏاڙهيون به وڏيون اٿن. جيڪي جمي جڙون تي ويون آهن. ورهين کان ڪين ڦٽيءَ جو ڏندو به ڪونه ڏيکاريو ويو آهي. جون به ايتريون اٿن جو پري کان پيون ٿيون چرڪن. بعضي مڇن ۽ ڏاڙهين کي ڪنهڻ سان گڏ مروٽو به ڏئي ٿا ونن. ڪڏهن ته هنن جا جسم هيٺ جهڪي بيٺا تي وڃن ٿا. اوهان ڏنو هوندو ته ڪي اهنڊ ۽ ٻُچ چڙيا مهاڻا بيڙين ڀڄائڻ جي گوءِ رکندا آهن ته هو ونجهه هلائڻ مهل جهڪي بيٺا تي ويندا آهن. سمجهه ۾ ايندو آهي ته ڪين چيلهه ڪانه آهي.

شام جو بئليٽ نموني جو ناچ ڪيو ويندو جنهن ۾ سڀ عورتون مرداڻو لباس پائي گهربل ڪردار ادا ڪنديون. پر ماهتاب پنهنجي وقار جو خيال ڪري اهو لباس ڪانه اوڍيندي مان پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ڪري رهيو آهيان ته ٿيٽر ۾ عورت جو مرداڻو ڪردار ادا ڪرڻ ٿيٽر کي گهڻو متاثر ڪري ڇڏيندو آهي پر ان سان گڏ اهو پرڪشش به ٿي ويندو آهي اهڙين ڳالهين ۾ انگلو انڊين ٿيٽر گهڻا مشهور آهن. مثال طور هڪ

خوبصورت ڇوڪري ڪي هيلميٽ پاتل آهي ۽ ٻي نازڪ ۽ نفيس ڇوڪري ڪي هٿ ۾ گينڊي جي ڪل جي ڏال تہ اسان جهڙن عاشق ماڻهن جو تہ لڏو ئي لٿ تي. مان اڪيلو نہ پر هر نفاست پسند عاشق ٿيٽر اڌ ۾ ڇڏي احتجاج طور اٿي هليو ويندو ڇاڪاڻ تہ اهڙيون ڳالهيون سونهن سوپيا نزاڪت ۽ نفاست جي خلاف کلي بغاوت آهن ۽ گهٽ ماڻهن جو تہ عشق ڪرڻ ڪان روح ئي ڪڇي ويندو. ٻيو مثال تہ جولئين ۾ گهڙي جي شڪل جهڙو هڪ اجگر آهي جنهن ڪي فوجي خدمتون سرانجام ڏيندي ڏيکاريو ويو آهي. هن جي ڪلهن وٽ سندس جسامت 3+6 فوٽ ڏيکاري ويئي آهي. سندس مڇن مان ٻاهہ جا اُلا ڏيکاريا ويا آهن. ان اجگر جو آواز ائين آهي جڻ پري ڪاٿي ڳئون رنڀي رهي آهي پر جيڪڏهن اهو ڪردار هڪ خوبصورت ۽ نازڪ نفيس عورت ڪندي تہ عشق جا ٽپڙ ئي پاڌي تي. هڪ سهڻي ٻسبيونا جو ڪردار هڪ اينٽرو ڇوڪرو ڪندو جنهن جو منهن ڏيرو رنگ زرد. نڪ ڪنڊو ميرو گدلو آواز جڻ دٻي ۾ نڪريون تہ ڏسڻ واري جي تہ ڪاوڙ ڪنڌي تي چڙهي ويندي. جيڪڏهن اسڪول ويندڙ هڪ ننڍڙي ٻار ڪي وڏي عملدار جي روپ ۾ ڏيکاريو ويندو تہ ضرور برو لڳندو.

ڏيکاريو ويندڙهي ٻئلٽ مزاحيہ آهي جنهن ۾ هڪ خوبصورت عورت ڪي اهڙي ڪراڙي جهور مرد سان پرڻايو ويو آهي جيڪو هلڻ ۾ هلاڪ آهي. ان عورت جو هڪ نوجوان عاشق آهي. هن بئليٽ ۾ ڪي منظر غير معياري آهن. هن قسم جي منظرن جو مشرق جي گهرو زندگي سان ڪو تعلق ڪونہ آهي. اهڙي ريت هر ڪردار ڪي وڌاءُ ڪري ڏيکاريو ويو آهي تي سگهي ٿو تہ اهڙو پلاٽ ڇاڻي ٻجهي آندو ويو هجي يا ٿي سگهي ٿو تہ صراحي واري شراب اهو رنگ لاتو هجي، ڇاڪاڻ تہ مشرق ۾ ڪراڙو مڙس ايترو چيڙاڪ ۽ تيسارو ڪونہ هوندو آهي جنهن جي ڪاوڙ سدائين ڪنڌي تي چڙهيل هجي. نہ وري نوجوان عاشق سدائين سر تان تتو وينو هوندو آهي ۽ پنهنجي محبوب تان قربان ڪرڻ لاءِ سر تريءَ تي کنيو گهمندو وتندو آهي نہ وري هتان جون خوبصورت ۽ نازڪ نفيس عورتون ايتريون عاشق مزاج آهن جو کلي ميدان عشق ڪنديون وتنديون آهن. شاعري ۽ ٻيون ڳالهيون ٻہ سنڌي ٻولي ۾ آهن. ٻي ڳالهہ تہ ان سهڻي عورت جو حقيقي ڪرڙاو مڙس تلوار جا ويهہ گهاءَ ڪائي هيٺ ڪري پوي ٿو پر اخلاقي اصولن جي پيڪڙي ڪندڙ نوجوان ان هيٺ ڪريل جهونڙي جي قيمتي تلوار، خنجر ۽ نئون پٽڪو کنيون هليو وڃي ٿو. سندس منهن مان نفرت جهلڪي رهي آهي ۽ زمين تي

پڪڙيل مذڪوره شيون وڏيءَ آڪڙ ۽ گھمنڊ سان ائين ڪٽنديءَ ڏيکاريو ويو آهي جڻ اهي سندس پنهنجون هجن پر وڏيڪ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته هتان جو فن ايترو ڪري پيو آهي جو جڏهن پڪواز جو آواز ويهي ويو ته مالڪ ان کي نيڪ ڪري ڪونه سگهيا هئا. پر اسان جا به افغان نوڪر اُتيا جن وچي پڪواز جي سُر آواز کي نيڪ ڪيو هو. ساڳي ريت جڏهن ماهتاب جي نندي ۽ خوبصورت پيڻ نورجهان پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي هئي ته بين جو آواز نهايت تيز هو جڏهن ته سندس ڪردار هڪ الڳ تاثر ڏئي رهيو هو. اها غلطي اسان جي هئي جو اسان ڪين شراب آڻڻ جي موڪل ڏئي رڏي پڪي ۾ پاڻي وجهي ڇڏيو هو.

لاڙڪاڻو ناچ جي هڪ ٻئي قسم ڪان به مشهور آهي. مان اوهان کي اهو ناچ به ڏيکاريندس پر ان ۾ شال ڪنهن گندي ناول واريون ۽ جنن پوتن واريون اجايون سجايون ڳالهيون نه هجن. اوهان اهڙو تصور ڪري سگهو ٿا ته به اڏڙوٽ ڊگهين ڏاڙهين وارا ماڻهو هن قسم جي ناپاڪ شيءِ جو مظاهرو ڪري سگهن ٿا. اسان جي خواهش آهي ته انهن ۾ روايتي قسم جي سنجيدگي موجود هجي. قدآور هڏ ڪاٺ ۾ مضبوط هلت چلت ۾ شان ۽ وقار موجود هجي. هو ٻئي مرد عورتاڻو لباس پائي هڪ ٻئي جي سامهون بيهندا ۽ ڪين سنهي ڪپڙي جا برقعا به پاتل هوندا. پيرن جي مرن ۾ ٻڌل چير جي گهنگهرن جي ڇمر ڇمر به هوندي. هڪ ٻئي طرف اشارا ۽ هڪ ٻئي سان ناز نخرا به پيا ڪندا, کلندا ڪجندا ۽ پنهنجي فن جو مظاهرو ائين ڪندا جڻ ته اهي ڪي نوجوان عورتون هجن.

هي مرداڻو ناچ مون کي حبش جي ساموندي ڪناري وارو مرداڻو ناچ ڏيکاري ٿو جيڪو موسوه واري ماڳ جي پنين پاسي ٿيندو هو هي اهو زمانو هو جڏهن مسٽر ڪونسل پلوڊن ۽ سندس خوش مزاج دوست اتي رهندا هئا. اوهان جڏهن ان ڳوٺ ۾ داخل ٿيندا ته ڳوٺ جا چڱا مڙس اچي اوهان جي آجيان ڪندا جن جي شخصيت پروقار هوندي, سندن ڏاڙهيون ڊگهيون ۽ قد به ڊگها هوندا. اوهان "رومي توگاءِ وانگي ڏسڻ ۾ ايندا. ڳوٺ جي چڱن واري وفد جو اڳواڻ پنهنجي شان ۽ مان سان اڳتي وڌي هڪ هٿ سيني تي رکي اوهان جي ائين آجيان ڪندو جيئن ڪيس انگريز عملدارن جو استقبال ڪرڻ سيکاريو ويو هو. اهو ماڻهو اوهان کي بااخلاق انداز سان چئندو "وڃو شيطان سان ملو ۽ ناچ ڪريو" يا انهيءَ ڪان به وڌيڪ خراب لفظ چوندو.

باب ستاويهون

# سهڻي نظاري وارو سکر، بکر ۽ روهڙي

دنيا جي ڪن ٻولين ۾ هڪ جهڙن اچارن وارا ڪي ٿي لفظ اهڙا هوندا آهن، جن جي ادا ڪرڻ سان ترنم پيدا ٿي پوندو آهي. بنگالي فوجي پنهنجي هم وطن بنگالي فوجي سان ڳالهائيندي پوڳ چرچو ڪندي چوندو آهي "اري ڀائي سکر بکر روهڙي ڪو جائو." اهڙي ريت انگريز فوجي سپاهين ۾ به اها چوڻي مشهور ٿي وئي آهي ۽ پوڳ چرچو ڪري پنهنجي دوستن کي چوندا آهن ته "Go to sakhar Baker and Rohri"

فيبروري مهيني جي اڳياڙي آهي. سال جي هن موسم ۾ سکر جي آبهوا توهان کي خوش ڪري ڇڏيندي. اوهان کي هتان جا صبح ۽ شام تسڪئني Tuscany جا صبح ۽ شام لڳندا آهن. اهي ساڳيا لفظ انگريز فوجي ۽ ساموندي سپاهي به پوڳ چرچي ڪندي هڪ ٻئي کي چوندا آهن. ان ڪانسواءِ "ماسٽي پرديسي" جهڙن لفظن جو به استعمال ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اها حقيقت ڪاغذن ۾ موجود آهي ته جڏهن ڪمانڊنگ آفيسر ڪن فوجين کي هن ڏکويل ڏيهه موڪلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته هو ڪيس جواب ۾ چوندو آهي ته صاحب اسان رضاڪار ضرور آهيون پر سکر بکر روهڙي ڪونه ويندا سون.

هي فيبروري جي اڳياڙي آهي. هن دوران سکر جي موسم ڏاڍي سٺي هوندي ۽ بهار جي رُت اوهان جي آجيان جي انتظار ۾ هوندي. هن شهر جون شامون ۽ صبحون تسڪئيني Tuscany جهڙا وڻندڙ ٿيندا آهن. ڏينهن ڏاڍا ڪليل ٿيندا آهن، جن ۾ ٿوري خشڪي هوندي آهي. هن موسم دوران اتر- اوير جي هنياءَ ٺار ٿڌڙي هير گهلندي آهي جنهن ۾ نيڻ نري پوندا آهن پر جيڪڏهن اوهان منجهند جو به گهمڻ چاهيندا ته اوهان کي خوشي محسوس ٿيندي پر ڊاڪٽر اوهان کي خلوص ۽ نيڪ نيتي سان مشورو ڏيندا ته هي

سردي هَٿَ سَجي لاءِ هاڃيڪار آهي. هن رُت ۾ راتيون ٿڌيون ۽ ڏينهن ڪوسا ٿيندا آهن. ان ڪري تقاولي شروع ٿي ويندي آهي. اهڙي ٿڌي ڪوسي موسم مارچ جي آخر تائين هلنديءَ اپريل کان وٺي جون تائين موسم گرم ۽ خشڪ ٿيندي آهي. آگسٽ ۽ سيپٽمبر ڌاري ساونڻ جا ميگهه ملهار رهندا آهن. سنڌوءَ جي چاڙهه جي رت بہ هيءَ آهي جنهن دوران ڏاڍي گهُٽ ۽ اُبس محسوس ٿيندي آهي. رات ۽ ڏينهن رُڳهُ هوندي آهي. ڪل پٽي پٽبي آهي ۽ ڪُجليءَ ڪري ماٺهو واٽڙو ٿي پوندو آهي پر پوءِ بہ شڪار کان هتي وڌيڪ چڱو گذاري سگهندين. جيڪب آباد تہ شڪارپور کان بہ وڌيڪ گرم آهي. مان اوهان کي ٻڌايو آهي تہ ڪراچي ۾ ان موسم دوران گرمي گهٽجي ويندي آهي ۽ سارو ڏينهن جهڙالو هوندو آهي. موسم مزيدار ٿي ويندي آهي. ڪڏهن وري رگهہ ۽ ڪاڙهو ٿي ويندو آهي. جولاءِ جي مهيني ۾ وايو منڊل اهو هوندو آهي پر انهيءَ موسم دوران اتر سنڌ يا سري ۾ چوٽ گرمي هوندي آهي. لاڙڪاڻي کان سکر تائين چئن ڏينهن جو سفر (1) آهي. مسٽر جان بل! اوهان مهرباني ڪري خوشيءَ وچان بہ ٽي نينگ ٽپا ڏئي ڇڏيو ۽ سانگي سان منهنجو شڪريو بہ ادا ڪريو.

اسان اتي پهچڻ سان گهمڻ گهتڻ شروع ڪري ڏينداسون. سڀ کان پهرياڻين تہ هڪ مناري تي چڙهنداسون، جيڪو محمد معصوم سيد ٺهرايو هو. هي ماڻهو پنهنجي مزاج ۾ فقير هو. اهو اڪبر اعظم جو دور هو. چيو ويندو آهي تہ هن اڪبر بادشاهہ جو ڏنل پارس پٿر سنڌوءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو هو جنهنڪري شهنشاهہ مٿس ڏمريو هو. تاريخ ۾ آهي تہ گهرائڻ کان پوءِ جڏهن هو شاهي دربار ۾ پهتو هو تہ سمجهي ويو تہ سندس عقل ۽ دانش کي پرکيو پيو وڃي. چون ٿا تہ هو پاڻ سان لڪائي شال ڪٽي ويو هو تہ متان ڪيس ڪنهن ٿڌيءَ جاءِ رهايو وڃي. اڪبر بادشاهہ اهو ڏسي چيو "عجب آ، ڇا سنڌين ۾ ايترو عقل ٿيندو آهي؟" مير معصوم ڪيس چيو هو تہ "مان مڃي ڪونہ ڪائيندو آهيان."

مسٽر بل! عام طور تي سمجهيو ويندو آهي تہ مڃي ڪائڻ واري کي عقل گهٽ هوندو آهي.

معصوم شاهہ جو منارو 1607ع ۾ ٺهرايو ويو هو. هن جي تعمير لاءِ پڪل ڳاڙهي سر استعمال ڪئي وئي آهي پر ٻاهرين پاسي کان اوساري لسي ڪانہ آهي. ڏاڪا ڦيري تي جوڙيا ويا آهن جيڪي مٿي هلندا وڃن ٿا. جڏهن تہ ڏاڪن ۾ ڦڪي پٿر Lime stone جو استعمال ڏسجي ٿو. ليڊي

فرئنڪن Frankin بہ هن مناري تي چڙهي چوٽيءَ تائين پهتي هئي. ڏاڪن جا پٿر ڏاڍا لسا ۽ ترڪڻا ٿي ويا آهن. ميونسپالٽي يا معصوم جي خاندان جا ماڻهو اهڙي لسائي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن تہ بهتر ٿيندو. مير معصوم ۽ ان جي خاندان جون قبرون مناري پرسان آهن. ڪجهہ اٺ ٿنڀي رانڪ جي هيٺان ۽ ڪجهہ ان جي ٻاهران آهن. انِ رانڪ جي ڇت جي اندرئين پاسي پٿر تي ماڪيءَ جي ماناري جهڙي اُڪير ٿيل ڏسجي ٿي. چوڌاري ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آنديون ويون آهن. ان ڪانسواءِ نماز پڙهڻ لاءِ بہ هڪ جاءِ ٺهيل آهي.“ اسٽري فيدرس” Stray Feathers ۾ مسٽر آلن او. هيوم Allan O.Hume (1873) هڪ قصو بيان ڪيو آهي، جنهن جو ذريعو معلوم ٿي ڪونہ سگهيو آهي. سندس بيان آهي تہ اهو منارو هڪ هندوءَ پنهنجي محبوبہ جي چوڻ تي جوڙايو هو. ڪيس پنهجي محبوبہ چيو هو تہ هوءَ تيستائين ساڻس ملاقات نہ ڪندي جيستائين منارو 200 گز اوچو نہ هوندو. چيو ويندو آهي تہ ان هندو سيٺ اهو منارو ڪامديو جي اتساهڻ ڪري هڪ هفتي اندر تيار ڪري ورتو هو. اهو قصو غلط آهي ڇاڪاڻ تہ اهو منارو 200 گز نہ پر هڪ سو فوٽ ٿيندو جيڪو هڪ سو گز ماپ کان بہ گهٽ آهي. اها ڪا اعتبار جوڳي ڳالهہ ڪانہ آهي. پتو نہ آهي تہ اهو قصو هن جهڙي عقلمند ماڻهوءَ ڪيئن قلم بند ڪيو آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ محبوبہ ان هندو کي متي مناري تي چڙهي هيٺ ٽپو ڏيڻ لاءِ چيو ۽ هن ائين ڪيو. هن کان پوءِ ٻين ٻن هندن بہ مناري تي چڙهي هيٺ ٽپو ڏئي آتم هتيا ڪئي هئي. اهڙيون ڳالهيون ٻڌي اختياري وارن مناري جي چوٽي تي لوهہ جو پڃرو هڻائي ڇڏيو. اهو بہ معلوم ٿي ويو آهي تہ دهليءَ جي قطب مناري تان بہ ماڻهو هيٺ ٽپو ڏئي خودڪشيون ڪندا هئا. مسٽر جان بل! مان اوهان کي ٻڌايو هو تہ سکر اهڙو شهر آهي جنهن جي چوڌاري ڏاڍا خوبصورت منظر آهن. مان اهو اوهان سان ڪو ڪوڙ ڪونہ ڳالهايو هو. ڏسو اسان جي سامهون سنڌوءَ جهڙو عظيم درياهہ وڏي ايريا ۾ پکڙيو بيٺو آهي، جيڪو پنهنجي شاهي شان ۽ وقار سان وهي رهيو آهي. سندس اهو وهڪرو اتر- اوير کان اچي ڏکڻ- اوير جو رخ ڪري ٿو ۽ پوءِ هڪدم گهُنبڌي هڻي اولهہ- ڏکڻ ڏانهن رخ ڪري ٿو. ان وقت اهو ٻن ٻيٽن مان وهي ٿو ۽ تڪرين کي پائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پوءِ ڪُن ۽ ڪولاهل ڪندو ان طرف وڃي رهيو آهي، جتي اسان بيٺا آهيون انهيءَ ٻيٽ سوڌو سندس پيٽ جي ماپ 870 گز (2) آهي. آگبوٽ ٻيٽ کان اترئين پاسي واري وهڪري مان گذرندا آهن پر

پوءِ بہ ان پاسي واري پيٽ کي 600 فوٽن تائين وڌايو ويو آهي. سنڌوءَ جي ڪاپي ڪنار سان روهڙيءَ جون ڪچيون جايون ڏسجن ٿيون، جيڪي ٽڪرين جي چوٽين تي اڏيل آهن، ماضيءَ ۾ ننڍين وڏين ٽڪرين جي شڪل ۾ گهڻا بيٺ نظر ايندا هئا جيڪي هاڻي بہ پاڻيءَ ۾ نظر اچن ٿا. جنهنڪري ڪنارو هيٺيرو ڏسجي ٿو. روهڙي ۽ سکر اهڙا ماڳ آهن جتي آبپاشي وارو نظام نهايت سولو آهي. هتي چوڌاري باغ ئي باغ نظر ايندا کجين جا وڻ بہ جام آهن. جمون، ٻير، پپر جو وڻ تمام گهڻو ڏسجي ٿو ان کانسواءِ نم، لوا، گدامڙي، باهڻ، ڏاڙهون ۽ ڪرڙ بہ گهڻ ڪونہ آهن. سارو علائقو سائو نظر اچي رهيو آهي. روهڙي کان بيهي ڏسبو تہ سامهون بکر آهي، جنهن جون اوچيون پٿيون پري کان نظر اچي رهيون آهن، جتي ٽيليگراف وارا اوچا ٿلهہ بہ موجود آهن، هڪ ڏنگو ڦڏو منارو بہ نظر اچي رهيو آهي، جنهن تي مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ نهيل آهي. هن ٿلهہ جا ڏاڪڻ واري پاسي کان سواءِ ٻيا سڀ پاسا ايڪپرا آهن، هُوءَ ٽڪري جڻ جبرالٽر وارو جبل آهي ۽ اها ٽڪري فضا ۾ خضر واري آستان ۾ پاڻيءَ وهڪري جي سطح وٽان شروع ٿئي ٿي جيڪا اسان سياڻي پرينهن هلي ڏسنداسون . ان جي اولهہ پاسي ۾ بہ هڪ بيٺ آهي جنهن کي ساڌ ٻيلو سڏيو ويندو آهي. اهو ٿوري وٿيءَ تي ڊنڊ ٻيلو آهي، جيڪو خشڪ موسم دوران ڪناري سان ملي ويندو آهي، چاڪاڻ تہ وچ وارو وهڪرو لهي ويندو آهي ۽ ماڻهو پيرين پنڌ پيا ايندا ويندا آهن. هندن ساڌ ٻيلي جي اسان جي حڪومت واري دور ۾ والار ڪئي آهي جتي هڪ سنت بابا جي وانا کنڊي Vana khandi رهندو هو. هن وقت سندس مکيہ چيلو سنت هري پرشاد هن جي گادي تي آهي. هن بيٺ تي هڪ اچو قبو ۽ ٻن ورانڊن واري هڪ ڪچي جڳهہ آهي، باقي اوسي پاسي انجيرن، ٻيرين ۽ کجين جا وڻ آهن. هن سنت جي عزت خاطر هڪ جڳهہ جي تعمير ٿي رهي آهي. درياهہ ڏانهن اچڻ لاءِ گهاٽ ٺهيل آهن، جيڪي ٽڪرين کي ٽڪي ڏاڪا جوڙي ٺاهيا ويا آهن، پٿين ۾ ڪڙا ۽ زنجير هنيا ويا آهن. جڏهن سنڌو چاڙهہ ڪندو ايندو آهي تہ مهاڻا پنهنجي ٻيڙين جا پڳهہ اچي هنن سان ٻڌندا آهن. گادي نشين ساڌو سني هندوستاني ڳالهائي سگهندو آهي ۽ اوهان کي ننڍيون وڏيون سوڪڙيون پاڪڙيون ۽ گل بہ ڏيندو آهي. هتي پنجاهہ کن ماڻهو رهندا آهن جن کي مٿي سان پڳڙيون ٻڌل هونديون آهن، جيڪي سندن ئي وارن مان ٺهيل هونديون آهن، سندن ڪپڙا سوٽي ۽ گاڙهسري ڪاري رنگ جا هوندا آهن. سندن ساري جان تي رک

مليل هوندي آهي، مان هنن ماڻهن جي، هتان جي پوليس سپرنٽينڊنٽ کي پارٽ ڪئي آهي. توهان کي خبر آهي سائين جان بل! تہ اهي ماڻهو اصل ڪير آهن، اهي هندو راجائن ۽ مهاراجائن جا جاسوس آهن پر ڪين ساڌو سنت سمجهيو ويندو آهي ۽ هتان هلندي پڄندي وارا ڪين مفت ۾ ڪارائيندا آهن. هنن جو مذهبي فرض خفيہ پيغام پهچائڻ هوندو آهي.

انهيءَ ڊنڊ بيلي واري جاءِ تي ڪابہ شيءِ نظر ڪانہ ٿي اچي. نہ وڻ ٽڻ جي ڇانوَ آهي نہ جهوپڙي نہ ڇنيون نہ ماڻهو نہ ڇيٽو ڪا پهر ئي ڪانهي. اتي فقط هڪ مقبرو آهي جنهن اندر دفن ٿيل بزرگ جو ڪنهن ماڻهوءَ کي نالو ياد ڪونہ آهي، مقبرو زبون حال آهي ۽ هوريان هوريان ڍهندو پيو وڃي، سندس ڪابہ مرمت ڪانہ ٿيندي آهي، باقي چوني جي پوچي هڻڻ ڪانہ وساري ويندي آهي، ان جي ڪجهہ حصي تي آگبوٽن ۾ ٻاريو ويندڙ ڪاٺ رکيل هوندو آهي، جنهن کي ماڻهو "نئوي ووڊ آئلنڊ" سڏيندا آهن، مسٽر ايسٽوڪ هن ٻيٽ بابت ڪي عجيب غريب ڳالهيون ڪيون آهن پر مون مُري جي هئنڊ بوڪ (859) ۾ تہ ڪجهہ بہ نظر ڪونہ ٿو اچي، جڏهن تہ هن ٻيٽ جو احوال صُفحي 492 تي موجود آهي ۽ جڳهہ ڊنڊ بيلي جي هيٺئين پاسي وچ پاڻي ۾ نظر اچي رهي آهي. سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري سان پراڻي شهر جا منارا ڏسجي رهيا آهن جن جي موجوده زماني ۾ ڪا اهميت ڪانہ آهي. اسان هاڻي ان جڳهہ تي بيٺا آهيون، جيڪا ڪڏهن فوجي ڇانوڻي هوندي هئي، جنهن کان اڳ هتي مسلمانن جو وڏو قبرستان هو. هاڻي تہ هتي ڪجهہ بہ ڪونہ آهي، چوڌاري سڄ پٽي تي واڪا ڪري. اسان جي پٺئين پاسي ڪجين جا شاندار باغ ۽ پراڻن وڻن جا ٿڙ آهن. انهيءَ جاءِ تي هڪ وڏي بازار قائم ٿي ويئي آهي، جنهن کي هتان جا ماڻهو نئين سکر جو نالو ڏيندا آهن.

جيڪڏهن هي منظر صبح جو ڏسبو تہ ڏاڍو پرڪشش لڳندو. سج جڻ فورٽ وڪٽوريا مٿان چمڪندو هُجي جيڪو هاڻي جڻ سنڌوءَ جي ڪناري ڏسجي رهيو آهي. اهو جڻ تہ بکر معلوم ئي ڪونہ ٿيندو ۽ پوري رنگ جو سامهون ڪناري وارو پاڻي ڪرمزي لڳندو. جڏهن تہ ٻئي پاسي وارو پاڻي نيرو محسوس ٿيندو. هيٺين پاسي تي هلڪي ڌنڌ نظر اچي رهيو آهي، جنهن مان وڻ ڏاڍا ڇٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ پري تائين هڪ من موهيندڙ منظر ڏسجي رهيو آهي، جنهن جو پس منظر ٽامي جي رنگ جهڙو آهي، ائين محسوس ٿي رهيو آهي، جڻ ماڻهو عربستان جي برپٽ ۾ بيٺو آهي. سج ايرڻ

سان بيٺ ۾ مزاريون ڏسڻ ۾ اينديون. محسوس ائين ٿيندو تہ اهو جڻ پوئتو آهي، جتي قلعا آهن ۽ کنڊر موجود آهن. هڪ ٽڪريءَ تي آدم شاهہ ڪلهوڙي جو مقبرو آهي، ٻين ٽڪرين تي عيدگاهون آهن. ٻئي طرف روهڙي وارا گهر آهن. جن جي پٽين تان چاپوڙا هيٺ ڪري پيا آهن. سندن تعمير ٽڪرين جي چوٽين تي ٽيل آهي. افق وٽ مختلف خوبصورت رنگن جو هڪ تضاد ڏسڻ ۾ ايندو ۽ ٻاڪ ڦٽي وارا گلابي رنگ وکرجي رهيا آهن. هي منظر ڏاڍو سهڻو من مهڻو آهي جيڪو ڏسڻ واري شوقين ماڻهو جي دل کي موهي رکندو.

سائين جان بل! اوهان کي ڏسڻ سان ئي محسوس ٿي ويندو تہ سنڌو جي هن حصي واري علائقي کي سکر ڇو سڏيو ويندو آهي، جتي آباد ڳتيل ۽ جديد قسم جي بازار موجود آهي. قديم دور جڏهن سنڌو ناري جي پيٽ ۾ وهندي هئي (9) تہ سکر وارو اهو علائقو برپٽ بيابان هو. بعد ۾ اهو وهڪرو رخ مٽائي اتان وهڻ شروع ڪيو جتان هو اڄ بہ وهي رهيو آهي، سندس ان رخ ۾ ڪيئي ڪچيون پڪيون ٽڪريون هيون. ڪچين ٽڪرين کي تہ سنڌو ڪائي پائي پاڻي ۾ وهائي ڪٽي ويو باقي پڪيون ٽڪريون اڃا بہ موجود ۽ وچ پاڻي ۾ نظر اچي رهيون آهن. جتي قديم دور ۾ هتان جا ماڻهو پٿر جا اوزار ٺاهيندا هئا (3) اهڙيءَ ريت سکر ۽ روهڙي پرسان ٽي چار بيٽ ۽ ٽي چار ٽڪريون موجود آهن. اهڙي ريت بکر ۾ بہ هڪ بيٽ بڻجي ويو آهي، جهن جي چوڌاري سنڌوءَ جو پاڻي ڦري ويو. تنهن ڪري ان تي هڪ قلعو تعمير ڪيو ويو. هي اهو قديم زمانو هو جو هائوزر توبون اڃا ايجاد ڪونہ ٿيون هيون. سرنگهن mines ۽ تاريپيڊو ڪان بہ ڪير واقف ڪونہ هو. سنڌ جي سياست لاءِ هيءُ قلعو نهايت اهم سمجهيو ويندو هو. سال ۾ هڪ اهڙي موسم بہ ايندي هئي جو بکر جي هن قلعي جو زمين سان رابطو ڪٽجي ويندو هو تنهنڪري سنڌوءَ جي هڪ ڪناري روهڙي ۽ ٻئي ڪناري سان سکر جا شهر آباد ٿي ويا. هن قلعي ۾ ڪي سهولتون ڪونہ هيون پر مضبوط ڏاڍو هو. سندس تعمير سگهاري ۽ اهم ڪانہ هئي پر هو سنڌوءَ جهڙي وڏي درياهہ جي پيٽ ۾ هو تنهنڪري دشمن مٿس حملو ڪري فتح ڪري ڪونہ سگهندو هو.

سائين جان بل! مون کي اجازت ڏيو تہ مان اوهان کي روهڙي بابت ڪجهہ احوال ٻڌايان.

روهڙي کي ڪيترا ماڻهو لوهري بہ سڏيندا آهن. چيو ويندو آهي تہ هن شهر تي اهو نالو ڪنهن مهاڻي جي نالي تان پيو آهي، انهيءَ ساڳئي اچار جهڙا نالا سنڌ جي ٻين علائقن ۾ بہ موجود نظر اچن ٿا. مثال ابن بطوطا (1333ع) لاهري جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙي طرح ڪئپٽن هئملٽن لاري بندر جو بيان ڪري ٿو جنهن کي بعد ۾ لوري بندر Lowry Bunder بہ سڏيو ويندو هو. ان جو قديم نالو لوهر ڪوٽ Lohar Kot آهي. اهو ڪوٽ 65 فوٽ اوچي ٽڪريءَ تي رڪن الدين شاھ (سيد) 698ھ (1297ع) ۾ ٻڌايو هو جنهن تي سندس نالو پئجي ڪونہ سگهيو. روهڙي کي مقدس ماڳ تصور ڪيو ويندو آهي سنڌ جي روايتن مطابق هن شهر جي تعمير جي ڏند ڪٿا هن ريت ٻڌائي وڃي ٿي تہ هڪ ڏنار رات جو ڏهاڙي روشني جو هڪ تجلو ڏسندو هو پر سمجهندو هو تہ ڪنهن قافلي جي رهنمائي لاءِ باھ ٻاري وئي آهي پر پوءِ ڪيس اڏڪو ٿي بينو ۽ وائٺ لهڻ لاءِ پنهنجي زال مُڪائين. سندس زال موٽي اچي کيس ٻڌايو تہ ان باھ تائين پهچي ڪانہ سگهي، ڇاڪاڻ تہ جيئن هو باھ جي پرسان وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي تہ باھ پوئتي هٽندي ٿي رهي ۽ نيٺ اکين کان الوپ ٿي وئي. ان کان پوءِ ڏنار سمجهڻ لڳو تہ الاهي روشني هئي، تنهن ڪري هو پنهنجي زال ۽ ٻار ٻني وڃي اتي ويهي رهيو هو. اسڪاٽلئنڊ جو هڪ ميجر جو بيان آهي تہ سنڌي ڪنهن بہ دنيا مان ڳالهہ کي محسوس ڪري دنيا جا سڀ لاڳاپا لاهي پنهنجون عياشيون ڇڏي تڪيو جوڙي ويهي رهندا آهن ۽ فقيراڻي زندگي اختيار ڪندا آهن. سو هن ڏنار بہ دنيا جا سڀ ٽڳا ٽوڙي وڃي فقيري اختيار ڪئي هئي. ان کان پوءِ هو ٻني پيٽ گذر ڪندو آهي ۽ الله جو ماڻهو ٿي ويو آهي. تنهن ڪري روهڙي اهڙو ماڳ ٿي ويو جتي ڏڳن جون ڪلون ۽ ڳجهن جا ڳاهٽ هوندا آهن.

چيو ويندو آهي تہ سورهين صدي عيسوي ۾ سيد عبدالقادر جيلاني ايران جي جيلان شهر ۾ ڄائو هو ۽ ان جي اولاد مان ڪو ماڻهو لڏو لاهي اچي روهڙي ۾ وينو هو. هن سمجهيو هو تہ سندس زندگي ڏاڍي عياشي سان گذري ويندي. ٻين ماڻهن جو خيال آهي تہ مخدوم عبدالباقي اچي روهڙي شهر ۾ رهيو هو جيڪو استنبول جو رهاڪو هو. هو روهڙي کي مناسب ماڳ سمجهي خانگاھ جوڙي ويهي رهيو. اهو ڪو هڪڙو مخدوم ڪونہ هو پر ڪيترن ئي مسلمان ملڪن جا بي روزگار ماڻهو ڪشٽ ڪشالا ڪاٽي سنڌ ايندا هئا ۽ مناسب جڳهن تي درگاهون جوڙي روزگار سان لڳي ويندا هئا. مان تہ سنڌ جي هر درگاھ ٻاهرين مرشد يا مخدوم جي ڏني آهي، معلوم

ائين ٿي رهيو آهي تہ سنڌ جو اصلي ماڻهو فقير ۽ درويش ٿيڻ جي لائق ڪونہ هوندو هو هتان جي هر درگاهہ ڪنهن نہ ڪنهن فاروقي يا صديقي جي هوندي آهي جي نہ تہ ڪنهن قريشيءَ جي تہ ضرور هوندي آهي. سنڌي ويچارا سنڌن اصلي وطن وچي اهو ڪونہ ڏسندا آهن تہ اهي سچ ۾ صديقي آهن يا فاروقي، واقعي مخدوم آهن يا اتان جا ڏاڙيل پر هتي پيري فقيري جو پوش پائي ماڻهن کي مريد بڻائي باعزت روزگار سان لڳي ويندا آهن. سو استنبول جي مخدوم عبدالباقي روهڙي ۾ اچي رهيو. چوڌاري علائقو سرسبز ۽ سکيو ستابو هو. هن سان گڏ مذهبي مقدس شيون هيون جيڪي جامي (4) جوڙائي ان ۾ رکيون هيون. جن ۾ نبي ﷺ جو وار مبارڪ بہ هو جيڪو سنڌس ڏاڙهي سونهاري جو هو. چيو ويندو آهي تہ اهو وار مبارڪ ام سلميٰ وٽ هو سنڌس مرضي هئي تہ بخارا جي ڪنهن مسجد ۾ رکيو وڃي پر مخدوم عبدالباقي جي چوڻ تي روهڙي ۾ رکڻ تي راضي ٿي وئي هئي پر منهنجي معلومات مطابق وار مبارڪ جي زيارت جو سلسلو ٻڌ دور کان شروع ٿيو آهي ۽ ٻڌ ڌرم جي پوئلڳن کي مهاتما گوتم ٻڌ جي استعمال جي هر شيءِ جي زيارت ڪرائي ويندي هئي، جنهن ۾ سنڌس وار بہ شامل هوندا هُئا. مختلف تاريخن مان اها بہ معلومات ملي ٿي تہ اسلام جي ظهور کان اڳ ٻڌر ڌرم وچ ايشيا ۾ بہ پنهنجا پير پختا ڪري چڪو هو هتي وار مبارڪ جو هجڻ (5) بہ هڪ معجزو آهي. هي شيءِ بہ ائين مقدس سمجهي ويندي آهي، جيئن عيسائي حضرت عيسيٰ جي اصلي ٽياس جي ڪاٺيءَ ذري يا حضرت بيبي مريم جي ڪير واري شيشي يا سئنٽ پيٽرس جي ڪا يادگار هئي. اهڙيون شيون دنيا جي مڙني قيمتي شين کان وڌيڪ قيمتي هونديون آهن، جن سان ماڻهن جي مُحبت ۽ عقيدت شامل هوندي آهي. جڏهن مسلمان دنيا کي روهڙيءَ ۾ وار مبارڪ جي موجودگي بابت ڄاڻ ملي تہ الائي هو ڪٿان ڪٿان اچي روهڙيءَ پهچي وار مبارڪ جي زيارت ڪرڻ لڳا هئا. ڏسندي ئي ڏسندي وار مبارڪ جا مجاور دولتمند ٿي ويا. ان ڪانپوءِ جلد ئي مسجد جو بنياد رکيو ويو. مسجد جي هڪ تحرير مان معلوم ٿئي ٿو تہ اها 992هہ (1564ع) ۾ جڙي راس ٿي هئي، اهو اڪبر مغل جو زمانو هو ۽ روهڙي هنڌين ماڳين مشهور ٿي ويئي هئي. روهڙي شهر جون رونقون هن وار مبارڪ جي ڪري آهن جيڪو سچو سارو نہ پر اڌ وار آهي. تاريخ ۽ جاگرافي جا ماهر هن وار بابت تحقيق ڪري سگهن ٿا ڇاڪاڻ تہ اهڙو وار مبارڪ عراق،

شام، مصر بلڪ مڪي ۽ مديني شريف ۾ بہ موجود ڪونہ آهي، جتي نبي ﷺ جن جي ساري زندگي گذري هئي.

پر وقت هن وار مبارڪ جي اهميت کي گهٽائي ڇڏيو آهي. ڪالهہ تائين روهڙي ڪمال تي پهتل هئي، اج اها ساڳي روهڙي زوال ۽ زبون حالي جو شڪار آهي، جيڏانهن نهار تيڏانهن کنڊر ئي کنڊر نظر اچي رهيا آهن. دنياوي معاملن ۾ مان هن ماڳ کي گهٽو پسند ڪندو آهيان، معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ هتان مُلن ۽ حڪمرانن گڏجي روهڙي جي شهر جي ترقي وارن بنيادن کي ڪاٽ هنيو آهي، هنن ماڻهن وار مبارڪ جي مدد سان پهريائين هڪ مسجد تي قبضو ڪيو پوءِ هوريان هوريان روهڙي جي هر مسجد ۽ هر مدرسو هنن ماڻهن جي ضابطي کان بچي نہ سگهيو. اهڙيءَ ريت هر مسجد ۽ هر مدرسي جو ملا هنن طرفان مقرر ٿيندو. هنن جي لتاڙ روهڙي جي پرئي ترئي شهر کي لٽي ڦري پيننگ ڪري ڇڏيو باقي رهيل ڪسر خيرپور جي حڪمرانن پوري ڪري ڇڏي ۽ جيڪي علائقا هنن مُلن جي ڦرلٽ کان بچي ويا هئا سي هنن ٽالپرن جي پيننگ ڪرڻ کان بچي ڪونہ سگهيا هئا پر ٻين سيني جي پيٽ ۾ خيرپور جي حڪمرانن واري ڦرلٽ وڌيڪ افسوسناڪ هئي پر هن وقت روهڙي سروي واٽين جي هٽ آهي، ان ڪانسواءِ مقدس ماڳ ريلوي مارڳ جي ضد ۾ آهن. موجوده دور ۾ روهڙي هڪ نئين صورت اختيار ڪري رهي آهي، جنهن ۾ هندو موثر ڪردار ادا ڪري رهيا آهن.

هن وقت اسان هڪ ننڍڙي سرڪاري آگبوٽ ۾ سوار ٿيا آهيون جيڪو هڪ ايراني هلائي رهيو آهي. اسان سنڌوءَ ۾ اوپارو سفر ڪري رهيا آهيون، ڪيس هڪ آنو (ٽن پيسن جو اڌ) ڏنو اٿئون يارهن منٽن اندر هڪ ميل سفر ڪري چڪا آهيون، هتي اهڙا بہ ننڍڙا آگبوٽ آهن جيڪي هڪ هڪ مهينو واري سان سکر ۽ روهڙي وچ ۾ مسافر ڍوئيندا آهن، انهن ۾هي مان جيڪو آگبوٽ واندو هوندو آهي سو ڏهاڙي چاليهہ رپيا وٺڻ سان سنڌوءَ ۾ سير ڪرائيندو آهي. هاڻي ڪيڏو نہ فرق اچي ويو آهي. دنيا مهذب ٿي ويئي آهي، اڳي واٽيون چيريل ناسن واري ڏبري گڏهہ تي چڙهندو هو ۽ فقير پنهنجي وکريل ۽ گندن وارن کي لوڏيندو الله حق جون صدائون هڻندو پنڌ ويندو هو پر هن وقت اهو بہ آگبوٽ ۾ سوار ٿي لڏندو لمندو وچي درياهہ جي پار پهچي ٿو.

اسان هلڪي گپ مان گذري هڪ دمدمي تي پهچي ويا آهيون جيڪو درياهه اندر متي جو پراڻ وجهي جوڙيو ويو آهي. جنهن سان ڏاڍي ڊاپ آهي تورو پنڌ ڪري ميونڊاس جي تڪيه وٽ پهچون ٿا جيڪو هڪ ننڍي ٻيٽ تي آهي، ان جي پرسان هڪ ٻيو به تڪيو آهي، هي ٻئي تڪيا هندو سنتن جا آهن جن جي چوڌاري انجيرن، ٻيرين ۽ کجين جا وڻ آهن. بچاءَ لاءِ چوڌاري پٽ ڏني ويئي آهي. روهڙي جا گهر متي اوچا آهن پر ٽڪرين جي چوٽين تي هجڻ ڪري وڌيڪ اوچا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. درين جي لاءِ ڇڏيل جارا تمام گهڻا وڏا آهن. گهرن جون ڇتيون سَيون سڌيون آهن جن جي چوڌاري پيهُر ڪانن جو آهي تبرياس Tiberias۾ ساڳيو نمونو ڏسجي ٿو گهڻا گهر هاڻي تازو ناهيل ٿا پائنجن ۽ ڪيترن جي مرمت ٿيل ڏسجي ٿي، سامهون عيدگاهه آهي جتي ماڻهو عيد جي نماز اچي پڙهندا آهن. جنهن ۾ ٽي قبا جيڪي مقرر ماپ جي ٽن ڏيڍين Drums تي تعمير ڪيا ويا آهن. انهن کي اوساري ڪري پاڻ ۾ ڳنڍيو ويو آهي، نظر ائين اچي رهيو آهي ته هن تعمير جي هاڻي تازو مرمت ڪئي ويئي آهي. اهو به معلوم ٿي رهيو آهي ته ننڍي وڏي ٽڪري تي هڪ يا ٻه مقدس ماڳ تعمير ٿيل آهن هن بلي جيڪڏهن متي وچي ٻيهبو ته ريل جو مارڳ هيٺ نظر ايندو.

ڪن ٽڪرين جي چوٽين تي نوان بنگلا تيار ٿيا آهن. تنهنڪري نظارو وڌيڪ پرڪشش ٿي ويو آهي، انهن مان هڪ بنگلو ڊپٽي ڪليڪٽر جو ۽ ٻيو ريلوي جو آهي، جنهن کي هاڻي صوبائي ترام-وي سڏجي ٿو.

اسان ڏاڪن وسيلي متي هلنداسون ته هڪ مجاور جي گهر پهچي ويندا سون. جنهن جو نالو حليم الله آهي جيڪو پڪي عمر جو ماڻهو آهي، ڏاڙهي هيڪاندي ڊگهي اٿس. هو اسان کي اڳتي وٺي وڃي ٿو ۽ هڪ ڪٽ تي غاليچو وڇائي ٿو. ان ڪان پوءِ هڪ هڙ کڻي اچي ٿو جيڪا پير واري ته پائي تي رکي ٿو جيڪا بيد سان واڻيل آهي جنهن جي پرسان هيٺ ويهي هوريان هوريان ڪجهه پڙهندو ۽ هڙ کولي هڪ هڪ شيءَ اسان کي ڏيکاريندو رهي ٿو جن ۾ حضرت عبدالقادر جيلاني جي دستار قبا، پاڻي پيئڻ جو پيالو ۽ تسبيح آهي. اهي شيون نون قيمتي رومالن ۾ ويڙهيل هيون جيڪي اطلس ۽ ڪيمخواب جا هئا ۽ ڪنهن عقيدتمند ڏنا هئا. اسان اهي سيئي زيارتون هڪ هڪ ريئي ۾ ڪيون. بعد ۾ اسان وار مبارڪ واري درگاهه ۾ داخل ٿياسون ۽ پير بخش عبدالستار سان ملڻ وياسون جيڪو هڪ ننڍڙي ڪمري ۾ وينو هو ڪيس سائي رنگ جو لباس پاتل هو. هن پرسان سامهون

ڊزن کن عورتون ويٺيون هيون جن کي برقعا پاتل هئا ۽ منهن وٽ چاري لڳل هئي. اهي عورتون مٿي کان وٺي پيرن تائين ڍڪيل هيون، تنهنڪري سندن حسن جو جادو بين کان لڪل رهجي ويو هو. ان کان اتي ويٺل بزرگ ريشم، ڪيمخواب ۽ اطلس جا پوش کوليا. ان دوران هو هوريان هوريان وس وس ڪندو ڪجهه پڙهندو رهيو بعد ۾ ايراني قلمدان جيتري شيءِ نڪري نروار ٿي جنهن جي چوڏاري سون تي لال ۽ زمرد مڙهيل هئا. اها قيمتي شيءِ بهاولپور جي نواب ڏني هئي، جيڪا چاندي جي پاون سان ننڍڙي ڪٽ تي رکيل هئي. اندرئين پاسي ۾ سون جو هڪ پٽ هو جنهن اندر ميڻ بتي جهڙو هڪ ٽڪرو موجود هو جنهن تي چوڏهن قطارن ۾ لال مڙهيل هئا. ان جي مٿئين پاسي وار مبارڪ نظر اچي رهيو هو جنهن جي مرحبا لاءِ بسم الله ۽ ڪلمي شريف پڙهڻ جا آواز شروع ٿي ويا. هن موقعي تي ويٺل عورتن وڏو حصو ورتو. اسان مغربي ماڻهن جي نظر ۾ اهو هڪ ڳاڙهي رنگ جو وار هو. مان جڏهن هي وار پهريون ڀيرو ڏٺو ان جو رنگ ڪارو ۽ وڌيڪ ڊگهو هو.

اسان کي پوري خبر آهي تہ رسول الله ﷺ جي پاڪ سونهاري رنگ جي نپور ڪاري هئي پر ڳاڙهي يا هلڪي سفيد رنگ جي ڪانہ هئي، تنهنڪري هي وار ڪنهن ترڪ ماڻهوءَ جي ڏاڙهي سڳوريءَ جو آهي. اسان کي اها بہ خبر آهي تہ رسول الله ﷺ جي سنت مطابق ڏاڙهي ڪيتري ڊگهي هجڻ گهرجي پر مان ماٺ ڪري ڪن ڇپا ڪيون ٻاهر نڪري آيس. مِٺي بہ ماٺ مُٺي بہ ماٺ اهڙن ڳالهين تي اعتراض ڪري ڪکر ۾ ڪڙو هڻڻ برابر هوندو آهي، ان ڪري مان زيارت جي قيمت ادا ڪري نڪتو هليو آيس.

هاڻي تہ روهڙي جي بازار بہ سڌرڻ ۾ ترقي ڪرڻ شروع ڪئي آهي، جيڪا ذري گهٽ شڪارپور جي بازار جهڙي آهي، اتي هٽن تي ويٺل هر واڻيو اسان ڏانهن عزت وارين نظرن سان ڏسي رهيو هو. اسان جي حڪمرانيءَ کي سنڌ ۾ گهڻو عرصو ناهي گذريو پر هندوستان ۾ اسان جي حڪمراني گهڻي وقت کان وٺي قائم آهي پر هتان جا ماڻهو هاڻي وساري چڪا آهن تہ ٽالپر دور واري حڪمراني ڪهڙي هئي پر جيڪڏهن وري ٽالپر راڄ موٽي آيو تہ هن ملڪ سنڌ جو ڇا ٿيندو. هن کان پرئين پاسي ڪوپر گنج Cowper ganj آهي جيڪو مئجسٽريٽ ڪري مشهور آهي. پرسان مسافرن جي ترسڻ لاءِ ڌرمشالا وارو بنگلو آهي. ان جي ويجهو مسجد آهي، هنن ٻنهي جڳهن جي صفائي جو تمام گهڻو خيال رکيو ويندو آهي. هر چوسول تي بتي ٻاري رکڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. اهڙي انتظام قائم

ڪرڻ لاءِ ٽاٽا بہ قائم ڪيا ويا آهن. سائين جان بل! اوهان کي پڪ هجڻ گهرجي تہ انگريز سرڪار اهڙين چڱن ڳالهين کي ڪونہ وساريو آهي. ڏيهي ٻيڙي تي سوار ٽيڻ لاءِ ڪناري ڏانهن موٽڻ لڳاسون تہ رستي ۾ بي جامع اڪبر مسجد ڏسڻ ۾ آئي جيڪا فتح خان جوڙائي هئي. هن جي مهاڙي ۾ ٽي ونگون آهن پر ڪو منارو ڪونہ اٿس. منجهس نيري رنگ جون ڪاشيءِ جون سرون استعمال ٿيل نظر اچن ٿيون جيڪي ڏاڍيون خوبصورت آهن، ڪيترين مثان تحريرون بہ آهن، سندن واسطو قديم دور سان آهي نظر ائين اچن ٿيون چڻ ڪنهن شيشي تي چٽسالي ٿيل آهي. اهڙيون مسجدون ملتان، هالا ۽ پير جي ڳوٺ ۾ ڏهنديون آهن، هن قسم جي سر کي مسلمانن تيرهين صدي عيسوي کان تعمير جي سونهن سينگار لاءِ ڪم آڻيندا رهيا آهن پر 1750ع تائين اهو فن زوال جو شڪار بڻجي چڪو هو. خاص رنگ نيرو ۽ ڪرمزي ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن ۾ مختلف قسم جي چٽسالي هوندي آهي. هن سر جو سفيد سائو رنگ بہ نظر آيو آهي ڦڪو رنگ تمام گهٽ ڏسجي ٿو ڪاشيءِ جون سرون شام ۾ جڙنديون آهن. ڪاشيءِ جي سر کي رنگ ڏيڻ ۽ پچائڻ جو طريقو قديم ۽ شاندار آهي. 5_1874ع ۾ هنن سون جو ڪيميائي اپياس ڪيو ويو هو ۽ ڏٺو ويو هو تہ جيڪڏهن F.E.O سان سليڪا، المينا ۽ ٿورو سرمون واري سان ملائي ڪچي سر تي پالش ڪري ان کي پچائبو تہ ڪاشيءَ جي سر تي ڪارو رنگ اچي ويندو پر گهاٽي نيري رنگ جي لاءِ Na.O.C.O2 جو ليپ ٿاهي ڪچي سر تي مالش ڪري پچائبو آهي. ڪرمزي رنگ ڪاشيءَ سر لاءِ مئنگنيز Manganese جي بلئڪ آڪسائيڊ کي استعمال ڪيو ويندو آهي پر جيڪڏهن اورپيمينٽ Orpiment(6) ڪم آڻبو تہ سر تي ڦڪو رنگ نظر ايندو. ڪاشي جي سرن جا ڪجھ نمونا موجوده ڪمشنر سر وليم ايل. هيري ويدر Wlliam L.Merewet.her وينا ويلاسٽيلنگ Vienna Welausstellung ۾ سکر موڪليا هئا. اهڙي ريت مان بہ هتان هٿ آيل ڀڳل ٽٽل ڪاشيءِ جي سرن جا نمونا هڪ دوست ڏانهن موڪليندس جيڪو هن فن سان دلچسپي رکي ٿو.

اسان ٻيڙي جي اوسيئڙي ۾ سنڌو جي ڪنار سان بيٺا آهيون. اهڙيءَ ريت اسان کي روهڙي وارو پاسو ڏاڍو چٽو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي ۽ معلوم ٿي رهيو آهي تہ هن شهر کي قلعي جي ديوار ڏني ويئي هئي، جنهن تي چبوترن جا آثار بہ ڏسجي رهيا آهن جن ۾ Lime stone ڪتب آندو ويو آهي. اهڙيون ٽڪريون سنڌو جي ڪنار سان جام آهن ان ۾ ڪتب آيل سيمينٽ بہ

چاپوڙا تي هيٺ ڪري پيو آهي. اسان سان گڏ پوليس حوالدار آهي جنهن کي سول فوجدار غلام دستگير اسان جو گائيڊ مقرر ڪيو. هن ماڻهوءَ جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن سيمينٽ جي انهن چاپوڙن کي چڱيءَ ريت ڌوئي صاف ڪري چوني ۾ تيل ملائي مالش ڪبو تہ شيشي وانگر چمڪڻ لڳندو هتان بيهي نظر ڪبي تہ سنڌوءَ مان ڪيترا واهہ نڪرن ٿا جيڪي پندرهن کان سورهن فوٽ ويڪرا آهن. ڪوٽڙي وٽان چوڏهن فوٽ ويڪرا واهہ نظر اچن ٿا. اسان کي سنڌوءَ جو پراڻو پيٽ بہ ڏيکاريو ويو هو. اهو ناري واهہ سان گوني ڪنڌ تي هلندو وڃي ٿو هن کي ايرندو نارو سڏيو ويندو آهي، جنهن جي کاٽي ۽ صفائي جو ڪم هلي 1859ع ۾ پورو ٿيو هو جنهن تي سرڪار جو ست لک رپيا خرچ آيو هو. سامهون واري ڪناري سان سکر واهہ آهي جنهن کي سنڌو مان سٽن ونگن جهڙن درن وسيلي پاڻي ڏنو ويندو آهي. هنن درن تي سرڪار تي لک رپيا خرچ ڪيا آهن. اهو تمام وڏو خرچ آهي.

هاڻي بيڙائتو بہ بيڙي هاڪاريندو اچي رهيو آهي. مهاڻڻ جي منهن ۾ اکين مان لڳي ٿو تہ هنن ڀنگ جا پيالا پُر ڪري پيتا آهن پر ونجهہ وارو ماڻهو سنجيده ڏسجي ٿو جيڪو نشي جي ڳهر کان آجو آهي. اسان سان گڏ هندو عورتون پڻ بيڙي ۾ چڙهيون آهن جيڪي سامهون نظر ايندڙ خواجہ خضر جي آستان ڏانهن وڃي رهيون آهن، جنهن جي نغارن جو آواز ٻڌجي رهيو آهي. هي مشهور مسلمان بزرگ آهي. هن جو تعلق حضرت موسيٰ واري دور سان آهي. چيو ويندو آهي تہ ان آب حيات پيتو هو ۽ ڪجهہ وقت حضرت موسيٰ سان گڏ سفر بہ ڪيو هئائين پر ساڻس اختلاف تي پوڻ ڪري هن کان جدا سفر ڪرڻ لڳو هو جيڪو حضرت موسيٰ وانگي پاڻ بہ يهودي هو هن آب حيات پيتو هو تنهنڪري سدا زندهہ رهڻ وارو ماڻهو هو پر هتي سنڌ ۾ سندس مزار آهي. هندو هن کي زندهہ پير طور مڃيندا آهن.

اسان بيڙيءَ تہ مان لهي اڌ ايڪڙ کن جيترو پنڌ ڪري هڪ مزار ۾ داخل ٿياسون جنهن جو در پيڙهہ جي ڪمزور ٿيڻ ڪري ٽيڏو ٿي ويو هو. مجاور اڳتي وڌي اسان جي آجيان ڪئي ۽ چيائين جيڪڏهن بوٽ لاهي اندر ملندا تہ اوهان کي هر شيءِ ڏيکاري ويندي. اسان ڏنو تہ در جي ٻنهي تاڪن تي چانديءَ جو پٽ لڳل هو جنهن وسيلي اندر داخل ٿياسون ۽ اتي لڳل ڪتبو پڙهيوسون جنهن تي لکيل آخري لفظن "درگاهہ عالي" مان هن مزار جي تعمير جي تاريخ ملي ٿي، جيڪا 341هہ يا 952ع هئي، هي دور مسلمانن جي حملي کانپوءِ اٽڪل اڍائي صديون آهي.

هن مزار جي جڳهه شاهه حسين نالي هڪ واپاريءَ جوڙائي هئي، جنهن جي گذارش تي خواجا خضر سنڌوءَ جو رخ تبديل ڪيو هو جيڪو اڳي اروڙ کان وهندو هو. ان کانپوءِ اسان ٻيون پاڪ جايون ٻه ڏٺيون جن جون ماڻهو اچي زيارتون ڪندا هئا. اوپر پاسي هڪ ٽي قبائين تعمير موجود هئي پرسان ئي هڪ غار هو چيو ويندو آهي تہ هن غار ۾ رسول الله (صلي الله عليہ وسلم) جا چار يار حضرت ابوبڪر صديق رضہ، حضرت عمر رضہ، حضرت عثمان رضہ ۽ حضرت علي رضہ اچي ڪچهري ڪندا هئا. جڏهن تہ اولهہ ڏکڻ واري ڪنڊ تي هڪ مسجد آهي، جنهن جي تعمير بلڪل سادي سودي آهي، هتان جو هر مجاور ڀنگ جو گڙنگ موالي هوندو آهي. ڏنو سون تہ مزار جي آڳنڊ ۾ ڏنڊي ڪونڊي جي گهرڙ گهوٽ لڳي پئي هئي، ڪي موالي صافي ۽ پيالن ڏوڻڻ ۾ پورا هئا. اهڙيون ڳالهيون ڪليو ڪلايو ٿي رهيون هيون، ان کان سواءِ ٻيون اهڙيون علامتون نظر آيون جن مان محسوس ٿي رهيو هو هتي بدڪاري کي عيب سمجهيو ڪونہ ٿي ويو. ان کان پوءِ اسان ٻيڙي وسيلي بکر پهتاسون جيڪو سنڌوءَ جي پيٽ ۾ هڪ ٽڪري آهي، جيڪا سنڌوءَ جي پاڻي کان اٽڪل 30 فوٽ مٿي آهي، هتي اميرن جا ٺهرايل زنانا اشنان خانا آهن، جن کي تبديل ڪري انڊو ميٽر Indometer بڻايو ويو آهي، جنهن وسيلي سنڌوءَ جي پاڻي جي ماپ ورتي ويندي آهي، ڪئرين روڊا Carene Raudah نئلوميٽر Nilometer آهي جتي نيل درياءَ جي پاڻي جي ماپ ڪئي ويندي آهي. بکر جي معنيٰ بڪر يعني dawn آهي. اهو عرب حڪمرانيءَ جو ابتدائي دور هو. بکرجو هيءَ پيٽ سنئون سڌو آهي. هن جي ٻنهي پاسن کان ڪنارا اتاهان آهن.

اسان هن پيٽ تي هڪ عهدنامي مطابق قبضو ڪيو هو. اهو مياڻي ۽ دٻي وارين جنگين کان چار پنج سال اڳ جو واقعو آهي. هيءَ معاهدو 24 ڊسمبر 1838تي خيرپور جي حڪمران سان طئہ ڪيو ويو هو جنهن ۾ وضاحت سان لکيو ويو هو تہ انگريز سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان واقع ٻنهي قلعن کي فوجي مقصدن لاءِ ڪتب آڻي نہ سگهندا. پر برٽش جي ٽئليرنڊ Talleyrand پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي لکيو هو تہ هي حڪمران ڏاڍو ذهين ۽ چالاڪ آهي، پر پنهنجي لکت ۾ پاڻهي ئي ڦاسي پيو آهي، تنهن ڪري انگريز فوج بکر واري پيٽ تي رهائي وئي. خيرپور جي حڪمران اعتراض ڪيو تہ کيس چيو ويو هو تہ عهدنامي مطابق اسان جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ ان ۾ بکر جي پيٽ واري ضلعي ۾ فوج رکڻ جي منع ڪانہ آهي، جيڪو مٿي بيان ڪيل ٻنهي قلعن جي وچ تي ۽ وچ درياهہ ۾ آهي،

يعني سياڻو ڪانءُ بہ ٽنگو ڦاٿو هو. ان ڪان پوءِ هو بيٽ تي يونين جئڪ وارو ڦريرو ڦڙڪڻ لڳو هو جي سنڌ اندر اسان جو پنهنجو هڪ نئون علائقو هو جيڪو مياڻي ۾ دٻي جي فتح جو پيش خيمو هو. اهو چڻ ايئن هو تہ مياڻي ۽ دٻي وارين جنگين ڪان پنج سال اڳ اسان کي سنڌ جي فتح جي بشارت ملي چڪي هئي. اهو بہ چيو ويندو آهي، چوريءَ وارو ميوو ڏاڍو مٺو هوندو آهي. پر هاڻي اسان هن بيٽ کي خالي ڪري هليا ويا آهيون. بکر جي قلعي جي پٽ جا 1876 تائين نشان موجود هئا جن مان معلوم ٿي رهيو هو تہ پڪين سرن سان اوساريل هو. ان کانپوءِ چبوترن ۽ منارن جا بہ اهڃاڻ بيٺا هئا، جيڪي نوان ۽ پراڻا هئا. انگريز سرڪار 30000 (ٽيهہ هزار) رپيا خرچ ڪري ان جي مرمت ڪرائي هئي، اهو 1857ع وارو زمانو هو جو وڳوڙ ڪري حفاظت جي ضرورت هئي. پر اهو مرمت وارو ڪم بہ اِلهو پِلهو ڪري پورو ڪيو ويو هو ڏکڻ واري پاسي گام ۾ بوٽا جام آهن. جتي ڏاڍا مڇر آهن. اتر اولهہ واري ڪنڌ تي کجين جا بہ چار وڻ آهن. هتي بہ هڪ پير اڇي ديرو دمايو آهي. اوپر پاسي واري ساري ڌرتي تي چانيهيءَ جا تهہ ڏسجي رهيا آهن. هيءَ اهڙي شيءَ آهي جنهن تيليگراف جي لوهن ٿنين کي ڏاڍو نقصان رسايو آهي، ان ڪان سواءِ هن چانيهي Saltpetre قلعي جي پڪي پٽ کي بہ کناکيڙا ڪري ڇڏيو آهي. اسان هاڻي اڳوڻي دور جي هڪ گورنر جي قبائين مزار وٽان گذري رهيا آهيون، ڪنهن زماني ۾ هن ماڻهوءَ جي مغفرت لاءِ ڪئين ماڻهو اچي دعائون گهرندا هئا. اسان هن مزار جي اتر واري لنگهہ کان گذري رهيا آهيون. جيڪو چئن مان اڪيلو وڃي بچيو آهي. اندرئين پاسي ڪجهہ ڪونہ آهي، ڪجهہ حصو ڊٺو ڊير لڳو پيو آهي، پٿين جا هيٺان حصا اجا بيٺا آهن. شيخ باڪرو Bakru جي ٽڪر تي پڙ رکيل آهي ۽ چيو ويندو آهي تہ هن شيخ جي نالي ڪري بيٽ تي بکر نالو پيو آهي.

اسان نوگزا Naugaza پير جي قبر اندر جهاتي پائي ۽ ڪفن مٿي ڪري ڏٺو تہ ان پير جي ڪپراتي وارو هڏ اسان کي دماغ واري هڏي ڪان بہ ننڍو ڏسڻ ۾ آيو. مجاور ٻڌايو تہ جيڪڏهن ڪيس مٿي اندر دفن ڪجي ٿو تہ بہ سندس هڏائون پيرو ٻاهر نڪري اچي ٿو ان قبر ۾ نگهبان هڪ جهونڙو ماڻهو آهي، جيڪو ڪجهہ سپاهين جو عملدار بہ آهي، جنهن اسان کي تباهہ حال جيل بہ ڏيکاريو. جنهن جي زبون تي وڃڻ ڪري بيا ٽي در بند ٿي ويا آهن. هن اسان کي ڏيکاريو جنهن ۾ ڪاشيءَ جو ڪم ٿيل هو جنهن ۾ هٿيار ۽ بارود رکيل هو. هن جاءِ جي تعمير تي هڪ لک رپيا خرچ آيو هو.

سائين جن بل! اسان بکر جو ماڳ ڏٺو جيڪو ڏاڍو مقدس آهي ۽ سنڌو درياءَ جو پلو بہ هن ڪي پنهي ڏئي درياهہ ۾ ڪونہ ترندو آهي، يعني مڇي بہ هن بيٽ جو احترام ڪندي آهي. هن قسم جي مڇي هن بيٽ کان مٿي درياهہ ۾ گهٽ ايندي آهي. پر ڪيترن ئي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ بکر بيٽ جي ڀنهي پاسن کان پاڻيءَ جو وهڪرو گهڻو تيز هوندو آهي، تنهنڪري هن مڇيءَ جو قسم مٿي چڙهي ڪونہ سگهندو آهي. ماهرن جو چوڻ آهي تہ ائمازوناس Amazonas بہ هڪ تيز رفتار درياهہ آهي، جنهن ۾ مڇي جا ڪجهہ قسم اتي بہ ناياب هوندا آهن. بکر جي آخري اميد! هاءِ گهوڙا، وري بہ ڪافرن جي تيار ڪيل ريلوي جي پل. انهيءَ ريل، مارگ واري ڪي لوهہ جون اتاهيون ونگون آهن ۽ وچ وارو ڍگهو ۽ موڪرو ڀيل پائو اٿس، جنهن ڪي ڏسي هتان جي ڏيهي ڪاريگرن جو وات ٽپڻون تي ويو آهي، مون ڪي اها خبر ڪانہ آهي تہ انگريزن ڪي اهڙي ٻي پل جوڙڻ جي سوچ آهي الائي نہ؟ پر مان سمجهان ٿو تہ اهڙيون بہ جايون آهن، جتي اهڙيون پليون ٺاهي سگهجن ٿيون.

بکر جي پرسان هڪ ٻي ٽڪري ڏسڻ جهڙي آهي، جيڪا اتان جي ٻين ٽڪرين وانگي آهي، جنهن جو اوپر اتر وارو پاسو ٿورو جهڪيل آهي، امڪان اهو آهي تہ ڌرتيءَ جي ڌڏڻ ڪري ائين ٿيو آهي. سنڌوءَ بابا بہ پنهنجو رخ اهڙي واقعي ڪري بدلايو هوندو جڏهن سنڌوءَ ۾ ساليانو چاڙهہ ايندو آهي تہ هي ٽڪري هڪ بيٽ بڻجي پوندي آهي. هن ماڳ ڪي ستين جو ٿان سڏيو ويندو آهي. هي ستيون اهي ڪونہ آهن، جيڪي مڙسن جي لاشن سان گڏ باهہ ۾ پاڻ ساڙيندڙيون آهن. اهڙي گندي رسم سنڌو ۾ تہ موجود ئي ڪانہ آهي. انگريزن هنن لفظن ڪي ڪڏهن Sata_bain ڪڏهن Sata_dhi ڪري لکيو آهي، پر هي ست ڏيئر يا ست ۽ سيل واريون ست ڪنواريون ڇوڪريون هيون، هن جڳهہ جي سيوا لاءِ هڪ مندڙو فقير رهندو آهي. رهڻ لاءِ ڪچي ڪڏي اٿس، جنهن ۾ ڏينهن سان گڏ رهندو آهي، جيڪا پڪسرائين جڳهہ جي ذڪر اوپر ۾ آهي. اسان ڪي ٻڌايو ويو تہ انهن ستين نوجوان فاتح محمد بن قاسم (9) ڪي خواب ۾ پنهنجي موجودگيءَ جو ٻڌايو هو ۽ اهڙو آستان بہ ان ماڻهوءَ جوڙيو هو. هنن ستين محمد بن قاسم ڪي سنڌ جي حڪمران ڏاهر (10) مٿان حملي ڪرڻ جو چيو هو.

بعد ۾ اسان روهڙيءَ کان هڪ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ستين جي آستان واري بيٽ تي آياسون جيڪو سنڌوءَ ذڪڻ ڪناريءَ کان ويجهو هو جتي وٽن جو

جهڳتوءِ ڪجيون هيون ۽ پڪين سرن ۽ گاري لڳل هڪ چاڙهي وسيلي متي قبائين جڳهہ ۾ داخل ٿياسين، جتي وهڻ لاءِ راز ڪيون ٺهيل بہ بينچون هيون، پرسان ئي فقير جو گدام هو. اسان کي ڏسي فقير جون اکيون ڪاوڙ ۾ پر جي ويون هيون، چاڪاڻ تہ ستين جي آستان تي مرد ڪونہ ايندا آهن. اسان "نعتن وچان جهاتي پائي ڏٺو تہ اندر ڪجهہ بہ ڪونہ هو. ان ڪانپوءِ هڪ ٻيءَ چاڙهي وسيلي ساڳي ٽڪريءَ جي ٻي چوٽي تائين پهتاسون، هي چاڙهي اڳين چاڙهيءَ کان وڌيڪ بهتر نموني سان ٺهيل هئي، متي مقبرن جو چڱو تعداد هو جن مان اهم مير (سيد) عبدالقاسم روهڙيءَ واري جو آهي، هنن جڳهن کي ٽِئن حصن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو. صفا اوپر پاسي وارين مزارين واري حصي ۾ چار منارا نظر اچن ٿا. هي متي چڙهي نظاري ڏسڻ جي مقصد سان نہ ٺهرايا ويا آهن، سندن تعمير پڪسري آهي، جنهن جي چوڏري ڪاشيءَ جون سرون هنيون ويون هيون، جيڪي لهي ويون ۽ ٻئي حصي جي مقبرن تائين پکڙيون پيون آهن. هن حصي ۾ سيد ۽ انهيءَ جا مٽ مائٽ دفن آهن. هتي وارن مزارن تي بہ ڪاشيءَ جي سرن جو استعمال نظر اچي ٿو. سيني کان اولهہ پاسي هڪ ننڍڙي مسجد آهي. ان ڪانپوءِ بہ ٿورو اولهہ پاسي پاٽيءَ پرسان ساڳيءَ قسم جي تعمير آهي، پر هي ٻئي جڳهون زبون حاليءَ جون شڪار آهن. هن پيٺ جي صفا اوپر پاسي ٽڪريءَ جي هڪ جدا چوٽي آهي، جنهن جي چوٽيءَ تي پير ابو صمد جو زبون حال مقبرو آهي، هي ماڻهو "حاجي موتو" جي نالي سان مشهور هو. ان جي پرسان ٽيليگراف جا اتاها پيل پاوا آهن، پر هنن جي تعمير ڪري اجا اوچو ڪيو ويندو تہ جيئن سنڌوءَ جي چاڙهہ واري زماني ۾ ان کان پنجهتر فوٽ متي هجن. صفا ڏکڻ ۾ دمومي کان گهٽي وٿيرڪي هڪ موڪري ڊگهي جڳهہ آهي، جتي ڪڏهن هڪ بزرگ هستي رهندي هئي. ان ڪانپوءِ اسان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري پراٽي سکر وٽ زمين جي هڪ اهڙيءَ ٽڪري وٽ پهتاسون جنهن جي هڪ چڪ اڳتي سنڌوءَ ڏانهن وڌي وئي آهي. هن جڳهہ وٽ سنڌوءَ کي وڪڙ آهي، زمين جي هي سوڙهي ٻٽي سائي ۽ آباد آهي. هن جوءِ کان اڌ ميل پري برپٽ بيان بان لڳو پيو آهي، تنهنڪري امڪان آهي تہ متان سکر شهر جو نالو "سک" لفظ تان پيو هجي. هتان سيد مريد علي پنهنجي خاندان جي معزز شخصيت آهي ۽ سماجي طور بہ وڏي اثر رسوخ جو مالڪ آهي. نماز روزي جو بہ پابند آهي، پر چورن جي ناني آهي. سندس اوطاق تي ڪاٽڪو چورن جا ميلا متل هوندا آهن.

تنبن جي ڍير تي چڙهي ويو ۽ اتي ئي مري ويو. سندس لاش ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ مليو. هن قبرستان جي جنهن فوجي بي حرمتي ڪئي، تنهن جو موت عبرتناڪ ٿيو هو. پير ۽ پير زادا اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا هئا. هن ڪانپوءِ ڪو موت ڪونہ واقع ٿيو هو.

جڏهن اسان سکر جي والار ڪئي هئي هن شهر جي ڪا اهميت ئي ڪانہ هئي. هن پراڻي شهر ۾ فقط 4000 ماڻهو رهندا هئا (برنس 1934) چيو ويندو آهي تہ هتان جي رهاڪن کي چيتن ۽ واگهن کائي کپائي ڇڏيو هو. جيڪي پر وارن گهاٽن ٻيلن ۾ رهندا هئا. 1876ع ۾ هن شهر جي آدمشماري وڌي 12000 تي وئي هئي.

هتي پهريائين فوجي ڇانوڻيءَ قائم ڪئي وئي هئي، جنهن ۾ ٻئرڪن سان گڏ جيل جون ڪوٺڙيون بہ ٺاهيون ويون هيون. هيءَ تعمير ٽڪريءَ جي اترين پاسي ۽ خاص ڪري يورپي ريجمينٽن لاءِ هئي، ان ڪانسواءِ توپخاني جي هڪ ڪمپني بہ اتي رهائي وئي. هتي جڏهن هينئنءَ پاسي واري زمين تي عام سپاهي فوجي رهايا ويا هئا. فوجي پئريڊ بہ اتي ٿيندي هئي، "انڊس فلوٽيلا" وارن کي پڻ چيو ويو هو تہ پنهنجو صدر مقام سکر کي بنائين اُن جي اولهہ پاسي هڪ وڏي بازار جڙي وئي هئي، جتي پارسين اچي هٽ کوليا هئا، جيڪي خاص ڪري قيمتي شراب، سوڊا واٽر ڪتاڻ ۽ ٻيون شيون رکندا هئا. ان دوران سکر تمام گهڻي ترقي ڪري چڪو هو پر اها مستقل ڪانہ آهي، پر هتان جي آبهوا نهايت گرم آهي، تنهن ڪري هتي اسهالن ۽ پيچشن جي بيماريءَ جو وڏيڪ امڪان هوندو آهي. 1846 ۾ 78 هانلئنسبرس ٽڪ ۽ نتهڻ اس ڪري بيمارتي پيا، انهن بخارن ۾ هن ريجمينٽ جا اڌ فوجي پرلوڪ پڌاري ويا (11) پيچش ڪانپوءِ هنن کي رت اچڻ لڳو هو جن کي ڏيهي ٻيڙين وسيلي حيدرآباد ۽ پوءِ ڪراچيءَ موڪليو ويو هو ان تڪليف ڪري 500 فوجي اجل جو شڪار ٿي چڪا هئا.

سکر جو شهر مڪمل تباهيءَ کان بچي ويو آهي، ڇاڪاڻ ان ۾ اجا بہ سول ۽ ريلوي جا عملدار رهندا آهن. ان سان ريلوي عملو پڻ هتي موجود هو پر ڇانوڻيءَ ۾ هڪ بہ فوجي سپاهي موجود ڪونہ آهي. هنن جا فرض هتان جي پوليس سرانجام ڏيئي رهي آهي، جيڪا ڪراچي، حيدرآباد ۾ ٿرپارڪر ضلعن جي پوليس کان الڳ آهي، هتي فقط رستن جي تعمير واري ترقي ٿي رهي آهي. ان ناتي پهريون والس ڪٽنگ Waltace Cutting وارو رستو جوڙيو ويو هو. اهڙي ترام وي جو ڪجهہ حِصو بہ ٺاهيو ويو هو. ريلوي

لاءِ ڪچا وڏا جوڙايا ويا هئا، جيڪي من موهيندڙ هئا. اهڙيءَ ريت مارڪيٽ هال جو چوٿون حِصو پڻ تعمير ڪرايو ويو هو جنهن ڪري نئين بازار ڏاڍي خوبصورت لڳندي هئي. بعد ۾ لائبريري ۽ گرجا گهر جي مناري جي پڻ تعمير ڪئي وئي هئي. پر ان ٽاور ۾ لڳل گهڙيال پنهنجي مرضيءَ سان هلندو آهي. ان ڪانسواءِ گرجا گهر ۾ اسڪول بہ ڪم ڪندو آهي، جنهن ۾ 92 شاگرد داخل آهن. بيو اسڪول غريب آباد ۾ قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو نئين بازار ۾ آهي. گرجا گهر جي اها جڳهہ عارضي آهي. جيڪا پراڻن بوٽن وانگي پنهنجو پورو ڪم ڪانہ ٿي ڪري. جيتري قدر ترقيءَ جو تعلق آهي تہ مان ان ۾ پٿر سان تعمير ٿيل ڊوبي گهاٽ کي بہ شامل ڪندس.

عورتن جي وهنجڻ لاءِ بہ هڪ جڳهہ تيار ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ ريت مسٽر بڻائي Boyee لاءِ مشينري _ يارڊ پڻ هاڻي تازو نهي راس تي چڪو آهي. سائين جان بل! مان مسافرن جي رهڻ لاءِ بنگلي بابت ڪجهہ صحيح نموني سان ڳالهائي ڪونہ ٿو سگهان. اسان اتي وڃي رڳو وهنجندا ۽ سوڊا واٽر پيئندا آهيون. پر اتان جا رکوال اسان کان 1000 فيصد قيمت وصول ڪندو آهي.

پر سکر ۾ هاڻي گهٽ ماڻهو آباد آهن ۽ چوڌاري کنڊر پکڙيا پيا آهن. پر شهر جو مستقبل روشن آهي، هن جي آبهوا تہ گرم آهي، پر پوءِ بہ شڪارپور ۽ جيڪب آباد کان بهتر آهي. ريل جا انجنيئر ڏاڍي تڪڙائيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن. پر جڏهن ريل مارگ جڙي راس ٿي تہ سنڌ هندستان سان ملي ويندي، جنهن جي ترقيءَ جو اثر هن شهر تي پوندو جيڪڏهن شهر ٿوري ترقي ڪرڻ شروع ڪئي تہ اوسي پاسي وارن ڳوٺن جا ماڻهو بہ لڏي اچي هتي آباد ٿيندا. ان عقل سليم وارا انگريز عملدار سنڌ هارس جي صدر مقام جيڪب آباد کي ڇڏي اچي سکر ۾ قائم ڪندا.

جيڪڏهن قلات اسان جي قبضي ۾ آيو تہ هي شهر بہ وڏي ترقي ڪري ويندو ڇاڪاڻ تہ قلات جو سئنيٽاريم بہ سکر بڻجي سگهي ٿو. هيءَ ڏکويل ماتري اسان جي فتح کان پوءِ سائي ڊائي ۽ سکي ستابي ٿي ويندي. اهڙيءَ وقت پنجاب جا ساوا پٽ بہ اسان جي والار هيٺ اچي ويندا. انڪري مان اڳڪٿي ڪري سگهان ٿو تہ تجارت جو هي اهم ماڳ ۽ بيا شهر تمام گهڻي ترقي ڪري سگهندا.

باب اٺاويھون

# شڪارپور – ان جي بازار
# هندو ۽ انهن جو مستقبل

شڪارپور شهر سکر کان اولهه ۾ ٽيويهه ميل پري آهي، سائين جان! توهان ان کي ڏسي خوشيءَ وچان هوا ۾ اڏامڻ لڳندا. چاڪاڻ ته اوهان اهم تجارتي مرڪز ڏسي ڏاڍا سرها ٿيندا آهيو.

اسان سکر ۽ شڪاپور جي وچ واري ميدان مان گهوڙن کي سوپور پڃائي هلي شڪارپور پهچون ها، پر ائين ڪونه ڪنداسون. منهنجو خيال آهي ته اينڊرسن کان ياڙي تي ڏاند گاڏيون وٺنداسون، جيڪو اسان کي شڪارپور جو پاڙو پنج رپيا وٺندو ۽ موٽ وارو اڌ ڪرايو ڏيڊو پوندو ڏاند گاڏيءَ تي شيگرام Shigram رکيل هوندا. محسوس ائين ٿيندو جڻ اسان ننيڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ ويٺا آهيون. اٽڪل 9 وڳي رات جو گاڏيءَ تي چڙهي روانا ٿينداسون ۽ صبح جو 7 وڳي هلي شڪارپور پهچنداسون. وچ وارو رستو به آهي ڳائي گيهه جهڙو، لوڏو به اصل ڪونه ايندو. پلي ترڀءَ تي ڪير جو وٽو جهليون هل. جيڪڏهن چاهيندين ته ننڊ جي پنڪي به ڪري وٺندين. رستي جي مقدم ساري مارگ مان جوئر جي ڪڙب وجهرائي ڇڏي آهي، جيڪا هاٿي ڏاند گاڏين، ٽانگن جي اچڻ وڃڻ ڪري چيٽاڙجي ۽ سفر ۾ سولي ٿي وئي هوندي. عام طور تي ٻين سٽڪن سان ٻوڙن جا سر ۽ ڪانا رکيا ويندا آهن ته جيئن رستي واري ڌوڙ نه اڏامي. شڪارپور هلي پهچندين ته توهان کي منهن ڌوئڻ جي ڪاڻ ئي ڪانه پوندي. هتي ته نڙ Reed به گهڻا ٿيندا آهن، جن کي اسان واري پٽ ۾ پامپا گراس Pampa grass ڪوٺيندا آهيون پر اهو ٻوڙو پامپا ۾ ڪونه ٿيندو آهي. لاڙڪاڻي جي اوسي پاسي واري

نڙن جا ٻوڙا وڏي رستن سان وڇايا ويندا آهن. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن دڳ واري ڌوڙ ڌوڙيو بنجي نہ اڏي

اسان پنهنجو سفر سکن جي مسافرن واري بنگلي کان شروع ڪنداسون. سفر جو رخ اتر _ اولهہ پاسي هوندو. سکر کان نڪرنداسون تہ ساڄي پاسي جتن جون قطارون ڏسڻ ۾ اينديون. ڊاٻو هلي موگراڻي Mograni ۾ ڪنداسون. اهو ماڳ اڌ پنڌ تي آهي. سلڦيون بہ هلي اتي ڇڪينداسون. درياهہ جي ڪناري سان بہ قبا ڏسڻ ۾ ايندا جن تي ڪاشيءَ جون اهڙيون سرون ڪم آنديون ويون آهن. جڻ محسوس پيو ٿيندو تہ مٿن وارنش سان پالش ڪئي وئي آهي. انهن مان هڪ مير سيد غلام عليءَ جو آهي. باقي ٻين جا آهن. ان جر پرسان اتر ۾ مير سيد عبدالباقي جو مقبرو آهي. پر ان تي ڪو خاص ڪم ڪيل نظر ڪونہ ٿو اچي. جڏهن تہ گرجا گهر جر پرسان قبائين تعمير شاهہ محمد مڪيءَ جي آهي. سامهون نظر ايندڙ ٽڪريءَ جي اتر پاسي ان ماٺهوءَ جي مزار آهي. جيڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ چئن يارن جو مُنڪر هو. اوير پاسي زبون حال اوچي عمارت آهي. جتي اونهاري جي موسم دوران اميرن جون عورتون اچي رهنديون هيون. تباهہ ٿيڻ ڪانپوءِ بہ ان ۾ اجا بہ ڪي اهڙيون خاصيتون آهن. جو سندس تعمير بنگلي مان نظر اچي رهي آهي. رستي کان پري ۽ بازار کان ٻئي پاسي پٿر جو ٺهيل مقبرو آهي. جنهن جي چوڌاري وڻ ٽِڻ آهن ۽ گلن جون ڪونديون بہ نظر اچي رهيون آهن.

هندستان ۾ اهڙين جڳهن جي چوڌاري باغ ۽ وندر جا ميدان هوندا آهن. ڏسو جنهن ننڍي ٽڪري ۾ وٽان اسان گذري رهيا آهيون. تنهن تي ٻئرڪن جي تعمير جا نشان آهن. جيڪي ٽرورس فالي Trevers Folly جي نزديڪ اجا بہ موجود آهن. اڳي مٿي ويندڙ چاڙهي کي ڏاڍا ور وڪڙ هوندا هئا. پر هاڻي سڌي ڪئي وئي آهي. اسان جي کاٻي پاسي ميونسپالٽي جو ڦُتل باغ آهي. جڏهن تہ ساڄي طرف ريس _ ڪورس نظر اچي رهيو آهي. جيڪو هاڻي ڦتواجاڙ لڳو پيو آهي. هن کان پوءِ اسان اولهہ ڏانهن رخ ڪريون ٿا. سامهون هڪ ايڪيري ٽڪري آهي. جنهن تي آدم شاهہ ڪلهوڙي جو مقبرو آهي. جيڪو هن نسل جي هڪ بزرگ شخصيت هو. اها تعمير ايتري تہ اوچائي ۾ ٿي آهي. جو اوهان سکر ۾ داخل ٿيندا تہ سنڌوءَ وٽان ئي اوهان کي نظر ايندي. ٽڪريءَ جي تري ۾ هڪ وڏو قبرستان آهي. پرسان ئي Ramzan straw – house آهي. پاسي ۾ پڳل ٽُتل تابوت پيا آهن. اهڙيون شيون وري ايندڙ سال ڪم ڪنديون.

اسان ٽڪريءَ جي پاسي ۾ نهيل چاڙهي وسيلي مٿي هلي آدم شاهه جو مقبرو ڏسندا سون. مٿي پلويڙو به ڏنل ڏسجي ٿو. مٿي نو وڏا مقبرا آهن. ان کان چار مقبرا اهڙا آهن، جن جو مٿيون پاسي سنئون سڌو آهي، جن مان به هڪ پاسي ۾ گڏ آهن.

ننڍي مقبري جي تعمير هيئنان هڪ قبر موجود آهي، جنهن ۾ اندر ڪاشيءِ جون سرون اهڙيون آهن. جڻ مٿن وارنش جي پالش ٿيل آهي، جيڪي ڏاڍيون خوبصورت آهن. ٽڪريءَ جو ڏکڻ وارو پاسو صفا ڪليل آهي، سيئي مقبرا گهڻ ـ ڪنداوان آهن، جن جي مٿان قبائين اڏاوت ڏسجي ٿي. اندرئين پاسي پٿر تي ماڪي جي ماناري جهڙي اُڪير آهي، جيڪا مسلمان دنيا ۾ عام آهي.

هاڻي اسان شڪارپور ڏانهن صحيح معنيٰ ۾ سفر شروع ڪري رهيا آهيون. اسان هاڻي هڪ اهڙيءَ بيابان مان گذري رهيا آهيون. جيڪو پوکي راهيءَ جي لائق آهي، پر اها ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. ننڍڙا ٻوٽا ۽ ٻوڙا نظر اچي رهيا آهن، جڻ آفريڪي ماڻهوءَ جي مٿي جا وار. ڪٿي ڪٿي ڪٽڪ جي پوک ڏسجي ٿي. ورلي ڪٿي ڪمند به نظر اچي ٿو. ڪٿي وري ڪڙٻ جا ڪرا به ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هتي جوئر جو فصل به ٿيندو آهي. سامهون اوچا ۽ وڏا وڻ آهن، تنهن ڪري پرسان ڪو ڳوٺ هوندو. هي اسان جو غير آباد علائقو آهي، پر واريا سو رڻ پٽ ڪونه آهي، جتي سچ واڪا ڪندي هجي. هي اهڙو رڻ ڪونه آهي، جهڙو اوهان "سونر ڪئنال" جي پرسان ڏٺو هو جتي ماڻهو چيٽو ته نهيو پر پکيءَ جو پير به ڪونه هو. هڪ سنئون سڌو پٽ آهي. چوڌاري خشڪ مٽي، اداس ماحول، ننڍڙا ننڍڙا پٿر جڻ ڪچي گهر جو اُکڙيل فرش، هي اهڙو رڻ پٽ ڪونه آهي، جيڪو انگلينڊ کان نڪرڻ مهل اوهان جي تصوير ۾ موجود هوندو پر هي اهڙو غير آباد پٽ آهي، جيڪو پاڻي ملڻ سان سائو ٿي ويندو. چوڌاري پوکون ۽ باغ نظر اچڻ لڳندا. ماحول اهڙو آهي جڻ سرن جا ڪورا پچي رهيا آهن. هن بيابان ۾ ٿورو اڳتي وڃبو ته گهوڙن ۾ انن جا هڏا نظر ايندا ۽ شيشن جي پڳل بوتلن جا چوڌاري پکڙيل ٽڪرا به ڏسڻ ۾ ايندا. هتي اوهان کي گاهه جا ٿُپا به ايترا گهٽ ڏسڻ ۾ ايندا، جيترا اوهان کي بيلگراويا Belgravia ۽ چاسي ڊي آئٽن Chaussee_d'Antin جي بازارين ۾ نظر ايندا، پر جيڪڏهن اسان هتي پاڻ کي پجائڻ ۾ سوڀارا ٿياسون ته نه اهو برپٽ ڪڏهن پائسا Pisa، واروڪ Warwick ۽ آراس Arras کان به وڌيڪ سرسبز ڏسڻ ۾ ايندو.

هن علائي جو اپريل مهيني جي ابتدا ۾ ڪوسائي پدُ 66 فرهنائيٽ هوندو آهي، (1) ۽ ماڻهن جي سواريءَ واريون ڏاند گاڏيون پنهنجي رفتار سان پنڌ پيون ڳهنديون آهن. ڪن گاڏين تي وري ڪو ٻيو بار لڏيل هوندو آهي ۽ شڪارپور ڏانهن وينديون نظر اينديون آهن. ڪڏهن وري انن جا قافلا نظر ايندا آهن. جيڪي بعضي ميل ڏيکاريندڙ سفيد پٿرن وٽ بيٺل ڏسڻ ۾ ايندا آهن. يعني سکر واهه چوٽي بيگاري ۽ رئيس واهه جي پڪ سرين اوچين پلين تان چڙهندي لهندي رڙندا نظر ايندا آهن. چوندا آهن ته اٺ خالي به رڙي ته پريو به رڙي، سنڌ واهه اسان جي منزل ڪرڻ واري ماڳ کان ٻه ميل ڪن پري آهي ۽ اسان جي رهائشگاهه وارو ڪچو بنگلو هتان ڏسجي رهيو آهي. شڪارپور جا هندو سنڌ واهه تي ڪو ميلو ملهائي رهيا آهن. هتان کان رستي جي ٻنهي پاسن کان سرينهن وڻن ۽ انجيرن جون قطارون آهن، جيڪي لال بنگليءَ تائين هلنديون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هاڻي بنگلي ۾ مير وليداد خان ٽالپر علائقائي معاملا هلائيندو آهي، جيڪو هن شهر جو مئجسٽريٽ آهي، شهر جي چوڌاري وڏا ۽ خوبصورت باغ آهي. هي علائقو خوبصورت انهيءَ ڪري آهي جو هتي پاڻي تمام گهڻو آهي. هتان کان ٻه رستا ڦٽن ٿا، جن مان هڪ سان ڳاڙهن گلن جون جڏهن ته ٻئي سان اڇن گلن جي باغن جون قطارون آهن. ڳاڙهن گلن جي باغن وچان گذرندڙ رستو نوسيگيز Nosegays جي "سئنٽ جو زف" ڏانهن وڃي ٿو. هتان جو سارو ماحول سائو آهي. اسان هاڻي اسپتال ۽ جيل وٽان گذري رهيا آهيون، جن جي پرسان مسجد به آهي، هتي مسافرن لاءِ بنگلو پڻ آهي، جنهن جون رنقون اُباتجي چڪيون آهن، هتي ماني ٽڪي لاءِ ڪو بورچي ڪونه آهي، نه وري ڪو سمهڻ جو بندوبست آهي. فوجي ڪئمپ واري بازار ويران لڳي پئي آهي. ماڻهن جي اڌ آبادي لڏي هلي وئي آهي، اڳي ته هتي ماڻهن جي پيهه ۾ گپا گيهه لڳي پئي هوندي هئي، هڪڙا ماڻهو پيدا ايندا هئا ته ٻيا پيا ويندا هئا. هاڻي ته هي ماڳ ڪائڻ پيو ٿو اچي. هتي رومن ڪئٿلڪ گرجا گهر هوندو هو جيڪو هاڻي اجڙي ناس ٿي ويو آهي، هتي اڳي چادري رهندو هو، جيڪو هاڻي ڪونه ٿو ڏسجي، ٻه ٽي ماڻهو ٽلڪي رهيا آهن. ٻيو ٿيو خير، شڪارپور جون اهي رنقون ۽ رنگينون الائي ڪهڙو راڪاس هڪ ئي ڳيت سان ڳهي ويو. هتي هڪڙو تهخانو به هوندو هو جتي ٽاڪ منجهند جو گرمي کان وڃي سر لڪائبو هو. دوستن جا ٻوڳ چرچا ۽ ڪچهريون لڳيون پيون هونديون هيون ۽ هو تهخانو نه پر ڪچهري هال هو. هاڻي چارئي پٽيون

ڪري پيون آهن. باقي هينان وارو ڪڏو سو بينو آهي، چوڌاري ويراني ۽ اجڙيل تهخانو ڏسي ته منهنجون اکيون آليون ٿي ويون آهن.

آخر ۾ اسان ڊاڪٽر ايس ايچ سالامن سان ملي ڏاڍو خوش ٿياسون، جيڪو شڪارپور جي اسپتال ۾ سول سرجن آهي، هو اسان سان گڏجي بنگلي تائين هليو. چانهه پياري ۽ چروٽ به چڪڻ لاءِ ڏنا. هن واعدو ڪيو ته ناشتي ڪرڻ کان اڳ شڪارپور جون مختلف جايون ڏسي ونداسون. هاڻي ٻيا انگريز عملدار مسٽر فلٽن Fulton بامبي، سي ايس (جج) ۽ ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر رهندا آهن. هنن ماڻهن جي آخر ۾ دعوت ڪائينداسون ۽ پوءِ شڪارپور کي الوداع چونداسون. باقي ٻيا انگريز عملدار ضلعي جي صدر مقام جيڪب آباد ۾ موجود آهي، جتي فوج "فيلڊ سروس" لاءِ گڏ ٿي رهي آهي، پتو ڪونه آهي، اهڙيون جنگيون ڪنهن جي خلاف آهن. ڪيترن دوستن جوخيال آهي ته اهي فوجي تياريون قلات جي خان جي مدد واسطي آهن. ڇاڪاڻ ته ڪن سردارن هن خلاف بغاوت ڪئي آهي. ٻين دوستن جو نقطہ نظر آهي ته هندستان جي انگريز سرڪار هن سرحد جي فوجي ڪمان سر وليم ايل، ميريويدر کان وٺي ڪرنل منرو Munro ۽ ميجر سنڊيمن Sandeman جي حوالي ڪانہ ڪئي آهي، تنهن ڪري معلوم ٿي رهيو آهي ته ڪمشنر واري حڪمت عملي اختيار ڪئي پئي وڃي. سائين جان بل! مان پنهنجو نقطہ نظر ڏاڍيءَ دلبري سان ظاهر ڪري چڪو آهيان ته جيڪڏهن ڪنهن ڏيهي حڪمران ۽ سندس وچ ۾ ڦيٽاڙو جاڳي اٿيو آهي ته ان ۾ دخل اندازي ڪرڻ بيوقوفي جو ڪم آهي، اهڙين ڳالهين ۾ اسان جو فائدو گهٽ ۽ نقصان وڌيڪ ٿيندو آهي. ايئن ڪرڻ سان اها ڏر ٿورو به ڪانہ مڃيندي آهي، تنهن جي هڙئون وڙئون فوجي مدد ڪئي ويندي، انهيءَ کي ڇٽبو آهي ته گڏهہ ٿورو نہ آٽر ٿورو پر مون کي فقط هيءَ اميد آهي ته انهيءَ فوجي مهم سان سنڌ کي اهميت ملي ويندي.

شڪارپور شهر جو بنياد 1617ع ۾ رکيو ويو هو (2) هي شهر ان دور ۾ به ايترو ترقي يافتہ هو جيترو اسان کي اڄ نظر اچي رهيو آهي. هي ماڳ بولان لڪ کان ڏکڻ پاسي واقع آهي، تنهن ڪري تجارتي نقطہ نظر کان ڏاڍو اهم آهي. ان کان خراسان ۽ وچ ايشيا سان تجارت لاءِ به هي شهر مرڪزي حيثيت رکي ٿو جتان کان هي تجارتي قافلن وسيلي الهندي هندستان تائين پهچي وڃي ٿو. شهر جي اوسي پاسي وارو علائقو سائو ڊائو ۽ سکيو ستابو آهي ۽ گهڻي پيداوار ڏئي ٿو. ان جي خوشحاليءَ جون علامتون اڄ به

موجود آهن. ڇاڪاڻ تہ هتي واهن، ڪڙين ۽ ڳسين جو جار وڇايل ڏسجي ٿو. 1876ع ۾ افغانستان جي حڪمران تيمور شاهہ ٽالپرن کي ڪلهوڙن خلاف بغاوت ڪرڻ جي ميڇ ڏني هئي. انهيءَ زماني ۾ شڪارپور جي تجارت انهن سڀن شهرن کان گهڻي وڌيڪ هئي، سنڌوءَ جي ڪنار سان واقع هئا. شاهہ تيمور جي مرضي هئي تہ هتي جا واپاري آزاديءَ سان پنهنجو ڌنڌو ڪري سگهن. هن شهر جا اهم واپاري لوهاڻا ۽ ڀاٽيا آهن، جن کان ڪلهوڙا ۽ ٽالپر زوريءَ پئسا وٺندا آهن ۽ ڏاڍ ڏمر ڪندا آهن. هنن ذاتين وارا هندو ڏکڻ پنجاب ۾ بہ گهڻا آهن. شاهہ تيمور جو اهو قدم سادو هو پر پوءِ شڪارپور جي تجارت ڪهڙيءَ وِلِ وانگي وڌڻ ۽ وکرڻ لڳي هئي. اهڙو عقل نہ ڪلهوڙن وٽ هو نہ ٽالپرن وٽ. اهڙي آجپي ڪانپوءِ هي شهر ڏاڍي ترقي ڪري ويو ۽ آدمشماري بہ وڃي 40000 تي پهتي هئي.

فوجي ڇانوڻيءَ جي اتر ۾ رئيس واهہ Raiswah آهي. ڏکڻ کان ڇوٽيءَ بيگاري اٿس جنهن کان شهر اتر_ اوپر طرف ٽيندو. وچ وارو علائقو مختلف ٻوٽن ۽ ٻوٽن سان ڇانيو پيو آهي. ڇاڪاڻ تہ چاڙهہ واري موسم دوران هتي پاڻي پالوت تي ويندي آهي ۽ مڇرن جي آزار جي ابتدا تي ويندي آهي. هتي بيو آزار اڏهيءَ جو آهي، جيڪو اوسي پاسي جي ڳوٺن ۾ ڪونہ هوندو آهي، باقي ٻي علائقي مان مختلف رستا آهن، جن تي ڏوڙ کان بچڻ لاءِ سرن جا ڪانا ۽ نڙ وڇايا ويندا آهن. هن جوءِ ۾ 130 کوهہ ۽ وڏا وڏا تلاءَ آهن، اهڙيءَ ريت هڪ هزاري واهہ ۽ ٻيو گليمسپي واهہ Gillespie آهي. هنن ٻنهي ۾ پبڻ جام ٿيندي آهي، پر گرم موسم ۾ هتان کان مليريا جي ابتدا ٿيندي آهي. هن موسم ۾ نہ رڳو شڪارپور پر ساريءَ سنڌ ۾ تپاولي شروع ٿي ويندي آهي، ان رت ۾ سنڌوءَ جي چاڙهہ وارو پاڻي سڪڻ ۽ درياهہ لهڻ شروع ڪندو آهي. انهيءَ ساڳي موسم دوران شام ملڪ جو بہ اهو حال هوندو آهي. نيل درياهہ جا اوسا پاسا بہ انهيءَ رت ۾ مليريا جي مينهن ۾ هوندا آهن پر گهٽو گهٽ.

شڪارپور جي جوءِ ۾ مينهن وسڻ جي ماپ مختلف هوندي آهي، جيڪا 0.93 م.م کان 10.44 انچ هوندي آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو انگريز سرڪار وٽن پوکڻ جي هڪ مهم شروع ڪئي آهي. ساري اتر سنڌ ۾ وچولي مينهن کي هاجيڪار تصور ڪيو ويندو آهي. هندن جو چوڻ آهي تہ ميگهہ راج يا ميگهہ ملهار جو راجا امن امان قائم ڪرڻ لاءِ بدّل آهي، تنهن ڪري اهو هتي مينهن گهٽ وسائيندو آهي. سندن اهو نقطئہ نظر 1874ع ۾ سچ ثابت ٿيو هو ۽ پورن پارنهن سالن کان پوءِ انهيءَ سال تمام گهڻو مينهن

آهن. جيڪي جيل جي عورتن واري حصي ۾ رهن ٿيون. هن جيل ۾ ڪو آريو يا توراني موجود ڪونہ آهي.
قيدين جو وڏو تعداد سنڌي نسل سان تعلق رکي ٿو. هي چوپائي جا چور آهن. انهن مان ڪجهہ ڌاڙي، قتل ۽ زناني ڏوهہ ۾ جهلجي آيا آهن. هتي قيدين کي هنر ۽ ڏنڌي سيکارڻ لاءِ مختلف ورڪشاپ قائم ڪيا ويا اهن، جن ۾ ڪرسيون ناهڻ، عام ڊڪاٽڪي ۽ لوهارڪي بہ سيکاري ويندي آهي، جيڪڏهن ڪو چاهي تہ ڪورڪو ۽ رازڪو ڌنڌو بہ سکي سگهندو آهي.
اسان آخر ۾ جيل ڊسپينسري ۽ اسپتال ڏسي موٽي آياسون. اُن کان پوءِ اسان تانگي ۾ چڙهي نئين لائبرري ڏسڻ وياسون. جيڪا هڪ ڪچيءَ جڳهہ ۾ قائم هئي. هي دنيا جي منفرد لئبرري هئي، جيڪا ڪتابن کانسواءِ بعد ۾ هزاري واري پاڙي جي تلاءَ وٽان گذري خيراتي اسپتال ڏسڻ وياسون. اهڙيون اسپّتالون فقط اخبارن ۾ موجود هونديون آهن. هنن اسپتالن جون اخبارن ۾ نظر ايندڙ خبرون ڏاڍيون دلچسپ هونديون آهن. هتي شڪارپور ۾ مسلمانن جو تعداد ٽيون حصو آهي، جيڪو سنڌ جي ٻين شهر وانگي آهي. اسپتال جي ڪاغن مان معلوم ٿيو تہ 5988 مسلمان ۽ 6324 هندن جو علاج ڪيو ويو آهي. شهر جي ذڪڻ کان بيگاري واهہ اڪري شاهي باغ ڏسڻ وياسون جيڪو ميونسپالٽي جو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي، تہ سندس سٺي سنڀال ڪئي وئي آهي. گهمندا اچي ننڍڙي زو Zoo وٽ بيناسون. جتي هِڪ چيتو هرڻ، ڦاڙهو گورخر، باندر ۽ ٻيا جانور هئا. چٻر ڏاڍي سائي هئي. گلاب بہ شام جي گلابن جيان ڏاڍا خوشبودار هئا. ان کان سواءِ ميريويدر پئويلين بہ ڏٺوسون. هي تفريح گاهہ سنڌ جي اڳوٽي راڄڌاني حيدرآباد ۽ هاڻوڪي راڄڌاني ڪراچي جي تفريح گاهن کان بہ وڌيڪ سٺي هئي.
ڊاڪٽر سالامن جي، ۽ لال بنگلي جي وچ ۾ هڪ ميل جيترو مفاصلو آهي، جڏهن اسان اهو فاصلو سفر ڪيو تہ تمام گهڻا کنڊر ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي گليسپي واهہ کان بہ اڳتي تپي ويا هئا. اڳي قبرستانن ۾ بہ ماڻهو پيا ڦرندا گهمندا هئا. هاڻي تہ اتي بہ ڪا ٻهرَ ئي نظر ڪانہ ٿي اچي. يهودي قبرستان ۾ ڪن قبرن تي ڪتبا لِکيل هوندا هئا، پر اهي بہ ڪي شاهينگ چورائي هليا ويا آهن. هي مرهٽا مهارس Maratha Mahars جو بہ قبرستان آهي جنهن ۾ وڏيون قبرون آهن. چيو ويندو آهي تہ اهو خرچ هڪ سخي عورت پريو هو ۽ اجا بہ اهڙو خرچ ساڳي عورت برداشت ڪندي رهندي آهي. هڪ قبر جي ڪتبي تي هيءَ تحرير ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

"شري ڀڳوان تايہ نامهہ" "Shri Bhagwan taya Namaha" ان کان سواءِ هڪ ٻيو بہ قبرستان آهي، جنهن جي ڀرين قبر 1844 سان تعلق رکي ٿي، پر نئين قبرستان ۾ واهت جا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٻي قبر آهي منهنجي دوست ويچاري جارجي ميجر Georgy major جي جنهن تي لکيل آهي "ميجر آباد" پرسان هڪ ڏيهي فوجي عملدار جي قبر آهي، ٻئي صاف ۽ سنيون قبرون آهن، معلوم ٿي رهيو آهي تہ هنن قبرن جي چڱيءَ ريت سار سنڀال لڌي پئي وڃي. هنن ٻنهي مان ڏيهي فوجي عملدار کي هڪ فوجي سپاهي بندوق سان قتل ڪري ڇڏيو هو پر افسوس آهي تہ ماڻهو ڏيهي عملدار جي قبر تي چوڌاري وارو گند ڪچرو اچي ساڙيندا آهن. جيڪب آباد ويندڙ رستي سان افغان قلعو آهي، جنهن جي هاڻي مرمت ڪري قافلہ سراءِ بڻايو ويو آهي. هي جڳهہ همچورس آهي ۽ چار منارا اٿس، جيڪا هوبهو جيل واري جڳهہ جهڙي آهي، پر هتي گهڻو ڪري گهوڙن جا واپاري رهندا آهن، پر سال رڳو 377 گهوڙا کتا هئا. هن سال پورا نَو سئو کپي ويا آهن.

سائين جان بل! هاڻي اسان شهر ڏسڻ هلنداسون، جيڪو جڻ واپارين جي راڄڌاني آهي. هتي واپاري، مهاجڻ ۽ سڪن جي مٽا سٽا وارا سيٺيا رهندا آهن. هي شهر دريا جي لٽ واري هيناهينءَ جوءِ ۾ اڏيو ويو آهي. ٿوريءَ هوا تي ڌوڙ جا ڌوڙيا ٿي ويندا آهن ۽ ٻيو سدائين سُرندن جي رون رون لڳي پئي هوندي آهي. ابتدائي دور ۾ شهر جي چوڌاري هڪ ڪچي پٽ ڏنل هئي، جنهن جي ڊيگهہ 3800 گز هئي. بعد ۾ بہ قلعا نهرايا ويا هئا، جن ۾ اٺ وڏا ڦاٽڪ هئا جن ۾ لڳل در ڏيهي ساخت جا آهن، پر اهڙو بچاءَ بہ جڏو سڏو آهي، شهر جون گهٽيون ڏاڍيون سوڙهيون آهن. ماڻهو جي سدائين پيهہ لڳي پئي هوندي آهي، جتي ڪٿي گند جا ڍير لڳا پيا آهن. عام ماڻهوءَ جي وندر جي هڪ بہ جڳهہ ڪانہ آهي. پر بہ ٽي مسجدون ضرور آهن. گهر بہ گهڻو ڪري ڪچسرا آهن ۽ ڇت ۾ ڪامون ۽ پٽيون ڪم آنديون ويون آهن. وراندا بہ هيٺ آهن. جيڪڏهن ڪڙيون ڪٽبيون تہ مٽي کي لڳندا. ڪٿي درين ۾ ڪاٺ جي چوڻڪ سان شيشي کي بہ ڪتب آندو ويو آهي، اهي گهر نہ پر ڪڏيون آهن، جنهن ۾ هي سيٺيا سنڌي رهندا آهن. شهر جي اوسي پاسي شاندار مقبرا ضرور ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جن مان ڪجهہ قطار ۾ ۽ ڪجهہ هتي هُتي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هر مزار جي چوڌاري گهاٽن ۽ وڏن وڻن جو جهلو ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ اهڙو منظر ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي، جر وارو هيٺيون پاڻي ٻارنهن

تيرهن فوٽ هيٺ آهي. کوهن جو تعداد بہ گهڻو آهي، جيڪي بينل پاڻي جي چشمي جي شڪل ۾ هنڌين ماڳين ڏسڻ ۾ ايندا.

شڪارپور جي مکيہ وڏي بازار 800 گز ڊگهي آهي. جيڪا شهر کي ٻن حصن ۾ ونڊي ڇڏي ٿي، اهو جڻ هڪ ڊگهو سوڙهو ۽ اونداهو رستو آهي، جنهن کي اس ۽ گرمي کان بچائڻ لاءِ ڍڪيو ويو آهي. ان مقصد لاءِ ٻنهي پاسن وارن گهرن جي ڇتين تي ڪنڌي واريون ڪامون رکي ڇانوءَ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. هر جڳهہ ۾ هاڻي منگهہ ۽ روشندان آهن، پر شڪارپور جا هندو پوءِ بہ ڦڪا ۽ ڏٻرا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هٽ بہ سوڙها، ننڍڙا آهن، جڻ ڪليل صندوقون، ويهڻ لاءِ بہ ڪچيون دڪيون نهيل آهن. هتي يا ساري مشرق ۾ اهڙيون ڳالهيون ڏسجن ٿيون، جيڪي تجارت کي اڳتي وڌڻ کان روڪيو بيٺيون آهن. هتي مختلف ملڪن جي سڪن جي متاستا وارو ڏنڌو 4 وڳي کانپوءِ شروع ٿيندو آهي، جيڪڏهن اوهان مون سان گڏجي هلندا تہ مون کي خوشي ٿيندي.

هتي اوهان کي ڏهن قومن جا ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندا، جن ۾ اسان انگريز شامل ڪونہ آهيون. اهو بروهي آهي، موڪري منهن ۽ مضبوط هڏن وارو. ڳُلها بہ ويڪرا اٿن. ڪپڙا مِلس (اٺ جي وارن وارا) جا پاتا اٿائين. حلوائيءَ جي هٽ تي رکيل مٺائيءَ ۾ جوهہ وجهيو بيٺو آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ حلوائي منهن ڦيرائي ٻئي پاسي ڪري تہ مٺائي پريل ٿالهہ کي وٺي مٿو ڏيندو. پر آڏو بہ واٽيون آهي، جنهن بروهيءَ جي اک کي تاڙي ۽ گهاڙي ورتو آهي. ڳالهائي گراهڪ سان ٿو پر تيڏي اک بروهي ۾ اٽس، پريان پٺاڻن جي ٽولي بيٺي آهي. اهي ماڻهو گهوڙن جا واپاري آهن، جيڪي لاڏو ۽ سواريءَ جي گهوڙن جي اگهہ تي ڳالهائي رهيا آهن. ڪي ٽٽون گهوڙن جا واپاري آهن، تن کي وري پنهنجي ڳڻتي آهي. قد جا ڊگها، سگهارا، متارا، ڳالهائن بہ ڏهہ پاتيون ڏوڪڙ ٿا. ڳالهائيندا پرم بينل ماڻهوءَ سان آهن، پر سمجهبو ائين آهي جڻ بازار جي صفا ڇيڙي ۾ پري بينل ڪنهن ماڻهو سان ڳالهائي رهيا آهن. جيڪو هنن جي ڳالهہ تہ ٻڌڻ لاءِ هرگز تيار ڪونہ آهي. اکيون بہ ڳاڙهيون جهڙا باهہ جا شعلا. تلوار ڪٽي هلڻ جي ڪين موڪل ڪانہ آهي. پُر چيلهہ سان ٻڌل سندرن ۾ ڊگها خنجر ٻڌل آهن. جيڪي روم جي تلوار کان ڊگها آهن، پر هي ماڻهو ڊڄڻا بہ ڏاڍا آهن. پرئين پاسي وارا ماڻهو بلوچستان سان تعلق رکن ٿا ۽ بلوچ آهن. اس ۾ سڙيل، ڪارا چهرا، اکيون مشعلن جهڙيون. سندن شڪلين مان لڳي ٿو تہ ڏاڙيل آهن. پورهيو ڪري

پيٽ گذر ڪرڻ جي هنن ۾ هير ڪانہ آهي. هن نسل جا ماڻهو پرائي مال کي پنهنجي وڏڙن کان مليل ورثو سمجهي ڏاڙو هڻندا آهن ۽ ميڇون وٽي فخر سان ڏاڙي جي ڪارروائي جو بيان ڪندا آهن. هو هڪ سنڌي کي تيز نظرن سان تاڙي رهيا آهن، جنهن کي ڪيمخواب جي ٽوپي ۽ يلا لٽا پاتل آهن، پر سوچي رهيا آهن تہ هاڻي سنڌ ۾ پليد فرنگين جي حڪومت قائم ٿي چڪي آهي، تنهنڪري هن کي هاڻي ڏاڙن، ڦرين ۽ قتل عام جي آزادي ڪانہ آهي ۽ رستن تي ڪارروايئن ڪندڙ سردارن کي روڪيو ويو آهي. هتي تہ سوات جا ملان بہ ڏسڻ ۾ ايندا، جن کي پٽڪا ۽ چيلهن سان سندرا ٻڌل آهن. اهي اسلام سيکارڻ هتي اچي نڪتا آهن. هي ماڻهو ننڍي قد جي سنڌين کي نفرت جي نگاهن سان ڏسي رهيا آهن، جن کي ڦري لٽي هو دولتمند ٿي ويا آهن، پر ۾ اهي پناڻ بينا اٿئي جيڪي ڏسڻ ۾ خوفناڪ آهن، ڳالهائڻ جڻ ڏبي ۾ نڪريون، اهي ڪنهن ايراني واپاريءَ سان ڳالهائي رهيا آهن، جنهن جي گفتگو شائستہ، نرم ۽ بافضيلت آهي. اهو ماڻهو ڏسو قنداري آهي، جنهن جي نظر بہ تيڏي تہ نيت بہ تيڏي جيڪو ملتاني واپاري سان ڳالهائي رهيو آهي. ٻئي ڏريون نڱ آهن. هڪ ٻئي کي ٺڳڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ٻئي ڏريون گهٽ ڪونہ آهن. جهڙيون سٺ تهڙيون ٿي ويهون. هيڏانهن واريءَ جوڙيءَ ڏانهن ڏس. اهو پٽڪي وارو جيسلميري واپاري آهي ۽ قراقلي ٽوپيءَ وارو پناڻ آهي، جنهن جي ڪڇ ۾ قرآن ۽ هٿ ۾ ڇري، زبان ڳڙ ۽ نيت ٻُري آهي، پريان ڪٺليڪو جي ڪپڙن ۾ ملبوس ڪڇي ۽ گجراتي آهن، جيڪي ڦلاتي ماڻهوءَ سان نرين پئجي ويا آهن، جن کي هو اڪيلي سر منهن ڏيون بينو آهي. اِن وقت مسلمان هوٽل وارو تيل جو ڪُپو ڪبابن مٿان وجهي رهيو آهي جن جي پچڻ جي سگنڌ اوسي پاسي کي واسي ڇڏيو آهي. بازار جي هن ڇيڙي تائين اهو واس هوندو. اڏ بکايل ماڻهن تہ ناسون هڻڻ شروع ڪيون هونديون. ڪامڙيا پورهيت بہ گهڙي کن ڪوڏر جهلي هن سگنڌ مان ساءُ وٺندا هوندا. ان وقت هٽ وارو لوهاٽو توهان کي چوندو تہ مان ٻڪري جي ڪل جي چوٿي جا 40 رپيا وٺندس، پر اهو چوٿو ڪٽل ۽ ڳريل هو، تنهن ڪري گراهڪ کيس ان جا فقط 12 رپيا ڏيڻ لاءِ تيار آهي. ياٽيا واپاري وري خشڪ ميون، ڪنڊ ۽ ٻي مناڻ، آفيم ۽ پينگ جو ڪاروبارو ڪندا آهن. هڪ ياٽئي جي هٽ تي جنٽيون مايون ويٺيون آهن. هن جي هٿن ۾ تاراجي ۽ وٽ آهن. هو کين گهربل شيون توري ڏئي رهيو آهي. سندس هٽ مان اهڙي بانس اچي رهي آهي، جيڪا پساريءَ جي هٽ مان ايندي آهي، هي جنٽيون

گھر جو سيڏو سامان ۾ ڪجھ دائيپي جون ستيون ڦڪيون تورائي رهيون آهن. عورتون ڪيس نياءَ ۾ نيت پَتِ جي پارت ڪري رهيون آهن تہ تور ۾ ڪجھ اٿل ڏئي پر ياتيو سيٽ ڪين ڪرڙي اک سان ڏسي جڻ ڪين چوندو هجي تہ ونو تہ ونو نہ تہ هلنديون ٿيو ٺاٺارن جا هٽ بہ آهن. گراهڪن ۾ هنن جي پاڻ ۾ گهپي لڳي پئي آهي. ٻنهي ڌرين کان پگهر جاري آهي 150 .F ڪوسائي پد آهي ۾ ڪانوَ جي اک پئي ٿي نڪري، سمون ٺاڪ منجھند جو ڌرتي ٺامون، سج نيزي پاند، ايتري تہ گرميءَ ۾ تہ گھنٽو بہ پچي تيار ٿي وڃي.

ايتري گرميءَ ۾ ماڻهو جو هل هنگامو لڳو پيو آهي، هٽن تي ڪي گراهڪ وڃي ۾ ڪي اٿي رهيا آهن، هرڪو ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ رڌل آهي. هرڪو واڻيون اگھ چٽي هيٺ ڪونہ ٿو لهي ۾ گراهڪ ان قيمت جو اڌ چٽي متي چڙهڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي، ڪابہ ڌر ماٺ ڪيو ڪانہ ويٺي آهي، هتي پستا ۾ بادام ڪاڻڻ وارا بہ بيٺا آهن. ڪي ماڻهو بيڙيون ڇڪي دونهين ڪيڻ جو مقابلو ڪري رهيا آهن.

ڪي وري سگريٽن جي سُوٽن هٽڻ ۾ مست آهن، جن جي ناسن جي بہ ناليءَ مان دونهين جون چمنيون چالو آهن، هو ٻئي ڌريون ڏس پنهنجا هٿ چادر جي ڪپڙي هيٺ لڪائي ڇيچن ڪي جهلي واپار جون ڳالهيون طئہ ڪري رهيون آهن. ڪنهن ٻئي ماڻهو کي خبر ڪانہ ٿي پوي تہ ڇا طئي ڪري رهيا آهن، اهي ٻئي ماڻهو هڪٻئي کي ڪچيون گاريون ڏيئي رهيا آهن ۾ سودو بہ طئہ ڪري رهيا آهن. هڪ ڌُر ڊزن ڪن آڇون ڪيون آهن ۾ ٻيءَ ڌر ڏهہ ڀيرا انڪار ڪيو آهي. اهڙيون ڳالهيون مغرب وارن کي واٽڙو ڪري ڇڏينديون آهن، پر انهن لڪل ڇيچن وسيلي لکن بلڪ اربن روپين جو واپار ٿيندو آهي. اهو طريقو اچرج جهڙو ضرور آهي، ڪنهن کي وڻندو ڪونہ آهي، جڏهن سڪن جي مٺاستا جو ڪاروبار شروع ٿيندو آهي تہ اها ڏيتي ليتي بہ سني ڪانہ لڳندي، هڪ ڌر جو تہ منهن ئي ڦري ويندو آهي، ٻي ڳالھ لڙ ۾ گوڙ هوندو آهي، جيڪو ڪن برداشت ڪري ڪونہ سگهندا آهن. اهڙو گوڙ شور لڳاتار پيو هلندو آهي، انسان جا ٻيا حواس وري فضا کان گهبرائيندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهڙو ڪنن جي بلڪل پرسان هوندو آهي، بازار مٿان تڏن سان ڇانيل هوندي آهي، جيڪا اس تہ روڪيندي پر تائي ڏاڍي هوندي آهي. افغانستان ۾ وري جبل جا تهخانا هوندا آهن، جيڪي ٿڌا آهن، جن کي بهشت ڪري سڏيو ويندو آهي. انگريزي سياح وري ان کي Beastic ڪوٺيندا آهن. اسان هن وقت اسٽيوٽرن گنج Stewastganj ۾ داخل ٿي رهيا

آهيون، جيڪو وڏي بازار جي چيڙي وٽ آهي، هتي هڪ منارو آهي، جنهن ۾ روشني لاءِ بتي ٻاري رکي ويندي آهي. روشنيءَ جا اهڙا منارا بمبئي ۾ موجود آهن، ۽ اتر تا تار ۾ به آهن.

شهر جو فوجدار يا انسپيڪٽر پوليس محمد خان بارڪزئي آهي. هن جا ماتحت نيرو ۽ خاڪي لباس پائيندا ۽ بندوقن بدران تلوارن سان هٿياربند هوندا آهن. هنن جو اعليٰ عملدار واڌو مل آهي، جيڪو ڊپٽي ڪليڪٽر آهي، اسان هتان جي ميونسپالٽي کي اچي جاچي پڙتالي ڏسندا آهيون، جنهن جو نگران عرب نسل جو نانا ميو آهي، پر اڄ هو غير حاضر آهي، هتي هڪ سنڌي اسڪول آهي، ان ڪانسواءِ ائنگلوورنيڪولر يعني هاءِ اسڪول به ڪم ڪري رهيو آهي. 10 وڄي چڪا آهن، پر اسڪول ۾ هڪ به شاگرد ڪونه آهي. پر سائين مون کي هڪ ڳالهه ڏاڍي متاثر ڪري رهي آهي، ته جيڪو ماڻهو اسان سان مليو سو ڏاڍو شريف ٿي وڃي ٿو. هي ماڻهو توڙي جو اسان کي ڏسي گهٽ سگهندا آهن، پر اسان کي چاهيندا گهڻو آهن. موٽ تي اسان وري به بزار وچان گهمندا هلنداسون، ۽ اسان جي توجهه شڪارپوري هندن ڏانهن هوندي، جيڪي هن شهر جي 900 هٽن جا مالڪ آهن. هي ماڳ ڪڏهن اهم فوجي ڇانوڻي هوندو هو.

سائين جان بل! هن شهر ۾ ننڍڙي قد وارو ڏٻرو سنهڙو سيپڪڙو هندو خاص طرز جو ماڻهو آهي. سنڌس ڪپڙا قاتل هوندا. نرڙ ۾ اڪيچار گهُنج، چپ سنهڙا، چئن پنجن ڏينهن کان ڏاڙهي ڪوڙيل ڪانه هوندي، نڪ ڪُنڊو اکيون ڪاريون، ڏسندو ته محسوس ٿيندو ته ڄڻ سنڌس اکيون جسم اندر ڇهي رهيون آهن. هلندو ته ڇيچون ڳٽيندو هلندو آهي. پئسي جي لالچ ڪري هو نه هن جهان جو رهيو آهي، نه اڳين دنيا جو. ڪڏهن ته هو چولو سوڙهو ڌوتي مختصر ۽پڳڙي هٿ سان پائيندو هو ڪٻي ڪلهي ۾ جٽيو لڙڪي رهيو آهي، سنڌس نرڙ تي پنهنجي جاتيءَ جو اڇو نشان آهي، ساڄي هٿ ۾ ڊگهي تسبيح جيڪا هو پڙهندو هلي رهيو آهي، اها تسبيح سنڌس پاڪائيءَ جي علامت آهي. هي ماڻهو اندر ٻاهر هندو آهي، هو لکن جو ڌڻي آهي. هن اهي لک ڪک مان جوڙيا آهن ۽ ان ۾ اضافو ڪرڻ سنڌس اصول آهي، ڪيس ڪنهن جبل خريد ڪرڻ جيتري سگهه هوندي آهي، پر جيڪڏهن ڪو جابلو هن جي ڪپڙن ۽ چانديءَ جي ڍير پرسان اچڻ جي ڪوشش ڪندو ته هو پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ڇڏيندو آهي، ۽ سمجهندو آهي ته ڪنهن ڪيس به چار ٽونشا وهائي ڪڍيا آهن. جڏهن به

ڪو مسلمان هن وٽان لانگهائو ٿيندو آهي تہ مٿس ٺوڪ ۾ ڏنڪ ضرور ڪندو آهي، سندس ڪلهن وارا وار پڳڙيءَ کان نڪري هيٺ لڙڪندا ڏسڻ ۾ ايندا. سندس ڳهاٽيون ۾ هيٺ ڪريل مڇون سندس نيڙي غارڪي ڍڪي ڇڏينديون آهن، جنهن ڪي هو غلطي وچان وات ڪونيندو آهي، ڏسڻ ۾ ائين ايندو ڄڻ شائلاڪ Shylock يهوديءَ جو بہ ڏاڏو هجي، سندس خوفناڪ اکيون ان واٽهڙوءَ کي ڪائيندڙيون نظر اينديون، جيڪو مٿس ڇتڙون ۾ ٺوڪون ڪندو لنگهي ويو آهي، پر هو جواب ۾ ٻڙڪ بہ ٻولي ڪونہ سگهندو آهي، نہ وري ڪنهن سان پنهنجون اکيون ملائي سگهندو آهي، پر ايترو ضرور چاهيندو آهي تہ سندس ڪي چار پئسا چورائي وٺان يا پئسي ٽڪي جيترو سندس ڪپڙو کسڪائي وٺان. شڪارپوري واٽيو نڌيو صنعتڪار ڪونہ آهي پر مهاڄڻ هوندو آهي ۽ وياج تي پئسا ڏيندو آهي، اڌ صدي اندر سندس اهو ڌنڌو ساري ايشيا اندر پکڙجي ويو آهي، ترڪي کان وٺي چين تائين ۽ استر خان کان راس ڪاموريءَ تائين اهو شهر ڪونہ آهي، جتي شڪارپوري مها ڄڻ يا ان جو پلارو لٿو موجود نہ هجي. هنن واٽين جي هر سال هُنڊي نڪرندي آهي، ان جي ادائگي  کان ڪنهن کي بہ انڪار ڪرڻ جي جرئت ڪانہ ٿيندي آهي، اهڙي هنڊي ٿوري پنڌ تي نہ پر ڇهن ميلن واري پنڌ جي شهر ۾ موجود ٻئي سيٺ ڏانهن ڪڍي ويندي آهي. اها هنڊي تمام مختصر تحرير هوندي آهي، جيڪا هڪ ننڍڙي همچورس ڪاغذ تي لکيل هوندي آهي. هي بئنڪ نوٽ جهڙو هڪ ڪاغذ ٽڪرو هوندو آهي، جنهن تي هن قسم جي تحرير هوندي آهي.

سوا ڪسيرو شري ديوي لاءِ —(7)

(1) عزت ۽ آبرو واري ماڻهو ڏانهن، شال اوهان خوش هوندا، شال تنهنجا ڀاڳ ڀلا هجن، ڀائي جيسامل.

(2) لکندڙ شڪارپور کان ڪسور داس Kisordas سندس سلام قبول ڪندا.

(3) سائين عرض هيءَ هنڊي هڪ هزار رپين جي آهي، اِهو هڪ 1000 مان اکرن ۾ انگن ۾ لکيو آهي، جنهن جو اڌ پنج سَوَ جنهن جي ٻيڻ هڪ هزار رپيا ٿيندي تاريخ (فلاڻي) مهينو (فلاڻو) سال وڪرمي (فلاڻو) ڏينهن ڪانپوءِ هنڊي آڻيندڙ کي ڪابل ڪابل ۾ پئسا ملن، جيڪي ان ملڪ جي سڪي ۾ هجڻ گهرجن. وڪرماجيت سال (فلاڻو) وغيره وغيره.

هُنڊيءَ جي ان ڪاغذ جي پرزي تي ڪجهہ نشان هوندا آهن. جنهن ڪري جعلسازي ڪانہ هوندي آهي، اهڙين نشانين جي هنڊي لکندڙ ۽ ٻيو ان ماڻهوءَ کي ڄاڻ هوندي آهي، جنهن ڏانهن هنڊي موڪلي ويندي آهي، سائين جان بل! ان ڪاغذ جي ٽڪري جا ٻہ چار اکر ڪيڏا نہ ڪمائتا هوندا آهن. سائين اوهان سان جيڪڏهن ايتري رقم جيترو سون هجي ۽ اوهان جهنگل وچان ڊڊو ڊوڙائي وڃي رهيا آهيو تہ اوهان ڏاڙيل جي لونڊڙي واري هڪ ڏنڊي سان خيرن سان وڃي زمين ۾ چڪ هڻندا. جيڪڏهن هنڊيءَ وارو ڪاغذ جو پردو اوهان وٽ هوندو تہ اوهان پٽن جا پيءَ لڳا ويٺا هوندا، ٻانهن سيرانديءَ ڪاڳر ٽڪر کي نہ واڇ نہ مينهن.

شڪارپور جي هُنڊيءَ کي سمجهڻ لاءِ هتان جي تجارت ۽ ٻين ڳالهين کي سمجهڻ جي ضرورت آهي، ان کان مس وڃي هنڊيءَ جي ڄاڻ پوندي.

جڏهن هندوءَ کي پهريون ڀار چمندو آهي تہ هو پنهنجي گهر وارن کي الوداع چوندو آهي، سندس اڌ حياتي وطن کان ٻاهر ۽ پنهنجي خاندان جي جدائي ۾ گذري ويندي آهي ۽ سوين ميل پري ڪنهن اڻ ڏٺي ڏيهہ ڏانهن اڪيلي سر ڪيس وڃڻو پوندو آهي، پر ويندو اهڙي ملڪ ڏانهن آهي جتي ڪيس چئن ڏوڪڙن ڪمائڻ جو آسرو هوندو آهي. ڪڏهن ڏکڻ عرب جي بدوي ماڻهن ۾ وڃي ڏرم جا ڏڪا ڪائيندو آهي. ڪڏهن وري تاتارين وٽ وڃي طمع جي تانگهہ پوري ڪندو آهي، جيڪي وري ڪيس اغوا بہ ڪري وٺندا آهن. ڪڏهن ايران ۾ ديرو ڄمائيندو آهي، جيڪي ڪائونس پئسا قري پالهو ڪري ڇڏيندا آهن. هي ماڻهو انهن ملڪن ڏانهن بہ ويندا آهن، جيڪي هماليہ ۽ هندو ڪش جبلن کان بہ ڏور هوندا آهن، جيڪڏهن لڪشمي ديوي جي سندن مٿي تي ڇانو هوندي آهي تہ ڪکَ مان لک ۽ سيهي مان سون ٿي ويندو هو. ڪڏهن وري مور وڃائي ڄنگهون ٻانهون ڪپائي منڊا ٽنڊا ٿي موٽندا هئا. ويندا سڱن ڪاڻ هئا پر ڪن ڪپائي اچي گهر پڄندا هئا.

ڪڏهن واڻيو دولت جي سهاري سياسي اثر رسوخ جو بہ مالڪ ٿي ويندو آهي، هيرن جواهرن سان صندوقون ۽ تجارتي ڪپڙي سان ياندا پرجي ويندا آهن. ڪڏهن تہ ملڪ جو موصول اوڳاڙڻ بہ هن جي حوالي ڪيو ويندو آهي، پر هو ڏاڍي ايمانداري سان بي ايماني ڪري وٺندو آهي ۽ سولائيءَ سان ڳيريءَ جي ڪوڙي هيٺان آنو کسڪائي ڪڍي وٺندو آهي،

اهڙي طرح هو ملڪ جو محصول بہ ڳڙڪائي ونندو آهي ۽ پنهنجي ايمانداري ۽ سچائي جي ڌاڪ بہ وهاري ڇڏيندو. اڳي اهي ساڳيا بادشاهہ ۽ گورنر هن جي مائٽن کي اچي لٽي تي ڪارنهن جو لينگهو سمجهندا هئا، پر هن کي اک جو تارو سمجهي جيءَ ۾ جايون ڏيندا آهن.

جيڪڏهن اهو هِندو ڪنهن بئي ڪم ڪان ويو تہ پوءِ بہ ڪيس اتان جي اميرن ۽ نوابن جي زالن کي هيرا جواهر ڏئي ڪين ٻنهي هٿن سان ڦرڻ ڪان ڪير بہ روڪي ڪونہ ٿو سگهي. اهريءَ ريت هو پنهنجي ميڙيءَ چونڊيءَ ۾ اضافو ڪندو رهندو آهي، پر هو پنهنجي ڦوهہ جواني پنهنجن ڪان پري گذاري ڇڏيندو آهي، سائين جان بل! اوهان بہ تہ پنهنجي خاندان ڪان پري آهيو هي بہ توهان وانگر پنهنجن ڪان پري رهي تڏهن وطن ورندو آهي، جڏهن پيريءَ ۾ پير پائيندو آهي، جهڙيءَ ريت اوهان کي پنهنجي گهر پاتين جي سڪ ستائيندي آهي، تهڙيءَ ريت هو بہ پنهنجن سان ملڻ لاءِ اتاولو هوندو آهي. سندس دلي خواهش اها هوندي آهي تہ شال پنهنجي ديس ۾ مران ۽ پنهنجي وطن ۾ مون کي اڳني سنسڪار ڪيو وڃي تہ پلو جڏهن هو پنهنجي وطن ڏانهن ورندو آهي تہ بدلجي چڙ تہ ڪو ٻيو ماڻهو ٿي پوندو آهي،ڇيو ويندو آهي تہ جڏهن صليبي جنگ جا سپاهي پنهنجي وطن وريا هئا تہ هو بدلجي ٻيا ٿي ويا هئا. اهڙيءَ ريت سارو ملڪ ئي بدلجي ويو هو. جيڪو سچاڻڻ جهڙو ئي ڪونہ رهيو هو. ساڳيو حال شڪارپور جي هندوءَ جو هوندو آهي، اڳي تہ سندس سوچ هوندي هئي شال سندس ماس ۽ هڏا وطن ۾ سڙي رک ٿين، پر هتي وطن جا هيٺا حال ڏسي سندس روح روئي ڏيندو آهي ۽ اهڙيءَ خواهش تان هٿ ئي کڻي ويندو آهي.

شڪارپور جي هندو عورت کي پنهنجي آبرو جو تمام گهڻو خيال هوندو آهي، جيڪي پنهنجي سونهن سوپيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هونديون آهن، جڏهن پنهنجن گهرن ۾ پيون هلنديون آهن تہ جڻ پاسبو آهي تہ سرڳ جون ڪي اپسرائون هيٺ لهي ڌرتيءَ جو پسار ڪري رهيون آهن. سندن سهڻي صورت ۽ من مُهڻي مورت جابلو پناڻن لاءِ ڏاڍي پرڪشش هوندي آهي، جيڪي مختلف وَڙ جا گهوڙا ڪاهي وڪڻڻ ايندا آهن. هي مورتيون گهر جي ٿوري گهڻي ڪم ڪار ڪان پوءِ ڪينهوڙي سان راند ڪنديون آهن ۽ مزاج ۾ ڪجهہ آزاد بہ هونديون آهن.

شڪارپور شهر ۾ ڪي اڌ اگهاڙا فقير بہ گهمندا ڦرندا نظر ايندا آهن، ڇيو ويندو آهي تہ اهي ڪڏهن لکا پتي سيٺيون هئا. چوڌاري سندن هنديون

هلنديون هيون، سندن پير پٺيءَ تي ڪونہ ڪپندو هو.پر شڪارپور جي سهڻي مورت ڪي دل ڏئي پنهنجون مال مڏيون ڪپائي فقير ٿي ويا. اهڙين عورتن خوبصورتي ڪري پنهنجي مڙسن کي ڏچي ۾ وجهي ڇڏيو آهي ۽ بين شهرن جي پائي بندن هتان جي هندن کي ٿالهيءَ پاڇيءَ مان ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ هڪ ٻئي سان مرٽي پرٽي ڪونہ اٿندا ويهندا آهن. ڪين چئي ڇڏيو اٿئون تہ جيستائين سندن عورتون پنهنجي لوئي لڄ نہ رکنديون تيستائين ساڻن پت برادري بند آهي. هندو واپاري ٻاهران اچي جڏهن شڪارپور پهچندو آهي تہ سندس مٿو ۽ ڏاڙهي اڌ اچي هوندي آهي، جيڪو اچڻ سان پنهنجي زال جي ابٽن پيرن جون ڳالهيون ٻڌي ڪاوڙجي پوندو آهي، پر پوءِ ڪيس ويهي ويهي ٿڌو ڪيوويندو آهي، پر ان وقت پنهنجي گهر واريءَ کي بہ پيرا ڪن مار بہ ڪيندو آهي، ليڪن تيستائين وياج تي پئسن ڏيڻ وارو ڪاروهنوار رولهڙي جو شڪار ٿي ويندو آهي.

شڪارپور جي اوسي پاسي رهندڙ ماڻهو افغانن جو اولاد آهن، جيڪي ڪنهن زماني ۾ مختلف جهڳين دوران هتي اچي آباد ٿيا هئا، اهڙيون جنگيون ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان لڳنديون رهنديون آهن. هنن مان ڪيترا زميندار بہ آهن. هنن جي گذارش تي هتان جي حڪمرانن کين جاگيرون ڏنيون هيون. اسان جي انگريز سرڪار بہ هنن ماڻهن کي زمينون ڏنيون آهن. هن نسل جون شڪليون بين ماڻهن کان الڳ آهن ۽ پري کان سڃاڻي سگهجن ٿيون. هن نسل جا مرد ڏاڍا سهڻا آهن. سندن وڏڙن جبلن ۾ ڏکن ڏاکڙن واري زندگي گذاري، پر هي نسل آرام واري زندگي گذارڻ ڪري ڏاڍو سهڻو ڏسجي رهيو آهي، هن ماڻهوءَ ڏانهن ڏسو چڻ تہ ڪو يوناني آهي، وڏيون ۽ ڪاريون اکيون، نڪ چوپ، چپ سنهڙا، مناسب سنهڙي ڪاڇي، رنگ ڳاڙهسرو پورو ڪارا ۽ گهنڊيدار ۽ خوبصورت وار ڪلهن تي ڪري رهيا آهن، ڏاڙهي ڪاري ۽ چمڪندڙ اهڙو هڏ ڪاٺ ۽ مناسب جسم تہ مُون ڪٿي بہ ڪونہ ڏٺو آهي. هنن جون عورتون تہ ڪونہ ڏٺيون اٿم، پر مون کي يقين آهي تہ اهي بہ پنهنجي مردن جيان نهايت خوبصورت هونديون، پر هوندوين خشڪ مزاج. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ هن نسل جون عورتون هن علائقي جي بين عورتن جي ڀيٽ ۾ جسماني طور وڌيڪ پرڪشش ۽ عقل ۾ اڪابر هونديون. هن نسل جا ماڻهو ٽي ٻوليون جهڙوڪ سنڌي، پشتو ۽ فارسي نهايت آسانيءَ سان لکي پڙهي ۽ ڳالهائي سگهن ٿا. هي نسل بهادر بہ آهي تہ بدمعاش بہ آهي، پر هتان جو هر ماڻهو

سندن عزت ڪندو آهي ۽ ڪين بچي افغان، يعني افغانن جو اولاد سڏيندو آهي، اهي ماڻهو پاڻ کي اعليٰ نسل جو سمجهندا آهن. تنهن ڪري هر ماڻهو سان ڪوئسندا وتندا آهن ۽ انتقامي ٿيندا آهن.

هاڻي اسان کي پنهنجي ميزبان ڪان هٽ ملائي موڪلائڻ گهرجي. ڊاڪٽر سالامن هڪ ڀلو ماڻهو آهي. اميد آهي ته هن سان ٻيهر ملاقات ٿيندي. اسان به شڪارپور جي بهتر مستقبل جا دعاگو آهيون. ڪنهن زماني ۾ هن چانوٽيءَ اندر به ريجمينٽون رهنديون هيون. معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته 1876ع ۾ ڪو حملو ٿيو آهي، يا ڪو ڏڪار پيو آهي يا مها بيماري ڪاهي پئي هئي، تنهن ڪري هيءَ چانوٽيءَ تباهه ٿي وئي آهي، پر ريلوي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي، پئسي جي ڏيتي ليتي وارو ڪاروهنوار به ٺپ ٿي ويو آهي. اميد آهي ته ٿوري وقت کان پوءِ ساڳئي عروج تي پهچي ويندو. وڏي بازار ۾ به اڳوٽي ٻيهه ۽ ڪلهي گيهه لڳي ويندي، " آئرن روڊ" تي به ماڻهن جا ساڳيا هشام هوندا. اميد آهي ته جلد فوج کي جيڪب آباد مان ڪڍي شڪارپور ۾ رهايو ويندو. چاڪاڻ ته شڪارپور جي پيٽ ۾ اتي وڏيڪ بيماري آهي. آس آهي ته سرڪار پنهنجي عقل سيلم کي ضرور استعمال ڪندي.

باب اُٺتيهون

# سبي يا سوي 1 (اتر – سنڌ) ۾ درانين جي بهادري

هي ٻه چار صفحا اهڙي احوال سان تعلق رکن ٿا، جيڪو اوهان پنهنجي اکين سان ڏٺو پر عملي طور ان لاءِ ڪيو ڪجهه به ڪونه آهي. اسان هن نئين مصر جي خوبصورتي ۽ بدصورتيءَ تي گهڻو لکي آيا آهيون، پر وچولي درجي جو حال احوال اسان کان اورڻ رهجي ويو آهي. هي اپريل جي شروعاتي موسم آهي ۽ پتاولي ٻه چوٽ تي چڙهيل آهي. جيڏانهن ڪيڏانهن باهه ٻارڻ ٻاري ڇڏيو آهي. هي اهڙو مهينو آهي، جو سيارو ڪٿي ڇڪو آهي ۽ اونهاري جي ابتدا ٿي چڪي آهي. هن مهيني ۾ هتان جا صبح ۽ شام نه ڪوسا هوندا آهن، نه ٿڌا. ٿاڪ منجهند جي ٽاڻي دوران ڏاڍي گرمي شروع ٿيندي آهي ۽ سمجهبو ائين آهي جڻ سج هيٺ لهي اچي نيزي پاند بيٺو آهي ۽ ڌرتي تپي ٽامون ٿي ويندي آهي، جڏهن ڏينهن ۽ رات جي هڪ جيتري ٽيڙ جي رت ايندي آهي ته هنن علائقي ۾ چوکو چيٽ گهڻو ڏکو جوين ڏيکاري ڪونه سگهندو آهي، پر معلوم ٿئي ٿو ته 1876 وارو اپريل ڏاڍو وٽندڙ ۽ تڏو ٿيو هو. موسم جا اهڙا حال ڏسي اوهان ڏگهي سواري ڪرڻ کان دل ئي ڪٽي ويا هئا، ڇاڪاڻ ته اها موسم غير دلچسپ هئي. اهڙي شڪارپور کان ٿوري فاصلي تي پليءَ زمين جو هڪ وسيع علائقو آهي، جيڪو شڪارپور جي چوڌاريءَ ڦري اچي ٿو جنهن ۾ ڪٿي گهاٽا جهنگ آهن ۽ ڪٿي وري پلي ڪٽڪ ۽ ڪمند پوکيل ڏسبو آهي. ان کان پوءِ ساري جوءِ رڻ پٽ پئي ڏسبي آهي. هي اهڙو برپٽ بيابان ڪونه آهي، جتي واري جون وڏيون پٽون هجن. اهڙو رڻ به ڪونه آهي، جهڙو اوهان انگلينڊ ڇڏڻ مهل خيال ڪيو هجي. اهڙو برپٽ به ڪونه آهي جيڪو اوهان سُئيز ڪئنال پار

ڪرڻ وقت ڏنو هو. اهو ته هن جي پيٽ ۾ سڄو ۽ جابلو علائقو هو. انهن سيني جي پيٽ ۾ هي پڪيءَ مٽيءَ جو هڪ هموار يا سڌو سنئون غير آباد علائقو آهي، هتي ڪنهن به قسم جي آبادي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. اهڙيءَ ريت اِهو چڻ ڪچي جڳهه جو ڪچو پر هموار فرش هجي. هتي چوڌاري انن ۽ گهوڙن جا هڏا پکڙيل نظر ايندا. هن بيابان ۾ گاهه به ايترو گهٽ ڏسبو آهي، جيترو ڪنهن وڏي شهر جي گهٽين ۾ ڏسبو آهي، شڪارپور کان جيڪب آباد چويهه ميل اتر _ اولهه طرف آهي، جيڪو بدنصيب ڳوٺ جا نيديدي جي اتر ۾ آهي، جنهن پرسان هڪ زبون حال قلعو آهي، ان جي نزديڪ هڪ وڏو وڻ آهي، جنهن ۾ سياري جا پکي اچي اجهو ڪندا آهن. انهيءَ زماني ۾ ڪجهه بروچ اچي هتي رهيا هئا جيڪي انگريز سرڪار جي پينشن کائيندا رهيا هئا ۽ هڪ انگريز عملدار هنن مٿان نگراني ڪندو هو اهي ماڻهو اجا تائين ان انگريز عملدار جو ڪنڌ ڪپي ڪونه سگهيا آهن. خان ڳڙهه چئن پنجن گهرن جو هڪ ننڍو ڳوٺ هو. جيڪو سنڌ هارس جو صدر مقام بڻايو ويو آهي، جتي ٽن قسمن جون فوجون رهنديون. هتي سنڌي نالي ڪو ماڻهو ڪونه آهي، جنهن جو ڪارڻ اوهان سمجهي چڪا هوندا. انهيءَ زماني ۾ جنرل جان جيڪب کي چيو ويو هو ته هو ڪنهن سرحدي هيڊ ڪوارٽر لاءِ ڪنهن ماڳ جي چونڊ ڪري، بعد ۾ هن اهڙي ماڳ جي چونڊ ڪئي جيڪو هن کي مناسب لڳو. هاڻي ته اهو ماڳ به ڦٽي پڙيانگ لڳو پيو آهي، فوجي ڇانوڻيءَ جو مرڪزي حصو ريزيڊنسي هو جتي ڪنهن زماني ۾ هن ماڳ جو پايو وجهندڙ پاڻ رهندو هو جيڪو هڪ عيسائي راهب هو. هيءَ ريزيڊنسي رستي سان واقع آهي جنهن جي چڱي نموني سان سار سنڀال لڌي پئي وڃي. چوڌاري وڻن جون قطارون ڏسبيون. هتان جي زمين ڏاڍي پلي آهي جتي گلاب جا گل پوکيا ويندا آهن. هيءَ ماڳ برپٽ بيابان ۾ هڪ خيابان جي حيثيت رکي ٿو پر هن ماڳ وارا به ميل کن ته وڏو آزار آهن. گرمي ايڏي آهي جو سمجهبو ته دوزخ هتي آهي، ساري هندستان ۾ گرم ۾ گرم جوءِ به هيءَ آهي، جڏهن سنڌوءَ ۾ موج مستي ايندي آهي، ته جيڪب آباد جو هي شهر بيٽ بڻجي ويندو آهي، پوءِ ته عام ماڻهن ۽ فوجي جوانن جي هٿن ۾ ڪوڏرون هونديون آهن، ۽ بند کي مضبوط ڪرڻ ۾ لڳي ويندا آهن. جيڪڏهن ائين نه ڪيو وڃي ته هي شهر ٻوڏ جي پاڻي هيٺ اچي وڃي. 1874ع واري اٿل ته هن شهر کي ٻوڙي وڃي پار پيئي هئي، ڪيترا گهر ڊهي پٽ ٿي ويا هئا. منڊمن ۾ به رڙو رڙ پئجي وئي هئي، جن کي ٻيڙين وسيلي هن شهر مان ڪڍيو

ويو هو جڏهن تہ سنڌن مڙسن کي ڪوڏاريون ۽ چنجور ڪلهن تي هئا ۽ وتيا ٿي بند ٻڌندا ۽ ان کي مضبوط ڪندا، انهيءَ زماني ۾ شڪارپور جي آمدرفت ڪٽجي وئي هئي. هنن ٻنهي شهرن جي وچ وارو رستو عام موسم دوران بہ مصيبت هوندو آهي ۽ مسافر ٻيڙين وسيلي سفر ڪندا آهن. هتان جا ماڻهو مارچ ۽ جولاءِ مهيني جي وچ واري موسم دوران لُڪ جون لُوهون سهندا آهن، جيڪا چڻ باهہ جي جَرَ جراڻ هوندي آهي. اها پَٽَ نالي وسيع رڻ پٽ جي سوڪڙي آهي، جيڪو بولان لَڪَ تائين ٽيهن ميلن ۾ پکڙيل آهي. چيو ويندو آهي 1841 ۾ هن پٽ اندر 13000 اٺ مري ويا هئا پر انهيءَ گرم موسم دوران ٻيو ڪٽي خير هوندو آهي، پر پوءِ بہ ٽاڪرُو ڪانو ڏاڍا مرندا آهن. هن دوزخ جي دڙيءَ جهڙي ماڳ ۾ فوج رهائڻ معنيٰ انهن کي هٿ وٺي موت جي منهن ۾ ڏيڻ برابر آهي، پر هتي سرحدي فوج رهائڻ سان هڪ فائدو ٿيو آهي تہ ٻروچ اسان جا ساٿي بڻجي ويا آهن. اسان جو خيال آهي تہ جيڪب آباد کي آئوٽ پوسٽ بڻايو وڃي ۽ شڪارپور تائين هڪ بهترين رستو تيار ڪيو وڃي، جڏهن تہ اهم فوجي ڇانوڻيءَ سکر ۾ قائم ڪئي وڃي. اها سياڻپ ۽ سچيتائيءَ واري ڳالهہ ڪانہ ٿيندي تہ ساريءَ فوج کي سنڌ جي صفا ڇيڙي تي رهايو وڃي، پر رزرو فوج وري ان کان ٿي سئو ميل پري هجي.

هاڻي تہ ڪشمور مان بہ ڏنگابون شروع ٿي چڪيون آهن ۽ پاڻي اٿل اتان بہ اچڻ شروع ٿي وئي آهي، انڪري بند ٻڌائڻ نهايت ضروري ٿيندو جيڪو سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري سان هوندو جنهن تي خرچ پنج لک رپيا ايندو. اهريءَ ريت هي ڳوٺ بيگاري ۽ نور واهہ سان ڳنڍيجي ويندو تنهن ڪري اهو بند جيڪب آباد جي بچاءَ لاءِ تجويز ڪيو ويو آهي، پر 1876ع تائين ڇئن ميلن جي وٿي موجود هئي جنهن وچان اٿل جي پاڻي اچي مانڌاڻ مچائي ڇڏي هئي، جنهن ڪري هزارين ماڻهو سر بچاءَ لاءِ لڏپلاڻ ڪري ڪيڏانهن نڪري هليا ويا هئا. جيڪڏهن اهو بند چڱي ريت نہ ٻڌو ويو تہ اهڙي اٿل جي آزار کان پراڻو سکر بہ بچي ڪونہ سگهندو. جيڪڏهن اهڙا قدم اڳواٽ نہ کنيا ويا تہ سنڌو رخ بہ تبديل ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن سنڌوءَ ۾ وڏو چاڙهہ آيو تہ پراڻي سکر واري فوجي ڇانوڻيءَ جو بہ خير ڪونہ هوندو ان کي نہ رڳو مٿان وارو ٻوڏ جو پاڻي ٻوڙيندو پر ان جي هيٺين پاسي کان بہ چاڙهہ جو پاڻي نڪري ٻوڙان ٻوڙلائي ڏيندو آهي. ريل مارڳ بہ هاڻي جڙي رهيو آهي، جنهن جو ڪم بہ رولڙي جو شڪار ٿي سگهي ٿو. ان

ڪانسواءِ اتر سنڌ جي ساري خوشحاليءَ جو لاڳاپو بہ هن بند جي ٺهڻ سان آهي. اهو ڪم ڪو اڄ ڪلهہ جو ڪونہ آهي پر ان جي ماضي سان واڳيل جڏهن جنرل سرجان جئڪب سنڌ جو ائڪٽنگ ڪمشنر هو هن ارڙهن سال سنڌ جي خدمت ڪري آڪٽوبر 1858 ۾ وفات ڪئي هئي. انهيءَ زماني ۾ سرڪار حالتن کي سڌارڻ ۾ رڌل هُئي، جيڪي هاڻي صحيح ٿي چڪيون آهن. هاڻي جکراڻي، ڊومڪي ۽ بگٽي صحيح ٿي ويا آهن. سرچارلس جي ڏنڊي ڪرامت جو ڪم ڪري ڏيکاري، سندس فوجي پيش قدمي بروچن کي ڊوڙائي سندن ساهہ مُٺ ۾ ڪري ڇڏيو هو. هاڻي تہ هو پوکي راهيءَ جي ڏنڏي سان واڳجي ويا آهن. جان جئڪب هنن لاءِ علم ۾ سکيا جو گهر هو جيڪو هنن کان فقط گراٽ پنڌ تي هو جي بلوچ قبيلا هن ماڻهوءَ کان ايترو متاثر هئا جو ڪيس ننيڍڙو پيغمبر ڪري سمجهندا آهن. سائين جان بل! مان اوهان کي هن مهان ماڻهو بابت گهٽيون ئي ڳالهيون ٻڌايون آهن ۽ پاڻ بہ هلي ائين ڏسندا تہ بروچ هن ماڻهوءَ جا ڪيڏا نہ عقيدتمند آهن. هو فطرتي اصولن جو حامي ۽ بااصول پلوڙ انسان هو. سندس دماغ مشيني هو ۽ عملي طور هو پاڻ بہ هڪ مشين Machine هو. اٺ ئي پهر ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ رڌل رهندو هو. ساري زندگي مشين جو شاگرد رهيو هن فوج تي زور پريو هو تہ ريپر _ بيئنٽ Rapir–bayonet ۽ بہ نالي –Four grooved بندوق کي ڪتب آڻن، جن جو استعمال عملي طور ممڪن ڪونہ رهيو هو.

جنرل جان جئڪب چؤباز تاس راند بہ ڪيڏي ڪونہ سگهندو هو. تنهن ڪري هن سنڌ هارس جي ڪلب مان چوباز تاس راند کي نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي. سندن وفات کي بہ ڪو زمانو ٿي ويو آهي، ان هوندي بہ راند کيڏڻ اڃا بہ منع آهي. هي ماڻهو ڏيهي ٻوليون سکي ڪونہ سگهيو هو ۽ انهن انگريزن کي بہ چٿرون ۽ ٺٺوليون ڪندو هو جيڪي ٻولين سِکڻ جا ماهر ۽ زباندان هئا. سندس هي اصول بہ هوندو هو تہ ڪوبہ انگريز ۽ انگريزيءَ کان سواءِ ٻي ٻولي نہ سکي نہ ڳالهائي، هڪ پيري سندس اهڙي معتصب رويي رنگ بہ لاتو هو، هو تلوار هلائي ڪونہ سگهندو هو. سندس هٿ ۾ تلوار عورت جي هٿ ۾ ٻهاريءَ وانگي معلوم ٿيندي هئي، تنهن ڪري هن پنهنجي ماتحت فوجين کي ڪڏهن بہ تلوار بازي سيکارڻ جو بہ حامي ڪونہ هو. ڪيترا ماڻهو سندس اهڙي ضد ڪري قربان ٿي ويا، نہ ڪندو هو تہ نَو کي نہ ڪوٺ! پنهنجي هر ڳالهہ تي ڳنڍ ٻڌي ٻيهي ويندو هو ان ڪانسواءِ هو تلوار

جي نوڪ کي رُگهي طور ڪم آڻڻ جو سخت مخالف هو. ساري هندستان ۾ تلوار جي هن قسم جي استعمال کي گهٽ سمجهيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته هتان جا ڏيهي تلوار جي اهڙي استعمال کي پسند ڪونه ڪندا نه وري اهڙو استعمال ڪم آڻي پنهنجو بچاءُ ڪري سگهندا آهن. هو پنهنجي تجزبي جي آڌار تي چوندو هو ته تلوار اهڙو استعمال خطري کان خالي ڪونه آهي. دشمن سان هڪ مقابلي دوران سندس ماڻهو وٽي پڳا هئا ۽ تلوار جو اهڙو استعمال ڪري ڪونه سگهيا هئا. دشمن کيس به گهلي گهوڙي تان لاهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته تلوار کي انهيءَ طريقي سان استعمال ڪري ڪونه سگهندو هو. هو ضدي ماڻهو هو تنهن ڪري سندس خيال ۾ تبديلي اچڻ ممڪن ئي ڪونه هئي. پٺي پاسي لئموريسيئر Lamoricierere فرنيچ تلوار جي تيز ڌار ختم ڪرائي ڇڏي هئي، انهيءَ مقصد سان ته جيئن ان جي تيز نوڪ کي رُگهي طور ڪم آڻي نه سگهجي پر اج به فرينچ فوج جو هڪ حصو تلوار جي تيز ڌار بدران تيز نوڪ کي اسعتمال ڪندو آهي ۽ رُگهي طور ان جو استعمال نهايت اهم آهي. انگريز سڌريل دنيا اهڙي قسم جي تلواري ويڙهه کي وڌيڪ پسند ڪندي آهي. سندس اهڙي قسم جو رويو ڏاڍو پڪو ۽ پختو هو. هي ماڻهو ايرانين کان به گهڻي نفرت ڪندو. هُو هَڪَڙُ هو تنهنڪري هن کان متاثر ماڻهو سندس نالو هن ريت وٺندا هئا، جئه جئه ، جئه جئڪب هي ضدي هو ۽ ضد کيس ماري وڌو هو. هن کي ڊاڪٽر گهوڙي جي سواري کان سختي سان منع ڪئي هئي، پر هن کيس چٽر ڪندي چيو هو ته چا ٿيندو کيس هڪ نئين رائفل هلائي ڏسڻ جو شوق جاڳيو. گهوڙي تي چڙهي ڪٽي وڃي هن اهو شوق ته پورو ڪيو پر پنهنجي زندگي به وڃائي ويهي رهيو. بعد ۾ اسان جو سفر سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري سان ۽ ڪشمور ڏانهن هوندو. منزلون ست هونديون ۽ رستو ويڪرو پر وروڪڙ وارو هوندو. هي ماڳ واپار لاءِ نهايت اهم آهي، پر اتي اها ڳالهه موجود نظر ڪانه ايندي. هي ماڳ صفا اتر ۾ آهي، جيڪو هڪ ڳوٺ جي صورت ۾ آهي ۽ ڪاٺ مڏي Wood_Stalion کان ست ميل پري ۽ سنڌوءَ جي ڪنار سا واقع آهي. هن ماڳ وٽ سنڌوءَ جا ڪنارا گهڻا اوچا آهي. ماضيءَ ۾ هي ٿاڪ جهيڙن جهڳڙن جي جُوءِ هئي، اهو پٽ ائين هو جڻ ائوس Ouse ۽ بيڊوڪ Bedwek وارو ميدان آهي، هتي چوڌاري نظر ايندڙ ننڍي ڳوٺ جو ماڻهو ماءُ جي پيٽان تلوار هٿ ۾ ڪري ڄمندو آهي، اوٺيهيءَ ويڙهه لاءِ آتا ۽ اتامرا هوندا ۽ نعرا هڻي، جهيڙي ۾

ڪاهي پوندا آهن. هتي جڻ مئڪفارلينس Macfarlane جو ڦڏي ۾ فساد جو باريل فانوس آهي، هتي جي هرجاءِ هيئريبي Hairibi جو وڻ آهي، جنهن ۾ ڦاهي ڏيڻ لاءِ رسو ٻڌل آهي، هو هميشہ هٿياربند رهندا آهن، پر ڏنبن ڪان بہ هٿيارن جو ڪم وٺندا آهن. سارو ڏينهن واندا وتندا اوباسيون ڏيندا آهن، پوڪي راهي ڪرڻ ڪان ٻرو چڙهندو اٿن، پر اوڙي پاڙي جي ڳوناٺن جو چوپايو مال هٽي ويندا آهن. سندن عورتون ڳهہ ڳٽ پايون آرام سان گهرن ۾ ويٺيون هونديون آهن، جڻ تہ اهي ليميٽانسي Limitanci جون گهر واريون ۾ ڏيئرون هجن. اهو انسان ذات لاءِ هڪ دکدائڪ ڳالھ هئي، چوري جي تچ ڏوهہ سبب اُنهن کي انڌو منڊو ۾ اپاهج ڪيو ٿي ويو. اها سزا اسلامي قانون مطابق هئي. سنڌ جي سرحد سان ويٺل ماڻهن انهن سزائن کي وڏو ڪري سمجهيو هو. ڪيترن شريف ماڻهن جا ڪن ڪپي ڪين ٻٽو ٻڌايو ويو هو. ڪيترين عورتن جا نڪ وڍيا ويا هئا، هڪ ڏسٽو وائسٽو سدا ملوڪ نوجوان پنهنجي اکر وڃائي پنهنجي سونهن سوپيا گنوائي وينو هو. هنن ماڻهن ڳجھ ڳوهہ ۾ مڙي مُٺ ٿي ڪجهہ ڪرڻ لاءِ سوچيو پر اها پاپور انگريزن کي پئجي وڃي تہ جاڻ تہ ٻنيي ڪان لڳي جيڪا وسائڻ ڪان وڏي هوندي، پروچن بہ انگريزن کي چن تي تانڊو سمجهيو هو بعد ۾ ڳالهين ٻولهين ڪان پوءِ ٻئي ڌريون ڪنڌ ڪير ٿي ويون، پر ڪشمور جي سنڌ هارس آئوٽ پوسٽ وارن کي بہ پتو پئجي ويو هو تہ گهٽي ويهين سئو آهي، ان ڪان منڻ ڪوٽ ۾ فضل پور وارا چڱو سبق سکي ويا هئا.

هي سارا ڳوٺ ڏاڙيلن جي ڏرتي آهن، جن جا سڀ گهر ڪچا آهن، انهن جي چوڏاري وڏا ڪوٽ ڏنل آهن، پري کان سئيٽزرلينڊ جا ننڍڙا قلعا ڏسڻ ۾ ايندا. هنن قلعن کي امن جي زماني ۾ مال جي واڙي طور ڪتب آندو ويندو آهي. هي قلعا ڏاڙيلن جي بچاءَ لاءِ هوندا آهن، انهن جي تعمير همچورس تہ ڪتي وري بيضوي هوندي آهي، منجهن چبوترا بہ آهن، جيڪي هر ڪنڊ وٽ گول نظر ايندا آهن. چبوترن ۾ بندوقن جي فائر ڪرڻ لاءِ ڳاريون چڏيل آهن، جن کي مارو سڏيو ويندو آهي، اهڙن قلعن کي متان پلويڙو بہ ڏنل هوندو آهي. قلعي جي ڦاٽڪ ۾ بہ مضبوط در لڳل هوندو آهي.ضرورت وقت انهن ۾ رهڻ لاءِ جهڳيون بہ جوڙيون وينديون آهن. اندر مردن جي رهڻ ۾ چوپائي مال کي واڙڻ لاءِ جايون نهيل هونديون آهن. سهولتن آهر اندر هڪ يا بہ کوهہ بہ هوندا آهن جن پرسان وڻ بہ پوکيا ويندا آهن. سندن گهر اهڙا مضبوط ڪونہ هوندا آهن جو بم جي آڏو بيهي سگهن.

ڪن گهرن کي ان جي پاڻبڻ طور ڪم آندو ويندو آهي. ڪن ۾ مال لاءِ سڪوگاهه رکيو ويندو آهي. ان جي رکڻ واريون جايون اٺ نو فوٽ اوچيون، چوٽي گول ۽ لهنواري، هيٺ آتڻ ڏبو آهي، جيڪو ليٽرو ڏئي بند ڪري سگهبو آهي ۽ ضرورت مهل ان کي کولي ۽ بند ڪري سگهجي ٿو. ان جون اهڙيون ننڍيون وڏيون گنديون سنڌوءَ، فرات، نيل ۽ اورونٽس Orontes درياهن جي ڪنارن سان ڏسبيون آهن.

هنن ڏونگري ڏينهن جي مانارن کي نهوڙي ناس ڪرڻ لاءِ برگيڊيئر ڊنڊر هيڊ Dunder head هڪ منصوبو جوڙيو آهي. مان سمجهان ٿو ته سائين جان بل اهو ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيندا. هن جهونڙي جو خيال آهي ته ٿوري اٽڪل بازيءَ سان هي قلعا خالي ڪرائي سگهجن ٿا ۽ انگريزي فوج کي ڪنهن به قسم جو نقصان ڪونه ٿيندو. اهو ڪم ايئن سولو هوندو جڻ مکڻ مان وار ڪڍي ڇڏجي، هن منصوبي جي ڪاميابيءَ لاءِ فقط ٻن سون فوجين جي ضرورت پوندي جن کي ڪلهن تي ڏاڪڻيون ۽ هٿن ۾ بندوقون هونديون، اهي فوجي بندوقون ڇوڙيندا اڳتي هلندا رهندا، ان سان گڏ شور هُل هنگامو ۽ مانڌاڻ مچائيندا هلندا. اهڙو پيانڪ وايو منڊل ڏسي اندر ويٺل ٻروچ وني قلعي جي چبوترن ڏانهن ڊوڙ ڪندا، اهڙيءَ ريت ڦاٽڪ تي ڪا پهَرَ به بيٺل ڪانه هوندي، اهو آهي ٻليءَ جي پاڳين جو ڇڪو ڇڇڻ، اسان جڏهن ڦاٽڪ ڏانهن وڌنداسون ته ڪابه انساني اک اسان کي ڏسي ڪانه سگهندي، ان وقت اسان کي فقط هڪ ڳالهه ڪرڻي پوندي جو بارود ڦاٽڪ جي پرسان رکي ان کي جلديءَ باهه ڏيڻي پوندي، ان ڪانپوءِ ٻيو هر ڪم ڏاڍيءَ سولائيءَ سان ٿيندو ويندو. ان ڪري يقين ٿي وڃي ٿو ته ڪاميابي اسان جا قدم چمندي جيڪي پنڌ ڪرڻ ڪري ڏاڍا گندا ۽ ميرا هوندا. پر جيڪڏهن ڦاٽڪ مضبوط ۽ سگهارو هوندو ته ڪاميابيءَ جي ڪابه ضمانت نه ٿي ڏئي سگهجي. تنهن ڪري ڪاميابيءَ جي پهرين ڪنجي اها آهي ته ڦاٽڪ نهيل جڏو سڏو هجي ۽ جيڪڏهن سانيڪو ڪن ڪانوَ وهن ته ڦهڪو ڪري ڪري پوي، بارود جي ڦاٽڻ ڪري جڏهن ڦاٽڪ ڪري پوي ته ان وقت ٽي چار سئو بئينٽ وارا فوجي اندر ڏوڪي ڪاهي پون، پر ڦاٽڪ جي ڊهي هيٺ ڪرڻ ڪري لانگهه اُڪرڻ ڪو سولو ڪونه هوندو، اهو به ممڪن آهي، ته ڦاٽڪ ايترو ڪمزور نه هجي، جيترو اسان سمجهي رهيا آهيون. ڏماڪي ٿيڻ کان هڪدم پوءِ برگيڊيئر ڊنڊر هيڊ لڪائي بيهاريل فوجين کي بئنٽ سان حملي ڪرڻ جو حڪم ڏيندو پر آڏو ڦاٽڪ جا ڪاٺ جا تختا ۽ مٽيءَ

جو ڍير هوندو، تنهن ڪري فوج جو اتان گذرڻ سولو ڪونہ هوندو. ان جو نتيجو اهو نڪرندو جو اسان دشمن کي ڦڙتيءَ سان ڪوبہ نقصان پهچائي ڪونہ سگهنداسون. ان وقت برگيڊيئر ڊنڊر هيڊ کن ڇچا ڪري ايئن جُڪَ هٽي بيهي رهندو جيئنءَ ڪکڙ مٿان مينهن وٺو هجي، پر هڪ امڪاني ڳالهہ جي ٿيڻ جي پڪ ضرور آهي، جڏهن اندرين ماٺهن کي ڦاٽڪ کري پوڻ جي سڌ پوندي تہ سندن وايون ولڙيون تي ويندييون ۽ ڦاٽڪ وٽان پڇي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ اسان انهن کي ائين جهلي وٺنداسون جيئن بکايل ٻلي ڪئي کي جهٽ هٽي جهلي وٺندي آهي، سو سائين ميان جان بل، هن جنگي منصوبي ۾ ڪنهن بہ قسم جي اوٽائي نظر ڪانہ ٿي اچي، جڏهن اندر رهندڙ ہروچ اسان وٽ جهلجي پوندا تہ سندن سارو الهہ تلهہ اوهان جي ور چڙهي ويندو جهڙوڪ اَن جون پريل ۽ خالي گنديون، چوپايو مال، ٽَپڙ ٽاڙي اوهان جي ملڪيت بڻجي ويندا.

سائين جان بل! اوهان چوندا تہ انهيءَ ڦاٽڪ کي توپن جي گولن سان ڇو نہ نهوڙي ناس ڪجي، ان لاءِ منهنجو عرض آهي تہ مچر کي مارڻ لاءِ بندوق جي گولي تہ ڪانہ هلائبي، پر جيڪا شيءَ نهن سان ڇجي سا ڪاتي سان ڇو ڪپجي، پر اصل ڳالهہ تہ اها آهي تہ اوهان جي انهيءَ فوج سان ڏاڪٽيون هونديون پر توپون ڪونہ هونديون، ان کان سواءِ ٻي اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ انهيءَ ڦاٽڪ جي چوڌاري گول چبوترا آهن، جيڪي ان جي حفاظت ڪري رهيا آهن، اهڙي صورت حال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڦاٽڪ کي ناس ڪرڻ کان اڳ انهن گول چبوترن کي ڊاهي پٽ ڪرڻو پوندو پر معلوم ٿئي ٿو تہ ان مان بہ ڪو خاص فائدو ڪونہ ٿيندو. فرض ڪريو تہ اوهان کي پنهنجو جاسوس ٻڌائي ٿو تہ انهن چبوترن جي چوڌاري پنجويهہ فوٽ ويڪري ۽ ڪچسري پيٽ ڏنل آهي تہ ان کي توب جا گولا ڇا ڪري سگهندا. ائين ٿيڻ سان اسان جو سارو پورهيو ٿي پاڻيءَ ۾ پئجي ويندو. تنهن ڪري اهڙي حملي لاءِ نہ بندوق جي ضرورت آهي نہ توب جي تڪليف برداشت ڪرڻ جي لوڙ آهي، پر فوجين جي ڪلهن تي ڪوڏرون ۽ ڇنجور هجن. ان ڪانسواءِ پاڻيءَ جو بہ بندوبست ڪرڻو پوندو جن کي ڪٽب آٽي ڪچيءَ تعمير کي تباهہ ڪري سگهجي ٿو ان ڪانسواءِ وڏن شهتيرن وسيلي ڪچي ڪوٽ کي رڳها هٽي ڊاهي پٽ ڪري سگهجي ٿو جيتري وقت تائين ڪوڏر ڇنجور ۽ پاڻي وسائڻ جو ڪم هلندو رهندو تيستائين بندوق بردار فوج دشمن تي بندوقون تاڻيو بيٺي هوندي تہ مٿان اندر ويٺل ماڻهو اسان

جي اهلڪارن مٿان اپريل پاڻي ۽ تيل هارين يا انهن مٿان پٿرن جي وڏ ڦڙي جو وسڪارو ڪن. جڏهن ان ڪوٽ جي اٺ فوٽ همچورس ڪوٺائي پوري ٿيندي تہ ان تي بارود رکي ان کي باهہ ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويندو پر ڌماڪي ٿيڻ کان اڳ اتي ڪم ڪندڙ ماڻهو بهادريءَ سان پٺي ڪنهن مضبوط جڳهہ ۾ وڃي پناهہ وٺندا. پر يقين ڪريو انهن کي ڪوسو واءُ بہ ڪونہ لڳندو جنهن کي الله رکي تنهن کي ڪير چکي، پر اهو ڪم دلير فوجين وانگي اکيون ٻوٽي ڪرڻو پوندو پوءِ ڪٿائن سندن پاڳ.

سائين جان بل! اوهان لاچار آهيو اوهان هندستان ۾ ننڍڙن معاملن کي منهن ڏئي ڪونہ ٿا سگهو. هونءَ تہ اوهان مضبوط ۽ سگهارا قلعا ڊاهي پٽ ڪري بهادر ترين فوج کي ماري ناس ڪري سگهو ٿا. پر اوهان پنهنجي منهن تي ويٺل مکيون اڏاري ڪونہ ٿا سگهو. شينهن کي ڪير چوندو تہ تنهنجي وات ۾ ڏپ آهي، اوهان کي سچ چوڻ ويل وهائڻ آهي، ڀلا جيڪڏهن اوهان وٽ "مارٽر" هجن ها تہ اوهان ڪوٽ مٿان وسڪارا ڪري اڌ ڏينهن اندر اهڙا معمولي قلعا فتح ڪري وٺو ها. توبن وسيلي گولاباري ڪرڻ ممڪن هئي، جنهن وسيلي 24 ڪلاڪن اندر ان ڪچي ڪوٽ کي ايترو ڊاهي سگهو ها جو ان جي ياچ مان بہ اٺ گاڏا هڪ ئي وقت سولائي سان گذري سگهن ها. سچ چئبو تہ پٽ آ ڦڪو.

سائين جان بل! سانگي سان مان اوهان کي راز جي ڳالهہ ٻڌائي رهيو آهيان، تہ ڦاٽڪ تي ڪڏهن بہ حملو نہ ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ انهي ڪچي ڦاٽڪ جي پٺيان پنجويهہ فوٽ ويڪري پڪسري پٽ آهي، توهان قلعي کي شهتيرن وسيلي رگها هٽي چنجورن وسيلي سرنگهون ڪڍي اندر ٽپي سگهو. اوهان جون رائفلون توڙيدار بندوقن کي بيڪار بڻائي ڇڏينديون. اهي ماڻهو توهان اهلڪارن مٿان اپريل تيل يا اپريل پاڻيءَ بہ هاري ڪونہ سگهندا نہ وري مٿان پٿر هٽي سگهندا. ڪوٺيل وٽين ۾ بارود پري ڪچي تعمير کي اڏائي بہ سگهجي ٿو پر ڪاميابيءَ جو پورو يقين ڪونہ آهي، ليڪن بهادر فوجين وانگي دل ۾ فتح جي يقين جو ڏيئو ٻاري رکڻو پوندو پر ڪن ڪولي ڳالهہ بہ ٻڌي ڇڏجانءِ سرجان بل تہ ذڪر سنڌ جي ماڻهن جي پيٽ ۾ اتر سنڌ جا ماڻهو ڏاڍا دلير هوندا آهن. جيڪي ٻروچن سان وڙهڻ لاءِ سندرا ٻڌي هلندا آهن. وڙهڻ لاءِ سدائين آتا ۽ اتامرا هوندا آهن. انهن ماڻهن سندن پونگا پينگ ڪري ڇڏيا آهن. چوپايو ڦري لٽي کين پالهو ڪري ڇڏيو آهي، انهن ٻروچ ڌاڙيلن جي ٽولن کي مڙسيءَ سان منهن ڏيڻ واسطي

پنهنجا بہ ڪونڌر قطاري ڇڏيا آهن. هاڻي تہ انهيءَ ڪڏي ڪم ۾ بروهي بہ لهي پيا آهن، سنڌي پوڪي راهي ڪندا آهن. ان ڪري هر جي جاءِ تي ڏاند سان بندوق يا تلوار ٻڌي تہ هر ڪونہ ٿو ڪاهي سگهجي، تنهن ڪري اهو چوڻ تہ سنڌي بزدل آهن، سو غلط آهي، ٻنهي سماجن ۾ سوچ جو فرق آهي، ڏاڙيل ڦرلٽ جا نوان طريقا ڳوليندا آهن، جڏهن تہ هَرَ هارِي پوکيءَ جو اهڙو نئون طريقو ڳوليندو آهي، جنهن وسيلي پيداوار وڌي سگهي.

جڏهن ٻروچ ڏکي صورتحال ڏسندا آهن تہ هو پوئتي هٽي قلعن ۾ لڪي پنهنجو سر بچاءَ ڪندا آهن. دنيا ۾ اوهان انگريز اڪيلا آهيو جيڪي ديوارن جي قلعن بدران انساني قلعن تي وڌيڪ اعتماد ڪندا آهيون، پر مون کي انسان جي لِکيل تاريخ ۾ شڪ آهي.

تاريخ قسم کڻي يقين ڏياري ٿي تہ جڏهن احمد شاهہ دراني قنڌار ۾ قلعي اڏڻ جو خيال ڪيو هو تہ سندس فوجي سردارن ان جي مخالفت ڪئي هئي، جڏهن اهو شهر سندس راجڌاني بہ هو. انهن فوجي آفيسرن کيس مشورو ڏنو هو تہ هنن سردارن جون تيز تلوارون پنهنجي حُڪمران جو وڌيڪ تحفظ ڪري سگهن ٿيون. مان بہ اهڙين ڳالهين کي صحيح سمجهي اعتبار ۽ اعتماد ڪريان ٿو. اهڙيون ڳالهيون افغان ماڻهن ۾ بہ عام آهن، هڪ افغان شاعر بہ هن موضوع تي شاعري ڪئي آهي. سائين جان بل! مان توهان جي سمجهڻ لاءِ ان شاعري جو ترجمو ڪيو آهي، جيڪو هيٺ ڏئي رهيو آهيان:

اي شهنشاهہ اوهان شهر جي
قلعي جي اوچن چبوترن تي اعتبار ڪريو ٿا،
جيڪي اڏامندڙ مٽي جيان آهن
اسان جي بلند حوصلن آڏو
تيز طوفان بيهي ڪونہ سگهندا آهن
بهادر دلين تي اوهان جي حڪمراني قائم آهي
ان حڪمران جي طلمسي تلوار جي فرمان ۾
پيار ۽ خوف موجود آهي (2)
شال اهو پيارو حڪمران ڪنهن نگيءَ
۽ چالبازيءَ جي وَر نہ چڙهي.

سائين جان بل! جڏهن لوئس فلپ جو قلعو تعمير ڪيو تي ويو تہ ايم ٿيئرس M.Theirs بہ اهڙي شاعري ڪئي هئي، جيڪا بہ اوهان کي ٻڌائي رهيو آهيان:

توهان جي بچاءَ لاءِ فولاد پهريل مضبوط ديوار هجي،
جنهن جون چوٽيون تيز تلوارون ۽ ڏڦا هجن
تنهنجو قلعو تہ هي سنئون سڌو ميدان آهي
جيڪو هر حملي آور لاءِ موت جي ماتري آهي
اي سهڻا بادشاهہ! اوهان جي طاقت جو
چبوترو اوهان جو نالو آهي
جنهن جي ٻڌڻ سان اوهان جا
دشمن خوف کان هيبا ٿي ويندا آهن،
۽ اهو قدرت جو حڪم آهي
تنهنجا دوست ڏاڍا خوش آهن
۽نعرا هڻي رهيا آهن
اهي ئي تنهنجا مضبوط قلعا آهن
اهي حياتيءَ تائين تنهنجي حفاظت ڪندا
اهي ڪنهن بہ قلعي وانگي ڍهي
ناس ٿي ڪونہ سگهندا.

شينهن جي غار جي منهن تي (حفاظت لاءِ) پهريدار ڪونہ بيهاريا ويندا آهن.

سائين جان بل! اسان کان هڪ جڳهہ رهجي وئي، جڏهن موٽي هلي سکر پهچنداسون تہ اها ضرور ڏسڻ هلنداسون. اهو مشهور ماڳ اروڙ آهي، جيڏانهن ٻيڙيءَ وسيلي ڪونہ هلنداسون. پر گهوڙن تي چڙهنداسون ۽ ڪين ڊوڙائي هلي خيرن سان ان ماڳ کي ڏسنداسون. توهان اهو خيال نہ ڪندا تہ اهو قديم ماڳ آهي، بس ائين ئي گهمڻ هلنداسون. جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ مان مسٽر ڊبليو _ ٽي بلانڊفورڊ W.T. Blandford کان احوال پڇي تير، پتير جون ڳالهيون لِکي اوهان کي هڪ ڊائري جي شڪل ۾ پيش ڪندس.

اسان خير سان روهڙيءَ مان گهوڙن تي لانگ ورائيندا سون ۽ هلي ملتان يا بهاولپور ويندڙ رستي سان سفر ڪنداسون.

اتان گذري اروڙا واهہ جو ڪاٺو ڪنارو ونداسون، جنهن جي اوپر ۾ نارا سپلاءِ ڪئنال آهي، هن واهہ جي تري ۾ ڇهہ انچ Stone Piching آهي،

جنهن جي ڊيگهه 150 فوٽ ٿيندي، جيڪو ڪاريگرءَ جو هڪ نادر نمونو آهي. هن وهڪري جي ساڄي ڪناري سان هڪ قتل ڳوٺ آهي، جيڪو ڪڏهن سنڌ جي راڄڌاني هو. اتي هڪ قلعو بہ هو جيڪو نواب يعقوب علي شاهہ تعمير ڪرايو هو جنهن کي دهلي جي شنهشاهہ سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو هو. هن ماڳ جي اتر پاسي هڪ لتاشو ميدان آهي ۽ هڪ وڏي ڍنڍ جا نشان بہ موجود آهن. هيٺاهين طرف تي هڪ ڇهہ فوٽ ويڪرو پٿر جو ٺهيل بند آهي، جيڪو سٺي معيار جي گچ سان لتيل آهي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ ان بند مان پٿر ڪيڏي روهڙيءَ وارو قديم قلعو جوڙيو ويو آهي، جنهن جو منهن سنڌوءَ ڏانهن آهي. هن بند مان پٿر ڪيڻ ايترو ڏکيو هو. جيترو ڪنهن ٽڪري کي کوٽي ڪيڻ اهنجو هو. ملتان ڏانهن ويندڙ نئون رستو بہ هن ميدان مان لنگهندو آهي. ان قديم قتل ڳوٺ جو وڏو حصو اروڙا واهہ مان بہ ڏسي سگهجي ٿو. اسان ڪئنال سلوس وٽان گذري اڳتي وڌيا هئاسون، جتي ٽيليگراف سان لاڳاپيل هڪ نوجوان Cat_fish جيان ڦٽڪي رهيو هو. هي اهڙو انسان آهي، جنهن کي ڏسي ڏيهي ماڻهن کي پيٽ ۾ وَٽَ ۽ ولهوٽا پوندا آهن. اسان اتان فريئر روڊ ڏئي گذرياسون، جنهن جي ڪاپي پاسي ريلوي پل هئي، هي اهو رستو آهي، جيڪو ڏاند گاڏيون وٺي اروڙ ڏانهن ويندڙيون آهن. اسان روهڙي کان هڪ ڪلاڪ ۽ پنجويهہ منٽن ۾ چار ميل سفر ڪري باڪڙ وٽن وچان ڊڊا ڊوڙائيندا ڏوڙ جي ڏوڙين مان هلندا ساڄي طرف سرڪاري بنگلي ڏانهن رخ ڪيوسون، جنهن ۾ حد جو ڊپٽي ڪليڪٽر رهندو آهي، پر ان جي غير حاضريءَ ۾ انگريز مسافرن کي رهڻ جو موقعو ملي ويندو آهي. هتي بيهي جيڪڏهن ڏسبو تہ سنڌوءَ جي عروج وارو پراڻو پيٽ نظر ايندو جنهن کي سنڌي مهراڻ بہ سڏيندا آهن. هن ماڳ وٽان اهو مهراڻ ائين ڏسجي رهيو آهي، تہ ڄڻ سندس وهڪرو اوير، اُتر کان ايندو ۽ ڏکڻ ۽ اولهہ ڏانهن ويندو ڏسجي ٿو. سندس پيٽ ميل جي چوٿين حصي جيترو آهي جيڪو ٻوڙن ٻوٽن ۽ وڻن سان ڇانيو پيو آهي، معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ هِن سنڌوءَ کي هي پيٽ ڇڏي ڪيئي صديون گذري ويون آهن. هتان بيهي اهو بہ ڏسجي رهيو آهي تہ ساڄي طرف وارو ڪنارو ٿورو هيٺ ۽ ٿورو ور وڪڙ وارو آهي، جنهن ڪانپوءِ ڪنارو اتاهون ۽ سڌو آهي ۽ وچ وچ تي ننڍيون وڏيون ٽڪريون بہ موجود اٿس، جنهن ۾ اهو جابلو مٿاهين علائقي ۾ هڪ قدرتي جهوڪو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اها ڪا ڪچي ٽڪري هجي، جنهن کي مهراڻ جون مست موجون پائي ڪٽي ويون آهن، جيڪو

هاڻي اسان کي افق واري جڳهه معلوم ٿي رهيو آهي. هي پيٽ ايرندي ناري کان بلڪل مختلف آهي، جيڪو اروڙ کان اٺ ميل پري وهي رهيو آهي. ان کي سپلاءِ _ ڪئنال وسيلي پري رهيا آهيون. اسان سوچيو آهي تہ هن پراڻي پيٽ مان، آڳبوٽن جي آمد رفت شروع ڪئي وئي. هن پراڻي پيٽ جي ڊيگهہ اٽڪل 300 ميل ٿيندي، انهن پراڻن پيٽن کي گهارو Send Hollow سڏيو ويندو آهي. ڪٿي اهڙي هيٺاهين کي ڍنڍ، ڍورو، ڪولاب، ڪنمب ۽ واهڙ بہ سڏيو ويندو آهي. هنن کي ننڍيون ڍنڍيون ۽ تلاءَ بہ چئبو آهي، جيڪي چاڙهہ دوران پرجي تار ٿي ويندڙيون آهن. هن جوءِ ۾ اهڙيون پوريون 400 ڍنڍون ٿينديون جن مان ڪي هڪ ميل ويڪريون ۽ ٽي ميل ڊگهيون آهن، پر انهن کي هڪ وهڪري جي شڪل ڏيڻ لاءِ بند ٻڌا ويندا آهن انهيءَ مقصد سان تہ جيئن اٿل کي روڪي سگهجي جيڪا گهڻو ڪري ڪاهي يا اوپر واري ڪناري سان هوندي آهي. هتان جا ماڻهو 1828 سان لاڳاپيل هڪ روايت بيان ڪندا آهن تہ انهيءَ سال ناري درياهہ ۾ وڏو چاڙهہ آيو هو ڪٿي تہ سندس پيٽ ٽن ميلن کان بہ وڌي ويو هو ۽ سمنڊ ۾ وڃي چوڙ ڪيو هئائين، ان سان عمرڪوٽ کي بہ ٻوڙي ڇڏيو هئائين. هن وهڪري جي ساڄي پاسي مقبرا آهن جن جي تعمير چوڪنڊائين آهي معلوم ٿي رهيو آهي، تہ اهي مسلمانڪيون تعميرون آهن. هنن مقبرن جي گنبذن لاءِ تمام گهٽيون ڏنڊ ڪٽائون آهن، ڪيترن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اهي جڳهون انهن پهريدارن جون آهن، جيڪي خزاني جي واهت ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا هئا. ٻين جو چوڻ آهي تہ اهي جڳهون لجاڻي مان Lajjari ma نهرايون هيون، جيترا وات ايتريون ڳالهيون، ڪاڇي ڪناري سان بہ ڪجهہ دڙا آهن، جن جو تعلق مسلمان دور سان آهي ۽ ڪجهہ پوئين زماني سان تعلق رکن ٿا.

ان کان پوءِ اسان وهڪري جو پراڻو پيٽ اڪري گهاٽن وڻن جي جهلي ڏانهن وڌياسون جيڪو موجوده دور جي اروڙ ڳوٺ کان هيٺ نظر اچي رهيو هو هتي هڪ زبون حال مسجد آهي، جنهن ۾ چٽسالي واريون ڪاشيءَ جون سرون ڪم آيل آهن. اسان کي پنهنجي گائيڊ ٻڌايو تہ اها مسجد جهانگير مغل جي دور جي آهي، جڏهن تہ اسان جي گائيڊ بوڪ ۾ ڪليل آهي تہ اها مسجد اورنگزيب جي زماني جي آهي. ان کان سواءِ هتي هڪ مڪان بہ آهي، جيڪو "پير شاهہ بخارا" جو آهي، ان کان پوءِ ڪاهي ڪناري تي مٿي چڙهي ساڄي هٿ تي اڳتي وڌياسون تہ اسان کي يعني اروڙ جي نئين ڳوٺ کان پري هلڻ لڳاسون تہ هڪ قديم جڳهہ ڏسڻ ۾ آئي، معلوم ٿي رهيو هو تہ

سندس تعمير جو مقصد هن وهڪري جي نظرداري ڪرڻ هو. جڳهه جو منصوبو بيضوي آهي، پر منجهس ترتيب ڪانه آهي ۽ ويڪر 150 گز اٿس. اوڀارين ٽڪريءَ تي پڪ سرين جڳهن جا به مچلا آهن، جن مان هڪ اوچو ۽ سالم آهي، باقي ٻيو ڪاچي تباهه ٿي ڪري پيو آهي، ان ڪري اوچو گهٽ ڏسجي رهيو آهي. معلوم ٿي رهيو آهي ته اهو هن وڏيءَ تعمير جو ڦاٽڪ آهي، پر هيءَ ساري تعمير پڪل سرن جو هڪ نادر نمونو آهي. هن دڙي کي هنڌين ماڳين ڏريون لڳيون پيون آهن، جن مان معلوم ٿي رهيو آهي ته ڪن ماڻهن دولت جي ڳولا لاءِ چنجور ۽ ڪوڏر جو پورهيو ڪري هنن قديم آثارن جي ستيا ناس ڪري ڇڏي آهي. بنياد ۾ پڪيون سرون ڪم آيل آهن، جن جي اوساريءَ ۾ گارو ڪتب آيل آهي. ڪجهه زبون سرون به ڏسڻ ۾ آيون. ان کان سواءِ هنڌين ماڳين پٿرن جا ڍير ڏسڻ ۾ آيا. ان کان سواءِ چڪمڪ جا پٿر به ڏسڻ ۾ آيا، جن مان پٿر جا اوزار ناهيا ويندا هئا. مينهن وسڻ کان پوءِ ماڻهن کي ڪي سڪا ملندا آهن، جيڪي ڏاتوءَ جو هڪ ٽڪر هوندا آهن ۽ مٿن لکت ڳجهي ناس ٿي ويندي آهي، مون اهو ڪونه ڏٺو آهي، ڪنهن به ماڻهو کي عرب فتح کان اڳ سنڌي دور سان لاڳاپيل ڪو به سڪو هٿ لڳو آهي.

اسان دڙي جي سامهون سنڌوءَ جي پراڻي پيٽ ۾ بيهي چوڌاري ڏٺو ته ڏاڍو خوبصورت منظر ڏسڻ ۾ آيو (3). اروڙ جو قديم ماڳ هڪ اهڙيءَ ٽڪريءَ جي اتر پاسي آهي، جنهن جي ساخت گنجي ٽڪر جهڙي آهي ۽ اروڙ جو پراڻو ماڳ حيدرآباد جيان آهي، جنهن جو هڪ پاسو مٿي آهي ۽ ٻيو هيٺ. جنهن وچان ڪڏهن سنڌو چوليون هڻندو گذرندو هو. اهو سارو پٽ نرم به آهي، جنهن ڪري سنڌو سولائي سان رخ بدلائي ويو هو. اسان جي پنئين پاسي سنڌوءَ جو ڪاٻو ڪنارو آهي، جنهن سان هڪ خاص قسم جو منظر ڏسجي رهيو آهي. سامهون پشتن Buttresses جي تعمير آهي، جنهن ۾ سنڌوءَ جي چاڙهه واري پاڻيءَ جا نشان موجود آهن. منهنجي خيال ۾ اهي پشتا وڏي اهميت جا حامل آهن. ان کانسواءِ قديم ٽاڪ ۽ سنڌوءَ جي وچ تي هڪ ٻي تعمير آهي، جيڪو شايد گذر گاهه آهي، ان کانسواءِ اڀيٽ جهڙي ڪناري سان به مزاريون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جن لاءِ چيو ويندو آهي ته هڪ سهاڳڻ ۽ ٻي ڏهاڳڻ عورت جي آهي، پر اهڙو پتو ڪونه ٿو پوي ته ڪهڙي مزار ڪهڙيءَ عورت جي آهي، چيو ويندو آهي ته مڙس پنهنجي هڪ زال سان گهڻو پيار ڪندو هو پر ٻيءَ کي نڌڻڪو ڪري ڇڏيو هئائين. جيڪا ڏهاڳ

جا ڏينهن گذاري وچي مٿيءَ پيڙي تي، پر ڏاھِڻ جي مزار ڪنهن ۽ ڇو جوڙائي؟ هنن مزارن پرسان ميدان ۾ هڪ مقبرو آهي، جيڪو سيد شڪر گنج شاهه جو آهي، جنهن جي زيارت لاءِ اجا بہ ماڻهو ايندا رهندا آهن. ڪناري پرسان ٿورو لا هونديءَ تي هڪ زبون حال مسجد آهي، جيڪا ڍهي ڍير لڳي پئي آهي، جنهن جي روايت مطابق مهاڙي اوير ۽ پُٽ اولهه ڏانهن آهي، پرسان ئي پير قطب الدين شاهه جي مزار آهي، جنهن کي هتان جا ماڻهو اڌ نالي قطب سان سڏيندا آهن. يورپي ڪيس خطب ۽ خطب الدين ڪري لکيو آهي. هتان اوسي پاسي کي ڏسڻ وائسڻ کان پوءِ اروڙ ڳوٺ ڏسڻ هليا سون، جيڪو پراڻي قبرستان کان مٿان آهي. هي ڳوٺ مٿي دڙي تي آهي. نظر ائين اچي رهيو آهي تہ ماڳ بار بار ناس ٿيندو ۽ نئين سر آباد ٿيندو رهيو آهي. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ هن ماڳ جي تباهہ ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪا ٻي وسندي ائين آباد ڪن ها، جيئن برهمڻ آباد کان پوءِ ڏيپر کي وسايو ويو هو. اروڙ کي اوسي پاسي وارا ماڻهو الوريہ سڏيندا آهن. هي ماڳ عربن جي قبضي کان اڳ سنڌي حڪمرانن جي راڄڌاني هو. خلافت واري دور ۾ مصوري واري جوءِ بہ ارڙو جي ماتحت هئي، جيڪا سمونڊ جي ڪناري تائين پکڙيل هئي. جڏهن تہ ان جي اتر پاسي وارو ملتان وارو علائقوهن سان شامل هو. هن ماڳ جي مڪمل تباهي انهيءَ ڪري ٿي هئي جو سنڌوءَ ڪانئس منهن مٽي ويو هو. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڌرتي ڌڏڻ ڪري بہ هي شهر ڦٽي ويو هجي، پر هن جي برباد ٿيڻ کان پوءِ سکر بکر ۽ روهڙي جا شهر آباد ٿي ويا هئا. موجوده دور جي اروڙ ڳوٺ ۾ هندن ۽ مسلمانن جي گڏيل آبادي آهي. پر هندو "سياڳي" نالي هڪ ٽڪري جي چوٽيءَ تي آباد آهن. شايد ڪين هن سٽ تي اجا بہ ويساهہ آهي.

هاڪ وهندو هاڪڙو پڄندي بند اروڙ
ٻهہ مڇي ۽ لوڙهہ سمي ويندا سوکڙي.

هاڪڙي نالي هڪ ڳوٺ روهڙي کان اڍائي ميل پري پراڻي پيٽ جي ساڄي ڪناري اڄ بہ آباد آهي. ڪئپٽن ڪربي (Kirby) 1855 ۾ نارا سپلاءِ ڪئنال جي کوٽائي ڪرائي هئي، جنهن دوران ڪيس ڪيترن گهرن جا بنياد هٿ لڳا هئا جيڪي زمين جي مٿاڇري کان ڏهہ فوٽ هيٺ هئا. هن صورتحال کان معلوم ٿئي ٿو اروڙ واري بند جي هاڪڙي مان هٿ آيل پڪين سرن سان مرمت ڪئي وئي هئي پر انگريزن اُن کي پڃي هاڪڙي مٿان پل ٻڌي هئي. (4)

اسان بند وٽي پوئتي موٽياسون، جيڪو اڻ اوساريل پٿرن جو ٺهيل هو ۽ مٿان مٽي وجهي، سنئون ڪيو ويو هو. سندس جوڙجڪ مان ائين معلوم ٿي رهيو هو تہ جڻ ان کي اڳتي وهي ويندڙ پاڻيءَ کي روڪڻ خاطر ٺاهيو ويو هو. جڏهن تہ اروڙ واهہ واري پل پڪين سرن ۽ پٿرن جي ٺهيل آهي. مان اڳي بہ اهو ذڪر ڪندو رهيو آهيان هي غير اهم ماڳ آهي، جنهن جو تعلق قديم سنڌ جي تاريخ سان آهي، چچنامون برهمڻ خاندان جو فارسي ۾ لکيل تذڪرو آهي، جيڪو سنڌ جي راجپوت گهراڻي جو دشمن هو. هي تذڪرو 613هہ مطابق 1216ع دوران عربيءَ ۾ لکيو ويو هو. هن ڪتاب ۾ اهو ذڪرنهايت وضاحت سان بيان ڪيو ويو آهي تہ محمد بن ثقفي 93هہ ۾ اروڙ کي فتح ڪيو هو ۽ راجا ڏاهر کي شڪست ڏني هئي. (5) ساڍن ٽن سون سالن کان هڪ ٻيو سنڌي حڪمران نظر اچي ٿو. جنهن کي هتان جا ماڻهو دلو راءِ (Dalu rai) سڏيندا آهن. هڪ ڏند ڪٿا مطابق راجاءِ دلوراءِ جي واپاري شاهہ حسين جي حرم سان ڏاڍائي ڪرڻ پئي گهري، جيڪو ان زماني ۾ سنڌوءَ وسيلي حج لاءِ مڪي (شريف) وڃي رهيو هو. اهو حال ڏسي شاهہ حسين خواجہ خضر کي ڏاڍي نماڻائيءَ سان گذارش ڪئي تہ هو ڪيس راجا دلوراءِ جي ظلم کان ڇڏائي جنهن تي هُن ڪيس چيو هو تہ ٻيڙيءَ جا پڳهہ کولي. جنهن بعد سنڌو پنهنجو رخ بدلائي بکر سکر کان ڪيو ۽ اروڙ وارو پيٽ ڇڏي هليو ويو پر نظر ائين اچي رهيو آهي تہ سنڌوءَ جي رخ جي اها تبديلي ڌرتي ڌڏڻ ڪري ٿي آهي، پر اهو واقعو منسوب خواجہ خضر ڏانهن ڪيو ويندو آهي، جنهن جي مزار سنڌوءَ جي موجوده وهڪري جي پيٽ ۾ هڪ ٻيٽ تي موجود آهي. اتان جا مجاور چوندا آهن، تہ اها مزار انهيءَ شاهہ حسين تعمير ڪرائي هئي، راجا دلوراءِ سان منسوب اهڙو ساڳيو قصو ڏيپر گهانگهر ۽ برهمڻ آباد پرسان بامبرا Bambra نالي ماڳ سان بہ ڪيو ويندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هي راءِ مري ويو هو. بامبر وارو ماڳ حيدرآباد ويجهو اتر ۾ واقع آهي، هڪ راجپوت جو ائين ڪرڻ سندس جاگيردارانہ حق هو پر مسلمان اهڙيون ڳالهيون سهي ڪونہ سگهندا هئا، پر اهڙيون ساڳيون ڏند ڪٿائون ٻين ٽن شهرن سان بہ منسوب ڪيون وينديون آهن، معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ مهراڻ درياهہ جي رخ جي اها آخري تبديلي هئي.

جڏهن سڪندر سنڌ تي حملو ڪيو يا جڏهن چيني سياح هتان گذريو هو تہ هنن ايرندي ناري کي وهندو ڏٺو هو جنهن کي نانگ نارو بہ

سڏيندا هئا، جيڪو عمرڪوٽ کان وهندو ۽ لکپت کان گذرندو ڪوري نالي هڪ چوڙ وسيلي سمنڊ ۾ پوندو هو.

قديم دور ۾ نارو هڪ وڏو وهڪرو هو جيڪو موجوده دور واري وهڪري کان گهڻو وسيع هو جنهن جي ڪناري سان گهڻا ڪنڊر موجود آهن. هن جو وچون ۽ مکيہ وهڪرو نوشهري ۽ موري پرڳڻي مان وهندو آهي. ان کان سواءِ برهمڻ آباد يا بامبري جو ٿلهہ ۽ حيدرآباد کان ڏکڻ — اوڀر طرف سٺ ميل پري پراڻي بدين بہ هِن وهڪري جي ڪناري سان واقع هئي جيڪا ڪڇ جي دنگ سان آهي، چيو ويندو آهي تہ 680ع ڌاران نارو درياهہ رخ موڙي اروڙ وٽان سنڌوءَ سان اچي ملندو هو. ٻن پاڻين جو اهو سنگم عرب حملي کان ٽيهہ سال اڳ ٿيو هو. اهو وهڪرو راجا ڏاهر جي زماني تائين وهندو رهيو، پر 953 عيسوي ۾ رخ موڙي ان پيٽ مان وهڻ لڳو جنهن مان موجوده دور ۾ وهي رهيو آهي. (6) هتان جي اصلي رهاڪن کي چڱي ريت ڄاڻ آهي تہ هي درياهہ ڪهڙي طريقي سان رخ تبديل ڪندو آهي، پر خاص ڪري سکر جي مٿئين پاسي، ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ هن درياهہ جو آرُ اولهہ پاسي آهي جيڪو اوڀر پاسي کي هوريان هوريان ڇڏيندو اولهہ ڏانهن سرڪي رهيو آهي.اروڙ کان مٿان وارو سندس مور گونيءَ ڪنڊ تي آهي. هن تبديلي ڪري نارو ۽ سنڌو هڪ ٻئي کان گهڻو پري هليا ويا هئا پر ڪرنل فائيف Fife جي منصوبي موجب نيو نارا سپلاءِ ڪئنال ان ساڳي وهڪري مان گذريو هو. جيڪو سڪندر جي حملي واري زماني ۾ وهندو هو. سائين جان بل! مان ڏسان ٿو اهي ويران علائقا ۽ سنڌوءَ جا پراڻا پيٽ، هندن جا سڃا مندر ۽ مسلمانن جون ويران مسجدون ۽ مقبرا ڏسي اوهان اداس ٿي ويا آهيو. رستن تي چوڌاري ڌوڙ پئي اڏامي، چوڏس نيڻ نهار تائين رگو لَوَن جا وڻ آهن، ان کان سواءِ ڪچا ڳوٺ ويران بازارون موجود پيون ٿيون، ڏسجن پر منهنجي دل پڪاري رهي آهي.

"مان ڏسان ٿو منهنجي ويجهو هڪ بهشت آهي
پر مان ٿڪل آهيان ۽ رستو تبديل ڪرڻ چاهيان ٿو."

باب ٽيهون

# سنڌوءَ وسيلي ڪوٽڙيءَ ڏانهن واپسي

## 1_ اپريل 1876

سائين جان بل! اسان هڪ دوست وٽ سندس ڪچسري جڳهه جي هڪ ڪوٺڙيءَ ۾ مُوڙن تي ويٺا آهيون، جيڪي ڪانن جا نهيل آهن، انهن جي جوڙجڪ مديريا Maderia وانگي آهي، وهڪَ يورپ جي اهڙين مشينن جي وَهَڪ کان مختلف آهي. اسان جون ڄنگهون سامهون واري ميز تي رکيل آهن ۽ انڊيڪويا سنڌيڪو شراب آڏو رکيل آهي، آمريڪا جي گڏيل رياستن ۾ هُتان جون اهڙيون شيون هتان نڪري ويون آهن، چاڪاڻ ته ولائتي ماڻهو اهڙين شين تي ڪلندا ۽ چٽرون ڪندا هئا. اسان اڳئين پيري هن ڳالهه تي بحث ڪيو ته جنهن شي کي فرينچ لي پيليل Lepelel سڏيندا، تنهن ساڳي شيءَ کي سنڌي پيگ Peg ڪوٺيندا آهن. جڏهن ته "هي مارڪيٽ ريجن Hay Market region" ۾ ان کي بي اينڊ ايس B and S چيو ويندو آهي. چوٿ گرميءَ جا ڏينهن اچي رهيا آهن ۽ گرميءَ جي اهڙين مختلف موسمن کي مون هن ريت ورهايو آهي:

1_ واءُ جو اتر طرف کان گهلڻ
2_ سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ جا لڙها اچڻ
3_ جنن ڀوتن جوا چڙڻ
4_ وڻن جي ڦوٽهڙيءَ جي شروعات ٿيندي آهي
5_ ڪيڙن ماڪوڙن جي اچڻ جي ابتدا ٿيندي آهي
6_ ڏوڙ ۾ ڏڙئي جو دنيا مٿان پردو چڙهي ويندو آهي

اسان هن چاليهي مان گذري رهيا آهيون، جيڪو پهرين مئي کان ڏهه جون تائين هلندو آهي، هي چاليهو مصر جي خمسين وانگي آهي،جنهن ۾ پنجاهه ڏينهن هوندا آهن. هن موسم وسيلي مصر جي فرعون جي قوتِ

مزاحمت کي پرکيو ويندو هو اتر جي ٿڌي هوا بيهڻ مس شروع ڪندي آهي تہ مکيون ۽ ڪنين شڪلين وارا کوڙ سارا جيت جڻيا بہ نڪري نروار ٿيندا آهن، جن جا نالا بہ اوهان کي ڪونہ ايندا آهن. انهن مان ڪي ٽپڪيون ڏيندا هلندا ڪي چُرڪندا ڪي سڪرندا هلندا آهن. ان ڪانسواءِ الائي ڪهڙا عجيب و غريب آواز ٻڌڻ ۾ ايندا، پر اهي انگريز جي انهن ٻارن جي رُئڻ کان وڌيڪ نفرت جوڳا ڪونہ هوندا. جيڪي هندستان ۾ ڄمندا آهن، هن لاءِ منهنجي نظم جون بہ سٽون ٻڌو:

اسان لاءِ روشني ۽ هوا هوندي آهي،
پر انهن لاءِ اهي شيون منع آهن.

اتي هوا ۽ روشني جو گذر گاهہ ڪونہ آهي،
اهي جڻ تہ جئري ئي دفن ٿيل آهن.

اسان مُنهن پيلو ڪيون وينا آهيون، جڻ فقير کان پولي چڏائي پڄي وئي هُجي، پر سائين جان بل! وات، نڪ ۽ ڪنن کي هٿ ڏيون سچيت وينو هججانءِ ۽ هتي سنڌ ۾ مک نالي هڪ ڪُهتو جيت آهي، هيءَ آهي تہ ننڍڙي پر آهي، وهہ جي ڳنڍڙي ماٺهوءَ جي نڪ، ڪن ۽ وات جي ڳولا ۾ هوندي آهي، هي جيت جي وات ۾ ويو تہ جڻ انڌو کوه ۾ ڪريو مصر ۾ بہ اهڙو جيت ٿيندو آهي، جنهن کي اتان جا ماڻهو Af سڏيندا آهن. يورپ ۾ اهڙو جيت ٿيندو آهي، جنهن کي اسان پال پراءِ Paul Pry ڪوٺيندا آهيون، هيءُ وات کان پري ڪانہ ويندي آهي، جيڪڏهن اوهان ڏندڻ نہ ڏنو هوندو تہ ائين وڃي ڪاڪڙي ۾ سٽڪو ڪندي، جيئن مائوذر جو گولو وڃي قلعي جي چبوتري کي لڳو. هيءَ رت هوندي آهي جو ڏينيو بہ اچي درن ۽ درين ۾ مانارا جوڙيندا آهن. اوهان بہ ان ککر ۾ ڪڙو هنيو تہ پون پون ڪري وٺي ويندا جو چڏائڻ وارا کُتي ويندا. پوءِ هو وڃي پتين جي ڦوٽن ۾ پنهنجا مورچا ٺاهيندا. پوءِ ايندي ويندي کي اوچتو ائين اچي ڏنگ ڇيندو جڻ فرينچن جي سڌي نوڪدار ٽلوار جو اچي سيني ۾ رُکهو لڳو. اهي ان کان سواءِ ٻيو هُنر ڪونہ ڄاڻيندا آهن. ان وقت هڪ سوپاري سرڪي اچي اوهان جي بستري کي پنهنجي پيءُ جي ملڪيت سمجهي ڪُپ ڪوڙي ويهي رهندي، اهڙي هڪ ٻي سوپاري اوهان پنهنجي سنان خالي ۾ بہ ڏٺي هئي. ان وقت اوهان جي بوٽ تان هڪ هٿ جيڏو وڇون اچي هيٺ سٽڪو ڪندو. مشرق ۾ رهندڙ هڪ انگريز جان سڪلنگ مون کي مشورو ڏنو هو تہ بوٽ کي پهريائين ڇنڊ جي ۽ پوءِ پائجي، پر مون کي ڄاڻ آهي تہ ٽالپرن جي راڄڌاني وچن جو قلعو

آهي، پر حيدرآباد ۾ هڪ بيو وڏو ڏچو آهي، جتي هيءَ موسم نيلن نانگن جي موسم هوندي آهي. (1) جيڪا مئي _ ڊي May Day کان شروع ٿيندي آهي ۽ گئي فاڪس ڊي Guay Fawkes day تائين هلندي آهي، پر اهو ڏچو سکر ۾ گهٽ آهي، اتان ميونسپالٽيءَ هر ماڻهوءَ کي آڇ ڏني آهي تہ جيڪو ماهوار هڪ نانگ ماريندو تنهن کي 400 کان 500 رپيا انعام ڏنو ويندو. سو اتان جا ماڻهو پنهنجا ڏنڊا ڇڏي نانگن مارڻ کي لڳي ويا آهن. چوڪر ڀاڪر بہ درياه ۾ ڄار هڻي اڻين نانگ ڦاسائي ٿا وٺن، جيئن انهن کا پاڻيءَ جي چَور ڦاسائي ورتي آهي، ڪڏهن ڏکڻهاري ڪڏهن ڇتو ڏونگريءَ ڏينيو اوهان جي وراندي ۾ پيو جهارا ۽ ڦيرا ڏيندو آهي، رات جو وري ڇتن مڇرن جو رسو نڪري ويندو آهي، جيڪي سمجهندا آهن. رات آ پنهنجي ڏينهن آ پرائو هتي سينڊ فلاءِ Sand Fly جو هڪ قسم بہ آهي، جيڪو ململ جي سنهڙن ڪپڙن مان بہ ڏنگي وٺندو آهي، اهڙو جيت اولهہ آفريڪا ۾ بہ جام آهي، پر اوندهہ ٿيڻ سان هي جيت ڪيڏانهن غائب ٿي ويندو آهي، هتي رات جي وڳڙي ۾ ڪي جيت اوهان سان بستري پائي اچي ٿيندا آهن. پلي اوهان ڪپڙن ۾ ويڙهجي سيڙهجي سمهو پر انهن جي چڪ کان بچي ڪونہ سگهندا. هن جيت کي هتي منگهڻ سڏيندا آهن، جيڪي بسترن ۽ ڪتن ۾ لڪي ويندا آهن. ان آزار مان جند ڇڏائڻ لاءِ هفتيوار ڪت_ غسل ٿيندو آهي، جنهن ۾ ابرندڙ پاڻي ڪتن مٿان هاريو ويندو آهي. اهو آزار رڳو هتي ڪونہ آهي پر آليپو Aleppo، بغداد، عدن ۽ پڙوچ ۾ بہ آهي، هتي وري گرميءَ دوران ڪُجلي بہ ٿيندي آهي. اوهان کي ائين محسوس ٿيندو تہ جڻ ڪانڊيرن جي ڪنڊن جون سنهيون نوڪون اوهان جي نازڪ کل اندر ڇپي رهيون آهن. ٻانهن جي هڪ ڏوري ۾ ٿيڻ کان ٻئي ڏوري ۾ ٿيندي گهڙيءَ کان پوءِ سيني، جنهن کان پوءِ پيٽ، ڪن کان پوءِ ڪڪ، اوهانِ هڪ ڏوري کي کنهي وري هڪدم ٻئي ڏوري کي کنهندا، وري پيٽ پوءِ ڪُڪُن ۾ کنهڻ شروع ڪندا، قميص لهي ويندي ايئن محسوس ٿيندو تہ اوهان نچي رهيا آهيو هتي ڳڙو فصلن کي ايترو نقصان ڪونہ پهچائيندو آهي، جيترو ماڪڙ ۽ تڏيون ان کي هاڃو رسائينديون آهن، انکان پوءِ هتي ماتاديوي ڏرتي ڏوڙ اڏائڻ شروع ڪندي آهي. اهو پتو ڪونہ پوندو آهي تہ هوا جي ڪري ڏوڙ اڏامي رهي آهي يا ڏوڙ جي اڏامڻ ڪري هوا لڳڻ شروع ٿي ويئي آهي، انهيءَ دوران ڪتاب، لٽا ڪپڙا، بوٽ جورابا ڪتون ۽ بستر سڀ ڏوڙ ئي ڏوڙ ٿيو ويندا آهن. ٽيليفون جي ٿمبن ۽ وڻن جي چوٽين تي بہ ڏوڙ جا ماچنگ چڙهي ويندا آهن. اهڙي ريت هڪ مسٽر جوو مل Joe Mill جان ڪمپني Johon Company کان

نقصان پرائي وٺندو آهي. هتي اُڏوهي بہ جام آهي. اوهان وڪ ڪٽندا تہ پيير هيٺان اُڏوهيءَ جو وڏو تعداد مري ويندو. وچ آفريڪا جا ڪي قبيلا اهڙا آهن، جو اُڏوهيءَ کي اوباري پت تيار ڪندا آهن. چاڪاڻ تہ انهن علائقن ۾ اڏهي تمام گهڻي ٿيندي آهي، پر افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ هتي اڏهي مهيا ڪرڻ لاءِ ڪو ادارو بہ قائم ڪونہ آهي. سائين جان بل! چو نہ اسان اڏهي جو پت کائي پوڏڙا ٿي پئون اسان جڏهن عوامي خدمت جو اهڙو ڏنڌو شروع ڪنداسون تہ سنڌ ۾ ڏاڍا مشهور ٿي ويندا سون ۽ بکين ٻارن کي بہ هڪ سٺي خوراڪ ملي ويندي.

سپلاءِ ايسوسيئيشن White Ant Supply Association قائم ڪريون ۽ مختلف گهرن جي بورچيخانن کي اُڏوهي فراهم ڪريون. غريب گهرن کي خيراتي اُڏوهي بہ ڏئي سگهون ٿا. تنهن ڪانسواءِ هتي هڪ ٻي مخلوق بہ آهي، جنهن کي ڪاري ماڪوڙي جي متبرڪ نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهي وري خير سان ڪنڊ ڪائڻ جون شوقين هونديون آهن. صبح جو اوهان ڪنڊ ماڪوڙن ۾ ڪاري هوندي، جڏهن هنن جيتن کي اوهان جي موجودگي جو احساس ٿيندو تہ اڻين ڪٽي پيرن تي زور رکنديون ۽ ڪن پل ۾ ڪاڏي جو ڪاڏي هليون ويندون، چڙ ڪين ٿانڊي جو توڙ آيو هجي. هن ڪانسواءِ هتي ننڍيون ۽ وڏيون ڳاڙهيون ڪِوليون ٿينديون آهن، جيڪي ماڻهوءَ جي منهن تي چڙهي گهمڻ جون شوقين ٿينديون آهن ۽ منهن تي اڻين گهمنديون آهن. چٽڪو ٿلهو متارو انسان چٽن چٽن جيتري ماني کائي هاضمي لاءِ پسار تي نڪرو آهي، اهي ڪنن ۾ نڪ کان گذري مچن ۾ پهچي وارن ۾ لڙڪڻ جو رياض ڪنديون آهن.

جيڪڏهن ماڻهوءَ کي گهڻيون سهولتون ملنديون تہ ماڻهو ٻاهر اس ۾ گهٽ نڪرندو تہ اڳهو ٿي ڪنهن ڊاڪٽر جي قدمن ۾ ڪونہ ڪرندو پر اهڙيون ڏکيون ڳالهيون جديد دور جي مصر ۾ ڪونہ آهن، ليڪن مون کي اهي ڏينهن بہ ياد آهن، جڏهن هتي ڪالرا ڪلور ڪري چڏيا هئا، هر ڳوٺ مان ڏهہ لاش ڏهاڙي نڪرندا هئا، پيچش ۽ اسهالن بہ ماڻهن کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏيو هو. موت بہ ماڻهوءَ بوءِ، ماڻهوءَ بوءِ ڪندو ڳوٺ ۽ شهر پينگ ڪندو ٿي وتيو. دماغ ۾ رت جمڻ جا واقعا بہ ٿيندا هئا، جنهن لاءِ سنڌي حڪيم بيمار جي مٿي کي ڳائي گيهہ سان مالش ڪري پيندي ٻڌي ڇڏيندا هئا ۽ گيهہ جو ٽيپو ٽيپو مٿان هاريندا رهندا هئا. اهڙي مريض کي گرمي توڙي سرديءَ ۾ ٻاهر نڪرڻ ڪونہ ڏنو ويندو هو. ان ڪانسواءِ ٻرهل Dropsy، هيانچي ۽ اکين اُتي پوڻ جهڙيون بيماريون بہ عام هونديون هيون، جيڪڏهن

ساري آکھ بچي پوندي هئي ۽ فقط پھرينو ڀيرو مري ويندو هو تہ گھر وارا ان جو ڏک ڪونہ ڪندا هئا. سائين جان بل!، هتي اونداهي جي پلئگ بہ ٽيندي آهي، ٻڪ بہ ڪوري جي جر ۽ جرات هوندي آهي ۽ ماڻهوءَ لونءَ لونءَ لوساٽجي ويندو آهي. انهيءَ سان ڪاريءَ ڏوڙ جو وسڪارو شروع ٿي ويندو آهي، جنهن کي ڪمري جون در دريون بہ جهلي پلي ڪونہ سگهنديون آهن. توهان جا سڀ مال خزانا محفوظ آهن. توهان جي ڪنڌ بہ سلامت آهي، اوهان جي ڪمند جو بہ خير آهي، هتان جا ماڻهو بہ مناسب موقعي تي ڪمند چوپڻ جو شغل ڪري وٺندا آهن. ينگ پيئڻ ۽ آفيم ذري کائڻ جو تہ اوهان کي تجربو حاصل ٿي چڪو هوندو. تماڪ ڇڪڻ جا تہ اوهان اڳيئي ماهر آهيو. توهان گندرف بہ ڏسي چڪا آهيو. ھاٿي پڪ آهي تہ اوهان نير واري ٻوٽي جا پن بہ صحيح نموني سان سڃاڻي سگهندا جيڪو رنگ لاءِ ڪم ايندو آهي، جنهن بابت اوهان کي ڪا خبر ڪانہ هئي، ووڻن جا ٻوٽا بہ ڏٺا ۽ گوگڙن جي ترڙ تائين ان پوک جا سڀ مرحلا پنهنجي اکين سان ڏٺا. پر توهان هتي ڪپھ جي صنعت وغيره ڪانہ ڏٺي، نہ وري هتي ڪپڙي جو ڪو ڪارخانو ڪم ڪندي ڏٺو جيڪڏهن اسان ائين هلي گھر پهچنداسون تہ پوءِ اسان کي حيف آهي،نٿي جون شالون بہ توهان ڏٺيون، جيڪڏهن اوهان اهي ڪلهن تي رکي هلندا تہ هر ڏسندڙ جو وات ٽيڻون ٿي ويندو ۽ اکين جا تارا هڪ جاءِ بيهي ويندا. سهڻيون عورتون بہ ڪنڌ ورائي اوهان ڏانهن نهاريندیون. توهان نٿي ۽ هالا ۾ جنڊيءَ جو ڪم بہ ڏٺو ڇا تہ هنر ۽ ڪاريگري هئي، اوهان تہ ڪونڙي ۾ هڻ ڪڻ بہ ڏسي ورتا هئا. اوهان ڪورين جي آڏاڻن واريون ڪنيارڪيون مشينون ڏٺيون. توهان ننڍڙو لڏڙو بہ ڏٺو (2) جيڪو هڪ مهاڻي لاءِ مڇي پڪڙي ايندو هو.

هتان جا مهاڻا چار ۾ ٻلهڻ بہ ڦاسائيندا آهن، توهان تہ خير سان موڙي تي بہ ويهي ڏٺو هو جيڪو ڪانن جو ٺهيل هو. جيڪڏهن اوهان ان کي پنهنجي شهر جهڙي ڳوٺ جي باغ ۾ رکي ان تي ويهي ڏسندا تہ ان ۾ لطف ئي پيو ايندو. توهان بمبئي ۾ بامبي چيئر Bombay chair بہ ڏٺي هئي، جيڪا اوهان کي ڏاڍي وڻي هئي، جنهن جون ٻانهون ڪجھ وڌيون هيون ۽ ڊنر — ٽيبل ڪاڻ بہ ٿوريون اوچيون هيون، توهان انهي جي چوڏاري مڙي حيرانگيءَ سان ڏسي رهيا هئا. سي بہ در اصل سنڌ جون ٺهيل هيون، جابلو ماڻهو وچي پيس جون ٺهيل جتيون پائيندا آهن. هنن ماڻهن خنجر ۽ منڊيءَ تي اوهان جو نالو جان بل "Jan Bul" اڪريو هو. استر خان جي ان جي پوستين بہ اوهان

اتان خريد ڪئي هئي، هاڻي ان کي پايو اوهان جو ٻڪريءَ کل وارو چوغو ڏاڍو خوبصورت آهي، جنهن تي نازڪ ۽ نفيس ڀرت ڀريل آهي، مان سمجهان ٿو تہ هن وقت سفر ڪرڻ لاءِ اوهان تيار ٿي چڪا آهيو.

موسم چوٽ گرم ٿي چڪي آهي، جڻ ملٽوني Miltonic دوزخ جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي، مان سمجهان ٿو تہ توهان کي ڪنهن چيو هو تہ توهان ساڳئي ڏينهن تي سيءَ ۾ ڏڪندا ۽ اوهان کي گرميءَ وارو بخار Sun Stroke بہ ٿيندو. جڏهن سي هوندو آهي تہ اتر جي گهاڙ گهائي رکندي آهي، هتي مينهن وسڻ واري رسم ڪانہ آهي پر جي وسندو آهي تہ رُهي رچائي ڇڏيندو آهي ۽ بہ ٽي ڏينهن لڳاتار وڏ ڦڙن جا وسڪارا لڳي ويندا آهن. تليون ۽ ترايون تار ٿي وينديون آهن. چوڏاري ٻري ٻري تائين پلر جي پالوٽ ٿي ويندي ۽ افق تائين رڳو پاڻيءَ جون ڇرون لڳل پانئبيون آهن. ان کان هڪ وڏو طوفان نسرجي ايندو جيڪو هر شي کي ملائي گڏي ڇڏيندو. گرمي بہ ناحق جي آهي، جڻ ويجهو ڪو آرنات Arnott اسٽووَ ٻري رهيو آهي. آڪاس صفا نيرو لڳو پيو آهي، ڪٿي بہ ڪڪري جو نانءُ نشان ڪونہ آهي ۽ سج اس جي تيز تلوار جي ڌار گهائي رهيو آهي ۽ هر زنده شيءِ بہ اڌ ٿيڻ لاءِ هن جي سامهون آهي. ساري دنيا جهَرڪي ۽ جهڳي رهي آهي ۽ ڌرتي اس ۽ خشڪيءَ ڪري ڏارون ڏارون ٿي وئي آهي، ڪاڙهہ رڳهہ ۽ نٿهڻ اُس ڪري مينهون ڍنڍن ۽ تلائن ۾، پاڻي مان نڪ ٻاهر ڪيدي سج خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن. ايتري ڌرتتي آهي جو ڪانءُ جي اک نڪري رهي آهي. ننڍڙا ٻوٽا هر اپرندڙ سج جي ڪرڻي کي هٿ ڪٽي پٽي رهيا آهن، ائين معلوم ٿي رهيو آهي، سج جي اک ۾ سنڌ جڻ ڪنڊو بڻجي ويئي آهي، جنهن کي ڏسي هو سڙي ڪامي رهيو آهي. ڪلهہ تہ توهان ڏٺو تہ ڦهر جو طوفان هو. واءُ جي واڪن ۾ جڻ ڪو چيتو چنگهاڙي رهيو هو. اهڙو وايو منڊل ڏسي سنڌ جي تذڪره نويس جو وايون بتال ٿي ويون هونديون. توهان گهر پهچي رستي واريءَ ڌوڙ ۽ واءُ ۽ ڌوڙ ئي جو ضرور ذڪر ڪندا. ڍاب جو اهو وسڪارو ڌرتيءَ سان گڏ آڪاس تي بہ هو. اها ڌوڙ تہ هوا ۾ بہ هوندي آهي. ساهہ کڻندا آهيون تہ وجي ڦڦڙن ۾ ساه پٽيندي آهي. اسان جڏهن گلاس ۾ پاڻي پائي پيئندا آهيون تہ پاڻيءَ سان گڏجي پيٽ ۾ پوندي آهي. ماني کائيندا آهيون تہ هر گرهہ سان گڏجي معدي جو پاسو وٺي ويهندي آهي، اها واري اهو لٽ ٻاهر فضا ۾ بہ آهي ۽ اسان جي وجود اندر بہ آهي، توهان ۾ بہ آهي تہ مون ۾ بہ آهي، انهيءَ لاءِ مون وٽ جواب بہ آهي.

آگبوٽ جي ڇٽڻ جو وقت تہ خير سان "ڇهہ" آهي، پر 30_7 ڪان اڳي جي ڇٽو تہ منهنجي ڪن کي ٺُڪو ڏجانءِ، اڄ تہ اهو وقت اٿس نہ تہ هونءَ 5 وڳي صبح جو ڇٽڻ جو گهگهو وڄائيندو آهي. زنجير ۽ تارن جي ورت کي پاڻي ڪان مٿي ڇڪيو ويو آهي، گئنگ وي وارا تختا بہ گپ ڪان مٿي ڇڪيا ويا آهن، ڪئپٽن هچنسن هميشہ جيان مٿي ويٺو آهي، آگبوٽ پهرئين مٿي اويارو هلي ٿو بعد ۾ لهنواري طرف هلڻ شروع ڪري ٿو ۽ تيز رفتار ٿيندو وڃي ٿو. اهڙي تيز رفتاري جا اسان هيراڪ ڪونہ آهيون. پنئين پاسي پاڻيءَ جون بہ ڏارائون آهن، پاڻي ڏاڍو لڙيو آهي، معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ پاڻي جون اهي بہ ڏارائون گپ گاري جون انگڙ ونگڙ ليڪون ۽ لهريون آهن.

هاڻي بيهر سکر بکر ۽ روهڙي ڏسون الائي نہ ڏسون تنهن ڪري ان جي سهڻن منظرن ڏي نهاري بہ الوداعي لڙڪ لاڙي ڇڏجانءِ سا مهون ڏسو هيٺ وڏا جاڙا ٿُلهہ يا پيل پاوا جوڙيا ويا آهن. اهو اسان جي انجنيئرن جو ڪم آهي. سندن خيال آهي تہ هتي ريلوي پل ٺاهي ويندي، مست مهراڻ تري ۾ پيل پاون رکڻ جي اجازت ڪونہ ٿو ڏئي. تنهن ڪري اها پل ڪنارن تي جوڙيل مضبوط پيل پاون جي آڌار تي ٺاهي ويندي، مان اوهان کي بکر وارو بيٺ ڏيکاريو هو. پل اڏڻ وارو هنڌ بہ اهو آهي. پٿر جي ٺهيل پشتي ڏانهن ڏس جيڪو بندرگاه جي چبوتري پرسان جوڙيو ويو آهي، جنهن تي 16000 رپيا خرچ ڪيا ويا آهن. هر سال سنڌوءَ جي چاڙهہ جو خطرو رهندو آهي، تنهن ڪري هتان واري سنڌوءَ جي ڪناري هڪ سگهاري بند ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي، جنهن ۾ مزدورن ڪان سواءِ قيدين بہ هن ڪم ۾ هٿ ونڊايو هو جيڪڏهن سياڻپ سُڇيتائي ۽ منصوبابندي سان ڪم نہ ڪيو ويو تہ سکر واري بازار بيٺ ٻڏجي ويندي ۽ پراڻي سکر سنڌوءَ جو پيٽ ٿي ويندو. هن ماڳ وٽان سنڌ 2400 فوٽ يا چار اسٽاڊيا Stadia ويڪرو آهي. اهو وهڪرو جلديءَ ۾ لهندو ۽ چڙهندو رهندو آهي ۽ پندرهن ڏينهن اندر چاڙهہ جي رت شروع ٿي ويندي. ان ڪان پوءِ سمجهيو ويندو تہ اونيسيڪرٽيس Onesicritus بلڪل صحيح هو ۽ سنڌوءَ بابت سڀ خيال ۽ تصور رولڙي جو شڪار ٿي ويندا. اها ڏسو سنڌوءَ جي ڪناري سان ديوار ڦريل ڏٺل آهي، جيڪو زنانو گهاٽ آهي، انهيءَ اندر عورتون وهنجي سهنجي ۽ لٽا ڪپڙا ڌوئي سگهنديون ۽ ديوار پردي جي مقصد سان ڏني وئي آهي پر سنڌي ائنونيما Anonyima کي ڪنهن جي بہ پرواهہ ڪانہ آهي. اها تہ پوليس کي بہ ڪانہ ٿي ڏسي. ڪيس جنهن بہ جاءِ تي سنان ڪرڻو آهي يا لٽا ڪپڙا ڌوئڻا

آهن، اتي وهجندي آهي لتا ڪپڙا ڌئندي آهي، ڏيهي ٻيڙيون بہ پيون هلنديون رهنديون آهن.

هوريان هوريان اسان جي نظرن کان قلعي جا چبوترا، سنڌ هارس هائوس، ڪليبارن پئائنٽ، لئبريري واري جڳهہ، چرچ وارو منارو غائب ٿيندا پيا وڃن. ان کان سواءِ معصوم شاهہ جو منارو، وڏو مقبرو ٿي هڪ جاءِ تي ٺاهيل مقبرا، ميونسپالٽيءَ واري وڏي جڳهہ، وڏن همچورس گهرن واري وڏي بازار جنهن جي اوسي پاسي اوچا ڪجين جا وڻ آهن، تڏن ۾ تئن سان ڇانيل جهوپڙيون بہ ڪنهن ڏنڊ ۾ ڏنڏاتيل نظر اچي رهيون آهن. اڌ ڪلاڪ جي ٿوري وقت اندر سکر بکر ۾ روهڙي جا خوبصورت منظر اسان جي اکين کان صفط غائب ٿي ويندا. ڇهچ ساوا بہ منظر جيڪي اڳي ڏکڻ اولهہ پاسي هئا سي درياهہ جي وڪڙ ڪري اتر — اولهہ پاسي ڏسجي رهيا آهن. ساڄو ڪنارو هيناهون ڏسجي رهيو آهي، جنهن جي وٽ سان ڪڻڪ جا فصل بينا آهن. ڪشمور بند جي نهڻ کان اڳ هن جاءِ وتان سنڌو اٿل دوران رخ بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ڇاڪاڻ تہ هن ماڳ وٽ درياهہ جو پيٽ سوڙهو آهي، جيڪڏهن اسان جي انجنيئرن هن ڳالهہ ڏانهن ستت خيال نہ ڏنو تہ سنڌوءَ جو مکيہ وهڪرو تبديل ٿي ويندو. پوءِ ننهن ڇوٽيءَ جا بہ زور لائبا تہ بہ سنڌوءَ کي موٽائي پراڻي پيٽ مان وهائي ڪونہ سگهبو تر جي ڳُتي سو ڇوٽون ڪائي تنهن ڪري ڪين اڳواٽ ڪويلو ڪرڻو پوندو.

ڇيو ويندو آهي، عربن واري دور ۾ سنڌوءَ ۾ وڏيون سنڌي ٻيڙيون هاڪارينديون هيون. هاڻي بہ جڏهن سنڌوءَ ۾ وڏو چاڙهہ ايندو آهي تہ يورپي ماڻهو انهيءَ وڏي سنڌي ٻيڙيءَ تي چڙهي سنڌوءَ جي چاڙهہ جي پاڻيءَ جي پڙتال ڪندا آهن.

اسان رات ۾ ڏينهن لڳاتار سفر ڪندا رهياسون ۾ ٽينءَ شام اچي ڪونڙيءَ وٽ پهتاسون. اسان کان غلطي ٿي وئي جو جانورن سان گڏ ٻليءَ جهڙو جانور نہ ڪنيوسون تہ چوليءَ جي ڇُلڪي ۾ آڳبوٽن جي هيٺ مٿي ٽيڻ ڪري تڏن سان نهيل هن ننيڙي ڪالوني ۾ ڏمچر مڇي وڃي ها. نتهڻ اس کان بچڻ لاءِ ڊيڪ مٿان تڏن وسيلي هڪ ڇپر جوڙيو وڃي ها، جنهن ڪري هيٺين حصي ۾ سج جي تاتي گهٽجي وڃي ها. ان جاءِ کي رڌڻي طور بہ ڪم آندو وڃي ها. هڪ وڏي شهتير جي مدد سان نهيل اهو ڇپر هڪ وڏو ڪبٽ ڏسڻ ۾ اچي ها. اتي درياهہ جي ڇولين جي بہ جاچ پڙتال ٿي وڃي ها. هن ڪلاسيڪل درياهہ جون خوفناڪ لهرون دهشت ۾ دمُ ڏسي پيو وڇان ساهہ مٺ ۾ ٿي وڃي ها، پر هن وهڪري جي ڇولين جو ڇلڻ بہ عجيب آهي، اٺ

ٿي پڇر جيڪر انهن مان ته اک ٿي نه ڪيڄي، مان انهن کي ڏسي نه پر اڪين سان چمي رهيو آهيان. دل چوي ٿي ته جيڪر اهي گهوڙا ۽ گهوڙن جا مالڪ ڪنهن ٻي ٻيڙيءَ تي چڙهن ها ته ڀلو هو ۽ گهوڙا به هڪ ٻئي کي آزادي سان پسٽيون هڻن ها ۽ ڏڙها هڻي ٻيڙيءَ جي تري وارن تختن جو چڱي ريت خانو خراب به ڪري سگهن ها. افسوس آهي جو ويچارن هنن ٻي زبان جانورن کي هڪٻئي کي پسٽيون هڻي رتو رت ڪرڻ جيتري به آزادي ڪونه آهي، نه وري هنن کي اختيار ڏنو ويو آهي جو هو پنهنجن تکن سُنبن سان ٻيڙيءَ جي تري وارن تختن جو پنهنجي مرضي مطابق خانو خراب ڪري سگهن. مناسب موسم دوران آگبوٽ جي رفتار ڇهه ست ميل في ڪلاڪ هوندي آهي. پر چاڙهه واريءَ رُت ۾ رفتار ٽئين حصي جيتري وڌي ويندي آهي. ان رفتار جي وڌڻ جو ڪارڻ هڪ ته چاڙهه ڪري پاڻيءَ جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي، ٻيو ڪارڻ اهو هوندو آهي جو آگبوٽ جي ڪماني Bow وٽ تلوار جي شڪل جهڙا وٽن جا وڏا تڙلڳل هوندا آهن. جن کي گهڙي ناهي هڪ ٿلهي تختي جي شڪل ڏني ويندي آهي. جن تي چار پنج جٽا پنهنجي مذهبي فرض ۾ رڌل رهندا آهن. هاڪاريندي ڪڏهن آگبوٽ پاڻيءَ هيٺان لڪل ٻيٽاريءَ جي چوٽيءَ تي ويهي رهندو آهي. پوءِ مسافرن کي اچي ڦٿڙي لڳندي آهي ته الائي ڇا ٿيندو پر اسان جي ڪاريگرن آگبوٽ کي هيٺان پنيان keel هڻي ڇڏيو آهي. جنهن وسيلي اهو هوريان هوريان تانگهي پاڻيءَ مان نڪري سولائيءَ سان وچي تار ۾ پيو پر سچيت ناڪئو اهو آهي جيڪو چاڙهه دوران هڪ به پيرا چڪر ڏئي وهڪري کي چڱيءَ ريت سمجهي، اسان وٽ اهڙو ڪو ڏاهو ناڪئو ڪونه آهي، جنهن کي پري کان پاڻيءَ جي وهڪريءَ مان ٿي سُجهي وڃي ته هيٺان لڪل ٻيٽاري آهي. اهڙي مسئلي بابت سوالن جا جواب به ڏکيا هوندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن کان پڇبو ته هوا ڪئين آهي ته جواب ڏيندو ڪڏهن ڪيئن ته ڪڏهن ڪيئن.

ڪڏهن وري ائين ٿيندو آهي جو آگبوٽ تيز رفتاريءَ سان وچي پاڻيءَ هيٺان لڪل پٽ سان ٽڪرائبو آهي ۽ جهٽڪي سان لڏي ۽ لچڪي ويندو آهي. تختا تختن کان الڳ ٿي ويندا آهن ۽ ٻيٽاري مٿان ائين بيٺو هوندو آهي. جڻ بيواهي پٽڻ تي، ان کان پوءِ اهڙي آگبوٽ جي مرمت واسطي پوٽا ست سو ساگوڻ ٻير، ٻير ۽ ٻاهڻ جا تختا کپندا.

اهڙو ڏڃو ڏسي ڪيترا ماڻهو انڊس فلوٽيلا ڪمپني جي پائيواريءَ تان هٿ ڪڻي ويا آهن. اسان ڏيهي ٻيڙين وسيلي به سفر ڪري سگهون ها. ڇاڪاڻ ته انهن کي هڪ ٻئي سان سلهاڙيو ويندو آهي. ان ڪم لاءِ بانس

جي سُونهڻن ۾ ڏاڍي جي ورتن کي ڪم آندو ويندو آهي، پر سنڌوءَ جي چاڙهه ۾ سير جي سنڌڪي ۾ انهن جو تختو تختي کان الڳ ٿي ويندو آهي، ٻيڙيءَ سوار ماڻهن مان ته ڪير به ڪونه بچندو آهي، پر ناکئو تري تڙڳي وڃي ڪناري سان لڳندو آهي پرتي نساهو ويندو آهي، سنڌوءَ ۾ هلندڙ ٻيڙيون گهڻن قسمن جون آهن پر انهن مان ٻن قسمن جي اسان کي خبر ڪانه آهي، جن مان هڪ جهمٽي آهي، جيڪا ٽالپر حڪمرانن جي سواري لاءِ ڪم آندي ويندي آهي، هن ۾ ساڳ وڻ جو ڪاٺ ڪم ايندو آهي مٿان عرشو Deck ۾ به سڙهه هوندا اٿس. ان جي ننڍڙين ڪونين کي ڳاڙهن پردن سان سينگاريو ويندو آهي. اهڙي ريت اڳيل ۾ پاڇيل کي به رنگين پردا هنيا ويندا آهن.

ان کي کوهان يا شهيڪلي جي مدد بدران ونجهن Sweapers سان ڌڪيو ويندو آهي. سنڌ جو ڪمشنر به هن قسم جي جهمٽيءَ جي ٻيڙيءَ وسيلي پاڻيءَ جو سفر ڪندو آهي، پنجاب جي لاڏوءَ ٻيڙيءَ کي زوراڪ سڏيو ويندو آهي. سنڌوءَ جي اتر واري حصي جي لاڏوءَ ٻيڙي جو نالو به ساڳيو آهي. هن سنڌي ٻيڙيءَ جو ته اڳيون حصون مٿي اپريل هوندو آهي، جيڪا ڏسڻ ۾ ڏاڍي پوائتي هوندي آهي ۾ سامهون وارو پاسو چورس ڏسبو آهي پر سنڌي ٻيڙيءَ جي بناوت ائين ڪانه ٿيندي آهي جيڪا هلڪي پوئيوانڊي ٿيندي آهي، سڙهه کوهان وٽ جهڪيل هوندو آهي، جنهن کي فقط گهلڻ وقت کوليو ويندو آهي، هلڻ ۾ ڏاڍي تيز رفتار ٿئي ٿي. هن کي ڊکڏهن هيٺ ۾ مٿي چوڪندو بادبان به ٿيندو آهي. هن قسم جون ٻيڙيون وڏو بار کڻي سگهنديون آهن. هن ۾ اناج کي ڍير ڪري به رکيو ويندو آهي، ڪڏهن ڳوٽيون به رکيون وينديون آهن. پڏي وڃڻ جي حالت ۾ ٻيڙائتن کان 100 کان 150 رپيا ڏنڊ پرايو ويندو آهي. ٻيڙي جو رخ موڙڻ واسطي ان جي پاڇيل ۾ رکيل دابڙ کي هيڏي هوڏي موڙيو ويندو آهي، جنهن هينان پاڻيءَ ۾ پنهنجو نظام هوندو، جيڪو حرڪت ۾ ايندو آهي. هي سنڌوءَ جي قديم ٻيڙي آهي فرانس جي مڇي مارڻ واري ٻيڙيءَ اٽليءَ جي فيلوڪا Fellucca قديم مصر جي ٻيڙي، چين جي جنڪ Junk بلڪل هڪ جهڙيون ٿينديون آهن. هن ٻيڙيءَ جو ترو سنئون سڌو ٿئي ٿو ۾ پاڇيل وارو طرف اچو هوندو آهي، جڏهن اڳيون حصو آبي پکيءَ جي چهنب جيان ڏسبو آهي، جڏهن هي پاڻيءَ ۾ ڌڪيل ٻن تي ويهي ويندي آهي، ته هن لاءِ ان مان جان ڇڏائڻ سولي هوندي آهي، پترڻ ڪرڻ وقت ڪناري سان جهٽڪو کائي لڏي لمي ڪانه سگهندي

آهي، پٽڻ چڙهڻ وقت بہ نهايت آرام سان نڪري ويندي آهي، هي ٻيڙي صبح يا شام واري جهونجهڪڙي ويل جڏهن تہ اجگر لڳندي آهي. جڏهن وڏو مانگر مڇ، جڏهن تہ عرشي واري ڇت بانس جي لڪڙن مان ناهي ويندي آهي، هيءَ ڪاٺ هلڪو ۽ ڏاڍو مضبوط هوندو آهي. شيڪلو هڪ اٿس . وچ واري وٽي ڏگهي آهي، سندس شيڪلو ايترو ڏگهو هوندو آهي جو ٽيليگراف جون تارون چني چڏيندي آهي، سڙهہ پال پٽريءَ جا هوندا آهن. جن کي ننڍڙا ننڍڙا سوراخ ٿيندا آهن. ڪي سڙهہ ٽڪنڊا ۽ ڪن جو مٿيون پاسو ويڪرو ۽ هيٺيون پاسو صفا سوڙهو هوندو آهي،جڻ ڪنهن جانور جي پوئين ڄنگهہ هجي. هن کي هلائڻ جا طريقا گهڻا آهن. پر سڙهہ ۽ شيڪلو پاڇيل واري پاسي لڳل هوندو اٿس. شڪل چورس ٿيندي اٿس. پر سنڌ واري ٻيڙيءَ کي نيل درياهہ جي داها بياهہ Dahabiyyah ٻيڙيءَ جيان پوپٽ وانگي پَرَ ڪونہ هوندا آهن. ٻيڙيءَ کي هلائڻ جو هڪ خاص طريقو آهي. ڪيس هلائڻ ۾ مٿس ضابطي رکڻ وارو سارو نظام پاڇيل وٽ رکيل هوندو آهي. ان ڪانسواءِ ڊونڊي ۽ ڪوٽال نالي بہ ٻيڙيون موجود آهن. هنن کان سواءِ ٻيا بہ گهڻا قسم آهن. هنن ٻيڙين کان سواءِ هاٽي سنڌوءَ ۾ آگبوٽ بہ هلي رهيا آهن، پر هن موسم ۾ گهڻا بيڪار بيٺا آهن. ڪوٽڙي کان سکر اوپاري سفر ۾ هنن کي اٺ يا نو ڏينهن وني ويندا آهن. جڏهن لهنواري سفر ۾ فقط ٽي ڏينهن لڳندا آهن (3) هي اها ساڳي پراڻي انڊس فلوٽيلا آهي، جنهن کي هاٽي سنڌ. پنجاب ۽ دهلي ريلوي ڪمپني سڏيو ويندو آهي، جيڪا هاٽي هڪ خانگي اداري جي حوالي آهي. جنهن کي 5 فيصد حصو ملندو آهي، هن ساري ڪم لاءِ مرحوم ڪئپٽن جان ووڊ ڪيرون لهڻي ٿو. جيڪو انڊين نيوي جو عملدار هو. هن ماڻهوءَ پنهنجي ساري زندگي هن اداري جي حوالي ڪري ڇڏي هئي. درياهي آمد_رفت سان لاڳاپيل آگبوٽن جو تعداد تيرهن آهي، جنهن ۾ چار اهي آگبوٽ شامل آهن، جيڪي ڪراچي بندر تي پري بيٺل آگبوٽ کي ڇڪي اچي بندر وٽ بيهاريندا آهن، جن کي D,C, A ۽ E چيو ويندو آهي. هنن کان سواءِ فور _ فنيلڊ Four --funneled بہ آهن، جيڪي بيسيمر اسٽيل Bessemer Steel جا آهن جن جو واسطو مئڊوڪ Maddock (ڪئپٽن هولسٽين) Hulstein سان آهي. اهي سيئي هڪ طرز جا آهن. هنن جو ترو تراڪڙو آهي ۽ لوهہ جا پيبل -- ويلرس Paddle – Wheelers اٿن. هارس پاور جي نقطئہ نظر کان ڏاڍا مضبوط آهن. شهتير بہ ڏاڍا سگها ڪم آندا ويا آهن. تيار انگلينڊ ۾ ڪيا ويا آهن. انهن کي ٽڪرن جي شڪل ۾ سنڌ موڪليو

ويو جتي انهن کي ملائي هڪ مڪمل آگبوٽ جي شڪل ڏني وئي آهي.
هتي پهچي هي آگبوٽ هرج ۽ خرچ ۾ پئجي ويا آهن. مسافرن جو چوڻ آهي تہ ياڙو خرچ تمام گهڻو آهي. هن اداري جي سپرنٽينڊنٽ مسترولڪنس Wilkins کين جواب ۾ چيو آهي تہ مون کي پنجويهن سالن جو تجربو آهي، ان دوران مان پنج سال آمريڪي طرز جي آگبوٽن کي استعمال ڪري ڏٺو آهي، جيڪي پڻ ناڪام ثيا آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن جي انجڻ_ روم جلد گرم ٿي رهي هئي، بيو تہ انهن ۾ ڪي عام قسم جون خاميون بہ هيون. تنهن ڪري انهن جو هلائڻ بند ڪيو ويو آهي. انهن ۾ خاص اوڻائي اها هئي تہ سندن Stern_ Wheel ڪنهن ڪم جو ڪونہ هو. جڏهن اهو آگبوٽ ٻارنهن فوٽ گهري پاڻي ۾ پهچي رهيو هو تہ ايڏو وڏو آواز ڪري رهيو جو چوڌس ماڌاڻ مچي ٿي ويو. اهو پوئتي هٽائڻ سان هتي تہ سگهيو ٿي پر هن سان لاڳو فلٽ پوئتي هتي ڪونہ ٿي سگهيا. اسان اچا سيوهڻ پهتاسون تہ هنن جو اجلاس شروع ٿي ويو. ڪمپنيءَ جا سڀ مالڪ اچي هڪ جاءِ تي گڏ ٿيا هئا.
هنن سيني ڪئپٽن ووڊ کي ڏوهي قرار ڏنو ۽ ڪاوڙ ۾ سندس ڪوٽ ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيو. هو خوش مزاج ماڻهو هو ۽ ٺهڪ ڏئي چوندو هو تہ سنڌوءَ جا هي آگبوٽ (4) هڪ خاص ڪم ڪندا آهن. اهي ڇتيءَ پوندڻ وانگي سدائين هڏڪار ڪندا آهن ۽ ٻيا ڪجهندا ۽ ڪٽڪندا آهن، نہ رڳو اهي پاڻ کي ڪٽي سگهندا آهن. پر پنهنجي ٻنهي پاسن کان فليٽ Flats بہ ڪٽي هلندا آهن جيڪي تجارتي سامان سان ڀريل هوندا آهن. جن مٿان وري آگبوٽ ۾ ٻرندڙ ڪاٺ بہ سٽيو ويندو آهي، ان کان سواءِ سنڌو اهڙو درياهہ ناهي جنهن اندر ڪي ٻاراٽيون حرڪتون ڪري سگهجن.
پراسان کي بہ پنهنجون شڪايتون آهن. هن فلوٽيلا وارو منصوبو هڪ پراڻي تصور مطابق جوڙيو ويو آهي. مکيہ ڪئبنون Cabins عرشي جي هيٺان هونديون آهن. جيڪي ڏاڍيون گرم ٿينديون آهن جن ۾ ماڻهو ويهي ڪونہ سگهندو آهي. اهي وري هونديون آگبوٽ جي پاڇيل ۾ آهن. جيڪي ڪاٺ جي مٿي ۽ دونهين سان ڀريل هوندا آهن. انهن ڪئبنن کي پليون Bridges ڪونہ هونديون ۽ ڏسڻ ۾ سنيون ڪونہ لڳنديون آهن. هي اوپارو سفر مهانگو ڪونہ هوندو آهي. جنهن ۾ اٺ يا نَوَ ڏينهن لڳي ويندا ۽ ڀاڙو 93 رپيا وصول ڪندا آهن. پر لهنواري سفر جا 62 رپيا وٺندا آهن. جيڪو فقط ٻن ڏينهن ۾ ختم ٿي ويندو آهي، تنهن ڪري اهي ڏيهي ٻيڙيون بہ ڪم آڻي ڪونہ سگهندا آهن. تنهن ڪري اهي بہ منجهائن ائين خوش آهن. جيئن برازيل خچرن جا مالڪ سائو پالو ريلوي Saw Paulo Railway مان خوش

آهن. جڏهن لوهه جي هڪ سيخ سکر پهچندي آهي تہ ان جو پاڙو بلڪل مناسب ۽ گهٽ هوندو آهي، پر جيڪڏهن ٻئي پاسي کان ڏسجي ٿو تہ اهي آگبوٽ ڏاڍا صاف ۽ آرام ده هوندا آهن. ڪاڏو پيٽو بہ صاف هوندو آهي. مسٽر ٽي جي نيونهام T.G.Newn ham سنڌ لاءِ ڊپٽي ايجنٽ آهي، جيڪو مزاج جو سنو ماڻهو آهي، سندس قائم ڪيل نظام ۾ ڪنهن بہ قسم جي اوڻائي ڪانہ ڏسبي آهي، تنهن ڪري آگبوٽن جا ڪئپٽن بہ سندس نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

سائين جان بل! مان اوهان جو ڌيان هن قسم جي خشڪ موضوع ڏانهن ڇڪائي جڻ مان آئنو ڪم ڪيو آهي، پر هاڻي اسان هن ڪئپٽن بابت ڳالهائينداسون. جيڪو ڪڏهن اوپارو پيو اوليندو آهي تہ ڪڏهن وري لهنوارو ٿي لهرين سان لڙندو ويندو آهي، جڏهن وڏاندري واءُ تي لهريون ايري اچي آڏو بيهنديون آهن تہ هن جي نرڙ ۾ گهُنجهن جو جار وڇائجي ويندو آهي، انهن کي ڏسي سنڌي دل خوشيءَ وچان جهومندي آهي، ڪڏهن وري پَو ۾ پاوانٽيون بہ کائيندي آهي، ڪڏهن مٽاچرو نرم ۽ چمڪدار ڏسبو آهي. ڪڏهن ائين نظر ايندو آهي تہ ڪنهن جڻ تيل هاري ڇڏيو آهي. ڪڏهن ڪُنَ ۽ ڪولاهل ڪڏهن شينهن جي گجڻ جهڙا آواز ڪڏهن انسان دوست سامونڊي جيوت وانگي موتين جهڙا اچا ڏند ۽ پورا چپ ڪيدي اسان کي ڏسي کلي رهيو آهي. اوهان عربن جي قصن ڪهاڻين ۾ بہ اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون هونديون. هي سنڌو خوف، خوشيءَ ۽ وجدان جو هڪ مرڪب آهي. سامونڊي جيوت "آدمي — البحر" ڪانہ آهي، پر اهي تہ جڻ قاصد ۽ پڙهي ڏيڻ وارا هوندا آهن. ۽ انهن جو پاڻي وسيلي سفر ڪناري سان پنڌ ڪرڻ واري سفر کان وڌيڪ سولو ٿيندو آهي. هو پنهنجو سامان ٻڌي ننگ ناهيندو آهي. پنهنجو ڏندڻ پٽڪي جي ور ۾ اُٽبي سٽائي سفر تي نڪري پوندو آهي. ڪنهن يهودي سياح يا خواجہ خضر جيان سپ لاڳاپا لاهي گهمڻ ڦرڻ شروع ڪندو آهي ۽ ان درياه وسيلي سفر ڪندو آهي، جنهن جون ابهريون لهريون ڪنهن جي ضابطي ۾ ڪونہ هونديون آهن. هن کي ڪارڻ لاءِ وٽس ٽُنبو Gourd يا سيٽاهہ جنهن جا بہ پاسا هن جي سٿرن سان ڳنڍيل هوندا آهن ۽ سندس پيٽ ان مٿان ٽڪيل هوندو آهي، ترڻ جو هي طريقو ڪڏهن مهاڻا بہ ڪم آڻيندا آهن.

توهان کي خبر آهي تہ هتان جا مهاڻا پلي جو شڪار ڪيئن ڪندا آهن، جنهن کي انگريزيءَ Sable Fish ۽ گنگا واري علائقي ۾ هِلس ڪوٺيندا آهن، ان کي ڪِلو پيا (5) Clupea بہ سڏيو ويندو آهي، پر هن کي خاص

ڪري سنڌوءَ جي سالمن Salmon جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هڪ سياح هن شڪار کي ”مهاڻن جي جستجو“ سڏيو آهي. پلي جي شڪار دوران مهاڻو پاڻيءَ جو شڪاري جانور بڻجي ويندو آهي. هن ڏنڌي کي عام طور سنو ڪونه سمجهيو ويندو آهي. جڏهن بازارين ۾ ماڻهن جي پيهه لڳي پئي هوندي آهي تہ هي مهاڻو اڪيلو وتندو آهي. لهرين ۾ لڙهندو. پلي مارڻ جا خاص ماڳ سيوهڻ، سيتا ۽ سکر آهن. پلو درياهہ ۾ اوپارو هلندو آهي، ۽ مهاڻي جي ننڍڙي ٻيڙيءَ سان گڏ چار بہ هوندو آهي. مهاڻي کي ان وقت مٿي تي وڏو پٽڪو ۽ هيٺ فقط لنگوٽي هوندي آهي. هو اهڙي شڪار لاءِ هڪ دلو بہ ڪتب آڻيندو آهي، جيڪو رَءِ پڪل هوندو آهي، جنهن جي ويڪر تي چار فوٽ ۽ اوچائي بہ فوٽ ٽئي. هي خاص دلو حيدرآباد ۾ ٺاهيو وڃي ٿو. هن دلي ۾ سنڌوءَ جي لهرين جي سٽڪن سهڻ جي سگهہ هوندي آهي، پهريائين هو هيٺ جهڪي درياهہ جو سلام پريندو آهي، پوءِ پڙ پڙ جهڙا ڪي لفظ چوندو آهي، جن ۾ الله جو نالو بہ شامل هوندو آهي، ان کان پوءِ درياه ۾ گِهڙي، گهڙي جومنهن پيٽ هينان ڏيئي لهرين ۾ لڙهندو ۽ تار ۾ تڙڳندو ويندو آهي ۽ جنگهون ڏيڏر وانگر هڻندو اڳتي هلندو رهندو آهي، نيٺ وڃي درياه جي سِيرَ ۾ پهچندو آهي، جتي ڪيس پلي جي موجودگيءَ جي پڪ هوندي آهي. هڪ السٽرتيڊ ”Allustrated“ رسالي مهاڻي جو نقشو چٽيو آهي، هُن جي تحرير موجب هو پنهنجي ڳيٽيءَ جي ڳولا ڳُجهہ ۾ ڪندو آهي، جيڪا سنڌوءَ جي گاري جهڙي ميري پاڻي ۾ لڪل هوندو آهي. هن وٽ هلڪي ڪاٺ جي هڪ ڊگهي لٺ هوندي آهي. جنهن جي هڪ ڇيڙي ۾ ڇڪي جهڙي ڄاري لڳل هوندي. اها ڪاني گهڻو ڪري باهڻ جي وڻ جي هوندي آهي، عام طور تي باهڻ وڻ جي لٺ ٽن جڳهين وٽان ٻڌل هوندي آهي، يعني اها ٽن ٽڪرن جي ڳنڊيل شڪل هوندي آهي، هن سان هڪ رسي بہ هوندي آهي، جنهن سان قاتل پلي کي ڇڪي جهڙي ڄاري مان نڪري وڃڻ کان سوگهو ڪندو آهي، جڏهن هو پلي کي ڏسندو آهي تہ هو اڳتي وڌي ڇڪي واري ڄاري هينان ڏيئي مٿي ڪندو آهي، تہ پلو ڦاسي پوندو آهي، جنهن کي جهلي دلي ۾ اڇلي ڇڏيندو آهي، سائين جان بل! پلي جي شڪار مهل مهاڻو وڏي گجيءَ وارو ڏيرج وند هوندو آهي ۽ اورچ تي پنهنجي ڌنڌي ۾ رڌل رهندو آهي. هو ان وقت پاڻيءَ سان پاڻي ۽ پلي سان پلو تي ويندو آهي، اهو ڪيڏو هاچيڪار ۽ ڏکيو ڪم آهي، توهان تار ۾ نہ پر تانگهي ۾ وڃي مهاڻي وارو ڪم ڪري تہ ڏسو اوهان جي پيٽ هينان وارو دلو ڪسڪي ڪيڏانهن هليو

ويندو. توهان کان چڪي واري لٺ بہ ڇڏائجي ويندي. اهو دلو مار پويس ائين پيٽ هينان ڪسڪي ويندو. جيئن برف تان ماڻهوءَ جا پير ڪسڪي ويندا آهن. يا گهوڙي جا سنب ڪاٺ جي پسيل تختن تان ترڪي ويندا آهن. مان بہ اهڙو تجربو ڪري ڏٺو هو. ہڏڻ جو ڊڄ بہ ٿي رهيو هو پر اهڙي خطري کان بچاءَ لاءِ ماڻهو بہ بينا هئا. مان شروعات ۾ تہ پيٽ هينان دلو جهلي ڪونہ سگهيو هوس، پر پوءِ ڪامياب ٿي ويو هوس. تنبي سان ترڻ سولو آهي پر جيڪڏهن اهو بہ پيٽ هينان ڪسڪي نِڪري ويندو آهي تہ ان کي هٿ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو آهي. مهاڻن جو ٻار تہ ڄمندي ئي پاڻيءَ جو پؤنرو ٿيندو آهي، جنهن جي ساري زندگيءَ تار ۾ تڙڳندي گذرندي آهي. تنهن ڪري پاڻيءَ ۾ ٻُڏي ڪونہ سگهندو آهي، پر سندس حياتيءَ جو هر ڏينهن خوفن خطرن سان منهن ڏيندي گذري ويندو آهي، هن کي ڪنگهہ ۽ ذڪام جو خوف ضرور هوندو آهي. مهاڻو مڇي مارڻ لاءِ هميشهہ اوپارو ترندو آهي ۽ سنڌوءَ جي خاص ماڳ وٽ پهچي موٽندو آهي. سندس مٿي تي دلو رڪيل هوندو آهي، جنهن ۾ رڪيل پلا هن جي پيٽ گذر جو پورائو ڪندا آهن. ڪجهہ ڪائيندو آهي باقي وڪڻي زندگيءَ جون ضرورتون پوريون ڪندو آهي. وڏي پلي جي تور ہن کان ٽي پائونڊ هوندي آهي ۽ سندن وڌ م وڌ ڊيگهہ ويهہ انچ ٿيندي آهي، پر سڀ کان لِڏيڪ ساءَ وارو پلو اهو هوندو آهي جيڪو سکر بکر وٽ مرندو آهي.مڇيءَ جو هي قسم مارچ مهيني کان مرڻ شروع ٿئي ٿو پر هوندو ڇڊو پاڊو آهي، پر جون ۾ تمام گهڻو هوندو آهي. ليڪن پهريون نهايت قيمتي سمجهيوويندو آهي. جيڪو تالپر حڪمران کي ڏنو ويندو هو. معلوم ٿئي ٿو پلو بکر کان مٿي ڪونہ مرندو آهي، ملتان پرسان سنڌوءَ مان ڪڏهن ڪنهن اونهاري ۾ ہہ يا ٽي پلا مس مرندا آهن. مان اوهان کي ڪڏهن اها اجازت ڪونہ ڏيندس تہ اوهان سوئل پلو يا ڪر ۾ پچايل پلو ڪائو ڇاڪاڻ تہ اوهان هضم ڪري ڪونہ سگهندا, پر ساءُ سواد ايترو گهڻو ٿيندو اٿس جو اوهان ڪائڻ کان بس نہ ڪندا ۽ بيو ڪو پرسان وينل ماڻهو اوهان کي زوري بس ڪرائيندو. اوهان رڌل پلو ڪائي سگهو ٿا ۽ هيءُرُت پلي ڪائڻ جي آهي. اپريل جي ابتدا آهي ۽ هيءَ مڇي تازو سمنڊ جي کاري پاڻيءَ مان نڪري سنڌوءَجي مٺي ۾ داخل ٿي آهي، ان ڪري ڏٻري هوندي آهي، ڪي سياح هن کي گانگٽ سان پيٽا ڏيندا آهن. ڪي سالمن Salmon سان تشبيهہ ڏيندا آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ، هيءَ مڇي هيرنگ جهڙي سوادي آهي، پرمان هن کي بحرِ اوقيانوس جي Mackerel, مڇي

سمجهندو آهيان. سيئي ماڻهو منهنجي راءِ سان متفق آهن. ننڍي پلي ۾ ڪنڊا گهٽا ٿيندا آهن، پر وڏي پلي ۾ ڪنڊا ٿورا ۽ وڏا هوندا آهن. هتان جو هر ماڻهو ڪيترو به گهٽو پلو کائيندو آهي، ته ان کي چِيوري ويندو آهي، پر اوپري ماڻهوءَ کي پانءِ ڪونه پوندو آهي.

هاڻي ته ينگ ايجپٽ Young Egypt ۾ ٻڪائو گوشت به شيخ ۾ پچائي کائيندا آهن. Plum Pudding به ڪاڏي ويندي آهي. Boullon ۽ Bouili به تيار ٿيندي آهي، Macaroni ۽ Palpette به ڪاڏي وڃي ٿي. Olla Podrida ۽ Asado سان به شوق فرمايو ويندو آهي. ان ڪانسواءِ Kuskusu ۽ Ful Mudammas به پچايو وڃي ٿو. اهڙيءَ اولڊ ايجپٽ Old Egypt جي چؤنرن Beams کي به اباري ڪُهر ڪري ڪاڏو وڃي ٿو. هڪ سنڌي ڪان جيڪڏهن پڇبو ته نيرن جي ماني ڇا سان ڪاڏي اٿئي ته جواب ڏيندو پلي سان، منجهند ڇا ڪاڏو اٿئي ته وراڻيندو "پلو". رات جو ڇا ڪاڏو اٿئي ته جواب ملندو "پلو". هر سنڌيءَ لاءِ هن ساري دنيا ۾ پلي کان وڌيڪ پلي شي ڪانه آهي، هو ته چاهيندو آهي ته شال بهشت ۾ به پلو هجي، گهٽو هجي جيڪو کيس بنا دلي ۽ درياه ۾ گهڙڻ ۽ جنگهون پانهون هڻڻ ڪانسواءِ ملي وڃي.

سائين جان بل! هاڻي اسان کي ڪلاسيڪل درياه سنڌوءَ ڏانهن به ڏيان ڏيڻ گهرجي، جيڪو اوهان لاءِ ڏاڍو دلچسپيءَ وارو هوندو ڇاڪاڻ ته اوهان نيل درياه ته اڳيئي ڏسي چڪا آهيو. هن وهڪري واري حصي ۾ سنڌوءَ جي سراسري ويڪر 680 گز آهي، ڪٿي ٽن ميلن ۾ وڃي پهچندو آهي ته ڪٿي وري چؤڻ تي گهٽجي سوڙهو به ٿي ويندو آهي، تنهن ڪري جنهن جي ويڪر جا انگ اکر مختلف آهن. يوناني جاگرافيدانن به اهڙو ساڳيو احوال لکيو آهي. هن درياه جي هڪ اهم خاصيت ڏانهن اوهان کي ڌيان ڏيڻو پوندو جنهن جي ڪنارن وٽ پنج پشتا ڏنل آهن، جيڪي سکر، سيوهڻ، ڪوٽڙي، جهرڪ ۽ ٺٽي وٽ آهن. هنن مان چار الهندي يا ساڄي ڪناري جڏهن ته هڪ کابي يا اڀرندي ڪناري سان آهي، باقي بين علائقن ۾ هي وهڪرو جيڏانهن وڻندو اتس پيو ڦرندو گهرندو آهي. درياه جي پرن پاسن جو ڪري پاڻيءَ ۾ لڙهي وڃڻ به ڏيان ڇڪائڻ جهڙي ڳالهه آهي. اوهان درياهه جي جنهن ڪناري سان گهمي آيا آهيو تنهن هاڻي ڏار ڏني آهي. ٿوري وقت کان پوءِ ڏار ڏنل وارو سارو ڪپر ڏوُ وڃي درياهه ۾ ڪندو. ان ساري ڪپر کي وهڪرو هينان کائي ويو آهي. توهان جي اکين آڏو 50 فوٽ ڊگهو، ويهه فوٽ ويڪرو ۽ 15 فوٽ گهرو زمين جو ٽڪرو وڃي پاڻيءَ ۾

ڪرندو. درياه جي اها پائيندڙ ڏاڍي خطرناڪ ٿيندي آهي. ماڻهوءَ کي خبر ئي ڪانه پوندي آهي، ته جنهن زمين ٽڪر تي هو آرام سان بيٺو آهي، سو ڪن پل ۾ درياه ۾ ڪرڻ وارو آهي. ان ڪان پوءِ ڏوڙ جو هڪ وڏو ڪڪر ڏسڻ ۾ ايندو آهي. محسوس ٿي رهيو هوندو آهي ته جڻ پر وارو ڪنارو لڏي يا ڏڪي ويو آهي ۽ گجگوڙ جهڙو آواز ٿيو ۽ ان قسم جي چپ مٿان درياه جو پاڻي وري ويو آهي. ٿوري وقت اندر پاڻيءَ جو وهڪرو ڪيس وهائي ڪٽي ويندو آهي. پرسان سگهارو ۽ ٿلهو ٻير بيٺو هو سو پاسي واري مٿي پاڙن مان نڪري وچڻ ڪري آئٽي پيو پر سندس مضبوط پاڙون ڪيس جهليون بيٺيون آهن. ڏسو ڏسو اهو به پاڻيءَ ۾ ڪري رهيو آهي. سندس چوٽيءَ وارو پاسو پاڻيءَ ۾ ۽ پاڙون مٿي تي ويون آهن ۽ بوڙيا ڪيندڙ پوري پاڻيءَ ۾ گم ٿي ويون آهن. ٻن ٽن سالن جي پائيندڙ ڪان پوءِ درياه جو ڪنارو ڪاڇي پنجاهه سٺ فوٽ پوئتي هٽي ويندو ۽ ٻير ٻانڊ جي شڪل ۾ پاڻيءَ اندر لڪل هوندو. مون کي ياد آهي ته تيز رفتار ٻيڙي وچي اهڙيءَ ٻانڊ سان ٽڪري هئي ۽ سندس پاسا، تري ڪان جدا ٿي ويا هئا. اهڙيون ٻانڊون سنڌوءَ ۾ جام آهن. جيڪي نه رڳو ٻيڙين لاءِ پر آگبوٽن لاءِ به ڏچو آهن. جڏهن اهڙي ٻانڊ ڪنهن لڪل ٻيٽياري ۾ هوندي آهي ته آگبوٽ کي ڏاڍو هاڃو رسندو آهي، عام طور تي ٿيندو ائين آهي جو ڌرتيءَ جو مٿاڇرو پڪيءَ مٽيءَ جو ۽ اندريون پاسو وارياسو هوندو آهي، جيڪو پاڻيءَ لاءِ ڪائڻ ۽ پائڻ سولو هوندو آهي.

اهو ئي ڪارڻ آهي جو نيل جو پاڻي ڳاڙهسرو ۽ سائو هوندو آهي، سنڌوءَ جو پاڻي لُڙهه ۽ پورو هوندو آهي، خشڪ موسم دوران هن جو پاڻي ڏاڍو صاف هوندو آهي، پر برساتين ۽ چاڙهه جي رت ۾ نيرو ۽ هلڪو سائو ڏسبو آهي، جڏهن ڏکڻ جي تيز هوا گُهلندي آهي ته پاڻي ۾ ڳاڙهسريون ليڪون نظر اينديون آهن. ڳاڙهي پاڻي جي ٻنهي پاسن ڪان پورو پاڻي هجڻ ڪري معلوم ٿيندو آهي ته گهري صاف پاڻيءَ هيٺان پورو ۽ ڳاڙهو پاڻي آهي، هاڻي چاڙهه جي ابتدائي موسم آهي ۽ پاڻي لڙيو ۽ ميرو ان ڪري آهي جو هن وهڪري ڪنهن شهر کي پائي وهائي چڏيو هوندو. سيپٽمبر مهيني ۾ پاڻيءَ جي هڪ قطري ۾ واريءَ جا ايڪونجاهه ذرا هوندا آهن.جڏهن آڪٽوبر ۾ پاڻي جي في قطري ۾ ساڍا ايڪويهه ذرا هوندا آهن.

ان ڪانسواءِ سائين جان بل! اوهان کي اهو به ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته سنڌوءَ جو پيٽ اتر ڏانهن ڊگهو آهي ۽ الهندو ڪنارو اڀرندي ڪناري جي پيٽ ۾ وڏيڪ اوچو آهي. مان اهو به ڏنو آهي ته جيڪي درياه اتر ڪان ڏکڻ

هميشہ وهندا آهن تن کي پنهنجو هڪ مقرر اصول آهي، تہ اهي هميشہ ۾ الهندو ڪنارو اپرندي ڪناري جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اوچو آهي، مان اهو بہ ڏٺو آهي تہ جيڪي درياه اتر کان ڏکڻ وهندا آهن تن کي پنهنجو هڪ مقرر اصول آهي تہ اهي هميشہ پريون پاڻيندا رهندا آهن. مون اهڙيون ڳالهيون روس ۾ بہ ڏٺيون هيون ۽ سنڌوءَ ۾ بہ ساڳيون ڳالهيون موجود آهن، تہ هو الهندي پاسي ڏانهن سرڪندو وڃي رهيو آهي. اهو ڌرتي جي ڦيري ڪري آهي، جيڪا اوير کان اولهہ چڪر ڏئي رهي آهي، تنهن ڪري درياهہ بہ اولهہ ڏانهن رخ بدلائي رهيا آهن. ڌرتيءَ جي اهڙيءَ گردش جو احساس رات جو پاڻيءَ جي اونداهي مٿاڇري جي چرپر ۾ ڏينهن جي لهرين مان بہ ٿي سگهندو آهي. اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ سيوهڻ ۾ سکر وٽ درياه کي نانگ وڪڙ آهن ۽ ڀيٽ اندر سوڙها پر ڊگها ٻيٽ بہ نظر ايندا آهن. ان کانسواءِ مکيہ وهڪري مان ڪيتريون ئي چاڙهيون ۾ واهڙ بہ نڪرندا ڏسبا، جيڪي مکيہ وهڪري کي چنڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ان کان سواءِ پاڻيءَ هيٺان لڪل ٻيٽاريون ۽ واريءَ جا ڍها بہ هوندا آهن. جيڪي عربستان جي رڻ پٽ وانگر ڏسبا آهن. اهو جڻ اڇي پائوڊر جو ڌنڌ هوندو. هوا گهلڻ وقت ڪوهيڙي وانگي وسندو نظر ايندو آهي. جڏهن واءُ بند هوندو آهي، تہ واچوڙو اٿندو آهي ۽ اڇي اٿي جهڙي ڌوڙ جو هڪ ڊگهو ليڪو آسمان ڏانهن ويندو نظر ايندو آهي. معلوم ائين ٿيندو آهي جڻ ڏهہ جن ڌوڙ کي اڏاري رهيا هجن. سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن سان ٻوڙا ڪانهن ۽ نڙ جام هوندا. جيڪي ويهہ فوٽ کن ڊگها ٿيندا آهن. جن مٿان سنگ پيا ڏسبا آهن. لئن جا بہ قسم ٿيندا آهن. جن مان هڪ کي لؤ ۽ ٻئي کي جهائو سڏيو ويندو آهي. ٻيو وڻ ڪرور آهي، جنهن کي ڪرڙ چوندا آهن. هن وڻ ۾ پن ڪونہ ٿيندا آهن. هن کي C.Aphylla بہ چئبو آهي. هي تيز ۽ ڪوڙو ٿيندو آهي، تنهن ڪري اڌهي هن جي ويجهو ڪانہ ويندي آهي. هن جو ويجهو مائٽ ڍوڪر Dhokar يا C.Latifolia آهي، کيال Khayal يا کبڙ Khabbar کبڙ (6) Salva dora persica آهي، جنهن جي ڦل کي پيرون سڏيو ويندو آهي. هي وڻ بہ هتي گهٽو ڏسجي ٿو. چار بہ هن جهڙو وڻ آهي، جنهن جو ٻيو نالو Salvadora oleoides آهي. هن جي ڦل کي بہ پيرون يا مَڪَ سڏيندا آهن، جنهن وسيلي نانگن جي زهر جو علاج ڪيو ويندو آهي. خشڪ علائقي پيس Fan Palm يا Chamaerops بہ ٿئي ٿو. هن قسم جو ٻيو Euphor hiaceous بہ ٿيندو آهي. هن کان علاوه آڪَ يا هَڪُ بہ جيڏانهن ڪيڏانهن نظر ايندو آهي، جنهن کي Colotropis

hamiltoni بہ سڏيو ويندو آهي. هن جو ٻيو نالو gigatea پڻ آهي. ان ڪانسواءِ ڪٽڪ تمام گهڻي ٿيندي آهي، چٽا، مٽر، سرنهن رائي، ڄانيو بہ تمام گهڻو ٿئي ٿو. وڙنڻ، جوئر، ٻاجهري، نير جي پوک بہ جام ڏسبي آهي. اهڙيءَ ريت ٻيلا يا شڪارگاهہ بہ تمام گهڻا آهن. سنڌو درياہ جي ڪناري سان رڳو ٻيلا ڏسبا جيڪي حيدرآباد کان آمريءَ تائين پکڙيل نظر ايندا. هن شڪارگاهن جي حفاظت لاءِ هڪ ماڻهو مقرر آهي، جنهن کي پندرهن ٽالپر مدد ڪندا آهن. هن انسپيڪٽر يا ڪنزرويٽر جي هيٺان ٻيلدار يا راڪا هوندا آهن. اهڙن شڪارگاهن جو تعداد ستاسي آهي، جن تي لکين رپيا ساليانو خرچ ايندو آهي. اسان جو هڪ ننڍو آگبوٽ ٻارهن ڪلاڪن ۾ ٻاويهہ ٽن ڪاٺ ساڙيندو آهي، ڪاٺ جي اهڙيءَ کپت کي منهن ڏيڻ لاءِ سوچي رهيا آهيون تہ وڏيڪ ٻيلا پوکيا وڃن. ڪيترن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ وڻ جو ننڍو ٻوٽو ٽن سالن اندر وڏي وڻ تي ويندو آهي. آگبوٽ ۾ ٻارڻ لاءِ ڪم ايندڙ ڪاٺ ٻبر جو وڏيڪ سنو آهي. جيڪو سنڌ جي لاڙ واري حصي جو هڪ عام وڻ آهي. هن وڻ لاءِ چيو ويندو آهي، جيڪڏهن ان کي صحيح موسم دور ان ڪپبو تہ ان کي سرو ڪائي تباهہ ڪري ڪونہ سگهندو آهي. هن کي ڪاري ڪاٺ وارو ٻبر سڏيو ويندو آهي، ان کان سواءِ هتي لئي جو وڻ ٿيندو آهي، پر ٻاهڻ Willow Paplar جو ڪاٺ ٻارڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ درجو رکي ٿو. هن وڻ جو ڪاٺ نرم ٿيندو آهي ۽ گهڻو جنديءَ جي ڪم ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. هيءُ وڻ اتر سنڌ ۾ تمام گهڻو ٿيندو آهي. شڪارگاهن ۾ ٽالهيءَ جو وڻ بہ گهڻو ٿئي ٿو جيڪو ٻارڻ طور گهٽ ڪم آندو ويندو آهي، پر هن کي ٻين ڏنڊن ۾ ڪم آندو ويندو آهي. سيوهڻ جي اوسي پاسي ڪو وڏو وڻ ڪونہ ٿيندو آهي. ٻارڻ لاءِ ٻهاريءَ جي تيلين جيترا سنهڙا ٻوٽا ۽ ٽاريون ملي سگهنديون آهن. اسان آگبوٽ ۾ ويٺا آهيون، تنهن ڪري ٽن ڏينهن واريءَ مسافريءَ ۾ درياہ جي پرپاسي بيٺل وڻ ۽ ٻيا منظر مس ڏسي سگهنداسون. ڪاٺ مڏي Wood Station جي معني مٽن جي حساب سان هڪ هنڌ گڏ ڪري رکيل ڪاٺ هوندو آهي، جنهن جي حد بندي ظاهر ڪرڻ لاءِ چوڏاري وڏا لڪڙا هنيا ويندا آهن، ان جي واهت لاءِ پر وارن ڳوٺن جا ماڻهو رکيا ويندا آهن، جيڪي پرسان نهيل جهوپڙين ۾ رهندا آهن، اهڙيون ڪريون Whari يا بندرون Bandars برازيل جي درياهن جي ڪناري جي پورٽوز Portos جيان آهن. جيڏانهن بہ اک کڻي ڏسجي ٿو تہ اٺ، مينهون، ڳئون، گهوڙا، گڏهہ ٻڪريون ۽ رڍون جام پيون چرنديون. معلوم ائين ٿي رهيو آهي

تہ هن چوپائي کي پاڻي ڪتا پيارينندا آهن. جيڪي هن مال جي ڪڍ ڦرندا وتندا آهن. هي گري هائونڊ نسل جو ڪتو آهي. جيڪو قلات ۾ بہ ڏسبو آهي. هن قسم جو سارو چوپايو مال، عورتون، مرد ۽ ٻارڙا هڪ تلاءَ ۾ وهجندا آهن ۽ لڙئي پاڻيءَ اندر پيا تڙڳندا آهن. هي رت اهڙي رسيلي هوندي آهي جو هر هنڌ ميلا لڳا پيا هوندا آهن. هر هڪ ميلي ۾ هڪ هزار کان وٺي ٽن هزارن تائين ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن. اهڙا ميلا توهان کي قاهره ۽ سڪندريہ جي وچ تي ريل جي گاڏي مان بہ نظر ايندا. هر پتڻ تي جڻ ٻيڙين جو بہ ميلو ڏسبو آهي. ڦرٽيون ۽ چوڏيل بہ ڦرندا نظر ايندا. چوڏاري جهوپڙن جو منڊل هوندو آهي. ان ڪانسواءِ بہ چار تلها متارا سيٽ بہ پيا هيڏي هوڏي گهمندا ڏسبا. اهڙن موقعن تي ڪجاون وارا اٺ بہ ضرور هوندا آهن. اهڙن ميلن ۾ مسلمان بہ شريڪ ٿيندا آهن. جن کي وڏا پٽڪا، اڇا چولا ۽ نيري رنگ جون ڪانئچون پاتل هونديون آهن. جڏهن تہ غريب ماڻهن کي نير ۾ ٻڏل نيرا ڪپڙا پاتل هوندا آهن. هندن کي مٿي سان ننڍڙو پٽڪو هوندو آهي، جيڪو زور سان چڪي ٻڌو ويندو آهي، يا مٿي تي ٽوپي پائيندا آهن، هي قميص يا چولي بدران انگرکو پائيندا آهن ۽ ڌوتي ٻڌندا آهن. هن ميلي ۾ هندو عورتون گڏجي گهمنديون آهن جن کي مختلف رنگن جا ڪپڙا پاتل هوندا آهن. پر گهڻو ڪري ڦڪي ۽ هلڪي گلابي رنگ جا ڪپڙا هوندا آهن. ٻارڙن کي بہ رنگين ڪپڙا پاتل هوندا آهن، جيڪي ڪناري سان ڊوڙي جڻ آڳبوٽ سان گوءِ رکندا آهن. جيئنءَ اسان ڏکڻ ڏانهن وڌندا ويندا سون، تيئنءَ اسان کي ڳوٺ وڌيڪ سڌريل ڏسڻ ۾ ايندا. محسوس ائين ٿيندو تہ جڻ اسان نظام واري دکن ۾ پهچي ويا آهيون، چاڪاڻ تہ اهڙا ڳوٺ اتي بہ موجود آهن. سنڌوءَ جي ڪناري سان ٻيڙين جون قطارون بيٺل هونديون آهن، جن کي مختلف قسمن جا سڙهہ هوندا آهن. ڪي ماڻهو ڪناري سان ۽ ٻنين ۾ گهمندا ڦرندا آهن. اهڙو منظر ڏاڍو من موهيندڙ هوندو آهي. آڳبوٽ پنهنجي اصول مطابق سج لهڻ مهل لنگر هڻندا آهن. ڏيهي مسافر رڌ پچاءُ ۾ لڳي ويندا آهن. سندن ڪوشش هوندي آهي تہ ڪتان ڪير ۽ ٻوڙ رڌڻ لاءِ ملي وڃن. اسان جي رات وڻندڙ ٺڌڙي ۽ موهيندڙ ماحول ۾ گذري ويندي آهي.اهڙو تبديل ٿيل ماحول ٻئي ڏينهن ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ڪڏهن اسان کي گدڙن جون اونايون ۽ ڦيڪاريون ٻڌڻ ۾ ايندڙيون آهن. ڪڏهن وري اسان کي توبن جي گولاباري جهڙا آواز ٻڌبا آهن، جيڪي سنڌوءَ جي ڪناري جي ڀڪن ڪرڻ ڪري پيدا ٿيندا آهن. ڪڏهن اهڙيون ڀڪون درياهہ ۾

ڪرندي اکين سان بہ ڏسندا آهيون. سنڌوءَ جي ڪنار سان آباد وسنديون ۽ ڳوٺ ماڻ هوندا آهن ۽ ماٺهوا بدي سڪون ۽ آرام سان ننڊ ڪندا آهن. جڻ تہ لاش آهن. سيوهڻ جي اوسي پاسي منظر مختلف ٿي ويندو آهي ۽ ڏڻ ڏنار جام نظر ايندا آهن. کير ٿر جو جابلو سلسلو بہ سنڌوءَ جيان اتر کان ڏکڻ هلندو وڃي ٿو پر هڪ جڳهہ وٽ 1200 فوٽ اوچو جبل سنڌوءَ جي ڪناري گوني ڪُنڊ ناهي بيهندو آهي. هن قسم جي رنڊڪ ڪري سنڌوءَ جو رخ هميشہ ڦرندو گهرندو رهندو آهي. اهڙيءَ ريت 1844ع ۾ اسان سيوهڻ شهر جي گهرن پرسان لنگر هنيو هو. پر ڪجهہ وقت اڳ اهو ساڳيو وهڪرو هن قديم شهر کان ست اٺ ميل پري وڃي رهيو هو جيڪو هاڻي وري پوئتي هٽي وڃي اڌ پنڌ تي بيٺو آهي. سيوهڻ کان هيٺ اسان هڪ ننڍي ڍونڍيءَ ۾ پڳي ٿوڙهي ڳوٺ پرسان درياهہ اندر ترسيا هُئاسون. هن علائقي جي اوسي پاسي خشڪ ۽ ننڍيون ٽڪريون موجود آهن. جڏهن اسان سفر ڪندا اتر هليا هئاسون تہ انهن ٽڪرين وٽان بہ گذريا هئاسون. پر جڏهن مسافر آگبوٽ وسيلي اوپارو هلندو آهي تہ هي ٽڪريون عجيب غريب لڳنديون آهن. ان علائقي ۾ موجود هر ٽڪريءَ جي شڪل، بيهڪ ۽ ڪُنڊ هڪٻئي کان الڳ هوندي آهي. آگبوٽ بہ سنڌوءَ جي هن علائقي ۾ لنگر هڻڻ کان هترائيندا آهن. چاڪاڻ تہ هتي بين علائقن جي ڀيٽ ۾ گرمي ڏاڍي هوندي آهي. هن ٽڪريءَ جي سامهون هڪ لُڪَ آهي. جنهن کي ٽائيم ٽيبل ۾ مور لڪ لکيو ويو آهي. مئي جي مهيني ۾ هتي اولهہ وارو چؤماسو لڳندو آهي. ۽ تيز هوائون هونديون آهن. ڪنهن اڻ وڻندڙ حادثي جي ڊپ کان آگبوٽ جا مٿيان ڇاپرا بہ لاهيا ويندا آهن ۽ اڌ بار لاهي بيٽرائٽن جي حوالي ڪيو ويندو آهي. هنن تيز هوائن ۽ مينهن جي ڊپ کان بيڙائتا پاڻ بہ هيسيل ۽ هچاٽل هوندا آهن. سڪندر اعظم جي ائڊمرل نيرڪس Nearchus بہ ساڳيون دانهون ڪيون آهن تہ هوائون ايتريون تيز آهن، جو بيڙين تي ضابطو رکڻ ئي مشڪل هو جيڪي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي پيجي پيون هيون، جن جي مرمت ڪرڻ بنان سنڌوءَ وسيلي هاڪارڻ مشڪل ٿي پيو هو. اسان جي نيويءَ جي عملدارن پڻ اهو اعلان ڪيو آهي تہ چاڙهہ جي رُت ۾ سنڌو ائنٽلانٽڪ سمنڊ پار وارين سيني وڏين درياهن کان وڌيڪ خوفناڪ ٿيندو آهي. پر سائين جان بل! اوهان ڇا محسوس ڪيو آهي؟ هاڻي اچا تہ چاڙهہ جي ابتدائي موسم آهي. جيڏانهن نظر ڪر تيڏانهن ڪن بہ ڪولاهل آهي، دهشت ۽ دم آهي، لهرين ۽ ويرن جا واڪا آهن. پڪن

ڪرڻ جا آواز ائين اچي رهيا آهن. جڻ ڪاتوب گولاباري ڪري رهي آهي. توهان جو ساهه مُٺ ۾ آهي، خوف کان سُسي سوڙها ٿي ويا آهيو. سيوهڻ پرسان پڳي نوڙهي نالي ٽڪريءَ وٽ درياهه کي هڪ وڏو وڪڙ آهي. هن ٽڪريءَ جي تري وٽان اڙل وهندي آهي، جيڪا منڇر جو واڌو پاڻي ڪٽي سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندي آهي. هن وهڪري کي الهندي ناري جي پڇڙي به سڏي سگهجي ٿو. آگبوٽ جي عرشي تان هڪ جڳهه ڏسجي رهي آهي، جيڪا شهر کان اوچي آهي. ان کانسواءِ عيد گاهه ۽ چئن يارن واريءَ جڳهه جا منارا به چٽا نظر اچي رهيا آهن. هڪ اوچي ٽڪري ۽ هڪ بنگلو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو جيڪو اسان جي انجنيئرن تعمير ڪيو آهي، جيڪو "انڊس وئلي اسٽيٽ ريلوي" جي ملڪيت آهي. پرسان ئي ريل بند سان پورهيتن جون قطارون آهن، جيڪي ڪم ۾ رڌل آهن. هتي "مال پاسو" نالي هڪ ماڳ آهي، جنهن پرسان هڪ اونهون گهارو آهي، پاسي سان سنوَن سڌن پٿرن جا ڍير لڳا پيا آهن. شايد اهي ڌرتيءَ ڌڏڻ ڪري پروارن ٽڪرين جي چوٽين مان ڇڄي ڪسڪندا اچي هيٺ ڪريا آهن. هن ۽ پرواري ٽڪريءَ تي وهڪرن جا نشان آهن، جيڪي مينهن وسڻ تي وهي هلندا آهن. هن جڳهه لاءِ اسان ورنر Werner جو قائم اصول قبول ڪونه ڪنداسون. سنڌوءَ جي صفا سامهون ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي هڪ جڳهه آهي، جنهن کي "دريالو" سڏيو ويندو آهي. پر واري جبل تي ڪتي جي قبر آهي، جنهن جو واسطو آرين واري دور سان آهي، چيو ويندو آهي ته هڪ غريب جابلو ماڻهوءَ اچي هڪ مهاجڻ کان قرض ورتو هو ۽ قرض جي واپسيءَ جي ضمانت طور پنهنجو ڪتو ڪيس ڏنو هئائين، جنهن سان هو تمام گهڻو پيار ڪندو هو هن مهاجڻ کي يقين ڏياريو هو ته اهو ڪتو ڏاڍو وفادار ۽ ڪڙهه جو ناهوڪو پسُو آهي. ٿوري وقت کان پوءِ ان مهاجڻ جي چوري ٿي جنهن ۾ سندس قيمتي شيون چور ٻهاري کڻي ويا هئا پر اها چوري ان ڪتي جي سڃاڻپ ڪري مالڪ کي موٽي ملي هئي، ان کان پوءِ مهاجڻ چا ڪيو جو هڪ چٺي لکي ڪتي جي ڪنڌ ۾ ٻڌي مالڪ ڏانهن موڪلي ڇڏيائين. جنهن ۾ مهاجڻ لکيو هو ته "تنهنجو قرض ملي ويو هاڻي تون ان کان آجو آهين" ڪتو ڏاڍو خوش ٿيندو مالڪ ڏانهن واپس اچي رهيو هو جيڪو پئسا ميڙي چونڊي مهاجڻ کي ڏيڻ جون تياريون ڪري رهيو آهن. هن جي جڏهن پنهنجي ڪتي تي نظر پئي ته هن سمجهيو ته اهو بي وفائي ڪري مهاجڻ کي ڇڏي آيو آهي، تنهن ڪري ڪيس چيائين "ڦٽ هجئي" (معنيٰ لعنت هجئي) تو ته

مون کي ذليل ۽ خوار ڪري ڇڏيو. ڪتو پنهنجي مالڪ جا اهي اڻ سوهندا لفظ ٻڌي ذک ۾ ڪري پيو ۽ مري ويو جڏهن ڪتي جي مالڪ اصلي ڳالهه ٻڌي ته هو ڏاڍو پشيمان ٿيو پر ڏڌو کير ٿڻين نه پوي. هن انهيءَ ڏک ۽ پڇتاءُ ۾ ان وفادار ڪتي جي قبر ٺهرائي، جنهن تي هڪ سئو رپيا خرچ ڪيو. هن ڪتي بابت مختلف ڳالهيون بيان ڪيون وڃن ٿيون. مسٽر اي او هيوم لکيو آهي ته جابلو ماڻهوءَ ان ڪتي کي ڪهاڙي سان ماري ڇڏيو هو مان سمجهان ٿو سنڌي اڳرائي ڪونه ڪندو آهي ۽ ڪتن جي موت کان ڏاڍو پڇتائيندو آهي. اڙل کان پار جت برادريءَ جا ماڻهو ڪتن جي تمام گهڻي عزت ڪندا آهن، عرب دور ۾ هر حڪمران جو حڪم هو ته جڏهن به ڪو جت ساڻس ملڻ اچي ته مون کي تحفي طور ڏيڻ لاءِ ڪتو ضرور ڪاهيون اچي، هن حقيقت مان معلوم ٿئي ٿو ته جتن وٽ يلي نسل جا ڪتا هوندا هئا.

آمري آگبوٽن جي ٻارهين اسٽيشن آهي، جيڪا سنڌوءَ جي ساڄيءَ ڪنار سان ۽ سيوهڻ هيٺ پنجويهه ميل پري آهي. هن علائقي ۾ ننڍا ننڍا قبا موجود آهن، جيڪي جهوپڙين کان اوچا ڏسبا آهن، پر سان هڪ وڏو دڙو آهي، امڪان آهي ته اهو متان سنڌ جو ڪو قديم ماڳ هجي، جنهنجو هڪ سوڙهو پاسو 450 گز ٿيندو. عام طور تي چيو ويندو آهي ته هي به سڪندر جي قلعي جو کنڊر آهي، توهان ته سيوهڻ به ڏٺو هو ۽ ان جي زبون حال قلعي کي به گهمي ڏٺو هو. ماڻهو چوندا آهن، اهو قلعو به سڪندر ٺهرايو هو. سائين جان بل! مان آمري کان پرئين پاسي واري علائقي بابت ڪجهه به ٻڌائي ڪونه ٿو سگهان. توهان سنڌ گهمي ڦري ڏٺي آهي. ان سان گڏ سنڌوءَ کي به چڱيءَ ريت جا چيو پڙتاليو اٿئي. توهان کي اهڙي جاڻ ضرور ملي وئي هوندي ته سنڌ ۽ مصر ۾ ڪهڙيون هڪ جهڙايون آهن. توهان کي پنهنجو فڪر ۽ فهم آهي ۽ اوهان جي هن گائيڊ به تمام گهڻي معلومات فراهم ڪئي آهي. تنهنڪري اوهان ٻنهي ملڪن وچ ۾ موجود فرق به سمجهي ويا هوندا. ان کانسواءِ هي ڌرتي اندو_ آرين نسل جي ماڻهن جي پلجي وڏي ٿيڻ وارو ڏيهه آهي جن هتي اچي پنجاب جي والار ڪئي هئي. ايچ ايچ ولسن جو خيال آهي ته اهي ماڻهو ڇهين صدي ق. م کان اڳ هتي آيا هئا. ورد ۽ پراڻ به هن ڌرتيءَ تي لکيو ويو هو. رام ۽ سيتا بابت به ڪي اهڙيون روايتون آهن. ته اهي به بنواس يوڳڻ دوران سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ آيا هئا ۽ اهڙيون روايتون هڙ هندوءَ واتان ٻڌيون وينديون آهن. توهان اهو ٻڌائي سگهندا ته گهڻين ڳالهين جي هڪ جهڙائيءَ هوندي هنن ٻنهي ضلعن جي فن ۽ ڪلا ۾

ايڏو واضح فرق چو آهي، مان سمجهان ٿو اوهان منهنجي هن نقطئہ نظر کي بڌڻ لاءِ ڪن ڪڙا ڪيون وينا آهيو. مان برهام زينڪي Barham Zineke جي هن خيال جو ڪڏهن بہ حامي ڪونہ آهيان، جنهنجو خيال آهي تہ هندستان جي ماڻهن کي هجرت ڪرائي نيل درياهہ جي ٻنهي ڪنڌين ڪنارن سان آباد ڪيو ويجي. هن وڏي اپيٽ جا ماڻهو غارن ۽ گفائن ۾ گذاريندا هئا. هي ماڻهو وڏي واڪ چوندا آهن تہ هنن پنهنجي ديوناگري لکت بہ Phoeniclain کان ورتي آهي، جنهن مان معلوم ٿي وجي ٿو تہ آر ورت بر آمد نہ پر مغرب کان درآمد ڪئي آهي. اڳئين دور واري شوقين جو واسطو بہ مغرب سان آهي. شام قديم مصر جي پيڻ آهي، پر هيءَ اهڙي اهم جڳهہ ڪانہ آهي، جتي دنيا جون مختلف قومون اچي ڪڏهن گڏ ٿيون آهن. هي ڪو اهڙو عام خطو ڪونہ هو جتي مشرق ۽ مغرب جا ماڻهو اچي هڪ ٻئي جي سامهون وينا هجن، هڪ فڪر ٻئي فڪر سان ڳالهين جي ڏي وٺ ڪئي هجي ۽ اتر ۽ ڏکڻ جي گڏيل خيال ڪري "پرومٿينين" شعلا ٻري نڪتا هجن. ينگ ايجنٽ هڪ ڪنڌ ۾ موجود آهي، جيڪا مادي ۽ روحاني طور الڳ بيٺي آهي. جيڪا اتر ۽ الهہ کان گهٽو پري آهي. هن جي آمد رفت جو وڏو وسيلو پاڻي آهي، جيڪو نامعلوم جبلن جي وچ ۾ آهي ۽ اڳتي وڃي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو. حقيقت اها آهي تہ اهو هڪ قدرتي لنگهہ آهي، جيڪو هڪ نانهن nothing کي ٻيءَ نانهن سان ملائي ٿو. هن ڌرتي سماجي اوسر لاءِ ڪو ڪردار بہ ادا ڪونہ ڪيو آهي. هندو برهمڻ ۽ راجپوت مختلف ستن ذاتين ۾ ورهايل آهن. (7) جنهن جو هڪ ٻئي سان ڪو رابطو ڪونہ هو. اهڙيءَ ريت سماج پنهنجي تخليق سان ئي جمود جو شڪار ٿي ويو ۽ اڳتي وڏي تهذيب ٻڌجي ڪونہ سگهيو. تنهن ڪري ماڻهن کي قانون ڏئي ڪونہ سگهيو. انڪري سنڌ پنهنجو مقدر پاڻ ٺاهيو جيڪو بلڪل سادو هو. ان جي پيٽ ۾ قديم مصر جا يادگار انسان ذات جي رهبري ڪن ٿا، جن کي دنيا ڏسي عبرت حاصل ڪري ٿي.

باب ايڪتيهون

# ريلوي_ ڪراچي ڏانهن واپسي، يادگيريون، سنڌ ۽ پنجاب جو سنگم_ اختصار

سائين جان بل! اسان لهرين سان لڙندا، سنڌوءَ جون ڪنڌيون ڪنارا ڏسندا خير سان هاڻي حيدرآباد وارو بندر اچي پيتيو اٿئون. سج اولهه ۾ جهڙڪي رهيو آهي، پکي به ولر ڪيو واهيرن ڏانهن وڃي رهيا آهن ۽ اسان ڪونڙي واري علائقي ۾ پهچي چڪا آهيون. هن وقت مون کي ٽروجن Trojan جي مقدس يادگيري اچي رهي آهي، جيڪي درياهي سفر ڪري اچي پهتا هئا ۽ استواگي اچي ڪناري کي ڇهيو آهي، سياڻي ڪراچي هلنداسون. ان شهر ڏانهن فقط هڪ گاڏي آهي، جيڪا 30_7 صبح جو هتان نڪرندي. حيدرآباد اينڊڙ ريل گاڏي ڪراچيءَ کان هڪ ڪلاڪ اڳ رواني ٿيندي. اسان پنهنجي چئن نوڪرن لاءِ ٽرڊ ڪلاس بدران فرسٽ ڪلاس جي ٽڪيٽ وٺنداسون، ائين ڪرڻ سان اسان جي سامان لاءِ هڪ جدا گاڏو هلندو جيڪو سامان وارن ريل جي گاڏن سان ملايو ويندو. مان هن ريلوي جون اوڻايون ڏينهن ڏني جو ڏيکاريندس ۽ ٻڌائيندس ته هي ريلوي برطانيه جي نهايت خراب علائقي ۾ شروع ڪئي وئي آهي. سفر ۾ ان جو بيان اهڙو بيڪار آهي، جو ان جو ته ذڪر ڪري ڪونه ٿو سگهجي. ڪير به ڊان Dan ۽ بير شيبا جي وچ واري علائقي ۾ زبان کولي ڪونه ٿو سگهي، پر هلڻ کان اڳ ۾ اچ ته چٽساليءَ جي ٽڪرن کي پاڻ ۾ ملايون، جن جو تعلق ريلوي سان آهي.

اسان هاڻي جڏهن سفر ڪندا اُتر سنڌ ڏانهن وڌيا هئاسون ته اسان پراڻو نه پر نئون رستو اختيار ڪيو هو جيڪو انڊس وئلي اسٽيٽ ريلوي واري بند سان متوازي هلي رهيو هو پر اسان کي هاڻي اسٽيٽ لفظ بدران

امپائر Empire جو لفظ ڪتب آڻڻ گهرجي. سو هاڻي ان امپائر جي خواهش آهي تہ سنڌ پنجاب ۽ دهلي ريل، مارڳ (بند) کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏجي، اهڙيءَ ريت ڪراچي ڪوٽڙي سکر ۽ ملتان کي ڳنڍي ڇڏجي، اهڙي ريت هندستان جي انگريز سرڪار جو مقصد آهي تہ ريلوي جي مختلف حصن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جي ڪم تي خاص توجهہ ڏني وڃي، پر اهو ڏيان ڪونہ ڏنو ويو آهي، تہ ان جو نتيجو ڇا نڪرندو پر اسان اهڙو ڪري تہ رهيا آهيون مگر بهترنتيجن جو يقين ڪونہ آهي. اسان سڀ ڳالهيون سياڻي تي ڇڏي ڏنيون. اهو آهي پٽ جي آسري تي درياهہ ۾ گهڙڻ. چريو چوي سياڻو وينجائي، پر سرڪار جو اسان جي واڪا ڪرڻ تي ڪن بہ ڪونہ لڏندو. سياڻا چوندا آهن تہ اول اٺ جو گوڏو ٻڌجي پوءِ توڪل ڪجي. اسان جي سرڪار بہ آهي هاڻي انڌي گهوڙي تي سوار، مون کي تہ پڪو ويساهہ آهي تہ سرڪار هنن الوٽين ڳالهين ۾ سوپاري ڪانہ ٽيندي، اختيارين وارن جو جڏهن پٽ سان منهن لڳندو تڏهن کين پتو پوندو سچ چئبو تہ پَٽُ آ ڦڪو اهي خانگي ڪمپنيون بہ اهڙيون آهن جو پراڻي ماهہ ۾ ڪاتي ڪپهہ کان ڪُٺڻري، پئسو پاڻيءَ ۾ سرڪار جو ويندو. ڏوہيءَ جي گهرئون ويندي رڳو شوُ هنن ڪمپنين تہ ساري ڳالهہ ئي ڳُڙ ڪري ڇڏي آهي. بد نظميءَ جو شڪار پاڻ آهن، مهڻو سرڪار تي، هلڻ ڪانئن نہ پڄي، لڪ لعنت گوڏي تي. هاڻي تہ هن اپبيٽ جي آمد رفت جو سارو نظام کنا ڪيڙا تي ويو آهي.

اجا تائين "انڊس وئلي اسٽيٽ ريلوي" جو تہ ڪودو ئي ڪوهہ ۾ آهي. هن وقت تائين ڪک پڇي ٻيٺو ڪونہ ڪيو اٿس، سندس حال ائڊٖوِن آر نولڊ جي هن شعر جيان آهي:

هڪ شيطان گهوڙو
سنڌ ڏانهن اچي رهيو آهي
سندس پيٽ باهہ جي آڙ ۾
۽ طوفان سان پريل آهي،
پر هتان جي ڏاهي راجا
وٽ اهڙو گهوڙو ڪونہ هو.

هن ڪم جي ابتدا 1872ع ۾ ٿي هئي، ڪل فاصلو 270 ميل آهي، سرڪاري عملدار الله تي آسرو رکي ويٺا ٿا مکيون مارن. پنڌ تہ هلڻ سان ڪٽندو ڏوڪڙن جون بہ ڳوٽيون کپي وڃن، جنهن جو وڏو حصو پريس جهانيوڻي ورتو آهي. عملدار بہ پاسن بدلائڻ ۾ پورا آهن. هو تہ چاهن ٿا تہ

سنڌن منهن تان مکيون بہ ڪو ٻيو هڪلي، ڇو تہ هوا وباسين ڏيڻ کان واندا ڪونہ آهن. اهڙيءَ ريت سرڪار نامدار جو ڪم طوفاني تيز رفتاري سان هلي رهيو آهي، جيڪو اجا تائين ڪاڳرن کان ٻاهر ڪونہ نڪتو آهي. ڪو عرصو ٿيو آهي جو فوج بالا ڪلاوا Balaclava ۾ ننگي پيرين دشمن سان وڙهي رهي آهي. بوٽن جا ڀريل جهاز ٻارهن مهينن کان بندر تي بيٺا آهن. حيدرآباد کان مٽان هلندڙ ريلوي پٽڙي جي ڪم وقت جڏهن گارڊ جاچي ڏٺو تہ فش ـ پليٽون ڪونہ آهن. انهن بابت جڏهن سرڪار جي ڪارندن کان پڇيو ويو تہ جواب مليو تہ اهي انگلينڊ ۾ وسري ويون آهن. بجليءَ جي تارن وڇائڻ جو ڪم بہ ڏاڍي تيز رفتاريءَ سان ٿي رهيو آهي، پر تارن ۾ لڳندڙ ٻٽڻ وري اسٽورن Stores ۾ پيا آهن ۽ اسٽورن سان لاڳاپيل سارو عملو ڏکيءَ موڪل تي انگلينڊ هليو ويو آهي. اهي سڀ راز ۽ نياز جون ڳالهيون آهن. صنعتڪارن، اسٽورن ۽ خانگي ڌنڌن جي مرڪزن جو پوتا مل آهي، ناني رڌڻ واري ڏوهتا ڪائڻ وارا. هوڏانهن وري سرڪاري ادارن طرفان هڪ اهم منصوبي لاءِ مهم چالو آهي. اڳلا سودو ئي ڪونہ ٿا سلين، سرڪار جو زور اُتل تي، جڏهن انگريز عملدارن جي وس کان ڳالهہ چڙهي وئي تہ پوءِ چونہ اهو ڪم فرينچ انجنيئرن حوالي ڪجي.

هاڻي ٻڌو آهي تہ هڪ اهم شخصيت ڪُريت ڪري پنهنجو پاڻ کان شرمائجي وئي آهي ۽ ريلوي جي ڪم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪيس جهڙو آيو آهي ۽ هڪ ملين پائونڊ اسٽرلنگ منظور ڪيا ويا آهن تہ جيئنءَ ڪوٽڙي کان سَنَ تائين ريلوي بند کي وڌائي سگهجي. رپورٽ ۾ چيوويو آهي تہ جون 1876ع کان ڪوٽڙي کان سن تائين ڪم جي شروعات ڪئي ويندي هي ماڳ سيوهڻ ڪجهہ فاصلو هيٺ آهي، پر مون کي هن ڳالهہ تي ويساهہ ئي ڪونہ ٿو ٿئي. مان پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي تہ ننڍين پلين جي اڌ ۾ ڇڏيل ڪم کي مڪمل ڪرڻ عملدارن کان وسري ويو آهي. اُٺ تہ تڏهن ٿي رڙيا جڏهن ٻورا ٿي سبيا. مان تہ اڳي چئي چڪو هوس تہ اهڙو ادارو قائم ڪيو وڃي، جيڪو انهن ڦڙت آفيسرن کي ياد ڏياري تہ فلاڻو ڪم اڌ ۾ ڇڏي مڪمل ڪرڻ وساري ڇڪا آهيو اها ڳالهہ فقط ايتري ڪانہ آهي. هن وڏن عملدارن وڏيون ۽ اهم پليون جوڙڻ جو ڪم تہ شروع ئي ڪونہ ڪيو آهي، پر جيڪڏهن انهن جو ڪم بہ اڌ ۾ ڇڏي مڪمل ڪري وساري ڇڏيائون تہ پوءِ سرڪار جو لڏوئي لٿ آهي. ان ڪانسواءِ مان اهو بہ ڏٺو آهي تہ ريل جو بند گهٽين، جڳهن وتان گهٽو هيٺ آهي، جيڪو سنڌوءَ جي چاڙهہ

جي پاڻي ۾ مينهن ڪري هنڌئون هنڌئون ڏري پيو آهي ۽ ڪن جاين تي ويهي ويو آهي، ڪاٺيءَ جي ڪاج ۾ ڇيڏڪ به گهڻا. هڪ ته ريل جو ڪم ٿئي ڪونه ٿو پر جيڪو به ٿيو آهي، تنهن ۾ ٿيجهڻ پئجي ويا آهن. سنڌوءَ جي ڪنار سان لاهيون ۾ چاڙهيون به جام آهن. انڪري بند جي هر هڪ فوٽ ڪي چڱي ريت نڪي نوڪي، جاچي پرکي ڏسجي ته اهي نيڪيدار الهو پلهو ڪري ڪم پورو ڪري بوڇڻ ڪلهي تي رکي هليا ويندا ته پوئتي به ڪونه ڏسندا. سرڪاري عملدار به پٽن جاپيءَ بئي ٻانهون سيراندي ڏيون وينا آهن. پئسو سندن ڪيسن مان نڪري ته ڪين ڇهندڙي به پوي، پر لڪيءَ يا سيوهڻ وٽان هن بند کي وڏائي ٻيڻو ڪيو پيو وڃي. هن جو اصلي نالو "مور لڪ" آهي پر سندس Luck ته لڪيل ٿي ڪونه آهي، پر ڇني رات ڏڪا ۾ ٿاٻا لکيل آهينس، هي به لڪ ڄڻ يو مينڊس Eumenides وانگي ڇنيءَ جو ڇورو ۾ ڇوئنڪ ڇندو آهي، پر هن بند جي حصي جو نيڪيدار مسٽر ڊاوڊ مئڪنزي جهڙو مٺيادار مڙس آهي. سندس پيير سرها ٿيندا ۾ ڳهو چاڙهي وجي پار پوندو. ڪراچي واريون "نيپئر بئرڪس" به هن ماڻهو جي پورهئي جي پاڇي آهي، ٻڳي نوڙهي واري لڪ جو ڪم به ڪيس مليو آهي، جيڪڏهن هي اڻ تر ماڻهو ڪم ڪرڻ تي سندرو ٻڌي ٻيهي ويو ته ڇپون ڇيتيون تي ويندون، ڪيس سيوهڻ ۾ سکر جي وچ تي 120 ميل ڪم مليل آهي، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ سال ته ڪائي ويندو هي ڪم به اهڙوئي ڏکيو آهي، جهڙو ڪوٽڙيءَ ڪان وٺي سن تائين اهنجو آهي، سکر جي اوسي پاسي واري جوءِ ته سنڌوءَ جي اک ۾ هوندي آهي، منجهس ٿورو به چاڙهه ايندو آهي ته ان جوءِ جون هيٺ مٿاهيون پوڙي وجي توڙ ڪندو آهي. ڪشمور وارو بند به ساڳيو ڏچو آهي. جيڪڏهن درياهه کي بند نه ڏنو ويو ته هن شهر جو بچڻ به يا الهي آهي. درياهه پرسان چوڪر ڪُڏي اچ نه ٻڌي، سيان ٻڌي، اها به پڪ ڪانه آهي ته اسان جي جاڪوڙ هٽي وجي هنڌ ڪندي، پر جيڪڏهن هندستان ۾ انگلينڊ جا انگريز هن ڳالهه ۾ هٿ ڳنڊيندا ته ٻيڙا وجي ٻني لڳندا. گهڻين هٿين ڇپر به ڪجي پوندا آهن ۾ نيٺ وجي مقصد جو موتي ماٽبو.

سنڌوءَ جي اولهه ڪناري واري بند کي ڇڏي وري ڪم شروع ڪيو ويو هو. ان ڪري دير ٿي وئي هئي. هن ڪم جي بيهر ڇونڊ ان ڪري ڪئي وئي هئي، جو انهيءَ پاسي به وڏا شهر سيوهڻ ۾ لاڙڪاڻو موجود هئا جن کي ٻين علائقن سان ملائڻ لاءِ سکر - بکر - روهڙي واري پل جي تعمير لازمي

هئي، جنهن جي ڪاپي يا اپرندي ڪناري مير علي مراد خان ٽالپر جي هڪ آزاد رياست آهي. انگريز جي مرضي هئي ته ان کي لنوائي ڇڏجي ۽ انهيءَ ڪناري ريلوي بند جي تعمير نه ڪجي نه وري ريل ٺي هلائجي ۽ روهڙي — سکر ريلوي پل جي تعمير جو مقصد اهو به هو پر انهيءَ پاسي نوشهري ۽ هالا جهڙا اهم ماڳ هئا ٻي ڳالهه اها به هئي ته هي علائقو سنئون سڌو پٽ ۽ لاهين چاڙهين کان آجو هو ۽ اهڙو ڏچو ڪونه هو جهڙو سنڌوءَ جي الهندي ڪناري موجود هو ليڪن سرڪار جي سوچ هئي ته علي مراد جي رياست وٽان ريلوي بند تي ايندڙ خرچ ڳچيءَ ۾ پئجي ويندو ۽ پاڻيءَ جو اوپراسو ڪونه ٿيندو. نيٺ سوچيو ويو ته ڪوٽڙيءَ کانسواءِ ٻيا ماڳ به آهن، جتي سنڌوءَ مٿان پليون تعمير ڪرڻيون پونديون، ڇاڪاڻ ته آمريءَ وٽ به هڪ سوڙهو گهٽ آهي، جتان سنڌو مٿان پل اڏڻ جي ضرورت پئجي سگهي ٿي.

هاڻي اسان موٽي وري انڊس وئلي اسٽيٽ ريلوي يا سنڌ — پنجاب — دهلي ريلوي جي موضوع تي ڳالهائينداسون، جنهن جو چيئرمين مسٽر ڊبليو پي، ائنڊريوُ آهي، "جيڪو فرات، وئلي، شارٽ ڪٽ" جو پرجوش حامي آهي، سنڌوءَ جي الهندي ڪناري واري ريلوي لاءِ 29 — اپريل 1858ع ڌاران سوچيو ويچاريو ويو هو جنهن لاءِ اختيارن وارا ڪيرون لهڻن ٿا، ريلوي لاءِ انهيءَ علائقي جي چونڊ ته ڪرڻ ان کان به وڌيڪ چسائي هئي، ان جي ها بسن چٽائيس Hobson's Choice واري اصول تي چونڊ ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ اصول ته موجود ئي ڪونه آهي، پر جئرو جاڳندو پاڻ هابسن وينو آهي ۽ ان اصول جو هن ڪم تي نفاذ ممڪن ڪونه آهي. هن ڪم ۾ به ڳالهيون نظر اچن ٿيون. هڪ عقل، سيلم ۽ ٻيو ته سنڌوءَ جي وير ڪناري وارو قديم رستو اختيار ڪيو وڃي. جيڪو گهاري، ٺٽي ۽ جهرڪن وٽان گذري، جنهن کي Irans Indine Valley سڏي سگهجي ٿو. انهيءَ رستي جي نتيجي ۾ ديبل بندر وجود ۾ آيو هو. جنهن جي آدمشماري تي لک هئي، اهو هاڻي هڪ ننڍي ڳوٺ جي شڪل ۾ موجود آهي. جيڪو اڳتي هلي مشهور ماڳ بڻجي ويندو. اسان جي مشرقي شهنشاهن جون اقتصادي پاليسيون اهڙيون آهن جو ترقي واري هر ڪم تي جڙ ته بندش پيل آهي. اولهه پاسي ڪوهستان جي وٽ سان يڪو رڻ پٽ پيو آهي. ان کانسواءِ ملير(9) ۽ ڪجهه ٻيا اهم ماڳ آهن، جيڪي جابلو علائقي ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن ۽ اوهان انهن ماڳن کي ڳنڍڻ لاءِ پل اڏڻ واسطي لکين پائونڊ ته خرچ ڪري ڪونه سگهندا، پر جيڪڏهن ڪم اهم آهي، ته ماڻهو پئسا ڇو بچائي.

"انڊين ريلوي" هڪ خود مختيار ادارو آهي پر اهو فرق ضرور ڏيکارڻو آهي، ملڪ لاءِ ڪهڙي پاسي واري ريل فائدي واري ٿيندي، پر اهڙن معاملن کي ڳالهه ٻولهه وسيلي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان لاءِ ڪيترين ڳالهيون ڇڏڻيون ۽ ڪيترين ڳالهيون اختيار ڪرڻيون پونديون. آخر فريئر ٽائون، فريئر هال ۽ فريئر روڊ به ته نهي تيار ٿي ويا، ڪنهن به ہڙڪ ڪانه ٻاقي، جڻ سيني جي وات ۾ مڱ پيا هئا. ڪير به ڪيس چئي ڪونه سگهيو ته ميان تنهنجي منهن ۾ به اکيون. تڪي توري به ڪونه ڏنو ويو ته اهڙن ڪمن ۾ ڪهڙا سنا ۽ ڪهڙا آئُنا لڳڻ آهن. فولاد جو نهيل اهو روڊ اهڙي رڻ پٽ مان لڳهندو آهي، جتي وانر پيا ٿا وايون ڪن. ماٺهوءَ جي بوءِ نه هجي، جتي سج ۽ واءُ جي واڪن ڪانسواءِ ٻي ڪا پَهَرَ ئي ڪانه هئي، پاڻيءَ جو ڦڙو به ڪونه، رڳو ٿوهرن جون ويڙهيون، هيون ٻيو ٿيو خير. پوءِ به رستو نهي ويو جنهن جي پاسن سان ڪڏهن ڪانڊيرا ۽ ڪڏهن لاٺو ڏسبو آهي. پلي پوهه پارا ۽ آرهڙا اونهارا هجن، اٽيهيءَ ڏوڙ جا دُڦَ ۽ دوڦان هوندا. مهيني ماسي ڪو ماٺهو گذري ته لڪ ٿيو نه ته گلويون ۽ سانڍا ته پيا گهمندا آهن. اهو روڊ ته ڪا آس ۽ اميد رکي نهرايو ويو آهي. ڪڏهن قاهره کان سيونر تائين به هڪ رستو ناهيو ويو هو جيڪو پڻ هڪ رڻ پٽ منجهان گذرندو هو پر ان ڪري گوشين Goshen واري قديم علائقي کي ترقي جو موقعو ملي ويو هو پر ريل — مارڳ ان علائقي مان گذرڻ گهرجي، جتي منو پاڻي سولائيءَ سان ملي سگهي.

هي منصوبو اجا ته اتي تي چئي آهي، هن ساري جاکوڙ مان ڪڙ تيل نڪرندو يا سارو پورهيو پاڻي ۾ هليو ويندو. ملير نئه واري پل ته وڏي ۽ خوفناڪ آهي جيڪا هن وقت تائين به پيرا ته لڙهي وئي آهي، اهڙي خطرناڪ آهي جو برازيل به وسري ٿو وڃي. انگلينڊ جون نهيل ڪيتريون ئي شيون هن نئه تباهه ڪري ڇڏيون آهن. اهڙيءَ ريت سنئين سڌي پٽ ۾ به انجنيئرن مينهن جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ هترادو ڪسيون جوڙيون جن جو مثال ميٽنگ ۽ ٻولهاڙي آهي. اهي ٻئي جڳهيون نه جهڙيون آهن. اتان جون ڪوئيون ننڍيون ۽ پٿرن جون آهن، پر هتان جهوپڙيون آهن. ڏوڙ به اڏامي، ماني کائڻ سان گڏ وڃي پيٽ ۾ پوندي آهي، پوسٽ آفيس به موجود آهي. جڳهه پٿر جي، سهولتون جهوپڙي واريون، پر رهڻ لاءِ جڳهون اهڙيون هجن، جتي هوا صاف ۽ پاڻي پيئڻ جوڳو هجي. اهڙيون اسٽيشنون ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ڪونه سگهنديون، ڇاڪاڻ ته انهيءَ جوءِ ۾ ماڻهو ته آهن ئي

ڪونہ. هنن اسٽيشنن جي اوسي پاسي رڳو ڪا نوَن جا ڪانگيرا آهن. اوڏو وسندي نہ وَسن. ماڻهو ماڻهوءَ جي ڳالهائڻ ڪاڻ پيو سڪندو. اسٽيشن تي وَسنَوَ تہ تڏهن ٿيندي جڏهن اتي صاف پاڻي موجود هوندو. ماڻهو پاڻيءَ ڪانسواءِ ڪيئن جالي سگهندو. تنهن ڪري هتي ڪو سنڌي تہ رهي ڪونہ سگهندو. باقي ڪي لاڏائو ماڻهو اچي پوڙن جو پاسو ڏئي جهوپڙيون جوڙي رهي سگهن ٿا.

ڪوٽڙي کان ڪراچي ويندڙ ريل گاڏي پنهنجي وقت کان دير سان ڇٽندي آهي ۽ ڪراچي پهچڻ ۾ بہ دير ڪري ڇڏيندي آهي، پر ڪراچي کان پوري وقت تي ڇٽندي آهي، ۽ رفتار بہ چڱي هوندي اٿس. ان ڪانسواءِ رات جو ڪابہ گاڏي ڪانہ هلندي آهي، ايئن ڇو ڪيو پيو وڃي، تنهن جي خبر ڪانہ آهي، ڪراچيءَ کان ڪوٽڙي پهچڻ تائين فوج ڏھ ڏينهن وٺندي هئي، جڏهن ريل گاڏيءَ ۾ چار يا پنج ڪلاڪ وٺندي آهي، ان ڪانسواءِ پيادل پيش قدمي ڪندڙ فوج جا پيا بہ اضافي خرچ هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ انن کي جتن جي ضرورت هوندي آهي ۽ چاري پاڻيءَ جو بہ واڌو خرچ ڪيو ويندو آهي، تنهن ڪري اهڙين اجاين خفن کان سرڪار جا ڪن آجا ٿي پيا آهن. ان ڪانسواءِ اسان اهو بہ ڏٺو آهي تہ ڪيپٽن ايچ. جي. ينگ جي ”مائونٽين بئٽري“ جي فوجي سپاهين جا بار ٻچا ريل رستي موڪليا ويندا آهن.

هاڻي اسان ريل جي وڇايل پٽڙي ڏانهن ڌيان ڏيندا سون. جيڪو وچولي گيج جو آهي ۽ هتان جي حالتن ڪري بلڪل مناسب آهي پر مسٽر گرارشا Grarshaw کي ان تي ڪجهہ اعتراض آهن. جڏهن اسان ڪوٽڙي جي ويران قبرستانن جي قبن کي ڇڏي ويران علائقي ۾ داخل ٿيندا آهيون تہ هر هر لهندا ۽ چڙهندا آهيون ۽ منجهند تائين ٿورو سفر ڪري سگهندا آهيون، سڀ کان پهريائين وڏي پل بارڻ نئہ جي هوندي آهي. هي اپريل جو مهينو آهي، تنهن ڪري اها خشڪ آهي پر وچ آگسٽ ڌارن منجهس پاڻي جام هوندو آهي. جيئرا وڻ هن ۾ لڙهندا نظر ايندا. سندس ڇوڙ سنڌوءَ ۾ ٿيندو آهي، هن جي پاڻيءَ ۾ لڙهندڙ ننڍا وڏا وڻ سنڌو جي ڪاہي ڪناري سان وڃي ڍير ٿيندا آهن. جيڪڏهن بند جڏو سڌو هوندو تہ پاڻي وهائي ڪٽي ويندو. تنهن تي اهڙي بند ٻڌڻ جي ضرورت آهي. جيڪو اهڙيءَ پاڻيءَ جي سٽ سهي سگهي ۽ گهڻو سگهارو هجي. جم پير (جهمپير) وٽ هڪ وڏي ڍنڍ آهي، جنهن جو پاڻي مٿاهين علائقي مان وهي اچي ٿو. ٿامي ائٽڪنس هن ماڳ کي جهم پير نالي سان تحرير ڪيو آهي. رستي جي سڄي پاسي ڪي

نَنڍيون وڏيون ٽڪريون آهن ڪن جي اوچائي 250 فوٽ بہ ٿيندي. سنڌن چوٽين تي ننڍڙيون پٿريون موجود آهن. جيڪي Sea_Sand جي شڪل ۾ آهن ۽ پاڻي جي لهرين ڪري پاڻ ۾ گسي لسيون ٿي ويون آهن. اسان وٽ بہ اهڙيون ڪلاسيڪل شيون موجود آهن. هتي جهمپير جي اسٽيشن تي انتظارگاهہ Wating Room جي ضرورت آهي. جنگشاهي ڪراچيءَ ڪوٽڙي جي وچ تي آهي. هتي گاڏي 15 منٽ ڪن بيهندي آهي. حيدرآباد جا مسافر هتي پهچي سمنڊ جي ٿڌڙي هير کي محسوس ڪندا آهن. جيڪي وچ واري برپٽ علائقي جي لُڪَ جون لوهون سهي لوساڻجي چڪا هوندا آهن. ان ڪان سواءِ جنگشاهيءَ جي پرسان لوهہ ۽ اليومينم Laterite جي مٽي موجود آهي. جنهن جا ڪجهہ نمونا ميونسپل جي عجائب گهر ۾ رکيا ويا آهن. هي ماڳ اٺ — سواري وسيلي ٺٽي ڪان ٽن ڪلاڪن جي پنڌ تي آهي. سياحن جي گائيڊ مطابق ڏابيجي پنجين منزل آهي. جيڪا هن ڳوٺ ڪان ست ميل پري آهي. هتي بہ انتظار گاهہ موجود ڪونہ آهي. رستي جو اهو حصو گهاري وٽ ختم ٿيڻ گهرجي ها. ملير يا لانڍي منزل نمبر 7 آهي ۽ ان نالي واري وسنديءَ ڪان بہ ميل پري ٿيندي. هي آخري منزل آهي. جنهن جي پرسان ملير ندي آهي. هيءَ انهن مان ٽين ندي آهي. جيڪي ڪراچي ۽ ان جي اوسي پاسي واري جابلو علائقي جي مينهن جو پاڻي ڪٺي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪنديون آهن. اسان بارڻ واري علائقي ڪان نڪري حب واريءَ جوءِ جي ويجهو اچي پهتا آهيون.

هيءَ سنڌوءَ ڪانسواءِ سنڌ جو هڪ دائمي وهڪرو آهي. ملير ندي جي پيٽ ۾ کڏ کٽبي آهي. تہ هينان پاڻي نڪري ايندو آهي. سانوڻيءَ جي رت ۾ مينهن جو پاڻي هن ندي وسيلي تڪڙو وهي وڃي سمنڊ ۾ پوندو آهي. اسان هاڻي وارياسي علائقي ۾ کوهہ کوٽي پاڻي حاصل ڪري سگهندا آهيون. جيڪي ڪراچيءَ ڪان ارڙهن ميل پري آهي. اسان جي تجويز آهي تہ ان پاڻيءَ کي تلاءَ ۾ گڏ ڪري لوهہ يا پٿرن جي نهيل پائيپ وسيلي ڪراچيءَ آندو وڃي. ڪراچي سنڌ جي نئين راجڌاني آهي ۽ پيئڻ جوڳي پاڻي لاءِ واجهائي رهي آهي. ڪي سرنديءَ وارا ماڻهو 104 ميل پري بہ ڪوٽڙيءَ مان سنڌوءَ جو پاڻي آڻائي پيئندا آهن. ۽ هلندي پڄنديءَ وارا تہ بمبئي ما پاڻي گهرائيندا آهن. جيڪا ڪراچي ڪان 507 ميل پري آهي. ڏوءَ ڏبوءَ لاءِ ڪارو پاڻي ڪم آندو وڃي ٿو جيڪو هٽن کي چلي چڏيندو آهي. گزيٽيئر جي ص 363 جي تحرير مطابق پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏهہ منصوبا جُڙي رهيا

آهن.گھٽيون دايون ڪارن يا مارن. ان منصوبي تي ابتدائي ڪم ڪرنل فائيف Fife ڪيو. ان ڪانپوءِ ڪئپٽن بئڪر ان ڪان پوءِ جي هل. بعد ۾ ڏي لئسلي ان ڪان پوءِ مير يمين آيو. هن معاملي کي پورا پنجويهہ سال گذري ويا. وڏي اوٽائي پئسن جي اڻ هوند هئي. جيڪڏهن اسان وچين دور جا ڏچ يا جديد دور جا مصري هجون ها تہ ڪراچي کي نئين ۽ جهرڪ جي وچ تان سنڌوءَ مان واهہ کوٽي ائين پاڻي ڏيون ها جيئن نيل درياهہ مان واهہ کوٽي سڪندريہ کي پاڻي ڏنو ويو هو. انهيءَ واهہ جي کوٽائي جو منصوبو سر چارلس جي زماني ۾ جوڙيو ويو هو. ان منصوبي جا ليفٽيننٽ چئپمن ۽ مسٽر ٽي جي نيونهام پرجوش حامي هئا، پر ساري ڳالهہ اچي ڏوڪڙن تي بيٺي هئي. چاڪاڻ تہ ان واهہ تي 4850773 رپيا خرچ اچي رهيو هو. هن پاڻي ڪري بندر کي بہ فائدو ٿي وڃي ها. ان ڪانسواءِ ڪراچي جي آس پاس واري ويران علائقي ۾ سايون ياجيون پوکي سر سبز بنائي سگهجي ها. جيڪڏهن فريئر ٽائون ناهڻ بدران بامبي فليٽس پرسان هڪ ڪالوني جوڙي وڃي ها تہ مذڪوره فليٽن مان ماڻهن جي پيٽ گهٽجي وڃي ها. هن قسم جي رڻ پٽ بيابان ۾ تہ نئين واهہ جي پاڻيءَ جي ضرورت هئي، ڪنهن فريئر هال جي تعمير جي ضرورت نہ هئي. اهو هوندو آ اتي جو گهوٻاٽو سُور سَنڌن ۾ ملم لايو مٽي کي.

ريلوي جو سنو ۽ ساراهہ جوڳو ڪم ٽيليگراف وارو منصوبو آهي اسان جو خيال هو تہ ريلوي جي ٽيليگراف نظام لاءِ لوهہ جا بمبو ڪتب آندا وڃن. هن ڪاتي جو بہ ساڳيو خيال هو پر ڪي عملدار هن ڳالهہ تي ڳت ڏئي ويهي ويا آهن. تہ ڪاٺ جا بمبو ڪتب آندا وڃن. هتي تہ هڪ پاسي اڏهيءَ جو آزار آهي تہ ٻئي پاسي هتان جي ڌرتيءَ ۾ قلمي شوري جا جزا تمام گهڻا آهن. ڪاٺ هنن ٻنهي شين آڏو تہ ڪا ڏهہ ئي ڪونہ جهليندو پر همراهہ هوڏ تان هيٺ لهن ئي ڪونہ ٿا. ٻئي پاسي ڏانهن لوهہ جا بمبو وچ ڪان پورا هوندا آهن. سنڌ جي آبهوا جيتري ماڻهن لاءِ نقصانڪار ايتري ڏاتوءَ لاءِ. پر چيو وڃي ٿو تہ ڏاتو جي بمبوءَ جو زمين ۾ پوريل حصو تہ اهڙيءَ هوا کان محفوظ هوندو. جڏهن تہ مٿئين حصي کي رنگ ڏئي گرميءَ ۽ هوا جي ناڪاري اثرن کان بچائي سگهجي ٿو.

اسان 104 ميلن جو سفر چئن ڪلاڪن ۾ پورو ڪيو آهي. ان ڪانپوءِ ڇهن ڪلاڪن جي سفر سان مئڪلوڊ اسٽيشن وٽان گذري فوجي ڇانوٽي جي اوير ڪان ٽيندا ڪياماڙيءَ هلي پڄنداسون. هي ماڳ پاڻيءَ جي وَٽ سان

واقع آهي. اسان تہ فريئر اسٽيشن بابت ٻڙڪ بہ ٻولي ڪونہ ٿا سگهون، پر ايترو ضرور چونداسون تہ اتي اس ڪان بچاءَ لاءِ ڇاپرا نهيل آهن. سائين جان بل! هاڻي اوهان ڪي سنڌ واسطي هي لفظ چئي سگهو ٿا:

اسان جو سفر پورو ٿي چڪو
اسان وٽ اهڙيون نشانيون آهن

اسان جي سڙهن مٿان،
سمنڊ جا نشان موجود آهن.

هي سنڌ جو "ينگ ايجپٽ" سمنڊ آهي، توهان مهرباني ڪري ٿورو وقت مون سان گڏجي ٻيهو جيستائين مان هن سفر جي خاتمي ڪانپوءِ پنهنجي طرفان ان جو مختصر تاثر بيان ڪريان.

منهنجو خيال آهي تہ هن ڏکوئيل ماٿريءَ جي يا تہ آبهوا بدلجي وئي آهي يا وري اسان ڪي سفر دوران مهذب دنيا واريون سهولتون حاصل هيون، تنهن ڪري اسان هتان جي ڏکن ڏاکڙن ڪي محسوس نہ ڪيو آهي، اڳي قديم دور جي واهن جو غلط استعمال ٿيندو هو پر هاڻي اهڙيون ڳالهيون ڪونہ رهيون آهن. اڳي هر ملازم لاءِ لازم هوندو تہ سنڌوءَ جي هن ملڪ ۾ پنج سال ضرور رهي. پر هاڻي سرڪار جي بنا ڪنهن هدايت ۽ شرط جي يورپي ماڻهو هتي ويهہ سال رهي پوندو آهي، هاڻي اهڙيون بيماريون بہ ڪونہ آهن جن 78 —هائلئنڊرس ۾ 68ـ آئرش جيانٽس جي اڌ فوجين ڪي ماري ناس ڪري ڇڏيو هو اسان جي حڪومت جي قيام سان سنڌي نسل جي ماڻهن ڪي تمام گهڻو فائدو ٿيو آهي، اسان انگريز ٽيوٽن Teutons وانگر ڪونہ آهيون، اسان تہ هر نسل جي ماڻهوءَ ڪي ترقي ڪرڻ لاءِ اتساهو آهي. سلاوَ رومي ۽ مئگمار هر شيءِ ڪي جرمن جي نقطئہ نظر سان ڏسي رهيا آهن. هتي تعليم جي ابتدا ڪئي وئي آهي، اسڪول قائم ٿي چڪا آهن. شهر ۾ ميونسپالٽيون ڪم ڪري رهيون آهن. اسان ماڻهن ۾ جيئڻ جو اتساهہ ۽ اعتماد پيدا ڪيو آهي، اسان مسلمانن ڪي قانوني تحفظ ڏنو آهي تہ جيئن هندو شاهوڪار هنن ڪي ڪائي تباهہ نہ ڪري ڇڏي.

سنڌ ڪي بہ مصر وانگي سئنيٽوريم Sanitorium جي ضرورت آهي، ان مقصد لاءِ قلات هڪ بهتر جڳهہ آهي. هن علائقي جي راڄڌاني ڪي ترقي ڏيارڻ جي ضرورت آهي. هتي ويهي اسان مووءِ هرات جي بغاوتن ڪي منهن ڏئي سگهون ٿا. ان مقصد لاءِ ٻنهي ڌرين وچ ۾ 1854 ۾ معاهدو ٿيو هو جنهن

جي شق 4 موجب اسان کي قلات ۾ رهڻ جو حق ڏنو ويو آهي. اهو معاهدو ٻنهي ڌرين جي فائدي وارو آهي.

جيڪب آباد ۾ مختصر فوج رکي وڃي، گهڻي فوج ٽڪائڻ جي ڪا ضرورت ئي ڪانہ آهي. شڪارپور رهيل سنڌ _ هارس بہ هن فوج جي مهل سر مدد ڪري سگهي ٿي. باقي رزرو فوج کي سکر ۾ رهايو وڃي، جتان جي آب هوا مناسب آهي، ان ڪانسواءِ فوجي چرپر بہ سولي آهي.

سنڌ حقيقي معنيٰ ۾ اتر — اولهہ هندستان کان الڳ ملڪ آهي، جنهن جو متين علائقن سان ڪو رابطو ڪونہ آهي. ڪوٽڙي_ حيدرآباد کان ملتان 570 ميل آهي، انڊس فلوٽيلا، جي آگبوٽن وسيلي اهو سفر ويهہ ڏينهن وٺي وڃي ٿو پاڻي جي سفر ۾ ڏکيايون ۽ ڏچا بہ ڏاڍا آهن، پر جيڪڏهن ريل جو رستو تيار ٿي ويو تہ اهو ويهن ڏينهن جو سفر فقط ويهہ ڪلاڪ وٺندو ۽ پاڻي واري سفر جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سولو بہ هوندو.

هاڻي فوجي سياست چوٽ چڙهيل آهي. سنڌ جي پيداوار ايتري ڪانہ آهي، جو پنهنجي الڳ صوبائي حيثيت بحال ڪري سگهي. تنهن ڪري سرڪار سوچي رهي آهي تہ ان کي پنجاب سان ملايو وڃي، اهڙي طرح سندس سرحدون وڃي ڪشمير سان لڳنديون، جهڙيءَ ريت هندو راجائن جي زماني ۾ هيون. ڪاغذ ۾ اهڙيون ڳالهيون تہ اڳيئي موجود آهن، تہ پشاور کان وٺي ڪراچي تائين هڪ سرحدي صوبو بہ بڻايو وڃي، جيڪو سنڌوءَ جو الهندي ڪناري سان هجڻ گهرجي. ان جو ڪار وهنوار هڪ ايجنسي هلائيندي جيڪا سڌي وائسراءِ جي ماتحت هوندي، جڏهن تہ سنڌ جو باقي حصو بمبئي سرڪار بدران پنجاب سان شامل ڪيو ويندو. سرڪار جا اهي قدم صحيح نظر اچي رهيا آهن، جنهن وسيلي سنڌ صحيح معنيٰ ۾ "ينگ ايجپٽ" بڻجي سگهندي، اهڙيءَ ريت سنڌ کي سنڌوءَ جي اترئين حصي (پنجاب) جي تيار مال جي برآمد لاءِ هڪ گذر گاهہ بنايو ويندو. سنڌوءَ جي اترئين حصي ۾ پنجن درياهن جا وسيع آباد علائقا شامل سمجهيا وڃن. اهڙيءَ ريت سنڌ جي علائقي کي زندگي جي ضرورت سان لاڳاپيل هر شيءِ ملي ويندي، ان ڪانسواءِ ڪراچيءَ کي پاڻيءَ ۽ گئس Gas بہ ملي ويندو. اهڙيءَ ريت ريل جي هڪ برانچ نٽي تائين بہ کولي ويندي، هن ريلوي نظام جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ آخري ريلوي اسٽيشن ڪراچي هوندي، هن وقت (L_1877) ريلوي نظام جي سخت ضرورت محسوس ٿي رهي آهي،

جيڪا Overland يا فرات ريلوي ڪمپني هوندي. اهڙيءَ قسم جي جوڙجڪ ڪانپوءِ هي ڏکويل ماتري هڪ خوشحال ماتري بڻجي ويندي.

سائين جا بل! تيهن سالن جو وڇوڙو ايڏو وڏو ڪونہ آهي جو اسان جو هينانءَ ڦاٽي پوي. انهن ڏينهن ۾ اسان وري ملڻ لاءِ وڇڙيا هئاسون. آس آهي تہ اوهان سنڌ گهمي ڦري ڏٺي آهي. تنهن ڪري اوهان ڏاڍا خوش هوندا. هاڻي هٿ ملائي هڪ ٻئي کي کلندي الوداع چئون. چڱو آلهہ واهي.

## حوالا

### باب سترهون:

(1) ائنس Annius وارن جي قديم چواڻي آهي تہ آئسيدا ۾ Aeacidac وارا عقل جا ڪوتهہ هوندا آهن. پر اها چواڻي ائنيس قبيلي سان ٺهڪي بيهي ٿي.

(2) هي خبر عافيت پڇڻ جو هڪ طريقو آهي.

(3) "پيشڪش" جو لفظ اچارڻ ۾ ڏکيو ڪونہ هوندو آهي. اهو لفظ سوکڙي ڏيڻ وقت چيو ويندو آهي. جنهن جي موٽ ۾ بيٺي قيمت جي سوکڙي ڏيٺي پئجي ويندي آهي.

(4) هيءَ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. فارسيءَ ٻوليءَ ۾ "عافيت باشد" چيو ويندو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي شال خوش هجين!

(5) هي لفظ هندي ٻولي سا واسطو رکي ٿو بعد ۾ هن لفظ کي انگريز بہ ڪتب آڻڻ لڳا هئا. هاڻي اهو لفظ انگريزي ٻوليءَ جو حصو بڻجي ويو آهي. سندس معنيٰ آهي. ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ. سندس هاڻوڪي شڪل گپ شپ لڳائڻ آهي. هن لفظ کي Gap بدران Gup لکڻ نہ گهرجي نہ تہ ماڻهو هن لفظ کي goop بہ اچاريندا.

### باب ارڙهون:

(1) مسز ماريا گراهام 1800 ۾ لکيو هو تہ ممبئي ۾ فقط هڪ ڪلب آهي. پر اها بہ اهڙي ڪانہ آهي جتي عورتون وڃي سگهن. هتان جا انگريز هميشہ نون ايندڙ ماڻهن جي آجيان ڪندا آهن ۽ رهاشگاهہ جي ملڻ تائين اهي ماڻهو ان ڪلب واري جڳهہ رهي سگهندا آهن.

(2) پوستيون افغانستان ۾ ٺهنديون آهن. جن جو وزن ويهن کان پنجويهہ پائونڊ ٿيندو آهي ۽ هلڪي ۾ هلڪي 2 پائونڊ جي ٿيندي آهي. جڏهن هيءَ چڙي زبون ٿي ٻاهرين پاسي گسي ويندي آهي تہ ان کي وري هيو پيرو رنگ ڏنو ويندو آهي تہ اها ڏاڍي نرم ۽ اڳئين جهڙي نئين ٿي پوندي آهي. مٿس نفيس ۽ نازڪ پرت بہ ٿيل هوندو آهي. هن جي قيمت 6 کان 8 پائونڊ اسٽرلنگ هوندي آهي. اهڙيون پوستينون سنڌ ۾ ٺهنديون آهن. جن جي قيمت 8 کان 10 شلنگ هوندي آهي.

(3) اهو فقط تڏهن ٿيندو آهي. جڏهن مينديءَ ۾ نير کي چڱيءَ ريت نہ ملايو ويندو آهي. پر جيڪڏهن هنن ٻنهي شين کي ملائي ڪتب آندو ويندو آهي تہ وارن جو رنگ ڪارو ۽ چمڪدار ٿي پوندو آهي.

## باب اوٹيهون:

(1) پرديسيءَ جي معنيٰ ٻئي ديس جو ماڻهو هيءُ لفظ خاص ڪري هندستان کان آيل ماڻهو لاءِ چيو ويندو آهي.

(2) ساليتہ Salitah تاٽ جو ڪپڙو آهي، جنهن اندر سامان ٻڌي اٺ تي رکيو ويندو.

(3) هن جو مطلب هڪ سوٹر آهي.

(4) استري فيدرس، 1873 ص 48

(5) مياٹي سنڌ اندر مهاڻن جي هڪ ننڍڙي وسندي جو نالو آهي، مُري جي هڻبر يوڪ ۾ ظاهر ٻاهريچي Bahrichi جو ڳوٺ لکيل آهي، هاٹي تہ مياٹي هڪ وسيع علائقي کي سڏيو ويندو آهي، جيڪو ٿليليءَ ۽ سنڌوءَ جي وچ تي موجود آهي.

(6) هن جو ڪجهہ احوال مرحوم جنرل ويڊنگٽن C.B ڏنو آهي پر تفصيل لاءِ ڏسو مسٽر ايسٽوڪ جو ڪتاب "ڊراءِ ليوز فرام ينگ ايجپٽ" ص 346، پر هن جون ڏنل خفيہ رپورٽون "مهايرس آف مرزا علي اڪبر K.B " جي نالي جلدي ڇاپي پڌريون ڪيون وينديون.

(7) هي اشارو "ڊراءِ ليوز فرام ينگ ايجپٽ" جي مصنف ڏانهن آهي.

(8) 1841 کانپوءِ 1851 پهريون سال آهي جو انگريز هندستان جي پيداوار خرچ کان وڌي آهي، اڳ ۾ پيداوار اڌ ملين هئي، جيڪا وڌي ان سال ڏيڍ ملين تي هئي، اڳيان ڏهہ سال جڻ قرضي هئاسون.

(9) ملڪ جي پيداوار ۾ تہ اضافو آيو آهي، پر هاڻي جاگيردار ڊِل، جنسن جي صورت ۾ ادا شايد نہ ڪري، پر هو جيڪڏهن نقد رقم ڏيندو تہ خرد برد ٿيڻ جو بہ امڪان آهي. پيدواار وڌائڻ جي هن طريقي مان ڪير بہ مطئمن ڪونہ آهي.

(10) مسٽر ڊبليو جي ٽئلر"History of Mohammdnism" جو مصنف آهي، جيڪو "سوسائٽي فار ڪرسچن ناليج" ڇپرايو آهي، جنهن جي اختصار ۽ بعد وارن سندس بيانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اسلام ۾ اڳيون جوش ۽ جذبو ڪونہ رهيو آهي، ڪيترن مسلمانن هي ڳالهہ تسليم ڪئي آهي تہ مسلمانن ۾ ۾ اڳين يا ماضيءَ واري قرباني ڏيڻ واري ڳالهہ ڪانہ رهي آهي، هن مصنف جي چوڻ جو مقصد آهي تہ عيسايت ۾ اڳتي وڌڻ جي طاقت ۽ صلاحيت موجود آهي ۽ منجهس پنهنجي تحفظ ڪرڻ جي سگهہ آهي، منهنجي خيال ۾ عيسائيت جون اهڙيون ڳالهيون تعصب کان خالي ڪونہ آهن.

(11) مان اهو مثال ٻين تان کنيو آهي. گهٹڻ ماڻهن کي ياد آهي تہ اها ڳالهہ افغانستان ۾ ٿي هئي.

(12) ان ماڻهوءَ جي ڪل مٽي کان وٺي پيرن تائين هڪ تيز اوزار سان لاٹي ويندي آهي. بعد ۾ ان جي جان کي مٿان کان وٺي هيٺ تائين وڏي ٽڪرٽڪر ڪيو ويندو آهي ۽ ماڻهو ٿٽڪي ٿٽڪي مري ويندو آهي.

(13) مقتولن جي سرن جو منارو

(14) هنن لفظن جو مطلب اهو آهي تہ ساڙيل ماڻهوءَ جو پٽ هڪ مستقل عذاب ۾ هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو لاش دفن ڪرڻ بدران ساڙيو ويندو آهي، تہ پٽ کي مهڻو ڏنو ويندو آهي تہ تون اهڙو بزدل آهين جو تُنهنجي پيءُ کي ساڙي رک ڪيو ويو هو. اهڙي ريت ان سڙيل ماڻهو جو اولاد ٽن نسلن تائين اهڙن مهڻن جو شڪار رهندو ايندو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن کي چوندو آهي مان تنهنجي پيءُ جو لاش ساڙيندس تہ سمجهيو ويندو اهو ماڻهو کيس ڪمزور سمجهي رهيو آهي. ۽ مٿس چٽر ڪري رهيو آهي، اهڙا لفظ فقط ڪنهن جي راءِ جو اظهار ڪونہ هوندا آهن پر اهڙي بيان ۾ ٻيون بہ ڳالهيون لڪل هونديون آهن.

## باب ويهون:

(1) هن قسم جون بندوقون انگريزي رائفلون هيون جن کي استعمال ڪونہ ڪيو ويندو هو.

(2) مشرق جا ماڻهو ميل جي ڪڪڙ جون نہ ڪڙهون سنواريندا آهن نہ وري انهن کي صحيح نموني سان سيڪا ڏيندا آهن.پر ان جي ڪاڏي ۾ خوراڪ ۾ سکيا لاءِ وڏا خرچ ڪندا آهن. منهنجو نقطئہ نظر آهي تہ هو ڪڪڙ کي گهڻو ڊوڙائينداءِ اڏائيندا رهندا. ان ڪانسواءِ ڪي طاقتور مسالا بہ کارائيندا آهن. انهن پکين جي پرگهور بہ صحيح طريقي سان ڪئي ويندي آهي.

(3) ميل جي ڪڪڙن ۾ گوءِ جي گهوڙن کي وڏن نالن سان سڏيو ويندو آهي.

(4) ساري هندستان ۾ حيدرآباد دکن جو ڪڪڙ ڏسڻ وائسڻ ۾ شاندار ۽ وڙهڻ ۾ بهادر هوندو آهي، تنهن ڪري هن نسل جي ڪڪڙ کي ناياب تصور ڪيو ويندو آهي، اهوئي ڪارڻ آهي جو هن نسل جو ڪڪڙ وڏي قيمت جي آڇ ڪرڻ کان پوءِ بہ حاصل ڪري ڪونہ سگهبو آهي. مان ٻڌو آهي تہ دولتمند مسلمان حيدرآباد دکن پهچي اهڙن ڪڪڙن خريدڻ لاءِ هيلا ڪندا آهن. اهڙي نسل جا آنا بہ خريد ڪيا ويندا آهن. جيڪي ڪڪڙن جا مالڪ اپاري پوءِ ڏيندا آهن. تہ جيئنءَ ان مان ٻچو پيدا نہ ٿئي.

(5) پلي نسل جي قيمت 3 کان 4 پائونڊ آهي، منهنجو ڪڪڙن جو هڪ شوقين دوست 20 کان 30 پائونڊ بہ ڏيڻ لاءِ تيار هوندو هو.

(6) هندستان ۾ ڪڪڙن جون فولاد جون ڪڙهون اسان جي اهڙن شين کان مختلف ٽيڻديون آهن، جن جي ڊيگهہ 2 کان ساڍا 3 انچ هوندي آهي. هن جا پاسا مڏا ۽ چوٽي تيز چهنبدار ٽيندي آهي، جيڪا ٽڪي واري جاءِ تي ٻڌي ويندي آهي، ڪڪڙن جي ميل جي هر شوقين وٽ اهڙيون ڪوڙ ساريون ڪڙهون ساڻ هونديون آهن ۽ مختلف ماپن جون هونديون آهن.

(7) نمرود پنهنجي دور جو هڪ جابر ۽ ظالم حڪمران هو جنهن حضرت ابراهيم عليہ اسلام تي ڏاڍ ڪيو هو کي ڪمزور مڇر ماري رکيو هو چيو ويندو هو تہ اهو مڇر نمرود جي ڪن ۾ گهڙي ويو هو جيڪو ان کي کائيندو وڃي سندس دماغ تائين پهتو هو جنهن جي نتيجي ۾ اهو مري ويو هو.

(8) ايشيا جا مسلمان فلاسافي، سياسي دانائي ۽ سائنس جي ڄاڻ کي "حڪمت" سڏيندا آهن.

(9) هيءَ مذهبي رسم مسلمانن کان ورتي وئي آهي. هن رسم مطابق مڪي (شريف) پرسان موسيٰ واري ماثريءَ ۾ شيطان کي پٿرءِ پتر هنيا ويندا آهن.

## باب ايڪيهون:

(1) ڏسو ڪيپٽن پوسٽنس جو ڪتاب "پرسنل آبزرويشن آن سنڌ" باب ٽيون. مان اهو لفظ دئت Dyatu ڏانهن اشارو ڪيو آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ "جت" آهي. ڏسو "سنڌ ائينڊ دي ريسز" جيڪو آلن - لنڊن 1851 ۾ پڌرو ڪيو آهي. اهڙي طرح مان جتڪي ٻوليءَ جو گرامر بہ لکيو هو جيڪو 1844 ۾ شروع ڪيو هو بعد ۾ اهو جرنل آف رابل ايشيا ٽڪ سوسائٽي بامبي (جنوري 1849) پڌرو ڪيو هو هن تحرير ڪيترن عالمن جو ڌيان ڇڪائي ڇڏيو هو. پروفيسر پيٽ Pett منهنجي بيان جي حقيقت کي ڪنهن حد تائين تسليم ڪيو آهي، جيڪو پاڻ بہ "Zegeunerlirurape and Asien" جو مصنف آهي. هي ڪتاب ٻن جلدن تي مشتمل آهي ۽ هال Halle (1844_45) پڌرو ڪيو آهي. اٽليءَ جي زبان جي ماهر ۽ ملان جي عالم پروفيسر آسڪولي بہ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو آهي تہ اهو

سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لهجو آهي، پر "ايم پال باتيالارڊ" تہ مون تي مڃرجي پيو آهي. چاڪاڻ تہ مان اهڙي دريافت جو هن ڪان اڳ ئي اعلان ڪري ڇڏيو آهي.

(2) جت پنهنجي قبيلي کي قوم ڪري سڏيندا آهن.

(3) هي وڏو مورخ آهي، جنهن سنڌ جي تاريخ فارسي ٻوليءَ ۾ لکي آهي، سندس بيان آهي تہ جت ۽ بروچ هڪ نسل سان تعلق رکن ٿا ۽ سندن ابو ڏاڏو هڪ آهي.

(4) ڄُهل يا چِلُ هتان جي جهنگلي ٻوٽي آهي ۽ پڪيءَ زمين ۾ اپرندي آهي.

(5) ادرڪ جي رس فاير – پلاٽ Euphorbia جي کير سان ملائي اک جي مٿان گول شڪل ۾ مهيٽي ويندي آهي، ڪي ماڻهو لم جاپن اوپاريءَ بہ ڦٽن کي ڏئندا ۽ صاف ڪندا آهن ۽ ڪلاڪ اندر اهڙي صفائي ڪئي ويندي آهي ۽ ڏوٺڻ ۽ صفائيءَ جو ڪم سومهڻيءَ تائين هلندو رهندو آهي.

## باب ٻاويهون:

(1) سنڌ ۾ ۽ هندستان ۾ انگريز عورت کي منڊم ڪري سڏيو ويندو آهي.

(2) اهو ابراهيم جو اڏ نالو آهي. اهڙو اڏ نالو نفرت جي اظهار طور ورتو ويندو آهي.

(3) ايران ۾ صاحب – قلم جو لقب نهايت اهم سمجهيو ويندو آهي پر سنڌ ۽ هند وارا هن کي گهٽ سمجهندا آهن.

(4) هن پڪيءَ کي يورپ ۾ عقل جي علامت تصور ڪيو ويندو آهي، جڏهن تہ سنڌ هند ۾ هن کي بي عقل سمجهيو وڃي ٿو يورپ وارا ايشيائي ماڻهن جيان هنج يا هنس پکيءَ کي علم ۽ عقل جي علامت سمجهندا آهن.

(5) هن استعاري مان گهر جو مطلب ورتو ويندو آهي.

(6) ايران جو مشهور شاعر جيڪو دانشمندي ڪري ڏاڍو مشهور هو.

(7) آفيم کائڻ واري ماڻهوءَ کي آفيمي سڏيو ويندو آهي. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اهڙي نشي ڪندڙ ماڻهوءَ جا مختلف نالا آهن.

(8) صاحب لفظ عزت واري ماڻهوءَ لاءِ ڪم ايندو آهي.

(9) اهو لباڙ هڻڻ جو هڪ طريقو آهي، ڪي ماڻهو چوندا آهن تہ اسا دمشق جو فولاد آهيون، پئرامبڊ واري جنگ کان اڳ فرينچ جنرل گهوڙن جا هنا ۽ ٻيون اهڙيون شيون مطلوڪ بي Bey جي آڏو رکيون هيون، جنهن جي معنيٰ هئي تہ هنن کي شڪست ڏئي ڪانہ ٿي سگهجي.

(10) سنڌ جو توبخانو هڪ ننڍي خان جي ڪمانڊ هيٺ هو جنهن کي مسٽر هاويل Howell سڏيو ويندو هو هن ئي پنهنجي ملڪي ماڻهن کي ماري پيئنگ ڪئي هئي.

(11) چيو ويندو آهي تہ جڏهن بہ ملان پاڻ ۾ ملندا آهن تہ اتي جهيڙو ضرور ٿيندو آهي.

(12) ان رستم سفيد رنگ جي هڪ دوست کي قتل ڪري ڇڏيو هو. ڏنل نشانن ۽ علائقن مان محسوس ٿي رهيو آهي تہ اهو ڪو رشيا جو وينل هو.

## باب ٽيويهون:

(1) قانون ۽ مذهب چئن زالن جي اجازت ڏئي ٿو پر جيڪڏهن ڪير چئن کان مٿي شاديون ڪري ٿو تہ اهو ماڻهو مذهب ۽ قانون خلاف عمل ڪري ٿو.

(2) ارئون وسط جي شهر لاءِ عربي ۾ چوٽي آهي

(3) گوشت جي ذرن اندر بصرن کي بند ڪري باهہ تي پچائي تيار ڪرڻ کي ڪباب نہ سڏيو ويندو آهي.

(4) مٿئين طبقي وارا هندو پکين جي گوشت کي حرام سمجهندا آهن.

(5) سنڌ اندر سرنديءَ هلندي پڄندي وارا ماڻهو مهمانخانن کي قائم ڪرڻ سٺو سمجهندا آهن، جنهن ۾ آئي وئي ۽ مهمان جو آدر ڀاءُ ڪندا آهن.

(6) ڪنهن ماڻهو کي پينو سمجهڻ مناسب ڪونہ سمجهيو ويندو آهي، پر سنڌ اندر انگريزن جي واتئون اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون ويندون آهن، هتي ماڻهو پاڻ کان وڏي کان تہ لهرائي ويندا آهن. پر فقيرن کان ڪنڌ ڪيائي ڪونہ سگهندا آهن.

(7) حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي زماني ۾ مسلمہ ڪذاب نالي هڪ ماڻهو جنهن نبي هجڻ جي دعوي ڪئي هئي، هن ماڻهوءَ کي اسلامي دنيا ۾ مسلم الڪذاب جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هندو بہ چوندا آهن تہ ڪاڏي راجا ڀوڄ ڪاڏي گنگا تيلي.

(8) واريءَ جي قدرتي ڍير کي ڀٽ سڏيو ويندو آهي، پر هن نالي وارو ڳوٺ هالا کان چار ميل اوير طرف ۽ حيدرآباد کان اتر ۾ آهي. هي ماڳ شاه عبداللطيف ڪري مشهور آهي، چيو ويندو آهي تہ هن بزرگ پنهنجي مريدن کي چيو هو تہ واري ڍوئي هن علائقي کي ٿورو مٿي ڪري ماڻهن جي رهڻ لائق بڻائن. هن بزرگ جي شاعري سنڌي ماترائن جي اصول تي آهي. هن بزرگ جي دور جا ماڻهو نهايت ڪنجوس هئا، تنهن ڪري ڀٽن ۽ ڀانن ان شاعري کي ڳائڻ ڇڏي ڏنو هو. تخت تان لاٿل هڪ ڪلهوڙي حڪمران جي گهر واري هنن کي گهڻا پئسا بہ ڏيندي هئي.

(9) چين جي فوڪين Fo_kien صوبي ۾ "ٽ" جو اچار "ڇ" جي شڪل ۾ ڪيو ويندو آهي، تنهن ڪري امواءِ ۾ رهندڙ انگريز چانهن کي Tea چوندا هئا، جڏهن پورچوگيز هن مشروب کي چا Cha ۽ ايراني "چاهي" Chahi چوندا هئا.

(10) هي لفظ عربي ٻولي جو آهي، جنهن جي معني جانور آهي، جيڪو ڪردار ۾ انسان کان مختلف هوندو آهي، يا انسان ان کان مختلف هوندو آهي.

(11) ڪارو ڪرڻ يا ڪارو منهن ڪرڻ - باهہ جي شعلن ڪري ڪنهن ٿانو تي ڪارنهن جمي ويندي آهي، جنهن کي ڪاري منهن ڪرڻ لاءِ ڪم آندو ويندو آهي.

(12) سنڌوءَ جي ماٿري ۾ شرارتي ۽ مجرم ماڻهوءَ کي شيطان سڏيو ويندو آهي.

## باب چوويهون:

(1) منصوره نالي وارو ماڳ برهمڻ آباد کان ٿوري پنڌ تي واقع آهي

(2) "هري" جي هئنڊ بوڪ ص 490 کان 492 تي مختلف منزلن جا نالا ڏنا ويا آهن، پر گزيٽئر ص 874 کان ص 876 تائين حيدرآباد کان روهڙي تائين سورهن منزلون بيان ڪيون ويون آهن، اهڙي فهرست هيٺ بيان ڪجي ٿي:

| | نالو ماڳ | ميل | فرلانگ |
|---|---|---|---|
| 1 | حيدرآباد کان مياڻي | 7 | 0 |
| 2 | مياڻي کان مٽياري، ٿليلي پل کان سواءِ پار ڪيو ويو | 9 | 0 |
| 3 | هالا، ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس | 19 | 0 |
| 4 | سيد جو ڳوٺ سيد آباد | 11 | 0 |
| 5 | سڪرنڊ، نوشهري جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي حد ۾ | 14 | 2 |
| 6 | قاجيا (قاضي) ڳوٺ | 16 | 1 |
| 7 | دولتپور، لڪيءَ جي سامهون | 16 | 6 |

(14) هيءَ جهنگلي علائقي ۾ هڪ سنڌي ڳوٺ آهي، پاٽي جي هڪ وهڪري تي واقع آهي، پير واهه جي نالي سان اتڪل سئو کن وهڪرا پيا بہ ٿيندا.

(15) اهي نالا سنڌي ويڙهاڪن جا آهن، جن بلوچ حملہ آورن سان بهادريءَ سان مقابلو ڪيو هو.

(16) جڏهن هي بلوچ ڌاڙيل ظالمانہ ڪارروائي ڪندا هئا تہ "الوه" چئي سنڌي ڳوٺاڻن تي وَهي پوندا هئا. سنڌن تصور هوندو هو تہ هو الله جو نالو وٺي ڌاڙي جي هر شيءِ کي حلال ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ڌاڙي کي خير جو ڪم سمجهندا آهن ۽ سوچيندا آهن تہ سنڌين کان ڪوٽ ۾ ڪپڙا ڦري غريب ٻروچن کي ڏئي قبر جي حساب ۽ قيامت جي عذاب کان ڇٽي پوندا. پر اهو ڪونہ سوچيندا هئا تہ جنهن ماڻهوءَ کان ڪوٽ ۽ ڪپڙا لاٿا ويا آهن، سو بہ غريب آهي، پر سنڌي آهي، هتي بلوچن جو پٽ ان ڇوڪري جو ذڪر ڪونہ ٿو ڪري جنهن کي زوريءَ گهوڙي تي ائين رکيو ويو آهي جڻ ان يا اٽي جي ڪا ٻوري هجي. ان عورت کي ڪٽي وڃڻ وارو ماڻهو ڪٿي عارضي پناهہ وٺي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هو ٻين سان گڏجي وڙهي ڪونہ ٿو سگهي.

## باب پنجويهون:

(1) جهڙوڪ گوپانگ تيرهن ميل، مانجهند چوڏهن ميل، سن ٻارهن ميل، ۽ آمري ٻارهن. بيان ڪيل ٻوٻون ماڳ ترقي ڪري رهيو آهي. هن جي پنئين پاسي سيوهڻ وارو جابلو سلسلو آهي، ريل جي پٽڙي بہ هن ماڳ تائين وڃائي وئي آهي، اميد آهي تہ مارچ 1876 تائين ريل پهنجو ڪم شروع ڪري ڏيندي. پلين جي تعمير واسطي پٿر پر وارين ٽڪرين مان آندو ويندو آهي، پر ايڏو سنو ڪونہ آهي.

(2) مان هيءَ ڳالهہ مٿي بہ چئي آيو آهيان، مسلمانن جي عقيدي مطابق ست آسمان آهن. پر اهي ڳٽيندا يونانين ۽ ڪلاسيڪي دور جي باگرافيدانن وانگي آهن. همت اقليم بہ ان جو هڪ مثال آهي، پر هتي هندن ۽ مسلمانن جي ڳالهين کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيو ويو آهي.

(3) ڪونڙي کان وٺي سيوهڻ تائين 90 ميل پنڌ ٿيندو پر اٺ، سواري وسيلي ٽن ڏينهن ۾ طئہ ڪري سگهبو آهي، جڏهن تہ سيوهڻ کان شڪارپور 140 ميل آهي هي سفر ساڍن ڇئن ڏينهن ۾ پوري ڪري سگهجي ٿو.

(4) هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جيڪو عام طور تي صوفين لاءِ ڪم ايندو آهي. هي ماڻهو پنهنجي ڇوٽڪاري واسطي ڪنهن کي مرشد ڪونہ وٺندا آهن. تنهن ڪري سنڌن نقطہ نظر مختلف هوندو آهي.

(5) حاتم عربي نسل جو هڪ سخي ماڻهو هو. سندس پاءِ بہ هن ماڻهوءَ جي ڪردار جو نقل ڪرڻ چاهيو هو پر ڪامياب ٿي ڪونہ سگهيو تنهن ڪري منفي ڪردار جو مالڪ ٿي پيو هو.

(6) ڪنهن جي پير يا مرشد کي گاريون ڏيڻ تمام گهٽي توهين تصور ڪئي ويندي آهي. بالتا جا عيسائي راحب بہ چوندا آهن تہ جنهن ماڻهوءَ اوڪائي ۾ سنئين واٺ ڏيکاري هُجي تنهن جي توهين نہ ڪريو.

(7) حضرت علي رضہ کي شينهن جي لقب سان سڏيندا هئا.

(8) حضرت ابراهيم عليہ السلام تي سندس آذر الزام هنيو هو تہ هن بتن کي ڀڃي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو آهي. وقت جي حڪمران نمرود ان کي باهہ جي آڙاهہ ۾ اڇلائڻ جو حڪم ڪيو هو جيڪا باهہ مان باغ بڻجي وئي هئي.

(9) هي فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معني اهو ڪمرو آهي جتي وڄائڻ لاءِ نغارا رکيل هجن.

(10) هن کي سڪندر ذوالڪرنين يعني ٻن سڱن وارو سڏيو ويندو آهي، قرآن (شريف) ۾ بہ هن يوناني بهادر انسان جو نالو موجود آهي. مشرق جي انگريزن هن کي هڪ مختلف شخصيت ڪري بيهاريو آهي.

(11) شيطان چوندا آهن تہ مسلمان باهہ جا جڏهن تہ ٻيا ماڻهو مٽيءَ جا ٺهيل آهن.

## باب ڇويهون:

(1) سيوهڻ کان بازار ڏهن ميلن تي ۽ بازار کان ڏاپڙي يارهن ميلن تي آهي. هي منڇر جي ڪناري سان مهاڻن جو هڪ ڳوٺ آهي. هنن ماڳن جو ذڪر گزيٽيئر ۾ نظر ڪونہ ٿو اچي.

(2) ڊاڪٽر لئلر Lalor هنن ماڳن جو نهايت وضاحت سان بيان ڪيو آهي. جيڪو گزيٽيئر جي ص 451 کان 495 تائين نظر اچي ٿو دانا وارا ٺلهہ ٺهرائڻ Danna Towers سنڌ جي ٽالپرن شروع ڪرايا هئا.

(3) سنڌ جا ماڻهو هن شهر کي لاڙڪاڻا بدران لاڙڪاڻو سڏيندا آهن. جنهن کي لاڙڪ قبيلي جي ماڻهن ٻڌايو هو پر مان ان کي عربي شڪل ۾ لکيو آهي. اسان جون منزلون هن ريت آهن. چيني Cheni ڏهہ ميل، جوهي چوڏهن ميل، ڦلجي پندرهن ميل، گهارو تيرهن ميل، ميهڙ ارڙهن ميل، نصير آباد سترهن ميل، خيرپور تيرهن ميل ۽ لاڙڪاڻو يارهن ميل.

(4) ڪجائون اٺ سواري جو هڪ وسيلو آهي. ڪاٺ جي اڏاوت آهي ۽ نوڙيءَ سان واڻيو ويندو آهي ۽ عورتن جي سواريءَ لاءِ ڪم ايندو آهي.

## باب ستاويهون:

(1) لاڙڪاڻي کان نئون ديرو تيرهن ميل، مديجي چوڏهن ميل جارلي سترهن ميل، سکر پندرهن ميل.

(2) معلوم ٿئي ٿو تہ سکر کان بکر وٽ سنڌوءَ جو اصل پيٽ 600 فوٽ آهي. باقي وڏيڪ ماپ وهڪري پاڻي کائي پاڻ ٺاهي آهي. بکر جي ٻيٽ وٽ فقط ڪناري تائين سنڌوءَ جو پيٽ 1500 فوٽ آهي.

اهي انگ اکر مون کي مسٽر واليس Wallis ڏنا آهن. جيڪو سنڌ ريلوي ٽيليگراف جي چيف ٽي ڊويزنن جو سپرنٽينڊنٽ آهي. هن ٻڌايو هاڻي اِها تجويز آهي. تہ ٽيليگراف ۾ چار تارون ڪم ڪنديون. جن مان ٻہ ريل واسطي باقي آفيس واسطي هونديون.

(3) ليفٽيننٽ ٽيوم لو Tewmlow کي 1867 کان وٺي روهڙي جي اوسي پاسي پٿر جا گهڙيل اوزار Flakes ملندا رهيا آهن. ساڳئي قسم جا پٿر جا اوزار ڊسٽرڪٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر جان ٽيٽ ۽ منهنجي دوست ڊبليو ٽي بلا نفورڊ کي بہ هٿ لڳا آهن. پويون ماڻهو جيلاجيڪل سروي سان لاڳاپيل آهي. جنهن مون ڏانهن بہ ڪجهہ نمونا موڪليا آهن. پٿر جا هي اوزار روهڙي ۽ اروڙ جي وچ تي ان جابلو سلسلي ۾ مليا آهن. جيڪو اتر ۽ اوير کان ڏکڻ — اولهہ ڏانهن هلندو اچي ٿو اهڙو ماڳ روهڙيءَ ۽ اروڙ جي بلڪل وچ تي آهي. اهڙيون شيون اروڙ جي ڏکڻ واري وهڪري جي خالي پيٽ جي ڏکڻ پاسي ڪونہ مليون آهن. جيڪڏهن ڪوشش ڪبي تہ اتان بہ ملي سگهن ٿيون. هنن دريافتن مان هيءَ حقيقت واضح ٿي وڃي ٿي تہ انهن ماڳن تي پٿرن جي اوزارن ٺاهڻ جي هڪ صنعت موجود هئي. انهن پٿرن جي اوزارن مان معلوم ٿي رهيو آهي تہ پڳل ٽٽل هئا جن کي بيڪار سمجهي پري اڇلايو ويو آهي. مسٽر بلانفورڊ پنهنجي دريافتن کي جولاءِ 1875ع جي ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال ۾ پڙهيو هو جنهن بابت احوال ص 134 کان 145 تائين ڏسي سگهجي ٿو. اهڙين ڳالهين مان معلوم ٿي وڃي ٿو تہ سنڌي پڙهندڙن کي پٿرن جي اوزارن سان لاڳاپيل اهڙو مواد ڏنو آهي، جيڪو قاهره جي Bulak Museum وٽ بہ ڪونہ آهي.

(4) جامي يا جامع مسجد جنهن ۾ جمع جي نماز پڙهائي وڃي. يعني ڳوٺ يا شهر جي وڏي مسجد کي جامع مسجد جا جامي چئبو آهي.

(5) قانون – اسلام (مدراس ايڊيشن ص 154) ٻڌائي ٿو تہ ڪن مسلمانن وٽ آثار الشريف يعني مقدس نشانيون هونديون آهن ۽ ڪن مسلمانن وٽ آثار المبارڪ يعني برڪتن وارا آثار يا نشان هوندا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ اهو حضرت محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي سُنهاري مبارڪ يا مُڇَ مبارڪ جو وار سڳورو هجي، جيڪو هڪ ٽيوب Tube ۾ رکيل هجي، جنهن سان ڪيئي خوشبودار شيون بہ موجود هجن. جنهن جو تقدس پاڪ قدمن کان بہ گهٽ آهي.

(6) منهنجي پراڻي دوست مسٽر اسٽاڪس Stocks مون ڏانهن ڪاشي جي ٽڪرن جا ڪجهہ نمونا موڪليا هئا ۽ انهن کي پچائي تيار ڪرڻ جو طريقو بہ لکي موڪليو هو.

(7) اهڙو ہيو ڪوٽڙي ۾ آهي

(8) مان سمجهان ٿو سئنٽ لارينس واري پل کي هڪ نموني طور تجويز ڪيو ويو آهي، ميجر جارج ٿامپس 1838 ۾ لارڊ ڪينس Keanes جي فوج لاءِ سنڌوءَ تي ٻيڙين جي پل جوڙائي هئي.

(9) گزيٽيئر جي ص 625 تي ڄاڻايو ويو آهي تہ اهو ماڳ ٿان قاسم شاهہ آهي، جنهن جو تعلق سبزواري سيد خاندان سان آهي. هن 1608ع ۾ وفات ڪئي.

(10) هن نالي واري حڪمران لاءِ چيو ويندو آهي تہ کيس عربن ماريو هو پر گهڻا ماڻهو هن نالي کي راجا دلوراءِ جي نالي سان گڏائي وچڙائي ڇڏيندا آهن.

(11) مرحوم ڪرنل ڊبليو ڪي اسٽيوآرٽ بہ "Reminiscence of Soldue" ۾ هن جو ذڪر ڪيو آهي. هن ڪتاب جا ٻہ جلد آهن، جنهن کي "هرسٽ ائنڊ بلئڪيٽ" 1874 ۾ ڇاپيو آهي.

## باب اٺاويهون:

(1) شڪارپور مارچ 1876ع ۾ ڇانوَ جو ڪوسائي پد F_95 ۽ گهٽ ۾ گهٽ F_56 هو. اهڙيءَ طرح مارچ 8 کان 15 تائين ترتيبوار ڪوسائي پدُ وڌ ۾ وڌ F - 100 گهٽ ۾ گهٽ F_60 ۽ سراسري F - 81 رهيو. ساڳي سال جو ڇانو ۾ F - 109 ۽ گهٽ ۾ گهٽ F - 30 رهيو. انگلينڊ ۾ ڪمري جو ڪوسائي پد F_62 رهندو آهي جيڪو معقول سمجهيو ويندو آهي.

(2) ميجر جنرل سر اِيف جي گولڊ سمڊ ٻڌائي ٿو تہ پير سلطان ابراهيم شاهہ دائود پوٽو ذات جو ڪوري هو. جنهن 1541ع ۾ شڪارپور شهر جو بنياد رکيو هو.

(3) مينهن وسڻ جي ماپ جا انگ اکر ڏجن ٿا:

| سال | انچ | سينٽ Cent |
|---|---|---|
| 1864ع | 0.93 | == |
| 1865ع | 4.65 | == |
| 1866ع | 4.93 | == |
| 1867ع | 3.35 | == |
| 1868ع | 3.27 | == |
| 1869ع | 7.20 | == |
| 1870ع | 8.7 | == |
| 1871ع | 1.67 | == |
| 1872ع | 3.34 | == |
| 1873ع | 6.17 | == |
| 1874ع | 10.44 | == |
| 1875ع | 4.14 | == |

اهڙيءَ ريت نون سالن جي مينهن جي سراسري ماپ 4.43 انچ بيهي ٿي.

(4) مون کي ياد آهي تہ ڊاڪٽر بيلو Bellow پنهنجي ڪتاب From Indus to the Ingris) (1844ـ ۾ برهمي انگ جهڙوڪ آست (1)، ايروت (2) مسات (3) ڪونہ ڏنا آهن جي آخري انگ 3 کان پوءِ فارسي وارا شروع ٿين ٿا.

(5) تفصيل هن ريت آهي تہ 4ـ1873ع ۾ هندن جو تعداد 2867 ۽ مسلمانن جو تعداد 2776 هو. جڏهن تہ 5ـ1874ع ۾ هندن جو تعداد 3457 ۽ مسلمانن جو تعداد 3212 هو.

(6) فارسي ۾ بهشت اها جڳهہ آهي جتي قيامت جي حساب کان پوءِ خدا جي صالح بندن کي رهايو ويندو آهي. بهشتي معنيٰ بهشت ۾ رهڻ وارو ماڻهو آهي. بهشت جو اهو تصور انهن ماڻهن لاءِ پرڪشش آهي جيڪي خط استوا وارن ملڪن ۾ رهندا آهن. جڏهن ڪو ماڻهو اوچتو مري ويندو آهي تہ هندستاني چوندا آهن تہ اهو ايترو جلديءَ ۾ مري ويو جو پاڻي بہ گهري ڪو نہ سگهيو.

(7) شري معنيٰ لڪشمي ديوي آهي جيڪا دولت ۽ ڀاڳ ڏيندي اهي. سوا (1 ¼) جو پتو ڪونہ پيو آهي.

## باب اوڻٽيهون:

(1) حقيقت اها آهي تہ هنن علائقن ڏانهن ويندڙ رستا سکر ۽ شڪارپور کان شروع ٿيندا آهن.

(2) جمشيد ايران جو هڪ وڏو حڪمران هو جنهن پنهنجو حڪمرانيءَ جو بنياد پيار ۽ خوف تي رکيو هو. سنن ماڻهن لاءِ وڏي اميد ۽ آسرو هو. جڏهن تہ خراب ماڻهو هن کان مايوس رهندا هئا. رعيت کيس هڪ ديوتا ڪري مڃيندي هئي.

(3) زبون حال مسجد ۽ قبرستان هڪ دڙي تي آهي جڪيو 15 ڊگرين تي ڏسجي ٿو. ساڄي ڪناري واري طرف قبو آهي جيڪو 248 ڊگري تي ڏسجي ٿو. جڏهن تہ سوهاگان Sohagan 200 ڊگرين تي کابي طرف آهي.

(4) گزيٽيئر جو 655 ڪئپٽن ڪربي Kirby جو حوالو ڏئي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ اروڙ وارو بند اڃا پڳو آهي نہ وري پڄڻ جو ڪو امڪان آهي.

(5) گزيٽيئر ۾ ڪڇهہ مونجهارا آهن. جو 177 تي مير معصوم جي حوالي سان ٻڌائي ٿو تہ راجا ڏاهر کي محمد بن قسم اروڙ ۾ 611ع مطابق 95هہ ۾ قتل ڪيو هو. پر ص 24 تي ٻڌايو وڃي ٿو تہ ڏاهر کي راوڙ ۾ ماريو ويو هو. اهو واقعو برهمڻ آباد جي فتح کان اڳ ٿيو هو.

(6) هيٺ ٽيبل جي شڪل ۾ تفصيل ڏجي ٿو:

سنڌو يانارو ـ 326ق. م کان 680ع تائين يعني سڪندر جي حملي ۽ عرب حملي کان ٿورو اڳ واري دور تائين.

سنڌو ـ اروڙ ـ 680ع کان 952ع تائين يعني مهاراجا ڏاهر ۽ راجا دلو راءِ جي وچ وارو دور.

سنڌوءَ جو موجوده دور وارو پيٽ 952ع کان 1877ع تائين.

## باب ٽيهون:

(1) سنڌ ۾ چيٽ کان پوءِ چاليهن ڏينهن تائين چاليهي جي موسم هوندي آهي. چيٽ 15 فيبروري کان 15 اپريل تائين ٿيندو آهي جنهن کان چاليهو شروع ٿئي ٿو. ان موسم جي ختم ٿيڻ کان پوءِ هاڙهہ ۽ بعد ۾ سانوڻ شروع ٿئي ٿو.

(2) لڏڙو Other پاڻيءَ جو جانور. هتي درياهہ ۾ هي ٻلهڻ بہ ٿيندي آهي. شهنشاهہ بابر پنهنجي ڪتاب تزڪ بابري ۾ هن جانور جو ذڪر ڪيو آهي. پاڻيءَ جي هن جانور کي مهاڻن کان

سواءِ ٻيو ڪير ڪونہ کائيندو آهي هن کي تيل ۾ تري کائبو آهي. تہ سواد سوئرَ جي گوشت جهڙو ٿيندو آهي.

(3) هيٽ ڪاٽ – مِڏين جي نهرست ڏجي ٿي جيڪي سکر ۽ ڪوٽڙيءَ جي وچ تي آهن ۽ آگبوٽن کي ٻارڻ لاءِ ڪاٺ مهيا ڪنديون آهن جن مان ڪجهہ سنڌ گزنٽيئر ۾ ڏنل نقشي ۾ موجود ڪونہ آهن. هي اهڙيون جڳهون آهن جتي آگبوٽ رات جو ترسندا هئا.

| | |
|---|---|
| 1. سکر کان سبياٽي | 26 ميل |
| 2.سبياٽي کان بهارو ديرو | 26 ميل |
| 3. بهاري ديري کان جمالي | 26ميل |
| 4. جماليٰ کان سيتا | 26ميل |
| | 94 ميل |

(4) سنڌوءَ ۾ هلندڙ پنج فرسٽ ڪلاس آگبوٽ آهن. جهڙوڪ (1) مڊوڪ (سرهر رٽ) – ٽن 364 ۽ هارس پاور 280 – (2) ڊي ڪِريو 280 ٽن 140 هارس پاور (3) ڪران بورن 229 ٽن 150 هارس پاور. (4) جان جئڪب 229 ٽن 150 هارس پاور (5) مُڪلوڊ 223 ٽن 150 هارس پاور.

فور سيڪنڊ وارا. (1) فريئر 194 ٽن 110 هارس پاور (2) لارينس 194 ٽن 110 هارس پاور (3)آئوٽرام 194 ٽن 110 هار پاور (4) هيولاڪ 194 ٽن 110 هارس پاور (5) انڊس 149 ٽن 90 هارس پاور.

ٽيون قسم. (1) پارا 243 ٽن 65 هارس پاور (2) ٽَگ سي 67 ٽن 40 هارس پاور (3) ٽگ ڊي 67 ٽن 40 هارس پاور .A نالي واور پاٽي آگبوٽ آهي. B نالي وارو آگبوٽ وڪيو ويو آهي E نالي وارو ننڍڙو آگبوٽ 3 ٽن 40 هارس پاور جو آهي. اهڙيءَ رِيت ٻارهن بارجز ٽيرهن سيڪنڊس ۽ ٽي ٿرڊ ڪلاس آهن ان کان سواءِ ڇوٽين، پنجين ۽ ڇهين ڪلاس سان لاڳاپيل آهن جيڪي 35 کان 670 ٽنن لاءِ رجسٽر ٿيل آهن. سنڌ ريلوي جي ڪنسلٽنٽ انجنيئر ميجر لِي ميسو ريئر Le Messurier هنن آگبوٽن بابت پنهنجو مختصر جائزو بہ پيش ڪيو آهي.

(5) ڊاڪٽر ونچيسٽر مطابق اهو Cyprenidal آهي. جڏهن ڊاڪٽر ايف – ڊي F. Day هن کي Clupea سڏي ٿو.

(6) منهنجي دوست مرحوم ڊاڪٽر اسٽاڪس جو خيال آهي تہ هتي سنڌ جي ٻوٽن جو ٽيون حصو اهڙو آهي جيڪو خط استوا جي انهن علائقن ۾ ٿيندو آهي. جنهن جو ڪو سائي پد 120_F هوندو آهي. تنهن ڪري سنڌ جا ڪجهہ ٻوٽا اهڙا آهن جيڪي عرب ملڪن ۽ مصر ۾ ٿيندا آهن. انهن مان ڪجيءَ جو وڻ تہ سڌوسنئون عربستان سان واسطو رکي ٿو. ڪجهہ وڻن ٻوٽن جا اهڙا بہ قسم آهن جيڪي آسٽريليا مان آڻي هتي متعارف ڪيا ويا آهن. باقي سنڌ جا وڻ هيٺ ڏجن ٿا:

1. جهنڊ 2. ڪنڊي 3. ليسوڙي 4. گيدوڙي 5. آسري لئو 6. لم 7. ٻير 8. پپر 9. ٻڙ 10. ڪرڙ 11. لوهٽي 12. ڪانهن وغيره. هتان جي وڻن جا ڪجهہ نمونا ميونسپل گارڊن ڪراچي ۾ ڏسي سگهجن ٿا. جڏهن تہ کہڙ مان عربي قسم جو ڏنڊڻ بہ ملي ويندو آهي جيڪو ڏند صاف ڪرڻ جي ڪم ايندو آهي.

(7) ڪلاسيڪل دور جي مصنفن جهڙوڪ اسٽرئبو، ائرين، ڪنٽس ڪرٽس ۽ پليني چئن جو نہ پرستن ذاتين جو ذڪر ڪيو آهي. مان ٻين کان وڌيڪ يونانين تي ويساهہ ڪريان ٿو . چاڪاڻ اهي ماٺهو وڌيڪ ڏاها ۽ بهترين نقاد هئا ۽ هندو پنڊتن وانگي ڪوڙ تي سندرو ٻڌيون ڪونہ ويٺا هئا. انهن جون چار جاتيون تہ اڄا بہ موجود آهن. هنن مان نمبر 2 جا تي صفا گم ٿي وئي آهي ۽ نمبر 4 موجود تہ آهي. پر سڃاڻي ڪانہ ٿي سگهجي.

